رسول اکرم صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم جي خوبصورت
زندگي، جي مبارڪ احوال تي مشتمل مدني گلدستو

تخريج شده

# سيرت مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم


مؤلف: شيخ الحديث حضرت علامه مولانا
عبدالمصطفيٰ اعظمي رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ


سنڌي ترجمو: مجلس تراجم

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

**ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هيءَ آهي:**

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ
يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو:** اي الله پاڪ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا.

(مستطرف ج1 ص40 دار الفكر بيروت)

طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ:اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

13 شوال المكرم 1436 هـ

# يادداشت

مطالعي دوران ضرورت پوڻ تي اندر لائين ڪريو. اشارا لکي صفحو نمبر نوٽ ڪريو. ان شاءَ الله علم ۾ اضافو ٿيندو.

| صفحو | عنوان | صفحو | عنوان |
|---|---|---|---|
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |

| صفحو | عنوان | صفحو | عنوان |
|---|---|---|---|
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |

رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي حسين زندگي مبارڪ جي معلومات تي مشتمل مدني گلدستو

# سيرتِ مصطفيٰ صلی اللہ علیہ وسلم

مؤلف

شيخ الحديث حضرت علامہ عبدالمصطفي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

پيشڪش

مجلس المدينة العلمية ("اسلامڪ ريسرچ سينٽر" دعوتِ اسلامي)

## سنڌي ترجمو

## ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ

ڇاپيندڙ

مڪتبة المدينة ڪراچي

كتاب جو نالو: سيرتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مؤلف: شيخ الحديث حضرت علامہ عبدالمصطفي اعظمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه

پيشڪش: مجلس المدينة العلمية (”اسلامڪ ريسرچ سينٽر“ دعوتِ اسلامي)

اشاعت جو سال: 2022

## مڪتبة المدينہ جون شاخون

- ڪراچي: فيضانِ مدينہ پراڻي سبزي منڊي فون +92 21 111 25 2692
- لاهور: داتا دربار مارڪيٽ گنج بخش روڊ فون 92 3124968 726
- فيصل آباد امين پور بازار فون 041.2632625
- مير پور ڪشمير فيضانِ مدينہ چوڪ فون 05827. 437212
- حيدر آباد : فيضانِ مدينہ آفندي ٽائون فون: 022-2620123
- راولپنڊي: فضل داد پلازہ ڪميٽي چوڪ اقبال روڊ فون 051.5553765
- نوابشاهہ : چڪرا بازار نزد MCB فون: 0244-4362145
- سڪر : فيضانِ مدينہ بئراج روڊ فون: 0310-3471026
- لاڙڪاڻو : رابعہ شاپنگ سينٽر فون: 074-4054191
- جيڪب آباد : فيضانِ مدينہ فون: 072-2710635
- دادو: فيضانِ مدينہ مارڪيٽ روڊ فون: 025-4611541

مدني التجا : ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت نہ آهي.

# فهرست

ٻہ مدني گل: 1
المدينة العلمية ..... 3
پيشِ لفظ ..... 5
شرفِ انتساب ..... 10
عرضِ مُؤلّف ..... 11
مختصر چو؟ ..... 11
سببِ تاليف ..... 13
التجائي گذارش ..... 16
ٿورا ءِ دعا ..... 17
مقدمو ..... 18
ڪجهه مصنفينِ سيرت ..... 19
سيرت ڇا آهي؟ ..... 22
ملڪِ عرب ..... 23
حجاز ..... 24
مڪه مڪرمه ..... 24
مدينو منور ..... 25
خاتم النبيين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عرب ۾ ڇو؟ ..... 26
عرب جي سياسي پوزيشن ..... 26
عرب جي اخلاقي حالت ..... 27
حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي اولاد ..... 27
اولادِ حضرت اسماعيل ..... 28
سيرت النبي پڙهڻ جو طريقو ..... 29

حضور تاجدارِ دو عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ..... 32
جي مڪي زندگي ..... 32
باب پهريون ..... 33
خانداني حالتون ..... 33
نسب نامو ..... 33
خانداني شرافت ..... 34
قريش ..... 35
هاشم ..... 36
عبد المطلب ..... 37
اصحابِ فيل جو واقعو ..... 39
حضرت عبد الله رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ ..... 43
حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي والدين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا جو ايمان ..... 46
نبوت جي برڪتن جو ظهور ..... 52
باب ٻيو ..... 56
ننڍپڻ ..... 57
ولادت باسعادت ..... 57
مولد النبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ..... 59
ڪير پيئڻ جو زمانو ..... 60
شقِ صدر ..... 66
شقِ صدر ڪيترا ڀيرا ٿيو؟ ..... 67
اُمِ ايمن ..... 68
ننڍپڻ جون ادائون ..... 69
حضرت آمنه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جي وفات ..... 70
ابو طالب وٽ ..... 71
سندن جي دعا سان برسات ..... 72

أمّي لقب ..... 73
سفر شام ۽ بُحيرٰي..... 75
باب ٽيون ..... 77
اعلان نبوت کان پهرين جا ڪارنامه ..... 77
جنگِ فجار..... 77
حلف الفضول..... 78
ملڪ شام جو ٻيو سفر..... 79
نڪاح..... 81
ڪعبي جي تعمير ..... 86
ڪعبو ڪيترا ڀيرا تعمير ڪيو ويو..... 88
مخصوص احباب..... 90
عرب جي موحدن (خدا کي هڪ مڃيندڙن) سان تعلقات..... 92
ڪارو باري مشغلا..... 94
غير معمولي ڪردار..... 96
باب چوٿون..... 100
اعلان نبوت کان بيعتِ عقبه تائين..... 100
غارِحرا..... 100
پهرين وحي ..... 101
اسلام جي دعوت جي لاءِ ٽي دور..... 105
پهريون دور ..... 105
ٻيو دور ..... 106
ٽيون دور..... 107
رحمتِ عالم تي ظلم و ستم:..... 108
ڪجهه شرارتي ڪافر..... 111
مسلمانن تي ظلم..... 112

كافرن جو ٿولو بارگاهِ رسالت ۾ ..... 118
قريشن جو ٿولو ابو طالب وٽ ..... 119
هجرت حبشه سن 5 نبوي ..... 121
نجاشي ..... 121
كافرن جو سفير نجاشي جي دربار ۾ ..... 123
حضرت ابو بكر ۽ ابن دغنه ..... 126
حضرت حمزه مسلمان ٿي ويا ..... 128
حضرت عمر جو اسلام ..... 130
شعب ابي طالب سن 7 نبوي ..... 135
غم جو سال سن 10 نبوي ..... 138
ابو طالب جو خاتمو ..... 139
حضرت بيبي خديجه جي وفات ..... 140
طائف جو سفر ..... 141
قبيلن ۾ اسلام جي تبليغ ..... 145
باب پنجون ..... 148
مديني ۾ آفتابِ رسالت جون تجليون ..... 148
مديني ۾ اسلام ڪيئن پکڙيو ..... 149
بيعت عقبه اوليٰ ..... 150
بيعت عقبه ثانيه ..... 151
هجرت مدينه ..... 154
كافرن جي ڪانفرنس ..... 155
هجرتِ رسول جو واقعو ..... 158
ڪاشانه نبوت جو محاصرو ..... 160
سؤ اُٺن جو انعام ..... 166
اُمِ معبد جي ٻڪري ..... 166

سراقہ جو گھوڙو ..... 167
بريده اسلمي جو جهنڊو ..... 169
حضرت زبير جا قيمتي ڪپڙا ..... 170
شهنشاهِ رسالت مديني ۾ ..... 171
حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مدني زندگي ..... 174
باب ڇهون ..... 175
هجرت جو پهريون سال سنه 1 هه ..... 175
مسجدِ قباء ..... 175
مسجد الجمعه ..... 176
ابو ايوب انصاري جو گهر ..... 179
حضرت عبد الله بن سلام جو اسلام ..... 181
حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اهل وعيال مديني ۾ ..... 182
مسجد نبوي جي تعمير ..... 183
ازواج مطهرات رَضِيَ اللهُ عَنْهُن جا گهر ..... 185
مهاجرن جا گهر ..... 186
اذان جي ابتدا ..... 187
انصاريءَ مهاجر ڀائر ..... 188
يهودين سان معاهدو ..... 191
مديني جي لاءِ دعا ..... 193
حضرت سلمان فارسي مسلمان ٿي ويا ..... 194
نمازن جي رڪعتن ۾ اضافو ..... 195
ٽن جان نثارن جي وفات ..... 195
باب ستون: ..... 198
هجرت جو ٻيو سال: سنه 2 هه ..... 198
قبلي جي تبديلي ..... 198

جنگين جو سلسلو ..... 201
غزوات ۽ سريّہ ۾ فرق ..... 207
غزوات ۽ سرايا ..... 208
سريہ حمزه ..... 209
سريہ عبيده بن حارث ..... 210
سريہ سعد بن ابي وقاص ..... 211
غزوه ابواء ..... 211
غزوه بواط ..... 212
غزوه سفوان ..... 212
غزوه ذي العُشيره ..... 213
سريہ عبد الله بن جحش ..... 214
جنگ بدر ..... 216
جنگ بدر جو سبب ..... 217
مديني کان روانگي ..... 217
ننڍڙو سپاهي ..... 219
ابو سفيان جي چالاڪي ..... 220
ڪفار قريش جو جوش ..... 221
ابو سفيان بچي نڪري ويو ..... 222
ڪافرن ۾ اختلاف ..... 222
قريشي ڪافر بدر ۾ ..... 223
تاجدارِ دو عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بدر جي ميدان ۾ ..... 224
سرورڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شب بيداري ..... 225
ڪير ڪٿي؟ ۽ ڪڏهن مرندو؟ ..... 226
جنگ نہ ٿيندي ٿيندي وري لڳي وئي ..... 226
مجاهدن جي صف بندي ..... 228

شڪم (پيٽ) مبارڪ ڪي چمڻ ..... 228
واعدي جي پابندي ..... 230
ٻئي لشڪر آمهون سامهون ..... 231
دعاءِ نبوي ..... 232
جنگ ڪهڙي طرح شروع ٿي ..... 233
حضرت عمير (رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ) جو شوقِ شهادت ..... 234
ڪافرن جو سپہ سالار ماريو ويو ..... 235
حضرت زبير رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جو تاريخي نيزو ..... 237
ابو جهل ذلت سان ماريو ويو ..... 238
ابو البختر ي جو قتل ..... 240
اُميہ جي هلاڪت ..... 241
فرشتن جي فوج ..... 241
ڪافرن هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا ..... 242
شهداءِ بدر ..... 243
بدر جي ڪڏ ..... 243
ڪافرن جي لاشن کي خطاب ..... 244
ضروري تنبيهہ ..... 245
مديني ڏانهن واپسي ..... 246
مجاهدين بدر جو استقبال ..... 247
قيدين سان سلوڪ ..... 247
جنگي قيدين جو انجام ..... 249
حضرت عباس جو فديو ..... 250
حضرت زينب جو هار ..... 251
بدر ۾ قتل ٿيڻ وارن جو ماتم ..... 253
عمير ۽ صفوان جي خوفناڪ سازش ..... 254

بدر جي مجاهدن جا فضائل ..... 256
ابو لهب جو عبرتناڪ موت ..... 257
غزوه بني قينقاع ..... 257
غزوه سويق ..... 259
حضرت فاطمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي شادي ..... 260
سن 2 هه جا متفرق واقعا ..... 261
باب اٺون ..... 262
هجرت جو ٽيون سال ..... 262
جنگ احد ..... 262
جنگ احد جو سبب ..... 263
مديني تي چڙهائي ..... 265
مسلمانن جي تياري ۽ جوش ..... 265
حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن يهودين جي امداد کي نڪرائي چڏيو ..... 267
ٻارن جو جوشِ جهاد ..... 269
تاجدار دو عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ميدان جنگ ۾ ..... 269
جنگ جي ابتدا ..... 271
ابو دجانه جي خوش نصيبي ..... 274
حضرت حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي شهادت ..... 276
حضرت حنظله رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي شهادت ..... 277
اوچتو جنگ جو پاسو بدلجي ويو ..... 278
حضرت مصعب بن عمير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ به شهيد ..... 280
زياد بن سڪن جي شجاعت ۽ شهادت ..... 283
ڪجور ڪائيندي ڪائيندي جنت ۾ ..... 284
منڊڪائيندي بهشت ۾ ..... 284

بنهي جهانن جا تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم زخمي ..... 286
صحابۂ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو جوش جان نثاري ..... 288
ابو سفيان جو نعرو ۽ انهيءَ جو جواب ..... 292
هند جگر چبائيو ..... 293
سعد بن الربيع جي وصيت ..... 294
اسلام جي عورتن جا ڪارناما ..... 295
حضرت اُمِ عماره رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي جانثاري ..... 295
حضرت صفيه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو حوصلو ..... 297
هڪ انصاري عورت جو صبر ..... 297
شهداءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم ..... 298
شهيدن جي قبرن جي زيارت ..... 299
حياتِ شهداء ..... 300
ڪعب بن اشرف جو قتل ..... 300
غزوه غطفان ..... 302
3 هه جا متفرق واقعا ..... 304
باب نائون ..... 305
هجرت جو چوٿون سال ..... 305
سريه ابو سلمه ..... 305
سريه عبد الله بن انيس ..... 306
حادثه رجيع ..... 306
حضرت خبيب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي قبر ..... 310
حضرت زيد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي شهادت ..... 311
واقعۂ بير معونه ..... 312
غزوه بنو نضير ..... 315
بدر صغريٰ ..... 320

سن 4 هه جا متفرق واقعا ..... 321
باب ڏهون ..... 323
هجرت جو پنجون سال ..... 323
سنه 5 هجري ..... 323
غزوه ذات الرقاع ..... 324
غزوه دُومة الجندل ..... 325
غزوه مُريسيع ..... 326
منافقن جي شرارت ..... 327
حضرت جويريه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا سان نڪاح ..... 330
واقعه افڪ ..... 331
تيمّم واري آيت جو نازل ٿيڻ ..... 342
جنگِ خندق ..... 344
جنگِ خندق جو سبب ..... 344
مسلمانن جي تياري ..... 345
هڪ عجيب ٽڪري ..... 348
حضرت جابر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي دعوت ..... 349
بابرڪت ڪتلون (گجورون) ..... 350
اسلامي فوجن جي مورچه بندي ..... 351
ڪافرن جو حملو ..... 351
بنو قريظه جي غداري ..... 353
انصارن جي ايماني شجاعت ..... 355
عمرو بن عبدود ماريو ويو ..... 356
نوفل جو لاش ..... 359
حضرت سعد بن معاذ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي شهادت ..... 363
حضرت صفيه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي بهادري ..... 365

كافر كيئن پڳا؟ ..... 366
غزوه بني قريظ ..... 368
سن 5 هجري جا متفرق واقعات ..... 370
باب يارهون ..... 371
هجرت جو ڇهون سال ..... 371
بيعت الرّضوان ۽ صلح حديبيه ..... 371
بيعت الرّضوان ..... 372
صلح حديبيه ڇو ٿي ..... 375
حضرت ابو جندل جو معاملو ..... 383
فتح مبين ..... 387
مظلومينِ مڪ ..... 389
حضرت ابو بصير جو ڪارنامو ..... 389
بادشاهن جي نالي دعوتِ اسلام ..... 392
خط مبارڪ ۽ قيصر ..... 393
خسرو پرويز جي بددماغي ..... 400
بادشاهه نجاشي جو ڪردار ..... 401
بادشاهِ مصرجو رويو ..... 401
بادشاهه يمامه جو جواب ..... 402
حارث غساني جو گهمنڊ ..... 403
سريهءِ نجد ..... 404
ابو رافع قتل ڪيو ويو ..... 406
سن 6 هجري جون ڪجهه لڙايون ..... 408
ٻارهون باب ..... 409
هجرت جو ستون سال ..... 409
غزوهءِ ذات القرد ..... 409

جنگ خيبر ..... 410
غزوه خيبر ڪڏهن ٿيو؟ ..... 411
جنگ خيبر جو سبب ..... 411
مسلمان خيبر هليا ..... 413
يهودين جي تياري ..... 414
محمود بن مسلم شهيد ٿي ويا ..... 415
اسود راعي جي شهادت ..... 415
اسلامي لشڪر جو هيڊ ڪوارٽر ..... 417
حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ۽ مرحب جي جنگ ..... 420
خيبر جو انتظام ..... 422
حضرت صفيه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو نڪاح ..... 424
حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي زهر ڏنو ويو ..... 425
حضرت جعفر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ حبشه کان اچي ويا ..... 426
خيبر ۾ مسئلن جو اعلان ..... 427
وادي القرىٰ جي جنگ ..... 428
فدڪ جي صلح ..... 429
عمرة القضاء ..... 429
حضرت حمزه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن جي صاحبزادي ..... 432
حضرت ميمونه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو نڪاح ..... 434
باب تيرهون ..... 435
هجرت جو اٺون سال ..... 435
سن 8 هجري ..... 435
جنگ موته ..... 435
هن جنگ جو سبب ..... 435
معرڪه آرائي(صف بندي) جو منظر ..... 438

نگاهِ نبوت جو معجزو ..... 440
سرية الخبط ..... 443
هڪ عجيب الخلقت مڇي ..... 444
مڪي جي فتح ..... 445
ڪفار قريش جي عهد شڪني ..... 446
تاجدار رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان مدد ..... 448
حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امن پسندي ..... 450
ابو سفيان جي ڪوشش ..... 451
حضرت حاطب بن ابي بَلْتَعَه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو خط ..... 454
مڪي تي حملو ..... 456
حضرت عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وغيره سان ملاقات ..... 457
ميلن تائين باهه ئي باهه ..... 460
قريش جا جاسوس ..... 460
ابو سفيان جو اسلام ..... 462
لشڪرِ اسلام جي عظمت ..... 464
فاتح مڪه جو پهريون فرمان ..... 467
تاجدار دو عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مڪي ۾ داخلو ..... 470
بيت الله ۾ داخلا ..... 472
شهنشاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو دربارِ عام ..... 474
ڪفارِ مڪه سان خطاب ..... 476
ٻيو خطبو ..... 480
انصار کي فراقِ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڊپ ..... 480
ڪعبي جي ڇت تي اذان ..... 481
بيعت اسلام ..... 482
بت پرستي جو خاتمو ..... 486

ڪجهه اهڙا مجرم جن کي معاف نه ڪيو ويو ..... 487
مڪي مان ڀڄي وڃڻ وارا ..... 488
(1) "عڪرمه بن ابي جهل" ..... 488
(2) صفوان بن اميه ..... 489
(3) ڪعب بن زهير ..... 489
(4) "وحشي" ..... 490
مڪي جو انتظام ..... 491
جنگِ حنين ..... 493
جنگ اوطاس ..... 497
طائف جو گهيرو ..... 500
طائف جي مسجد ..... 502
طائف جي جنگ ۾ بت ٽوڙيندڙ ..... 502
مالِ غنيمت جي تقسيم ..... 504
انصارن سان خطاب ..... 505
قيدين کي آزادي ..... 507
غيب دان رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ..... 510
عمرهءِ جِعرانه ..... 511
سن 8 هجري جا متفرق واقعه ..... 512
توبه جي فضيلت ..... 514
باب چوڏهون ..... 515
هجرت جو نائون سال سنه 9 هجري ..... 515
آيتِ تخيير ۽ ايلاء ..... 515
هڪ غلط فهمي جو ازالو ..... 523
عاملن کي مقرر ڪرڻ ..... 524
بني تميم جو وفد ..... 525

حاتم طائي جي ڏيئُ ۽ پٽ مسلمان..... 529
غزوهءِ تبوڪ..... 531
غزوه تبوڪ جو سبب..... 532
چندو ڏيڻ وارن جي فهرست..... 533
فوج جي تياري..... 535
تبوڪ ڏانهن روانگي..... 536
رستي جا ڪجهه معجزا..... 539
هوا اڏائي ڪٽي وئي..... 540
گم ٿيل ڏاچي ڪٿي آهي؟..... 541
تبوڪ جو چشمو..... 541
رومي لشڪر ڊڄي ويو..... 542
ذو البجادين رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي قبر..... 545
مسجد ضرار..... 547
صديق اڪبر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ اميرالحج..... 549
9 هه جا متفرق واقعا..... 550
عرب جا وفد..... 552
وفدن جو استقبال..... 554
وفد ثقيف..... 554
وفد ڪنده..... 556
وفد بني اشعر..... 557
وفد بني اسد..... 558
وفد فزاره..... 558
وفد بني مره..... 559
وفد بني البڪاء..... 560
وفد بني ڪنانه..... 561

وفد بني هلال ..... 561
وفد ضمام بن ثعلبہ ..... 562
وفد بَليّ ..... 564
وفد تُجيب ..... 565
وفد مزينہ ..... 567
وفد دوس ..... 568
وفد بني عبس ..... 570
وفد دارم ..... 571
وفد غامد ..... 572
وفد نجران ..... 573
باب پندرهون ..... 575
هجرت جو ڏهون سال سن 10 هہ ..... 575
حجتہ الوداع ..... 575
شهنشاهِ ڪونين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو تخت شاهي ..... 581
وار مبارڪ ..... 583
ساقي ڪوثر چاهِ زمزم تي ..... 583
غدير خم جو خطبو ..... 584
رافضين جو هڪ شبهو ..... 585
باب سورهون ..... 586
هجرت جو يارهون سال سن 11 هہ ..... 586
جيشِ اُسامہ ..... 586
وفات اقدس ..... 589
علالت (بيماري) جي ابتدا ..... 593
وفات جو اثر ..... 598
تجهيز ۽ تڪفين ..... 602

نماز جنازه ..... 603
قبرانور ..... 603
حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ميراث ..... 605
زمين ..... 606
سواري جا جانور ..... 608
هٿيار ..... 609
ٿانوَ ۽ مختلف سامان ..... 609
تبرڪات نبوت ..... 610
باب سترهون ..... 615
عادتون ۽ خصلتون ..... 615
مقدس حليو ..... 618
جسم اطهر ..... 619
جسم انور جو پاڇو نہ هو ..... 620
مڪين، مڇرن ۽ جونئن کان محفوظ ..... 621
مهر نبوت ..... 622
قد مبارڪ ..... 623
مٿو مبارڪ ..... 624
وار مبارڪ ..... 624
رُخ انور ..... 625
محراب اَبرو ..... 628
نوراني اکيون ..... 628
بيني مبارڪ ..... 631
مقدس پيشاني ..... 631
ڪَنَ مبارڪ ..... 632
وات مبارڪ ..... 633

زبان اقدس ..... 634
لعابِ دهن (ٿڪ مبارڪ) ..... 635
آواز مبارڪ ..... 636
پر نور ڪنڌ ..... 637
رحمت ڀريا هٿ ..... 637
پيٽ ۽ سينو ..... 639
مقدس پير ..... 639
لباس ..... 640
عمامو ..... 641
چادر ..... 641
ڪملي (ڪمبل) ..... 642
نعلين اقدس ..... 642
پسنديده رنگ ..... 642
مُنڊي ..... 643
خوشبو ..... 643
سرمو ..... 644
سواري ..... 644
نفاست پسندي ..... 645
پسنديده غذائون ..... 646
روزانو جا معمولات ..... 647
سمهڻ ۽ اٿڻ ..... 649
رفتار ..... 650
گفتگو ..... 650
در بارِ نبوت ..... 651
تاجدار دو عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا خطبا ..... 653

سرور كائنات جون عبادتون ..... 656
نماز ..... 657
روزا ..... 659
زكوٰت ..... 660
حج ..... 660
ذكرِ اِلٰهي ..... 661
باب ارڙهون ..... 662
اخلاق نبوت ..... 662
حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو عقل ..... 664
حلم و عفو ..... 665
تواضع (عاجزي، انڪساري) ..... 671
حسنِ معاشرت ..... 674
حياء ..... 678
واعدي جي پابندي ..... 680
عدل ..... 680
وقار ..... 683
زاهدانہ زندگي ..... 684
شجاعت ..... 685
طاقت ..... 687
رڪانہ پهلوان سان ملهه ..... 687
يزيد بن رڪانہ سان مقابلو ..... 688
ابو الاسود سان زور آزمائي ..... 689
سخاوت ..... 690
مبارڪ نالا ..... 692
حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ڪنيت ..... 695

طب نبوي ..... 696
هر مصيبت کان نجات ..... 707
سمهڻ وقت جون دعائون ..... 707
رات جو سجاڳي ٿئي تہ ڇا پڙهي ..... 708
گهر کان نڪرڻ وقت جي دعا ..... 708
بازار ۾ داخل ٿيو تہ هي پڙهو ..... 708
سفر جي دعا ..... 709
سفر کان واپس اچڻ جي دعا ..... 709
بيچيني جي وقت جي دعا ..... 710
ڪنهن مصيبت زده کي ڏسي ڪري هي پڙهي ..... 710
ڪنهن کي رخصت ڪرڻ جي دعا ..... 711
ڪاڏو ڪائي ڪري ڇا پڙهي ..... 711
آنڌاري جي وقت جي دعا ..... 711
ڪِنوڻ لڳڻ جي دعا ..... 711
ڪنهن قوم کان ڊڄي تہ ڇا پڙهي ..... 712
قرض ادا ٿيڻ جي دعا ..... 712
جمعي جي ڏينهن ڪثرت سان درود شريف پڙهو! ..... 713
ضروري تنبيهہ ..... 714
ڪڪڙ جي ٻانگ ٻڌي پڙهڻ جي دعا ..... 714
گڏهہ هينگي تہ ڇا پڙهجي ..... 715
جنّت جو خزانو ..... 715
بهشت جي ٽڪيٽ ..... 715
سيدالاستغفار ..... 715
جماع جي دعا ..... 716
مرضن کان شفا لاءِ ..... 716

مصيبت تي نعم البدل ملڻ جي دعا ..... 717
باب اٺويهون ..... 718
متعلقينِ رسالت ..... 718
ازواج مطهرات رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُنَّ ..... 718
حضرت خديجه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا ..... 721
حضرت سوده رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا ..... 725
حضرت عائشه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا ..... 727
حضرت حفصه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا ..... 732
حضرت اُمِّ سلمه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا ..... 734
حضرت اُم حبيبه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا ..... 739
حضرت زينب بنت جحش رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا ..... 741
حضرت زينب بنت خزيمه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا ..... 745
حضرت ميمونه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا ..... 746
حضرت جويريه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا ..... 749
مقدس ٻانهيون ..... 757
حضرت ماريه قبطيه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا ..... 757
حضرت ريحانه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا ..... 758
حضرت نفيسه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا ..... 759
چوٿين ٻانهي صاحبه ..... 759
اولادِ ڪرام ..... 759
حضرت قاسم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ ..... 760
حضرت عبد الله رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ ..... 761
حضرت ابراهيم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ ..... 761
حضرت زينب رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا ..... 764
حضرتِ رقيه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا ..... 768

حضرت اُمّ ڪلثوم رَضِیَ اللهُ عَنْهَا ..... 769
حضرت فاطم رَضِیَ اللهُ عَنْهَا ..... 771
چاچن جو تعداد ..... 773
حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جون پڦيون ..... 775
خاص خادم ..... 776
خصوصي محافظين ..... 780
وحي لکندڙ ..... 781
دربارِ نبوت جا شاعر ..... 782
باب ويهون ..... 784
معجزاتِ نبوت ..... 784
معجزو ڇا آهي؟ ..... 784
معجزي جا چار قسم ..... 785
اڳين نبين ۽ خاتم النبيين جا معجزا ..... 788
معجزات ڪثيره مان ڪجهه ..... 792
آسماني معجزا ..... 793
چنڊ ٻہ ٽڪر ٿي ويو ..... 793
هڪ غلط فهمي جو ازالو ..... 795
هڪ سوال ۽ جواب ..... 796
سج واپس آيو ..... 799
سج بيهي ويو ..... 805
معراج شريف ..... 806
معراج ڪڏهن ٿيو؟ ..... 807
معراج ڪيترا ڀيرا ۽ ڪيئن ٿيو؟ ..... 807
ديدارِ الٰهي ..... 808
معراج جو مختصر تذڪرو ..... 811

سفر معراج جون سواريون ..... 815
سفر معراج جون منزلون ..... 816
ڪڪر هٿي ويا ..... 816
هڪ ضروري تبصرو ..... 817
قرآن مجيد ..... 818
علم غيب ..... 821
غالب مغلوب ٿيندو ..... 822
هجرت کان پوءِ قريش جي تباهي ..... 824
مسلمان هڪ ڏينهن شهنشاهه بڻجندا ..... 825
فتح مڪ جي پيشنگوئي (اڳڪٿي) ..... 827
جنگ بدر ۾ فتح جو اعلان ..... 828
يهودي مغلوب ٿيندا ..... 829
عهد نبوي کان پوءِ جون لڙايون ..... 830
حديثن ۾ غيب جون خبرون ..... 831
اسلامي فتوحات جون اڳڪٿيون ..... 831
قيصر ۽ ڪسريٰ جي بربادي ..... 832
يمن، شام، عراق فتح ٿيندا ..... 833
مصر جي فتح ٿيڻ جي بشارت ..... 833
بيت المقدس جي فتح ..... 834
خوفناڪ رستا پُر امن ٿي ويندا ..... 835
فاتح خيبر ڪير ٿيندو ..... 836
ٽيهه سال خلافت پوءِ بادشاهي ..... 837
70 هجري ۽ ڇوڪرن جي حڪومت ..... 838
ترڪن سان جنگ ..... 838
هندوستان ۾ مجاهدين ..... 839

ڪير ڪٿي مرندو ..... 841
حضرت فاطمہ جي وفات ڪڏهن ٿيندي ..... 841
پاڻ پنهنجي وفات جو اطلاع ڏيڻ ..... 842
حضرت عمر ۽ حضرت عثمان رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا شهيد ٿيندا ..... 844
حضرت عمار رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي شهادت ملندي ..... 844
حضرت عثمان رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو امتحان ..... 846
حضرت علي جي شهادت ..... 846
حضرت سعد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي لاءِ خوشخبري ..... 847
حجاز جي باهه ..... 848
فتنن جا علمبردار ..... 850
قيامت تائين جا واقعا ..... 850
ضروري تنبيهه ..... 851
عالم جمادات جا معجزا ..... 852
چٽان جو وکري وڃڻ ..... 852
اشاري سان بتن جو ڪرڻ ..... 853
جبلن جو سلام ڪرڻ ..... 854
جبل جو لُڏڻ ..... 854
مُٺ جيتري مٽيءَ جو وڏو ڪارنامو ..... 855
تبصرو ..... 855
عالمِ نباتات جا معجزا ..... 856
چڱو وڻ تان لهي پيو ..... 856
وڻ هلي آيو ..... 856
تنبيهه ..... 858
لٺ روشن ٿي وئي ..... 859
ڪاڻي ءَ جي تلوار ..... 860

روئڻ وارو ٿُڙُ ..... 861
عالم حيوانات جا معجزا ..... 864
جانورن جو سجدو ڪرڻ ..... 864
بارگاهِ رسالت ۾ اُٺ جي فرياد ..... 865
بنا ڪير واريءَ ٻڪريءَ ڪير ڏنو ..... 866
اسلام جي تبليغ ڪرڻ وارو بگهڙ ..... 867
ايمان جو اعلان ڪرڻ واري ڳوهه ..... 869
تنبيهه ..... 871
عالمِ انسانيت جا معجزا ..... 872
ٿورڙي شيءِ گهڻي ٿي وئي ..... 872
اُمِ سُلَيم جون مانيون ..... 873
حضرت جابر جون ڪجورون ..... 874
حضرت ابو هريره جي ٿيلهي ..... 875
اُمِ مالڪ جو ڪُپّو ..... 876
برڪت ڀريو پيالو ..... 877
ٿورو ڪاڏو عظيم برڪت ..... 877
برڪت وارو جيرو ..... 878
حضرت ابو هريره ۽ هڪ پيالو ڪير ..... 879
شفاءِ امراض ..... 881
اڪ جي تڪليف کان شفاء ..... 881
نانگ جو زهر ختم ٿي ويو ..... 882
ڀڳل ٽنگ ٺيڪ ٿي وئي ..... 882
تلوار جو زخم ڇٽي ويو ..... 882
انڌو ڏسڻ لڳو ..... 883
گونگو ڳالهائڻ لڳو ..... 883

حضرت قتاده جي اک ..... 884
فائدو ..... 885
الٿيءَ ۾ ڪارو گُلر نڪتو ..... 886
جُنُون ختم ٿي ويو ..... 886
سڙيل ٻارنيڪ ٿي ويو ..... 887
مقبوليت دعاء ..... 888
قريشن تي ڏڪار جو عذاب ..... 889
قريش جي سردارن جي هلاڪت ..... 890
مديني جي آبهوا سٺي ٿي وئي ..... 890
اُمِ حرام جي لاءِ شهادت جي دعا ..... 891
ستر سالن جو جوان ..... 892
اولاد جي برڪت لاءِ دعا ..... 892
حضرت جرير جي حق ۾ دعا ..... 893
قبيلي دوس جو اسلام قبول ڪرڻ ..... 894
هڪ متڪبر جو انجام ..... 895
مرده زنده ٿي ويا ..... 895
چوڪري قبر مان نڪري آئي ..... 896
رڌل ٻڪري زندهه ٿي وئي ..... 896
عالم جنات جا معجزات ..... 897
جنّ اسلام جي ترغيب ڏيارڻ ..... 897
جنن جو سلام ۽ پيغام ..... 898
جن نانگ جي شڪل ۾ آيو ..... 899
عناصر اربعه (چئني عنصرن: پاڻي، مٽي، هوا، باهه) جي عالَم ۾ معجزا ..... 900
آڳرين مبارڪ مان پاڻي جون نهرون ..... 900

زمين لاش کي نڪرائي ڇڏيو ..... 901
جنگِ خندق جي آنڌاري ..... 902
باهه ساڙي نه سگهي ..... 904
هڪ ضروري تنبيهه ..... 906
چند خصائص ڪبرٰي ..... 907
باب 21 ..... 912
امت تي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا حق ..... 912
(1) ايمان بِالرّسول ..... 913
صديق اڪبر جي آخري تمنا ..... 915
حضرت ابو هريره ۽ ڀُڳل ٻڪري ..... 916
حضرت عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو نيسارو ..... 916
(3) اطاعتِ رسول ..... 917
سوني مندبي اڇلي ڇڏي ..... 918
(4) محبت رسول ..... 919
هڪ پوڙهي عورت جو جذبهٔ محبت ..... 920
حضرت ثمامه جو اعلان محبّت ..... 921
موت جي بستري تي عشق رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ..... 922
حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ۽ محبّتِ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ..... 922
عبد الله بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو عشق ..... 923
ڪدوءَ سان محبّت ..... 923
سمهڻ وقت رسول جي ياد ..... 924
محبّت رسول جون نشانيون ..... 924
(5) تعظيمِ رسول ..... 926
حضور جي توهين ڪرڻ وارو ڪافر آهي ..... 926
مٿي تي ڇِهرڪِيُون ..... 929

حضرت عمرو بن العاص جا ٽي دور ..... 929
ڪير وڏو؟ ..... 930
حضرت براء رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو ادب ..... 930
آثار شريفه جي تعظيم ..... 931
(10) گليءَ جو منهن ڪٽي ڇڏيو ..... 935
(6) مدح رَسُول ..... 936
(7) درود شريف ..... 937
(8) قبرِ انور جي زيارت ..... 938
ضروري تنبيه ..... 942
ابن تيميه جي فتوىٰ ..... 942
حديث " لا تشد الرّحال " ..... 943
بارگاهه خداوندي ۾ رسول جو وسيلو ..... 945
(1) ولادت کان اڳ ۾ توسُّل ..... 946
(2) ظاهري حيات اقدس ۾ توسل ..... 947
دعاءِ نبوي ۾ وسيلو ..... 948
(3) وفات اقدس کان بعد توسل ..... 949
برسات جي لاءِ استغاثو ..... 950
فتح جي لاءِ حضور جو وسيلو ..... 950
حضرت عمر جي دعا ۾ وسيلو ..... 951
حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اسّي دينار عطا فرمايا ..... 952
قبر انور مان ماني ملي ..... 953
امام طبراني کي ڪاڏو ڪيئن مليو؟ ..... 953
هڪ ظالم کي اڌ رنگو (فالج) ٿي پيو ..... 954
حضرت امام اعظم جو استغاثو ..... 955
هديه سلام بحضور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ..... 956

**قطعہ تاریخ تصنیف** ..... 957
قطعہ سال طباعت ..... 958
دعاء ..... 961

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ”بڻا عاشقِ مصطفٰي يا الٰهي“ جي 18 اڪرن جي نسبت سان هن ڪتاب کي پڙهڻ جون ”18 نيتون“

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”سڻي نيت انسان کي جنت ۾ داخل ڪندي آهي.“ (الجامع الصغير ص 557، الحديث 9326، دارالكتب العلميه بيروت)

## ٻه مدني گل:

(1) بغير سڻي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سڻيون نيتون وڌيڪ اوترو ثواب به وڌيڪ.

(1) هر ڀيري حمد ۽ (2) درود (3) تعوّذ (يعني اَعُوْذُ بِاللّٰه) ۽ (4) بسم الله سان شروعات ڪندس. (5) الله پاڪ جي رضا لاءِ هن ڪتاب جو شروع کان وٺي آخر تائين مطالعو ڪندس. (6) وس آهر باوُضو ۽ (7) قبلي طرف منهن ڪري پڙهندس. (8) قرآني آيتن ۽ (9) احاديثِ مبارڪ جي زيارت ڪندس. (10) جتي جتي الله جو نالو مبارڪ ايندو اُتي عَزَّوَجَلَّ ۽ (11) جتي ”سرڪار“ جو نالو مبارڪ ايندو اتي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهندس. (12) پنهنجي خريد ڪيل ڪتاب تي ”يادداشت“ واري صفحي تي ضروري ڳالهيون لکندس. (13) پنهنجي ذاتي نسخي تي ضرورت مطابق اندر لائين ڪندس. (14) ڪتاب مڪمل پڙهڻ جي لاءِ علمِ دين حاصل ڪرڻ جي نيت سان روزانو گهٽ ۾ گهٽ چار صفحا پڙهي علمِ دين حاصل ڪرڻ جي ثواب جو حقدار بڻجندس. (15) ٻين کي هي ڪتاب پڙهڻ جي ترغيب

ڏياريندس. (16) هن حديث پاڪ ”تَهَادَوْا تَحَابُّوْا“ هڪبئي کي تحفا ڏيو توهان ۾ محبت وڌندي. (مؤطا امام مالک ج 2 ص 407 رقم 1731 دارالمعرفة بيروت) تي عمل جي نيت سان (هڪ يا حسبِ توفيق تعداد ۾) هي ڪتاب خريد ڪري ٻين کي تحفو ڏيندس. (17) هن ڪتاب جي مطالعي جو ايصالِ ثواب سڄي امت کي ڪندس. (18) ڪتابت وغيره ۾ شرعي غلطي ڏني تہ اداري کي لکت (جي صورت) ۾ مطلع ڪندس.

(ناشرين ۽ مصنف وغيره کي زباني غلطيون ٻڌائڻ خاص فائديمند ناهي هوندو).

سنين سنين نيتن جي باري ۾ رهنمائي حاصل ڪرڻ جي لاءِ اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن جو سنتن ڀريو بيان ”نيت جو ڦل“ ۽ نيتن جي متعلق سندن جو مرتب ڪيل ڪاردِ ۽ پمفليٽ مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان خريد فرمايو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# المدينة العلمية

**پاران:** شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، باني ءِ دعوتِ اسلامي، حضرت علامہ مولانا ابو بلال **محمد الياس عطار** قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة

الحمد لله علىٰ اِحسانِهٖ وَبِفَضْلِ رَسُوْلِهٖ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ ”دعوتِ اسلامي“ نيڪيءَ جي دعوت، سنتن کي زندهه ڪرڻ ۽ اشاعتِ علمِ شريعت کي سڄي دنيا ۾ عام ڪرڻ جو پڪو ارادو رکي ٿي. انهن سيني ڪمن کي خوبصورتيءَ سان سر انجام ڏيڻ لاءِ ڪيترين ئي مجلسن جو قيام عمل ۾ آندو ويو آهي جن مان المدينة العلمية بہ هڪ آهي، جيڪا دعوتِ اسلامي جي علماء ۽ مفتيانِ ڪرام كَثَّرَهُمُ اللهُ تَعَالٰى تي مشتمل آهي، جنهن خالص علمي، تحقيقي ۽ اشاعتي ڪم جو بار کنيو آهي. ان جا هيٺيان ڇهہ شعبا آهن.

(1) شعبہءِ ڪتب اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه
(2) شعبہءِ درسي ڪتب
(3) شعبہءِ اصلاحي ڪتب
(4) شعبہءِ تراجم ڪتب
(5) شعبہءِ تفتيش ڪتب
(6) شعبہءِ تخريج

”المدينة العلمية“ جي پهرين ترجيح سرڪارِ اعليٰ حضرت، امامِ اهلِسنت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانهءِ شمع رسالت، مجددِ دين و ملت، حاميءِ سنت، ماحيءِ بدعت، عالمِ شريعت، پيرِ طريقت، باعثِ خير وبرڪت، حضرت علامه مولانا الحاج الحافظ القاري الشاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جن جي مشڪل ۽ بهترين تصنيفن کي دورِ حاضر جي گهرج مطابق وس آهر آسان انداز ۾ پيش ڪرڻ آهي. سيئي اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هن علمي، تحقيقي ۽ اشاعتي مدني ڪم ۾ هر ممڪن تعاون فرمائن ۽ مجلس جي طرفان شايع ٿيندڙ ڪتابن جو پاڻ به مطالعو ڪن ۽ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏيارين.

الله پاڪ دعوتِ اسلامي جي سيني مجلسن، سميت ”المدينة العلمية“ کي ڏينهن يارهين رات ٻارهين ترقي عطا فرمائي ۽ اسان جي هر عملِ خير کي اخلاص جي زيور سان مالامال ڪري ٻنهي جهانن جي ڀلائيءَ جو سبب بڻائي. اسان کي گنبذِ خضرا جي سائي ۾ شهادت، جنت البقيع ۾ مدفن ۽ جنت الفردوس ۾ جڳهه نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

رمضان المبارڪ ١٤٢٥ ه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# پيشِ لفظ

الله پاڪ پنهنجي ٻانهن جي هدايت ۽ رهنمائيءَ جي لاءِ وقفي وقفي سان پنهنجن نبين سڳورن کي موڪليندو رهيو ۽ سيني کان آخر ۾ ان پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي مبعوث فرمايو، جيڪي عرب و عجم ۾ بي مثل ۽ اصل و نسل، حسب و نسب ۾ سڀ کان اعليٰ ۽ پاڪيزه آهن، عقل ۽ فراست ۾ سڀ کان وڌيڪ، علم ۽ بصيرت ۾ سڀ کان بهتر، يقينِ محڪم ۽ ارادي جي پختگيءَ ۾ سڀ کان مضبوط، رحم ۽ ڪرم ۾ سيني کان وڌيڪ رحيم ۽ شفيق آهن. الله پاڪ انهن جي جسم کي صاف ۽ نقص ۽ عيب کان پاڪ رکيو، اهڙي حڪمت ۽ دانائيءَ سان کين نوازيو جنهن انڌين اکين، غافل دلين ۽ ٻوڙن ڪَنن کي کولي ڇڏيو. مطلب ته پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي اهڙي فضيلت، حسن ۽ مرتبي سان نوازيو جنهن کي بيان ڪرڻ ممڪن ناهي. انهن ۾ ڪجهه وصفَ اهڙا آهن جن جي صراحت الله پاڪ پنهنجي ڪلام قرآن مجيد فرقانِ حميد ۾ فرمائي ڇڏي ۽ الله پاڪ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي مخلوق ۾ شان ۽ شوڪت سان ظاهر فرمايو ۽ حسنِ جميل، اخلاقِ حميده، مناصبِ ڪريمه ۽ فضائلِ حميده سان ممتاز فرمايو. سندن جي اعليٰ مرتبي جي باري ۾ ماڻهن کي خبردار ڪيو ۽ انهن کي سندن جي اخلاق ۽ ادب جي تعليم ڏني ۽ ٻانهن کي ان تي قائم رهڻ جي تلقين ڪئي ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت ۽ پيروي جو حڪم ڏنو، ارشاد فرمايائين:

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ (پ ٢١، الاحزاب ٢١)

ترجمو كنز الايمان: بيشڪ توهان جي واسطي رسول الله جي پيروي بهتر آهي.

صدر الافاضل سيد محمد نعيم الدين مراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيت مبارڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: انهن جي سهڻي نموني پيروي ڪريو، دينِ الاهي جي مدد ڪريو ۽ رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ساٿ نہ ڇڏيو ۽ رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سنتن تي عمل ڪريو اهو بهتر آهي. (خزائن العرفان)

حضرت عبد الله بن عمرو رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان مروي آهي، رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: توهان مان ڪو به ايسيتائين ڪامل مؤمن نہ ٿو ٿي سگهي جيسيتائين ان جي هر خواهش منهنجي آندل جي تابع نہ ٿي وجي.

(مشكاة المصابيح، كتاب الايمان، باب الاعتصام ... الخ، ج1، ص54، الحديث: 167)

هڪ ٻي حديث ۾ آهي: جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مشكاة المصابيح، كتاب الايمان، باب الاعتصام ... الخ، ج1، ص55، الحديث: 175)

هنن حديثن مان واضح ٿيو تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سنتن جي پيروي ڪرڻ، ايمان جي ڪامل هجڻ ۽ جنت ۾ سندن جو قرب حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي ۽ هر مسلمان جي اها ئي خواهش هوندي آهي تہ هو انهن نعمتن سان سرفراز ٿئي، تنهنڪري ان کي گهرجي تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اقوال، افعال، حالات ۽ سيرتِ طيبہ جو غور سان مطالعو ڪري

پنهنجي زندگي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اطاعت ۽ سنتن جي پيروي ڪندي گذاري.

سيرتِ طيبہ تي هر دور جي عالمن پنهنجي پنهنجي ذوق ۽ ماحول جي ضرورتن جي مطابق ڪم ڪيو، پر هي اهو اڻ ڪٽ سمنڊ آهي جنهن ۾ هر ڪنهن کي ڪوشش آهر گهڻو ڪجهه لکڻ باوجود پنهنجي عجز جو اعتراف ڪرڻو پيو. اڄ تائين هي مبارڪ سلسلو جاري آهي عربي کان علاوه اردو ۾ بہ هن موضوع تي ڪيترائي ڪتاب لکجي چڪا آهن. زيرِ نظر ڪتاب ”سيرتِ مصطفيٰ“ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پاڪيزه زندگيءَ جي جيتوڻيڪ هڪ جهلڪ پيش ڪري رهيو آهي پر هن ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زندگيءَ جي مختلف احوالن کي نهايت خوبصورتيءَ سان ۽ جامع انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. جنهن جو مطالعو هر مسلمان لاءِ نهايت مفيد آهي.

دعوتِ اسلامي جي مجلس ”المدينة العلميه“ هن گلدستي کي جديد دور جي تقاضائن کي سامهون رکندي پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهي آهي. جنهن ۾ مدني علماء ڪرام دَامَ فُيُوْضُهُم هيٺ ڏنل ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

- ڪتاب جي نئين سِر ڪمپوزنگ، جنهن ۾ بيهڪ جي نشانين جو خيال رکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.
- احتياط سان مڪرر پروف ريڊنگ جيئن غلطين جو امڪان گهٽ رهي.
- ٻين نسخن سان پيٺ ۽ حوالن جي وس آهر تخريج.
- عربي عبارتن ۽ قرآني آيتن جي متن جي تطبيق ۽ تصحيح
- آخر ۾ مآخذ و مراجع جي فهرست مصنفن ۽ مؤلفن جا نالا، انهن جو

سنِ وفات ڇاپي سان گڏ ذڪر ڪيو ويو آهي.

هن ڪتاب کي وس آهر خوبصورت انداز سان پيش ڪرڻ ۾ علماء ڪرام جيڪا ڪوشش ڪئي اها الله پاڪ قبول فرمائي، انهن کي بهترين جزا ڏي ۽ سندن جي علم و عمل ۾ برڪتون عطا فرمائي، پڻ دعوتِ اسلامي جي مجلس ”المدينة العلمية“ ۽ ٻين مجلسن کي ڏينهن يارهين رات ٻارهين ترقي عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

شعبہ تخريج مجلس ”المدينة العلمية“

(دعوتِ اسلامي)

بسم اللہ الرحمن الرحیم

الحمد للہ نحمدہ و نستعینہ و نستغفرہ و نؤمن بہ ونتوکل علیہ ونعوذ باللہ من شرور انفسنا و من سیئات اعمالنا من یھد اللہ فلا مضل لہ و من یضللہ فلا ھادی لہ ونشھد ان لآ الٰہ الا اللہ وحدہ لا شریك لہ و نشھد ان سیدنا ومولانا محمدا عبدہ و رسولہ۔ اللّٰھم صل علی سیدنا و مولانا محمد وعلیٰ الٰہ وصحبہ اجمعین ابد الآبدین برحمتك یا ارحم الراحمین۔

بسم اللّٰه الرحمٰن الرحيم

# شرفِ انتساب

حضور شهنشاهِ ڪونين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهِ عظمت ۾ هڪ ناڪاره امتي جو

نذرانهِ عقيدت

يا رسول الله! به درگاهت پناهه آور دهه ام

همچو ڪاهِ عاجزم، ڪوهِ گناهه آور دهه ام

خاڪ بوسِ نعلين رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

عبدالمصطفيٰ الاعظمي عفي عنه

# عرضِ مُؤلّف

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

نَحْمَدُهٗ وَنُصَلِّي عَلٰى رَسُوْلِهِ الْكَرِيْمِ

الحمد لله! خداوند قدوس جَلَّ جَلَالُه جو انتهائي شڪر آهي جو منهنجي هڪ تمام پراڻي ۽ تمام وڏي دلي تمنا پوري ٿي وئي جو تمام گهڻين رڪاوٽن جي باوجود حضورِ اقدس شهنشاهِ دو عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سيرتِ اقدس جي اهم موضوع تي هي ڪجهه سٽون لکڻ جي سعادت نصيب ٿي وئي.

فالحمد لله على احسانه.

هي ڪتاب جيتوڻيڪ پنهنجي موضوع جي لحاظ کان مختصر آهي، پر بحمدهٖ تعاليٰ سيرتِ نبويه جي ضروري احوالن تي ڪنهن حد تائين هڪ جامع ڪتاب آهي، جنهن کي مان سيرت جي باغ جي رنگين گلن جو هڪ مقدس ۽ حسين گلدستو بڻائي **"سيرتِ مصطفيٰ"** جي نالي سان ناظرين جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ جي روحاني خوشي حاصل ڪري رهيو آهيان.

## مختصر چو؟

پهريان خيال هيو تہ سيرتِ مقدسہ جي سيني موضوعن تي ڪيترن ئي جلدن تي مشتمل هڪ تفصيلي ڪتاب لکان پر ڪجهه سببن جي ڪري مونکي ان خيال کان هٽڻو پئجي ويو.

**پهريون:** اهو تہ مون کان اڳ هر دور ۽ هر زبان ۾ هزارين

خوشنصيبن کي حضور رحمتِ عالَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سيرتِ مقدسہ تي ڪتاب لکڻ جي سعادت حاصل ٿي آهي ۽ ان شآء الله تعاليٰ قيامت تائين هزارين لکين مسلمان اها سعادت ماڻيندا رهندا. ڪيترائي خوش قسمت مصنف هزارن صفحن تي مشتمل ڪيترن ئي جلدن ۾ وڏا وڏا ڪتاب لکي ڪري ٻنهي جهانن جي ڀلائي ۽ خوشنصيبي سان مالامال ٿي ويا ۽ ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ انهن بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم جن پنهنجن انهن وڏن ڪتابن ۾ سيرتِ طيبہ جا تمام اهم عنوان ڪافي تفصيل سان بيان ڪيا آهن، پر انهن مان ڪو بہ اها دعويٰ نٿو ڪري سگهي تہ اسان شهنشاهِ ڪونين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سيرت پاڪ جي سڀني موضوعن کي مڪمل ڪري ان جي تمام احوالن کي پنهنجي قلم ۾ قيد ڪيو آهي، ڇو تہ سيرتِ نبويہ اهو اڻ ڪٽ سمنڊ آهي جنهن کي پار ڪرڻ وڏن وڏن اهلِ علم جي لاءِ ايئن ئي مشڪل آهي جيئن آسمان جي چنڊ ۽ ستارن کي ٽوڙي ڪري پنهنجي جهوليءَ ۾ رکي ڇڏڻ.

ظاهر آهي تہ جيڪو ڪم علم ۽ عمل جي انهن سر بلند جبلن (وڏن عالمن) کان نہ ٿي سگهيو اهو ڀلا مون جهڙي ناڪاره انسان کان مڪمل ٿيڻ جو ڪيئن ٿو تصور ڪري سگهجي؟ تنهنڪري مون پنهنجي ڀلائي ان ۾ سمجهي تہ چند سٽون سيرتِ نبويہ جي موضوع تي لکي مصنفن جي فهرست ۾ پنهنجو نالو لکرايان ۽ انهن بزرگن جي قدمن ۾ جڳهہ حاصل ڪرڻ جي سعادت ماڻيان.

**ٻيو:** اهو تہ انسان ڪم ڪار جي هن دور ۾ جڏهن مسلمانن کي پنهنجي ضروريات زندگي کان بلڪل ئي فرصت ڪانهي ۽ علمي

تحقيق کان انهن جي همت لاچار ۽ دلچسپي ختم ٿي چڪي آهي ۽ ذهن ۽ حافظي جي قوت بہ ڪنهن حد تائين سست ۽ ڪمزور ٿي چڪي آهي تہ اڄڪلهہ جي مسلمانن کان اها اميد فضول نظر آئي تہ اهي طويل، مفصل ۽ موٽن موٽن ڪتابن کي پڙهي انهن جي متن کي پنهنجي دل ۽ دماغ ۾ محفوظ رکي سگهندا. تنهنڪري اهڙي حال ۽ ماحول جو خيال رکندي مون اهو مناسب سمجهيو تہ سيرتِ نبويہ جي موضوع تي هڪ اهڙو مختصر ۽ جامع ڪتاب لکجي جنهن کي مسلمان طبقو فرصت جي ڪجهہ لمحن ۾ پڙهي وٺي ۽ ان کي پنهنجي ذهن ۾ محفوظ ڪري سگهي.

**ٽيون:** اهو تہ منهنجي نظر ۾ هن موضوع تي هڪ مڪمل ۽ تفصيلي ڪتاب لکڻ تہ آسان ڪم آهي پر ان جي اشاعت جو انتظام ڪرڻ غريب عالمن لاءِ ايترو ئي مشڪل آهي جيترو هماليہ جي چوٽين کي پار ڪرڻ، ڇو تہ مسلمانانِ اهلِسنت جو مالدار طبقو اجاين ۽ فضول ڳالهين ۾ پيسو خرچ ڪرڻ کي ايترو آسان سمجهي ٿو جيئن نڪ تان مکِ اُڏائڻ، پر ڪنهن ديني ڪتاب جي اشاعت يا خريداري تي پيسو خرچ ڪرڻ اهڙو ڏکيو آهي جڻ پنهنجي گلَ لاهي نيلام ڪرڻ. هي اها تلخ حقيقت آهي جنهن جي ڪري بار بار ٺهيل ڪم بہ بگڙي چڪا آهن، تنهنڪري انهن تجربن جي آڌار تي مون اهو بهتر سمجهيو تہ هڪ اهڙو ڪتاب لکان جنهن جي طباعت ۽ اشاعت جو سمورو خرچ مان پاڻ برداشت ڪري سگهان ۽ مون کي ڪنهن جي اڳيان هٿ نہ ٽنگڻو پوي.

## سببِ تاليف

**پهريون:** گهڻي عرصي کان هيءَ نيڪ تمنا منهنجي دل ۾

موجود هئي تہ مان پنهنجي قلم سان حضور رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي حياتِ طيبہ ۽ مقدس زندگيءَ تي ڪو ڪتاب لکي انهن بزرگانِ دين جي لسٽ ۾ شامل ٿي وڃان، جن سيرتِ نبويہ جي تصنيف ۽ تاليف ۾ عمريون خرچ ڪري اهڙي آخرت جي تجارت ڪئي جنهن جي نفعي ۾ ڪين "رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَ رَضُوْا عَنْهُ" جهڙي دولت جو خزانو ملي ويو. (يعني الله تعاليٰ انهن کان خوش ٿيو ۽ اهي الله تعاليٰ کان خوش ٿيا). وڏيڪ هي تہ منهنجي تصنيفن جي قدردانن بہ ان ڳالهہ جي بار بار پئي تقاضا ڪئي تہ توهان سيرت مبارڪ جي مقدس موضوع تي بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور لکو ۽ انهن مهربانن جو اهو اصرار ايترو تہ وڌي ويو جو مان انهن کان انڪار نہ ڪري سگهيس.

وري "سمند ناز پہ اک اور تازيانہ ہوا" جي مصداق غيرن بار بار اهو طعنو هنيو تہ علماء اهلِسنت محبتِ رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دعويٰ تہ ڪن ٿا پر اردو زبان ۾ سيرتِ نبويہ جي موضوع تي انهن تمام گهٽ لکيو، جڏهن تہ ملڪ جي ٻين جماعتن ايترو تہ گهڻو لکيو جو اردو ڪتابن جي مارڪيٽ ۾ سيرت جا تمام گهڻا ڪتاب ملي رهيا آهن جيڪي سڀ انهن جي زورِ قلم جي محنت آهن.

هي آهن اهي سبب ۽ محرڪات جن ڪان متاثر ٿي مونکي پنهنجي نااهلي ۽ علمي سرمائي جي ڪمي جي سبب بہ قلم کڻڻو پئجي ويو ۽ ڪثير مصروفيتن ۽ فڪرن جي باوجود ڪجهہ ورقن تي مشتمل هي ڪتاب لکڻو پيو.

هن ڪتاب کي مون حتي الامڪان نظر ۽ دل کي وڻندڙ ۽ جامع هئڻ سان گڏوگڏ مختصر بڻائڻ جي بہ ڪوشش ڪئي آهي.

هاڻي هي پڙهندڙن جي راءِ تي ڇڏيل آهي تہ مان پنهنجي ان ڪوشش ۾ ڪامياب بہ ٿيس يا نہ؟

## رڪاوٽون

پهرين جمادي الآخر 1395 هہ جو ڏينهن منهنجيءَ زندگيءَ جي تاريخ ۾ يادگار رهندو جو ان ئي ڏينهن استخارو ڪرڻ کان بعد ان ئي ڏينهن مون هن ڪتاب جي "بسم الله" لکي پر الله پاڪ جو شان جو اجان ڪجهہ ئي صفحا تحرير ڪيا هئا جو اوچتو اهڙو تہ اچي گردي جو سور ٿيو جو مان پنهنجي زندگيءَ کان مايوس ٿيڻ لڳس ۽ "ٽانڊہ" کان گهر اچي مسلسل هڪ مهينو بستر تي اچي ويس. وري رمضان المبارڪ 1395 هہ ۾ مرض ۾ ڪجهہ ڪمي محسوس ٿي تہ ڪمزوري هوندي روزي جي حالت ۾ ئي ان ڪم کي ٻيهر شروع ڪيم، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! ان جي برڪت سان ڏينهون ڏينهن صحت ۽ طاقت ۾ بهتري ايندي وئي ۽ ڪم هلندو رهيو. پر وري 3 شوال 1395 هہ تي اکين جي سور جو عارضو لڳي ويو ۽ ڪم بند ٿي ويو. هڪ مهيني ڪانپوءِ پڙهڻ لکڻ جي لائق ٿيس تہ سياري جا ننڍڙا ڏينهن، ٻن وقتن جو مدرسو، خطن جا جواب، دوستن جون ملاقاتون، انهن مشغلن سبب سڄو ڏينهن قلم کڻڻ جي واندڪائي ئي ڪا نہ ملندي هئي، مجبوراً سرد راتين ۾ سَوَڙ ويڙهي لکڻو پيو، مٿان وري وڏي مشڪل اها هئي جو "ٽانڊہ" ۾ ضروري ڪتابن جو ملڻ محال هيو ۽ مدرسي جي مصروفيت جي سبب ملڪ جي ڪنهن لائبريري ۾ نہ پئي وڃي سگهيس مجبوراً انهن ئي ڪجهہ ڪتابن جي مدد سان جيڪي مون وٽ موجود هيا ڪم هلائڻو پيو جن جا حوالا جڳهہ جڳهہ تي اوهان ڏسندؤ.

وري صفر 1396 هه جي آخر ۾ هي اوچتو حادثو پيش آيو جو منهنجي پياري ڏيءُ عارفه خاتون مرحومه دماغ جي مرض ۾ مبتلا ٿي وئي ۽ 27 صفر 1396 هه تي وفات ڪري وئي. هن هنياءُ ڏاريندڙ صدمي منهنجي دل ۽ دماغ کي لوڏي وڌو، وري ربيع الاول 1396 هه جو جلسن جو اهڙو سلسلو شروع ٿيو جو هڪ ئي مهيني ۾ تقريباً ٻارهن جلسن ۾ تقرير ڪرڻي پئي ۽ سفر جي دوران ان جو موقعو ئي نه مليو ته ڪجهه لکي سگهجي مطلب ڏينهون ڏينهن اڻ وٽندڙ حالتن قدم قدم تي مونکي قلم کڻڻ کان روڪيو پوءِ به بحمدهٖ تعاليٰ اهڙن طوفانن جي زور ۾ به منهنجي عزم ۽ استقامت جي ٻيڙي نه لُڏي ۽ مان فرصت جي وقت ۾ گهمندي ڦرندي ڪجهه نه ڪجهه لکندو رهيس. خداوند قدوس عليم ۽ خبير آهي جو اهڙن هوش وجائيندڙ حالتن ۾ به هن ڪتاب جو صرف چوڏهن مهينن ۾ مڪمل ٿي وڃڻ ان کي هن کان سواءِ ٻيو ڪجهه نٿو چئي سگهجي ته

ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿۴﴾

(پ ۲۸، الجمعة ۲۱)

ترجمو ڪنز الايمان: هي الله تعاليٰ جو فضل آهي هو جنهن کي چاهيندو آهي پنهنجو فضل عطا ڪندو آهي ۽ الله تعاليٰ تمام گهڻو فضل وارو آهي.

## التجائي گذارش

جن پريشان ڪندڙ حالتن ۾ هن ڪتاب جي ترتيب ۽ تاليف ٿي آهي اوهان جي اڳيان آهن تنهنڪري پڙهندڙن کي هن ۾ ڪا ڪمي يا خامي نظر اچي ته مان بيحد شڪر گذار ٿيندس جو اهي منهنجي اصلاح ڪندي مونکي ان کان خبردار ڪن ۽ هن ڪتاب

جو مطالعو ڪرڻ ڪانپوءِ مهرباني ڪري هڪ خط لکي ڪري پنهنجي تاثرات کان آگاهه ڪن تہ جيئن آئنده ايڊيشن ۾ انهن خامين کي دُور ڪري سگهجي.

## ٿوراءِ دعا

آخر ۾ پنهنجي شاگردِ رشيد ۽ عزيزِ سعيد مولوي محمد ظهير عالم صاحب آسي قادري نيپالي سَلَّمَهُ اللّٰهُ تَعَالٰي جو ٿورائتو آهيان جو انهن هن ڪتاب جو املا لکڻ ۽ حوالن کي تلاش ڪرڻ ۾ نهايت اخلاص سان منهنجي مدد فرمائي. اهڙي ئي طرح پنهنجي ٻئي شاگرد مولوي محمد نعيم الله صاحب فيضي سَلَّمَهُ اللّٰهُ تَعَالٰي جو بہ شڪر گذار آهيان جو اهي منهنجي ٻين تصنيفن وانگر هن ڪتاب جي ڪاپين جي پروف ريڊنگ، طباعت ۽ اشاعت جي سلسلي ۾ مون سان گڏ رهيا. مولا تعالٰي هنن ٻنهي عزيزن کي ٻنهي جهانن جي نعمتن ۽ دين جي دولت سان مالامال فرمائي ۽ منهنجي هن تصنيف کي قبول فرمائي ان کي امتِ مسلمہ جي رُشد و هدايت جو سبب بڻائي ۽ مون گناهگار جي لاءِ آخرت جو ثمر ۽ مغفرت جو ذريعو بڻائي.

آمين بجاه سيد المرسلين صلى الله تعالى عليه وعلى اٰله الطيبين واصحابه المكرمين وعلى من تبعهم الى يوم الدين برحمته وهو ارحم الراحمين.

عبدالمصطفيٰ اعظمي عفي عنه
پهرين شعبان 1396 هـ ٿانڊه

# مقدمو

سيرتِ نبويہ عَلٰي صاحِبِهَاالصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو موضوع ايترو تہ دلڪش، ايمان افروز ۽ روح پرور آهي جو عاشقانِ رسول جي لاءِ ان چمن جي گل چيني، ايمان واري دل ۽ روح جي لاءِ فرحت ۽ سرور جي اهڙي ”بهشتِ خلد“ آهي جو جنت الفردوس جون هزارين رعنائيون هن جي هڪ هڪ گُل کان رنگ ۽ خوشبو جي خيرات گهرڻ پنهنجي لاءِ فخر سمجهنديون آهن. تنهنڪري انهن حق پرست رباني عالمن جن جي دلين ۾ محبتِ رسول جا هزارين گُل ٽڙيل رهن ٿا، هن ايمان ۽ نوراني موضوع تي پنهنجي زندگيءَ جي آخري دم تائين لکندي پنهنجون جانيون قربان ڪري ڇڏيون. تَنهن جي ڪري اڄ دنيا جي هر زبان ۾ سيرتِ نبويہ جي موضوع تي ڪتابن جو ايترو وڏو ذخيرو موجود آهي جو دنيا جي ڪنهن بہ وڏي کان وڏي شهنشاهہ جي سوانح جي باري ۾ ان جو هڪ اڌ جز بہ موجود ناهي.

اهي عاشقانِ رسول جيڪي سيرت نگاريءَ جي بدولت عزت ۽ عظمت ۾ ستارن وانگر چمڪندا ۽ شهرت جي گلشن ۾ مهڪندا رهن ٿا انهن جي فهرست ايتري تہ ڊگهي آهي جو انهن جو شمار اسان جي وَسَ ۽ طاقت کان ٻاهر آهي. مثال طور هتي اسان انهن چند مشهور سيرت جي عالمن جي مقدس نالن جو ذڪر ڪنداسين جيڪي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ ذاڪرِ رسول جي حيثيت سان ايتري قدر مقبول آهن جو جيڪڏهن ڏُڪار جي زماني ۾ نمازِ استسقاء پڙهي انهن جي وسيلي سان الله تعاليٰ کان دعا گهرجي تہ فوراً ئي رحمت جا ڪَڪَر وسڻ شروع ٿي وڃن ۽

جيڪڏهن محفلن ۾ اهڙين پاڪ وارين هستين جو ذڪر ڪجي ته رحمت جا فرشتا پنهنجن پَرَن کي انهن محفلن مٿان شاميانن وانگر ڦهلائي ڇڏيندا آهن.

## ڪجهه مصنفينِ سيرت

خلفاءِ راشدين بلڪ خليفهءِ عادل حضرت عمر بن عبد العزيز اموي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي دورِ خلافت کان ڪجهه وقت اڳ جيئن ته حديثن کي لکڻ منع ڪيو ويو هو ته جيئن قرآن ۽ حديث پاڻ ۾ خلط ملط نه ٿي وڃي، تنهنڪري سيرتِ نبويه تي حضرات صحابه ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم جن جي ڪائي تصنيف وجود ۾ نه اچي سگهي. پر حضرت عمر بن عبد العزيز رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جن جي دورِخلافت ۾ جڏهن حديثن لکڻ جو عام سلسلو شروع ٿي ويو ته دورِ تابعين ۾ ”محدثين“ سان گڏوگڏ سيرتِ نبويه جي لکندڙن جو به هڪ طبقو پيدا ٿي پيو.

حضرات صحابه ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم سيرتِ نبويه جي موضوع تي جيتوڻيڪ ڪتاب ته نه لکي سگهيا پر اهي پنهنجي يادداشت تي زباني طور پنهنجي مجلسن، پنهنجي درسگاهن، پنهنجي خطابن ۾ حديث جي احڪام سان گڏوگڏ سيرت نبويه جي باري ۾ به بيان ڪندا رهندا هئا. تنهنڪري حديثن وانگر سيرت جي روايتن جو سرچشمو به صحابه ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم جون مقدس شخصيتون آهن.

بهرحال تابعين جي دور کان وٺي يارهين صديءَ تائين، سيرت جي ڪجهه نامور محدثن ۽ مصنفن جا نالا ملاحظه فرمايو يارهين صديءَ کانپوءِ جي مصنفن کي اسان هن لسٽ ۾ ان ڪري شامل نه ڪيو آهي جو اهي دراصل هنن بزرگن کان ئي فيض وٺندڙ آهن.

1. حضرت عروہ بن زبیر تابعي (متوفي سن ۹۲ ھ)
2. حضرت عامر بن شراحیل امام شعبي (متوفي سن ۱۰۴ ھ)
3. حضرت ابان بن امیرالمؤمنین حضرت عثمان (متوفي ۱۰۵ ھ)
4. حضرت وھب بن منبہ یمني (متوفي سن ۱۱۰ ھ)
5. حضرت عاصم بن عمر بن قتادہ (متوفي سن ۱۲۰ ھ)
6. حضرت شرجیل بن سعد ( متوفي سن ۱۲۳ ھ)
7. حضرت محمد بن شھاب زھري (متوفي سن ۱۲۴ ھ)
8. حضرت اسماعیل بن عبد الرحمٰن سُدّي (متوفي سن ۱۲۷ ھ)
9. حضرت عبد اللہ بن ابو بکر بن حزم (متوفي سن ۱۳۵ ھ)
10. حضرت موسیٰ بن عقبہ (صاحب المغازي) (متوفي سن ۱۴۱ ھ)
11. حضرت معمر بن راشد (متوفي سن ۱۵۰ ھ)
12. حضرت محمد بن اسحاق (صاحب المغازي) ( متوفي سن ۱۵۰ ھ)
13. حضرت زیاد بکائي (متوفي سن ۱۸۳ ھ)
14. حضرت محمد بن عمر واقدي (صاحب المغازي) (متوفي سن ۲۰۷ ھ)
15. حضرت محمد بن سعد (صاحب الطبقات) (متوفي سن ۲۳۰ ھ)
16. حضرت ابو عبد اللہ محمد بن اسماعیل بخاري (مصنف بخاري شریف) (متوفي سن ۲۵٦ ھ)
17. حضرت مسلم بن حجاج قشیري (مصنف مسلم شریف) (متوفي سن ۲٦۱ ھ)
18. حضرت ابو محمد عبد اللہ بن مسلم بن قتیبہ (متوفي سن ۲٦۷ ھ)
19. حضرت ابو داؤد سلیمان بن اشعث سجستاني صاحب السنن (متوفي سن ۲۷۵ ھ)
20. حضرت ابو عیسیٰ محمد بن عیسیٰ ترمذي (متوفي سن ۲۷۹ ھ) (مصنف جامع ترمذي)

21. حضرت ابو عبد الله محمد يزيد بن ماجہ قزويني (متوفي سن ٢٧٣ ھ) (صاحب السنن)

22. حضرت ابو عبد الرحمٰن احمد بن شعيب نسائي (متوفي سن ٣٠٣ ھ) (مصنف سنن نسائي)

23. حضرت محمد بن جرير طبري (صاحب التاريخ) (متوفي سن ٣١٠ ھ)

24. حضرت حافظ عبد الغني بن سعيد امام النسب ( متوفي سن ٣٣٢ ھ)

25. حضرت ابو نعيم احمد بن عبد الله (صاحب الحليہ) (متوفي سن ۴٣٠ ھ)

26. حضرت شيخ الاسلام ابو عمر حافظ ابن عبد البر (متوفي سن ۴٦٣ ھ)

27. حضرت ابو بكر احمد بن حسين بيهقي ( متوفي سن ۴٥٨ ھ)

28. حضرت علامہ قاضي عياض (صاحب الشفاء) (متوفي سن ٥۴۴ ھ)

29. حضرت عبد الرحمٰن بن عبد الله سهيلي (صاحب الروض الانف) (متوفي سن ٥٨١ ھ)

30. حضرت علامہ عبد الرحمٰن ابن الجوزي (صاحب شرف المصطفیٰ) (متوفي سن ٥٩٧ ھ)

31. حضرت امام شرف الدين دمياطي (متوفي سن ٧٠٥ ھ) (صاحب سيرت دمياطي)

32. حضرت ابن سيد الناس بصري (صاحب عيون الاثر) (متوفي سن ٧٣۴ ھ)

33. حضرت حافظ علاؤ الدين مغلطائي (صاحب الاشاره الیٰ سيرة المصطفیٰ) (متوفي سن ٧٦٢ ھ)

34. حضرت علامہ ابن حجر عسقلاني (متوفي سن ٨٥٢ ھ) (شارح بخاري)

35. حضرت علامہ بدر الدين محمود عيني (شارح بخاري) (متوفي سن ٨٥٥ ھ)

36. حضرت ابو الحسن علي بن عبد الله بن احمد سمهودي (صاحب وفاءُ الوفاء) (متوفي سن ٩١١ ھ)

37. حضرت احمد بن محمد ابو بكر قسطلاني (متوفي سن ٩٢٣ هـ) (صاحب مواهبِ لدنيه)

38. حضرت محمد بن يوسف صالحي (صاحب السيرة الشاميه) (متوفي سن ٩٤٢ هـ)

39. حضرت علي بن برهان الدين (صاحب سيرة الحلبيه) (متوفي سن ١٠٤٤ هـ)

40. حضرت شيخ عبد الحق محدث دهلوي (صاحب مدارج النبوة) (متوفي سن ١٠٥٢ هـ)

## سيرت ڇا آهي؟

اڳ جا محدث ۽ فقهاء ”مغازي ۽ سير“ جي عنوان تحت فقط غزوات ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن کي بيان ڪندا هئا پر سيرتِ نبويه جي مصنفن ان عنوان کي ايتري ته وسعت ڏني جو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ولادت باسعادت کان وفاتِ اقدس تائين جي تمام مراحلِ حيات، سندن جي ذات ۽ صفات، سندن جا ڏينهن رات ۽ اهي سيئي شيون جن کي سندن ذات سان واسطو رهيو توڙي اهي انساني زندگي جا معاملا هجن يا نبوت جا معجزا انهن سيني کي ڪتابِ سيرت جا ئي باب، فصل ۽ مسئلا شمار ڪرڻ لڳا. توڙي جو اهي اعلانِ نبوت کان پهريان جا يا بعد جا واقعات هجن ۽ بعد جا سيئي واقعا، يا ڪاشانۂ نبوت کان جبلِ حرا جي غار تائين، جبلِ حرا جي غار کان جبلِ ثور جي غار تائين، حرمِ ڪعبه کان طائف جي بازار تائين، مڪي جي تنبيلن کان شام جي تجارت گاهن تائين، ازواجِ مطهرات رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ جي حجرن جي خلوت کان اسلامي غزوات جي جنگي ميدانن تائين سندن جي حياتِ مقدسه جي هر هر لمحي ۾ سندن جي سيرتِ مقدسه جو سج پنهنجا جلوا لُٽائي رهيو آهي.

اهڙي طرح خلفاءِ راشدين هجن يا ٻيا صحابہ ڪرام، ازواجِ مطهرات هجن يا سندن اولاد مبارڪ، انهن سيني جي زندگيءَ جي ڪتاب تي سيرتِ نبوت جا نقش نگار، گُلن وانگي ٽڙندا، موتين وانگي چمڪندا ۽ ستارن وانگي ٽمٽمائيندا رهن ٿا ۽ اهي سڀ مضمون سيرتِ نبويہ جي "شجرة الخلد" (جنتي وڻ) جون ئي شاخون، پن، گُل ۽ ميوا آهن. والله تعالىٰ اعلم.

## ملڪِ عرب

هي ايشيا ڪنڊ جي ڏکڻ اولهہ ۾ واقع آهي، جڏهن تہ هن ملڪ کي ٽن طرفن کان سمنڊ ۽ چوٽين طرف کان درياءِ فرات جزيره وانگر گهيري رکيو آهي تنهنڪري هن کي "جزيرة العرب" بہ چوندا آهن. هن جي اتر ۾ شام ۽ عراق، اولهہ ۾ بحرِ احمر (بحيره قلزم) جيڪو مڪي معظم کان اولهہ جي طرف تقريباً ستهتر (77) ڪلوميٽر جي فاصلي تي آهي، ڏکڻ ۾ بحرِ هند ۽ اوير ۾ خليجِ عمان ۽ خليجِ فارس واقع آهن. هن ملڪ ۾ زراعت جي لائق زمينون گهٽ آهن ۽ هن جو اڪثر حصو جبلن ۽ ريگستاني علائقن تي مشتمل آهي.

(تاريخ دول العرب والاسلام جلد 1 ص 3)

جاگرافي دانن زمينن جي طبعي بناوٽ جي لحاظ کان هن ملڪ کي اٺن حصن ۾ ورهايو آهي.

(1) حجاز (2) يمن (3) حضرموت (4) مهره

(5) عمان (6) بحرين (7) نجد (8) احقاف

(تاريخ دول العرب والاسلام جلد 1 ص 3)

## حجاز

هي ملڪ جي مغربي حصي ۾ بحرِ احمر (بحيره قلزم) جي ڪناري جي پرسان واقع آهي. حجاز سان مليل سمنڊ جي ڪناري کي جيڪو هيٺاهين ۾ واقع آهي ”تهامہ“ يا ”غور“ (هيٺاهين واري زمين) چوندا آهن ۽ حجاز کان اوپر جي طرف جيڪو ملڪ جو حصو آهي اهو نجد (مٿانهين واري زمين) سڏرائيندو آهي. حجاز جيئن تہ ”تهامہ“ ۽ ”نجد“ جي وچ ۾ واقع ۽ حائل آهي تنهنڪري ملڪ جي هن حصي کي حجاز چوندا آهن.

(تاريخ دول العرب والاسلام جلد 1 ص 4)

حجاز جا هيٺيان علائقا اسلام جي تاريخ ۾ تمام گهڻو مشهور آهن. مڪ مڪرمہ، مدينہ منوره، بدر، احد، خيبر، فدڪ، حنين، طائف، تبوڪ، غديرخم وغيره.

حضرت شعيب عَلَيْهِ السَّلَام جو شهر ”مدين“ تبوڪ جي محاذ ۾ بحرِ احمر جي ڪناري تي واقع آهي. مقامِ حجر ۾ جيڪا وادي القرىٰ آهي، اتي قوم ثمود جا ڳوٺ عذابِ الٰهيءَ جي سبب ابتا ٿي ويا هئا انهن جا آثار اڄان تائين بہ موجود آهن. ”طائف“ حجاز ۾ سڀ کان وڌيڪ ٺڌو ۽ سرسبز مقام آهي، هتان جا ميوا ڏاڍا مشهور آهن.

## مڪ مڪرم

حجاز جو هي مشهور شهر اوپر ۾ ”جبل ابو قبيس“ ۽ اولهہ ۾ جبل ”قعيقعان“ ۾ وڏن جبلن جي وچ ۾ واقع آهي ۽ هن جي چئني طرف ننڍيون ننڍيون ٽڪريون ۽ واريا سي ميدانن جو سلسلو پري پري تائين پکڙيل آهي. هن ئي شهر ۾ حضور

شهنشاهِ ڪونين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ولادت باسعادت ٿي. هن شهر ۾ ان جي اوسي پاسي ۾ مشهور جڳهون آهن جن جا نالا هيٺ ڏنا وڃن ٿا. ڪعبہ معظمہ، صفا مروه، منيٰ، مزدلفہ، عرفات، غارِ حرا، غارِ ثور، جبلِ تنعيم ۽ جعرانہ وغيره.

مڪہ مڪرمہ جي بندرگاهہ ۽ هوائي اڈو "جده" آهي. جيڪو تقريباً چوونجاهہ ڪلوميٽر يا ڪجهہ وڌيڪ مفاصلي تي بحيره قلزم جي ڪناري تي واقع آهي.

مڪہ مڪرمہ ۾ هر سال ذوالحج جي مهيني ۾ سموري دنيا جا مسلمان بحري، هوائي ۽ خشڪيءَ جي رستن ذريعي حج لاءِ ايندا آهن.

## مدينو منور

مڪہ مڪرمہ کان ٿي سو ويهہ ڪلوميٽرن جي فاصلي تي مدينہ منوره آهي، جتي مڪي مڪرمہ کان هجرت ڪري حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف کڻي آيا ۽ ڏهہ سال اتي قيام فرمائي دين جي تبليغ ڪندا رهيا. هن ئي شهر ۾ سندن مزارِ اقدس موجود آهي جيڪا مسجد نبوي جي اندر گنبدِ خضرا جي نالي سان مشهور آهي. مدينہ منوره کان تقريباً ساڍا چار ڪلوميٽر پري "احد" جبل واقع آهي، جتي حق ۽ باطل جي مشهور لڙائي جنگِ احد وڙهي وئي. ان ئي جبل جي دامن ۾ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چاچي حضرت حمزه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جن جي مزار مبارڪ واقع آهي جيڪي جنگِ احد ۾ شهيد ٿيا.

مديني منوره کان تقريباً پنج ڪلوميٽر مفاصلي تي مسجد

”قبا“ آهي، هي اهو ئي مقدس مقام آهي، جتي هجرت کان بعد حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن قيام فرمايو ۽ پنهنجن هٿن مبارڪن سان هن مسجد کي تعمير فرمايو ان کان پوءِ مديني منوره تشريف کڻي آيا ۽ مسجد نبوي جي تعمير فرمائي. مديني منوره جي بندرگاهه ”ينبع“ آهي جيڪا مديني منوره کان هڪ سو سترهن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي بحيره قلزم جي ڪناري تي واقع آهي.

## خاتم النبيين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عرب ۾ ڇو؟

جيڪڏهن اسان عرب کي دنيا جي دائري ۾ ڏسنداسين تہ اهو معلوم ٿيندو تہ الله پاڪ عرب کي ايشيا، يورپ ۽ آفريقا ٽن کنڊن جي وچ ۾ جڳهہ عطا ڪئي آهي. ان مان چڱي طرح اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ جيڪڏهن اسان سموري دنيا جي هدايت واسطي هڪ مرڪز جي چونڊ ڪرڻ چاهيون تہ ملڪ عرب ئي ان لاءِ سڀ کان وڌيڪ مناسب مقام آهي. خصوصاً حضور خاتم النبيين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زماني تي نظر ڦيرائيندا سين تہ اسان اهو چئي سگهون ٿا تہ جڏهن آفريقا، يورپ ۽ ايشيا جي ٽن وڏين سلطنتن جو تعلق ملڪ عرب سان هو تہ ظاهر آهي تہ عرب مان اٿڻ واري آواز کي انهن علائقن ۾ پهچائڻ جا ذريعا بہ بخوبي موجود هئا. شايد اِها ئي اُها حڪمتِ اِلٰهيہ آهي جو الله پاڪ حضور خاتم النبيين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ملڪ عرب ۾ پيدا فرمايو ۽ انهن کي دنيا جي قومن جي هدايت جو ڪم سپرد فرمايو. (والله تعالىٰ اعلم).

## عرب جي سياسي پوزيشن

حضور نبي آخر الزمان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ولادت باسعادت

جي وقت عرب جي سياسي حالت هيءَ هئي جو ڏکڻ واري علائقي تي سلطنتِ حبشہ جو، اوير واري حصي تي سلطنتِ فارس جو ۽ اتريون علائقو سلطنتِ روم جي اوير واري شاخ سلطنتِ قسطنطنيہ جي اثر هيٺ هيو. اندروني طرح ملڪ عرب پنهنجي پَر ۾ آزاد هو پر ان تي قبضو ڪرڻ لاءِ هر ڪا سلطنت ڪوشش ۾ لڳي پئي هئي ۽ اصل ۾ انهن سلطنتن جي پاڻ ۾ اختلافن جي ڪري ئي ملڪ عرب آزاديءَ جي نعمت سان سرشار هيو.

## عرب جي اخلاقي حالت

عرب جي اخلاقي حالت نهايت ئي بگڙيل بلڪ بري کان بري هئي، جهالت انهن ۾ بت پرستيءَ جو بيج وڌو ۽ بت پرستيءَ جي لعنت انهن جي انساني دل ۽ دماغ تي قبضو ڪري کين وهمي بڻائي ڇڏيو هو. اهي فطرت جي مظهر هر شيءِ مثلاً پٿر، چنڊ، سج، دريا وغيره کي پنهنجو معبود سمجهڻ لڳا ۽ پنهنجي ناهيل مٿي ۽ پٿر جي مورتن جي پوڄا ڪرڻ لڳا. عقيدي جي خرابي سان گڏوگڏ انهن جا افعال ۽ اعمال بہ بيحد بگڙي ويا هئا. قتل، ڏاڙا، ڦرون، جوا، شراب نوشي، عورتن کي اغوا ڪرڻ، ڇوڪرين کي جيئري ئي دفن ڪري ڇڏڻ، عياشي، فحش گوئي مطلب تہ اهو ڪهڙو گندو فعل هيو جيڪو انهن جي عادتن ۾ نہ رهيو هو. ننڍا وڏا سڀ گناهن جا پتلا ۽ خطائن جا جبل بڻجي چڪا هئا.

## حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي اولاد

باني ءِ ڪعبہ حضرت ابراهيم خليل الله عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن

جي هڪ فرزند جو نالو مبارڪ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام آهي جيڪي حضرت بيبي حاجره جي بطن (پيٽ) مبارڪ مان پيدا ٿيا هئا، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام انهن کي ۽ انهن جي والده حضرت بيبي حاجره رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي مڪءِ مڪرمہ ۾ اچي آباد ڪيو ۽ عرب جي زمين انهن کي عطا فرمائي.

حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي ٻئي فرزند جو نالو مبارڪ حضرت اسحاق عَلَيْهِ السَّلَام آهي جيڪي حضرت بيبي ساره رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي مبارڪ بطن (پيٽ) مان پيدا ٿيا، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام انهن کي ملڪ شام عطا فرمايو. حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جن جي ٽين گهرواري حضرت قطوره جن جي بطن (پيٽ) مان جيڪا اولاد "مدين" وغيره ٿي انهن کي پاڻ يمن جو علائقو عطا فرمايائون.

## اولادِ حضرت اسماعيل

حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام کي ٻارهن پُٽ پيدا ٿيا ۽ انهن جي اولاد ۾ الله پاڪ ايتري قدر برڪت عطا فرمائي جو اهي تمام جلد سموري عرب ۾ ڦهلجي ويا، ايتري تائين جو اولهہ ۾ مصر جي ويجهو تائين انهن جون آباديون پهچي ويون، ڏکڻ طرف يمن تائين انهن جا خيما پهچي ويا ۽ اتر ۾ انهن جا ڳوٺ ملڪ شام تائين پهچي ويا. حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جن جو هڪ فرزند جنهن جو نالو "قيدار" هو تمام گهڻو مشهور ٿيو، انهن جي اولاد خاص مڪ ۾ ئي آباد رهي، اهي پنهنجي والد صاحب جيان هميشہ ڪعبہ معظمہ جي خدمت ڪندا رهيا جنهن کي دنيا ۾ توحيد جي سڀ کان پهرين درسگاهہ هجڻ جو شرف حاصل آهي.

انهيءَ قيدار جي اولاد ۾ ”عدنان“ نالي نهايت اعليٰ ارادن جو مالڪ هڪ شخص پيدا ٿيو ۽ عدنان جي اولاد ۾ چند پيڙهين ڪانپوءِ ”قصي“ نالي تمام وڏي مان ۽ مرتبي وارو هڪ شخص پيدا ٿيو جن مڪءِ مڪرمہ ۾ گڏيل حڪومت جي بنياد تي سن 440ع ۾ هڪ سلطنت قائم ڪئي ۽ هڪ قومي مجلس (پارليامينٽ) ناهي جيڪا ”دار الندوه“ جي نالي سان مشهور آهي ۽ پنهنجو هڪ قومي جهنڊو ناهيو جنهن کي ”لِواء“ چوندا هئا ۽ هيٺان چار عهدا قائم ڪيا جن جي ذميداري چئن قبيلن جي حوالي ڪئي.

(1) رفادة (2) سقاية (3) حجابة (4) قيادة

”قصي“ ڪانپوءِ انهن جو فرزند ”عبدِ مناف“ انهن جو جانشين ٿيو، تنهن کان بعد انهن جو فرزند ”هاشم“ ۽ ان ڪانپوءِ انهن جو فرزند ”عبد المطلب“ هڪ ٻئي پٺيان جانشين ٿيندا رهيا. ان ئي عبد المطلب جا فرزند عبد الله آهن، جن جا فرزندِ ارجمند اسان جا حضور رحمة للعالمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن. جن جي سيرتِ مقدس لکڻ جو الله پاڪ پنهنجي فضل سان اسان کي شرف عطا ڪيو آهي.

## سيرت النبي پڙهڻ جو طريقو

هن ڪتاب جو مطالعو اوهان ائين نہ ڪيو جيئن عام طور تي ماڻهو ناولن، ڪهاڻين ۽ تاريخي ڪتابن کي لاپرواهيءَ سان پاڪائي، ناپاڪائي جي حالت ۾ پڙهندا رهندا آهن ۽ پڻ پڙهڻ ڪانپوءِ بيدرديءَ سان هِتي هُتي اڇلائي ڇڏيندا آهن، بلڪ توهان اهڙي جذبءِ عقيدت ۽ والهانہ محبت سان ان ڪتاب جو مطالعو ڪيو تہ

هي شهنشاهِ دارين، محبوب رب المشرقين والمغربين جن جي حياتِ طيبہ ۽ انهن جي سيرتِ مقدسہ جو ذڪرِ خير آهي، جيڪو اسان جي ايماني عقيدتن جو مرڪز ۽ اسان جي اسلامي زندگيءَ جو مَحور آهي. هي محبوبِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي انهن قابلِ احترام ادائن جو بيان آهي جنهن جي مٿان ڪائنات جون سموريون عظمتون قربان آهن تنهنڪري هن جي مطالعي وقت اوهان کي ادب ۽ احترام جو پيڪر بڻجي، تعظيم ۽ توقير جي سچي جذبي سان پنهنجي دل ۽ دماغ کي روشن ڪري ان تصور سان هن جي هڪ هڪ سِٽ کي پڙهڻ گهرجي تہ هن جو هڪ هڪ لفظ منهنجي لاءِ پلاين ۽ برڪتن جو خزانو آهي، ڇڻ مان حضور رحمة للعالمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مقدس دربار ۾ موجود آهيان ۽ انهن جي پيارين پيارين ادائن کي ڏسي رهيو آهيان ۽ سندن جي فيضِ صحبت جو نُور حاصل ڪري رهيو آهيان. حضرت ابو ابراهيم تجيبي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمايو آهي تہ ”هر مومن تي اهو واجب آهي تہ جڏهن هو رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ذڪر ڪري يا ان جي سامهون ذڪر ڪيو وڃي تہ پُر سڪون ٿي نيازمندي ۽ عاجزيءَ جو اظهار ڪري ۽ پنهنجي دل ۾ سندن جي عظمت، هيبت ۽ جلال کي ائين سمجهي جڻ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖوَسَلَّم جن سامهون وينا آهن (شفاء ج 2 ص 32)

حضرت علامہ قاضي عياض رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو آهي تہ حضورِ انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي وفاتِ اقدس کان بعد بہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هر امتي تي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم ۽ توقير ايتري ئي لازم آهي جيتري سندن جي حياتِ مبارڪ ۾ هئي. تنهنڪري ئي خليفهءِ بغداد ابو جعفر منصور عباسي جڏهن

مسجد نبوي ۾ اچي زور زور سان ڳالهائڻ لڳو ته حضرت امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان کي دڙڪو ڏنو ته اي امير المومنين! هتي بلند آواز ۾ گفتگو نه ڪريو ڇو ته الله پاڪ قرآن پاڪ ۾ پنهنجي حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربار جو اهو ادب سيکاريو آهي ته:

لَا تَرْفَعُوْٓا اَصْوَاتَكُمْ فَوْقَ صَوْتِ النَّبِيِّ (سيپارو 26، الحجرات: 2)

ترجمو ڪنز الايمان: نبي جي دربار ۾ پنهنجو آواز مٿي نه ڪريو.

”وان حرمته ميتا ڪحرمته حيا“ ۽ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي وفاتِ اقدس کانپوءِ به هر امتيءَ تي حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ايتري ئي تعظيم واجب آهي جيتري حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري زندگيءَ ۾ هئي، اهو ٻڌي خليفو ڊڄي ويو ۽ نرميءَ سان ڳالهائڻ لڳو. (شفاء شريف ج 2 ص 32 ۽ 33)

بهرحال سيرتِ مقدسه جي ڪتابن کي پڙهڻ وقت ادب ۽ احترام لازمي آهي، بهتر هي آهي ته جڏهن پڙهڻ شروع ڪري ته درود شريف پڙهي شروع ڪري جيسيتائين دل لڳل رهي پڙهندو رهي، جڏهن ٿوري به بيچيني محسوس ٿئي ته پڙهڻ بند ڪري ڇڏي ۽ بي توجهي سان هرگز نه پڙهي.

والله تعالیٰ هو الموفق والمعين وصلى الله تعالیٰ عليه وعلیٰ اٰله وصحبه اجمعين

# حضور تاجدارِ دو عالم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

# جي مکي زندگي

محمد وہ کتاب کون کا طغرائے پیشانی
محمد وہ حریم قدس کا شمع شبستانی
مبشر جس کی بعثت کا ظہورِ عیسٰی مریم
مصدق جس کی عظمت کا لب موسٰی عمرانی
(علیہم الصلوٰۃ والسلام)

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَللّٰهُمَّ لَكَ الْحَمْدُ سَرْمَدًا صَلِّ عَلٰى حَبِيْبِكَ الْمُصْطَفٰى وَاٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ اَبَدًا

حَسْبِيْ رَبِّيْ جَلَّ اللّٰه نُوْرِ مُحَمَّدْ صَلَّى اللّٰه

لَا مَقْصُوْدَ اِلاَّ اللّٰه چل میرے خامه! بِسْمِ اللّٰه

## باب پهريون

# خانداني حالتون

## نسب نامو

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو نسب شريف والد ماجد جي طرف كان هي آهي (1) حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (2) بن عبد الله (3) بن عبد المطلب (4) بن هاشم (5) بن عبد مناف (6) بن قصي (7) بن كلاب (8) بن مره (9) بن كعب (10) بن لوي (11) بن غالب (12) بن فهر (13) بن مالك (14) بن نضر (15) بن كنانه (16) بن خزيمه (17) بن مدركه (18) بن الياس (19) بن مضر (20) بن نزار (21) بن معد (22) بن عدنان[1]

(بخاري ج 1، باب مبعث النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

۽ والده ماجده جي طرف كان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو نسبي شجرو هي آهي (1) حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (2) بن آمنه (3) بنت وهب (4) بن عبد مناف (5) بن زهره (6) بن كلاب

---

1. صحيح البخاري، كتاب مناقب الانصار، باب مبعث النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ج 2، ص 273 )

(7) بن مره[1] حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي والدين جو نسب نامو "ڪلاب بن مره" تي ملي وڃي ٿو ۽ اڳيان هلي ٻئي سلسلا هڪ ٿي ويندا آهن. "عدنان" تائين حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نسب نامو صحيح سنَدَن سان تاريخدانن جي اتفاق سان صحيح ثابت آهي ان کان پوءِ نالن ۾ تمام گهڻو اختلاف آهي ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن به پنهنجو نسب نامو بيان ڪندا هئا ته "عدنان" تائين ئي ذڪر فرمائيندا هئا. (ڪرماني، حاشيه بخاري جي حوالي سان ج 1، ص 543)

پر ان تي سيني مؤرخن جو اتفاق آهي ته "عدنان" حضرت اسمٰعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي اولاد مان آهن ۽ حضرت اسمٰعيل عَلَيْهِ السَّلَام حضرت ابراهيم خليل الله عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جا فرزندِ ارجمند (عزت وارا فرزند) آهن.

## خاندااني شرافت

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو خاندان ۽ نسب بزرگي ۽ شرافت ۾ دنيا جي تمام خاندانن کان اشرف ۽ اعلٰي آهي ۽ هيءَ اُها حقيقت آهي جنهن کان پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا بدترين دشمن (مڪي جا ڪافر) به ڪڏهن ان جو انڪار نه ڪري سگهيا. تڏهن ئي ته حضرت ابو سفيان جڏهن هو ڪفر جي حالت ۾ هئا روم جي بادشاهه هرقل جي ڀريل دربار ۾ ان حقيقت جو اقرار ڪيو ته "هو فينا ذو نسب" يعني نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم "اعلٰي خاندان" مان آهن.[2] (بخاري ج 1 ،ص 4)

---

[1] السيرة النبوية لابن هشام، اولاد عبد المطلب، ص 48

[2] صحيح البخاري، كتاب بدء الوحي، باب 6، ج1، ص 10 مفصلاً

جيتوڻيڪ اهي ان وقت رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا بد ترين دشمن هئا ۽ چاهيندا هئا تہ ٿورو بہ ڪو موقعو ملي تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذات پاڪ تي ڪو عيب لڳائي روم جي بادشاهہ جي نظرن ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو وقار ڪيرائي ڇڏن.

مسلم شريف جي روايت آهي تہ الله تعاليٰ حضرت اسمٰعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي اولاد مان "ڪنانہ" اعليٰ مرتبي وارو بڻايو ۽ "ڪنانہ" مان "قريش" ڪي، "قريش" مان "بني هاشم" ڪي، ۽ "بني هاشم" مان مون ڪي چونڊي ورتو[1]. (مشكوة فضائل سيد المرسلين)

بهرحال اها هڪ تسليم شده حقيقت آهي تہ

لَهُ النَّسْبُ الْعَالِيْ فَلَيْسَ كَمِثْلِهٖ
حَسِيْبٌ نَسِيْبٌ مُنْعَمٌ مُتَكَرِّمٌ

**ترجمو:** يعني حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو خاندان ايتري قدر مان ۽ مرتبي وارو آهي جو ڪو بہ حسب ۽ نسب وارو نعمت ۽ بزرگي وارو حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مثل نہ آهي.

## قريش

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خاندانِ نبوت ۾ سيئي حضرات پنهنجي طرح طرح جي خاصيتن جي ڪري وڏا نامور آهن پر ڪجهہ هستيون اهڙيون آهن جيڪي آسمان تي چنڊ ۽ تارا

[1] صحيح مسلم، كتاب الفضائل، باب فضل نسب النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ...الخ، الحديث 2276 ص1249

بڻجي چمڪيا انهن با ڪمالن مان ”فهر بن مالڪ“ بہ آهن انهن جو لقب ”قريش“ آهي ۽ انهن جي اولاد ”قريشي“ يا ”قريش“ سڏبي آهي.

”فهر بن مالڪ“ کي قريش ان ڪري چيو ويندو آهي جو ”قريش“ سمنڊ جي هڪ جانور جو نالو آهي جيڪو تمام طاقتور هوندو آهي ۽ سمنڊ جي جانورن کي کائي ڇڏيندو آهي هي سيني جانورن تي هميشہ غالب رهندو آهي ڪڏهن بہ مغلوب ناهي ٿيندو. جيئن تہ ”فهر بن مالڪ“ پنهنجي شجاعت ۽ طاقت جي ڪري عرب جي تمام قبيلن تي غالب هئا انهيءَ ڪري اهلِ عرب ان کي قريش جي لقب سان سڏڻ لڳا. تنهنڪري ئي تہ ان جي باري ۾ ”شمرخ بن عمرو حميري“ جو هي شعر تمام مشهور آهي

وَ قُرَيْشٌ هِيَ الَّتِيْ تَسْكُنُ الْبَحْرَ بِهَا سُمِّيَتْ قُرَيْشٌ قُرَيْشًا

**ترجمو:** يعني ”قريش“ هڪ جانور آهي جيڪو سمنڊ ۾ رهندو آهي. انهيءَ جي نالي تي قريش جي قبيلي جو نالو ”قريش“ رکيو ويو[1] (زرقاني علي المواهب ج 1 ص 76)

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ماءُ پيءُ بنهي جو نسب ”فهر بن مالڪ“ سان ملي ٿو تنهنڪري حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماءُ پيءُ بنهي جي طرف کان ”قريشي“ آهن.

## هاشم

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا پڙ ڏاڏا ”هاشم“ وڏي شان ۽

[1] شرح الزرقاني علي المواهب،المقصد الاول في تشريف الله تعالىٰ ...الخ، ج 1، ص 144

شوڪت جا مالڪ هئا. انهن جو اصلي نالو ”عمرو“ هو. هو تمام گهڻا بهادر، بي حد سخي، ۽ اعليٰ درجي جا مهمان نواز هئا هڪ سال عرب ۾ تمام سخت ڏُڪار پيو ۽ ماڻهو ڪَٽي ڪَٽي جا محتاج ٿي ويا تہ هي (هاشم) شام ملڪ مان سڪل مانيون خريد ڪري حج جي ڏينهن ۾ مڪي پهتا ۽ مانين کي پوري اُٺ جي گوشت جي رَسُ ۾ ڪُٽِي ناهي تمام حاجين کي پيٽ ڀري کارايو. ان ڏينهن کان ماڻهو انهن کي ”هاشم“ (مانين کي پورا ڪرڻ وارو) چوڻ لڳا[1]. (مدارج النبوة ج2 ص8)

جيئن تہ هاشم ”عبد مناف“ جي سيني پُٽن ۾ وڏا ۽ با صلاحيت هئا ان ڪري عبد مناف کان پوءِ ڪعبي جا متولي ۽ سجاده نشين ٿيا حد کان وڌيڪ حسِين ۽ خوبصورت هئا جڏهن جوان ٿيا تہ انهن جي شادي مديني ۾ خزرج قبيلي جي هڪ سردار عمرو جي ڌِيءُ سان ٿي جنهن جو نالو ”سلمٰي“ هو ۽ هاشم جا فرزند ”عبد المطلب“ مديني ۾ ئي پيدا ٿيا. جيئن تہ هاشم پنجويهن سالن جي عمر ۾ شام ملڪ جي رستي ۾ ”غزه“ جي مقام تي وفات ڪري ويا ان ڪري عبد المطلب مديني ۾ ئي پنهنجي ناناڻي گهر پليا، ۽ جڏهن ستن يا اٺن سالن جا ٿي ويا تہ مڪي اچي پنهنجي خاندان وارن سان گڏ رهڻ لڳا.

## عبد المطلب

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏاڏي ”عبد المطلب“ جو اصلي نالو ”شيبہ“ آهي. هي وڏا نيڪ، عابد ۽ زاهد هئا ”غارِ حرا“

[1] مدارج النبوت، قسم اول، باب اول، ج. 2، ص. 8، وشرح الزرقاني علي المواهب، المقصد الاول في تشريف الله تعاليٰ ....الخ ج1، ص 138

۾ ماني پاڻي گڏ ڪٽي وڃي ڪيترن ئي ڏينهن تائين لڳاتار الله پاڪ جي عبادت ۾ مصروف رهندا هئا رمضان شريف جي مهيني ۾ اڪثر غار حرا ۾ اعتڪاف ڪندا هئا ۽ الله پاڪ جي ياد ۾ گوشه نشين رهندا هئا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نورِ نبوت انهن جي پيشاني ۾ چمڪندو رهندو هو ۽ انهن جي جسم مان مشڪ جي خوشبو ايندي رهندي هئي اهلِ عرب خاص ڪري قريش کي سندن سان وڏي عقيدت هئي. مڪي وارن تي جڏهن ڪا مصيبت ايندي هئي يا ڏڪار پئجي ويندو هو تہ ماڻهو عبد المطلب کي ساڻ ڪري جبل تي چڙهي ويندا هئا ۽ بارگاهِ خداوندي ۾ انهن کي وسيلو بڻائي دعا گهرندا هئا تہ دعا قبول ٿي ويندي هئي. ماڻهن کي نياڻيون زندهہ دفن ڪرڻ کان سختيءَ سان منع ڪندا هئا ۽ چور جو هٿ ڪٽي ڇڏيندا هئا. پنهنجي دسترخوان تان پکين کي بہ کارائيندا هئا انهيءَ ڪري انهن جو لقب ”مطعم الطير“ (پکين کي کارائڻ وارو) آهي شراب ۽ زنا کي حرام ڄاڻندا هئا ۽ عقيدي جي لحاظ کان ”موحد (خدا کي هڪ مڃيندڙ)“ هئا. ”زمزم شريف“ جو کوهہ جيڪو بلڪل بند ٿي چڪو هو پاڻ ان کي نئين سِر کوٽائي صحيح ڪيو ۽ ماڻهن کي آب زمزم سان سيراب ڪيو. پاڻ بہ ڪعبي جا متولي ۽ سجاده نشين ٿيا. اصحاب فيل جو واقعو سندن جي ئي وقت ۾ پيش آيو. هڪ سو ويهہ سالن جي عمر ۾ سندن جي وفات ٿي.[1]

(زرقاني علي المواهب ج 1، ص. 72)

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، المقصد الاول في تشريف الله تعالىٰ.....الخ، ج 1، ص 135 - 138 مختصراً والمواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، المقصد الاول في تشريف الله تعالىٰ ...الخ، ج 1، ص 155

## اصحابِ فيل جو واقعو

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پيدائش کان صرف پنجونجاهه ڏينهن اڳ يمن جو بادشاهه ”ابرهه“ هاٿين جي فوج وٺي ڪعبي کي ڊاهڻ لاءِ مڪي تي حملو ڪيو ان جو سبب هي هو تہ ”ابرهه“ يمن جي گاديءَ واري هنڌ ”صنعاء“ ۾ هڪ تمام شاندار ۽ عاليشان ”گرجا گهر“ ٺهرايو هو ۽ هيءَ ڪوشش ڪرڻ لڳو تہ عرب جا ماڻهو خانہ ڪعبہ کي ڇڏي يمن اچي ان گرجا گهر جو حج ڪن. جڏهن مڪي وارن کي اها خبر پئي تہ ”ڪنانہ“ قبيلي جو هڪ شخص سخت ڪاوڙ ۾ ڀرجي ويو ۽ يمن وڃي اتان جي گرجا گهر ۾ گندگي ڪري ان کي نجاست سان آلوده ڪري ڇڏيو. جڏهن ابرهہ اهو واقعو ٻڌو تہ ڪاوڙ ۾ بي قابو ٿي ويو ۽ خانہ ڪعبہ کي ڊاهڻ جي لاءِ هاٿين جي فوج وٺي مڪي تي حملو ڪري ڏنو ۽ ان جي فوج جي اڳين دستي (حصي) مڪي وارن جي تمام اٺن ۽ ٻين جانورن کي ڦري ورتو ان ۾ ٻہ سئو يا چار سئو اٺ عبد المطلب جا ٻہ هئا.[1] (زرقاني، ج 1، ص 85)

عبد المطلب کي ان واقعي کان گهڻو ڏک پهتو، تنهنڪري پاڻ ڳالهہ ٻولهہ جي سلسلي ۾ ان جي لشڪر ۾ تشريف وٺي ويا جڏهن ابرهہ کي معلوم ٿيو تہ قريش جو سردار ان سان ملاقات لاءِ آيو آهي تہ ابرهہ کين پنهنجي خيمي ۾ گهرايو ۽ جڏهن عبد المطلب کي ڏٺو تہ هڪ وڏي قد وارو، رعب دار، ۽ نهايت ئي حسين ۽ جميل ماڻهو آهي جنهن جي پيشاني تي نبوت جو نور چمڪي

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، المقصد الاول عام الفيل وقصة ابرهة. ج 1، ص 155 ـ 158 ملتقطاً

رهيو آهي تہ صورت ڏسندي ئي ابرهہ رعب ۾ اچي ويو ۽ بي اختيار تخت شاهي تان لهي سندن تعظيم ۽ تڪريم جي لاءِ اُٿي بيهي رهيو ۽ پاڻ سان گڏ ويهاري پڇيو تہ چئو، قريشن جا سردار! هتي توهان جي تشريف آوري جو مقصد ڇا آهي؟ عبد المطلب جواب ڏنو تہ اسان جا اُٺ ۽ ٻڪريون وغيره جيڪي توهان جي لشڪر جا سپاهي ڪاهي آيا آهن توهان انهن سيني جانورن کي اسان جي حوالي ڪري ڇڏيو. اهو ٻڌي ابرهہ چيو تہ اي قريش جا سردار! مون سمجهيو هو تہ توهان تمام ئي حوصلي مند ۽ شاندار ماڻهو آهيو. پر توهان مون کان اُنن جو سوال ڪري منهنجي نظرن ۾ پنهنجو وقار گهٽ ڪري ڇڏيو. اُٺ ۽ ٻڪريءَ جي حيثيت ئي ڇا آهي؟ آئون تہ توهان جي ڪعبي کي ٽوڙڻ ۽ ڀڃڻ جي لاءِ آيو آهيان، توهان ان باري ۾ ڪا بہ ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪئي. عبد المطلب چيو تہ مون کي تہ پنهنجي اٿن سان مطلب آهي ڪعبو منهنجو گهر نہ آهي پر اهو خدا جو گهر آهي. اهو پاڻ پنهنجي گهر کي بچائي وٺندو، مونکي ڪعبي جو ذري برابر بہ فڪر نہ آهي.[1] اهو ٻڌي ابرهہ پنهنجي فرعوني لهجي ۾ چوڻ لڳو تہ اي مڪي جا سردار! ٻڌي ڇڏ! آئون ڪعبي کي ڊاهي پَٽُ ڪري ڇڏيندس ۽ رُوءِ زمين تان ان جو نالو نشان بہ مِٽائي ڇڏيندس، ڇو تہ مڪي وارن منهنجي گِرجا گهر جي وڏي بي حرمتي ڪئي آهي ان ڪري آئون ان جو بدلو وٺڻ جي لاءِ ڪعبي کي ڊاهڻ ضروري سمجهان ٿو عبد المطلب فرمايو تہ پوءِ توهان ڇاڻو ۽ خدا ڇاڻي. آءُ تو کي شفارش ڪرڻ وارو ڪير آهيان؟ ان ڳالهہ ٻولهہ کان پوءِ ابرهہ تمام جانورن کي واپس ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ عبد

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، المقصد الاول، عام الفيل وقصة ابرهة، ج، 1، ص 161 ملخصاً

المطلب تمام اُنن ۽ ٻڪرين کي ڪاهي پنهنجي گهر هليو آيو ۽ مڪي وارن کي فرمايائون ته توهان پنهنجي پنهنجي مال کي ڪاهي مڪي کان ٻاهر نڪري وڃو ۽ جبلن جي چوٽين تي چڙهي غارن ۾ لڪي پناهه وٺو مڪي وارن کي اهو چئي پوءِ پنهنجي خاندان جي ڪجهه ماڻهن کي ساڻ وٺي خانه ڪعبه ۾ ويو ۽ دروازي کي پڪڙي تمام بي قراري سان ڳوڙها ڳاڙيندي الله تعالٰي جي بارگاهه ۾ هيئن دعا گهرڻ لڳا ته

لَاهُمَّ اِنَّ الْمَرْءَ يَمْنَعُ رَحْلَهٗ فَامْنَعْ رِحَالَكَ وَانْصُرْ عَلٰى اٰلِ الصَّلِيْبِ وَعَابِدِيْهِ اَلْيَوْمَ اٰلَكَ

ترجمو: اي الله! بيشڪ هر شخص پنهنجي پنهنجي گهر جي حفاظت ڪندو آهي. تنهنڪري تون به پنهنجي گهر جي حفاظت فرماءِ، صليب وارن ۽ صليب جي پڄارين (عيسائين) جي مقابلي ۾ پنهنجي اطاعت ڪرڻ وارن جي مدد فرماءِ.

عبد المطلب اها دعا گهري ۽ پنهنجي خاندان وارن کي وٺي جبل جي چوٽي تي چڙهي ويا ۽ خدا جي قدرت جو جلوو ڏسڻ لڳا.[1]

ابرهه جڏهن صبح جو ڪعبو ڊاهڻ جي لاءِ پنهنجي لشڪرِ جرار ۽ هاٿين جي قطار سان اڳتي وڌيو ۽ مقام "مغمس" ۾ پُهتو ته خود ان جو هاٿي جنهن جو نالو "محمود" هو هڪ دم ويهي رهيو. پوءِ ان کي ڪيترو ئي ماريو ويو ۽ بار بار هڪليو ويو پر هاٿي نه اُٿيو.[2] انهيءَ حالت ۾ قهرِ الٰهي ابابيلن جي شڪل ۾ ظاهر ٿيو. ۽ ننڍين ننڍين پکين جي ولرن جا ولر جن جي چُهنبن ۽ پيرن ۾ ٽي ٽي پٿريون هيون سمنڊ جي طرف کان حرمِ ڪعبه

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، المقصد الاول عام الفيل وقصة ابرهة، ج 1، ص 157
[2] شرح الزرقاني علي المواهب، المقصد الاول عام الفيل وقصة ابرهة، ج 1 ص 162 ملخصاً

ڏانهن اچڻ لڳا. ابابيلن جي ان پياري لشڪر ابرهه جي فوج تي اهڙي ته زور سان پٿر وسائڻ شروع ڪري ڏنا جو ٿوري دير ۾ ئي ابرهه جي لشڪر ۽ ان جي هاٿين جا پُرزا پُرزا ٿي ويا. ابابيلن جو پٿر وسائڻ خداوندِ قهار ۽ جبار جي قهر ۽ غضب جي اهڙي مارَ هئي جو جڏهن ڪا پٿري ڪنهن هاٿي سوار جي مٿي تي لڳندي هئي ته اها ان ماڻهو جي بدن کي چيريندي هاٿين جي بدن مان پار ٿي ويندي هئي. ابرهه جي فوج جو هڪ ماڻهو به زندهه نه بچيو ۽ سڀ جا سڀ ابرهه ۽ ان جي هاٿين سميت ايئن هلاڪ ۽ برباد ٿي ويا جو انهن جي جسمن جون ٻوٽيون ٽڪرا ٽڪرا ٿي زمين تي پڪيڙجي ويون. قرآن مجيد جي "سورة الفيل" ۾ خداوند قدوس ان واقعي جو ذڪر ڪندي ارشاد فرمايو ته:

اَلَمْ تَرَ كَيْفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِاَصْحٰبِ الْفِيْلِ ﴿۱﴾ اَلَمْ يَجْعَلْ كَيْدَهُمْ فِيْ تَضْلِيْلٍ ﴿۲﴾ وَّ اَرْسَلَ عَلَيْهِمْ طَيْرًا اَبَابِيْلَ ﴿۳﴾ تَرْمِيْهِمْ بِحِجَارَةٍ مِّنْ سِجِّيْلٍ ﴿۴﴾ فَجَعَلَهُمْ كَعَصْفٍ مَّاْكُوْلٍ ﴿۵﴾

(پاره 30، الفيل: 1-5)

ترجمو ڪنز الايمان: يعني (اي محبوب) ڇا توهان نه ڏٺو ته توهان جي رب انهن هاٿين وارن جو ڪهڙو حال ڪري ڇڏيو ڇا انهن جي سازش کي تباهي ۾ نه ڪري وڌائين. ۽ انهن تي پکين جون ٽوليون موڪليائين ته جيئن انهن کي ڪنڪريٽ جي پٿرين سان مارين پوءِ انهن کي چپاڙيل گاهه وانگر ڪري رکيائين.

جڏهن ابرهه ۽ ان جي لشڪر جو اهو انجام ٿيو ته عبد المطلب جبل تان هيٺ لٿو ۽ خدا جو شڪر ادا ڪيائين. انهن جي انهيءَ ڪرامت جو پري پري تائين هُل مچي ويو ۽ تمام اهلِ

عرب انهن کي هڪ الله واري جي حيثيت سان قابل احترام سمجهڻ لڳا[1].

## حضرت عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنْهُ

هي اسان جي حضور رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا والد ماجد آهن. هي عبد المطلب جي سيني پُٽن مان سيني کان گهڻا پيءُ جا لاڏلا ۽ پيارا هئا ڇو تہ انهن جي پيشاني ۾ نورِ محمدي پنهنجي پوري شان ۽ شوڪت سان چمڪي رهيو هو. ان ڪري حسن ۽ خوبي جا پيڪر، جميل صورت ۽ ڪمالِ سيرت جا نمونا، ۽ پاڪدامني ۾ بي مثال هئا. قريش قبيلي جون تمام حسين عورتون انهن جي حسن ۽ جمال تي فريفتہ (عاشق) ۽ انهن سان شادي ڪرڻ جون خواهشمند هيون. پر عبد المطلب انهن جي لاءِ هڪ اهڙي عورت جي تلاش ۾ هئا جيڪا حسن ۽ جمال سان گڏو گڏ حسب نسب، شرافت ۽ پاڪدامني ۾ بہ ممتاز هجي. عجيب اتفاق جو هڪ ڏينهن عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنْهُ شڪار جي لاءِ جهنگ ۾ تشريف ڪڍي ويا تہ ملڪ شام جا يهودي ڪجهہ علامتن مان سڃاڻي ويا تہ نبي آخر الزمان جا والد ماجد هي ئي آهن. تنهنڪري انهن يهودين حضرت عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي ڪئي ڀيرا قتل ڪرڻ جي تمام گهڻي ڪوشش ڪئي. هن ڀيري بہ يهودين جي هڪ وڏي جماعت هٿيار کڻي ان نيت سان جهنگ ۾ وئي تہ حضرت عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي اڪيلائيءَ ۾ ڏوڪي سان قتل ڪيو وڃي پر الله تعالٰي هن ڀيري بہ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان کين بچائي ورتو عالَمِ غيب مان هڪ اهڙي فوج ظاهر ٿي جيڪا هن دنيا

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، المقصد الاول، عام الفيل وقضة ابرهة، ج 1. ص 164

جي ماڻهن سان ڪا بہ مشابهت رکندڙ نہ هئي، ان فوج اچي يهودين کي ماري ڇڏيو ۽ حضرت عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي حفاظت سان انهن جي گهر تائين پهچايو. ”وهب بن مناف“ بہ ان ڏينهن جهنگ ۾ هئا ۽ انهن اِهو سڀ ڪجهہ پنهنجي اکين سان ڏٺو، انهيءَ ڪري انهن کي حضرت عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سان تمام گهڻي محبت ۽ عقيدت پيدا ٿي وئي ۽ گهر اچي اهو پڪو عزم ڪري ڇڏيو تہ آئون پنهنجي نورِ نظر حضرت آمنہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي شادي حضرت عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سان ئي ڪندس. تنهنڪري پنهنجي دلي آرزو کي پنهنجي ڪجهہ دوستن جي ذريعي انهن عبد المطلب تائين پهچائي ڇڏيو. خدا جو شان جو عبد المطلب پنهنجي نورِ نظر حضرت عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي لاءِ جهڙي ڪنوار جي تلاش ۾ هئا، اهي سڀ خوبيون حضرت بيبي آمنہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ۾ موجود هيون عبد المطلب ان رشتي کي خوشيءَ سان قبول ڪري ورتو. چوويهن سالن جي عمر ۾ حضرت عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو حضرت بيبي آمنہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا سان نڪاح ٿي ويو ۽ نورِ محمدي حضرت عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنْهُ مان منتقل ٿي حضرت بيبي آمنہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي شڪمِ اَطهر (يعني پيٽ مبارڪ) ۾ ظاهر ٿي ويو ۽ جڏهن حمل شريف کي بہ مهينا پورا ٿي ويا تہ عبد المطلب حضرت عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي ڪتلون (ڪجورون) ونڻ جي لاءِ مديني موڪليو يا تجارت جي لاءِ ملڪ شام روانو ڪيو اتان کان واپس ايندي مديني ۾ پنهنجي والد جي ناناڻن ”بنو عدي بن نجار“ ۾ هڪ مهينو بيمار رهي پنجويهہ سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويا ۽ اتي ”دارِ نابغہ“ ۾ دفن ٿيا.[1] (زرقاني علي المواهب ج1، ص 101 ومدارج جلد 2 ص 14)

---

[1] مدارج النبوت، قسم دوم، باب اول،ج2، ص 12 - 14، ملتقطاً

قافلي وارن جڏهن مڪي ۾ واپس اچي عبد المطلب کي حضرت عبد الله رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي بيماري جو حال ٻڌايو تہ انهن خبرچار وٺڻ جي لاءِ پنهنجي سڀ کان وڏي پٽ ”حارث“ کي مديني موڪليو ان جي مديني پهچڻ کان اڳ ۾ ئي حضرت عبد الله رَضِیَ اللهُ عَنْهُ وفات ڪري چڪا هئا حارث مڪي واپس اچي جڏهن وفات جي خبر ٻڌائي تہ سڄي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ بنو هاشم جي هر گهر ۾ ماتم ٿي ويو خود حضرت آمنہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا پنهنجي مرحوم مڙس جو اهڙو درد ڀريو مرثيو (وفات تي چيل اهو نظم جنهن ۾ فوت ٿيڻ واري جون صفتون بيان ڪيل هجن) چيو آهي جنهن کي ٻڌي اڄ بہ دل درد سان ڀرجي ويندي آهي روايت ۾ آهي تہ حضرت عبد الله رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي وفات تي فرشتن غمگين ٿي ڪري حسرت سان هي چيو تہ الٰهي! تنهنجو نبي يتيم ٿي ويو. حضرتِ حق فرمايو: ڇا ٿي پيو؟ آئون ان جو حامي ۽ نگهبان آهيان.[1] (مدارج النبوة ج2 ص14)

حضرت عبد الله رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي ملڪيت ۾ هڪ ٻانهي ”اُمِ ايمن“ جنهن جو نالو ”برڪہ“ هو ۽ ڪجهہ اُٺ ۽ ڪجهہ ٻڪريون هيون، اهو سڀ ڪجهہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ورثي ۾ مليو ”اُمِ ايمن“ ننڍپڻ ۾ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو خيال رکندي هئي کارائيندي پيارينديءَ، ڪپڙا پارائيندي ۽ پرورش جون تمام ضرورتون پوريون ڪندي هئي ان ڪري حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڄي زندگي ”اُمِ اَيمن“ جي دل جوئي فرمائيندا رهيا ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُمِ اَيمن جو نڪاح پنهنجي پياري غلام حضرت زيد بن حارثہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ سان ڪري

[1] مدارج النبوت، قسم دوم، باب اول، ج2 ص 14

چڏيو، ۽ انهن ٻنهي زال مڙس کي حضرت اسامہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جهڙو پٽ عطا ٿيو.[1] (عام کتب سير)

## حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي والدين رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا جو ايمان

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي والدين ڪريمين رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا جي باري ۾ عالمن جو اختلاف آهي تہ ٻئي مؤمن هئا يا نہ؟ ڪجهہ عالم انهن ٻنهي کي مؤمن نٿا مڃن ۽ ڪجهہ عالم ان مسئلي ۾ خاموش رهيا ۽ فرمايائون تہ انهن ٻنهي کي مومن يا ڪافر چوڻ ڪان زبان کي روڪيو وڃي ۽ ان جو علم الله پاڪ! جي حوالي ڪرڻ گهرجي پر اهلسنت جي محقق عالمن: امام جلال الدين سيوطي ۽ علامہ ابن حجر هيتمي ۽ امام قرطبي ۽ حافظ الشام ابن ناصر الدين ۽ حافظ شمس الدين دمشقي ۽ قاضي ابو بڪر ابن العربي مالڪي ۽ شيخ عبد الحق محدث دهلوي ۽ صاحب الاڪليل مولانا عبد الحق مهاجر مدني وغيره رَحِمَهُمُ اللّٰهُ جو اهو ئي عقيدو ۽ چوڻ آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ماءُ پيءُ ٻئي يقيناً مؤمن هئا جڏهن تہ ان باري ۾ حضرت عبد الحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ارشاد آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي والدين رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کي مؤمن نہ مڃڻ اهو پهرين جي عالمن جو مسلڪ آهي پر هاڻي جي عالِمن تحقيق سان ان مسئلي کي ثابت ڪيو آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا والدين رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا بلڪ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا تمام ابا ۽ ڏاڏا حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام تائين سڀ جا سڀ مؤمن هئا ۽ انهن حضرات جي ايمان کي ثابت ڪرڻ ۾ هينئر جي عالِمن جا ٽي طريقا آهن.

---

[1] الاستيعاب، كتاب النساء وكناهن، باب الباء، ج 4، ص 356، و دلائل النبوة للبيهقي، باب ذكر رضاع النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مرضعته .....الخ، ج1، ص150

پهريون: هي ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا والدين ابا ۽ ڏاڏا سڀ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي دين تي هئا تنهنڪري مؤمن ٿيا.

ٻيو: هي ته اهي تمام هستيون حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اعلانِ نبوت کان پهريان ئي اهڙي زماني ۾ وفات ڪري ويا جيڪو زمانو "فترت" سڏبو آهي ۽ انهن تائين حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دعوتِ ايمان پُهتي ئي نه هئي تنهنڪري هرگز هرگز انهن هستين کي ڪافر نٿو چئي سگهجي انهن کي مؤمن ئي چيو ويندو

ٽيون: هي ته الله تعاليٰ انهن هستين کي زندهه فرمائي سندن قبرن مان اٿاريو ۽ انهن ڪلمو پڙهي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تصديق ڪئي ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي والدين رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کي زندهه ڪرڻ واري حديث بذات خود ضعيف آهي پر ان جون سَنَدون ايتري قدر گهٽيون آهن جو هيءَ حديث "صحيح" ۽ "حسن" جي درجي تي پهچي وئي آهي.

۽ هي اهو علم آهي جيڪو پهرين وارن عالمن تي ظاهر نه ٿيو هو جنهن کي حق تعاليٰ بعد وارن عالمن تي ظاهر فرمايو ۽ الله تعاليٰ جنهن کي چاهيندو آهي پنهنجي فضل ۽ رحمت سان خاص فرمائي ڇڏيندو آهي ۽ شيخ جلال الدين سيوطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان مسئلي تي ڪجهه رسالا لکيا آهن ۽ ان مسئلي کي دليلن سان ثابت ڪيو آهي ۽ مخالفن جي شبهن جو جواب ڏنو آهي.[1]

(اشعته اللمعات جلد اول ص718)

اهڙي طرح خاتمة المفسرين حضرت شيخ اسمٰعيل حقي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

[1] اشعة اللمعات، كتاب الجنائز، باب زيارت القبور، الفصل الاول، ج 1 ص 765

جو بيان آهي تہ امام قرطبي پنهنجي ڪتاب ”تذڪره“ ۾ لکيو تہ حضرت عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا فرمايو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن ”حجَّة الوَداع“ ۾ اسان کي گڏ وٺي نڪتا ۽ ”حجون“ جي گهاٽي وٽان گذريا تہ ڏک ۽ صدمي ۾ روئڻ لڳا ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي روئيندو ڏسي آئون بہ روئڻ لڳس. پوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ڏاڍيءَ تان لهي پيا ۽ ڪجهہ دير کان پوءِ مون وٽ واپس آيا تہ خوشي وچان مسڪرائيندي آيا. مون عرض ڪيو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان تي منهنجا ماءُ پيءُ قربان ڇا ڳالهہ آهي؟ جو اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏک ۽ صدمي ۾ پنهنجي ڏاڍيءَ تان هيٺ لٿا ۽ واپس موٽيا تہ خوش ۽ مسڪرائيندي تشريف فرما ٿيا ان تي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو تہ آئون پنهنجي والده حضرت آمنہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي قبر جي زيارت جي لاءِ ويو هئس ۽ مون الله تعالٰي کان سوال ڪيو تہ هو انهن کي زندهہ ڪري تہ خداوند تعاليٰ انهن کي زندهہ فرمائي ڇڏيو ۽ انهن ايمان آندو[1] ۽ ”الاشباه والنظائر“ ۾ آهي تہ هر اهو شخص جيڪو ڪفر جي حالت ۾ مري ويو هجي ان تي لعنت ڪرڻ جائز آهي سواءِ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي والدين رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا جي. ڇو تہ ان ڳالهہ جو ثبوت موجود آهي تہ الله تعاليٰ انهن ٻنهي کي زندهہ فرمايو ۽ انهن ٻنهي ايمان آندو[2]

اهو بہ ذڪر ڪيو ويو آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ماءُ پيءُ رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا جي قبرن وٽ رُنا ۽ هڪ سڪل وڻ زمين ۾

---

[1] روح البيان سورة البقرة تحت الاية:119، ج 1، ص 217

[2] الاشباه والنظائر، كتاب الحظر والا باحة، ص 248

لڳايو، ۽ فرمايو تہ جيڪڏهن هي وڻ سائو ٿي ويو تہ ان ڳالهہ جي علامت هوندي تہ انهن ٻنهي جو ايمان آڻڻ ممڪن آهي. پوءِ اهو وڻ سائو ٿي ويو پوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دعا جي برڪت سان ٻنهي پنهنجي پنهنجي قبرن مان نڪري اسلام آندو ۽ پوءِ پنهنجي پنهنجي قبرن ۾ تشريف ڪٽي ويا ۽ انهن ٻنهي جو زندهہ هئڻ، ۽ ايمان آڻڻ نہ عقلي طور محال آهي ۽ نہ شرعي طور، ڇو تہ قرآن شريف مان ثابت آهي تہ بني اسرائيل جي مقتول زندهہ ٿي پنهنجي قاتل جو نالو ٻڌايو اهڙي طرح حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي هٿ مبارڪ سان بہ ڪجهہ مڙدا زندهہ ٿيا[1]. جڏهن اهي سڀ ڳالهيون ثابت آهن تہ پوءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي والدين رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جو زندهہ ٿي ايمان آڻڻ ۾ ڀلا ڪهڙي شيءِ رڪاوٽ ٿي سگهي ٿي؟ ۽ جنهن حديث ۾ آيو آهي تہ ”مون پنهنجي والده جي مغفرت جي لاءِ دعا جي اجازت طلب ڪئي تہ مون کي ان جي اجازت نہ ڏني وئي“ هيءَ حديث حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي والدين رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جو زندهہ ٿي ايمان آڻڻ کان تمام پهرين جي آهي ڇو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي والدين رَضِيَ اللهُ عَنْهُما جو زندهہ ٿي ايمان آڻڻ اهو ”حِجَّة الوداع“ جي موقعي تي ٿيو آهي (جيڪو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وصال کان ڪجهہ مهينا اڳ جو واقعو آهي) ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا مرتبا ۽ درجا هميشہ وڌندا ئي رهيا پوءِ ٿي سگهي ٿو تہ پهرين حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خدا تعاليٰ اهو شرف عطا نہ فرمايو هجي تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا والدين رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا مسلمان ٿين پر بعد ۾ ان فضل ۽ شرف سان بہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[1] روح البيان سورة البقرة تحت الاية:119، ج 1، ص 217

کي سرفراز فرمائي ڇڏيو جو سندن والدين رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کي صاحبِ ايمان ٻڌائي ڇڏيو[1]. ۽ قاضي امام ابو بڪر ابن العربي مالڪي کان اهو سوال ڪيو ويو ته هڪ شخص هي چوي ٿو ته حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ابا ۽ ڏاڏا جهنّمي آهن، ته پاڻ فرمايائون ته اهو شخص ملعون آهي. ڇو ته الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ ارشاد فرمايو آهي ته.

اِنَّ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ

(پاره 22، الاحزاب: 57)

ترجمو ڪنز الايمان: جيڪي ماڻهو الله ۽ ان جي رسول کي تڪليف ڏين ٿا الله تعالي انهن کي دُنيا ۽ آخرت ۾ ملعون (لعنتي) ڪري ڇڏيندو.

حافظ شمس الدين دمشقي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان مسئلي کي پنهنجي نعتيه شعر ۾ هن طرح بيان فرمايو آهي:

حَبَا اللّٰهُ النَّبِيَّ مَزِيْدَ فَضْلٍ عَلٰى فَضْلٍ وَّكَانَ بِهٖ رَءُوْفًا

**ترجمو:** الله تعاليٰ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تمام گهڻي فضل کان به وڌيڪ فضيلت عطا فرمائي ۽ الله تعاليٰ انهن تي تمام گهڻو مهربان آهي.

فَاَحْيَا اُمَّهٗ وَكَذَا اَبَاهُ لِاِيْمَانٍ بِهٖ فَضْلًا لَّطِيْفًا

ڇو ته الله تعاليٰ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ماءُ پيءُ کي حضور تي ايمان آڻڻ لاءِ پنهنجي فضل لطيف سان زندهه فرمايو.

---

[1] روح البيان،سورة البقرة تحت الآية 119، ج 1، ص 217

فَسَلِّمْ فَالْقَدِيْمُ بِهٖ قَدِيْرٌ وَاِنْ كَانَ الْحَدِيْثُ بِهٖ ضَعِيْفًا

تہ توهان هن ڳالهہ کي مجي ڇڏيو ڇو تہ الله تعالٰي ان ڳالهہ تي قادر آهي توڙي جو هيءَ حديث ضعيف آهي.[1]

(انتهي ملتقطاً، تفسير روح البيان ج1 ص217، 218)

صاحب الاکليل حضرت علامہ شيخ عبد الحق مهاجر مدني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن لکيو آهي تہ علامہ ابن حجر هيتمي مشڪوٰة جي شرح ۾ فرمايو آهي تہ "حضور اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي والدين رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کي الله تعالٰي زندهہ فرمايو ايستائين جو هنن ٻنهي ايمان آندو ۽ پوءِ وفات ڪري ويا" هي حديث صحيح آهي ۽ جن محدثن هن حديث کي صحيح فرمايو آهي انهن ۾ امام قرطبي ۽ شام جا حافظ الحديث ابن ناصر الدين بہ آهن ۽ ان ۾ ملامت ڪرڻ فضول ۽ بيڪار آهي ڇو تہ ڪرامتن ۽ خاصيتن جو شان ئي اهو آهي تہ اُهي قاعدي ۽ عادت جي خلاف هونديون آهن جڏهن تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي والدين رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جو موت کان پوءِ اتي ايمان آڻڻ اهو ايمان انهن جي لاءِ نفعي وارو آهي جڏهن تہ ٻين جي لاءِ هي ايمان مفيد نہ آهي، ان جو سبب هي آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي والدين رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کي نسبتِ رسول جي ڪري جيڪو ڪمال حاصل آهي اهو ٻين جي لاءِ نہ آهي ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حديث ليت شعري ما فعل ابواى (ڪاش! مون کي خبر هجي ها تہ منهنجي والدين سان ڪهڙو معاملو ڪيو ويو) جي باري ۾ امام سيوطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه "در منثور" ۾ فرمايو آهي تہ هي حديث مرسل ۽ ضعيف الاسناد آهي. (اکليل علي مدارک التنزيل ج2 ص10)

---

[1] روح البيان، سورة البقرة، تحت الآية، 119 ،ج 1، ص 217

بهرحال مٿيان ڪجهه حوالا جيڪي معتبر ڪتابن مان ورتا ويا آهن انهن کي پڙهڻ کان پوءِ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان تمام گهڻي عقيدت ۽ ايماني محبت جو اهو ئي تقاضو آهي ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي والدين رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا ۽ تمام ابن ڏاڏن بلڪ سيني مٽن مائٽن سان ادب ۽ احترام کي لازم ڪيو وڃي. سواءِ انهن رشتيدارن جي جن جو ڪافر ۽ جهنّمي هئڻ قرآن ۽ حديث مان يقيني ثابت آهي جئين ”ابو لهب“ ۽ ان جي گهر واري ”حمالة الحطب“ باقي تمام قرابت وارن جو ادب ڪرڻ لازمي آهي ڇو ته جن ماڻهن کي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نسبتِ قرابت حاصل آهي انهن جي بي ادبي ۽ گستاخي يقيناً حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ايذاء رسائڻ جو باعث هوندو ۽ توهان قرآن جو فرمان پڙهي چڪا آهيو ته جيڪي ماڻهو الله پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ايذاء ڏيندا آهن اهي دنيا ۽ آخرت ۾ ملعون آهن.

هن مسئلي تي اعلیٰ حضرت مولانا شاهه احمد رضا خان صاحب قبل بريلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن جو هڪ تحقيق شده رسالو جنهن جو نالو ”شمول الاسلام لاباء الكرام“ آهي، جنهن ۾ پاڻ نهايت تفصيل ۽ دليلن سان اهو ثابت ڪيو آهي ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا والدين موحد (الله تعالٰي کي هڪ مڃندڙ) ۽ مسلمان هئا. (وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعْلَمُ)

## نبوت جي برڪتن جو ظهور

جيئن سج نڪرڻ کان پهرين تارن جو لڪي وڃڻ، صبح صادق جي سفيدي، شفق جي ڳاڙهاڻ سج نڪرڻ جي خوشخبري ڏيندڙ آهن اهڙي طرح جڏهن نبوت جي سج اڀرڻ جو وقت ويجهو آيو ته ڪنڊ ڪڙڇ ۾ تمام گهڻا اهڙا عجيب عجيب ۽ خلافِ

عادت واقعا ظاهر ٿيڻ لڳا جيڪي سڄي ڪائنات کي سجاڳ ڪري اها بشارت ڏيڻ لڳا تہ رسالت جو سج پوري آب و تاب سان اڀرڻ وارو آهي.

جئين اصحابِ فيل جي هلاڪت جو واقعو، برساتِ رحمت سان عرب جي سر زمين جو سر سبز ۽ شاداب ٿي وڃڻ، ۽ سالن جو ڏڪار ختم ٿي وڃڻ ملڪ ۾ خوشحالي جو دؤر اچڻ، بتن جو منهن پر ڪري پوڻ، فارس جي مجوسين جي هڪ هزار سالن کان ٻاريل باهہ جو يڪدم وسامي وڃڻ، ڪسريٰ جي محل ۾ زلزلي جو اچي وڃڻ، ۽ ان جي چوڏهن ڪنگرن جو ڪري پوڻ، "همدان" ۽ "قم" جي وچ ۾ ڇهہ ميل ڊگهي ۽ ڇهہ ميل ويڪري "درياءِ ساوه" جو يڪدم سُڪي وڃڻ، شام ۽ ڪوفي جي وچ ۾ وادي "سماوه" جي سُڪل ندي جو اچانڪ وهي پوڻ، حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي والده جي بدن مان هڪ اهڙي نور جو نڪرڻ جنهن سان "بصريٰ" جا محل روشن ٿي ويا. اهي سڀ واقعا انهيءَ سلسلي جون ڪڙيون آهن جيڪي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تشريف آڻڻ کان پهريان ئي "خوشخبريون" بڻجي عالَم ڪائنات کي اِها خوشخبري ڏيڻ لڳيون تہ[1]

مبارک ہو وہ شہ پردے سے باہر آنے والا ہے
گدائی کو زمانہ جس کے در پر آنے والا ہے

حضراتِ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي اعلانِ نبوت کان پهريان جيڪي خلاف عادت ۽ عقل کي حيرت ۾ وجهڻ وارا واقعا صادر

[1] المواهب اللدنية وشرح الزرقاني، ولادته ...الخ، ج 1 ،ص 218 ..... 231

ٿيندا آهن انهن کي شريعت جي اصطلاح ۾ ”ارهاص“ چئبو آهي ۽ اعلانِ نبوت کان پوءِ انهن واقعن کي ”معجزو“ چيو ويندو آهي انکري مٿيان تمام واقعا ”ارهاص“ آهن جيڪي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اعلانِ نبوت کان پهريان ظاهر ٿيا جن کي اسان ”نبوت جو برڪتون“ جي عنوان سان بيان ڪيو آهي ان قسم جا واقعا جيڪي ”ارهاص“ سڏيا ويندا آهن انهن جو تعداد تمام گهڻو آهي انهن مان ڪجهه واقعن جو ذڪر ٿي چڪو آهي ڪجهه ٻيا واقعا به پڙهي ونو[1].

(1) محدث ابو نعيم پنهنجي ڪتاب ”دلائل النبوة“ ۾ حضرت عبد الله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جي روايت مان هيءَ حديث بيان ڪئي آهي ته جنهن رات حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نبوت وارو نور حضرت عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي مقدس پُنيءَ مان حضرت آمنه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي پيٽ مبارڪ ۾ منتقل ٿيو، پوري زمين جي تمام جانورن، خاص قريش جي جانورن کي الله تعالي ڳالهائڻ جي سگهه عطا فرمائي ۽ انهن فصيح زبان ۾ اعلان ڪيو ته اڄ الله پاڪ جو مقدس رسول ماءُ جي پيٽ ۾ اچي چڪو آهي جنهن تي پوري دنيا جي امامت جو تاج آهي ۽ سڄي عالَم کي روشن ڪرڻ وارو ڏيئو آهي. اوير جي جانورن اولهه جي جانورن کي خوشخبري ڏني. اهڙي طرح سمنڊ ۽ دريائن جي جانورن هڪٻئي کي اها خوشخبري ٻڌائي ته حضرت ابو القاسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت با سعادت جو وقت ويجهو اچي ويو[2]. (زرقاني علي المواهب ج1 ص 108)

---

[1] (النبراس شرح شرح العقائد، اقسام الخارق سبعة، ص 272 ملتقطاً)

[2] المواهب اللدنية، المقصد الاول، آيات حمله، ج 1 ص 62

(2) خطيب بغدادي پنهنجي سند سان هيءَ حديث روايت ڪئي آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي والده ماجده بي بي آمنہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمايو تہ جڏهن حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پيدا ٿيا تہ مون ڏٺو تہ هڪ تمام وڏو ڪَڪَر آيو جنهن ۾ روشني سان گڏ گهوڙن جي هڻڪار ۽ پڪين جي اُڏرڻ جو آواز هئو ۽ انسانن جون ٻوليون بہ ٻڌڻ ۾ اچي رهيون هيون پوءِ يڪدم حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي اڳيان غائب ٿي ويا ۽ مون ٻڌو تہ هڪ اعلان ڪرڻ وارو اعلان ڪري رهيو آهي تہ محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اوپر ۽ اولهہ ۾ سير ڪرايو ۽ انهن کي سمنڊن جو بہ سير ڪرايو تہ جئين سموري ڪائنات کي انهن جو نالو، انهن جو خُليو، انهن جي صفت معلوم ٿي وڃي ۽ انهن کي تمام جاندار مخلوق يعني جنن، انسانن، ملائڪن، جيتن ۽ پڪين جي سامهون پيش ڪيو ۽ انهن کي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي صورت، حضرت شيث عَلَيْهِ السَّلَام جي معرفت، حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام جي شجاعت، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي خلّت (دوستي)، حضرت اسمٰعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي زبان، حضرت اسحٰق عَلَيْهِ السَّلَام جي رضا، حضرت صالح عَلَيْهِ السَّلَام جي فصاحت، حضرت لوط عَلَيْهِ السَّلَام جي حڪمت، حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام جي بشارت، حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي شدت، حضرت ايوب عَلَيْهِ السَّلَام جو صبر، حضرت يونس عَلَيْهِ السَّلَام جي اطاعت، حضرت يوشع عَلَيْهِ السَّلَام جو جهاد، حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلَام جو آواز، حضرت دانيال عَلَيْهِ السَّلَام جي محبت، حضرت الياس عَلَيْهِ السَّلَام جو وقار، حضرت يحييٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي عصمت، حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو زُهد عطا ڪري ان کي تمام پيغمبرن جي ڪمالن ۽ اخلاقِ حسنہ سان سينگاري ڇڏيو[1]. ان کان پوءِ اهو ڪڪر هٿي

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، ولادته ....الخ، ج 1، ص 212.....215

ويو. وري مون ڏنو تہ پاڻ ريشم جي سائي ڪپڙي ۾ ويڙهيل آهن ۽ ان ڪپڙي مان پاڻي ٽِمي رهيو آهي ۽ ڪو اعلان ڪرڻ وارو اعلان ڪري رهيو آهي تہ واهہ واهہ! ڇا چئجي محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پوري دنيا تي قبضو ڏنو ويو ۽ ڪائناتِ عالَم جي ڪا بہ شيءِ باقي نہ رهي جيڪا انهن جي اختيار ۽ اطاعت ۾ نہ هجي. وري جو مون نوراني چهري جي طرف ڏنو تہ چوڏهين جي چنڊ وانگر چمڪي رهيو هو ۽ بدن مان پاڪيزه مشڪ جي خوشبو اچي رهي هئي پوءِ ٽي شخص نظر آيا هڪ جي هٿ ۾ چاندي جو لوٽو، ٻي جي هٿ ۾ سائي زمرد (هڪ قيمتي پٿر) جو ٿالهہ، ٽين جي هٿ ۾ هڪ چمڪندڙ منڊي هئي. منڊي ست دفعا ڌوئي ان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ مهرِ نبوت لڳائي ڇڏي، پوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ريشمي ڪپڙي ۾ ويڙهي ڪنيو ۽ ٿوري دير کان پوءِ منهنجي حوالي ڪري ڇڏيو[1].

(زرقاني علي المواهب ج1 ص113 کان ص 115)

## ڏندڻ ڏيڻ جي فضيلت

حضرت سيدنا ابو امامہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي، نبي مڪرم، نورِمجسم، رسولِ اڪرم، شهنشاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ برڪت نشان آهي: ”ڏندڻ وات جي پاڪيزگي ۽ الله پاڪ جي خوشنودي جو سبب آهي“

(سنن ابن ماجہ ص 2495، حديث 289)

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، ولادته .....الخ، ج 1 ص 215 ..... 216

# باب ٻيو

# ننڍپڻ

## ولادت باسعادت

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پيدائش جي تاريخ ۾ اختلاف آهي. پر مشهور قول اهو ئي آهي تہ ”اصحابِ فيل“ جي واقعي کان پنجونجاهہ ڏينهن پوءِ 12 ربيع الاول مطابق 20 اپريل سنہ 571ء ولادت باسعادت جي تاريخ آهي. مڪي وارن جو بہ انهيءَ تي عمل آهي تہ اهي ماڻهو ٻارهن ربيع الاول تي دربارِ نبوت جي زيارت لاءِ ويندا آهن ۽ اتي ميلاد شريف جون محفلون منعقد ڪندا آهن[1]. (مدارج النبوة ج 2 ص 14)

دنيا جي تاريخ ۾ هي اهو نرالو ۽ عظمت وارو ڏينهن آهي جو انهيءَ ڏينهن عالَم هستي جي وجود جو باعث، رات ۽ ڏينهن جي بدلجڻ جو مطلوب، آدم جي تخليق جو راز، نوح جي ٻيڙي جي حفاظت جو راز، بانيءِ ڪعبہ جي دعا، ابن مريم جي بشارت جو ظهور ٿيو. وڪريل ڪائنات جي وجود کي سنوارڻ وارو، پوري جهان جي بگڙيل نظامن کي سُڌارڻ وارو، يعني

وہ نبيوں ميں رحمت لقب پانے والا
مرادیں غريبوں کی بر لانے والا
مصيبت ميں غيروں کے کام آنے والا
وہ اپنے پرائے کا غم کھانے والا
فقيروں کا ماویٰ، ضعيفوں کا ملجا
يتيموں کا والی، غلاموں کا مولیٰ

[1] مدارج النبوت، قسم دوم، باب اول، ج2، ص 14 ملخصاً

سند الاصفياء، اشرف الانبياء، احمد مجتبيٰ، محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عالمِ وجود ۾ رونق افروز ٿيا ۽ پاڪ بدن، ناڙو مبارڪ ڪٽيل، طهر ٿيل، خوشبو ۾ رَچيل سجدي جي حالت ۾، مڪ مڪرم جي مقدس سر زمين تي پنهنجي والد ماجد جي گهر ۾ پيدا ٿيا. ان وقت دنيا تي والد ماجد نہ هئا جو ڪين سڏيو وڃي ها ۽ پنهنجي پيدا ٿيندڙ پٽ کي ڏسي خوش ٿين ها. اهي تہ پهرين ئي وفات ڪري ويا هئا. ڏاڏي کي گهرايو ويو جيڪي ان وقت ڪعبة الله جي طواف ۾ مشغول هئا. اها خوشخبري ٻڌي ڏاڏا "عبد المطلب" خوشي خوشي حرمِ ڪعبہ کان پنهنجي گهر آيا ۽ نهايت جوشِ محبت ۾ پنهنجي پوٽي کي سيني سان لڳايو. پوءِ ڪعبي ۾ ڪٿي وڃي خير و برڪت جي دعا گهري ۽ "محمد" نالو رکيو[1]. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چاچي ابو لهب جي ٻانهي "ثُوَيْبَہ" خوشيءَ وچان ڊوڙندي وئي ۽ "ابو لهب" کي سندس پائيٽي پيدا ٿيڻ جي خوشخبري ٻڌائي تہ ان (ابو لهب) خوشي ۾ شهادت جي آڱر جي اشاري سان "ثُوَيْبَہ" کي آزاد ڪري ڇڏيو. جنهن جو فائدو ابو لهب کي اهو مليو تہ ابو لهب جي مرڻ کان پوءِ ان جي گهر وارن ان کي خواب ۾ ڏٺو ۽ حال پڇيو ويو تہ ان پنهنجي آڱر ڪٿي اهو چيو تہ توهان کان جدا ٿيڻ کان پوءِ مون کي ڪجهہ (ڪائڻ پيئڻ) لاءِ نہ مليو سواءِ ان جي جو "ثُوَيْبَہ" کي آزاد ڪرڻ جي سبب هِن آڱر جي ذريعي ڪجهہ پاڻي پياريو وڃي ٿو[2]. (بخاري ج 2 باب وامهاتكم التي ارضعنكم)

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، ولادته .....الخ، ج 1 ص 232

[2] صحيح البخاري، كتاب النكاح، باب وامهاتكم اللاتي ارضعنكم، الحديث: 5101 ج 3، ص 432، والمواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، ذكر رضاعه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ..... الخ ، ج 1، ص 259)

ان موقعي تي حضرت شيخ عبد الحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ تمام سوچڻ ۽ سمجهڻ واري ڳالهه تحرير فرمائي آهي جيڪا اهلِ محبت جي لاءِ تمام ئي لذت بخش آهي. اهي لکن ٿا تہ هن موقعي تي ميلاد ڪرڻ وارن لاءِ سَنَد آهي تہ اُهي حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي شبِ ولادت ۾ خوشي ملهائيندا آهن ۽ پنهنجو مال خرچ ڪندا آهن. مطلب اهو آهي تہ جڏهن ابو لهب کي جيڪو ڪافر هو ۽ جنهن جي مذمّت ۾ قرآن شريف نازل ٿيو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت تي خوشي ملهائڻ ۽ ٻانهيءَ کي آزاد ڪرڻ تي جزا ڏني وئي تہ پوءِ ان مسلمان جو ڇا حال هوندو جيڪو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت ۾ خوشي ملهائي ٿو ۽ پنهنجو مال خرچ ڪري ٿو[1]. (مدارج النبوة ج 2 ص 19)

## مولد النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جنهن مقدس گهر ۾ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت ٿي، تاريخ اسلام ۾ ان مقام جو نالو "مولد النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم" (نبي جي پيدائش جي جڳهه) آهي. هي تمام گهڻو متبرڪ مقام آهي. اسلام جي بادشاهن هن مبارڪ يادگار تي بيحد عاليشان ۽ شاندار عمارت ٺاهي ڇڏي هئي، جتي اهل حرمين شريفين ۽ پوري دنيا مان اچڻ وارا مسلمان ڏينهن رات محفلِ ميلاد شريف منعقد ڪندا ۽ صلوٰة و سلام پڙهندا رهندا هئا. جڏهن تہ حضرت شاهه ولي الله صاحب محدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ڪتاب "فيوض الحرمين" ۾ تحرير فرمايو آهي تہ آئون هڪ دفعو ان محفل ميلاد

[1] مدارج النبوت، قسم دوم باب اول، ذكر نسب وحمل و ولادت ..... الخ، ج 2، ص 19

شريف ۾ حاضر ٿيس، جيڪا مڪي شريف ۾ ٻارهن ربيع الاول تي ”مولد النبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم“ ۾ منعقد ٿي هئي جنهن وقت ولادت جو ذڪر پڙهيو پئي ويو تہ مون ڏٺو تہ اوچتو ان مجلس مان ڪجهہ نُورَ نڪتا، مون انهن انوارن تي غور ڪيو تہ معلوم ٿيو تہ اهي رحمتِ الٰهي ۽ انهن فرشتن جا نور هئا جيڪي اهڙين محفلن ۾ حاضر ٿيندا رهندا آهن. (فيوض الحرمين)

جڏهن حجاز تي نجدي حڪومت قائم ٿي تہ جنّت المعلي ۽ جنّت البقيع جي مقبرن جي گنبذن سان گڏو گڏ نجدي حڪومت ان مقدس يادگار کي بہ ڊاهي پَٽُ ڪري ڇڏيو ۽ سالن تائين هي مبارڪ مقام ويران رهيو، پر جڏهن مان جون سنہ 1959 ۾ ان مرڪزِ خير و برڪت جي زيارت لاءِ حاضر ٿيس تہ مون ان جڳهہ تي هڪ ننڍڙي بلڊنگ ڏٺي جنهن کي تالو لڳل هو ڪجهہ عربن ٻڌايو تہ هاڻي ان بلڊنگ ۾ هڪ مختصر لائبريري ۽ هڪ ننڍڙي آفيس آهي هاڻي اتي نہ ميلاد شريف تي سگهي ٿو نہ صلاة و سلام پڙهڻ جي اجازت آهي. مون پنهنجي ساٿين سان گڏ بلڊنگ کان ٿورو پري بيهي لڪي لڪي صلاة وسلام پڙهيو، مون تي اهڙي رقت طاري ٿي جو مان ڪجهہ دير تائين روئندو رهيس.

## ڪيرپيئڻ جوزمانو

سڀ کان پهريان حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ابو لهب جي ٻانهي ”حضرت ثُوَيْبَہ“ جو ڪير نوش فرمايو پوءِ پنهنجي والده ماجده حضرت آمنہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جي ڪير سان سيراب ٿيندا رهيا، پوءِ حضرت حليمہ سعديہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ساڻ وٺي وئي ۽ پنهنجي قبيلي ۾ رهائي ڪين ڪير پياريندي

رهي ۽ انهن وٽ ئي حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪير پيئڻ جو زمانو گذريو[1]. (مدارج النبوة ج2، ص 18)

عرب جي ماڻهن جي عادت هئي تہ اهي پنهنجي ٻارن کي ڪير پيارڻ جي لاءِ پَرَ وارن ڳوٺن ۾ موڪلي ڇڏيندا هئا، ڳوٺ جي صاف ستري آبهوا ۾ ٻارن جي تندرستي ۽ جسماني صحت بہ سٺي ٿي ويندي هئي ۽ هو خالص ۽ فصيح عربي زبان بہ سکي وٺندا هئا ڇو تہ شهر جي زبان ٻاهرين ماڻهن جي اچ وڃ سان خالص، فصيح ۽ بليغ نہ رهندي هئي.

حضرت حليمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو بيان آهي تہ مان ”بني سعد“ جي عورتن سان گڏ ڪير پيئڻ وارن ٻارن جي تلاش ۾ مڪي ويس. ان سال عرب ۾ تمام سخت ڏڪار پيل هو منهنجي جهولي ۾ هڪ ٻار هو پر غُربت ۽ بُک جي ڪري منهنجي ڇاتيءَ ۾ ايترو ڪير نہ هو جو ان کي ڪافي ٿئي. سڄي رات اهو ٻار بک جي ڪري تڙپندو ۽ روئندو رهندو هو ۽ اسان ان جي دلجوئي ۽ دلداري جي لاءِ سڄي رات ويهي گذاريندا هئاسين. هڪ ڏاچي بہ اسان وٽ هئي پر ان ۾ بہ ڪير نہ هو، مڪي شريف جي سفر ۾ جنهن خچر تي آئون سوار هيس اهو بہ ايترو ڪمزور هو جو قافلي وارن سان گڏ نہ پئي هلي سگهيو، مونسان گڏ هلڻ وارو قافلو بہ ان مان تنگ اچي چڪو هو. وڏين مشڪلن سان هي سفر مڪمل ٿيو جڏهن هي قافلو مڪي پهتو تہ جيڪا بہ عورت رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڏسندي ۽ اِهو ٻڌندي هئي تہ هي يتيم آهن تہ ڪا بہ عورت کين ڪٽڻ جي لاءِ تيار نہ ٿيندي

[1] مدارج النبوت، قسم دوم، باب اول، ج 2، ص 18_19 ملخصاً

هئي، چو تہ ٻار جي يتيم هئڻ جي ڪري گهڻو انعام ۽ اڪرام ملڻ جي اميد نہ هئي. هوڏانهن حضرت حليمہ سعديہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي قسمت جو ستارو ثريا کان وڌيڪ بلند ۽ چنڊ کان وڌيڪ روشن هيو. ان جي ڪير جي گهٽتائي ان جي لاءِ رحمت جو باعث بڻجي وئي چو تہ ڪير گهٽ ڏسي ڪنهن بہ پنهنجو ٻار ان کي ڏيڻ پسند نہ ڪيو.

حضرت حليمہ سعديہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا پنهنجي مڙس ”حارث بن عبد العزيٰ“ کي چيو تہ اِهو سنو نٿو لڳي تہ آئون خالي هٿين واپس وڃان، ان کان بهتر اهو آهي تہ آئون هن يتيم کي ئي کڻي هلان، مڙس ان ڳالهہ کي منظور ڪري ورتو ۽ حضرت حليمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا ان دُرِ يتيم کي کڻي آئي جنهن سان نہ صرف حضرت حليمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا ۽ حضرت آمنہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي گهر ۾ بلڪ پوري ڪائناتِ عالَم جي اوير ۽ اولهہ ۾ روشني ٿيڻ واري هئي هي خداوندِ قدوس جو فضلِ عظيم ئي هو جو حضرت حليمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي سُتل قسمت جاڳي پئي ۽ سرور ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي هنج ۾ اچي ويا. پوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي تنبوءَ ۾ آڻي جڏهن ڪين ڪير پيارڻ ويني تہ رحمت جي برسات وانگر برڪاتِ نبوت جو ظهور شروع ٿي ويو خدا جو شان ڏسو تہ حضرت حليمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي مبارڪ پستانن (ڇاتيءَ مبارڪ) ۾ ايترو تہ ڪير لٿو جو رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ انهن جي رضاعي ڀاءُ بہ پيٽ ڀري ڪير پيتو ۽ ٻئي آرام سان سمهي پيا، هوڏانهن ڏاڇيءَ کي ڏنائون تہ ان جا ٿَڻَ بہ ڪير سان ڀرجي ويا هئا. حضرت حليمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي مڙس ان جو ڪير ڏُڌو. پوءِ زال، مڙس ٻئي پيٽ ڀري پوري رات سک ۽ آرام جي ننڊ ستا.

حضرت حليمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو مڙس حضور رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون هي برڪتون ڏسي حيران رهجي ويو ۽ چوڻ لڳو ته حليمه! تون ته برڪتن سان مالا مال ٻار ڪٽي آئي آهين. حضرت حليمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا چيو واقعي مون کي به اها ئي اميد آهي ته هي تمام ئي بابرڪت ٻار آهي ۽ خدا جي رحمت بڻجي اسان کي مليو آهي ۽ مون کي اها ئي توقع آهي ته هاڻي اسان جو گهر خير ۽ برڪت سان ڀرجي ويندو[1].

حضرت حليمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون ته ان کان پوءِ اسان رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي هنج ۾ ڪٽي مڪي شريف کان پنهنجي ڳوٺ روانا ٿياسين ته منهنجو اهو ئي خچر هاڻي ايترو ته تيز هلڻ لڳو جو ڪنهن جي به سواري ان جي ڏَڙَ کي به نه ٿي پهچي سگهي. قافلي جون عورتون حيران ٿي مون کي چوڻ لڳيون ته اي حليمه! رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ڇا هي اهو ئي خچر آهي؟ جنهن تي تون سوار ٿي آئي هئينءَ يا ڪو ٻيو تيز هلڻ وارو خچر تو خريد ڪيو آهي؟ بالآخر جڏهن اسان پنهنجي گهر پهتاسين اتي تمام سخت ڏڪار پيل هو ۽ جانورن جي ٽٽن ۾ ڪير سڪي چڪو هو پر منهنجي گهر ۾ پير رکندي ئي منهنجي ٻڪرين جا ٿڻ ڪير سان ڀرجي ويا. هاڻي روز منهنجون ٻڪريون جڏهن چري گهر واپس ايندیون هيون ته انهن جا ٿڻ ڪير سان ڀريل هوندا هئا. جڏهن ته پوري ڳوٺ ۾ ڪنهن ٻِئي کي پنهنجي جانورن مان ڪير جو هڪ ڦُڙو به نه ملندو هو. منهنجي قبيلي وارن پنهنجي ڏنارن

---

[1] مدارج النبوت، قسم دوم، باب اول، ج2، ص19، 20 ملخصاً والمواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، ذكر رضاعه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، ج1، ص 79

کي چيو تہ توهان بہ پنهنجي جانورن کي انهيءَ جڳهہ چاريو جتي حليمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جا جانور چرن ٿا. اهڙي طرح سڀ ماڻهو انهيءَ جاءِ تي پنهنجا جانور چارڻ لڳا جتي منهنجون ٻڪريون چرنديون هيون پر هتي تہ چراگاهہ (يعني چرڻ جي جڳهہ) ۽ جهنگ جو تہ ڪو بہ عمل دخل نہ هو هي تہ رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي برڪتِ نبوت جو فيض هو جنهن کي مون ۽ منهنجي مڙس کان سواءِ منهنجي قوم جو ڪوبہ شخص نٿي سمجهي سگهيو[1].

مطلب تہ اهڙي طرح اسان هر وقت هر قدم تي لڳاتار رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي برڪتن جو مشاهدو ڪندا رهياسين ايسيتائين جو ٻہ سال پورا ٿي ويا ۽ مون حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪير پيارڻ ڇڏائي ڇڏيو. حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تندرستي ۽ نشونما جو حال ٻين ٻارن کا ايترو سنو هو جو ٻن سالن ۾ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام وڏا معلوم ٿيڻ لڳا، هاڻ اسان دستور موجب رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ان جي والده وٽ وٺي آياسين ۽ ان حسبِ توفيق اسان کي انعام ۽ اڪرام سان نوازيو[2].

توڙي جو قاعدي موجب هاڻي اسان کي رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي پاڻ وٽ رکڻ جو ڪو بہ حق نہ هو پر حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نبوت جي برڪت جي ڪري هڪ گهڙي جي لاءِ بہ اسان کي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جدائي

---

[1] مدارج النبوت، قسم دوم، باب اول، ج2، ص20، ملتقطاً

[2] شرح الزرقاني علي المواهب، من خصائصه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ،ج1، ص 279، المواهب اللدنية، ذكر رضاعه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، ج1 ص 82

پسند نہ هئي. عجيب اتفاق جو ان سال مڪي معظّمہ ۾ وبائي بيماري پکڙيل هئي تنهنڪري اسان ان وبائي بيماري جو بهانو ڪري حضرت بيبي آمنہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کي راضي ڪري ورتو ۽ پوءِ رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي واپس پنهنجي گهر آندو ۽ پوءِ اسان جو گهر رحمتن ۽ برڪتن جي ڪاڻ بڻجي ويو ۽ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان وٽ نهايت خوش ۽ آرام سان رهڻ لڳا جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪجهہ وڏا ٿيا تہ گهر کان ٻاهر نڪرندا ۽ ٻين ٻارن کي کيڏندي ڏسندا هئا پر پاڻ هميشہ هر قسم جي راند روند کان پري رهندا هئا[1]. هڪ ڏينهن مون کي چوڻ لڳا تہ پياري امان! منهنجا ٻيا ٻائر ٻينرون سڄو ڏينهن نظر نٿا اچن اُهي هميشہ صبح جو اٿي روزانو ڪاڏي هليا ويندا آهن؟ مون چيو اهي ٻڪريون چارڻ ويندا آهن اهو ٻڌي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مهربان امان! توهين مون کي بہ منهنجي ٻائرن ۽ ٻينرن سان گڏ موڪليندیون ڪريو. تڏهن رحمت عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اصرار کان مجبور ٿي حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي حضرت حليمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا پنهنجي ٻارن سان گڏ ٻڪريون چارڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم روزانو جتي حضرت حليمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جون ٻڪريون چرنديون هيون اُتي تشريف ڪٽي ويندا رهيا ۽ ٻڪريون چراڳاهہ ۾ ڪاهي وڃي انهن جي سار سنڀال ڪرڻ لڳا، جيڪا تمام انبياءِ ڪرام ۽ رسولن عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي سنّت آهي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي عمل سان نندپڻ ۾ ئي پنهنجي هڪ خصلتِ نبوت جو اظهار فرمائي ڇڏيو[2].

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، من خصائصه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ،ج 1، ص 278 ماخوذاً

[2] مدارج النبوت، قسم دوم، باب اول، ج 2، ص21

## شقِ صدر

هڪ ڏينهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چراگاهه ۾ هئا تہ يڪدم حضرت حليمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو هڪ پُٽ "ضمره" ڊوڙندو، سهڪندو ۽ ڏڪندو پنهنجي گهر آيو ۽ پنهنجي ماءُ حضرت بيبي حليمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي چيو تہ پياري امان! وڏو غضب ٿي ويو محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ٽن ماڻهن، جن کي سفيد لباس پاتل هئا. پُني ۾ ليٽائي انهن جو پيٽ چِيري ڇڏيو آهي ۽ آئون انهن کي انهيءَ حال ۾ ڇڏي ڀڄندو آيو آهيان. اِهو ٻڌي حضرت حليمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ۽ ان جو مڙس ٻئي پريشان ٿي گهبرايل انداز ۾ ڊوڙندي جهنگ ۾ پهتا، ڏٺائون تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وينا آهن. پر خوف ۽ ڊپ وچان سندن چهرو ڦِڪو ۽ مُرجهايل آهي، حضرت حليمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي مڙس تمام شفقت واري انداز ۾ پيار سان پڇو تہ پٽ! ڇا ڳالهہ آهي؟ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ ٿي شخص جن جا ڪپڙا نهايت اڇا ۽ صاف ستڙا هئا مون وٽ آيا ۽ مون کي پني ۾ ليٽائي منهنجو پيٽ چِيري ان مان ڪا شيءِ ڪڍي ٻاهر اڇلائي ڇڏيائون ۽ پوءِ ٻي ڪا شيءِ منهنجي پيٽ ۾ وجهي ان کي سِبي ڇڏيائون پر مون کي ٿوري بہ تڪليف نہ ٿي[1]. (مدارج النبوت ج 2 ص 21)

اِهو واقعو ٻُڌي حضرت حليمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ۽ ان جو مڙس ٻئي گهڻا گهبرائجي ويا ۽ مڙس چيو تہ حليمہ! رَضِيَ اللهُ عَنْهَا مون کي خوف آهي تہ شايد هنن تي ڪجهہ جِنات جو اثر آهي تنهنڪري تون جلد کان جلد هنن کي انهن جي گهر وارن وٽ ڇڏي اَچ. ان

---

[1] مدارج النبوت، قسم دوم، باب اول ج 2 ص 21 ملخصاً، والمواهب اللدنية ذكر رضاعہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ج 1 ص 28

كان پوءِ حضرت حليمه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي وٺي مڪي شريف آئي ڇو تہ انهن کي اِن واقعي کان پوءِ اهو خوف پيدا ٿي پيو هو تہ شايد هاڻي اسان ڇڳيءَ طرح انهن جي حفاظت نہ ڪري سگهنداسين. حضرت حليمه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جڏهن مڪہ معظّمہ ۾ پهچي رحمت عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سندن والده ماجده رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي حوالي ڪيو تہ انهن پڇو تہ حليمہ! رَضِیَ اللهُ عَنْهَا تون تہ وڏي خواهش ۽ چاهہ سان منهنجي ٻچي کي پنهنجي گهر کڻي وئي هئينءَ پوءِ ايترو جلدي واپس وٺي اچڻ جو سبب ڪهڙو آهي؟ جڏهن حضرت حليمه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا پيٽ چيرجڻ جو واقعو بيان ڪيو ۽ جنات جي اثر جو شڪ ظاهر ڪيو تہ حضرت بي بي آمنہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا فرمايو تہ هرگز نہ، خدا جو قسم! منهنجي نورِ نظر تي ڪڏهن بہ ڪنهن جِنَ يا شيطان جو عمل دخل نہ ٿي سگهندو. منهنجي پُٽ جو وڏو شان آهي. پوءِ حضرت آمنہ حضرت حليمہ کي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حمل جي ڏينهن ۽ ولادت جي وقت جا حيران ڪندڙ واقعا ٻُڌائي حضرت حليمه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کي مُطمئن ڪري ڇڏيو ۽ حضرت حليمه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي پنهنجي والده ماجده جي حوالي ڪري پنهنجي ڳوٺ واپس هلي آيون ۽ نبيِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي والده ماجده جي هنج ۾ پرورش پائڻ لڳا[1].

## شقِ صدر ڪيترا ڀيرا ٿيو؟

حضرت مولانا شاهہ عبد العزيز صاحب محدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

---

[1] المواهب اللدنية، ذكر رضاعه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، ج1، ص 82 وشرح الزرقاني علي المواهب، شق صدره صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ،ج1،ص280_281)

سورة ”الم نشرح“ جي تفسير ۾ فرمايو آهي تہ چار ڀيرا پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مقدس سينو چيريو ويو ۽ ان ۾ نور ۽ حڪمت جو خزانو ڀريو ويو پهريون ڀيرو جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت حليمہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جي گهر هئا جنهن جو ذڪر ٿي چڪو آهي ان جي حڪمت هيءَ هئي تہ حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن وسوسن ۽ خيالن کان محفوظ رهن جن ۾ ٻار مبتلا ٿي راند روند ۽ شرارتن ڏانهن مائل ٿي ويندا آهن ٻيو ڀيرو ڏهن سالن جي عمر ۾ ٿيو تہ جيئن پاڻ جواني جي شهوتن کان بي خوف ٿي وڃن. ٿيون ڀيرو غارِ حِرا ۾ سينو چيريو ويو ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دل ۾ نورِ سڪينہ ڀريو ويو تہ جئين پاڻ وحيءِ الٰهي جي عظيم ۽ ڳري وزن کي برداشت ڪري سگهن. چوٿون ڀيرو شب معراج ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو سينو مبارڪ چيري نور ۽ حڪمت جي خزاني سان معمور ڪيو ويو، تہ جيئن پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دل مبارڪ ۾ ايتري وسعت ۽ صلاحيت پيدا ٿي وڃي جو پاڻ ديدارِ الٰهي جون تجليون، ۽ ڪلامِ رباني جي هيبتن ۽ عظمتن کي برداشت ڪري سگهن.

## اُمِ ايمن

جڏهن حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت حليمہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جي گهر مان مڪي پاڪ پهچي ويا ۽ پنهنجي والده محترمہ وٽ رهڻ لڳا تہ حضرت ”اُمِ ايمن“ جيڪا سندن والد صاحب جي ٻانهي هئي پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت گذاري ۾ ڏينهن رات دل و جان سان مصروف رهڻ لڳي. اُمِ ايمن جو نالو ”برڪة“

آهي. هيءَ ٻانهي پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي والد صاحب رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان ميراث ۾ ملي هئي اُها ئي پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ماني کارائيندي هئي ڪپڙا پارائيندي هئي ۽ سندن ڪپڙا ڌوئيندي هئي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي آزاد ڪيل غلام حضرت زيد بن حارثہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ سان ان جو نڪاح ڪرائي ڇڏيو هو جن مان حضرت اسامہ بن زيد رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ پيدا ٿيا[1]. (رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم)

## ننڍپڻ جون ادائون

حضرت حليمہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جو بيان آهي تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پينگهو فرشتن جي لوڏڻ سان لُڏندو هو ۽ پاڻ ننڍپڻ ۾ چنڊ ڏانهن آڱر کڻي اشارو فرمائيندا هئا تہ چنڊ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آڱر جي اشاري تي حرڪت ڪندو هو جڏهن سندن زبان کلي تہ سڀ کان پهريان جيڪو ڪلام سندن زبان مبارڪ مان نڪتو اهو هي هو اللّٰه اكبر اللّٰه اكبر الحمد للّٰه رب العالمين وسبحان اللّٰه بكرة واصيلا ٻارن جي عادت جي مطابق ڪڏهن بہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪپڙن ۾ بول و براز (پيشاب ۽ پاخانو) نہ فرمايو، هميشہ هڪ خاص وقت تي رفعِ حاجت فرمائيندا هئا. جيڪڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شرم گاهہ ڪُلي ويندي هئي تہ پاڻ روئي روئي فرياد ڪندا هئا ۽ جيستائين شرم گاهہ نہ ڍڪجي ويندي هئي تيسيتائين حضور انور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي چين ۽ سُڪون نہ ايندو هو جيڪڏهن شرم گاهہ لِڪائڻ ۾ مون کان دير ٿي ويندي هئي تہ غيب کان ڪو سندن شرم گاهہ لِڪائي ڇڏيندو هو. جڏهن پاڻ ڪريم

[1] مدارج النبوت، قسم دوم، باب اول، ج 2، ص 23، والمواهب اللدنية، ذكر حضانته صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ج1، ص97

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي پيرن تي هلڻ لڳا تہ ٻاهر وڃي ٻارن کي راند کيڏندي ڏسندا هئا پر پاڻ راند روند ۾ شريڪ نہ ٿيندا هئا ٻار کين کيڏڻ لاءِ سڏيندا هئا تہ پاڻ فرمائيندا هئا تہ آءُ کيڏڻ لاءِ پيدا نہ ڪيو ويو آهيان.[1] (مدارج النبوة ج2، ص 21)

## حضرت آمنہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي وفات

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عمر شريف جڏهن ڇهن سالن جي ٿي وئي تہ سندن والده ماجده رَضِیَ اللهُ عَنْهَا پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ساڻ وٺي مديني شريف سندن ڏاڏي جي ناناڻن بنو عدي بن نجار ۾ مائٽن سان ملاقات يا پنهنجي مڙس جي قبر جي زيارت لاءِ تشريف وٺي وئي. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي والد صاحب جي ٻانهي اُمِ ايمن بہ ان سفر ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ هئي اتان کان واپسي تي ”ابواء“ نالي ڳوٺ ۾ بيبي آمنہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي وفات ٿي وئي ۽ اهي اُتي ئي مدفون ٿيون والد صاحب جو سايو تہ ولادت کان پهريان ئي لَهي چڪو هو هاڻي والده ماجده جي شفقت واري جهولي بہ ختم ٿي وئي. پر حضرت بيبي آمنہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو هي بي مثال موتي جنهن آغوشِ رحمت ۾ پرورش حاصل ڪري پروان چڙهڻ وارو آهي انهن سيني ظاهري تربيت جي اسبابن کان بي نياز آهي.[2]

حضرت بيبي آمنہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي وفات کانپوءِ حضرت اُمِ اَيمن رَضِیَ اللهُ عَنْهَا پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مڪي شريف وٺي آئي ۽

---

[1] مدارج النبوت، قسم دوم، باب اول، ج2، ص 20

[2] المواهب اللدنية، ذكر رضاعه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ج 1، ص 88 ملخصاً

سندن ڏاڏي عبد المطلب جي سپرد ڪيو ۽ ڏاڏي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تمام گهڻي شفقت ۽ محبت سان پرورش ڪئي ۽ حضرت اُمِ اَيمن رَضِيَ اللهُ عَنْهَا سندن خدمت ڪندي رهي. جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عمر شريف اٺ سال ٿي تہ سندن ڏاڏي عبد المطلب جو بہ انتقال ٿي ويو[1].

## ابو طالب وٽ

عبدالمطلب جي وفات کانپوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چاچي ابو طالب پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي آغوشِ تربيت ۾ ورتو، حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نيڪ خصلتن ۽ دل وندرائڻ وارين ننڍپڻ جي پيارين پيارين ادائن ابوطالب کي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اهڙو تہ گرويده (عاشق) بڻائي ڇڏيو جو گهر جي اندر ۽ ٻاهر هر وقت پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پاڻ سان گڏ ئي رکندا، پاڻ سان گڏ ئي ڪارائيندا پياريندا۽ پنهنجي ڀرسان ئي سندن بسترو وڇائيندا هئا ۽ هڪ گهڙي جي لاءِ بہ ڪڏهن پنهنجي نظرن کان پري ٿيڻ نہ ڏيندا هئا.[2]

ابو طالب جو چوڻ آهي تہ مون ڪڏهن بہ نہ ڏٺو تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن بہ وقت ڪو ڪوڙ ڳالهايو هجي يا ڪڏهن ڪنهن کي ڪو ڏوکو ڏنو هجي يا ڪڏهن ڪنهن کي ڪا تڪليف پهچائي هجي، يا آواره ڇوڪرن وٽ ڪيڏڻ جي لاءِ ويا هجن يا ڪڏهن ڪا خلافِ تهذيب ڳالهہ چئي هجي، هميشہ بيحد خوش اخلاق، نيڪ عادتن وارا، نرم گفتار، اعليٰ ڪردار ۽ اعليٰ درجي جا پرهيزگار رهيا.

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، ذكر وفاة امه ....الخ، ج 1، ص 353

[2] شرح الزرقاني علي المواهب، ذكر وفاة امه .....الخ، ج 1، ص 354

## سندن جي دعا سان برسات

هڪ ڀيرو ملڪِ عرب ۾ تمام سخت ڏڪار پئجي ويو. مڪي وارن بتن کي فرياد ڪرڻ جو ارادو ڪيو پر هڪ حسين ۽ جميل پوڙهي مڪي وارن کي چيو ته اي مڪي وارؤ! اسان ۾ ابو طالب موجود آهن جيڪي ڪعبي جي باني حضرت ابراهيم خليل الله عَلَيْهِ السَّلَام جي نسل مان آهن ۽ ڪعبي جا متولي ۽ سجاده نشين به آهن اسان کي انهن وٽ هلي دعا جي درخواست ڪرڻ گهرجي. جنهن تي سردارانِ عرب ابو طالب جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ فرياد ڪرڻ لڳا ته اي ابو طالب! ڏڪار جي باهه سڄي عرب کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيو آهي. جانور گاهه پاڻي لاءِ ترسي رهيا آهن ۽ انسان داڻو پاڻي نه ملڻ جي ڪري تڙپي تڙپي دم ڏئي رهيا آهن. قافلن جو اچڻ وڃڻ بند ٿي چڪو آهي ۽ هر طرف ويراني ۽ بربادي جو راڄ قائم آهي. توهان برسات جي لاءِ دعا ڪريو. عرب وارن جي فرياد ٻُڌي ابو طالب روئڻهارڪو ٿي ويا ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پاڻ سان گڏ وٺي حرمِ ڪعبه ۾ ويا ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪعبي جي ديوار سان ٽيڪ لڳائي ويهاري ڇڏيو ۽ دعا گهرڻ ۾ مشغول ٿي ويا دعا جي وچ ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي آڱر مبارڪ کي آسمان جي طرف کنيو ته يَڪدم چئني طرفن کان ڪَڪَر ڀرجي آيا ۽ فورًا ئي اهڙو زوردار رحمت ڀريو مينهن وسيو جو عرب جي زمين سيراب ٿي وئي. جهنگلن ۽ ميدانن ۾ هر طرف پاڻي ئي پاڻي نظر اچڻ لڳو. ويران ميدانن جون زمينون سرسبز ۽ شاداب ٿي ويون. ڏڪار ختم ٿي ويو ۽ سڄو عرب خوشحال ٿي ويو.

جيئن تہ ابو طالب پنهنجي هن طويل قصيدي ۾ جنهن کي انهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مدح ۾ نظم ڪيو آهي هن واقعي کي هڪ شعر ۾ هيئن ذڪر ڪيو آهي تہ

وَاَبْيَضَ يُسْتَسْقَى الْغَمَامُ بِوَجْهِهٖ ثِمَالُ الْيَتَامٰى عِصْمَةٌ لِّلْاَرَامِلِ

يعني اهي (حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اهڙي پُوري رنگ وارا آهن جو انهن جي رُخ انور جي ذريعي ڪَڪَرن کان برسات طلب ڪئي ويندي آهي اُهي يتيمن ۽ بيوائن جا نگهبان آهن[1].

(زرقاني علي المواهب ج 1، ص 190)

## اُمّي لقب

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو لقب ”اُمّي“ آهي ان لفظ جون بہ معنائون آهن يا تہ هي ”اُم القريٰ“ ڏانهن نسبت آهي ”اُم القريٰ“ مڪي شريف جو لقب آهي. تنهنڪري ”اُمّي“ جي معنيٰ مڪي جا رهڻ وارا يا ”اُمّي“ جي هيءَ معنيٰ آهي تہ پاڻ دنيا ۾ ڪنهن انسان کان لکڻ پڙهڻ نہ سکيو، اهو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو تمام ئي عظيم الشان معجزو آهي جو دنيا ۾ ڪنهن بہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نہ پڙهايو نہ لکايو. پر الله تعاليٰ رحمت عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ايتري قدر علم عطا فرمايو جو سندن سينو اوّلين ۽ آخِرين جي علم ۽ معارف جو خزانو بڻجي ويو. ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي اهڙو ڪتاب نازل ٿيو جنهن جو شان، تِبْيَانًا لِّكُلِّ شَيْءٍ (هر هڪ شيءِ جو روشن بيان آهي)

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، ذكر وفاة امه وما يتعلق بابويه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، ج 1، ص 355

حضرت مولانا جامي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه چا خوب فرمايو آهي تہ:

نگار من کہ بہ مکتب نرفت و خط ننوشت
بغمزہ سبق آموز صد مدرس شد

يعني منهنجا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نہ ڪڏهن مدرسي ويا نہ لکڻ سکيو پر پنهنجي اکين جي اشاري سان ڪيترن ئي استادن کي سبق پڙهايو.

ظاهر آهي تہ جنهن جو استاد ۽ تعليم ڏيڻ وارو خالقِ عالَم جَلَّ جَلَالُهٗ هجي ڀلا ان کي ڪنهن ٻئي استاد کان تعليم حاصل ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هوندي؟ اعليٰ حضرت فاضل بريلوي قدس سره العزيز ارشاد فرمايو تہ

ایسا امی کس لئے منت کش استاذ ہو
کیا کفایت اس کو اقرء ربک الاکرم نہیں

حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمّي لقب هئڻ جو حقيقي راز چا آهي؟ ان کي تہ خداوند علّام الغيوب کان سواءِ ٻيو ڪير نٿو ٻڌائي سگهي؟ پر بظاهر ان ۾ ڪجهہ حڪمتون ۽ فائدا معلوم ٿين ٿا.

**پهريون:** هي تہ سموري دنيا کي علم ۽ حڪمت سيکارڻ وارا حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هجن ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا استاد صرف خداوند عالَم ئي هجن، ڪو بہ انسان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو استاد نہ هجي جو ڪڏهن ڪو اهو نہ چئي سگهي تہ پيغمبر تہ منهنجو پڙهايل شاگرد آهي.

**ٻيو:** هي ته ڪو به شخص ڪڏهن به اهو خيال نه ڪري سگهي ته فلاڻو ماڻهو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو استاد هو ته شايد اهو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان وڌيڪ علم وارو هوندو.

**ٽيون:** حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي باري ۾ ڪو اهو وهم به نه ڪري سگهي ته حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چو ته پڙهيل لکيل ماڻهو هئا انهيءَ ڪري انهن پاڻ ئي قرآن جي آيتن کي ناهي پيش ڪيو آهي ۽ قرآن انهن جو ئي ناهيل ڪلام آهي.

**چوٿون:** جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڄي دنيا کي ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏين ته ڪو اهو نه چئي سگهي ته پراڻن ڪتابن کي ڏسي اهڙي قسم جي انمول ۽ انقلابي تعليم دنيا جي سامهون پيش ڪري رهيا آهن.

**پنجون:** جيڪڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪو استاد هجي ها ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ان جي تعظيم ڪرڻي پوي ها جڏهن ته حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خالق ڪائنات ان ڪري پيدا فرمايو هو ته سڄي دنيا پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم ڪري، انڪري حضرت حق جل شانه ان کي پسند نه فرمايو ته منهنجو محبوب ڪنهن جي شاگردي اختيار ڪري ۽ ڪو ان جو استاد هجي. (وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعْلَمُ)

## سفر شام ۽ بُحيرٰي

جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عمر شريف ٻارهن سال ٿي ته ان وقت ابو طالب تجارت جي لاءِ ملڪ شام جو سفر ڪيو. جيئن ته ابو طالب کي رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان تمام گهڻي محبت هئي انڪري اُهي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي

بہ ان سفر ۾ گڏ وڃي ويا. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اعلانِ نبوت کان اڳ ٽي ڀيرا تجارتي سفر فرمايو. بہ ڀيرا ملڪ شام ويا ۽ هڪ ڀيرو يمن تشريف وڃي ويا، هي ملڪ شام جو پهريون سفر آهي ان سفر جي دوران ”بُصريٰ“ ۾ ”بُحيريٰ“ راهب (عيسائي پادري) وٽ سندن قيام ٿيو. ان توريت ۽ انجيل ۾ بيان ڪيل آخري نبيءَ جي نشانين جي ذريعي رحمت عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏسندي ئي سڃاڻي ورتو ۽ تمام عقيدت ۽ احترام سان اُن سندن قافلي وارن جي دعوت ڪئي ۽ ابو طالب کي چيو تہ هي سڄي جهان جا سردار ۽ رب العالمين جا رسول آهن، جن کي الله پاڪ رحمة للعالمين بڻائي موڪليو آهي مون ڏٺو آهي تہ شجر ۽ حجر (يعني وڻ ۽ پٿر) انهن کي سجدو ڪندا آهن ۽ ڪَڪَر انهن تي ڇانوَ ڪندا آهن ۽ ان جي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ مُهرِ نبوت آهي. اِنهيءَ ڪري تنهنجي ۽ هن جي حق ۾ بهتر اهو ئي ٿيندو تہ هاڻي تون ان کي اڳتي نہ وڃي وچ ۽ پنهنجو مالِ تجارت هتي ئي وڪرو ڪري جيترو جلدي ٿي سگهي مڪي هليو وڃ، ڇو تہ شام ملڪ ۾ يهودي انهن جا وڏا دشمن آهن. اتي پهچندي ئي اهي ماڻهو هن کي شهيد ڪري ڇڏيندا. بُحيريٰ راهب جي چوڻ تي ابو طالب کي خطرو محسوس ٿيڻ لڳو. تنهنڪري انهن پنهنجي تجارت جو مال اتي ئي وڪرو ڪري ڇڏيو ۽ تمام جلدي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پاڻ سان گڏ وڃي واپس مڪي شريف پهتا. بُحيريٰ راهب واپسي جي وقت تمام عقيدت سان رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سفر جو ڪجهہ سامان بہ ڏنو[1]. (ترمذي ج 2 باب ما جاء في بدء نبوة النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

---

[1] سنن الترمذي، كتاب المناقب، باب ما جاء في بدء نبوة النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الحديث:- 3640، ج 5، ص 356، والسيرة النبوية لابن هشام، قصة بحيريٰ ،ص 73)

# باب ٽيون

## اعلان نبوت کان پهرين جا ڪارنامم

### جنگِ فجار

اسلام کان اڳ عربن ۾ جنگين جو هڪ وڏو سلسلو جاري هو انهن جنگين مان هڪ مشهور جنگ ”جنگ فجار“ به آهي. عرب جا ماڻهو ذوالقعده، ذوالحجه، محرم ۽ رجب، هنن چار مهينن جو تمام گهڻو احترام ڪندا هئا ۽ انهن مهينن ۾ جنگ ڪرڻ کي گناهه سمجهندا هئا، ايستائين جو عام طور تي انهن مهينن ۾ ماڻهو تلوارن کي ميانن ۾ رکي ڇڏيندا هئا. ۽ نيزن جا ڀالا لاهي ڇڏيندا هئا. پر ان جي باوجود ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه اهڙا حالات پيش اچي ويا جو مجبورًا انهن مهينن ۾ به جنگيون ڪرڻيون پيون. اهڙين جنگين کي عرب وارا ”حروبِ فجار“ (گناهه جون لڙايون) چوندا هئا. سڀ کان آخري جنگ فجار جيڪا ”قريش“ ۽ ”قيس“ قبيلي جي وچ ۾ لڳي هئي ان وقت حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عمر ويهه سال هئي ڇو ته قريش ان جنگ ۾حق تي هئا تنهنڪري رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به ان جنگ ۾ پنهنجن چاچن ابو طالب وغيره سان گڏ شرڪت فرمائي، پر ڪنهن تي هٿيار نه تاڻيائون، صرف ايترو ئي ڪيو جو پنهنجي چاچن کي تير کڻي ڏيندا رهيا. ان لڙائي ۾ پهريان قيس پوءِ قريش غالب ٿي ويا ۽ آخر ڪار صلح تي اها لڙائي ختم ٿي وئي.[1] (سيرت ابن هشام ج 2، ص186)

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، خروجه الي الشام، ج1، ص362، والسيرة النبوية لابن هشام، حرب الفجار،ص 75

## حلف الفضول

روز روز جي جنگين جي ڪري عرب جا سوين گهر برباد ٿي چڪا هئا. هر طرف بد اَمني ۽ ڏينهون ڏينهن لُٽ مار سان ملڪ جو امن ختم ٿي چڪو هو. ڪوبہ شخص پنهنجي جان ۽ مال کي محفوظ نہ سمجهندو هو. نہ ڏينهن جو سُک، نہ رات جو آرام، ان وحشت ناڪ صورتحال کان تنگ اچي ڪجهہ صُلح پسند ماڻهن جنگِ فجار جي ختم ٿيڻ کان پوءِ هڪ اصلاحي تحريڪ هلائي. تنهنڪري بنو هاشم، بنو زهره، بنو اسد وغيره قريش جي قبيلن جا وڏا وڏا سردار عبدالله بن جدعان جي گهر جمع ٿيا ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چاچي زبير بن عبد المطلب هيءَ راءِ ڏني تہ موجوده حالتن کي سڌارڻ لاءِ ڪو معاهدو ڪرڻ گهرجي. اهڙي طرح خاندانِ قريش جي سردارن ”باهمي بقا“ (گڏيل هميشگيءَ) جي اصول تي ”جيو ۽ جيئڻ ڏيو“ جي قِسم جو هڪ معاهدو ڪيو ۽ حلف (قَسم) کڻي عهد ڪيو تہ اسان:

(1) ملڪ مان بدامني ختم ڪنداسين (2) مسافرن جي حفاظت ڪنداسين (3) غريبن جي مدد ڪندا رهنداسين (4) مظلوم جي حمايت ڪنداسين (5) ڪنهن ظالم يا غاصب کي مڪي ۾ رهڻ نہ ڏينداسين. ان معاهدي ۾ حضوراقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ شريڪ ٿيا ۽ ڪين هي معاهدو ايتري قدر عزيز هو جو اعلانِ نبوت کان پوءِ حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائيندا هئا تہ ان معاهدي سان مون کي ايتري خوشي ٿي جيڪڏهن ان معاهدي جي بدلي ۾ ڪير مون کي ڳاڙها اٺ بہ ڏئي ها تہ مون کي ايتري خوشي نہ ٿئي ها. ۽ اڄ اسلام ۾ بہ جيڪڏهن ڪو مظلوم ”يَا آل حلف الفضول“ چئي مون

کي مدد جي لاءِ سڏي تہ آئون ان جي مدد ڪرڻ جي لاءِ تيار آهيان. ان تاريخي معاهدي کي ”حلف الفضول“ انڪري چوندا آهن جو قريش جي ان معاهدي کان گهٽو پهريان مڪي ۾ ”جرهم“ قبيلي جي سردارن جي وچ ۾ بہ بلڪل اهڙو ئي هڪ معاهدو ٿيو هو ۽ جرهم قبيلي جا جيڪي ماڻهو ان معاهدي جا محرڪ (اُپاريندڙ) هئا انهن سيني ماڻهن جو نالو ”فضل“ هو يعني فضل بن حارث، فضل بن وداعہ ۽ فضل بن فضالہ انڪري ان معاهدي جو نالو ”حلف الفضول“ رکيو ويو، يعني انهن ماڻهن جو معاهدو جن جا نالا ”فضل“ هئا[1]. (سيرت ابن هشام ج1، ص 134)

## ملڪ شام جو پيو سفر

جڏهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عمر پنجويهہ سال ٿي تہ سندن جي امانت ۽ صداقت جو چرچو پري پري تائين پهچي چڪو هو، حضرت خديجہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا مڪي جي هڪ تمام وڏي مالدار عورت هئي سندس جي مڙس جو انتقال ٿي چڪو هو انهن کي ضرورت هئي تہ ڪو امانتدار ماڻهو ملي وڃي تہ ان سان گڏ پنهنجي تجارت جو مال ۽ سامان ملڪ شام موڪلين. جڏهن تہ انهن جي نظرِ انتخاب ان ڪم جي لاءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي منتخب ڪيو ۽ چورائي موڪليو تہ حضُور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجو مالِ تجارت ڪٽي ملڪ شام وڃن، جيڪو معاوضو آئون ٻين کي ڏيندي آهيان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امانت ۽ ديانت جي ڪري آئون حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ان جو ٻيڻو ڏينديس. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي درخواست منظور

[1] السير النبوية لا بن هشام، حرب الفجار، ص 56

فرمائي ۽ تجارت جو مال ۽ سامان کڻي ملڪِ شام روانا ٿي ويا. ان سفر ۾ حضرت خديجہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا پنهنجي هڪ اعتماد واري غلام ”ميسره“ کي به پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ روانو ڪري ڇڏيو تہ جئين هو سندن خدمت ڪندو رهي. جڏهن رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملڪِ شام جي مشهور شهر ”بصريٰ“ جي بازار ۾ پهتا تہ ”نسطورا“ راحب جي رهائش گاهہ جي ويجهو ترسيا. ”نسطورا“ ميسره کي پهرين کان ڄاڻندو سڃاڻندو هو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صورت ڏسندي ئي ”نسطورا“ ميسره وٽ آيو ۽ پڇڻ لڳو تہ اي ميسره! هي ڪير شخص آهي جيڪو هِن وڻ جي هيٺان اچي ويهي رهيو آهي. ميسره جواب ڏيندي چيو تہ هي مڪي جا رهڻ وارا آهن ۽ خاندانِ بنو هاشم جي اکين جا نور آهن. سندن نالو ”محمّد“ ۽ لقب ”امين“ آهي. نسطورا چيو سواءِ نبي جي اڄ تائين هن وڻ جي هيٺان ڪير به ناهي ويٺو. انڪري مون کي يقين ڪامل آهي تہ ”نبي آخرالزمان“ هي ئي آهن، ڇو تہ آخري نبي جون نشانيون جيڪي مون توريت ۽ انجيل ۾ پڙهيون آهن اُهي سڀ جون سڀ مان هِنن ۾ ڏسي رهيو آهيان ڪاش مان اُن وقت تائين زندهہ رهان جڏهن هي پنهنجي نبوت جو اعلان ڪندا ۽ مان انهن جي ڀرپور مدد ڪريان ۽ پوري جان نثاريءَ سان انهن جي خدمت گذاري ۾ پنهنجي عمر گذاري ڇڏيان. اي ميسره! توکي نصيحت ۽ وصيت ڪريان ٿو تہ خبردار! هڪ گهڙيءَ جي لاءِ به تون هنن کان جدا نہ ٿجانءِ ۽ انتهائي عقيدت ۽ خلوص سان هِنن جي خدمت ڪندو رهجانءِ ڇو تہ اللّٰه تعاليٰ هنن کي ”خاتم النبيين“ ٿيڻ جو شرف عطا فرمايو آهي[1].

---

[1] مدارج النبوت، قسم دوم، باب دوم ،ج 2، ص 27

پوءِ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام جلد بصريٰ جي بازار ۾ تجارت جو مال وڪرو ڪري مڪي واپس اچي ويا واپسي ۾ جڏهن سندن قافلو مڪي شهر ۾ داخل ٿيڻ لڳو تہ حضرت بيبي خديجہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا ڇت تي ويهي قافلي جي اچڻ جو منظر ڏسي رهي هئي. جڏهن ان جي نظر حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي پئي تہ انهن کي ائين نظر آيو تہ بہ فرشتا پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مٿان اُس کان ڇانوَ ڪيو پيا اچن. حضرت خديجہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي دل تي ان نوراني منظر جو هڪ خاص اثر ٿيو ۽ هوءَ عقيدت، احترام ۽ تمام گهڻي محبت سان هي حسين جلوو ڏسندي رهي. گهڻن ڏينهن کان پوءِ پنهنجي غلام ميسره سان حضرت بيبي خديجہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا ان جو ذڪر ڪيو تہ ميسره ٻڌايو تہ آئون پوري سفر ۾ اهو ئي منظر ڏسندو رهيو آهيان، ان کان سواءِ مون تمام عجيب ۽ غريب ڳالهين جو مشاهدو پڻ ڪيو آهي. پوءِ ميسره نسطورا راهب جي گفتگو ۽ ان جي عقيدت ۽ محبت جو تذڪرو بہ ڪيو، اهو ٻڌي حضرت بيبي خديجہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان بي پناهہ دلي تعلق ۽ بيحد عقيدت ۽ محبت ٿي وئي، ايستائين جو سندس جي دل جُهڪي وئي ۽ سندس کي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نڪاح جي خواهش ٿي پئي[1]. (مدارج النبوة ج 2، ص 27)

## نڪاح

حضرت بيبي خديجہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا مال ۽ دولت سان گڏوگڏ نهايت

[1] مدارج النبوت ،قسم دوم، باب دوم، ج 2، ص 27

شريف ۽ پاڪيزه عورت هئي. مڪي وارا ڪين پاڪدامني ۽ پارسائيءَ جي ڪري طاهره چوندا هئا. انهن جي عمر چاليهه سال ٿي وئي هئي، پهريان انهن جو نڪاح ابو هاله بن زراره تميمي سان ٿيو هو ۽ ان مان ڪين ٻه پُٽ ”هند بن ابو هاله“ ۽ ”هاله بن ابو هاله“ پيدا ٿي چڪا هئا. ابو هاله جي وفات کان پوءِ حضرت خديجه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا ٻيو نڪاح ”عتيق بن عابد مخزومي“ سان ڪيو. ان مان به ٻه اولاد ٿيا هڪ ڇوڪرو ”عبد الله بن عتيق“ ۽ هڪ ڇوڪري ”هند بنت عتيق“. حضرت خديجه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي ٻئي مڙس ”عتيق“ جو به انتقال ٿي چڪو هو. وڏا وڏا قريش جا سردار انهن سان نڪاح جا خواهش مند هئا پر انهن سيني پيغامن کي نڪرائي ڇڏيو. پر حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيغمبرانه اخلاق ۽ عادتن کي ڏسي ۽ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حيرت انگيز حالتن کي ٻڌي انهن جي دل حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏانهن ايتري مائل ٿي وئي جو خود بخود سندن دل ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نڪاح جي خواهش پيدا ٿي پئي. ڪٿي وڏن وڏن مالدارن ۽ مڪي شهر جي سردارن جي پيغامن کي رد ڪري چڪي هئي ۽ اهو طئي ڪري چڪي هئي ته هاڻي چاليهن سالن جي عمر ۾ ٿيون نڪاح نه ڪنديس ۽ ڪٿي پاڻ ئي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ڀڻي حضرت صفيه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جيڪا سندن ڀاءُ عوام بن خويلد جي گهر واري هئي کي گهرايو ۽ ان کان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪجهه ذاتي حالتن جي باري ۾ وڌيڪ معلومات حاصل ڪئي پوءِ ”نفيسه“ بنت اميه جي ذريعي پاڻ ئي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏانهن نڪاح جو پيغام موڪليو. مشهور سيرت جي امام محمد اسحٰق لکيو آهي ته ان رشتي کي پسند ڪرڻ جي جيڪا وجهه حضرت خديجه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا خود حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان

بيان ڪئي آهي اها پاڻ انهن جي لفظن ۾ هيءَ آهي.

اِنِّیْ قَدْ رَغِبْتُ فِیْکَ لِحُسْنِ خُلُقِکَ وَصِدْقِ حَدِیْثِکَ

يعني مون پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنن اخلاقن ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سچائي جي ڪري ڪين پسند ڪيو[1]. (زرقاني علي المواهب ج 1 ص 200)

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان رشتي کي پنهنجي چاچي ابو طالب ۽ خاندان جي ٻين وڏن پوڙهن جي سامهون پيش فرمايو. پلا حضرت خديجه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جهڙي پاڪدامن شريف، عقلمند ۽ مالدار عورت سان شادي ڪرڻ جي لاءِ ڪيرنہ، چوندو؟ سڄي خاندان وارن نهايت خوشي سان ان رشتي کي قبول ڪيو ۽ نڪاح جي تاريخ مقرر ٿي وئي، حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت حمزه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ۽ ابو طالب وغيره پنهنجي چاچن ۽ خاندان جي ٻين ماڻهن ۽ شرفاء بني هاشم ۽ مضر سردارن کي پنهنجي ڄڃ سان حضرت بيبي خديجه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي گهر تشريف وٺي ويا ۽ نڪاح ٿيو. ان نڪاح جي وقت ابو طالب نهايت ئي فصيح ۽ بليغ خطبو پڙهيو ان خطبي مان ان ڳالهه جو چڱي طرح اندازو ٿئي ٿو تہ اعلان نبوت کان پهريان سندن خاندان جي وڏن ۽ پوڙهن جو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي باري ۾ ڪهڙو خيال هو ۽ سندن جي اخلاقن ۽ عادتن انهن تي ڪهڙو اثر ڇڏيو هو.[2] ابو طالب جي ان خطبي جو ترجمو هي آهي:

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، تزوجه عليه السلام من خديجة، ج 1، ص 370...374 مختصراً

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، تزوجه عَلَيْهِ السَّلَام من خديجة، ج 1، ص 376 مختصراً

سڀ تعريفون ان خدا جي لاءِ آهن جنهن اسان کي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي نسل ۾ حضرت اسمٰعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي اولاد مان ڪيو ۽ اسان کي معد ۽ مضر جي خاندان ۾ پيدا فرمايو. ۽ پنهنجي گهر (ڪعبي) جو نگهبان ۽ پنهنجي حرم جو متولي بڻايو ۽ اسان کي علم ۽ حڪمت وارو گهر ۽ امن وارو حرم عطا فرمايو ۽ اسان کي ماڻهن تي حاڪم بڻايو.

هي منهنجي ڀاءُ جو فرزند محمد بن عبد الله آهي. هي هڪ اهڙو جوان آهي جو قريش جي جنهن به شخص سان سندن ڀيٽ ڪئي وڃي هي هر شان ۾ ان کان وڌيل ئي رهندو. ها مال هن وٽ گهٽ آهي پر مال ته هڪ لهندڙ پاڇو (يعني ڪڏهن هڪ وٽ ته ڪڏهن ٻئي وٽ) ۽ تبديل ٿيڻ واري شيءِ آهي. اَمّا بَعد! منهنجو ڀائٽيو محمّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو شخص آهي جنهن سان منهنجي لاڳاپي ۽ محبت کي توهان چڱي طرح ڄاڻو ٿا. هو خديجه بنت خويلد رَضِيَ اللهُ عَنْهَا سان نڪاح ڪري ٿو ۽ منهنجي مال مان ويهه اُٺ مهر مقرر ڪري ٿو ۽ انهن جو مستقبل تمام روشن، عظيم الشان ۽ جليل القدر آهي[1]. (زرقاني علي المواهب ج1،ص201)

جڏهن ابو طالب پنهنجو اهو خطبو ختم ڪري چڪا ته حضرت بي بي خديجه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي سؤٽ ورقه بن نوفل به بيهي هڪ شاندار خطبو پڙهيو. جنهن جو مضمون هي آهي:

خدا جي لاءِ ئي تعريف آهي جنهن اسان کي اهڙو ئي ناهيو جهڙو

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، تزوجه عليه السلام من خديجة، ج 1، ص 376 ملخصاً و مدارج النبوت، قسم دوم، باب دوم ج 2، ص 28

اي ابو طالب! توهان ذڪر ڪيو ۽ اسان کي اهي سيئي فضيلتون عطا فرمايون آهن جن کي توهان شمار ڪيو. بيشڪ اسان عرب جا پيشوا ۽ سردار آهيون ۽ توهان ۾ تمام فضيلتن جا اهل آهيو. ڪوبہ قبيلو توهان جي فضيلتن جو انڪار نٿو ڪري سگهي ۽ ڪو بہ شخص توهان جي فخر ۽ شرف کي رد نٿو ڪري سگهي. بيشڪ اسان نهايت ئي رغبت سان توهان سان گڏ ٿيڻ ۽ رشتي ۾ شامل ٿيڻ کي پسند ڪيو. تنهنڪري اي قريش! توهان گواهہ رهجو تہ خديجہ بنت خويلد رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کي مون محمّد بن عبد الله رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي زوجيت ۾ ڏنو چار سؤ مثقال (هڪ سڪو جنهن جو وزن سادا چار ماشہ آهي) مهر جي بدلي[1].

مطلب تہ حضرت بيبي خديجہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا سان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نڪاح ٿي ويو ۽ حضور محبوبِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو گهر خوشحالي واري زندگي سان آباد ٿي ويو. حضرت بي بي خديجہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا تقريباً 25 سالن تائين حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ رهي ۽ ان جي زندگي ۾ حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کو بہ ٻيو نڪاح نہ فرمايو ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هڪ فرزند حضرت ابراهيم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان سواءِ باقي اولاد حضرت خديجہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي بطن (پيٽ مبارڪ) مان پيدا ٿيو. جنهن جو تفصيلي بيان اڳتي ايندو.

حضرت خديجہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا پنهنجي سڄي دولت حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قدمن تي نڇاور ڪري ڇڏي ۽ پنهنجي سڄي

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، تزوجه عَلَيْهِ السَّلَام من خديجة ،ج 1 ، ص 377

زندگي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي غمخواري ۽ خدمت ۾ نثار ڪري ڇڏي جنهن جي تفصيل ايندڙ صفحن تي بيان ڪئي ويندي.

## ڪعبي جي تعمير

پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سچ، امانت ۽ ديانت جي ڪري الله پاڪ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مخلوق ۾ ايترو مقبول بڻائي ڇڏيو ۽ عقلِ سليم ۽ بي مثال دانائي جو اهڙو عظيم جوهر عطا فرمائي ڇڏيو جو ننڍي عمر ۾ ئي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن عرب جي وڏن وڏن سردارن جي جهڳڙن جو اهڙو لاجواب فيصلو فرمائي ڇڏيو جو وڏن دانشورن ۽ سردارن ان فيصلي جي اڳيان سِرَ جهڪائي ڇڏيا ۽ سيني بالاتفاق پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجو آقا ۽ سردارِ اعظم تسليم ڪري ورتو. جيئن ته اهڙي قسم جو هڪ واقعو ڪعبي جي تعمير جي وقت پيش آيو جنهن جو تفصيل هي آهي ته جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي عمر پنجٽيهه (35) سال ٿي ته تيز برسات جي سبب حرمِ ڪعبه ۾ اهڙي ٻوڏ آئي جو ڪعبي جي عمارت بلڪل ڊهي پئي. حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسحٰق عَلَيْهِمَا السَّلَام جو ٺاهيل ڪعبو تمام پراڻو ٿي چڪو هو عمالقه، جرهم قبيلو ۽ قصي وغيره پنهنجي پنهنجي وقت ۾ ڪعبي جي تعمير ۽ مرمت ڪندا رهندا هئا پر جيئن ته عمارت هيٺاهينءَ تي هئي ان ڪري جبلن تان ڪرندڙ برساتي پاڻيءَ جو تيز وهڪرو واديءِ مڪه مان ٿي گذرندو هو ۽ اڪثر حرمِ ڪعبه ۾ ٻوڏِ اچي ويندي هئي. ڪعبي جي حفاظت جي لاءِ مٿانهين تي قريشن ڪيترائي بند به ٻڌا هئا پر اهي بند بار بار ٽُٽي پوندا هئا. انڪري قريشن اِهو فيصلو ڪيو ته

عمارت کي ڊاهي پوءِ ڪعبي جي مضبوط عمارت ٺاهي وڃي جنهن جو دروازو مٿي هجي ۽ ڇت به هجي[1]. اهڙي طرح قريشن ملي ڪري تعمير جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو. ان تعمير ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به شريڪ ٿيا ۽ قريشن جي سردارن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي پٿر ڍوئيندا رهيا مختلف قبيلن تعمير جي لاءِ مختلف حصا پاڻ ۾ ورهائي ڇڏيا. جڏهن عمارت ”حجر اسود“ تي پهتي تہ قبيلن ۾ سخت جهڳڙو ٿي پيو هر قبيلي اِهو چاهيو ٿي تہ اسان ئي ”حجر اسود“ کي ڪٽي پٽ ۾ لڳايون تہ جيئن اسان جي قبيلي جي لاءِ اهو اعزاز ۽ فخر جو باعث بڻجي وڃي. هِن جهيڙي ۾ چار ڏينهن گذري ويا ايستائين جو نوبت تلوارن تائين پهچي وئي بنو عبد الدار ۽ بنو عدي جي قبيلن تہ ان تي جان جي بازي لڳائي ڇڏي ۽ جاهليت جي زماني جي مطابق پنهنجي قسمن کي مضبوط ڪرڻ جي لاءِ هڪ پيالي ۾ رت ڀري پنهنجون آڱريون ان ۾ ٻوڙي چٽي ڇڏيون. پنجين ڏينهن ڪعبي جي حرم ۾ عرب جا تمام قبيلا جمع ٿيا ۽ ان جهڳڙي کي ختم ڪرڻ جي لاءِ هڪ وڏي پوڙهي شخص هيءَ تجويز پيش ڪئي تہ سياڻي جيڪو شخص صبح سوير سڀ کان پهريان حرمِ ڪعبہ ۾ داخل ٿيندو ان کي امين مڃيو ويندو، اُهو جيڪو فيصلو ڪندو سڀ ان کي تسليم ڪندا. اهڙي طرح سڀني اُها ڳالهہ مڃي ورتي. الله پاڪ جو شان تہ ڏسو جيڪو شخص صبح جو سوير حرمِ ڪعبہ ۾ داخل ٿيو اهي حضور رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ئي هئا. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏسندي ئي سيئي چوڻ لڳا تہ الله جو قسم هي ”امين“ آهن تنهنڪري اسان

---

[1] السيرة الحلبية، باب بنيان قريشي الكعبة .....الخ، ج 1 ، ص 204، مختصراً

سڀ انهن جي فيصلي تي راضي آهيون. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جهڳڙي جو هيئن فيصلو فرمايو جو پهريان پاڻ حڪم ڏنائون تہ جنهن جنهن قبيلي جا ماڻهو حجر اسود کي ان مقام تي رکڻ جا دعويدار آهن انهن جو هڪ هڪ سردار چونڊيو وڃي، تنهنڪري هر قبيلي پنهنجو پنهنجو سردار چونڊي ورتو. پوءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي چادر مبارڪ وڇائي حجر اسود کي ان تي رکيو ۽ سردارن کي حڪم ڏنو تہ سڀئي سردار ان چادر مبارڪ کي جهلي مقدس پٿر کي کڻو. سڀني سردارن چادر کي کنيو ۽ جڏهن حجر اسود پنهنجي مَقام تي پهچي ويو تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجن مبارڪ هٿن سان ان مقدس پٿر کي کڻي ان جي جاءِ تي رکيو. اهڙي طرح هڪ اهڙي خوني لڙائي ٽري وئي جنهن جي نتيجي ۾ نہ ڄاڻ ڪيترو خون خرابو ٿئي ها[1]. (سيرت ابن هشام ج1 ، ص 196 .....197)

خانہ ڪعبہ جي عمارت ٺهي وئي پر تعمير جي لاءِ جيڪو سامان جمع ڪيو ويو هو اهو گهٽ ٿي ويو ان ڪري هڪ طرف جو ڪجهہ حصو ٻاهر ڇڏي نئون بنياد رکي ڪري ننڍو ڪعبو ٺاهيو ويو ڪعبي شريف جو اهو حصو جنهن کي قريشن عمارت کان ٻاهر ڇڏي ڏنو "حطيم" سڏبو آهي جنهن ۾ ڪعبي شريف جي ڇت جي نيساري جو پاڻي ڪري ٿو.

## ڪعبو ڪيترا ڀيرا تعمير ڪيو ويو

حضرت علامہ جلال الدين سيوطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه "تاريخ مڪہ" ۾

[1] السيرة النبوية لابن هشام،حديث بنيان الكعبة .....الخ، ص 79

تحرير فرمايو آهي تہ ”خانہ ڪعبہ“ ڏهہ ڀيرا تعمير ڪيو ويو (1) سڀ کان پهريان فرشتن بلڪل ”بيت المعمور“ جي سڌ تي زمين ۾ خانہ ڪعبہ ٺاهيو (2) پوءِ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام ان جي تعمير فرمائي (3) ان کان پوءِ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي فرزندن ان عمارت کي ٺاهيو (4) ان کان پوءِ حضرت ابراهيم خليل الله ۽ ان جي پياري فرزند حضرت اسمٰعيل عَلَيْهِمَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ان مقدس گهر کي تعمير ڪيو جنهن جو ذڪر قرآن مجيد ۾ آهي. (5) قوم عمالقہ جي عمارت. (6) ان کان پوءِ قبيلي جرهم ان جي عمارت ٺاهي. (7) قريش جي مورث اعليٰ ”قصيٰ بن ڪلاب“ جي تعمير. (8) قريشن جي تعمير جنهن ۾ خود حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بہ شرڪت فرمائي ۽ قريشن سان گڏ پاڻ بہ پنهنجي ڪلهن مبارڪن تي پٿر ڍوئيندا رهيا (9) حضرت عبد الله بن زبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي دؤرِ خلافت ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٻُڌايل نقشي جي مطابق تعمير ڪيو. يعني حطيم جي زمين کي ڪعبہ ۾ داخل ڪري ڇڏيو ۽ دروازو زمين جي برابر هيٺ رکيو ۽ هڪ دروازو اوير جي طرف ۽ هڪ دروازو اولهہ جي طرف ٺاهي ڇڏيو. (10) عبد الملڪ بن مروان اموي جي ظالم گورنر حجاج بن يوسف ثقفي حضرت عبد الله بن زبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي شهيد ڪري ڇڏيو. ۽ ان جي ٺاهيل ڪعبي کي ڊاهي ڇڏيو ۽ پوءِ زمانۂ جاهليت جي نقشي جي مطابق ڪعبي کي ٺاهيو. جيڪو اڄ تائين موجود آهي.

جڏهن تہ حضرت علاّمہ حلبي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي سيرت ۾ لکيو آهي تہ نئين سِر ڪعبي جي جديد تعمير صرف ٽي ڀيرا ٿي آهي.

(1) حضرت ابراهيم خليل الله عَلَيْهِ السَّلَام جي تعمير (2) جاهليت جي زماني ۾ قريش جي عمارت ۽ انهن ٻنهي تعميرن ۾ ٻه هزار ست سو پنجٽيهه (2735) سالن جو فاصلو آهي (3) حضرت عبد الله بن زبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي تعمير جيڪا قريش جي تعميرکان ٻياسي سال پوءِ ٿي.

ملائڪن ۽ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام ۽ ان جي فرزندن جي تعميرات جي باري ۾ علامه حلبي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو ته اِهو صحيح روايتن مان ثابت ئي نه آهي باقي تعميرن جي باري ۾ انهن لکيو آهي ته اُها عمارت ۾ ٿوري ترميم يا ڪنهن ڀڳل ٽٽل حصي جي مرمت هئي. نئين تعمير نه هئي.[1] وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعْلَمُ

(حاشيه بخاري ج 1 ص 215 باب فضل مكه)

## مخصوص احباب

اعلان نبوت کان پهريان جيڪي ماڻهو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مخصوص احباب ۽ رفيق هئا اهي سڀ تمام ئي اعليٰ اخلاق، عالي مرتبي، عقل وارا ۽ باوقار ماڻهو هئا. انهن ۾ سيني کان وڌيڪ مقرَّب حضرت ابو بڪر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هئا جيڪي سالن تائين پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان وطن ۽ سفر ۾ گڏ رهيا ۽ تجارت ۽ ٻين ڪاروباري معاملن ۾ هميشه پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا شريڪ ۽ رازدار رهيا. اهڙي طرح حضرت خديجه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جا سؤٽ حضرت حڪيم بن حزام رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جيڪي قريش جا تمام معزز رئيس هئا جن جو هڪ خاص شرف هي به آهي ته انهن

[1] حاشية صحيح البخاري، كتاب المناسك،باب فضل مكة و بنيانها ، حاشية :4 ،ج1، ص 215

جي ولادت خانہ ڪعبہ ۾ ٿي. اهي بہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مخصوص احبابن ۾ خاص حيثيت رکندا هئا[1].

حضرت ضماد بن ثعلبہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جيڪي جاهليت جي زماني ۾ طبابت ۽ جرّاحي (جسم جي زخمن جي وَڍِ ٿُڪ ۽ علاج ڪرڻ) جو ڪم ڪندا هئا اهي بہ خاص احبابن مان هئا. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اعلانِ نبوت کان پوءِ هي پنهنجي ڳوٺ کان مڪي آيا تہ قريش جي ڪافرن کان اِها خبر ٻُڌي تہ محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) مجنون ٿي ويا آهن. پوءِ هي ڏنائون تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رستي تان وڃي رهيا آهن ۽ حضُور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پويان ٻارن جو ميڙ آهي جيڪي شور مچائي رهيا آهن اهو ڏسي حضرت ضماد بن ثعلبہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي ڪجهہ شڪ پيدا ٿيو ۽ پراڻي دوستي جي خاطر انهن کي تمام گهڻو ڏُک پهتو. تنهنڪري هي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ويجهو آيا ۽ چوڻ لڳا اي محمد! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) آءُ طبيب آهيان ۽ جنون جو علاج ڪري سگهان ٿو اهو ٻُڌي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جي حمد ۽ ثناء کان پوءِ ڪجهہ جملا ارشاد فرمايا جن جو حضرت ضماد بن ثعلبہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي دل تي اهڙو اثر ٿيو جو اُنهن فوراً ئي اسلام قبول ڪري ورتو.[2] (مشكوٰة باب علامات النبوة ص 225 ومسلم ج اول ص 285 كتاب الجمعہ)

حضرت قيس بن سائب مخزومي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ تجارت جي ڪاروبار ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان شريڪ رهندا هئا پاڻ

---

[1] اسد الغابة في معرفة الصحابة ،حكيم بن حزام. ج2 ،ص 58 مختصراً

[2] مشكاة المصابيح، كتاب الفضائل والشمائل، باب علامات النبوة، الفصل الاول، الحديث:- 5860، ج 2، ص 374

ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ويجهن دوستن مان هئا. چوندا هئا تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو معاملو پنهنجي تجارتي شريڪن سان هميشہ نهايت صاف ستڙو رهندو هو ۽ ڪڏهن ڪو جهڳڙو پيش نہ ايندو هو.[1] (استيعاب ج 2 ص 537)

## عرب جي موحدن (خدا ڪي هڪ مڃيندڙن) سان تعلقات

عرب ۾ جيتوڻيڪ هر طرف شرڪ ڦهلجي ويو هو ۽ گهر گهر بُت پرستي جو راڄ هو. پر ان ماحول ۾ بہ ڪجهہ اهڙا ماڻهو هئا جيڪي توحيد جا شيدائي، شرڪ ۽ بُت پرستي کان بيزار هئا. انهن خوش نصيبن ۾ زيد بن عمرو بن نفيل آهن. هي علي الاعلان شرڪ ۽ بت پرستي کان انڪار، ۽ جاهليت جي مشرڪانہ رسمن کان نفرت جو اظهار ڪندا هئا. هي حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جا سؤٽ آهن. شرڪ ۽ بت پرستي جي خلاف اعلانِ مذمت جي ڪري سندن چاچو ”خطاب بن نفيل“ کين تمام گهڻيون تڪليفون ڏيندو هو. ايستائين جو انهن کي مڪي شهر مان ڪڍي ڇڏيو هو ۽ انهن کي مڪي ۾ داخل ٿيڻ نہ ڏيندو هو. پر هي هزارين تڪليفن جي باوجود توحيد جي عقيدي تي جبل وانگر مضبوط رهيا. سندن بہ شعر تمام مشهور آهن جن کي هي مشرڪن جي ميلن ۽ مجمعن ۾ وڏي آواز سان ٻڌائيندا هئا تہ

اَرَبًّا وَّاحِدًا اَمْ اَلْفَ رَبٍّ ۔۔۔ اَدِيْنُ اِذَا تُقُسِّمَتِ الْاُمُوْر
تَرَكْتُ اللَّاتَ وَالْعُزّٰى جَمِيْعًا ۔۔۔ كَذَالِكَ يَفْعَلُ الرَّجُلُ الْبَصِيْر

[1] الاستيعاب، حرف القاف، ج 3، ص 349

يعني ڇا آئون هڪ رب جي اطاعت ڪريان يا هڪ هزار ربن جي؟ جڏهن تہ ماڻهن جا ديني معاملا ورهائجي چڪا آهن. مون تہ لات ۽ عزيٰ کي ڇڏي ڏنو ۽ هر بصيرت (ڏسڻ وارو) ائين ئي ڪندو“[1] (سيرت ابن هشام ج 1 ص 226)

هي مشرڪن جي دين کان متنفر ٿي سچي دين جي تلاش ۾ ملڪ شام هليا ويا. اتي هڪ يهودي عالَم سان مليا. پوءِ هڪ نصراني پادري سان ملاقات ڪئي ۽ جڏهن پاڻ يهودي ۽ نصراني دين کي قبول نہ ڪيو تہ انهن ٻنهي ”دينِ حنيف“ ڏانهن سندن رهنمائي ڪئي جيڪو حضرت ابراهيم خليل الله عَلَيْهِ السَّلَام جو دين هو ۽ انهن ٻنهي اهو بہ ٻڌايو تہ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام نہ يهودي هئا نہ نصراني، ۽ اهي هڪ خداءِ واحد کان سواء ڪنهن جي عبادت نہ ڪندا هئا. اهو ٻُڌي زيد بن عمرو بن نفيل ملڪ شام کان واپس مڪي اچي ويا ۽ هٿ کڻي مڪي ۾ وڏي آواز سان هي چوندا هئا تہ اي انسانو! گواهہ رهجو تہ آئون حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي دين تي آهيان.[2] (سيرت ابن هشام ج1ص225)

اعلانِ نبوت کان اڳ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان زيد بن عمرو بن نفيل جو تمام خاص تعلق هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ملاقات بہ ٿيندي رهندي هئي. اهڙي طرح حضرت عبد الله بن عمر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا روايت ڪن ٿا تہ هڪ ڀيرو وحي نازل ٿيڻ کان پهريان حضور انور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيد بن عمرو بن نفيل

---

[1] السيرة النبوية لابن هشام، زيد بن عمرو بن نفيل ص 90

[2] السيرة النبوية لابن هشام، زيد بن عمرو بن نفيل، ص 93 و صحيح البخاري، كتاب مناقب الانصار، باب حديث زيد بن عمرو بن نفيل، الحديث: 3827، ج2، ص 567

سان ”بلدح“ جڳهه جي هيٺانهين زمين ۾ ملاقات ٿي ته انهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اڳيان دسترخوان تي طعام پيش ڪيو. جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ته زيد بن عمرو بن نفيل چوڻ لڳو ته آئون بُتن جي نالي تي ذبح ڪيل جانورن جو گوشت نه کائيندو آهيان. آءُ صرف الله تعاليٰ جي نالي تي ذبح ٿيل گوشت کائيندو آهيان. پوءِ قريشن جي ذبح ڪيل جانورن جي بُرائي بيان ڪرڻ لڳا ۽ قريشن کي مخاطب ٿي چوڻ لڳا ته ٻڪري کي الله تعاليٰ پيدا فرمايو ۽ الله تعاليٰ ان جي لاءِ آسمان تان پاڻي موڪليو ۽ زمين مان گاهه پيدا ڪيو. پوءِ اي قريش! توهان ٻڪري کي الله جي غير (بتن) جي نالي تي ذبح ڪندا آهيو؟[1]

حضرت اسماء بنت ابو بڪر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا چون ٿيون ته مون زيد بن عمرو بن نفيل کي ڏٺو ته هو خانه ڪعبه سان ٽيڪ لڳائي چئي رهيو هو ته اي قريش! خدا جو قسم! مون کان سواءِ توهان مان ڪير به حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي دين تي نه آهي.[2]

(بخاري ج 1 باب حديث زيد بن عمرو بن نفيل ص540)

## ڪاروباري مشغلا

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اصل خانداني پيشو تجارت

---

[1] صحيح البخاري، كتاب مناقب الانصار، باب حديث زيد بن عمرو بن نفيل، الحديث: 3826، ج 2، ص 567

[2] صحيح البخاري، كتاب مناقب الانصار، باب حديث زيد بن عمرو بن نفيل الحديث:3828، ج 2، ص 568

هو ۽ جئين تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ننڍپڻ ۾ ئي ابو طالب سان گڏ ڪيترائي ڀيرا تجارتي سفر فرمائي چڪا هئا. جنهن مان پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تجارتي ڏيتي ليتي جو ڪافي تجربو پڻ ٿي چڪو هو ان ڪري گذر سفر لاءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تجارت جو پيشو اختيار ڪيو. ۽ تجارت جي ڪري شام، بصريٰ ۽ يمن جو سفر فرمايو ۽ اهڙي سچ، امانت ۽ ديانت سان پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تجارتي ڪاروبار ڪيو جو سندن شريڪ ۽ پوري بازار وارا پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ”امين“ جي لقب سان سڏڻ لڳا.

هڪ ڪامياب تاجر جي لاءِ امانت، سچائي، وعدي جي پابندي، خوش اخلاقي تجارت جي لاءِ ضروري آهن. انهن خاصيتن ۾ مڪي جا امين تاجر بڻجي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪو تاريخي ڪارنامو سرانجام ڏنو ان جو مثال دنيا جي تاريخ ۾ نٿو ملي.

حضرت عبد الله بن ابي الحمساء صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن فرمايو تہ وحيءَ جي نازل ٿيڻ ۽ اعلان نبوت کان اڳ مون پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان خريد و فروخت جو معاملو ڪيو. ڪجهہ رقم مون ادا ڪري ڇڏي ڪجهہ باقي رهجي وئي هئي. مون واعدو ڪيو تہ آئون هينئر ئي اچي باقي رقم بہ ادا ڪريان ٿو. اتفاق سان ٽن ڏينهن تائين مون کي پنهنجو واعدو ياد نہ آيو. ٽئين ڏينهن جڏهن آئون ان جڳهہ تي پهتس جتي مون اچڻ جو واعدو ڪيو هو تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اتي انتظار ڪري رهيا هئا. پر منهنجي ان واعدي خلافي تي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيشاني تي هڪ بہ گهُنج نہ آيو بس صرف ايترو ئي

فرمايائون تہ توهان ڪٿي هئا؟ آئون هِن جڳهہ تي توهان جو ٽن ڏينهن کان انتظار ڪري رهيو آهيان.[1]

(سنن ابو داؤد ج2 ص334 باب في العدة مجتبائي)

اهڙي طرح هڪ صحابي حضرت سائب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جڏهن مسلمان ٿي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا تہ ماڻهو انهن جي تعريف ڪرڻ لڳا تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ آءُ هن کي توهان کان وڌيڪ سڃاڻان ٿو. حضرت سائب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا مون عرض ڪيو منهنجا ماءُ پيءُ اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي قربان اوهان سچ فرمايو اعلان نبوت کان پهرين اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجا شريڪِ تجارت هيؤ ۽ ڪيڏا نہ سنا شريڪ هيؤ، ان وچ ۾ اوهان ڪڏهن بہ مون سان لڙائي جهڳڙو نہ ڪيو هو.[2] (سنن ابو داؤد ج2 ص 317 باب ڪراهية المرا، مجتبائي)

## غير معمولي ڪردار

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ننڍپڻ وارو زمانو ختم ٿيو ۽ جواني جو زمانو آيو تہ ننڍپڻ وانگر پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جواني بہ عام ماڻهن کان مختلف هئي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جواني حياء جو پيڪر ۽ چال چلت پرهيزگاري ۽ وقار جو ڪامل نمونو هئي. اعلان نبوت کان اڳ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پوري زندگي بلند اخلاقن ۽ سنين عادتن جو خزانو هئي. سچائي، ديانتداري، وفاداري، واعدي جي پابندي، بزرگن جي عظمت، ننڍن تي شفقت، رشتيدارن سان محبت، رحم ۽ سخاوت،

---

[1] سنن ابي داؤد، ڪتاب الادب، باب في العدة، الحديث: 4996، ج4، ص388

[2] سنن ابي داؤد، ڪتاب الادب، باب في ڪراهية المراء، الحديث:4836، ج4، ص342

قوم جي خدمت، دوستن سان همدردي، عزيزن جي غمخواري، غريبن ۽ مفلسن جي خبر گيري، دشمنن سان نيڪ سلوڪ، خلقِ خدا جي خير خواهي ۽ تمام نيڪ خصلتن ۽ سٺين سٺين ڳالهين ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ايتري تہ وڏي مقام تي پهتل هئا جو دنيا جي وڏن وڏن انسانن جي لاءِ اُتي پهچڻ تہ ڇا؟ ان جو تصور بہ ممڪن نہ آهي.

گهٽ ڳالهائڻ، فضول ڳالهين کان نفرت، گرم جوشي ۽ ڪلي ڪيڪاري دوستن ۽ دشمنن سان ملڻ هر معاملي ۾ سادگي ۽ صفائي سان ڳالهہ ڪرڻ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو طريقو هو.

حرص، طمع (لالچ)، دغا، ڪوڙ، شراب خوري، بدڪاري، ناچ گانو، قرمار، چوري، بي حيائي، عشق بازي، اِهي تمام خراب عادتون ۽ خراب خصلتون جيڪي جاهليت جي زماني ۾ جيئن هر ٻار جي طبيعت ۾ شامل هونديون هيون حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذات اُنهن تمام عيبن ۽ خامين کان پاڪ ۽ صاف رهي. حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سچ، امانت ۽ ديانت جو پوري عرب ۾ چرچو هو ۽ مڪي جي هر ننڍي وڏي جي دلين ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اخلاق جو اعتبار، ۽ سيني جي نظرن ۾ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هڪ خاص وقار هو.

ننڍپڻ کان وٺي تقريباً چاليهن سالن جي عمر ٿي وئي پر جاهليت جي زماني ۾ رهڻ جي باوجود تمام مشرڪانہ رسمن، ۽ جاهلانہ طريقن کان هميشہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڪ رهيا. مڪو شرڪ ۽ بُت پرستي جو سڀ کان وڏو مرڪز هو خود خانہ ڪعبہ ۾ ٽي سؤ سٺ بتن جي پوڄا ٿيندي هئي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ

وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خاندان وارا ڪعبي جا متولي ۽ سجاده نشين هئا پر ان جي باوجود پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن به بتن جي سامهون پنهنجو سر نه جهڪايو.

مطلب ته نزولِ وحي ۽ اعلانِ نبوت کان پهريان به پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مقدس زندگي اخلاقِ حسنه ۽ سهڻن عادتن جو مجسمو، تمام عيبن ۽ خامين کان پاڪ ۽ صاف رهي. تنهنڪري اعلانِ نبوت کان پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دشمنن تمام گهڻي ڪوشش ڪئي ته ڪو ننڍو عيب، يا ٿوري به ڪا خلاف تهذيب ڳالهه پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زندگيءَ جي ڪنهن به دؤر ۾ ملي وڃي ته ان جي ذريعي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عزت تي حملو ڪري ماڻهن جي نگاهن ۾ حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ذليل ۽ خوار ڪري ڇڏين پر تاريخ گواهه آهي ته هزارين دشمن سوچي سوچي ٿڪجي پيا پر ڪو هڪ به اهڙو واقعو نه ملي سگهيو جنهن سان هو رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي آڱر کڻي سگهن. تنهنڪري هر انسان هِن حقيقت جو اعتراف ڪرڻ تي مجبور آهي ته بيشڪ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ڪردار انسانيت جو هڪ اهڙو محير العقول (عقلن کي حيران ڪرڻ وارو) ۽ غير معمولي ڪردار آهي جيڪو نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي لاءِ ممڪن ئي نه آهي. اِهو ئي سبب آهي جو اعلانِ نبوت کان پوءِ خوشنصيب رُوحَ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪلمو پڙهي تن، من، ڌن، سان حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ايئن قربان ٿيڻ لڳا جو انهن جي جان نثارين کي ڏسي شمع جي پروانن جان نثاريءَ جو سبق سکيو ۽ حقيقت کي سڃاڻيندڙ ماڻهو تمام گهڻي عقيدت سان حضور انور

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حسنِ صداقت تي پنهنجي عقلن کي قربان ڪري پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بُڌايل اسلامي رستي تي محبت پري ادائن سان هي چوندي هليا تہ.

چلو وادی عشق میں پا برہنہ ! یہ جنگل وہ ہے جس میں کانٹا نہیں ہے

# باب چوٿون

## اعلان نبوت کان بيعتِ عقبہ تائين

جڏهن حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زندگي جو چاليهون سال شروع ٿيو تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذات اقدس ۾ هڪ نئون انقلاب ظاهر ٿي پيو جو يڪدم حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڪيلائي پسند ڪرڻ لڳا ۽ اڪيلائيءَ ۾ ويهي خدا جي عبادت ڪرڻ جو ذوق ۽ شوق پيدا ٿي ويو. حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڪثر وقت سوچ ويچار ۾ گذاريندا هئا ۽ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو اڪثر وقت قدرت جي نظارن جي مشاهدي ۽ ڪائناتِ فطرت جي مطالعي ۾ گذرندو هو. ڏينهن رات خالقِ ڪائنات جي ذات ۽ صفات جي تصور ۾ مستغرق ۽ پنهنجي قوم جي بگڙيل حالتن جي سڌاري ۽ ان جي تدبيرن جي سوچ ويچار ۾ مصروف رهڻ لڳا ۽ انهن ڏينهن ۾ هڪ نئين ڳالهہ هيءَ بہ ٿي تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سنا سنا خواب نظر اچڻ لڳا ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هر خواب ايترو سچو هوندو هو جو خواب ۾ جيڪو ڪجهہ ڏسندا هئا ان جي تعبير صبح صادق وانگر روشن ٿي ظاهر ٿي پوندي هئي[1]. (بخاري ج 1، ص 2)

## غارِحرا

مڪي شريف کان تقريباً ٽي ميل پري "جبلِ حرا" نالي جبل جي مٿان هڪ غار "ڪاهي" آهي جنهن کي "غارِ حرا" چوندا آهن

[1] صحيح البخاري، كتاب بدء الوحي، باب 3، الحديث: 3، ج1، ص7، مختصراً

رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڪثر ڪيترن ئي ڏينهن جو ڪاڏو، پاڻي ساڻ ڪٽي ان غار جي پُر سڪون ماحول ۾ خدا جي عبادت ۾ مصروف رهندا هئا. جڏهن ڪاڏو پاڻي ختم ٿي ويندو هو ته ڪڏهن پاڻ گهر اچي ڪٽي ويندا هئا ۽ ڪڏهن حضرت بي بي خديجه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا ڪاڏو پاڻي غار ۾ پهچائيندي هئي. اڄ به اها نوراني غار پنهنجي اصلي حالت ۾ موجود ۽ مخلوق لاءِ زيارت گاهه آهي[1].

## پهرين وحي

هڪ ڏينهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم "غار حرا" جي اندر عبادت ۾ مشغول هئا ته بلڪل اوچتو غار ۾ حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ هڪ فرشتو ظاهر ٿيو. (اُهي حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام هئا جيڪي هميشه الله پاڪ جو پيغام ان جي رسولن عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تائين پهچائيندا هئا) فرشتي يڪدم چيو ته "پڙهو" پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو ته آئون پڙهڻ وارو نه آهيان، فرشتي رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پڪڙيو ۽ نهايت گرم جوشي سان پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي زور سان سيني سان لڳايو ۽ پوءِ پاڪر مان ڪڍي چوڻ لڳو "پڙهو" حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وري فرمايو ته "آءُ پڙهڻ وارو نه آهيان." فرشتي ٻئي ڀيري به حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي سيني سان لڳايو ۽ پوءِ پاڪر مان ڪڍي چوڻ لڳو "پڙهو" حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وري اهو ئي فرمايو ته "آئون پڙهڻ وارو نه آهيان". ٽيون ڀيرو وري فرشتي رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تمام زور سان پنهنجي سيني

---

[1] ارشادالساري لشرح صحيح البخاري كتاب كيف كان بدء الوحي ....الخ، باب 3، تحت الحديث: 3، ج 1، ص 105-107 ملتقطًا و ملخصًا

سان لڳائي ڇڏي ڏنو ۽ چيو تہ

اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِیْ خَلَقَ ﴿۱﴾ خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ عَلَقٍ ﴿۲﴾ اِقْرَاْ وَ رَبُّكَ الْاَكْرَمُ ﴿۳﴾ الَّذِیْ عَلَّمَ بِالْقَلَمِ ﴿۴﴾ عَلَّمَ الْاِنْسَانَ مَا لَمْ یَعْلَمْ ﴿۵﴾[1]

اها ئي سڀ کان پهرين وحي هئي جيڪا پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي نازل ٿي. هنن آيتن کي ياد ڪري حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي گهر تشريف کڻي آيا. پر اِن واقعي جي ڪري جيڪو بلڪل اوچتو رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان پيش آيو، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دل مبارڪ تي خوف طاري ٿي ويو.

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گهر وارن کي فرمايو تہ مون کي ڪمبل پارايو. مون کي ڪمبل پارايو. جڏهن حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو خوف ختم ٿي ويو ۽ ڪجهہ آرام آيو تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت بيبي خديجہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا سان غار ۾ پيش آيل واقعو بيان ڪيو ۽ فرمايو تہ ”مون کي پنهنجي جان جو خوف آهي“ اهو ٻڌي حضرت بيبي خديجہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا چيو تہ نہ، هرگز نہ. توهان جي جان کي ڪو بہ خطرو نہ آهي. خدا جو قسم! اللہ تعاليٰ توهان کي ڪڏهن بہ رسوا نہ ڪندو، توهان تہ مائٽن سان سٺو سلوڪ ڪندا آهيو، ٻين جو بار پاڻ کڻندا آهيو، پاڻ ڪمائي مفلسن ۽ محتاجن کي عطا فرمائيندا آهيو، مسافرن جي

---

[1] ترجمو ڪنز الايمان: پڙهہ پنهنجي رب جي نالي سان جنهن پيدا ڪيو، انسان کي رت جي ڍڳ مان بڻايو. پڙهہ ۽ تنهنجو رب ئي سڀ کان وڏو ڪريم آهي جنهن قلم سان لکڻ سيکاريو انسان کي سيکاريائين جيڪو نہ ڄاڻندو هو. (پ 30 العلق 1-5)

مهمان نوازي ڪندا آهيو ۽ حق ۽ انصاف جي خاطر سيني جي، مصيبتن ۽ مشڪلاتن ۾ ڪم ايندا آهيون.

ان کان پوءِ حضرت بيبي خديجه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي سؤٽ "ورقه بن نوفل" وٽ وٺي وئي، ورقه انهن ماڻهن مان هو جيڪي "موحد" هئا ۽ مڪي وارن جي شرڪ ۽ بت پرستي کان بيزار ٿي "نصراني" ٿي ويا هئا ۽ انجيل جو عبراني زبان کان عربي ۾ ترجمو ڪندا هئا. نهايت پوڙها ۽ نابينا ٿي چڪا هئا. حضرت بيبي خديجه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا انهن کي چيو ته ڀاءُ! توهان پنهنجي ڀائيٽي جي ڳالهه ٻُڌو. ورقه بن نوفل چيو ته ٻڌايو، توهان ڇا ڏٺو آهي؟ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غارِ حرا جو پورو واقعو بيان فرمايو اهو ٻڌي ورقه بن نوفل چيو هي ته اهو ئي فرشتو آهي جنهن کي الله تعاليٰ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام وٽ موڪليو هو. پوءِ ورقه بن نوفل چوڻ لڳا ته ڪاش! مان پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اعلانِ نبوت جي زماني ۾ تندرست ۽ جوان هجان ها. ڪاش! مان ان وقت تائين زندهه هجان ها جڏهن سندن قوم رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مڪي مان ٻاهر ڪڍندي اهو ٻُڌي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (تعجب مان) فرمايو ته ڇا مڪي وارا مون کي مڪي مان ڪڍي ڇڏيندا ته ورقه چيو جي ها! جيڪو به شخص حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وانگر نبوت کڻي آيو ماڻهو ان سان دشمني ڪرڻ تي سَندِرو ٻڌي بيٺا.

ان کان پوءِ ڪجهه ڏينهن تائين وحي نازل ٿيڻ جو سلسلو بند ٿي ويو ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وحي جي انتظار ۾ بيقرار رهڻ لڳا. ايستائين جو هڪ ڏينهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن ڪم سان گهر کان ٻاهر تشريف وٺي وڃي رهيا هئا ته ڪنهن "يا

محمد“ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چئي سڏيو. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آسمان جي طرف ڪنڌ مٿي ڪري ڏٺو تہ اهوئي فرشتو (حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام) جيڪو غار ۾ آيو هو آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ هڪ ڪرسي تي وينو آهي. اهو منظر ڏسي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دل مبارڪ ۾ هڪ خوف جي ڪيفيت پيدا ٿي وئي ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گهر اچي ليٽي پيا ۽ گهر وارن کي فرمايو تہ مون کي ڪمبل پارايو. مون کي ڪمبل پارايو. اهڙي طرح رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪمبل پائي ليٽيا پيا هئا تہ اوچتو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي سورة ”مدثر“ جي شروع واريون آيتون نازل ٿيون ۽ رب تعاليٰ جو فرمان لٿو.

يٰۤاَيُّهَا الْمُدَّثِّرُ ۙ﴿۱﴾ قُمْ فَاَنْذِرْ ۙ﴿۲﴾ وَرَبَّكَ فَكَبِّرْ ۙ﴿۳﴾ وَثِيَابَكَ فَطَهِّرْ ۙ﴿۴﴾ وَالرُّجْزَ فَاهْجُرْ ۙ﴿۵﴾[1] (بخاري ج1 ص 3)

ترجمو ڪنز الايمان: اي ڪمبل ڍڪڻ وارا اٿي بيهہ پوءِ ڊيڄار ۽ پنهنجي رب جي ئي وڏائي بيان ڪر ۽ پنهنجا ڪپڙا پاڪ رک ۽ بتن کان پري رهہ.

هنن آيتن جي نازل ٿيڻ کانپوءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي الله تعاليٰ دعوتِ اسلام جي منصب تي مقرر فرمائي ڇڏيو ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله تعاليٰ جي حڪم مطابق دعوتِ حق ۽ تبليغ اسلام جي لاءِ تيار ٿي ويا.

[1] پ 29 المدثر 1-5، وصحيح البخاري، كتاب بدء الوحي، باب 3 الحديث: 3، 4 ج1، ص 7

# اسلام جي دعوت جي لاءِ ٿي دور

## پهريون دور

ٿن سالن تائين حضورِ اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بلڪل لڪيل نموني ۽ مڪمل رازداري سان تبليغِ اسلام جو فرض ادا فرمائيندا رهيا ان دوران عورتن ۾ سڀ کان پهريان حضرت بيبي خديجه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا، آزاد مردن ۾ سڀ کان پهريان حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ، ڇوڪرن ۾ سڀ کان پهريان حضرت علي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ ۽ غلامن ۾ سڀ کان پهريان زيد بن حارثه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ ايمان آندو. پوءِ حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي دعوت ۽ تبليغ سان حضرت عثمان، حضرت زبير بن العوام، حضرت عبد الرحمٰن بن عوف، حضرت سعد بن ابي وقاص، حضرت طلحه بن عبيد الله رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم به جلدي دامنِ اسلام ۾ اچي ويا، وري ڪجهه ڏينهن کان پوءِ حضرت ابو عبيده بن الجراح، حضرت ابو سلمه عبد الله بن عبد الاسد، حضرت ارقم بن ابو ارقم، حضرت عثمان بن مظعون ۽ ان جا ٻئي ڀائر حضرت قدامه ۽ حضرت عبد الله رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم به اسلام ۾ داخل ٿي ويا. وري ڪجهه عرصي کانپوءِ حضرت ابو ذر غفاري، حضرت صهيب رومي، حضرت عبيده بن الحارث بن عبد المطلب، سعيد بن زيد بن عمرو بن نفيل ۽ ان جي گهر واري فاطمه بنت الخطاب حضرت عمر جي ڀيڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم به اسلام قبول ڪيو. حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چاچي حضرت اُم الفضل حضرت عباس بن عبدالمطلب جي گهر واري ۽ حضرت اسماء بنت ابو بڪر

رَضِیَ اللهُ عَنْهُم بہ مسلمان ٿي ويون. ان کان علاوہ ٻين ڪيترن ئي مردن ۽ عورتن بہ اسلام قبول ڪرڻ جو شرف حاصل ڪيو[1].

(زرقاني علي المواهب ج1 ص 246)

واضح رهي تہ سڀ کان پهريان اسلام آڻڻ وارا جيڪي ”سابقين اولين“ جي لقب سان سرفراز آهن انهن خوش نصيبن جي فهرست تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي تہ سڀ کان پهريان دامن اسلام ۾ اچڻ وارا اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي فطري طور نيڪ طبيعت ۽ پهريان کان ئي حق جي تلاش ۾ هئا ۽ ڪفارِ مڪہ جي شرڪ، بُت پرستي ۽ مشرڪانہ جاهليت جي رسمن کان متنفر ۽ بيزار هئا. تنهنڪري نبيءِ برحق جي دامن ۾ دينِ حق جي تجلي ڏسندي ئي هي نيڪ بخت ماڻهو پروانن وانگر شمعِ نبوت تي قربان ٿيڻ لڳا ۽ اسلام سان مشرف ٿي ويا.

## ٻيو دور

ٽن سالن جي ان خفيہ اسلام جي دعوت ۾ مسلمانن جي هڪ جماعت تيار ٿي وئي ان کان پوءِ الله تعاليٰ پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي سورة ”شعراء“ جي آيت وَاَنْذِرْ عَشِيْرَتَكَ الْاَقْرَبِيْنَ[2] نازل فرمائي ۽ خدا تعاليٰ جو حڪم ٿيو تہ اي محبوب! توهان پنهنجي ويجهي خاندان وارن کي خدا کان ڊيڄاريو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ڏينهن صفا جبل جي چوٽيءَ تي چڙهي ”يا معشر قريش“ چئي قبيلي وارن کي سڏيو. جڏهن سڀ قريش جمع ٿي ويا تہ پاڻ

---

[1] المواهب اللدنية، دقائق حقائق بعثته، ج1، ص 115، 116 وشرح الزرقاني علي المواهب ذكر اول من آمن بالله ورسوله ،ج 1، ص 455، 460 ملتقطاً و ملخصاً)

[2] ترجمو ڪنز الايمان: ۽ اي محبوب پنهنجي ويجهن رشتيدارن کي ڊيڄار. (پ 19، الشعراء: 214)

سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ اي منهنجي قوم! جيڪڏهن آئون توهان کي اهو چوان تہ هن جبل جي پويان هڪ لشڪر لڪيل آهي جيڪو توهان تي حملو ڪرڻ وارو آهي تہ ڇا توهان منهنجي ڳالهہ تي يقين ڪندؤ؟ تہ سيني هڪ زبان ٿي چيو تہ ها! ها! اسان يقيناً حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڳالهہ جو يقين ڪنداسين ڇو تہ اسان رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سچو ۽ امين ئي ڏٺو آهي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو نيڪ آهي تہ پوءِ آءُ اهو چوان ٿو تہ آءُ توهان کي عذابِ الٰهي کان ڊيڄاري رهيو آهيان ۽ جيڪڏهن توهان ايمان نہ آڻيندؤ تہ توهان تي عذابِ الٰهي نازل ٿيندو، اهو ٻُڌي سڀ قريش جن ۾ حضُور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو چاچو ابو لهب بہ هو، سخت ناراض ٿي سڀ جا سڀ هليا ويا ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۾ بيهوده ڳالهيون چوڻ لڳا [1]. (بخاري ج2، ص 702 و عام تفاسير)

## ٽيون دور

هاڻي اهو وقت اچي ويو جو اعلانِ نبوت جي چوٿين سال سورة "حجر" جي آيت فَاصْدَعْ بِمَا تُؤْمَرُ [2] نازل فرمائي ۽ حضرت حق جَلَّ شَانُہٗ اهو حڪم فرمايو تہ اي محبوب! توهان کي جيڪو حڪم ڏنو ويو آهي ان کي علي الاعلان بيان فرمايو. ان کان پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اعلانيہ دينِ اسلام جي تبليغ فرمائڻ لڳا، ۽ شرڪ ۽ بُت پرستي جي علي الاعلان برائي بيان فرمائڻ لڳا، تمام قريش، تمام اهلِ مڪہ بلڪ پورو عرب پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ

---

[1] صحيح البخاري، كتاب التفسير، باب ولاتخزني .....الخ، الحديث:4770، ج 3،ص 294، بتغيّر

[2] ترجمو ڪنز الايمان: پوءِ ڪليو اعلان ڪري ڇڏ جنهن ڳالهہ جو توکي حڪم آهي، (پ 14، الحجر: 94)

وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مخالفت لاءِ تيار ٿي ويو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ مسلمانن کي ايذاء رسائڻ جو هڪ ڊگهو سلسلو شروع ٿي ويو.[1]

## رحمتِ عالم ٿي ظلم و ستم:

ڪفارِ مڪ خاندان بنو هاشم جي انتقام (بدلي ونڻ) ۽ جنگ ڇڙي وڃڻ جي خوف کان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي قتل ته نه ڪري سگهيا پر طرح طرح جي تڪليفن ۽ ايذائن سان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ظلم ۽ ستم جا جبل ڪيرائڻ لڳا اهڙي طرح سي کان پهريان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ڪاهن (نجومي)، جادوگر، شاعر ۽ ديوانو هئڻ جو هر پاڙي ۽ هر گهٽيءَ ۾ زور شور سان هوڪو ڏيڻ لڳا. رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پويان شرارتي ڇوڪرن جو ٽولو لڳائي ڇڏيائون جيڪي رستي ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مذاق اڏائيندا هئا، گاريون ڏيندا ۽ هي چريو آهي، هي چريو آهي، جو شور ڪندي حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي پٿر اڇلائيندا هئا. ڪڏهن ڪفارِ مڪ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي راهه ۾ ڪنڊا وڇائيندا هئا. ڪڏهن رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جسم مبارڪ تي گندگي اڇلائيندا هئا. ڪڏهن حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏڪا ڏيندا هئا. ڪڏهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مقدس ۽ نازڪ ڳچيءَ ۾ چادر جو ڦاهو وجهي ڳلو گهٽڻ جي ڪوشش ڪندا هئا.

روايت ۾ آهي ته هڪ دفعي پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حرمِ ڪعبه ۾ نماز پڙهي رهيا هئا ته يڪدم سنگدل ڪافر عقبه بن

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني الاجهار بدعوته ،ج 1، ص 461_462

ابي معيط رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ڳچيءَ ۾ چادر جو ڦاهو وجهي ايترو تہ زور سان ڇڪيو جو پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ساهہ ٻُوساتجڻ لڳو. جڏهن تہ اهو منظر ڏسي حضرت ابو بڪر صديق رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهُ بيقرار ٿي ڊوڙي پيا ۽ عقبہ بن ابي معيط کي ڏکو ڏئي پري ڪيو ۽ چيو ڇا توهان اهڙي ماڻهوءَ کي قتل ڪرڻ چاهيو ٿا جيڪو اهو چئي ٿو تہ ”منهنجو رب الله آهي“ انهيءَ ڌِڪ ڏکاڻ ۾ حضرت ابو بڪر صديق رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهُ کافرن کي ماريو بہ ۽ مار بہ کاڌي[1]. (زرقاني ج1 ص 252 و بخاري ج 1 ص 544)

ڪافر رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي معجزن ۽ روحاني اختيارن کي ڏسي حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سڀ کان وڏو جادوگر چوندا هئا. جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قرآن جي تلاوت فرمائيندا هئا تہ اهي ڪافر قرآن ۽ قرآن کي آڻيندڙ (جبرائيل) ۽ قرآن کي نازل فرمائڻ واري (الله تعاليٰ) کي ۽ رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي گاريون ڏيندا هئا ۽ گهٽين ۽ بازارن ۾ پهرو ڏيارينداهئا تہ جيئن قرآن جو آواز ڪنهن جي ڪن تي نہ پوي ۽ تاڙيون ۽ سيٽيون وڄائي ايترو تہ گوڙ ڪندا هئا جو قرآن جو آواز ڪنهن کي بہ ٻُڌڻ ۾ نہ ايندو هو. حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن ڪنهن ماڻهن جي عام ميڙ ۾ يا ڪافرن جي ميلن ۾ قرآن پڙهي ٻُڌائيندا يا دعوتِ ايمان جو واعظ فرمائيندا هئا تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو چاچو ابو لهب رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پٺيان اهو چوندو ويندو هو تہ اي انسانو! هي

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، الاجهار بدعوته ام اذيته،ج 1، ص 468، و صحيح البخاري، كتاب مناقب الانصار، باب ما لقي النبي واصحابه .....الخ، الحديث: 3856، ج 2، ص 575

منهنجو پائٽيو ڪوڙو آهي، هي چريو ٿي ويو آهي، توهان ان جي ڪا به ڳالهه نه ٻُڌو. (معاذ الله)

هڪ ڀيرو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم "ذو المجاز" جي بازار ۾ دعوتِ اسلام جو واعظ فرمائڻ جي لاءِ تشريف وٺي ويا ۽ ماڻهن کي حق جي ڪلمي جي دعوت ڏني ته ابو جهل حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڏوڙ اُڏائيندو چئي رهيو هو ته اي انسانو! هِن جي ڏوڪي ۾ نه اچجو، هي چاهي ٿو ته توهان لات ۽ عزيٰ جي عبادت ڇڏي ڏيو[1]. (مسند امام احمد ج4 وغيره)

اهڙي طرح هڪ ڀيرو جڏهن پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حرمِ ڪعبه ۾ نماز پڙهي رهيا هئا ته حالتِ نماز ۾ ابو جهل چيو ته آهي ڪو؟ جيڪو فلاڻي جي اولاد جي ذبح ڪيل اُٺ جي اوجهري کڻي اچي سجدي جي حالت ۾ هِن جي ڪلهن تي رکي ڇڏي. اهو ٻُڌي عقبه بن ابي معيط ڪافر اٿيو ۽ ان اوجهري کڻي اچي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪلهي مبارڪ تي رکي ڇڏي. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سجدي ۾ هئا چڱي دير تائين اوجهري ڪلهي ۽ ڪنڌ تي پيل رهي ۽ ڪافر ٺهڪ ڏئي ڪلندا رهيا ۽ ڪِلي ڪِلي هڪبئي جي مٿان ڪرندا رهيا آخر حضرت بيبي فاطمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جيڪا انهن ڏينهن ۾ ننڍي عمر جي هئي، آيون ۽ اُنهن ڪافرن کي گهٽ وڌ ڳالهائيندي اوجهري کي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪلهن مبارڪن تان هٽائي ڇڏيو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دل مبارڪ کي قريشن جي ان شرارت جو تمام گهڻو صدمو پهتو ۽ نماز کان فارغ ٿي ٿي ڀيرا هيءَ دُعا

[1] المسند للامام احمد بن حنبل، احاديث رجال من اصحاب النبي، الحديث: 23252، ج 9، ص 62

گُهريائون تہ "اَللّٰهُمَّ عَلَيْكَ بِقُرَيْشٍ" يعني اي الله! تون قريش کي پنهنجي پڪڙ ۾ وٺ، پوءِ ابو جهل، عتبہ بن ربيعہ، شيبہ بن ربيعہ، وليد بن عتبہ، اميہ بن خلف، عماره بن وليد جو نالو وٺي دعا گهري تہ الٰهي! تون انهن ماڻهن کي پنهنجي گرفت ۾ وٺ. حضرت عبد الله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ خدا جو قسم! مون انهن سيني ڪافرن کي جنگِ بدر جي ڏينهن ڏٺو تہ انهن جا لاش زمين تي پيل هئا پوءِ انهن ڪافرن جي لاشن کي نهايت ذلت سان گِهلي بدر جي هڪ کڏي ۾ وڌو ويو ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ هِنن کڏي وارن تي خدا جي لعنت آهي[1].

(بخاري ج1 ص74 باب المراة تطرح الخ)

## ڪجهہ شرارتي ڪافر

جيڪي مڪي جا ڪافر حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان دشمني ۽ ايذاء رسائڻ ۾ تمام گهڻا سرگرم هئا انهن مان ڪجهہ شرارتي ماڻهن جا نالا هي آهن.

(1) ابو لهب (2) ابو جهل (3) اسود بن عبد يغوث (4) حارث بن قيس بن عدي (5) وليد بن مغيره (6) اميہ بن خلف (7) ابي بن خلف (8) ابو قيس بن فاكهہ (9) عاص بن وائل (10) نضر بن حارث (11) منبہ بن الحجاج (12) زهير بن ابي اميہ (13) سائب بن صيفي (14) عدي بن حمرا (15) اسود بن عبد الاسد (16) عاص بن سعيد بن العاص (17) عاص بن هاشم (18) عقبہ بن ابي معيط (19) حكم بن ابي العاص.

---

[1] صحيح البخاري، كتاب الصلوٰة ، باب المراة تطرح عن المصلي .....الخ، الحديث:520، ج1، ص193

هي سڀ جا سڀ حضور رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا پاڙيسري هئا ۽ انهن ۾ گهڻا مالدار ۽ صاحبِ اقتدار هئا ۽ ڏينهن رات سرورِ ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ايذاء رسائڻ ۾ مصروف رهندا هئا. (نعوذ بالله من ذالک)

## مسلمانن تي ظلم

حضور رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏوگڏ غريب مسلمانن تي به مڪي جي ڪافرن اهڙا اهڙا ظلم ڪيا جو مڪي جي زمين تڙپي پئي. اهو آسان هو ته مڪي جا ڪافر انهن مسلمانن کي قتل ڪري ڇڏين ها پر ايئن ڪرڻ سان اُنهن ڪافرن جي جوشِ انتقام جو نشو نٿي لهي سگهيو ڇو ته ڪافر ان ڳالهه ۾ پنهنجو شان سمجهندا هئا ته هِنن مسلمانن کي ايترو ستايو وڃي جو اهي اسلام کي ڇڏي وري شرڪ ۽ بُت پرستيءَ ۾ لڳي وڃن. انڪري قتل ڪرڻ جي بجاءِ مڪي جا ڪافر مسلمانن کي طرح طرح جي سزائن ۽ ايذائن سان ستائيندا هئا. پر خدا جو قسم! شرابِ توحيد جي انهن مستانن پنهنجي استقلال ۽ استقامت جو اهو منظر پيش ڪيو جو جبلن جون چوٽيون به حيرت سان اُنهن بلاڪشانِ اسلام (يعني اسلام جي خاطر مصيبتن کي برداشت ڪندڙن) جي استقامت جي جذبي جو نظارو ڪنديون رهيون. سنگدل، بي رحم، درنده صفت ڪافرن اُنهن غريبن ۽ بيڪس مسلمانن تي نفرت ۽ ظلم جي ڪا ڪسر باقي نه ڇڏي. پر ڪنهن به مسلمان جي استقامت ۾ ذري برابر به لوڏو نه آيو ۽ مسلمانن جو هڪ به ٻار اسلام کان منهن ڦيري ڪافر ۽ مرتد نه ٿيو. مڪي جي ڪافرن انهن غريب مسلمانن تي تمام گهڻا ظلم ۽ ستم ۽ اهڙن اهڙن خطرناڪ ۽ جان جلائيندڙ عذابن

۾ مبتلا ڪيو جو جيڪڏهن انهن مسلمانن جي جاءِ تي جبل به هجي ها ته شايد ڏڪڻ لڳي ها. عرب جي ريگستان جي تيز اُس ۾ جڏهن ان جي واري تندور وانگر گرم ٿي ويندي هئي ته انهن مسلمانن جي پُٺي ڪوڙن جي مار سان زخمي ڪري ان گرم واريءَ تي انهن کي پٺيءَ ڀر ليٽائيندا هئا ۽ ڇاتي تي ايترو وزني پٿر رکي ڇڏيندا هئا جو هو پاسو نه ورائي سگهندا هئا، لوهه کي باهه ۾ گرم ڪري ان سان انهن مسلمانن جي جسم تي ڏنپ ڏيندا هئا، پاڻيءَ ۾ ايترا غوطا ڏياريندا هئا جو انهن جو ساهه ٻوساڻجڻ لڳندو هو تڏي ۾ انهن مسلمانن کي ويڙهي انهن جي نڪن ۾ دونهون ڏيندا هئا جنهن سان ساهه ڪٽڻ مشڪل ٿي ويندو هو ۽ تڪليف ۽ بي چيني جي ڪري انهن جا حَواس خطا ٿي ويندا هئا.

حضرت خباب بن الارت رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ انهن اُن زماني ۾ اسلام قبول ڪيو جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت ارقم بن ابو ارقم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي گهر ۾ ترسيل هئا ۽ صرف ڪجهه ئي ماڻهو مسلمان ٿيا هئا. قريشن انهن کي تمام گهڻو ستايو. ايتري تائين جو ٻرندڙ ڪوئلن تي انهن کي پٺيءَ ڀر ليٽائي هڪ شخص انهن جي سيني تي پير رکي بيٺو رهيو ايسيتائين جو انهن جي پٺي جي چرٻي ۽ رطوبت سان ڪوئلا وسامي ويا، سالن کان پوءِ جڏهن حضرت خباب رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ اهو واقعو امير المومنين عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي سامهون بيان ڪيو ۽ پنهنجي پُٺي کولي ڏيکاري ته پوري پُٺيءَ تي اڇا اڇا داغ هئا. ان عبرتناڪ منظر کي ڏسي حضرت عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جن جون اکيون ڀرجي آيون ۽ انهن روئي ڏنو.[1]

(طبقات ابن سعد ج3 تذڪره خباب)

---

[1] الطبقات الكبري لابن سعد، خباب بن الارت رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ، ج3، ص 122، 123

حضرت بلال رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي جيڪي اميہ بن خلف ڪافر جا غلام هئا انهن جي ڳچيءَ ۾ رسو وجهي ڪين بازارن ۾ رستن تي ڳهليو ويندو هو. انهن جي پُنيءَ تي لٺيون وسايون ويندیون هيون ۽ ٽاڪ منجهند جو تيز اُس ۾ تتل واريءَ تي حضرت بلال کي ليٽائي ايترو وزني پٿر سندن ڇاتي تي رکيو ويندو هو جو انهن جي زبان ٻاهر نڪري ايندي هئي. اميہ ڪافر چوندو هو تہ اسلام کي ڇڏي ڏي نہ تہ اهڙي طرح تڙپي تڙپي مري ويندين، پر ان حال ۾ بہ حضرت بلال رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي پيشانيءَ تي گُهنجَ تائين نہ ايندا هئا ۽ وڏي آواز سان "اَحَد" "اَحَد" جو نعرو هڻندا هئا ۽ وڏي آواز ۾ چوندا هئا "الله هڪ آهي، الله هڪ آهي"[1](سيرت ابن هشام ج1 ص317_318)

حضرت عمار بن ياسر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي گرم گرم واري تي پنيءَ ۾ ليٽائي ڪُفارِ قريش ايترو مارئندا هئا جو پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بي هوش ٿي ويندا هئا. سندن والده حضرت بي بي سميہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کي اسلام آڻڻ تي ابو جهل انهن جي ڏُن جي هيٺان اهڙو نيزو هنيو جو پاڻ شهيد ٿي ويون. حضرت عمار رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جا والد حضرت ياسر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بہ ڪافرن جي مار ڪائيندي ڪائيندي شهيد ٿي ويا. حضرت صهيب رومي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي مڪي جا ڪافر اهڙيون اهڙيون اذيتون ڏيندا هئا ۽ اهڙي مار ڏيندا هئا جو ڪلاڪن جا ڪلاڪ بي هوش ٿي ويندا هئا. جڏهن هي هجرت ڪرڻ لڳا تہ مڪي جي ڪافرن چيو تہ توهان پنهنجو سڄو مال ۽ سامان هتي ڇڏي پوءِ مديني وڃي سگهو ٿا پاڻ خوشي خوشي دنيا جي دولت کي لت هڻي پنهنجي ايمان جي دولت سان گڏ مديني هليا ويا[2].

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، اسلام حمزة ، ج1 ،ص 498

[2] شرح الزرقاني علي المواهب ، اسلام حمزة ، ج 1 ، 496_497 مختصراً

حضرت ابو فڪيهه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ صفوان بن اميه ڪافر جا غلام هئا ۽ حضرت بلال رَضِیَ اللهُ عَنْهُ سان گڏ ئي مسلمان ٿيا هئا. جڏهن صفوان کي انهن جي اسلام جي خبر پئي ته صفوان سندن ڳچيءَ ۾ رسو وجهي انهن کي گهليو ۽ تتل گرم واريءَ تي کين پُنيءَ ۾ ليٽائي سيني تي وزني پٿر رکي ڇڏيو، جڏهن انهن کي ڪافر گهلي وڃي رهيا هئا ته رستي ۾ اتفاق سان هڪ گُبريلو (هڪ قسم جو جيت) نظر آيو، اميه ڪافر طعنو هڻندي چيو ته ”ڏس تنهنجو خدا هي ته نه آهي“ حضرت ابو فڪيهه فرمايو ته ”اي ڪافر جا پٽ! خاموش منهنجو ۽ تنهنجو خدا الله آهي.“ اهو ٻُڌي اميه ڪافر ڪاوڙ ۾ ڀرجي ويو ۽ ايترو زور سان گهٽو ڏنو جو پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بي هوش ٿي ويا ۽ ماڻهن سمجهيو ته انهن جو ساهه نڪري ويو.

اهڙي طرح حضرت عامر بن فهيره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي به ايترو ماريو ويندو هو جو انهن جي لونءَ لونءَ ڏُکندي هئي.[1]

حضرت بيبي لبينه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جيڪا ٻانهي هئي. حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جڏهن ڪفر جي حالت ۾ هئا ان غريب ٻانهي کي ايترو ته ماريندا هئا جو ماريندي ماريندي ٿڪجي پوندا هئا پر حضرت لبينه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا اُف به نه ڪندي هئي پر جراءت سان چوندي هئي ته اي عمر! جيڪڏهن توهان الله جي سچي رسول تي ايمان نه آڻيندؤ ته خدا ضرور توهان کان ان جو بدلو وٺندو.[2]

حضرت زنيره رَضِیَ اللهُ عَنْهَا حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي گهراڻي جي

---

[1] السيرة الحلبية ، باب استخفائه واصحابه .....الخ، ج1، ص 424، مختصراً
[2] السيرة الحلبية، باب استخفائه واصحابه .....الخ ، ج 1، ص 425

ٻانهي هئي اُها مسلمان ٿي ته انهن کي ڪافرن ايترو ماريو جو انهن جي اکين جي روشني ختم ٿي وئي پر الله تعاليٰ حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دعا سان وري کين ٻيهر اکين جي روشني عطا فرمائي ڇڏي ان تي مشرڪ چوڻ لڳا ته هي محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي جادو جو اثر آهي[1]. (زرقاني علي المواهب ج1 ص270)

اهڙي طرح حضرت بيبي "نهديه" ۽ حضرت بيبي اُمِ عبيس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا به ٻانهيون هيون. اسلام آڻڻ کان پوءِ مڪي جي ڪافرن انهن ٻنهي کي طرح طرح جون تڪليفون ۽ بي پناهه اذيتون ڏنيون پر هي الله واريون صبر ۽ شڪر سان انهن وڏين وڏين مصيبتن کي برداشت ڪنديون رهيون ۽ اسلام کان انهن جا قدم نه هٽيا[2].

حضرت يارِ غارِ مصطفيٰ ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن ڪهڙي طرح اسلام تي پنهنجي دولت نثار ڪئي ان جي هڪ جهلڪ هي آهي ته پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ انهن غريب ۽ بي وس مسلمانن مان گهڻن جي جان بچائي. پاڻ حضرت بلال، عامر بن فهيره، ابو فڪيهه، لبينه، زنيره، نهديه ۽ اُمِ عبيس رَضِيَ اللهُ عَنْهم جهڙن غلامن کي آزادي ڏيارڻ جي لاءِ وڏيون وڏيون رقمون ڏيئي انهن کي خريد ڪيو ۽ سيني کي آزاد ڪري ڇڏيو ۽ انهن مظلومن کي ڪافرن جي ايذاء کان بچائي ورتو[3]. (زرقاني علي المواهب و سيرت ابن هشام ج1 ص319)

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، اسلام حمزة، ج1، ص 502

[2] شرح الزرقاني علي المواهب، اسلام حمزة، ج1، ص 502

[3] شرح الزرقاني علي المواهب، اسلام حمزه، ج1، ص 502 و السيرة الحلبية، باب استخفائه واصحابه ....الخ، ج1، ص425، سيرت جي ڪتابن ۾ هن جو نالو ٽنهي طرح آيو آهي: اُمِّ عُنَيْسٍ، اُمِّ عُبَيْسٍ اور اُمِّ عُمَيْسٍ .

حضرت ابو ذر غفاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جڏهن اسلام آندو تہ مڪي ۾ هڪ مسافر جي حيثيت سان ڪيترائي ڏينهن حرمِ ڪعبہ ۾ رهيا. هي روزانو زور زور سان رڙيون ڪري پنهنجي اسلام جو اعلان ڪندا هئا ۽ روز ڪُفارِ قريش انهن کي ايترو ماريندا هئا جو هي رتورت ٿي ويندا هئا ۽ انهن ڏينهن ۾ آبِ زمزم کان سواء انهن کي کائڻ پيئڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ مليو[1]. (بخاري ج1 ص 544 باب اسلام ابي ذر)

واضح رهي تہ مڪي جي ڪافرن جو اهو سلوڪ صرف غريبن ۽ غلامن تائين محدود نہ هيو پر اسلام آڻڻ جي جرم ۾ وڏن وڏن مالدارن ۽ رئيسن کي بہ نہ بخشيو ويو. حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جيڪي مڪي شهر جي ممتاز معززين مان هئا پر انهن کي بہ حرمِ ڪعبہ ۾ قريش جي ڪافرن ايترو ماريو جو انهن جو مٿو مبارڪ رت ۾ ڳاڙهو ٿي ويو. اهڙي طرح حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جيڪي تمام مالدار ۽ صاحبِ اقتدار هئا. جڏهن هي مسلمان ٿيا تہ غيرن نہ پر خود انهن جي چاچي کين رسين سان بَڌي تمام گهڻو ماريو. حضرت زبير بن العوام رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وڏي رُعب ۽ دبدبي وارا ماڻهو هيا پر انهن جڏهن اسلام قبول ڪيو تہ انهن جو چاچو کين تڏي ۾ ويڙهي سندن نڪ ۾ دونهون ڏيندو هو جنهن سان انهن جو ساهہ ڪٽڻ مشڪل ٿي ويندو هو. حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي چاچي جو پُٽ (سؤٽ) ۽ پيٽويو حضرت سعيد بن زيد رَضِيَ اللهُ عَنْه ڪيتري عزت ۽ اعزاز وارا رئيس هئا پر جڏهن انهن جي اسلام جي خبر حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي پئي تہ انهن کي رسين سان بَڌي ماريو ۽ انهن سان گڏ حضرت عمر

---

[1] صحيح البخاري، كتاب مناقب الانصار، باب اسلام ابي ذر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ، الحديث:3861، ج2، ص 576

رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ پنهنجي ڀيڻ حضرت بيبي فاطمه بنت الخطاب رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا کي به ايترو زور سان ٽڦ هنيو جو انهن جي ڪنن جا زيور ڪري پيا ۽ چهري مان رت وهي نڪتو[1].

## ڪافرن جو ٽولو بارگاهِ رسالت ۾

هڪ دفعو قريش جا سردار حرمِ ڪعبه ۾ ويهي اهو سوچي رهيا هئا ته آخرڪار ايتريون تڪليفون ۽ سختيون برداشت ڪرڻ جي باوجود محمد (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) پنهنجي تبليغ بند ڇو نٿا ڪن؟ آخر انهن جو مقصد ڇا آهي؟ ٿي سگهي ٿو هي عزت، مرتبي يا سرداري ۽ دولت جا خواهشمند هجن. تنهنڪري سيني عتبه بن ربيعه کي حضرت محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ موڪليو ته ڪنهن به طريقي سان انهن جو دلي مقصد معلوم ڪر. اهڙي طرح عتبه اڪيلائيءَ ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان مليو ۽ چوڻ لڳو ته اي محمد (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) آخر هِن دعوتِ اسلام مان توهان جو مقصد ڇا آهي؟ ڇا توهان مڪي جي سرداري چاهيو ٿا؟ يا عزت ۽ دولت جا خواهشمند آهيو؟ يا ڪنهن وڏي گهراڻي ۾ شادي جي خواهش آهي؟ توهان جي دل ۾ جيڪا تمنا هجي ڪُلي ڪري چئو. مان اها ضمانت ڏيان ٿو جيڪڏهن توهان اسلام جي دعوت ڏيڻ ڇڏي ڏيو ته پورو مڪو توهان جي فرمان هيٺ هوندو ۽ توهان جي هر خواهش ۽ تمنا پوري ڪئي ويندي، عتبه جي اهڙِي جادوگري واري تقرير ٻُڌي حضور انور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جواب ۾ قرآن پاڪ جون ڪجهه آيتون تلاوت فرمايون. جنهن کي ٻُڌي عتبه ايترو ته متاثر ٿيو جو ان جي لونءَ لونءَ ۽ جسم جا وار ڪانڊارجي ويا ۽ خوفِ ذوالجلال کان

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، اسلام عمر الفاروق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ، ج 2، ص 5

ڏکڻ لڳو ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وات تي هٿ رکي چوڻ لڳو ته آئون توهان کي رشتيداري جو واسطو ڏيان ٿو ته بس ڪريو، منهنجي دل هن ڪلام جي عظمت سان ڦاٽي ٿي پئي. عتبہ بارگاهِ رسالت مان واپس ٿيو پر ان جي دل جي دنيا ۾ هڪ نئو انقلاب برپا ٿي چڪو هو. عتبہ هڪ تمام وڏو خطيب ۽ نهايت فصيح ۽ بليغ ماڻهو هو. ان واپس اچي قريش جي سردارن کي چيو ته محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جيڪو ڪلام پيش ڪن ٿا اهو نہ جادو آهي نہ ڪهاڻي ۽ نہ شاعري پر اهو ڪا بي شيءِ آهي. تنهنڪري منهنجي راءِ آهي ته توهان انهن کي سندن حال تي ڇڏي ڏيو جيڪڏهن اُهي ڪامياب ٿي سڄي عرب تي غالب ٿي ويا ته ان ۾ اسان قريشن جي ئي عزت وڌندي نہ ته سڄو عرب پاڻهي ان کي ختم ڪري ڇڏيندو. پر قريش جي سرڪش ڪافرن عتبہ جو اهو اخلاص ۽ عقلمندي وارو مشورو ته نہ مڃيو پر پنهنجي مخالفت ۽ ستائڻ ۾ ويتر اضافو ڪري ڇڏيو[1]. (زرقاني علي المواهب ج1،ص 258 وسيرت ابن هشام ج 1، ص 294)

## قريشن جو ٽولو ابو طالب وٽ

قريش جي ڪافرن ۾ ڪجهہ ماڻهو صلح پسند بہ هئا انهن چاهيو ٿي ته ڳالهہ ٻولهہ جي ذريعي صلح ۽ صفائي سان معاملو حل ٿي وڃي. تنهنڪري قريش جا ڪجهہ معزز رئيس ابو طالب وٽ آيا ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دعوتِ اسلام ۽ بُت پرستي جي خلاف تقريرن جي شڪايت ڪئي. ابو طالب نهايت نرمي سان

[1] السيرة النبوية لابن هشام، قول عتبة بن ربيعة في امر رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ص 114، 115 ملخصاً و المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، اسلام حمزة، ج1،ص 479، 480

انهن ماڻهن کي سمجهائي رخصت ڪري ڇڏيو پر حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خدا جي فرمان فَاصْدَعْ بِمَا تُؤْمَرُ[1] جي تعميل ڪندي علي الاعلان بُت پرستي جي مذمت ۽ دعوتِ توحيد جو وعظ فرمائيندا رهيا. انڪري قريشن جي ڪاوڙ ويتر وڌي وئي ۽ قريشن جا سيئي سردار يعني عتبہ، شيبہ، ابو سفيان، عاص بن هشام، ابو جهل، وليد بن مغيره ۽ عاص بن وائل وغيره گڏ ٿي ابو طالب وٽ آيا ۽ چيائون تہ توهان جو ڀائٽيو اسان جي معبودن جي توهين ٿو ڪري هاڻي يا تہ توهان وچ مان نڪري وڃو ۽ پنهنجي ڀائيٽي کي اسان جي حوالي ڪريو يا وري توهان بہ ان سان گڏ ميدان ۾ نڪرو تہ جئين اسان ٻنهي مان هڪ جو فيصلو ٿي وڃي. ابو طالب قريشن جو انداز ڏسي سمجهي ويو تہ هاڻي تمام خطرناڪ ۽ نازڪ وقت اچي ويو آهي. ظاهر آهي تہ هاڻي قريش وڌيڪ برداشت نہ ڪري سگهندا ۽ مان اڪيلو سيني قريشن جو مقابلو نٿو ڪري سگهان. ابو طالب حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اڪيلائي ۾ اخلاص ۽ شفقت واري انداز ۾ سمجهايو تہ منهنجا پيارا ڀائٽيا! پنهنجي پوڙهي چاچي جي اڃي ڏاڙهي تي رحم ڪر ۽ پوڙهائپ ۾ مون تي ايترو بار نہ رک جيڪو مان کڻي نہ سگهان. هن وقت تائين تہ قريشن جو ٻچو ٻچو منهنجو احترام ڪندو هو پر اڄ قريشن جي سردارن جو رويو ۽ انداز ايترو تہ بگڙيل هو جو اُهي هاڻي مون تي ۽ توهان تي تلوار کڻڻ ۾ بہ دير نہ ڪندا. انڪري منهنجي راءِ اها آهي تہ تون ڪجهہ ڏينهن جي لاءِ اسلام جي دعوت ڇڏي ڏي. هن وقت تائين حضور اڪرم

---

[1] ترجمو ڪنز الايمان: پوءِ ڪليو اعلان ڪري ڇڏ جنهن ڳالهہ جو تو کي حڪم آهي. (پ 14، الحجر: 94)

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا ظاهري معين ۽ مددگار جيڪي ڪجهه به هئا اهي صرف اڪيلا ابو طالب ئي هئا. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏنو ته هاڻي انهن جا پير به اڪڙي رهيا آهن چاچي جي گفتگو ٻُڌي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڏکويل پر جذباتي انداز ۾ فرمايو ته چاچا جان! خدا جو قسم! جيڪڏهن قريش منهنجي هڪ هٿ تي سج ۽ ٻئي تي چنڊ کڻي رکن تڏهن به آئون پنهنجي ان فرض کان پري نه هٽندس يا ته خدا ان ڪم کي پورو فرمائيندو يا مان پاڻ دينِ اسلام تي قربان ٿي ويندس. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اِها جذباتي تقرير ٻُڌي ابو طالب جو جِيءُ جُهري پيو ۽ اُهي ايترا متاثر ٿيا جو انهن جي هاشمي رڳن جي رت جو ڦڙو ڦڙو پائيٽي جي محبت ۾ گرم ٿي ويو ۽ نهايت جوش ۾ چيائون ته چاچي جي جان! وجو مان توهان سان گڏ آهيان جيسيتائين مان زندهه آهيان ڪير به توهان جي وار کي نقصان نٿو پهچائي سگهي.[1] (سيرت ابن هشام، ج 1، ص 266 وغيره)

## هجرت حبشه سن 5 نبوي

مڪي جي ڪافرن جڏهن ظلم ۽ ستم سان مسلمانن جي زندگي تنگ ڪري ڇڏي ته حضور رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسلمانن کي ”حبشه“ وڃي پناهه وٺڻ جو حڪم ڏنو.

## نجاشي

حبشه جي بادشاهه جو نالو ”اصحمه“ ۽ لقب ”نجاشي“ هو. عيسائي دين جو پابند هو پر تمام انصاف وارو ۽ رحمدل هو ۽

---

[1] السيرة النبوية لابن هشام، مباداة رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.....الخ، ص 103_104 ملخصاً

تورات ۽ انجيل وغيره آسماني ڪتابن جو تمام گهڻو ماهر عالِم هو.

اعلانِ نبوت جي پنجين سال رجب جي مهيني ۾ يارهن مردن ۽ چار عورتن حبشہ ڏانهن هجرت ڪئي. انهن مهاجرن جا مقدس نالا هيٺ ڏنل آهن.

(1، 2) حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ پنهنجي گهر واري حضرت بيبي رقيہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا سان گڏ جيڪا حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صاحبزادي آهي. (3، 4) حضرت حذيفہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ پنهنجي گهر واري حضرت سهلہ بنت سهيل رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا سان گڏ (5، 6) حضرت ابو سلمہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ پنهنجي گهر واري حضرت اُمِ سلمہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا سان گڏ (7، 8) حضرت عامر بن ربيعہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ پنهنجي گهر واري حضرت ليليٰ بنت ابي حشمہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا سان گڏ (9) حضرت زبير بن العوام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ (10) حضرت مصعب بن عمير رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ (11) حضرت عبد الرحمٰن بن عوف رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ (12) حضرت عثمان بن مظعون رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ (13) حضرت ابو سبره بن ابي رهم يا حاطب بن عمرو رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا (14) حضرت سهيل بن بيضاء رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ (15) حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ.[1] (زرقاني المواهب ج1، ص 270)

مڪي جي ڪافرن کي جڏهن انهن جي هجرت جي خبر پئي تہ ظالمَ انهن کي پڪڙڻ لاءِ پويان لڳا پر اُهي سي ٻيڙي ۾ چڙهي روانا ٿي چڪا هئا. انڪري ڪافر ناڪام واپس موٽيا. هي مهاجرن جو قافلو حبشہ جي سر زمين تي لهي امن ۽ امان سان خدا جي عبادت ۾ مصروف ٿي ويو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ اِها

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، الهجرة الاولي الي الحبشة، ج1، ص 503_506 ملخصاً

خبر پڪيڙي وئي تہ مڪي جا ڪافر مسلمان ٿي ويا اُها خبر ٻُڌي ڪجهہ ماڻهو حبشہ ڪان مڪي موٽي آيا پر هتي اچي ڪين پَتو پيو تہ اها خبر غلط هئي تنهنڪري ڪجهہ ماڻهو تہ ٻيهر حبشہ هليا ويا پر ڪجهہ ماڻهو مڪي ۾ روپوش ٿي رهڻ لڳا، مڪي جي ڪافرن انهن کي ڳولي لڌو ۽ انهن تي اڳي کان بہ وڌيڪ ظلم ڪرڻ لڳا جنهن تي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کين ٻيهر حبشہ وڃڻ جو حڪم ڏنو تنهنڪري حبشہ ڪان واپس اچڻ وارا ۽ انهن سان گڏ مظلوم مسلمان ٽوٽل ٽياسي (83) مردن ۽ ارڙهن (18) عورتن حبشہ ڏانهن هجرت ڪئي[1]. (زرقاني علي المواهب ج 1، ص 287)

## ڪافرن جو سفير نجاشي جي دربار ۾

تمام مهاجر امن ۽ سڪون سان حبشہ ۾ رهڻ لڳا. پر مڪي جي ڪافرن کي ڪڏهن برداشت ٿي سگهيو ٿي تہ توحيد کي مڃڻ وارا ڪٿي امن ۽ سڪون سان رهن. انهن ظالمن ڪجهہ تحفن سان گڏ "عمرو بن العاص" ۽ "عماره بن وليد" کي حبشہ جي بادشاهہ جي دربار ۾ پنهنجو سفير بڻائي موڪليو. انهن ٻنهي نجاشي جي دربار ۾ پهچي تحفن جو نذرانو پيش ڪيو ۽ بادشاهہ کي سجدو ڪري اِها فرياد ڪرڻ لڳا تہ اي بادشاهہ! اسان جي ڪجهہ مجرمن مڪي مان ڀڄي اوهان جي ملڪ ۾ پناهہ ورتي آهي توهان اسان جي مجرمن کي اسان جي حوالي ڪريو اهو ٻُڌي نجاشي بادشاهہ مسلمانن کي پنهنجي دربار ۾ گهرايو، حضرت

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، الهجرة الاولي الي الحبشة، ج1، ص 503_506 والمواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، الهجرة الثانية الي الحبشة .....الخ، ج2، ص 31، و شرح الزرقاني علي المواهب، باب دخول الشعب ....الخ، ج 2، ص 16

علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جا ڀاءُ حضرت جعفر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ مسلمانن جا نمائندا بڻجي گفتگو ڪرڻ جي لاءِ اڳيان وڌيا ۽ دربار جي آدابن جي مطابق بادشاهه کي سجدو نہ ڪيائون صرف سلام ڪري بيهي رهيا. دربارين ٽوڪيو تہ حضرت جعفر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمايو تہ اسان جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خدا کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي سجدو ڪرڻ کان منع فرمايو آهي ان ڪري آئون بادشاهه کي سجدو نٿو ڪري سگهان[1]. (زرقاني المواهب ج1 ،ص 288)

ان کان پوءِ حضرت جعفر بن ابي طالب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن دربارِ شاهي ۾ هيئن تقرير شروع فرمائي تہ ”اي بادشاهہ! اسان هڪ جاهل قوم هئاسين، شرڪ ۽ بُت پرستي ڪندا هئاسين. ڦُرلٽ، چوري، ڏاڙو، ظلم ۽ طرح طرح جي بدڪارين ۽ برن ڪمن ۾ مبتلا هئاسين. الله تعالٰي اسان جي قوم ۾ هڪ شخص کي پنهنجو رسول بڻائي موڪليو جنهن جي حسب ۽ نسب، صدق ۽ ديانت کي اسان پهريان کان ڄاڻندا هئاسين، ان رسول اسان کي شرڪ ۽ بُت پرستي کان روڪي ڇڏيو ۽ صرف هڪ خداءِ واحد جي عبادت جو حڪم ڏنو ۽ هر قسم جي ظلم وستم ۽ تمام براين ۽ بدڪارين کان اسان کي منع فرمايو. اسان ان رسول تي ايمان آندو ۽ شرڪ ۽ بُت پرستي ڇڏي تمام بُرن ڪمن کان توبهہ ڪئي، بس اهو ئي اسان جو گناهہ آهي جنهن تي اسان جي قوم وارا اسان جي جان جا دشمن ٿي پيا آهن ۽ انهن ماڻهن اسان کي ايترو ستايو جو اسان پنهنجي وطن کي خيرآباد چئي توهان جي سلطنت ۾ امن واري زندگي گذاري

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، الهجرة الثانية الي الحبشة ...الخ، ج2، ص 33 والمواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، الهجرة الاولٰي الي الحبشة ...الخ، ج 1، ص 506

رهيا آهيون. هاڻي هي ماڻهو اسان کي مجبور ڪري رهيا آهن تہ اسان وري ان پراڻي گمراهي ۾ واپس موٽي وڃون.“

حضرت جعفر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي ان تقرير سان نجاشي تمام گهڻو متاثر ٿيو، اهو ڏسي مڪي جي ڪافرن جي سفير عمرو بن العاص پنهنجو آخري تير بہ هڻي ڪڍيو ۽ چيو تہ اي بادشاهہ! هي مسلمان توهان جي نبي حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جي باري ۾ ڪجهہ ٻيو ئي عقيدو رکن ٿا جيڪو توهان جي عقيدي جي بلڪل خلاف آهي. اِهو ٻُڌي نجاشي بادشاهہ حضرت جعفر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان ان جي باري ۾ سوال ڪيو تہ پاڻ سورة مريم جي تلاوت فرمائي. ڪلام رباني جي تاثير سان نجاشي جي دل تي اهڙو اثر ٿيو جو ان تي رقت طاري ٿي وئي ۽ اُن جي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا. حضرت جعفر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمايو تہ اسان جي رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي اهو ئي ٻُڌايو آهي تہ حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام خدا جا ٻانها ۽ ان جا رسول آهن جيڪي ڪنواري مريم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا جي پيٽ مبارڪ مان بغير پيءُ جي خدا جي قدرت جو دليل بڻجي پيدا ٿيا. نجاشي بادشاهہ وڏي غور سان حضرت جعفر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي تقرير ٻُڌي ۽ اهو چيو تہ بيشڪ انجيل ۽ قرآن ٻئي هڪ ئي هدايت جي سج جا ٻہ نور آهن ۽ يقيناً حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام خدا جا ٻانها ۽ ان جا رسول آهن ۽ مان گواهي ڏيان ٿو تہ بيشڪ حضرت محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خدا جا اهي ئي رسول آهن جنهن جي بشارت حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام انجيل ۾ ڏني آهي ۽ جيڪڏهن مان سلطنت جي دستور جي مطابق تخت شاهي تي رهڻ جو پابند نہ هجان ها تہ مان خود مڪي وڃي حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون جُتيون سڌيون ڪريان ها ۽ انهن جا پير ڌُوئان ها. بادشاهہ

جي تقرير ٻُڌي ان جا درٻاري جيڪي پڪا عيسائي هئا ناراض ٿي ويا پر نجاشي بادشاهه جوشِ ايماني ۾ سيني کي ڏڙڪا ڏئي خاموش ڪري ڇڏيو ۽ مڪي جي ڪافرن جا ڏنل تحفا واپس ڪري عمرو بن العاص ۽ عماره بن وليد کي درٻار مان ڪڍرائي ڇڏيو ۽ مسلمانن کي چيو ته توهان منهنجي سلطنت ۾ جتي چاهيو امن ۽ سڪون سان، آرام ۽ چين جي زندگي گذاريو ڪير به توهان کي ڪجهه نٿو ڪري سگهي[1]. (زرقاني ج1، ص 288)

واضح رهي ته نجاشي بادشاهه مسلمان ٿي ويو هو تنهنڪري انهن جي وفات تي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مديني منوره ۾ انهن جي جنازه نماز پڙهي. جڏهن ته نجاشي بادشاهه جي وفات حبشه ۾ ٿي ۽ اُهي حبشه ۾ ئي دفن ٿيا پر حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي غائبانه جنازي جي نماز پڙهي ۽ ان جي لاءِ دعاءِ مغفرت فرمائي.

## حضرت ابوبڪر ۽ ابن دغنه

حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ به حبشه ڏانهن هجرت ڪئي پر جڏهن پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ مقامِ "برڪ الغماد" ۾ پهتا ته قاره قبيلي جو سردار "مالڪ بن دغنه" رستي ۾ مليو ۽ پڇيو ته چو؟ اي ابو بڪر! ڪيڏانهن ٿا وڃو؟ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ مڪي وارن جي ظلمن جو ٻُڌائيندي فرمايو ته هاڻي مان پنهنجي وطن مڪي کي ڇڏي خدا جي زمين تي ڦرندو رهندس ۽ خدا جي عبادت ڪندو رهندس. ابن دغنه چيو ته اي ابو بڪر! توهان جهڙو شخص نه شهر مان نڪري سگهي ٿو ۽ نه ڪڍي سگهجي ٿو. توهان ٻين جو بار کڻندا آهيو،

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني ،الهجرة الثانية الي الحبشة ....الخ، ج 2، ص 33

مهمانن جي مهمان نوازي ڪندا آهيو، پاڻ ڪمائي مفلسن ۽ محتاجن جي مالي مدد ڪندا آهيو، حق جي ڪمن ۾ سيني جو سات ڏيندا آهيو، توهان مون سان گڏ مڪي هلو مان توهان کي پنهنجي پناهه ۾ رکان ٿو. ابن دغنہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي زبردستي مڪي وٺي آيو ۽ مڪي جي تمام ڪافرن کي چئي ڇڏيو تہ مون ابو بڪر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي پنهنجي پناهه ۾ رکيو آهي، تنهنڪري خبردار! ڪير بہ انهن کي نہ ستائي مڪي جي ڪافرن چيو تہ اسان کي هن شرط تي قبول آهي تہ ابو بڪر پنهنجي گهر جي اندر لڪي قرآن پڙهن تہ جيئن اسان جي عورتن ۽ ٻارن جي ڪنن تي قرآن جو آواز نہ پهچي، ابن دغنہ ڪافرن جي اها شرط قبول ڪري ورتي ۽ حضرت ابو بڪر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ڪجهہ ڏينهن پنهنجي گهر جي اندر قرآن شريف پڙهندا رهيا پر حضرت ابو بڪر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي جذبۂ اسلامي ۽ جوشِ ايماني اهو پسند نہ ڪيو تہ باطل معبودن ”لات ۽ عزيٰ“ جي عبادت تہ علي الاعلان ٿئي ۽ معبودِ برحق خدا تعالٰي جي عبادت گهر ۾ لڪي ڪئي وڃي، تنهنڪري پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ گهر جي ٻاهران پنهنجي اڳڻ (صحن) ۾ هڪ مسجد ٺاهي ورتي ۽ ان مسجد ۾ علي الاعلان نمازن ۾ وڏي آواز سان قرآن پڙهڻ لڳا ۽ مڪي جي ڪافرن جون عورتون ۽ ٻار ميڙ لڳائي قرآن ٻُڌڻ لڳا. اهو منظر ڏسي مڪي جي ڪافرن ابن دغنہ کي مڪي گهرايو ۽ شڪايت ڪئي تہ ابو بڪر گهر جي ٻاهر قرآن پڙهندا آهن. جنهن کي ٻُڌڻ لاءِ ان جي چوڌاري اسان جي عورتن ۽ ٻارن جو ميلو لڳي ويندو آهي. جنهن سان اسان کي وڏي تڪليف ٿئي ٿي، تنهنڪري تون انهن کي چئي ڇڏ يا تہ هو گهر جي اندر قرآن پڙهن يا تون پنهنجي پناهه جي ذميداري تان هٿ

کڻ، تڏهن ابن دغنہ حضرت ابو بڪر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي چيو تہ اي ابو بڪر! رَضِیَ اللهُ عَنْهُ توهان گهر جي اندر لڪي قرآن شريف پڙهو نہ تہ مان پنهنجي پناهہ تان هٿ کڻي ويندس تنهن کانپوءِ جيڪڏهن مڪي جا ڪافر توهان کي ستائن تہ مان ان جو ذميدار نہ هوندس. اِهو ٻُڌي حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمايو تہ اي ابن دغنہ! تون پنهنجي پناهہ جي ذميداري کان آجو ٿي وڃ مون کي الله تعالٰي جي پناهہ ڪافي آهي ۽ مان ان جي مرضي تي راضي آهيان[1]. (بخاري ج 1، ص 307، باب جوار ابي بڪر الصديق)

## حضرت حمزه مسلمان ٿي ويا

اعلانِ نبوت جي ڇهين سال حضرت حمزه ۽ حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا بہ اهڙيون هستيون اسلام ۾ اچي ويون جنهن سان اسلام ۽ مسلمان جي عظمت ۽ انهن جي عزت ۽ وقار جو جهنڊو بلند ٿي ويو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چاچن ۾ حضرت حمزه کي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان تمام گهڻي محبت هئي ۽ اهي صرف بہ يا ٽي سال حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان عمر ۾ وڏا هئا جيئن تہ انهن بہ حضرت ثويبہ جو کير پيتو هو انڪري حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا رضائي ڀاءُ بہ هئا. حضرت حمزه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ تمام طاقتور ۽ بهادر هئا ۽ شڪار جا تمام گهڻا شوقين هئا. روزانو صبح جو تير ڪمان کڻي گهران نڪري ويندا هئا ۽ شام جو شڪار تان واپس اچي حرم ۾ ويندا هئا، خانہ ڪعبہ جو طواف ڪندا هئا ۽ قريش جي سردارن جي مجلس ۾ ٿوري دير ويهندا

---

[1] صحيح البخاري، كتاب الكفالة، باب جوار ابي بكر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ في عهد النبي ....الخ، الحديث: 2297، ج 2، ص 75

هئا. هڪ ڏينهن حسب معمول شڪار تان واپس موٽيا تہ ابن جدعان جي ٻانهي ۽ سندن ڀيڻ حضرت بيبي صفيہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا انهن کي ٻُڌايو تہ اڄ ابو جهل تنهنجي ڀائيٽي حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بي ادبي ۽ گستاخي ڪئي آهي. اِها ڳالهہ ٻُڌي حضرت حمزه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ڪاوڙ ۾ ڀرجي ويا يڪدم تير ڪمان کڻي مسجد حرام پهچي ويا ۽ پنهنجي ڪمان ايترو زور سان ابو جهل جي مٿي ۾ هنئي جو ان جو مٿو ڦاٽي پيو ۽ چيو تہ تون منهنجي ڀائيٽي کي گاريون ٿو ڏين؟ تو کي خبر نہ آهي تہ آءُ بہ ان جي دين تي آهيان. اهو ڏسي بني مخزوم قبيلي جا ڪجهہ ماڻهو ابو جهل جي مدد جي لاءِ اُٿيا تہ ابو جهل اهو سوچي تہ ڪٿي بنو هاشم قبيلي سان جنگ نہ ٿي وڃي، چيو تہ اي بني مخزوم! توهان حمزه کي ڇڏي ڏيو واقعي اڄ مون ان جي ڀائيٽي کي تمام گنديون گنديون گاريون ڏنيون هيون[1].

(مدارج النبوة ،ج 2 ، ص 44 وزرقاني ج 1، ص 256)

حضرت حمزه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ مسلمان ٿيڻ کان پوءِ زور زور سان هي شعر پڙهڻ شروع ڪيو

حَمِدْتُّ اللّٰهَ حِيْنَ هَدٰى فُؤَادِیْ اِلَى الْاِسْلَامِ وَالدِّيْنِ الْحَنِيْفِ

مان الله تعالٰي جي حمد ڪريان ٿو جنهن وقت جڏهن ان منهنجي دل کي اسلام ۽ دين حنيف ڏانهن هدايت ڏني.

اِذا تُلِيَتْ رَسَائِلُهٗ عَلَيْنَا! تَحَدَّرَ دَمْعُ ذِی اللُّبِّ الْحَصِيْفِ

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، اسلام حمزة رَضِیَ اللهُ عَنْهُ، ج 1، ص 477 ودلائل النبوة للبيهقي ذكر اسلام حمزة بن عبد المطلب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ، ج 2، ص 213

جڏهن اسلام جي احڪامن جي اسان جي سامهون تلاوت ڪئي ويندي آهي تہ با ڪمال عقل وارن جا لڙڪ وهڻ لڳندا آهن.

وَاَحْمَدُ مُصْطَفًى فِيْنَا مُطَاعٌ فَلَا تَغْشَوْهُ بِالْقَوْلِ الْعَنِيْفِ

ءِ خدا جا پسنديده احمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان جا مقتديٰ آهن تہ (اي ڪافرؤ) پنهنجي باطل بڪواس سان انهن تي غلبو حاصل نہ ڪريو.

فَلَا وَاللّٰهِ نُسْلِمُهٗ لِقَوْمٍ! وَلَمَّا نَقْضِ فِيْهِمْ بِالسُّيُوْفِ

تہ خدا جو قسم! اسان انهن کي ڪافرن جي قوم جي حوالي نہ ڪنداسين. جيتوڻيڪ اجان تائين اسان انهن ڪافرن سان تلوارن تي فيصلو نہ ڪيو آهي[1]. (زرقاني ج1 ص256)

## حضرت عمر جو اسلام

حضرت حمزه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي اسلام آڻڻ جي ٽئين ڏينهن ئي حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بہ اسلام جي دولت سان مالا مال ٿي ويا. پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي اسلام آڻڻ جي واقعن ۾ تمام گهڻيون روايتون آهن.

هڪ روايت هي بہ آهي تہ پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هڪ ڏينهن ڪاوڙ ۾ اُگهاڙي تلوار کڻي ان ارادي سان هليا تہ اڄ مان پيغمبرِ اسلام کي ختم ڪندس. اتفاق سان رستي ۾ حضرت نعيم بن عبد الله قريشي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ سان ملاقات ٿي جيڪو مسلمان ٿي چڪو هو پر حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي انهن جي اسلام جي خبر نہ هئي

[1] المواهب اللدنية، فصل في ترتيب دعوة النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، ج 1، ص 120_ 121

حضرت نعيم بن عبد الله رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پڇيو تہ ڇو؟ اي عمر! هن تتل ڏينهن ۾ اُڳهاڙي تلوار ڪٽي ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ چوڻ لڳو تہ اڄ باني ءِ اسلام جو فيصلو ڪرڻ جي لاءِ گهران نڪتو آهيان. ان چيو تہ پهريان پنهنجي گهر جي تہ خبر وٺ، تنهنجي ڀيڻ ”فاطمہ بنت الخطاب“ ۽ تنهنجو ڀيٽويو ”سعيد بن زيد“ بہ تہ مسلمان ٿي چڪا آهن، اهو ٻُڌي پاڻ ڀيڻ جي گهر پهتا ۽ دروازو کڙڪايو گهر ۾ ڪجهہ مسلمان لڪي قرآن پڙهي رهيا هئا. حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو آواز ٻڌي سڀ ڊڄي ويا ۽ قرآن جا ورق ڇڏي هيڏانهن هوڏانهن لڪي ويا، ڀيڻ اُٿي دروازو کوليو تہ حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ رڙ ڪري چيو تہ اي پنهنجي جان جي دشمن! ڇا تون بہ مسلمان ٿي وئي آهين؟ پوءِ پنهنجي ڀيٽويي حضرت سعيد بن زيد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ڏانهن وڌيا ۽ انهن کي ڏاڙهي مان جهلي زمين تي ڪيرايو ۽ سيني تي چڙهي ان کي مارڻ لڳا، سندن ڀيڻ حضرت فاطمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا پنهنجي مڙس کي بچائڻ جي لاءِ ڊوڙي تہ عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ان کي اهڙي چمات وهائي ڪڍي جو انهن جي ڪنن جا والا ٽُٽي ڪِري پيا ۽ سندن چهرو رت ۾ ڳاڙهو لال ٿي ويو. ڀيڻ صاف صاف چئي ڏنو تہ عمر! ٻُڌي ڇڏ، تو کان جيڪو ٿي سگهي ڪري ڇڏ، پر هاڻي اسلام دل مان نٿو نڪري سگهي. حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي ڀيڻ جو رت ۾ ڳاڙهو چهرو ڏٺو ۽ ان جو عزم ۽ استقامت پريو اهو جملو ٻُڌو تہ اُنهن تي رقت طاري ٿي وئي ۽ يڪدم دل نرم ٿي وئي. ٿوري دير تائين خاموش ٻِيٺا رهيا. پوءِ چيائون نيڪ آهي توهان جيڪو پڙهي رهيا هئا اُهو مون کي بہ ڏيکاريو. ڀيڻ قرآن جي ورقن کي سامهون رکي ڇڏيو. ڪٽي ڏنائون تہ هن

آيت تي نظر پئي سَبَّحَ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ۝[1] هِن آيت جو هڪ هڪ لفظ صداقت جي تاثير جو تير بڻجي دل ۾ لڳندو ويو ۽ جسم جو هڪ هڪ وار ڏڪڻ لڳو. جڏهن هن آيت تي پهتا اٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ[2] تہ بلڪل بي قابو ٿي ويا ۽ بي اختيار چئي ڏنو تہ اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ هي اهو وقت هو جو حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت ارقم بن ابو ارقم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي گهر ۾ ترسيل هئا حضرت عمر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ پيڻ جي گهران نڪري سِڌو حضرت ارقم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي گهر پهتا تہ دروازو بند هو، دروازو کڙڪايائون، اندر وينل ماڻهن دروازي جي وِٿيءَ مان ڏٺو تہ حضرت عمر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ اُگهاڙي تلوار کنيو بيٺا هئا، ماڻهو پريشان ٿي ويا ۽ ڪنهن کي بہ دروازو کولڻ جي همت نہ ٿي پر حضرت حمزه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ وڏي آواز سان فرمايو تہ دروازو کوليوس ۽ اندر اچڻ ڏيوس جيڪڏهن سٺي نيت سان آيو آهي تہ ان جو آدر ڀاءُ ڪيو ويندو نہ تہ سندس ئي تلوار سان ان جو ڪنڌ ڪپيو ويندو. حضرت عمر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ پير اندر رکيو تہ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ اڳتي وڌي حضرت عمر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي ٻانهن جهلي فرمايو تہ اي خطاب جا پُٽ! تون مسلمان ٿي وڃ آخر تون ڪيستائين مون سان وڙهندو رهندين؟ حضرت عمر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ وڏي آواز سان ڪلمو پڙهيو. حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خوشي

---

[1] ترجمو ڪنز الايمان: الله جي پاڪائي بيان ڪن ٿا جيڪي بہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهن ۽ اهو ئي عزت ۽ حڪمت وارو آهي. (پ 27 الحديد: 1)

[2] ترجمو ڪنز الايمان: الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو. (پ 27 الحديد: 7)

مان نعرهءِ تڪبير بلند فرمايو ۽ تمام حاضرين ايترو تہ زور سان الله اڪبر جو نعرو هنيو جو مڪي جا جبل گونجي اٿيا. پوءِ حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چوڻ لڳا تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي لڪي لڪي خدا جي عبادت ڪرڻ جو ڇا مقصد؟ اُتو اسان ڪعبي ۾ هلي علي الاعلان خدا جي عبادت ڪنداسين ۽ خدا جو قسم! آءُ ڪفر جي حالت ۾ جن جن مجلسن ۾ ويهي اسلام جي مخالفت ڪندو هيس هاڻي انهن سيني مجلسن ۾ پنهنجي اسلام جو اعلان ڪندس. پوءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ جي جماعت کي ساڻ ڪري بن قطارن ۾ روانا ٿيا. هڪ صف جي اڳيان حضرت حمزه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هلي رهيا هئا ۽ ٻي صف جي اڳيان حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هئا. اهڙي شان سان مسجد حرام ۾ داخل ٿيا ۽ نماز ادا ڪئي، حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ حرم ڪعبہ ۾ مشرڪن جي سامهون پنهنجي اسلام جو اعلان ڪيو. اهو ٻُڌندي ئي هر طرف کان ڪافر ڊوڙي آيا ۽ حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْه کي مارڻ لڳا ۽ حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بہ انهن سان وڙهڻ لڳا ۽ لڙائي وڌي وئي ايتري ۾ حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو مامو ابو جهل اچي ويو ان پڇيو تہ هي جهڳڙو ڇا جو آهي؟ ماڻهن ٻڌايو تہ حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ مسلمان ٿي ويا آهن انڪري ماڻهن ڪاوڙ مان انهن تي حملو ڪري ڏنو آهي. اهو ٻُڌي ابو جهل حطيم ڪعبہ ۾ بيهي پنهنجي ٻانهن سان اشارو ڪري اعلان ڪيو تہ مون پنهنجي ڀاڻيجي عمر کي پناهہ ڏني. ابو جهل جو اهو اعلان ٻُڌي سڀ ماڻهو پري ٿي ويا. حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ اسلام آڻڻ کان پوءِ آءُ هميشہ ڪافرن

کي ماريندو ۽ مار کائيندو رهيس ايستائين جو الله تعالٰي اسلام کي غالب فرمائي ڇڏيو[1]. (زرقاني علي المواهب ج1 ص 272)

حضرت عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي مسلمان ٿيڻ جو هڪ سبب اهو به بُڌايو ويو آهي ته خود حضرت عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائيندا هئا ته آئون ڪفر جي حالت ۾ قريش جي بُتن وٽ موجود هئس ايتري ۾ هڪ شخص گابو ڪاهي آيو ۽ ان کي بتن جي نالي تي ذبح ڪيائين. پوءِ وڏي زور سان رڙ ڪري ڪنهن هي چيو ته يَا جَلِيْحُ اَمْرٌ نَّجِيْحٌ رَجُلٌ فَصِيْحٌ يَقُوْلُ لَآ اِلٰهَ اِلَا اللّٰهُ۔ اهو آواز بُڌي سڀ ماڻهو اتان اُٿي پَڳا پر مون اهو عزم ڪري ڇڏيو ته هن آواز ڏيڻ واري جي حقيقت ڄاڻڻ کان بغير هرگز هتان نه ويندس، ان کان پوءِ وري اهو ئي آواز آيو ته يَا جَلِيْحُ اَمْرٌ نَّجِيْحٌ رَجُلٌ فَصِيْحٌ يَقُوْلُ لَآ اِلٰهَ اِلاَّ اللّٰه يعني اي ڪُلي دشمني ڪرڻ وارؤ! هڪ ڪاميابي جي شيءِ آهي ته هڪ فصاحت وارو ماڻهو لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ چئي رهيو آهي، جڏهن ته بُتن وٽ مون کان سواءِ ٻيو ڪو به موجود نه هو. ان کان فوراً بعد حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نبوت جو اعلان فرمايو. ان واقعي کان حضرت عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ تمام گهڻا متاثر ٿيا. انهيءَ ڪري انهن جي اسلام آڻڻ جي سببن ۾ هِن واقعي جو به ڪجهه نه ڪجهه ضرور دخل آهي[2]. (بخاري ج 1،ص 546 وزرقاني ج 1،ص 276 باب اسلام عمر)

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، اسلام عمر الفاروق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ، ج 2، ص 5_10 والمواهب اللدنية، هجرته صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ج 1، ص 125_126 ملتقطاً

[2] صحيح البخاري، كتاب مناقب الانصار، باب اسلام عمر بن الخطاب رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ، الحديث: 3866، ج 2،ص 578

حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي جڏهن مڪي جي ڪافرن تمام گهڻو ستايو تہ عاص بن وائل سهمي پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي پنهنجي پناهہ ۾ ورتو جيڪو جاهليت جي زماني ۾ سندن ساٿي هو اهڙي طرح حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ڪافرن جي مار کان بچي ويا[1]. (بخاري باب اسلام عمر ج1، ص 545)

## شعب ابي طالب سن 7 نبوي

اعلان نبوت جي ستين سال سن 7 نبوي ۾ مڪي جي ڪافرن جڏهن ڏٺو تہ ڏينهون ڏينهن مسلمانن جو تعداد وڌندو پيو وڃي ۽ حضرت حمزه ۽ حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا جهڙا قريش جا بهادر بہ مسلمان ٿي ويا تہ هي ڪاوڙ ۾ بي قابو ٿي ويا ۽ قريش جي سيني سردارن ۽ مڪي جي ٻين ڪافرن هي صلاح ڪئي تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن خاندان جو مڪمل بائيڪاٽ ڪيو وڃي ۽ انهن کي ڪنهن سوڙهي ۽ اونداهيءَ جڳهہ ۾ قيد ڪري انهن جو داڻو پاڻي بند ڪيو وڃي تہ جئين هي مڪمل طور تباهہ ۽ برباد ٿي وڃن اهڙي طرح ان خوفناڪ تجويز جي مطابق قريش جي تمام قبيلن پاڻ ۾ هي معاهدو ڪيو تہ جيستائين بنو هاشم جي خاندان وارا حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي قتل ڪرڻ جي لاءِ اسان جي حوالي نہ ڪن تيسيتائين:

(1) ڪو بہ شخص بنو هاشم جي خاندان ۾ شادي نہ ڪري.

(2) ڪو بہ شخص انهن سان ڪنهن بہ شيءِ جي خريد و فروخت (واپار) نہ ڪري.

---

[1] صحيح البخاري، كتاب مناقب الانصار، باب عمر بن الخطاب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ، الحديث:3864، ج2، ص578 ملخصاً

(3) ڪو بہ شخص انهن سان ميل ملاقات، سلام ڪلام، ۽ ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪري.

(4) ڪو بہ شخص انهن جي طرف ڪاڏي پيتي جو سامان وڃڻ نہ ڏي. منصور بن عڪرمہ ان معاهدي کي لکيو ۽ قريش جي تمام سردارن ان تي صحيحون ڪري ان دستاويز کي ڪعبي جي اندر لڳائي ڇڏيو. ابو طالب مجبوراً حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ ٻين خاندان وارن کي ساڻ ڪري جبل جي ان گهاٽي ۾ جنهن جو نالو ”شعب ابي طالب“ هو ۾ پناهہ ورتي. ابو لهب کان سواءِ خاندان بنو هاشم جي ڪافرن بہ خانداني غيرت ۽ مروّت جي ڪري هن معاملي ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ساٿ ڏنو ۽ سڀ جا سڀ جبل جي ان تنگ ۽ انڌيري جڳهہ ۾ بند ٿي قيدين واري زندگي بسر ڪرڻ لڳا. هي ٽن سالن جو عرصو ايترو تہ ڏکيو گذريو جو بنو هاشم وڻن جا پن ۽ سڪل چمڙا پَچائي کائيندا هئا ۽ انهن جا ٻار بُک ۽ اُڃ جي ڪري ڏينهن رات روئيندا رهندا هئا سنگدل ۽ ظالم ڪافرن هر طرف کان پهريدار ويهاري ڇڏيا هئا تہ جيئن ڪٿان بہ گهاٽيءَ جي اندر کاڏو پيتو نہ وڃي سگهي[1].

(زرقاني علي المواهب ج 1، ص 278)

مسلسل ٽن سالن تائين حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ بنو هاشم جو خاندان انهن هوش وڃائيندڙ تڪليفن کي برداشت ڪندا رهيا ايسيتائين جو خود قريش جي ڪجهہ رحم دل ماڻهن کي بنو هاشم جي انهن مصيبتن تي رحم اچي ويو ۽ انهن ماڻهن هِن ظالمانہ معاهدي کي ٽوڙڻ جي تحريڪ هلائي.

[1] المواهب اللدنية، هجرته صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ج 1، ص 126

تنهنڪري هشام بن عمرو عامري، زهير بن ابي اميه، مطعم بن عدي، ابو البختري، زمعه بن الاسود وغيره هي سڀ گڏجي حرمِ ڪعبه ۾ ويا ۽ ظهير جيڪي عبد المطلب جا ڏُوهٽا هئا ڪفارِ قريش کي مخاطب ٿي پنهنجي پُرجوش تقرير ۾ چيو ته اي انسانو! هي ڪٿان جو انصاف آهي؟ جو اسان ته آرام سان زندگي گذاري رهيا آهيون ۽ بنو هاشم جي خاندان جا ٻار بُک ۽ اُڃ ۾ تڙپي رهيا آهن. خدا جو قسم! جيسيتائين هِن وحشياڻي معاهدي جو دستاويز ڦاڙي پيرن هيٺان نه لتاڙيو ويندو تيسيتائين مان هرگز آرام سان نه ويهندس. اها تقرير ٻُڌي ابو جهل غصي ۾ اچي چيو ته خبردار! توهان ڪڏهن به هِن معاهدي کي هٿ نٿا لڳائي سگهو. پوءِ زمعه ابو جهل کي اهڙي ته رُعب سان هڪل ڏني جو ابو جهل خاموش ٿي ويو. اهڙي طرح مطعم بن عدي ۽ هشام بن عمرو به ابو جهل کي دڙڪا ڏنا، ابو البختري ته صاف صاف چئي ڏنو ته اي ابو جهل! هِن ظالماڻي معاهدي مان نه اسان پهريان راضي هئاسين ۽ نه ئي هاڻي پابند آهيون. انهيءَ مجمعي ۾ هڪ پاسي ابو طالب به وينو هو انهن چيو ته اي انسانو! منهنجا ڀائيٽيا محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چون ٿا ته هِن معاهدي جي دستاويز کي جيتن کائي ڇڏيو آهي ۽ صرف جتي جتي الله جو نالو لکيل هو ان کي جيتن ڇڏي ڏنو آهي. تنهنڪري منهنجي راءِ اها آهي ته توهان ان دستاويز کي ڪيي ڏسو جيڪڏهن واقعي ان کي جيتن کائي ڇڏيو آهي ته پوءِ ان کي ڦاڙي اڇلي ڇڏيو ۽ جيڪڏهن منهنجي ڀائيٽي جي ڳالهه غلط ثابت ٿي ته مان محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي توهان جي حوالي ڪري ڇڏيندس. اهو ٻُڌي مطعم بن عدي ڪعبه جي اندر ويو ۽ دستاويز کي لاهي ڪٽي آيو

سيني ماڻهن ڏنو تہ واقعي الله تعاليٰ جي نالي کان سواء پوري دستاويزکي جيتن کائي ڇڏيو هو. مطعم بن عدي سيني جي سامهون اهو دستاويز ڦاڙي اڇلي ڇڏيو. ۽ ان کان پوءِ قريش جا ڪجهہ بهادر جيڪي ان وقت سڀ جا سڀ ڪفر جي حالت ۾ هئا هٿيار کڻي گهاٽي ۾ پهتا ۽ بنو هاشم جي خاندان جي هڪ هڪ ماڻهو کي اُتان ڪڍي آيا ۽ انهن کي انهن جي گهرن ۾ آباد ڪري ڇڏيو. اهو واقعو سن 10 نبوي جو آهي. منصور بن عڪرمہ جنهن اهو دستاويز لکيو هو ان تي هي قهرِ الٰهي نازل ٿيو جو ان جو هٿ ساڻو ٿي سُڪي ويو[1]. (مدارج النبوة ج 2، ص 42 وغيره)

## غم جو سال سن 10 نبوي

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم "شعب ابي طالب" مان نڪري پنهنجي گهر آيا ۽ ڪجهہ ڏينهن قريش جي ڪافرن جي ظلم کان پناهہ ملي هئي تہ ابو طالب بيمار ٿي پيا ۽ گهاٽيءَ مان ٻاهر نڪرڻ کان اَٺ مهينا پوءِ انهن جو انتقال ٿي ويو. ابو طالب جي وفات حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ هڪ نهايت ئي دل ڏکوئيندڙ حادثو هئي ڇو تہ ننڍي هوندي کان وٺي جنهن پيار ۽ محبت سان ابو طالب پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پرورش ڪئي هئي ۽ زندگي جي هر موڙ تي جنهن جان نثاري سان سندن مدد ۽ دستگيري ڪئي هئي، سندن دشمنن جي سامهون سينو تاڻي جهڙي طرح مصيبتن ۽ تڪليفن جو مقابلو ڪيو هو ان کي ڀلا حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيئن وساري ٿي سگهيا.

---

[1] مدارج النبوت، قسم دوم، باب سوم، ج2، ص 46 مختصراً

## ابو طالب جو خاتمو

جڏهن ابو طالب مرض الموت ۾ مبتلا ٿي ويا تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن وٽ تشريف ڪٽي ويا ۽ فرمايو تہ اي چاچا! توهان ڪلمو پڙهي وٺو، هي اهو ڪلمو آهي جنهن جي سبب مان خدا جي دربار ۾ توهان جي مغفرت جي لاءِ اصرار ڪندس. ان وقت ابو جهل ۽ عبد الله بن ابي اميہ ابو طالب وٽ موجود هئا انهن ٻنهي ابو طالب کي چيو تہ اي ابو طالب! ڇا توهان عبد المطلب جي دين کان منهن موڙيندؤ؟ ۽ هي ٻئي لڳاتار ابو طالب سان ڳالهائيندا رهيا ايستائين جو ابو طالب ڪلمو نہ پڙهيو پر انهن جي زندگي جا آخري لفظ هي هئا تہ ”مان عبد المطلب جي دين تي آهيان.“ ايترو چيو ۽ ان جو روح پرواز ڪري ويو. حضور رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ان سان ڏاڍو ڏک پهتو ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ مان انهن جي لاءِ ان وقت تائين دعاءِ مغفرت ڪندو رهندس جيسيتائين الله تعالٰي مون کي منع نہ فرمائيندو. ان کان پوءِ هي آيت نازل ٿي تہ

مَا كَانَ لِلنَّبِيِّ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْ يَّسْتَغْفِرُوْا لِلْمُشْرِكِيْنَ وَلَوْ كَانُوْٓا اُولِيْ قُرْبٰى مِنْۢ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمْ اَنَّهُمْ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ[1]

يعني نبي ۽ مومنن جي لاءِ اهو جائز نہ آهي تہ هو مشرڪن جي لاءِ مغفرت جي دعا گهرن توڙي جو اُهي رشتيدار ئي ڇو نہ

[1] سيپارو 11، التوبة: 113

هجن. جڏهن تہ انهن کي معلوم ٿي چڪو آهي تہ مشرڪ جهنّمي آهن[1]. (بخاري ج 1 ص 548 باب قصہ ابي طالب)

## حضرت بيبي خديجہ جي وفات

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دل مبارڪ تي اجان ابو طالب جي وفات جو زخم تازو هو تہ ابو طالب جي وفات کان ٿي يا پنج ڏينهن بعد حضرت بيبي خديجہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا بہ دنيا مان لاڏاڻو فرمائي ويون. مڪي ۾ ابو طالب کان پوءِ سڀ کان وڏيڪ جنهن هستيءَ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مدد ۽ حمايت ۾ پنهنجو تن، من، ڌن سڀ ڪجهہ قربان ڪيو اها حضرت بيبي خديجہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي ذاتِ گرامي هئي. جنهن وقت دنيا ۾ ڪير بہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو مخلص صلاحڪار ۽ غمخوار نہ هو ان وقت حضرت بيبي خديجہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ئي هئي جيڪا هر پريشاني ۾ پوري جان نثاري سان پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي غمخواري ۽ دلداري ڪندي رهندي هئي انڪري ابو طالب ۽ حضرت بيبي خديجہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ٻنهي جي وفات سان پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مددگار ۽ غمخوار ٻئي دنيا مان هليا ويا جنهن سان سندن نازڪ دل کي تمام گهڻو ڏُک پهتو جو پاڻ ان سال جو نالو ئي "عام الحزن" يعني ڏُک جو سال رکي ڇڏيائون.

حضرت بيبي خديجہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا رمضان سن 10 نبوي ۾ وفات ڪئي. وفات جي وقت سندن عمر پنجهٺ سال هئي. مقامِ حجون (قبرستان جنّت المعلي) ۾ دفن ٿيون. حضور رحمتِ عالم

---

[1] صحيح البخاري، مناقب الانصار، باب قصة ابي طالب، الحديث: 3884 .ج 2، ص 583، وشرح الزرقاني علي المواهب، وفاة خديجة وابي طالب، ج 2، ص38_42 ملخصاً

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ بذاتِ خود انهن جي قبر ۾ لٿا ۽ پنهنجن مقدس هٿن سان سندن جسم مبارڪ کي زمين جي سپرد فرمايائون[1]. (زرقاني ج1، ص296)

## طائف جو سفر

مڪي وارن جي ڪيني ۽ سرڪشي کي ڏسي جڏهن حضور رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي انهن جي ايمان آڻڻ کان مايوسي ٿي تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تبليغِ اسلام جي لاءِ مڪي جي آسپاس ۽ پير وارن ڳوٺن جو رخ ڪيو. جيئن تہ ان سلسلي ۾ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم "طائف" جو بہ سفر فرمايو. ان سفر ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا غلام حضرت زيد بن حارثہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بہ حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ هئا. طائف ۾ وڏا وڏا امير ۽ مالدار ماڻهو رهندا هئا انهن رئيسن ۾ "عمرو" جو خاندان تمام قبيلن جو سردار ليکيو ويندو هو. هي ٽي ڀائر هئا. عبدياليل، مسعود ۽ حبيب. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن ٽنهي وٽ تشريف کڻي ويا ۽ اسلام جي دعوت ڏني انهن ٽنهي اسلام تہ قبول نہ ڪيو پر نهايت بيهوده ۽ گستاخانہ جواب ڏنو. انهن بدنصيبن ان تي بہ بس نہ ڪئي پر طائف جي شرارتي غنڊن کي هن ڳالهہ تي اياريو تہ اُهي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان برو ورتاءُ ڪن. تنهنڪري لُچن ۽ لوڦرن جو هي ٽولو هر پاسي کان رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي اچي ڪڙڪِيو ۽ اهي شرارتي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي پٿر وسائڻ لڳا. ايسيتائين جو

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، وفاة خديجة وابي طالب، ج 2، ص 48

سندن مقدس پير زخمن سان رتو رت ٿي ويا [1] ۽ سندن جوراب ۽ نعلين مبارڪ رت سان ڳاڙها ٿي ويا. جڏهن رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم زخمن کان بيتاب ٿي ويهي پئي رهيا تہ هي ظالم نهايت بيدرديءَ سان حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ٻانهن کان پڪڙي اٿارين پيا ۽ جڏهن پاڻ هلڻ پئي لڳا تہ وري رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي پٿر پئي وَسايائون ۽ گڏو گڏ طعنا بہ هڻڻ پئي لڳا، تاڙيون وڄائڻ ۽ ڪِلڻ بہ پئي لڳا. حضرت زيد بن حارثہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ڊوڙي ڊوڙي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڏانهن ايندڙ پٿرن کي پنهنجي بدن تي روڪيندا رهيا ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بچائيندا رهيا ايستائين جو اُهي بہ رت ۾ ڳاڙها ٿي ويا ۽ زخمن ۾ چُور چُور ٿي بيحال ٿي ويا آخرڪار پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انگورن جي هڪ باغ ۾ پناهہ ورتي. هي باغ مڪي جي هڪ مشهور ڪافر عتبہ بن ربيعہ جو هو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو اهو حال ڏسي عتبہ بن ربيعہ ۽ ان جي ڀاءُ شيبہ بن ربيعہ کي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي رحم اچي ويو ۽ ڪافر هئڻ جي باوجود خانداني غيرت جوش ۾ اچي وئي ۽ انهن ٻنهي ڪافرن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي باغ ۾ ترسايو ۽ پنهنجي نصراني غلام عداس جي هٿان سندن خدمت ۾ انگورن جو هڪ ڇُڳو موڪليو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بسم الله پڙهي ڇُڳي کي هٿ لڳايو تہ عداس تعجب مان چوڻ لڳو تہ هتي جا ماڻهو تہ اهو ڪلمو ڪو نہ چوندا آهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کان دريافت فرمايو تہ توهان جو وطن ڪٿي آهي؟ عداس چيو تہ آئون ”شهر نينويٰ“ جو رهندڙ آهيان.

---

[1] شرح الزقاني علي المواهب، وفاة خديجة وابي طالب ،ج 2، ص 50_51

رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ اهو حضرت يونس بن متي عَلَيْهِ السَّلَام جو شهر آهي. اُهي بہ مون وانگر خدا پاڪ جا پيغمبر هئا. اهو ٻُڌي عداس پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا هٿ پير چمڻ لڳو ۽ فوراً حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو[1]. (زرقاني علي المواهب ج1، ص 300)

انهيءَ سفر ۾ جڏهن پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مقام "نخلہ" ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ رات جو نمازِ تهجد ۾ قرآن مجيد پڙهي رهيا هئا تہ "نصيبين" جي جنن جي هڪ جماعت رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿي ۽ قرآن ٻُڌي اُهي سڀ جن مسلمان ٿي ويا. پوءِ انهن جنن موٽي اچي پنهنجي قوم کي ٻُڌايو تہ، مڪي شريف ۾ جنن جي جماعت ٽولن جي صورت ۾ اچي اسلام قبول ڪيو. جڏهن تہ قرآن مجيد ۾ سورة جن جي پهرين آيتن ۾ خداوندِ عالَم هِن واقعي جو ذڪر فرمايو آهي[2]. (زرقاني ج 1، ص 303)

مقامِ نخلہ ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪجهہ ڏينهن تائين قيام فرمايو. پوءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مقامِ "حرا" آيا ۽ قريشن جي هڪ اعليٰ سردار مطعم بن عدي ڏانهن هي پيغام موڪليو تہ ڇا توهان مون کي پنهنجي پناهہ ۾ وٺي سگهو ٿا؟ عرب جو هي دستور هو تہ جڏهن ڪو بہ شخص انهن کان پناهہ طلب ڪندو هو تہ پلي اهو ڪيترو ئي وڏو دشمن ڇو نہ هجي اُهي پناهہ ڏيڻ کان انڪار نہ ڪري سگهندا هئا. اهڙي طرح مطعم بن عدي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي پناهہ ۾

---

[1] المواهب اللدنية، هجرته صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، ج 1، ص 136_137

[2] المواهب اللدنية، هجرته صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ج1، ص137_138

وني ڇڏيو ۽ ان پنهنجي پٽن کي حڪم ڏنو تہ توهان هٿيار کڻي حرم ۾ وڃو ۽ مطعم بن عدي گهوڙي تي سوار ٿيو ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پاڻ سان گڏ مڪي وني آيو ۽ حرمِ ڪعبہ ۾ پاڻ سان گڏ وني ويو ۽ ماڻهن جي ميڙ کي مخاطب ٿي چيو تہ مون محمّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پناهہ ڏني آهي. ان کان پوءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سڪون سان حجرِ اسود کي چمي ڏني ۽ ڪعبي جو طواف ڪري حرم ۾ نماز ادا ڪئي ۽ مطعم بن عدي ۽ ان جي پٽن تلوارن جي ڇانوَ ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي پنهنجي دولت خاني تائين پهچايو[1]. (زرقاني ج1، ص306)

ان سفر جي گهڻي عرصي کان پوءِ هڪ ڀيرو اُمّ المومنين حضرت عائشہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان معلوم ڪيو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا جنگِ اُحد جي ڏينهن کان بہ وڌيڪ ڪو سخت ڏينهن توهان تي گذريو آهي؟ تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو تہ ها اي عائشہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا! اهو ڏينهن منهنجي لاءِ جنگِ احد جي ڏينهن کان بہ وڌيڪ سخت هو جڏهن آئون طائف ۾ اتي جي سردار ”عبدياليل“ کي اسلام جي دعوت ڏني، ان دعوتِ اسلام کي حقارت سان نڪرائي ڇڏيو ۽ طائف وارن مون تي پٿراءُ ڪيو. آءُ ان رنج ۽ غم ۾ ڪنڌ جهڪائي هلندو رهيس ايسيتائين جو مقامِ ”قرن الثعالب“ ۾ پهچي منهنجا هوش حواس بحال ٿي ويا. اتي پهچي جڏهن مون مٿو مٿي ڪنيو تہ ڇا ٿو ڏسان تہ هڪ ڪڪر مون تي ڇانوَ ڪيو بيٺو آهي ان ڪڪر مان جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام مونکي سڏ ڪيو ۽ چيو تہ الله تعاليٰ توهان جي

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، ذكر الجن، ج 2 ص 66 ملخصًا

قوم جي ڳالهه ۽ ان جو جواب ٻُڌي ورتو آهي ۽ هاڻي توهان جي خدمت ۾ جبلن جو فرشتو حاضر آهي ته جئين اهو توهان جي حڪم جي تعميل ڪري. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو بيان آهي ته جبلن جو فرشتو مون کي سلام ڪري عرض ڪرڻ لڳو ته اي محمد! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله تعاليٰ توهان جي قوم جي ڳالهه ۽ انهن جيڪو اوهان کي جواب ڏنو آهي اهو سڀ ڪجهه ٻُڌي ورتو آهي ۽ مون کي توهان جي خدمت ۾ موڪليو آهي ته جيڪو توهان مون کي حڪم ڏيو مان اوهان جو حڪم مڃيندس. جيڪڏهن توهان چاهيو ته مان "اخشبين" (ابو قبيس ۽ قعيقعان) ٻنهي جبلن کي انهن ڪافرن تي اونڌو ڪري ڇڏيان ته مان اونڌو ڪري ڇڏيندس. اهو ٻُڌي حضور رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جواب ڏنو ته نه پر مان اُميد رکان ٿو ته الله تعاليٰ انهن جي نسلن مان پنهنجي اهڙن ٻانهن کي پيدا فرمائيندو جيڪي صرف الله تعاليٰ جي ئي عبادت ڪندا ۽ شرڪ نه ڪندا[1].

(بخاري باب ذكر الملائكة ج1 ،ص 458 وزرقاني ج1، ص 297)

## قبيلن ۾ اسلام جي تبليغ

حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو طريقو هو ته حج جي زماني ۾ جڏهن پري پري جا عربي قبيلا مڪي ۾ جمع ٿيندا هئا ته حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام قبيلن ۾ دورو فرمائي ماڻهن کي اسلام جي دعوت ڏيندا هئا. اهڙي طرح عرب ۾ جڳهه جڳهه

[1] صحيح البخاري، كتاب بدءالخلق، باب اذا قال احدكم أمين .....الخ، الحديث:3231 ج 2، ص 386، وشرح الزرقاني علي المواهب، خروجه الي الطائف، ج 2، ص 51 _52 ملخصاً

تي ميلا لڳندا هئا جنهن ۾ پري پري کان عرب جا قبيلا جمع ٿيندا هئا. انهن ميلن ۾ به رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تبليغِ اسلام جي لاءِ تشريف فرما ٿيندا هئا. جڏهن ته عڪاظ، مجنه، ذوالمجاز، جي وڏن وڏن ميلن ۾حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عرب جي قبيلن جي سامهون اسلام جي دعوت پيش فرمائي. عرب جا قبيلا بنو عامر، محارب، فزاره، غسان، مره، سليم، عبس، بنو نصر، ڪنده، ڪلب، عذره، حضارم وغيره انهن سڀني مشهور قبيلن جي سامهون پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسلام پيش فرمايو پر سندن چاچو ابو لهب هر هنڌ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ ويندو هو ۽ جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن قبيلي جي سامهون واعظ فرمائيندا هئا ته ابو لهب وڏي واڪي چوندو هو ته ”هي دين کان ڦري ويو آهي، هي ڪوڙ ٿو ڳالهائي.[1]“ (زرقاني ج 1، ص 309)

قبيلي بنو ذهل بن شيبان وٽ جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف فرما ٿيا ته حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ به پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ هئا. اُن قبيلي جو سردار ”مفروق“ حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڏانهن متوجه ٿيو ۽ اُن دريافت ڪيو ته اي قريشي ڀاءُ! توهان ماڻهن جي سامهون ڪهڙو دين پيش ڪندا آهيو؟ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته خدا هڪ آهي ۽ آئون اُن جو رسول آهيان. پوءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سورة انعام جون ڪجهه آيتون تلاوت فرمايون.

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، ذكر عرض المصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نفسه ....الخ ج 2، ص 73، والسيرة النبوية لابن هشام، عرض رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .....الخ، ص 168 ملخصاً

اُهي سڀ ماڻهو سندن تقرير ۽ قرآني آيتن جي تاثير کان تمام گهڻو متاثر ٿيا پر هي چيو تہ اسان پنهنجي هِن خانداني دين کي ڀلا يڪدم ڪيئن ٿا ڇڏي سگهون؟ جنهن تي اسان سالن کان ڪارآمد آهيون. اُن کان علاوه اسان ملڪِ فارس جي بادشاهہ ڪسريٰ جي ماتَحت ۽ رعيت آهيون ۽ اسان اهو معاهدو ڪري چڪا آهيون تہ اسان ڪسريٰ جي بادشاهہ کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي ماتَحت نہ رهنداسين. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُنهن ماڻهن جي صاف گوئي جي تعريف فرمائي ۽ ارشاد فرمايو تہ خير، خدا پنهنجي دين جو حامي ۽ ناصر ۽ معين و مددگار آهي.[1]

(روض الانف بحوالہ سيرة النبي)

## مسجد سان محبت جي فضيلت

حضرت ابو سعيد خدري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ الفت نشان آهي ”جيڪو مسجد سان محبت رکندو آهي، اللہ تعاليٰ ان سان محبت رکندو آهي“. (طبراني اوسط حديث ٢٣٧٩)

حضرت علامہ عبدالرؤف مناوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث جي شرح ۾ لکن ٿا تہ مسجد سان محبت مان مراد، اللہ پاڪ جي رِضا لاءِ ان ۾ اعتڪاف، نماز، ذڪرُاللہ ۽ شرعي مسئلا سکڻ سيکارڻ لاءِ ويهڻ آهي ۽ اللہ تعاليٰ جو ان ٻانهي سان محبت ڪرڻ اهو آهي تہ اللہ تعاليٰ ان کي پنهنجي سايۂ رحمت ۾ جڳهہ عطا فرمائيندو آهي ۽ ان کي پنهنجي حفاظت ۾ داخل فرمائيندو آهي.

(فيض القدير ج 6، ص 107)

[1] الروض الانف (مترجم)، ج2، ص 348

# باب پنجون

## مديني ۾ آفتابِ رسالت جون تجليون

مديني شريف جو پراڻو نالو "يثرب" هو. جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان شهر ۾ رهڻ لڳا تہ ان جو نالو "مدينة النبي" (نبي جو شهر) پئجي ويو. پوءِ هي نالو ننڍڙو ٿي "مدينو" مشهور ٿي ويو. تاريخي حيثيت سان هي تمام پراڻو شهر آهي. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن اعلانِ نبوت فرمايو تہ هِن شهر ۾ عرب جا ٻہ قبيلا "اوس" ۽ "خزرج" ۽ ڪجهہ "يهودي" آباد هئا. اوس ۽ خزرج مڪي جي ڪافرن وانگر "بُت پرست" ۽ يهودي "اهلِ ڪتاب" هئا. اوس ۽ خزرج پهرين تہ ايڪي ۽ اتحاد سان گڏجي رهندا هئا پر پوءِ عربن جي فطرت جي مطابق انهن ٻنهي قبيلن ۾ جنگيون شروع ٿي ويون. ايستائين جو آخري جنگ جيڪا تاريخِ عرب ۾ "جنگ بعاث" جي نالي سان مشهور آهي ايتري تہ خطرناڪ ۽ خونريز جنگ ٿي جو اُن ۾ اوس ۽ خزرج جا تقريباً تمام ناموَر بهادر وڙهي مري ويا ۽ هي ٻئي قبيلا ڪمزور ٿي ويا يهودي توڙي جو تعداد ۾ تمام گهٽ هئا پر جڏهن تہ اُهي تعليم يافتہ هئا انڪري اوس ۽ خزرج هميشہ يهودين جي علمي برتري ڪان مرعوب ۽ انهن جي زير اثر رهندا هئا.

اسلام قبول ڪرڻ ڪان پوءِ رسولِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مقدس تعليم ۽ تربيت جي ڪري اوس ۽ خزرج جا سيئي پراڻا اختلاف ختم ٿي ويا ۽ هي ٻئي قبيلا ڪير ڪنڊ ٿي رهڻ لڳا ۽ جڏهن تہ هنن ماڻهن اسلام ۽ مسلمانن جي پنهنجي تن، من، ڌن سان تمام گهڻي مدد ڪئي انڪري حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن

خوش بختن کي ”انصار“ جي معزز لقب سان سرفراز فرمائي ڇڏيو ۽ قرآن ڪريم ۾ انهن اسلام جي جان نثارن جي رسول الله جي مدد ۽ مسلمانن جي امداد تي مدح ۽ ثناء جو جڳهه جڳهه خطبو پڙهيو ۽ شريعت جي مطابق انصارين جي محبت ۽ انهن جي خدمت ۾ حسنِ عقيدت تمام اُمتِ مسلمه جي لاءِ لازم الايمان ۽ واجب العمل مقرر ٿي. (رَضِيَ اللهُ عَنْهُم اَجْمَعِيْن)

## مديني ۾ اسلام ڪيئن پکڙيو

انصار توڙي جو بُت پرست هئا پر يهودين سان ميل جول جي ڪري ايترو ضرور ڄاڻندا هئا ته نبيِ آخر الزمان جو ظهور ٿيڻ وارو آهي ۽ مديني جا يهودي اڪثر انصارن جي ٻنهي قبيلن اوس ۽ خزرج کي ڏمڪيون ۾ ڏيندا هئا ته نبيِ آخر الزمان جي ظهور جي وقت اسان انهن جي لشڪر ۾ شامل ٿي توهان بُت پرستن کي دنيا مان نيست ۽ نابود ڪري ڇڏيندا سين. انڪري نبيِ آخر الزمان جي آمد جو يهودي ۽ انصار ٻنهي کي انتظار هو.

سن 11 نبوي ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم معمول مطابق حج تي ايندڙ قبيلن کي دعوتِ اسلام ڏيڻ جي لاءِ منيٰ جي ميدان ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ قرآن مجيد جون آيتون ٻُڌائي ماڻهن کي اسلام پيش فرمائڻ لڳا. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منيٰ جي عقبه (گهاٽيءَ) وٽ جتي اَڄ ”مسجد العقبه“ آهي تشريف فرما هئا ته خزرج قبيلي جا ڇهه ماڻهو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ آيا. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن ماڻهن کان انهن جو نالو ۽ نسب پڇيو پوءِ قرآن جون ڪجهه آيتون ٻُڌائي انهن ماڻهن کي اسلام جي دعوت ڏني جنهن کان هي ماڻهو تمام گهڻو متاثر ٿيا ۽ جواب

۾هڪبئي جو منهن تَڪي چوڻ لڳا تہ يهودي جنهن نبيِ آخر الزمان جي خوشخبري ڏئي رهيا آهن يقيناً اُهي نبي هي ئي آهن تنهنڪري ڪٿي ائين نہ ٿئي جو يهودي اسان کان اڳ اسلام قبول ڪري وٺن اهو چئي سڀ مسلمان ٿي ويا ۽ مديني وڃي پنهنجي خاندان وارن ۽ رشتيدارن کي بہ اسلام جي دعوت ڏني. انهن ڇهن خوش نصيبن جا نالا هي آهن (1) حضرت عقبہ بن عامر بن نابي (2) حضرت ابو امامہ اسعد بن زراره (3) حضرت عوف بن حارث (4) حضرت رافع بن مالڪ (5) حضرت قطبہ بن عامر بن حديده (6) حضرت جابر بن عبدالله بن رياب.[1] (رَضِیَ اللهُ عَنْهم اَجْمَعِیْن)

(مدارج النبوة ج2، ص51 وزرقاني ج1،ص 310)

## بيعت عقبہ اوليٰ

ٻئي سال سن 12 نبوي ۾ حج جي موقعي تي مديني جا ٻارهن شخص منيٰ جي گهاٽي ۾ لِڪي مسلمان ٿيا ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بيعت ڪئي. تاريخِ اسلام ۾ اُن بيعت جو نالو ”بيعت عقبہ اوليٰ“ آهي. ان سان گڏ انهن ماڻهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اِها درخواست بہ ڪئي تہ اسلام جي احڪامن جي تعليم جي لاءِ ڪو مُعَلّم (استاد) بہ انهن ماڻهن سان گڏ روانو ڪيو وڃي تنهنڪري حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت مصعب بن عمير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي انهن ماڻهن سان گڏ مديني شريف موڪلي ڇڏيو. اُهي مديني ۾ حضرت اسعد بن زراره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي گهر ترسيا ۽ انصارن جي گهر گهر ۾ وڃي اسلام جي تبليغ ڪرڻ لڳا

---

[1] مدارج النبوت، قسم دوم، باب سوم، ج2، ص 52_52 والمواهب اللدنية، هجرته صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ج1،ص141

۽ روز هڪ، ٻہ نئون ماڻهو دامنِ اسلام سان وابستہ ٿيڻ لڳو ايستائين جو آهستي آهستي مديني کان قباء تائين گهر گهر ۾ اسلام پکڙجي ويو. اوس قبيلي جا سردار سعد بن معاذ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ تمام بهادر ۽ بااثر شخص هئا. حضرت مصعب بن عمير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جڏهن انهن کي اسلام جي دعوت پيش ڪئي تہ انهن پهريان تہ اسلام کان نفرت ۽ بيزاري ظاهر ڪئي پر جڏهن حضرت مصعب بن عمير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ انهن کي قرآن مجيد پڙهي ٻُڌايو تہ يڪدم انهن جي دل نرم ٿي وئي ۽ ايترا متاثر ٿيا جو سعادتِ ايمان سان سرفراز ٿي ويا. انهن جي مسلمان ٿيڻ سان ئي انهن جي قبيلي ”اوس“ ٻہ اسلام قبول ڪري ورتو.

انهيءَ ئي سال مشهور قول جي مطابق رجب جي مهيني جي ستاويهين رات حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بيداريءَ جي حالت ۾ ”معراجِ جسماني“ ڪيو ۽ انهيءَ معراج جي سفر ۾ پنج نمازون فرض ٿيون جنهن جو تفصيلي بيان ان شآءَ اللّٰه تعاليٰ معجزن جي باب ۾ ايندو.[1]

## بيعت عقبہ ثانيہ

اُن کان هڪ سال پوءِ سن 13 نبوي ۾ حج جي موقعي تي مديني جي تقريباً ٻاهتر شخصن مني جي انهيءَ گهاٽي ۾ پنهنجي بُت پرست ساٿين کان لڪي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حق واري هٿ تي بيعت ڪئي ۽ عهد ڪيو تہ اسان پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ اسلام جي حفاظت لاءِ پنهنجي جان قربان ڪري ڇڏينداسين. ان موقعي تي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا

[1] السيرة النبوية لابن هشام، العقبة الاولىٰ و مصعب بن عمير ص 171_ 174

چاچا حضرت عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بہ موجود هئا جيڪي اجان تائين مسلمان نہ ٿيا هئا. انهن مديني وارن کي چيو تہ ڏسو! محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي خاندان بني هاشم ۾ هر طرح کان محترم ۽ با عزت آهن. اسان دشمنن جو مقابلو ڪري هميشہ انهن جي حفاظت ڪئي آهي. هاڻي توهان انهن کي پنهنجي وطن وٺي وڃڻ جا خواهشمند آهيو تہ ٻُڌي وٺو! جيڪڏهن مرڻ گهڙي تائين توهان انهن جو ساٿ ڏئي سگهو تہ بهتر آهي نہ تہ هينئر ئي الڳ ٿي وڃو. اهو ٻُڌي حضرت براء بن عازب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جوش ۾ اچي چوڻ لڳا تہ ”اسان تلوارن جي ڇانوَ ۾ پليا آهيون.“ حضرت براء بن عازب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ اجان ايترو ئي چيو هو تہ حضرت ابو الهيثم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ڳالهہ ڪٽيندي چيو تہ يا رسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان جا يهودين سان پراڻا تعلقات آهن. هاڻي ظاهر آهي تہ اسان جي مسلمان ٿيڻ کان پوءِ اهي تعلقات ٽُٽي ويندا. ڪٿي ائين نہ ٿئي تہ جڏهن الله تعالي اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي غلبو عطا فرمائي تہ اوهان اسان کي ڇڏي پنهنجي وطن مڪي هليا وڃو. اِهو ٻُڌي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مسڪرائيندي جواب ڏنو تہ توهان ۾ پَروَسو ڪيو ”توهان جو خون منهنجو خون آهي“ ۽ يقين ڪريو تہ ”منهنجو جيئڻ مرڻ توهان سان گڏ آهي. توهان جو دشمن منهنجو دشمن ۽ توهان جو دوست منهنجو دوست آهي.“[1]

(زرقاني علي المواهب ج 1، ص 317، وسيرت ابن هشام، ج4، ص 441_442)

---

[1] السيرة النبوية لابن هشام،العقبة الاولیٰ ومصعب بن عمير، ص175_176 و شرح الزرقاني علي المواهب، ذكر عرض رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نفسه .....الخ، ج 2، ص85_88 ملتقطاً

جڏهن انصار اها بيعت ڪري رهيا هئا تہ حضرت سعد بن زراره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ يا حضرت عباس بن نضلہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چيو تہ منهنجا ڀائرو! توهان کي اها خبر بہ آهي؟ تہ توهان ڪهڙي شيءِ تي بيعت ڪري رهيا آهيو؟ ڄاڻي وٺو تہ هي عرب ۽ عجم سان اعلانِ جنگ آهي. انصارن ڪاوڙ ۾ اچي نهايت جوش ۾ چيو تہ ها! ها! اسان ان تي ئي بيعت ڪري رهيا آهيون. بيعت ٿيڻ کان پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جماعت مان ٻارهن ماڻهن کي نقيب (سردار) مقرر فرمايو. انهن مان نَوَ ماڻهو خزرج قبيلي جا ۽ ٽي شخص اوس قبيلي جا هئا جِن جا نالا مبارڪ هي آهن. (1) حضرت ابو امامہ اسعد بن زراره (2) حضرت سعد بن ربيع (3) حضرت عبد الله بن رواحہ (4) حضرت رافع بن مالک (5) حضرت براء بن معرور (6) حضرت عبد الله بن عمرو (7) حضرت سعد بن عباده (8) حضرت منذر بن عمر (9) حضرت عباده بن ثابت. هي نَوَ ماڻهو خزرج قبيلي جا آهن. (10) حضرت اُسيد بن حضير (11) حضرت سعد بن خيثمہ (12) حضرت ابو الهيثم بن تيهان. هي ٽي شخص اوس قبيلي جا آهن (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُم اَجْمَعِيْن).[1] (زرقاني علي المواهب ج 1 ص 317)

ان کان پوءِ هي سيئي شخص پنهنجي پنهنجي خيمن ۾ هليا ويا. صبح جي وقت جڏهن قريشن کي ان جي خبر پئي تہ اُهي تپي باهہ ٿي ويا ۽ انهن ڪاوڙ مان مديني وارن کان پڇيو تہ ڇا توهان اسان سان جنگ ڪرڻ لاءِ محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان بيعت ڪئي آهي؟ انصارن جي ڪجهہ ساٿين جيڪي مسلمان نہ ٿيا هئا پنهنجي لاعلمي ظاهر ڪئي. اِهو ٻُڌي قريش واپس هليا ويا پر جڏهن

[1] السيرة النبوية لابن هشام، اسماء النقباء الاثني عشر .....الخ، ص177_178 و شرح الزرقاني علي المواهب، ذكر عرض المصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نفسه ...الخ، ج2، ص 80 _87

تفتيش ۽ تحقيق کان پوءِ ڪجهه انصارين جي بيعت جو حال معلوم ٿيو ته قريش ڪاوڙ ۾ بي قابو ٿي ويا ۽ بيعت ڪرڻ وارن جي گرفتار ڪرڻ جي لاءِ انهن جي پڻيان لڳا پر قريش حضرت سعد بن عباده رَضِیَ اللهُ عَنْه کان علاوه ڪنهن کي به پڪڙي نه سگهيا. قريشن حضرت سعد بن عباده رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي پاڻ سان گڏ مڪي آندو ۽ انهن کي قيد ڪري ڇڏيو پر جڏهن جبير بن مطعم ۽ حارث بن حرب بن اميه کي خبر پئي ته انهن ٻنهي قريشن کي سمجهايو ته خدا جي واسطي سعد بن عباده رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي فوراً ڇڏي ڏيو نه ته اوهان جي ملڪِ شام سان تجارت خطري ۾ پئجي ويندي. اهو ٻُڌي قريشن حضرت سعد بن عباده کي آزاد ڪري ڇڏيو ۽ اُهي خير ۽ عافيت سان مديني پهچي ويا.[1] (سيرتِ ابن هشام ج 4، ص 449 کان 450)

## هجرت مدينه

مديني شريف ۾ جڏهن اسلام ۽ مسلمانن کي هڪ پناهه گاهه ملي وئي ته حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابه ڪرام کي عام اجازت ڏئي ڇڏي ته اُهي مڪي کان هجرت ڪري مديني هليا وڃن. جنهن ڪري سڀ کان پهرين حضرت ابو سلمه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هجرت ڪئي. ان کان پوءِ هڪ ٻئي پڻيان ٻيا ماڻهو به مديني روانا ٿيڻ لڳا. جڏهن قريش جي ڪافرن کي خبر پئي ته انهن روڪڻ شروع ڪيو پر لِڪي لِڪي ماڻهن هجرت جو سلسلو جاري رکيو ايسيتائين جو آهستي آهستي اڪثر صحابه ڪرام مديني شريف هليا ويا صرف اُهي حضرات مڪي ۾ رهجي ويا جيڪي يا ته ڪافرن جي قيد ۾ هئا يا پنهنجي غريبي جي ڪري مجبور هئا.

---

[1] السيرة النبوية لابن هشام، اسماءالنقباء الاثني عشر..... الخ، ص 178_179

حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي جڏهن تہ اجان تائين خدا جي طرفان هجرت جو حڪم نہ مليو هو انڪري پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مڪي ۾ ئي مقيم رهيا ۽ حضرت ابو بڪر صديق ۽ حضرت علي المرتضيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کي بہ پاڻ روڪي ڇڏيو هو. تنهنڪري هي ٻئي شمع نبوّت جا پروانہ بہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ ئي مڪي ۾ رهيا پيا هئا.

## ڪافرن جي ڪانفرنس

جڏهن مڪي جي ڪافرن هي ڏٺو تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ مسلمانن جا مددگار مڪي کان ٻاهر مديني ۾ بہ ٿي ويا آهن ۽ مديني وڃڻ وارن مسلمانن کي انصارن پنهنجي پناهہ ۾ رکيو آهي تہ مڪي جي ڪافرن کي اِهو خطرو محسوس ٿيڻ لڳو تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ مديني هليا وڃن ۽ اُتان پنهنجي حامين جي فوج وٺي مڪي تي ڪاهہ نہ ڪن. تنهنڪري ان خطري جو دروازو بند ڪرڻ جي لاءِ مڪي جي ڪافرن پنهنجي دَارُ الْنَدوه (پنچائت گهر) ۾ هڪ تمام وڏي ڪانفرنس منعقد ڪئي، هي مڪي جي ڪافرن جو اهڙو زبردست اجتماع هو جو مڪي جو ڪو بہ اهڙو دانشور ۽ بااَثر شخص نہ هو جيڪو هِن ڪانفرنس ۾ شامل نہ هجي. خاص ڪري ابو سفيان، ابو جهل، عتبہ، جبير بن مطعم، نضر بن حارث، ابو البختري، زمعہ بن اسود، حڪيم بن حزام، اميہ بن خلف وغيره قريشن جا تمام سردار ان مجلس ۾ موجود هئا. شيطان لعنتي بہ ڪمبل پائي هڪ بزرگ شيخ جي صورت ۾ اچي ويو. قريش جي سردارن نالو ۽ نسب پڇيو تہ چيائين مان ”شيخ نجدي“ آهيان هِن

ڪانفرنس جي لاءِ آيو آهيان تہ جئين مان توهان جي معاملي ۾ پنهنجي راءِ بہ پيش ڪريان. اهو ٻُڌي قريش جي سردارن ابليس کي بہ پنهنجي ڪانفرنس ۾ شريڪ ڪري ورتو ۽ ڪانفرنس جي ڪاروائي شروع ٿي وئي. جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو معاملو پيش ٿيو تہ ابو البختري هي راءِ ڏني تہ انهن کي ڪنهن ڪوٺڙيءَ ۾ بند ڪري ان جا هٿ پير ٻڌي ڇڏيو ۽ هڪ سوراخ مان کين کاڌو پيتو ڏيندا ڪريو. شيخ نجدي (شيطان) چيو تہ اِها راءِ صحيح ناهي. خدا جو قسم! جيڪڏهن اوهان انهن کي ڪنهن گهر ۾ قيد ڪري ڇڏيو تہ يقينًا انهن جي جان نثار اصحابن کي خبر پئجي ويندي ۽ اُهي پنهنجي جان جي بازي لڳائي انهن کي قيد مان آزاد ڪرائي ويندا.

ابو الاسود ربيعہ بن عمرو عامري اهو مشورو ڏنو تہ انهن کي مڪي مان ڪڍي ڇڏيو تہ جيئن هي ڪنهن ٻئي شهر ۾ وڃي رهن. اهڙي طرح اسان کي انهن جي قرآن پڙهڻ ۽ انهن جي تبليغِ اسلام کان نجات ملي ويندي. اهو ٻُڌي شيخِ نجدي ڪاوڙ مان چيو تہ تنهنجي ان راءِ تي لعنت، ڇا توهان کي خبر نہ آهي تہ محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪلام ۾ ڪيتري مٺاڻ، تاثير ۽ دل ڪشي آهي؟ خدا جو قسم! جيڪڏهن توهان انهن کي شهر بدر ڪري ڇڏي ڏيندا تہ اُهي پوري عرب ۾ ماڻهن کي قرآن ٻُڌائي پوري عرب جي قبيلن کي پنهنجو تابع ۽ فرمانبردار ڪري ڇڏيندا ۽ پوءِ پاڻ سان گڏ هڪ عظيم لشڪر وٺي توهان تي اهڙو حملو ڪندا جو توهان انهن جي مقابلي کان عاجز ۽ لاچار ٿي ويندؤ ۽ پوءِ توهان انهن جا غلام بڻجي رهڻ کان سواءِ ڪجهہ نہ ڪري سگهندؤ ان ڪري انهن کي شهر بدر ڪرڻ جي تہ ڳالهہ ئي نہ ڪريو.

ابو جهل چيو تہ ساٿيو! منهنجي ذهن ۾ هڪ راءِ آهي جيڪا اجان تائين ڪنهن کي بہ نہ آئي آهي، اهو ٻُڌي سيني جا ڪن اُڀا ٿي ويا ۽ سيني وڏي چاهہ مان پڇيو تہ ٻُڌايو اها ڪهڙي آهي؟ تہ ابو جهل چيو تہ منهنجي راءِ هي آهي تہ هر قبيلي جو هڪ هڪ مشهور بهادر تلوار کڻي ۽ سڀ گڏجي حملو ڪري محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي قتل ڪري ڇڏيون. هِن طرح سان قتل ڪرڻ جو ڏوهہ سيني قبيلن تي رهندو. ظاهر آهي تہ بنو هاشم هِن قتل جو بدلو وٺڻ جي لاءِ تمام قبيلن سان وڙهڻ جي طاقت نٿا رکي سگهن. تنهنڪري يقيناً اُهي ديت وٺڻ تي راضي ٿي ويندا ۽ اسان گڏجي آساني سان قتل جي رقم ادا ڪنداسين. ابو جهل جي اِها خوني راءِ ٻُڌي شيخ نجدي خوشيءَ مان نچڻ لڳو ۽ چيو تہ بيشڪ اها راءِ بلڪل صحيح آهي. ان کا علاوه ٻي ڪا بہ راءِ قابل قبول نہ هوندي پوءِ سيني شرڪاءِ ڪانفرنس اتفاق راءِ سان اُن راءِ کي پاس ڪيو ۽ مجلسِ شوريٰ ختم ٿي وئي ۽ هر شخص هي خوفناڪ عزم ڪري پنهنجي پنهنجي گهر هليو ويو. خداوند قدوس قرآن مجيد جي هيٺين آيت ۾ هِن واقعي جو ذڪر فرمائيندي ارشاد فرمايو تہ

وَ اِذْ يَمْكُرُ بِكَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِيُثْبِتُوْكَ اَوْ يَقْتُلُوْكَ اَوْ يُخْرِجُوْكَ ؕ وَيَمْكُرُوْنَ وَيَمْكُرُ اللّٰهُ ؕ وَاللّٰهُ خَيْرُ الْمٰكِرِيْنَ[1]

ترجمو ڪنز الايمان: (اي محبوب ياد ڪريو) جڏهن ڪافر اوهان جي باري ۾ سازش ڪري رهيا هئا جو يا تہ اوهان کي قيد ڪن يا شهيد ڪن يا ٻاهر ڪڍي ڇڏن، اهي پنهنجي سازش ڪري رهيا هئا ۽ الله پنهنجي خفيه تدبير فرمائي رهيو هو ۽ الله جي خفيہ رٿ سيني کان بهتر آهي.

[1] (پ9، الانفال: 30)

الله تعاليٰ جي خفيه تدبير ڇا هُئي؟ اڳين صفحي تي ڏسو ته ڪيئن اُن پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حفاظت فرمائي ۽ ڪافرن جي سڄي رٿ کي ڪيئن ان قادرِ ڪريم تباهه ۽ برباد فرمائي ڇڏيو.[1] (ابن هشام)

## هجرتِ رسول جو واقعو

جڏهن ڪافرن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قتل جو فيصلو ڪري ڪانفرنس ختم ڪئي ۽ پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن روانا ٿي ويا ته حضرت جبرئيل امين عَلَيْهِ السَّلَام ربُّ العالمين جو حڪم ڪٽي نازل ٿيا ته اي محبوب! اڄ رات توهان پنهنجي بستري تي نه سُمهجو ۽ هجرت ڪري مديني هليا وڃو تنهنڪري ٺيڪ ٻيپهريءَ جي وقت حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي گهر تشريف فرما ٿيا ۽ حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي فرمايائون ته سيني گهر وارن کي پري ڪيو ڪجهه مشورو ڪرڻو آهي، حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو ته يا رسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان تي منهنجا ماءُ پيءُ قربان هتي توهان جي گهر واري (حضرت عائشه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا) کان سواءِ ٻيو ڪو به ڪونهي (اُن وقت حضرت عائشه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا سان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شادي ٿي چڪي هئي) حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو ته اي ابو بڪر! الله تعاليٰ مون کي هجرت جي اجازت عطا فرمائي ڇڏي آهي. حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو ته منهنجا ماءُ پيءُ اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي قربان! مون کي به گڏ وٺي هلڻ جو شرف عطا فرمايو. پاڻ

---

[1] السيرة النبوية لابن هشام، هجرة الرسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ص 191_ 193

ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي درخواست قبول فرمائي ڇڏي. حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ چئن مهينن کان ٻه ڏاڇيون ٻير جا پن ڪارائي تيار ڪيون هيون ته هجرت جي وقت هي سواري جي ڪم ايندیون. عرض ڪيو ته يا رسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن مان هڪ ڏاڇي توهان قبول فرمايو. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو ته قبول آهي پر آئون هِن جي قيمت ڏيندس. حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي دل ته نٿي چاهيو پر فرمانِ رسالت کان مجبور ٿي ان کي قبول ڪيو. حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ته ان وقت تمام ننڍي عمر جون هيون پر انهن جي وڏي ڀيڻ حضرت بيبي اسماء رَضِيَ اللهُ عَنْهَا سامانِ سفر ناهيو ۽ ٿِڦِن باڪس ۾ ماني رکي پنهنجي چيلهه تي ٻَڌل ڪپڙي کي ڦاڙي ٻه ٽڪرا ڪيو هڪ سان ٿِڦِن کي ٻَڌو ۽ ٻئي سان پاڻي جي ڳليءَ جو منهن ٻَڌو. هي اُهو قابلِ فخر شرف آهي جنهن جي ڪري انهن کي "ذات النطاقين" (ٻن ڪپڙن واري) جي معزز لقب سان ياد ڪيو وڃي ٿو. ان کان پوءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ڪافر کي جنهن جو نالو "عبد الله بن اُرَيْقَطْ" هو جيڪو رستن جو ماهر هو رهنمائي جي لاءِ اجرت تي نوڪر رکيو ۽ انهن ٻنهي ڏاڇين کي ان جي حوالي ڪري فرمايو ته ٽن راتين کانپوءِ انهن ٻنهي کي ڪاهي "غارِ ثور" وٽ پهچي وڃي. اِهو سڄو انتظام ڪرڻ کانپوءِ حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي گهر تشريف فرما ٿيا.[1]

(بخاري ج1، ص553_554 باب هجرة النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

---

[1] صحيح البخاري، كتاب مناقب الانصار، باب هجرة النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم واصحابه، الحديث:3905، ج2، ص 592 والسيرة النبوية لا بن هشام، هجرة الرسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، ص 192_193

## ڪاشانہ نبوت جو محاصرو

مڪي جي ڪافرن پنهنجي پروگرام مطابق ڪاشانۂ نبوت کي گهيري ورتو ۽ انتظار ڪرڻ لڳا تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سمهي پون تہ انهن تي قاتلاڻو حملو ڪيو وڃي. ان وقت گهر ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وٽ صرف علي المرتضٰي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هئا مڪي جا ڪافر جيتوڻيڪ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا بدترين دشمن هئا پر ان جي باوجود بہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي امانت ۽ ديانت تي ڪافرن کي ايترو يقين هو جو اُهي پنهنجو قيمتي مال ۽ سامان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وٽ امانت رکندا هئا. تنهنڪري اُن وقت بہ تمام گهڻيون امانتون ڪاشانۂ نبوت ۾ موجود هيون. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي فرمايو تہ تون منهنجي سائي رنگ جي چادر پائي منهنجي بستري تي سُمهي رهہ ۽ منهنجي وڃڻ کان پوءِ قريشن جون تمام امانتون انهن جي مالڪن کي ڏئي مديني هليو اچجان. هي تمام خوفناڪ ۽ سخت خطري وارو موقعو هو. حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي خبر هئي تہ مڪي جا ڪافر حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قتل جو ارادو ڪري چڪا آهن پر حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُن فرمان تي تہ تون قريشن جون سڀ امانتون موٽائي مديني هليو اچجان حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي ڪامل يقين هو تہ آئون زندهہ رهندس ۽ مديني پهچندس ان ڪري نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو بسترو جيڪو اڄ ڪنڊن جو بسترو هو. حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي لاءِ گلن جي سيج بڻجي ويو ۽ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بستري تي صبح تائين آرام سان

مٿي مٿي ننڊ سمهي پيا. پنهنجي اُنهيءَ ڪارنامي تي فخر ڪندي شيرِ خدا پنهنجي شعر ۾ فرمايو تہ

وَقَيْتُ بِنَفْسِيْ خَيْرَ مَنْ وَطِءَ الثَّرٰي  وَمَنْ طَافَ بِالْبَيْتِ الْعَتِيْقِ وَبِالْحَجَرِ

مون پنهنجي جان خطري ۾ وجهي اُن ذاتِ گرامي جي حفاظت ڪئي جيڪي زمين تي هلڻ وارن ۽ خانہ ڪعبہ ۽ حطيم جو طواف ڪرڻ وارن ۾ سڀ کان بهتر ۽ اعلٰي مرتبي وارا آهن.

رَسُوْلُ اِلٰهٍ خَافَ اَنْ يَّمْكُرُوْا بِهٖ  فَنَجَّاهُ ذُوالطَّوْلِ الْاِلٰهُ مِنَ الْمَكْرِ

رسولِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهو انديشو هو تہ مڪي جا ڪافر انهن سان چالاڪي ڪندا پر خداوندِ مهربان انهن کي ڪافرن جي نڳيءَ کان بچائي ورتو.[1] (زرقاني علي المواهب ج1، ص322)

حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بسترِ نبوّت تي ولايت جي جان کي سُمهاري هڪ مُٺ مِٽي هٿ ۾ کنئي ۽ سورة يٰس جون شروع واريون آيتون تلاوت فرمائيندي نبوّت خاني مان ٻاهر تشريف فرما ٿيا ۽ گهيرو ڪرڻ وارن ڪافرن جي مٿن تي مِٽي وجهندي انهن جي مجمع مان انهن جي اکين آڏو نڪري ويا نہ ڪنهن کي نظر آيا ۽ نہ ڪنهن کي ڪا خبر پئي، هڪ ٻيو شخص جيڪو ان مجمع ۾ موجود نہ هو ان خبر ڏني تہ محمّد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تہ هتان کان نڪري ويا ۽ وڃڻ وقت توهان جي مٿن تي

[1] مدارج النبوت، قسم دوم، باب چهارم، ج2، ص58، وشرح الزرقاني علي المواهب، باب هجرة المصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ج2، ص95، والسيرة النبوية لابن هشام، هجرة الرسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ص194

مٿي وجهي ويا آهن. تنهنڪري انهن بد بختن پنهنجن مٿن تي هٿ ڦيرايو تہ واقعي انهن جي مٿن تي مٿي ۽ ڏَرَ پيل هئي.[1]

(مدارج النبوة ج2، ص57)

رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي دولت خاني مان نڪري مقام "حزوره" وٽ بيهي رهيا ۽ وڏي حسرت سان ڪعبي کي ڏٺو ۽ فرمايو تہ اي شهرِ مڪہ! تون مون کي پوري دنيا کان پيارو آهين. جيڪڏهن منهنجي قوم مون کي تو مان نہ ڪڍي ها تہ آءُ تو کان سواءِ ڪنهن ٻي جڳهہ رهائش اختيار نہ ڪريان ها. حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ سان پهرين ئي طئي ٿي چڪو هئو اُهي بہ اُن جڳهہ تي پهچي ويا ۽ ان خيال سان تہ مڪي جا ڪافر اسان جي پيرن جي نشانن سان رستو سڃاڻي پُنيان نہ اچن ۽ اِهو بہ ڏٺو تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا نازڪ پير زخمي ٿي پيا آهن حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي پنهنجن ڪلهن تي سوار ڪيو ۽ اهڙي طرح ڪنڊيدار ٻُوٽن ۽ چهنبدار پٿرن وارين ٽڪرين تي هلندي اُن ئي رات "غار ثور" پهتا.[2] (مدارج النبوة ج2، ص58)

حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پهريان پاڻ غار ۾ داخل ٿيا ۽ چڱي طرح غار جي صفائي ڪئي ۽ پنهنجي بدن جا ڪپڙا ڦاڙي غار جا تمام سوراخ بند ڪيا. پوءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غار جي اندر تشريف فرما ٿيا ۽ حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ

---

[1] مدارج النبوت، قسم دوم، باب چهارم، ج2، ص57

[2] مدارج النبوت، قسم دوم، باب چهارم، ج2، ص57، وشرح الزرقاني علي المواهب، باب هجرة المصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الخ، ج2، ص108

جي هنج ۾ مٿو مبارڪ رکي سمهي پيا. حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هڪ سوراخ کي پنهنجي ڪُڙيءَ سان بند ڪري ڇڏيو هو سوراخ جي اندران هڪ نانگ بار بار يارِ غار جي پير کي ڏنگيو پر حضرت ابو بڪر صديق جان نثار رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ان خيال کان پير نہ هٽايو تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي آرام ۾ خلل نہ پئجي وڃي پر سور جي شدّت جي ڪري يارِ غار جي لُڙڪن جي قطار مان ڪجهہ ڦُڙا سروَرِ ڪائنات جي ڳلن مبارڪن تي ڪِري پيا. جنهن سان رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ننڊ مان اُٿي پيا ۽ پنهنجي يارِ غار کي روئندو ڏسي بيقرار ٿي ويا پڇيائون ابو بڪر! ڇا ٿيو؟ عرض ڪيو تہ يا رسولَ الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي نانگ ڏنگيو آهي اِهو ٻُڌي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم زخم تي پنهنجو لُعابِ دهن (يعني ٿُڪ مبارڪ) لڳائي جنهن سان فوراً ئي سور ختم ٿي ويو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٿي راتيون اُن غار ۾ ترسيل رهيا.[1]

حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جا فرزند حضرت عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنْهُ روز رات جو غار جي منهن وٽ سمهندا هئا ۽ صبح سوير مڪي هليا ويندا هئا ۽ خبر وٺندا هئا تہ قريش ڪهڙيون تدبيرون ڪري رهيا آهن؟ جيڪا خبر پوندي هئي شام جو اچي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان عرض ڪندا هئا. حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جا غلام حضرت عامر بن فهيره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڪجهہ رات گذرڻ کانپوءِ چراگاهہ مان ٻڪريون ڪاهي غار وٽ

---

[1] المواهب اللدنية والزرقاني، باب هجرة المصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الخ، ج 2، ص121 والمواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب هجرة المصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الخ، ج 2، ص 127

ترسندا هئا ۽ انهن ٻڪرين جو ڪير ٻنهي جهانن جا تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ انهن جا يارِ غار پيئندا هئا.[1] (زرقاني علي المواهب ج1،ص 339) حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ غارِ ثور ۾ تشريف فرما ٿي ويا. هوڏانهن ڪاشانهءِ نبوت جو محاصرو ڪرڻ وارا ڪافر جڏهن صبح جو گهر ۾ داخل ٿيا تہ نبيءَ جي بستري تي حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هئا. ظالمن ٿوري دير حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان پُڇا ڳاڇا ڪري کين ڇڏي ڏنو. پوءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تلاش ۾ مڪي ۽ ان جي ڀر وارن ڳوٺن ۽ ڏرتيءَ جي چپي چپي تي ڳوليو. ايستائين جو ڳوليندي ڳوليندي غارِ ثور تائين پهچي ويا پر غار جي منهن تي اُن وقت خداوندي حفاظت جو پهرو لڳل هو. يعني غار جي منهن تي ڪوريئڙي ڄارو ناهي ڇڏيو هو ۽ ڪناري تي ڪبوتري آنا لاهي ويني هئي اِهو منظر ڏسي ڪُفارِ قريش پاڻ ۾ چوڻ لڳا تہ هِن غار ۾ ڪو انسان موجود هجي ها تہ نہ ڪوريئڙو ڄارو ناهي ها ۽ نہ ئي ڪبوتري هتي آنا لاهي ها. ڪافرن جو آواز ٻُڌي حضرت ابو بڪر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ڪجهہ پريشان ٿيا ۽ عرض ڪيو يا رسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هاڻي اسان جا دشمن ايترو ويجهو اچي ويا آهن جو جيڪڏهن اُهي پنهنجي پيرن تي نظر وجهندا تہ اسان کي ڏسي وٺندا. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ لَا تَحْزَنْ اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَا پريشان نہ ٿيءُ! خدا اسان سان گڏ آهي.

اُن کان پوءِ الله تعاليٰ حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي دل تي اهڙو سڪون ۽ اطمينان لاٿو جو اُهي بلڪل بي خوف ٿي

[1] المواهب اللدنية والزرقاني، باب هجرة المصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الخ، ج 2، ص 127

ويا.[1] حضرت ابو بڪرصديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جون اِهي ئي جان نثاريون آهن جن کي دربارِ نبوّت جي مشهور شاعر حضرت حسان بن ثابت انصاري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ڪيتري نہ پياري انداز ۾ بيان ڪيو آهي.

وَثَانِيَ اثْنَيْنِ فِي الغَارِ الْمُنِيْفِ وَقَدْ  طَافَ الْعَدُوُّ بِهٖ اِذْ صَاعَدَ الْجَبَلَا

ءِ بن مان ٻيو (ابو بڪر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ) جڏهن جبل تي چڙهي بلند مرتبي واري غار ۾ ان حال ۾ هئا جو دشمن انهن جي آس پاس چڪر لڳائي رهيا هئا.

وَكَانَ حِبَّ رَسُوْلِ اللهِ قَدْ عَلِمُوْا  مِنَ الْخَلَائِقِ لَمْ يَعْدِلْ بِهٖ بَدَلَا

ءِ اُهي (ابو بڪر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ) رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا محبوب هئا. تمام مخلوق ان ڳالهہ کي ڄاڻي ٿي تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن کي بہ انهن جي برابر نہ ڪيو آهي.[2]

(زرقاني علي المواهب ج1،ص337)

مطلب تہ چوٿين ڏينهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پهرين ربيع الاول سومر جي ڏينهن غارِثور مان ٻاهر تشريف فرما ٿيا. عبد الله بن اُرَيْقَطْ جنهن کي رهنمائي جي لاءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪِرائي تي نوڪر رکيو هو واعدي جي مطابق بہ ڏاچيون ڪاهي غارِ ثور وٽ حاضر هو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ڏاچيءَ تي سوار ٿيا ۽ هڪ ڏاچيءَ تي حضرت ابو بڪر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ۽ حضرت عامر بن فهيره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ وينا، عبد الله

---

[1] المواهب اللدنية والزرقاني، باب هجرة المصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الخ، ج2، ص123 ملخصاً و مدارج النبوت، قسم دوم، باب چهارم، ج2، ص 59

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب هجرة المصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الخ، ج 2، ص 124

بن اُريقط اڳيان اڳيان پنڌ هلڻ لڳو ۽ عام رستي کان هٽي ڪري سمنڊ جي ڪناري واري اڻ ڄاتل رستن تان سفر شروع ڪري ڏنو.[1]

## سؤاُٺن جوانعام

هوڏانهن مڪي وارن اعلان ڪرائي ڇڏيو هو تہ جيڪو شخص محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي گرفتار ڪري ايندو ان کي هڪ سؤ اُٺ انعام ڏنو ويندو. ايتري وڏي انعام جي لالچ ۾ گهڻن لالچي ماڻهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تلاش شروع ڪري ڇڏي ۽ ڪجهہ ماڻهو تہ پري پري تائين ڳولڻ ويا.[2]

## اُمِ معبد جي ٻڪري

ٻئي ڏينهن مقامِ قديد ۾ اُمِ معبد عاتڪہ بنتِ خالد خزاعيہ جي گهر وٽان پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو گذر ٿيو اُمِ معبد هڪ پوڙهي عورت هئي جيڪا پنهنجي خيمي جي اڳڻ ۾ وينئي هوندي هئي ۽ مسافرن کي ماني پاڻي ڏيندي هئي. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کان ڪجهہ کاڌو خريد ڪرڻ جو ارادو فرمايو پر ان وٽ ڪا بہ شيءِ موجود نہ هئي. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏنو تہ ان جي خيمي جي هڪڙي پاسي تمام ڪمزور ٻڪري بيٺي هئي. پڇا ڪيائون تہ ڇا هيءَ ڪير ڏيندي آهي؟ اُمِ معبد چيو تہ نہ. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ جيڪڏهن توهان اجازت

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب هجرة المصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ....الخ، ج 2، ص 128_129 ملخصاً

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب هجرة المصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الخ، ج2، ص110

ڏيو تہ آءُ هِن جو ڪير ڏُهي وٺان. اُمِ معبد اجازت ڏئي چڏي ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم "بسم الله" پڙهي جيئن ئي اُن جي ٿڻن کي هٿ لڳايو تہ اُن جا ٿڻ ڪير سان ڀرجي ويا ۽ ايترو ڪير نڪتو جو سيني ماڻهن ڏئو ڪري پيتو ۽ اُمِ معبد جا سمورا ٿانوَ ڪير سان ڀرجي ويا. اِهو معجزو ڏسي اُمِ معبد ۽ اُن جي مڙس ٻنهي اسلام قبول ڪري ورتو.[1] (مدارج النبوة ج2، ص 61)

روايت ۾ آهي تہ اُمِ معبد جي اِها ٻڪري سنہ 18 هجري تائين زندهہ رهي ۽ ڪير بہ ڏيندي رهي ۽ حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي خلافت جي دور ۾ جڏهن "عام الرماد" جو سخت ڏڪار پيو تہ سيني جانورن جي ٿڻن جو ڪير سُڪي ويو اُن وقت بہ هيءَ ٻڪري صبح شام ڪير ڏيندي رهي.[2] (زرقاني علي المواهب ج1،ص346)

## سراقہ جو گهوڙو

جڏهن اُمِ معبد جي گهر کان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڳيان روانہ ٿيا تہ مڪي جو هڪ مشهور شهسوار سراقہ بن مالڪ بن جعشم تيز رفتار گهوڙي تي سوار ٿي ڳولا ڪندي نظر آيو. ويجهو پهچي حملي ڪرڻ جو ارادو ڪيو پر ان جي گهوڙي ٺاٺو ڪاڏو ۽ هُو گهوڙي تان ڪري پيو پر سؤ اُٺن جو انعام ڪا معمولي ڳالهہ نہ هئي انعام جي لالچ ان کي ٻيهر اُڀاريو ۽ هو حملي جي نيت سان اڳيان وڌيو تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دعا

---

[1] مدارج النبوت، قسم دوم باب چهارم، ج2، ص61، و المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب هجرة المصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الخ، ج2، ص130

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب هجرة المصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الخ، ج 2، ص 142

سان پٿريلي زمين ۾ ان جي گهوڙي جون ڄنگهون گوڏن تائين زمين جي اندر هليون ويون سراقہ اهو معجزو ڏسي خوف ۽ ڊپ مان ڏڪڻ لڳو ۽ امان! امان! پُڪارڻ لڳو. رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دل رحم ۽ ڪرم جو سمنڊ هئي. سراقہ جي لاچاري ۽ گريہ وزاري تي رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي رحمت جو دريا جوش ۾ اچي ويو، دُعا فرمايائون تہ زمين ان جي گهوڙي کي ڇڏي ڏنو ان کان پوءِ سراقہ عرض ڪيو تہ مونکي امن جي سَنَد لکي ڏيو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي حڪم تي حضرت عامر بن فهيره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سراقہ جي لاءِ امن جي تحرير لکي سراقہ ان تحرير کي پنهنجي تيردان ۾ رکي ڇڏيو ۽ واپس موٽي ويو. رستي ۾ جيڪو بہ شخص حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي باري ۾ معلوم ڪري پيو تہ سراقہ ان کي اِهو چئي موٽائي ڇڏيندا هئا تہ مون پري پري تائين تمام گهڻو تلاش ڪيو پر حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هِن پاسي نہ آهن. واپس ويندي سراقہ ڪجهہ سفر جو سامان بہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ بطور نذرانو پيش ڪيو پر حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قبول نہ فرمايو.[1] (بخاري باب هجرة النبي ج1، ص 554، وزرقاني ج1،ص346، و مدارج النبوة ج2، ص 62)

سراقہ ان وقت تہ مسلمان نہ ٿيا پر حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي عظمتِ نبوّت ۽ اسلام جي صداقت انهن جي دل ۾ ويهي وئي. جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فتح مڪہ، جنگِ طائف ۽ حنين مان فارغ ٿي "جعرانہ" ۾ اچي ترسيا تہ سراقہ ان ئي امن

---

[1] صحيح البخاري، كتاب مناقب الانصار، باب هجرة النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الخ، الحديث:3906، ج2، ص 593

جي پرواني کي کڻي بارگاهِ نبوّت ۾ حاضر ٿيا ۽ پنهنجي قبيلي جي تمام وڏي جماعت سان گڏ اسلام قبول ڪيو.[1] (دلائل النبوة ج2، ص15، ومدارج النبوة ج2، ص 62)

واضح رهي تہ هي اُهي ئي سراقہ بن مالڪ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ آهن جنهن جي باري ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي علمِ غيب مان غيب جي خبر ڏيندي فرمايو هو تہ اي سراقہ! ان وقت تنهنجو ڪهڙو حال هوندو جڏهن تو کي ملڪِ فارس جي بادشاهہ ڪسريٰ جا ٻئي ڪنگڻ پارايا ويندا؟ ان ارشاد جي گهڻن سالن کان پوءِ جڏهن حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي خلافت جي زماني ۾ ايران فتح ٿيو ۽ ڪسريٰ جا ڪنگڻ دربارِ خلافت ۾ آندا ويا تہ امير المومنين حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ تاجدارِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمان جي تصديق ۽ تحقيق جي لاءِ اُهي ڪنگڻ حضرت سراقہ بن مالڪ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي پارائي ڇڏيا ۽ فرمايو تہ اي سراقہ! رَضِیَ اللهُ عَنْهُ اِهو چئو تہ الله تعاليٰ جي لاءِ ئي تعريف آهي جنهن هنن ڪنگڻن کي بادشاهِ فارس ڪسريٰ کان گسي سراقہ ڳوناڻي کي پارائي ڇڏيو.[2] حضرت سراقہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ سنہ 24 هہ ۾ وفات ڪئي. جڏهن تہ حضرت عثمان غني رَضِیَ اللهُ عَنْهُ تختِ خلافت تي رونق افروز هئا. (زرقاني علي المواهب ج1،ص246 ص348)

## بريده اسلمي جو جهنڊو

جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مديني جي ويجهو پهتا تہ

---

[1] مدارج النبوت، قسم دوم، باب چهارم، ج2، ص62، وشرح الزرقاني علي المواهب، قصة سراقة، ج 2، ص145 ملخصاً

[2] شرح الزرقاني علي المواهب، قصة سراقة، ج2، ص145

”بريده اسلمي“ بني سهم قبيلي جي ستر سوارن کي ساڻ ڪري ان لالچ ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي گرفتاري جي لاءِ آيا تہ قريشن کان هڪ سؤ اُٺ انعام ۾ ملي ويندا. پر جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون آيا ۽ پُڇيائون تہ توهان ڪير آهيو؟ تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ آءُ محمّد بن عبد الله ۽ خدا جو رسول آهيان. جمال ۽ جلالِ نبوّت جو انهن جي دل تي اهڙو اثر ٿيو جو فورًا ئي ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويا ۽ ڪامل عقيدت سان اِها درخواست پيش ڪئي تہ يا رسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي خواهش آهي تہ مديني ۾ حضور جن جي داخلا هڪ جهنڊي سان ٿيڻ گهرجي، اهو چئي پنهنجو عمامو مٿي تان لاهي نيزي تي ٻڌو ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا علمبردار بڻجي مديني تائين اڳيان اڳيان هلندا رهيا. پوءِ عرض ڪيائون تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! توهان مديني ۾ ڪٿي ترسندا تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ منهنجي ڏاڍي خدا جي طرف کان مامور آهي، هيءَ جتي ويهي رهندي اُهائي منهنجي قيام گاهہ آهي.[1]

(مدارج النبوة ج 2، ص62)

## حضرت زبير جا قيمتي ڪپڙا

ان سفر ۾ حُسنِ اتفاق سان حضرت زبير بن العوام رَضِیَ اللهُ عَنْهُ سان ملاقات ٿي وئي جيڪي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پڦي حضرت صفيہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جا پٽ آهن. هي مُلڪِ شام مان تجارت جو سامان کڻي اچي رهيا هئا. انهن حضورِ انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي خدمت ۾ ڪجهہ

[1] مدارج النبوت، قسم دوم، باب چهارم، ج2، ص62

قيمتي ڪپڙا نذراني طور پيش ڪيا جن کي تاجدارِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ قبول فرمائي ورتو.[1]

(مدارج النبوة ج 2، ص63)

## شهنشاهِ رسالت مديني ۾

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي آمد جي خبر ڇو ته پهريان ئي مديني ۾ پهچي چڪي هئي ۽ عورتن ٻارن جي زبانن تي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي تشريف آوريءَ جو چرچو هو ان ڪري مديني وارا سندن ديدار جي لاءِ تمام گهڻا مشتاق ۽ بيقرار هئا. روزانو صبح جو شهر ڪان ٻاهر نڪري انتظار ڪندا هئا ۽ استقبال جي لاءِ تيار رهندا هئا ۽ جڏهن ڏينهن تپي ويندو هو ته حسرت ۽ افسوس سان پنهنجي گهرن ڏانهن واپس موٽي ويندا هئا. هڪ ڏينهن مديني وارا پنهنجي معمول مطابق حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي راهه ڏسي واپس وڃي چڪا هئا ته اوچتو هڪ يهودي پنهنجي قلعي مان ڏٺو ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سواري مديني جي ويجهو پهچي وئي آهي. اُن وڏي آواز سان سڏيو ته اي مديني وارؤ! توهان جنهن جو روزانو انتظار ڪندا هئا اُهو ڪاروانِ رحمت اچي ويو. اِهو ٻُڌي سڀ انصاري جسم تي هٿيار سجائي خوشي ۽ جذبي مان بيقرار ٿي ٻنهي جهانن جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو استقبال ڪرڻ جي لاءِ پنهنجن گهرن مان نڪري آيا ۽ نعرهءِ تڪبير جي آوازن سان سڄو شهر گونجي ويو.[2] (مدارج النبوة ج 2 ص 63 وغيره)

---

[1] مدارج النبوة قسم دوم باب چهارم ج 2 ص 63 مختصرًا و دلائل النبوة للبيهقي باب من استقبل رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ج 2 ص 498)

[2] مدارج النبوت، قسم دوم، باب چهارم، ج 2، ص 63 ملخصًا

مديني شريف کان ٽن ميلن جي فاصلي تي جتي اڄ ”مسجد قبا“ ٺهيل آهي. 12 ربيع الاول تي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن رونق افروز ٿيا ۽ عَمرو بن عوف قبيلي جي خاندان ۾ حضرت ڪلثوم بن هدم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي گهر ۾ تشريف فرما ٿيا. خاندان وارن ان فخر ۽ شرف تي الله اڪبر جو جوش مان نعرو هنيو ته ٻنهي جهانن جا ميزبان انهن جا مهمان بڻيا آهن. چئني طرفن کان انصاري جوش ۽ خوشي ۾ ايندا ويا ۽ بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ صلوٰة و سلام جو نذرانو عقيدت سان پيش ڪندا ويا. اڪثر صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جيڪي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان پهرين هجرت ڪري مديني شريف آيا هئا اُهي ٻه اُن گهر ۾ ترسيل هئا. حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ٻه حڪمِ نبوي جي مطابق قريشن جون امانتون موٽائي ٽئين ڏينهن مڪي کان نڪري پيا هئا اُهي ٻه مديني پهچي ويا ۽ انهيءَ گهر ۾ قيام فرمايو، حضرتِ ڪلثوم بن هدم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ۽ انهن جا خاندان وارا انهن سيني مقدس مهمانن جي مهمان نوازي ۾ ڏينهن رات مصروف رهڻ لڳا.[1] (مدارج النبوة ج 2 ص 63 و بخاري ج 1 ص 560)

الله اڪبر! عمرو بن عوف جي خاندان ۾ حضرت سيد الانبياء صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سيد الاولياء ۽ صالحينِ صحابہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جي نوراني اجتماع سان اهڙو منظر ٺهي ويو هوندو جو غالبًا سج، چنڊ ۽ تارا حيرت سان اُن مجمع کي ڏسي زبانِ حال سان چوندا هوندا ته هي فيصلو مشڪل آهي ته اڄ انجمنِ آسمان وڏيڪ روشن آهي يا حضرت ڪلثوم بن هدم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو گهر؟ ۽ شايد

---

[1] دلائل النبوة للبيهقي باب من استقبل رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الخ ج 2 ص 499 ملتقطاً و مدارج النبوة قسم دوم باب چهارم ج 2 ص 63 ملخصًا 500.

عمرو بن عوف رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي خاندان جو ٻچو ٻچو خوشي مان مسڪرائيندي زبانِ حال سان هي نغمو ڳائيندو هوندو تہ

اُن کے قدم پہ میں نثار جن کے قدوم ناز نے

اُجڑے ہوئے دیار کو رشک چمن بنادیا

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ! حضور رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي "مڪي زندگي" اوهان پڙهي چڪا. هاڻي اسان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي "مدني زندگي" تي سن وار واقعات تحرير ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا. توهان بہ هِن جي مطالعي سان اکين ۾ نور ۽ دل ۾ سرور جي دولت حاصل ڪريو.

عبد المصطفٰي الاعظمي عفي عنه

28 شعبان 1395ھ

گهوسي (بحالت علالت)

# حضور اکرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي مدني زندگي

تعالیٰ اللہ ذات مصطفی کا حسن لاثانی

کہ یکجا جمع ہیں جس میں تمام اوصافِ امکانی

دعائے یونسی، خلق خلیلی، صبر ایوبی

جلال موسوی، زہدِ مسیحی، حسن کنعانی

(صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم)

# باب چهون

# هجرت جو پهريون سال سنہ 1 هـ

## مسجدِ قباء

”قبا“ ۾ سي کان پهريون ڪم هڪ مسجد جي تعمير هئي. ان مَقصد جي لاءِ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت ڪلثوم بن هدم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي هڪ زمين کي پسند فرمايو جتي عمرو بن عوف جي خاندان جون ڪتلون (ڪارڪون) سڪايون ويندیون هيون ان جڳهه تي حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مقدس هٿن سان هڪ مسجد جو بنياد رکيو. هي اُها مسجد آهي جيڪا اڄ به ”مسجد قبا“ جي نالي سان مشهور آهي ۽ جنهن جي شان ۾ قرآن جي هي آيت نازل ٿي.

لَمَسْجِدٌ اُسِّسَ عَلَى التَّقْوٰى مِنْ اَوَّلِ يَوْمٍ اَحَقُّ اَنْ تَقُوْمَ فِيْهِ ؕ فِيْهِ رِجَالٌ يُّحِبُّوْنَ اَنْ يَّتَطَهَّرُوْا ؕ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُطَّهِّرِيْنَ[1] (توبہ)

ترجمو ڪنز الايمان: بيشڪ اها مسجد جنهن جو بنياد پهرين ڏينهن کان پرهيزگاريءَ تي رکيو ويو آهي اها ان ڳالهه جي وڏيڪ حقدار آهي جو توهان ان ۾ قيام ڪريو هن (مسجد) ۾ اهي ماڻهو آهن جن کي پاڪي گهڻي پسند آهي ۽ الله تعاليٰ کي پاڪائي رکندڙ پسند آهن.

هِن مبارڪ مسجد جي تعمير ۾ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم سان گڏوگڏ پاڻ حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به پنهنجي هٿن مبارڪن

[1] (پ11، التوبة:108)

سان ايترا وڏا وڏا پٿر کڻندا هئا جو انهن جي وزن سان نازڪ جسم ٻيٽو ٿي ويندو هو ۽ جيڪڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جان نثار اصحابن مان ڪو عرض ڪندو هو يا رسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان تي اسان جا ماءُ پيءُ قربان توهان ڇڏيو اسان کڻنداسين تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي دلجوئيءَ لاءِ ڇڏي ڏيندا هئا پر وري ايتري ئي وزن جو ٻيو پٿر کڻي وٺندا هئا ۽ پاڻ ئي ان پٿر کي کڻي اچي عمارت ۾ لڳائيندا هئا ۽ تعميري ڪم ۾ جوش ۽ ولولو پيدا ڪرڻ لاءِ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم سان آواز ملائي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت عبد الله بن رواحہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جا هي شعر پڙهندا ويندا هئا.

اَفْلَحَ مَنْ يَّعَالِجُ الْمَسْجِدَا وَيَقْرَءُ الْقُرْاٰنَ قَائِمًا وَّقَاعِدًا

وَلَا يَبِيْتُ اللَّيْلَ عَنْهُ رَاقِدًا

اهو ڪامياب آهي جيڪو مسجد تعمير ڪري تو ۽ اُٿندي ويهندي قرآن پڙهي تو ۽ سمهي رات نٿو گذاري.[1]

(وفاءالوفاء ج1، ص180)

## مسجد الجمع

چوڏهن يا چوويهہ ڏينهن جي قيام ۾ مسجدِ قباء جي تعمير فرمائي جُمعي جي ڏينهن پاڻ "قباء" کان مديني شهر روانہ ٿيا رستي ۾ بني سالم جي قبيلي جي مسجد ۾ پهريون جمعو رحمتِ عالم

[1] وفاء الوفاء لسمهودي، الباب الثالث، الفصل العاشر في دخول النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .... الخ، المجلد الاول، الجزءالاول، ص253

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهيو هيءَ اُها مسجد آهي جيڪا اڄ تائين ”مسجد الجُمعه“ جي نالي سان مشهور آهي شهر وارن کي جڏهن خبر پئي تہ هر طرف کان ماڻهو شوق ۾ مشتاقانہ استقبال جي لاءِ ڊوڙي پيا. حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ڏاڏي عبد المطلب جا ناناڻا رشتيدار ”بنو النجار“ هٿيار کڻي ”قباء“ کان شهر تائين صفون ٻڌي مستانن وانگر هلي رهيا هئا پاڻ رستي ۾ تمام قبيلن جي محبت جو شڪريو ادا ڪندا ۽ سيني کي خير ۽ برڪت جون دعائون ڏيندا هلن دا ويا. شهر ويجهو آيو تہ اهل مدينہ جي جوش ۽ خروش جو اهو عالم هو جو پرديدار عورتون گهرن جي ڇتين تي چڙهي ويون ۽ هي استقباليہ شعر پڙهڻ لڳيون تہ

طَلَعَ الْبَدْرُ عَلَيْنَا مِنْ ثَنِيَّاتِ الْوَدَاع
وَجَبَ الشُّكْرُ عَلَيْنَا مَا دَعٰى لِلّٰهِ دَاعِي

اسان تي چنڊ طلوع ٿي ويو وداع جي گهاٽين مان، اسان تي خدا جو شڪر واجب آهي. جيستائين الله کان دعا گهرڻ وارا دعا گهرندا رهن.

اَيُّهَا الْمَبْعُوْثُ فِيْنَا جِئْتَ بِالْاَمْرِ الْمُطَاع
اَنْتَ شَرَّفْتَ الْمَدِيْنَةَ مَرْحَبًا يَا خَيْرَ دَاع

اي اها ذات گرامي! جيڪي اسان ۾ موڪليا ويا آهيو. اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو دين کڻي آيا آهيو جيڪو اطاعت جي قابل آهي اوهان مديني کي شرف بخشي ڇڏيو تہ اوهان جي لاءِ ”ڀليڪار“ آهي اي بهترين دعوت ڏيڻ وارا.

فَلَبِسْنَا ثَوْبَ يَمَنٍ بَعْدَ تَلْفِيْقِ الرِّقَاعِ
فَعَلَيْكَ اللّٰهُ صَلّٰى مَا سَعٰى لِلّٰهِ سَاعِ

تہ اسان يمني ڪپڙا پاتا جڏهن تہ ان ڪان پهرين اسان چتيون هڻي ڪپڙا پهريندا هئاسين تہ توهان تي الله تعالٰي ان وقت تائين رحمتون نازل فرمائي جيستائين الله جي لاءِ ڪوششون ڪرڻ وارا ڪوشش ڪندا رهن.

مديني جون ننڍڙيون ننڍڙيون ٻارڙيون خوشيءَ ۾ جُهومندي ۽ دف وڄائيندي هي گيت ڳائي رهيون هيون تہ

نَحْنُ جَوَارٍ مِّنْ بَنِي النَّجَّارِ يَا حَبَّذَا مُحَمَّدٌ مِّنْ جَارِ

اسان ”بنو النجار“ خاندان جون ٻارڙيون آهيون، واهہ ڪيترو نہ سنو ٿيو جو حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان جا پاڙيسري ٿي ويا.

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن ٻارڙين جي خوشي ۽ تمام گهڻي محبت کان متاثر ٿي پڇيو تہ اي ٻارڙيون! ڇا توهان مون سان محبت ڪنديون آهيو؟ تہ ٻارڙين هڪ آواز ۾ چيو ”جي ها! جي ها. ”اهو ٻُڌي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خوش ٿي مسڪرائيندي فرمايو تہ ”آئون بہ توهان سان پيار ڪريان ٿو.“[1]

(زرقاني علي المواهب ج1، ص 359، 360)

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، خاتمة في وقائع متفرقة .....الخ، ج2، ص156، 157، 165، 169، ملتقطاً وصحيح البخاري، كتاب الصلوٰت، باب هل تنبش قبور..... الخ، الحديث:428 ج1، ص165

ننڍا ننڍا ڇوڪرا ۽ غلام ٽولن جا ٽولا خوشيءَ ۾ مديني جي گهٽين ۾ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آمد آمد جا نعرا هڻندي ڊوڙندا رهندا هئا. صحابيِ رسول براء بن عازب رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا ته جيڪا فرحت ۽ سرور، انوار ۽ تجليون حضور سرور عالَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مديني ۾ تشريف آڻڻ جي ڏينهن ظاهر ٿيون نه ان کان پهرين ڪڏهن ظاهر ٿيون نه ان کان بعد.[1]

(مدارج النبوت ج2، ص65)

## ابوايوب انصاري جو گهر

انصارين جا تمام قبيلا جيڪي رستي ۾ هئا نهايت خوشي ۽ جوش مان ڏاڍيءَ جي مهار پڪڙي عرض ڪن پيا يا رسول الله! صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان اسان جي گهرن کي شرفِ نُزول بخشيو پر پاڻ انهن سيني محبت ڪرڻ وارن کي اهوئي فرمايائون ته منهنجي ڏاڍيءَ جي مهار ڇڏي ڏيو جنهن جڳهه تي خدا کي منظور هوندو ان جڳهه تي منهنجي ڏاڍي ويهي رهندي جنهن جڳهه تي اڄ مسجد نبوي شريف آهي ان جي پَرَ ۾ حضرت ابو ايوب انصاري رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو گهر هو اُتي ئي حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ڏاڍي ويهي رهي ۽ حضرت ابو ايوب انصاري رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اجازت سان سندن سامان کڻي پنهنجي گهر ۾ ويا ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي گهر ۾ قيام فرمايو. حضرت ابو ايوب انصاري رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ گهر جي مٿين منزل پيش ڪئي پر پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاقات ڪرڻ وارن جي آسانيءَ جو

[1] مدارج النبوت، قسم دوم، باب چهارم، ج2، ص63 وشرح الزرقاني علي المواهب، خاتمة في و قائع متفرقة..... الخ ج 2، ص 165 ملخصا.

لحاظ رکندي هيٺين منزل کي پسند فرمايو. حضرت ابو ايوب انصاري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ ٻنهي وقتن جي ماني موڪليندا هئا ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بچايل ماني تبرڪ سمجهي پاڻ ۽ سندن گهر واري کائيندا هئا ڪاڏي ۾ جتي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آڱرين جا نشان هوندا هئا تہ حصولِ برڪت جي لاءِ حضرت ابو ايوب انصاري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ان جڳهہ تان گرهہ ڪٽندا هئا ۽ پنهنجي هر قول ۽ فعل سان نبيِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان تمام گهڻي محبت ۽ احترام، عقيدت ۽ جان نثاري جو مظاهرو ڪندا هئا. هڪ ڀيرو گهر جي مٿين منزل تي پاڻيءَ جو ڊِلو يا مَٽُ ٽٽي پيو تہ ان انديشي کان تہ ڪٿي پاڻي وهي هيٺين منزل ۾ نہ هليو وڃي ۽ حضور رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڪا تڪليف پهچي حضرت ابو ايوب انصاري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ سڄو پاڻي پنهنجي سَوَڙ ۾ خشڪ ڪري ڇڏيو، گهر ۾ اهو ئي هڪ بسترو هو جيڪو پُسي ويو. سڄي رات زال مڙس سيءَ ۾ گذاري پر حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڪا بہ تڪليف پهچي اهو پسند نہ فرمايو. ستن مهينن تائين حضرت ابو ايوب انصاري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ان شان سان حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ميزباني جو شرف حاصل ڪيو. جڏهن مسجد نبوي ۽ ان جي آسپاس جا حجرا تيار ٿي ويا تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن حجرن ۾ پنهنجين ازواجِ مطهرات رَضِیَ اللهُ عَنْهُنّ سان گڏ قيام فرمائڻ لڳا.[1]

(رزقاني علي المواهب، ج1، ص357 وغيره)

[1] المواهب اللدنية والزرقاني، خاتمة في وقائع متفرقة ...الخ، ج2، ص 160، 163، 186)

هجرت جي پهرين سال طرح طرح جا تمام گهڻا واقعا پيش آيا پر انهن مان ڪجهه وڏن واقعن کي اسان نهايت مختصر تحرير ڪريون ٿا.

## حضرت عبد الله بن سلام جو اسلام

حضرت عبد الله بن سلام رَضِیَ اللهُ عَنْهُ مديني ۾ يهودين جا سڀ کان وڏا عالم هئا، خود انهن جو پنهنجو بيان آهي ته جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مڪي کان هجرت فرمائي مديني ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ ماڻهو انهن جي زيارت جي لاءِ هر طرف کان اچڻ لڳا ته آئون به ان وقت خدمتِ اقدس ۾ حاضر ٿيس ۽ جيئن ئي منهنجي نظر جمالِ نبوّت تي پئي ته پهرين ئي نظر ۾ منهنجي دل اهو فيصلو ڪري ورتو ته هيءَ صورت ڪنهن ڪوڙي ماڻهوءَ جي نٿي ٿي سگهي پوءِ حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي وعظ ۾ هي ارشاد فرمايو ته

اَيُّهَا النَّاسُ اَفْشُوا السَّلَامَ وَاَطْعِمُوا الطَّعَامَ وَصِلُوا الْاَرْحَامَ وَصَلُّوْا بِاللَّيْلِ وَالنَّاسُ نِيَامٌ

اي انسانو! سلام کي عام ڪريو ۽ ڪاڏو ڪارايو ۽ (رشتيدارن سان) صلهءِ رحمي ڪريو ۽ رات جو جڏهن ماڻهو سمهي پيا هجن ته توهان نماز پڙهو.

حضرت عبد الله بن سلام فرمائن ٿا ته مون حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي هڪ نظر ڏنو ۽ سندن هي چار ڳالهيون منهنجي ڪنن تي پيون ته آئون ايترو متاثر ٿيس جو منهنجي دل جي دنيا ئي بدلجي وئي ۽ مون اسلام آڻڻ جو شرف حاصل

ڪيو. حضرت عبد الله بن سلام رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن جو اسلام قبول ڪرڻ هي ايترو اهم واقعو هو جو مديني جي يهودين ۾ هلچل مچي وئي.[1] (مدارج النبوة ج2، ص66 وبخاري وغيره)

## حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اهل وعيال مديني ۾

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن اجان حضرت ابو ايوب انصاري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي گهر ۾ تشريف فرما هئا تہ پاڻ پنهنجي غلام حضرت زيد بن حارثہ ۽ حضرت ابو رافع رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کي پنج سو درهم ۽ ٻہ اُٺ ڏئي مڪي موڪليو تہ جيئن هي ٻئي صاحب پاڻ سان گڏ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خاندان وارن کي مديني وٺي اچن. تہ هي ٻئي حضرات وڃي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٻنهي صاحبزادين حضرت فاطمہ ۽ حضرت اُمِّ ڪلثوم رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا ۽ حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي گهر واري اُم المومنين حضرت بيبي سوده رَضِیَ اللهُ عَنْهَا ۽ حضرت اسامہ بن زيد ۽ حضرت اُم ايمن رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کي مديني وٺي آيا. حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صاحبزادي حضرت زينب رَضِیَ اللهُ عَنْهَا نہ اڃي سگهي ڇو تہ انهن جي مڙس حضرت ابو العاص بن الربيع رَضِیَ اللهُ عَنْهُ انهن کي مڪي ۾ روڪي ڇڏيو ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هڪ صاحبزادي حضرت بيبي رقيہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا پنهنجي مڙس حضرت عثمان غني رَضِیَ اللهُ عَنْهُ سان گڏ "حبشہ" ۾ هئي. انهن ماڻهن سان گڏ حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو فرزند حضرت عبد الله رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ٻہ پنهنجي سيني

---

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب اول، ج2، ص 66 ملخصاً و المستدرک للحاکم کتاب البر والصلہ، باب ارحموا اهل الارض .....الخ، الحديث: 7359، ج5، ص221 ملخصاً.

گهر وارن کي گڏ وٺي مڪي کان مديني اچي ويا انهن ۾ حضرت بيبي عائشه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا به هئي اهي سڀ ماڻهو مديني اچي پهريان حضرت حارثه بن نعمان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي گهر ترسيا.[1]

(مدارج النبوة ج2،ص72)

## مسجد نبوي جي تعمير

مديني ۾ ڪا اهڙي جڳهه نه هئي جتي مسلمان باجماعت نماز پڙهي سگهن انڪري مسجد جي تعمير تمام ضروري هئي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قيام گاهه جي ويجهو ئي ”بنوالنجار“ جو هڪ باغ هو. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسجد تعمير ڪرڻ لاءِ ان باغ جي قيمت ڏئي خريد ڪرڻ چاهيو. انهن ماڻهن چيو ته يا رسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان خدا کان ئي ان جي قيمت (اجر ۽ ثواب) وٺنداسين. ”مفت ۾ زمين مسجد تعمير ڪرڻ لاءِ پيش ڪري ڇڏي پر هي زمين اصل ۾ بن يتيمن ٻارن جي هئي حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن ٻنهي يتيم ٻارن کي گُهرائي ورتو. انهن يتيم ٻارن به زمين مسجد جي لاءِ وقف ڪرڻ چاهي پر حضور سرور عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان ڳالهه کي پسند نه فرمايو. انڪري حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي مال مان پاڻ ان جي قيمت ادا فرمائي ڇڏي.[2] (مدارج النبوة، ج 2،ص 68)

ان زمين ۾ ڪجهه وڻ، ڪجهه ڪندر ۽ ڪجهه مشرڪن جون قبرون هيون حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وڻن کي ڪَٽڻ ۽

---

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب اول ج2،ص67 مختصراً وشرح الزرقاني علي المواهب، ذكر بناء المسجد النبوي .....الخ، ج 2، ص186.

[2] مدارج النبوت، قسم سوم، باب اول، ج 2، ص 67-68

مشرڪن جي قبرن کي ڪوٽي انهن جي لاشن کي اڇلائڻ جو حڪم فرمايو پوءِ زمين کي سڌو ڪري پاڻ پنهنجي هٿن مبارڪن سان مسجد جو بنياد رکيو ۽ ڪچين سرن جي پِٽِ ۽ ڪجيءَ جي ڪاٺين تي ڪجيءَ جي پنن سان ڇت ٺاهي جيڪا برسات ۾ ٽِمندي هئي. ان مسجد جي تعمير ۾ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم سان گڏ خود حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ سرون کڻي ايندا هئا ۽ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم کي جوش ڏيارڻ لاءِ انهن سان گڏ آواز ملائي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رجز جو هي شعر پڙهندا هئا تہ

اَللّٰهُمَّ لَا خَيْرَ اِلَّا خَيْرُ الْاٰخِرَة فَاغْفِرِ الْاَنْصَارَ وَالْمُهَاجِرَة[1]

(بخاري ج 1، ص 61)

اي الله! پلائي تہ صرف آخرت جي پلائي آهي. تنهنڪري اي الله! تون انصارن ۽ مهاجرن کي بخشي ڇڏ. هن مسجد جو نالو ”مسجد نبوي“ آهي. هي مسجد هر قسم جي دنياوي آسائشن کان پاڪ ۽ اسلام جي سادگيءَ جي سچي ۽ صحيح تصوير هئي، هِن مسجد جي پهرين عمارت ڊيگهہ ۽ ويڪر ۾ ستہ وال ڊگهي ۽ چوونجاهہ وال ويڪري هئي ۽ ان جو قبلو بيت المقدس جي طرف ٺاهيو ويو هو پر جڏهن قبلو بدلجي ڪعبي ڏانهن ٿي ويو تہ مسجد جي اُتر طرف ڪان هڪ نئون دروازو قائم ڪيو ويو ان ڪانپوءِ مختلف زمانن ۾ مسجد نبوي جي تجديد ۽ توسيع ٿيندي رهي. مسجد جي هڪ ڪناري تي هڪ مَنَهُہ هو جنهن جي ڇت ڪجي جي پنن سان ٺاهي وئي هئي. ان مَنَهَہ جو نالو ”صفہ“ آهي

[1] صحيح البخاري، كتاب الصلوات، باب هل تنبش قبور مشركي الجاهلية ..... الخ، الحديث: 428، ج 1، ص 165

جن صحابين کي گهر نہ هوندو هو اُهي انهيءَ مَنَهَہ تي سمهندا ۽ ويهندا هئا ۽ اُهي ئي ماڻهو ”اصحاب صفہ“ چورائيندا آهن.[1]

(مدارج النبوة، ج 2، ص 59، وبخاري)

## ازواج مطهرات رَضِیَ اللهُ عَنْهُن جا گهر

مسجد نبوي سان گڏ ئي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ازواج مطهرات رَضِیَ اللهُ عَنْهُن جي لاءِ حجرا بہ نهرايا. ان وقت تائين حضرت بيبي سوده ۽ حضرت عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا نڪاح ۾ هيون ان ڪري فقط بہ ئي گهر نهرايا. جڏهن ٻيون ازواج مطهرات ايندیون رهيون تہ ٻيا گهر بہ نهندا رهيا. هي گهر بہ تمام سادگي سان ناهيا ويا هئا. ڏهہ ڏهہ هٿ ڊگها چهہ چهہ، ست ست هٿ ويڪرا ڪچين سرن جون پتيون، ڪجيءَ جي پنن جي چت، اها بہ ايتري هيٺ جو ماڻهو بيهي چت کي هٿ لڳائي سگهيو ٿي. دروازن جا طاق بہ نہ هئا ڪمبل يا ٽاٽ جا پردا لڳل هوندا هئا.[2] (طبقات ابن سعد وغيره)

الله اڪبر! هي آهي شهنشاهِ دو عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ڪاشانۂ نبوّت جنهن جي چائنٽ چمڻ ۽ خادمي جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام جن جي لاءِ سعادت ۽ باعثِ فخر هئي.

الله الله! اُهي شهنشاهِ ڪونين جن کي خالقِ ڪائنات پنهنجو مهمان بڻائي عرشِ اعظم تي تخت نشين بڻايو ۽ جنهن کي پنهنجي محبوبيت جو تاج پارائي زمين جي خزانن جون چابيون

---

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب اول،ج 2، ص 68 ملخصاً والمواهب اللدنية والزرقاني، ذكر بناء المسجد النبوي ..... الخ، ج 2، ص 186.

[2] شرح الزرقاني علي المواهب، ذكر بناء المسجد النبوي ..... الخ، ج 2 ص 185

هڻن ۾ عطا فرمايون ۽ جنهن کي ٻنهي جهانن ۾ هر طرح جي تبديلين جو مختار بڻائي ڇڏيو، جنهن جي زبان جو هر فرمان ڪُنّ جي ڪنجي، جنهن جي نگاهِ ڪرم جي هڪ اشاري انهن ماڻهن کي جن جي هڻن ۾ اُنن جي مهار هوندي هئي انهن کي عالَم جي قومن جي قسمت جو لڳام عطا فرمائي ڇڏيو. الله اڪبر! تاجدارِ رسالت جيڪي سلطانِ دارين ۽ شهنشاهِ ڪونين آهن انهن جي گهر جي هي حالت! اي سج! ڳالهاءِ، اي چنڊ! ٻُڌاءِ توهان ٻنهي هِن زمين جا بيشمار چڪر لڳايا آهن پر ڇا توهان جي اکين اهڙي سادگي جو ڪو منظر ڪڏهن ٻه ڪٿي ٻه ڏٺو آهي؟

## مهاجرن جا گهر

مهاجر جيڪي پنهنجو سڀ ڪجهه مڪي ۾ ڇڏي مديني هليا ويا هئا، انهن ماڻهن جي رهڻ لاءِ ٻه حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسجد نبوي جي ويجهو ئي انتظام فرمايو. انصارن تمام وڏي قرباني ڏني ۽ نهايت فراخ دلي سان پنهنجي مهاجر ڀائرن لاءِ پنهنجا گهر ۽ زمينون ڏنيون ۽ گهرن جي تعمير ۾ هر قسم جي مدد ڪئي جنهن سان مهاجرن جي آبادڪاريءَ ۾ وڏي سهولت ٿي پئي. سڀ کان پهرين جنهن انصاريءَ پنهنجو گهر حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي بطور تحفو نذر ڪيو ان خوش نصيب جو نالو حضرت حارثہ بن نعمان رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ آهي، تنهنڪري ازواج مطهرات جا گهر حضرت حارثہ بن نعمان رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي زمين ۾ ٺاهيا ويا.[1] (رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ)

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، ذكر بناء المسجد النبوي .... الخ، ج 2، ص 185 ملخصاً

## حضرت عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي رخصتي

حضرت بيبي عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان نڪاح تہ هجرت ڪان پهريان ئي مڪي ۾ ٿي چڪو هو پر انهن جي رخصتي هجرت جي پهرين سال مديني ۾ ٿي. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ پيالي ڪير سان ماڻهن جي دعوتِ وليمہ فرمائي.[1] (مدارج النبوة، ج 2، ص 70)

## اذان جي ابتدا

مسجد نبوي جي تعمير تہ مڪمل ٿي وئي پر ماڻهن کي نماز جي وقت، جمع ڪرڻ جو ڪو بہ ذريعو نہ هو جنهن سان نماز باجماعت جو انتظام ٿئي، ان سلسلي ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم سان مشورو فرمايو، ڪجهہ صحابين نماز جي وقت باهہ ٻارڻ جو مشورو ڏنو، ڪجهہ صحابين ناقوس وڄائڻ جو مشورو ڏنو پر حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غير مسلمانن جي انهن طريقن کي پسند نہ فرمايو. حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ اها تجويز پيش ڪئي تہ هر نماز جي وقت ڪنهن ماڻهوءَ کي موڪليو وڃي جيڪو پوري مسلم آبادي ۾ نماز جو اعلان ڪري. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان مشوري کي پسند فرمايو ۽ حضرت بلال رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي حڪم فرمايو تہ هُو هر نماز جي وقت ماڻهن کي سڏ ڪن. تنهنڪري اُهي "الصلوٰةُ جامعةٌ" چئي پنجن نمازن جي وقت اعلان ڪندا هئا، ان دوران هڪ صحابي حضرت عبد الله بن زيد انصاري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ خواب ۾ ڏٺو تہ شرعي اذان جا الفاظ ڪو ٻُڌائي رهيو آهي ان ڪانپوءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽

---

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب اول، ج 2، ص 69 - 70 ملخصاً

حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ۽ ٻين صحابين بہ اهڙي قسم جا خواب ڏٺا حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي الله تعاليٰ جي طرف کان سمجهي قبول فرمايو ۽ حضرت عبد الله بن زيد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي حڪم ڏنو تہ توهان بلال کي اذان جا ڪلما سيکاريو ڇو تہ اُهي توهان کان وڏي آواز وارا آهن. اهڙي طرح ان ڏينهن کان شرعي اذان جو طريقو جيڪو اڄ تائين جاري آهي ۽ قيامت تائين جاري رهندو شروع ٿي ويو.[1] (زرقاني، ج 2، ص 376 و بخاري)

## انصاري ۽ مهاجر ڀائر

مهاجر حضرات جيئن تہ بنا سامان جي بلڪل خالي هٿين پنهنجي رشتيدارن کي ڇڏي مديني آيا هئا ان ڪري پرديس ۾ مفلسي سان گڏ گهبراهٽ ۽ اجنبيت ۽ پنهنجي رشتيدارن جي جدائي جو صدمو محسوس ڪندا هئا. ان ۾ شڪ نہ آهي تہ انصارن، مهاجرن جي مهمان نوازي ۽ دل جوئي ۾ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏي هئي پر مهاجر گهٽي وقت تائين ٻين جي سهاري زندگي گذارڻ پسند نہ ڪندا هئا ڇو تہ هي ماڻهو هميشہ ڪان پنهنجي هٿن جي ڪمائي کائڻ جا عادي هئا ان ڪري ضرورت هئي تہ مهاجرن جي پريشاني کي ختم ڪرڻ ۽ انهن جي لاءِ مستقل معاش جو ذريعو مهيا ڪرڻ جي لاءِ ڪو انتظام ڪيو وڃي. ان ڪري حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خيال فرمايو تہ انصارن ۽ مهاجرن ۾ اخوت (ڀائيچاري) جو رشتو قائم ڪري انهن کي ڀائرَ بڻايو وڃي تہ جيئن مهاجرن جي دلين مان پنهنجي اڪيلائي ۽ بيوسيءَ جو احساس ختم ٿي وڃي ۽ هڪبئي جا مددگار بڻجي

[1] المواهب اللدنية والزرقاني، باب بدء الاذان، ج 2، ص 194-197 ملخصاً

وڃڻ سان مهاجرن جي روزگار جو مسئلو بہ حل ٿي وڃي تنهنڪري مسجد نبوي جي تعمير ڪانپوءِ هڪ ڏينهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي گهر انصارين ۽ مهاجرن کي جمع ڪيو ان وقت تائين مهاجرن جو تعداد پنجيتاليهه يا پنجاهه هو حضوراڪرم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام انصارن کي مخاطب ٿي فرمايو تہ هي مهاجر توهان جا ڀائر آهن پوءِ مهاجرن ۽ انصارن مان ٻن ٻن ماڻهن کي گُهرائي فرمائيندا ويا تہ هي ۽ تون ڀائر آهيو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ارشاد فرمائڻ سان هي اخوت (ڀائيچاري) جو رشتو بلڪل حقيقي ڀاءُ جهڙو رشتو ٿي ويو. پوءِ انصارن مهاجرن کي ساڻ وٺي وڃي پنهنجي گهر جي هڪ هڪ شيءِ کڻي اڳيان رکي ۽ چيو تہ توهان اسان جا ڀائر آهيو انڪري هن سموري سامان ۾ اڌ اوهان جو اڌ اسان جو آهي، ايستائين جو حضرت سعد بن ربيع انصاري جيڪي حضرت عبد الرحمٰن بن عوف مهاجر جا ڀاءُ قرار ڏنا ويا هئا انهن کي بہ زالون هيون، حضرت سعد بن ربيع انصاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ حضرت عبد الرحمٰن بن عوف رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي چيو تہ منهنجي هڪ زال جنهن کي توهان پسند ڪريو آئون ان کي طلاق ڏيان ۽ توهان ان سان نڪاح ڪري وٺو.

الله اڪبر! ان ۾ شڪ نہ آهي تہ انصارن جو هي ايثار هڪ اهڙو بي مثال ڪم آهي جنهن جو دنيا جي تاريخ ۾ مثال مشڪل سان ملندو پر مهاجرن جهڙو عمل اختيار ڪيو اهو بہ هڪ قابلِ تقليد تاريخي ڪارنامو آهي. حضرت سعد بن ربيع انصاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي ان مخلصانہ پيشڪش کي ٻُڌي حضرت عبد الرحمٰن بن عوف رَضِيَ اللهُ عَنْهُ شڪريو ادا ڪندي هي چيو تہ الله تعاليٰ هي سڀ

مال متاع ۽ اهل وعيال توهان کي بخشي ڏي مون کي ته توهان صرف بازار جو رستو ٻُڌايو. انهن مديني جي مشهور بازار ”قينقاع“ جو رستو ٻُڌايو. حضرت عبد الرحمٰن بن عوف رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بازار ويا ۽ ڪجهه گيهه ۽ ڪجهه پنير خريد ڪري شام تائين وڪڻندا رهيا. اهڙي طرح روزانو اُهي بازار ويندا هئا ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ اُهي ڪافي مالدار ٿي ويا ۽ انهن وٽ ايترو مال جمع ٿي ويو جو انهن شادي ڪري پنهنجو گهر آباد ڪري ورتو. جڏهن اُهي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ته حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پُڇيو ته تو گهر واري کي ڪيترو مهر ڏنو؟ عرض ڪيو ته پنجن درهمن جيترو سون. ارشاد فرمايو ته الله تعالٰي اوهان کي برڪتون عطا فرمائي توهان وليمي جي دعوت ڪريو ٻلي هڪ ٻڪري ئي هجي.[1] (بخاري، باب الوليمة ولو بشاة ص 777، ج 2)

آهستي آهستي حضرت عبد الرحمٰن بن عوف رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي تجارت ۾ ايتري خير و برڪت ۽ ترقي ٿي جو خود انهن جو قول آهي ته ”آئون مٽي کي هٿ لڳائيندو آهيان ته سون بڻجي ويندي آهي“ منقول آهي ته انهن جو سامانِ تجارت ست سو اُنٽ تي ايندو هو ۽ جنهن ڏينهن مديني ۾ انهن جو تجارتي سامان پهچندو هو ته پوري شهر ۾ هُل پئجي ويندو هو.[2] (اسد الغابه، ج 3، ص314)

حضرت عبد الرحمٰن بن عوف رَضِیَ اللهُ عَنْهُ وانگر ٻين مهاجرن به دڪان کولي ورتا. حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ڪپڙي جي

---

[1] صحيح البخاري، كتاب مناقب الانصار، باب اخاء النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ....الخ، الحديث: 3781، ج 2، ص555.

[2] اسد الغابة، عبد الرحمٰن بن عوف رَضِیَ اللهُ عَنْهُ، ج 3، ص 498 مختصراً.

تجارت ڪندا هئا حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ ”قينقاع“ جي بازار ۾ ڪجورن جي تجارت ڪرڻ لڳا. حضرت عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ به تجارت ۾ مشغول ٿي ويا ٻين مهاجرن به ننڍو وڏو ڪاروبار شروع ڪري ڇڏيو مطلب ته مهاجرن لاءِ انصارن جا گهر مستقل مهمان خانو هئڻ جي باوجود مهاجر گهڻن ڏينهن تائين انصارن تي بار نه بڻيا ۽ پنهنجي محنت ۽ ڪوششن سان تمام جلد پنهنجي پيرن تي بيهي رهيا.

مشهور مؤرخ اسلام حضرت علامه ابن عبد البر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو قول آهي ته هي عقدِ مواخاة (ڀائيچاري جو معاهدو) انصارن ۽ مهاجرن ۾ ٿيو. ان کان علاوه هڪ خاص ”عقدِ مواخاة“ مهاجرن ۾ به ٿيو جنهن ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ مهاجر کي ٻئي مهاجر جو ڀاءُ بڻائي ڇڏيو. اهڙي طرح حضرت ابو بڪر صديق ۽ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا، حضرت طلحه ۽ حضرت زبير رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا ۽ حضرت عثمان ۽ حضرت عبد الرحمٰن بن عوف رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا ۾ جڏهن ڀائيچارو ٿي ويو ته حضرت علي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ دربارِ رسالت ۾ عرض ڪيو ته يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان پنهنجن صحابين کي هڪ ٻئي جو ڀاءُ بڻائي ڇڏيو پر مونکي توهان ڪنهن جو به ڀاءُ نه بڻايو آخر منهنجو ڀاءُ ڪير آهي؟ ته حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو ته اَنْتَ اَخِیْ فِی الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ يعني توهان دنيا ۽ آخرت ۾ منهنجا ڀاءُ آهيو.[1] (مدارج النبوت ج 2، ص 71)

## يهودين سان معاهدو

مديني ۾ انصارن کان علاوه تمام گهڻا يهودي به آباد هئا.

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب اول، ج 2، ص 71

انهن يهودين جا ٽي قبيلا بنو قينقاع، بنو نضير، قريظه مديني جي آسپاس آباد هئا ۽ نهايت مضبوط محل ۽ پَڪا قلعا ناهي رهندا هئا. هجرت کان پهرين يهودين ۽ انصارن ۾ هميشه اختلاف رهندو هو ۽ اهو اختلاف هينئر به موجود هو ۽ انصارين جا ٻئي قبيلا اوس ۽ خزرج تمام ڪمزور ٿي چڪا هئا ڇو ته مشهور لڙائي ”جنگِ بعاث“ ۾ انهن ٻنهي قبيلن جا وڏا وڏا سردار ۽ ناموَر بهادر پاڻ ۾ وڙهي وڙهي قتل ٿي چڪا هئا ۽ يهودي هميشه ان قسم جي تدبيرن ۽ شرارتن ۾ لڳل رهندا هئا ته انصارين جا هي ٻئي قبيلا هميشه وڙهندا رهن ۽ ڪڏهن به متحد نه ٿين ان ڪري حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم يهودين ۽ مسلمانن جي آئنده تعلقات جي باري ۾ هڪ معاهدي جي ضرورت محسوس فرمائي ته جئين ٻئي فريق امن ۽ سڪون سان رهي سگهن ۽ پاڻ ۾ ڪو به ٽڪراءُ نه ٿئي. تنهنڪري پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انصارين ۽ يهودين کي گُهرائي معاهدي جو هڪ دستاويز لکرايو جنهن تي ٻنهي فريقن صحيحون ڪيون. هِن معاهدي جو خلاصو هيٺ ڏجي ٿو.

(1) ديت (يعني جان جي بدلي جيڪو مال ڏنو ويندو آهي) ۽ فديو (قيدي کي ڇڏائڻ جي بدلي جيڪا رقم ڏني ويندي آهي) جو طريقو جيڪو پهريان کان هلندو آيو هو هاڻي به اهو ئي قائم رهندو.

(2) يهودين کي مذهبي آزادي حاصل هوندي انهن جي مذهبي رسمن ۾ ڪا به دخل اندازي نه ڪئي ويندي.

(3) يهودي ۽ مسلمان پاڻ ۾ دوستانه تعلقات رکندا.

(4) يهودين يا مسلمانن کي ڪنهن سان لڙائي پيش ايندي ته ٻئي

فريق هڪبئي جي مدد ڪندا.

(5) جيڪڏهن مديني تي ڪو حملو ٿيو تہ بئي فريق ملي حملي آور جو مقابلو ڪندا.

(6) ڪو بہ فريق قريش ۽ ان جي مددگارن کي پناهہ نہ ڏيندو.

(7) ڪنهن دشمن سان جيڪڏهن هڪ فريق صلح ڪندو تہ ٻيو فريق بہ ان ناهہ ۾ شامل هوندو پر مذهبي جنگ ان کان آجي رهندي.[1]

(سيرت ابن هشام ج 4، ص 501-502)

## مديني جي لاءِ دعا

جيئن تہ مديني جي آبهوا سني نہ هئي هتي طرح طرح جون بيماريون پکڙجنديون رهنديون هيون انڪري ڪثرت سان مهاجر بيمار ٿيڻ لڳا. حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ۽ حضرت بلال رَضِیَ اللهُ عَنْهُ سخت بخار ۾ مبتلا ٿي ويا ۽ بخار جي شدت ۾ هي پنهنجي وطن مڪي کي ياد ڪري مڪي جي ڪافرن تي لعنت موڪليندا هئا ۽ مڪي جي جبلن ۽ گاهہ جي جدائي ۾ شعر پڙهندا هئا. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان موقعي تي هيءَ دعا فرمائي تہ يا الله! اسان جي دلين ۾ مديني جي اهڙي محبت پيدا ڪر جهڙي مڪي جي محبت آهي بلڪ ان کان بہ وڌيڪ ۽ مديني جي آبهوا کي صحت بخش بٽاءِ ۽ مديني جي صاع ۽ مُد (ماپ تور جي ٿانون) ۾ خير و برڪت عطا فرماءِ ۽ مديني جي بخار کي "جحفہ" ڏانهن منتقل فرمائي ڇڏ.[2] (مدارج جلد 2 ص 70 و بخاري)

---

[1] السيرة النبوية لابن هشام، هجرة الرسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، ص 201-202

[2] مدارج النبوت ، قسم سوم، باب اول،ج 2، ص 70

## حضرت سلمان فارسي مسلمان ٿي ويا

سنہ 1 ھ جي واقعن ۾ حضرت سلمان فارسي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي اسلام آڻڻ جو واقعو بہ تمام اهم آهي. هي فارس جا رهڻ وارا هئا. انهن جا ابا ڏاڏا ۽ ملڪ جي پوري آبادي مجوسي (باهہ جي پوڄا ڪرڻ واري) هئي. هي پنهنجي اباڻي دين کان بيزار ٿي دين حق جي تلاش ۾ پنهنجي وطن مان نڪتا پر ڏاڙيلن انهن کي گرفتار ڪري پنهنجو غلام بڻائي ڇڏيو ۽ پوءِ انهن کي وڪڻي ڇڏيو. اهڙي طرح هي ڪيترائي ڀيرا وڪامجندا رهيا ۽ مختلف ماڻهن جي غلاميءَ ۾ رهيا. ائين هي مديني پهتا ڪجهہ ڏينهن تائين عيسائي بڻجي رهيا ۽ يهودين سان بہ ملندا رهيا ائين انهن کي توريت ۽ انجيل جي ڪافي معلومات حاصل ٿي وئي هئي.[1] هي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا تہ پهرين ڏينهن تازين ڪتلن جو هڪ ٿالهہ خدمتِ اقدس ۾ ”صدقي“ طور پيش ڪيو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ هِن کي اسان وٽان ڪٽي فقيرن ۽ مسڪينن کي ڏئي ڇڏيو ڇو تہ آئون صدقو ناهيان کائيندو. وري ٻئي ڏينهن ڪتلن جو ٿالهہ ڪٽي پهتا ۽ اڳيان رکي چيو تہ هي ”هديو“ آهي تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابن کي هٿ وڌائڻ جو اشارو فرمايو ۽ پاڻ بہ کاڌائون. ان دوران حضرت سلمان فارسي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ نظر وڌي تہ ”نبوت جي مهر“ کي ڏسي ورتو جئين تہ اُهي توريت ۽ انجيل ۾ نبي

---

[1] الطبقات الكبريٰ لابن سعد، سلمان الفارسي، ج 4، ص 56-59 مخلصاً.

آخر الزمان جون نشانيون پڙهي چڪا هئا ان ڪري فورًا ئي اسلام قبول ڪري ورتائون.[1] (مدارج جلد 2 ،ص 71 وغيره)

## نمازن جي رڪعتن ۾ اضافو

هن وقت تائين فرض نمازن ۾ صرف ٻه ئي رڪعتون هيون پر هجرت جي پهرين سال جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مديني شريف تشريف فرما ٿيا تہ ظهر، عصر ۽ عشاء ۾ چار چار رڪعتون فرض ٿي ويون پر سفر جي حالت ۾ هاڻي بہ اُهي ئي ٻہ رڪعتون قائم رهيون انهيءَ ڪي سفر جي حالت ۾ نمازن ۾ ”قصر“ چوندا آهن.[2] (مدارج جلد 2، ص 71)

## ٽن جان نثارن جي وفات

ان سال حضرات صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم مان ٽن تمام شاندار ۽ جان نثار اصحابن وفات ڪئي جيڪي حقيقت ۾ اسلام جا سچا جان نثار ۽ تمام گهڻا مددگار هئا.

**پهريون:** حضرت ڪلثوم بن هدم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هي اُهي خوش نصيب مديني جا رهڻ وارا انصاري آهن جو جڏهن حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هجرت فرمائي ”قبا“ ۾ تشريف فرما ٿيا تہ سڀ کان پهرين هنن جي گهر ۾ ترسيا ۽ وڏا وڏا مهاجر صحابي بہ هنن جي گهر ۾ ترسيا هئا ۽ هنن ٻنهي جهانن جي ميزبان کي پنهنجي گهر ۾ مهمان بڻائي اهڙي تہ ميزباني ۽ مهمان نوازي

---

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب اول،ج 2، ص 70-71

[2] مدارج النبوت، قسم سوم، باب اول، ج 2، ص 71

ڪئي جو قيامت تائين تاريخِ رسالت جي صفحن تي انهن جو نالو ستارن وانگر چمڪندو رهندو.

**ٻيون:** حضرت براء بن معرور انصاري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هي اُهي شخص آهن جن "بيعت عقبہ ثانيہ" ۾ سڀ کان پهريان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دستِ حق تي بيعت ڪئي ۽ هي پنهنجي قبيلي "خزرج" جي اڳواڻن مان هئا.

**ٽيون:** حضرت اسعد بن زراره انصاري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هي بيعتِ عقبہ اوليٰ ۽ بيعتِ عقبہ ثانيہ ٻنهي بيعتن ۾ شامل رهيا ۽ هي پهريان شخص آهن جن مديني ۾ اسلام کي عام ڪيو ۽ گهر گهر ۾ اسلام جو پيغام پهچايو. جڏهن ذڪر ڪيل ٽنهي صحابين وفات فرمائي تہ منافقن ۽ يهودين ان تي خوشي ملهائي ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي طعنا ڏيڻ لڳا تہ جيڪڏهن هي پيغمبر هجن ها تہ الله تعالٰي انهن کي هي صدما ڇو پهچائي ها؟ خدا جو شان جو انهيءَ زماني ۾ ڪافرن جا ٻہ وڏا وڏا سردار ٻہ مري مردار ٿي ويا هڪ "عاص بن وائل سهمي" جيڪو حضرت عمرو بن العاص صحابي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فاتح مصر جو پيءُ هو. ٻيو "وليد بن مغيره" جيڪو حضرت خالد سيف الله صحابي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو پيءُ هو.[1]

روايت آهي تہ "وليد بن مغيره" مرڻ وقت تمام گهڻو بي چين ٿي تڙپڻ ۽ بي قرار ٿي روئڻ لڳو تہ ابو جهل پڇيو تہ چاچا آخر تنهنجي بيقراري جو سبب ڇا آهي تہ "وليد بن مغيره" چيو تہ منهنجا پائٽيا! آئون انڪري ايتري بيقراري سان روئي رهيو آهيان تہ

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب اول، ج 2، ص 73 ملخصاً

مون کي هاڻ اهو ڊپ آهي تہ مون کان پوءِ مڪي ۾ محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو دين پڪڙجي ويندو. اهو ٻُڌي ابو سفيان دلاسو ڏنو ۽ چيو تہ چاچا! توهان بِلڪل ان جو غم نہ ڪريو آئون ضمانت ڏيان ٿو تہ آئون دينِ اسلام کي مڪي ۾ پڪڙجڻ نہ ڏيندس.[1] ۽ پوءِ ابو سفيان پنهنجي ان واعدي تي ائين قائم رهيو جو مڪو فتح ٿيڻ تائين اُهي مسلسل اسلام جي خلاف جنگ ڪندا رهيا پر مڪو فتح ٿيڻ جي ڏينهن ابو سفيان اسلام قبول ڪري ورتو ۽ پوءِ اهڙا تہ سچا مسلمان ٿي ويا جو اسلام جي نصرت ۽ حمايت جي لاءِ پوري زندگي جهاد ڪندا رهيا ۽ انهن ئي جهادن ۾ ڪافرن جي تيرن سان انهن جون اکيون زخمي ٿي ويون ۽ نظر ختم ٿي وئي. هي اُهي ئي حضرت ابو سفيان رَضِیَ اللهُ عَنْهُ آهن جن جا سعادتمند پٽ حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ آهن. (مدارج النبوة ج 2، ص 73 وغيره)

انهيءَ سال سنہ 1 ھ ۾ حضرت عبد الله بن زبير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي ولادت ٿي. هجرت کان پوءِ مهاجرن وٽ سڀ کان پهريان جيڪو ٻار پيدا ٿيو اُهي حضرت عبد الله بن زبير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ آهن. انهن جي والده حضرت بيبي اسماء جيڪي حضرت ابو بڪر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جون صاحبزاديون آهن، پيدا ٿيندي ئي انهن کي کڻي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيون. حضور سيدِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي پنهنجي هنج ۾ ويهاريو ۽ کجور چٻاڙي انهن جي وات ۾ وجهي ڇڏي. اهڙي طرح سڀ کان پهرين غذا جيڪا انهن جي پيٽ ۾ پهتي اها حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو لُعابِ دهن هو. حضرت عبد الله بن زبير رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا جي پيدائش سان مسلمانن

[1] مدارج النبوت قسم سوم، باب اول، ج 2، ص 73

کي تمام گهڻي خوشي ٿي انڪري جو مديني جا يهودي چوندا هئا تہ اسان مهاجرن تي اهڙو جادو ڪري ڇڏيو آهي جو انهن کي ڪو بہ ٻار پيدا نہ ٿيندو.[1] (زرقاني ج 1، ص 460 واڪمال)

## باب ستون:

# هجرت جو ٻيو سال: سنہ 2 ھ

سن 1 ھ هجري وانگر سن 2 ھ ۾ بہ ڪيئي اهم واقعا وقوع پذير ٿيا جن مان ڪجهہ وڏا وڏا واقعا هي آهن:

## قبلي جي تبديلي

جيسيتائين حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مڪي ۾ رهيا خانہ ڪعبہ جي طرف منهن ڪري نماز پڙهندا رهيا پر هجرت ڪانپوءِ جڏهن پاڻ مديني منوّره تشريف ڪٽي آيا تہ خداوند تعالٰي جو اهو حڪم ٿيو تہ توهان پنهنجي نمازن ۾ ”بيت المقدس“ کي پنهنجو قبلو بڻايو تنهنڪري پاڻ سورهن يا سترهن مهينن تائين بيت المقدس جي طرف مُنهن ڪري نماز پڙهندا رهيا پر پاڻ ڪريم (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن جي دلي تمنا اها ئي هئي تہ ڪعبي کي ئي قبلو بڻايو وڃي جئين پاڻ اڪثر آسمان جي طرف چهرو ڪٽي ڪري وحيءِ اِلٰهي جو انتظار ڪندا رهيا ايتري تائين جو هڪ ڏينهن الله تعالٰي پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قلبي آرزو پوري فرمائڻ جي لاءِ قرآن جي هي آيت نازل فرمائي ڇڏي تہ

---

[1] اكمال في اسماء الرجال لصاحب المشكوٰة، حرف العين، ص604 والسيرة الحلبية، باب هجرة الي المدينة، ج 2، ص 110.

قَدْ نَرٰى تَقَلُّبَ وَجْهِكَ فِي السَّمَآءِ ۚ فَلَنُوَلِّيَنَّكَ قِبْلَةً تَرْضٰهَا ۪ فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ؕ[1]

(بقره)

ترجمو كنز الايمان: اسان ڏسي رهيا آهيون هر هر توهان جو آسمان ڏانهن منهن ڪرڻ پوءِ اسان ضرور اوهان کي ڦيرينداسين ان قبلي ڏانهن جنهن ۾ توهان جي خوشي آهي تہ هاڻي ئي توهان ڦيري ڇڏيو پنهنجو منهن مسجدِ حرام جي طرف.

جيئن تہ حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قبيلي بني سلمہ جي مسجد ۾ ظهر جي نماز پڙهائي رهيا هئا تہ نماز ۾ ئي اها وحي نازل ٿي ۽ نماز ۾ ئي پاڻ بيت المقدس کان مڙي خانہ ڪعبہ جي طرف پنهنجو چهرو ڪري ڇڏيو ۽ تمام مقتدين بہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيروي ڪئي ان مسجد کي جتي هي واقعو پيش آيو "مسجد القبلتين" چوندا آهن اڄ بہ هيءَ تاريخي مسجد خاص ۽ عام جي لاءِ زيارت گاهہ بڻيل آهي جيڪا مديني شهر کان تقريباً ٻہ ڪلو ميٽر پري اتر اولهہ طرف واقع آهي.

ان قبلي بدلائڻ کي "تحويل قبلا" چوندا آهن **تحويل** قبلا سان يهودين کي سخت تڪليف پهتي جيستائين حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيت المقدس جي طرف منهن ڪري نماز پڙهندا رهيا تہ يهودي تمام گهڻا خوش ٿيا ۽ فخر سان چوندا هئا تہ محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ اسان جي قبلي جي طرف منهن ڪري عبادت ڪندا آهن پر جڏهن قبلو بدلجي ويو تہ يهودي ڪاوڙيا ۽ ناراض ٿي ويا ۽ اهو طعنو ڏيڻ لڳا تہ محمّد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيئن تہ هر ڳالهہ ۾

[1] پ 2، البقره:144

اسان جي مخالفت ڪندا آهن انڪري انهن اسان جي مخالفت ۾ قبلو بدلائي ڇڏيو آهي. اهڙي طرح منافقن جو ٽولو به طرح طرح جي نڪته چيني ۽ قسم قسم جا اعتراضات ڪرڻ لڳو ته انهن ٻنهي گروهن جي زبان بند ڪرڻ ۽ بڪواس روڪڻ جي لاءِ خداوند ڪريم هي آيتون نازل فرمايون.

سَيَقُوْلُ السُّفَهَآءُ مِنَ النَّاسِ مَا وَلّٰىهُمْ عَنْ قِبْلَتِهِمُ الَّتِیْ كَانُوْا عَلَیْهَا ؕ قُلْ لِّلّٰهِ الْمَشْرِقُ وَ الْمَغْرِبُ ؕ یَهْدِیْ مَنْ یَّشَآءُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِیْمٍ ﴿۱۴۲﴾[1]

ترجمو ڪنز الايمان: هاڻي چوندا بيوقوف ماڻهن مان ته ڪنهن ڦيري ڇڏيو مسلمانن کي سندن انهيءَ قبلي کان، جنهن تي اُهي هئا. اوهان فرمايو ته اوير ۽ اولهه سڀ الله جو ئي آهي، اهو جنهن کي چاهي سڌي رستي تي هلائي ٿو.

وَمَا جَعَلْنَا الْقِبْلَةَ الَّتِیْ كُنْتَ عَلَیْهَاۤ اِلَّا لِنَعْلَمَ مَنْ یَّتَّبِعُ الرَّسُوْلَ مِمَّنْ یَّنْقَلِبُ عَلٰى عَقِبَیْهِ ؕ وَ اِنْ كَانَتْ لَكَبِیْرَةً اِلَّا عَلَى الَّذِیْنَ هَدَى اللّٰهُ ؕ[2]

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ (اي محبوب) توهان پهريان جنهن قبلي تي هئا، اسان اهو هن ڪري مقرر ڪيو هو، جو ڏسون، ڪير رسول جي پيروي ڪري ٿو ۽ ڪير پوئين پير ڦري ٿو وڃي ۽ بيشڪ اها وڏي ڳري ڳالهه هئي پر انهن تي جن کي الله هدايت ڏئي ڇڏي (انهن لاءِ ڪا وڏي ڳالهه ناهي).

پهرين آيت ۾ يهودين جي اعتراض جو جواب ڏنو ويو آهي ته خدا جي عبادت ۾ قبلي جو ڪو خاص طرف ضروري نه آهي ان جي عبادت جي لاءِ اوير، اولهه، اتر، ڏکڻ سيئي طرف برابر آهن الله

[1] پ 2، البقره: 142
[2] پ 2، البقره 143

تعاليٰ جنهن طرف کي چاهي پنهنجي ٻانهن لاءِ قبلو مقرر ڪري ڇڏي تنهنڪري ان تي ڪنهن کي اعتراض ڪرڻ جو ڪو به حق نہ آهي ٻي آيت ۾ منافقن جي زبان بند ڪئي وئي آهي جيڪي قبلي جي تبديليءَ کان پوءِ هر طرف اهو مشهور ڪرڻ لڳا هئا تہ پيغمبرِ اسلام تہ پنهنجي دين جي باري ۾ پاڻ ئي شڪ ۾ پئجي ويا آهن ڪڏهن بيت المقدس کي قبلو مڃن ٿا ڪڏهن چون ٿا تہ ڪعبو قبلو آهي. هن آيت ۾ تحويل قبلا جي حڪمت ٻڌائي وئي آهي تہ منافق جيڪي محض نمائشي مسلمان ٻڌجي نمازون پڙهندا هئا اهي قبلي جي بدلجڻ سان ئي بدلجي ويا ۽ اسلام کان ڦري ويا اهڙي طرح ظاهر ٿي ويو تہ ڪير صادق الايمان آهي ۽ ڪير منافق آهي ۽ ڪير رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيروي ڪرڻ وارو آهي ۽ ڪير دين کان ڦري وڃڻ وارو[1].

(تفسير وسيرت جا عام ڪتاب)

## جنگين جو سلسلو

هن وقت تائين حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خدا عزّوجلّ جي طرف کان صرف هي حڪم هو تہ دلائل ۽ سهڻي نصيحت جي ذريعي ماڻهن کي اسلام جي دعوت ڏيندا رهو ۽ مسلمانن کي ڪافرن جي ايذائڻ تي صبر ڪرڻ جو حڪم هو ان ڪري ڪافرن مسلمانن تي وڏا وڏا ظلم ۽ ستم جا پهاڙ ڪيرايا پر مسلمانن انتقام جي لاءِ ڪڏهن به هٿيار نہ کنيو بلڪ هميشہ صبر ۽ تحمل سان ڪافرن جي ايذائن ۽ تڪليفن کي برداشت

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، تحويل القبلة ....الخ، ج 2، ص246، 249، 250 ومدارج النبوت، قسم سوم، باب دوم، ج 2، ص 73 ملخصاً.

ڪندا رهيا پر هجرت ڪانپوءِ جڏهن سڄو عرب ۽ يهودي تعداد ۾ ٿورن مسلمانن جا جاني دشمن ٿي پيا ۽ مسلمانن کي ختم ڪرڻ جو عزم ڪري ڇڏيو تہ خداوند قدوس مسلمانن کي اها اجازت ڏني تہ جيڪي ماڻهو توهان سان جنگ جي شروعات ڪن انهن سان توهان بہ وڙهي سگهو ٿا.

اهڙي طرح 12 صفر سنہ 2 ھ تاريخ اسلام ۾ اهو يادگار ڏينهن آهي جنهن ۾ خداوند ڪريم مسلمانن کي ڪافرن جي مقابلي ۾ تلوار کڻڻ جي اجازت ڏني ۽ هي آيت نازل فرمائي تہ،

اُذِنَ لِلَّذِيْنَ يُقٰتَلُوْنَ بِاَنَّهُمْ ظُلِمُوْا ؕ وَ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى نَصْرِهِمْ لَقَدِيْرُ ۙ﴿۳۹﴾[1]

ترجمو ڪنز الايمان: جن سان ويڙهه ڪئي وڃي ٿي (مسلمان) انهن کي بہ هاڻي وڙهڻ جي اجازت ڏني وڃي ٿي اِن ڪري جو (مسلمان) مظلوم آهن ۽ خدا انهن جي مدد ڪرڻ تي ضرور قادر آهي.

حضرت امام محمد بن شهاب زهري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو قول آهي تہ جهاد جي اجازت جي باري ۾ هي ئي اها آيت آهي جيڪا سڀ کان پهرين نازل ٿي[2]. پر تفسير ابن جرير ۾ آهي تہ جهاد جي باري ۾ سڀ کان پهرين جيڪا آيت لٿي اها هي آهي.

وَقَاتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ الَّذِيْنَ يُقَاتِلُوْنَكُمْ[3] (بقره)

ترجمو ڪنز الايمان: خدا جي راهہ ۾ انهن ماڻهن سان وڙهو جيڪي توهان سان وڙهن ٿا.

---

[1] پ 17. الحج: 39

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، كتاب المغازي، ج 2، ص 218

[3] تفسير الطبري لابن جرير، پ 2، البقرة تحت الآية: 19، ج 2، ص 195 و شرح الزرقاني علي المواهب، كتاب المغازي، ج 2، ص 218

بهرحال سنه 2 هـ ۾ مسلمانن کي خداوند تعالٰي ڪافرن سان وڙهڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي پر ابتداء ۾ اها اجازت مشروط هئي يعني صرف انهن ڪافرن سان جنگ ڪرڻ جي اجازت هئي جيڪي مسلمانن تي حملو ڪن مسلمانن کي اجان تائين اها اجازت نه ملي هئي ته هو جنگ ۾ پنهنجي طرف کان اڳرائي ڪن پر حق واضح ٿيڻ ۽ باطل ظاهر ٿيڻ کان پوءِ جيئن ته تبليغ حق ۽ احڪامِ اِلٰهي جي نشر واشاعت حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي فرض هئي ان ڪري انهن تمام ڪافرن سان جيڪي بغض طور حق قبول ڪرڻ کان انڪار ڪندا هئا جهاد جو حڪم نازل ٿي ويو.

چاهي اهي مسلمانن سان اڳرائي ڪن يا نه ڪن ڇو ته حق جي ظاهر ٿيڻ کانپوءِ حق کي قبول ڪرڻ جي لاءِ مجبور ڪرڻ ۽ باطل کي زوري ختم ڪرائڻ عين حڪمت ۽ بني نوع انسان جي اصلاح ۽ فلاح جي لاءِ تمام ضروري هو. بهرحال ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته هجرت کان پوءِ جيتريون به لڙايون ٿيون جيڪڏهن پوري ماحول تي گهري نگاهه وڌي وڃي ته اهوئي ظاهر ٿيندو ته اهي سڀ جنگيون ڪافرن جي طرف کان مسلمانن جي مٿان مڙهيون ويون ۽ غريب مسلمانن مجبور ٿي تلوارون کنيون مثال طور هيٺ ڏنل ڪجهه واقعن تي ٿوري تنقيدي نگاهه سان نظر وجهو.

(1) حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن جا اصحابِ ڪِرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم پنهنجو سڀ ڪجهه مڪي ۾ ڇڏي انتهائي بيوسيءَ جي حالت ۾ مديني هليا آيا هئا ٿيڻ ته ائين گهرجي ها ته مڪي جا

ڪافر اطمينان سان ويهي رهن ها جو انهن جا دشمن يعني رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ مسلمان انهن جي شهر مان نڪري ويا پر ٿيو هيئن جو انهن جي غيظ ۽ غضب ۾ ويتر واڌارو اچي ويو ۽ هاڻي هي ماڻهو اهلِ مدينہ جا بہ دشمن بڻجي ويا جيئن تہ هجرت ڪان ڪجهہ ڏينهن پوءِ مڪي جي ڪافرن انصارين جي رئيس ”عبد الله بن ابي“ وٽ ڏمڪين سان پريل هڪ خط موڪليو. ”عبد الله بن ابي“ اهو شخص آهي جو هجرت ڪان پهريان تمام مديني وارن ان کي پنهنجو بادشاهہ مڃي ان جي تاج پوشي جي تياري ڪري ڇڏي هئي پر حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مديني تشريف آڻڻ کانپوءِ هي اسڪيم ختم ٿي وئي تنهنڪري انهيءَ غم ۽ ڪاوڙ ۾ عبد الله بن اُبي سڄي عمر منافقن جو سردار بڻجي اسلام جون پاڙون کوٽيندو رهيو ۽ اسلام ۽ مسلمانن جي خلاف طرح طرح جي سازشن ۾ مصروف رهيو.[1] (بخاري باب التسليم في مجلس فيه اخلاط ج 2، ص 924)

بهرحال مڪي جي ڪافرن ان دشمنِ اسلام جي نالي جيڪو خط لکيو ان جا الفاظ هي آهن تہ توهان اسان جي ماڻهوءَ (محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي پاڻ وٽ پناهہ ڏني آهي اسان خدا جو قسم کڻي ڪري چئون ٿا تہ يا توهان ان کي قتل ڪري ڇڏيو يا مديني مان ڪڍي ڇڏيو نہ تہ اسان سيئي توهان تي حملو ڪنداسين ۽ توهان جي سيني ويڙهاڪو نوجوانن کي قتل ڪري توهان جي عورتن تي قبضو ڪنداسين.[2] (ابو داود ج 2، ص 67 باب في خبر النفير)

---

[1] السيرت النبوة لابن هشام، نبذ من ذكر المنافقين، ص 240 وسنن ابي داود، كتاب الخراج والفي .....الخ، باب في خبر النفير، الحديث:3004، ج 3، ص 212.

[2] سنن ابي داود، كتاب الخراج والفي .....الخ، باب في خبر النفير، الحديث:3004، ج 3، ص 212

جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي مڪي جي ڪافرن جي ان ڏمڪي آميز ۽ خوفناڪ خط جي خبر پئي تہ پاڻ عبد الله بن اُبي سان ملاقات فرمائي ۽ ارشاد فرمايو تہ ڇا توهان پنهنجي ڀائرن ۽ پُٽن کي قتل ڪندؤ ڇو تہ اڪثر انصار دامنِ اسلام ۾ اچي چڪا هئا انڪري عبد الله بن اُبي ان نُڪتي کي سمجهي ورتو ۽ ڪفارِ مڪہ جي حڪم تي عمل نہ ڪري سگهيو.

(2) ٺيڪ انهن ڏينهن ۾ حضرت سعد بن معاذ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جيڪي قبيلي اوس جا سردار هئا عمرو ادا ڪرڻ لاءِ مديني کان مڪي ويا ۽ پراڻن تعلقن جي بنياد تي ”اُميّہ بن خلف“ جي گهر قيام ڪيائون جڏهن اُميّہ ٺيڪ ٻيپهريءَ جي وقت ان کي وٺي ڪعبي جي طواف جي لاءِ ويو تہ اتفاق سان ابو جهل سامهون اچي ويو ۽ دڙڪا ڏيندي چيو تہ اي اُميّہ! هي توسان گڏ ڪير آهي؟ اُميّہ چيو تہ هي مديني جا رهڻ وارا ”سعد بن معاذ“ آهن اهو ٻڌي ابو جهل تڙپي ڪري چيو توهان ماڻهن بي دينن (محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ صحابہ) کي پاڻ وٽ پناهہ ڏني آهي خدا جو قسم! جيڪڏهن تون اُميّہ سان گڏ نہ هجين ها تہ بچي واپس نہ وڃين سگهين ها حضرت سعد بن معاذ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بہ انتهائي جرئت ۽ دليري سان هي جواب ڏنو تہ جيڪڏهن توهان اسان کي ڪعبي جي زيارت کان روڪيو تہ اسان اوهان جي ملڪِ شام جي تجارت جو رستو روڪي ڇڏيندا سين.[1]

(بخاري ڪتاب المغازي ج 2، ص 563)

(3) مڪي جي ڪافرن صرف انهن ڏمڪين تي بس نہ ڪئي

[1] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب ذكر النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم من يقتل ببدر الحديث: 3950، ج 3،ص 3.

پر هو مديني تي حملي جون تياريون ڪرڻ لڳا ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ مسلمانن جي قتل عام جو منصوبو ناهڻ لڳا تنهنڪري حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم راتين جو جاڳي گذاريندا هئا ۽ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم سندن مٿان پهرو ڏيندا هئا مڪي جي ڪافرن سڄي عرب تي پنهنجي طاقت سان تمام قبيلن ۾ اها باهه پڙڪائي ڇڏي هئي تہ مديني تي حملو ڪري مسلمانن کي دنيا مان تباهه ۽ برباد ڪرڻ لازمي آهي.

مٿي ڏنل ٿنهي سببن جي موجودگي ۾ هر عقلمند کي اهو چوڻو ئي پوندو تہ انهن حالتن ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي حفاظت اختيار ڪرڻ جي لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ تدبير ڪرڻ ضروري ئي هئي تہ جيئن انصارن، مهاجرن ۽ خود پنهنجي زندگي جي بقا ۽ سلامتي جو سامان ٿي وڃي تنهنڪري مڪي جي ڪافرن جي خطرناڪ ارادن جو علم ٿيڻ کانپوءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ۽ صحابہ جي حفاظت جي لاءِ ٻن تدبيرن تي عمل ڪرڻ جو فيصلو فرمايو.

**پهريون:-** هي تہ مڪي جي ڪافرن جي شامي تجارت جنهن تي انهن جي زندگي جو دارومدار آهي ان ۾ رڪاوٽ وڌي وڃي جيئن هو مديني تي حملي جو خيال ڇڏي ڏين ۽ ناهہ تي مجبور ٿي وڃن.

**ٻيو:-** مديني جي ڀر پاسي ۾ جيڪي قبيلا آباد آهن انهن سان امن ۽ امان جو معاهدو ٿي وڃي جيئن ڪفار مڪہ مديني تي حملي جي نيت نہ ڪري سگهن. تنهنڪري حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن ٻنهي تدبيرن کي سامهون رکندي صحابہ ڪرام

(عَلَيهِمُ الرِّضْوَان) جي ننڍن ننڍن لشڪرن کي مديني جي پرپاسي موڪلڻ شروع ڪري ڇڏيو ۽ ڪنهن ڪنهن لشڪر سان گڏ پاڻ بہ تشريف وني ويا. صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جا هي ننڍا ننڍا لشڪر ڪڏهن ڪفارِ مڪّہ جي چال چلت جي خبر ونڻ لاءِ ويندا هئا ۽ ڪڏهن ڪجهہ قبيلن سان امن ۽ امان جو معاهدو ڪرڻ جي لاءِ روانہ ٿيندا هئا، ڪٿي ان مقصد جي لاءِ بہ ويندا هئا تہ ڪفارِ مڪہ جي شامي تجارت جو رستو بند ٿي وڃي انهيءَ سلسلي ۾ ڪفارِ مڪہ ۽ ان جي مددگارن سان مسلمانن جو ٽڪراءُ شروع ٿيو ۽ ننڍين وڏين لڙائين جو سلسلو شروع ٿي ويو انهن لڙائين کي تاريخ اسلام ۾ ”غزوات ۽ سرايا“ جي عنوان سان بيان ڪيو ويو آهي.

## غزوات ۽ سريّہ ۾ فرق

هتي سيرت جي مصنفن جي اها اصطلاح ياد رکڻ ضروري آهي تہ اهو جنگي لشڪر جنهن سان گڏ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ تشريف وني ويا ان کي ”غزوہ“ چون ٿا ۽ اهي لشڪرن جون ٽوليون جن ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شامل نہ هئا ان کي ”سريّہ“ چوندا آهن.[1] (مدارج النبوت ج 2، ص 76 وغيره)

”غزوات“ يعني جن جن لشڪرن ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شريڪ ٿيا انهن جي تعداد ۾ مؤرخن جو اختلاف آهي ”مواهب لدنيہ“ ۾ ”غزوات“ جي تعداد ”ستاويهہ“ (27) آهي جڏهن تہ روضة الاحباب ۾ هي لکيل آهي تہ ”غزوات“ جي تعداد هڪ قول جي

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب دوم، ج 2، ص 76 وشرح الزرقاني علي المواهب كتاب المغازي، ج 2، ص 219-220

مطابق ”ايڪويهه“ (21) آهي، ڪن جي مطابق ”چوويهه“ آهي، ڪن جو چوڻ آهي تہ ”پنجويهه“ ۽ ڪجهہ مؤرخن ”چويهه“ لکيو آهي.[1]

(زرقاني علي المواهب ج 1، ص 388)

پر حضرت امام بخاري حضرت زيد بن ارقم صحابي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان جيڪا روايت تحرير ڪئي آهي ان ۾ غزوات جو مڪمل تعداد ”اوڻويهه“ ٻڌايو ويو آهي.[2] انهن مان جن نَوَن غزوات ۾ جنگ بہ ٿي اهي هي آهن (1) جنگ بدر (2) جنگ اُحد (3) جنگ احزاب (4) جنگ بنو قريظه (5) جنگ بنو المصطلق (6) جنگ خيبر (7) فتح مڪہ (8) جنگ حنين (9) جنگ طائف.[3]

”سرايہ“ يعني جن لشڪرن سان گڏ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف وني نہ ويا انهن جو تعداد ڪجهہ مؤرخن جي ويجهو ”ستيتاليهه“ ۽ ڪجهہ جي ويجهو ”چاونجاهه“ آهي.

امام بخاري محمد بن اسحٰق کان روايت ڪئي آهي تہ سڀ کان پهريون غزوه ”ابواء“ ۽ سڀ کان آخري غزوه ”تبوڪ“ آهي سيني کان پهريون ”سريہ“ جيڪي مديني کان جنگ جي لاءِ روانو ٿيو اهو ”سريہ حمزه“ آهي جنهن جو ذڪر اڳتي اچي ٿو.[4]

## غزوات ۽ سرايا

هجرت کان پوءِ جو اڪثر عرصو ”غزوات ۽ سرايا“ جي

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، كتاب المغازي، ج 2، ص 220

[2] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب غزوة العشيرة ....الخ، الحديث:3949، ج3، ص3.

[3] شرح الزرقاني علي المواهب، كتاب المغازي، ج 2،ص 221

[4] شرح الزرقاني علي المواهب، كتاب المغازي، ج 2، ص 221، 229، 224 ملتقطاً

اهتمام ۽ انتظام ۾ گذريو انڪري جو جيڪڏهن ”غزوات“ جو گهٽ ۾ گهٽ تعداد جيڪو روايتن ۾ آيو آهي يعني ”اٺويهه“ ۽ سرايا جو گهٽ ۾گهٽ تعداد جيڪو روايتن ۾ آهي يعني ”ستيتاليهه“ شمار ڪيو وڃي تہ نون سالن ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ننڍين وڏين ”ڇاهٺ“ جنگين کي منهن ڏيڻو پيو تنهنڪري ”غزوات ۽ سرايا“ جو عنوان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سيرت مقدسہ جو تمام ئي عظيم الشان حصو آهي ۽ بحمده تعاليٰ انهن تمام غزوات ۽ سرايا ۽ انهن جي محرڪات ۽ سببن جو پورو پورو احوال اسلامي تاريخن ۾ محفوظ آهي، پر هي ايترو تہ وسيع عنوان آهي جو منهنجي هن ڪتاب جو تنگ دامن انهن سيني مضمونن کي سميٽڻ کان بلڪل قاصر آهي پر وڏي مشڪل اها آهي تہ جيڪڏهن آئون بلڪل ئي انهن مضمونن کي ڇڏي ڏيان تہ يقيناً ”سيرت رسول“ جو مضمون بلڪل ئي ناقص ۽ نامڪمل رهجي ويندو ان ڪري مختصر طور ڪجهہ مشهور غزوات جو هتي ذڪر ڪرڻ تمام ضروري آهي تہ جيئن سيرتِ مقدّسہ جو هي اهم باب بہ ناظرين جي لاءِ وٽندڙ ٿي وڃي.

## سريہ حمزه

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هجرت کان پوءِ جڏهن جهاد جي آيت نازل ٿي وئي تہ سڀ کان پهريون جيڪو هڪ ننڍو لشڪر ڪافرن جي مقابلي جي لاءِ روانو فرمايو ان جو نالو ”سريہ حمزه“ آهي. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي چاچي حضرت حمزه بن عبد المطلب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي هڪ سفيد جهنڊو عطا فرمايو ۽ ان جهنڊي جي هيٺ صرف 30 مهاجرن کي هڪ ڪافرن جي

لشڪر جي مقابلي لاءِ موڪليو جيڪي ٽي سؤ (300) جي تعداد ۾ هئا ابو جهل انهن جو سپهه سالار هو. حضرت حمزه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ "سيف البحر" تائين پهتا ۽ ٻنهي طرفن کان جنگ جي لاءِ صف بندي ٻه ٽي وئي پر هڪ شخص مجدي بن عمرو جهني جيڪو ٻنهي فريقن جو مددگار هو وچ ۾ پئجي لڙائي روڪرائي ڇڏي.[1]

(مدارج جلد 2، ص 78 وزرقاني ج 1، ص 390)

## سريه عبيده بن حارث

انهيءَ سال ست يا اسي مهاجرن سان گڏ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت عبيده بن الحارث رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي اڇي جهنڊي سان گڏ امير بڻائي "رابغ" جي طرف روانو فرمايو ان سريه جا علمبردار حضرت مسطح بن اثاثه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هئا جڏهن هي لشڪر "ثنيهِ مره" جي مقام تي پهتو تہ ابو سفيان ۽ ابو جهل جي پٽ عڪرمہ جي اڳواڻيءَ ۾ ٻہ سئو ڪفارِ قريش جمع هئا ٻئي لشڪر آمهون سامهون ٿيا حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ڪافرن تي تير اڇليو هي سڀ کان پهريون تير هو جيڪو مسلمانن جي طرف کان ڪفارِ مڪہ تي هلايو ويو. حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ڪل اٺ تير هلايا ۽ هر تير ٺيڪ نشاني تي لڳو ڪافر تيرن جي مار کان گهبرائجي ڀڄي ويا انڪري ڪا ٻہ جنگ نہ ٿي.[2] (مدارج، جلد2، ص78 وزرقاني ج1، ص392)

---

[1] المواهب اللدنية والزرقاني، بعث حمزة، ج 2، ص 224 و مدارج النبوة، قسم سوم باب دوم، ج 2، ص 78

[2] مدارج النبوة، قسم سوم، باب دوم، ج 2، ص78، والمواهب اللدنية والزرقاني سرية عبيدة المطلبي، ج2، ص226-227

## سريہ سعد بن ابي وقاص

انهيءَ سال ذوالقعده جي مهيني ۾ حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي ويهن سوارن سان گڏ حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان مقصد سان موڪليو تہ هي ماڻهو ڪفار قريش جي هڪ لشڪر جو رستو روڪين ان سريہ جو جهنڊو بہ اڇي رنگ جو هو ۽ حضرت مقداد بن اسود رَضِيَ اللهُ عَنْهُ انهيءَ لشڪر جا علمبردار هئا هي لشڪر راتو رات سفر ڪندي جڏهن پنجين ڏينهن مقامِ ”خرار“ پهتو تہ خبر پئي تہ ڪفار مڪہ هڪ ڏينهن اڳ ئي پڄي ويا آهن انڪري ڪنهن بہ ٽڪراءَ جي نوبت ئي نہ آئي.[1] (زرقاني علي المواهب ج1، ص392)

## غزوه ابواء

ان غزوه کي ”غزوه ودان“ بہ چوندا آهن هي سڀ کان پهريون غزوه آهي يعني پهريون دفعو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جهاد جي ارادي سان سنہ 2 ھ صفر مهيني ۾ سٺ مهاجرن کي پاڻ سان گڏ ونئي مديني کان ٻاهر نڪتا حضرت سعد بن عباده رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي مديني ۾ پنهنجو خليفو بڻايو ۽ حضرت حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي جهنڊو ڏنو ۽ مقامِ ”ابواء“ تائين ڪافرن جو پيڇو ڪندي تشريف ونئي ويا پر مڪي جا ڪافر فرار ٿي چڪا هئا ان ڪري ڪا بہ جنگ نہ ٿي. ”ابواء“ مديني کان اسي ميل پري هڪ ڳوٺ آهي جتي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي والده ماجده حضرت آمنہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي مزار آهي هتي ڪجهہ ڏينهن ترسي قبيلي بنو ضمره جي سردار ”مخشي بن عمرو ضمري“ سان امدادِ باهمي جو هڪ تحريري

---

[1] المواهب اللدنية و الزرقاني، سرية سعد بن مالك رَضِيَ اللهُ عَنْهُ، ج 2، ص 228-229

معاهدو ڪيو ۽ مديني واپس تشريف ڪٽي آيا ان غزوه ۾ پندرهن ڏينهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مديني کان ٻاهر رهيا.[1]

(زرقاني علي المواهب ج 1، ص 393)

## غزوه بواط

هجرت جي تيرهين مهيني سن 2 هه ۾ مديني تي حضرت سعد بن معاذ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي حاڪم بڻائي ۽ سئو مهاجرن کي ساڻ وٺي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جهاد جي نيت سان روانه ٿيا ان غزوه جو جهنڊو به اڇو هو ۽ علمبردار حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هو ان غزوه جو مقصد مڪي جي ڪافرن جي هڪ تجارتي قافلي جو رستو روڪڻ هو ان قافلي جو سالار "اميه بن خلف جمحي" هو ۽ ان قافلي ۾ هڪ سئو قريشي ڪافر ۽ اڍائي هزار اُٺ هئا. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان قافلي جي تلاش ۾ مقام "بواط" تائين تشريف وٺي ويا. پر ڪفارِ قريش ڪٿي به نه مليا انڪري حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بغير ڪنهن جنگ ڪرڻ جي مديني واپس تشريف ڪٽي آيا.[2]

(زرقاني علي المواهب ج 1، ص 393)

## غزوه سفوان

انهيءَ سال "ڪرز بن جابر فهري" مديني جي چراگاهه (جانورن جي چرڻ جي جاءِ) ۾ ڏاڙو هنيو ۽ ڪجهه اُنٺن کي هڪلي ڪاهي

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، اول المغازي، ج2، ص229، 230 والسيرة الحلبية، باب ذكر مغازيه، ج2، ص173، 174 ملتقطاً.

[2] المواهب اللدنية والزرقاني، غزوه بواط، ج 2، ص 231-232

ويو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت زيد بن حارثہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي مديني ۾ پنهنجو خليفو بڻايو ۽ حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي علمبردار بڻائي صحابہ جي هڪ جماعت سان گڏ وادي سفوان تائين ان ڏاڙيل جو پيڇو ڪيو پر هو ايترو تہ تيزي سان پڳو جو هٿ نہ آيو ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مديني واپس تشريف کڻي آيا وادئ سفوان "بدر" جي ويجهو آهي انڪري ڪجهہ مؤرخن ان غزوه جو نالو "غزوه بدرِ اولىٰ" (يعني بدر جو پهريون غزوه) رکيو آهي انڪري هي ياد رکڻ گهرجي تہ غزوه سفوان ۽ غزوه بدر اولىٰ ٻئي هڪ ئي غزوه جا ٻہ نالا آهن.[1] (مدارج جلد 2، ص 79)

## غزوه ذي العُشيره

انهيءَ ئي سن 2 ھ ۾ قريش جي ڪافرن جو هڪ قافلو مالِ تجارت کڻي مڪي کان شام وڃي رهيو هو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏيڍ سؤ يا ٻہ سؤ مهاجرن صحابہ کي ساڻ ڪري ان قافلي جو رستو روڪڻ جي لاءِ مقام "ذي العشيره" تائين تشريف وٺي ويا جيڪو "يَنْبُع" جي بندرگاهہ جي ويجهو آهي پر هتي، پهچي خبر پئي تہ قافلو تمام اڳتي نڪري ويو آهي انڪري ڪو بہ ٽڪراءُ نہ ٿيو پر اهوئي قافلو جڏهن شام کان واپس موٽيو ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي روڪڻ جي لاءِ نڪتا تہ جنگ بدر جو معرڪو پيش آيو جنهن جو مفصل ذڪر اڳتي ايندو.[2] (زرقاني ج 1 ص 395)

---

[1] مدارج النبوت، قسم سوم باب دوم ، ج 2، ص 79

[2] المواهب اللدنية والزرقاني، غزوة العشيرة، ج 2، ص 232-234

## سريہ عبد الله بن جحش

انهيءَ ئي سال رجب جي مهيني سنہ 2 ھ ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت عبد الله بن جحش رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي لشڪر جو امير بڻائي ان جي اڳواڻيءَ ۾ اٺ يا ٻارهن مهاجرن جو هڪ ٽولو روانو فرمايو ٻہ ٻہ ماڻهو هڪ هڪ اُٺ تي سوار هئا حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت عبد الله بن جحش رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي لفافي ۾ مهر لڳائي هڪ خط ڏنو ۽ فرمايو تہ ٻہ ڏينهن سفر ڪرڻ کانپوءِ هن لفافي کي کولي پڙهجان ۽ ان ۾ جيڪا هدايت لکيل آهي ان تي عمل ڪجانءِ جڏهن عبد الله بن جحش رَضِيَ اللهُ عَنْهُ خط کولي پڙهيو تہ ان ۾ هي لکيل هو توهان مڪي ۽ طائف جي وچ ۾ مقام "خُلا" ۾ رهي قريش جي قافلن تي نظر رکو ۽ صورتحال جي اسان کي برابر خبر ڏيندا رهو هي تمام وڏو خطرناڪ ڪم هو ڇو تہ دشمنن جي عين مرڪز ۾ قيام ڪري جاسوسي ڪرڻ جڻ موت جي منهن ۾ وڃڻ هو پر هي سڀ جان نثار بي ڏڙڪ مقامِ "خُلا" پهچي ويا. عجيب اتفاق جو رجب جي آخري تاريخ تي هي ماڻهو "خُلا" ۾ پهتا ۽ انهيءَ ئي ڏينهن قريشي ڪافرن جو هڪ تجارتي قافلو آيو جنهن ۾ عمرو بن الحضرمي ۽ عبد الله بن مغيره جا ٻہ ڇوڪرا عثمان ۽ نوفل ۽ حڪم بن ڪيسان وغيره هئا ۽ انن تي کجور ۽ ٻيو مال تجارت لڏيل هو.

اميرِ سريہ حضرت عبد الله بن جحش رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن پنهنجي ساٿين کي فرمايو تہ جيڪڏهن اسان هنن قافلي وارن کي ڇڏي ڏنو تہ هي ماڻهو مڪي پهچي اسان جي موجودگي جو مڪي وارن کي اطلاع ڏيندا ۽ اسان کي قتل يا گرفتار ڪرائي ڇڏيندا ۽

جيڪڏهن اسان هنن سان جنگ ڪريون ته اڄ رجب جي آخري تاريخ آهي تنهنڪري ماهِ حرام ۾ جنگ ڪرڻ جو گناهه اسان کي ٿيندو آخر اهو طئي ٿيو ته انهن ماڻهن سان جنگ ڪري پنهنجي جان جي خطري کي دفع ڪرڻ گهرجي، پوءِ حضرت واقد بن عبد الله تميمي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن نشانو وٺي هڪ اهڙو تير هنيو جو اهو عمرو بن الحضرمي کي لڳو ۽ هو انهيءَ تير سان قتل ٿي ويو ۽ عثمان ۽ حڪم کي هنن گرفتار ڪري ورتو ۽ نوفل ڀڄي ويو ۽ حضرت عبد الله بن جحش رَضِیَ اللهُ عَنْهُ انن ۽ انهن تي لڏيل مال ۽ اسباب کي مال غنيمت بڻائي ڪري مديني موٽي آيا ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ ان جو پنجون حصو پيش ڪيو.[1]

(زرقاني علي المواهب ج 1 ص 398)

جيڪي ماڻهو قتل يا گرفتار ٿيا اهي معزز خاندانن جا فرد هئا عمرو بن الحضرمي جيڪو قتل ٿيو اهو عبد الله حضرمي جو پٽ هو عمرو بن الحضرمي پهريون ڪافر هو جيڪو مسلمانن جي هٿان ماريو ويو جيڪي ماڻهو گرفتار ٿيا يعني عثمان ۽ حڪم، انهن مان عثمان ته مغيره جو پوٽو هو جيڪو قريش جو تمام وڏو رئيس ليکيو ويندو هو ۽ حڪم بن ڪيسان هشام بن مغيره جو آزاد ڪيل غلام هو انهيءَ ڪري هن واقعي قريش جي ڪافرن کي سخت ڪاوڙ تي اڀاريو ۽ خون جو بدلو خون وارو نعرو مڪي جي گهٽي گهٽي ۾ گونجڻ لڳو درحقيقت جنگ بدر جو معرڪو انهيءَ واقعي جو رد عمل آهي جيئن حضرت عروه بن زبير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي ته جنگ بدر ۽ سيئي جنگيون جيڪي قريشي ڪافرن سان ٿيون انهن سيني جو بنيادي سبب

[1] المواهب اللدنية والزرقاني، سرية امير المومنين عبد الله بن جحش، ج 2، ص 238

عمرو بن الحضرمي جو قتل آهي جنهن کي حضرت واقد بن عبد الله رَضِیَ اللهُ عَنْهُ تير هڻي قتل ڪري ڇڏيو هو.[1] (تاريخ طبري ص 1284)

## جنگ بدر

”بدر“ مديني منوره کان تقريبًا اسي ڪلو ميٽر جي فاصلي تي هڪ ڳوٺ جو نالو آهي جتي جاهليت جي زماني ۾ هر سال ميلو لڳندو هو هتي هڪ کوهه به هو جنهن جي مالڪ جو نالو ”بدر“ هو انهيءَ جي نالي تي هن جڳهه جو نالو ”بدر“ رکيو ويو انهيءَ جاءِ تي جنگ بدر جو اهو عظيم معرڪو ٿيو جنهن ۾ قريشي ڪافرن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ سخت خونريزي ٿي ۽ مسلمانن کي اها عظيم الشان فتح نصيب ٿي جنهن ڪانپوءِ اسلام جي عزت ۽ اقبال جو جهنڊو ايترو تہ بلند ٿي ويو جو قريشي ڪافرن جي عظمت ۽ شان بلڪل مٽي ۾ ملي ويو. الله تعالٰي جنگ بدر جي ڏينهن جو نالو ”يوم الفرقان“ رکيو.[2] قرآن جي سورة انفال ۾ تفصيل سان ۽ ٻين سورتن ۾ مختصراً بار بار انهيءَ معرڪي جو ذڪر فرمايو ۽ ان جنگ ۾ مسلمانن جي فتحِ مبين جي باري ۾ احسان ڳٽائيندي خداوندِ عالم قرآن مجيد ۾ ارشاد فرمايو تہ

وَلَقَدْ نَصَرَكُمُ اللّٰهُ بِبَدْرٍ وَّاَنْتُمْ اَذِلَّةٌ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۱۲۳﴾[3]

**ترجمو ڪنز الايمان:** ۽ يقيناً الله تعالٰي توهان ماڻهن جي مدد ڪئي بدر ۾ جڏهن توهان ماڻهو ڪمزور ۽ بي سروسامان هئا تنهنڪري توهان ماڻهو الله کان ڊڄندا رهو تہ من توهان شڪر گذار ٿيو.

---

[1] تاريخ الطبري الجزء 2 ص 131 المكتبة الشاملة

[2] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب غزوة بدر الكبرٰي ج 2 ص 255. 256

[3] پ 4 آل عمرٰن : 123

## جنگ بدر جو سبب

جنگ بدر جو اصلي سبب جئين تہ اسان لکي چڪا آهيون ”عمرو بن الحضرمي“ جي قتل سان قريشي ڪافرن ۾ ڦهليل تمام گهڻو غصو هو جنهن سبب هر ڪافر جي زبان تي اهو ئي هڪ نعرو هو تہ ”خون جو بدلو خون وٺي رهنداسين“. پر بلڪل اوچتو هيءَ صورتحال پيش اچي وئي تہ قريشن جو اهو قافلو جنهن جي تلاش ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مقام ”ذي العشيره“ تائين تشريف وٺي ويا هئا پر اهو قافلو هٿ نہ آيو هو بلڪل اوچتو مديني ۾ خبر پئي تہ هاڻي اهو قافلو ملڪِ شام مان موٽي مڪي وڃڻ وارو آهي ۽ هيءَ بہ خبر پئي تہ ان قافلي ۾ ابو سفيان بن حرب ۽ مخرمہ بن نوفل ۽ عمرو بن العاص وغيره ڪل 30 يا 40 ماڻهو آهن ۽ قريشي ڪافرن جو تمام گهڻو مال تجارت ان قافلي ۾ آهي. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي اصحابن کي فرمايو تہ قريشي ڪافرن جون ٽوليون ڦُر لُٽَ جي نيت سان مديني جي اطراف ۾ گشت ڪنديون رهن ٿيون ۽ ”ڪرز بن جابر فهري“ مديني جي چراگاهن تائين اچي غارت گري ۽ ڏاڙا هڻي ويو آهي تنهنڪري اسان بہ ڇو نہ قريشي ڪافرن جي انهيءَ قافلي تي حملو ڪري ان کي لٽي وٺون تہ جئين قريشي ڪافرن جي شامي تجارت بند ٿي وڃي ۽ هو مجبور ٿي اسان سان صلح ڪري وٺن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو اهو ارشادِ گرامي ٻڌي انصار ۽ مهاجر انهيءَ لاءِ تيار ٿي ويا.

## مديني کان روانگي

اهڙي طرح 12 رمضان سن 2 ھ ۾ وڏي جلدي سان ماڻهو

نڪري پيا جيڪو جنهن حال ۾ هو انهيءَ حال ۾ نڪتو هن لشڪر ۾ حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ نہ وڏيڪ هٿيار هئا نہ فوجي راشن جو ڪو وڏو مقدار هو ڇو تہ ڪنهن کي گمان بہ نہ هو تہ انهيءَ سفر ۾ ڪا وڏي جنگ ٿيندي پر جڏهن مڪي ۾ هي خبر پهتي تہ مسلمان هٿيارن سان گڏ قريشن جو قافلو لٽڻ جي لاءِ مديني مان نڪري پيا آهن تہ مڪي ۾ هڪ جوش ڦهلجي ويو ۽ يڪدم قريشي ڪافرن جي فوج جو لشڪر مسلمانن تي حملو ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي ويو جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ان جو اطلاع مليو تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي جمع ڪري صورتحال کان آگاهہ ڪيو ۽ صاف صاف چئي ڇڏيو تہ هن سفر ۾ ٿي سگهي ٿو تہ قريشي ڪافرن جي قافلي سان ملاقات ٿي وڃي ۽ هي بہ ٿي سگهي ٿو تہ مڪي جي ڪافرن سان جنگ جي نوبت اچي وڃي. ارشادِ گرامي ٻڌي ڪري حضرت ابو بڪر ۽ عمر فاروق ۽ ٻين مهاجرن رَضِيَ اللهُ عَنْهُم وڏي جوش ۽ خروش جو مظاهرو ڪيو پر حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انصارن جو منهن تڪي رهيا هئا ڇو تہ انصارن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هٿ مبارڪ تي بيعت ڪرڻ وقت انهيءَ ڳالهہ جو عهد ڪيو هو تہ هو ان وقت تلوار ڪڍندا جڏهن ڪافر مديني تي چڙهائي ڪندا ۽ هتي مديني کان ٻاهر نڪري جنگ ڪرڻ جو معاملو هو.[1]

انصارن مان قبيلي بني خزرج جا سردار سعد بن عباده رَضِيَ اللهُ عَنْهُ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چهرهءِ انور ڏانهن ڏسي

[1] مدارج النبوة قسم سوم باب دوم ج 2 ص81-83 ملخصًا

چوڻ لڳا تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڇا اوهان جو اشارو اسان جي طرف آهي؟ خدا جو قسم اسان اهي جان نثار آهيون جو جيڪڏهن اوهان جو حڪم ٿئي تہ اسان سمنڊ ۾ بہ ٽپو ڏيٺداسين، اهڙي طرح انصارن جي هڪ ٻئي معزز سردار حضرت مقداد بن اسود رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جوش ۾ اچي عرض ڪيو يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان حضرت موسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جي قوم وانگر اهو نہ چونداسين تہ اوهان وڙهو ۽ اوهان جو خدا وڃي وڙهي بلڪ اسان اوهان جي ساڄي کان، کاٻي کان، اڳيان کان پٺيان کان وڙهنداسين انصارن جي انهن ٻنهي سردارن جون تقريرون ٻڌي ڪري حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو چهرو خوشيءَ مان ٻهڪي پيو.[1]

(بخاري غزوة بدر ج 2 ص 564)

مديني کان هڪ ميل ٻاهر نڪري حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي لشڪر جو جائزو ورتو ۽ جيڪي ماڻهو ننڍي عمر وارا هئا انهن کي واپس وڃڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو ڇو تہ جنگ جي خطرناڪ موقعي تي ڀلا ٻارڙن جو ڪهڙو ڪم؟

## ننڍڙو سپاهي

پر انهن ٻارڙن ۾ حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو ننڍو ڀاءُ حضرت عمير بن ابي وقاص رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بہ هو جڏهن انهن کي واپس وڃڻ جو چيو ويو تہ اهو بيقرار ٿي پيو ۽ زار وقطار روئڻ لڳو ۽ ڪنهن بہ طرح واپس وڃڻ لاءِ تيار نہ ٿيو انهن جي بيقراري ۽ روئڻ واري حالت ڏسي رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن

[1] صحيح البخاري كتاب المغازي باب 4 قول الله تعالٰي الحديث 3952 ج 3 ص 5 مختصرًا والمواهب اللدنية والزرقاني باب غزوة بدر الكبرٰي ج 2 ص265-267

جي نازڪ دل انهن کي قبول ڪري ورتو ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي گڏ هلڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي. تنهنڪري حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ان ننڍڙي سپاهي جي ڳلي ۾ به هڪ تلوار لٽڪائي ڇڏي مديني کان روانو ٿيڻ وقت نمازن جي لاءِ حضرت ابن امِ مڪتوم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي پاڻ مسجد نبوي جو امام مقرر فرمائي ڇڏيو هو پر جڏهن پاڻ مقامِ "روحا" ۾ پهتا تہ منافقن ۽ يهودين جي طرف کان ڪجهہ خطرو محسوس فرمايائون انڪري پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت ابو لبابہ بن عبد المنذر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي مديني جو حاڪم مقرر فرمائي انهن کي مديني واپس وڃڻ جو حڪم فرمايو ۽ حضرت عاصم بن عدي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي مديني جي چڙهائي واري ڳوٺ تي نگراني رکڻ جو حڪم فرمايو.

انهن انتظامن کان پوءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم "بدر" جي طرف هلڻ لڳا جتان ڪفارِ مڪہ جي اچڻ جي خبر هئي. هن وقت ڪل فوج جو تعداد ٽي سؤ تيرهن هئو جن ۾ سٺ مهاجر ۽ باقي انصار هئا. منزلون طئي ڪندا جڏهن پاڻ مقامِ "صفرا" ۾ پهتا تہ بن ماڻهن کي جاسوسي جي لاءِ روانو فرمايو تہ جيئن هو قافلي جي خبر لهن تہ اهو ڪٿي آهي؟ ۽ ڪٿي پهتو آهي؟[1]

(زرقاني ج1،ص411)

## ابوسفيان جي چالاڪي

هوڏانهن قريشن جا جاسوس بہ پنهنجو ڪم تمام ڦُرتيءَ سان ڪري رهيا هئا. جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مديني کان

[1] كتاب المغازي للواقدي، باب بدرالقتال، ج1، ص21، وشرح الزرقاني علي المواهب، باب غزوة بدر الكبريٰ ج2، ص 326

روانا ٿيا تہ ابو سفيان کي ان جي خبر پئجي وئي. ان فوراً ئي ضمضم بن عمرو غفاري کي مڪي موڪليو تہ قريشن کي ان جي خبر ڏي تہ جيئن هو پنهنجي قافلي جي حفاظت جو انتظام ڪن ۽ پاڻ رستو بدلائي قافلي کي سمنڊ جي طرف وٺي ويو. ابو سفيان جو قاصد ضمضم بن عمرو غفاري جڏهن مڪي پهتو تہ ان وقت جي دستور جي مطابق جڏهن ڪا خوفناڪ خبر ٻڌائڻي هوندي هئي تہ خبر ٻڌائڻ وارو پنهنجا ڪپڙا ڦاڙي ۽ اُٺ جي پُٺي تي بيهي رڙيون ڪري خبر ٻڌائيندو هو ضمضم بن عمرو غفاري پنهنجو ڪڙتو ڦاڙي ڇڏيو ۽ اُٺ جي پُٺي تي چڙهي زور زور سان رڙيون ڪرڻ لڳو تہ اي اهلِ مڪہ! توهان جو سڄو مالِ تجارت ابو سفيان جي قافلي ۾ آهي ۽ مسلمانن ان قافلي جو رستو روڪي قافلي کي لٽڻ جو ارادو ڪيو آهي تنهنڪري جلدي ڪريو ۽ تمام جلدي پنهنجي ان قافلي کي بچائڻ جي لاءِ هٿيار کڻي نڪري پئو.[1] (زرقاني ج1 ص411)

## ڪفار قريش جو جوش

جڏهن مڪي ۾ اها خوفناڪ خبر پهتي تہ ايتري هلچل مچي وئي جو مڪي جو سڄو امن ۽ سڪون برباد ٿي ويو تمام قبائلِ قريش پنهنجن گهرن مان نڪري پيا مڪي جي سردارن مان صرف ابو لهب پنهنجي بيماري جي سبب نہ نڪتو ان کان سواءِ قريشن جا باقي سڀ رئيسَ پوري طرح هٿياربند ٿي نڪري پيا ڇو تہ مقامِ "خُلہ" جو واقعو بلڪل ئي تازو هو جنهن ۾ عمرو

---

[1] والمواهب اللدنية مع شرح الزرقاني باب غزوة بدر الكبرٰي ج 2 ص 263، ومدارج النبوت، قسم سوم، باب دوم، ج2، ص 82

بن الحضرمي مسلمانن جي هٿان ماريو ويو هو ۽ ان جي قافلي کي مسلمانن لٽيو هو انڪري ڪفارِ قريش انتقام جي جوش ۾ پنهنجي قابوءَ ۾ نه هئا. هڪ هزار جو وڏو لشڪر جنهن جو هر سپاهي پوري طرح هٿياربند، فوج جي خوراڪ جو ايترو انتظام جو قريش جا مالدار ماڻهو يعني عباس بن عبد المطلب، عتبہ بن ربيعہ، حارث بن عامر، نضر بن الحارث، ابو جهل، اُميہ وغيره واري واري سان روزانو ڏهہ ڏهہ اٺ ذبح ڪندا هئا ۽ پوري لشڪر کي ڪارائيندا هئا. عتبہ بن ربيعہ جيڪو قريشن جو سڀ کان وڏو رئيس هو ان سموري لشڪر جو سپہ سالار هو.

## ابو سفيان بچي نڪري ويو

ابو سفيان جڏهن عام رستي کان هٿي سمنڊ جي ڪناري واري رستي تان هلڻ لڳو ۽ خطري جي مقام کان تمام پري نڪري ويو ۽ ان کي پنهنجي حفاظت جو پورو پورو يقين ٿي ويو تہ ان قريشن کي هڪ تيز رفتار قاصد جي ذريعي خط موڪليو تہ توهان پنهنجي مال ۽ ماڻهن کي بچائڻ جي لاءِ پنهنجي گهرن مان هٿيار کڻي نڪتا هيؤ هاڻي توهان پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن واپس هليا وڃو ڇو تہ اسان مسلمانن جي حملي ۽ قر لُٽ کان بچي ويا آهيون ۽ جان مال جي سلامتي سان اسان مڪي پهچي رهيا آهيون.[1]

## ڪافرن ۾ اختلاف

ابو سفيان جو اهو خط ڪافرن کي تڏهن مليو جڏهن هو مقام

[1] السيرة النبوية لابن هشام غزوة بدرالڪبرٰي ص 255

”جحفہ“ ۾ هئا خط پڙهي قبيلي بنو زهره ۽ قبيلي بنو عدي جي سردارن چيو تہ هاڻي مسلمانن سان وڙهڻ جي ڪا بہ ضرورت ڪونهي تنهنڪري هاڻي اسان کي واپس موٽي وڃڻ گهرجي. اهو ٻڌي ابو جهل بگڙي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ خدا جو قسم اسان انهيءَ ئي شان سان بدر ويندا سين، اتي اٺ ذبح ڪنداسين، خوب ڪائينداسين ڪارائينداسين، شراب پيئنداسين، نچڻ ڳائڻ جون محفلون سجائينداسين، جيئن سڀني عرب جي قبيلن تي اسان جي عظمت ۽ شوڪت جو رعب قائم تي وڃي ۽ هو هميشہ اسان کان ڊڄندا رهن. قريشي ڪافرن ابو جهل جي راءِ تي عمل ڪيو پر بنو زهره ۽ بنو عدي ٻئي قبيلا واپس موٽي ويا. انهن ٻنهي قبيلن کان علاوه باقي قريشي ڪافرن جا سڀئي قبيلا جنگ بدر ۾ شامل ٿيا.[1] (سيرت ابن هشام ج 2 ص 618 کان 619)

## قريشي ڪافر بدر ۾

قريشي ڪافر جيئن تہ مسلمانن کان پهريان بدر ۾ پهچي چڪا هئا تنهنڪري انهن مناسب جڳهن تي پنهنجا قبضا جمائي ورتا هئا. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن بدر جي ويجهو پهتا تہ شام جي وقت حضرت علي، حضرت زبير ۽ حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي بدر ڏانهن موڪليائون تہ جيئن هي ماڻهو قريشي ڪافرن جي باري ۾ خبر آڻن. انهن حضرات قريشي ڪافرن جي ٻن غلامن کي پڪڙي ورتو جيڪي ڪافرن جي لشڪر جي لاءِ پاڻي ڀرڻ تي مقرر هئا. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن ٻنهي غلامن کان دريافت فرمايو تہ ٻڌايو ان قريشي فوج ۾

[1] السيرة النبوية لابن هشام غزوة بدرالڪبرٰي ص 255-256

قريشن جي سردارن مان ڪير ڪير آهن؟ تہ ٻنهي غلامن ٻڌايو تہ عتبہ بن ربيعہ، شيبہ بن ربيعہ، ابو البختري، حڪيم بن حزام، نوفل بن خويلد، حارث بن عامر، نضر بن الحارث، زمعہ بن الاسود، ابو جهل بن هشام، اميّہ بن خلف، سهيل بن عمرو، عمرو بن عبدود، عباس بن عبد المطلب وغيره سڀ انهيءَ لشڪر ۾ موجود آهن . اها فهرست ٻڌي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي اصحاب جي طرف متوجهہ ٿيا ۽ فرمايائون مسلمانو! ٻڌي وٺو! مڪي وارن پنهنجي جگر جي ٽڪرن کي توهان جي طرف موڪليو آهي.[1] (مسلم ج 2 ص 102 غزوهء بدر و زرقاني وغيره)

## تاجدارِ دوعالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بدر جي ميدان ۾

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن بدر جي ميدان ۾ آيا تہ اهڙي جڳهہ خيما کوڙيائون جو جتي نہ کوهہ هو نہ ڪو پاڻيءَ جو چشمو ۽ اتي جي زمين ايتري وارياسي هئي جو گهوڙن جا پير زمين ۾ دٻجي ويندا هئا. اهو ڏسي حضرت حباب بن منذر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان ترسڻ لاءِ جيڪا جڳهہ منتخب فرمائي آهي اها وحيءَ جي اعتبار کان آهي يا فوجي تدبير آهي؟ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو انهيءَ جي باري ۾ ڪا بہ وحي نہ لٿي آهي. پوءِ حضرت حباب بن منذر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چيو منهنجي راءِ ۾ جنگي تدبيرن جي حوالي سان بهتر هي آهي تہ اسان ڪجهہ اڳيان وڌي ڪري پاڻي جي چشمن تي قبضو ڪري وٺون تہ جيئن ڪافر جن کوهن تي قابض آهن. اهي بيڪار ٿي وڃن ڇو تہ انهن ئي چشمن مان انهن کوهن ۾ پاڻي وڃي

[1] السيرة النبوية لابن هشام غزوة بدر الكبرٰي ص 254 مطلقًا

ٿو. حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جي راءِ کي پسند فرمايو ۽ انهيءَ تي عمل ڪيو ويو. خدا جو شان ته برسات بہ وَسِي پئي جنهن سان ميدان جي مٽي ۽ واري جمي وئي جنهن ڪري مسلمانن لاءِ هلڻ ڦرڻ آسان ٿي ويو ۽ ڪافرن جي زمين ۾ گپ ٿي وئي جنهن ڪري انهن کي هلڻ ڦرڻ ۾ مشڪل پيدا ٿي پئي، مسلمانن بارش جو پاڻي روڪي جڳهه جڳهه تي حوض ناهي ڇڏيا ته جيئن اهو پاڻي غسل ۽ وضو جي ڪم اچي انهيءَ احسان کي خداوند تعاليٰ قرآن ۾ هن طرح بيان فرمايو ته

وَ يُنَزِّلُ عَلَيْكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ مَآءً لِّيُطَهِّرَكُمْ بِهٖ[1] (انفال)

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ الله آسمان مان توهان تي پاڻي جو وسڪارو ڪيو جو اهو توهان کي پاڪ ڪري.

## سرورڪائنات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شب بيداري

17 رمضان سن 2 ھ جمعي جي رات هئي سڄي فوج ته آرام ۽ چين جي ننڊ سمهي پئي هئي پر هڪڙي سرور ڪائنات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ذات هئي جيڪا سڄي رات خداوند عالم عَزَّوَجَلَّ سان لَو لڳائي دعا ۾ مصروف هئي. صبح ٿيو ته حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ماڻهن کي نماز جي لاءِ جاڳايو پوءِ نماز کانپوءِ قرآن جون جهاد واريون آيتون ٻڌائي اهڙو لرزائيندڙ ۽ جوش ڏيارينڊڙ بيان ڪيو جو مجاهدينِ اسلام جي رت جو ڦڙو ڦڙو جوش ۽ خروش جو سمنڊ بڻجي طوفاني لهرون هڻڻ لڳو ۽ ماڻهو ميدانِ جنگ لاءِ تيار ٿيڻ لڳا.

---

[1] پ 9 الانفال : 11 و السيرة النبوية لابن هشام، غزوة بدر الكبرٰي، ص 256 وشرح الزرقاني علي المواهب، باب غزوة بدر الكبرٰي، ج2، ص 271

## ڪير ڪٿي؟ ۽ ڪڏهن مرندو؟

رات ۾ ئي ڪجهه جان نثارن سان گڏ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ميدانِ جنگ جو معائنو فرمايو. انهيءَ وقت سندن هٿ مبارڪ ۾ هڪ لٺ هئي پاڻ انهيءَ لٺ سان زمين تي ليڪو ناهيندا ۽ هي فرمائيندا ويا تہ هيءَ فلاڻي ڪافر جي قتل ٿيڻ جي جڳهه آهي ۽ سياڻي هتي فلاڻي ڪافر جو لاش پيل هوندو. پوءِ ائين ئي ٿيو. رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪا جڳهه جنهن ڪافر جي ٻڌائي هئي انهيءَ ڪافر جو لاش ٺيڪ انهيءَ جڳهه تي مليو انهن مان ڪو هڪ بہ ليڪ کان هڪ وار برابر بہ اڳتي پوئتي نہ ٿيو.[1] (ابو دائود ج 2 ص 364 مطبع نامي و مسلم ج 2 ص 102 غزوهٔ بدر)

انهيءَ حديث مان صاف ۽ واضح طور تي هي مسئلو ثابت ٿي وڃي ٿو تہ ڪير ڪڏهن؟ ۽ ڪٿي مرندو؟ انهن ٻنهي غيبي خبرن جو علم الله تعالٰي پنهنجي حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي عطا فرمايو هو.

## جنگ نہ ٿيندي ٿيندي وري لڳي وئي

ڪفارِ قريش وڙهڻ لاءِ بيتاب هئا پر انهن ۾ ڪجهه سلجهيل دل ۽ دماغ وارا ماڻهو بہ هئا جيڪي خون خرابي کي پسند نہ ڪندا هئا. جيئن حڪيم بن حزام جيڪي بعد ۾ مسلمان ٿي ويا تمام سنجيده ۽ نرم مزاج انسان هئا انهن پنهنجي لشڪر جي سپهه سالار عتبہ بن ربيعہ کي چيو تہ آخر ان خونريزي مان ڪهڙو فائدو؟ آئون توهان کي هڪ تمام مخلصانہ مشورو ڏيان ٿو اهو هي

---

[1] صحيح مسلم كتاب الجهاد والسير باب غزوة بدر، الحديث 1778 ص 981 و شرح الزرقاني علي المواهب، باب غزوة بدر الكبرٰي ج 2 ص 269

آهي تہ قريشن جو جيڪو بہ مطالبو آهي اهو عمرو بن الحضرمي جو خون آهي ۽ اهو اوهان جو اتحادي آهي توهان ان جي خون جي عيوض قيمت ادا ڪري ڇڏيو اهڙي طرح هيءَ جنگ ٿري ويندي ۽ اڄ جو ڏينهن توهان جي زندگيءَ جي تاريخ ۾ توهان جي نيڪناميءَ جو يادگار بڻجي ويندو جو توهان جي حڪمت عملي سان هڪ تمام خوفناڪ ۽ خونريز جنگ ٿري ويندي. عتبہ بذاتِ خود تمام ئي مدبر ۽ نيڪ نفس ماڻهو هو ان خوشي سان ان مخلصانہ مشوري کي قبول ڪري ورتو پر ان معاملي ۾ ابو جهل جي منظوري بہ ضروري هئي. پوءِ حڪيم بن حزام عتبہ بن ربيعہ جو اهو پيغام ڪٽي ابو جهل وٽ ويو تہ ابو جهل جي جهالت واري رڳ پڙڪي اٿي ۽ ان هڪ رت ساڙيندڙ طعنو هڻي چيو تہ ها ها! آئون خوب سمجهان ٿو تہ عتبہ جي همت جواب ڏئي وئي آهي ڇو تہ ان جو پٽ حذيفہ مسلمان ٿي اسلام جي لشڪر سان گڏ آيو آهي ان ڪري هو جنگ نٿو ڪرڻ چاهي جيئن ان جي پٽ کي تڪليف نہ اچي. ابو جهل صرف ان تي ئي بس نہ ڪئي بلڪ عمرو بن الحضرمي مقتول جي ڀاءُ عامر بن الحضرمي کي گهرائي چيو تہ ڏس تنهنجي مقتول ڀاءُ عمرو بن الحضرمي جي خون جو بدلو ونڻ جي سڄي اسڪيم تباهہ ٿيندي پئي وڃي ڇو تہ اسان جي لشڪر جو سپہ سالار عتبہ بزدلي جو مظاهرو ڪري رهيو آهي اهو ٻڌي عامر بن الحضرمي عرب جي دستور جي مطابق ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيا ۽ پنهنجي مٿي تي مٽي وجهندي ”واعمراه واعمراه“ جو نعرو هڻڻ شروع ڪيو. ان ڪاروائيءَ قريش جي ڪافرن جي سموري فوج ۾ باهہ پڙڪائي ڇڏي ۽ سڄو لشڪر ”خون جو بدلو خون“ وارن نعرن سان گونجي اٿيو ۽ هر هڪ سپاهي جوش ۾ پاڻ کي روڪي نہ سگهيو جنگ جي

لاءِ بيتاب ۽ بيقرار ٿي ويو عتبہ جڏهن ابو جهل جو طعنو ٻڌو تہ هو بہ ڪاوڙ ۾ ڀرجي ويو ۽ چيو تہ ابو جهل کي چئي ڇڏيو تہ ميدانِ جنگ ٻڌائيندو تہ بزدل ڪير آهي؟ اهو چئي لوهہ جي ٽوپي طلب ڪيائين پر ان جو مٿو ايترو تہ وڏو هو جو ڪا بہ ٽوپي ان جي مٿي تي صحيح نہ بيني مجبور ٿي ان پنهنجي مٿي تي ڪپڙو ويڙهيو ۽ هٿيار پائي جنگ جي لاءِ تيار ٿي ويو.[1]

## مجاهدن جي صف بندي

17 رمضان سن 2 هہ جمعي جي ڏينهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسلام جي مجاهدن کي صف سِڌي ڪرڻ جو حڪم ڏنو سندن جي هٿ مبارڪ ۾ هڪ لٺ هئي ان جي اشاري سان پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صفون سڌيون ڪرائي رهيا هئا تہ جئين ڪو بہ شخص اڳيان پويان رهجي نہ وڃي ۽ هي بہ حڪم فرمائي ڇڏيو تہ سواءِ ذڪرِ اِلٰهي جي ڪو بہ شخص ڪنهن بہ قسم جو گوڙ ۽ هُل نہ مچائي عين ان وقت جڏهن جنگ جو نغارو وڄڻ وارو هو تہ ٻہ اهڙا واقعا پيش آيا جيڪي نهايت عبرتناڪ ۽ تمام گهڻا نصيحت آموز آهن.

## شڪم (پيٽ) مبارڪ کي چمڻ

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي لٺ مبارڪ سان صفون سڌيون ڪري رهيا هئا تہ پاڻ ڪريمن ڏٺو تہ حضرت سواد انصاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو پيٽ صف کان ڪجهہ اڳيان نڪتل هو. حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي ڇڙي سان انهن جي پيٽ

[1] السيرة النبوية لابن هشام، غزوة بدر الكبريٰ، ص 257

کي زور ڏيندي فرمايو تہ اِسْتَوِ يَا سَوَادُ (اي سواد سڌو ٿي بيهہ.) حضرت سواد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان منهنجي پيٽ تي چڙي هنئين آهي مون کي اوهان کان ان جو قصاص (بدلو) وٺڻو آهي اهو ٻڌي ڪري رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجو پهراڻ شريف مٿي کڻي ڪري فرمايو اي سواد! منهنجو شڪم حاضر آهي تون ان تي چڙي هڻي ڪري پنهنجو بدلو وٺي سگهين ٿو. حضرت سواد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ڊوڙي ڪري حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي شڪم مبارڪ کي چمي ورتو ۽ پوءِ انتهائي جذباتي انداز ۾ انتهائي گرم جوشي سان رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي جسم مبارڪ سان چنبڙي پيو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اي سواد! رَضِیَ اللهُ عَنْهُ تو ائين چو ڪيو؟ عرض ڪيائين يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آئون هن وقت جنگ جي صف ۾ پنهنجو سِرُ تريءَ تي ڪنيو بيٺو آهيان شايد موت جو وقت اچي ويو هجي هن وقت منهنجي دل ۾ اها خواهش جاڳي پئي تہ ڪاش مرڻ وقت منهنجو جسم اوهان جي جسم اطهر کي ڇُهي وڃي. هي ٻڌي ڪري حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سواد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي انهيءَ جذبهءِ محبت جو قدر فرمائيندي ان جي لاءِ خير و برڪت جي دعا فرمائي ۽ حضرت سواد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ دربار رسالت ۾ معذرت ڪندي پنهنجو قصاص معاف ڪيو ۽ سيئي صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان حضرت سواد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي هن عاشقانہ ادا تي فدا ٿيندي حيرت وچان ان جو منهن تڪيندا رهجي ويا.[1] (سيرت ابن هشام غزوهءِ بدر ج 2 ص 626)

---

[1] السيرة النبوية لابن هشام غزوة بدر الكبرٰي ص 258-259

## واعدي جي پابندي

اتفاق سان حضرت حذيفہ بن اليمان ۽ حضرت حسيل رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا هي ٻئي صحابي ڪٿان ڪان اچي رهيا هئا تہ رستي ۾ ڪافرن انهن ٻنهي کي روڪيو تہ توهان ٻئي بدر جي ميدان ۾ حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مدد ڪرڻ جي لاءِ وڃي رهيا آهيو. انهن ٻنهي انڪار ڪيو ۽ جنگ ۾ شريڪ نہ ٿيڻ جو عهد ڪيو پوءِ ڪافرن انهن ٻنهي کي ڇڏي ڏنو. جڏهن اهي ٻئي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ۽ پنهنجو واقعو بيان ڪيو تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن ٻنهي کي جنگي صفن مان الڳ ڪري ڇڏيو ۽ ارشاد فرمايو تہ اسان هر حال ۾ واعدي جي پابندي ڪنداسين اسان کي صرف خدا جي مدد کپي ٿي.[1]

(مسلم باب الوفا بالعهد ج 2 ص 106)

ناظرين ڪرام! غور ڪريو دنيا ڄاڻي ٿي تہ جنگ جي موقعي تي خصوصاً اهڙي صورت ۾ جڏهن دشمنن جي عظيم الشان لشڪر سان مقابلو هجي هڪ هڪ سپاهي ڪيترو قيمتي هوندو آهي پر ٻنهي جهانن جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي ڪمزور فوج کي ٻن بهادر ۽ جانباز مجاهدن کان محروم رکڻ پسند فرمايو پر ڪو مسلمان ڪنهن ڪافر سان بہ ڪا بدعهدي ۽ واعدي خلافي ڪري ان کي پسند نہ فرمايو.

الله اڪبر! اي دنيا جي قومن جا بادشاهو! قسم ڪٽي ٻڌايو تہ ڇا توهان جي زندگي جي تاريخي وڏن وڏن ڪتابن ۾ ڪو اهڙو

[1] صحيح مسلم كتاب الجهاد والسير، باب الوفاء بالعهد، الحديث 1787، ص 988

چمڪندڙ ورق به آهي؟ اي چنڊ ۽ سج جون ڏورانهن ڏسندڙ نظرون! اوهان خدا جي واسطي ٻڌايو! ڇا توهان جي اکين ڪائنات جي هن تختي تي عهد جي پابنديءَ جو اهڙو ڪو مثال ڏٺو آهي؟ خدا جو قسم! مون کي يقين آهي ته توهان ان جي جواب ۾ نه ڪان سواءِ ڪجهه به نٿا چئي سگهو.

## ٻئي لشڪر آمهون سامهون

هاڻي اهو وقت آهي جو ميدانِ بدر ۾ حق ۽ باطل جون ٻئي صفون هڪٻئي جي سامهون بيٺيون آهن قرآن مجيد اعلان ڪري رهيو آهي ته

قَدْ كَانَ لَكُمْ اٰيَةٌ فِيْ فِئَتَيْنِ الْتَقَتَا ؕ فِئَةٌ تُقَاتِلُ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَاُخْرٰى كَافِرَةٌ[1] (آل عمران)

ترجمو ڪنز الايمان: جيڪي ماڻهو پاڻ ۾ وڙهيا انهن ۾ توهان جي لاءِ عبرت آهي هڪ الله جي راهه ۾ وڙهيو ٿي ۽ ٻيو خدا جو منڪر هو.

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مجاهدينِ اسلام جي صف بندي ڪان فارغ ٿي مجاهدن جي قرارداد جي مطابق پنهنجي ڇاپري ۾ تشريف وٺي ويا جيڪو صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جن رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ويهڻ لاءِ ٺاهيو هو هاڻي ان ڇاپري جي حفاظت جو سوال انتهائي اهم هو ڇو ته قريش جي ڪافرن جي حملي جو اصل نشانو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ذات هئي ڪنهن جو حوصلو نه پئي ٿيو جو ان ڇاپري جو پهرو ڏئي پر انهيءَ موقعي تي به پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي يارِ

[1] پ 3، آل عمران: 13

غار حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي ئي قسمت ۾ اها سعادت لڪيل هئي جو هو اگهاڙي تلوار ڪٽي ان جهوپڙيءَ وٽ ڄمي بيهي رهيا ۽ حضرت سعد بن معاذ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بہ ڪجهہ انصارن سان گڏ ان جو پهرو ڏيندا رهيا. (زرقاني ج 1 ص 418)

## دعاءِ نبوي

حضور سرور عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهيءَ نازڪ گهڙيءَ ۾ الله تعالٰي ڏانهن دل لڳائي بيهي ٻاڏائيندي هٿ کڻي هيءَ دعا گهري رهيا هئا تہ ”اي الله پاڪ! تو مون سان جيڪو واعدو فرمايو آهي اڄ ان کي پورو فرمائي ڇڏ“. ”رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي ايتري قدر رقت ۽ محويت طاري هئي جو انهيءَ روئڻ واري ڪيفيت ۾ سندن جي ڪلهن مبارڪن تان چادر مبارڪ ڪِري پئي پر حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي خبر نہ پوندي هئي. ڪڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سجدي ۾ مٿو رکي ڪري هن طرح دعا گهرن پيا تہ ”الٰهي! جيڪڏهن هي ڪجهہ ماڻهو قتل ٿي ويا تہ پوءِ قيامت تائين زمين تي تنهنجي عبادت ڪرڻ وارو نہ رهندو.“[1]

(سيرت ابن هشام ج 2 ص 627)

حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا يارِ غار هئا حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ائين بيقرار ڏسي سندن جي دل جو سڪون ۽ قرار ڦٽِي ويو ۽ انهن تي رقت طاري ٿي وئي انهن چادر مبارڪ کڻي رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[1] السيرة النبوية غزوة بدر الكبرٰي ص 259 و المواهب اللدنية والزرقاني غزوة بدر الكبرٰي ج 2 ص 279.278

جن جي مبارڪ ڪلهن تي وڌي ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو هٿ مبارڪ پڪڙي نرمي واري انداز ۾ وڏي ادب سان عرض ڪيائون ته يا رسول الله (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) هاڻي بس ڪريو خدا پاڪ ضرور پنهنجو واعدو پورو فرمائيندو.

پنهنجي يارِ غار صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي ڳالهه مڃي ڪري حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن دعا ختم ڪئي ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زبان مبارڪ تي هن آيت جو ورد جاري ٿي ويو ته

سَيُهْزَمُ الْجَمْعُ وَيُوَلُّوْنَ الدُّبُرَ ﴿۴۵﴾ [1]

ترجمو ڪنز الايمان: اجهو (ڪافرن جي) فوج ڪي شڪست ڏني ويندي ۽ اُهي پُٺي ڏئي ڀڄي ويندا.

رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بار بار ان آيت کي پڙهندا رهيا جنهن ۾ فتح مبين جي بشارت جي طرف اشارو هو.

## جنگ ڪهڙي طرح شروع ٿي

جنگ جي ابتدا هن طرح ٿي جو سڀ کان پهرين عامر بن الحضرمي جيڪو پنهنجي مقتول ڀاءُ عمرو بن الحضرمي جي خون جو بدلو وٺڻ جي لاءِ بيقرار هو جنگ جي لاءِ اڳيان وڌيو ۽ ان جي مقابلي لاءِ حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جا غلام حضرت مهجع رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ميدان ۾ نڪتا ۽ وڙهندي وڙهندي شهادت سان سرفراز ٿي ويا پوءِ حضرت حارثه بن سراقه انصاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ حوض مان

[1] پ 27. القمر: 45

پاڻي پي رهيا هئا تہ اوچتو انهن کي ڪافرن جو هڪ تير لڳو ۽ هو شهيد ٿي ويا.[1] (سيرت ابن هشام ج 2 ص 627)

## حضرت عمير (رَضِیَ اللهُ عَنْهُ) جو شوقِ شهادت

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن جوشِ جهاد جو واعظ فرمائيندي هي ارشاد فرمايو تہ اي مسلمانو! انهيءَ جنت جي طرف وڌندا هلو جنهن جي ويڪرائي آسمان ۽ زمين جي برابر آهي تہ حضرت عمير بن الحمام انصاري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چوڻ لڳا تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڇا جنت جي ويڪرائي زمين ۽ آسمان جي برابر آهي؟ ارشاد فرمايائون تہ ها. اهو ٻڌي ڪري حضرت عمير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چيو "واهِ واهِ" رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پڇيو تہ اي عمير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ تو "واهِ واهِ" جو چيو؟ عرض ڪيائين تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فقط ان اميد تي تہ آئون بہ جنت ۾ داخل ٿي وڃان. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خوشخبري ٻڌائيندي ارشاد فرمايو تہ اي عمير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ! تون بيشڪ جنتي آهين حضرت عمير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ان وقت کجور کائي رهيا هئا اها بشارت ٻڌي خوشي وچان کجور اڇلائي ڪري اٿي بيٺا ۽ يڪدم تلوار کڻي ڪافرن جي لشڪر تي ٽٽي پيا ۽ جانبازي سان وڙهندي شهيد ٿي ويا.[2]

(مسلم كتاب الجهاد باب سقوط فرض الجهاد عن المعذورين ج 2 ص 139)

---

[1] السيرة النبوية لابن هشام غزوة بدر الكبرٰى ص 259

[2] صحيح مسلم كتاب الامارة باب ثبوت الجنة للشهيد الحديث، 1901 ص 1053 تفصيلاً

## ڪافرن جو سپہ سالار ماريو ويو

ڪافرن جو سپهه سالار عتبہ بن ربيعہ پنهنجي سيني تي شتر مرغ (اُٺ پکيءَ) جو پَر لڳائي پنهنجي ڀاءُ شيبہ بن ربيعہ ۽ پنهنجي پٽ وليد بن عتبہ کي وٺي ڪاوڙ ۾ ڦوڪجي پنهنجي صف مان ٻاهر نڪري مقابلي جي دعوت ڏيڻ لڳو اسلامي صفن مان حضرت عوف ۽ حضرت معاذ ۽ حضرت عبد الله بن رواحہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُم مقابلي لاءِ نڪتا عتبہ انهن جا نالا ۽ نسب پڇيا جڏهن خبر پئي تہ هي ماڻهو انصاري آهن تہ عتبہ چيو اسان کي توهان سان ڪو مطلب ناهي. پوءِ عتبہ وڏي آواز ۾ رڙ ڪندي چيو اي محمّد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) هي ماڻهو اسان جي جوڙ جا ناهن قريش جي اشرافن کي اسان سان وڙهڻ لاءِ ميدان ۾ موڪليو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت حمزه حضرت علي ۽ حضرت عبيده رَضِیَ اللهُ عَنْهُم کي حڪم ڏنو تہ توهان انهن جي مقابلي لاءِ نڪرو پوءِ اهي ٽئي بهادرانِ اسلام ميدان ۾ نڪتا. جيئن تہ انهن ٽنهي حضرات کي مٿي تي لوهي ٽوپي پهريل هئي جنهن سان انهن جا منهن ڍڪجي ويا هئا، انهيءَ لاءِ عتبہ انهن کي نہ سڃاتو ۽ پڇيو تہ توهان ڪير آهيو؟ جڏهن انهن ٽنهي پنهنجا نالا ۽ نسب ٻڌايا تہ عتبہ چيو تہ ”ها هاڻي اسان جو جوڙ آهي“. جڏهن انهن ۾ جنگ شروع ٿي تہ حضرت حمزه، حضرت علي ۽ حضرت عبيده رَضِیَ اللهُ عَنْهُم پنهنجي ايماني شجاعت جو اهڙو تہ مظاهرو ڪيو جو بدر جي زمين لڏڻ لڳي ۽ ڪافرن جون دليون دهلجي ويون ۽ انهن جي جنگ جو انجام هي ٿيو تہ حضرت حمزه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ عتبہ جو مقابلو ڪيو ٻئي انتهائي بهادري سان وڙهندا رهيا پر آخرڪار حضرت حمزه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي تلوار جي وارن سان

ماري ماري عتبہ کي زمين تي ڊير ڪري ڇڏيو، وليد حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سان جنگ ڪئي ٻنهي هڪٻئي تي وڏي وڏي ڪري قاتلاڻا حملا ڪيا ۽ خوب وڙهيا پر اسد الله الغالب جي ذو الفقار (يعني حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي تلوار) وليد کي ماري وِڌو ۽ هو ذلت سان قتل ٿي ويو. پر عتبہ جي ڀاءُ شيبہ حضرت عبيده رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي اهڙي طرح زخمي ڪري وڌو جو هو زخمن جي ست نہ سهندي زمين تي ويهي رهيو اهو منظر ڏسي ڪري حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ اڳتي وڌي شيبہ کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ حضرت عبيده رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي پنهنجي ڪلهي تي کڻي بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ آندائون انهن جي ڀِني تَتي پئي هئي ۽ نَري جو گودو وهي رهيو هو انهي حالت ۾ عرض ڪيائون تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڇا آئون شهادت کان محروم رهيس؟ ارشاد فرمايائون تہ نہ هرگز نہ! بلڪ تون شهادت سان سرفراز ٿي وئين حضرت عبيده رَضِيَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪڏهن اڄ اوهان جا ۽ منهنجا چاچا ابو طالب زنده هجن ها تہ اهي مجي وٺن ها تہ انهن جي هن شعر جو آئون مصداق آهيان تہ

وَنُسْلِمُهٗ حَتّٰى نُصَرَّعَ حَوْلَهٗ وَنَذْهَلُ عَنْ اَبْنَائِنَا وَالْحَلَائِلِ

يعني اسان محمّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تڏهن دشمنن جي حوالي ڪنداسين جڏهن اسان انهن جي چوڌاري وڙهندي وڙهندي ڪيرايا وڃون ۽ اسان پنهنجن پٽن زالن کي وساري ويهنداسين[1].

(ابوداود ج 2 ص 361 مطبع نامي و زرقاني علي المواهب ج 1 ص 418)

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني.غزوة بدر الكبرٰي ج 2 ص 273-276

## حضرت زبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو تاريخي نيزو

انهيءَ کانپوءِ سعيد بن العاص جو پٽ ”عبيده“ مٿي کان پيرن تائين لوهه جي لباس ۽ هٿيارن سان ڍڪيل صف مان ٻاهر نڪتو ۽ هي چئي ڪري اسلامي لشڪر کي للڪارڻ لڳو ته ”آءُ ابو ڪرش“ آهيان. انهيءَ جي اها تڪبر واري للڪار ٻڌي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا پڦاٽ حضرت زبير بن العوام رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جوش ۾ اچي ويا ۽ پنهنجو نيزو ڪٽي مقابلي لاءِ نڪتا پر هي ڏنائون ته هن جي اکين کان سواءِ جسم جو ڪو به اهڙو حصو نه آهي جيڪو لوهه سان ڍڪيل نه هجي. حضرت زبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ نشانو وٺي هن جي اک ۾ اهڙو زور سان نيزو هنيو جو هو زمين تي ڪريو ۽ مري ويو. نيزو هن جي اک کي چيريندي کوپڙي جي هڏي ۾ ڪُپي ويو هو. حضرت زبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هن جي لاش تي پير رکي پوري طاقت سان ڇڪيو ته وڏي مشڪل سان نيزو نڪتو پر هن جو مٿو مڙي ڪري وڪڙ کائي ويو. اهو نيزو هڪ تاريخي يادگار بڻجي سالن تائين تبرڪ بڻيل رهيو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت زبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان اهو نيزو طلب فرمائي ورتو ۽ انهيءَ کي هميشه پاڻ وٽ رکيو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کانپوءِ چئني خلفاءِ راشدين رَضِيَ اللهُ عَنْهُم وٽ منتقل ٿيندو رهيو پوءِ حضرت زبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي فرزند حضرت عبد الله بن زبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وٽ آيو ايستائين جو 73 ھ ۾ جڏهن بنو اميه جي ظالم گورنر حجاج بن يوسف ثقفي انهن کي شهيد ڪري ڇڏيو ته اهو ڀالو بنو اميه جي قبضي ۾ هليو ويو انهيءَ کانپوءِ گم ٿي ويو[1]. (بخاري غزوهٔ بدر ج 2 ص 570)

---

[1] صحيح البخاري كتاب المغازي باب 12 الحديث 3998 ج 3 ص 18

## ابو جهل ذلت سان ماريوويو

حضرت عبد الرحمٰن بن عوف رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ آئون صف ۾ بيٺل هيس ۽ منهنجي ساڄي کاٻي ٻہ ننڍي عمر جا ڇوڪرا بيٺل هئا هڪڙي آهستي پڇيو تہ چاچا جان! ڇا اوهان ابو جهل کي سڃاڻو ٿا؟ مون ان کي چيو ڇو پائٽيا! توکي ابو جهل ۾ ڪهڙو ڪم آهي؟ هن چيو تہ چاچا جان! مون خدا سان هي عهد ڪيو آهي تہ آئون ابو جهل کي جتي ڏسندس يا تہ ان کي قتل ڪري ڇڏيندس يا پاڻ وڙهندي وڙهندي مارجي ويندس ڇو تہ هو الله پاڪ جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو سڀ کان وڏو دشمن آهي. حضرت عبد الرحمٰن رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا تہ آئون حيرت سان ان نوجوان جو منهن ڏسي رهيو هئس تہ ٻئي نوجوان ٻہ مون کي ائين چيو ايتري ۾ ابو جهل تلوار لهرائيندو سامهون اچي ويو ۽ مون اشاري سان ٻڌائي ڇڏيو تہ ابو جهل اهو ئي آهي. بس پوءِ ڇا ٿيو، هي ٻئي ڇوڪرا تلوارون کڻي ان تي اهڙي طرح جهپٽيا جئين باز پنهنجي شڪار ڏانهن جهپٽندو آهي ٻنهي پنهنجن تلوارن سان ماري ماري ابو جهل کي زمين تي ڪيرائي ڇڏيو. هي ٻئي ڇوڪرا حضرت معوّذ ۽ حضرت معاذ رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا هئا جيڪي ”عفراء“ جا پٽ هئا ابو جهل جي پٽ عڪرمہ پنهنجي پيءُ جي قاتل حضرت معاذ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ تي حملو ڪري ڏنو ۽ پنيان کان انهن جي کاٻي ڪلهي تي تلوار هنئي جنهن سان انهن جي ٻانهن ڪٽجي وئي پر ٿوري کل باقي رهجي وئي ۽ هٿ لڙڪڻ لڳو حضرت معاذ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ عڪرمہ جو پيچو ڪيو ۽ پري تائين ڊوڙايو پر عڪرمہ ڀڄي نڪتو ۽ بچي ويو حضرت معاذ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ انهيءَ حالت ۾ ٻہ وڙهندا رهيا پر ڪٽيل هٿ جي لڙڪڻ سان زحمت ٿي رهي هئي تہ هنن

پنهنجي ڪٽيل هٿ کي پير سان دٻائي ڪري زور سان ڇڪيو تہ ڪل ڪان ڌار ٿي ويو ۽ پوءِ آزاد ٿي ڪري هڪ هٿ سان وڙهندا رهيا. حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ابو جهل جي پرسان گذريا ان وقت ابو جهل ۾ ٿورو ساهہ باقي هو حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ان جي ڳچي پنهنجي پيرن سان لتاڙيندي فرمايو تہ تون ئي "ابو جهل آهين ٻڌاءِ اڄ توکي الله تعالٰي ڪيڏو نہ خوار ڪيو آهي." ابو جهل ان حالت ۾ بہ غرور مان هي چيو تہ تنهنجي لاءِ هي ڪو وڏو ڪارنامو نہ آهي منهنجو قتل ٿي وڃڻ ان کان وڌيڪ ڪونهي جو هڪ ماڻهوءَ کي ان جي قوم قتل ڪري ڇڏيو، ها! مون کي ان جو افسوس آهي تہ ڪاش مون کي هارين کان علاوه ڪو ٻيو قتل ڪري ها. حضرت معوّذ ۽ حضرت معاذ رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا جڏهن تہ اهي ٻئي انصاري هئا ۽ انصاري ٻني ٻاري جو ڪم ڪندا هئا ۽ قبيلي قريش جا ماڻهو هارين کي تمام گهٽو حقارت جي نظر سان ڏسندا هئا انهيءَ ڪري ابو جهل هارين جي هٿان قتل ٿيڻ کي پنهنجي لاءِ قابل افسوس ٻڌايو. جنگ ختم ٿي وڃڻ کانپوءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي ساڻ وٺي جڏهن ابو جهل جي لاش وٽان گذريا تہ لاش جي طرف اشارو ڪري فرمايو تہ، ابو جهل هن زماني جو فرعون آهي پوءِ عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ابو جهل جي مُنڍي ڪَٽي ٻنهي جهانن جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قدمن ۾ رکي ڇڏي[1].

(بخاري غزوهٔ بدر و دلائل النبوة ج 2 ص 173)

[1] صحيح البخاري، كتاب مغازي، باب 10 الحديث 3988 ج 3 ص 14 و كتاب فرض الخمس باب من لم يخمس الاسلاب الخ الحديث 3141 ج 2 ص 356

## ابوالبختري جوقتل

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جنگ شروع ٿيڻ کان اڳ ئي هي فرمائي ڇڏيو هو ته ڪجهه ماڻهو ڪافرن جي لشڪر ۾ اهڙا به آهن جن کي مڪي جا ڪافر زوريءَ وٺي آيا آهن اهڙن ماڻهن کي قتل نه ڪرڻ ڪپي انهن ماڻهن جا نالا به حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٻڌائي ڇڏيا هئا انهن ئي ماڻهن مان ابو البختري به هو جيڪو پنهنجي خوشي سان مسلمانن سان وڙهڻ لاءِ نه آيو هو بلڪ قريش جا ڪافر هن کي زبردستي وٺي آيا هئا. عين جنگ جي حالت ۾ حضرت مجذر بن ذياد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي نظر ابو البختري تي پئي جيڪو پنهنجي هڪ گهاٽي دوست جناده بن مليحه سان گڏ گهوڙي تي سوار هو حضرت مجذر بن ذياد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمايو اي ابو البختري! جيئن ته حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اسان کي تنهنجي قتل کان منع فرمايو آهي انهيءَ ڪري آئون توکي ڇڏيان ٿو. ابو البختري چيو منهنجي ساٿي ابو جناده جي باري ۾ تون ڇا ٿو چئين؟ ته حضرت مجذر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ صاف صاف چيو ته هن کي اسان زندهه نٿا ڇڏي سگهون. اهو ٻڌي ابو البختري جذبات ۾ اچي ويو ۽ چيو ته آءُ عرب جي عورتن جو اهو طعنو برداشت نٿو ڪري سگهان ته ابو البختري پنهنجي جان بچائڻ لاءِ پنهنجي ساٿيءَ کي اڪيلو ڇڏي ڏنو. اهو چئي ابو البختري رجز جو هي شعر پڙهيو ته.

لَنْ يُّسْلِمَ ابْنُ حُرَّةٍ زَمِيْلَهٗ حَتّٰى يَمُوْتَ اَوْ يَرٰى سَبِيْلَهٗ

يعني هڪ شريف زادو ڪڏهن به هرگز پنهنجي ساٿي کي نٿو ڇڏي سگهي جيستائين مري نه وڃي يا پنهنجو رستو نه ڏسي[1].

[1] السيرة النبوية لابن هشام غزوة بدر الكبرٰي ص 260

## اُميہ جي هلاڪت

اميّہ بن خلف سڀ کان وڏو دشمنِ رسول هو. جنگ بدر ۾ جڏهن ڪفر ۽ اسلام جا ٻئي لشڪر هڪٻئي جي سامهون ٿيا تہ اميّہ بن خلف پنهنجن پراڻن تعلّقات جي بنياد تي حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ سان چنبڙي پيو تہ منهنجي جان بچايو حضرت عبد الرحمٰن بن عوف رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي رحم اچي ويو ۽ سندن چاهيو تہ اميّہ بچي ڪري نڪري ڀڄي وڃي پر حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ اميّہ کي ڏسي ورتو. حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جڏهن اميّہ جو غلام هو تہ اميّہ ان کي تمام گهڻو ستايو هو انهيءَ لاءِ جوشِ انتقام ۾ حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ انصارن کي پڪاريو انصاري ماڻهو يڪدم ٽٽي پيا، حضرت عبد الرحمٰن بن عوف رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ اميّہ کي چيو تہ زمين تي ليٽي پئ تہ هو ليٽي پيو حضرت عبد الرحمٰن بن عوف رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ان کي بچائڻ جي لاءِ ان جي مٿان ليٽي ان کي لڪائڻ لڳا پر حضرت بلال ۽ انصارن رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم ان جي ٽنگن جي اندر هٿ وجهي ۽ بغل مان تلوار گهڙائي قتل ڪري ڇڏيو.[1]

(بخاري ج 1 ص 308 باب اذا وكل المسلم حربيًا)

## فرشتن جي فوج

جنگ بدر ۾ الله تعاليٰ مسلمانن جي مدد جي لاءِ آسمان تان فرشتن جو لشڪر لاهي ڇڏيو هو پهرين هڪ هزار فرشتا آيا پوءِ ٽي هزار ٽي ويا ان کانپوءِ پنج هزار ٽي ويا.[2]

(قرآن سورة آل عمران و انفال)

---

[1] صحيح البخاري كتاب الوكالة، باب اذا وكل المسلم حربيًا..... الخ الحديث 2301 ج 2 ص 78

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني غزوة بدر الكبرٰي ج 2 ص 286

جڏهن لاشن جا ڍير لڳڻ لڳا تہ فرشتا ڪنهن کي نظر نہ ٿي آيا پر انهن جي حملي ۽ وارَ جا اثر صاف نظر اچڻ لڳا. ڪجهہ ڪافرن جي نڪ ۽ منهن تي ڪوڙن جي مار جا نشان نظر ٿي آيا تہ ڪٿي بنا تلوار هٿڻ جي سسي ڪپجي هيٺ ڪرندي نظر پئي آئي. هي آسمان تان اچڻ واري ملائڪن جي فوج جا ڪارناما هئا.

## ڪافرن هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا

عتبہ، شيبہ، ابو جهل وغيره قريش جي ڪافرن جي سردارن جي مارجي وڃڻ سان مڪي جي ڪافرن جي چيلهہ ڇڏي ٿي وئي ۽ انهن جا پير اکڙي ويا ۽ هو هٿيار ڦٽا ڪري ڀڄي نڪتا ۽ مسلمانن انهن کي گرفتار ڪرڻ شروع ڪري ڏنو.

انهيءَ جنگ ۾ ڪافرن جا ستر ماڻهو قتل ۽ ستر ماڻهو گرفتار ٿيا. ٻيا پنهنجو سامان ڇڏي ڀڄي ويا انهيءَ جنگ ۾ مڪي جي ڪافرن کي اهڙي زبردست شڪست ٿي جو انهن جي فوجي طاقت ئي ختم ٿي وئي. قريش جي ڪافرن جا وڏا وڏا سردار جيڪي بهاداريءَ ۽ سپاهگيري جي فن ۾ پنهنجو مٿ پاڻ هئا هڪ هڪ ٿي سڀ موت جي ور چڙهي ويا انهن ناليوارن ۾ عتبہ، شيبہ، ابو جهل، ابو البختري، زمعہ، عاص بن هشام، اميہ بن خلف، منبہ بن الحجاج، عقبہ بن ابي معيط، نضر بن الحارث وغيره قريشن جي مٿي جا تاج هئا اهي سڀ مارجي ويا[1].

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني غزوة بدر الكبرٰي ج 2 ص 328 ملخصًا و السيرة النبوية لابن هشام غزوة بدر الكبرٰي ص 267

## شهداءِ بدر

جنگِ بدر ۾ ڪل 14 مسلمانن شهادت ماڻي جن مان 6 مهاجر ۽ 8 انصار هئا. شهداءِ مهاجرين جا نالا هي آهن (1) حضرت عبيده بن الحارث (2) حضرت عمير بن ابي وقاص (3) حضرت ذو الشمالين عمير بن عبد عمرو (4) حضرت عاقل بن ابي بڪير (5) حضرت مهجع (6) حضرت صفوان بن بيضاء ۽ انصارن جي نالن جي فهرست هي آهي: (7) حضرت سعد بن خيثم (8) حضرت مبشر بن عبد المنذر (9) حضرت حارثہ بن سراقہ (10) حضرت معوذ بن عفراء (11) حضرت عمير بن حمام (12) حضرت رافع بن معلٰي (13) حضرت عوف بن عفراء (14) حضرت يزيد بن حارث[1]. رَضِيَ اللهُ عَنْهُم اَجْمَعِيْن.

(زرقاني ج 1 ص 444 و ص 445)

انهن شهداءِ بدر مان تيرهن حضرات تہ ميدانِ بدر ۾ ئي دفن ٿيا پر حضرت عبيده بن حارث رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو تہ بدر کان واپسي تي منزل "صفراء" ۾ وفات ڪئي ان لاءِ انهن جي قبر شريف منزل "صفراء" ۾ آهي[2]. (زرقاني ج 1 ص 445)

## بدر جي ڪڏ

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو هميشہ اهو طرزعمل رهيو تہ جڏهن بہ ڪٿي ڪو لاش نظر ايندو هو تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي دفن ڪرائي ڇڏيندا هئا. پر جنگ بدر ۾ قتل ٿيڻ وارن ڪافرن جو تعداد جيئن تہ تمام گهڻو هو تنهنڪري سيني

---

[1] المواهب اللدنية و الزرقاني غزوة بدر الكبرٰي ج 2 ص 327.326.325 ملتقطًا

[2] شرح الزرقاني علي المواهب غزوة بدر الكبرٰي ج 2 ص 325

کي الڳ الڳ دفن ڪرڻ تمام ڏکيو ڪم هو. انڪري سيني لاشن کي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بدر جي هڪ ڪڏ ۾ اڇلڻ جو حڪم فرمايو. پوءِ صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سيني لاشن کي گهلي گهلي ڪڏ ۾ اڇلايو، اميه بن خلف جو لاش سُڄي ويو هو، صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ان کي گهلڻ چاهيو تہ ان جا عضوا الڳ الڳ ٿيڻ لڳا انڪري ان جو لاش اتي ئي مٽي ۾ دٻايو ويو[1].

(بخاري ڪتاب المغازي باب قتل ابي جهل ج 2 ص 566)

## ڪافرن جي لاشن کي خطاب

جڏهن ڪافرن جا لاش بدر جي ڪڏ ۾ اڇلائجي چڪا تہ حضور سرور عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهيءَ ڪڏ جي ڪناري تي بيهي انهن قتل ٿيندڙن جا نالا وٺي ڪري هينئن چيو اي عتبہ بن ربيعہ! اي شيبہ بن ربيعہ! اي فلاڻا! اي فلاڻا! ڇا توهان ماڻهن پنهنجي رب جي واعدي کي سچو ڏٺو؟ اسان تہ پنهنجي رب جي واعدي کي بلڪل ٺيڪ ٺيڪ سچ ڏٺو. حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن جڏهن ڏٺو تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪافرن جي لاشن سان خطاب فرمائي رهيا آهن تہ انهن کي تمام گهڻو تعجب ٿيو پوءِ انهن عرض ڪيو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڇا توهان انهن بغير روح جي جسمن سان خطاب فرمائي رهيا آهيو؟ اهو ٻڌي ڪري حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ اي عمر! (رَضِیَ اللهُ عَنْهُ) خدا جو قسم جنهن جي قبضهءِ قدرت ۾ منهنجي جان آهي توهان (زندهء ماڻهو) منهنجي ڳالهہ کي هنن کان وڌيڪ نٿا

[1] المواهب اللدنية و الزرقاني غزوة بدر الكبرٰي ج 2 ص 303

ٻڌي سگهو پر ايترو آهي جو هي مڙدا جواب نٿا ڏئي سگهن[1].

(بخاري ج 1 ص 183 باب ما جاء في عذاب القبر و بخاري ج 2 ص 566)

## ضروري تنبيه

بخاري شريف وغيره جي انهيءَ حديث مان هي مسئلو ثابت ٿئي ٿو تہ جڏهن ڪافرن جا مڙدا زندهه ماڻهن جي ڳالهہ ٻڌن ٿا تہ پوءِ مؤمن خصوصًا اولياء، شهداء، انبياء عَلَيْهِمُ السَّلَام وفات ڪانپوءِ يقينًا اسان زندهه ماڻهن جو سلام ۽ ڪلام ۽ اسان جون فريادون ٻڌن ٿا ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن ڪافرن جي مڙدا لاشن کي سڏيو تہ پوءِ خدا جي پيارن ٻانهن يعني ولين شهيدن ۽ نبين کي انهن جي وفات ڪانپوءِ سڏڻ ڀلا ڇو نہ جائز ۽ درست هوندو؟ انهيءَ لاءِ تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن مديني جي قبرستان ۾ تشريف وني ويندا هئا تہ قبرن جي طرف پنهنجو رُخ انور ڪري هينئن فرمائيندا هئا تہ:

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ يَا اَهْلَ الْقُبُوْرِ يَغْفِرُ اللّٰهُ لَنَا وَلَكُمْ اَنْتُمْ سَلَفُنَا وَنَحْنُ بِالْاَثَرِ[2]

(مشڪوٰة باب زيارة القبور ص 154)

يعني ”اي قبر وارو! توهان تي سلام هجن خدا توهان جي ۽ اسان جي مغفرت فرمائي توهان اسان کان پهريان هليا ويا ۽ اسان توهان کان بعد اچڻ وارا آهيون“ ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي امت کي بہ اهو ئي حڪم ڏنو آهي ۽ صحابهءِ ڪرام

---

[1] صحيح البخاري كتاب المغازي باب قتل ابي جهل الحديث 3976 ج 3 ص 11 والمواهب اللدنية والزرقاني باب غزوة بدر الكبرٰي ج 2 ص 305_307

[2] مشكٰوة المصابيح كتاب الجنائز باب زيارة القبور الفصل الثاني الحديث 1765 ج 1 ص 334

عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جن کي ان جي تعليم ڏيندا هئا تہ جڏهن توهان قبرن جي زيارت لاءِ وڃو تہ

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ اَهْلَ الدِّيَارِ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُسْلِمِيْنَ وَاِنَّا اِنْ شَآءَ اللّٰهُ بِكُمْ لَلَاحِقُوْنَ نَسْأَلُ اللّٰهَ لَنَا وَلَكُمُ الْعَافِيَةَ[1]

(مشكٰوة باب زيارة القبور ص 154)

انهن حديثن مان ظاهر آهي تہ مڙدا زندهہ جو سلام ۽ ڪلام ٻڌن ٿا نہ تہ ظاهر آهي جيڪي ماڻهو ٻڌن ئي ڪو نہ ٿا انهن کي سلام ڪرڻ مان ڇا فائدو؟

## مديني ڏانهن واپسي

فتح ڪانپوءِ ٽي ڏينهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بدر ۾ قيام فرمايو پوءِ سي مالِ غنيمت ۽ ڪافر قيدين کي ساڻ ڪري روانا ٿيا جڏهن وادي ”صفراء“ ۾ پهتا تہ مالِ غنيمت کي مجاهدن ۾ تقسيم فرمائي ڇڏيو.

حضرت عثمان غني رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي گهر واري حضرت بيبي رقيّہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جيڪي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جون صاحبزاديون آهن جنگ بدر جي موقعي تي بيمار ٿي پيون ان لاءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت عثمان غني رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي صاحبزاديءَ جي علاج ۽ سار سنيال لاءِ مديني ۾ رهڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو هو انڪري هو جنگ بدر ۾ شريڪ نہ ٿي سگهيا پر حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مال غنيمت مان انهن کي بہ

[1] مشكٰوة المصابيح كتاب الجنائز باب زيارة القبور الفصل الاول الحديث 1764 ج 1 ص 333

مجاهدينِ بدر جي برابر ئي حصو ڏنو ۽ برابر اجر و ثواب جي بشارت بہ ڏني انهيءَ لاءِ حضرت عثمان غني رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن کي بہ اصحابِ بدر جي فهرست ۾ شمار ڪيو ويندو آهي[1].

## مجاهدين بدر جو استقبال

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فتح ڪانپوءِ حضرت زيد بن حارثہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي فتح مبين جي خوشخبري ٻڌائڻ جي لاءِ مديني روانو ڪري ڇڏيو هو. تنهنڪري حضرت زيد بن حارثہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ اها خوشخبري ڪٽي جڏهن مديني پهتا تہ تمام اهل مدينہ جوشِ مسرت سان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي آمد جي انتظار ۾ بيقرار رهڻ لڳا ۽ جڏهن تشريف آوري جي خبر پهتي تہ اهل مدينہ اڳيان وڌي ڪري مقام "روحاء" ۾ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو پرجوش استقبال ڪيو[2]. (ابن هشام ج 2 ص 643)

## قيدين سان سلوڪ

مڪي جا ڪافر جڏهن جنگي قيدي بڻجي مديني ۾ آيا تہ انهن کي ڏسڻ جي لاءِ تمام وڏو مجمعو گڏ ٿي ويو ۽ ماڻهو انهن کي ڏسي ڪري ڪجهہ نہ ڪجهہ چوندا رهيا حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زوجہ محترمہ حضرت بيبي سوده رَضِیَ اللهُ عَنْهَا انهن قيدين کي ڏسڻ جي لاءِ تشريف ڪٽي آيون ۽ هي ڏنو تہ انهن قيدين ۾ انهن جو هڪ ويجهو مائٽ "سهيل" بہ آهي تہ پاڻ اوچتو چئي ڏنو تہ "اي سهيل تو بہ عورتن وانگر زنجيرون پائي ڇڏيون تو

---

[1] السيرة النبوية لابن هشام من حضر بدرًا.... الخ ص 282

2 السيرة النبوية لابن هشام غزوة بدر الكبرٰي ص 265_266 ملتقطًا

كان هي نہ ٿي سگهيو جو بهادرن وانگر وڙهندي قتل ٿي وڃين ها“[1]. (سيرت ابن هشام ج 2 ص 645)

انهن قيدين کي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۾ ورهائي ڇڏيو ۽ هي حڪم ڏنو تہ انهن قيدين کي آرام سان رکيو وڃي. تنهنڪري ٻہ ٻہ، چار چار، قيدي صحابہ جي گهرن ۾ رهڻ لڳا ۽ صحابہ انهن سان هي حسن سلوڪ ڪيو تہ انهن کي گوشت ماني وغيره حسب حال سنو ڪاڏو ڪارائيندا هئا ۽ پاڻ کجور کائي گذارو ڪندا هئا[2].

(ابن هشام ج 2 ص 646)

قيدين ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چاچي حضرت عباس جي بدن تي ڪڙتو نہ هو ۽ هو ايترا ڊگها هئا جو ڪنهن جو ٻہ ڪڙتو انهن کي صحيح طرح نہ پئي آيو. عبد الله بن اُبي (منافقن جو سردار) جيئن تہ قد ۾ انهن جي برابر هو انهيءَ لاءِ ان پنهنجو ڪڙتو انهن کي پارائي ڇڏيو. بخاري شريف ۾ هي روايت آهي تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن عبد الله بن ابي جي ڪفن جي لاءِ جيڪو پنهنجو پهراڻ شريف عطا فرمايو هو اهو انهيءَ احسان جو بدلو هو[3]. (بخاري باب الكسوة للاساري ج 1 ص 422)

---

[1] السيرة النبوية لابن هشام غزوة بدر الكبرٰي ص 267

[2] السيرة النبوية لابن هشام غزوة بدر الكبرٰي ص 267 ملتقطًا و ملخصًا

[3] صحيح البخاري كتاب الجهاد والسير، باب الكسوة للساري، الحديث 3008 ج 2 ص 313

## جنگي قيدين جو انجام

انهن قيدين جي باري ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان مشورو فرمايو تہ انهن سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو وڃي تہ حضرت عمر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ اها راءِ ڏني تہ انهن سيني دشمنانِ اسلام کي قتل ڪرڻ گهرجي ۽ اسان مان هر شخص پنهنجي پنهنجي ويجهي مائٽ کي پنهنجي هٿ سان قتل ڪري پر حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ هي مشورو ڏنو تہ آخر هي سڀ ماڻهو پنهنجا عزيز مائٽ ئي آهن تنهنڪري انهن کي قتل نہ ڪيو وڃي بلڪہ انهن ماڻهن کان بطور فديو ڪجهہ رقم وٺي ڪري انهن سيني کي آزاد ڪري ڇڏجي، هن وقت مسلمانن جي مالي حالت تمام ڪمزور آهي فديي جي رقم سان مسلمانن جي مالي امداد ٿي ويندي ۽ شايد الله تعالٰي آئنده انهن کي اسلام جي توفيق نصيب فرمائي. حضور رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي سنجيده راءِ کي پسند فرمايو ۽ انهن قيدين کان چار چار هزار درهم فديو وٺي انهن ماڻهن کي ڇڏيو ويو. جيڪي ماڻهو مفلسي جي ڪري فديو نٿي ڏئي سگهيا اهي ائين بنا فديي جي ڇڏي ڏنا ويا. انهن قيدين مان جيڪي لکڻ ڄاڻندا هئا انهن مان هر هڪ جو فديو هي هو تہ هو انصار جي ڏهن ڇوڪرن کي لکڻ سيکارين[1]. (ابن هشام ج 2 ص 646)

---

[1] المواهب اللدنية والزرقاني غزوة بدر الكبرٰي ج 2 ص 322.320 و شرح الزرقاني علي المواهب غزوة بدر الكبرٰي ج 2 ص 324

## حضرت عباس جوفديو

انصارين حضُور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي عرض ڪيو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت عباس اسان جا ڀاٽيجا آهن تنهنڪري اسان انهن جو فديو معاف ڪريون ٿا. پر رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اها درخواست قبول نہ فرمائي. حضرت عباس قريش جي انهن ڏهن دولتمند رئيسن مان هئا جن ڪافرن جي لشڪر جي راشن جي ذميداري پنهنجي مٿي تي کنئي هئي. انهيءَ مقصد جي لاءِ حضرت عباس وٽ ويهہ اوقيہ سون هو. جيئن تہ فوج کي ڪاڏو ڪارائڻ جو اجان حضرت عباس جو وارو نہ آيو هو ان ڪري اهو سون انهن وٽ اجان تائين محفوظ هو انهيءَ سون کي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مال غنيمت ۾ شامل فرمائي ڇڏيو ۽ حضرت عباس کان مطالبو فرمايو تہ هو پنهنجو ۽ پنهنجي ٻنهي ڀائٽين عقيل بن ابي طالب ۽ نوفل بن حارث ۽ پنهنجي حليف عتبہ بن عمرو بن جحدم چئن ماڻهن جو فديو ادا ڪن. حضرت عباس چيو مون وٽ تہ ڪو مال ئي نہ آهي آئون ڪٿان فديو ادا ڪريان؟ اهو ٻڌي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اي چاچا جان توهان جو اهو مال ڪٿي آهي جيڪو اوهان جنگ بدر لاءِ روانو ٿيڻ وقت پنهنجي گهرواري ”اُم الفضل“ کي ڏنو هو ۽ چيو هو تہ جيڪڏهن آءٌ انهيءَ لڙائي ۾ مارجي وڃان تہ هن مان هيترو هيترو مال منهنجي پٽن کي ڏئي ڇڏجان. اهو ٻڌي حضرت عباس چيو قسم آهي ان خدا جو جنهن اوهان کي حق سان گڏ موڪليو آهي يقيناً اوهان الله پاڪ جا رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهيو. ڇو تہ هن مال جو علم منهنجي ۽ منهنجي زال اُم الفضل کان سواءِ ٻيو ڪنهن کي بہ نہ هو پوءِ حضرت عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پنهنجو، پنهنجن ٻنهي ڀائٽين ۽

پنهنجي حليف جو فديو ادا ڪري آزادي حاصل ڪئي انهيءَ ڪانپوءِ حضرت عباس حضرت عقيل ۽ حضرت نوفل ٽئي اسلام سان مشرف ٿي ويا[1]. (رَضِيَ اللهُ عَنْهم)

(مدارج النبوة ج 2 ص 97 و زرقاني ج 1 ص 447)

## حضرت زينب جوهار

بدر جي جنگ ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا نياڻا ابو العاص بن الربيع به هئا. هي هاله بنت خويلد جا پٽ هئا ۽ هاله حضرت بيبي خديجه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي سڳي ڀيڻ هئي انهيءَ لاءِ حضرت بيبي خديجه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان صلاح ڪري پنهنجي ڌيءُ حضرت زينب رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو ابو العاص بن الربيع سان نڪاح ڪري ڇڏيو هو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن پنهنجي نبوت جو اعلان فرمايو ته رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي صاحبزادي ته اسلام قبول ڪري ورتو پر انهن جا مڙس ابو العاص مسلمان نه ٿيا ۽ نه ئي حضرت زينب رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي پاڻ کان جدا ڪيو. ابو العاص بن الربيع حضرت زينب رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ڏانهن قاصد موڪليو ته فديي جي رقم موڪلي ڏي. حضرت زينب رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي سندس والده حضرت بيبي خديجه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ڏاج ۾ هڪ قيمتي هار به ڏنو هو. حضرت زينب رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فديي جي رقم سان گڏ اهو هار به پنهنجي ڳلي مان لاهي مديني موڪلي ڇڏيو. جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي نظر انهيءَ هار تي پئي ته حضرت بيبي خديجه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ۽ انهن جي

[1] مدارج النبوة باب چوٿون قسم 2 جلد 2 ص 97 و شرح الزرقاني علي المواهب، غزوة بدر الكبرٰي ج 2 ص 320-323

محبت جي ياد مبارڪ دل تي اهڙو رقت انگيز اثر وڌو جو پاڻ روئي پيا ۽ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي فرمايو تہ: ”جيڪڏهن توهان جي مرضي هجي تہ مان ڏيءُ کي ان جي ماءُ جو يادگار هار واپس ڪري ڇڏيان“ اهو ٻڌي ڪري صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم کنڌ جهڪائي ڇڏيا ۽ هي هار حضرت بيبي زينب رَضِیَ اللهُ عَنْهَا ڏانهن مڪي واپس موڪليو ويو[1]. (تاريخ طبري ص 1348)

ابو العاص آزاد ٿي مديني کان مڪي آيا ۽ حضرت بيبي زينب رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کي مديني موڪلي ڇڏيو. ابو العاص تمام وڏا تاجر هئا. هي مڪي کان پنهنجو تجارت جو مال کڻي شام ويا ۽ اتان تمام گهڻو نفعو ڪمائي واپس مڪي اچي رهيا هئا تہ مسلمان مجاهدن انهن جي قافلي تي حملو ڪري انهن جو سڄو مال ۽ ملڪيت لٽي ورتي ۽ هي مالِ غنيمت سيني سپاهين ۾ ورهائجي بہ ويو. ابو العاص لڪي لڪي مديني پهتا ۽ حضرت زينب رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کين پناهہ ڏئي پنهنجي گهر ۾ رهايو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي فرمايو جيڪڏهن اوهان جي خوشي هجي تہ ابو العاص جو مال ۽ سامان واپس ڪري ڇڏيو فرمانِ رسالت جو اشارو ملندي ئي سيني مجاهدن سڄو مال ۽ سامان ابو العاص جي سامهون رکي ڇڏيو ابو العاص پنهنجو سڄو مال ۽ سامان کڻي مڪي آيو ۽ پنهنجي تجارت جي شريڪ ساٿين کي پائي پائي جو حساب سمجهائي ڪري ۽ سيني کي انهن جي حصي جي رقم ادا ڪري پنهنجي مسلمان ٿيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو ۽ مڪي وارن کي چئي ڇڏيو تہ آءُ هتي اچي ڪري

[1] السيرةالنبوية لابن هشام.ذكر رؤيا عاتكة ....الخ ص 270

سيني جو پورو پورو حساب ادا ڪري مديني وڃان ٿو تہ جئين ڪو ائين نہ چئي سگهي تہ ابو العاص اسان جا پئسا ڪٽي ڪري واپس ڏيڻ جي ڊپ کان مسلمان ٿي مديني پيجي ويو ان کانپوءِ حضرت ابو العاص رَضِیَ اللهُ عَنْهُ مديني اچي حضرت بيبي زينب رَضِیَ اللهُ عَنْهَا سان گڏ رهڻ لڳا[1]. (تاريخ طبري)

## بدر ۾ قتل ٿيڻ وارن جو ماتم

بدر ۾ قريش جي ڪافرن جي بُري شڪست جي خبر جڏهن مڪي ۾ پهتي تہ اهڙو ڪهرام مچي ويو جو گهر گهر ۾ ماتم مچي ويو پر ان خيال کان تہ مسلمان اسان تي ڪلندا ابو سفيان سڄي شهر ۾ اعلان ڪرائي ڇڏيو تہ خبردار ڪو بہ شخص نہ روئي. انهيءَ جنگ ۾ اسود بن المطلب جا بہ پٽ "عقيل" ۽ "زمعہ" ۽ هڪ پوٽو "حارث بن زمعہ" قتل ٿيا هئا. ان هانءُ ڏاريندڙ صدمي کان اسود جي دل ٽٽي پئي، هن چاهيو ٿي تہ پنهنجي انهن مقتولن تي تمام گهڻو روئي تہ جيئن دل جو بار هلڪو ٿي وڃي پر قومي غيرت جي ڪري روئي نہ پئي سگهيو پر دل ئي دل ۾ گُهٽجندو ۽ ڪڙهندو رهندو هو ۽ لڙڪ وهائيندي وهائيندي انڌو ٿي ويو هو. هڪ ڏينهن شهر ۾ ڪنهن عورت جي روئڻ جو آواز آيو تہ هن پنهنجي غلام کي موڪليو تہ ڏس ڪير روئي رهيو آهي؟ ڇا بدر ۾ قتل ٿيڻ وارن تي روئڻ جي اجازت ملي وئي آهي؟ منهنجي سيني ۾ رنج ۽ غم جي باهہ ٻري رهي آهي آءُ بہ روئڻ جي لاءِ بيقرار آهيان، غلام ٻڌايو تہ هڪ عورت جو اٺ وڃائجي ويو آهي هوءَ انهيءَ غم ۾ روئي رهي آهي اسود شاعر هو بي

[1] السيرةالنبوية لابن هشام. اسلام ابي العاص بن الربيع ص 272

اختيار هن جي زبان مان هي دردناڪ شِعرَ نڪري پيا جنهن جي لفظ لفظ مان رت ٽمي رهيو آهي

اَتَبْكِىْ اَنْ يَّضِلَّ لَهَا بَعِيْرٌ وَيَمْنَعُهَا مِنَ النَّوْمِ السُّهُوْدُ

ڇا هوءَ عورت هڪ اٺ جي گم ٿي وڃڻ تي روئي رهي آهي؟ ۽ بي خوابي هن جي ننڊ کي روڪي ڇڏيو آهي.

فَلَا تَبْكِىْ عَلٰى بَكْرٍ وَّلٰكِنْ عَلٰى بَدْرٍ تَقَاصَرَتِ الْجُدُوْدُ

تہ هو هڪ اٺ تي نہ روئي پر ”بدر“ تي روئي جتي قسمت ڪوتاهي ڪئي آهي.

وَبَكِّىْ اِنْ بَكَيْتِ عَلٰى عَقِيْلٍ وَبَكِّىْ حَارِثًا اَسَدَ الْاُسُوْدِ

جيڪڏهن توکي روئڻو آهي تہ ”عقيل“ تي روئندي ڪر ۽ ”حارث“ تي روئندي ڪر جيڪو شينهن جو شينهن هو.

وَبَكِّيْهِمْ وَلَا تَسْئَمِىْ جَمِيْعًا وَمَا لِاَبِىْ حَكِيْمَةَ مِنْ نَدِيْدٍ

۽ انهن سيني تي روئندي ڪر پر انهن سيني جا نالا نہ وٺ ۽ ”ابو حڪيمہ“ ”زمعہ“ جهڙو تہ ڪو آهي ئي ڪو نہ.[1] (ابن هشام ج 2 ص 657)

## عميرءِ صفوان جي خوفناڪ سازش

هڪ ڏينهن عمير ۽ صفوان ٻئي حطيمِ ڪعبہ ۾ ويهي بدر ۾ قتل ٿيڻ وارن تي لڙڪ وهائي رهيا هئا. هڪدم صفوان چوڻ

[1] السيرة النبوية لابن هشام.غزوة بدرالكبرٰي ص 268

لڳو تہ اي عمير! منهنجو پيءُ ۽ ٻيا مڪي جا رئيس جهڙي طرح بدر ۾ قتل ٿيا انهن کي ياد ڪري سيني ۾ دل ٽڪرا ٽڪرا ٿي رهي آهي ۽ هاڻي زندگي ۾ ڪو بہ مزو باقي ناهي رهيو، عمير چيو اي صفوان! تون سچ ٿو چئين منهنجي سيني ۾ بہ انتقام جي باهہ ٻري رهي آهي منهنجا عزيز ۽ اقارب بہ بدر ۾ بيدرديءَ سان قتل ڪيا ويا آهن ۽ منهنجو پٽ مسلمانن جي قيد ۾ آهي خدا جو قسم! جيڪڏهن آءُ قرضدار نہ هجان ها ۽ ٻارن ٻچن جو فڪر نہ هجي ها تہ هاڻي جو هاڻي تيز رفتار گهوڙي تي چڙهي مديني وڃان ها ۽ هڪ گهڙيءَ ۾ ڏوڪي سان (حضرت) محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي قتل ڪري فرار ٿي وڃان ها. اهو ٻڌي صفوان چيو اي عمير! تون پنهنجي قرض ۽ ٻارن ٻچن جو بلڪل فڪر نہ ڪر آءُ خدا جي گهر ۾ عهد ٿو ڪريان تہ تنهنجو سڄو قرض ادا ڪري ڇڏيندس ۽ آءُ تنهنجي ٻارن جي پرورش جو بہ ذميدار آهيان. هن معاهدي کان پوءِ عمير سڌو گهر آيو ۽ زهر ۾ ٻريل تلوار کڻي گهوڙي تي سوار ٿي پيو. جڏهن مديني ۾ مسجد نبوي جي ويجهو پهتو تہ حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ان کي پڪڙي ورتو ۽ ڳلو دٻائي ۽ ڳچي مان جهلي دربارِ رسالت ۾ وٺي ويا. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پڇيو تہ ڇو عمير! ڪهڙي ارادي سان آيو آهين؟ جواب ڏنائين تہ پنهنجي پٽ کي ڇڏائڻ جي لاءِ. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ ڇا تو ۽ صفوان حطيم ڪعبہ ۾ ويهي منهنجي قتل جي سازش نہ ڪئي آهي؟ عمير اها راز جي ڳالهہ ٻڌي حيرت ۾ پئجي ويو ۽ چيو تہ آئون گواهي ڏيان ٿو تہ بيشڪ اوهان الله پاڪ جا رسول آهيو ڇو تہ خدا جو قسم! منهنجي ۽ صفوان کان سواءِ انهيءَ راز جي ڪنهن کي بہ خبر نہ

هئي. هوڏانهن مڪي ۾ صفوان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قتل جي خبر ٻڌڻ جي لاءِ انتهائي بيقرار هو ۽ ڏينهن ڳڻي ڳڻي عمير جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيو هو. پر جڏهن هن اوچتو ٻڌو تہ عمير مسلمان ٿي ويو آهي تہ حيرت وچان هن جي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي ۽ هن جون وايون بتال ٿي ويون.

حضرت عمير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ مسلمان ٿي مڪي آيو ۽ جهڙي طرح هو پهريان مسلمانن جي رت جو پياسو هو هاڻي هو ڪافرن جي جان جو دشمن بڻجي ويو ۽ انتهائي بي خوفي ۽ بهاداريءَ سان مڪي ۾ اسلام جي تبليغ ڪرڻ لڳو ايسيتائين جو انهن جي دعوت اسلام سان وڏن وڏن ڪافرن جي اونداهه دلين ۾ نورِ ايمان جي روشني سان سوجهرو ٿي ويو ۽ اهو ئي عمير هاڻي صحابي رسول حضرت عمير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چورائڻ لڳا[1]. (تاريخ طبري ص 1354)

## بدر جي مجاهدن جا فضائل

جيڪي صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جنگ بدر جي جهاد ۾ شريڪ ٿيا اهي سيني صحابين ۾ خصوصي شرف سان نمايان آهن ۽ انهن خوشنصيبن جي فضائل ۾ هڪ عظيم الشان فضيلت هي آهي تہ انهن سعادتمندن جي باري ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هي فرمايو تہ ”بيشڪ الله تعالٰي بدر وارن کان واقف آهي ۽ ان هي فرمائي ڇڏيو آهي تہ توهان هاڻي جيڪو عمل چاهيو ڪريو بيشڪ توهان جي لاءِ جنت واجب ٿي چڪي

[1] السيرة النبوية لابن هشام.غزوة بدرالكبرٰي ص 275.274

آهي يا (هي فرمايو) تہ مون توهان کي بخشي ڇڏيو آهي“[1]. (بخاري باب فضل من شهد بدرًا ج 2 ص 567)

## ابولهب جو عبرتناڪ موت

ابولهب جنگ بدر ۾ شريڪ نہ ٿي سگهيو جڏهن ڪفارِ قريش شڪست کائي ڪري واپس مڪي آيا تہ ماڻهن جي زباني جنگ بدر جا حالات ٻڌي ڪري ابو لهب کي انتهائي رنج ۽ ملال ٿيو ان کان پوءِ ئي هو وڏي ماتا جي بيماري ۾ مبتلا ٿي ويو جنهن سان هن جو سڄو بدن ڏڦ ڪري ويو ۽ اٿين ڏينهن مري ويو. عرب جا ماڻهو ماتا کان تمام گهڻو ڊڄندا هئا ۽ انهيءَ بيماري ۾ مرڻ واري کي وڏو منحوس سمجهندا هئا تنهنڪري ان جي پٽن بہ ٽن ڏينهن تائين هن جي لاش کي هٿ نہ لڳايو پر ماڻهن جي طعنن کان بچڻ جي لاءِ ابو لهب جو لاش ڪاٺين سان ڏڪيندا ويا ۽ هڪ ڪڏ کوٽي ان ۾ لاش کي ڪيرائي مٿان مٽي وجهي ڇڏي ۽ ڪجهہ تاريخدانن لکيو آهي تہ پري کان ماڻهن ان ڪڏ ۾ ايترا پٿر اڇليا جو انهن پٿرن سان ان جو لاش ڍڪجي ويو[2]. (زرقاني ج 1 ص 452)

## غزوہ بني قينقاع

رمضان 2 ھ ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنگ بدر جي معرڪي کان مديني واپس موٽيا. ان کانپوءِ ئي 15 شوال 2 ھ ۾ ”غزوہ بني قينقاع“ جو واقعو پيش آيو. اسان پهريان لکي چڪا آهيون تہ مديني جي اطراف ۾ يهودين جا ٽي وڏا قبيلا آباد هئا. بنو

---

[1] صحيح البخاري ڪتاب المغازي باب فضل من شهد بدرًا.الحديث 3983 ج 3 ص 12

[2] المواهب اللدنية والزرقاني باب غزوة بدر الڪبرٰي ج 2 ص 341.340

قينقاع، بنو نضير ۽ بنو قريظه. انهن تنهي جو مسلمانن سان معاهدو هو پر جنگ بدر کانپوءِ سڀ کان پهريان جنهن قبيلي معاهدو ٽوڙيو اهي بنو قينقاع جا يهودي هئا جيڪي سڀ کان وڌيڪ بهادر ۽ دولتمند هئا. واقعو هي ٿيو جو هڪ برقعو پاتل عرب عورت يهودين جي بازار ۾ آئي دوڪاندارن شرارت ڪئي ۽ ان کي اگهاڙو ڪري ڇڏيو انهيءَ تي سيئي يهودي ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳا عورت رڙيون ڪيون ته هڪ عرب آيو ۽ دوڪاندار کي قتل ڪري ڇڏيائين انهيءَ تي يهودين ۽ عربن ۾ لڙائي شروع ٿي وئي. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي خبر پئي ته تشريف وٺي آيا ۽ يهودين جي ان غير اخلاقي حرڪت تي ملامت فرمائڻ لڳا انهيءَ تي بنو قينقاع جا خبيث يهودي چڙي پيا ۽ چيائون ته جنگ بدر جي فتح سان اوهان مغرور نه ٿي وجو، مڪي وارا جنگ ۾ بي ڍنگا هئا انهيءَ لاءِ اوهان انهن کي ماري وڌو جيڪڏهن اسان سان اوهان جو واسطو پيو ته اوهان کي خبر پئجي ويندي ته جنگ ڪهڙي شيءِ جو نالو آهي؟ ۽ وڙهڻ وارا ڪيئن ٿيندا آهن؟ جڏهن يهودين معاهدو ٽوڙي ڇڏيو ته حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن نصف شوال 2 ھ ڇنڇر جي ڏينهن انهن يهودين تي حملو ڪري ڏنو يهودي جنگ جي ست نه سهي سگهيا ۽ پنهنجن قلعن جا دروازا بند ڪري قلعي ۾ بند ٿي ويا پر پندرهن ڏينهن جي گهيري کانپوءِ آخرڪار يهودي مغلوب ٿي ويا ۽ هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي مجبور ٿي پيا. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي مشوري سان انهن يهودين کي شهر بدر ڪري ڇڏيو ۽ هي عهد ٽوڙيندڙ، بدذات يهودي ملڪ شام جي مقام ”اذرعات“ ۾ وڃي آباد ٿيا[1]. (زرقاني ج 1 ص 458)

---

[1] المواهب اللدنية والزرقاني باب غزوة بني قينقاع ج 2 ص 352.348

## غزوه سويق

اسان اهو تحرير ڪري چڪا آهيون تہ جنگِ بدر ڪانپوءِ مڪي جي هر گهر ۾ سردارانِ قريش جي قتل جو ماتم جاري هو ۽ پنهنجي مقتولن جو بدلو وٺڻ جي لاءِ مڪي جو ٻار ٻار بيچين ۽ بيقرار هو. تنهنڪري غزوه سويق ۽ جنگ احد وغيره جون لڙايون مڪي وارن جي انهيءَ جوشِ انتقام جو نتيجو آهن.

عتبہ ۽ ابو جهل جي قتل ٿي وڃڻ ڪانپوءِ هاڻي قريشن جو سردار اعظم ابو سفيان هو ۽ انهيءَ منصب جو سڀ کان وڏو ڪم غزوه بدر جو انتقام هو. تنهنڪري ابو سفيان قسم کنيو تہ جيسيتائين مان جنگ بدر جي مقتولن جو مسلمانن کان بدلو نہ وٺندس نہ غسلِ جنابت ڪندس نہ مٿي ۾ تيل وجهندس. پوءِ جنگ بدر جي ٻن مهينن کان پوءِ ذوالحجہ 2 ھ ۾ ابو سفيان ٻہ سو اُٺ سوارن جو لشڪر وٺي مديني ڏانهن وڌيو هن کي يهودين تي وڏو ڀروسو بلڪہ ناز هو تہ مسلمانن جي مقابلي ۾ هو هن جي مدد ڪندا. انهيءَ اميد تي ابو سفيان پهريان "حي بن اخطب" يهودي وٽ ويو پر هن دروازو ٻہ نہ کوليو اتان مايوس ٿي اچي سلام بن مشڪم سان مليو جيڪو قبيلہ بنو نضير جي يهودين جو سردار هو ۽ يهودين جي تجارتي خزاني جو مينيجر ٻہ هو هن ابو سفيان جو پرجوش استقبال ڪيو ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سيني جنگي رازن کان ابو سفيان کي آگاهہ ڪري ڇڏيو. صبح جو ابو سفيان مقام "عريض" تي حملو ڪيو هي ڳوٺ مديني کان ٽن ميلن جي فاصلي تي هو.

انهيءَ حملي ۾ ابو سفيان هڪ انصاري صحابي سعد بن عمرو رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي شهيد ڪري ڇڏيو، ڪجهه وڻن کي ڪٽي ڇڏيو ۽ مسلمان جي ڪجهه گهرن ۽ باغن کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو انهن حرڪتن سان سندس گمان ۾ هن جو قسم پورو ٿي ويو. جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ان جي خبر پئي تہ پاڻ ان جو پيڇو ڪيائون پر ابو سفيان بدحواس ٿي ايترو تيزيءَ سان ڀڳو جو ڀڄندي ڀڄندي پنهنجو وزن هلڪو ڪرڻ جي لاءِ سَتُو جون ٻوريون جيڪي هن پنهنجي فوج جي راشن لاءِ آنديون هيون اڇلائيندو هليو ويو. جيڪي مسلمانن جي هٿ آيون. عربي زبان ۾ سَتُو کي سويق چوندا آهن انهيءَ لاءِ هن غزوه جو نالو غزوه سويق پئجي ويو[1]. (مدارج ج 2 ص 104)

## حضرت فاطمه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي شادي

انهيءَ ئي سال سن 2 ھ ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سڀ کان پياري ڌيءُ حضرت بيبي فاطمه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جن جي شادي خانہ آبادي حضرت علي كَرَّمَ اللهُ وَجْهَهُ الْكَرِيْم جن سان ٿي. هيءَ شادي انتهائي وقار ۽ سادگيءَ سان ٿي. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي حڪم ڏنو تہ هُو حضرت ابو بڪر صديق، حضرت عمر فاروق، حضرت عثمان غني ۽ حضرت عبد الرحمٰن بن عوف رَضِیَ اللهُ عَنْهُمْ ۽ ڪجهه ٻين مهاجرن ۽ انصار صحابه عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي دعوت پيش ڪن. پوءِ جڏهن صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جمع ٿي ويا تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خطبو پڙهيو ۽ نڪاح فرمائي ڇڏيو.

---

[1] مدارج النبوة قسم سوم باب دوم ج 2 ص 104

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن شهزاديءِ اسلام حضرت بيبي فاطمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي ڏاج ۾ جيڪو سامان ڏنو انهيءَ جو تفصيل هن ريت آهي. هڪ چادر، واڻ جي هڪ کٽ، چمڙي جو گاديلو جنهن ۾ ڪپهه بدران کجيءَ جو ڪاٻر ڀريل هو، پاڻي جي هڪ ننڍي سانداري، هڪ گلي، ٻه جَنبَ (اٽي پيهڻ جون چڪيون جنهن ۾ عورتون گهر ۾ پيسائي ڪنديون آهن) ٻه نِڪَر جا دِلا. حضرت حارثه بن نعمان انصاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن پنهنجو هڪ گهر حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي انهيءَ لاءِ نذر ڪري ڇڏيو تہ جيئن ان ۾ حضرت بيبي فاطمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ۽ حضرت علي كَرَّمَ اللهُ وَجْهَهُ الْكَرِيْم جن رهائش اختيار ڪن. جڏهن بيبي فاطمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا رخصت ٿي نئين گهر ۾ ويون تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سومهڻي نماز کان پوءِ تشريف وني آيا، هڪ ٿانوَ ۾ پاڻي طلب فرمايائون ۽ ان ۾ گرڙي فرمائي ڪري حضرت علي كَرَّمَ اللهُ وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي سيني ۽ ٻانهن تي ڇڙڪيو، پوءِ حضرت فاطمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي مٿي ۽ سيني تي ٻه پاڻي ڇڙڪيو پوءِ هينئن دعا فرمائي تہ اي الله پاڪ! آءُ علي ۽ فاطمه رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا ۽ انهن جي اولاد کي تنهنجي پناهه ۾ ڏيان ٿو تہ جيئن هي سڀ شيطان جي شر کان محفوظ رهن.[1] (زرقاني ج 2 ص 4)

## سن 2 هه جا متفرق واقعا

1. هن ئي سال روزي ۽ زڪوٰة جي فرضيت جا احڪام نازل ٿيا ۽ نماز وانگر زڪوٰة روزا ٻه مسلمانن تي فرض ٿي ويا.[2]

2. هن ئي سال حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن عيد الفطر جي

---

[1] المواهب اللدنية والزرقاني ذكر تزويج علي بفاطمة ج 2 ص 357_361 ملخصًا

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني تحويل القبلة الخ ج 2 ص 253_254

نماز جماعت سان گڏ عيدگاهه ۾ ادا فرمائي ان کان اڳ ۾ عيد الفطر جي نماز نه ٿي هئي.

3. صدقه فطر ادا ڪرڻ جو حڪم انهيءَ سال جاري ٿيو[1].

4. هن ئي سال 10 ذوالحجه تي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن عيد الاضحيٰ جي نماز ادا فرمائي ۽ نماز کانپوءِ ٻن دنبن جي قرباني فرمائي.

5. هن ئي سال "غزوه قرقر الڪدر" ۽ "غزوه بَحْرَين" وغيره ڪجهه ننڍا ننڍا غزوات به پيش آيا جن ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن شرڪت فرمائي پر انهن غزوات ۾ ڪا جنگ نه ٿي[2].

## باب اٺون

# هجرت جو ٽيون سال

## جنگ احد

هن سال جو سڀ کان وڏو واقعو "جنگ احد" آهي. "اُحد" هڪ جبل جو نالو آهي جيڪو مديني منوره کان تقريبن ٽي ميل پري آهي. جيئن ته حق ۽ باطل جو هي عظيم معرڪو انهيءَ جبل جي پرسان پيش آيو انهيءَ لاءِ اِها لڙائي "غزوه احد" جي نالي سان مشهور آهي ۽ قرآن مجيد جي مختلف آيتن ۾ انهيءَ لڙائي جي واقعن جو خداوند عالم ذڪر فرمايو آهي.

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني تحويل القبلة الخ ج 2 ص 254

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني تحويل القبلة الخ ج 2 ص 254

## جنگ احد جو سبب

هي توهان پڙهي چڪا آهيو تہ جنگ بدر ۾ ستر ڪافر قتل ۽ ستر گرفتار ٿيا هئا ۽ جيڪي قتل ٿيا انهن ۾ گهڻا قريش جي ڪافرن جا سردار بلڪ تاجدار هئا. انڪري مڪي جو هڪ هڪ گهر ماتم گهر بڻيل هو ۽ قريش جو ٻچو ٻچو انتقام جي باهہ ۾ مسلمانن سان وڙهڻ لاءِ بيقرار هو. عرب، خاص ڪري قريشن جو اهو خاصو هو تہ هو پنهنجي هڪ هڪ مقتول جي خون جو بدلو وٺڻ ايترو وڏو فرض سمجهندا هئا جڻ ان کي ادا ڪرڻ کان بغير انهن جي هستي قائم نہ رهي سگهندي هجي. تنهنڪري جنگ بدر جي مقتولن جي ماتم کان قريشن کي جڏهن واندڪائي ملي تہ انهن عزم ڪري ورتو تہ جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي جلد کان جلد مسلمانن کان پنهنجي مقتولن جي خون جو بدلو وٺڻ گهرجي. تنهنڪري ابو جهل جو پُٽ عڪرمہ ۽ اُميّہ جو پُٽ صفوان ۽ ٻيا ڪفارِ قريش جن جا پيءُ، پُٽ ۽ ڀائر جنگ بدر ۾ قتل ٿي چڪا هئا سڀ جا سڀ ابو سفيان وٽ ويا ۽ چيو تہ مسلمانن اسان جي قوم جي سيني سردارن کي قتل ڪري ڇڏيو آهي. انهن جو بدلو وٺڻ اسان جو قومي فرض آهي تنهنڪري اسان جي خواهش آهي تہ قريشن جي گڏيل تجارت ۾ هن سال جيترو نفعو ٿيو آهي اهو سڀ قوم جي جنگي فنڊ ۾ جمع ٿيڻ گهرجي ۽ انهيءَ رقم مان بهترين هٿيار خريد ڪري پنهنجي فوجي طاقت جلد مضبوط ڪرڻ گهرجي ۽ پوءِ هڪ عظيم فوج وٺي مديني تي چڙهائي ڪري اسلام جي بانيءَ ۽ مسلمانن جو دنيا مان نالو نشان مٽائي ڇڏڻ گهرجي. ابو سفيان خوشيءَ وچان قريشن جي ان درخواست کي قبول ڪري ورتو پر قريشن کي جنگ بدر مان اهو تجربو ٿي چڪو هو تہ مسلمانن سان

وڙهڻ کو آسان ڪم نہ آهي. آنڌارين ۽ طوفانن سان مقابلو، سمنڊ جي لهرن سان ٽڪرائڻ، جبلن سان ٽڪرجڻ تمام آسان آهي پر محمد رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي عاشقن سان جنگ ڪرڻ وڏو مشڪل ڪم آهي. انهيءَ لاءِ هنن پنهنجي جنگي طاقت ۾ تمام گهڻو اضافو ڪرڻ بيحد ضروري سمجهيو. تنهنڪري انهن ماڻهن هٿيارن جي تياري ۽ جنگ جي سامان جي خريداري ۾ پاڻي وانگر پئسو وهائڻ سان گڏوگڏ پوري عرب ۾ جنگ جي جوش ۽ لڙائي جو بخار پکيڙڻ لاءِ وڏن وڏن شاعرن کي منتخب ڪيو جيڪي پنهنجي شعلہ بياني سان عرب جي سيني قبيلن ۾ جوشِ انتقام جي باهہ لڳائي ڇڏن. ”عمرو جمحي“ ۽ ”مسافع“ هي ٻئي پنهنجي شاعري ۾ ماهر ۽ تمام گهڻي شهرت رکندڙ هئا، هنن ٻنهي باقاعده دورا ڪري سيني عرب جي قبيلن ۾ اهڙو جوش ۽ اشتعال پيدا ڪري ڇڏيو جو ٻچو ٻچو ”خون جو بدلو خون“ وارو نعرو لڳائيندي مرڻ ۽ مارڻ لاءِ تيار ٿي ويو جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو هڪ تمام وڏي فوج تيار ٿي وئي. مردن سان گڏوگڏ وڏن وڏن معزز ۽ مالدار گهراڻن جون عورتون بہ بدلي جي جوش ۾ فوج ۾ شامل ٿي ويون. جن جا پيئر، ڀائر، پُٽ ۽ مُڙسَ جنگِ بدر ۾ قتل ٿي ويا هئا، انهن عورتن قسم کنيو هو تہ اسان پنهنجي رشتيدارن جي قاتلن جو رت پي ڪري ئي ساهہ کڻنديون سين. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چاچي حضرت حمزه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن هند جي پيءُ عتبہ ۽ جبير بن مطعم جي چاچي کي جنگ بدر ۾ قتل ڪيو هو. انهيءَ سبب جي ڪري ”هند“ ”وحشي“ کي جيڪو جبير بن مطعم جو غلام هو، حضرت حمزه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي قتل تي راضي ڪيو ۽ هي واعدو ڪيو تہ جيڪڏهن هن حضرت حمزه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ

کي قتل ڪري ڇڏيو تہ هو انهيءَ ڪارنامي جي بدلي ۾ آزاد ڪيو ويندو[1].

## مديني تي چڙهائي

مطلب تہ وڏي جوش ۽ خروش ۽ مڪمل تياري سان ڪافرن جو لشڪر مڪي کان روانو ٿيو ۽ ابو سفيان انهيءَ لشڪر جرار جو سپهہ سالار ٿيو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا چاچا حضرت عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جيڪي خفيہ طور مسلمان ٿي چڪا هئا ۽ مڪي ۾ رهندا هئا انهن هڪ خط لکي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي قريش جي لشڪر جي روانگي کان آگاهہ ڪري ڇڏيو[2]. جڏهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي هيءَ خوفناڪ خبر ملي تہ پاڻ 5 شوال 3 هہ تي حضرت عدي بن فضالہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي ٻنهي پُٽن حضرت انس ۽ حضرت مونس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کي جاسوس بڻائي قريش جي ڪافرن جي لشڪر جي خبر آڻڻ جي لاءِ روانو فرمايو، پوءِ انهن ٻنهي اچي ڪري هي پريشان ڪندڙ خبر ٻڌائي تہ ابو سفيان جو لشڪر مديني جي بلڪل ويجهو اچي ويو آهي ۽ انهن جا گهوڙا مديني جي چراگاهہ (عريض) جو سمورو گاهہ چري ويا.

## مسلمانن جي تياري ۽ جوش

هي خبر ٻڌي 14 شوال 3 هہ جمعي جي رات حضرت سعد بن معاذ، حضرت اسيد بن حضير ۽ حضرت سعد بن عباده رَضِيَ اللهُ عَنْهُمْ هٿيار کڻي ڪجهہ انصارن سان گڏ سڄي رات ڪاشانۂ نبوت تي

---

[1] المواهب اللدنية والزرقاني، باب غزوه احد، ج 2 ص 386 - 391 ملتقطاً وملخصاً

[2] كتاب المغازي للواقدي، غزوه احد ج، 1 ص، 203 - 204

پهرو ڏيندا رهيا ۽ مديني شهر جي اهم چوڪن تي بہ انصارن جو پهرو ويهاريو ويو. صبح جو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انصار ۽ مهاجرن کي گڏ ڪري مشورو ورتو تہ شهر جي اندر رهي ڪري دشمن جي فوج جو مقابلو ڪيو وڃي يا شهر کان ٻاهر نڪري ميدان ۾ هي جنگ وڙهي وڃي؟ تہ مهاجرين عام طور تي ۽ انصارن مان وڏن پوڙهن هي راءِ ڏني تہ عورتن ۽ ٻارن کي قلعن ۾ محفوظ ڪيو وڃي ۽ شهر جي اندر رهي ڪري دشمنن جو مقابلو ڪيو وڃي، منافقن جو سردار عبد الله بن اُبي بہ انهيءَ مجلس ۾ موجود هو انهيءَ بہ اهو چيو تہ شهر ۾ پناهگير تي قريش جي ڪافرن جي حملن جو مقابلو ڪيو وڃي پر ڪجهہ ننڍا نوجوان جيڪي جنگ بدر ۾ شريڪ نہ ٿيا هئا ۽ جوش جهاد ۾ آپي کان ٻاهر تي رهيا هئا اُهي هن راءِ تي اڙجي ويا تہ ميدان ۾ نڪري انهن اسلام جي دشمنن سان فيصلاتي جنگ ڪئي وڃي. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سيني جي راءِ ٻڌي، پوءِ گهر ۾ وڃي ڪري هٿيار پاتائون ۽ ٻاهر تشريف وني آيا.

هاڻي سڀ ماڻهو انهيءَ ڳالهہ تي متفق تي ويا تہ شهر ۾ ئي رهي ڪري قريش جي ڪافرن جي حملن کي روڪيو وڃي پر حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ پيغمبر کي اهو نٿو سونهين تہ هٿيار پائي ڪري لاهي ڇڏي، ايسيتائين جو الله تعالىٰ انهيءَ جي ۽ ان جي دشمنن جي وچ ۾ فيصلو فرمائي ڇڏي. هاڻي توهان خدا جو نالو وني ڪري ميدان ۾ نڪري وڃو. جيڪڏهن توهان صبر سان جنگ جي ميدان ۾ ڄميل رهندؤ تہ ضرور توهان جي فتح ٿيندي[1]. (مدارج ج 2 ص 114)

---

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب سوم ج 2 ص 114

پوءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انصار جي قبيلي اوس جو جهنڊو حضرت اُسيد بن حضير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ، قبيلي خزرج جو جهنڊو حضرت خباب بن منذر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ، ۽ مهاجرين جو جهنڊو حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي ڏنو ۽ هڪ هزار جي فوج وٺي مديني کان ٻاهر نڪتا[1]. (مدارج ج 2 ص 114)

## حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن يهودين جي امداد کي ٺڪرائي ڇڏيو

شهر کان ٻاهر نڪرندي ئي پاڻ ڏٺائون ته هڪ فوج هلندي پئي اچي، پاڻ پڇيائون ته هي ڪير آهن؟ ماڻهن عرض ڪيو ته يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي رئيس المنافقين عبد الله بن اُبي جي مددگار يهودين جو لشڪر آهي جيڪو توهان جي مدد لاءِ اچي رهيو آهي. رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته: هنن ماڻهن کي چئو ته واپس موٽي وڃن، اسان مشرڪن جي مقابلي ۾ مشرڪن جي مدد نه وٺنداسين[2]. (مدارج جلد 2 ص 114)

تنهنڪري يهودين جو اهو لشڪر واپس هليو ويو، پوءِ عبد الله بن اُبي (منافقن جو سردار) جيڪو ٽي سو ماڻهن کي ساڻ ڪري حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ آيو هو هي چئي واپس هليو ويو ته محمّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجو مشورو قبول نه ڪيو ۽ هي منهنجي راءِ جي خلاف ميدان ۾ نڪري پيا تنهنڪري آئون انهن جو ساٿ ڪو نه ڏيندس[3]. (مدارج جلد 2 ص 115)

---

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب سوم ج 2 ص 114
[2] مدارج النبوت، قسم سوم، باب سوم ج 2 ص 114
[3] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، غزوه احد، ج 2 ص 401

عبد الله بن اُبي جي ڳالهه ٻڌي ڪري قبيلي خزرج مان ”بنو سلمہ“ جي ۽ قبيلي اوس مان ”بنو حارثہ“ جي ماڻهن بہ واپس موٽي وڃڻ جو ارادو ڪري ورتو پر الله تعالىٰ انهن ماڻهن جي دلين ۾ اوچتو محبت اسلام جو اهڙو جذبو پيدا فرمائي ڇڏيو جو انهن جا قدم جمي ويا. جئين الله تعالىٰ قرآن مجيد ۾ انهن ماڻهن جو تذڪرو فرمائيندي ارشاد فرمايو تہ.

اِذْ هَمَّتْ طَّآىِٕفَتٰنِ مِنْكُمْ اَنْ تَفْشَلَا ۙ وَاللّٰهُ وَلِيُّهُمَا ؕ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ؕ[1] (آل عمران)

ترجمو ڪنز الايمان: جڏهن اوهان مان ٻن گروهن جو ارادو ٿيو جو نامردي ڏيکارين ۽ الله انهن جو سنڀارڻ وارو آهي ۽ مسلمانن کي الله تي ئي ڀروسو ڪرڻ گهرجي.

هاڻي حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي لشڪر ۾ ڪُل ست سئو صحابہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم رهجي ويا جن مان هڪ سئو کي زرهون پاتل هيون ۽ ڪافرن جي فوج ۾ ٽي هزار شريرن جو لشڪر هو جنهن ۾ ست سئو ماڻهن کي زرهون پاتل هيون، ٻہ سئو گهوڙا ٽي هزار اُٺ ۽ پندرهن عورتون هيون[2].

شهر کان ٻاهر نڪري حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي فوج جو معائنو فرمايو ۽ جيڪي ماڻهو ننڍي عمر جا هئا انهن کي

---

[1] پ 4 آل عمران: 122

[2] شرح الزرقاني علي المواهب، باب غزوه احد، ج 2 ص 401، 402

واپس موٽائي ڇڏيو ڇو جو جنگ جي هولناڪ موقعي تي ٻارن جو ڪهڙو ڪم؟[1]

## ٻارن جو جوشِ جهاد

پر جڏهن حضرت رافع بن خديج رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کي چيو ويو تہ تون تمام ننڍو آهين تون بہ واپس هليو وڃ تہ هو فورًا پَڻَن تي سڌو ٿي بيهي رهيو تہ جئين ان جو قد ڊگهو نظر اچي. اهڙي طرح انهن جي اها اٽڪل ڪامياب ٿي ۽ انهن کي فوج ۾ شامل ڪيو ويو.

حضرت سمره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جيڪي هڪ ننڍي عمر جا نوجوان هئا جڏهن انهن کي واپس وڃڻ لاءِ چيو ويو تہ انهن عرض ڪيو تہ آئون رافع بن خديج کي ڪُشتي ۾ ماري ويندو آهيان. انهيءَ لاءِ جيڪڏهن انهن کي فوج ۾ ڪنيو ويو آهي تہ پوءِ مون کي بہ ضرور جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ جي اجازت ملڻ گهرجي پوءِ ٻنهي جو مقابلو ڪرايو ويو ۽ واقعي حضرت سمره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ حضرت رافع بن خديج رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کي زمين تي ڪيرائي وڌو. اهڙي طرح انهن ٻنهي جذبي سان سرشار ٿيل نوجوانن کي جنگ احد ۾ شرڪت جي سعادت نصيب ٿي وئي.[2] (مدارج جلد 2 ص 114)

## تاجدار دو عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ميدان جنگ ۾

مشرڪ تہ 12 شوال 3 هہ اربع جي ڏينهن ئي مديني جي ويجهو پهچي ڪري اُحد جبل تي خيما هڻي چڪا هئا. پر حضور

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني غزوة احد ج 2 ص 399-401 ملتقطاً و مدارج النبوت قسم سوم باب چهارم ج 2 ص 114

[2] كتاب المغازي للواقدي، غزوة احد، ج ا ص 216

اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 14 شوال 3 هه بعد نماز جمعه مديني مان روانا ٿيا. رات جو بني نجار ۾ رهيا ۽ 15 شوال ڇنڇر جي ڏينهن فجر جي نماز جي وقت احد ۾ پهتا. حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عَنْهُ آذان ڏني ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن نماز فجر پڙهائي ميدان جنگ ۾ مورچا بندي شروع فرمائي. حضرت عڪاشه بن محصن اسدي کي لشڪر جي ميمنه (ساڄي پاسي) تي، ۽ حضرت ابو سلمه بن عبد الاسد مخزومي کي ميسره (کاٻي پاسي) تي، حضرت ابو عبيده بن الجراح ۽ حضرت سعد بن ابي وقاص کي مقدمه (اڳيان واري پاسي) تي ۽ حضرت مقداد بن عمرو کي ساقه (پٺيان واري پاسي) تي آفيسر مقرر فرمايو (رَضِيَ اللهُ عَنْهُم) ۽ صف بنديءَ وقت احد جبل کي پٺ تي رکيو ۽ ڪوهِ عينين کي جيڪو وادي قناة ۾ آهي پنهنجي کاٻي طرف رکيو. لشڪر جي پٺيان جبل ۾ هڪ تنگ رستو هو جنهن مان گذري قريشي ڪافر مسلمانن جي صفن تي پٺيان کان حملو ڪري ٿي سگهيا. انهيءَ لاءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهيءَ تنگ رستي جي حفاظت لاءِ پنجاهه تيراندازن جو هڪ دستو مقرر فرمائي ڇڏيو ۽ حضرت عبد الله بن جبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي ان دستي جو آفيسر مقرر ڪري ڇڏيو ۽ هي حڪم فرمايو ته ڏسو اسان چاهي مغلوب ٿيون يا غالب پر توهان پنهنجي هن جڳهه تان ايستائين نه هٽجو جيستائين آءُ توهان وٽ ڪنهن کي نه موڪليان[1].

(مدارج جلد 2 ص 115 وبخاري باب مايكره من التنازع)

مشرڪن به نهايت باقاعدگيءَ سان پنهنجن صفن کي درست

[1] مدارج النبوت قسم سوم، باب چهارم ج 2 ص 114 ، 115 ملتقطاً

ڪيو. انهن پنهنجي لشڪر جي ميمنه (ساڄي پاسي) تي خالد بن وليد ۽ ميسره (ڪاٻي پاسي) تي عڪرمه بن ابو جهل کي آفيسر بڻائي ڇڏيو، سوارن جو دستو صفوان بن اميه جي ڪمان ۾ هو. تير اندازن جو الڳ هڪ دستو هو جنهن جو سردار عبد الله بن ربيعه هو ۽ سموري لشڪر جو علمبردار طلحه بن ابو طلحه هو جيڪو قبيلي بني عبد الدار جو هڪ ماڻهو هو[1]. (مدارج جلد 2 ص 115)

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن ڏٺو ته سموري ڪافرن جي لشڪر جو علمبردار قبيلہ بني عبد الدار جو هڪ شخص آهي ته پاڻ به اسلامي لشڪر جو جهنڊو حضرت مصعب بن عمير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي عطا فرمايو هي به قبيلي بنو عبد الدار سان تعلق رکندا هئا.

## جنگ جي ابتدا

سڀ کان پهريان قريشي ڪافرن جون عورتون دف وڄائي وڄائي اهڙا شعر ڳائيندڙيون اڳتي وڌيون جن ۾ جنگ بدر جي مقتولن جو ماتم ۽ انتقامِ خون جو جوش پريل هو. ڪافرن جي لشڪر جي سپهه سالار ابو سفيان جي زال "هند" اڳيان اڳيان ۽ قريشي ڪافرن جي معزز گهراڻن جون چوڏهن عورتون ان سان گڏ هيون هي سڀ آواز آواز ۾ ملائي هي شعر ڳائي رهيون هيون ته:

نَحْنُ بَنَاتُ طَارِقْ　　نَمْشِيْ عَلَى النَّمَارِقْ

اسان آسمان جي تارن جون ڌيئرون آهيون اسان قالينن تي هلڻ واريون آهيون.

اِنْ تُقْبِلُوْا نُعَانِقْ　　اَوْ تُدْبِرُوْا نُفَارِقْ

[1] مدارج النبوت قسم سوم، باب چهارم ج 2 ص 115

جيڪڏهن توهان اڳتي وڌي ڪري وڙهندا تہ اسان توهان سان گلي ملنديون سين. ۽ پوئتي پير ڪيا تہ اسان توهان کان الڳ ٿي ويندیون سين[1].

مشرڪن جي صفن مان سڀ کان پهريان جيڪو شخص جنگ جي لاءِ نڪتو اهو "ابو عامر اوسي" هو. جنهن جي عبادت ۽ پارسائي جي ڪري مديني وارا ان کي راهب چوندا هئا. پر رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان جو نالو "فاسق" رکيو هو. جهالت جي زماني ۾ هي شخص پنهنجي قبيلي اوس جو سردار هو ۽ مديني جو مقبول عام ماڻهو هو. پر جڏهن حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مديني ۾ تشريف کڻي آيا تہ هي شخص حسد ۾ سڙي ڪري خدا پاڪ جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مخالفت ڪرڻ لڳو ۽ مديني مان نڪري مڪي هليو ويو ۽ قريشي ڪافرن کي رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان جنگ ڪرڻ تي آماده ڪيو. هن کي وڏو پروسو هو تہ منهنجي قوم جڏهن مونکي ڏسندي تہ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ساٿ ڇڏي ڏيندي. تنهنڪري هن ميدان ۾ نڪري ڪري سڏيو تہ اي انصارؤ! ڇا توهان مونکي سڃاڻو ٿا؟ آئون ابو عامر راهب آهيان. انصارن وڏي آواز ۾ چيو ها ها! اي فاسق! اسان توکي چڱي طرح سڃاڻون ٿا خدا پاڪ توکي ذليل ڪري. ابو عامر پنهنجي لاءِ فاسق جو لفظ ٻڌي تڙپي پيو چوڻ لڳو هاءِ افسوس! مون کان پوءِ منهنجي قوم بلڪل ئي بدلجي وئي. پوءِ قريشي ڪافرن جو هڪ ٽولو جيڪو هن سان گڏ هو مسلمانن تي تير وسائڻ لڳو ان جي جواب ۾ انصارن بہ اهڙي زوردار

[1] كتاب المغازي للواقدي، غزوه احد، ج 1، ص 225

پٿربازي ڪئي جو ابو عامر ۽ ان جا ساٿي ميدانِ جنگ مان ڀڄي ويا[1]. (مدارج جلد 2 ص 116)

ڪافرن جي لشڪر جو علمبردار طلحہ بن ابو طلحہ صف مان نڪري ميدان ۾ آيو ۽ چوڻ لڳو تہ اي مسلمانو! ڇا توهان ۾ ڪو اهڙو آهي جيڪو مونکي دوزخ ۾ پهچائي، يا پاڻ منهنجي هٿن سان جنت ۾ پهچي وڃي انهيءَ جو اهو متڪبرانہ ڪلام ٻڌي حضرت علي شير خدا كَرَّمَ اللهُ وَجْهَهُ الْكَرِيْم جن فرمايو تہ ها ”آءُ آهيان“ اهو چئي فاتح خيبر ذو الفقار جي هڪ ئي وار سان ان جو مٿو ڦاڙي ڇڏيو ۽ هو زمين تي ڪِري تڙپڻ لڳو ۽ شير خدا رَضِیَ اللهُ عَنْهُ منهن ڦيري اتان کان هٽي ويا ماڻهن پڇيو تہ توهان ان جو سِرُ ڇو نہ ڪٽي ورتو؟ شير خدا رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمايو جڏهن هو زمين تي ڪريو تہ هن جي شرمگاهہ کلي وئي ۽ هو مونکي قسم ڏيڻ لڳو تہ مونکي معاف ڪري ڇڏيو انهيءَ بي حياءُ کي بي ستر ڏسي شرم اچڻ لڳو انهيءَ لاءِ مون منهن ڦيري ڇڏيو[2].

(مدارج ج 2 ص 116)

طلحہ کانپوءِ ان جو ڀاءُ عثمان بن ابو طلحہ رجز جو هي شعر پڙهندي حملہ آور ٿيو تہ

اِنَّ عَلٰی اَهْلِ اللِّوَاءِ حَقًّا! اَنْ يَّخْضِبَ اللِّوَاءَ اَوْ تَنْدَقَّا

يعني: علمبردار جو فرض آهي تہ نيزي کي رت ۾ رنگي ڇڏي يا پاڻ ٽڪرائجي ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃي.

---

[1] مدارج النبوت قسم سوم باب سوم ج 2 ص 116

[2] مدارج النبوت قسم سوم باب سوم ج 2 ص 116

حضرت حمزه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ان جي مقابلي لاءِ تلوار کڻي نڪتا ۽ هن جي ڪلهي تي اهڙو زور سان وارُ ڪيو جو تلوار ڪرنگهي جي هڏي کي ڪٽيندي چيلهه تائين پهچي وئي ۽ سندن جي وات مان هي نعرو نڪتو ته.

اَنَا ابْنُ سَاقِ الْحَجِيْجِ

مان حاجين کي سيراب ڪندڙ عبد المطلب جو پُٽ آهيان. ان کانپوءِ عام جنگ شروع ٿي وئي ۽ ميدان جنگ ۾ ڪشت و خون (خونريزي، قتلِ عام) جي بازار گرم ٿي وئي.

## ابو دجانه جي خوش نصيبي

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هٿ مبارڪ ۾ هڪ تلوار هئي جنهن تي هي شعر لکيل هو ته

فِي الْجُبْنِ عَارٌ وَفِي الْاِقْبَال مَكْرُمَةٌ
وَالْمَرْءُ بِالْجُبْنِ لَا يَنْجُوْ مِنَ الْقَدَرِ

بزدلي ۾ شرم آهي ۽ اڳيان وڌي وڙهڻ ۾ عزت آهي ۽ ماڻهو بزدلي ڪري تقدير کان نٿو بچي سگهي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته ”ڪير آهي جيڪو هن تلوار کي وَٺي ان جو حق ادا ڪري“. اهو ٻڌي ڪيترائي ماڻهو انهيءَ سعادت جي لاءِ ڊوڙيا پر اهو شرف ۽ فخر حضرت ابو دجانه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي نصيب ۾ هو جو تاجدار دو عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي اها تلوار پنهنجي هٿ سان حضرت ابو دجانه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي هٿ ۾ ڏني. هو اهو اعزاز ماڻي جوشِ مسرت ۾ مست ۽ بيخود ٿي ويا ۽ عرض

ڪيائون تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن تلوار جو حق ڪهڙو آهي؟ ارشاد فرمايائون تہ ”تون هن سان ڪافرن کي قتل ڪرين ايسيتائين جو اها ٽيڙي ٿي وڃي“.

حضرت ابو دجانہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آءُ هن تلوار کي ان جي حق ساڻ وٺان ٿو. پوءِ پنهنجي مٿي تي ڳاڙهي رنگ جو رومال ٻڌي آڪڙجندي ۽ سينو تاڻي ميدان جنگ ۾ نڪري پيا ۽ دشمنن جي صفن کي چيريندي ۽ تلوار هلائيندي اڳيان وڌندا پيا وڃن تہ يڪدم هنن جي سامهون ابو سفيان جي زال ”هند“ اچي وئي، حضرت ابو دجانہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ارادو ڪيو تہ ان تي تلوار هلائي ڇڏين پر پوءِ ان خيال کان تلوار هٽائي ڇڏي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مقدس تلوار لاءِ هي مناسب ناهي تہ اها ڪنهن عورت جو سِر قلم ڪري[1].

(زرقاني ج 2 ص 29 و مدارج ج 2 ص 116)

حضرت ابو دجانہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وانگر حضرت حمزه ۽ حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا بہ دشمنن جي صفن ۾ گهڙي پيا ۽ ڪافرن جو قتل عام شروع ڪري ڇڏيو.

حضرت حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جوشِ جهاد ۾ بہ هٿي تلوار هلائيندا اڳيان وڌندا پئي ويا. انهيءَ ئي حالت ۾ ”سباع غبشاني“ سامهون اچي ويو پاڻ غصي ۾ فرمايو ”اي عورتن جا طوهر ڪرڻ واري عورت جا پٽ! بيهہ ڪيڏانهن وڃين ٿو؟ تون الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان جنگ ڪرڻ هليو آهين اِهو چئي انهيءَ

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب سوم ج 2 ص 115

تي تلوار هلائي ڇڏي ۽ هو بہ ٽڪرا ٿي زمين تي ڪري پيو[1].

## حضرت حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي شهادت

”وحشي“ جيڪو هڪ حبشي غلام هو ۽ سندس آقا جبير بن مطعم هن سان واعدو ڪري چڪو هو تہ تون جيڪڏهن حضرت حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي قتل ڪري ڇڏين تہ آئون توکي آزاد ڪري ڇڏيندس. وحشي هڪ ٺڪرِي جي پٺيان لڪيل هو ۽ حضرت حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي تاڙ ۾ هو جيئن ئي پاڻ ان جي ويجهو پهتا تہ هن پري کان پنهنجو نيزو اڇلائي هنيو جيڪو سندن ذُنَ ۾ لڳو ۽ پٺِيءَ مان پار ٿي ويو. انهيءَ حال ۾ بہ حضرت حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ تلوار کڻي ڪري هن ڏانهن وڌيا پر زخمن جي سَٽَ نہ سهندي پٽ تي ڪري پيا ۽ شهادت سان سرفراز ٿي ويا[2]. (بخاري باب قتل حمزه ج 2 ص 582)

ڪافرن جا علمبردار پاڻ ڪٽجي ڪٽجي ڪرندا پئي ويا پر انهن جو جهنڊو نہ پئي ڪريو. هڪ جي قتل ٿيڻ بعد ٻيو جهنڊي کي کڻي پيو وڃي. انهن ڪافرن جي جوش ۽ خروش جو اهو عالم هو جو جڏهن هڪ ڪافر جنهن جو نالو ”صواب“ هو مشرڪن جو جهنڊو کنيو تہ هڪ مسلمان ان کي زور سان تلوار هنئي جو هن جا ٻئي هٿ ڪٽجي زمين تي ڪري پيا پر هن پنهنجي قومي جهنڊي کي زمين تي ڪرڻ نہ ڏنو بلڪ جهنڊي کي پنهنجي سيني سان لڳائي زمين تي ڪري پيو. ان ئي حالت ۾ مسلمانن کيس قتل ڪري ڇڏيو، پر هو قتل ٿيندي ٿيندي اِهو چوندو رهيو تہ مون پنهنجو فرض ادا ڪري ڇڏيو. هن جي مرندي ئي هڪ

---

[1] صحيح البخاري كتاب المغازي باب قتل حمزة رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ...الخ، الحديث:4072 ج 3 ص 41

[2] صحيح البخاري كتاب المغازي باب قتل حمزة رَضِيَ اللهُ عَنْهُ الخ، الحديث:4072 ج 3 ص 41

بهادر عورت جنهن جو نالو "عمره" هو ان سَٽَ ڏئي قومي جهنڊي کي پنهنجي هٿ ۾ کڻي ڪري بلند ڪري ڇڏيو اهو منظر ڏسي قريشن کي غيرت آئي ۽ انهن جي وڪريل فوج گڏ ٿي وئي ۽ انهن جا اکڙيل قدم وري جمي ويا. (مدارج جلد 2 ص 116 وغيره)

## حضرت حنظلہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي شهادت

ابو عامر راهب ڪافرن جي طرفان وڙهي رهيو هو پر ان جا فرزند حضرت حنظلہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ اسلام جي جهنڊي هيٺ جهاد ڪري رهيا هئا. حضرت حنظلہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو ته يا رسول الله! عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مونکي اجازت ڏيو ته آئون پنهنجي تلوار سان پنهنجي پيءُ ابو عامر راهب جو سر ڪٽي ڪٽي اچان پر حضور رحمة للعالمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي رحمت اهو پسند نه ڪيو ته پٽ جي تلوار پيءُ جو سر ڪپي. حضرت حنظلہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ايتري قدر جوش ۾ پريل هئا جو سر تري تي رکي انتهائي جانبازي سان وڙهندي لشڪر جي وچ ۾ پهچي ويا ۽ ڪافرن جي سپهه سالار ابو سفيان تي حملو ڪري ڏنو حضرت حنظلہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي تلوار ابو سفيان جو سر قلم ڪرڻ وارو ئي هئي ته ايتري ۾ پٺيان شداد بن الاسود اچانڪ وار کي روڪيو ۽ حضرت حنظلہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي شهيد ڪري ڇڏيو.

حضرت حنظلہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي باري ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته "فرشتا حنظلہ کي غسل ڏئي رهيا آهن" جڏهن انهن جي گهرواريءَ (زال) کان انهن جو حال معلوم ڪيو ويو ته هن چيو ته جنگ احد جي رات هو پنهنجي زال سان گڏ ستا هئا، غسل جي حاجت هئي پر دعوتِ جنگ جو آواز انهن جي

ڪن ۾ پيو تہ هو انهيءَ ئي حالت ۾ جنگ ۾ شريڪ ٿي ويا اهو ٻڌي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو اهو ئي سبب آهي جو فرشتن انهن کي غسل ڏنو. انهيءَ واقعي جي ڪري حضرت حنظلہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي ”غسيل الملائڪ“ جي لقب سان ياد ڪيو وڃي ٿو[1]. (مدارج ج 2 ص 123)

هن جنگ ۾ انصار ۽ مهاجر مجاهد وڏي دليري ۽ جانبازي سان وڙهندا رهيا ايسيتائين جو مشرڪن جا پير اکڙي ويا. حضرت علي، حضرت ابو دجانہ ۽ حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِيَ اللهُ عَنْهُم وغيره جن جي مجاهدانہ حملن مشرڪن جي چيلهہ ڇپي ڪري وڌي. ڪافرن جا سيئي علمبردار عثمان، ابو سعد، مسافع، طلحہ بن ابي طلحہ وغيره هڪ هڪ ڪري ڪٽجي زمين تي ڍير ٿي ويا. ڪافرن کي شڪست ٿي وئي ۽ هو ڀڄڻ لڳا ۽ انهن جون عورتون جيڪي بيت شعر پڙهي ڪافرن جي لشڪر کي جوش ڏياري رهيون هيون اهي هن بدحواسي جي عالم ۾ پنهنجا وَرَ ڪٽي اگهاڙين پِنِيُن ڀڄنديون جبلن ڏانهن ڊوڙنديون وڃي رهيون هيون ۽ مسلمان قتل ۽ غارت گيريءَ ۾ مشغول هئا[2].

## اوچتو جنگ جو پاسو بدلجي ويو

ڪافرن جي ڀڄ ڊڪ ۽ مسلمانن جي فاتحانہ قتل ۽ غارت گيريءَ جو منظر ڏسي اهي پنجاهہ تير انداز مسلمان جيڪي تنگ رستي جي حفاظت تي مقرر ڪيا ويا هئا. اهي پاڻ ۾ هڪبئي کي چوڻ لڳا تہ غنيمت لٽيو، غنيمت لٽيو، توهان جي فتح ٿي وئي. انهن جي آفيسر حضرت عبد الله بن جبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کين هر طرح سان

---

[1] المواهب اللدنية وشرح الزرقاني باب غزوة احد ج 2 ص 408 — 409

[2] المواهب اللدنية وشرح الزرقاني باب غزوة احد ج 2 ص 405، 409، 410 ملتقطاً

روڪيو ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان ياد ڏياريو ۽ فرمان مصطفوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مخالفت ڪان ڊيڄاريو، پر انهن تيرانداز مسلمانن هڪ نہ ٻڌي ۽ پنهنجي جڳهہ ڇڏي مال غنيمت گڏ ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويا. ڪافرن جي لشڪر جو هڪ آفيسر خالد بن وليد جبل جي چوٽي تان اهو منظر ڏسي رهيو هو. جڏهن هن ڏٺو تہ تنگ رستو پهريدارن ڪان خالي ٿي ويو آهي تہ فورن ئي تنگ رستي ڪان فوج آڻي مسلمانن تي پٺيان ڪان حملو ڪري ڏنو. حضرت عبد الله بن جبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڪجهہ جانبازن سان گڏ انتهائي دليرانہ مقابلو ڪيو پر هي سڀ جا سڀ شهيد ٿي ويا، هاڻي ڇا هو ڪافرن جي فوج لاءِ رستو صاف ٿي ويو خالد بن وليد زبردست حملو ڪري ڏنو. اهو ڏسي ڀڄندڙ قريشي ڪافرن جي فوج بہ موٽي پئي مسلمان مال غنيمت ميڙڻ ۾ مصروف هئا پٺيان مڙي ڏٺائون تہ تلوارون وسي رهيون هيون ۽ ڪافر اڳيان پويان ٻنهي پاسن ڪان مسلمانن تي حملو ڪري رهيا هئا ۽ مسلمانن جو لشڪر چڪي جي ٻن پُڙن ۾ ڦاٽن وانگر پيسجڻ لڳو، مسلمانن ۾ اهڙي بدحواسي ۽ ابتري ڦهلجي وئي جو پنهنجي ۽ پرائي جي سڃاڻپ نہ رهي خود مسلمان مسلمانن جي تلوارن سان قتل ٿيا جيئن حضرت حذيفہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جا والد حضرت يمان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ مسلمانن جي تلوار سان شهيد ٿيا. حضرت حذيفہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ دانهون ڪندا رهجي ويا تہ اي مسلمانو! هي منهنجو پيءُ آهي، هي منهنجو پيءُ آهي، پر اهڙي عجيب بدحواسي ڦهليل هئي جو ڪنهن کي ڪنهن جو ڏيان ئي نہ رهيو هو ۽ مسلمانن حضرت يمان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي شهيد ڪري ڇڏيو.[1]

---

[1] المواهب اللدنية و الزرقاني، باب غزوة احد، ج 2، ص 411-413 و مدارج النبوت، قسم سوم، باب سوم، ج 2، ص 117

## حضرت مصعب بن عمير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ۾ شهيد

پوءِ وڏو غضب هي ٿيو ته اسلامي لشڪر جي علمبردار حضرت مصعب بن عمير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ تي ابن قميئه ڪافر حملو ڪري ڏنو ۽ انهن جي ساڄي هٿ تي اهڙي زور سان تلوار هلائي جو انهن جو ساڄو هٿ ڪٽجي ڪري پيو، انهيءَ جانباز مهاجر يڪدم اسلامي جهنڊي کي کاڀي هٿ ۾ سنڀالي ورتو پر ابن قميئه تلوار هڻي ڪري انهن جو کاڀو هٿ ۾ شهيد ڪري ڇڏيو. ٻئي هٿ ڪٽجي چڪا هئا پر حضرت عمير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي ٻنهي ڪٽيل ٻانهن سان اسلامي جهنڊي کي پنهنجي سيني سان لڳائي بيٺا رهيا ۽ بلند آواز سان هي آيت پڙهندا رهيا آيت مبارڪ

وَمَا مُحَمَّدٌ اِلَّا رَسُوْلٌ ۚ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِ الرُّسُلُ ؕ[1]

پوءِ ابن قميئه انهن کي تير هڻي شهيد ڪري ڇڏيو. حضرت مصعب بن عمير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جيڪي صورت ۾ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان ڪجهه مشاهبت رکندا هئا کي زمين تي ڪرندو ڏسي ڪافر گوڙ ڪرڻ لڳا ته (معاذ الله) حضور تاجدار دو عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن قتل ٿي ويا[2].

الله اڪبر! انهيءَ آواز غضب ڪري ڇڏيو مسلمان هي ٻڌي ڪري بلڪل ئي هڪا ٻڪا ۽ بيحال ٿي ويا ۽ ميدان جنگ ڇڏي ڀڄڻ لڳا. وڏن وڏن بهادرن جا پير اکڙي ويا ۽ مسلمانن ۾ ٿي

---

[1] ترجمو ڪنز الايمان: ۽ محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ته هڪ رسول آهن انهن کان اڳ ٻيا رسول ٿي گذريا. (پ 4، آل عمران: 144) مدارج النبوت قسم سوم باب سوم ج 2 ص 124

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني باب غزوة احد ج 2 ص 414 و مدارج النبوت قسم سوم باب چهارم ج 2 ص 124

گروهه تي ويا. ڪجهه ماڻهو ته ڀڄي وڃي مديني ڪي ويجهو پهتا ڪجهه ماڻهو هيسجي ڪري مرده دل تي ويا جتي هئا اُتي ئي بيهي رهيا پنهنجي جان بچائيندا رهيا يا جنگ ڪندا رهيا، ڪجهه ماڻهو جن جو تعداد تقريباً 12 هو. اُهي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان ثابت قدم رهيا. انهيءَ هلچل ۽ ڀڄ ڊُڪ ۾ ڪيترن ماڻهن ته بلڪل ئي همت هاري ڇڏي ۽ جيڪي جانبازي سان وڙهڻ چاهن پيا اهي به دشمنن جي به طرفا حملن ۾ ڦاسي مجبور ۽ لاچار تي چڪا هئا. تاجدارِ دو عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪٿي آهن؟ ڪهڙي حال ۾ آهن؟ ڪنهن کي به ان جي خبر نه هئي[1].

حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ تلوار هلائيندا ۽ دشمنن جي صفن کي درهم برهم ڪندا هلندا پئي ويا. هو هر طرف مڙي مڙي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏسندا رهيا پر جمالِ نبوت نظر نه اچڻ سان اُهي انتهائي بيچيني ۽ بيقراريءَ جي عالم ۾ هئا[2]. حضرت انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جا چاچا حضرت انس بن نضر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وڙهندي وڙهندي ميدان جنگ کان به ڪجهه اڳتي نڪري ويا، اتي وڃي ڏٺائون ته ڪجهه مسلمانن مايوس تي ڪري هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا آهن حضرت انس بن نضر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پڇيو ته توهان هتي ويهي ڇا ڪري رهيا آهيو؟ ماڻهن جواب ڏنو ته هاڻي اسان وڙهي ڇا ڪنداسين؟ جن لاءِ وڙهندا هئا سين اُهي ته شهيد تي ويا. حضرت انس بن نضر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمايو ته جيڪڏهن واقعي رسول خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن شهيد تي چڪا آهن ته پوءِ اسان انهن ڪانپوءِ زنده رهي ڇا ڪنداسين هلو اسان به انهيءَ ميدان ۾ شهيد تي حضور

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، باب غزوة احد، ج 2 ص 415

[2] مدارج النبوت قسم سوم باب چهارم ج 2 ص 121

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وٽ پهچي وڃون. اهو چئي پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ دشمنن جي لشڪر ۾ وڙهندي وڙهندي گهڙي ويا ۽ آخري گهڙيءَ تائين انتهائي جوش جهاد ۽ جانبازي سان جنگ ڪندا رهيا ايستائين جو شهيد ٿي ويا. جنگ ختم ٿيڻ ڪانپوءِ جڏهن انهن جو لاش ڏٺو ويو تہ اسي ڪان وڌيڪ تيرن، تلوارن ۽ نيزن جا زخم انهن جي جسم تي هئا ڪافرن انهن جي جسم کي پروڻ ڪري ڇڏيو هو. نڪ، ڪَنَ وغيره ڪٽي ڪري انهن جي صورت بگاڙي ڇڏي هئي ڪو بہ شخص انهن جي لاش کي سڃاڻي نہ پئي سگهيو انهن جي پيٽ انهن جون آڱريون ڏسي انهن کي سڃاڻي ورتو[1].

(بخاري غزوت احد ج 2 ص 579 و مسلم جلد 2 ص 38)

اهڙيءَ طرح حضرت ثابت بن دحداح رَضِيَ اللهُ عَنْهُ مايوس ٿيڻ وارن انصارن کي چيو تہ اي جماعتِ انصار! جيڪڏهن بالفرض رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شهيد بہ ٿي ويا تہ توهان همت ڇو هاري وينا آهيو؟ توهان جو الله پاڪ تہ زنده آهي تنهنڪري توهان اُٿو ۽ الله پاڪ جي دين جي لاءِ جهاد ڪريو اهو چئي پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڪجهہ انصارن کي ساڻ ڪري ڪافرن جي لشڪر تي بڪايل شينهن وانگر حملو ڪري ڏنائون ۽ آخرڪار خالد بن وليد جي نيزي سان جامِ شهادت نوش ڪيائون[2]. (اصابہ، ترجمو ثابت بن دحداح)

جنگ جاري هئي ۽ اسلام جا جان نثار جيڪي جتي هئا اتي ئي وڙهڻ ۾ مصروف هئا پر سيني جون نظرون انتهائي بيقراري سان جمال نبوت کي تلاش ڪري رهيون هيون، عين

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، باب غزوة احد، ج 2 ص 417 ملخصاً

[2] الاصابة في تمييز الصحابة، ثابت بن الدحداح، ج 1 ص 503

مايوسي جي عالم ۾ سڀ کان پهريان جنهن ٻنهي جهانن جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو جمال ڏٺو اهي حضرت ڪعب بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جون خوش نصيب اکيون هيون انهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي سڃاڻي مسلمانن کي سڏيو اي مسلمانو! هيڏانهن اچو رسولِ خدا (عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) هي آهن. انهيءَ آواز کي ٻڌي سيني جان نثارن ۾ جان پئجي وئي ۽ هر طرف کان مسلمان ڊوڙي اچڻ لڳا ڪافرن به هر طرف کان حملو روڪي رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي قاتلاڻو حملو ڪرڻ جي لاءِ سڄو زور لڳائي ڇڏيو ڪافرن جو لشڪر ڪڪرن وانگر مڙي بار بار مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي حملو ڪرڻ لڳو، پر ذو الفقار جي بجلي سان هي ڪڪر ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندو هو[1].

## زياد بن سڪن جي شجاعت ۽ شهادت

هڪ دفعي ڪافرن جو هجوم حملو ڪرڻ آيو ته سرورِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته ”ڪير آهي جيڪو منهنجي مٿان پنهنجي جان قربان ڪري؟“ اِهو ٻڌندي ئي حضرت زياد بن سڪن رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پنجن انصارن کي وني اڳيان وڌيا ۽ هر هڪ وڙهندي پنهنجي جان قربان ڪري ڇڏي. حضرت زياد بن سڪن رَضِيَ اللهُ عَنْهُ زخمن کان چُور چُور ٿي زمين تي ڪري پيا هئا پر ٿورو ساهه باقي هو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حڪم ڏنو ته انهن جي جسم کي مون وٽ کڻي اچو جڏهن ماڻهن انهن جي جسم کي بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ پيش ڪيو ته حضرت زياد بن سڪن

---

[1] الاكتفا باب ذكر مغازي الرسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، ج 1 ص 380

رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کسڪي ڪري محبوب خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قدمن تي پنهنجو منهن رکي ڇڏيو ۽ انهيءَ حالت ۾ انهن جو روح پرواز ڪري ويو[1]. الله اڪبر! حضرت زياد بن سڪن رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن جي انهيءَ موت تي لکين زندگيون قربان! سبحان الله.

بچہ ناز رفتہ باشد ز جہاں نیاز مندے
کہ بوقت جاں سپردن بسرش رسیدہ باشی

## ڪجور ڪائيندي ڪائيندي جنت ۾

اهڙي سخت لڙائي ۽ مار ڏاڙ ۾ هڪ بهادر مسلمان نهايت بيپرواهيءَ سان بينو ڪجور ڪائي رهيو هو يڪدم اڳتي وڌيو ۽ عرض ڪيائين يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪڏهن آءُ هن وقت شهيد ٿي وڃان ته منهنجو نڪاڻو ڪٿي هوندو؟ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته تون جنت ۾ ويندين هو بهادر انهيءَ فرمانِ بشارت کي ٻڌي مستيءَ ۾ مست ٿي ويو ۽ يڪدم ڪافرن جي لشڪر ۾ ڪاهي پيو ۽ اهڙي شجاعت سان وڙهڻ لڳو جو ڪافرن جون دليون دهلجي ويون، اهڙي طرح جنگ ڪندي ڪندي شهيد ٿي ويو[2]. (بخاري غزوه احد ج 2 ص 579)

## منڊ ڪائيندي بهشت ۾

حضرت عمرو بن جموح انصاري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پير کان معذور (يعني منڊا) هئا، هي گهر کان نڪرڻ وقت هي دعا گهري هليا هئا

---

[1] دلائل النبوة للبيهقي باب تحريض النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ....الخ ج 3 ص 232

[2] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب غزوة احد، الحديث: 4046 ج 3 ص35.

تہ يا الله پاڪ مون کي ميدانِ جنگ کان اهل ۽ عيال ڏانهن اچڻ نصيب نہ ڪر، سندن جا چار پٽ بہ جهاد ۾ مصروف هئا. ماڻهن انهن کي منڊو هئڻ جي ڪري جنگ کان روڪي ڇڏيو تہ هي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهہ ۾ روئي عرض ڪرڻ لڳا تہ يا رسول الله عَزَّوَجَلَّ! و صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي جنگ ۾ وڙهڻ جي اجازت عطا فرمايو منهنجي خواهش آهي تہ مان منڊڪائيندو بهشت جي باغ ۾ خوشي سان هليو وڃان. انهن جي بيقراري ۽ منت ميڙ کان رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو قلب مبارڪ متاثر ٿي ويو ۽ حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي جنگ جي لاءِ قبول ڪري ورتو هي خوشي ۾ جهومي اٿيا ۽ پنهنجي هڪ پٽ کي ساڻ ڪري ڪافرن جي لشڪر ۾ ڪاهي پيا، حضرت ابو طلحہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ مون حضرت عمرو بن جموح رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي ڏٺو تہ هو ميدان جنگ ۾ هي چوندي هلي رهيا هئا تہ ”خدا پاڪ جو قسم! مان جنت جو مشتاق آهيان“ انهن سان گڏ انهن کي سهارو ڏيندي سندن پٽ بہ انتهائي شجاعت سان وڙهي رهيو هو ايسيتائين جو اِهي ٻئي شهادت سان سرفراز ٿي بهشت جي باغ ۾ پهچي ويا. جنگ ختم ٿيڻ کان بعد انهن جي زال هند زوجہ عمرو بن جموح ميدانِ جنگ ۾ پهتي ۽ ان هڪ اُٺ تي انهن جو ۽ پنهنجي ڀاءُ ۽ پُٽ جو لاش رکي دفن ڪرڻ جي لاءِ مديني آڻڻ چاهيو تہ هزارين ڪوششن جي باوجود ڪنهن بہ طرح سان اُهو اُٺ هڪ قدم بہ مديني جي طرف نہ هليو بلڪ اهو ميدان جنگ جي ئي طرف ڀڄي ڀڄي ڪري ويندو رهيو. هند جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان اهو ماجرو عرض ڪيو تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ

هي بڌاءِ تہ ڇا عمرو بن جموح رَضِیَ اللهُ عَنْهُ گهر کان نڪرڻ وقت ڪجهہ چيو هو؟ هند چيو جي ها هو هي دعا ڪندي گهر کان نڪتا هئا تہ "يا الله پاڪ! مون کي ميدان جنگ کان اهل ۽ عيال ڏانهن اچڻ نصيب نہ ڪر. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو اهائي وجهہ آهي جو اُٿ مديني جي طرف نہ هلي رهيو آهي.[1]

(مدارج جلد 2 ص 124)

## پنهي جهانن جا تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم زخمي

انهيءَ ڪشمڪش ۽ پريشاني جي عالَم ۾ جڏهن تہ وڪريل مسلمان اچان رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وٽ جمع بہ نہ ٿيا هئا تہ عبد الله بن قميئہ جيڪو قريش جي بهادرن ۾ تمام ئي مشهور هو. انهيءَ اوچتو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڏسي ورتو ۽ يڪدم بجلي وانگر صفن کي چيريندو آيو ۽ پنهي جهانن جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي قاتلاڻو حملو ڪري ڏنو، ظالم پوري طاقت سان پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چهري مبارڪ تي تلوار هنئي جنهن سان خود (لوهہ جو ٽوپ) جون بہ ڪڙيون رخ انور ۾ چُڀجي ويون، هڪ ٻئي ڪافر چهره اقدس تي اهڙو پٿر هنيو جو رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا بہ ڏند مبارڪ شهيد ۽ هينيون مقدس چپ زخمي ٿي پيو انهيءَ حالت ۾ ابي بن خلف ملعون پنهنجي گهوڙي تي سوار ٿي ڪري پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي شهيد ڪرڻ جي نيت سان اڳيان وڌيو حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي هڪ جانثار صحابي حضرت حارث بن صمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان هڪ ننڍڙو نيزو وٺي ابي بن خلف

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب چهارم، ج 2، ص 124

جي ڪنڌ تي هنيو جنهن سان هو تڙپي اٿيو، ڳچيءَ تي تمام معمولي زخم آيو ۽ هو ڀڄي نڪتو پر پنهنجي لشڪر ۾ وڃي پنهنجي ڪنڌ جي زخم جي باري ۾ ماڻهن کان پنهنجي تڪليف ۽ پريشاني بيان ڪرڻ لڳو ۽ تمام گهڻي ناقابل برداشت سور جي شڪايت ڪرڻ لڳو انهيءَ تي سندس ساٿين چيو ته "هي ته معمولي رهڙ آهي تون ايتري قدر پريشان ڇو آهين؟ هن چيو توهان نٿا ڄاڻو ته هڪ دفعي مون کي حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن چيو هو ته آءُ توکي قتل ڪندس انهيءَ لاءِ هي ته بهرحال زخم آهي پر مون کي يقين آهي ته جيڪڏهن هو مون کي ٿُڪَ به هڻن ها ته به مان سمجهي وڃان ها ته منهنجي موت يقيني آهي[1].

ان جو واقعو هينئن آهي ته ابي بن خلف مڪي ۾ هڪ گهوڙو پاليو هو جنهن جو نالو هن "عود" رکيو هو. هو روزانو ان کي چاريندو هو ۽ ماڻهن کي چوندو هو ته مان هن ئي گهوڙي تي سوار ٿي حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي قتل ڪندس. جڏهن رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ان جي خبر پئي ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو اِنْ شَآءَ الله آءُ ابي بن خلف کي قتل ڪندس، تنهنڪري ابي بن خلف پنهنجي انهيءَ ئي گهوڙي تي چڙهي جنگ احد ۾ آيو هو جو هي واقعو پيش آيو[2]. ابي بن خلف نيزي جي زخم کان بيقرار ٿي سڄيءَ وات تڙپندو ۽ ڦٽڪندو رهيو ايستائين جو جنگ اُحد کان واپس ايندي "مقامِ سرف" ۾ مري ويو[3]. (زرقاني علي المواهب ج 2 ص 45)

---

[1] مدارج النبوت قسم سوم، باب چهارم ج 2 ص 127-129 ملتقطاً

[2] الطبقات الكبرىٰ لابن سعد باب من قتل من المسلمين يوم احد ج 2 ص 35

[3] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب غزوة احد ج 2 ص 437

اهڙي طرح ابن قميئہ ملعون جنهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي رخ انور تي تلوار هنئي هئي، هڪ جابلو بَڪَر کي خداوند قهار ۽ جبار ان تي مسلط فرمائي ڇڏيو هن انهيءَ کي سڳ هڻي هڻي پروڻ ڪري ڇڏيو ۽ ان کي جبل جي بلندي تان هيٺ ڪيرائي ڇڏيو جنهن ڪري سندس لاش ٽڪرا ٽڪرا ٿي زمين تي وکرجي ويو[1].

(زرقاني ج 2 ص 39)

## صحابءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو جوش جان نثاري

جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن زخمي ٿي پيا تہ چئني طرفن کان ڪافرن رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي تيرن ۽ تلوارن جا وار شروع ڪري ڏنا ۽ ڪافرن جو تمام وڏو ميڙ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي چؤ طرف حملو ڪرڻ لڳو. جنهن سان حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪافرن جي گهيري ۾ قيد ٿيڻ لڳا. اِهو منظر ڏسي جان نثار صحابہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جو جوشِ جان نثاري جي ڪري رت ٿهڪڻ لڳو ۽ هو پنهنجو سِر تريءَ تي رکي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي بچائڻ جي لاءِ انهيءَ جنگ جي باهہ ۾ ٽپي پيا ۽ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چوڌاري هڪ حلقو ٺاهي ورتو، حضرت ابو دجانہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جهڪي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي لاءِ ڍال بڻجي ويا ۽ چئني طرفن کان جيڪي تلوارون وسي رهيون هيون انهن کي پنهنجي پٺيءَ تي سهندا رهيا ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تائين ڪنهن تلوار يا نيزي جي وارَ کي پهچڻ ئي نہ ڏنائون، حضرت طلحہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي جان نثاري جو هي عالم هو جو هو

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب غزوة احد ج 2 ص 426

ڪافرن جي تلوارن جي وار کي پنهنجي هٿن تي روڪيندا رهيا ايسيتائين جو انهن جو هڪ هٿ ڪٽجي ڪري ساڻو ٿي ويو ۽ انهن جي بدن تي پنجٽيهه يا اوڻيتاليهه زخم لڳا مطلب ته جانثار صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي حفاظت ۾ پنهنجي جانين جي پرواهه نه ڪئي ۽ اهڙي بهادري ۽ جانبازي سان جنگ ڪندا رهيا جو تاريخ عالم ۾ انهيءَ جو مثال نٿو ملي. حضرت ابو طلحه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ نشاني بازي ۾ مشهور هو انهن انهيءَ موقعي تي ايترا ته تير وسايا جو ڪيترين ئي ڪمانون ٽٽي پيون، انهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي پنهنجي پويان ويهاري ڇڏيو ته جئين دشمن جي ڪنهن تير يا تلوار جو ڪو وار پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڏانهن نه اچي سگهي. ڪڏهن ڪڏهن رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دشمنن جي فوج کي ڏسڻ جي لاءِ ڪنڌ مبارڪ کڻندا هئا ته حضرت طلحه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪندا هئا ته يا رسول الله! عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان! اوهان ڪنڌ مٿي نه ڪڻو ڪٿي ائين نه ٿئي جو دشمنن جو ڪو تير اوهان کي لڳي وڃي. يا رسول الله (عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اوهان منهنجي پٺيان ئي رهو منهنجو سينو اوهان جي لاءِ آڙ بڻيل آهي[1]. (بخاري غزوه احد ص 581)

حضرت قتاده بن نعمان رَضِیَ اللهُ عَنْهُ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چهري مبارڪ کي بچائڻ جي لاءِ پنهنجو چهرو دشمنن جي سامهون ڪري ڇڏيو هو، اوچتو ڪافرن جو هڪ تير انهن جي

[1] صحيح البخاري كتاب المغازي باب اذ همّت طائفتان... الخ الحديث 4064، ج 3 ص 38 و شرح الزرقاني علي المواهب باب غزوة احد ج 2 ص 424

اک ۾ لڳو ۽ اک ٻاهر نڪري انهن جي ڳل تي لڙڪي پئي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي هٿ مبارڪ سان انهن جي اک کي ڪٽي اک واري جاءِ تي رکي ڇڏيو ۽ هي دعا فرمائي يا الله پاڪ! قتاده رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي اک بچاءِ جنهن تنهنجي رسول (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن جي چهري کي بچايو آهي مشهور آهي ته انهن جي اُهائي اک ٻي اک کان وڌيڪ روشن ۽ خوبصورت ٿي وئي[1]. (زرقاني ج 2 ص 42)

حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِيَ اللهُ عَنْهُ به تير اندازيءَ ۾ نهايت باڪمال هئا هي به حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي حفاظت ۾ جلدي جلدي تير هلائي رهيا هئا ۽ حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ پنهنجي هٿن مبارڪن سان تير کڻي کڻي انهن کي ڏيندا رهيا ۽ فرمائيندا رهيا ته اي سعد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ! تير وسائيندو وڃ توتي منهنجا ماءُ پيءُ قربان[2]. (بخاري غزوه احد ص 580)

ظالم ڪافر انتهائي بيدردي سان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي تير وسائي رهيا هئا پر ان وقت به زبان مبارڪ تي هي دعا هئي. رَبِّ اغْفِرْ قَوْمِيْ فَاِنَّهُمْ لَايَعْلَمُوْنِ يعني اي الله پاڪ! منهنجي قوم کي بخشي ڇڏ هو مون کي نٿا سڃاڻن[3]. (مسلم غزوءِ احد ج 2 ص 90)

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏندن مبارڪ جي صدمي ۽ چهري انور جي زخمن کان بيحال ٿي رهيا هئا انهيءَ حالت ۾ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن ڪڏن مان هڪ ڪڏي ۾ ڪري پيا جيڪي ابو عامر فاسق جڳهه جڳهه تي کوٽي انهن کي ڍڪي

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب غزوة احد ج 2 ص 432
[2] صحيح البخاري كتاب المغازي باب اذ همّت..... الخ الحديث 4055 ج 3 ص 37
[3] صحيح مسلم كتاب الجهاد و السير باب غزوة احد الحديث 1792 ص 990

ڇڏيو هو تہ جيئن مسلمان لا علمي ۾ انهن کڏن ۾ ڪري پون. حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو هٿ مبارڪ جهليو ۽ حضرت طلحہ بن عبيد الله رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي اڻاريو. حضرت ابو عبيده بن الجراح رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن خود (لوهہ جي ٽوپي) جي ڪَڙِي جو هڪ حلقو جيڪو چهري مبارڪ ۾ چُڀي ويو هو پنهنجي ڏندن سان پڪڙي اهڙي زور سان ڇڪي ڪڍيو جو انهن جو هڪ ڏند ٽٽي زمين تي ڪري پيو، پوءِ ٻيو حلقو بہ ڏندن سان ڇڪي ڪڍيو تہ ٻيو ڏند بہ ٽٽي پيو چهري مبارڪ مان جيڪو رت مبارڪ وهيو انهيءَ کي حضرت ابو سعيد خدري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن جي والد حضرت مالڪ بن سنان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن جوش عقيدت ۾ چوسي چوسي ڪري پي ڇڏيو ۽ هڪ قطرو بہ زمين تي ڪرڻ نہ ڏنو. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ اي مالڪ بن سنان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ! ڇا تو منهنجو رت پي ڇڏيو عرض ڪيائين جي ها يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ جنهن منهنجو رت پي ورتو دوزخ کي ڪهڙي مجال جو ان کي ڇهي سگهي[1]. (زرقاني ج 2 ص 139)

انهيءَ حالت ۾ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي جان نثارن سان گڏ جبل تي چڙهي ويا جتي ڪافرن جو پهچڻ مشڪل هو. ابو سفيان ڏسي ورتو ۽ فوج وٺي اهو بہ جبل تي چڙهڻ لڳو پر حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ۽ ٻين جان نثار صحابہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جن ايتري تہ زور سان ڪافرن تي پٿر اُڇلايا جو ابو سفيان انهن کي برداشت نہ ڪري سگهيو ۽ جبل تان لهي ويو[2].

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب غزوة احد ج 2 ص 424-426
[2] السيرت النبوية لابن هشام، شان عاصم بن ثابت ص 333

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي ڪجهه صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان گڏ جبل جي هڪ گهاٽي ۾ تشريف فرما هئا ۽ چهري مبارڪ مان رت مبارڪ وهي رهيو هو. حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي ڍال ۾ پاڻي ڀري ڀري کڻي اچي رهيا هئا ۽ حضرت بيبي فاطمة الزهراء رَضِيَ اللهُ عَنْها پنهنجي هٿن سان رت مبارڪ ڌوئي رهي هئي پر رت مبارڪ بند نه پئي ٿيو آخرڪار ڪجيءَ جي تڏي جو هڪ ٽڪرو ساڙي ان جي خاڪ زخم تي وڌي وئي ته رت مبارڪ فورًا بند ٿي ويو[1]. (بخاري غزوة احد ج 2 ص 584)

## ابو سفيان جو نعروءِ انهيءَ جو جواب

ابو سفيان جنگ جي ميدان مان واپس وڃڻ لڳو ته هڪ ٽڪري تي چڙهي ويو ۽ زور زور سان سڏيندو رهيو ته ڇا هتي حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن آهن؟ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته توهان هن جو جواب نه ڏيو، پوءِ وري هن سڏيو ته ڇا توهان ۾ حضرت ابو بڪر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ آهي؟ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ڪو به جواب نه ڏي پوءِ هن وري سڏيو ته ڇا توهان ۾ حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ آهي؟ ان جو به جواب نه مليو ته، ابو سفيان غرور سان چوڻ لڳو ته هي سڀ مارجي ويا ڇو جو جيڪڏهن زنده هجن ها ته ضرور مون کي جواب ڏين ها اهو ٻڌي حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان برداشت نه ٿي سگهيو ۽ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وڏي آواز سان چيو ته اي خدا پاڪ جا دشمن! تون ڪوڙو آهين اسان سڀ زنده آهيون.

ابو سفيان پنهنجي فتح جي گهمنڊ ۾ هي نعرو هنيو ته "اُعْلُ هُبَلْ" "اُعْلُ هُبَلْ" يعني اي هبل (بُت)! تون سر بلند ٿي وڃ. اي

[1] صحيح البخاري كتاب المغازي باب 26 الحديث 4075 ج 3 ص 43

هبل! تون سر بلند ٿي وڃ. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي فرمايو توهان بہ هن جي جواب ۾ نعرو لڳايو ماڻهن پڇيو اسان ڇا چئون؟ ارشاد فرمايائون توهان هي نعرو هڻو تہ اَللّٰهُ اَعْلٰى وَاَجَلّ يعني الله تعالىٰ سڀ کان وڏيڪ بلند مرتبي وارو ۽ وڏو آهي. ابو سفيان چيو لَنَا الْعُزّٰى وَلَا عُزّٰى لَكُمْ يعني اسان جي لاءِ "عزىٰ" (بت) آهي ۽ توهان جي لاءِ ڪو "عزىٰ" ڪونهي. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو توهان ماڻهو ان جي جواب ۾ چئو تہ اَللّٰهُ مَوْلَانَا وَلَا مَوْلٰى لَكُمْ الله تعالىٰ اسان جو مددگار آهي ۽ توهان جو ڪو مددگار ڪونهي.

ابو سفيان بلند آواز ۾ وڏي فخر سان هي اعلان ڪيو تہ اڄ جو ڏينهن بدر جي ڏينهن جو بدلو ۽ جواب آهي، جنگ ۾ ڪڏهن فتح ڪڏهن شڪست ٿيندي آهي. اي مسلمانو! اسان جي فوج اوهان قتل ٿيندڙن جا ڪن نڪ ڪٽي انهن جون صورتون بگاڙي ڇڏيون آهن پر مون نہ تہ انهيءَ جو حڪم ڏنو هو نہ مون کي ان تي ڪو رنج ۽ افسوس ٿيو آهي. اهو چئي ابو سفيان ميدان مان نڪري هليو ويو[1]. (زرقاني ج 2 ص 48 وبخاري غزوهِ احد ج 2 ص 579)

## هند جگر چباڙيو

قريشي ڪافرن جي عورتن جنگ بدر جو بدلو وٺڻ لاءِ جوش ۾ شهداءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جي لاشن تي وڃي انهن جا ڪن نڪ وغيره ڪٽي ڪري صورتون بگاڙي ڇڏيون ۽ ابو سفيان جي زال هند تہ اهڙي بيدردي جو مظاهرو ڪيو جو انهن عضون جو

[1] صحيح البخاري كتاب المغازي باب غزوة احد الحديث 4543 ج 3 ص 34

هار ناهي پنهنجي ڳچيءَ ۾ وڌو. هند حضرت حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي مقدس لاش کي ڳوليندي ڦري رهي هئي ڇو ته حضرت حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جنگ بدر جي ڏينهن هند جي پيءُ عتبه کي قتل ڪيو هو. جڏهن ان بيدرد حضرت حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي لاش کي ڳولي ورتو ته خنجر سان انهن جو پيٽ چيري انهن جو جگر ڪڍيو ۽ ان کي چباڙي ڇڏيائين پر نِڙيءَ مان هيٺ نه لهي سگهيو ان ڪري ڪڍي ڇڏيو. تاريخ ۾ هند جو لقب جيڪو "جگر چبارينڊڙ" آهي اهو انهيءَ واقعي جي ڪري آهي هند ۽ ان جي مڙس ابو سفيان رمضان 8 هـ ۾ مڪي جي فتح جي ڏينهن اسلام قبول ڪيو رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا.[1] (زرقاني ج 2 ص 47 وغيره)

## سعد بن الربيع جي وصيت

حضرت زيد بن ثابت رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي ته آءُ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي حڪم سان سعد بن الربيع رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن جي لاش جي تلاش ۾ نڪتس ته مون انهن کي سڪرات جي عالم ۾ ڏٺو انهن مون کي چيو ته رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي منهنجو سلام عرض ڪجانءِ ۽ پنهنجي قوم کي سلام ڪانپوءِ منهنجو هي پيغام ٻڌائي ڇڏجان ته جيسيتائين توهان مان هڪ ماڻهو به زندهه آهي جيڪڏهن رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تائين ڪافر پهچي ويا ته خدا پاڪ جي دربار ۾ توهان جو ڪو به عذر قابل قبول نه هوندو اهو چيائون ۽ انهن جو روح پرواز ڪري ويو.[2] (زرقاني ج 2 ص 48)

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني غزوة احد ج 2 ص 440 و مدارج النبوت قسم سوم باب چهارم ج 2 ص 120

[2] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب غزوة احد ج 2 ص 445

## اسلام جي عورتن جا ڪارنامو

جنگ احد ۾ مردن جيان عورتن به بيحد مجاهدانه جذبي سان جنگ ۾ حصو ورتو حضرت بيبي عائشه صديقه ۽ حضرت بيبي اُمِ سليم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا جن جي باري ۾ حضرت انس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جن جو بيان آهي ته هي ٻئي پاچا مٿي ڪري ڪليءَ ۾ پاڻي ڀري ڀري ايندیون رهيون ۽ مجاهدن خصوصاً زخمين کي پيارينديون رهيون. اهڙي طرح حضرت ابو سعيد خدري رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جن جي والده حضرت بيبي اُم سليط رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا به لڳاتار پاڻي جون کليون ڀري کڻي ايندیون رهيون ۽ مجاهدن کي پاڻي پيارينديون رهيون[1].

(بخاري ج 2 باب ذکر اُم سليط ص 582)

## حضرت اُمِ عماره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا جي جانثاري

حضرت بيبي اُمِ عماره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا جن جو نالو "نسيبه" آهي. جنگ اُحد ۾ پنهنجي مڙس حضرت زيد بن عاصم ۽ ٻن پٽن حضرت عماره ۽ حضرت عبد الله رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمْ کي گڏ وٺي آيون هيون. پهريان ته اِهي مجاهدن کي پاڻي پيارينديون رهيون پر جڏهن حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي ڪافرن جي يلغار جو هوش وجائيندڙ منظر ڏٺو ته ڪلِيءَ کي اڇلائي ڇڏيو ۽ هڪ خنجر کڻي ڪافرن جي مقابلي ۾ سينو تاڻي ڊال تي بيهي رهيون ۽ ڪافرن جي تير ۽ تلوار جي هر وار کي روڪينديون رهيون ايسيتائين جو انهن جي مٿي ۽ ڳچي تي تيرهن زخم لڳا. ابن قميئه ملعون جڏهن حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي تلوار هلائي ته بيبي اُمِ

---

[1] صحيح البخاري کتاب المغازي باب اذ همّت طائفتان... الخ الحديث 4064 ج 3 ص 38 وباب ذکر ام سليط الحديث 4071 ج 3 ص 41

عماره رَضِیَ اللهُ عَنْهَا اڳيان وڌي ڪري پنهنجي جسم تي روڪي. اهڙي طرح انهن جي ڪلهي کي ايترو گهرو زخم آيو جو گهاءُ پئجي ويو پوءِ پاڻ اڳتي وڌي ابن قميئہ جي ڪلهي تي زوردار تلوار هنئي پر هو ملعون ٻِئي زرهہ پهريل هو ان ڪري بچي ويو.

حضرت بيبي اُمِ عماره رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جن جا فرزند حضرت عبد الله رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا تہ مون کي هڪ ڪافر زخمي ڪري ڇڏيو ۽ منهنجي زخم مان رت بند نہ پئي ٿيو منهنجي والده حضرت اُمِ عماره رَضِیَ اللهُ عَنْهَا فورًا پنهنجو ڪپڙو ڦاڙي زخم تي ٻڌي ڇڏيو ۽ چيو تہ پٽ اُٿ ۽ ٻيهر جهاد ۾ مشغول ٿي وڃ، اتفاق سان اهو ئي ڪافر حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سامهون اچي ويو تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ اي اُم عماره! رَضِیَ اللهُ عَنْهَا ڏس تنهنجي پُٽ کي زخمي ڪرڻ وارو اهوئي آهي اهو ٻڌندي ئي حضرت بيبي امِ عماره رَضِیَ اللهُ عَنْهَا هڪدم ان ڪافر جي ٽنگ تي تلوار جو اهڙو ڀرپور وار ڪيو جو هو ڪري پيو ۽ پوءِ هلي نہ سگهيو بلڪ گيسيون ڪندو ڀڄي ويو. اِهو منظر ڏسي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کليا ۽ فرمايائون اي اُمِ عماره رَضِیَ اللهُ عَنْهَا تون خدا پاڪ جو شڪر ادا ڪر جو ان توکي ايتري طاقت ۽ همت عطا فرمائي جو تو خدا پاڪ جي راهہ ۾ جهاد ڪيو. حضرت بيبي اُمِ عماره رَضِیَ اللهُ عَنْهَا عرض ڪيو يا رسول الله عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دعا فرمايو تہ اسان کي جنت ۾ اوهان جي خدمت گذاري جو شرف حاصل ٿي وڃي. انهيءَ وقت پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي لاءِ، انهن جي مڙس ۽ پٽن جي لاءِ هن طرح دعا فرمائي اَللّٰهُمَّ اجْعَلْهُمْ رُفَقَائِیْ فِی الْجَنَّةِ يعني يا الله پاڪ هنن سيني کي جنت ۾ منهنجو رفيق بڻائي ڇڏ.

حضرت بيبي اُمِ عماره رَضِیَ اللهُ عَنْهَا سڄي زندگي اعلانيہ هي چوندي رهي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي انهيءَ دعا کانپوءِ دنيا ۾ وڏي کان وڏي مصيبت بہ مون تي اچي وڃي تہ مون کي ان جي ڪا بہ پرواهہ ناهي[1]. (مدارج ج 2 ص 126)

## حضرت صفيہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو حوصلو

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پڦي حضرت بيبي صفيہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا پنهنجي ڀاءُ حضرت حمزه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو لاش ڏسڻ آيون تہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي پٽ حضرت زبير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي حڪم ڏنو تہ منهنجي پڦي پنهنجي ڀاءُ جو لاش نہ ڏسي. حضرت بيبي صفيہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا چيو تہ مونکي منهنجي ڀاءُ جي باري ۾ سڀ ڪجهہ معلوم ٿي چڪو آهي پر آءُ ان کي خدا پاڪ جي راهہ ۾ ڪا وڏي قرباني نٿي سمجهان، پوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اجازت سان لاش وٽ ويون ۽ هي منظر ڏٺو تہ پياري ڀاءُ جا ڪن، نڪ اکيون سڀ ڪٽيل، پيٽ چيريل ۽ جگر چٻاڙيل آهي، اهو ڏسي ان دلير عورت اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رَاجِعُوْن ڪانسواءِ ڪجهہ بہ نہ چيو پوءِ انهن جي مغفرت جي دعا گهرنديون هليون آيون[2].

(طبري ص 1421)

## هڪ انصاري عورت جو صبر

هڪ انصاري عورت جنهن جو مڙس، پيءُ ۽ ڀاءُ سڀ ان جنگ ۾ شهيد ٿي ويا. ٽنهي جي شهادت جي خبر واري واري سان

---

[1] مدارج النبوت قسم سوم باب چهارم ج 2 ص 126-127

[2] الاكتفا باب ذكر مغازي الرسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ج 1 ص 386-387

ماڻهن ان کي ڏني پر هُو هر دفعي اِهو ئي پڇنديون رهيون تہ هي ٻڌايو تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪيئن آهن؟ جڏهن ماڻهن انهن کي ٻڌايو تہ الحمد لله اُهي زنده ۽ سلامت آهن تہ بي اختيار انهن جي زبان مان هن شعر جو مضمون نڪري پيو تہ

تسلی ہے پناہِ بے کساں زندہ سلامت ہے
کوئی پروا نہیں سارا جہاں زندہ سلامت ہے

الله اڪبر! انهي دلير عورت جي صبر ۽ ايثار جي ڇا ڳالهہ ڪجي؟ مڙس، پيءُ ۽ ڀاءُ ٽنهي جي قتل سان دل تي صدمن جا ٽي ٽي جبل ڪري پيا آهن، پر پوءِ بہ زبانِ حال سان ان جو اِهوئي نعرو آهي تہ

میں بھی اور باپ بھی، شوہر بھی، برادر بھی فدا
اے شہ دیں! ترے ہوتے ہوئے کیا چیز ہیں ہم[1]

(طبري ص 1425)

## شهداءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم

انهيءَ جنگ ۾ ستر صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جام شهادت نوش فرمايو جن ۾ چار مهاجر ۽ ڇاهٺ (66) انصار هئا ٽيهن جي تعداد ۾ ڪافر بہ نهايت ذلت سان قتل ٿيا[2]. (مدارج النبوة جلد 2 ص 133)

پر مسلمانن جي مفلسي جو هي عالم هو جو انهن شهداءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جن جي ڪفن لاءِ بہ ڪپڙو ڪو نہ هو. حضرت

---

[1] السيرت النبويہ لابن هشام باب غزوة احد، ص 340

[2] شرح الزرقاني علي المواهب باب غزوة احد، ج 2 ص 419 و مدارج النبوت قسم سوم باب چهارم ج2 ص 133

مصعب بن عمير رَضِيَ اللهُ عَنْه جن جو هي حال هو جو بوقت شهادت انهن جي بدن تي صرف ايتري وڏي چادر هئي جو انهن جي لاش کي قبر ۾ ليٽائڻ کانپوءِ جيڪڏهن انهن جو مٿو ڍڪيو پئي ويو تہ پير ظاهر پيا ٿين ۽ جيڪڏهن پيرن کي لڪايو پئي ويو تہ مٿو کليل پيو رهجي وڃي. آخرڪار مٿو لڪايو ويو ۽ پيرن تي اذخر گاهہ وڌو ويو. شهداءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهم رت ۾ رنگيل ٻہ ٻہ شهيد هڪ هڪ قبر ۾ دفن ڪيا ويا جنهن کي قرآن وڌيڪ ياد هو ان کي اڳيان پئي رکيائون[1]. (بخاري باب اذا لم يوجد الا ثوب واحد ج 1 ص 170 و بخاري ج 2 ص 584 باب الذين استجابوا)

## شهيدن جي قبرن جي زيارت

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن احد جي شهيدن جي قبرن جي زيارت لاءِ تشريف وني ويندا هئا ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان پوءِ حضرت ابو بڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جن جو ٻہ اهوئي عمل رهيو. هڪ دفعي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شهداءِ احد جي قبرن تي تشريف وني ويا تہ ارشاد فرمايائون يا الله پاڪ! تنهنجو رسول گواهہ آهي تہ هن جماعت تنهنجي رضا جي طلب ۾ جان ڏني آهي، پوءِ هي ٻہ ارشاد فرمايائون تہ قيامت تائين جيڪو ٻہ مسلمان، انهن شهيدن جي قبرن جي زيارت لاءِ ايندو ۽ انهن کي سلام ڪندو تہ هي شهداءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهم انهن جي سلام جو جواب ڏيندا.

جيئن حضرت فاطمہ خزاعيہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو بيان آهي تہ هڪ

---

[1] صحيح البخاري كتاب المغازي باب غزوة احد الحديث 4047 ج 3 ص 35 و باب من قتل من المسلمين..... الخ الحديث 4089، ج 3 ص 44 ماخوذًا

ڏينهن آئون احد جي ميدان مان گذري رهي هيس ته حضرت حمزه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن جي قبر وٽ پهچي مون عرض ڪيو ته اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا عَمَّ رَسُوْلِ اللّٰه (اي رسول الله عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا چاچا! اوهان تي سلام هجي) ته منهنجي ڪن ۾ آواز آيو ته وَعَلَيْكَ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ[1]

(مدارج النبوت ج 2 ص 135)

## حياتِ شهداء

چائيتاليهه سالن کانپوءِ ڪجهه شهداءِ احد جون قبرون کلي پيون ته انهن جا ڪفن سلامت ۽ بدن تروتازه هئا. تمام اهلِ مدينه ۽ ٻين ماڻهن ڏٺو ته شهداءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان پنهنجن زخمن تي هٿ رکي ستا پيا آهن ۽ جڏهن زخم تان هٿ کنيو ويو ته تازو رت نڪري وهڻ لڳو[2]. (مدارج النبوت ج 2 ص 135)

## ڪعب بن اشرف جو قتل

يهودين ۾ ڪعب بن اشرف تمام گهڻو دولتمند هو، يهودي عالمن ۽ يهودين جي مذهبي پيشوائن کي پنهنجي خزاني مان پگهار ڏيندو هو، دولت سان گڏ شاعري ۾ به تمام باڪمال هو جنهن ڪري نه صرف يهودين بلڪ سيني عرب جي قبيلن تي ان جو هڪ خاص اثر هو. ان کي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان سخت عداوت هئي. جنگِ بدر ۾ مسلمانن جي فتح ۽ قريشن جي سردارن جي قتل ٿي وڃڻ سان هن کي انتهائي رنج ۽ صدمو پهتو. تنهنڪري هي قريشن جي تعزيت لاءِ مڪي ويو ۽ قريشن

---

[1] مدارج النبوت قسم سوم باب چهارم ج 2 ص 135
[2] مدارج النبوت قسم سوم باب چهارم ج 2 ص 135

جي ڪافرن تي جيڪي بدر ۾ قتل ٿيا هئا اهڙو درد ڀريو مرثيو لکيو جنهن کي ٻڌي ٻڌندڙن جي مجمعي تي ماتم برپا ٿي ويندو هو انهيءَ مرثيي کي هي شخص قريشن کي ٻڌائي ٻڌائي پاڻ بہ زارو قطار روئندو هو ۽ ٻڌندڙن کي بہ روئاريندو هو. مڪي ۾ ابو سفيان سان مليو ۽ مسلمانن کان جنگ بدر جو بدلو وٺڻ لاءِ اُڀاريو بلڪ ابو سفيان کي وٺي حرم ۾ آيو ۽ مڪي جي ڪافرن سان گڏ پاڻ بہ غلافِ ڪعبہ کي جهلي عهد ڪيو تہ مسلمانن کان بدر جو ضرور بدلو وٺنداسين پوءِ مڪي کان مديني موٽي آيو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هجو لکي ڪري شانِ اقدس ۾ طرح طرح جون گستاخيون ۽ بي ادبيون ڪرڻ لڳو انهيءَ تي بس نہ ڪيائين بلڪ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي لکي ڪري قتل ڪرائڻ جو ارادو ڪيو.

ڪعب بن اشرف يهودي جون هي حرڪتون سراسر ان معاهدي جي خلاف ورزي هئي جيڪو يهودين ۽ انصارن جي وچ ۾ ٿي چڪو هو تہ مسلمانن ۽ قريشن جي ويڙهہ ۾ يهودي لاتعلق رهندا. ڪافي ڏينهن تائين مسلمان برداشت ڪندا رهيا پر جڏهن بانيءِ اسلام حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مقدس جان لاءِ خطرو پيدا ٿي پيو تہ حضرت محمد بن مسلمہ، حضرت ابو نائلہ ۽ حضرت عباد بن بشر ۽ حضرت حارث بن اوس ۽ حضرت ابو عبس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمْ جن کي ساڻ کنيو ۽ رات جو ڪعب بن اشرف جي گهر ويا ۽ ربيع الاول 3 ھ کيس سندس قلعي جي ڦاٽڪ تي قتل ڪري ڇڏيو ۽ صبح جو بارگاهہ رسالت ۾ حاضر ٿي انهيءَ جو سِر تاجدارِ دو عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قدمن ۾ اڇلائي ڇڏيو. انهيءَ قتل جي سلسلي ۾ حضرت حارث بن اوس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ تلوار

جي چهنب سان زخمي ٿي پيا هئا، محمد بن مسلم وغيره انهن کي ڪلهن تي کڻي بارگاهه رسالت ۾ آندو ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجو لعاب دهن مبارڪ انهن جي زخم تي لڳايو تہ انهيءَ وقت شفاءِ ڪامل حاصل ٿي وئي.[1]

(زرقاني جلد 2 ص 10 و بخاري ج 2 ص 576 ومسلم ص 110)

## غزوه غطفان

ربيع الاول 3 ھ ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي هي اطلاع مليو تہ نجد جي هڪ مشهور بهادر "دعثور بن الحارث محاربي" هڪ لشڪر تيار ڪري ورتو آهي تہ جئين مديني تي حملو ڪري. انهيءَ خبر کانپوءِ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چار سو صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُمْ جي فوج وني مقابلي لاءِ روانا ٿي ويا. جڏهن دعثور کي خبر ملي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان جي علائقي ۾ اچي ويا تہ هو پڇي نڪتو ۽ پنهنجي لشڪر کي وني جبلن تي چڙهي ويو پر ان جي فوج جو هڪ ماڻهو جنهن جو نالو "حبان" هو گرفتار ٿي ويو ۽ فورًا ئي ڪلمو پڙهي ان اسلام قبول ڪري ورتو.

اتفاق سان ان ڏينهن زوردار بارش ٿي پئي. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ وڻ جي هيٺان ليٽي پنهنجا ڪپڙا مبارڪ سڪائڻ لڳا. جبل جي بلندي تان ڪافرن ڏسي ورتو تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بلڪل اڪيلا ۽ پنهنجن اصحابن کان بہ پري آهن. هڪ دم دعثور بجلي وانگر جبل تان لهي اگهاڙي تلوار هٿ ۾ کڻي آيو ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مٿان تلوار بلند ڪري چيائين تہ

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني قتل كعب بن الاشرف... الخ ج 2 ص 368 ملخصاً

ٻڌاءِ هاڻي ڪير آهي جيڪو توکي مون کان بچائيندو؟ حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جواب ڏنو تہ ”منهنجو الله پاڪ مونکي بچائيندو.“ پوءِ جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام لمحي ۾ زمين تي لهي آيا ۽ دعثور جي سيني ۾ اهڙو زوردار ٺونشو هنيو جو تلوار هن جي هٿ مان ڪري پئي ۽ دعثور بيهوش ٿي ڪري پيو. رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فورًا تلوار کڻي ورتي ۽ فرمايو تہ ٻڌاءِ توکي هاڻي منهنجي تلوار کان ڪير بچائيندو؟ دعثور ڏڪندي آهستي آواز ۾ چيو تہ ”ڪو بہ نہ.“ رحمة للعالمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ان جي بيڪسيءَ تي رحم اچي ويو ۽ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان جو قصور معاف فرمائي ڇڏيو. دعثور اهڙي اخلاقِ نبوت کان تمام گهڻو متاثر ٿيو ۽ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو ۽ پنهنجي قوم ۾ اچي اسلام جي تبليغ ڪرڻ لڳو.

انهي غزوه ۾ ڪا بہ جنگ نہ ٿي ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم يارهن يا پندرهن ڏينهن مديني کان ٻاهر رهي واپس مديني اچي ويا[1]. (زرقاني ج 2 ص 15 وبخاري ج 2 ص 513)

ڪجهہ مؤرخن انهيءَ تلوار تاڻڻ واري واقعي کي غزوه ”ذات الرقاع“ جي موقعي تي ٻڌايو آهي پر حق هي آهي تہ تاريخِ نبوي ۾ انهيءَ قسم جا بہ واقعا ٿيا آهن. ”غزوة غطفان“ جي موقعي تي سِر مبارڪ مٿان تلوار تاڻڻ وارو ”دعثور بن حارث محاربي“ هو جيڪو مسلمان ٿي پنهنجي قوم جي اسلام آڻڻ جو سبب بڻيو ۽ غزوهءِ ذا ت الرقاع ۾ جنهن شخص حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي تلوار

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب غزوة غطفان ج 2 ص 378-382 ملخصاً

كنئي هئي انهيءَ جو نالو ”غورث“ هو ان اسلام قبول نہ ڪيو بلڪ مرڻ گهڙي تائين پنهنجي ڪفر تي قائم رهيو. ها البت هن هي معاهدو ڪري ورتو هو تہ هو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان ڪڏهن بہ جنگ نہ ڪندو[1]. (زرقاني ج 2 ص 16)

## 3 هہ جا متفرق واقعا

هجرت جي ٽين سال ۾ هيٺيان واقعا بہ ظهور پذير ٿيا.

1. 15 رمضان 3 سن هہ تي حضرت امام حسن رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي ولادت ٿي[2].

2. انهيءَ ئي سال حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت بيبي حفصہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا سان نڪاح فرمايو. حضرت حفصہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن جون صاحبزاديون آهن جيڪي غزوہ بدر جي زماني ۾ بيواهہ ٿي ويون هيون. انهن جا تفصيلي حالات ازواج مطهرات جي ذڪر ۾ اڳتي تحرير ڪيا ويندا.

3. انهيءَ ئي سال حضرت عثمان غني رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي صاحبزادي حضرت اُمِ ڪلثوم رَضِیَ اللهُ عَنْهَا سان نڪاح فرمايو[3].

4. ورثي جا احڪام ۽ قانون بہ انهيءَ ئي سال نازل ٿيا هن وقت تائين ميراث ۾ ذوي الارحام جو ڪو بہ حصو نہ هو انهن جي حقن جو تفصيلي بيان نازل ٿي ويو.

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني باب غزوة عطفان ج 2 ص 382 مختصرًا

[2] مدارج النبوة، قسم سوم، باب سوم، جلد 2 ص 110

[3] مدارج النبوة، قسم سوم، باب سوم، جلد 2 ص 110

5. اجان تائين مشرڪ عورتن جو نڪاح مسلمانن سان جائز هو پر سن 3 هـ ۾ ان جي حرمت نازل ٿي وئي ۽ هميشه جي لاءِ مشرڪ عورتن جو نڪاح مسلمانن سان حرام ڪيو ويو. وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعلَم

## باب نائون

# هجرت جو چوٿون سال

هجرت جو چوٿون سال بہ ڪافرن سان ننڍين وڏين جنگين ۾ گذريو. جنگ بدر جي فتح مبين سان مسلمانن جو رعب تمام قبيلن تي ڇانئجي ويو هو ان ڪري سيئي قبيلا ڪجهه ڏينهن لاءِ خاموش ٿي ويا هئا پر جنگِ احد ۾ مسلمانن جي جاني نقصان جو چرچو ٿيڻ سان ٻيهر سيئي قبيلا يڪدم اسلام ۽ مسلمانن کي مِٽائڻ جي لاءِ اٿي بيٺا ۽ مجبورًا مسلمانن کي بہ پنهنجي بچاءَ لاءِ جنگين ۾ حصو وٺڻو پيو. سن 4 هـ جي مشهور جنگين مان ڪجهه هي آهن.

## سريه ابو سلمه

پهرين محرم سن 4 هـ تي اوچتو هڪ شخص مديني ۾ هي خبر پهچائي تہ طليحہ بن خويلد ۽ سلمہ بن خويلد ٻئي ڀائر ڪافرن جو لشڪر جمع ڪري مديني تي چڙهائي ڪرڻ لاءِ نڪري پيا آهن. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهيءَ لشڪر جي مقابلي ۾ حضرت ابو سلمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي ڏيڍ سو مجاهدن سان گڏ روانو فرمايو، جنهن ۾ حضرت ابو سبره ۽ حضرت ابو عبيده

رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جهڙا معزز مهاجر ۽ انصار بہ هئا پر ڪافرن کي جڏهن خبر پئي تہ مسلمانن جو لشڪر اچي رهيو آهي تہ اُهي ڪيترائي اُٺ ۽ ٻڪريون ڇڏي ڀڄي ويا جن کي مسلمان مجاهدن مالِ غنيمت بڻائي ورتو ۽ جنگ جي نوبت ئي نہ آئي.[1] (زرقاني ج 2 ص 62)

## سريہ عبد اللّٰه بن انيس

محرم 4 هہ تي اطلاع مليو تہ "خالد بن سفيان هزلي" مديني تي حملو ڪرڻ لاءِ فوج جمع ڪري رهيو آهي. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان جي مقابلي لاءِ حضرت عبد اللّٰه بن انيس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي موڪلي ڇڏيو. پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ موقعو ڏسي خالد بن سفيان هزلي کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ سندس سِرُ ڪٽي مديني ڪٽي آيا ۽ ٻنهي جهانن جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قدمن ۾ آڻي رکيو. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت عبد اللّٰه بن انيس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن جي بهادري ۽ جانبازي کان خوش ٿي ڪري انهن کي پنهنجي عصا (لٺ مبارڪ) عطا فرمائي ۽ ارشاد فرمايو تہ تون انهيءَ لٺ کي هٿ ۾ کڻي جنت ۾ چهل قدمي ڪندين. انهن عرض ڪيو تہ يا رسول اللّٰه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قيامت جي ڏينهن هي عصا مبارڪ مون وٽ نشاني طور هوندي! پوءِ انتقال جي وقت انهن هيءَ وصيت فرمائي تہ انهيءَ عصا کي منهنجي ڪفن ۾ رکيو وڃي.[2] (زرقاني ج 2 ص 64)

## حادثہ رجيع

عسفان ۽ مڪي جي وچ ۾ هڪ جڳهہ جو نالو "رجيع" آهي.

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب سرية ابي سلمة ..... الخ ج 2 ص 471 ملخصًا.

[2] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب سرية ابي سلمة ..... الخ ج 2 ص 473 ملخصًا و مدارج النبوت قسم سوم باب چهارم ج 2 ص 142-143

هتي جي زمين ستن مقدس صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُمْ جي رت سان رنگجي وئي. تنهنڪري هي واقعو "سريهءِ رجيع" جي نالي سان مشهور آهي. هي دردناڪ واقعو به سن 4 هه ۾ پيش آيو. انهيءَ جو واقعو هي آهي ته قبيلي عضل ۽ قاره جا ڪجهه ماڻهو بارگاهِ رسالت ۾ آيا ۽ عرض ڪيائون ته اسان جي قبيلي وارن اسلام قبول ڪري ورتو آهي. هاڻي اوهان ڪجهه صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي اتي موڪليو ته جئين اهي اسان جي قوم کي اسلام جا عقيده ۽ عمل سيکارين. انهن ماڻهن جي درخواست تي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڏهن منتخب صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي حضرت عاصم بن ثابت رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي اڳواڻي ۾ موڪلي ڇڏيو. جڏهن هي مقدس قافلو "مقام رجيع" ۾ پهتو ته غدار ڪافرن بدعهدي ڪئي ۽ قبيلي بنو لحيان جي ڪافرن ٻه سو جي تعداد ۾ جمع ٿي ڪري انهن ڏهن مسلمانن تي حملو ڪري ڏنو. مسلمان پنهنجي بچاءُ جي لاءِ هڪ مٿانهين ٽڪري تي چڙهي ويا ڪافرن تير هلائڻ شروع ڪيا ۽ مسلمانن ٽڪريءَ جي اوچائيءَ تان پٿرن جو وسڪارو شروع ڪري ڏنو ڪافرن سمجهي ورتو ته اسان هٿيارن سان انهن مسلمانن کي ختم نٿا ڪري سگهون ته انهن فريب ڏنو ۽ چيو ته اي مسلمانو! اسان توهان ماڻهن کي امان ڏيون ٿا ۽ پنهنجي پناه ۾ وٺون ٿا انهيءَ لاءِ توهان ٽڪري تان لهي اچو حضرت عاصم بن ثابت رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمايو ته آءُ ڪنهن ڪافر جي پناه ۾ اچڻ پسند نه ٿو ڪري سگهان. اِهو چئي ڪري خدا کان دعا گهريائون ته "يا الله پاڪ! تون پنهنجي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اسان جي حال کان مطلع فرمائي ڇڏ." پوءِ هو جوش جهاد ۾ ٽڪريءَ جي بلنديءَ تان لٿا ۽ ڪافرن سان دوبدو

وڙهندا پنهنجي ڇهن ساٿين سان گڏ شهيد ٿي ويا. جيئن ته حضرت عاصم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جن جنگ بدر جي ڏينهن وڏن وڏن ڪافرن کي قتل ڪيو هو انڪري جڏهن مڪي جي ڪافرن کي حضرت عاصم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي شهادت جي خبر پئي ته ڪافرن ڪجهه ماڻهن کي "مقام رجيع" ۾ موڪليو ته انهن جي بدن جو ڪو اهڙو حصو ڪٽي ڪٽي اچو جنهن سان سجاڻپ ٿي سگهي ته واقعي حضرت عاصم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ شهيد ٿي ويا آهن پر جڏهن ڪافر انهن جي لاش جي ڳولا ۾ انهيءَ جڳهه تي پهتا ته انهن شهيد جي اها ڪرامت ڏٺي ته لڪن جي تعداد ۾ ماڪي جي مڪين انهن جي لاش جي چوڌاري ائين گهيرو ناهي رکيو آهي جو اتي پهچڻ ئي ناممڪن آهي. پوءِ مڪي جا ڪافر ناڪام واپس هليا ويا[1].

(زرقاني ج 2 ص 73 و بخاري ج 2 ص 569)

باقي ٿي شخص حضرت خبيب ۽ حضرت زيد بن دثنه ۽ حضرت عبد الله بن طارق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمْ ڪافرن جي پناه تي اعتماد ڪندي هيٺ لهي آيا ته ڪافرن بدعهدي ڪئي ۽ پنهنجي ڪمانن جي تارن سان انهن کي ٻڌڻ شروع ڪري ڇڏيو. هي منظر ڏسي حضرت عبد الله بن طارق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جن فرمايو هي توهان جي پهرين بدعهدي آهي ۽ مون لاءِ پنهنجي ساٿين وانگر شهيد ٿي وڃڻ بهتر آهي پوءِ هو انهن ڪافرن سان وڙهندي وڙهندي شهيد ٿي ويا[2].(بخاري ج 2 ص 568 وزرقاني ج 2 ص 67)

---

[1] صحيح البخاري كتاب المغازي باب غزوة الرجيع ...الخ الحديث:4086 ج 3 ص 46 والمواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب بعث الرجيع ج 2 ص 477-481 ملخصًا و ص 493-495 و مدارج النبوت قسم سوم باب چهارم ج 2 ص 138 ملتقطًا

[2] صحيح البخاري كتاب المغازي باب غزوة الرجيع... الخ الحديث 4086 ج 3 ص 46 والمواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب بعث الرجيع ج 2 ص 481

پر حضرت خبيب ۽ حضرت زيد بن دثنہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کي ڪافرن ٻڌي ڇڏيو هو انهيءَ لاءِ هي ٻئي مجبور ٿي ويا هئا انهن ٻنهي کي ڪافرن مڪي ۾ وڃي وڪڻي ڇڏيو. حضرت خبيب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جنگ احد ۾ حارث بن عامر کي قتل ڪيو هو انهيءَ لاءِ ان جي پٽن انهن کي خريد ڪري ورتو تہ جئين ان کي قتل ڪري پيءُ جي خون جو بدلو ورتو وڃي ۽ حضرت زيد بن دثنہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي اُميہ جي پُٽ صفوان قتل ڪرڻ جي ارادي سان خريد ڪيو. حضرت خبيب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي ڪافرن ڪجهہ ڏينهن قيد ۾ رکيو پوءِ حرم جي حدن کان ٻاهر وني وڃي ڦاهي تي چاڙهي قتل ڪري ڇڏيو. حضرت خبيب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ قاتلن کان ٻہ رڪعتون نماز پڙهڻ جي اجازت طلب ڪئي قاتلن اجازت ڏئي ڇڏي پاڻ تمام مختصر طور تي ٻہ رڪعتون نماز ادا فرمائي ۽ فرمايو تہ اي گروهہ ڪفار! منهنجي دل تہ هي پئي چاهيو تہ دير تائين نماز پڙهندو رهان ڇو تہ هيءَ منهنجي زندگيءَ جي آخري نماز هئي پر مون کي هي خيال اچي ويو تہ ڪٿي توهان ماڻهو هي نہ سمجهو تہ آئون موت کان ڊڄي رهيو آهيان. ڪافرن پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي ڦاهي تي چاڙهي ڇڏيو ان وقت پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هي شعر پڙهيا.

فَلَسْتُ اُبَالِیْ حِیْنَ اُقْتَلُ مُسْلِمًا
عَلٰی اَیِّ شِقٍّ کَانَ لِلّٰہِ مَصْرَعِی

جڏهن آئون مسلمان ٿي قتل ڪيو پيو وڃان تہ مون کي ڪا ٻہ پرواهہ ناهي تہ آئون ڪهڙي حصي کان قتل ڪيو ويندس.

وَذَالِکَ فِیْ ذَاتِ الْاِلٰہِ وَاِنْ یَّشَاْ
یُبَارِکْ عَلٰی اَوْصَالِ شِلْوٍ مُّمَزَّعِ

هي سڀ ڪجهه خدا جي لاءِ آهي جيڪڏهن هو چاهيندو ته منهنجي ڪٽيل ڦٽيل جسم جي ٽڪرن تي برڪت نازل فرمائيندو.

حارث بن عامر جي پٽ ”ابو سروعه“ حضرت خبيب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي قتل ڪيو. پر خدا پاڪ جو شان ته اِهي ئي ابو سروعه ۽ انهن جا ٻئي ڀائر ”عقبه“ ۽ ”حجير“ بعد ۾ اسلام جي دولت سان مالامال ٿي. صحابيت جي شرف ۽ اعزاز سان سرفراز ٿي ويا[1].

(بخاري ج 2 ص 569 زرقاني ج 2 ص 64 کان 78)

## حضرت خبيب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي قبر

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي الله تعالىٰ وحيءَ جي ذريعي حضرت خبيب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي شهادت کان آگاهه فرمايو. پاڻ صحابه ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم کي فرمايو ته جيڪو شخص حضرت خبيب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي لاش کي ڦاهي تان لاهي ڪٽي اچي انهيءَ لاءِ جنت آهي. هي بشارت ٻڌي ڪري حضرت زبير بن العوام ۽ حضرت مقداد بن الاسود رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا راتين جو سفر ڪندا ۽ ڏينهن جو لڪندا مقامِ ”تنعيم“ ۾ حضرت خبيب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن جي ڦاهي وٽ پهتا. چاليهه ڪافر ڦاهي جا پهريدار ٿي سمهي رهيا هئا هي ٻئي حضرات ڦاهي تان لاش کي لاهي گهوڙي تي رکي هليا ويا. چاليهه ڏينهن گذرڻ جي باوجود لاش بلڪل تازو هو ۽ زخمن مان تازو رت ٽمي رهيو هو. صبح جو قريشن جا ستر سوار تيز رفتار گهوڙن تي انهن جي تلاش ۾ نڪري پيا ۽ هنن ٻنهي حضرات وٽ

[1] صحيح البخاري كتاب المغازي باب غزوة الرجيع ...الخ الحديث 4086 ج 3 ص 46 والمواهب اللدنية وشرح الزرقاني باب بعث الرجيع ج 2 ص 482-487-489 ملخصاً

پهچي ويا انهن جڏهن ڏٺو تہ قريشن جا سوار اسان کي گرفتار ڪري وٺندا تہ انهن حضرت خبيب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي لاش کي گهوڙي تان لاهي زمين تي رکي ڇڏيو خدا پاڪ جو شان جو يڪدم زمين ڦاٽي پئي ۽ لاش مبارڪ کي ڳيهي وئي وري زمين اهڙي طرح برابر ٿي وئي جو ڦاٽڻ جو نشان بہ باقي نہ رهيو اهوئي سبب آهي جو حضرت خبيب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن جو لقب بليع الارض (جنهن کي زمين ڳيهي وئي) آهي. انهيءَ کانپوءِ انهن حضرات رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا ڪافرن کي چيو تہ اسان بہ شينهن آهيون جيڪي پنهنجي جهنگ ۾ وڃي رهيا آهيون جيڪڏهن توهان کان ٿي سگهي تہ اسان جو رستو روڪي ڏسو نہ تہ پنهنجو رستو وٺو.

ڪافرن انهن حضرات وٽ لاش نہ ڏنو ان ڪري مڪي واپس هليا ويا جڏهن ٻنهي صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان بارگاه رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ پهچي سڄو واقعو عرض ڪيو تہ حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام بہ حاضرِ دربار هئا انهن عرض ڪيو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان جي انهن ٻنهي يارن جي انهيءَ ڪارنامي تي اسان فرشتن جي جماعت کي بہ فخر آهي[1].

(مدارج النبوة ج 2 ص 141)

## حضرت زيد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي شهادت

حضرت زيد بن دثنہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي قتل جو تماشو ڏسڻ لاءِ قريشي ڪافر تمام گهڻي تعداد ۾ جمع ٿي ويا جن ۾ ابو سفيان بہ هو. جڏهن انهن کي ڦاهي تي چاڙهي قاتل تلوار هٿ ۾ کنئي تہ ابو سفيان چيو تہ اي زيد! سچ ٻڌائجاءِ جيڪڏهن هن وقت

[1] مدارج النبوة قسم سوم باب چهارم ج 2 ص 141

تنهنجي جڳهه تي حضرت محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ان طرح قتل ڪيا وڃن ها تہ ڇا تون ان کي پسند ڪرين ها؟ حضرت زيد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ابو سفيان جي ان طعني کي ٻڌي تڙپي پيا ۽ جذبات ۾ پريل آواز ۾ فرمايو تہ اي ابو سفيان! خدا پاڪ جو قسم آئون پنهنجي جان کي قربان ڪرڻ پسند ڪري سگهان ٿو پر منهنجي پياري رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مقدس پيرن ۾ ڪو ڪنڊو لڳي پوي مون کان اهو بہ برداشت نٿو ٿي سگهي.

مجھے ہو ناز قسمت پر اگر نام محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) پر
یہ سر کٹ جائے اور تیرا کف پا اس کو ٹھکرائے
یہ سب کچھ ہے گوارا پر یہ مجھ سے ہو نہیں سکتا
کہ انکے پاؤں کے تلوے میں اک کانٹا بھی چبھ جائے

اهو ٻڌي ابو سفيان چيو تہ مون وڏا وڏا محبت ڪرڻ وارا ڏٺا آهن پر حضرت محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن جي عاشقن جو مثال نٿو ملي سگهي، صفوان جي غلام "نسطاس" تلوار سان انهن جي سِسِي ڏڙ کان ڌار ڪري ڇڏي[1]. (زرقاني ج 2 ص 73)

## واقعۂ بير معونہ

ماهِ صفر 4 ھ ۾ "بير معونہ" جو مشهور واقعو پيش آيو. ابو براء عامر بن مالڪ جيڪو پنهنجي بهادري جي ڪري "ملاعب الاسنہ" (برڇين سان کيڏڻ وارو) چورائيندو هو بارگاهہ رسالت ۾ آيو. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي اسلام جي دعوت ڏني هن نہ ئي اسلام قبول ڪيو نہ ان کان ڪا نفرت ظاهر ڪئي بلڪہ هي

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب بعث الرجيع ج 2 ص 492-493

درخواست ڪئي تہ اوهان پنهنجي ڪجهہ منتخب صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُمْ کي اسان جي علائقي ۾ موڪليو، مون کي اميد آهي تہ اهي ماڻهو اسلام جي دعوت قبول ڪري وٺندا. رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ مون کي نجد جي ڪافرن جي طرفان خطرو آهي. ابو براء چيو تہ آءُ اوهان جي اصحابن سڳورن رَضِیَ اللهُ عَنْهُمْ جي جان ۽ مال جي حفاظت جو ضامن آهيان[1].

ان ڪانپوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان مان ستر منتخب صالحين کي جيڪي "قراء" چَوِرائيندا هئا موڪلي ڇڏيو. هي حضرات جڏهن مقام بير معونہ پهتا تہ اتي بيهي رهيا ۽ صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي قافلي جا سالار حضرت حرام بن ملحان رَضِیَ اللهُ عَنْهُ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو خط ڪٽي عامر بن طفيل وٽ اڪيلا تشريف ڪٽي ويا جيڪو قبيلي جو رئيس ۽ ابو براء جو ڀائٽيو هو. هن خط کي پڙهيو بہ ڪو نہ ۽ هڪ شخص کي اشارو ڏنو جنهن پٺيان کان حضرت حرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي نيزو هڻي شهيد ڪري ڇڏيو. ۽ پرپاسي جي قبيلن يعني رعل، ذڪوان، عصيہ، بنو لحيان وغيره کي جمع ڪري هڪ لشڪر تيار ڪري ورتو ۽ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان تي حملو ڪرڻ لاءِ روانو ٿي ويو. حضراتِ صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان بير معونہ وٽ ڪافي دير تائين حضرت حرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي واپسيءَ جو انتظار ڪندا رهيا پر جڏهن تمام گهڻي دير ٿي وئي تہ هي ماڻهو اڳتي وڌيا، رستي ۾ عامر بن طفيل جي فوج سامهون اچي وئي ۽ جنگ شروع ٿي وئي. ڪافرن حضرت

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب بير معونة ج 2 ص 496 و مدارج النبوت قسم سوم باب چهارم ج 2 ص 143 والكامل في التاريخ، السنة الرابعة من الهجرة، ذكر بير معونة ج 2 ص 63

عمرو بن اُميہ ضمري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کانسواءِ سيني صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي شهيد ڪري ڇڏيو، انهن ئي شهيدن ۾ حضرت عامر بن فهيره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بہ هو جنهن جي باري ۾ عامر بن طفيل جو بيان آهي تہ قتل ٿيڻ کانپوءِ انهن جو لاش بلند ٿي آسمان تائين پهتو پوءِ وري زمين تي اچي ويو ان کانپوءِ انهن جي لاش ڳولها ڪرڻ تي بہ نہ مليو ڇو تہ فرشتن ان کي دفن ڪري ڇڏيو[1].

(بخاري ج 2 ص 587 باب غزوة الرجيع)

حضرت عمرو بن اُميہ ضمري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي عامر بن طفيل هي چئي ڪري ڇڏي ڏنو تہ منهنجي ماءُ هڪ غلام آزاد ڪرڻ جي باس باسي هئي ان لاءِ آءُ توکي آزاد ڪريان ٿو. اِهو چيائين ۽ انهن جي چَڳَ جا وار ڪٽي ان کي ڇڏي ڏنو[2]. حضرت عمرو بن اُميّہ ضمري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ اتان کان موٽي جڏهن "قرقره" جي مقام تي آيا تہ هڪ وڻ جي ڇانوَ ۾ ترسيا. اتي ئي قبيلي بنو ڪلاب جا بہ ماڻهو بہ ترسيل هئا جڏهن اُهي ٻئي سمهي پيا تہ حضرت عامر بن اُميہ ضمري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن انهن ٻنهي ڪافرن کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ هي سوچي دل ۾ خوش ٿي رهيا هئا تہ مون صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي خون جو بدلو وٺي ڇڏيو آهي پر انهن ٻنهي شخصن کي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن امان ڏئي چڪا هئا جنهن جو حضرت عمرو بن اُميہ ضمري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن کي علم نہ هو[3].

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني باب بير معونة ج 2 ص 498-502 ملخصاً و صحيح البخاري كتاب المغازي باب غزوة الرجيع الحديث 4091 ج 3 ص 48

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني باب بير معونة ج 2 ص 501

[3] كتاب المغازي للواقدي باب غزوة بني النضير ج 1 ص 363 والسيرة النبوية لابن هشام حديث بير معونة ص 376

جڏهن مديني پهچي انهن سڄو حال دربار رسالت ۾ بيان ڪيو تہ اصحاب بير معونہ جي شهادت جي خبر ٻڌي سرڪار رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ايترو گهرو صدمو رَسِيو جو سڄي عمر ۾ ڪڏهن بہ ايترو رنج ۽ صدمو نہ پهتو هو. پوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڄو مهينو چئني قبيلن رعل، ذڪوان، عصيہ ۽ بنو لحيان تي نماز فجر ۾ لعنت موڪليندا رهيا ۽ حضرت عمرو بن اُمّيہ ضمري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن ٻن شخصن کي قتل ڪيو هو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن ٻنهي جي خون جو بدلو ادا ڪرڻ جو اعلان فرمايو[1]. (بخاري ج 1 ص 136 وزرقاني ج 2 ص 74 کان 78)

## غزوه بنو نضير

حضرت عمرو بن اُميّہ ضمري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن قبيلي بنو ڪلاب جي جن ٻن شخصن کي قتل ڪيو هو ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن ٻنهي جو قصاص ادا ڪرڻ جو اعلان فرمائي ڇڏيو هو انهيءَ ئي معاملي متعلق گفتگو ڪرڻ لاءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قبيلي بنو نضير جي يهودين وٽ تشريف وني ويا ڇو تہ انهن يهودين سان رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو معاهدو هو پر يهودي حقيقت ۾ بيحد بدنيت ذهنيت واري قوم آهن معاهدو ڪرڻ جي باوجود انهن خبيثن جي دل ۾ پيغمبرِ اسلام صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دشمني ۽ بغض جي باهہ ڀريل هئي. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن بدنيتَن سان اهلِ ڪتاب هئڻ جي ڪري ڪيتروئي سنو سلوڪ ڪندا هئا پر هي ماڻهو هميشہ اسلام کي ختم ڪرڻ ۽ بانيءِ اسلام جي دشمني ۾ مصروف رهيا. مسلمانن

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني باب بير معونة ج 2 ص 503-508

سان ساڙ ۽ حسد ۽ ڪافرن ۽ منافقن سان ڳڻ جوڙ ۽ اتحاد هميشه انهن غدارن جو اهو ئي طرزِ عمل رهيو. تنهنڪري انهيءَ موقعي تي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم يهودين وٽ تشريف وني ويا تہ انهن ماڻهن بظاهر تہ تمام سني اخلاق جو مظاهرو ڪيو پر اندروني طور تمام خوفناڪ سازش ۽ انتهائي خطرناڪ اسڪيم جوڙي ورتي[1]. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان حضرت ابو بڪر صديق، حضرت عمر، حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُمْ بہ هئا. يهودين انهن سيني کي هڪ پِتِ جي هينان نهايت احترام سان ويهاريو ۽ پاڻ ۾ هي مشورو ڪيو تہ چت تان هڪ تمام وڏو ۽ وزني پٿر انهن تي ڪيرايو وڃي جئين اهي سڀ ماڻهو دٻجي ختم ٿي وڃن، تنهنڪري عمرو بن جحاش ان مقصد لاءِ چت تي چڙهي ويو. محافظِ حقيقي پروردگار عالم پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي يهودين جي ان ناپاڪ سازش کان وحي جي ذريعي مطلع فرمائي ڇڏيو انهيءَ لاءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چُپ چاپ ۾ اتان پنهنجي ساٿين سان گڏ اٿي هليا آيا ۽ مديني تشريف کڻي اچي صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُمْ کي يهودين جي ان سازش کان آگاهہ فرمايو ۽ انصارن ۽ مهاجرن سان مشوري ڪانپوءِ انهن يهودين ڏانهن قاصد موڪليو[2]. تہ توهان ماڻهن پنهنجي ڏوڪيبازي ۽ قاتلاڻي سازش جي ڪري معاهدو ٽوڙي ڇڏيو، انهيءَ لاءِ هاڻي توهان ماڻهن کي ڏهہ ڏينهن جي مهلت ڏني وڃي ٿي تہ توهان انهيءَ عرصي ۾ مديني مان نڪري وڃو ان کان بعد توهان مان ڪو بہ شخص هتي ڏٺو ويو تہ قتل ڪيو ويندو.

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، حديث بني النضير، جلد 2 ص 508 ملخصاً

[2] مدارج النبوت قسم سوم باب چهارم ج 2 ص 146، 147 ملتقطاً

شهنشاهِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو اِهو فرمان ٻڌي بنو نضير جا يهودي جلاوطن ٿيڻ لاءِ تيار ٿي ويا پر منافقن جو سردار عبد الله بن ابي انهن جو حامي بڻجي ويو ۽ ان چَوِرائي موڪليو تہ توهان ماڻهو هرگز هرگز مديني مان نہ نڪرو اسان ٻہ هزار ماڻهن سان توهان جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. انهيءَ کان علاوه بنو قريظه ۽ بنو غطفان يهودين جا ٻہ طاقتور قبيلہ ٻہ توهان جي مدد ڪندا. بنو نضير جي يهودين کي جڏهن ايڏو وڏو سهارو مليو تہ هو شينهن ٿي ويا ۽ انهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي چَوِرائي موڪليو تہ اسان مدينو ڇڏي نٿا وڃي سگهون اوهان کي جيڪو وڻي سو ڪيو[1]. (مدارج ج 2 ص 147)

يهودين جي انهيءَ جواب کانپوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مسجد نبوي جي امامت حضرت ابن اُمِّ مکتوم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي حوالي ڪري حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بنو نضير ڏانهن روانا ٿيا ۽ انهن يهودين جي قلعي جو گهيراءُ ڪري ورتو هي گهيراءُ 15 ڏينهن تائين قائم رهيو، قلعي ۾ ٻاهر کان هر قسم جي سامان جو اچڻ وڃڻ بند ٿي ويو ۽ يهودي بلڪل ئي محصور ۽ مجبور ٿي رهجي ويا پر انهيءَ موقعي تي نہ منافقن جو سردار عبد الله بن ابي يهودين جي مدد جي لاءِ آيو نہ ئي بنو قريظه ۽ بنو غطفان ڪا مدد ڪئي پوءِ الله تعالىٰ انهن دغابازن جي باري ۾ ارشاد فرمايو تہ

كَمَثَلِ الشَّيْطٰنِ اِذْ قَالَ لِلْاِنْسَانِ اكْفُرْ ۚ فَلَمَّا كَفَرَ قَالَ

ترجمو ڪنز الايمان: انهن ماڻهن جو مثال شيطان وانگر آهي جڏهن ان ماڻهو کي چيو ڪفر ڪر پوءِ جڏهن انهيءَ

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، حديث بني النضير، ج 2، ص 147

اِنِّیْ بَرِیْٓءٌ مِّنْكَ اِنِّیْٓ اَخَافُ اللّٰهَ رَبَّ الْعٰلَمِیْنَ ﴿۱۶﴾[1] (سوره حشر)

ڪفر ڪيو، چيائين مان تو کان الڳ آهيان مان الله کان ڊڄان ٿو جيڪو سموري جهان جو پالڻهار آهي.

يعني جهڙي طرح شيطان انسان کي ڪفر تي اُڀاري ٿو پر جڏهن انسان ان جي ورغلائڻ سبب ڪفر ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي تہ شيطان خاموشيءَ سان کسڪي ويندو آهي. اهڙي طرح منافقن بہ بنو نضير جي يهودين کي ٽيڪ ڏئي دلير ڪري ڇڏيو ۽ الله پاڪ جي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ويڙهائي ڇڏيو پر جڏهن بنو نضير جي يهودين کي جنگ ڪرڻي پئي تہ منافق پنهنجن گهرن ۾لڪي ويهي رهيا.

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قلعي جي گهيري سان گڏ قلعي جي پرپاسي ۾ کجور جي ڪجهہ وڻن کي بہ ڪٽرائي ڇڏيو ڇو جو ممڪن هو تہ گهاٽن وڻن جي اوٽ ۾ يهودي لڪي ڪري اسلامي لشڪر تي ڇاپو هڻن ها ۽ مسلمانن کي جنگ ۾ ڏڪائي ٽئي ها انهن وڻن کي ڪٽڻ جي باري ۾ مسلمانن جا بہ گروهہ ٿي ويا ڪجهہ ماڻهن جو خيال هو تہ هي وڻ نہ ڪٽيا وڃن ڇو تہ فتح ڪانپوءِ هي سڀ وڻ مال غنيمت بڻجي ويندا ۽ مسلمان انهن مان نفعو حاصل ڪندا ۽ ڪجهہ ماڻهن جو هي خيال هو تہ وڻن کي ڪٽي صاف ڪرڻ جو مقصد يهودين جي رهائشن کي برباد ڪرڻ ۽ انهن کي نقصان پهچائي انهن کي ڪاوڙ ۽ رنج ۾ وجهڻ آهي تنهنڪري انهن وڻن کي ڪٽي ڇڏڻ ئي بهتر آهي انهيءَ موقعي تي سورة حشر جي هيءَ آيت نازل ٿي.

---

[1] پ 28، الحشر: 16

مَا قَطَعْتُمْ مِّنْ لِّيْنَةٍ اَوْ تَرَكْتُمُوْهَا قَآىِٕمَةً عَلٰۤى اُصُوْلِهَا فَبِاِذْنِ اللّٰهِ وَلِيُخْزِىَ الْفٰسِقِيْنَ ۝[1]

ترجمو ڪنز الايمان: جيڪي وڻ توهان ڪٽيا، يا انهن کي سندن پاڙن تي بيٺل ڇڏيو اهو سمورو الله جي اجازت سان هو جيئن خدا فاسقن کي خوار ڪري.

مطلب هي آهي ته مسلمانن ۾ جيڪي وڻ ڪٽڻ وارا آهن انهن جو عمل به صحيح آهي ۽ جيڪي ڪٽڻ نٿا چاهين اُهي به صحيح چون ٿا ڇو ته ڪجهه وڻن کي ڪٽڻ ۽ ڪجهه کي ڇڏي ڏيڻ اِهو سڀ الله تعالىٰ جي ئي حڪم ۽ ان جي اجازت سان آهي[2].

بهرحال آخر گهيري کان تنگ ٿي بنو نضير جا يهودي ان ڳالهه تي تيار ٿي ويا ته هو پنهنجو پنهنجو گهر ۽ قلعو ڇڏي انهيءَ شرط تي مدينو ڇڏي هليا ويندا ته جيتري قدر مال ۽ اسباب اُهي اٺن تي کڻي سگهيا کڻي ويندا. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن يهودين جي ان شرط کي مڃي ورتو ۽ بنو نضير جا سڀ يهودي ڇهه سو اٺن تي پنهنجو مال ۽ سامان کڻي هڪ جلوس جي شڪل ۾ ڳائيندا وڄائيندا مديني مان نڪتا، ڪجهه ته خيبر هليا ويا ۽ گهڻي تعداد ۾ شام ملڪ وڃي ”اذرعات“ ۽ ”اريحاء“ ۾ آباد ٿي ويا. انهن ماڻهن جي وڃڻ کانپوءِ انهن جي گهرن جي مسلمانن جڏهن تلاشي ورتي ته 50 لوهه جون ٽوپيون 50 زرهون ٽي سئو چاليهه تلوارون نڪتيون، جيڪي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قبضي ۾ آيون[3]. (زرقاني ج 2 ص 79 کان 85)

---

[1] پ 28، الحشر: 5

[2] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني حديث بني النضير ج 2 ص 516-517

[3] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني حديث بني النضير ج 2 ص 517-518

الله تعالىٰ بنو نضير جي يهودين جي انهيءَ جلاوطني جو ذڪر قرآن مجيد جي سورت حشر ۾ هن طرح فرمايو ته:

هُوَ الَّذِیۡۤ اَخۡرَجَ الَّذِیۡنَ کَفَرُوۡا مِنۡ اَهۡلِ الۡکِتٰبِ مِنۡ دِیَارِهِمۡ لِاَوَّلِ الۡحَشۡرِ ؕ مَا ظَنَنۡتُمۡ اَنۡ یَّخۡرُجُوۡا وَ ظَنُّوۡۤا اَنَّهُمۡ مَّانِعَتُهُمۡ حُصُوۡنُهُمۡ مِّنَ اللّٰهِ فَاَتٰىهُمُ اللّٰهُ مِنۡ حَیۡثُ لَمۡ یَحۡتَسِبُوۡا ۫ وَ قَذَفَ فِیۡ قُلُوۡبِهِمُ الرُّعۡبَ یُخۡرِبُوۡنَ بُیُوۡتَهُمۡ بِاَیۡدِیۡهِمۡ وَ اَیۡدِی الۡمُؤۡمِنِیۡنَ ۗ فَاعۡتَبِرُوۡا یٰۤاُولِی الۡاَبۡصَارِ ﴿۲﴾ [1] (حشر)

ترجمو ڪنز الايمان: الله اهو ئي آهي جنهن ڪتابي ڪافرن کي انهن جي گهرن مان تڙي ڪڍيو انهن جي پهرين حشر جي لاءِ (اي مسلمانو!) توهان کي اهو گمان نه هو ته اُهي نڪرندا ۽ اهي سمجهندا هئا ته انهن کي سندن ڪوٽ قلعا الله کان بچائيندا پوءِ الله جو حڪم انهن وٽ آيو جتان جو انهن کي گمان به نه هو ۽ اُن انهن جي دلين ۾ رعب وجهي ڇڏيو جو اُهي پنهنجا گهر پنهنجي هٿن سان ۽ مسلمانن جي هٿن سان ويران ڪن ٿا پوءِ عبرت وٺو اي نظر وارؤ!

## بدر صغرىٰ

اُحد جي جنگ کان موٽڻ وقت ابو سفيان چيو هو ته ايندڙ سال بدر ۾ اسان جو توهان جو مقابلو ٿيندو. تنهنڪري شعبان يا ذوالقعده سن 4 هه ۾ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مديني جو انتظام ۽ سار سنڀال حضرت عبد الله بن رواحه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي حوالي ڪري لشڪر سان گڏ بدر تشريف وٺي ويا. اٿن ڏينهن تائين ڪافرن جو انتظار ڪيائون هوڏانهن ابو سفيان به فوج سان گڏ نڪتو هڪ منزل طئي ڪيائون ته هن پنهنجي لشڪر کي چيو ته هي سال جنگ لاءِ مناسب ناهي چو ته ايترو سخت ڏڪار پيو آهي جو نه

[1] پ 28، الحشر: 2

ماڻهن لاءِ داڻو پاڻي آهي نہ وري جانورن جي لاءِ گاهه پَنو. اِهو چئي ابو سفيان مڪي واپس هليو ويو. مسلمانن وٽ ڪجهه تجارت جو مال بہ هو جڏهن جنگ نہ ٿي تہ مسلمانن تجارت ڪري تمام گهڻو نفعو ڪمايو ۽ مديني واپس هليا آيا[1].

(مدارج جلد 2 ص 151 وغيره)

## سن 4 هہ جا متفرق واقعا

1. هن سال غزوه بنو نضير کان پوءِ جڏهن انصارن چيو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بنو نضير جو جيڪو مال غنيمت ۾ مليو آهي اهو سڀ اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان جي مهاجر ڀائرن کي ڏئي ڇڏيو اسان ان مان ڪنهن بہ شئ جا طلبگار نہ آهيون تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خوش ٿي هيءَ دعا فرمائي تہ

اَللّٰهُمَّ ارْحَمِ الْاَنْصَارَ وَاَبْنَآءَ الْاَنْصَارِ وَاَبْنَآءَ اَبْنَآءِ الْاَنْصَارِ

ترجمو: اي الله! پاڪ انصارن تي، انصارن جي اولاد تي ۽ انهن جي اولاد جي اولاد تي رحم فرماءِ[2] (مدارج جلد 2 ص 148)

2. هن سال حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ڏوهٽي حضرت عبد الله بن عثمان غني رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جن جي اک ۾ هڪ ڪڪڙ ٿونگو هنيو جنهن تڪليف سبب هو بہ راتيون تڙپي تڙپي وفات ڪري ويا[3]. (مدارج جلد 2 ص 150)

---

[1] مدارج النبوة، قسم سوم، باب چهارم، ج 2، ص 151، ملتقطاً و ملخصاً والمواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب غزوة بدر الاخيرة..... الخ، ج 2 ص 535

[2] مدارج النبوت، قسم سوم، باب چار، ج 2، ص 149

[3] مدارج النبوت، قسم سوم، باب چهارم، ج 2، ص 149-150

3. هن ئي سال حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي گهر واري حضرت بيبي زينب بنت خزيمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جن جي وفات ٿي[1]. (مدارج جلد 2 ص 150)

4. هن ئي سال حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت اُمّ المومنين بيبي اُمّ سلمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا سان نڪاح فرمايو[2]. (مدارج جلد 2 ص 150)

5. هن ئي سال حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي والده ماجده حضرت بي بي فاطمه بنت اسد رَضِيَ اللهُ عَنْهَا وفات ڪئي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجو مقدس پهراڻ ان جي ڪفن لاءِ عطا فرمايو ۽ ان جي قبر ۾ لهي ان جي ميت کي پنهنجي هٿن مبارڪن سان قبر ۾ لاٿو ۽ فرمايو ته فاطمه بنت اسد کان سواءِ ڪو به قبر جي ديائڻ کان نه بچيو آهي. حضرت عمر بن عبد العزيز رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته صرف پنج ميت ئي اهڙا خوش نصيب ٿيا جن جي قبر ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پاڻ لٿا **پهريون:-** حضرت بيبي خديجه، **ٻيو:-** حضرت بيبي خديجه جو هڪ فرزند **ٽيون:** عبد الله مزني جنهن جو لقب ذو البجادين آهي. **چوٿون:-** حضرت بيبي عائشه جي ماءُ حضرت اُمِ رومان، **پنجون:-** حضرت فاطمه بنت اسد حضرت علي جي والده (رِضْوَانُ اللهِ عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن)[3]. (مدارج جلد 2 ص 150)

6. هن ئي سال 4 شعبان سن 4 هه تي حضرت امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي پيدائش ٿي[4]. (مدارج جلد 2 ص 151)

---

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب چهارم، ج 2، ص 149-150

[2] مدارج النبوت، قسم سوم، باب چهارم، ج 2، ص 149-150

[3] مدارج النبوت، قسم سوم، باب چهارم، ج 2، ص 150، 151

[4] مدارج النبوت، قسم سوم، باب چهارم، ج 2، ص 151

7. هن ئي سال هڪ يهودي ٻئي يهودي جي عورت سان زنا ڪئي ۽ يهودين اهو مقدمو بارگاهِ رسالت ۾ پيش ڪيو تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تورات ۽ قرآن ٻنهي ڪتابن جي فرمان سان ان کي سنگسار ڪرڻ جو فيصلو فرمايو[1].

(مدارج جلد 2 ص 152)

8. انهيءَ سال طعمہ بن ابيرق جيڪو مسلمان هو چوري ڪئي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قرآن جي حڪم سان ان جو هٿ ڪٽڻ جو حڪم فرمايو، اهو ٻڌي هو ڀڄي نڪتو ۽ مڪي هليو ويو اتي بہ هن چوري ڪئي اهلِ مڪہ ان کي قتل ڪري ڇڏيو يا ان تي ڀت ڪري ۽ مري ويو يا درياءَ ۾ اڇليو ويو هڪ قول هي بہ آهي تہ هو مرتد ٿي ويو هو[2]. (مدارج جلد 2، ص 153)

9. ڪجهہ تاريخدانن جي مطابق شراب جي حرمت جو حڪم بہ هن ئي سال نازل ٿيو ۽ ڪجهہ جي ويجهو سن 6 هہ ۾ ۽ ڪن چيو تہ سن 8 هہ ۾ شراب حرام ڪيو ويو[3]. (مدارج جلد 2، ص 153)

## باب ڏهون

# هجرت جو پنجون سال

## سنہ 5 هجري

جنگِ احد ۾ مسلمانن جي جاني نقصان جو چرچو ٿيڻ ۽ ڪفار

---

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب چهارم، ج 2، ص 152

[2] مدارج النبوت، قسم سوم، باب چهارم، ج 2، ص 152، 153

[3] مدارج النبوت، قسم سوم، باب چهارم، ج 2، ص 153

قريش ۽ يهودين جي گڏيل سازشن سان تمام قبائلِ ڪفار جو حوصلو ايتري قدر بلند ٿي ويو جو سيني کي مديني تي حملي ڪرڻ جو جنون سوار ٿي ويو. تنهنڪري سن 5 هجري ۾ ڪفر ۽ اسلام جي ڪيترن ئي معرڪن کي پنهنجي دامن ۾ سميٽي رکيو آهي. اسين هتي ڪجهه مشهور غزوات ۽ سرايه جو ذڪر ڪريون ٿا.

## غزوه ذات الرقاع

سڀ کان پهرين قبيلي ”انمار ۽ ثعلبه“ وارن مديني تي ڪاهه ڪرڻ جو ارادو ڪيو. جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ان جو اطلاع مليو تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن چار سو (400) صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جو لشڪر پاڻ سان گڏ ڪنيو ۽ 10 محرم سن 5 ھ تي مديني کان روانا ٿي مقام ”ذات الرقاع“ تائين تشريف وني آيا پر حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي آمد جو ٻڌي ڪافرن ڀڄي وڃي جبلن ۾ پناهه ورتي انهيءَ ڪري ڪا ٻہ جنگ نہ ٿي. مشرڪن جون ڪجهه عورتون مليون جن کي صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جن گرفتار ڪري ورتو. ان وقت مسلمان مفلسي ۽ تنگدستيءَ جي حالت ۾ هئا جيئن تہ حضرت ابو موسيٰ اشعري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ سوارين جي ايتري تہ گهٽتائي هئي جو ڇهن ڇهن ماڻهن جي سواري لاءِ هڪڙو اُٺ هيو جنهن تي اسان واري واري سان سوار ٿي ڪري سفر ڪندا هئاسين. پٿريلي زمين ۾ پنڌ هلڻ جي ڪري اسان جا پير زخمي ٿي پيا هئا ۽ پيرن جا ننهن ڇٽي ويا هئا انهيءَ ڪري اسان پنهنجن پيرن

تي ڪپڙن جون پَٽِيُون ويڙهي ڇڏيون هيون. انهيءَ ڪري ئي هن غزوه جو نالو ”غزوه ذات الرقاع“ (چَتين واري غزوه) پيو[1].

(بخاري غزوه ذات الزرقاع ج 2 ص 592)

ڪجهه مؤرخن جو چوڻ آهي تہ اتي جي زمين جا پٿر اڇي ۽ ڪاري رنگ جا هئا ۽ زمين ائين نظر اچي رهي هئي جڻ تہ اڇا ۽ ڪارا جوڙ هڪبئي سان جڙيل هجن انهيءَ ڪري ان غزوه کي ”غزوه ذات الرقاع“ چيو ويو ۽ ڪجهه جو قول آهي تہ هتي هڪ وڻ جو نالو ذات الرقاع هو انهيءَ ڪري ماڻهو ان کي غزوه ذات الرقاع چوڻ لڳا تي سگهي ٿو تہ اهي سيئي ڳالهيون هجن[2].

(زرقاني جلد 2 ص 88)

مشهور سيرت نگار امام ابن سعد جو قول آهي تہ سي ڪان پهريان هن غزوه ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ”صلوٰة الخوف“ پڙهي[3]. (زرقاني ج 2 ص 90 و بخاري باب غزوه ذات الرقاع، ج 2 ص 592)

## غزوه دُومة الجندل

ربيع الاول سن 5 هـ ۾ خبر پئي تہ مقام ”دومة الجندل“ ۾ جيڪو مديني ۽ شهر دمشق جي وچ ۾ هڪ قلعي جو نالو آهي. مديني تي حملي ڪرڻ جي لاءِ هڪ تمام وڏي فوج گڏ ٿي رهي آهي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ هزار (1000) صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جو لشڪر ساڻ ڪري مقابلي جي لاءِ مديني مان نڪتا جڏهن

---

[1] المواهب اللدنية وشرح الزرقاني، باب غزوة ذات الرقاع، ج 2، ص526، 528 و صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب غزوة ذات الرقاع، الحديث 4128، ج 3، ص 58

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب غزوة ذات الرقاع، ج 2، ص525

[3] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب غزوة ذات الرقاع، ج 2، ص528، 529

مشرڪن کي اها خبر پئي تہ اُهي پنهنجو مال ۽ ڏنار ڇڏي ڀڄي ويا. صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جن انهن تمام جانورن کي مالِ غنيمت بڻايو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٽي (3) ڏينهن اتي قيام فرمائي مختلف جڳهن تي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جي لشڪرن کي روانو فرمايو. هن غزوه ۾ ڪا بہ جنگ ڪو نہ ٿي انهيءَ سفر ۾ هڪ مهيني کان وڌيڪ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مديني کان ٻاهر رهيا[1]. (زرقاني ج 2 ص 94 کان 95)

## غزوه مُريسيع

هن جو ٻيو نالو "غزوه بني المصطلق" بہ آهي. مُريسيع هڪ جڳهہ (مقام) جو نالو آهي جيڪا مديني کان 8 منزلون پري آهي. قبيلي خزاعہ جو هڪ خاندان "بنو المصطلق" هتي آباد هو ۽ هن قبيلي جو سردار حارث بن ضرار هو ان بہ مديني تي چڙهائي ڪرڻ جي لاءِ لشڪر جمع ڪيو هو. جڏهن اها خبر مديني پهتي تہ 2 شعبان سن 5 ھ ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مديني ۾ حضرت زيد بن حارثہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي پنهنجو خليفو بڻائي لشڪر وني روانا ٿيا. هن غزوه ۾ حضرت بيبي عائشہ ۽ حضرت بيبي اُمِ سلمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا بہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ هيون. جڏهن حارث بن ضرار کي حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اچڻ جي خبر پئي تہ ان تي اهڙي تہ دهشت سوار ٿي وئي جو هو ڀڄي ويو ۽ ان جي فوج بہ وني ڀڳي جو هڪ بہ باقي نہ بچيو. پر مريسيع جا ماڻهو لشڪر اسلام جي سامهون ٿيا ۽ جمي ڪري مسلمانن تي تير وسائڻ لڳا. پر جڏهن مسلمانن گڏجي حملو

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب پنجم، ج 2، ص 184، ملخصاً

ڪري ڏنو تہ ڏهہ ڪافر مارجي ويا ۽ هڪ مسلمان کي شهادت جو شرف مليو باقي سڀ ڪافر گرفتار ڪيا ويا جن جو تعداد ست سئو (700) کان وڌيڪ هو، ۽ هزار اُٺ ۽ پنج هزار ٻڪريون مال غنيمت ۾ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جن کي هٿ آيون[1].

(الزرقاني ج 2 ص 97 کان 98)

”غزوہ مريسيع“ جنگ جي حوالي سان تہ ڪا بہ خاص اهميت نٿو رکي پر هن جنگ ۾ اهڙا واقعا پيش آيا جو هي غزوہ تاريخ نبوي جو هڪ تمام اهم ۽ شاندار عنوان بڻجي ويو انهن مشهور واقعن مان ڪجهہ واقعا هي آهن:

## منافقن جي شرارت

هن جنگ ۾ مالِ غنيمت جي لالچ ۾ تمام گهڻا منافق بہ شريڪ ٿي ويا هئا. هڪ ڏينهن پاڻي ڀرڻ تي هڪ مهاجر ۽ انصاري جو پاڻ ۾ ڪجهہ تڪرار ٿي پيو مهاجر وڏي آواز سان يا للمهاجرين (اي مهاجرو! فرياد آهي) ۽ انصاري يا للانصار (اي انصاريو! فرياد آهي) جو نعرو هنيو، اهو نعرو ٻڌي انصار ۽ مهاجر ڊوڙندا آيا ۽ ايتري قدر ڳالهہ وڌي وئي جو پاڻ ۾ جنگ جي نوبت اچي وئي. رئيس المنافقين عبد الله بن ابي کي شرارت جو موقعو ملي ويو هن اشتعال ڏيارڻ جي لاءِ انصارن کي چيو تہ هي تہ ان وانگر آهي تہ سَمِّنْ كَلْبَكَ يَاْكُلْكَ (توهان پنهنجي ڪتي کي طاقتور ڪريو تہ جيئن اهو توهان کي ئي کائي وجي) توهان انصارن ئي انهن مهاجرن جو حوصلو وڌايو آهي تنهنڪري هاڻي هنن مهاجرن جي مالي مدد ۽ معاونت بلڪل بند ڪري ڇڏيو اهي

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب غزوة المريسيع، ج 3، ص3-8، ملتقطاً

ماڻهو ذليل وخوار آهن اسان انصار عزت وارا آهيون جيڪڏهن اسان مديني پهتاسين تہ يقيناً اسان انهن ذليل ماڻهن کي مديني مان ٻاهر ڪڍي ڇڏينداسين[1]. (قرآن سوره منافقون)

جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهيءَ جهيڙي جو شور ۽ هُل ٻڌو تہ انصارن ۽ مهاجرن کي فرمايائون تہ ڇا توهان جاهليت جي زماني واري نعري بازي ڪري رهيا آهيو؟ جمالِ نبوت ڏسندي ئي انصار ۽ مهاجر برف وانگر ٿڌا ٿي ويا ۽ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چند جملن محبت جو اهڙو تہ درياءُ وهايو جو ٻيهر انصار ۽ مهاجر پاڻ ۾ ڪير ڪنڊ ٿي ويا.

جڏهن عبد الله بن اُبي جي بيهوده ڳالهہ حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي ڪن تائين پهتي تہ پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ايتري قدر جلال ۾ اچي ويا جو اگهاڙي تلوار کڻي آيا ۽ عرض ڪيائون يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مونکي اجازت ڏيو تہ آءُ هن منافق جو ڪنڌ لاهي ڇڏيان. حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن نرمي سان ارشاد فرمايو اي عمر! رَضِیَ اللهُ عَنْهُ خبردار ائين نہ ڪجانءِ نہ تہ ڪافرن ۾ اها خبر پکڙجي ويندي تہ محمّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجن ساٿين کي بہ قتل ڪرڻ لڳا آهن. اهو ٻڌي ڪري حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بلڪل ئي خاموش ٿي ويا پر انهيءَ ڳالهہ جو سڄي لشڪر ۾ چرچو ٿي ويو، اها ڪيڏي نہ عجيب ڳالهہ آهي جو عبد الله بن ابي، جيڏو وڏو اسلام ۽ بانيءِ اسلام جو دشمن هو ان کان وڌيڪ ان جو پٽ اسلام جو سچو شيدائي ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو جانثار صحابي هو ان جو نالو بہ عبد الله هو. جڏهن انهن کي پنهنجي پيءُ جي

---

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب پنجم، ج 2، ص 156، ملخصاً

بڪواس جي خبر پئي تہ اهي ڪاوڙ ۾ پرجي ويا ۽ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيائون تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪڏهن توهان منهنجي پيءُ جي قتل کي پسند فرمايو ٿا تہ منهنجي خواهش آهي تہ بجاءِ ڪنهن ٻئي جي آئون خود پنهنجي تلوار سان پنهنجي پيءُ جو سر ڌڙ کان ڌار ڪري اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قدمن ۾ رکي ڇڏيان. رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ نہ هرگز نہ، آءُ تنهنجي پيءُ سان ڪڏهن بہ ڪو برو سلوڪ نہ ڪندس[1]. (ابن سعد و طبري وغيره)

هڪ روايت ۾ اهو بہ آيو آهي تہ مديني جي ويجهو واديءِ عقيق ۾ هي پنهنجي پيءُ عبد الله بن ابي جو رستو روڪي بيهي رهيا ۽ چيائون تہ تون مهاجرن ۽ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ذليل چيو آهي خدا جو قسم! آءُ ان وقت تائين توکي مديني ۾ داخل ٿيڻ نہ ڏيندس جيستائين حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اجازت عطا نہ فرمائن ۽ جيستائين تون پنهنجي زبان سان اهو نہ چوين تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تمام اولادِ آدم ۾ سڀ کان وڌيڪ عزت وارا آهن ۽ تون سڄي جهان ۾ سيني کان وڌيڪ ذليل آهين. سيئي ماڻهو حيرت ۽ تعجب وچان اهو منظر ڏسي رهيا هئا، جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اتي پهتا ۽ ڏٺائون تہ پُٽ پيءُ جو رستو روڪي بيٺو آهي ۽ عبد الله بن ابي زور زور سان چئي رهيو آهي تہ ”مان سيني کان وڌيڪ ذليل آهيان ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سيني کان وڌيڪ عزت وارا آهن“. پاڻ

---

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب پنجم، ج 2، ص 156، ملخصاً والسيرة النبوية لابن هشام، طلب ابن عبد الله بن ابي ....الخ، ص 420

سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اهو ڏسندي ئي حڪم ڏنو تہ هن کي رستو ڏيو تہ هي مديني ۾ داخل ٿي وڃي[1]. (مدارج النبوت ج 2 ص 157)

## حضرت جويريہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا سان نڪاح

غزوہ مريسيع جي جنگ ۾ جيڪي ڪافر مسلمانن جي هٿان گرفتار ٿيا هئا انهن ۾ قوم جي سردار حارث بن ضرار جي ڌيءُ حضرت جويريہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا بہ هيون. جڏهن تمام قيدي ٻانهيون غلام بڻائي مجاهدينِ اسلام ۾ تقسيم ڪيون ويون تہ حضرت جويريہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا حضرت ثابت بن قيس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي حصي ۾ آيون. انهن حضرت جويريہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کي چيو تہ مونکي هيتري رقم ڏي تہ آءُ توکي آزاد ڪري ڇڏيندس. حضرت جويريہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا وٽ ڪا بہ رقم نہ هئي ۽ اها حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيائين تہ يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آءُ پنهنجي قبيلي جي سردار حارث بن ضرار جي ڌيءُ آهيان ۽ آءُ مسلمان ٿي چڪي آهيان حضرت ثابت بن قيس رقم وٺي مونکي آزاد ڪرڻ جو واعدو ڪيو آهي اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي مدد فرمايو تہ آءُ اها رقم ادا ڪري آزاد ٿي وڃان.

حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ جيڪڏهن مان توسان ان کان بهتر سلوڪ ڪريان تہ ڇا تون منظور ڪندينءَ؟ انهن عرض ڪيو اهو ڪهڙو آهي؟ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ مان چاهيان ٿو تہ مان پاڻ اڪيلو تنهنجي طرفان سڄي رقم ادا ڪريان ۽ توکي آزاد ڪرائي توسان نڪاح ڪريان تہ جيئن تنهنجو خانداني مان ۽ مرتبو برقرار رهجي

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب پنجم، ج 2، ص 157

وڃي. حضرت جويريه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جن خوشي خوشي ان کي منظور ڪيو. تنهنڪري حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سڄي رقم پنهنجي طرفان ادا ڪري حضرت جويريه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا سان نڪاح فرمايو جڏهن اها خبر لشڪر ۾ پکڙجي وئي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت جويريه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا سان نڪاح فرمايو آهي تہ مجاهدينِ اسلام جي لشڪر ۾ انهيءَ خاندان جون جيتريون بہ ٻانهيون ۽ غلام هئا، مجاهدينِ اسلام انهن سڀني کي فوراً آزاد ڪري ڇڏيو ۽ لشڪرِ اسلام جو هر سپاهي هينئن چوڻ لڳو تہ جنهن خاندان مان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن شادي ڪئي آهي ان خاندان جو ڪو بہ ماڻهو ٻانهي ۽ غلام نٿو رهي سگهي ۽ حضرت بيبي عائشه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا چوڻ لڳيون تہ اسان ڪڏهن بہ ڪنهن عورت جو نڪاح حضرت جويريه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي نڪاح کان وڌيڪ خير ۽ برڪت وارو نہ ڏٺو جو انهيءَ جي سبب سموري خاندانِ بني المصطلق کي غلامي مان آزادي نصيب ٿي وئي[1]. (ابوداؤد كتاب العتق ج 2 ص 548)

حضرت جويريه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو اصل نالو "برّهہ" هو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي بدلائي "جويريه" نالو رکيو[2]. (مدارج جلد 2 ص 155)

## واقعہ افڪ

انهيءَ غزوه کان جڏهن رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مديني واپس اچڻ لڳا تہ رات جو هڪ منزل تي ترسي پيا. حضرت عائشه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا هڪ بند ڏولي ۾ سوار ٿي سفر ڪنديون هيون ۽ ڪجهہ مخصوص ماڻهو انهيءَ ڏولي کي اُڻ تي چاڙهڻ ۽ لاهڻ لاءِ مقرر هئا. حضرت بيبي عائشه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا لشڪر جي روانگي کان ڪجهہ

---

[1] كتاب المغازي للواقدي، غزوة المريسيع، ج 1 ص 410، 411

[2] مدارج النبوت، قسم سوم، باب پنجم، ج 2، ص 155

اڳ لشڪر کان ٻاهر رفع حاجت جي لاءِ ويون جڏهن واپس آيون تہ ڏنائون تہ سندن ڳلي جو هار ڪٿي ٽٽي ڪِري پيو هو. پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا وري ٻيهر ان جي تلاش ۾ لشڪر کان ٻاهر هليون ويون هن ڀيري واپسيءَ ۾ ڪجهہ دير ٿي وئي لشڪر روانو ٿي ويو پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي ڏولي چاڙهڻ وارن اهو خيال ڪيو تہ اُمّ الْمومنين ڏوليءَ جي اندر تشريف فرما آهن ۽ ڏولي کڻي اُٺ تي رکيائون ۽ پوءِ پورو قافلو روانو ٿي ويو. جڏهن حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا منزل تي واپس آيون تہ اتي ڪو بہ ماڻهو موجود نہ هو تنهائي کان سخت گهبرائجي ويون اونداهي رات ۾ اڪيلو هلڻ بہ سخت خطرناڪ هو ان لاءِ پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا اهو سوچي اُتي ليٽي پيون تہ جڏهن اڳين منزل تي قافلي وارا مونکي نہ ڏسندا تہ ضرور منهنجي تلاش ۾ هتي واپس ايندا. پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کي ليٽندي ليٽندي ننڊ اچي وئي هڪ صحابي جنهن جو نالو حضرت صفوان بن معطل رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هو اهي هميشہ لشڪر جي پويان پويان هن خيال سان هلندا ها تہ جئين لشڪر جو ڪريل سامان کڻندا هلن اهي جڏهن انهيءَ منزل تي پهتا تہ حضرت بيبي عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کي ڏنائون، جيئن تہ پردي جي آيت نازل ٿيڻ کان اڳ ۾ هو ڪيترائي ڀيرا اُمّ الْمومنين رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کي ڏسي چڪا هئا تنهنڪري ڏسڻ سان ئي سڃاڻي ورتائون ۽ انهن کي مُئل سمجهي اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّاۤ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ ﴿۱۵۶﴾ پڙهيو ان آواز تي اُهي جاڳي پيون. حضرت صفوان بن معطل سلمي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن فوراً انهن کي پنهنجي اُٺ تي سوار ڪيو ۽ پاڻ اُٺ جي مهار پڪڙي پيرين پنڌ هلندا اڳين منزل تي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وٽ پهچي ويا[1].

---

[1] صحيح البخاري كتاب المغازي باب حديث الافك الحديث 4141 ج 3 ص 61 ملتقطاً و مدارج النبوت، قسم سوم، باب پنجم، ج 2، ص 159، ملتقطاً وملخصاً

منافقن جي سردار عبد الله بن ابي ان واقعي کي حضرت بيبي عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا تي تهمت لڳائڻ جو ذريعو بڻائي ڇڏيو ۽ گهڻي کان گهڻو ان تهمت کي عام ڪرڻ لڳو، ايتري تائين جو مديني ۾ ان منافق ان شرمناڪ تهمت کي ايتري قدر پکيڙيو ۽ شور ۽ هل مچايو جو مديني ۾ هر طرف انهيءَ افواهه ۽ تهمت جا چرچا ٿيڻ لڳا ۽ ڪجهه مسلمان مثلاً حضرت حسان بن ثابت، حضرت مسطح بن اثاثہ ۽ حضرت حمنہ بنت جحش رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جن بہ انهيءَ تهمت کي پکيڙڻ ۾ ڪجهه حصو ورتو. حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ان شرانگيز تمهت مان بي حد رنج ۽ صدمو پهتو ۽ مخلص مسلمانن کي بہ انتهائي رنج ۽ غم پهتو حضرت بيبي عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا مديني پهچڻ سان ئي سخت بيمار ٿي پيون، پرده نشين تہ هيون ئي بيماريءَ جي ڪري بستري تي اچي ويون ۽ انهن کي هن تهمت لڳڻ جي بلڪل بہ خبر نہ پئجي سگهي. توڙي جو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي حضرت بيبي عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي پاڪ دامني جو پورو پورو علم ۽ يقين هو پر جيئن تہ پنهنجي گهرواريءَ جو معاملو هيو ان ڪري حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي طرفان پنهنجي گهرواريءَ جي چوٽڪاري ۽ پاڪدامني جو اعلان ڪرڻ مناسب نہ سمجهيو، ۽ وحيءِ اِلٰهي جو انتظار فرمائيندا رهيا، ان دوران حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي مخلص اصحابن سان ان معاملي ۾ مشورو فرمائيندا رهيا تہ جيئن انهن جي خيالن جي خبر پئجي سگهي[1]. (بخاري جلد 2 ص 594)

جيئن تہ حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان جڏهن رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان تهمت جي باري ۾ پڇيو تہ انهن عرض ڪيو تہ يا

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب پنجم، ج 2، ص 159-161، ملتقطاً

رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي منافق يقيناً ڪوڙا آهن ڇو ته جڏهن الله تعالىٰ کي اهو ناپسند آهي ته اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جسمِ اطهر تي ڪا مک ويهي ڇو ته مک نجاست تي ويهندي آهي، ته پلا جيڪا عورت اهڙي برائيءَ ۾ مبتلا هجي ته خداوند قدوس ڪڏهن ۽ ڪٿي برداشت ڪندو ته اهڙي عورت اوهان جي گهر واري هجي[1]؟

حضرت عثمان غني رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن فرمايو ته يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن الله پاڪ توهان جي پاڇي کي زمين تي پوڻ نه ڏنو ته جيئن اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڇي تي ڪنهن جو پير نه اچي وجي پوءِ پلا ان معبودِ برحق جي غيرت اهو ڪڏهن برداشت ڪندي ته ڪو انسان اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي گهرواري سان اهڙي بري حرڪت ڪري[2]؟

حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن گذارش ڪئي ته يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ پيرو اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نعلين اقدس ۾ نجاست لڳي وئي هئي ته الله پاڪ جبريلِ امين کي موڪلي اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خبر ڏني ته اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي نعلين اقدس لاهي ڇڏيو، تنهنڪري بيبي عائشه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا معاذ الله جيڪڏهن اهڙيون هجن ها ته ضرور الله تعالىٰ اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي وحي نازل فرمائي ها ته ”اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي زوجيت مان ڪڍي ڇڏيو[3]“.

---

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب پنجم، ج 2، ص 161

[2] مدارج النبوت، قسم سوم، باب پنجم، ج 2، ص 161

[3] مدارج النبوت، قسم سوم، باب پنجم، ج 2، ص 157 و مدارک التنزيل المعروف بتفسير النسفي، الجزء الثامن عشر، سورة النور، تحت الآية 12-13، ص 772

حضرت ابو ايوب انصاري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن جڏهن ان تهمت جي خبر ٻڌي تہ انهن پنهنجي گهرواريءَ کي چيو اي منهنجي گهر واري! تون سچ ٻڌاءِ تہ جيڪڏهن حضرت صفوان بن معطل رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي جڳهہ تي مان هجان ها تہ ڇا تون اهو تصور ڪري سگهين ٿي تہ آئون حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي حرمِ پاڪ سان اهڙو سلوڪ ڪري سگهندس؟ تہ ان جي گهر واريءَ جواب ڏنو تہ جيڪڏهن حضرت عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي جڳهہ تي آءُ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي گهر واري هجان ها تہ خدا جو قسم آءُ ڪڏهن بہ اهڙي خيانت نہ ڪري سگهان ها تنهنڪري حضرت عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جيڪي مونکان لک درجا وڌيڪ بهتر آهن ۽ حضرت صفوان بن معطل رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جيڪو ڪيئي درجا توهان کان بهتر آهي پوءِ اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ اهي ٻئي اهڙي خيانت ڪري سگهن[1]؟

(مدارک التنزيل جلد2 ص134 کان 135)

بخاري شريف جي روايت ۾ آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان معاملي ۾ حضرت علي ۽ اسامہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان جڏهن مشورو طلب فرمايو تہ حضرت اسامہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ يڪدم فرمايو تہ اَهْلَكَ وَلَا نَعْلَمُ اِلَّاخَيْرًا يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اها اوهان جي گهرواري آهي ۽ اسان انهن کي سني ئي سڃاڻون ٿا، حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن اهو جواب ڏنو تہ يا رسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪا بہ تنگي نہ فرمائي آهي عورتون تہ انهن کان سواءِ ٻيون بہ گهڻيون آهن، اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي باري ۾ سندن خادمہ (حضرت بريره) کان پڇي وٺو

[1] مدارک التنزيل المعروف بتفسير النسفي، الجزء الثامن عشر، سوره النور، تحت الآية 12-13، ص 772.

اهي اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سچ سچ ٻڌائيندڙ آهن[1].

حضرت بريره رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کان جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پڇيو ته انهن عرض ڪيو ته يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان ذاتِ پاڪ جو قسم جنهن اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي رسولِ برحق بڻائي موڪليو آهي ته مون حضرت بيبي عائشه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ۾ ڪو به عيب نه ڏٺو آهي، ها ايتري ڳالهه ضرور آهي ته اهي اجا ننڍڙي عمر جون آهن اهي ڳوهيل اٽو رکي سمهي پونديون آهن ۽ ٻڪري اچي اهو اٽو کائي ويندي آهي[2].

پوءِ وري حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي گهرواري محترمه حضرت زينب بنتِ جحش رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کان دريافت فرمايو، جيڪا حسن ۽ جمال ۾ حضرت عائشه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو مثال هيون ته انهن به قسم کڻي اهوئي عرض ڪيو ته يا رسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اَحْمِيْ سَمْعِيْ وَ بَصَرِيْ وَاللّٰهِ مَا عَلِمْتُ اِلَّا خَيْرًا (ترجمو) آءُ پنهنجن ڪنن ۽ اکين جي حفاظت ڪندي آهيان خدا جو قسم! آءُ ته حضرت بيبي عائشه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي سٺو ئي سمجهان ٿي[3]. (بخاري باب حديث الافک ج 2 ص 596)

ان ڪانپوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ ڏينهن منبر تي بيهي مسلمانن کي فرمايو ته ان شخص پاران مونکي ڪير معذور سمجهندو يا منهنجي مدد ڪندو جنهن منهنجي گهرواري تي بهتان تراشي ڪري منهنجي دل آزاري ڪئي آهي. وَاللّٰهِ مَا عَلِمْتُ عَلٰى

---

[1] صحيح البخاري كتاب المغازي، باب حديث الافک، الحديث 4141 ج 3 ص 63 ملتقطاً

[2] السيرة الحلبية، غزوة بني المصطلق، ج 2، ص 402 و دلائل النبوة للبيهقي، باب حديث الافک، ج 4 ص 68.

[3] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب حديث الافک، الحديث 4141 ج 3 ص66

اَهْلِيْ اِلَّا خَيْرًا (ترجمو) خدا جو قسم! آءُ پنهنجي گهرواري کي هر لحاظ سان بهتر سمجهان ٿو. وَلَقَدْ ذَكَرُوْا رَجُلًا مَا عَلِمْتُ عَلَيْهِ اِلَّا خَيْرًا (ترجمو) ۽ انهن ماڻهن (منافقن) ان (بهتان ۾) هڪ اهڙي ماڻهو (صفوان بن معطل) جو ذڪر ڪيو آهي جنهن کي آءُ بلڪل سٺو سمجهان ٿو.[1]

(بخاري ج 2 ص 595 باب حديث الافک)

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو منبر شريف تي بيهي انهيءَ تقرير ڪرڻ مان معلوم ٿيو ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي حضرت عائشه صديقه ۽ حضرت صفوان بن معطل رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا بنهي جي پرهيزگاري، طهارت، عفت ۽ پاڪدامنيءَ جو پورو پورو علم ۽ يقين هو ۽ وحي نازل ٿيڻ کان پهريان ئي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي يقيني طور تي معلوم هو ته منافق ڪُوڙا ۽ اُمّ الْمومنين رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جن پاڪدامن آهن. جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته حضُور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن منبرِ انور تي بيهي قسم کڻي انهن بنهي جي سنائيءَ جو عام هجوم ۾ هرگز اعلان نه فرمائن ها، پر پهريان اعلان نه فرمائڻ جي وجهه اها ئي هئي ته پنهنجي گهرواري جي پاڪدامني جو پنهنجي زبان سان اعلان ڪرڻ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مناسب نه پئي سمجهيو. جڏهن حد کان وڌيڪ منافقن هُل هنگامو ڪرڻ شروع ڪيو ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن منبر اقدس تي بيهي پنهنجي خيال اقدس جو اظهار فرمايو، پر اجا تائين اعلان عام ڪرڻ جي لاءِ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي وحي جو ئي انتظار هو.

---

[1] صحيح البخاري، کتاب المغازي، باب حديث الافک، الحديث 4141 ج 3 ص 64

اهو پهريائين تحرير ٿي چڪو آهي ته اُمّ المومنين حضرت عائشه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا سفر کان ايندي ئي بيمار ٿي بستري تي اچي ويون هيون ان ڪري ان بهتان جي طوفان کان بلڪل ئي بي خبر هيون جڏهن انهن جي طبيعت ڪجهه بهتر ٿي ۽ اهي هڪ رات حضرتِ اُمّ مسطح صحابيه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا سان رفع حاجت جي لاءِ صحرا ۾ تشريف وٺي ويون ته انهن جي زباني اها دل ڏکائيندڙ ۽ لِڳ ڪانڌاريندڙ خبر ٻڌي. جنهن سان کين ڪي ڏاڍو صدمو پهتو ۽ پاڻ شدتِ رنج ۽ غم ۾ بيحال ٿي ويون ان ڪري سندن بيماري ۾ وڌيڪ اضافو ٿي ويو، ۽ پاڻ رات ڏينهن زار و قطار روئنديون رهيون آخرڪار جڏهن سندن ڪان اهو هنيانءُ ڏکائيندڙ صدمو برداشت نه ٿي سگهيو ته پاڻ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪان اجازت وٺي پنهنجي ماءُ جي گهر هليون ويون ۽ انهيءَ منحوس خبر جو ذڪر پنهنجي والده سان ڪيائون سندن امڙ کين ڪافي تسلي ۽ دلاسو ڏنو پر پاڻ مسلسل روئنديون ئي رهيون[1].

انهيءَ ئي حالت ۾ اوچتو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تشريف وٺي آيا ۽ فرمايائون ته اي عائشه! رَضِیَ اللهُ عَنْهَا توهان جي باري ۾ اهڙي اهڙي خبر هُلائي وئي آهي جيڪڏهن توهان پاڪ دامن آهيو ۽ اها خبر ڪوڙي آهي ته عنقريب خداوند تعالىٰ توهان جي صفائي جو وحي جي ذريعي اعلان فرمائيندو، جي نه ته توهان توبه ۽ استغفار ڪري وٺو چو ته جڏهن ڪو بانهو الله تعالىٰ کان توبه طلب ڪندو آهي ۽ بخشش گهرندو آهي ته الله پاڪ ان جي گناهن کي معاف فرمائي ڇڏيندو آهي. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي

[1] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب حديث الافك، الحديث 4141 ج 3 ص 63

اها ڳالهه ٻڌي حضرت عائشه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جا ڳوڙها رڪجي ويا ۽ پاڻ پنهنجي والد حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي چيائون ته توهان حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ورندي ڏيو انهن چيو خدا جو قسم آءُ نه ٿو ڄاڻان ته آئون حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڪهڙو جواب ڏيان؟ پوءِ وري پاڻ پنهنجي ماءُ کي جواب ڏيڻ جي التجا ڪيائون ته سندن جي امڙ به اهوئي جواب ڏنو پوءِ خود حضرت بيبي عائشه صديقه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي هي جواب ڏنو ته ماڻهن جيڪا هڪ بي بنياد ڳالهه هُلائي آهي اها ماڻهن جي دلين ۾ ويهي چُڪي آهي ۽ ڪجهه ماڻهو انهيءَ ڳالهه کي سچ سمجهي چڪا آهن انهيءَ حالت ۾ جيڪڏهن آءُ ائين چوان ته آئون پاڪدامن آهيان ته ماڻهو ان ڳالهه تي اعتبار نه ڪندا پر جيڪڏهن آءُ ان برائيءَ جو اقرار ڪريان ته سڀ مجي ويندا حالانڪه الله ئي ڄاڻي ٿو ته آئون انهيءَ الزام کان آزاد ۽ پاڪدامن آهيان هن وقت منهنجو مثال حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جي پيءُ (حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام) وانگر آهي تنهنڪري آءُ به ائين ئي چوان ٿي جئين انهن چيو هو. يعني

فَصَبْرٌ جَمِيْلٌ ؕ وَاللّٰهُ الْمُسْتَعَانُ عَلٰى مَا تَصِفُوْنَ[1]

ائين چئي پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا پاسو بدلائي منهن ڦيري ڇڏيو ۽ چيائون ته الله تعاليٰ ئي ڄاڻي ٿو ته آءُ ان تهمت کان بَري ۽ پاڪ دامن آهيان ۽ مونکي يقين آهي ته الله تعاليٰ ضرور منهنجي

[1] ترجمو ڪنز الايمان: پوءِ صبر چڱو ۽ الله کان ئي مدد گهران ٿو انهن ڳالهين تي جيڪي توهان ٻڌائي رهيا آهيو. سيپارو 12، يوسف: 18

سچائيءَ کي ظاهر فرمائيندو[1]. حضرت بيبي عائشه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو جواب ٻڌي اجان رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي جڳهه تان اٿيا ئي ڪو نه هئا ۽ هر شخص پنهنجي پنهنجي جڳهه تي وينل هو ته ايتري ۾ حضور پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي وحي نازل ٿيڻ لڳي ۽ سندن مٿان وحي نازل ٿيڻ واري ڪيفيت طاري ٿيڻ لڳي، توڙي جو سخت سردي جي موسم هئي پر پگهر جا قطرا موتين وانگر حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بدن تان ٽِمَڻ لڳا جڏهن وحي نازل ٿي چڪي ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مسڪرائيندي فرمايو اي عائشه! رَضِیَ اللهُ عَنْهَا توهان خدا جو شڪر ادا ڪندي ان جي حمد ڪيو ڇو ته الله تعاليٰ توهان جي پاڪدامني جو اعلان فرمايو آهي پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن قرآن جي سورة نور مان ڏهه آيتون تلاوت فرمايون جيڪي اِنَّ الَّذِيْنَ جَآءُوْ بِالْاِفْكِ کان شروع ٿي وَاَنَّ اللّٰهَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ تي ختم ٿين ٿيون.

انهن آيتن جي نازل ٿيڻ کانپوءِ منافقن جو منهن ڪارو ٿي ويو ۽ حضرت اُمّ المومنين بيبي عائشه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي پاڪدامني جو سج پنهنجي آب وتاب سان اهڙي طرح چمڪي پيو جو قيامت تائين اچڻ وارن مسلمانن جي دلين جي دنيا نورِ ايمان سان روشن ٿي وئي[2].

حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي حضرت مسطح بن اثاثه تي وڏي ڪاوڙ آئي هي حضرت ابو بڪر جا ماسات هئا ۽ ننڍپڻ ۾ ئي انهن جو والد وفات ڪري ويو هو تنهنڪري حضرت ابو بڪر صديق

[1] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب حديث الافك، الحديث 4141 ج 3 ص 64
[2] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب حديث الافك، الحديث 4141 ج 3 ص 65

رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ انهن جي پرورش بہ ڪئي هئي ۽ ان جي مفلسيءَ جي ڪري هميشہ پاڻ انهن جي مالي امداد بہ فرمائيندا رهندا هئا ان جي باوجود بہ حضرت مسطح بن اثاثہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ ان هٿ نوڪي تهمت ۽ ان کي ڦهلائڻ ۾ ڪجهہ حصو ورتو هو جنهنڪري حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ ڪاوڙ ۾ اچي قسم کنيو تہ هاڻي آئون مسطح بن اثاثہ جي ڪڏهن بہ ڪا مالي مدد نہ ڪندس ان موقعي تي الله تعالىٰ هيءَ آيت نازل فرمائي تہ:

وَ لَا يَاْتَلِ اُولُوا الْفَضْلِ مِنْكُمْ وَ السَّعَةِ اَنْ يُّؤْتُوْۤا اُولِي الْقُرْبٰى وَ الْمَسٰكِيْنَ وَ الْمُهٰجِرِيْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۪ وَ لْيَعْفُوْا وَ لْيَصْفَحُوْا ؕ اَلَا تُحِبُّوْنَ اَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ[1] (نور)

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ قسم نہ ڪڻن اهي جيڪي توهان مان فضيلت وارا ۽ گنجائش وارا آهن قرابت وارن ۽ مسڪينن ۽ الله جي راهہ ۾ هجرت ڪندڙن کي ڏيڻ جو ۽ گهرجي تہ معاف ڪن ۽ درگذر ڪن ڇا توهان ان کي پسند نٿا ڪريو تہ الله توهان جي بخشش ڪري ۽ الله گهڻو بخشڻهار ۽ وڏو مهربان آهي.

هن آيت کي ٻڌي حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ پنهنجو قسم ٽوڙي ڇڏيو ۽ پوءِ مسطح بن اثاثہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جو خرچ اڳ وانگر عطا فرمائڻ لڳا[2]. (بخاري حديث الافک، ج 2 ص 595 کان 596، ملخصاً)

پوءِ حضورِ پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مسجد نبوي ۾ هڪ خطبو ارشاد فرمايو ۽ سوره نور جون آيتون مجمع عام ۾ تلاوت فرمايون ۽ تهمت لڳائڻ وارن مان حضرت حسان بن ثابت حضرت مسطح بن اثاثہ ۽ حضرت حمنہ بنت جحش رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم ۽ رئيس

---

[1] پ 18، النور: 22

[2] مدارج النبوت، قسم سوم، باب پنجم ج 2 ص 164

المنافقين عبد الله بن ابي انهن چئني کي حد قذف جي سزا ۾ اسّي اسّي کوڙا هنيا ويا[1]. (مدارج جلد 2 ص 163 وغيره)

شارح بخاري علامه ڪرماني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن فرمايو تہ حضرت بيبي عائشہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي براءت ۽ پاڪدامني قطعي ۽ يقيني آهي جيڪا قرآن مان ثابت آهي جيڪو ان ۾ ذري برابر بہ شڪ ڪندو تہ اهو ڪافر آهي[2]. (بخاري ج 2 ص 595)

ٻين تمام فقهاءِ امت جو بہ اهو ئي مسلڪ آهي.

## تيمّم واري آيت جو نازل ٿيڻ

ابن عبد البر و ابن سعد و ابن حبان وغيره محدثين ۽ سيرت نگار عالمن جو چوڻ آهي تہ تيمّم واري آيت هن غزوه مريسيع ۾ نازل ٿي پر روضة الاحباب ۾ لکيل آهي تہ آيتِ تيمّم ڪنهن ٻئي غزوه ۾ نازل ٿي آهي. والله تعاليٰ اعلم[3]. (مدارج النبوة جلد 2 ص 157)

بخاري شريف ۾ آيتِ تيمّم جو شانِ نزول جيڪو ذڪر ٿيل آهي تہ حضرت بيبي عائشہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو بيان آهي تہ اسان هڪ دفعي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان سفر ۾ هئاسين. جڏهن اسين مقامِ "بيداء" يا مقام "ذات الجيش" ۾ پهتاسين تہ منهنجو هار ٽٽي ڪٽي ڪري پيو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ ڪجهہ ماڻهو ان هار کي ڳولڻ لاءِ اتي ترسي پيا ۽ اتي پاڻي جو نالو نشان بہ نہ هيو ۽ پوءِ ڪجهہ ماڻهو حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ

---

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب پنجم ج 2 ص 163

[2] حاشية صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب حديث الافك، حاشية: 9، ج 2، ص 596

[3] مدارج النبوت، قسم سوم، باب پنجم ج 2 ص 157، 158

وٽ آيا ۽ شڪايت ڪرڻ لڳا تہ ڇا توهان ڏسو نہ ٿا تہ حضرت عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا ڇا ڪيو آهي؟ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم کي هتي ترسائي ڇڏيو آهي هتي تہ پاڻي بہ موجود ناهي، اهو ٻڌي حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ مون وٽ آيا ۽ جيڪو خدا چاهيو انهن مونکي سخت ڳالهايو ۽ پوءِ وري ڪاوڙ ۾ پنهنجي هٿ سان منهنجي ڪُک ۾ ڪلي هڻڻ لڳا. ان وقت رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي ران تي پنهنجو مٿو مبارڪ رکي آرام فرمائي رهيا هئا انهيءَ ڪري (مار کائڻ جي باوجود) آءُ چُري نہ پئي سگهيس. صبح جو جاڳهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بيدار ٿيا تہ اتي ڪٿي بہ پاڻي موجود ڪو نہ هو تہ اوچتو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي تيمم جي آيت نازل ٿي. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سيني اصحابن سڳورن تيمم ڪيو ۽ نمازِ فجر ادا فرمايائون انهيءَ موقعي تي حضرت اسيد بن حضير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن (خوش ٿي) چيو تہ اي ابو بڪر جي آل! هي رڳو توهان جي پهرين ئي برڪت ناهي پوءِ اسان اُٺ کي اٿاريو تہ ان جي هيٺيان هار ملي ويو[1]. (بخاري ج 1 ص 48 كتاب التيمم)

هن حديث ۾ ڪنهن بہ غزوه جو نالو ناهي پر شارح بخاري حضرت علامہ ابن حجر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن فرمايو تہ هي واقعو غزوه بني المصطلق جو آهي جنهن جو ٻيو نالو غزوه مريسيع بہ آهي جنهن ۾ واقع افڪ پيش آيو[2]. (فتح الباري ج 1 ص 325 كتاب التيمم)

---

[1] صحيح البخاري، كتاب التيمم، باب التيمم، الحديث 334، جلد 1، ص 133

[2] فتح الباري شرح صحيح البخاري، كتاب التيمم، باب 1، تحت الحديث 334، ج 1 ص 386

هن غزوه ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن 28 ڏينهن مديني کان ٻاهر رهيا[1]. (زرقاني ج 2 ص 102)

## جنگِ خندق

سن 5 هجري جي سيني جنگين مان هيءَ جنگ سيني کان وڏيڪ مشهور ۽ فيصلائتي جنگ آهي ڇو تہ دشمنن کان حفاظت جي لاءِ مديني شهر جي ٻاهران خندق (کاهي) کوٽي وئي هئي ان ڪري هيءَ جنگ ”جنگِ خندق“ چورائيندي آهي. جيئن تہ عرب جي سيني ڪافرن متحد ٿي اسلام جي خلاف هيءَ جنگ ڪئي هئي، انڪري هن جنگ جو ٻيو نالو ”جنگ احزاب“ (يعني سيني جماعتن جي متحده جنگ) آهي. قرآن مجيد ۾ هن جنگ جو ذڪر انهيءَ ئي نالي سان آيو آهي[2].

## جنگِ خندق جو سبب

پوين صفحن ۾ اسان اهو لکي چُڪا آهيون تہ ”قبيلي بنو نضير“ جا يهودي جڏهن مديني مان ڪڍيا ويا تہ انهن مان يهودين جا ڪجهہ رئيس ”خيبر“ ۾ وڃي آباد ٿيا. خيبر جي يهودين انهن ماڻهن کي ايتري تہ عزت ڏني جو سلام بن مشڪم، ابن ابي الحقيق ۽ حيي بن اخطب ۽ ڪنانہ بن الربيع کي پنهنجو سردار مڃي ورتو. اِهي ماڻهو جيئن تہ مسلمانن جي خلاف ڪاوڙ ۽ ڪيني ۾ ڀريل هئا ۽ بدلي جي ٻاهہ انهن جي سينن ۾ دکي رهي هئي، تنهنڪري انهن مديني تي هڪ زبردست حملو ڪرڻ جو

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني باب غزوة المريسيع ج 3 ص 17

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني باب غزوة المريسيع ج 3 ص 17 ملتقطاً

منصوبو جوڙيو. تنهنڪري اهي ٽئي انهيءَ مقصد جي پيش نظر مڪي ويا ۽ ڪفارِ قريش سان ملي انهن کي اهو چيو تہ جيڪڏهن توهان اسان جو ساٿ ڏيو تہ اسان مسلمانن کي هن ڌرتيءَ تان مِٽائي سگهون ٿا. ڪفارِ قريش تہ ان جي لاءِ تيار وينا هئا فورًا انهن يهودين سان ها ۾ ها ملائي ڇڏي، ڪفارِ قريش سان ڳڻ جوڙ ڪانپوءِ انهن ٽنهي يهودين "قبيلي بنو غطفان" جو رُخ ڪيو ۽ خيبر جي اڌ آمدني ڏيڻ جي لالچ ڏئي انهن ماڻهن کي بہ مسلمانن جي خلاف جنگ ڪرڻ لاءِ راضي ڪري ورتو پوءِ بنو غطفان پنهنجي ساٿي قبيلي "بنو اسد" کي بہ جنگ جي لاءِ تيار ڪري ورتو هيڏانهن يهودين بہ پنهنجي معاون "قبيلي بنو اسعد" کي بہ پاڻ سان شامل ڪري ورتو ۽ ڪفارِ قريش پنهنجي رشتيداري جي زور تي "قبيلي بنو سليم" کي بہ پاڻ سان ملائي ڇڏيو مطلب تہ اهڙي طرح سيني قبائلِ عرب جي ڪافرن گڏجي هڪ لشڪرِ جرار تيار ڪري ورتو جنهن جو تعداد ڏهہ هزار هو ۽ ابو سفيان سڄي لشڪر جو سپهہ سالار بڻجي ويو[1].

(زرقاني جلد 2 ص 104 کان 105)

## مسلمانن جي تياري

جڏهن قبائلِ عرب جي سيني ڪافرن جي ڳڻ جوڙ ۽ خوفناڪ حملي جي خبر مديني پهتي تہ حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي اصحابن کي جمع ڪري مشورو فرمايو تہ هن حملي جو مقابلو ڪهڙي طرح ڪيو وڃي؟ حضرت سلمان فارسي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جن اها راءِ ڏني تہ جنگِ اُحد وانگر شهر کان ٻاهر نڪري ايڏي

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني باب غزوة المريسيع ج 3 ص 21، 22

وڏي فوج جي حملي کي ميداني لڙائي ۾ روڪڻ مصلحت جي خلاف آهي تنهنڪري مناسب هي آهي تہ شهر اندر رهي ان حملي جو دفاع ڪيو وڃي ۽ شهر جي ٻاهران جنهن طرف ڪافرن جي ڪاهہ جو خطرو آهي هڪ ڪاهي ڪوٽي وڃي جيئن ڪافرن جي سموري فوج هڪ ئي وقت حملو نہ ڪري سگهي، مديني جي ٽنهي طرفن کان گهرن جون سوڙهيون گهٽيون ۽ ڪجيءَ جا وڻ هٽا انهيءَ ڪري انهن ٽنهي طرفن کان حملي جو امڪان نہ هو مديني جو صرف هڪڙو رستو ڪليل هو تنهنڪري اهو طئي ڪيو ويو تہ ان طرف کان پنج گز گهري ڪاهي ڪوٽي وڃي. تنهنڪري 8 ذوالقعده سن 5 هجري ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٽي هزار صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي ساڻ وٺي خندق جي کوٽائي ۾ مصروف ٿي ويا، حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پاڻ پنهنجي مبارڪ هٿن سان خندق جي حد بندي فرمائي ۽ ڏهن ڏهن ماڻهن تي ڏهہ ڏهہ گز زمين ورهائي ڇڏي ۽ تقريباً 20 ڏينهن ۾ هيءَ ڪاهي تيار ٿي وئي[1].

(مدارج النبوت ج 2 ص 168 کان 170)

حضرت انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خندق وٽ تشريف کڻي آيا ۽ ڏنائون تہ انصار ۽ مهاجر سخت سياري جي موسم ۾ صبح جي وقت ڪيترن ئي ڏينهن جي ٻُک جي باوجود جوش ۽ خروش سان خندق کوٽڻ ۾ مشغول آهن تہ انتهائي متاثر ٿي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هي رجز پڙهڻ شروع ڪري ڏنو تہ:

اَللّٰهُمَّ اِنَّ الْعَيْشَ عَيْشُ الْاٰخِرَة فَاغْفِرِ الْاَنْصَارَ وَالْمُهَاجِرَة

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، باب غزوة الخندق... الخ، ج 3، ص 19، 33 و مدارج النبوت قسم اول، باب پنجم، ذکر فضائل ... الخ، ج 2، ص 168، ملخصاً

ترجمو: اي الله پاڪ بيشڪ زندگي تہ بس آخرت جي زندگي آهي تنهنڪري تون انصارن ۽ مهاجرن کي بخشي ڇڏ.

ان جي جواب ۾ انصارن ۽ مهاجرن آواز سان آواز ملائي هي پڙهڻ شروع ڪري ڏنو تہ

نَحْنُ الَّذِيْنَ بَايَعُوْا مُحَمَّدًا عَلَى الْجِهَادِ مَا بَقِيْنَا اَبَدًا

ترجمو: اسين اهي ماڻهو آهيون جن جهاد تي حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بيعت ڪري ڇڏي آهي جيستائين اسين زنده رهون هميشہ هميشہ جي لاءِ[1]. (بخاري غزوه خندق ج 2 ص 588)

حضرت براء بن عازب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ بہ خندق کوٽيندا هئا ۽ مٽي کڻي کڻي اڇلائيندا هئا ايتري تائين جو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيٽ مبارڪ تي ڏَرَ ڄمي وئي هئي ۽ مٽي کڻڻ وقت اصحابن کي جوش ڏيارڻ لاءِ رجز جا هي شعر پڙهندا هئا تہ.

وَاللّٰهِ لَوْلَا اللّٰهُ مَا اهْتَدَيْنَا وَلَا تَصَدَّقْنَا وَلَا صَلَّيْنَا

ترجمو: خدا جو قسم! جيڪڏهن الله جو فضل نہ هجي ها تہ اسان کي هدايت نہ ملي ها ۽ نہ صدقو ڏيون ها ۽ نہ ئي نماز پڙهون ها.

فَاَنْزِلَنْ سَكِيْنَةً عَلَيْنَا وَثَبِّتِ الْاَقْدَامَ اِنْ لَاقَيْنَا

[1] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب غزوة الخندق .... الخ، الحديث 4099، ج 3، ص 50

ترجمو: تنهنڪري اي الله پاڪ تون اسان کي دلي اطمينان عطا فرماءِ ۽ جنگ جي وقت اسان کي ثابت قدم رک.

اِنَّ الْاُلٰى قَدْ بَغَوْا عَلَيْنَا اِذَا اَرَادُوْا فِتْنَةً اَبَيْنَا

ترجمو: يقيناً انهن (ڪافرن) اسان تي ظلم ڪيو آهي ۽ جڏهن به انهن فتني جو ارادو ڪيو ته اسان انڪار ڪري ڇڏيو لفظ ”اَبَيْنَا“ جو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بار بار بلند آواز سان تڪرار ڪندا رهيا[1].

## هڪ عجيب ٽڪري

حضرت جابر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بيان فرمائن ٿا ته ڪاهي کوٽيندي کوٽيندي هڪ اهڙي ٽڪري ظاهر ٿي پئي جيڪا ڪنهن کان به ڪو نه ٽي ٽني جڏهن اسان بارگاهِ رسالت ۾ اهو معاملو پيش ڪيو ته پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اٿيا ٽن ڏينهن کان بکايل هئا ۽ پيٽ مبارڪ تي پٿر ٻڌل هيو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي مبارڪ هٿن سان پاهوڙو هنيو ته اها ٽڪري واريءَ جي ذرڙن وانگر پورا پورا ٿي وئي[2]. (بخاري ج 2 ص 588 خندق)

هڪ روايت ۾ هي به آهي ته حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهيءَ ٽڪري تي 3 ڀيرا پاهوڙو هنيو هر ڏڪ تي ان مان روشني پئي نڪتي ۽ ان روشنيءَ سان آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن شام، ايران ۽

---

[1] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب غزوة الخندق ... الخ، الحديث 4106، ج 3، ص 53 و المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب غزوة الخندق ... الخ، ج 3، ص 27 — 28.

[2] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب غزوة الخندق ... الخ، الحديث 4101، ج 3، ص 51 و المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب غزوة الخندق ... الخ، ج 3، ص 27.

يمن جي شهرن کي ڏسي ورتو ۽ انهن ٽنهي ملڪن جي فتح ٿيڻ جي صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي خوشخبري ڏنائون[1].

(زرقاني جلد 2 ص 109 و مدارج ج 2 ص 169)

نسائي جي روايت ۾ آهي تہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مدائن ڪسريٰ، مدائن قيصر ۽ مدائن حبشہ جي فتح ٿيڻ جو اعلان فرمايو[2]. (نسائي جلد 2 ص 63)

## حضرت جابر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي دعوت

حضرت جابر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ بکن سبب پيٽ مبارڪ تي پٿر بڌل ڏسي منهنجو جيءُ جُهري پيو، آءُ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان اجازت وٺي پنهنجي گهر آيس ۽ پنهنجي گهرواري کي چيم تہ مون حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي شديد بک جي ڪري اهڙي حال ۾ ڏٺو آهي جو مون کان برداشت نہ ٿو ٿئي ڇا گهر ۾ ڪجهہ کاڌو آهي؟ گهرواريءَ چيو تہ گهر ۾ هڪ صاع جَوَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي. مون چيو تہ تون جلدي ان کي پيهي ڳوهي وٺ ۽ مون پنهنجي گهر جو پاليل هڪ ٻڪريءَ جو ٻچو ذبح ڪري ان جون ٻوٽيون ناهي ورتيون ۽ گهرواريءَ کي چيم تہ جلدي ۾ تون گوشت ماني تيار ڪري وٺ تہ آءُ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي وٺي اچان. وڃڻ وقت گهرواريءَ چيو تہ صرف حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ ڪجهہ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي ئي وٺي اچجو ڇو تہ کاڌو ٿورو آهي ڪٿي مونکي لڄي نہ ڪري وجهو. حضرت جابر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن خندق وٽ اچي هلڪي آواز ۾ عرض

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب غزوة الخندق ... الخ، ج 3، ص 31

[2] سنن نسائي، كتاب الجهاد، باب غزوة الترك والحبشة، الحديث 3173، ص 517 ملخصاً.

ڪيو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ صاع اٽي جون مانيون ۽ هڪ ٻڪري جي ٻچي جو گوشت مون پنهنجي گهر ۾ تيار ڪرايو آهي. تنهنڪري اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صرف ڪجهه اصحابن سان گڏ هلي تناول فرمايو. اهو ٻڌي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ”اي خندق وارؤ! جابر دعوت ڪئي آهي تنهنڪري سيئي هلو ۽ هلي ان جي گهر ڪاڏو ڪائو.“ پوءِ مون کي فرمايائون تہ جيسيتائين آءُ نہ اچان تيسيتائين ماني نہ پچرائجو، جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف وني آيا تہ ڳوهيل اٽي ۾ پنهنجو لعابِ دهن وجهي برڪت جي دعا فرمايائون ۽ گوشت جي ديڳڙيءَ ۾ بہ پنهنجو لعابِ دهن ملايائون. پوءِ ماني پچائڻ جو حڪم ڏنائون ۽ فرمايائون تہ ديڳڙي چُلهہ تان نہ لاٿي وڃي، پوءِ ماني پچڻ شروع ٿي وئي ۽ ديڳڙيءَ مان حضرت جابر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي گهرواريءَ گوشت ڪڍي ڪڍي ڏيڻ شروع ڪيو هڪ هزار ماڻهن ڏئو ڪري ڪاڏو پر ڳوهيل اٽو اوتري جو اوترو ئي رهجي ويو ۽ ديڳڙي بہ چُلهي تي ٿهڪندي رهي[1]. (بخاري جلد 2 ص 589 غزوه خندق)

## بابرڪت ڪتلون (ڪَجورون)

اهڙي طرح هڪ ڇوڪري پنهنجي هٿ ۾ ڪجهہ ڪتلون کڻي آئي، حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پڇيو تہ ڇا آهي؟ ڇوڪري جواب ڏنو تہ ڪجهہ ڪتلون آهن جيڪي منهنجي ماءُ منهنجي پيءُ جي ناشتي لاءِ موڪليون آهن، حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن ڪتلن کي پنهنجي هٿ مبارڪ ۾ کڻي هڪ ڪپڙي تي وِڪيري

[1] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب غزوة الخندق..... الخ، الحديث 4101، 4102 ج 3، ص 51 ملخصاً

چڏيو ۽ تمام اهل خندق کي سڏي ارشاد فرمايائون ته خوب ڍئو ڪري کائو، تنهنڪري سيني خندق وارن ڍئو ڪري اهي کجورون کاڌيون[1]. (مدارج جلد 2، ص 169)

هي ٻئي واقعا حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي معجزن مان آهن.

## اسلامي فوجن جي مورچه بندي

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خندق تيار ٿي وڃڻ کانپوءِ عورتن ۽ ٻارڙن کي مديني جي محفوظ قلعي ۾ جمع فرمايو ۽ مديني تي حضرت ابن اُم مڪتوم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي پنهنجو خليفو بڻائي ٽي هزار انصارن ۽ مهاجرن جي فوج ساڻ ڪري مديني مان نڪري سَلَع جبل جي دامن ۾ ترسي پيا، سلع سندن پٺيان هو ۽ خندق سندن سامهون هئي. مهاجرن جو جهنڊو حضرت سيدنا زيد بن حارثه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي هٿ ۾ ڏنو ۽ انصارن جو علمبردار حضرت سعد بن عباده رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي بڻايو[2]. (زرقاني جلد 2 ص 111)

## ڪافرن جو حملو

ڪفار قريش ۽ سندن اتحادين ڏهه هزار جي لشڪر سان مسلمانن تي حملو ڪيو ۽ ٽنهي طرفن کان ڪافرن جو لشڪر ايتري ته زور ۽ شور سان مديني تي ڪڙڪي پيو جو شهر جي فضائن ۾ مٽي ڏوڙ جو طوفان اٿي پيو انهي خوفناڪ ڪاهه ۽ لشڪر ڪفار جي ويڙهه جو ذڪر قرآن جي زبان سان ٻڌو:-

---

[1] مدارج النبوة، قسم سوم، باب پنجم، ج 2 ص 169 — 170 ملخصاً.

[2] السيرة الحلبية، باب ذكر مغازيه، غزوة الخندق، ج 2، ص 421، 422 ملتقطاً و المواهب اللدنية و شرح زرقاني، باب غزوة الخندق .... الخ، ج 3، ص 35

اِذْ جَآءُوْكُمْ مِّنْ فَوْقِكُمْ وَ مِنْ اَسْفَلَ مِنْكُمْ وَاِذْ زَاغَتِ الْاَبْصَارُ وَ بَلَغَتِ الْقُلُوْبُ الْحَنَاجِرَ وَ تَظُنُّوْنَ بِاللّٰهِ الظُّنُوْنَا ﴿۱۰﴾ هُنَالِكَ ابْتُلِيَ الْمُؤْمِنُوْنَ وَ زُلْزِلُوْا زِلْزَالًا شَدِيْدًا[1] (احزاب)

ترجمو كنز الايمان: جڏهن ڪافر توهان تي آيا، توهان جي مٿاهين ۽ توهان جي هيٺين طرف کان ۽ جڏهن جو اکيون وائڙيون ٿي ويون ۽ دليون نڙي وٽ (خوف کان) اچي ويون ۽ توهان الله تي (اميد ۽ مايوسي کان) مختلف گمان ڪرڻ لڳا. انهيءَ جاءِ تي مسلمان امتحان ۽ آزمائش ۾ وڌا ويا ۽ وڏي زور واري زلزلي ۾ سختيَ سان لوڏيا ويا.

منافق جيڪي مسلمانن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺا هيا اهي ڪافرن جي ان لشڪر کي ڏسندي ئي بزدل ٿي ويا ۽ ان وقت انهن جو نفاق ظاهر ٿي پيو ۽ انهن ماڻهن پنهنجي گهر وڃڻ جي اجازت گهرڻ شروع ڪري ڏني[2]. جئين ته قرآن ۾ الله تعالىٰ ارشاد فرمائي ٿو ته:

وَيَسْتَاْذِنُ فَرِيْقٌ مِّنْهُمُ النَّبِيَّ يَقُوْلُوْنَ اِنَّ بُيُوْتَنَا عَوْرَةٌ ۛؕ وَمَا هِيَ بِعَوْرَةٍ ۛۚ اِنْ يُّرِيْدُوْنَ اِلَّا فِرَارًا[3] (احزاب)

ترجمو كنز الايمان: ۽ (منافقن جو) هڪ ٽولو انهن مان نبي کان اجازت گهري پيو منافق چون ٿا ته اسان جا گهر ڪليل پيا آهن حالانڪ اهي ڪليل نه هئا انهن جو ڀڄڻ کان سواءِ ٻيو ڪو مقصد نه هو.

---

[1] پ 21 الاحزاب 10-11

[2] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب غزوة الخندق .... الخ، ج 3، ص 40 ملخصاً

[3] پ 21 الاحزاب 13

پر اسلام جي سچي جان نثار مهاجرن ۽ انصارن جڏهن لشڪرِ ڪفار جي حملي کي ڏٺو تہ اهڙي طرح سينو تاڻي جمي بيهي رهيا جو "سلع" ۽ "احد" جا جبل ڳاٽ اوچو ڪري انهن مجاهدن جي اولو العزمي (يعني بلند حوصلي) کي حيرت وچان ڏسڻ لڳا انهن جان نثارن جي ايماني شجاعت جي تصوير صفحاتِ قرآن تي بصورت تحرير ڏسو. ارشادِ رباني آهي تہ

وَلَمَّا رَاَ الْمُؤْمِنُوْنَ الْاَحْزَابَ ۙ قَالُوْا هٰذَا مَا وَعَدَنَا اللّٰهُ وَ رَسُوْلُهٗ وَ صَدَقَ اللّٰهُ وَ رَسُوْلُهٗ ۫ وَمَا زَادَهُمْ اِلَّاۤ اِيْمَانًا وَّ تَسْلِيْمًا ؕ [1] (احزاب)

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ جڏهن مسلمانن ڪافر قبيلن جا لشڪر ڏٺا تہ چئي ڏنائون هيءَ تہ اهو ئي منظر آهي جنهن جو الله ۽ اُن جي رسول اسان سان واعدو ڪيو هو ۽ الله ۽ اُن جو رسول ٻئي سچا آهن الله ۽ اُن انهن جي ايمان ۽ فرمانبرداري کي اڃان گهڻو وڌائي ڇڏيو.

## بنو قريظ جي غداري

قبيلي بنو قريظه جا يهودي اڃان تائين اَڻ ڏُريا هئا پر بنو نضير جي يهودين انهن کي بہ پاڻ سان ملائي لشڪرِ ڪفار ۾ شامل ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪري ڏني تنهنڪري حيي بن اخطب ابو سفيان جي مشوري سان بنو قريظه جي سردار ڪعب بن اسد وٽ ويو پهريان تہ ان پنهنجو دروازو نہ کوليو ۽ چيو تہ اسان محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جا حليف آهيون ۽ اسان انهن کي هميشہ پنهنجي عهد جو پابند ڏٺو آهي تنهنڪري اسان انهن سان

[1] پ 21 الاحزاب 22

واعدي خلافي ڪرڻ مروت جي خلاف سمجهون ٿا پر بنو نضير جي يهودين ايتري قدر شديد اصرار ڪيو ۽ طرح طرح سان ورغلايو جو بالآخر ڪعب بن اسد معاهدو ٽوڙڻ جي لاءِ راضي ٿي ويو، بنو قريظه جڏهن معاهدو ٽوڙي ڇڏيو ۽ ڪافرن سان ملي ويا تہ ڪفارِ مڪہ ۽ ابو سفيان خوشي مان ٻهڪي اٿيا[1].

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي جڏهن اها خبر پئي تہ پاڻ حضرت سعد بن معاذ ۽ حضرت سعد بن عباده رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کي تحقيقِ حال جي لاءِ بنو قريظه ڏانهن موڪليو اتي وڃي معلوم ٿيو تہ واقعي بنو قريظه معاهدو ٽوڙي ڇڏيو آهي جڏهن انهن ٻنهي معزز صحابين رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جن بنو قريظہ کي انهن جو معاهدو ياد ڏياريو تہ انهن بد ذات يهودين انتهائي بي حيائيءَ سان ايتري تائين چئي ڏنو تہ اسان ڪجهہ نہ ٿا ڄاڻون تہ محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪير آهن؟ ۽ معاهدو ڇا کي چوندا آهن؟ اسان جو تہ ڪو معاهدو ٿيو ئي ڪو نہ هو، اهو ٻڌي ٻئي اصحابي واپس موٽي آيا ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي صورتحال کان آگاهہ ڪيائون تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بلند آواز سان "الله اکبر" چيو ۽ فرمايائون تہ اي مسلمانو! توهان ان کان نہ گهبرايو ۽ نہ ئي ان جو غم ڪريو ان ۾ توهان جي لاءِ بشارت آهي[2]. (زرقاني ج 2 ص 113)

ڪافرن جو لشڪر جڏهن اڳتي وڌيو تہ سامهون ڪاهي ڏسي رُڪجي ويو ۽ مديني جو گهيراءُ ڪري ورتو تقريباً هڪ مهيني تائين ڪافر مديني جي چؤطرف گهيرو ڪري ويهي رهيا ۽ اهو

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب غزوة الخندق .... الخ، ج 3، ص 35 ملخصاً
[2] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب غزوة الخندق .... الخ، ج 3، ص 38 ملخصاً

گهيرو ايتري تہ سختيءَ سان قائم رهيو جو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جن ڪيترائي ڏينهن بکن تي گذاريا. ڪافرن هڪ طرف تہ ڪاهيءَ جو گهيراءُ ڪري رکيو هو ۽ ٻئي طرف ان ڪري حملو ڪرڻ چاهن پيا ڇو تہ مسلمانن جون عورتون ۽ ٻار قلعن ۾ پناهہ ورتل هئا، پر حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جتي خندق جي مختلف حصن تي صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي مقرر فرمايو هو تہ جيئن اهي ڪافرن جي حملن جو مقابلو ڪندا رهن اهڙي ئي طرح عورتن ۽ ٻارن جي حفاظت جي لاءِ بہ ڪجهہ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي مقرر فرمايو هو.

## انصارن جي ايماني شجاعت

ان گهيري جي سبب مسلمانن جي پريشاني ڏسي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اهو خيال فرمايو تہ متان مهاجر ۽ انصار همت هاري ويهن ان ڪري رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارادو فرمايو تہ قبيلي غطفان جي سردار عيينہ بن حصن سان انهيءَ شرط تي معاهدو ڪري وٺن تہ هو مديني جي پيداوار جو ٽيون حصو وٺندو رهي ۽ ڪفار مڪہ جو ساٿ ڇڏي ڏي. پر جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت سعد بن معاذ ۽ حضرت سعد بن عباده رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا سان پنهنجي هن خيال جو اظهار فرمايو تہ انهن ٻنهي عرض ڪيو يا رسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪڏهن ان جي باري ۾ الله تعالىٰ جي طرفان وحي نازل ٿي چڪي آهي تہ پوءِ اسان کي ان کان انڪار ڪرڻ جي مجال ناهي ۽ جيڪڏهن اها هڪ راءِ آهي تہ يا رسول الله (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جڏهن اسان ڪفر جي حالت ۾ هئاسين ان وقت تہ قبيلي غطفان

جا سرڪش ڪڏهن اسان جي هڪ ڪجور به نہ ڪٽي سگهيا ۽ هينئر جڏهن تہ الله پاڪ اسان کي اسلام ۽ اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي غلاميءَ جو شرف بخشيو آهي تہ اهو ڪيئن ممڪن ٿو ٿي سگهي تہ اسان پنهنجو مال ڪافرن کي ڏئي ڇڏيون؟ هاڻي اسان انهن ڪافرن کي ڪجورن جا ڍير نہ بلڪ نيزن ۽ تلوارن جي مار جا تحفا ڏيندا رهنداسين ايسيتائين جو الله پاڪ اسان ۽ انهن جي وچ ۾ فيصلو فرمائي ڇڏي. اهو ٻڌي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خوش ٿي ويا ۽ ڪين پورو پورو اطمينان حاصل ٿي ويو[1]. (زرقاني ج 2 ص 113)

خندق جي ڪري دوبدو جنگ نہ پئي ٿي سگهي ۽ ڪافر حيران هئا تہ هن خندق کي ڪيئن پار ڪريون پر ٻنهي طرفن ڪان روزانو برابر تير ۽ پٿر وسندا رهندا هئا آخر هڪ ڏينهن عمرو بن عبدود، عڪرمہ بن ابو جهل، هبيره بن ابي وهب ۽ ضرار بن الخطاب وغيره ڪافرن جي ڪجهہ بهادرن بنو ڪنانہ کي چيو تہ اٿو اڄ مسلمانن سان جنگ ڪري اهو ٻڌايو تہ شهسوار ڪير آهي؟ پوءِ اهي سڀ خندق وٽ پهچي ويا ۽ اهڙي جڳهہ تان جتان خندق جي ويڪر ڪجهہ گهٽ هئي گهوڙي کي ٽپ ڏياري خندق پار ڪري ورتائون[2].

## عمرو بن عبدود ماريو ويو

سيني کان آڏو عمرو بن عبدود هو توڙي جو هي نوّي سالن جو جهور پوڙهو پر هڪ هزار سوارن جي برابر بهادر مڃيو

---

[1] السيرة النبوية لابن هشام، غزوة الخندق، ص 391

[2] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب غزوة الخندق .... الخ، ج 3، ص 42 ملخصاً

ويندو هو جنگِ بدر ۾ زخمي ٿي پڄي ويو هو ۽ اهو قسم کنيو هئائين ته جيسيتائين مسلمانن کان بدلو نه وٺندس تيسيتائين مٿي ۾ تيل نه وجهندس. هي اڳيان وڌيو ۽ للڪار ڪري مقابلي جي دعوت ڏيڻ لڳو ٿي دفعا چيائين ڪير آهي جيڪو منهنجي مقابلي ۾ ايندو؟ ٽئي دفعا حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ اٿي ڪري جواب ڏنو ته "مان" ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن روڪيو ته "اي علي كَرَّمَ اللهُ وَجْهَهُ الْكَرِيْم" هي عمرو بن عبدود آهي. حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو جي ها آئون ڄاڻان ٿو ته هي عمرو بن عبدود آهي پر مان ان سان وڙهندس، اهو ٻڌي تاجدارِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي خاص تلوار ذو الفقار پنهنجي مبارڪ هٿن سان حيدرِ ڪرار كَرَّمَ اللهُ وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي مقدس هٿن ۾ ڏئي ڇڏي ۽ پنهنجي مبارڪ هٿن سان انهن جي مٿي تي عمامو ٻڌو ۽ هيءَ دعا فرمايائون ته يا الله پاڪ! تون علي كَرَّمَ اللهُ وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي مدد فرماءِ. حضرت اسد الله الغالب علي بن ابي طالب كَرَّمَ اللهُ وَجْهَهُ الْكَرِيْم مجاهدانه شان و شوڪت سان ان جي سامهون بيهي رهيا ۽ پنهي ۾ هن طرح مڪالمو شروع ٿيو.

حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ:- اي عمرو بن عبدود تون مسلمان ٿي وڃ!

عمرو بن عبدود:- اهو مونکان ڪڏهن به هرگز هرگز نٿو ٿي سگهي!

حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ:- جنگ کان واپس هليو وڃ!

عمرو بن عبدود:- اهو مونکي منظور ناهي!

حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ:- تہ پوءِ مون سان جنگ ڪر!

عمرو بن عبدود:- ڪلي چيو تہ مون ڪڏهن اهو سوچيو بہ نہ هو تہ دنيا ۾ ڪو مونکي جنگ جي دعوت ڏيندو.

حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ:- پر آءُ توسان وڙهڻ چاهيان ٿو.

عمرو بن عبدود:- آخر تنهنجو نالو ڇا آهي؟

حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ:- علي بن ابي طالب

عمرو بن عبدود:- اي پائٽيا! تون اجا تمام ننڍي عمر جو آهين مان تنهنجو رت وهائڻ پسند نٿو ڪريان.

حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ:- پر مان تنهنجو رت وهائڻ بيحد پسند ڪريان ٿو.

عمرو بن عبدود رت ٿهڪائيندڙ اهي گرم گرم جملا ٻڌي ڪاوڙ ۾ بي قابو ٿي ويو حضرت علي شيرِ خُدا كَرَّمَ اللهُ وَجْهَهُ الْكَرِيْم پيدل هئا ۽ هو گهوڙي تي سوار هو ان تي جو غيرت سوار ٿي تہ گهوڙي تان لهي پيو ۽ پنهنجي تلوار سان گهوڙي جا پير وڍي ڇڏيائين ۽ اڳهاڙي تلوار کڻي اڳتي وڌيو ۽ حضرت شيرِ خُدا كَرَّمَ اللهُ وَجْهَهُ الْكَرِيْم تي تلوار جو ڀرپور وار ڪيو. حضرت شيرِ خدا كَرَّمَ اللهُ وَجْهَهُ الْكَرِيْم تلوار جي ان وار کي پنهنجي ڍال تي روڪيو، هي وار ايترو تہ سخت هو جو تلوار، ڍال ۽ عمامي کي ڪٽيندي پيشاني ۾ لڳي توڙي جو گهرو زخم نہ ٿيو پر پوءِ بہ اهو نشان

سندن پيشاني تي يادگار بڻجي رهجي ويو. حضرت علي شيرِ خُدا كَرَّمَ اللهُ وَجْهَهُ الْكَرِيْم تڙپي ڪري للڪاريو اي عمرو! هوشيار تي، هاڻي منهنجو وارو آهي اهو چئي اسد الله الغالب كَرَّمَ اللهُ وَجْهَهُ الْكَرِيْم ذو الفقار جو اهڙو زوردار وار ڪيو جو تلوار دشمن جي سيني کي ڪٽيندي چيلهه مان پارتي وئي ۽ هو تڙپي زمين تي ڪري پيو ۽ مري جهنم ۾ پهچي ويو ۽ ميدانِ ڪار زار زبانِ حال سان هي پڪاري اٿيو:-

شاهِ مرداں، شيرِ يزداں قوتِ پرورد گار
لَا فَتٰى اِلَّا عَلِى لَا سَيْفَ اِلَّا ذُو الْفِقَار

حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ان کي قتل ڪيو ۽ منهن ڦيري واپس هليو ويو حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ چيو اي علي كَرَّمَ اللهُ وَجْهَهُ الْكَرِيْم توهان عمرو بن عبدود جي زرهه ڇو نه لاٿي سڄي عرب ۾ ان جهڙي سني زرهه ڪٿي به ناهي پاڻ فرمايائون اي عمر! رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ذو الفقار جي وار سان هو اهڙي طرح بيقرار ٿي زمين تي ڪريو جو ان جي شرمگاهه کلي وئي ان جي ڪري حيا جي سبب مون منهن موڙي ورتو[1]. (زرقاني ج 2 ص 114 كان 115)

## نوفل جولاش

ان کانپوءِ نوفل ڪاوڙ ۾ ڀرجي ميدان ۾ آيو ۽ پڪارڻ لڳو ته منهنجي مقابلي لاءِ ڪير ٿو اچي؟ حضرت زبير بن العوام رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ان تي بجليءَ وانگر ڪڙڪي پيو ۽ اهڙي تلوار هنيائون جو به ٽڪر ٿي پيو ۽ تلوار زين کي ڪٽيندي گهوڙي جي چيلهه تائين

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب غزوة الخندق .... الخ، ج 3، ص 42 ملخصاً

پهچي وئي ماڻهن چيو اي زبير! رَضِیَ اللهُ عَنْهُ توهان جي تلوار جو ته مثال نٿو ملي سگهي پاڻ فرمايائون تلوار ڪهڙي شيءِ آهي ٻانهن ۾ دم خم ۽ مارڻ ۾ ڪمال ڪپي. هبيره ۽ ضرار به وڏي رعب سان اڳتي وڌيا پر جڏهن ذو الفقار جو وار ڏٺائون ته ڊڄي ڀڄي ويا ڪافرن جا باقي شهسوار به جيڪي خندق پار ڪري آيا هئا اهي سيئي ڀڄي ويا ۽ ابو جهل جو پٽ عڪرمه ته ايتري قدر بدحواس ٿي ويو جو پنهنجو نيزو اڇلائي ڀڳو ۽ خندق پار ڪرڻ ڪانپوءِ ئي ڪيس سڪون مليو[1]. (زرقاني جلد 2)

ڪجهه تاريخدانن جو چوڻ آهي ته نوفل کي حضرت علي كَرَّمَ اللهُ وَجْهَهُ الْكَرِيْم قتل ڪيو ۽ ڪن جو چوڻ آهي ته نوفل حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي حملي ڪرڻ جي ارادي سان پنهنجي گهوڙي کي خندق پار ڪرائڻ پئي چاهيو ته پاڻ ئي خندق ۾ ڪري پيو ۽ ڪنڌ ٽٽي پيس ۽ هو مري ويو. بهرحال مڪي جي ڪافرن 10 هزار درهمن ۾ نوفل جي لاش کي وٺڻ چاهيو ته جيئن اهي هن کي اعزاز سان دفن ڪن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رقم وٺڻ کان انڪار فرمايو ۽ ارشاد فرمايائون ته اسان کي هن لاش ۾ ڪا به غرض ناهي مشرڪ هن کي ڪٽي وجن ۽ دفن ڪن اسان کي ان تي ڪو به اعتراض ناهي[2]. (زرقاني جلد 2 ص 114)

ان ڏينهن جو حملو تمام سخت هو سڄو ڏينهن لڙائي هلندي رهي ٻنهي طرفن کان تيراندازي ۽ پٿر بازي جو سلسلو جاري رهيو ۽ ڪنهن به مجاهد جو پنهنجي جڳهه تان هٽڻ ناممڪن هو.

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب غزوة الخندق .... الخ، ج 3، ص 43 ملخصاً

[2] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب غزوة الخندق .... الخ، ج 3، ص 41، 43 ملتقطاً

خالد بن وليد پنهنجي فوج سان هڪ جڳهه تان خندق پار ڪري بلڪل ئي اوچتو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خيمي اقدس تي حملہ آور ٿيو پر حضرت اسيد بن حضير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هن کي ڏسي ورتو ۽ ٻہ سو مجاهدن کي وٺي اڳيان وڌيو ۽ خالد بن وليد جي ٽولي سان ٻہ دوبدو ويڙهہ ۾ ٽڪرجي پيا ۽ خوب ڄمي وڙهيا جنهن ڪري ڪافر خيمي اطهر تائين نہ پهچي سگهيا[1]. (زرقاني جلد 2 ص 117)

انهيءَ خطرناڪ لڙائي ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي نماز عصر قضا ٿي وئي. بخاري شريف جي روايت ۾ آهي تہ حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جنگِ خندق جي ڏينهن سج لهڻ کانپوءِ ڪافرن کي گهٽِ وَڌِ ڳالهائيندي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان نمازِ عصر نہ پڙهي سگهيو آهيان تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ مون ٻہ اجا تائين نمازِ عصر نہ پڙهي آهي پوءِ پاڻ وادي بطحان ۾ سج لهڻ کانپوءِ نماز عصر قضا پڙهي پوءِ نمازِ مغرب ادا فرمائي ۽ ڪافرن جي حق ۾ هي دعا فرمائي تہ،

مَلَاَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ بُيُوْتَهُمْ وَقُبُوْرَهُمْ نَارًا كَمَا شَغَلُوْنَا عَنِ الصَّلٰوةِ الْوُسْطٰى حَتّٰى غَابَتِ الشَّمْسُ[2] (بخاري ج 2 ص 590)

يعني: الله! انهن مشرڪن جي گهرن ۽ قبرن کي باهہ سان ڀري ڇڏ انهن ماڻهن اسان کي وچين نماز (عصر) کان روڪي ڇڏيو ايسيتائين جوسج لهي ويو.

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، باب غزوة الخندق .... الخ، ج 3، ص 47 ملخصاً

[2] صحيح البخاري كتاب المغازي باب غزوة الخندق الحديث 4111، 4112 ج 3 ص 54

جنگِ خندق واري ڏينهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي دعا بہ فرمائي تہ:

اَللّٰهُمَّ مُنْزِلَ الْكِتَابِ سَرِيْعَ الْحِسَابِ اهْزِمِ الْاَحْزَابَ اَللّٰهُمَّ اهْزِمْهُمْ وَزَلْزِلْهُمْ [1] (بخاري جلد 2 ص 590)

ترجمو:- اي الله! پاڪ اي ڪتاب نازل فرمائڻ وارا! جلدي حساب وٺڻ وارا! تون هنن ڪافرن جي لشڪر کي شڪست ڏئي ڇڏ، اي الله پاڪ انهن کي شڪست ڏي ۽ انهن کي لوڏي ڇڏ.

## حضرت زبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي خطاب مليو

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خندق جي موقعي تي جڏهن ڪافر مديني جو محاصرو ڪيو بينا هئا ۽ ڪنهن جي لاءِ بہ شهر مان نڪرڻ ڏڪيو هيو تي پيرا ارشاد فرمايائون تہ ڪير آهي جيڪو قومِ ڪفار جي خبر وٺي اچي؟ ٽئي دفعا حضرت زبير بن العوام رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جيڪي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پڦي حضرت صفيہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جا فرزند آهن انهن چيو تہ ”آءُ يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) خبر وٺي ايندس“. حضرت زبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي ان جان نثاري کان خوش ٿي تاجدار عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو:

لِكُلِّ نَبِيٍّ حَوَارِيٌّ وَّاِنَّ حَوَارِيَّ الزُّبَيْرُ

هر نبي جي لاءِ حواري (خاص مددگار) هوندا آهن ۽ منهنجو ”حواري“ زبير آهي.

---

[1] صحيح البخاري كتاب المغازي باب غزوة الخندق الحديث 4115 ج 3 ص 55

اهڙي طرح حضرت زبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي بارگاهِ رسالت مان حواري جو خطاب مليو جيڪو ڪنهن به ٻئي اصحابي کي نہ مليو[1].

## حضرت سعد بن معاذ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي شهادت

انهيءَ جنگ ۾ مسلمانن جو جاني نقصان تمام گهٽ ٿيو يعني ڪل ڇهہ مسلمان شهادت سان سرفراز ٿيا پر انصارن جي سڀ کان وڏي ٻانهن ٽٽي پئي يعني حضرت سعد بن معاذ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جيڪي قبيلي اوس جا سردار اعظم هئا انهيءَ جنگ ۾ هڪ تير سان زخمي ٿي پيا ۽ پوءِ شفايابہ نہ ٿي سگهيا[2].

سندن جي شهادت جو واقعو هن ريت آهي تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هڪ ننڍڙي زرهہ پائي جوش ۾ ڀرجي نيزو کڻي لڙائي جي لاءِ وڃي رهيا هئا تہ ابن العرقہ نالي ڪافر اهڙو نشانو وڻي تير هنيو جنهن سان سندن جي هڪ رڳ جنهن جو نالو اڪحل آهي ڪٽجي وئي جنگ ختم ٿيڻ کانپوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسجد نبوي ۾ انهن جي لاءِ هڪ خيمو لڳايو ۽ هن جو علاج ڪرڻ شروع ڪري ڏنو رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خود پنهنجي مبارڪ هٿن سان ان جي زخم کي ٻہ دفعا داغيو، انهيءَ حالت ۾ پاڻ هڪ دفعي بني قريظه تشريف کڻي ويا ۽ اتي يهودين جي باري ۾ پنهنجو اهو فيصلو ٻڌايائون جنهن جو ذڪر ”غزوه قريظه“ جي عنوان جي تحت ايندو ان کان پوءِ پاڻ وري پنهنجي خيمي ۾ تشريف کڻي آيا هاڻي ان جو زخم ڀرجڻ لڳو هو پر انهن شوقِ شهادت ۾ الله پاڪ کان هيءَ دعا گهري تہ:

---

[1] صحيح البخاري، كتاب المغازي باب غزوة الخندق، الحديث 4113 ج 3 ص 54

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني باب غزوة الخندق ....الخ وباب غزوة بني قريظة ج 3 ص 43، 89 ملتقطاً و ملخصاً

يا الله پاڪ تون ڄاڻين ٿو تہ ڪنهن بہ قوم سان جنگ ڪرڻ جي مونکي ايڏي تمنا ناهي جيتري ڪفارِ قريش سان وڙهڻ جي تمنا آهي جن تنهنجي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو انڪار ڪيو ۽ انهن کي انهن جي وطن مان ڪڍيو، اي الله پاڪ منهنجو تہ اهو ئي خيال آهي تہ هاڻي تو اسان ۽ ڪافرن جي وچ ۾ جنگ کي ختم ڪري ڇڏيو آهي جيڪڏهن اجا بہ ڪفار قريش سان ڪا جنگ باقي رهجي وئي هجي تہ پوءِ تہ تون مونکي زندهہ رک تہ جيئن مان انهن ڪافرن سان تنهنجي راهہ ۾ جهاد ڪريان ۽ جيڪڏهن هاڻي انهن ماڻهن سان ڪا بہ جنگ باقي نہ رهي آهي تہ تون منهنجي هن زخم کي ڦاڙي ڇڏ ۽ انهيءَ زخم ۾ ئي تون مون کي موت عطا فرماءِ.

سندن جي هيءَ دعا ختم ٿيندي ئي بلڪل اوچتو سندن زخم ڦاٽي پيو ۽ خون وهي ڪري مسجد نبوي جي اندر بني غفار جي خيمي ۾ وڃي پهتو انهن ماڻهن ڇرڪ ڀريندي پڇيو تہ اي خيمي وارؤ هي ڪهڙو رت آهي جيڪو توهان جي خيمي مان وهي ڪري اسان جي طرف اچي رهيو آهي؟ جڏهن ماڻهن ڏٺو تہ حضرت سعد بن معاذ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي زخم مان رت وهي رهيو هو ۽ انهيءَ ئي زخم ۾ انهن جي وفات ٿي وئي[1].

(بخاري ج 2 ص 591 باب مرجع النبي من الاحزاب)

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو سعد بن معاذ جي موت سان عرشِ الٰهي لڏي ويو ۽ هن جي جنازي ۾ ستر

[1] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب مرجع النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم من الاحزاب ....الخ الحديث 4122، ج 3 ص 56 و مدارج النبوت، قسم سوم، باب پنجم ج 2 ص 17، 172 ملخصاً

هزار ملائڪ حاضر ٿيا ۽ جڏهن انهن جي قبر کوٽي وئي ته ان مان مشڪ جي خوشبو اچڻ لڳي[1] . (زرقاني 2ص 143)

عين وفات جي وقت حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي سيراندي کان تشريف فرما هئا، انهن اک کولي آخري ڀيرو جمالِ نبوت جو نظارو ڪيو ۽ چيائون اَلسَّلَامُ عَلَيْکَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ ۽ ان کانپوءِ بلند آواز سان هي چيائون ته آئون گواهي ٿو ڏيان ته اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جا رسول آهيو ۽ اوهان تبليغِ رسالت جو حق ادا ڪيو آهي[2]. (مدارج النبوت ج 2 ص 181)

## حضرت صفيه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي بهادري

جنگِ خندق ۾ هڪ اهڙو به موقعو آيو جو جڏهن يهودين ڏٺو ته مسلمانن جي سموري فوج خندق جي طرف جنگ ۾ مصروف آهي ته جنهن قلعي ۾ مسلمانن جون عورتون ۽ ٻار پناه ورتل هئا يهودين اوچتو ان تي حملو ڪيو ۽ هڪ يهودي دروازي تائين پهچي ويو، حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ڦڦي حضرت صفيه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جن ان کي ڏسي ورتو ۽ حضرت حسان بن ثابت کي چيائون ته توهان هن يهودي کي قتل ڪري ڇڏيو نه ته هي وڃي دشمنن کي هتان جو حال ۽ احوال ٻڌائيندو حضرت حسان بن ثابت رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي ان وقت همت نه ٿي سگهي جو انهيءَ يهودي تي حملو ڪن اهو ڏسي خود حضرت صفيه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جن خيمي جو هڪ ڪِلو پٽي ان يهودي جي مٿي ۾ اهڙي ته زور سان هنيو جو هن

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب غزوة بني قريظة ج3 ص92، 100 ملتقطاً

[2] مدارج النبوت قسم سوم، باب پنجم ج 2 ص 181

جو مٿو ڦاٽي پيو پوءِ پاڻ ئي ان يهودي جو سر ڪٽي قلعي جي ٻاهر اڇلائي ڇڏيائون اهو ڏسي حملا آور يهودين کي يقين ٿي ويو تہ قلعي جي اندر بہ ڪجهہ فوج موجود آهي انهيءَ ئي ڊپ وچان انهن کي ٻيهر ان طرف حملي ڪرڻ جي جرئت ئي نہ ٿي[1].

(زرقاني جلد 2 ص 111)

## ڪافر ڪيئن پڳا؟

حضرت نعيم بن مسعود اشجعي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ قبيلي غطفان جا وڏا معزز سردار هئا قريش ۽ يهودي ٻنهي کي انهن جي ذات تي پورو پورو اعتماد هو هي مسلمان ٿي چڪا هئا پر ڪافرن کي هنن جي اسلام آڻڻ جي خبر نہ هئي انهن بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ عرض ڪيو تہ يا رسول الله جيڪڏهن توهان مونکي اجازت ڏيو تہ آئون يهود ۽ قريش سان اهڙي گفتگو ڪريان جو ٻنهي ۾ قوتِ پئجي وڃي، حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي اجازت ڏئي ڇڏي تنهنڪري هن يهود ۽ قريش سان الڳ الڳ ڪجهہ اهڙي قسم جي گفتگو ڪئي جو ٻنهي ۾ واقعي قوتِ پئجي وئي. ابو سفيان شديد سردي جي موسم ۽ ڪافي ڏينهن گهيرو ڪرڻ ۽ فوج جو راشن ختم ٿي وڃڻ سبب حيران ۽ پريشان هو، جڏهن هن کي خبر پئي تہ يهودين اسان جو ساٿ ڇڏي ڏنو آهي تہ هن جا حوصلا پست ٿي ويا ۽ هو دلي طور بيزار ٿي ويو مٿان وري ڪافرن جي لشڪر تي قهرِ قهار ۽ غضب جبار جي اهڙي تہ مار پئي جو اوچتو اوپر کان هڪ اهڙو تہ تيز طوفان آيو جو ديڳيون چلهن تان ڪري پيون خيما پٽجي اڏامي ويا ۽ ڪافرن تي اهڙي

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، باب غزوة الخندق.... الخ ج 3 ص 37

تہ وحشت ۽ دهشت سوار ٿي وئي جو انهن کي راهِ فرار اختيار ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ چارو نظر نہ آيو هيءُ ئي اهو طوفان آهي جنهن جو ذڪر خداوندِ قدوس قرآن ۾ هن طرح بيان فرمايو آهي:-

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ جَآءَتْكُمْ جُنُوْدٌ فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِيْحًا وَّ جُنُوْدًا لَّمْ تَرَوْهَا ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرًا ۚ[1] (احزاب)

ترجمو ڪنز الايمان: اي ايمان وارو! خدا جي ان احسان کي ياد ڪريو جڏهن توهان تي ڪي لشڪر ڪاهي آيا پوءِ اسان انهن تي طوفان موڪلي ڇڏيو ۽ اهڙا لشڪر موڪليا جيڪي توهان کي ڏسڻ ۾ نٿي آيا ۽ الله توهان جا ڪم ڏسي ٿو.

ابو سفيان پنهنجي فوج ۾ اعلان ڪرائي ڇڏيو تہ راشن ختم ٿي ويو آهي، موسم انتهائي خراب آهي يهودين اسان جو ساٿ ڇڏي ڏنو آهي تنهنڪري هاڻي محاصرو بيڪار آهي اهو چئي ڪُوچ ڪرڻ جو نغارو وڄائڻ جو حڪم ڏنو ۽ اتان ڀڄي نڪتو. قبيلي غطفان جو لشڪر بہ هليو ويو بنو قريظه بہ گهيراءُ ڇڏي پنهنجن قلعن ۾ هليا آيا. هنن ماڻهن جي ڀڄي وڃڻ سان مديني جي فضا ڪافرن جي گرد و غبار کان صاف ٿي وئي.[2]

(مدارج جلد 2 ص 172 وزرقاني ج 2 ص 116 کان 118)

---

[1] پ 21 الاحزاب: 9

[2] السيرت الحلبية باب ذكر مغازيه، غزوة بني قريظة ج 2 ص 441-448 ملتقطاً والمواهب اللدنية مع شرح الزرقاني باب غزوة الخندق.... الخ ج 3 ص 54-56

## غزوه بني قريظ

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنگِ خندق مان فارغ ٿي پنهنجي گهر تشريف کڻي آيا ۽ هٿيار رکي غسل فرمايائون، اجا اطمينان سان وينا به ڪو نه هئا ته ايتري ۾ حضرت جبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام آيا ۽ چيائون ته يا رسول الله توهان هٿيار لاهي ڇڏيا پر اسان فرشتن جي جماعت اجا تائين هٿيار ڪونه لاٿا آهن الله پاڪ! جو اهو حڪم آهي ته اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بني قريظه جي طرف هليا وڃو ڇو ته انهن ماڻهن معاهدو ٽوڙي اعلانيه جنگِ خندق ۾ ڪافرن سان ملي مديني تي حملو ڪيو آهي[1]. (مسلم باب جواز قتال من نقض العهد ج 2 ص 95)

تنهنڪري حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اعلان فرمايو ته ماڻهو اجا هٿيار نه لاهن ۽ بنو قريظه ڏانهن روانا ٿي وڃن. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پاڻ به هٿيار پهري پنهنجي گهوڙي جنهن جو نالو "لحيف" هو ان تي سوار ٿي لشڪر سان گڏ هلي پيا ۽ بنو قريظه جي هڪ ڪوهه جي ويجهو پهچي خيما کوڙيائون[2].

(زرقاني جلد 2 ص 128)

بني قريظه به جنگ لاءِ بلڪل تيار هئا جڏهن حضرت علي كَرَّمَ اللهُ وَجْهَهُ الْكَرِيْم انهن جي قلعن وٽ پهتا ته انهن ظالمن ۽ عهد ٽوڙيندڙ يهودين حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي (معاذ الله) گاريون ڏنيون حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جي قلعن جو گهيرو فرمايو ۽ تقريباً هڪ مهيني تائين اهو محاصرو جاري رهيو يهودين تنگ ٿي اها درخواست ڪئي ته حضرت سعد بن

---

[1] صحيح مسلم كتاب الجهاد والسير، باب جواز قتال من.....الخ، حديث 1769، ص 973

[2] المواهب اللدنية وشرح الزرقاني، باب غزوة بني قريظة ج 3 ص 68، 69 ملتقطاً

معاذ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ اسان جي باري ۾ جيڪو فيصلو ڪندا اهو اسان کي منظور آهي.

حضرت سعد بن معاذ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جنگِ خندق ۾ هڪ تير لڳڻ سبب شديد زخمي ٿي پيا هئا پر تنهن هوندي به پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هڪ گڏهه تي سوار ٿي بني قريظه ويا ۽ انهن يهودين جي باري ۾ هي فيصلو فرمايو ته ”وڙهڻ وارين فوجن کي قتل ڪيو وڃي، عورتون ۽ ٻار قيدي بڻايا وڃن ۽ يهودين جو مال ۽ اسباب مال غنيمت بڻائي مجاهدن ۾ تقسيم ڪيو وڃي.“ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن جو اهو فيصلو ٻڌي ارشاد فرمايو ته يقيناً ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته توهان هنن يهودين جي باري ۾ اهو فيصلو ڪيو جيڪو الله تعالىٰ جو فيصلو آهي[1]. (مسلم ج 2 ص 95)

انهيءَ فيصلي جي مطابق بني قريظه جي ويڙهاڪ فوجين کي قتل ڪيو ويو، عورتن ۽ ٻارن کي قيدي بڻايو ويو ۽ انهن جي مال ۽ سامان کي مجاهدينِ اسلام جو مال غنيمت بڻايو ويو ۽ انهيءَ شرير ۽ بدعهد قبيلي جي شر ۽ فساد کان هميشه جي لاءِ مسلمان پُر امن ۽ محفوظ ٿي ويا.

يهودين جي سردار حيي بن اخطب کي جڏهن قتل ڪرڻ جي لاءِ مقتل ۾ آندو ويو ته ان قتل ٿيڻ کان اڳ ۾ هي الفاظ ڳالهايا ته اي محمد! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) خدا جو قسم! مونکي ان جو ڪو به افسوس ناهي ته مون اوهان سان عداوت ڪئي پر حقيقت هي آهي ته جيڪو خدا کي ڇڏي ڏيندو آهي ته خدا به ان کي ڇڏي ڏيندو

1 السيرت الحلبية باب ذكر مغازيه، غزوة بني قريظة ج 2 ص 442، 448 ملتقطاً و الكامل في التاريخ ذكر غزوة بني قريظة ج 2 ص 75،76

آهي اي ماڻهو! خدا جي حڪم جي تعميل ۾ ڪو به حرج ناهي بني قريظه جو قتل ٿيڻ هي هڪ حڪمِ اِلٰهي هو اهو (تورات ۾) لکيل هو، اها هڪ سزا هئي جيڪا الله تعاليٰ بني اسرائيل تي لکي هئي[1]. (سيرت ابن هشام غزوة بنو قريظة ج 3 ص 241)

هي حيي بن اخطب اُهوئي بدنصيب آهي جيڪو جڏهن مديني کان جلاوطن ٿي خيبر ڏانهن وڃي رهيو هو ته ان هي معاهدو ڪيو هو ته نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مخالفت ۾ آءُ ڪنهن جي به مدد نه ڪندس ۽ ان عهد تي هن خدا کي ضامن بڻايو هو پر جنگِ خندق جي موقعي تي هن انهيءَ معاهدي کي ڪهڙي طرح ٽوڙي ڇڏيو اهو توهان گذريل ورقن ۾ پڙهي چڪا آهيو ته هن ظالم تمام ڪفارِ عرب وٽ وڃي سيني کي مديني تي حملي ڪرڻ لاءِ اياريو پوءِ بنو قريظه کي به معاهدي ٽوڙڻ تي مجبور ڪيائين پوءِ پاڻ ڪافرن سان ملي جنگ خندق جي لڙائي ۾ شامل ٿيو.

## سن 5 هجري جا متفرق واقعات

(1) هن ئي سال حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بيبي زينب بنت جحش رَضِيَ اللهُ عَنْهَا سان نڪاح فرمايو[2].

(2) هن ئي سال مسلمان عورتن تي پردو فرض ڪيو ويو.

(3) هن ئي سال حد قذف (ڪنهن تي زنا جي تهمت لڳائڻ جي سزا) ۽ لعان ۽ ظهار جا احڪام نازل ٿيا.

(4) هن ئي سال تيمّم جي آيت نازل ٿي[3].

---

[1] الكامل في التاريخ، ذكر غزوة بني قريظة ج 2 ص 76
[2] الكامل في التاريخ، ذكر الاحداث في السنة الخامسة ج 2 ص 69
[3] المواهب اللدنية وشرح الزرقاني، باب غزوة المريسيع ج 3 ص 9

(5) هن ئي سال نمازِ خوف جو حڪم نازل ٿيو.

## باب يارهون

# هجرت جو ڇهون سال

## بيعت الرّضوان ۽ صلح حديبيه

هن سال جي تمام واقعات منجهان سڀ کان وڏيڪ اهم ۽ شاندار واقعو "بيعت الرّضوان" ۽ "صلح حديبيه" آهي تاريخ اسلام ۾ هن واقعي جي وڏي اهميت آهي ڇو تہ اسلام جي آئنده سموري ترقي جو راز انهيءَ جي دامن سان وابستہ آهي اهو ئي سبب آهي جو بظاهر هي مغلوبانہ صلح هئي پر قرآن مجيد ۾ الله پاڪ ان کي "فتح مبين" جو لقب عطا فرمايو آهي.

ذوالقعده سن 6 هجري ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چوڏهن سئو صحابہ ڪرام سان گڏ عمري جو احرام بڌي ڪري مڪّي جي لاءِ روانا ٿيا حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي انديشو هو تہ شايد مڪّي جا ڪافر ڪين عمرو ڪرڻ کان روڪيندا ان لاءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پهريائين قبيلي خزاعہ جي هڪ شخص کي مڪّي موڪلي ڇڏيو هو تہ جيئين هو مڪي جي ڪافرن جي ارادن جي خبر آڻي جڏهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو قافلو مڪي ۾ "عسفان" جي ويجهو پهتو تہ اهو شخص اها خبر ڪڻي پهتو تہ مڪي جي ڪافرن مڪي جي سڀني قبائلِ عرب جي ڪافرن کي جمع ڪري اهو چئي ڇڏيو آهي تہ مسلمانن کي هرگز مڪي ۾ داخل ٿيڻ نہ ڏنو وڃي جيئن تہ ڪفار قريش پنهنجي

سيني ساٿي قبيلن کي جمع ڪري هڪ فوج تيار ڪري ورتي ۽ مسلمانن جي رستي روڪڻ لاءِ مڪي کان ٻاهر نڪري مقام ”بلدح“ ۾ اچي خيما لڳايا ويا ۽ خالد بن وليد ۽ ابو جهل جو پٽ عڪرمہ اهي ٻئي ٻہ سئو چونديل سوارن جو دستو وٺي مقام ”غميم“ تائين پهچي ويا جڏهن حضور پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي رستي ۾ خالد بن وليد جي سوارن جي گردوغبار نظر آئي تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شاهراهہ کان هٽي ڪري سفر شروع رکيو ۽ عام رستي کان ڪٽجي ڪري اڳتي وڌيا ۽ مقام ”حديبيہ“ وٽ پهچي ڪري پڙاءُ ڪيو اتي پاڻيءَ جي تمام گهٽي قلت هئي هتي هڪ ئي کوهہ هيو جيڪو ڪجهہ ڪلاڪن ۾ سڪي ويو جڏهن صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم اُڃ جي شدت جي ڪري بي چين ٿيڻ لڳا تہ حضور پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ وڏي پيالي ۾ پنهنجو هٿ مبارڪ وڌو ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مقدس آڱرين مان پاڻي جو چشمو وهي نڪتو پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ خشڪ کوهہ ۾ پنهنجو وضو ڪيل پاڻي ۽ پنهنجو تير وڌو تہ کوهہ ۾ ايتري قدر پاڻي نڪتو جو پورو لشڪر ۽ سيئي جانور ان کوهہ مان ڪيترن ئي ڏينهن تائين پاڻي پيئندا رهيا[1]. (بخاري غزوہ حديبيہ ج 2 ص 589 و بخاري ج 1 ص 378)

## بيعت الرّضوان

مقام حديبيہ تي پهچي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو ڏٺو تہ جنگ جي لاءِ ڪافرن جو هڪ وڏو لشڪر تيار آهي ۽ هيڏانهن هي حال آهي جو پنهنجا سڀ ماڻهو احرام جي حالت ۾ آهن ان

[1] صحيح بخاري كتاب المغازي باب غزوة الحديبية حديث 4150، 4152 ج 3 ص 68-69 ملخصاً والكامل في التاريخ ذكر عمرة الحديبية ج 2 ص 86، 87 ملخصاً

حال ۾ تہ جئون بہ نٿا ماري سگھن تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مناسب سمجهيو تہ مڪي جي ڪافرن سان مصالحت جي گفتگو ڪرڻ جي لاءِ مڪي جي طرف ڪو ماڻهو موڪلجي ان جي ڪري پاڻ سڳورن ان ڪم جي لاءِ حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي منتخب فرمايو پر ان اهو چئي معافي ورتي تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪفار قريش منهنجا سخت مخالف آهن ۽ مڪي ۾ منهنجي قبيلي جو ڪو بہ اهڙو ماڻهو نہ آهي جو مون کي ان ڪافرن کان بچائي سگهي اهو ٻڌي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت عثمان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي مڪي موڪليو انهن مڪي پهچي ڪري ڪفار قريش کي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرفان صلح جو پيغام پهچايو حضرت عثمان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي مال داري ۽ پنهنجي قبيلي وارن جي حمايت ۽ پاسداري جي ڪري ڪفار قريش جي نظرن ۾ تمام گهڻا معزز هئا ان لاءِ ڪفارِ قريش انهن تي ڪا بہ زبردستي نہ ڪري سگهيا بلڪہ انهن کي هي چيائون تہ اسين توهان کي اجازت ڏيون ٿا تہ توهان ڪعبي جو طواف ۽ صفا ۽ مروه جي سعي ڪري پنهنجو عمرو ادا ڪري وڃو پر اسان محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪڏهن بہ هرگز هرگز ڪعبي جي ويجهو نہ اچڻ ڏينداسين.

حضرت عثمان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن انڪار ڪري ڇڏيو ۽ چيائون تہ آءُ رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بغير ڪڏهن بہ اڪيلو پنهنجو عمرو ادا نہ ٿو ڪري سگهان انهيءَ تي ڳالهہ وڌي وئي ۽ ڪافرن پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي مڪي ۾ روڪي ورتو پر حديبيہ جي ميدان ۾ هي خبر مشهور ٿي وئي تہ ڪفارِ قريش انهن کي شهيد ڪري ڇڏيو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وٽ اها خبر پهتي تہ پاڻ سڳورن

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي خون جو بدلو ونڻ فرض آهي اِهو فرمائي ڪري حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ ٻير جي وڻ هيٺ ويهي رهيا ۽ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جن کي فرمايو تہ توهان سڀ ماڻهو منهنجي هٿ تي هن ڳالهہ جي بيعت ڪريو تہ آخري دم تائين توهان منهنجا وفادار ۽ جان نثار رهندا تمام صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جن نهايت ئي جوش ۽ جذبي سان جان نثاري جو عهد ڪندي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دست حق تي بيعت ڪري ورتي اهائي بيعت آهي جنهن جو نالو تاريخ اسلام ۾ ”بيعت الرضوان“ آهي الله رب العزت انهيءَ بيعت ۽ انهيءَ وڻ جو تذڪرو قرآن مجيد جي سورت فتح ۾ هن طرح فرمايو آهي تہ.

اِنَّ الَّذِيْنَ يُبَايِعُوْنَكَ اِنَّمَا يُبَايِعُوْنَ اللّٰهَ ؕ يَدُ اللّٰهِ فَوْقَ اَيْدِيْهِمْ ۚ[1]

ترجمو ڪنز الايمان: يقيناً جيڪي ماڻهو تنهنجي بيعت ڪن ٿا اهي تہ الله سان ئي بيعت ڪن ٿا انهن جي هٿن تي الله جو هٿ آهي.

انهيءَ ئي سوره فتح ۾ ٻي جڳهہ تي انهن بيعت ڪرڻ وارن جي فضيلت ۽ انهن جي اجر ۽ ثواب جو قرآن مجيد ۾ هن طرح خطبو فرمايو ويو آهي.

لَقَدْ رَضِيَ اللّٰهُ عَنِ الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ يُبَايِعُوْنَكَ تَحْتَ الشَّجَرَةِ

ترجمو ڪنز الايمان: بيشڪ الله راضي ٿيو ايمان وارن کان جڏهن اهي وڻ جي هيٺان تنهنجي بيعت ڪري رهيا هئا پوءِ الله ڄاڻي ورتو جيڪو ڪجهہ

[1] پ 26 الفتح 10

فَعَلِمَ مَا فِیْ قُلُوْبِهِمْ فَاَنْزَلَ السَّكِیْنَةَ عَلَیْهِمْ وَ اَثَابَهُمْ فَتْحًا قَرِیْبًا ﴿۱۸﴾[1]

انهن جي دلين ۾ آهي پوءِ انهن تي اطمينان لاتائين ۽ انهن کي جلد ملڻ واري فتح جو انعام ڏنائين.

پر ”بيعت الرضوان“ ٿيڻ کان پوءِ خبر پئي تہ حضرت عثمان رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي شهادت جي خبر غلط هئي. پاڻ مڪي ۾ عزت ساڻ جيئرا ۽ صحيح سلامت هئا ۽ پوءِ پاڻ خيريت سان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ اقدس ۾ حاضر بہ ٿي ويا[2].

## صلح حديبيہ جو ٿي

حديبيہ ۾ سڀ کان پهريون شخص جيڪو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيو اهو بديل بن ورقاء خزائي هو انهن جو قبيلو جيتوڻيڪ اجان تائين مسلمان نہ ٿيو هو پر اهي ماڻهو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا حليف ۽ انتهائي مخلص ۽ خيرخواه هئا بديل بن ورقاء جن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خبر ڏني تہ ڪفار قريش وارن ڪثير تعداد ۾ فوج جمع ڪري ورتي آهي ۽ فوج سان گڏ راشن جي لاءِ ڪير واريون ڏاچون بہ آهن ۽ اهي ماڻهو توهان سان جنگ ڪندا ۽ توهان کي خانہ ڪعبہ تائين نہ پهچڻ ڏيندا.

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ توهان قريش کي منهنجو هي پيغام پهچائي ڇڏيو تہ اسان جنگ جي ارادي سان نہ آيا آهيون نہ ئي اسان جنگ وڙهڻ چاهيون ٿا اسان تہ صرف هتي

---

[1] پ 26 الفتح 18

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب امر الحديبية ج 3 ص 222- 226

عمرو ادا ڪرڻ جي اِرادي سان آيا آهيون مسلسل لڙائين جي ڪري قريش کي تمام جاني ۽ مالي نقصان پهچي ويو آهي لهذا انهن جي حق ۾ بہ اهو ئي بهتر آهي تہ اهي جنگ نہ ڪن بلڪ هڪ مقرر عرصي جي لاءِ صلح جو معاهدو ڪري وٺن ۽ مون کي اهلِ عرب جي هٿن ۾ ڇڏي ڏين جيڪڏهن قريش منهنجي ڳالهہ مڃي وٺن تہ بهتر ٿيندو ۽ جيڪڏهن انهن مون سان اڃان بہ جنگ ڪئي تہ مونکي ان ذات جو قسم جنهن جي قبضي قدرت ۾ منهنجي جان آهي آئون انهن سان ان وقت تائين وڙهندس جو منهنجي سسي منهنجي بدن کان الڳ ٿي وڃي.

بديل بن ورقاء حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو اهو پيغام ڪٽي ڪري ڪفار قريش وٽ پهتو ۽ چيائين تہ آئون محمّد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو هڪ پيغام ڪٽي ڪري آيو آهيان جيڪڏهن توهان ماڻهن جي مرضي هجي تہ آءُ توهان کي اهو پيغام ٻڌايان قريش جي ڪافر جا شرارتي ڇوڪرا جن جو جوش انهن جي هوش تي غالب هو اهي گوڙ ڪرڻ لڳا تہ نہ نہ هرگز نہ! اسان کي ان جي پيغام کي ٻڌڻ جي ڪا بہ ضرورت ناهي پر ڪفار قريش جي سنجيده ۽ سمجهدار ماڻهن ان کي پيغام ٻڌائڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي ۽ بديل بن ورقاء حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دعوت صلح کي انهن ماڻهن جي سامهون پيش ڪيو اهو ٻڌي ڪري قريش قبيلي جو هڪ تمام وڏي عمر جو ۽ معزز سردار عروه بن مسعود ثقفي اٿي بيٺو ۽ ان چيو تہ اي قريش! ڇا آءُ توهان جو پيءُ ناهيان؟ سيني چيو ڇو نہ پوءِ وري ان چيو تہ ڇا توهان ماڻهو منهنجا ٻار ٻچا ناهيو؟ سيني چيو ڇو نہ پوءِ وري

ان چيو منهنجي باري ۾ توهان ماڻهن کي ڪا بدگماني ته ناهي؟ سيني چيو نہ! هرگز نہ! ان کان پوءِ عروه بن مسعود چيو ته! محمّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تمام ئي سمجهداري ۽ پلائي جي ڳالهه پيش ڪئي آهي لهٰذا توهان مونکي اجازت ڏيو ته آءُ انهن سان ملي معاملات حل ڪري وٺان سيني اجازت ڏني ته ڏاڍو سٺو! توهان وجو عروه بن مسعود اتان کان هلي ڪري حديبيہ جي ميدان ۾ پهتا ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي مخاطب ٿيندي هي چيو ته بديل بن ورقاء جو زباني پيغام اسان کي مليو اي محمّد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) مونکي توهان کي هي چوڻو آهي ته جيڪڏهن توهان وڙهي ڪري قريش کي برباد ڪري دنيا مان تباه ۽ برباد ڪري ڇڏيو ته مونکي ٻڌايو ته ڇا توهان کان اڳ ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن عرب پنهنجي ئي قوم کي برباد ڪيو آهي؟ ۽ جيڪڏهن لڙائي ۾ قريش جو پاسو وزني ٿي پيو ته توهان سان گڏ جيڪي بہ هي لشڪر آهن آءُ انهن مان اهڙن چهرن کي ڏسي رهيو آهيان ته هي سڀ توهان کي تنها ڇڏي ڪري ڀڄي ويندا عروه بن مسعود جو اهو جملو ٻڌي ڪري حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ صبر نہ ڪري سگهيا انهن تڙپي ڪري چيو ته اي عروه! خاموش ٿي وڃ پنهنجي بت: "لات" جي شرمگاهه وجي چوس ڇا اسين الله پاڪ جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڇڏي ڪري ڀڄي ويندا سين عروه بن مسعود تعجب مان پڇيو ته هي ڪير آهي؟ ماڻهن ٻڌايو ته هي "ابو بڪر" آهي عروه بن مسعود چيو ته مونکي ان ذات جي قسم جنهن جي قبضي قدرت ۾ منهنجي جان آهي اي ابو بڪر! جيڪڏهن تنهنجو هڪ احسان

مون تي نہ هجي ها تہ جنهن جو بدلو آءُ اجان تائين توهان کي نہ ڏئي سگهيو آهيان تہ آءُ اڄ توکي هن تنهنجي سخت ڪلامي جو ضرور جواب ڏيان ها.[1]

عروه بن مسعود پنهنجو پاڻ کي سيني کان وڏو ماڻهو سمجهندو هو. تنهنڪري ان جڏهن بہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان ڪا بہ ڳالهہ ڪئي پئي تہ پنهنجو هٿ وڌائي ڪري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏاڑهي مبارڪ پڪڙي پئي ورتائين. ۽ بار بار حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مقدس ڏاڑهي تي هٿ پئي رکيائين. حضرت مغيره بن شعبہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جيڪي اُگهاڙي تلوار کڻي ڪري حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پويان بيٺا هئا اُهي عروه بن مسعود جي انهيءَ جراءت ۽ حرڪت کي برداشت نہ ڪري سگهيا. عروه بن مسعود جڏهن ڏاڑهي مبارڪ جي طرف هٿ وڌايو پئي تہ اُهي تلوار جو مٺيو هن جي هٿ تي هڻي ڪري ان کي چوندا هئا تہ ڏاڑهي مبارڪ کان پنهنجا هٿ پري ڪر. عروه بن مسعود پنهنجو مٿو کنيو ۽ پڇيو تہ هي ڪير آهي؟ ماڻهن چيو تہ هي مغيره بن شعبہ آهن ايتري ۾ عروه بن مسعود دڙڪو ڏئي ڪري چيو تہ اي دغاباز! ڇا آءُ تنهنجي عهد شڪني کي سنڀالڻ جي ڪوشش نہ ڪري رهيو آهيان. (حضرت مغيره بن شعبہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن ڪجهہ ماڻهن کي قتل ڪيو هو جن جو قصاص عروه بن مسعود پنهنجي طرفان ادا ڪيو هو هي انهيءَ طرف اشارو آهي[2]) ان ڪانپوءِ عروه بن مسعود صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي ڏسڻ لڳو ۽ سڄي لشڪر کي ڏسي وائسي ڪري اتان روانو ٿي ويو عروه بن مسعود جن

---

[1] مدارج النبوت قسم سوم باب ششم، ج 2 ص 204، 206 ملخصاً

[2] مدارج النبوت، قسم سوم، باب ششم، ج 2 ص206، 207 ملخصاً

حديبيه جي ميدان ۾ صحابه ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جي حيرت انگيز ۽ تعجب خيز عقيدت ۽ محبت جو جيڪو منظر ڏٺو هو ان انهيءَ جي دل تي ڏاڍو عجيب اثر ڪيو هو تنهنڪري هن قريش جي لشڪر ۾ پهچي ڪري پنهنجا تاثرات هن لفظن ۾ ادا ڪيا.

اي منهنجي قوم! خدا جو قسم محمّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن پنهنجو ڪانگهارو ٿڪين ٿا ته اهو ڪنهن نه ڪنهن صحابي سڳوري جي تري تي وڃي پوندو آهي ۽ اهو وڏي عقيدت سان پنهنجي چهري ۽ پنهنجي جسم تي مکي ڇڏيندو آهي جڏهن حضور ڪنهن ڳالهه جو انهن کي حڪم ڏين ٿا ته سڀ جا سڀ ان جي تعميل لاءِ دوڙي پوندا آهن ۽ جڏهن اهي وضو ڪن ٿا ته ان جا صحابه ان جي وضو جي پاڻي کي اهڙي طرح چنبڙن ٿا جڻ ته هاڻي انهن ۾ تلوارون هلي پونديون ۽ جڏهن اهي گفتگو ڪن ٿا ته تمام اصحاب خاموش ٿي وڃن ٿا ۽ ان جي ساٿين جي دلين ۾ ان جي ايڏي زبردست عظمت آهي جو ڪو به ماڻهو انهن جي طرف نظر ڪٽي ڏسي نٿو سگهي اي منهنجي قوم! خدا جو قسم! مون ته تمام وڏن وڏن بادشاهن جي دربار ڏٺي آهي. مان قيصر و ڪسريٰ ۽ نجاشي جي دربارن ۾ به حاضر ٿي چڪو آهيان پر خدا جو قسم! مون ڪنهن به بادشاهه جي دربارين کي پنهنجي بادشاهن جي ايڏي تعظيم ڪندي ڪو نه ڏٺو آهي جيتري تعظيم محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا ساٿي محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ڪن ٿا.[1]

عروه بن مسعود جي اها گفتگو ٻڌي ڪري قبيله بني ڪنانه جو هڪ ماڻهو جنهن جو نالو "حليس" هو، ان چيو ته توهان

---

[1] الكامل في التاريخ . ذكر عمرة الحديبية ج2 ص88

ماڻهو مونکي اجازت ڏيو تہ آءُ ان وٽ وڃان قريش وارن چيو تہ ضرور وڃو پوءِ هي شخص جڏهن بارگاهِ رسالت جي ويجهو پهتو تہ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صحابہ ڪرام کي ارشاد فرمايو تہ هي فلاڻو شخص آهي ان قوم سان تعلق رکي ٿو جيڪي قرباني جي جانورن جي تعظيم ڪندا آهن تنهنڪري توهان ماڻهو قرباني جي جانورن کي انهن جي سامهون بيهاري ڇڏيو سيئي ”لبيڪ“ پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيو. تہ ان شخص جڏهن قرباني جي جانورن کي ڏٺو ۽ احرام جي حالت ۾ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم کي لبيڪ پڙهندي ٻڌو تہ چيائون سبحان الله! ڀلا اهو ڪيئن مناسب آهي تہ هنن ماڻهن کي بيت الله کان روڪيو وڃي؟ اهو فورًا واپس اچي ڪفار وٽ پهتو ۽ چيائين تہ آءُ پنهنجي اکين سان ڏسي آيو آهيان تہ قرباني جا جانور انهن ماڻهن سان گڏ آهن ۽ اهي سڀ احرام جي حالت ۾ آهن. تنهنڪري آءُ ڪڏهن بہ اها صلاح نہ ڏيندس تہ انهن ماڻهن کي خانہ ڪعبہ کان روڪيو وڃي ان کانپوءِ هڪ ماڻهو ڪفار جي ئي لشڪر مان اُٿي بيٺو جنهن جو نالو مڪرز بن حفص هو. هن چيو تہ مونکي توهان اتي وڃڻ ڏيو قريش وارن چيو ”تون بہ وڃ“ جڏهن هي بارگاهِ رسالت جي ويجهو پهتو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ اهو مڪرز آهي اهو تمام بي حياء ماڻهو آهي هن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گفتگو شروع ڪئي اجان هن جي ڳالهہ پوري بہ نہ ٿي هئي تہ ايتري ۾ ”سهيل بن عمرو“ اچي ويو ان کي ڏسي ڪري رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سني طريقي طور فرمايو تہ سهيل اچي ويو! هاڻي توهان جو معاملو آسان ٿي ويو.[1]

---

[1] الكامل في التاريخ ذكر عمرة الحديبية ج 2 ص 88، 89

پوءِ سهيل ايندي ئي چيو تہ اچو اسان جي ۽ توهان جي وچ ۾ معاهدي جي هڪ دستاويز لکي وٺون. حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اهو منظور ڪري ورتو ۽ حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جن کي دستاويز لکڻ جي لاءِ طلب فرمايو. سهيل بن عمرو ۽ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وچ ۾ ڪافي دير تائين صلح جي شرطن تي گفتگو ٿيندي رهي نيٺ چند شرطن تي ٻنهي جو اتفاق ٿي ويو. حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کي ارشاد فرمايو تہ لکو بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم اتي سهيل چيو تہ اسان "رحمٰن" کي ڪو نہ ٿا سڃاڻون تہ اهو ڪير آهي؟ توهان "باسمک اللّٰهم" لکرايو جيڪو اسان ۽ توهان جو پراڻو دستور آهي مسلمانن چيو تہ اسين بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم کان سواءِ ڪو بہ ٻيو لفظ نہ لکنداسين، پر حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سهيل جي ڳالهہ مڃي ورتي ۽ فرمايو تہ ٺيڪ آ، اي علي! باسمک اللّٰهم ئي لکي ڇڏيو پوءِ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هيءَ عبارت لکرائي هذا ما قاضٰى عليه محمد رسول الله يعني هي اهي شرط آهن جن تي قريش سان محمّد رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صلح جو فيصلو فرمايو سهيل وري ڀڙڪي اٿيو ۽ چوڻ لڳو تہ خدا جو قسم! جيڪڏهن اسان ڄاڻي وٺون ها تہ توهان الله جا رسول آهيو تہ نہ اسان توهان کي بيت الله کان روڪيون ها ۽ نہ ئي توهان سان جنگ ڪريون ها پر توهان "محمّد بن عبد الله" لکرايو حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ خدا جو قسم! آءُ محمّد رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ آهيان ۽ محمّد بن عبد الله بہ آهيان. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ توهان منهنجي رسالت جو انڪار ڪريو ٿا اهو چئي ڪري رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت

علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي فرمايو تہ محمّد رسول الله کي مٿائي ڇڏيو ۽ ان جڳهہ تي محمّد بن عبد الله کي لکي ڇڏيو حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان وڌيڪ ڪير مسلمان پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانبردار ٿي سگهي ٿو؟ پر محبت جي عالم ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙو بہ مقام اچي ويندو آهي جو سچي محب کي بہ پنهنجي محبوب جي فرمانبرداري ۾ محبت جي ئي جذبي ۾ انڪار ڪرڻو پوندو آهي. حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن عرض ڪيو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي ڪهڙي مجال جو مان اوهان جو نالو ڌاهيان، حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو نيڪ آهي مونکي ڏيکاريو تہ منهنجو نالو ڪٿي آهي؟ حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن ان جڳهہ تي آڱر رکي ڇڏي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اتان کان رسول الله جو لفظ مٿائي ڇڏيو بهرحال صلح جي لکت مڪمل ٿي وئي. هن دستاويز ۾ هي بہ طئي ڪيو ويو تہ ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ ڏهہ سالن تائين لڙائي بلڪل بند رهندي صلح نامي جا باقي شرط ۽ ضابطا هي هئا.

(1) مسلمان هن سال بنا عمرو ادا ڪرڻ جي واپس هليا وڃن.

(2) آئندي سال عمري جي لاءِ اچن ۽ صرف ٽي ڏينهن مڪي ۾ ترسي پوءِ وري واپس هليا وڃن.

(3) تلوار کان سواءِ ٻيو ڪو بہ هٿيار ساڻ نہ ڪٽي اچن تلوار بہ مياڻ ۾ رکيل ۽ ٿيلهي وغيره ۾ بند هجي.

(4) مڪي ۾ جيڪي بہ مسلمان پهريان کان ئي مقيم آهن انهن مان ڪنهن کي بہ ساڻ نہ وٺي وڃن ۽ جيڪڏهن مسلمانن مان ڪير بہ مڪي ۾ رهڻ چاهي تہ ان کي نہ روڪين

(5) ڪافرن ۽ مسلمانن مان ڪو شخص جيڪڏهن مديني هليو ويو تہ ان کي واپس ڪيو وڃي پر جيڪڏهن ڪو مسلمان مديني کان مڪي هليو وڃي تہ ان کي واپس نہ ڪيو ويندو.

(6) عرب جي قبيلن کي اهو اختيار هوندو تہ ٻنهي ڌرين مان جنهن سان ٻہ چاهين ان سان دوستي جو معاهدو ڪن.

هي شرطون ظاهر آهي تہ مسلمانن جي خلاف ئي هيون ۽ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جن کي ان تي سخت ناراضگي ٿي رهي هئي پر اهي فرمانِ رسالت جي خلاف وڃڻ کان مجبور هئا.[1] (ابن هشام ج 3 ص 317 وغيره)

## حضرت ابو جندل جو معاملو

اهو عجيب اتفاق آهي جو معاهدو لکجي چڪو هو ليڪن اجا هن تي ٻنهي ڌرين جا دستخط نہ ٿيا هئا ايتري ۾ اوچتو انهيءَ ئي سهيل بن عمرو جا صاحبزادا حضرت ابو جندل رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جيڪي هٿ ڪڙين ۽ زنجيرن ۾ وکوڙيل هئا ڪرندي ٿاٻڙجندي حديبيہ ۾ مسلمانن وٽ اچي پهتا سهيل بن عمرو پنهنجي پٽ کي ڏسي ڪري چوڻ لڳو تہ اي محمّد! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن معاهدي جي دستاويز تي دستخط ڪرڻ جي لاءِ منهنجي پهرئين شرط اها آهي تہ توهان ابو جندل کي مون ڏانهن واپس موٽايو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو اجان تہ هن معاهدي تي صحيحون

---

[1] الكامل في التاريخ، ذكر عمرة الحديبية ج 2 ص 89، 90 و السيرة النبوية لابن هشام، امر الحديبية في آخر سنة .....الخ، ص 431 و السيرة الحلبية باب ذكر مغازيه، غزوة الحديبية ج 3 ص 29 و شرح الزرقاني علي المواهب، باب امر الحديبية ج 3 ص 198- 200، 208- 210

ٿيون ئي ناهن، اسان جي ۽ توهان جي صحيحن ٿيڻ کانپوءِ هي معاهدو نافذ ٿيندو، اهو ٻڌي ڪري سهيل بن عمرو چوڻ لڳو ته پوءِ هليا وڃو. مان توهان سان ڪا به صلح نه ڪندس. حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته ! اي سهيل! پوءِ تون پنهنجي طرفان اجازت ڏئي ڇڏ ته آئون ابو جندل کي پاڻ وٽ رهائي ڇڏيان، ان چيو ته آءُ هرگز ڪڏهن به ان جي اجازت نٿو ڏئي سگهان. حضرت ابو جندل رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن جڏهن اهو ڏٺو ته آءُ وري مڪي موڪليو پيو وڃان ته انهن مسلمانن وٽ فرياد ڪئي ۽ چيائون ته اي جماعت مسلمين! ڏسو مونکي ٻيهر مشرڪن ڏانهن موڪليو پيو وڃي، جڏهن ته آءُ مسلمان آهيان ۽ توهان مسلمانن وٽ اچي ويو آهيان ڪافرن جي مار جي ڪري انهن جي جسم تي جيڪي به ڏکن جا نشان هئا اهي سڀ نشان مسلمانن کي ڏيکاري انهن کي جوش ڏياريو.[1]

حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جڏهن حضرت ابو جندل رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي تقرير ٻڌي ته سندن تي ايماني جذبو سوار ٿي ويو ۽ عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ حضرت ابو جندل رَضِیَ اللهُ عَنْهُ تي ترس کائيندي دليري مان اٿيا ۽ بارگاهِ رسالت ۾ پهتا ۽ عرض ڪيائون ته ڇا اوهان سچ مچ الله پاڪ جا رسول نه آهيو؟ ارشاد فرمايائون ڇو نه؟ انهن چيو ته ڇا اسان حق تي ۽ اسان جا دشمن ناحق تي ناهن؟ ارشاد فرمايائون ڇو نه؟ وري انهن چيو ته پوءِ اسان کي اسان جي دين ۾ اهڙي ذلت ڇو پئي ڏني وڃي؟ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته اي عمر! مان الله پاڪ جو رسول آهيان مان ان جي نافرماني ناهيان

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، باب امر الحديبية، ج 3 ص 211 كان 213 و كتاب المغازي للواقدي، غزوة الحديبية ج 2 ص 208

ڪندو. ۽ اهوئي منهنجو مددگار آهي. پوءِ وري حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن عرض ڪيو ته يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڇا اوهان اسان سان واعدو نه ڪندا هيوءِ ته اسان عنقريب بيت الله ۾ اچي طواف ڪنداسين؟ ارشاد فرمايائون ڇا مون توهان کي اها خبر ڏني هئي ته اسان هن ئي سال بيت الله ۾ داخل ٿينداسين؟ انهن چيو نه پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو آءُ وري چوان ٿو ته توهان يقيناً ڪعبي ۾ پهچندؤ ۽ ان جو طواف به ڪندؤ .

دربارِ رسالت مان اٿي ڪري حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ وٽ آيا ۽ اهائي گفتگو ڪيائين جيڪا بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪئي هئائون پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن فرمايو ته اي عمر! اهي خدا پاڪ جا رسول آهن اهي جيڪو ڪجهه به ڪندا آهن الله تعاليٰ جي حڪم سان ئي ڪندا آهن اهي ڪڏهن به خدا جي نافرماني ناهن ڪندا ۽ خدا انهن جو مددگار آهي ۽ خدا جو قسم! يقيناً اهي حق تي آهن تنهنڪري تون انهن جو دامن پڪڙي رک[1]. (ابن هشام ج 3 ص 317)

حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي سڄي زندگي انهن ڳالهين جو صدمو ۽ سخت رنج ۽ افسوس رهيو جيڪي انهن جذبءِ بي اختياري ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي چئي ڏنيون هيون، سڄي زندگي اهي هنن ڳالهين کان توبه ۽ استغفار ڪندا رهيا ۽ ان جي ڪفاري لاءِ نمازون به پڙهيون روزا به رکيا ۽ خيراتون ڪيون ۽ غلام آزاد ڪيا. بخاري شريف ۾ جيتوڻيڪ انهن

[1] كتاب المغازي للواقدي، غزوة الحديبية ج 2 ص 608 و شرح الزرقاني علي المواهب، باب امر الحديبية ج 3 ص 217، 219

اعمالن جو تفصيلي تذڪرو نہ آهي مختصرًا ئي ذڪر آهي پر ٻين ڪتابن ۾ اهي ڳالهيون تمام تفصيل سان بيان ڪيون ويون آهن[1].

بهرحال هي وڏي سخت امتحان ۽ آزمائش جو وقت هو هڪ طرف حضرت ابو جندل رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ٻاڏائي ڪري مسلمانن وٽ فرياد ڪري رهيا هئا ۽ هر طرف مسلمان ايتري قدر جوش ۾ ڀريل هئا جو اگر مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ادب رڪاوٽ نہ هجي ها تہ مسلمانن جون تلوارون مياڻ مان ٻاهر نڪري اچن ها ٻي طرف معاهدي تي صحيحون ٿي چڪيون هيون ۽ پنهنجي عهد کي پوري ڪرڻ جي ذميداري سر تي اچي وئي هئي. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن موقع جي نزاڪت جو خيال فرمائيندي حضرت ابو جندل رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي فرمايو صبر ڪر عنقريب الله تعاليٰ تنهنجي لاءِ ۽ ٻين مظلومن جي لاءِ ضرور ڪو نہ ڪو رستو ڪڍندو اسين تہ صلح جو معاهدو ڪري چڪا آهيون هاڻي اسان هنن ماڻهن سان بدعهدي نٿا ڪري سگهون. اهڙيءَ ئي حالت ۾ حضرت ابو جندل رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي پيرن ۾ زنجيرون پيل ٻيهر مڪي واپس وڃڻو پيو[2].

جڏهن صلح نامو مڪمل ٿي ويو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صحابہ ڪرام کي حڪم ڏنو تہ اٿو ۽ قرباني ڪريو ۽ مٿو ڪوڙائي ۽ ٻڌل احرام کولي ڇڏيو. مسلمانن جي ناگواري ۽ انهن جي ڪاوڙ ۽ غضب جو هي عالم جو فرمانِ نبوي ٻڌي ڪري هڪ شخص ٻہ نہ اٿيو. پر ادب جي خيال کان ڪو ٻہ هڪ لفظ زبان مان ڪُڇي نہ سگهيو. رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب باب امرالحديبية ج 3 ص 213

[2] كتاب المغازي للواقدي، غزوة الحديبية ج 2 ص 220

حضرت بي بي اُمّ سلمه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا سان ان ڳالهه جو تذڪرو فرمايو ته انهن عرض ڪيو منهنجي صلاح اها آهي ته اوهان ڪنهن کي ڪجهه به نه چئو ۽ اوهان پاڻ پنهنجي قرباني ڪريو ۽ وار به ڪوڙايو. تنهنڪري پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ائين ئي ڪيو ته هر ڪوئي ائين ڪندو جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ائين ئي ڪيو ته صحابه ڪرام به پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي قرباني ڪندي ۽ احرام لاهيندي ڏسي ورتو پوءِ اهي سڀ مايوس ٿي ويا ته هاڻي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجو فيصلو هرگز تبديل نه ڪندا پوءِ سڀ ماڻهو قرباني ڪرڻ لڳا ۽ هڪ ٻئي جا وار ڪوڙڻ لڳا ايتري قدر رنج ۽ غم ۾ ڀريل هئا جو ائين معلوم پئي ٿيو ته هي هڪٻئي کي قتل ڪري وجهندا ان کانپوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي صحابه سان گڏ مدينه منوره ڏانهن روانه ٿي ويا.[1] (بخاري ج 2 ص 610 باب عمرة القضاء، مسلم جلد 2 ص 104 صلح حديبيه، بخاري ج 1 ص 380 باب شرط في الجهاد الخ)

## فتح مبين

هن صلح کي تمام صحابه ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جن هڪ جبري صلح نامو ۽ ذلت آميز معاهدو سمجهيو ۽ حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي هن کان جيڪو رنج ۽ صدمو پهتو اهو توهان پڙهي چڪا آهيو پر ان کانپوءِ هي آيت نازل ٿي.

اِنَّا فَتَحْنَا لَكَ فَتْحًا مُّبِيْنًا ۙ﴿۱﴾[2]

ترجمو ڪنز الايمان: اي حبيب! اسان توهان کي واضح فتح ڏئي ڇڏي.

---

[1] صحيح البخاري، كتاب الشروط، باب الشروط في الجهاد ...الخ الحديث 2731، 2732، ج 2، 227 مفصلاً

[2] پ 26، الفتح آيت: 1

خداوند قدوس هن فتح کي ”فتح مبين“ چيو حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڇا هي فتح آهي؟ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ”جي ها“ هي فتح آهي.

جيتوڻيڪ ان وقت هن صلح نامي جي باري ۾ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جن جا خيالات سنا نہ هئا پر هن کان بعد جي واقعن ٻڌائي ڇڏيو تہ درحقيقت هي صلح سيني فتوحات جي ڪنجي ثابت ٿي ۽ سيني مجي ورتو تہ واقعي صلح حديبيہ هڪ اهڙي فتح مبين هئي جيڪا مڪي ۾ اشاعت اسلام بلڪ فتح مڪہ جو ذريعو بڻجي وئي. هن وقت تائين ڪافرَ ۽ مسلمان هڪ ٻئي کان الڳ ٿلڳ رهندا هئا هڪ ٻئي سان ملڻ جلڻ جو موقعو ئي نہ ملندو هيو پر هن صلح جي ڪري هڪ ٻئي وٽ اچڻ وڃڻ ۽ آزادي سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ خيالن جي ڏي وٺ جو رستو کلي ويو. ڪافرَ مديني ايندا هئا ۽ مهينن جا مهينا ترسي ڪري مسلمانن جي ڪردار ۽ اعمال جو ڳهرو مطالعو ڪندا هئا. اسلامي مسائل ۽ اسلام جي خوبين جو تذڪرو ٻڌندا هئا ۽ جيڪي مسلمان مڪي ويندا هئا تہ اهي پنهنجي چال چلت، عفت شعاري ۽ عبادت گذاري سان ڪافرن جي دلين تي اسلام جي خوبين جو اهڙو تہ نقش ويهاري ڇڏيو جو ڪافرَ پاڻهي اسلام جي طرف مائل ٿيندا ويا تاريخ گواهہ آهي تہ صلح حديبيہ کان فتح مڪہ تائين ايترا تہ ڪثير تعداد ۾ مسلمان ٿيا جو ايترا ڪڏهن بہ نہ ٿيا هئا. جيئن حضرت خالد بن وليد (فاتح شام) ۽ حضرت عمرو بن العاص (فاتح مصر) بہ انهيءَ ئي زماني ۾ اهي مڪي کان مديني وڃي ڪري پاڻ ئي مسلمان ٿيا هئا. (رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا)

(سيرت ابن هشام ج 3 ص 277 و ص 278)

## مظلومينِ مڪ

هجرت ڪانپوءِ جيڪي ماڻهو مڪي ۾ مسلمان ٿيا هئا انهن ڪافرن جي هٿان وڏيون مصيبتون برداشت ڪيون انهن کي زنجيرن ۾ ٻڌي ٻڌي ڪري ڪفار ڪوڙا هڻندا هئا پر جڏهن به انهن ماڻهن مان ڪنهن کي موقعو ملندو هو ته لڪي لڪي مديني هليو ايندو هو صلح حديبيه اهو رستو بند ڪري ڇڏيو ڇو ته هن صلح نامي ۾ اها شرط به لکيل هئي ته مڪي کان جيڪو به شخص هجرت ڪري مديني ويندو ته اهو ٻيهر مڪي واپس ڪيو ويندو.

## حضرت ابو بصير جو ڪارنامو

صلح حديبيه کان فارغ ٿي ڪري جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مديني واپس تشريف وٺي آيا ۽ سڀ کان پهريائين جيڪو بزرگ مڪي کان هجرت ڪري مديني آيو هو اهو حضرت ابو بصير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هو مڪي جي ڪافرن فورًا ئي ٻه ماڻهو مديني موڪليا ته اسان کي اسان جو ماڻهو واپس ڪيو وڃي. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ابو بصير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي ارشاد فرمايو ”توهان مڪي هليا وڃو توهان ڄاڻو ٿا ته اسان قريش جي ڪافرن سان معاهدو ڪري ورتو آهي ۽ اسان جي دين ۾ واعدي خلافي ۽ غداري جائز ناهي“ حضرت ابو بصير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو ته يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڇا توهان مونکي ڪافرن جي حوالي ڪري ڇڏيندؤ. ته جيئن اهي مونکي ڪفر تي مجبور ڪن؟ حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته توهان وڃو خداوند ڪريم توهان جي رهائي جو ڪو نه ڪو سبب بڻائي ڇڏيندو آخر مجبور ٿي ڪري حضرت ابو بصير

رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ٻنهي ڪافرن جي حراست ۾ مڪي ڏانهن هليا ويا پر جڏهن مقام ”ذو الحليفه“ وٽ پهتا تہ سيئي ڪاڏو ڪائڻ جي لاءِ وينا ۽ ڳالهيون ڪرڻ لڳا. حضرت ابو بصير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن هڪ ڪافر کي چيو تہ:-

واهہ واهہ توهان جي تلوار تمام سني معلوم پئي ٿي. هن خوش ٿي ڪري مياڻ مان تلوار ڪڍي ڏيکاري ۽ چيائون تہ وڏي عمده تلوار آهي ۽ مون ڪيئي جنگين ۾ هن جو تجربو ڪيو آهي. حضرت ابو بصير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چيو تہ ٿورو منهنجي هٿ ۾ تہ ڏي مان بہ ڏسان تہ تلوار ڪيئن آهي؟ هن انهن جي هٿ ۾ تلوار ڏئي ڇڏي. ان تلوار هٿ ۾ ڪٽي ايتري زور سان ان کي هنئي جو ان ڪافر جي سسي وڍجي پري وڃي ڪري. ان جي ساٿي جڏهن اهو منظر ڏٺو تہ وٺي ڀڳو ڀڄندي ڀڄندي مديني پهتو ۽ مسجدِ نبوي ۾ گهڙي ويو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي ڏسندئي فرمايو تہ هي شخص خوفزده لڳي پيو. ان ڏڪندي ڏڪندي بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو تہ منهنجي ساٿي کي ابو بصير قتل ڪري ڇڏيو آهي ۽ هاڻي مان بہ ضرور ماريو ويندس ايتري ۾ حضرت ابو بصير بہ اگهاڙي تلوار لوڏيندو اچي پهتو ۽ عرض ڪيو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ اوهان جي ذميواري پوري فرمائي ڇڏي ڇو تہ صلح نامي جي شرط موجب اوهان تہ مونکي واپس ڪري ڇڏيو. هاڻي هيءَ الله پاڪ جي مهرباني آهي جو اُن مونکي هنن ڪافرن کان نجات ڏئي ڇڏي. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي هن واقعي کان وڏو رنج پهتو ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خفا ٿيندي فرمايو تہ

وَيْلُ اُمِّهٖ مِسْعَرُ حَرْبٍ لَوْ كَانَ لَهٗ اَحَدٌ

هن جي ماءُ مري! هي تہ جنگ ڪرائي وجهندو ڪاش جو هن سان گڏ ڪو ماڻهو هجي ها جيڪو هن کي روڪي ها. حضرت ابو بصير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ انهيءَ ئي جملي مان سمجهي ويا تہ آءُ ٻيهر ڪافرن ڏانهن موٽايو ويندس تنهنڪري اهي اتان کسڪي ويا ۽ ساحلِ سمنڊ جي ويجهو مقام "عيص" ۾ وڃي ترسيا هوڏانهن مڪي مان حضرت ابو جندل رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پنهنجون زنجيرون ٽوڙي ڀڳا ۽ اهي به اتي پهچي ويا. پوءِ مڪي جي ٻين مظلوم مسلمانن به موقعو وٺي ڪافرن جي قيد مان ڀڄي اچي هتي پناه وٺڻ شروع ڪئي. ايتري تائين جو هن جنگ ۾ ستر ماڻهن جي جماعت گڏ ٿي وئي. قريش جي ڪافرن جي تجارتي قافلن جو اهو ئي رستو هو. جيڪو به قافلو ايندي ويندي هتان کان گذرندو هو تہ هي ماڻهو ان کي ڦُريندا هئا ايتري تائين جو قريش جي ڪافرن جي نڪ ۾ دم ڪري ڇڏيو نيٺ قريش جي ڪافرن خدا ۽ رشتيداري جو واسطو ڏئي ڪري حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خط لکيو تہ اسان صلح نامي ۾ پنهنجن شرطن تان هٿ کنيوسين. اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن ماڻهن کي ساحلِ سمنڊ کان مديني گهرائي وٺو ۽ هاڻي اسان جي طرفان اجازت آهي تہ جيڪو به مسلمان مڪي مان ڀڄي ڪري مديني وڃي توهان ان کي مديني ۾ رهائي ڇڏيو اسان کي ان تي ڪو به اعتراض نہ ٿيندو[1]. (بخاري باب الشروط في الجهاد ج 1 ص 380)

اها به روايت آهي تہ قريش وارن خود ابو سفيان کي مديني موڪليو تہ اسان حديبيہ جي صلح نامي ۾ پنهنجي شرط تان هٿ

[1] صحيح البخاري كتاب الشروط، باب الشروط في الجهاد... الخ، الحديث: 2731، 2732 ج 2 ص 227 مفصلاً و السيرة النبوية لابن هشام، باب ماجري عليه امر قوم من.... الخ ص 434، 435

کنيوسون. تنهنڪري اوهان حضرت ابو بصير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي مديني ۾ سڏائي ونو ته جيئن اسان جا تجارتي قافلا انهن ماڻهن جي خون ريزي کان محفوظ ٿي وڃن. پوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت ابو بصير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ڏانهن خط موڪليو ته توهان پنهنجن ساٿين سان گڏ مقام "عيص" کان مديني هليا اچو پر افسوس! جو فرمانِ رسالت انهن وٽ اهڙي وقت پهتو جڏهن اهي نزع جي حالت ۾ هئا مقدس خط کي انهن پنهنجي هٿ ۾ کڻي مٿي ۽ اکين تي رکيو ۽ انهن جو روح پرواز ٿي ويو. حضرت ابو جندل رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي ساٿين سان ملي ڪري انهن جي ڪفن ۽ دفن جو بندوبست ڪيو ۽ انهن کي دفنائڻ کانپوءِ انهن جي قبر شريف وٽ يادگار طور هڪ مسجد ٺهرائي ڇڏي. پوءِ فرمانِ رسول جي مطابق اهي سڀ ماڻهو اتان کان اچي ڪري مديني ۾ آباد ٿي ويا[1]. (مدارج النبوة ج 2 ص 218)

## بادشاهن جي نالي دعوتِ اسلام

سن 6 هجري ۾ صلح حديبيه کانپوءِ جنگ ۽ جدال جو خطرو ٽري ويو ۽ هر طرف امن ۽ سڪون جي فضا ڦهلجي چڪي هئي جڏهن ته رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي نبوت ۽ رسالت جو دائرو صرف عرب جي علائقي تائين ئي محدود نه هو بلڪ حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تمام جهانن جي لاءِ نبي بڻائي ڪري موڪليا ويا تنهنڪري حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارادو فرمايو ته دين اسلام جو پيغام پوري دنيا ۾ پهچايو وڃي. تنهنڪري رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن روم جي بادشاهه "قيصر" مصر جي

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب ششم، ج 2، ص 218

بادشاهه ”عزيز“ ۽ ٻين عرب ۽ عجم جي بادشاهن جي نالي دعوت اسلام جا خط روانا فرمايا.

صحابه ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم مان ڪهڙا ڪهڙا حضرات اهي خط کڻي ڪهڙن ڪهڙن بادشاهن جي دربار ۾ ويا؟ ان جي فهرست ڪافي ڊگهي آهي پر هڪ ئي ڏينهن ۾ ڇهه 6 خط لکرائي پنهنجي مهر مبارڪ لڳائي 6 قاصدن کي جيڏانهن جيڏانهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن روانو فرمايو اهي هي آهن.

(1) حضرت دحيه ڪلبي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي هرقل قيصر روم جي دربار ۾.

(2) حضرت عبد الله بن حذافه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي خسرو پرويز شاهه ايران جي دربار ۾.

(3) حضرت حاطب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي مقوقس عزيز مصر جي دربار ۾.

(4) حضرت عمرو بن اميه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي نجاشي بادشاهه حبشه جي دربار ۾.

(5) حضرت سليط بن عمرو رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي هوذه بادشاهه يمامه جي دربار ۾

(6) حضرت شجاع بن وهب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي حارث غساني والي غسان جي دربار ۾.[1]

## خط مبارڪ ۽ قيصر

حضرت دحيه ڪلبي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن

[1] الكامل في التاريخ، ذكر مكاتبة رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الملوك، ج 2 ص 95

جو مبارڪ خط ڪٽي ”بصريٰ“ تشريف ڪٽي ويا ۽ اتي قيصر روم جي گورنر شام حارث غساني کي ڏنو ان هن خط مبارڪ کي ”بيت المقدس“ موڪلي ڇڏيو ڇو تہ ”قيصر روم“ هرقل انهن ڏينهن ۾ بيت المقدس جي دوري تي آيل هو. قيصر کي جڏهن هي مبارڪ خط مليو تہ هن حڪم ڏنو تہ قريشن جو ڪو بہ ماڻهو ملي تہ انکي منهنجي دربار ۾ حاضر ڪيو. قيصر جي حاڪمن جاچ شروع ڪئي تہ اتفاق سان ابو سفيان ۽ عرب جا ڪجهہ واپاري ملي ويا. انهن سيني کي قيصر جي دربار ۾ آندو ويو. قيصر وڏي شان ۽ شوڪت سان دربار منعقد ڪئي ۽ شاهي تاج پائي اچي تخت تي وينو ۽ تخت جي ارد گرد اراڪينِ سلطنت بطارقہ ۽ احبار ۽ رهبان وغيره صف بڌي بيهي رهيا. انهيءَ ئي حالت ۾ عرب جي تاجرن جو ٽولو دربار ۾ حاضر ڪيو ويو ۽ شاهي محل جا تمام دروازا بند ڪيا ويا. پوءِ قيصر ترجمان کي گهرايو ۽ ان جي ذريعي گفتگو شروع ڪئي. سڀ کان پهريان قيصر هي سوال ڪيو تہ عرب ۾ جنهن شخص نبوت جي دعويٰ ڪئي آهي توهان سيني مان ان جو قريبي رشتيدار ڪير آهي؟ ابو سفيان چيو تہ ”آءُ“ قيصر ان کي سيني جي اڳيان ڪيو ۽ ٻين کي ان جي پويان بيهاري ڇڏيو ۽ چيائين تہ جيڪڏهن ابو سفيان ڪا بہ ڳالهہ غلط ڪري تہ توهان هن جو ڪوڙ ظاهر ڪري ڇڏجو. پوءِ قيصر ۽ ابو سفيان جي وچ ۾ جيڪو مڪالمو ٿيو اهو هن ريت آهي

**قيصر**:- مدعي نبوت جو خاندان ڪيئن آهي؟

**ابو سفيان**: ان جو خاندان نهايت شريف آهي.

**قيصر:** ڇا ان جي خاندان وارن مان پهرئين بہ ڪنهن نبوت جي دعويٰ ڪئي هئي؟

**ابو سفيان:-** نہ

**قيصر:-** ڇا ان جي ابن ڏاڏن مان ڪو بہ بادشاهہ هو؟

**ابو سفيان:-** " نہ."

**قيصر:-** جن ماڻهن انهن جو دين قبول ڪيو آهي اهي ڪمزور آهن يا صاحبِ اثر؟

**ابو سفيان:-** ڪمزور ماڻهو آهن.

**قيصر:-** ان جي تابعداري ڪرڻ وارا وڌي رهيا آهن يا گهٽجي رهيا آهن؟

**ابو سفيان:-** وڌندائي وڃن پيا.

**قيصر:-** ڇا ڪو ان جي دين ۾ داخل ٿيڻ ڪانپوءِ ان کي ناپسند ڪري واپس موٽي وڃي ٿو يا نہ؟

**ابو سفيان:-** نہ.

**قيصر:-** ڇا نبوت جي دعويٰ ڪرڻ کان پهريائين توهان ان کي ڪوڙو سمجهندا هيؤ؟

**ابو سفيان:-** " نہ".

**قيصر:-** ڇا اهي ڪڏهن عهد شڪني ۽ واعدي خلافي بہ ڪندا آهن؟

**ابو سفيان:-** اڄان تہ نہ ڪئي اٿن پر هاڻي اسان ۽ هن جي وچ ۾ حديبيہ ۾ جيڪو هڪ معاهدو ٿيو آهي خبر ناهي ان ۾ هو ڇا ڪندا!

**قيصر:-** ڇا توهان ڪڏهن ان سان جنگ بہ ڪئي آهي؟
ابو سفيان:- جي ها.

**قيصر:-** جنگ جو نتيجو ڇا نڪتو؟
**ابو سفيان:-** ڪڏهن اسان کٽيو تہ ڪڏهن انهن کٽيو.
**قيصر:-** هو توهان کي ڪهڙين ڪهڙين ڳالهين جو حڪم ڏيندا آهن؟

**ابو سفيان:-** هو چوندا آهن تہ صرف هڪ الله جي عبادت ڪريو ۽ ڪنهن بہ ٻئي کي خدا جو شريڪ نہ بڻايو. بتن کي ڇڏي ڏيو. نماز پڙهو. سچ ڳالهايو. پاڪدامني اختيار ڪريو، رشتيدارن سان سٺو سلوڪ ڪريو[1].

انهن سوالن ۽ جوابن کانپوءِ قيصر چيو تہ تو ان کي خانداني شريف ٻڌايو تہ ان جو خاندان شريف آهي ۽ سيني پيغمبرن جو اهو ئي حال هوندو آهي هميشہ پيغمبر سٺي خاندان ۾ ئي پيدا ٿيندا آهن. تو چيو تہ ان جي خاندان ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن ٻي نبوت جي دعويٰ نہ ڪئي آهي. جيڪڏهن ائين هجي ها تہ آءُ چئي ڇڏيان ها تہ اهو ماڻهو ٻين جي طريقي تي پيو هلي تو اقرار ڪيو آهي تہ ان جي خاندان مان ڪڏهن بہ ڪير بادشاهہ نہ ٿيو آهي جيڪڏهن اها ڳالهہ هجي ها تہ مان سمجهان ها تہ هي شخص پنهنجي ابن ڏاڏن جي بادشاهي جو طلبگار آهي. تون مڃين ٿو تہ نبوت جي دعويٰ ڪرڻ کان اڳ هن ڪڏهن بہ ڪو ڪوڙ نہ ڳالهايو تہ جيڪو ماڻهن سان ڪوڙ نٿو ڳالهائي تہ ڀلا اهو خدا تي ڪيئن ڪوڙ

---

[1] صحيح البخاري، كتاب بدء الوحي، باب 6 الحديث 7 ج 1 ص 10 كان 12

هٽندو؟ تون چوين ٿو تہ ڪمزور ماڻهن ان جي دين کي قبول ڪيو آهي. پوءِ ٻڌي ڇڏ! هميشہ شروعات ۾ پيغمبرن جي پيروي مفلس ۽ ڪمزور ماڻهو ئي ڪندا رهيا آهن. تو اهو تسليم ڪيو آهي تہ ان جا پيروڪار وڌندائي رهن ٿا تہ ايمان جو معاملو هميشہ ائين ئي رهيو آهي تہ ان جي مجيندڙن جي تعداد هميشہ وڌندي ئي رهي آهي. تو اها ڳالهہ بہ تسلي ڪئي آهي تہ ڪو بہ ان جي دين کان ڦري ڪري مرتد نہ پيو ٿئي تہ پوءِ تو کي معلوم هئڻ گهرجي تہ ايمان جي شان اهڙي ئي هوندي آهي تہ جڏهن ان جي لذت ان جي دل ۾ گهر ڪري ويندي آهي تہ پوءِ اها ڪڏهن بہ نڪري نٿي سگهي. تو هن ڳالهہ جو بہ اعتراف ڪيو آهي تہ هنن ڪڏهن بہ ڪا غداري ۽ بدعهدي نہ ڪئي آهي تہ رسولن جو اهو ئي شان هوندو آهي تہ اهي ڪڏهن بہ ڪنهن سان غداري يا فريب جو ڪم ڪندا ئي ناهن. تو مونکي ٻڌايو تہ هو هڪ خدا جي عبادت، شرڪ کان پرهيز، بت پرستي کان منع، پاڪدامني ۽ صلهءِ رحمي جو حڪم ڏيندو آهي تہ ٻڌي ڇڏ تہ تو جيڪو بہ چيو آهي جيڪڏهن اهو صحيح آهي تہ اهي عنقريب ان جڳهہ جا مالڪ ٿي ويندا جتي هن وقت منهنجا قدم آهن ۽ آءُ ڄاڻان ٿو تہ هڪ رسول جو ظهور ٿيڻ وارو آهي. پر منهنجو اهو گمان بہ نہ هو تہ اهو رسول توهان عربن مان ٿيندو. جيڪڏهن مان اهو ڄاڻي وٺان ها تہ آءُ انهن جي بارگاهہ ۾ پهچي سگهندس تہ مان ضرور تڪليف برداشت ڪري بہ ان جي بارگاهہ ۾ پهچان ها جيڪڏهن آءُ انهن وٽ هجان ها تہ آءُ انهن جا پير ڌوئان ها. قيصر پنهنجي تقرير کانپوءِ حڪم ڏنو تہ هاڻي مونکي رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو خط پڙهي ٻڌايو خط مبارڪ جي عبارت هي هئي.

بسم الله الرحمٰن الرحيم من محمد عبد الله ورسوله الى هرقل عظيم الروم سلام علىٰ من اتبع الهدى اما بعد فانى ادعوک بدعاية الاسلام اسلم تسلم يوتک الله اجرک مرتين فان توليت فان عليک اثم الاريسين يا اهل الكتاب تعالوا الى كلمة سواء بيننا و بينكم ان لا نعبد الا الله ولا نشرک به شيأ ولا يتخذ بعضنا بعضا اربابا من دون الله فان تولوا فقولوا اشهدوا بانا مسلمون [1]

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ رحم وارو آهي الله جي ٻانهي ۽ رسول محمّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرف ڪان هي خط ”هرقل“ جي نالي آهي جيڪو روم جو بادشاهه آهي ان شخص تي سلامتي جيڪو هدايت جي پيروي ڪري. ان ڪانپوءِ آءُ تو کي اسلام جي دعوت ڏيان ٿو. تون مسلمان ٿي وڃ تون سلامت رهندين خدا تو کي ٻيڻو ثواب عطا ڪندو ۽ جيڪڏهن تو منهن ڦيريو ته تنهنجي رعايا جو گناهه توتي ئي هوندو. اي اهل ڪتاب! هڪ اهڙي ڳالهه ڏانهن اچو جيڪا توهان ۽ اسان جي وچ ۾ برابر آهي ۽ اُها هيءَ آهي ته اسان خدا کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي عبادت نه ڪريون ۽ اسان مان ڪجهه ماڻهو ڪجهه ٻين ماڻهن کي خدا نه بڻائن ۽ جيڪڏهن تون نه ٿو مڃين ته گواهه رهجان ته اسين مسلمان آهيون.

قيصر جيڪا ابو سفيان سان گفتگو ڪئي انهيءَ سان ان جا

---

[1] صحيح البخاري، كتاب بدء الوحي، باب 6 الحديث 7 ج 1 ص 11-12 ملخصًا

درٻاري اڳ ۾ ئي انتهائي برهم ۽ بيزار ٿي چڪا هئا. مٿان هي خط ٻڌائون وري جو قيصر انهن کي چيو ته اي جماعت روم! جيڪڏهن توهان پنهنجي فلاح ۽ بادشاهي جي بقا چاهيو ٿا ته توهان ان نبي جي بيعت ڪري وٺو ته درٻارين ۾ ايتري قدر ناراضگي ۽ بيزاري ڦهلجي وئي جو اهي ماڻهو جهنگلي گڏهن وانگر ٽپا ڏيندا درٻار مان دروازن ڏانهن ڊوڙڻ لڳا پر جڏهن ته بادشاهه پهريان ئي سيئي دروازا بند ڪرائي ڇڏيا هئا تنهنڪري اهي ماڻهو ٻاهر نه نڪري سگهيا. جڏهن قيصر پنهنجن درٻارين جو اهو منظر ڏٺو ته هو هنن جي ايمان آڻڻ کان مايوس ٿي ويو. ۽ هن چيو ته انهن درٻارين کي سڏ ڪريو. جڏهن سڀ اچي ويا ته قيصر چيو هاڻي هاڻي مون توهان جي سامهون جيڪي ڪجهه چيو ان مان منهنجو مقصد توهان جي دين جي پختگي جو امتحان وٺڻ هو ته مون ڏٺو توهان پنهنجي دين ۾ تمام گهڻا پختا آهيو. اهو ٻڌي ڪري تمام درٻاري قيصر جي سامهون سجدي ۾ ڪري پيا ۽ ابو سفيان وغيره درٻار مان ڪڍيا ويا ۽ درٻار ختم ٿي وئي. وڃڻ وقت ابو سفيان ساٿين کي چيو هاڻي يقيناً ابو ڪبشه جي پُٽ (محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جو معاملو وڏي ويو ڏسي وٺو! رومين جو بادشاهه انهن کان ڊڄي رهيو آهي[1].
(بخاري باب كيف كان بدء الوحي ج 1 ص 4 كان 5 و مسلم ج 2 ص 97 كان 99، مدارج ج 2 ص 221 وغيره)

جئين ته قيصر تورات ۽ انجيل جو ماهر ۽ علمِ نجوم کان واقف هو تنهنڪري اهو نبي آخر الزمان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ظهور کان باخبر هو ۽ ابو سفيان جي زباني حالات ٻڌي ڪري ان

[1] صحيح البخاري كتاب بدء الوحي، باب 6 الحديث 7 ج 1 ص 11كان 12 ملخصاً

جي دل ۾ هدايت جو چراغ روشن ٿي ويو هو. پر سلطنت جي حرص ۽ هوس جي تيز هوائن هن چراغِ هدايت کي وسائي ڇڏيو ۽ اهو اسلام جي دولت کان محروم رهجي ويو.

## خسرو پرويز جي بددماغي

تقريباً اهڙي ئي مضمون جا خط ٻين بادشاهن ڏانهن به حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن روانه ڪيا شهنشاهِ ايران خسرو پرويز جي دربار ۾ جڏهن خط مبارڪ پهتو ته صرف ايتري ئي ڳالهه تي ان جو غرور ۽ گهمنڊ مٿي چڙهي ويو جو ان چيو ته هن خط ۾ محمّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجو نالو منهنجي نالي کان اڳ ۾ ڇو لکيو؟ اهو چئي ڪري ان بدنصيب فرمانِ رسالت کي ڦاڙي ڇڏيو ۽ پرزا پرزا ڪري زمين تي اڇلائي ڇڏيو جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اها خبر پئي ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو مَزَّقَ كِتَابِيْ مَزَّقَ اللّٰهُ مُلْكَه يعني انهيءَ منهنجي خط کي ٽڪڙا ٽڪڙا ڪيو آهي الله تعالىٰ هن جي سلطنت کي ٽڪڙا ٽڪڙا ڪري، حقيقت ۾ ائين ئي ٿيو جيئن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو هو، خسرو پرويز کي ان جي پٽ ”شيرويه“ رات جو ننڊ ۾ پيٽ ڦاڙي ڪيس قتل ڪري ڇڏيو ۽ ان جي بادشاهي ٽڪڙا ٽڪڙا ٿي وئي. ايتري تائين جو حضرت امير المومنين عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي دورِ خلافت ۾ هن حڪومت جو ذرتي تان نالو نشان ئي مٽجي ويو.[1] (مدارج النبوة ج 2 ص 225 وغيره و بخاري ج 1 ص 411)

---

[1] مدارج النبوت، قسم سوم باب ششم، ج 2 ص 224

## بادشاه نجاشي جو ڪردار

نجاشي بادشاهه حبشه وٽ جڏهن فرمانِ رسالت پهتو تہ ان ڪا بہ بي ادبي نہ ڪئي. هن معاملي ۾ مورخن جو اختلاف آهي تہ ان نجاشي اسلام قبول ڪيو يا ڪو نہ ڪيو؟ پر مواهبِ لدنيہ ۾ لکيل آهي تہ اهو نجاشي جنهن وٽ اعلانِ نبوت جي پنجين سال مسلمان مڪي کان هجرت ڪري ويا هئا ۽ سن 6 هجري ۾ جنهن نجاشي ڏانهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خط موڪليو ۽ سن 9 هجري ۾ جنهن جو انتقال ٿيو ۽ مديني ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنهن جي غائبانہ نماز جنازه پڙهائي ان جو نالو "اصمحہ" هو ۽ اهي بيشڪ مسلمان ٿي ويا هئا. پر ان ڪانپوءِ جيڪو نجاشي تخت تي وينو ان وٽ بہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اسلام جو دعوت نامو موڪليو هو پر ان جي باري ۾ ڪجهہ معلوم نہ ٿو ٿئي تہ ان نجاشي جو نالو ڇا هو؟ ۽ ان اسلام قبول ڪيو يا نہ؟ مشهور آهي تہ اهي ٻئي مقدس خط اجان تائين حبشہ جي بادشاهن وٽ موجود آهن ۽ اهي ماڻهو انهن جو بيحد ادب ۽ احترام ڪندا آهن. والله تعالىٰ علم [1] (مدارج النبوة ج 2 ص 220)

## بادشاهِ مصر جو رويو

حضرت حاطب بن ابي بَلْتَعه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن "مقوقس" مصر ۽ اسڪندريہ جي بادشاهہ ڏانهن قاصد بڻائي موڪليو. هي نهايت ئي اخلاق سان مليو ۽ فرمانِ نبوي کي تمام گهڻي تعظيم ۽ تڪريم سان پڙهيو. پر مسلمان نہ ٿيو. ها حضور

---

[1] مدارج النبوت، قسم سوم باب ششم، ج 2 ص 220 ملتقطاً

اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت بابرڪت ۾ ڪجهه شيون تحفي طور موڪليون ۽ ٻه ٻانهيون هڪ حضرت ”ماريه قبطيه“ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا هيون جيڪي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زوجيت ۾ داخل ٿيون ۽ انهن جي شڪم مبارڪ مان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا فرزند حضرت ابراهيم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پيدا ٿيا. ٻي حضرت ”سيرين“ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا هيون جنهن کي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت حسان بن ثابت رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي عطا فرمائي ڇڏيو ان جي مبارڪ شڪم مان حضرت حسان بن ثابت رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جا صاحبزاده حضرت عبد الرحمٰن رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پيدا ٿيا. انهن ٻنهي کان علاوه هڪ اُچو گڏهه جنهن جو نالو ”يعفور“ هو ۽ هڪ سفيد خچر جيڪو ڏُلدل چورائيندو هو، هڪ هزار مثقال سون ۽ هڪ غلام ڪجهه ماکي ڪجهه ڪپڙا به هئا[1]. (مدارج النبوت ج 2 ص 299)

## بادشاهه يمامه جو جواب

حضرت سليط رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جڏهن ”هوذه“ بادشاهه يمامه وٽ مبارڪ خط کڻي پهتو ته ان به قاصد جو احترام ڪيو پر اسلام قبول نه ڪيائين ۽ جواب ۾ هي لکيائون ته توهان جيڪي ڳالهيون چئو ٿا اهي ڏاڍيون سٺيون آهن. جيڪڏهن توهان پنهنجي حڪومت مان ڪجهه حصو مونکي به ڏيو ته پوءِ آءُ توهان جي پيروي ڪندس. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان جو خط پڙهي ڪري فرمايو ته اسلام ملڪ گيري جي هوس جي لاءِ نه آيو آهي جيڪڏهن زمين جو هڪ ٽڪرو به هجي ته مان نه ڏيندس[2]. (مدارج النبوة ج 2 ص 229)

---

[1] مدارج النبوة قسم سوم باب ششم ج 2 ص 226

[2] مدارج النبوت، قسم سوم، باب ششم ج 2، ص 228

## حارث غساني جو گهمنڊ

حضرت شجاع رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جڏهن حارث غساني غسان جي والي (گورنر) جي سامهون خط مبارڪ پيش ڪيو تہ اهو مغرور خط کي پڙهي ڪري تپي باهہ ٿي ويو ۽ پنهنجي فوج کي تياري جو حڪم ڏئي ڇڏيو. تنهنڪري مديني جا مسلمان هر وقت ان جي حملي جا منتظر رهڻ لڳا ۽ نيٺ "غزوه موتہ" ۽ "غزوه تبوڪ" جا واقعا درپيش آيا جنهن جو مفصل تذڪرو اڳتي تحرير ڪنداسين.

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن بادشاهن کان علاوه ٻين بہ ڪيترن ئي سلطانن ۽ بادشاهن ڏانهن دعوتِ اسلام جا خط روانا ڪيا جن مان ڪن اسلام قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ ڪجهہ خوشنصيبن اسلام قبول ڪري حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ نياز مندين سان پريل خط بہ موڪليا. مثلاً يمن جي شاهانِ حمير مان جن جن بادشاهن مسلمان ٿي ڪري بارگاهِ نبوت ۾ گذارشون موڪليون جيڪي غزوه تبوڪ کان واپسي تي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ پهتيون انهن بادشاهن جا نالا هي آهن.

(1) حارث بن عبد ڪلال (2) نعيم بن عبد ڪلال (3) نعمان حاڪم ذورعين ۽ معافر ۽ همدان (4) زرعہ . هي سڀ يمن جا بادشاهہ آهن.

انهن کان علاوه "فروه بن عمرو" جيڪو سلطنتِ روم جي طرفان گورنر هو پنهنجي اسلام آڻڻ جي خبر قاصد جي ذريعي بارگاهِ رسالت ۾ موڪلي. اهڙي طرح "باذان" جيڪو بادشاهہ ايران ڪسريٰ جي طرف کان صوبي يمن جو صوبيدار هو. پنهنجن ٻن

پٽن سميت مسلمان ٿيو ۽ هڪ گزارش لکي ان جي ذريعي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي پنهنجي اسلام آڻڻ جي خبر ڏنائين[1]. ان سڀ جو تفصيلي تذڪرو "سيرت ابن هشام ۽ زرقاني ۽ مدارج النبوة" وغيره ۾ موجود آهي. اسان پنهنجي هن مختصر ڪتاب ۾ ان جو مفصل بيان تحرير ڪرڻ کان معذرت خواهه آهيون.

## سريءِ نجد

سن 6 هجري ۾ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت محمد بن مسلمه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي ماتحتي ۾ هڪ لشڪر نجد ڏانهن روانو فرمايو انهن ماڻهن بني حنيفه جي سردار ثمامه بن اُثال کي گرفتار ڪري ورتو ۽ مديني وٺي آيا. جڏهن ماڻهن ان کي بارگاهِ رسالت ۾ پيش ڪيو تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حڪم ڏنو تہ هن کي مسجد نبوي جي هڪ ٿنيي سان ٻڌو وڃي پوءِ هن کي ٿنيي ۾ ٻڌو ويو. پوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هن وٽ تشريف ڪٽي ويا ۽ دريافت فرمايائون اي ثمامه! تنهنجو ڪهڙو حال آهي؟ ۽ تون پنهنجي باري ۾ ڪهڙو گمان رکين ٿو؟ ثمامه جواب ڏنو تہ اي محمد! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) منهنجو حال ۽ خيال تہ سنوئي آهي جيڪڏهن توهان مونکي قتل ڪندؤ تہ هڪ خوني ماڻهو کي قتل ڪندؤ ۽ جيڪڏهن مونکي پنهنجي انعام سان نوازي ڪري ڇڏي ڏيندؤ تہ هڪ شڪر گذار شخص ڇڏي ڏيندؤ ۽ جيڪڏهن توهان مون کان ڪجهه مال جا طلبگار آهيو تہ ٻڌائي ڇڏيو توهان کي مال ڏنو ويندو. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اها

---

[1] الكامل في التاريخ، ذكر مكاتبة رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الملوك ج 2 ص 96)

گفتگو ڪري واپس هليا آيا. ٻي ڏينهن ٻه اهي ئي سوال ۽ جواب ٿيا. وري ٽئين ڏينهن ٻه ايئن ئي ٿيو. ان ڪانپوءِ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صحابه ڪرام کي ارشاد فرمايو ته ٿمامه کي ڇڏي ڏيو. تنهنڪري ماڻهن ان کي ڇڏي ڏنو. ٿمامه مسجد مان نڪري هڪ ڪجين جي باغ ۾ هليا ويا جيڪو مسجد نبوي جي ويجهوئي هو. اتي انهن غسل ڪيو. پوءِ مسجد نبوي ۾ واپس آيا ۽ ڪلمءِ شهادت پڙهي مسلمان ٿي ويا ۽ چوڻ لڳا ته خدا جو قسم! مونکي جيتري قدر توهان جي چهري کان نفرت هئي ايتري پوري زمين تي ڪنهن جي ٻه چهري کان نفرت نه هئي پر هاڻي توهان جي چهري سان ايتري قدر محبت ٿي وئي آهي جو ايتري محبت ڪنهن جي ٻه چهري سان نه آهي. ڪو ٻه دين منهنجي نظر ۾ ايترو ناپسند نه هو جيترو توهان جو دين مونکي ناپسند هيو. پر هاڻي منهنجي نظر ۾ ڪو ٻه دين اهڙو محبوب ناهي جهڙو توهان جو دين مونکي محبوب آهي. ڪو ٻه شهر منهنجي نظر ۾ ايترو برو نه هيو جيترو توهان جو شهر پر هاڻي منهنجو اهو حال ٿي ويو آهي جو توهان جي شهر کان وڌيڪ ڪو ٻه شهر مونکي محبوب ناهي. يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آئون عمرو ادا ڪرڻ جي نيت سان مڪي وڃي رهيو هيس ته توهان جي لشڪر مونکي گرفتار ڪري ورتو هاڻي توهان منهنجي لاءِ ڪهڙو حڪم فرمايو ٿا؟ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي جي خوشخبري ٻڌائي ۽ پوءِ وري حڪم ڏنائون ته توهان مڪي وڃي عمرو ادا ڪريو!

جڏهن هي مڪي پهتا ۽ طواف ڪرڻ لڳا ته قريش جي ڪنهن ڪافر هن کي ڏسي ڪري چيو اي ٿمامه هاڻي تون بي دين ٿي

ويو آهين پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن نهايت جرتمنداڻو جواب ڏنو تہ آئون بي دين نہ بلڪ مسلمان ٿي ويو آهيان. ۽ اي مڪي وارؤ! ٻڌي ڇڏيو! هاڻي جيستائين رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اجازت نہ ڏيندا تيستائين توهان کي اسان جي وطن مان ڪٽڪ جو هڪ داڻو بہ نہ ملي سگهندو مڪي وارن جي لاءِ هن جي وطن "يمامہ" ئي کان اناج ايندو هو[1]. (بخاري ج 2 ص 627 باب و فد بني حنفيہ و حديث ثمامہ و مسلم ج 2 ص 93 باب ربط الاسير و مدارج، ج 2 ص 189)

## ابو رافع قتل ڪيو ويو

سن 6 هجري جي واقعن مان ابو رافع يهودي جو قتل بہ آهي ابو رافع يهودي جو نالو عبد الله بن ابي الحقيق يا سلام بن الحقيق هو هي تمام گهڻو دولت مند تاجر هو پر اسلام جو تمام گهڻو دشمن ۽ بارگاهِ نبوت جي شان ۾ نهايت ئي بدترين گستاخ ۽ بي ادب بہ هو. هي اهو ئي شخص آهي جيڪو حيي بن اخطب يهودي سان گڏ مڪي ويو ۽ ڪفار قريش ۽ ٻين قبيلن کي جوش ڏياري غزوه خندق ۾ مديني تي حملي ڪرڻ جي لاءِ ويهہ هزار جي فوج وٺي آيو هو ۽ ابو سفيان کي اُڀاري هن ئي ان فوج جو سپهہ سالار بڻايو هو. حيي بن اخطب تہ خندق جي جنگ کانپوءِ غزوه ئي بني قريظه ۾ ماريو ويو هو پر هي بچي نڪتو هو ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ايذا رساني ۽ اسلام کي نقصان پهچائڻ ۾ تن، من، ڌن سان لڳل هو. انصار جي ٻنهي قبيلن اوس ۽ خزرج ۾ هميشہ مقابلو رهندو هو ۽ ٻئي اڪثر رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون نيڪين ۾ هڪ ٻئي کان وڌي

[1] صحيح مسلم، كتاب الجهاد والسير، باب ربط الاسير .....الخ، الحديث: 1764 ص 970 ومدارج النبوة، قسم سوم، باب ششم، ج 2 ص 189

وڃڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا هئا جيئن تہ قبيلہ اوس جي ماڻهن حضرت محمد بن مسلمہ وغيره سن 3 هجري ۾ وڏي خطري ۾ پئجي ڪري هڪ دشمن رسول "ڪعب بن اشرف" يهودي کي قتل ڪيو هو. ان لاءِ قبيلہ خزرج جي ماڻهن مشورو ڪيو تہ هاڻي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو سڀ کان وڏو دشمن "ابو رافع" بچي ويو آهي تنهنڪري هاڻي اسان کي گهرجي تہ هن کي قتل ڪري ڇڏيون اهڙي طرح اسين بہ قبيلي اوس وانگر هڪ دشمن رسول کي قتل ڪرڻ جو اجر ۽ ثواب حاصل ڪري وٺون. پوءِ حضرت عبد الله بن عتيق، عبد الله بن انيس، ابو قتاده، حارث بن ربعي، مسعود بن سبان ۽ خزامي بن اسود رَضِیَ اللهُ عَنْهُم انهي جي لاءِ آماده ۽ تيار ٿي ويا، انهن ماڻهن جي درخواست تي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بہ اجازت عطا ڪري ڇڏي ۽ حضرت عبد الله بن عتيق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي هن جماعت جو امير مقرر ڪيو ويو ۽ کين منع ڪيو تہ ٻارن ۽ عورتن کي قتل نہ ڪيو وڃي[1].

(زرقاني علي المواهب ج 2 ص 163)

حضرت عبدالله بن عتيق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ابو رافع جي محل وٽ پهتا ۽ پنهنجي ساٿين کي حڪم ڏنائين تہ توهان هتي ويهي منهنجي آمد جو انتظار ڪندا رهو ۽ خود انتهائي خفيہ تدبيرُن سان هن جي محل ۾ داخل ٿي ويا ۽ ان جي بستري تي پهچي ڪري انڌيري ۾ ان کي قتل ڪري ڇڏيو. جڏهن محل مان نڪرڻ لڳا تہ ڏاڪڻ تان ڪري پيا جنهن سان انهن جي پير جي هڏي ڀڄي پئي پر انهن جلدئي پنهنجي پٽڪي سان پنهنجي ڀڳل پير جي هڏي کي

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب قتل ابي رافع ج 3 ص 141-143 ملخصاً

ٻڌو ۽ ڪنهن بہ طرح محل کان ٻاهر اچي ويا. پوءِ پنهنجن ساٿين جي مدد سان مديني پهتا. جڏهن دربارِ رسالت ۾ حاضر ٿي ڪري ابو رافع جي قتل جو سڄو ماجرو بيان ڪيو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ ”پير ڊگهيڙ“ انهن پير وڌايو تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجو هٿ مبارڪ ان جي پير تي ڦيريائون تہ فورًا ئي ڀڳل هڏي ٺيڪ ٿي وئي ۽ ان جو پير بلڪل صحيح ۽ سالم ٿي ويو[1]. (بخاري ج 1 ص 224 باب قتل النائم المشرک)

## سن 6 هجري جون ڪجهہ لڙايون

سن 6 هجري ۾ حديبيہ کان پهريان ڪجهہ ننڍن ننڍن لشڪرن کي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مختلف ڳوٺن ۾ روانو ڪيو تہ جيئن اهي ڪافرن جي حملن جي روڪ ڪندا رهن. انهن جنگين جو مفصل ذڪر زرقاني علي المواهب ۽ مدارج النبوت وغيره ڪتابن ۾ لکيل آهي. پر انهن جنگين جي ترتيب ۽ انهن جي تاريخن ۾ مورخن جو وڏو اختلاف آهي. انڪري صحيح طور تي تاريخن جو ذڪر ڪرڻ مشڪل آهي انهن واقعن جو خاص خاص ذڪر حديث ۾ موجود آهي پر حديثن ۾ بہ انهن جون تاريخون لکيل ناهن. پر ڪجهہ شاهدين مان ايتري خبر پوي ٿي تہ هي سڀ واقعا صلح حديبيہ کان اڳ جا آهن. انهن جنگين مان ڪجهہ جا نالا هي آهن.

(1) سريہ قرطاء (2) غزوه بني لحيان (3) سرية الغمر (4) سريہ زيد بجانب جموم (5) سريہ زيد بجانب عيص (6) سريہ زيد بجانب وادي القرىٰ (7) سريہ علي بجانب بني سعد (8) سريہ زيد

---

[1] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب قتل ابي رافع.... الخ، الحديث 4039، ج 3 ص 31

بجانب ام قرفه (9) سريه ابن رواحه (10) سريه ابن مسلمه (11) سريه زيد بجانب طرف (12) سريه عكل ۽ عرينه (13) بعث ضمري.

انهن جنگين جي نالن ۾ به اختلاف آهي اسان هتي هنن جنگين جا مٿي ڏنل نالا زرقاني علي المواهب جي فهرست تان نقل ڪيا آهن[1]. (فهرست زرقاني علي المواهب ج 2 ص 350)

## ٻارهون باب

# هجرت جو ستون سال

## غزوهءِ ذات القرد

مديني جي ويجهو "ذات القرد" هڪ چراگاهه جو نالو آهي جتي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جون ڏاچون چرنديون هيون. عبد الرحمٰن بن عيينه فزاري جيڪو قبيلي غطفان سان تعلق رکندو هو پنهنجن ڪجهه ماڻهن سان گڏجي اوچتو انهيءَ چراگاهه تي ڇاپو هنيو ۽ ويهه ڏاچيون ڪاهي ڀڄي ويا. مشهور تيرانداز صحابي حضرت سلمه بن اڪوع رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي سڀ کان پهرين ان جي خبر پئي انهن هن خطري جو اعلان ڪرڻ جي لاءِ بلند آواز سان هي نعرو هنيو ته "يا صباحاه" پوءِ تنها انهن ڏاڙيلن جي پٺيان دوڙي پيا ۽ انهن ڏاڙيلن کي تير هڻي هڻي سيئي ڏاچيون ڇڏائي ورتيون ۽ ڏاڙيل ڀڄندي جيڪي ٿيهه چادرون اڇليندا ويا ها. انهن ٿيهن چادرن تي به قبضو ڪري ورتو. ان کانپوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن لشڪر وٺي ڪري پهتا. حضرت سلمه بن اڪوع رَضِیَ اللهُ عَنْهُ

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، الفهرس، ج 3 ص 539

عرض ڪيو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون انهن ڇاپو هڻندڙن کي اجان تائين پاڻي پيئڻ نہ ڏنو اِهي سڀ اجارا آهن انهن جي پنيان لشڪر موڪليو تہ اهي سڀ گرفتار ٿي ويندا. حضُور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تون پنهنجي ڏاڍين جو مالڪ ٿي چڪو آهين. هاڻي انهن سان نرمي وارو ورتاءُ ڪر. پوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت سلمہ بن اڪوع رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي پنهنجي اٺ تي پنهنجي پويان ويهاري ۽ مديني واپس تشريف کڻي آيا. حضرت امام بخاري جو چوڻ آهي تہ هي واقعو غزوہ جنگِ خيبر جي لاءِ روانو ٿيڻ کان ٿي ڏينهن اڳ ۾ ٿيو[1].

(بخاري غزوہ ذات القرد ج 2 ص 603 و مسلم ج 2 ص 113)

## جنگ خيبر

”خيبر“ مديني کان اٺ منزل (هڪ منزل هڪ ڏينهن جي سفر جي مسافت ٿئي ٿي) پري هڪ شهر آهي هڪ سير ڪندڙ انگريز لکيو آهي تہ خيبر مديني کان ٿي سو ويهہ ڪلو ميٽر پري آهي هي تمام زرخيز علائقو هو ۽ هتي بهترين ڪتلون ڪثرت سان پيدا ٿيندڙ هيون عرب ۾ يهودين جو سڀ کان وڏو مرڪز اهوئي خيبر هو. هتي جا يهودي عرب ۾ سڀ کان وڌيڪ مالدار ۽ جنگجو هئا ۽ انهن کي پنهنجي مالي ۽ جنگي طاقتن تي تمام گهڻو ناز ۽ گهمنڊ بہ هو. هي ماڻهو اسلام ۽ باني ءِ اسلام صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا بدترين دشمن هئا. هتي يهودين ڪيترائي مضبوط قلعا ناهي رکيا هئا جنهن مان ڪن جا آثار اجان تائين

[1] صحيح البخاري كتاب المغازي باب غزوة ذات القرد الحديث 4194 ج 3 ص 79 والمواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب غزوة ذي قرد ج 3 ص 110 ملتقطاً.

موجود آهن. انهن مان اٺ قلعا تمام مشهور آهن جنهن جا نالا هي آهن.

(1) ڪتيبہ (2) ناعم (3) شق (4) قموص (5) نطاره[1] (6) صعب (7) سطيخ[2] (8) سلالم. حقيقت ۾ هي اٺ ئي قلعا اٿن محلن جي مثل هئا ۽ انهن ئي اٿن قلعن جو مجموعو "خيبر" چورائيندو هو.[2]

(مدارج النبوة، ج 2، ص 234)

## غزوه خيبر ڪڏهن ٿيو؟

سيني مورخن جو هن ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ جنگ خيبر محرم جي مهيني ۾ لڳي. پر هن ۾ اختلاف آهي تہ 6 ھ هو يا 7 ھ غالبًا انهيءَ اختلاف جو سبب هي آهي تہ ڪجهہ ماڻهو سن هجري جي شروعات محرم کان ڪندا آهن انهيءَ لاءِ انهن جي ويجهو 7 ھ شروع ٿي ويو ۽ ڪجهہ ماڻهو سن هجري جي شروعات ربيع الاول کان ڪندا آهن ڇو تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هجرت ربيع الاول ۾ ٿي تنهڪري انهن ماڻهن جي ويجهو هي محرم ۽ صفر 6 هجري جا هئا.[3] والله اعلم

## جنگ خيبر جو سبب

اهو اسان اڳ ۾ لکي چڪا آهيون تہ جنگِ خندق ۾ جن جن

---

[1]، [2] ابو داود ۽ سيرت وتاريخ جي ڪتابن ۾ ان قلعن جا نالا "نطاه" ۽ "وطيح" بہ آيا آهن.
(سنن ابي داود، كتاب الخراج .....الخ، باب ما جاء في حكم ارض خيبر، الحديث 3013، 3014 ج 3 ص 217)

[2] مدارج النبوت قسم سوم باب ششم ج 2 ص 234

[3] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني باب غزوة خيبر ج 3 ص 244 ملتقطاً

عرب جي ڪافرن مديني تي حملو ڪيو هو. انهن ۾ خيبر جا يهودي بہ شامل هئا. بلڪ حقيقت ۾ اُهي ئي هن حملي جا باني ۽ سڀ کان وڏا محرڪ هئا. جڏهن ”بنو نضير“ جا يهودي مديني مان جلاوطن ڪيا ويا تہ يهودين جا جيڪي رئيس خيبر هليا ويا هئا انهن مان حيي بن اخطب ۽ ابو رافع سلام بن ابي الحقيق تہ مڪي وڃي ڪري قريش جي ڪافرن کي مديني تي حملو ڪرڻ لاءِ اياريو ۽ سيني قبيلن جو دورو ڪري عرب جي ڪافرن کي جوش ڏياري ڪاوڙ ۾ ڀري ڇڏيو ۽ حملو ڪندڙن جي مالي مدد جي لاءِ پاڻيءَ وانگر پئسو وهايو ۽ خيبر جي سيني يهودين کي ساڻ ڪري يهودين جا هي ٻئي سردار حملو ڪندڙن ۾ شامل ٿي ويا. حيي بن اخطب تہ جنگِ قريظه ۾ قتل ٿي ويو ۽ ابو رافع سلام بن ابي الحقيق کي 6 ھ ۾ حضرت عبد الله بن عتيق انصاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جن ان جي محل ۾ داخل ٿي ڪري قتل ڪري ڇڏيو. پر انهن سيني واقعن کان پوءِ بہ خيبر جا يهودي بس ڪري نہ ويٺا. بلڪ اجان بدلي جي باهہ انهن جي سينن ۾ ڀڙڪڻ لڳي. تنهنڪري هي مديني تي هڪ ڀيرو ٻيهر حملو ڪرڻ جون تياريون ڪرڻ لڳا ۽ ان مقصد جي لاءِ قبيلي غطفان کي بہ راضي ڪري ورتو. قبيلو غطفان عرب جو هڪ تمام طاقتور ۽ جنگجو قبيلو هو ۽ ان جي آبادي خيبر کان بلڪل ئي گڏ هئي ۽ خيبر جا يهودي پاڻ بہ عرب جا سڀ کان وڏا سرمائيدار هئڻ سان گڏ بيحد جنگ باز ۽ تلوار جا ماهر هئا. انهن ٻنهي جي ڪوششن سان هڪ وڏي طاقتور فوج تيار ٿي وئي ۽ انهن ماڻهن مديني تي حملو ڪري مسلمانن کي تباهہ ۽ برباد ڪرڻ جو منصوبو ٺاهي ورتو.

## مسلمان خيبر هليا

جڏهن رسول خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي خبر پئي تہ يهودي قبيلي غطفان کي ساڻ ڪري مديني تي حملو ڪرڻ وارا آهن تہ انهن جي ان چڙهائي کي روڪڻ جي لاءِ سورهن سؤ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو لشڪر ساڻ وٺي حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خيبر روانا ٿيا. مديني تي حضرت سباع بن عرفطہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي آفيسر مقرر فرمايو ۽ ٿي جهنڊا تيار ڪرايا. هڪ جهنڊو حضرت حباب بن منظر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي ڏنو ۽ هڪ جهنڊي جو علمبردار حضرت سعد بن عباده رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي بڻايو ۽ خاص عَلم نبوي حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن جي هٿ مبارڪ ۾ عنايت فرمايو ۽ ازواج مطهرات رَضِيَ اللهُ عَنْهُنَّ مان حضرت بيبي اُم سلمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي ساڻ ورتو.[1]

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رات جي وقت خيبر جي حدن ۾ پنهنجي فوج سان گڏ پهچي ويا ۽ نماز فجر کان پوءِ شهر ۾ داخل ٿيا تہ خيبر جا يهودي پنهنجا پنهجا اوزار ۽ ٽوڪريون کڻي ٻنين ۽ باغن ۾ ڪم ڪار جي لاءِ قلعي کان نڪتا. جڏهن انهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏٺو تہ گوڙ ڪرڻ لڳا ۽ وڏي وڏي آواز سان چوڻ لڳا تہ ”خدا جو قسم! لشڪر سان گڏ حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن آهن “ ان وقت حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ خيبر برباد ٿي ويو. بيشڪ اسان جڏهن ڪنهن قوم جي ميدان ۾ لهي پوندا آهيون تہ ڪافر جي صبح خراب ٿي ويندي آهي.[2]

(بخاري جلد 2 ص 603)

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني باب غزوة خيبر ج 3 ص 245، 255 ملتقطاً

[2] صحيح البخاري كتاب المغازي باب غزوة خيبر الحديث 4197 ج 3 ص 81

حضرت ابو موسيٰ اشعري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا تہ جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خيبر ڏانهن متوجهہ ٿيا تہ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان تمام ئي بلند آوازن سان نعرهءِ تڪبير هڻڻ لڳا تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو پنهنجو پاڻ تي نرمي ڪيو، توهان ڪنهن ٻوڙي يا غائب کي ڪو نہ سڏي رهيا آهيو بلڪ ان (الله پاڪ) کي سڏي رهيا آهيو جيڪو ٻڌڻ وارو ۽ ويجهو آهي. آءُ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سواري جي پٺيان لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ جو وظيفو پڙهي رهيو هيس جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٻڌو تہ مون کي سڏيو ۽ فرمايو تہ ڇا آءُ توکي اهڙو ڪلمو نہ ٻڌايان جيڪو جنت جي خزانن مان هڪ خزانو آهي مون عرض ڪيو تہ ”ڇو نہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان تي منهنجا ماءُ پيءُ قربان!“ تہ فرمايائون تہ اهو ڪلمو ”لَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ“ آهي[1].

(بخاري ج 2 ص 605)

## يهودين جي تياري

يهودين پنهنجي عورتن ۽ ٻارن کي هڪ محفوظ قلعي ۾ پهچائي ڇڏيو ۽ راشن جو ذخيرو قلعي ناعم ۾ جمع ڪري ڇڏيو ۽ فوجن کي ”نطاة“ ۽ ”قموص“ قلعن ۾ گڏ ڪيو انهن ۾ سڀ کان وڌيڪ مضبوط ۽ محفوظ قلعو ”قموص“ هو ۽ ”مرحب يهودي“ جيڪو عرب جي پهلواڻن ۾ هڪ هزار سوارن جي برابر مڃيو ويندو هو انهيءَ ئي قلعي جو رئيس هو. سلام بن مشڪم يهودي جيتوڻيڪ بيمار هو پر اهو بہ قلعي ”نطاة“ ۾ فوجون ساڻ وٺي تيار

[1] صحيح البخاري كتاب المغازي باب غزوة خيبر الحديث 4205 ج 3 ص 83

وينو هو. يهودين وٽ تقريباً ويهه هزار فوج هئي جيڪا مختلف قلعن جي حفاظت جي لاءِ مورچا هنيو وينئي هئي.

## محمود بن مسلم شهيد ٿي ويا

سڀ کان پهرين قلعي ”ناعم“ تي حملو ڪري ۽ جمي جنگ ٿي حضرت محمود بن مسلم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن تمام بهادري ۽ جان نثاري سان جنگ ڪئي پر سخت گرمي ۽ لوءَ جي ڪري انهن کي ڏاڍي اڄ لڳي. هو قلعي ”ناعم“ جي هيٺ سمهي رهيا ڪنانہ بن ابي الحقيق يهودي انهن کي ڏسي ورتو ۽ ڇت تان هڪ تمام وڏو پٿر انهن جي مٿان اڇلايو جنهن سان انهن جو مٿو چيپاڻجي ويو ۽ هي شهيد ٿي ويا انهيءَ قلعي کي فتح ڪرڻ ۾ 50 مسلمان زخمي ٿي پيا پر قلعو فتح ٿي ويو[1].

## اسود راعي جي شهادت

حضرت اسود راعي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ انهيءَ ئي قلعي جي جنگ ۾ شهادت سان سرفراز ٿيا انهن جو واقعو هي آهي تہ هي حبشي هئا جيڪي خيبر جي ڪنهن يهودي جون ٻڪريون چاريندا هئا. جڏهن يهودي جنگ جون تياريون ڪرڻ لڳا تہ هنن پڇيو تہ آخر توهان ڪنهن سان جنگ ڪرڻ لاءِ تياريون ڪري رهيا آهيو؟ يهودين چيو اڄ اسان ان شخص سان جنگ ڪنداسين جيڪو نبوت جي دعويٰ ڪري ٿو. اِهو ٻڌي ڪري ان جي دل ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ملاقات جو شوق پيدا ٿيو. پوءِ اهو ٻڪريون ساڻ ڪري

---

(1).. مدارج النبوت قسم سوم باب ششم ج 2 ص 239 و السيرة النبوية لابن هشام افتتاح رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم للحصون ص 438

بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿيو ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان پڇيو ته اوهان ڪهڙي شيءِ جي دعوت ڏيندا آهيون؟ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جي سامهون اسلام پيش فرمايو انهن عرض ڪيو ته جيڪڏهن آءُ مسلمان ٿي وڃان ته مونکي خداوند تعاليٰ جي طرف کان ڪهڙو اجر ۽ ثواب ملندو؟ حضُور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته توکي جنت ۽ ان جون نعمتون ملنديون انهن فورًا ئي ڪلمو پڙهي اسلام قبول ڪري ورتو. پوءِ عرض ڪيو ته يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي ٻڪريون مون وٽ امانت آهن. هاڻي آءُ انهن کي ڇا ڪريان؟ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تون انهن ٻڪرين کي قلعي جي طرف هڪلي ڇڏ ۽ انهن کي پٽريون هڻ هي سڀ پاڻهي پنهنجي مالڪ جي گهر پهچي ويندیون جيئن ته اهو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو معجزو هو جو ان ٻڪرين کي پٽريون هڻي هڪلي ڇڏيو ۽ اهي سڀ پنهنجي مالڪ جي گهر پهچي ويون.

ان کانپوءِ هي خوشنصيب هٿيار پهري مجاهدين اسلام جي صف ۾ بيهي رهيو ۽ انتهائي جوش ۽ جذبي سان جهاد ڪندي شهيد ٿي ويو. جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ان جي خبر پئي ته فرمايائون عَمِلَ قَلِيْلاً وَ اُجِرَ كَثِيْرًا. ترجمو:- يعني هن شخص تمام ئي گهٽ عمل ڪيو ۽ تمام گهڻو اجر ڏنو ويو. پوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان جي لاش کي خيمي ۾ آڻڻ جو حڪم ڏنو ۽ ان جي لاش جي سيرانڊي بيهي ڪري حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هي بشارت ٻڌائي ته الله تعاليٰ هن جي ڪاري چهري کي حسين بڻائي ڇڏيو. ان جي بدن کي خوشبو دار بڻائي ڇڏيو ۽ ٻه حورون هن کي جنت ۾ مليون. هن شخص ايمان ۽ جهاد کان سواءِ ڪو به ٻيو عملِ خير نه ڪيو نه

هڪ وقت جي نماز پڙهي. نہ هڪ روزو رکيو، نہ حج ۽ زڪوات جو موقعو مليو پر ايمان ۽ جهاد جي سبب الله تعاليٰ هن کي ايترو بلند مرتبو عطا فرمايو[1]. (مدارج النبوت ج 2 ص 240)

## اسلامي لشڪر جو هيبڊ ڪواٽر

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي پهريان کان ئي هي علم هو تہ قبيلي غطفان وارا ضرور ئي خيبر وارن جي مدد لاءِ ايندا انهيءَ لاءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خيبر ۽ غطفان جي وچ ۾ "رجيع" جي مقام تي پنهنجي فوجن جو هيبڊ ڪواٽر ناهيو ۽ خيمن، جنگي سامانن ۽ عورتن کي بہ هتي رکيو ۽ هتان کان نڪري نڪري يهودين جي قلعن تي حملا ڪندا رهيا[2]. (مدارج النبوت ج 2 ص 239)

قلعي ناعم کانپوءِ ٻيا قلعا بہ آساني سان ۽ تمام جلد فتح ٿي ويا پر قلعو "قموص" جو تہ تمام ئي مضبوط ۽ محفوظ قلعو هو ۽ هتي يهودين جي فوج بہ تمام گهڻي تعداد ۾ موجود هئي ۽ يهودين جو سڀ کان وڏو بهادر "مرحب" پاڻ هن قلعي جي حفاظت ڪري رهيو هو انڪري هن قلعي کي فتح ڪرڻ ۾ تمام گهڻي ڏکيائي ٿي. ڪيترن ڏينهن تائين هي مهم ڪامياب نہ ٿي سگهي. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان قلعي تي پهرين ڏينهن حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن جي نگرانيءَ ۾ اسلامي فوجين کي چڙهائي لاءِ موڪليو ۽ انهن تمام گهڻي شجاعت ۽ جانبازي سان حملو ڪيو پر يهودين قلعي جي ٻتين تان اهڙي زور سان تيراندازي

---

[1] مدارج النبوت قسم سوم باب ششم ج 2 ص 239، 240 و السيرة النبوية لابن هشام، افتتاح رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم للحصون، ص 438

[2] شرح الزرقاني علي المواهب باب غزوة خيبر، ج 3 ص 252 مختصراً

۽ پٿربازي ڪئي جو مسلمان قلعي جي دروازي تائين نہ پهچي سگهيا ۽ رات ٿي وئي. ٻي ڏينهن حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن زبردست حملو ڪيو ۽ مسلمان تمام گرم جوشي سان وڏي وڏي سڄو ڏينهن قلعي تي حملو ڪندا رهيا پر قلعو فتح ٿي نہ سگهيو ۽ ڪيئن فتح ٿئي ها؟ فاتح خيبر ٿيڻ تہ علي حيدر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي مقدر ۾ لکيل هو پوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ

لَاُعْطِيَنَّ الرَّايَةَ غَدًا رَجُلاً يَفْتَحُ اللّٰهُ عَلٰى يَدَيْهِ يُحِبُّ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَيُحِبُّهُ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ قَالَ فَبَاتَ النَّاسُ يَدُوْكُوْنَ لَيْلَتَهُمْ اَيُّهُمْ يُعْطَاهَا[1]۔

(بخاري ج 2 ص 605 غزوه خيبر)

سياڻي آءُ ان ماڻهوءَ کي جهنڊو ڏيندس جنهن جي هٿ تي الله تعالىٰ فتح عطا فرمائيندو، اهو الله ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو محب بہ آهي ۽ محبوب بہ. راوي چيو تہ ماڻهن اها رات وڏي بيچيني سان گذاري تہ ڏسون سياڻي جهنڊو ڪنهن کي ٿو ڏنو وڃي؟

صبح ٿي تہ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان خدمت اقدس ۾ وڏي شوق سان هي آرزو کڻي حاضر ٿيا تہ اهو شرف ۽ اعزاز اسان کي ملي وڃي. ڇوتہ جنهن کي جهنڊو ملندو انهيءَ لاءِ ٿي بشارتون آهن

(1).. هو الله ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو محب آهي.

(2).. هو الله ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو محبوب آهي.

---

[1] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب غزوة خيبر، الحديث 4210، ج 3، ص 85 و دلائل النبوة للبيهقي، باب ما جاء في بعث سرايا الي الحصون ....الخ ج 4 ص 211 ملخصاً

(3).. خيبر انهيءَ جي هٿ تي فتح ٿيندو.

حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ انهيءَ ڏينهن مونکي وڏي خواهش هئي تہ ڪاش! اڄ مون کي جهنڊو عنايت ٿئي! اُهي هي بہ فرمائن ٿا تہ هن موقعي کان سواءِ مونکي ڪڏهن بہ فوج جي سرداري ۽ آفيسري جي خواهش نہ هئي. حضرت سعد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي بيان مان معلوم ٿئي ٿو تہ ٻيا صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم بہ انهي نعمت عظمىٰ جي لاءِ ترسي رهيا هئا[1].

(مسلم ج 2 ص 278، 279 باب من فضائل علي)

پر صبح جو اوچتو هي صدا ماڻهن جي ڪنن ۾ آئي تہ علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڪٿي آهن؟ ماڻهن عرض ڪيو تہ انهن جي اکين ۾ تڪليف آهي. رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن قاصد موڪلي ڪري انهن کي گهرايو ۽ انهن جي ڏکندڙ اکين ۾ پنهنجو لعاب دهن (ٿُڪ مبارڪ) لڳايو ۽ دعا ڪئي تہ يڪدم ئي انهن کي اهڙي شفا حاصل ٿي وئي جو جڻ انهن کي ڪا تڪليف هئي ئي ڪا نہ. پوءِ ٻنهي جهانن جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي هٿ مبارڪ سان پنهنجو عَلم نبوي جيڪو حضرت اُمُ المومنين بي بي عائشہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جن جي ڪاري چادر مان تيار ڪيو ويو هو حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن جي هٿ ۾ عطا فرمايو[2]. (زرقاني ج 2 ص 222)

۽ ارشاد فرمايو تہ تون سڪون سان وڃ ۽ انهن يهودين کي

---

[1] صحيح مسلم، كتاب فضائل الصحابة، باب من فضائل علي ....الخ الحديث 2405، 2406 ص 1311

[2] صحيح مسلم كتاب فضائل الصحابة باب من فضائل علي ....الخ الحديث 2405، 2406 ص 1311 والمواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب غزوة خيبر ج 3 ص 255.

اسلام جي دعوت ڏي ۽ کين ٻڌاءِ تہ مسلمان ٿيڻ کانپوءِ اوهان تي فلاڻا فلاڻا الله تعالىٰ جا حق واجب آهن. خدا جو قسم! جيڪڏهن هڪ ماڻهوءَ بہ تنهنجي ڪري اسلام قبول ڪري ورتو تہ هي دولت تو لاءِ ڳاڙهن اُنن کان بہ وڌيڪ بهتر آهي[1].

(بخاري ج 2 ص 605 غزوه خيبر)

## حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ۽ مرحب جي جنگ

حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ "قموص جي قلعي" وٽ پهچي يهودين کي اسلام جي دعوت ڏني پر انهن ان دعوت جو جواب سِرُن ۽ پٿرن ۽ تيرن ۽ تلوارن سان ڏنو ۽ قلعي جو رئيس اعظم "مرحب" پاڻ وڏي مغروريت سان نڪتو مٿي تي ڦڪي رنگ جو يمني پٽڪو ٻڌندي ان جي مٿان پٿر جو ٽوپ پائي رجز جو هي شعر پڙهندي حملي جي لاءِ اڳيان وڌيو تہ

قَدْ عَلِمَتْ خَيْبَرُ اَنِّيْ مُرَحَّبٌ شَاكِيُ السَّلَاحِ بَطَلٌ مُّجَرَّبٌ

خيبر خوب ڄاڻي ٿو تہ آءُ "مرحب" آهيان هٿيار پهريل آهيان تمام ئي بهادر ۽ تجربيڪار آهيان.

حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ انهن جي جواب ۾ رجز جو هي شعر پڙهيو

اَنَا الَّذِيْ سَمَّتْنِيْ اُمِّيْ حَيْدَرَه كَلَيْثِ غَابَاتٍ كَرِيْهِ الْمَنْظَرَه

آءُ اهو آهيان جو منهنجي ماءُ منهنجو نالو حيدر (شينهن) رکيو آهي آئون جهنگ جي شينهن وانگر هيبت ناڪ آهيان مرحب وڏي

[1] صحيح البخاري كتاب المغازي باب غزوة خيبر الحديث: 4210 ج 3 ص 85

مغروريت سان اڳيان وڌي ڪري حضرت شيرِ خدا تي پنهنجي تلوار سان وار ڪيو پر پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ اهڙي طرح مڙيا جو مرحب جو وار خالي ويو. پوءِ پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ وڌي ڪري ان جي مٿي تي اهڙي تہ زور سان تلوار هنئي جو هڪ ئي ڏڪ سان ٽوپ ڪٽيو، مغز ڪٽيو ۽ ذوالفقار حيدري مٿي کي ڪٽيندي ڏندن تائين لهي آئي ۽ تلوار جي مار جو آواز فوج تائين پهتو ۽ مرحب زمين تي ڪري مري ويو[1] (مسلم ج2 ص 115 ص 278)

مرحب جي لاش کي زمين تي تڙپندي ڏسي ڪري هن جي سڄي فوج حضرت شيرِ خدا رَضِیَ اللهُ عَنْهُ تي ٽٽي پئي پر ذو الفقارِ حيدري بجلي وانگر چمڪي چمڪي دشمنن کي ڪيرائيندي هئي جنهن سان صفن جون صفون ڍير ٿي ويون ۽ يهودين جا وڏا بهادر مرحب، حارث، اسير، عامر وغيره ڪٽجي ويا. انهيءَ سخت لڙائي ۾ حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي ڍال ڪٽجي ڪري ڪِري پئي تہ پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ اڳيان وڌي ڪري قموص قلعي جو دروازو پٽي ورتو ۽ تاڪ کي ڍال بڻائي ڪري انهيءَ تي دشمنن جون تلوارون روڪيندا رهيا هي تاڪ ايڏو وڏو ۽ وزني هو جو بعد ۾ ان کي چاليهہ ماڻهو بہ نہ کڻي سگهيا[2].

جنگ جاري هئي تہ حضرت علي شيرِ خدا رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن ڪمال شجاعت سان وڙهندي خيبر کي فتح ڪري ورتو ۽ حضرت صادق الوعد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان صداقت نشان بڻجي

---

[1] صحيح مسلم كتاب الجهاد والسير، باب غزوة ذي قرد وغيرها الحديث 1807 ص 1004، 1005 مختصرًا

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب غزوة خيبر، ج 3، ص 267، مختصرًا

ڪري فضائن ۾ لهرائڻ لڳو تہ ”سياڻي آءُ ان ماڻهو کي جهنڊو ڏيندس جنهن جي هٿ تي الله فتح ڏيندو اهو الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو محب آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو محبوب بہ، بيشڪ حضرت مولاءِ ڪائنات رَضِيَ اللهُ عَنْهُ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا محب بہ آهن ۽ محبوب بہ آهن ۽ بيشڪ الله تعالىٰ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن جي هٿ سان خيبر جي فتح عطا فرمائي ۽ قيامت تائين جي لاءِ الله تعالىٰ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي فاتح خيبر جي معزز لقب سان سرفراز فرمائي ڇڏيو ۽ هي اها فتح عظيم آهي جنهن پوري ”جزيرة العرب“ ۾ يهودين جي جنگي طاقت جو جنازو ڪڍي ڇڏيو. خيبر جي فتح کان پهرين اسلام يهودين ۽ مشرڪن جي ڳٺ جوڙ سبب سڪرات جي حالت ۾ هو. پر خيبر فتح ٿي وڃڻ کانپوءِ اسلام ان خوفناڪ سڪرات جي عالم مان نڪري آيو ۽ اڳتي اسلامي فتوحات جا دروازا کلي ويا. جڏهن تہ ان کانپوءِ مڪو شريف بہ فتح ٿي ويو. تنهنڪري هي هڪ واضح حقيقت آهي تہ فاتح خيبر جي ذات سان سيئي اسلامي فتوحات وابستہ آهن بهرحال خيبر جو قلعو قموص 20 ڏينهن جي گهيري ۽ زبردست حملي کانپوءِ فتح ٿي ويو انهي حملي ۾ 93 يهودي قتل ٿيا ۽ 15 مسلمان جامِ شهادت سان سيراب ٿيا[1]. (زرقاني 2 ص 228)

## خيبر جو انتظام

فتح کانپوءِ خيبر جي زمين تي مسلمانن جو قبضو ٿي ويو ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارادو فرمايو تہ بنو نضير وانگر اهل خيبر کي بہ جلا وطن ڪري ڇڏين. پر يهودين اها درخواست

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني باب غزوة خيبر ج 3 ص 256، 264-265 ملتقطاً

ڪئي تہ اسان کي خيبر مان نہ ڪڍيو وڃي، ۽ زمين اسان جي ئي قبضي ۾ رهڻ ڏني وڃي، اسان هتي جي پيداوار جو اڌ حصو اوهان کي ڏيندا رهنداسين حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جي اها درخواست منظور فرمائي ورتي پوءِ جڏهن ڪجورون پڪي ويندڙيون هيون ۽ اناج تيار ٿي ويندو هو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت عبد الله بن رواحہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي خيبر موڪليندا ها هو ڪجورن ۽ اناجن کي ٻن برابر حصن ۾ ورهائيندا هئا ۽ يهودين کي فرمائيندا هئا انهن مان جيڪو حصو توهان کي پسند هجي اهو کڻي وڃو، يهودي انهي عدل تي حيران ٿي چوندا هئا تہ زمين ۽ آسمان اهڙي عدل سان قائم آهن[1]. (فتوح البلدان بلاذري ص 27 فتح خيبر)

حضرت عبد الله بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جو بيان آهي تہ خيبر فتح ٿي وڃڻ کانپوءِ يهودين سان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اهڙي طرح صلح فرمائي تہ يهودي پنهنجو سون چاندي هٿيار سڀ مسلمانن جي حوالي ڪري ڇڏين ۽ جانورن تي جيڪي ڪجهہ رکيل آهي اهو يهودي پاڻ وٽ ئي رکن پر شرط هي آهي تہ يهودي ڪا بہ شيءِ مسلمانن کان نہ لڪائن پر ان شرط کي قبول ڪرڻ جي باوجود حيي بن اخطب جو اهو چمڙي جو ٿيلهو يهودين غائب ڪري ڇڏيو جنهن ۾ بنو نضير سان جلا وطني جي وقت هو سون چاندي سان ڀري کڻي آيو هو جڏهن يهودين کان پڇا ڳاڇا ڪئي وئي تہ هنن ڪوڙ ڳالهايو تہ اها سڄي رقم جنگين ۾ ختم ٿي وئي، پر الله تعالىٰ وحي جي ذريعي پنهنجي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي

---

[1] سنن ابي داود كتاب الخراج ...الخ باب ما جاء في حكم ارض خيبر الحديث 3006، ج 3 214 و السيرة النبوية لابن هشام، تسمية النفر الداريين ....الخ ص 449

ٻڌائي ڇڏيو تہ اهو ٿيلهو ڪٿي آهي پوءِ مسلمانن ان ٿيلهي کي ڳولي ورتو. ان ڪانپوءِ (ڇو تہ ڪنانہ بن ابي الحقيق حضرت محمود بن مسلم کي ڇت تان پٿر اڇلائي قتل ڪري ڇڏيو هو ان ڪري) حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي قصاص ۾ قتل ڪرائي ڇڏيو ۽ انهن جي عورتن کي قيدي بڻائي ڇڏيو.[1]

(مدارج النبوة ج 2 ص 245 و ابو داود ج 2 ص 424 باب ما جاء في ارض خيبر)

## حضرت صفيہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو نڪاح

قيدين ۾ حضرت بي بي صفيہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا بہ هيون جيڪا بنو نضير جي رئيس اعظم حيي بن اخطب جي ڌيءُ هئي ۽ سندن مڙس ڪنانہ بن ابي الحقيق بہ بنو نضير جو رئيس اعظم هو جڏهن سڀ قيدي جمع ڪيا ويا تہ حضرت دحيہ ڪلبي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي عرض ڪيو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن مان هڪ ٻانهي مونکي عنايت ڪيو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي اختيار ڏئي ڇڏيو تہ پاڻ وجي ڪا بہ ٻانهي کڻ. انهن حضرت صفيہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کي ڪٽي ورتو ڪجهہ صحابہ عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جن ان تي گذارش ڪندي عرض ڪيو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَعْطَيْتَ دِحْيَةَ صَفِيَّةَ بِنْتَ حُيَيٍّ سَيِّدَةَ قُرَيْظَةَ وَالنَّضِيْرِ لَا تَصْلُحُ اِلَّا لَكَ[2]

(ابو داود ج 2 ص 420 باب ما جاء في سهم الصفي)

يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان صفيہ (رَضِیَ اللهُ عَنْهَا) کي دحيہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي حوالي ڪري ڇڏيو. هُوءَ قريظہ ۽ بنو نضير جي رئيس

---

[1] سنن ابي دائود، كتاب الخراج والفيء والامارة، باب ما جاء في حكم ارض خيبر، الحديث 3006 ج 3 ص 214

2 سنن ابي دائود كتاب الخراج و الفيء الامارة باب ماجاء في سهم الصفي الحديث 2998 ج 3 ص 209

زادي آهي هوءَ توهان کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي لائق نہ آهي. اهو ٻڌي ڪري حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت دحيہ ڪلبي ۽ حضرت صفيہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کي گهرايو ۽ حضرت دحيہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي فرمايو تون هن کان سواءِ ٻي ڪا ٻانهي ڪٿي وٺ. ان کانپوءِ حضرت صفيہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي آزاد ڪري حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان سان نڪاح فرمائي ورتو ۽ تن ڏينهن تائين منزل صهبا ۾ انهن کي پنهنجي خيمي ۾ سرفراز فرمايو ۽ صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي وليمي جي دعوت ۾ کجور، گيهہ، پنير جو مليدو کارايو[1]. (بخاري ج 1 ص 298 باب هل يسافر بالجاريہ و بخاري ج 2 ص 761 باب اتخاذ السراري و مسلم ج 1 ص 458 باب فضل اعتقاق امتہ)

## حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي زهر ڏنوويو

فتح کانپوءِ ڪجهہ ڏينهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خيبر ۾ ترسيا. يهودين کي مڪمل امن عطا فرمايو ۽ طرح طرح جي نوازشن سان نوازيو پر انهيءَ بدباطن قوم جي فطرت ۾ ايتري قدر خباثت پريل هئي جو سلام بن مشڪم يهودي جي زال زينب حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دعوت ڪئي ۽ گوشت ۾ زهر ملائي ڇڏيو خدا جي حڪم سان گوشت جي ٻوٽي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ٻڌائي ڇڏيو ۽ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ گرهہ کائي هٿ روڪي ورتو پر هڪ صحابي حضرت بشر بن براء رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن پيٽ ڀري کائي ورتو ۽ زهر جي اثر کان انهن جي شهادت ٿي وئي ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي بہ انهيءَ زهريلي گرهہ سان سڄي عمر تارونءَ ۾ تڪليف رهي. رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن

---

[1] صحيح البخاري، كتاب الصلوة، باب ما يذكر في الفخذ، الحديث 371، ج 1، ص 248 و المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب غزوة خيبر، ج 3، ص 268-273 ملتقطاً

جڏهن يهودين کان ان جي باري ۾ پڇيو تہ انهن ظالمن پنهنجي جرم جو اقرار ڪيو ۽ چيو اسان هن نيت سان اوهان کي زهر کارايو جو جيڪڏهن اوهان سچا نبي هوندا تہ اوهان تي هن زهر جو اثر نہ ٿيندو، ٻي صورت ۾ اسان کي اوهان کان نجات ملي ويندي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي ذات جي خاطر تہ ڪڏهن ڪنهن کان انتقام ورتو ئي ناهي. تنهنڪري حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن زينب کي ڪجهہ بہ نہ فرمايو پر جڏهن حضرت بشر بن براء رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن جي انهيءَ زهر سان وفات ٿي وئي تہ انهن جي قصاص ۾ زينب قتل ڪئي وئي[1]. (بخاري جلد 2 ص 242 و مدارج جلد 2 ص 251)

## حضرت جعفر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ حبشہ کان اچي ويا

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خيبر جي فتح کان فارغ ٿيا ئي هئا تہ حبشہ جي مهاجرين مان حضرت جعفر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جيڪي حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جا ڀاءُ هئا ۽ مڪي کان هجرت ڪري حبشہ هليا ويا هئا اُهي پنهنجي ساٿين سان گڏ حبشہ کان اچي ويا. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وڏي محبت سان انهن جي پيشاني چمي ورتي ۽ ارشاد فرمايو تہ آءُ ڪجهہ چئي نٿو سگهان تہ مون کي خيبر جي فتح کان وڌيڪ خوشي ٿي آهي يا جعفر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي اچڻ سان[2]. (زرقاني ج2 ص 246)

انهن ماڻهن کي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن "صاحب الهجرتين" (ٻن هجرت وارا) جو لقب عطا فرمايو جو تہ هي ماڻهو مڪي کان

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب غزوة خيبر ج 3 ص 287، 291، 292 ملخصاً

[2] شرح الزرقاني علي المواهب باب غزوة خيبر ج 3 ص 299

حبشہ هجرت ڪري ويا پوءِ حبشہ کان هجرت ڪري مديني آيا ۽ توڙي جو هي ماڻهو جنگ خيبر ۾ شامل نہ ٿي سگهيا پر انهن ماڻهن کي حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مالِ غنيمت منجهان مجاهدين جي برابر حصو ڏنو[1].

## خيبر ۾ مسئلن جو اعلان

جنگ خيبر جي موقعي تي هيٺين فقهي مسئلن جي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تبليغ فرمائي.

(1) چنبي وارن پکين کي حرام فرمايو.

(2) سپني درندن جانورن جي حرمت جو اعلان فرمائي ڇڏيو.

(3) گڏوگڏ خچر حرام قرار ڏنو ويو.

(4) چاندي سون جي خريد ۽ فروخت ۾ ڪمي پيشي (گهٽ وڌائي) سان خريد ڪرڻ ۽ وڪڻڻ کي حرام فرمايو ۽ حڪم ڏنو تہ چاندي کي چاندي جي بدلي ۽ سون کي سون جي بدلي برابر برابر وڪڻڻ ضروري آهي جيڪڏهن گهٽ هوندو تہ وياج آهي جيڪو حرام آهي.

(5) هن وقت تائين اهو حڪم هو تہ ٻانهين جي هٿ ايندي ئي انهن سان صحبت ڪرڻ جائز هو پر هاڻي "استبراء" ضروري قرار ڏنو ويو يعني جيڪڏهن هو حاملہ هجي تہ ٻار پيدا ٿيڻ تائين نہ تہ هڪ مهينو انهن سان صحبت جائز ناهي. عورتن سان متعو ڪرڻ بہ هن غزوه ۾ حرام ڪيو ويو[2]. (زرقاني ج 2 ص 233 کان ص 238)

---

[1] مدارج النبوت قسم سوم، باب ششم ج 2 ص 248

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني باب غزوة خيبر ج 3 ص 286، 287 ملتقطاً و مدارج النبوت قسم سوم باب ششم ج 2 ص 260

## وادي القرىٰ جي جنگ

خيبر جي جنگ کان فارغ ٿي ڪري حضُور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن "وادي القرىٰ" تشريف وني ويا جيڪو "تيماء" ۽ "فدڪ" جي مقام جي وچ ۾ هڪ وادي جو نالو آهي هتي يهودين جا ڪجهه ڳوٺ آباد هئا. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جنگ جي ارادي سان هتي ڪو نه آيا هئا پر هتي جا يهودي ڇو ته جنگ لاءِ تيار هئا انهيءَ ڪري انهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي تير وسائڻ شروع ڪري ڇڏيا. پوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو هڪ غلام جنهن جو نالو حضرت مدعم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هو، هي اُٿ تان ڪجائو لاهي رهيا هئا ته هڪ تير انهن کي لڳو ۽ هي شهيد ٿي ويا. رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن يهودين کي اسلام جي دعوت ڏني. جنهن جو جواب انهن بدبختن تير ۽ تلوار سان ڏنو ۽ باقاعده صف بندي ڪري مسلمانن سان جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا مجبورًا مسلمانن به جنگ شروع ڪري ڏني چار ڏينهن تائين حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن يهودين جو گهيرو جاري رکندي انهن يهودين کي اسلام جي دعوت ڏيندا رهيا پر هي ماڻهو برابر وڙهندا ئي رهيا. آخر ڏهه يهودي قتل ٿي ويا ۽ مسلمانن کي فتح مبين حاصل ٿي وئي. ان کانپوءِ اهلِ خيبر جي شرطن تي هنن ماڻهن به صلح ڪري ورتي ته مقامي پيداوار جو اڌ حصو مديني موڪليندا رهندا.

جڏهن خيبر ۽ وادي القرىٰ جي يهودين جو حال معلوم ٿي ويو ته "تيماء" جي يهودين به جزيو ڏئي ڪري حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان صلح ڪري ورتي وادي القرىٰ ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن چار ڏينهن ترسيا[1]. (مدارج النبوت ج 2 ص 262 و زرقاني ج 2 ص 248)

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب فتح وادي القرىٰ، ج 3، ص 301، 303

## فدڪ جي صلح

جڏهن فدڪ جي يهودين کي خيبر ۽ وادي القرىٰ جي معاملي جي خبر پئي تہ انهن ڪا جنگ نہ ڪئي بلڪ دربارِ نبوت ۾ قاصد موڪلي ڪري هي درخواست ڪئي تہ خيبر ۽ وادي القرىٰ وارن سان جن شرطن تي اوهان ناهہ ڪيو آهي انهن شرطن تي اسان سان بہ صلح ڪئي وڃي. رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جي اها درخواست منظور فرمائي ورتي ۽ انهن سان صلح ٿي وئي پر جڏهن تہ هتي ڪا بہ فوج نہ موڪلي وئي هئي انڪري مجاهدين کي انهيءَ ڳوٺ مان ڪو بہ حصو نہ مليو بلڪ هي خاص حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ملڪيت قرار ڏني وئي ۽ خيبر ۽ وادي القرىٰ جون زمينون سڀ مجاهدن جي ملڪيت قرار ڏنيون ويون[1].

(زرقاني ج 2 ص 248)

## عمرة القضاء

ڇو تہ حديبيہ جي صلح نامي ۾ هڪ شق هي بہ هئي تہ ايندڙ سال حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مڪي اچي ڪري عمرو ادا فرمائيندا ۽ ٿي ڏينهن مڪي ۾ ترسندا انهيءَ شق مطابق ماهِ ذوالقعده 7 هجري ۾ حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن عمرو ادا ڪرڻ جي لاءِ مڪي روانو ٿيڻ جو اِرادو فرمايو ۽ اعلان ڪرائي ڇڏيو تہ جيڪي ماڻهو گذريل سال حديبيہ ۾ شريڪ هئا اهي سڀ مون سان گڏ هلن. تنهنڪري سواءِ انهن ماڻهن جي جيڪي جنگِ خيبر ۾ شهيد يا وفات ڪري چڪا هئا سيني هي سعادت حاصل ڪئي.

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب فتح وادي القرىٰ ج 3 ص 303

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڇو تہ مڪي جي ڪافرن تي پروسو نہ هو تہ هو پنهنجي واعدي کي پورو ڪندا انهيءَ لاءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جنگ جي پوري تياري سان روانا ٿيا. روانگي جي وقت حضرت ابو رهم غفاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مديني تي حاڪم مقرر فرمايو ۽ ٻن هزار مسلمانن سان گڏ ٽي جنهن مان هڪ سئو گهوڙن تي سوار هئا حضُور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مڪي لاءِ روانا ٿيا. ست اُٺ قرباني لاءِ گڏ هئا جڏهن مڪي جي ڪافرن کي خبر پئي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هٿيارن ۽ جنگ جي سامان سان گڏ مڪي اچي رهيا آهن تہ هو تمام گهڻو گهبرائجي ويا ۽ انهن ڪجهہ ماڻهن کي صورت حال جي تحقيق جي لاءِ ”مر الظهران“ تائين موڪليو حضرت محمد بن مسلمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جيڪي سوارن جا آفيسر هئا قريش جي قاصدن انهن سان ملاقات ڪئي انهن اطمينان ڏياريو تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صلح جي شرط جي مطابق بغير هٿيارن جي مڪي ۾ داخل ٿيندا اِهو ٻڌي ڪري قريشي ڪافر مطمئن ٿي ويا.

پوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن مقام ”ياجج“ ۾ پهتا جيڪو مڪي کان اٺ ميل پري آهي تہ سيني هٿيارن کي ان جڳهہ تي رکي ڇڏيو ۽ حضرت بشير بن سعد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن جي ماتحتي ۾ ڪجهہ صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جن کي انهن هٿيارن جي حفاظت لاءِ مقرر فرمائي ڇڏيو ۽ پاڻ سان هڪ تلوار کان سواءِ ڪو بہ هٿيار نہ کنيو ۽ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي هجوم سان گڏ ”لبيڪ“ پڙهندا حرم جي طرف وڌيا جڏهن مڪي ۾ داخل ٿيڻ لڳا تہ دربارِ نبوت جي شاعر حضرت عبد الله بن رواحہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ اٺ جي

واڳ سنياليندي اڳيان اڳيان رجز جا هي بيت جوش ۽ جذبي سان وڏي آواز سان پڙهندا هلي رهيا هئا تہ.

خَلُّوْا بَنِي الْكُفَّارِ عَنْ سَبِيْلِه اَلْيَوْمَ نَضْرِبُكُمْ عَلٰى تَنْزِيْلِه

اي ڪافرن جا فرزندؤ! پري ٿي وڃو جيڪڏهن توهان لهڻ کان روڪيو تہ اسان تلوار هلائينداسين.

ضَرْبًا يُّزِيْلُ الْهَامَ عَنْ مَقِيْلِه وَيُذْهِلُ الْخَلِيْلَ عَنْ خَلِيْلِه

اسان تلوار جو اهڙو وار ڪنداسين جيڪو مٿي کي ان جي خوابگاهہ کان ڌار ڪري ڇڏيندو ۽ دوست جي ياد دوست جي دل مان وساري ڇڏيندو.

حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ٿوڪيو ۽ چيو تہ اي عبد الله بن رواحہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اڳيان اڳيان ۽ الله تعاليٰ جي حرم ۾ تون شعر پڙهين ٿو؟ تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ اي عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هن کي ڇڏي ڏي هي بيت ڪافرن جي حق ۾ تيرن کان وڌيڪ آهن[1]. (شمائل ترمذي ص 17 و زرقاني ج 2 ص 255 کان ص 257)

جڏهن رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خاص حرمِ ڪعبہ ۾ داخل ٿيا تہ ڪجهہ ڪافر ساڙ وچان ان منظر کي برداشت نہ ڪري سگهيا ۽ جبلن تي هليا ويا پر ڪجهہ ڪافر پنهنجي دار الندوه (ڪميٽي گهر) وٽ بينا اکيون ڦاڙي ڪري محبّت توحيد ۽ رسالت جي هوا ۾ مست ٿيندڙ مسلمانن جي طواف جو نظارو ڪرڻ لڳا ۽ پاڻ ۾ چوڻ لڳا تہ هي مسلمان ڀلا ڇا طواف ڪندا؟ انهن کي تہ بک ۽ مديني

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني باب عمرة القضاء ج 3 ص 314-318

جي بخار بيحال ڪري ڇڏيو آهي. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مسجد حرام ۾ پهچي ڪري ”اضطباع“ ڪري ورتو يعني چادر مبارڪ کي اهڙي نموني ويڙهيو جو سندن ساڄو ڪلهو مبارڪ ۽ ٻانهن مبارڪ کليل رهيا ۽ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو خدا پاڪ ان تي رحمت نازل فرمائي جيڪو انهن ڪافرن جي سامهون پنهنجي طاقت جو مظاهرو ڪري پوءِ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجن اصحابن سڳورن سان گڏ شروع جي ٽن ڦيرن ۾ ڪلهن کي لوڏي لوڏي آڪڙجي هلندي طواف ڪيو. هن کي عربي زبان ۾ ”رمل“ چوندا آهن [1]. تنهنڪري هي سنت اجان تائين قائم آهي ۽ قيامت تائين قائم رهندي تہ ڪعبي جو طواف ڪرڻ وارو هر شخص طواف جي شروع وارن ٽن ڦيرن ۾ ”رمل“ ڪندو آهي.

(بخاري ج 1 ص 218 باب كيف كان بدء الرمل)

## حضرت حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن جي صاحبزادي

ٽي ڏينهن ڪانپوءِ مڪي جي ڪافرن جا ڪجهہ سردار حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وٽ آيا ۽ چيائون تہ شرط پوري ٿي وئي هاڻي اوهان مڪي مان نڪري وڃو. حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن بارگاهہ نبوت ۾ ڪافرن جو پيغام ٻڌايو تہ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهيءَ وقت مڪي مان روانا ٿي ويا. هلڻ وقت حضرت حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي هڪ ننڍي صاحبزادي جنهن جو نالو ”امامہ“ هو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي چاچا چاچا چوندي ڊوڙندي آئي. حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا چاچا حضرت حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جنگ احد ۾ شهيد ٿي چڪا هئا انهن جي اِها يتيم ٻارڙي مڪي ۾

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني باب عمرة القضاء ج 3 ص 316-323 ملتقطاً

رهجي وئي هئي جنهن وقت اها ٻارڙي رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي سڏيندي ڊوڙندي آئي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي شهيد چاچي جي ان نشانيءَ کي ڏسي پيار اچي ويو. ان ٻارڙي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ادا چوڻ جي بدران چاچا جان ان رشتي سان چيو جو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جا رضاعي ڀاءُ آهن، ڇو تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ۽ حضرت حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن حضرت ثويبہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو کير پيتو هو، جڏهن اِهي صاحبزاديون ويجهو آيون تہ حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ اڳيان وڌي ڪري ان کي پنهنجي هنج ۾ ڪٽي ورتو. پر هاڻي انهن جي پرورش لاءِ ٿي دعويدار اُٿي بيٺا. حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هي چيو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي منهنجي چاچي جي ڏيئُ آهي ۽ مون سڀ کان پهرين هن کي هنج ۾ ڪٽي ورتو آهي. تنهنڪري مونکي ان جي پرورش جو حق ملڻ ڪپي حضرت جعفر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هي گذارش ڪئي تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي منهنجي چاچي جي بہ ڏيئُ آهي ۽ هن جي ماسي منهنجي گهر واري آهي انڪري هن جي پرورش جو حقدار آئون آهيان حضرت زيد بن حارثہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪئي تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي منهنجي ديني ڀاءُ حضرت حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي نياڻي آهي. تنهنڪري آءُ ان جي پرورش ڪندس. ٽنهي صاحبن جو بيان ٻڌي ڪري حضورصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هي فيصلو فرمايو تہ ”ماسي ماءُ جي برابر هوندي آهي“ تنهنڪري هي ڇوڪري حضرت جعفر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن جي پرورش ۾ رهندي. پوءِ ٽنهي صاحبن جي دلداري ۽ دلجوئي ڪندي رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي ارشاد فرمايو تہ اي علي! رَضِيَ اللهُ عَنْهُ تون مون مان آهين ۽ آءُ تو مان آهيان ۽

حضرت جعفر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي فرمايو تون سيرت ۾ صورت ۾ مون سان مشاهبت رکين ٿو ۽ حضرت زيد بن حارثہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي هي فرمايو تہ اي زيد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ تون منهنجو ڀاءُ آهين ۽ منهنجو مولا (آزاد ڪيل غلام) آهين[1]. (بخاري ج 2 ص 610 عمرة القضاء)

## حضرت ميمونہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو نڪاح

انهيءَ عمرة القضاء (عمري جي قضاء) جي سفر ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت بي بي ميمونہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا سان نڪاح فرمايو، هي رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چاچي اُم فضل زوجہ حضرت عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي ڀيڻ هئي عمرة القضاء کان واپسي ۾ جڏهن رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مقام "سرف" ۾ پهتا تہ انهن کي پنهنجي خيمي ۾ رهائي پنهنجي صحبت سان سرفراز فرمايو ۽ عجيب اتفاق تہ انهيءَ واقعي جي 44 سالن کانپوءِ انهيءَ ئي مقام "سرف" ۾ حضرت بيبي ميمونہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو وصال ٿيو ۽ انهن جي قبر شريف بہ انهيءَ مقام تي آهي صحيح قول هي آهي تہ انهن جي وفات جو سال 51 ھ آهي تفصيلي بيان اِنْ شَآءَ اللّٰه ازواج مطهرات رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ جي بيان ۾ اڳيان ايندو[2]

---

[1] صحيح البخاري كتاب المغازي باب عمرة القضاء .....الخ الحديث 4251 ج 3 ص 94 والمواهب اللدنية وشرح الزرقاني باب عمرة القضاء ج 3 ص 325، 326 ملخصاً

[2] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب عمرة القضاء ج 3 ص 328، 329 ملخصاً

# باب تيرهون

# هجرت جو اٺون سال

## سن 8 هجري

هجرت جو اٺون سال بہ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مقدس حياتي جي وڏن وڏن واقعن تي مشتمل آهي هن ڪتاب ۾ ڪجهہ اهميت ۽ شهرت وارن واقعن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

## جنگ موتہ

”موتہ“ ملڪ شام ۾ هڪ جڳهہ جو نالو آهي هتي سن 8 هجري ۾ ڪفر ۽ اسلام جو اهو عظيم الشان معرڪو ٿيو جنهن ۾ هڪ لک ڪافرن جي لشڪر سان صرف ٽي هزار جان نثار مسلمانن پنهنجي جان سان ڪيڏيندي اهڙي لڙائي ڪئي جو هي جنگ تاريخ اسلام ۾ هڪ تاريخي يادگار بڻجي قيامت تائين باقي رهندي ۽ هن جنگ ۾ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم جون وڏيون وڏيون اولو العزم هستيون شرفِ شهادت سان سرفراز ٿيون[1].

## هن جنگ جو سبب

هن جنگ جو سبب هي ٿيو تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ”بصريٰ“ جي بادشاهہ يا قيصر روم جي نالي هڪ خط لکي حضرت حارث بن عمير رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي ذريعي روانو فرمايو. رستي ۾ ”بلقاء“ جي بادشاهہ شرحبيل بن عمرو غساني جيڪو قيصر روم جو ڏن

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب غزوة موتة، ج 3 ص 339-341، 344

ڏيندڙ هو ان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هن قاصد کي رسي سان ٻڌي ڪري نهايت ئي بي دردي سان قتل ڪري ڇڏيو. جڏهن بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ هن واقعي جو اطلاع پهتو تہ قلبِ مبارڪ کي انتهائي رنج ۽ صدمو رسيو ان وقت حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٽي هزار مسلمانن جو لشڪر تيار فرمايو ۽ پنهنجي هٿ مبارڪ سان اڇي رنگ جو جهنڊو ٻڌي حضرت زيد بن حارثہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي هٿ ۾ ڏنو ۽ هن کي هن فوج جو سپهہ سالار بڻايائون ۽ ارشاد فرمايائون تہ جيڪڏهن زيد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ شهيد ٿي وڃي تہ حضرت جعفر سپہ سالار ٿئي ۽ جيڪڏهن اهي بہ شهادت سان سرفراز ٿين تہ هن جهنڊي جا علمبردار حضرت عبد الله بن رواحہ ٿيندا (رَضِيَ اللهُ عَنْهُمْ)، انهن ڪانپوءِ لشڪرِ اسلام جنهن کي منتخب ڪري اهوئي سپہ سالار ٿيندو[1].

هن لشڪر کي رخصت ڪرڻ جي لاءِ خود حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مقام "ثنية الوداع" تائين تشريف کڻي ويا ۽ لشڪر جي سپہ سالار کي حڪم فرمايائون تہ توهان اسان جي قاصد حضرت حارث بن عمير (رَضِيَ اللهُ عَنْهُ) جي شهادت گاهہ ۾ وڃو جتي هن جان نثار فرض جي ادائيگيءَ ۾ پنهنجي جان قربان ڪئي آهي. پهريان تہ اتي جي ڪافرن کي اسلام جي دعوت ڏجو، جيڪڏهن اهي ماڻهو اسلام قبول ڪري وٺن تہ پوءِ اهي توهان جا اسلامي ڀائر آهن جيڪڏهن نہ تہ پوءِ توهان الله پاڪ کان مدد طلب ڪندي انهن سان جهاد ڪجو. جڏهن لشڪر هلڻ لڳو تہ مسلمانن وڏي آواز سان هي دعا گهري تہ خدا سلامت ۽ ڪامياب واپس موٽائي.

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب غزوة موتة ج 3 ص 340، 342

جڏهن هيءَ فوج مديني کان ڪجهه اڳتي نڪري وئي تہ خود قيصر روم مشرڪين جي هڪ لک فوج سان بلقاء جي سرزمين ۾ خيما کوڙي چڪو آهي. اها خبر ٻڌي ڪري اميرِ لشڪر حضرت زيد بن حارثہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن پنهنجي لشڪر کي ترسڻ جو حڪم ڏنو ۽ ارادو ظاهر ڪيائون تہ ان جي خبر بارگاهِ رسالت ۾ ڏني وڃي ۽ حڪم جو انتظار بہ ڪيو وڃي. پر حضرت عبد الله بن رواحہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن ارشاد فرمايو تہ اسان جو مقصد فتح يا مال غنيمت ناهي بلڪہ اسان جو مقصد تہ شهادت آهي ڇو تہ

شہادت ہے مقصود و مطلوبِ مومن　　نہ مالِ غنیمت، نہ کشور کشائی

۽ هي مقصد بلند هر وقت ۽ هر حال ۾ حاصل ٿي سگهي ٿو. حضرت عبد الله بن رواحہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي اها تقرير ٻڌي هر مجاهد جوشِ جهاد ۾ مدهوش ٿي ويو ۽ سيني جي زبان تي اهو ئي ترانو هو تہ

بڑھتے چلو مجاہدو　　بڑھتے چلو مجاہدو

ايتري تائين جو مجاهدينِ اسلام جو لشڪر موتہ جي سرزمين ۾ داخل ٿي ويو اتي پهچي ڪري ڏٺو تہ واقعي هڪ وڏو لشڪر ريشمي چمڪ ڏمڪ واريون ورديون پاتل مڪمل تياريءَ سان جنگ جي لاءِ بيٺو آهي. هڪ لک کان وڌيڪ لشڪر جو ڀلا ٽن هزارن سان مقابلو ئي ڇا؟ پر مسلمان خدا پاڪ جي ڀروسي تي مقابلي جي لاءِ تيار ٿي ويا[1].

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب غزوة موتة ج 3 ص 342 كان 344

## معرڪ آرائي (صف بندي) جو منظر

سڀ کان پهريائين مسلمانن جي اميرِ لشڪر حضرت زيد بن حارثہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن اڳتي وڌي ڪافرن جي لشڪر کي اسلام جي دعوت ڏني. جنهن جو جواب ڪافرن تيرن جي مار ۽ تلوارن جي وار سان ڏنو اهو منظر ڏسي مسلمان بہ جنگ جي لاءِ تيار ٿي ويا ۽ لشڪرِ اسلام جو سپہ سالار حضرت زيد بن حارثہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ گهوڙي تان لهي پيدل ميدانِ جنگ ۾ ڪاهي پيو ۽ مسلمانن بہ نهايت ئي جوش ۽ جذبي سان وڙهڻ شروع ڪري ڏنو پر هن سخت لڙائي ۾ ڪافرن حضرت زيد بن حارثہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي نيزن ۽ برڇين سان زخمي ڪري وڌو ۽ اهي بهادري سان وڙهندي شهيد ٿي ويا. فورًا ئي حضرت جعفر بن ابي طالب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن پرچمِ اسلام کي کڻي ورتو پر انهن کي هڪ رومي مشرڪ اهڙي تلوار هنئي جو هي ڪٽجي ڪري ٻہ ٽڪر ٿي ويا. ماڻهن جو بيان آهي تہ اسان ان جي جسم کي ڏٺو تہ ان جي بدن تي نيزن ۽ تلوارن جا نوي (90) کان وڌيڪ زخم هئا. پر ڪمال اهو هو جو ڪو بہ زخم کين پٺيان کان نہ لڳو هو بلڪ سڀ جا سڀ زخم سندن جي سامهون لڳل هئا. حضرت جعفر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان پوءِ حضرت عبد الله بن رواحہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن پرچم اسلام هٿ ۾ کنيو فورًا ئي انهن جي سؤٽ جي ڀاءُ گوشت سان ڀريل هڪ هڏي پيش ڪئي ۽ عرض ڪيائين تہ اي منهنجا ڀاءُ توهان ڪجهہ بہ کاڌو پيتو ناهي تنهنڪري هن کي کائي وٺو. ڀاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن هڪ ئي گرهہ هنيو تہ ڪفار جو تمام وڏو هجوم ڀاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ تي ڪڙڪي پيو. ڀاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هڏي اڇلائي ڇڏي ۽ تلوار ڪڍي دشمنن جي لشڪر ۾ ڪاهي پيو ۽ رجز جا شعر پڙهندي انتهائي

دليري سان ۽ جانبازي سان وڙهڻ لڳو پر زخمن کان چور چور ٿي زمين تي ڪري پيو ۽ جامِ شهادت سان سيراب ٿي ويو[1].

(بخاري ج 2 ص 611 غزوه موته وزرقاني ج 2 ص 271 کان 274)

هاڻي ماڻهن جي مشوري سان حضرت خالد بن وليد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جهنڊي جا علمبردار بڻيا ۽ ايتري قدر شجاعت ۽ بهادري سان وڙهيا جو نَوَ تلوارون ڀڄي ٽٽي ان جي هٿ مان ڪِري پيون ۽ پنهنجي جنگي مهارت ۽ ڪمالِ هنر مندي سان اسلامي فوج کي دشمنن جي گهيري منجهان ڪڍي آيا. (بخاري ج 2 ص 611 غزوه موته)

هن جنگ ۾ جيڪي ٻارهن معزز صحابه ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم شهيد ٿيا هئا انهن جا مقدس نالا هي آهن.

(1) حضرت زيد بن حارثه (2) حضرت جعفر بن ابي طالب (3) حضرت عبد الله بن رواحه (4) حضرت مسعود بن اوس (5) حضرت وهب بن سعد (6) حضرت عباد بن قيس (7) حضرت حارث بن نعمان (8) حضرت سراقه بن عمر (9) حضرت ابو ڪليب بن عمر (10) حضرت جابر بن عمر (11) حضرت عمرو بن سعد (12) حضرت هوبجه ضبي[2] (رَضِیَ اللهُ عَنْهُم اَجْمَعِيْن) (زرقاني جلد 2 ص 273)

اسلامي لشڪر تمام گهڻن ڪافرن کي قتل ڪيو ۽ ڪجهه مال غنيمت به حاصل ڪيو ۽ سلامتي سان گڏ مديني پهچي ويا.

---

[1] المواهب اللدنية وشرح الزرقاني، باب غزوة موتة ج 3 ص 345-347 ،ملتقطاً

[2] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب غزوة موتة من ارض الشام، الحديث: 4265، ج 3، ص 97 و المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب غزوة موتة ج 3 ص 348

## نگاهِ نبوت جو معجزو

جنگِ موتہ جي مقابلي ۾ جڏهن شديد جنگ لڳي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مديني مان ميدانِ جنگ کي ڏسي ورتو ۽ سندن جي نگاهن تان تمام حجاب اهڙي طرح کڄي ويا جو ميدانِ جنگ جي هڪ هڪ واقعي کي رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي نگاهِ نبوت ڏسي ورتو. جيئن تہ بخاري جي روايت ۾ آهي تہ حضرت زيد ۽ حضرت جعفر ۽ حضرت عبد الله بن رواحہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جي شهادتن جي خبر حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ميدانِ جنگ مان خبر اچڻ کان پهرين ئي پنهنجن اصحابن رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي ٻڌائي[1].

جڏهن تہ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انتهائي رنج ۽ غم جي حالت ۾ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهم جي ڀريل مجموعي ۾ هي ارشاد فرمايو تہ زيد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن جهنڊو کنيو اهو بہ شهيد ٿي ويو ان کانپوءِ جعفر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کنيو اهو بہ شهيد ٿي ويو ان کانپوءِ عبد الله بن رواحہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ علمبردار بڻيا اهي بہ شهيد ٿي ويا. ايتري تائين جو جهنڊي کي خدا جي تلوارن مان هڪ تلوار (خالد بن وليد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ) جن پنهنجي هٿن سان کنيو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهم کي اهي خبرون ٻڌائيندا رهيا ۽ سندن جي اکين مان لڙڪ جاري هئا[2]. (بخاري جلد 2 ص 611 غزوة موتہ)

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب غزوة موتة، ج 3 ص 350 و صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب غزوة موتة من ارض الشام، الحديث: 4262 ج 3 ص 96

[2] صحيح البخاري كتاب المغازي، باب غزوة موتة من ارض الشام الحديث 4262 ج 3 ص 96

موسيٰ بن عقبہ جن پنهنجي مغازي ۾ لکيو آهي تہ جڏهن حضرت يعليٰ بن اميہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جنگ موتہ جو حال احوال ٻڌائڻ جي لاءِ دربارِ نبوت ۾ پهتا تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کيس فرمايو تون مونکي اتان جون خبرون ٻڌائيندين؟ يا مان توکي ٻڌايان. حضرت يعليٰ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن عرض ڪيو تہ يا رسول الله (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اوهان ئي اتان جي خبر ٻڌايو! جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس اتان جو پورو حال احوال ٻڌايو تہ حضرت يعليٰ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن چيو تہ ان ذات جو قسم جنهن اوهان کي حق سان موڪليو آهي اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کا بہ اهڙي ڳالهہ نہ چڏي آهي جنهن کي مان بيان ڪريان. (زرقاني ج 2 ص 276)

حضرت جعفر شهيد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي گهرواري حضرت اسماء بنت عميس رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو بيان آهي تہ مون پنهنجن ٻارڙن کي وهنجاري سهنجاري تيل ۽ ڪجل سان سينگاري اتو بہ ڳوهي ورتو هو تہ مان هاڻي ٻارن جي لاءِ ماني پچايان ايتري ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن منهنجي گهر آيا ۽ فرمايائون تہ جعفر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي ٻارڙن کي منهنجي سامهون وٺي اچو جڏهن مون ٻارڙن کي پيش ڪيو تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٻارڙن کي سونگهڻ ۽ چمڻ لڳا ۽ سندن اکين مان لڙڪن جي لار ڳلن مبارڪن تي وهڻ لڳي تہ مون عرض ڪيو تہ ڇا حضرت جعفر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ۽ ان جي ساٿين جي باري ۾ ڪا خبر آئي آهي؟ تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو جي ها! اهي اڄ ئي شهيد ٿي ويا آهن. حضرت جعفر جي گهر واري فرمائي ٿي تہ اهو ٻڌي ڪري مون کان دانهن نڪري وئي ۽ منهنجو گهر عورتن ئي عورتن سان ڀرجي ويو. ان کانپوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي ڪاشانہء نبوت ۾ تشريف

ڪٽي ويا. ۽ ازواج مطهرات رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ کي فرمايائون تہ حضرت جعفر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي گهروارن جي لاءِ ڪاڏو تيار ڪيو وڃي[1].

(زرقاني ج 2 ص 277)

جڏهن حضرت خالد بن وليد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي لشڪر سان گڏ مديني جي ويجهو پهتا تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن گهوڙي تي سوار ٿي انهن جي استقبال لاءِ ويا ۽ مديني جا مسلمان ۽ ننڍڙا ننڍڙا ٻار ڊوڙندا ڊوڙندا مجاهدينِ اسلام سان ملاقات ڪرڻ لاءِ ويا ۽ ان موقعي تي حضرت حسان بن ثابت رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن جنگ موتہ جي شهداءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جو اهڙو تہ پرسوز مرثيو ٻڌايو جو تمام ٻڌندڙ روئڻ لڳا[2]. (زرقاني جلد 2 ص 277)

حضرت جعفر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن جا ٻئي هٿ شهادت جي وقت ڪٽجي ڪِري پيا تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن هٿن جي باري ۾ ارشاد فرمايو تہ الله پاڪ حضرت جعفر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي ٻنهي هٿن جي بدلي ٻہ پَر عطا ڪيا آهن جنهن سان اڏري اهي جنت ۾ جتي چاهين ٿا اتي وڃن ٿا[3]. (زرقاني ج 2 ص 274)

اهو ئي سبب آهي جو حضرت عبد الله بن عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا حضرت جعفر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي صاحبزادي حضرت عبد الله رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي جڏهن ٻہ سلام ڪندا هئا تہ هيئن چوندا هئا تہ "اسلام عليکم يا

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، باب غزوة موتة، ج 3 ص 356

[2] شرح الزرقاني علي المواهب باب غزوة موتة ج 3 ص 356

[3] شرح الزرقاني علي المواهب باب غزوة موتة ج 3 ص 353

ابن ذي الجناحين“ يعني اي بن پرن واري جا پٽ توهان تي سلامتي هجي[1]. (بخاري ج 2 ص 611 غزوهٔ موته)

جنگِ موته ۽ فتح مڪه جي وچ ۾ ڪجهه ننڍڙين ننڍڙين جماعتن کي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪافرن کان بچاءُ جي لاءِ مختلف هنڌن تي موڪليو انهن مان ڪجهه لشڪرن سان ڪافرن جو ٽڪراءُ به ٿيو جنهن جو مفصل تذڪرو زرقاني ۽ مدارج النبوة وغيره ۾ لکيل آهي.

انهن جنگين جا نالا هي آهن.

ذات السلاسل، سرية الخبط، سريه ابو قتاده (نجد)، سريه ابو قتاده (صنم) پر انهن جنگين مان سرية الخبط وڏيڪ مشهور آهي، جنهن جو بيان مختصر هي آهي.

## سرية الخبط

هن سريه کي حضرت امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن ”غزوه سيف البحر“ جي نالي سان ذڪر ڪيو آهي. رجب سن 8 هجري ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرتِ ابو عبيده بن الجراح رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي ٽي سئو صحابه ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جي لشڪر تي امير بڻائي ڪري ساحلِ سمنڊ جي طرف روانو فرمايو ته جيئن هي ماڻهو قبيله جهينه جي ڪافرن جي شرارتن تي نظر رکن. هن لشڪر ۾ خوراڪ جي ايتري قدر ڪمي ٿي وئي جو اميرِ لشڪر مجاهدن کي روزانو هڪ هڪ ڪتل راشن ۾ ڏيندا هئا ايستائين جو هڪ وقت اهڙو به آيو جو

[1] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب غزوة موتة من ارض الشام، الحديث: 4264، ج 3 ص 97

ڪتلون بہ ختم ٿي ويون ۽ ماڻهو بک مان بيچين ٿي وڻن جا پن کائڻ لڳا اهو ئي سبب هو جو عام طور تي تاريخدانن هن سريہ جو نالو ”سرية الخبط“ يا ”جيش الخبط“ رکيو ”خبط“ عربي زبان ۾ وڻن جي پنن کي چوندا آهن ڇو تہ مجاهدينِ اسلام هن سريہ ۾ وڻن جا پن کائي پنهنجي جان بچائي تنهنڪري هي سرية الخبط جي نالي سان مشهور ٿي ويو.

## هڪ عجيب الخلقت مڇي

حضرت جابر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ اسان کي هن سفر ۾ تقريباً هڪ مهينو رهڻو پيو ۽ جڏهن بک جي شدّت جي ڪري اسان وڻن جا پن کائڻ لڳاسين تہ الله پاڪ غيب مان اسان جي مدد فرمائي ۽ اسان جي رزق جو هي سامان پيدا فرمايو جو سمنڊ جي ڇولين هڪ ايڏي وڏي مڇي ڪناري تي اڇلائي جيڪا هڪ ٽڪريءَ وانگر پئي لڳي ۽ ٽي سئو صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم ارڙهن ڏينهن تائين ان مڇي جو گوشت کائيندا رهيا ۽ ان جي چربي پنهنجي بدن تي مليندا رهيا ۽ جڏهن اتان کان روانا ٿيڻ لڳا تہ ان جو گوشت ڪٿي مديني ڪٽي آيا ۽ جڏهن اهي ماڻهو بارگاهِ نبوت ۾ پهتا ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان ان جو تذڪرو ڪيائون تہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ هي الله تعالىٰ جي طرفان توهان جي لاءِ رزق جو بندوبست ٿيو هو پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان مڇي جو گوشت طلب ڪيو ۽ هن مان ڪجهہ تناول بہ فرمايو، اها ايڏي تہ وڏي مڇي هئي جو اميرِ لشڪر حضرت ابو عبيده رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هن جون بہ

پاسراٽيون زمين ۾ ڪوڙيون ته سامان جو پريل هڪ اٺ ان جي وچان گذري ويو[1]. (بخاري ج 2 ص 625 غزوه سيف البحر ۽ زرقاني ج 2 ص 280)

## مڪي جي فتح

(رمضان 8 هجري بمطابق جنوري 630 ء)

رمضان المبارڪ سن 8 هجري تاريخ نبوت جو نهايت ئي عظيم الشان عنوان آهي ۽ سيرت مقدسه جو هي اهو سنهرو باب آهي جنهن جي شان وشوڪت سان هر مومن جي دل قيامت تائين خوشين جو مرڪز بڻيل رهندي. ڇو ته تاجدارِ دو عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هن تاريخ کان 8 سال اڳ ۾ انتهائي رنجيدگي جي عالم ۾ پنهنجي يارِ غار کي ساڻ وٺي ڪري رات جي اونداهي ۾ مڪي مان هجرت ڪري پنهنجي وطن عزيز کي ڇڏيو هو ۽ مڪي مان نڪرڻ وقت خدا جي مقدس گهر خانه ڪعبه تي هڪ حسرت ڀري نگاهه وجهي هي چوندي مديني ڏانهن روانا ٿيا ته ”اي مڪ! خدا جو قسم! تون منهنجي نگاهِ محبت ۾ دنيا جي سڀني شهرن کان وڌيڪ پيارو آهين جيڪڏهن منهنجي قوم مون کي نه ڪڍي ها ته آئون هرگز توکي نه ڇڏي وڃان ها“. پر اٿن سالن کانپوءِ اهائي مسرت خوشين ڀري تاريخ آهي ته رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ فاتح اعظم جي حيثيت سان ان شهرِ مڪ ۾ جلوا فرما ٿيا ۽ ڪعبة الله ۾ داخل ٿي ڪري پنهنجي سجدن جي جمال ۽ جلال سان خدا جي مقدس گهر جي عظمت کي مشرف فرمايو.

---

[1] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب غزوة سيف البحر .....الخ الحديث:4361، 4362 ج 3 ص 127، 128 ملخصاً والمواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب سرية الخبط ج 3 ص 361-365 ملتقطاً.

پر پڙهندڙن جي ذهنن ۾ هي سوال پيدا ٿيندو هوندو ته جڏهن حديبيہ جي صلح نامي ۾ هي تحرير ٿي چڪو هو ته ڏهن سالن تائين ڏرين جي وچ ۾ ڪا بہ جنگ نہ ٿيندي ته پوءِ آخر ڪار اهو ڪهڙو سبب بڻيو جو صلح نامي کان فقط بہ سال ئي پوءِ ٻنهي جهانن جي سردار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهل مڪہ جي سامهون هٿيار کڻڻ جي ضرورت پيش آئي ۽ پاڻ هڪ عظيم الشان لشڪر سان فاتحانہ حيثيت سان مڪي ۾ داخل ٿيا ته هن سوال جو جواب هي آهي ته هن جو سبب ڪفارِ مڪہ جي ”عهد شڪني“ ۽ حديبيہ جي صلح نامي سان غداري ڪرڻ آهي[1].

## ڪفار قريش جي عهد شڪني

صلح حديبيہ جي بيان ۾ توهان پڙهي چڪا آهيو ته حديبيہ جي صلح نامي ۾ هڪ هيءَ شرط بہ لکيل هئي ته عرب جي قبيلن مان جيڪو بہ قبيلو قريش سان معاهدو ڪرڻ چاهي ته اهو قريش سان معاهدو ڪري ۽ جيڪو حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان معاهدو ڪرڻ چاهي اهو حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان معاهدو ڪري. تنهنڪري ان ئي ڳالهہ تي قبيلي بني بڪر قريش سان باهمي امداد جو معاهدو ڪري ورتو ۽ قبيلي بني خزاعہ وارن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان امدادِ باهمي جو معاهدو ڪري ورتو. هي ٻئي قبيلا مڪي جي آسپاس آباد هئا پر هنن ٻنهي ۾ گهڻي عرصي کان وني سخت عداوت ۽ مخالفت هلندي پئي آئي.

هڪ عرصي کان ته ڪفارِ قريش ۽ ٻين عرب قبيلن جا ڪافر

[1] السيرة الحلبية، باب ذكر مغازيه، غزوة خيبر، ج 3، ص 74 ماخوذاً

مسلمانن سان جنگ ڪرڻ لاءِ سڄي طاقت آزمائي رهيا هئا. پر صلح حديبيہ جي بدولت جڏهن مسلمانن جي جنگ کان ڪفارِ قريش ۽ ٻين ڪافرن جي قبيلن کي فرصت ملي تہ قبيلي بني بڪر وارن قبيلي بني خزاعہ کان پنهنجي پراڻي عداوت جو انتقام وٺڻ چاهيو ۽ پنهنجي حليف ڪفارِ قريش سان ملي بلڪل اوچتو قبيلي بني خزاعہ تي حملو ڪري ڏنو ۽ هن حملي ۾ ڪفارِ قريش جا سڀ رئيس يعني عڪرمہ بن ابي جهل، صفوان بن اميہ ۽ سهيل بن عمرو وغيره وغيره وڏن وڏن سردارن علانيہ بني خزاعہ کي قتل ڪيو. ويچارا بني خزاعہ هن خوفناڪ ظالماڻي حملي جي سٽ نہ سهي سگهيا ۽ پنهنجي جان بچائڻ جي خاطر حرمِ ڪعبہ ۾ پناه وٺڻ جي لاءِ ڀڳا. بني بڪر جي عوام تہ حرم ۾ تلوار کي هلائڻ لاءِ هٿ روڪي ورتو ۽ حرمِ اِلٰهي جو احترام ڪيائون. پر بني بڪر جو سردار "نوفل" ايتريقدر جوشِ انتقام ۾ هوش مان ٻاهر نڪري ويو جو هو حرم ۾ بہ بني خزاعہ کي نهايت بي دردي سان قتل ڪندو رهيو ۽ وڏيون رڙيون ڪري پنهنجي قوم کي للڪارڻ لڳو تہ وري اهڙو موقعو ڪڏهن بہ هٿ نہ اچي سگهندو. پوءِ انهن درنده صفت خونخوار انسانن حرمِ الٰهي جي احترام کي بہ خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو ۽ حرمِ ڪعبہ جي حدن اندر نهايت ئي ظالماڻي نموني بني خزاعہ جو خون وهايو ۽ ڪفارِ قريش وارن بہ انهيءَ قتل وغارت ۾ انهن جو ڀرپور ساٿ ڏنو[1]. (زرقاني ج 2 ص 289)

ظاهر آهي تہ قريشن پنهنجي ان حرڪت سان حديبيہ جي

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب هفتم ج 2 ص 281، 282 ملخصاً

معاهدي کي عملي طور ٽوڙي ڇڏيو. ڇو تہ بني خزاعہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان معاهدو ڪري سندن جا حليف بڻجي چڪا هئا، تنهنڪري بني خزاعہ تي حملو ڪرڻ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي حملي ڪرڻ جي برابر هو. انهيءَ حملي ۾ بہ بني خزاعہ جا ٽيويهہ (23) ماڻهو قتل ٿي ويا. هن حادثي کانپوءِ قبيلي بني خزاعہ جي سردار عمرو بن سالم خزاعي چاليهہ ماڻهن جو وفد وٺي ڪري دانهن ڏيڻ ۽ امداد طلب ڪرڻ جي نيت سان مديني ۾ بارگاهِ رسالت ۾ پهتا ۽ اهو ئي سبب هو جو مڪو پاڪ فتح ٿيو.

## تاجدار رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان مدد

حضرت بي بي ميمونہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو بيان آهي تہ هڪ دفعي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪاشانۂ نبوت ۾ وضو فرمائي رهيا هئا ۽ هڪدم بلڪل اوچتو پاڻ وڏي آواز سان ٽي دفعا هي فرمايائون لبيڪ۔ لبيڪ۔ لبيڪ (ترجمو مان توهان جي لاءِ بار بار حاضر آهيان) پوءِ ٽي دفعا وڏي آواز سان پاڻ هي ارشاد فرمايو تہ نصرت۔ نصرت۔ نصرت (توهان کي مدد ملي وئي) جڏهن رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وضو ڪري اٿيا تہ مون عرض ڪيو يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان تنهائي ۾ ڪنهن سان گفتگو ڪري رهيا هئا؟ تہ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ اي ميمونہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا قهر ٿي ويو! منهنجي حليف بني خزاعہ تي بني بڪر ۽ ڪفار قريش حملو ڪري ورتو آهي ۽ هن مصيبت ۽ بي وسي جي وقت ۾ بني خزاعہ وارن اتان دانهون ڪري مونکي سڏيو آهي ۽ مونکي مدد جي لاءِ پڪاريو آهي ۽ مون انهن جي پڪار ٻڌي انهن جي حوصلي کي

وڏائڻ جي لاءِ ڪين جواب ڏنو آهي. حضرت بي بي ميمونه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا چوي ٿي ته ان واقعي جي ٽئين ڏينهن جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن نمازِ فجر جي لاءِ مسجد ۾ تشريف کڻي ويا ۽ جڏهن نماز کان فارغ ٿيا ته فورًا بني خزاعه جي مظلومين رجز جا اشعار وڏي آواز سان پڙهڻ شروع ڪري ڏنا ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ صحابه ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جن انهن جي ان درد پريل ۽ رقت انگيز فرياد کي غور سان ٻڌو. توهان به انهن رجز جي ڪجهه شعرن کي ملاحظه فرمايو.

يَا رَبِّ اِنِّيْ نَاشِدٌ مُحَمَّدًا حِلْفَ اَبِيْنَا وَاَبِيْهِ الْاَتْلَدًا

ترجمو: اي خدا! آءُ محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن کي اهو معاهدو ياد ڏياريان ٿو جيڪو اسان جي ۽ انهن جي ابن ڏاڏن جي وچ ۾ قديم زماني ۾ ٿي چڪو آهي.

فَانْصُرْ هَدَاكَ اللّٰهُ نَصْرًا اَبَّدَا وَادْعُ عِبَادَ اللّٰهِ يَاْتُوْا مَدَّدَا

ترجمو: ته خدا توهان کي سِڌي راهه تي هلائي. توهان اسان جي ڀرپور مدد ڪريو ۽ خدا جي ٻانهن کي سڏيو. اهي سڀ مدد جي لاءِ ايندا.

فِيْهِمْ رَسُوْلُ اللّٰهِ قَدْ تَجَرَّدَا اِنْ سِيْمَ خَسْفًا وَجْهُهٗ تَرَبَّدَا

ترجمو: انهن مدد ڪرڻ وارن ۾ رسول الله (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) به غضب جي حالت ۾ هجن ته انهن کي ذلت جو داغ لڳي ته انهن جو انداز بدلجي وڃي.

هُمْ بَيَّتُوْنَا بِالْوَتِيْرِ هُجَّدًا وَقَتَلُوْنَا رُكَّعًا وَّسُجَّدًا

ترجمو: انهن ماڻهن (بني بڪر ۽ قريش) وارن "مقامِ وتير" ۾ ننڊ

جي حالت ۾ اسان تي اوچتو حملو ڪيو ۽ رڪوع ۽ سجود جي حالت ۾ به اسان ماڻهن کي بيدردي سان قتل ڪيو.

اِنَّ قُرَيْشًا اَخْلَفُوْكَ الْمَوْعِدَا وَنَقَّضُوْا مِيْثَاقَكَ الْمُؤَكَّدَا

ترجمو: يقيناً قريشن توهان سان وعدا خلافي ڪئي آهي ۽ توهان سان مضبوط معاهدو ٽوڙي ڇڏيو اٿن.

انهن شعرن کي ٻڌي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي تسلي ڏني ۽ فرمايائون ته گهبرايو نه، مان توهان جي امداد جي لاءِ تيار آهيان[1]. (زرقاني ج 2 ص 290)

## حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امن پسندي

ان کانپوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن قريشن ڏانهن قاصد موڪليو ۽ ان سان ٽي شرطون رکيون ته ان مان ڪا به هڪ شرط قبول ڪري وٺن.

1. بني خزاعه جي مقتولن کي خون جو عيوض ڏنو وڃي.
2. قريش، قبيلي بني بڪر جي حمايت کان الڳ ٿي وڃن.
3. اعلان ڪيو وڃي ته حديبيه جو معاهدو ٽٽي ويو آهي.

جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قاصد انهن شرطن کي قريش جي سامهون رکيو ته قرط بن عبد عمر قريشن جو نمائندو بڻجي جواب ڏنو ته "نه اسان مقتولن جي خون جو معاوضو ڏينداسين ۽ نه پنهنجي حليف قبيلي بني بڪر جي حمايت ڇڏينداسين. پر ها ٽين

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني باب غزوة الفتح الاعظم ج 3 ص 380 كان 382

شرط اسان کي قبول آهي ۽ اسين اعلان ڪريون ٿا تہ حديبيہ جو معاهدو ٿئي ويو.“ پر قاصد جي واپس وڃڻ کانپوءِ قريشن کي پنهنجي هن جواب تي ڏاڍي ندامت ٿي تنهنڪري قريشن جا ڪجهہ رئيس ابو سفيان وٽ ويا ۽ چيائون تہ جيڪڏهن هي معاملو حل نہ ٿيو تہ سمجهي وٺو يقيناً محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن اسان تي حملو ڪندا. ابو سفيان چيو تہ منهنجي گهرواري هند بنتِ عتبہ خواب ڏٺو آهي تہ مقام ”حجون“ کان مقام ”خندمہ“ تائين هڪ رت جي نهر وهي رهي آهي ۽ پوءِ اهو رت غائب ٿي ويو. قريشن هن خواب کي تمام منحوس سمجهيو ۽ خوف ۽ دهشت سبب ڊڄي ويا ۽ ابو سفيان تي تمام گهڻو زور رکيائون تہ اهو فورًا مديني وڃي ڪري حديبيہ واري معاهدي جي تجديد ڪري[1]. (زرقاني ج 2 ص 292)

## ابو سفيان جي ڪوشش

ان کانپوءِ تمام تيزي سان ابو سفيان مديني ويو ۽ سڀ کان پهريائين پنهنجي ڌيءُ حضرت اُمّ الّمومنين بي بي اُمّ حبيبہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي گهر پهتو ۽ بستري تي ويهڻ جي ڪيائين تہ حضرت بي بي اُمّ حبيبہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جلدي ۾ بسترو ڪٽي ورتو اب وسفيان حيران ٿي ڪري پڇيو تہ ڌيءُ تو بسترو ڇو ڪٽي ورتو؟

ڇا بستري کي منهنجي قابل نہ سمجهيو يا مونکي بستري جي قابل نہ سمجهيو؟ تہ ايتري ۾ اُمّ الّمومنين جواب ڏنو تہ هي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو بسترو آهي ۽ تون مشرڪ ۽ نجس آهين تنهنڪري مون اهو پسند نہ ڪيو تہ تون حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بستري تي ويهين. اهو ٻڌي ابو سفيان کي

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب غزوة الفتح الاعظم ج 3 ص 384

ڏاڍو صدمو پهتو ۽ اهو ڏکارو ٿي اتان هليو آيو ۽ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي پنهنجو مقصد بيان ڪيائين. رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪو به جواب نه ڏنو پوءِ ابو سفيان حضرت ابو بڪر صديق ۽ حضرت عمر ۽ حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُم وٽ ويو انهن سڀني جواب ڏنو ته اسين ڪجهه به نٿا ڪري سگهون. حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وٽ جڏهن ابو سفيان پهتو ته اتي حضرت بي بي فاطمه ۽ حضرت امام حسن رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا به هئا. ابو سفيان وڏي عاجزي سان چيو ته اي علي! تون قوم ۾ تمام گهڻو رحمدل آهين مان هڪ مقصد کڻي هتي آيو آهيان ڇا مان ائين ئي ناڪام موٽي وڃان مان صرف اهوئي چاهيان ٿو ته تون حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وٽ منهنجي سفارش ڪر. حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمايو ته اي ابو سفيان! اسان ماڻهن جي اها مجال ناهي جو اسان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ارادي ۽ مرضي ۾ ڪا مداخلت ڪري سگهون. هر طرف کان مايوس ٿي جڏهن ابو سفيان حضرت فاطمه زهراء رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي چيو ته اي فاطمه! هي توهان جو پنجن سالن جو ٻار (امام حسن) صرف هڪ دفعو پنهنجي زبان سان ايترو چئي ڇڏي ته مون ٻنهي ڌرين ۾ صلح ڪرائي ڇڏي ته اڄ ڪانپوءِ هي ٻار عرب جو سردار مڃيو ويندو. حضرت بي بي فاطمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جن جواب ڏنو ته ٻارڙن جو اهڙن معاملن ۾ ڪهڙو دخل؟ آخرڪار ابو سفيان چيو ته اي علي! معاملو ڏاڍو ڏکيو ٿو نظر اچي ڪا تدبير ته ٻڌايو؟ حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن فرمايو ته آءُ هن سلسلي ۾ توکي ڪا به فائديمند صلاح ته نٿو ڏئي سگهان پر تون بني ڪنانه جو سردار آهين تون پاڻ ئي ماڻهن جي سامهون اعلان ڪر ته مون حديبيه جي معاهدي جي تجديد ڪري ورتي آهي.

ابو سفيان چيو ڇا منهنجو اهو اعلان فائديمند ثابت ٿي سگهي ٿو؟ حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن فرمايو هڪ طرفو ته اعلان فائديمند نٿو ٿي سگهي. پر هاڻي تو وٽ ان کان سواءِ ٻيو ڪهڙو رستو آهي؟ ابو سفيان اتان کان مسجد نبوي ۾ آيو ۽ وڏي آواز سان مسجد ۾ اعلان ڪرڻ لڳو ته مون حديبيه واري معاهدي جي تجديد ڪري ورتي آهي. پر مسلمانن مان ڪنهن به ڪو جواب نه ڏنو. ابو سفيان اهو اعلان ڪري مڪي روانو ٿي ويو جڏهن مڪي پهتو ته قريشن پڇيو ته مديني ۾ ڇا ٿيو؟ ابو سفيان سڄو واقعو بيان ڪري ٻڌايو. پوءِ قريشن پڇيو ته جڏهن تو پنهنجي طرفان حديبيه جي معاهدي جي تجديد جو اعلان ڪيو ته ڇا محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ان کي قبول ڪري ورتو؟ ابو سفيان چيو "نه" اهو ٻڌي ڪري قريشن چيو اهو ته ڪجهه به نه ٿيو. هي نه صلح آهي جو اسين اطمينان سان ويهون نه ئي جنگ آهي جو ان جي تياري ڪيون[1]. (زرقاني ج 2 ص 292 کان 293)

ان کانپوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ماڻهن کي جنگ جو حڪم ڏنو ۽ حضرت بي بي عائشه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي به فرمائي ڇڏيو ته جنگ جا هٿيار تيار ڪريو ۽ پنهنجي حليف (اتحادي) قبيلن کي به جنگي تيارين جي لاءِ حڪم نامو موڪلي ڇڏيو. پر ڪنهن کي به حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اهو نه ٻڌايو ته ڪنهن سان جنگ ڪرڻي آهي ايتريقدر جو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي به ڪجهه نه ٻڌايو، تنهنڪري حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ حضرت بي بي عائشه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا وٽ آيا ۽ ڏنائين ته اُها جنگي هٿيارن کي ڪڍي رهي آهي ته پاڻ پڇيائون

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب غزوة الفتح الاعظم، ج 3 ص 385-386

تہ ڇا ان ڪم جو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حڪم ڏنو آهي عرض ڪيو ويو ”جي ها“ پوءِ پاڻ پڇيائون تہ ڇا توکي ڪجهہ معلوم آهي تہ ڪٿان جو ارادو آهي ؟ حضرت بي بي عائشہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جواب ڏنو ”والله! مونکي ڪا خبر ناهي“.[1] (زرقاني جلد 2 ص 291)

مطلب تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انتهائي خاموشي ۽ رازداريءَ سان جنگ جي تياري فرمائي ۽ مقصد هي هو تہ مڪي جي ماڻهن کي هرگز خبر نہ پوي ۽ اوچتو انهن تي حملو ڪيو وڃي.

## حضرت حاطب بن ابي بَلْتَعَہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو خط

حضرت حاطب بن ابي بَلْتَعہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جيڪي هڪ معزز صحابي هئا انهن قريش کي هڪڙو خط هن مضمون تي لکي ڏنو تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جنگ جي تياري ڪري رهيا آهن تنهنڪري توهان هوشيار ٿي وڃو هن خط کي انهن هڪ عورت جي ذريعي مڪي موڪليو. الله پاڪ پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي علمِ غيب عطا ڪيو هو. رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي علمِ غيب جي بدولت هي ڄاڻي ورتو تہ حضرت حاطب بن ابي بَلْتَعَہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڪهڙي ڪاروائي ڪئي آهي، تنهنڪري پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت علي، حضرت زبير ۽ حضرت مقداد رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي فورًا ئي روانو فرمايو تہ توهان ”روضہء خاخ“ ۾ هليا وڃو. اتي هڪ عورت آهي ۽ هن وٽ هڪ خط آهي اهو خط ان عورت کان کسي مون وٽ کڻي اچو. اهي ٽئي اصحابِ ڪبار رَضِيَ اللهُ عَنْهُم تيز رفتار گهوڙن تي سوار ٿي ”روضہء خاخ“ ۾ پهتا ۽ ان عورت کي

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب غزوة الفتح الاعظم، ج 3 ص 381، 382

ڏسي ورتائون جڏهن ان عورت کان خط طلب ڪيو تہ ان چيو خدا جو قسم! مون وٽ تہ ڪو بہ خط ناهي. حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن فرمايو تہ خدا جو قسم! رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪڏهن ڪا بہ ڪوڙي ڳالهہ نٿا چئي سگهن ۽ نہ ئي اسين ڪوڙا آهيون. تنهنڪري تون اهو خط ڪڍي اسان کي ڏئي ڇڏ نہ تہ اسان توکي اگهاڙو ڪري بہ تلاشي وٺنداسين. جڏهن عورت مجبور ٿي وئي تہ ان پنهنجن وارن جي ڇُڳي مان اهو خط ڪڍي ڏنو. جڏهن اهي خط کڻي بارگاهِ رسالت ۾ پهتا تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت حاطب بن ابي بَلْتَعَہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي سڏايو ۽ فرمايائون تہ اي حاطب! هي تو ڇا ڪيو؟ انهن عرض ڪيو تہ يا رسول الله (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) توهان منهنجي باري ۾ جلدي نہ فرمايو نہ مون پنهنجو دين بدلايو آهي نہ ئي مرتد ٿيو آهيان منهنجي هن خط لکڻ جو مقصد هي هو تہ منهنجا ٻار ۽ ٻچا سڀ مڪي ۾ آهن پر مڪي ۾ منهنجو ڪو بہ مٽ مائٽ ناهي جيڪو منهنجي گهر واريءَ ۽ ٻارن جي سار سنڀال لهي مون کان سواءِ ٻين مهاجرن جا مٽ مائٽ مڪي ۾ موجود آهن جيڪي هنن جي ٻارن ٻچن جي سارسنڀال لهن ٿا، تنهنڪري مون اهو خط لکي ڪري قريش تي اهو هڪ احسان ڪيو آهي تہ جيئن مان انهن جي همدردي حاصل ڪري وٺان ۽ اهي منهنجي اهل ۽ عيال سان برو سلوڪ نہ ڪن. يا رسول الله (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) منهنجو اهو ايمان آهي الله تعالىٰ ضرور هنن ڪافرن کي شڪست ڏيندو ۽ منهنجي هن خط مان ڪافرن کي هرگز ڪو بہ فائدو پهچي نہ سگهندو. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت حاطب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي انهيءَ ڳالهہ کي ٻڌي سندن عذر کي قبول فرمايو پر حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ انهيءَ خط کي

ڏسي ڪري ايتريقدر جلال ۾ اچي ويا جو پاڻ تي ڪنٽرول نہ ڪري سگهيا ۽ عرض ڪيائون تہ يا رسول الله (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) مونکي اجازت ڏيو تہ آئون هن منافق جو ڪنڌ ڪپي ڇڏيان. ٻيا صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم بہ ڪاوڙ ۾ ڀرجي ويا پر رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي نرڙ تي ٿوڙو بہ گهنج نہ آيو ۽ پاڻ حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي ارشاد فرمايائون تہ اي عمر! رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڇا توهان کي خبر ناهي تہ حاطب اهل بدر وارن مان آهي الله تعالىٰ اهلِ بدر کي مخاطب ٿيندي فرمايو آهي تہ ”توهان جيڪي چاهيو اهو ڪريو توهان کان ڪو بہ پڇاڻو ناهي“ اهو ٻڌي ڪري حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جون اکيون آليون ٿي ويون ۽ پاڻ اهو چئي ڪري خاموش ٿي ويا تہ الله پاڪ ۽ ان جي رسول کي اسان سيني کان وڌيڪ علم آهي“ ان موقعي تي قرآن پاڪ جي هي آيت نازل ٿي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْا عَدُوِّيْ وَعَدُوَّكُمْ اَوْلِيَآءَ[1] (ممتحنہ)

ترجمو ڪنز الايمان: اي ايمان وارؤ! منهنجي ۽ پنهنجي ڪافر دشمنن کي دوست نہ بڻايو.

بهرحال حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت حاطب بن ابي بَلْتَعَہ کي معاف فرمائي ڇڏيو.[2] (بخاري ج 2 ص 612 غزوة الفتح)

## مڪي تي حملو

10 رمضان سن 8 هجري تي رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مديني کان ڏهہ (10) هزار جو لشڪر ساڻ وٺي مڪي ڏانهن روانا

---

[1] پ: 28 الممتحنة: 1

[2] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب غزوة الفتح، الحديث 4274 ج 3، ص 99 و المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب غزوة الفتح الاعظم، ج 3 ص 378-391

ٿيا. ڪجهه روايتن ۾ اچي ٿو ته فتح مڪه ۾ پاڻ سان ٻارهن هزار جو لشڪر گڏ هو انهن ٻنهي روايتن ۾ ڪو به اعتراض ناهي، ٿي سگهي ٿو ته مديني کان روانگي جي وقت ڏهه هزار جو لشڪر هجي پوءِ رستي ۾ ڪجهه قبيلا هن لشڪر ۾ شامل ٿي ويا هجن ۽ مڪي پهچي هنن جي تعداد ٻارهن هزار ٿي وئي هجي. بهرحال مديني کان هلڻ وقت حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ تمام صحابه ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم روزيدار هئا جڏهن پاڻ "مقامِ ڪديد" ۾ پهتا ته پاڻي گهريائون ۽ پنهنجي سواري تي ويني پوري لشڪر کي ڏيکاري ڪري ڏينهن ڏني پاڻي نوش فرمايائون ۽ سيني کي روزي کولڻ جو حڪم ڏنائون. تنهنڪري سفر ۽ جهاد ۾ هجڻ جي ڪري پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن اصحابِ ڪرام روزو رکڻ ڇڏي ڏنو.[1]

(بخاري ج 2 ص 613 ۽ زرقاني ج 2 ص 300 ۽ سيرت ابن هشام ج 2 ص 400)

## حضرت عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وغيره سان ملاقات

جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مقام "جحفه" ۾ پهتا ته اتي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا چاچا حضرت عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي گهر ڀاتين سان گڏ خدمتِ اقدس ۾ حاضر ٿيا هي مسلمان ٿي ڪري آيا هئا بلڪه هن کان گهڻو اڳ مسلمان ٿي چڪا هئا ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مرضي سان مڪي ۾ مقيم هئا ۽ حاجِن کي زم زم پيارڻ واري معزز عهدي تي فائز هئا ۽ سندن سان گڏ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چاچي حارث بن عبد المطلب جو پٽ جنهن جو نالو به ابو سفيان هو ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو پڦات عبد الله بن ابي اميه جيڪو حضرت

1 المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني باب غزوة الفتح الاعظم ج 3 ص 395-398

ام المومنين بي بي اُم سلمه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو ويڳو ڀاءُ به هيو بارگاهِ اقدس ۾ حاضر ٿيو انهن ٻنهي صاحبن جي حاضري جو حال جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي معلوم ٿيو ته حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن ٻنهي صاحبن جي ملاقات کان انڪار ڪري ڇڏيو ڇو ته انهن ٻنهي حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي تمام گهڻو ايذايو هو خصوصاً ابو سفيان بن الحارث سندن سؤٽ جيڪو اعلان نبوت کان اڳ ۾ سندن جي انتهائي جان نثارن مان هو پر اعلان نبوت کانپوءِ انهن پنهنجن قصيدن ۾ ايترا ته شرمناڪ ۽ گستاخانا شعر حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي لاءِ چيا جو حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي دلي صدمو پهتو هو تنهنڪري پاڻ انهن ٻنهي کان انتهائي ناراض ۽ بيزار هئا پر حضرت بي بي ام سلمه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جن انهن ٻنهي جو ڏوهه معاف ڪرائڻ جي لاءِ تمام گهڻي سفارش ڪئي ۽ ابو سفيان بن الحارث جن هي چئي ڇڏيو ته جيڪڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن منهنجو قصور معاف نه ڪيو ته آءُ پنهنجا ننڍڙا ننڍڙا ٻار ٻچا وني عرب جي ريگستان ۾ هليو ويندس ته جيئن اتي وڃي بغير داڻي پاڻي جي بک ۽ اُڃ ۾ تڙپي تڙپي مان ۽ منهنجا ٻار مري ختم ٿي وڃون. حضرت بي بي اُم سلمه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا بارگاهِ رسالت ۾ روئڻهارڪو ٿي عرض ڪيو ته يا رسول الله (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ڇا توهان جو سؤٽ ۽ توهان جو پڦاٽ سيني انسانن کان وڌيڪ بدنصيب رهندا؟ ڇا يا رسول الله (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) انهن ٻنهي کي توهان جي رحمت مان ڪو حصو نه ملندو؟ سر گُهورڻ واري ان گهرواريءَ جي انهن دردناڪ لفظن سان رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي رحمت ڀري دل ۾ رحم و ڪرم ۽ عفو و درگزر جو

سمنڊ چوليون هڻڻ لڳو پوءِ حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن انهن ٻنهي کي اهو مشورو ڏنو تہ توهان ٻئي اچانڪ بارگاهِ رسالت ۾ وڃي بيهي رهو ۽ جهڙي طرح حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جي ڀائرن چيو هو اهو ئي توهان ٻئي وڃي چئو تہ

لَقَدْ اٰثَرَكَ اللّٰهُ عَلَيْنَا وَاِنْ كُنَّا لَخٰطِـِٕيْنَ ﴿۹۱﴾ [1] (پ: 13: يوسف:91)

ترجمو ڪنز الايمان: تہ يقيناً توهان کي الله اسان تي فضيلت ڏني آهي ۽ بيشڪ اسان خطاوار آهيون.

تنهنڪري انهن ٻنهي صاحبن بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي اهو ئي چيو. يڪدم رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيشانيءِ رحمت تي ڪرم ۽ رحم جا هزارين ستارا چمڪڻ لڳا تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي جواب ۾ بلڪل اهو ئي جملو پنهنجي زبانِ رحمت نشان مان ارشاد فرمايو جيڪو حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي ڀائرن جي جواب ۾ فرمايو.

لَا تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ ؕ يَغْفِرُ اللّٰهُ لَكُمْ ۫ وَهُوَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿۹۲﴾ [2] (پ: 13: يوسف: 92)

ترجمو ڪنز الايمان: اڄ توهان کان ڪو پڇاڻو نہ آهي الله توهان کي معاف ڪري ۽ اهو سيني کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارو آهي.

جڏهن ڏوهہ معاف ٿي ويو تہ ابو سفيان بن الحارث رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن تاجدار رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مدح ۾ شعر لکيا ۽ زمانہ

---

[1] پ: 13 يوسف: 91

[2] پ: 13 يوسف: 92

جاهليت ۾ جيڪي به سندن جي شان ۾ برا شعر لکيا هئا انهن جي معذرت ڪيائين ۽ ان ڪانپوءِ سڄي عمر سچا ۽ ثابت قدم مسلمان ٿي رهيا پر حيا جي ڪري ڪڏهن به آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سامهون پنهنجو ڪنڌ مٿي نه کڻندا هئا ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن به ان سان ڏاڍي محبت ۽ پيار رکندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته مونکي اميد آهي ته ابو سفيان بن الحارث منهنجي چاچي حضرت حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي قائم مقام ثابت ٿيندو.[1]

(زرقاني ج 2 ص 301 كان 302 وسيرت ابن هشام ج 2 ص 400)

## ميلن تائين باهه ئي باهه

مڪي کان هڪ منزل جي فاصلي تي "مر الظهران" ۾ پهچي اسلامي لشڪر خيما کوڙيا حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فوج کي حڪم ڏنو ته هر مجاهد پنهنجو الڳ الڳ چُلهو ڪائي ته "مر الظهران" جي پوري ميدان ۾ ميلن تائين باهه ئي باهه نظر اچڻ لڳي.[2]

## قريش جا جاسوس

قريش کي ته معلوم ٿي چڪو هو ته مديني کان فوجون اچي رهيون آهن پر صورت حال جي تحقيق جي لاءِ قريشن ابو سفيان بن حرب، حڪيم بن حزام، ۽ بديل بن ورقاء کي پنهنجو جاسوس بڻائي موڪليو. حضرت عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بي حد فڪرمند ٿي ڪري قريش جي انجام تي افسوس ڪري رهيا ها. هو اهو سوچي رهيا هئا ته جيڪڏهن رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ايڏي وڏي لشڪر سان

---

[1] المواهب اللدنية شرح الزرقاني باب غزوة الفتح الاعظم ج 3 ص 399-402

[2] المواهب اللدنية شرح الزرقاني باب غزوة الفتح الاعظم ج 3 ص 403

مڪي ۾ فاتحانہ داخل ٿيا تہ اڄ قريشن جو خاتمو ٿي ويندو، تنهنڪري اهي رات جي وقت رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اڇي خچر تي سوار ٿي هن ارادي سان مڪي هليا تہ قريشن کي هن خطري کان آگاهہ ڪري کين آمادہ ڪيو وڃي تہ اهي هلي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان معافي وٺي صلح ڪري وٺن نہ تہ توهان جو خير ناهي[1]. (زرقاني ج 2 ص 304)

پر بخاري جي روايت آهي تہ قريشن کي اها خبر تہ پئجي وئي هئي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مديني کان روانا ٿي چڪا آهن پر انهن کي اها خبر نہ هئي تہ سندن جو لشڪر "مر الظهران" تائين پهچي ويو آهي، تنهنڪري ابو سفيان بن حرب ۽ حڪيم بن حزام ۽ بديل بن ورقاء ان تلاش ۽ جستجو ۾ نڪتا تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو لشڪر ڪٿي آهي؟ جڏهن هي ٿئي "مر الظهران" جي ويجهو پهتا تہ ڏٺائون ميلن تائين باهہ ئي باهہ ٻري رهي هئي اهو منظر ڏسي اهي ٿئي حيران ٿي ويا ۽ ابو سفيان بن حرب چيو تہ مون پنهنجي زندگي ۾ ڪڏهن بہ ايترو پري تائين پکڙيلَ باهہ هن ميدان ۾ ٻرندي ناهي ڏٺي. آخرڪار هي ڪهڙو قبيلو آهي؟ بديل بن ورقاء چيو تہ اهي بني عمرو وارا لڳن ٿا. ابو سفيان چيو تہ نہ بني عمرو ايتري وڏي تعداد ۾ ڪٿي آهن جو انهن جي باهہ سان "مر الظهران" جو پورو ميدان ٻرجي وڃي[2]. (بخاري ج 2 ص 613)

---

[1] السيرة النبوية لابن هشام، اسلام ابي سفيان بن الحارث ....الخ ص 468، 469 ملخصاً والمواهب اللدنية مع شرح الزرقاني باب غزوة الفتح الاعظم ج 3 ص 403

[2] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب اين ركز النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم..... الخ الحديث 4280 ج 3 ص 101

بهرحال حضرت عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن جي انهن ٽنهي سان ملاقات ٿي ۽ ابو سفيان پڇيو تہ اي عباس! توهان ڪٿان ڪان اچي رهيا آهيو؟ ۽ هي باهه ڇا جي آهي؟ پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن فرمايو تہ هي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لشڪر جي باهه آهي. حضرت عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن ابو سفيان بن حرب کي چيو تون منهنجي خچر تي پويان سوار ٿي وڃ نہ تہ جيڪڏهن مسلمانن توکي ڏسي ورتو تہ اُتي جو اتي توکي قتل ڪري ڇڏيندا. جڏهن هي ماڻهو لشڪر وٽ پهتا تہ حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ۽ ڪجهه ٻيا مسلمان جيڪي لشڪر کي پهرو ڏئي رهيا هئا انهن ابو سفيان کي ڏسي ورتو. حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي انتقام جي جذبي کي روڪي نہ سگهيا ابو سفيان کي ڏسندئي انهن جي زبان مان نڪتو "اڙي هي تہ خدا جو دشمن ابو سفيان آهي" ڊوڙندا ڊوڙندا بارگاهِ رسالت ۾ پهتا ۽ عرض ڪيائون تہ يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ابوسفيان هٿ اچي ويو آهي. جيڪڏهن اجازت هجي تہ هاڻي جو هاڻي ان جو ڪنڌ ڪپي ڇڏيان. ايتري ۾ حضرت عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بہ انهن ٽنهي مشرڪن کي ساڻ وٺي دربارِ رسول ۾ حاضر ٿيو ۽ انهن ماڻهن جي جان بخشڻ جي سفارش پيش ڪئي ۽ هي چيائون تہ يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) مون انهن سيني کي امان ڏنو آهي[1].

## ابوسفيان جو اسلام

ابو سفيان بن حرب جي اسلام سان دشمني کا لڪيل ڇپيل شئ نہ هئي. مڪي ۾ رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سخت کان

[1] مدارج النبوت قسم سوم باب هفتم فتح مكہ ج 2 ص 281 كان 282 و شرح الزرقاني علي المواهب، باب غزوة الفتح الاعظم ج 3 ص 418 مختصراً

سخت تڪليفون ڏيڻ. مديني تي بار بار حملو ڪرڻ، عرب جي قبيلن کي پڙڪائي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قتل جون ڪيتريون ئي سازشون، يهودين ۽ تمام عرب جي ڪافرن سان ڳٺ جوڙ ڪري اسلام ۽ بانيءِ اسلام جي خاتمي جون ڪوششون، هي اهي ناقابلِ معافي جرم هئا جيڪي پڪاري پڪاري چئي رهيا هئا تہ ابو سفيان جو قتل بلڪل درست جائز ۽ حق آهي. پر رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي قرآن ”رءوف ۽ رحيم“ جي لقب سان ياد ڪيو آهي، انهن جي رحمت بار بار ابوسفيان جي ڪن ۾ چئي رهي هئي تہ اي مجرم! ڊڄ نہ، هي دنيا جي سلطانن جي دربار ناهي هيءَ تہ رحمت للعالمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهِ رحمت آهي. بخاري شريف جي روايت تہ هيئن آهي تہ ابو سفيان بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو تہ فورًا ئي اسلام قبول ڪري ورتائين ان ڪري سندن جان بچي وئي[1]. (بخاري ج 2 ص 613 باب اين ركز النبي راية)

پر هڪ روايت هي بہ آهي تہ حڪيم بن حزام ۽ بديل بن ورقاء تہ فورًا رات ۾ ئي اسلام قبول ڪري ورتو پر ابو سفيان صبح جو ڪلمو پڙهيو[2]. (زرقاني ج 2 ص 304)

۽ ڪجهہ روايتن ۾ هي بہ آيو آهي تہ ابو سفيان ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وچ ۾ هڪ مڪالمو ٿيو ان ڪانپوءِ ابو سفيان پنهنجي اسلام جو اعلان ڪيو اهو مڪالمو هي آهي.

---

[1] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب اين ركز النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم..... الخ الحديث، 4280، ج 3 ص 101.

[2] شرح الزرقاني علي المواهب باب غزوة الفتح الاعظم ج 3 ص 405

رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ڇو اي ابو سفيان! ڇا اجان بہ توکي يقين نہ آيو تہ خدا هڪ آهي؟

ابو سفيان:- ڇو نہ جيڪڏهن ڪو ٻيو خدا هجي ها تہ اسان جي ڪم اچي ها.

رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ڇا ان ۾ بہ تو کي ڪو شڪ آهي تہ مان الله جو رسول آهيان؟

ابو سفيان: ها! هن ۾ مونکي اجان ٿورو شڪ آهي.

پر ان ڪانپوءِ انهن ڪلمو پڙهي ورتو ۽ ان وقت بہ ان جو ايمان متزلزل هو پر بعد ۾ نيٺ اهو سچو مسلمان ٿي ويو جيئن تہ غزوه طائف ۾ انهن مسلمانن جي فوج ۾ شامل ٿي ڪافرن سان جنگ ڪئي ۽ ان جنگ ۾ سندن جي هڪڙي اک زخمي ٿي پئي پوءِ اهي جنگِ يرموڪ ۾ بہ جهاد جي لاءِ ويا[1].

(سيرت ابن هشام ج 2 ص 403 ۽ زرقاني ج 2 ص 313)

## لشڪرِ اسلام جي عظمت

مجاهدينِ اسلام جو لشڪر جڏهن مڪي ڏانهن وڌيو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي فرمايو تہ توهان ابو سفيان کي هڪ اهڙي جاءِ تي بيهاري ڇڏيو جتان هو افواجِ اِلٰهي جو جلال پنهنجي اکين سان ڏسي، تنهنڪري جتي رستو ٿورو سوڙهو هو اتي هڪ بلند جڳهہ تي حضرت عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن ابو سفيان کي بيهاري ڇڏيو. ٿوري دير ڪانپوءِ اسلامي لشڪر سمنڊ

[1] السيرة النبوية لابن هشام، اسلام ابي سفيان بن الحارث ....الخ ص 469 ملخصاً

جي چولين وانگر اٿندو روانو ٿيو ۽ عرب جي قبيلن جون فوجون هٿيار پائي هڪبئي جي پٺيان ابو سفيان جي سامهون گذرڻ لڳيون سڀ کان پهريان قبيلي غفار جو باوقار جهنڊو نظر آيو ابو سفيان ڊڄندي پڇيو ته هي لشڪر ڪنهن جو آهي ته حضرت عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جواب ڏنو هي قبيلي غفار جا شهسوار آهن. ابو سفيان چيو منهنجو قبيلي غفار سان ڪهڙو مطلب؟ پوءِ جهينہ، پوءِ سعد بن هذيم، پوءِ وري سليم جي قبيلن جون فوجون چمڪندڙ هٿيارن سان جهومندي جهنڊو لهرائيندي ۽ تڪبيرن جا نعره هڻندي بلڪل سامهون کان گذريون. ابو سفيان هر فوج جو جلال ڏسي ڪري مرعوب ٿي پئي ويو ۽ حضرت عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان هر فوج جي باري ۾ پڇندو رهيو ته هي ڪهڙن ماڻهن جو لشڪر آهي ۽ ڪنهن جون فوجون آهن؟

ان ڪانپوءِ انصار جو لشڪرِ پرانوار ايتري ته عجيب شان ۽ اهڙي ته نرالي انداز سان نروار ٿيو. جو ڏسڻ وارن جون دليون دهلجي ويون. ابو سفيان هن فوج جي شان شوڪت ڏسي ڪري حيران ٿي پڇيو ته اي عباس! هي ماڻهو ڪير آهن؟ پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن فرمايو ته هي انصار آهن، ايتري ۾ انصارن جا علمبردار حضرت سعد بن عباده رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جهنڊو لهرائيندي ابو سفيان جي پرسان گذريو ۽ جڏهن ابوسفيان کي ڏٺائون ته بلند آواز سان چيائون ته اي ابو سفيان!

اَلْيَوْمَ يَوْمُ الْمَلْحَمَةِ الْيَوْمَ تُسْتَحَلُّ الْكَعْبَةُ

اڄ سخت جنگ جو ڏينهن آهي اڄ ڪعبي ۾ خونريزي حلال ڪئي ويندي.

ابو سفيان اهو ٻڌي ڪري گهبرائجي ويو ۽ حضرت عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي چيائين تہ اي عباس ٻڌي ونو اڄ قريشن جي توهان کي هلاڪت مبارڪ هجي. پوءِ ابو سفيان کي چين نہ آيو پڇيائين تہ تمام گهڻي دير ٿي وئي آهي اجا تائين مون محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي نہ ڏٺو آهي تہ اهي ڪهڙي لشڪر ۾ آهن؟ ايتري ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پرچمِ نبوت جي ڇانوَ ۾ پنهنجي نوراني لشڪر سان پيغمبرانہ شان و شوڪت سان ظاهر ٿيا. ابو سفيان جڏهن شهنشاهِ ڪونين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏٺو تہ دانهن ڪري چيائين تہ اي حضور! ڇا توهان ٻڌو تہ سعد بن عباده رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ڇا چوندي پئي ويا؟ ارشاد فرمايائون تہ ان ڇا چيو آهي؟ ابو سفيان ٻڌايو تہ انهن هي چيو آهي تہ اڄ ڪعبو حلال ڪيو ويندو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ سعد بن عباده رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن غلط چيو آهي، اڄ تہ ڪعبي جي عظمت جو ڏينهن آهي اڄ تہ ڪعبي کي لباس پارائڻ جو ڏينهن آهي ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ سعد بن عباده ايتري غلط ڳالهہ ڇو چئي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان جي هٿ مان جهنڊو وٺي ڪري ان جي پٽ قيس بن سعد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي هٿ ۾ ڏنو.

۽ هڪ روايت ۾ هي بہ اچي ٿو تہ جڏهن ابو سفيان بارگاهِ رسالت ۾ اها شڪايت ڪئي تہ يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) هاڻي جو هاڻي سعد بن عباده هي چوندي هتان گذريا آهن تہ اَلْيَوْمَ يَوْمُ الْمَلْحَمَة اڄ سخت لڙائي جو ڏينهن آهي.

تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪاوڙ جو اظهار ڪندي ارشاد فرمايو تہ سعد بن عباده غلط چيو آهي بلڪہ اي ابو سفيان!

اَلْيَوْمَ يَوْمُ الْمَرْحَمَة اڄوڪو ڏينهن رحمت جو ڏينهن آهي[1]. (زرقاني ج 2 ص 306)

پوءِ فاتحانہ شان ۽ شوڪت سان باني ءِ ڪعبہ جي جانشين حضور، رحمة للعالمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مڪي جي سرزمين ۾ جلوو فرمايو ۽ حڪم ڏنائون تہ منهنجو جهنڊو مقام "حجون" وٽ کوڙيو وڃي ۽ حضرت خالد بن وليد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي نالي فرمان جاري ڪيائون تہ اهي فوج سان گڏ مڪي جي مٿانهين حصي يعني "کداء" جي طرف کان مڪي ۾ داخل ٿين[2]. (بخاري ج 2 ص 613 باب اين رکز النبي راية وزرقاني ج 2 ص 304 کان ص 306)

## فاتح مڪ جو پهريون فرمان

تاجدارِ دو عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مڪي جي سرزمين ۾ قدم رکندي ئي جيڪو پهريون فرمان جاري فرمايو اهو هي اعلان هيو تہ جنهن جي لفظ لفظ ۾ رحمتن جو دريا موجون هڻي رهيو آهي:

"جيڪو شخص هٿيار ڦٽا ڪندو ان جي لاءِ امان آهي"
"جيڪو شخص پنهنجو دروازو بند ڪري ڇڏيندو ان جي لاءِ امان آهي"
"جيڪو ڪعبي ۾ داخل ٿي ويندو ان جي لاءِ امان آهي"

انهيءَ موقعي تي حضرت عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو تہ يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ابو سفيان هڪ فخر پسند ماڻهو آهي ان جي لاءِ ڪا اهڙي امتيازي ڳالهہ ڪريو جو سندس جو سر فخر کان اونچو ٿي وڃي تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ "جيڪو ابو سفيان جي گهر ۾ داخل ٿي وڃي ان جي لاءِ

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب غزوة الفتح الاعظم ج 3 ص 405-409، 412

[2] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب اين ركز النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم..... الخ الحديث، 4280، ج 3 ص 101، 102 ملخصاً

بہ امان آهي“. ان کانپوءِ ابو سفيان مڪي ۾ وڏي آواز سان پڪاري پڪاري اعلان ڪرڻ لڳو اي قريش! محمّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ايڏو وڏو لشڪر وٺي آيا آهن جو ان جي مقابلي ڪرڻ جي ڪنهن ۾ بہ طاقت نہ آهي. جيڪو ابو سفيان جي گهر ۾ داخل ٿي وڃي ان جي لاءِ بہ امان آهي ابو سفيان جي زبان مان اها گهٽتائي واري ڳالهہ ٻڌي ڪري ان جي گهرواريءَ هند بنت عتبہ سڙي خاڪ ٿي وئي ۽ ڪاوڙ ۾ اچي ابو سفيان جي مُڇن کي پڪڙي زور زور سان چوڻ لڳي اي بني ڪنانہ! هن نياڳي کي قتل ڪري ڇڏيو هي ڪيڏي نہ بزدلي ۽ گهٽتائي واري ڳالهہ بڪي رهيو آهي. هند جي انهيءَ رڙين ۽ دانهن کي ٻڌي بني ڪنانہ جو سمورو خاندان ابو سفيان جي گهر ۾ جمع ٿي ويو ۽ ابو سفيان صاف صاف چئي ڇڏيو تہ هن وقت ڪاوڙ ۽ جذباتي ڳالهين مان ڪجهہ بہ نہ ورندؤ. آئون پوري اسلامي لشڪر کي پنهنجي اکين سان ڏسي آيو آهيان مان توهان کي يقين سان چوان ٿو تہ هاڻي اسان ماڻهن جو محمّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مقابلو نٿو ٿي سگهي. اها سني ڳالهہ آهي جو انهن اڳ ۾ ئي اعلان ڪري ڇڏيو آهي تہ جيڪو ابو سفيان جي گهر ۾ هليو ويندو ان جي لاءِ امان آهي. تنهنڪري وڏ کان وڏ ماڻهو اچي منهنجي گهر ۾ پناهہ وٺن. ابو سفيان جي خاندان وارن چيو تہ تنهنجي گهر ۾ پلا ڪيترا ماڻهو اچي سگهندا؟ ابو سفيان چيو تہ محمّد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) انهن ماڻهن کي بہ امان ڏني آهي جيڪي پنهنجي گهرن جا دروازا بند ڪري ڇڏين يا مسجد حرام ۾ داخل ٿي وڃن يا هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏين. ابو سفيان جو اهو بيان ٻڌي ڪري ڪي ابو سفيان جي گهر ۾ هليا ويا، ڪي مسجدِ حرام ڏانهن ڀڳا. ڪي پنهنجا هٿيار زمين تي رکي ڪري بيهي رهيا[1]. (زرقاني ج 2 ص 313)

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب غزوة الفتح الاعظم، ج 3، ص417_ 422 ملتقطاً.

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي انهيءَ اعلانِ رحمت نشان يعني مڪمل امن امان جو فرمان جاري ڪرڻ ڪانپوءِ هڪ قطرو بہ خون وهڻ جو ڪو انديشو نہ رهيو. پر عڪرمہ بن ابو جهل، صفوان بن اميہ، سهيل بن عمرو، جماش بن قيس مقام "خندمہ" ۾ مختلف قبيلن جي بدمعاش ڇوڪرن کي جمع ڪيو هو. انهن حضرت خالد بن وليد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي فوج جي ٻن ماڻهن حضرت ڪرز بن جابر فهري ۽ حبيش بن اشعر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کي شهيد ڪري ڇڏيو ۽ اسلامي لشڪر تي تير وسائڻ شروع ڪري ڏنا. بخاري جي روايت ۾ اُنهن ٻن شخصن جي شهادت جو ذڪر آهي پر زرقاني، وغيره ڪتابن مان خبر پوي ٿي تہ ٽن صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي قريش جي ڪافرن قتل ڪيو. ٻہ اهي جن جو ذڪر ٿي چڪو آهي ۽ هڪ حضرت مسلم بن الميلاء رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ۽ ٻارهن يا تيرهن ڪافر بہ ماريا ويا ۽ باقي ميدان ڇڏي ڪري ڀڄي ويا[1]. (بخاري ج 2 ص 613 ۽ زرقاني ج 2 ص 310)

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن ڏٺو تہ تلوارون چمڪي رهيون آهن تہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن دريافت فرمايو تہ مون خالد بن وليد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي جنگ ڪرڻ کان تہ منع ڪيو هو. پوءِ هي تلوارون ڇو هلي رهيون آهن؟ ماڻهن عرض ڪيو تہ اڳرائي ڪافرن جي طرف کان ٿي آهي تنهنڪري وڙهڻ کان سواءِ حضرت خالد بن وليد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي فوج وٽ ڪو چاروئي نہ هو. اهو ٻڌي

---

[1] صحيح البخاري كتاب المغازي، باب اين ركز النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .....الخ الحديث 4280 ج 3 ص 101 تا 102 و شرح الزرقاني علي المواهب باب غزوة الفتح الاعظم ج 3 ص 415 تا 416 ملتقطاً

ڪري پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو تہ قضاءِ الٰهي اها ئي هئي ۽ خدا جيڪو چاهيو اهو ئي بهتر آهي.[1] (زرقاني ج 2 ص 310)

## تاجدار دو عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مڪي ۾ داخلو

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن فاتحانہ حيثيت سان مڪي ۾ داخل ٿيڻ لڳا تہ پاڻ پنهنجي ڏاچي "قصواء" تي سوار هئا. هڪ ڪاري رنگ جو عمامو ٻڌل هو ۽ بخاري ۾ اچي ٿو تہ سندن مٿي تي "مغفر" (لوهي ٽوپ) هو. سندن هڪ طرف حضرت ابو بڪر صديق ۽ ٻي طرف ڪان اسيد بن حضير رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا هئا. سندن جي چئني طرفن ڪان جوش ۾ پريل ۽ هٿيارن سان گڏ لشڪر هو. جنهن جي وچ ۾ ڪوڪبۂ نبوي هو. ان شان ۽ شوڪت کي ڏسي ابو سفيان حضرت عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي چيو تہ اي عباس تنهنجو ڀائيٽيو تہ وڏو بادشاهہ ٿي ويو. حضرت عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جواب ڏنو تہ تنهنجو برو ٿئي اي ابو سفيان! اها بادشاهت نہ بلڪ "نبوت" آهي. اهڙي شاهاڻي جلوس جي جاهہ و جلال جي باوجود شهنشاهہ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شانِ تواضع (نِوڙت) جو اهو عالم هو جو پاڻ سورة فتح جي تلاوت فرمائيندي اهڙي طرح سر جهڪائي ڏاچي تي وينا هئا جو سندن جو چهرو مبارڪ ڏاچي جي ڪجاوي سان لڳي رهيو هو. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نِوڙت واري ڪيفيت خداوندِ قدوس جو شڪر ادا ڪرڻ ۽ ان جي بارگاهِ عظمت ۾ پنهنجي عجز ۽ نياز مندي جو اظهار ڪرڻ جي لاءِ هئي.[2]

(زرقاني ج 2 ص 320 ۽ ص 321)

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب غزوة الفتح الاعظم، ج 3، ص 417

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب غزوة الفتح الاعظم، ج 3، ص 432، 434

## مڪي ۾ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قيام گاهه

بخاري جي روايت ۾ آهي تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مڪي جي فتح جي ڏينهن حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي ڀيڻ حضرت اُم هاني بنتِ ابي طالب جي گهر ويا ۽ اتي غسل ڪيائون پوءِ اَٺ رڪعتون نمازِ چاشت پڙهيائون. اها نماز تمام مختصر ادا ڪيائون پر رڪوع ۽ سجدا اطمينان سان ادا ڪندا رهيا[1].

(بخاري ج 2 ص 615 باب منزل النبي يوم الفتح )

هڪ روايت ۾ اهو بہ آيو آهي تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت بيبي اُم هاني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا کي فرمايو تہ ڇا گهر ۾ ڪجهہ کاڌو بہ آهي؟ ان عرض ڪيو تہ يا رسول الله! (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) سڪل مانيءَ جا ڪجهہ ٽُڪر آهن. مونکي ڏاڍو شرم ٿو ٿئي تہ انهن کي توهان جي سامهون پيش ڪريان. ارشاد فرمايون تہ ”ڪٽي اچو“ پوءِ رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مبارڪ هٿن سان انهن سڪل مانين کي ٽوڙيو ۽ پاڻي ۾ نرم ڪيو ۽ حضرت اُم هاني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جن انهن مانين جي ٻوڙ جي لاءِ لوڻ پيش ڪيو تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ ڇا ڪو ٻوڙ گهر ۾ موجود ناهي؟ انهن عرض ڪيو تہ منهنجي گهر ۾ ”سرڪي“ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي. حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ سرڪو بہ ڪٽي اچو. پاڻ سرڪي کي ماني تي وڌو ۽ تناول فرمائي خدا جو شڪر ادا ڪيائون. پوءِ حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو تہ ”سرڪو بهترين ٻوڙ آهي جنهن گهر ۾ سرڪو آهي ان گهر وارا ڪڏهن بہ محتاج نہ ٿيندا.“ پوءِ حضرت ام هاني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا

---

[1] صحيح البخاري كتاب المغازي باب منزل النبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم يوم الفتح الحديث 4292 ج 3 ص 104.

جن عرض ڪيو تہ يا رسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون حارث بن هشام (ابو جهل جي ڀاءُ) ۽ زهير بن اُميہ کي امان ڏني آهي پر منهنجو ڀاءُ حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ انهن ٻنهي کي ان جرم ۾ قتل ڪرڻ چاهن ٿا تہ انهن ٻنهي حضرت خالد بن وليد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي فوج سان جنگ ڪئي آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ اي ام هاني! رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جنهن کي تو امان ڏني آهي تہ پوءِ انهن جي لاءِ اسان جي طرفان بہ امان آهي[1]. (زرقاني ج 2 ص 326)

## بيت الله ۾ داخلہ

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو جهنڊو مقامِ "حجون" ۾ جنهن کي اڄ ڪلهہ جنت المعلىٰ چون ٿا "مسجد الفتح" جي ويجهو کوڙيو ويو ۽ پاڻ پنهنجي ڏاڍي تي سوار ٿي ۽ حضرت اسامہ بن زيد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي پنهنجي پٺيان ويهاري ۽ مسجدِ حرام ڏانهن روانا ٿيا حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ۽ ڪعبي جي ڪنجي سنڀاليندڙ عثمان بن طلحہ بہ سندن سان گڏ هئا. رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ڏاڍيءَ کي مسجدِ حرام ۾ ويهاريو ۽ ڪعبي جو طواف ڪيو ۽ حجرِ اسود کي چمي ڏنائون[2]. (بخاري ج 2 ص 614 وغيره)

اهو انقلاب زماني جو هڪ حيرت انگيز مثال آهي حضرت ابراهيم خليل الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن جو لقب "بت شڪن" آهي انهن جي يادگار خانهءِ ڪعبہ جي اندر ٿي سئو سٺ بتن جي قطار هئي. فاتح مڪہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو حضرت خليل عَلَيْهِ السَّلَام

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب باب غزوة الفتح الاعظم ج 3 ص 464

[2] صحيح بخاري، كتاب المغازي، باب دخول النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم من اعلىٰ مكة الحديث 4289 ج 3 ص 104)

جو وڏو جانشين هئڻ جي حيثيت سان پهريون فرض هو تہ يادگارِ خليل کي بتن جي ناپاکي ۽ گندگي کان پاڪ ڪن. تنهنڪري رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ بذاتِ خود هڪ لٺ کڻي بيهي رهيا ۽ انهن بتن کي لٺ جي چُهنب سان ڪيرائيندا ويا ۽ جَآءَ الْحَقُّ وَ زَهَقَ الْبَاطِلُ ؕ اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا ﴿۸۱﴾[1] واري آيتِ ڪريم تلاوت فرمائيندا ويا، يعني حق اچي ويو ۽ باطل مٽجي ويو ۽ باطل مٽجڻ جي شئي هئي[2]. (بخاري ج 2 ص 614 فتح مكہ وغيره)

پوءِ اهي بت جيڪي بلڪل ڪعبي جي اندر هئا. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حڪم فرمايو تہ اهي سڀ ڪڍيا وڃن. تنهنڪري اهي سڀ بت ٻاهر ڪڍيا ويا انهن بتن ۾ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ۽ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جن جا مجسمہ بہ هئا. جن جي هٿ ۾ فال ڪڍڻ جا تير بہ هئا. حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي ڏسي فرمايو الله تعالىٰ انهن ڪافرن کي ماري ڇڏي. انهن ڪافرن کي چڱي طرح خبر آهي تہ انهن ٻنهي نبين ڪڏهن بہ فال نہ ڪڍي. جيستائين هڪ هڪ بت ڪعبي جي اندران ٻاهر نہ ڪڍيو ويو تيستائين پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪعبي ۾ قدم نہ رکيو جڏهن تمام بتن کان ڪعبو پاڪ ٿي ويو تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت اسامہ بن زيد، حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا ۽ عثمان بن طلحہ حَجَبِي کي ساڻ وٺي خانہ ڪعبہ جي اندر تشريف ڪڍي ويا ۽ بيت الله شريف جي تمام ڪُنڊن ۾ تڪبير پڙهيائون ۽

---

[1] پ 15، بني اسرائيل: 81

[2] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب اين ركز النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الراية .....الخ الحديث: 4287 ج 3 ص 103.

ٻہ رڪعت نماز ٻہ ادا فرمايائون ۽ ان ڪانپوءِ ٻاهر تشريف وٺي آيا[1]. (بخاري ج 1 ص 217 باب من كبر في نواحي الكعبة ۽ بخاري ج 2 ص 614 فتح مكه وغيره)

ڪعبہ شريف جي اندران جڏهن حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٻاهر نڪتا تہ عثمان بن طلحہ کي سڏي ڪري ڪعبي جي ڪنجي کيس عطا فرمائي ۽ ارشاد فرمايائون تہ

خُذُوْهَا خَالِدَةً تَالِدَةً لَا يَنْزِعُهَا مِنْكُمْ اِلَّا ظَالِمٌ

ترجمو: وٺ هي ڪنجي هميشہ هميشہ جي لاءِ توهان ماڻهن وٺ رهندي هيءَ ڪنجي توهان کان اهو ڪسيندو جيڪو ظالم هوندو[2]. (زرقاني ج 2 ص 239)

## شهنشاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو دربارِ عام

ان ڪانپوءِ تاجدارِ دو عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن شهنشاهِ اسلام جي حيثيت سان حرمِ الٰهي ۾ سڀ کان پهريون دربارِ عام منعقد فرمايو جنهن ۾ افواجِ اسلام کان علاوه هزارين ڪافر ۽ مشرڪين جي خاص ۽ عام ماڻهن جو هڪ زبردست ميڙ هو. هن شهنشاهي خطبي ۾ پاڻ نہ صرف اهلِ مڪہ کي پر تمام دنيا جي قومن کي خطابِ عام فرمائيندي هي ارشاد فرمايو تہ

”هڪ خدا کان سواءِ ڪو ٻہ معبود ناهي. ان جو ڪو ٻہ شريڪ

---

[1] صحيح البخاري، كتاب الصلوة، باب قول الله تعالىٰ واتخذوا .....الخ، الحديث: 397 ج 1 ص 156 و صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب اين ركز النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .....الخ الحديث: 4288 ج 3 ص 103.

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب غزوة الفتح الاعظم ج 3 ص 469-470

ناهي. ان پنهنجو واعدو سچو ڪري ڏيکاريو. هن پنهنجي ٻانهي (حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي مدد ڪئي ۽ ڪافرن جي سيني لشڪرن کي تنها شڪست ڏئي ڇڏي، تمام فخر جون ڳالهيون، تمام پراڻن خونن جو بدلو ۽ تمام پراڻن خونن جو قصاص ۽ جاهليت جون رسمون سڀ منهنجي پيرن جي هيٺيان آهن. صرف ڪعبي جي انتظام ۽ حجاج کي پاڻي پيارڻ، اهي ٻئي اعزاز ان کان جدا آهن. اي قوم قريش! هاڻي جاهليت جو غرور ۽ خانداني فخر خدا تعالىٰ ختم ڪري ڇڏيو. سڀ ماڻهو حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي نسل مان آهن ۽ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام مٽيءَ مان پيدا ڪيو ويو آهي.

ان کانپوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن قرآن مجيد جي هيءَ آيت تلاوت فرمائي جنهن جو ترجمو هي آهي.

اي انسانو! اسان توهان کي هڪ مرد ۽ هڪ عورت مان پيدا ڪيو ۽ توهان جي لاءِ قبيلا ۽ خاندان بڻايا ويا جيئن توهان هڪ ٻئي کي سڃاڻي سگهو پر خدا جي ويجهو سڀ کان وڌيڪ شريف اهو آهي جيڪو سڀ کان وڌيڪ پرهيزگار آهي يقيناً الله تعالىٰ وڏو ڄاڻيندڙ ۽ خبر رکڻ وارو آهي.[1]

بيشڪ الله تعالىٰ شراب جي خريد ۽ فروخت کي حرام ڪري ڇڏيو آهي.[2] (سيرت ابن هشام ج 2 ص 412 مختصرًا و بخاري وغيره)

---

[1] پ 26 الحجرات 13

[2] السيرة النبوية لابن هشام، باب دخول الرسول الحرم ص 473 و صحيح البخاري كتاب المغازي باب 55 الحديث 4296، ج 3 ص 106

## ڪفارِ مڪ سان خطاب

ان ڪانپوءِ شهنشاهِ ڪونين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهيءَ هزارن جي ميڙ ۾ هڪ گهري نگاهه وڌي، ڏنائون تہ ڪنڌ هيٺ ڪيو، نگاهون جهڪائي ڪنبندي ۽ ڏڪندي قريش جا وڏا وڏا سردار بيٺا آهن. انهن ظالمن ۽ جفاڪارن ۾ اهي ماڻهو بہ هئا جن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رستي ۾ ڪنڊا وڇايا هئا، اهي ماڻهو بہ هئا جن رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي ڪيترائي ڀيرا پٿرن جو مينهن وسايو هو. اهي خون خوار بہ هئا جن بار بار رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي قاتلاڻا حملا ڪيا هئا ۽ اهي بي رحم ۽ بي درد بہ هئا جن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ ڏندن کي شهيد ڪيو ۽ سندن جي مبارڪ چهري کي رتو رت ڪري ڇڏيو هو. اهي بدمعاش بہ هئا جيڪي هميشہ پنهنجن الزامن شرمناڪ ڳارين سان حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قلب مبارڪ کي زخمي ڪري چڪا هئا. اهي بي رحم درنده صفت انسان بہ هئا جن آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ ڪنڌ ۾ چادر وجهي سندن ڳلو دٻايو هو. اهي ظلم ۽ ستم جا مجسما ۽ پاپ جا پُتلا بہ هئا جن حضُور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي صاحبزادي حضرت زينب رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي نيزو هڻي ڪري اٿ تان ڪيرايو هو جنهن سان سندن جو حمل ڪري پيو. اهي خون جا پياسا بہ هئا جن جي اڄ خونِ نبوت کان سواءِ ڪنهن بہ شئ سان ختم نہ پئي ٿي سگهي. اهي جفاڪار ۽ خون خوار بہ هئا جنهن جي جارحانہ حملن ۽ ظالماڻا يلغار سان بار بار مديني منوره جا در ۽ ديوار لڏيا هئا. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پياري چاچي حضرت حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جا قاتل ۽ ان جو نڪ ڪن ڪپڻ وارا انهن جون اکيون ڪڍڻ وارا ۽ سندن جگر چٻارڻ

وارا بہ انهيءَ مجمعي ۾ موجود هئا اهي ستائيندڙ جن شمع نبوت جي جان نثارن ۽ پروانن حضرت بلال، حضرت صهيب، حضرت عمار، حضرت خباب، حضرت خبيب، حضرت زيد بن دثنہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم وغيره کي رسن سان ٻڌي ڪري ڪوڙا هڻي هڻي تتل واريءَ تي ليٽايو هو. ڪِن کي ٻرندڙ ڪوئلن تي سمهاريو هو ڪن کي تڏن ۾ ويڙهي نڪن ۾ دونهون ڏنو هو، سوين دفعا گهٽو ڏنو هو. اُهي جيڪي ڏاڍ ۽ مار ڪٽ ۽ ظلمن جا پهاڙ ٽٽجي چڪا هئا. اڄ اهي سڀ جا سڀ ڏهه يا ٻارهن هزار مهاجرين ۽ انصار جي لشڪر جي حراست ۾ مجرم بڻيا بيٺا ڏڪي رهيا هئا ۽ پنهنجي دلين ۾ اهو سوچي رهيا هئا تہ شايد اسان جي لاشن کي ڪتن کان پٽرائي اسان جون ٻوٽيون ڳِجهن ۽ ڪانئون کي ڪارايون ويندیون ۽ انصار ۽ مهاجرن جون غضبناڪ فوجيون اسان جي ٻچي ٻچي کي خاڪ ۽ خون ۾ ملائي اسان جي نسلن کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏينديون ۽ اسان جي ڳوٺن کي ڍاهي پٽ ڪري ڇڏينديون. انهن مجرمن جي سيني ۾ خوف ۽ حراس جو طوفان هلي رهيو هو. دهشت ۽ ڊپ کان انهن جي بدن جي ٻوٽي ٻوٽي ڦڙڪي رهي هئي دليون ڏڙڪي رهيون هيون، ساهه نڙيءَ ۾ اٽڪيو پيو هو، سخت گهبرائجي ويا هئا ۽ انتهائي ناميدي جي حالت ۾ انهن کي زمين کان آسمان تائين دونهي ئي دونهي جا خوفناڪ ڪَڪَر نظر اچي رهيا هئا. انهيءَ مايوسي ۽ نا اميدي جي خطرناڪ فضا ۾ يڪدم شهنشاهه رسالت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي نگاهِ رحمت انهن پاپين ڏانهن متوجہ ٿي وئي. ۽ انهن مجرمن کان پڇڻ لڳا تہ ”ٻڌايو توهان کي ڪجهه خبر بہ آهي؟ تہ اڄ آءُ توهان سان ڪهڙو معاملو ڪرڻ وارو آهيان“.

ان دهشت انگيز ۽ خوفناڪ سوال سان مجرمَ وائڙا ٿي ڏڪڻ لڳا پر پيشانيءِ رحمت جي پيغمبراڻا انداز کي ڏسي آس ۽ اميد جي محشر ۾ ڏڪندي سيني هڪ زبان ٿي چيو ته. اَخٌ كَرِيْمٌ وَابْنُ اَخٍ كَرِيْمٍ ترجمو: توهان ڪرم وارا ڀاءُ ۽ ڪرم واري پيءُ جا پٽ آهيو. سيني جون حسرت ڀريل نظرون جمالِ نبوت جو چهرو تڪي رهيون هيون ۽ سيني جا ڪن شهنشاهِ نبوت جو فيصلو ٻڌڻ جا منتظر هئا ته يڪدم فاتح مڪه پنهنجي ڪريمانه لهجي ۾ ارشاد فرمايو

لَاتَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ فَاذْهَبُوْا اَنْتُمُ الطُّلَقَآءُ[1] (زرقاني ج 2 ص 328)

اڄ توهان تي ڪو به الزام ناهي، وڃو توهان آزاد آهيو.

بلڪل غير متوقع طور تي يڪدم اهو فرمانِ رسالت ٻڌي سيني مجرمن جون اکيون ندامت سبب ڳوڙهن سان ڀرجي ويون ۽ انهن جي دلين جي گهرائين مان شڪريي جي جذبي جا آثار لڙڪن جي لار بڻجي انهن جي ڳلن تي وهڻ لڳا ۽ ڪافرن جي زبانن تي لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰه جي نعرن سان حرمِ ڪعبه جي در ۽ ديوار تي هر طرف نور جي بارش ٿيڻ لڳي. اوچتو هڪ عجيب انقلاب برپا ٿي ويو جو منظر ئي بدلجي ويو فضا ئي تبديل ٿي وئي ۽ يڪدم ائين محسوس ٿيڻ لڳو ته

جہاں تاریک تھا، بے نور تھا اور سخت کالا تھا
کوئی پردے سے کیا نکلا کہ گھر گھر میں اجالا تھا

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب غزوة الفتح الاعظم ج 3 ص 449

ڪافرن مهاجرن جي ملڪيتن، گهرن، دڪانن تي غاصباڻو قبضو ڪري ورتو هو. هاڻي موقعو هو تہ مهاجرن کي انهن جا حقوق ڏياريا وڃن ۽ انهن سيني ملڪيتن، گهرن، دڪانن ۽ سامان کي مڪي جي غاصبن جي قبضي مان ڇڏائي مهاجرين جي حوالي ڪيو وڃي. پر شهنشاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مهاجرين کي حڪم ڏنو تہ پنهنجون سڀ ملڪيتون خوشي خوشي مڪي وارن کي تحفي طور ڏئي ڇڏين.

الله اڪبر! اي دنيا جي قومن جا تاريخدانو! ٻڌايو ڇا دنيا جي ڪنهن بہ فاتح جي زندگي جي ڪتاب ۾ ڪو اهڙو حسين ۽ چمڪندڙ ورق بہ آهي؟ اي ڌرتي! خدا جي واسطي ٻڌاءِ؟ اي آسمان! الله جي جي واسطي ٻڌاءِ. ڇا توهان جي اڳيان ڪو اهڙو فاتح گذريو آهي؟ جنهن پنهنجي دشمنن سان اهڙو سلوڪ ڪيو هجي؟ اي چنڊ ۽ سج جي چمڪندڙ ۽ پري پري تائين ڏسڻ واريون نگاهون؟ ڇا توهان لڪين سالن جي ڏينهن رات جي گردش ۾ ڪو اهڙو تاجدار ڏٺو؟ توهان ان کان سواءِ ٻيو ڇا چوندؤ؟ تہ هي نبي جمال ۽ جلال جو اهو بي مثال شاهڪار آهي جو دنيا جي بادشاهن لاءِ ان جو تصور بہ نٿو ڪري سگهجي. تنهنڪري اسان سڄي دنيا کي چيلينج سان نظاري ڪرڻ جي دعوت ڏيون ٿا تہ.

چشم اقوام یہ نظارہ ابد تک دیکھے
رفعت شانِ رَفَعْنَا لَکَ ذِکْرَکَ دیکھے

## ٻيو خطبو

فتح مڪ جي ٻئي ڏينهن ٻه حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ خطبو ڏنو جنهن ۾ حرم ڪعبه جي احڪامن ۽ آدابن جي تعليم ڏني ته حرم ۾ ڪنهن جو خون ڪرڻ، جانورن کي مارڻ، شڪار ڪرڻ، وڻ وڍڻ، اذخر کان سواءِ ڪو به گاهه وڍڻ حرام آهي ۽ الله پاڪ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي گهڙي کن جي لاءِ حرم ۾ جنگ ڪرڻ جي اجازت ڏني. پوءِ قيامت تائين ڪنهن کي به حرم ۾ جنگ ڪرڻ جي اجازت نه آهي. الله پاڪ ان کي حرم بنائي ڇڏيو آهي نه مونکان اڳ ڪنهن جي لاءِ هن شهر ۾ خونريزي حلال ڪئي وئي ۽ نه وري مونکان پوءِ قيامت تائين ڪنهن جي لاءِ حلال ڪئي ويندي[1]. (بخاري ج 2 ص 617 فتح مڪ)

## انصار کي فراقِ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڊپ

انصارن جڏهن قريشن سان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ان ڪريماڻي سلوڪ کي ڏٺو ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪجهه ڏينهن مڪي ۾ ترسي پيا ته انصارن کي اهو خوف پيدا ٿي ويو ته شايد رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي پنهنجي قوم ۽ پنهنجي وطن جي محبت غالب ٿي وئي آهي ڪٿي ائين نه ٿي جو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مڪي ۾ رهي پون ۽ اسين حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان دور ٿي وڃون. جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي انصارن جي ان خيال جي خبر پئي ته پاڻ فرمايو معاذ الله! اي انصار!.

---

[1] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب 55 الحديث: 4313 ص 110 و السيرة النبوية لابن هشام، باب دخول الرسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الحرم، ص 474 و المواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب غزوة الفتح الاعظم ج 3 ص 447

اَلْمَحْيَا مَحْيَاكُمْ وَالْمَمَاتُ مَمَاتُكُمْ [1]

ترجمو: هاڻي تہ اسان جي زندگي ۽ موت توهان سان ئي آهي.

(سيرت ابن هشام ج 2 ص 416)

اهو ٻڌي ڪري خوشيءَ وچان انصارين جي اکين مان لُڙڪ لڙي پيا ۽ سيني چيو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان جيڪو ڪجهہ دل ۾ خيال ڪيو يا زبان سان چيو ان جو سبب اوهان جي ذات مقدس سان اسان جو جذبءِ عشق آهي ڇو تہ اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جدائي جو تصور اسان جي لاءِ ناقابلِ برداشت هو[2].

(زرقاني ج 2 ص 333 و سيرت ابن حشام ج 2 ص 416 )

## ڪعبي جي ڇت تي اذان

جڏهن نماز جو وقت ٿيو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي حڪم ڏنو تہ ڪعبي جي ڇت تي چڙهي ڪري اذان ڏين. جنهن وقت الله اڪبر الله اڪبر جي ايمان افروز صدا بلند ٿيڻ لڳي. تہ حرم جي چوڌاري ۽ ڪعبي جي در ۽ دروازن تي ايماني زندگي جا آثار نمودار ٿيڻ لڳا پر مڪي جا اهي نوان مسلمان جيڪي هاڻي ڪجهہ ٿڌا ٿي ويا هئا اذان جو آواز ٻڌي انهن جي دلين ۾ غيرت جي باهہ ٻيهر ڀڙڪي اٿي. جيئن روايت ۾ آهي تہ حضرت عتاب بن اُسيد چيو تہ خدا منهنجي پيءُ جي لڄ رکي جو هن آواز کي ٻڌڻ کان پهريان ئي کيس دنيا مان کڻي ورتائين ۽ هڪ

[1] السيرة النبوية لابن هشام باب تعطيم الاصنام ص 475
[2] شرح الزرقاني علي المواهب، باب غزوة الفتح الاعظم، ج 3 ص 459

ٻئي قريشن جي سردار جي زبان مان نڪتو تہ ”هاڻي جيئڻ بيڪار آهي[1]. (اصابہ تذكره عتاب بن اسيد ج 2 ص 451 و زرقاني ج 2 ص 346)

پر ان ڪانپوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي فيضِ صحبت سان حضرت عتاب بن اسيد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي دل ۾ نورِ ايمان جو سج چمڪي پيو ۽ اُهي صادق الايمان مسلمان بڻجي ويا. جيئن تہ مڪي ڪان روانگي جي وقت حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي ئي مڪي جو حاڪم بڻايو[2]. (سيرت ابن حشام ج 2 ص 413 و ص 440)

## بيعت اسلام

ان ڪانپوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪوهِ صفا جي پهاڙي جي هيٺيان هڪ بلند جڳهہ تي ويٺا ۽ ماڻهو ٽولن جا ٽولا اچي حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دستِ حق پرست تي اسلام جي بيعت ڪرڻ لڳا. مردن جي بيعت ختم ٿي چڪي تہ عورتن جو وارو آيو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر بيعت ڪرڻ واري عورت کان جڏهن اها سيني شرطن جو اقرار ڪري وٺندي هئي تہ حضُور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائيندا هئا تہ ”قَدْ بَايَعْتُكِ“ مون توکان بيعت وٺي ڇڏي. حضرت بيبي عائشہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو بيان آهي تہ خدا جو قسم! حضُور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هٿ مبارڪ بيعت جي وقت ڪنهن بہ عورت جي هٿ کي نہ لڳو. صرف زبان سان ئي بيعت فرمائيندا رهيا[3].

(بخاري ج 1 ص 375 كتاب الشروط)

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب باب الفتح الاعظم ج 3 ص 484.

[2] السيرة النبوية لابن هشام، باب دخول الرسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الحرم، ص 474 ملخصاً والمواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب غزوة حنين، ج 3 ص 498 ملخصاً.

[3] صحيح البخاري، كتاب الشروط، باب ما يجوز من الشروط... الخ الحديث 2713، ج 2 ص 217 ملخصاً.

انهن عورتن ۾ برقعو پائي هند بنت عتبہ بن ربيعہ بہ بيعت جي لاءِ آيون جيڪا حضرت ابو سفيان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي گهرواري ۽ حضرت امير معاويہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي والده آهي. هيءَ اها ئي هند هئي جنهن جنگِ احد ۾ حضرت حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو سينو چيري ان جو هانءُ ڪڍي چٻاڙيو هيو ۽ انهن جي ڪنن، نڪ کي ڪٽي ۽ اکيون ڪڍي هڪ ڏاڳي ۾ سبي ڳچيءَ جو هار بڻايو هو. جڏهن اها بيعت جي لاءِ آئي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان نهايت دليريءَ سان گفتگو ڪرڻ لڳي ان جو مڪالمو هيٺ ڏجي ٿو .

رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: تون خدا سان ٻي ڪنهن کي شريڪ نہ ڪجان.

هند بنت عتبہ: اهو اقرار توهان مردن کان تہ ڪو نہ ورتو بهرحال مونکي منظور آهي.

رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: چوري نہ ڪجانءِ.

هند بنت عتبہ: آءُ پنهنجي مڙس (ابو سفيان) جي مال مان ڪجهہ ڪٽندي آهيان خبر ناهي اهو منهنجي لاءِ جائز آهي يا نہ؟

رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: پنهنجي اولاد کي قتل نہ ڪجان.

هند بنت عتبہ: مون تہ ٻارن کي پاليو هو جڏهن اهي وڏا ٿيا تہ توهان انهن کي جنگ بدر ۾ ماري ڇڏيو هاڻي اهي ڄاڻن توهان ڄاڻو[1]. (طبري ج 3 ص 643 مختصرًا)

---

[1] تاريخ الطبري الجزء 2 ص 37 كان 38 مختصرًا المكتبة الشاملة

بهرحال ابو سفيان ۽ ان جي گهرواري هند بنت عتبه رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا بئي مسلمان ٿي ويا. (رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا)

تنهڪري انهن ٻنهي جي باري ۾ بدگماني يا انهن ٻنهي جي شان ۾ بد زباني رافضين جو مذهب آهي اهلسنت وارا انهن ٻنهي جو شمار صحابه ۽ صحابيات رَضِیَ اللهُ عَنْهُم اَجْمَعِين جي فهرست ۾ ڪندا آهن.

شروعات ۾ توڙي جو انهن ٻنهي جي ايمان ۾ ڪجهه شڪ رهيو هجي پر بعد ۾ ٻئي سچا مسلمان ٿي ويا هئا ۽ ايمان تي ئي انهن ٻنهي جو خاتمو ٿيو. (رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا)

حضرت بيبي عائشه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو بيان آهي ته هند بنت عتبه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا بارگاهِ نبوت ۾ آئي ۽ عرض ڪيائون ته يا رسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پوري ڏرتيءَ تي توهان جي گهروارن کان وڌيڪ ڪنهن ٻئي جي گهروارن جو ذليل ٿيڻ مونکي محبوب نه هو. پر هاڻي منهنجو اهو حال آهي ته هن سڄي ڏرتيءَ تي توهان جي گهر وارن کان وڌيڪ ڪنهن ٻئي گهروارن جو عزت دار هجڻ مونکي پسند ناهي[1]. (بخاري ج 1 ص 539 باب ذكر هند بنت عتبه)

اهڙي طرح حضرت ابو سفيان رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي باري ۾ محدث ابن عساڪر جي هڪ روايت آهي ته هي مسجد حرام ۾ وينا هئا ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سامهون کان نڪتا ته انهن پنهنجي دل ۾ اهو سوچيو ته ڪهڙي طاقت انهن وٽ اهڙي آهي جو هي اسان تي غالب رهن ٿا ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي دل ۾ لڪيل

---

[1] صحيح البخاري، كتاب مناقب الانصار، باب ذكر هند بنت عتبة بن ربيعة رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا، الحديث: 3825 ج 2 ص 567

خيال کي ڄاڻي ورتو ۽ انهن جي ويجهو اچي انهن جي سيني تي هٿ هنيائون ۽ فرمايائون ته اسين خدا جي طاقت سان غالب ٿي ويندا آهيون. انهن اهو ٻڌي ڪري بلند آواز سان چيو ته ”آءُ شاهدي ڏيان ٿو ته بيشڪ ’اوهان الله جا رسول آهيو“ ۽ محدث حاڪم ۽ سندن شاگرد امام بيهقي حضرت ابن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت ڪئي آهي ته حضرت ابو سفيان رَضِیَ اللهُ عَنْهُ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏسي پنهنجي دل ۾ چيو ته ”ڪاش! آءُ هڪ فوج جمع ڪري هنن سان جنگ ڪريان ها“ هيڏانهن هن جي دل ۾ اهو خيال آيو ئي هو ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اڳتي وڌي سندس سيني تي هٿ هنيو ۽ فرمايو ته ”جيڪڏهن تون ائين ڪندين ته الله تعالىٰ توکي ذليل ۽ خوار ڪري ڇڏيندو“. اهو ٻڌي ابو سفيان رَضِیَ اللهُ عَنْهُ توبه ۽ استغفار ڪرڻ لڳو ۽ عرض ڪيائين ته مون کي هاڻي توهان جي نبوت جو يقين حاصل ٿي ويو آهي ڇو ته توهان منهنجي دل جي لڪيل خيال کي ڄاڻي ورتو.[1] (زرقاني ج 2 ص 346)

هيءَ به روايت آهي ته جڏهن سڀ کان پهريان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن اڳيان اسلام پيش ڪيو ته انهن چيو هو پوءِ مان پنهنجي معبود عزىٰ کي ڇا ڪندس؟

ته حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن يڪدم وراڻيو ته پوءِ ”تون عزىٰ تي پاخانو ڦيري ڇڏجانءِ“ تنهنڪري حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن عزىٰ کي ٽوڙڻ جي لاءِ حضرت خالد بن وليد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي روانو فرمايو ته انهن سان گڏ حضرت ابو سفيان رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي به موڪليو ۽ انهن پنهنجي هٿ سان پنهنجي معبود عزىٰ کي ٽوڙي

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، باب غزوة الفتح الاعظم ج 3 ص 485

چڏيو. هيءَ محمّد بن اسحاق جي روايت آهي ۽ ابنِ هشام جي روايت هي آهي تہ عزىٰ کي حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ٽوڙيو هو. والله اعلم[1].

(زرقاني ج 2 ص 349)

## بت پرستي جو خاتمو

گذريل ورقن ۾ اسين لکي آيا آهيون تہ خانہ ڪعبہ جي سيني بتن ۽ پتين تي لڳل تصويرن کي ٽوڙي، ميٽي ڪري ۽ ڊاهي مڪي کي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بت پرستي جي لعنت کان پاڪ ڪري چڏيو هو پر مڪي جي آسپاس ۾ بہ بت پرستي جا ڪجهہ مرڪز هئا يعني لات، مناة، سواع، عزىٰ هي ڪجهہ وڏا وڏا بت هئا جيڪي مختلف قبيلن جا معبود هئا. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جي لشڪرن کي موڪلي انهن سيني بتن کي ٽوڙائي چڏيو ۽ مڪي ۽ ان جي ڀرپاسي جي سيني بتن کي تباهہ ۽ برباد ڪري چڏيو[2]. (زرقاني ج 2 ص 347 کان 349)

اهڙي طرح باني ءِ ڪعبہ حضرت خليل الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي جانشين حضور رحمتٌ للعالمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي مورثِ اعلىٰ جي مشن کي مڪمل فرمائي چڏيو ۽ حقيقت ۾ فتح مڪہ جو سڀ کان وڏو مقصد اهو ئي هو تہ شرڪ ۽ بت پرستي جو خاتمو ۽ توحيدِ خداوندي جو هر هنڌ چرچو ٿي وڃي. جيئن تہ هي عظيم مقصد بحمده تعالىٰ اعلي نموني سان حاصل ٿي ويو تہ

آنجا کہ بود نعرہ کفار و مشرکاں  اکنوں خروش نعرہ الله اکبر است

---

[1] شرع الزرقاني علي المواهب باب هدم مناة ج 3 ص 487 تا 491

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، هدم العزىٰ و سواع ومناة ج 3 ص 487-490

## ڪجهه اهڙا مجرم جن کي معاف نه ڪيو ويو

جڏهن مڪو فتح ٿي ويو ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن عام معافيءَ جو اعلان فرمائي ڇڏيو. پر ڪجهه اهڙا به مجرمَ هئا جن جي باري ۾ تاجدارِ دو عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هي اعلان جاري فرمائي ڇڏيو ته جيڪڏهن اهي ماڻهو اسلام قبول نه ڪن ته جتي به ملن انهن کي قتل ڪيو وڃي، توڙي جو اهي غلافِ ڪعبه ۾ ئي لڪيل ڇو نه هجن. انهن مجرمن مان ڪن ته اسلام قبول ڪيو ۽ ڪجهه قتل ڪيا ويا انهن مان ڪجهه جو مختصر تذڪرو تحرير ڪيو پيو وڃي.

1. ”عبد العزىٰ بن خطل“: هي مسلمان ٿي ويو هو هن کي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن زڪوٰة جا جانور وصول ڪرڻ جي لاءِ موڪليو ۽ هڪ ٻئي مسلمان کي به گڏ موڪليو پوءِ ڪنهن ڳالهه تي ٻنهي ۾ تڪرار ٿي پيو ۽ هن ان مسلمان کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ قصاص جي ڊپ کان سيني جانورن کي ڪاهي مڪي مان ڀڄي ويو ۽ مرتد ٿي ويو. فتحِ مڪه جي ڏينهن هي به هڪ نيزو ڪٽي مسلمانن سان وڙهڻ لاءِ گهر کان ٻاهر نڪتو پر مسلم افواج جو جلال ڏسي نيزو اڇلائي ڀڳو ۽ ڪعبه جي پردن ۾ لڪي ويو. حضرت سعيد بن حريث مخزومي ۽ ابو برزه اسلمي رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا ٻنهي گڏجي ڪيس قتل ڪري ڇڏيو[1]. (زرقاني ج 2 ص 322)

2. ”حويرث بن نقيد“ هي شاعر هو ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي گستاخانا شاعري لکندو هو ۽ خوني مجرم به هو. حضرت

---

[1] مدارج النبوت قسم سوم باب هفتم ج 2 ص 296

علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ان کي قتل ڪيو.

3. ”مقيس بن صبابہ“ هن کي نميلہ بن عبد الله قتل ڪيو اهو بہ خوني هو.

4. ”حارث بن طلاطلہ“ هي بہ وڏو موذي هو. هن کي حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ قتل ڪيو.

5. ”قريبہ“ هيءَ ابن خطل جي ڀانهي هئي. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي شان ۾ گستاخي ڪندي هئي هن کي بہ قتل ڪيو ويو[1].

## مڪي مان ڀڄي وڃڻ وارا

چار ماڻهو مڪي مان ڀڄي نڪتا هئا انهن جو مختصر تذڪرو هي آهي.

### (1) ”عڪرمہ بن ابي جهل“

هي ابو جهل جو پٽ هو تنهنڪري هن جي اسلام سان دشمني جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي؟ هي ڀڄي يمن هليو ويو پر هن جي گهرواري ”اُمّ حڪيم“ جيڪا ابو جهل جي ڀائٽي هئي تنهن اسلام قبول ڪري ورتو ۽ پنهنجي مڙس عڪرمہ جي لاءِ بارگاهِ رسالت ۾ معافي جي درخواست پيش ڪيائين. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي معاف فرمائي ڇڏيو. اُمِ حڪيم خود يمن وئي ۽ معافي جو حال بيان ڪيائين عڪرمہ حيران ٿي ويو انتهائي تعجب مان چوڻ لڳو ڇا مونکي بہ محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن معاف ڪري ڇڏيو! بهرحال پنهنجي گهر واري سان گڏجي بارگاهِ رسالت ۾

---

[1] (مدارج النبوت، قسم سوم باب هفتم ج 2 ص 300، 304 ملخصاً)

مسلمان ٿي حاضر ٿيو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن ان کي ڏٺو ته بيحد خوش ٿيا ۽ جهٽ ۾ انهن ڏانهن وڌيا ته سندن جي مبارڪ جسم تي پاتل چادر به هيٺ ڪِري پئي. پوءِ حضرت عڪرمه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ خوشي خوشي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ هٿ تي بيعتِ اسلام ڪئي[1]. (موطا امام مالڪ ڪتاب النڪاح وغيره)

## (2) صفوان بن اميه

هي اميه بن خلف جو فرزند آهي. پنهنجي پيءُ اميه وانگر اهو به اسلام جو وڏو دشمن هو. فتح مڪه جي ڏينهن پڇي جده هليو ويو. حضرت عمير بن وهب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن دربارِ رسالت ۾ ان جي سفارش پيش ڪئي ۽ عرض ڪيائين ته يا رسول الله (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) قريش جو هڪ رئيس صفوان مڪي مان جلاوطن ٿيڻ چاهي ٿو. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي به معافي عطا ڪري ڇڏي ۽ امان جي نشاني طور حضرت عمير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي پنهنجو عمامو عطا فرمايائون. پوءِ اهو مقدس عمامو ڪٿي "جده" ويو ۽ صفوان کي مڪي وٺي آيو صفوان جنگِ حنين تائين مسلمان نه ٿيو هو پر ان کانپوءِ اسلام قبول ڪري ورتائين[2]. (طبري ج 3 ص 625)

## (3) ڪعب بن زهير

هن سن 9 هـ ۾ پنهنجي پاءُ سان گڏ مديني ۾ اچي اسلام قبول ڪيو ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مدح ۾ پنهنجو مشهور

---

[1] الموطاء للامام مالك، كتاب النكاح، باب نكاح المشرك اذا اسلمت زوجته قبله، الحديث:- 1180 ج 2 ص 94 و شرح الزرقاني علي المواهب، باب غزوة الفتح الاعظم ج 3 ص 424، 425 ملخصاً.

[2] مدارج النبوت، قسم سوم، باب هفتم ج 2 ص 299 ملخصاً.

قصيدو ”بانت سعاد“ پڙهيو. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خوش ٿي کيس پنهنجي چادر مبارڪ عطا فرمائي. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اها چادر مبارڪ حضرت ڪعب بن زهير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وٽ هئي. حضرت امير معاويه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن پنهنجي دورِ سلطنت ۾ ان کي ڏهه هزار درهم پيش ڪيا تہ هي مقدس چادر مونکي ڏني وڃي پر انهن صاف صاف انڪار ڪري ڇڏيو ۽ فرمايائون تہ آءُ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هي چادر مبارڪ هرگز هرگز ڪنهن کي نٿو ڏئي سگهان پر آخر حضرت اميرِ معاويه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن حضرت ڪعب بن زهير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وفات کان پوءِ ان جي وارثن کي ويهه هزار درهم ڏئي اها چادر ورتي ۽ ڪافي عرصي تائين اها چادر اسلام جي بادشاهن وٽ هڪ مقدس تبرڪ بڻيل رهي[1]. (مدارج ج 2 ص 338)

## (4) ”وحشي“

هي اهو ئي وحشي آهي جنهن جنگِ اُحد ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چاچي حضرت حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي شهيد ڪيو. هي بہ فتح مڪ جي ڏينهن ڀڄي طائف هليو ويو هو پر طائف جي هڪ وفد سان گڏجي ڪري بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي مسلمان ٿي ويو. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سندس زبان مان پنهنجي چاچي جي قتل جو خوني داستان ٻڌو، رنج ۽ غم ۾ ٻڏي ويا پر ان کي بہ پاڻ ڪريمن معاف فرمائي ڇڏيو. پر هي فرمايائون تہ وحشي! تون منهنجي سامهون نہ ايندو ڪر. حضرت وحشي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي ان جو بيحد ملال رهندو هو پوءِ جڏهن حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي خلافت جي زماني ۾ مسيلمہ ڪذاب نبوت جي دعويٰ ڪئي

[1] مدارج النبوت قسم سوم باب نهم ج 2 ص 301، 338

۽ لشڪرِ اسلام ان ملعون سان جهاد ڪيو تہ حضرت وحشي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بہ پنهنجو نيزو ڪٽي جهاد ۾ شامل ٿي ويو ۽ مسيلمہ ڪذاب کي قتل ڪري ڇڏيائين. حضرت وحشي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي زندگي ۾ چوندو هو تہ "قَتَلْتُ خَيْرَ النَّاسِ فِي الْجَاهِلِيَّةِ وَ قَتَلْتُ شَرَّ النَّاسِ فِي الْاِسْلَامِ" يعني مون جاهليت جي زماني ۾ بهترين انسان (حضرت حمزه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ) کي قتل ڪيو ۽ پنهنجي اسلام واري زماني ۾ بد ترين ماڻهوءَ (مسيلمہ ڪذاب) کي قتل ڪيو. ان دربارِ اقدس ۾ پهنجي ڏوهن جو اعتراف ڪندي عرض ڪيو تہ ڇا خدا تعالىٰ مون جهڙي مجرم کي بہ بخشي ڇڏيندو؟ تہ ان تي هي آيت نازل ٿي.

قُلْ يٰعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اَسْرَفُوْا عَلٰۤى اَنْفُسِهِمْ لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِيْعًا ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿۵۳﴾ [1] (زمر)

ترجمو ڪنز الايمان: يعني اي حبيب توهان فرمائي ڇڏيو تہ اي منهنجا ٻانهؤ! جن پنهنجو پاڻ تي حد ڪان وڌيڪ گناه ڪري ورتو آهي، الله جي رحمت ڪان ناميد نہ ٿيو، الله سمورا گناهہ بخشي ڇڏيندو. اهو يقيناً وڏو بخشڻهار ۽ گهڻو مهربان آهي[2]. (مدارج النبوت ج 2 ص 302)

## مڪي جو انتظام

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مڪي جو بندوبست ۽ انتظام هلائڻ جي لاءِ حضرت عتاب بن اسيد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي مڪي جو

---

[1] پ 24، الزمر: 53

[2] مدارج النبوت قسم سوم باب هفتم ج 2 ص 301، 302 ملخصاً

حاڪم مقرر فرمايو ۽ حضرت معاذ بن جبل رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ڪي انهي خدمت تي معمور فرمايو تہ هو نُوَن مسلمانن ڪي اسلامي احڪامن ۽ مسئلن جي تعليم ڏيندا رهن[1]. (مدارج النبوت ج 2 ص 324)

ان ۾ اختلاف آهي تہ فتح ڪانپوءِ ڪيترن ڏينهن تائين حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مڪي ۾ قيام فرمايو. ابو دائود جي روايت ۾ آهي تہ سترهن ڏينهن تائين پاڻ سڳورا مڪي ۾ مقيم رهيا ۽ ترمذي جي روايت مان خبر پوي ٿي تہ ارڙهن ڏينهن سندن جو قيام رهيو. پر امام بخاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا ڪان روايت ڪئي آهي تہ اٺويهہ ڏينهن پاڻ سڳورا مڪي ۾ رهيا. (بخاري ج 2 ص 615)

انهن ٽنهي روايتن جي هن طرح وضاحت ڪري سگهجي ٿي تہ ابو دائود جي روايت ۾ مڪي ۾ داخل ٿيڻ ۽ مڪي ڪان روانگي انهن ٻنهي ڏينهن ڪي شمار نہ ڪيو ويو آهي تنهنڪري سترهن ڏينهن رهڻ جي مدت ٻڌائي وئي آهي ۽ ترمذي جي روايت ۾ مڪي ۾ اچڻ جو ڏينهن تہ شمار ڪيو ويو آهي. ڇو تہ پاڻ سڳورا صبح جو مڪي ۾ داخل ٿيا هئا ۽ مڪي مان روانگي جي ڏينهن ڪي شمار نہ ڪيو ويو آهي ڇو تہ پاڻ صبح سويري ئي مڪي مان حنين جي لاءِ روانا ٿيا هئا ۽ امام بخاري جي روايت ۾ اچڻ ۽ وڃڻ جي ٻنهي ڏينهن ڪي شمار ڪيو ويو آهي ان جي لاءِ اٺويهہ ڏينهن پاڻ مڪي ۾ مقيم رهيا[2]. والله تعالىٰ اعلم

---

[1] مدارج النبوت قسم سوم باب هشتم ج 2 ص 324 ۽ 325، و المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب غزوت حنين ج 3 ص 498-499

[2] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب غزوة الفتح الاعظم ج 3 ص 405 ۽ 486

اهڙي طرح ان ۾ وڏو اختلاف آهي ته مڪو ڪهڙي تاريخ ۾ فتح ٿيو؟ ۽ پاڻ ڪهڙي تاريخ تي مڪي ۾ فاتحانه شان سان داخل ٿيا؟ امام بيهقي 13 رمضان، امام مسلم 16 رمضان امام احمد 18 رمضان ٻڌايو ۽ ڪجهه روايتن ۾ 17 رمضان ۽ 18 رمضان به مروي آهي. پر محمد بن اسحاق پنهنجي مشائخ جي هڪ جماعت کان روايت ڪندي فرمايو ته 20 رمضان سنه 8 هه ۾ مڪو فتح ٿيو. والله تعالىٰ اعلم[1]. (زرقاني ج 2 ص 299)

## جنگِ حنين

”حنين“ مڪي ۽ طائف جي وچ ۾ هڪ جڳهه جو نالو آهي تاريخ اسلام ۾ هن جنگ جو ٻيو نالو ”غزوه هوازن“ به آهي ڇاڪاڻ جو ان لڙائيءَ ۾ ”بني هوازن“ سان مقابلو ٿيو.

فتح مڪه ڪانپوءِ عام طور تي سموري عرب جا ماڻهو اسلام ۾ داخل ٿي ويا ڇو ته انهن ۾ اڪثر اهي ماڻهو هئا جيڪي اسلام جي حقانيت جو پورو پورو يقين رکڻ جي باوجود قريشن جي خوف کان مسلمان ٿيڻ ۾ دير ڪري رهيا هئا ۽ مڪي جي فتح جو انتظار ڪري رهيا هئا. جيئن ته عرب وارن جي دلين ۾ ڪعبي جو بي حد احترام هو ۽ انهن جو اعتقاد هو ته ڪعبي تي ڪنهن به باطل پرست جو قبضو نه ٿو ٿي سگهي. تنهنڪري حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن مڪي کي فتح ڪيو ته عرب جي ٻچي ٻچي کي اسلام جي حقانيت جو پورو پورو يقين ٿي ويو ۽ اهي سڀ جا سڀ ٽولن جا ٽولا بلڪ لشڪرن جا لشڪر ٿي

[1] المواهب اللدنية وشرح الزرقاني باب غزوة الفتح الاعظم، ج 3 ص 396 ۽ 397

اسلام ۾ داخل ٿيڻ لڳا. باقي بچيل عربن جي ٻه همت نہ رهي تہ هاڻي اسلام جي مقابلي ۾ هٿيار کڻي سگهن.

پر مقامِ حنين ۾ ”هوازن“ ۽ ”ثقيف“ نالي جا ٻہ قبيلا آباد هئا جيڪي ڏاڍا ويڙهاڪ ۽ جنگ جي فن کان واقف هئا. انهن ماڻهن تي مڪي جي فتح جو ابتو اثر پيو. انهن تي غيرت سوار ٿي وئي ۽ انهن هي خيال قائم ڪيو تہ مڪو فتح ٿيڻ کانپوءِ هاڻي اسان جو وارو آهي تنهنڪري انهن هي طئي ڪيو تہ جيڪي مسلمان هن وقت مڪي ۾ جمع آهن انهن تي هڪ زبردست حملو ڪيو وڃي. تنهنڪري حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت عبد الله بن ابي حدرد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي جاچ پڙتال جي لاءِ موڪليو. جڏهن انهن اتان کان واپس اچي انهن قبيلن جي جنگي تيارين جو حال بيان ڪيو ۽ ٻڌايو تہ قبيلي هوازن ۽ ثقيف وارن پنهنجي سيني قبيلن کي جمع ڪري ڇڏيو آهي ۽ قبيلي هوازن جو رئيس اعظم مالڪ بن عوف انهن سيني فوجن جو سپهہ سالار آهي ۽ سؤ سال کان وڌيڪ عمر جو پوڙهو ”درِيد بن الصمہ“ جيڪو عرب جو مشهور شاعر ۽ ڄاتل سڃاتل بهادر هو بطور مشير ميدانِ جنگ ۾ آندو ويو آهي ۽ هي ماڻهو پنهنجي عورتن ٻارن ۽ جانورن کي ٻہ ميدانِ جنگ ۾ وٺي آيا آهن تہ جيئن ڪو ٻہ سپاهي ميدانِ جنگ مان پڇڻ جو سوچي ٻہ نہ سگهي.

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن شوال 8 هجري ۾ ٻارهن هزار جو لشڪر جمع فرمايو. ڏهہ هزار تہ انهن مهاجرن ۽ انصارن جو اهو لشڪر هو جيڪو مديني کان ساڻس گڏ آيو هو ۽ ٻہ هزار نوان مسلمان هئا جيڪي مڪو فتح ٿيڻ وقت مسلمان ٿيا هئا رحمت

عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان لشڪر کي گڏ وٺي اهڙي ته شان و شوڪت سان هنن جو رخ ڪيو جو اسلامي فوج جي ڪثرت ۽ انهن جي جاهه ۽ جلال کي ڏسي ڪجهه صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي زبانن مان هي نڪتو ته ”ڀلا اڄ اسان تي ڪير غالب اچي سگهي ٿو“.

پر الله پاڪ کي صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو پنهنجي فوجين جي ڪثرت تي ناز ڪرڻ پسند نه آيو پوءِ انهيءَ فخر ۽ ناز جو اهو نتيجو نڪتو جو پهرين ئي حملي ۾ قبيلي هوازن ۽ ثقيف جي تير اندازن جيڪا تيرن جي برسات ڪئي ۽ هزارن جي تعداد ۾ تلوارون کڻي ڪري مسلمانن تي ڪڙڪي پيا ته اهي ٻه هزار نوان مسلمان ۽ مڪي جا ڪافر جيڪي لشڪرِ اسلام ۾ شامل ٿي مڪي کان آيا هئا يڪدم پوئين پير وٺي ڀڳا. انهن ماڻهن جي ڀاڄ ڏسي انصارن ۽ مهاجرن جا پير اکڙي پيا. حضور تاجدار رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو نظر کڻي ڏسن ته ڳڻپ جيترن ڪجهه جان نثارن کان سواءِ سڀ ڀڄي ويا هئا تيرن جي برسات ٿي رهي هئي. ٻارهن هزارن جو لشڪر ڀڄي ويو هو پر خدا پاڪ جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي استقامت ۾ وار برابر به لغزش نه آئي بلڪ حضُور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اڪيلا هڪ لشڪر بلڪ هڪ عالمِ ڪائنات جو مجموعو بڻجي ڪري نه صرف جبل وانگر بيٺا رهيا بلڪ پنهنجي سفيد خچر تي سوار ٿي برابر اڳتي وڌندا رهيا. ۽ حضُور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زبان مبارڪ تي هي الفاظ جاري هئا ته

اَنَا النَّبِيُّ لَا كَذِبْ اَنَا ابْنُ عَبْدِ الْمُطَّلِبْ

مان نبي آهيان اهو ڪوڙ ناهي. مان عبد المطلب جو پٽ آهيان.

اهڙي حالت ۾ حضُور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ساڄي طرف ڏسي ڪري بلند آواز سان پڪاريائون ته يَا مَعْشَرَ الْاَنْصَار فورًا جواب مليو ته اسان حاضر آهيون يا رسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پوءِ کاٻي طرف ڏسي ڪري فرمايائون يَا لَلْمُهَاجِرِيْن فوراً آواز آيو ته " اسان حاضر آهيون يا رسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم". حضرت عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جنهن جو آواز پري پري تائين ويندو هو پاڻ ڪريمن انهن کي حڪم فرمايو ته توهان انصارين ۽ مهاجرين کي سڏ ڪريو. انهن جو يَا مَعْشَرَ الْاَنْصَار ۽ يَا لَلْمُهَاجِرِيْنَ جو نعرو هنيو ته يڪدم تمام فوجون اچي پهتيون ۽ ماڻهو ايتري قدر تيزي سان ڊوڙيا جو جن ماڻهن جا گهوڙا رش جي ڪري مڙي نه پي سگهيا انهن هلڪي ٿيڻ جي لاءِ پنهنجون زرهون لاهي اڇلائي ڇڏيون ۽ گهوڙن تان ٿپا ڏئي ڀڳا ۽ ڪافرن جي لشڪر تي ڪڙڪي پيا ۽ اهڙي جانبازي سان وڙهڻ لڳا جو هڪ لمحي ۾ جنگ جو نقشو ئي تبديل ٿي ويو، ڪجهه ڪافرن ڀڄي جان بچائي ۽ ڪجهه قتل ٿي ويا ۽ جيڪي رهجي ويا انهن کي گرفتار ڪيو ويو. قبيلي ثقيف جون فوجون وڏي بهادري سان ڄمي مسلمانن سان وڙهنديون رهيون ايتري تائين جو انهن جا 70 بهادر ڪٽجي ويا پر جڏهن انهن جو علمبردار عثمان بن عبد الله قتل ٿي ويو ته انهن جا پير به اکڙي پيا

۽ فتح مبين حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا قدم چميا ۽ گهڻي تعداد ۽ مقدار ۾ مالِ غنيمت هٿ آيو[1]. (بخاري ج 2 ص 621 غزوه طائف)

هي اهو ئي مضمون آهي جنهن کي قرآن پاڪ نهايت مؤثر انداز ۾ بيان فرمايو آهي.

وَيَوْمَ حُنَيْنٍ ۙ اِذْ اَعْجَبَتْكُمْ كَثْرَتُكُمْ فَلَمْ تُغْنِ عَنْكُمْ شَيْـًٔا وَّ ضَاقَتْ عَلَيْكُمُ الْاَرْضُ بِمَا رَحُبَتْ ثُمَّ وَلَّيْتُمْ مُّدْبِرِيْنَ ﴿۲۵﴾ ثُمَّ اَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ عَلٰى رَسُوْلِهٖ وَ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَ اَنْزَلَ جُنُوْدًا لَّمْ تَرَوْهَا ۚ وَ عَذَّبَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ؕ وَ ذٰلِكَ جَزَآءُ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۲۶﴾ (پ 10، التوبة: 26)

**ترجمو کنز الايمان:** ۽ حنين جو ڏينهن ياد ڪريو جڏهن توهان پنهنجي گهڻائي تي فخر ڪيو پئي پوءِ اها توهان کي ڪو فائدو نه ڏئي سگهي ۽ زمين پنهنجي ايڏي ڪشادگي جي باوجود توهان تي سوڙهي ٿي وئي پوءِ توهان پٺي ڏئي پڄي ويؤ. پوءِ الله پنهنجي تسڪين لاٿي پنهنجي رسول تي ۽ مسلمانن تي ۽ اهي لشڪر لاٿائين جيڪي توهان نه ڏٺا ۽ ڪافرن کي عذاب ڏنائين ۽ ڪافرن جي اها ئي سزا آهي.

جنگ حنين ۾ شڪست کائي ڪري ڪافرن جون فوجون پڄي ڪجهه ته ”اوطاس“ ۾ جمع ٿيون ۽ ڪجهه ”طائف“ جي قلعي ۾ پناهه وٺي ويهي رهيون. اهڙي طرح ڪافرن جي فوجن کي مڪمل طور تي شڪست ڏيڻ جي لاءِ اوطاس ۽ طائف تي به حملو ڪرڻ ضروري ٿي ويو.

## جنگ اوطاس

تنهنڪري حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت ابو عامر اشعري

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب غزوة حنين ج 3 ص 496 ـ 530 ملخصًا و مدارج النبوت قسم سوم باب هشتم ج 2 ص 308

رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي اڳواٽيءَ ۾ ٿورڙي فوج ”اوطاس“ ڏانهن موڪلي. دريد بن الصمہ هزارين تعداد ۾فوج وٺي نڪتو. دريد بن الصمہ جي پٽ حضرت ابو عامر اشعري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي ران تي هڪ تير هنيو حضرت ابو عامر اشعري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ حضرت ابو موسٰي اشعري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو چاچو هو پنهنجي چاچي کي زخمي ڏسي حضرت ابو موسٰي اشعري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ڊوڙي پنهنجي چاچي وٽ آيا ۽ چيائون تہ چاچا جان! توهان کي ڪنهن تير هنيو آهي؟ تہ حضرت ابو عامر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن اشاري سان ٻڌايو تہ هو شخص منهنجو قاتل آهي. حضرت ابو موسٰي اشعري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جوش ۾ اچي ان ڪافر کي قتل ڪرڻ جي لاءِ ڊوڙيا تہ هو ڀڄي نڪتو. پر حضرت ابو موسٰي اشعري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن ان جو پيچو ڪيو ۽ چيو تہ اي ڀڄڻ وارا! ڇا توکي شرم ۽ غيرت نٿي اچي؟جڏهن ان ڪافر اهو سخت طعنو ٻڌو تہ يڪدم بيهي رهيو پوءِ ٻنهي ۾ تلوار بازي ٿي ۽ حضرت ابو موسٰي اشعري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن آخرڪار ان کي قتل ڪري ڇڏيو. پوءِ پنهنجي چاچي وٽ آيا ۽ خوشخبري ٻڌائي تہ چاچا جان! خدا تعالٰي توهان جي قاتل کي انجام تي پهچائي ڇڏيو آهي پوءِ حضرت ابو موسٰي اشعري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن پنهنجي چاچي جي ران مان اهو تير ڇڪي ڪڍيو ڇو تہ اهو تير زهر مان ڀريل هو تنهنڪري زخم مان رت جي بجاءِ پاڻي وهڻ لڳو. حضرت ابو عامر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن پنهنجي جڳهہ تي حضرت ابو موسٰي اشعري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن کي فوج جو سپهہ سالار بڻايو ۽ هيءَ وصيت ڪيائون تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ منهنجو سلام عرض ڪجانءِ ۽ منهنجي لاءِ دعا جي درخواست بہ ڪجانءِ. اها وصيت ڪيائون ۽ سندن روح جسم مان پرواز ڪري ويو. حضرت ابو موسٰي اشعري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن جو بيان آهي تہ جڏهن هن

جنگ کان فارغ ٿي ڪري آءُ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيس ۽ پنهنجي چاچي جو سلام ۽ پيغام پهچايو ته ان وقت ٻنهي جهانن جا سردار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ واڻ جي ڪٽ تي تشريف فرما هئا ۽ سندن جي پٽ مبارڪ ۽ پاسي مبارڪ تي واڻ جا نشان پئجي ويا هئا. رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پاڻي گهرايو ۽ وضو فرمايائون پوءِ پنهنجي ٻنهي هٿن کي ايتري قدر مٿي کنيائون جو مون به سندن جي بغلن جي اڇاڻ کي ڏسي ورتو ۽ هن طرح حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن دعا گهري ته ”يا الله پاڪ! ابو عامر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي قيامت جي ڏينهن گهڻن ئي انسانن کان وڌيڪ بلند رتبو عطا فرماء.“ اهو ڪرم ڏسي ڪري حضرت ابو موسٰي اشعري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن عرض ڪيو ته يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) منهنجي لاءِ به دعا فرمايو؟ ته هيئن دعا فرمايائون ته ”يا الله پاڪ! تون عبد الله بن قيس جي گناهن کي بخشي ڇڏ ۽ ان کي قيامت واري ڏينهن عزت واري جڳهه ۾ داخل فرما“. عبد الله بن قيس حضرت ابو موسٰي اشعري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو نالو هو[1]. (بخاري ج 2 ص 619 غزوه اوطاس)

اهڙي طرح حضرت ابو موسٰي اشعري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن دريد بن الصمه جي پٽ کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ اسلامي جهنڊي کي پنهنجي هٿن ۾ کڻي ورتو. دريد بن الصمه پوڙهائپ جي ڪري هڪ ڪجائي تي سوار هو. ان کي حضرت ربيعه بن رفيع رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن خود ان جي ئي تلوار سان ان کي قتل ڪري ڇڏيو. ان کانپوءِ ڪافرن جي فوجن پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ سيني کي گرفتار ڪيو ويو. انهن قيدين ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي رضاعي پيٽ حضرت

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب غزوة اوطاس ج 3 ص 532 ـ 536 ملخصاً و صحيح البخاري كتاب المغازي باب غزوة اوطاس الحديث 4323 ج 3 ص 113

”شيماء“ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا بہ هيون. هي حضرت بيبي حليمہ سعديہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جون صاحبزاديون هيون. جڏهن ماڻهن ان کي گرفتار ڪيو تہ انهن چيو تہ آءُ توهان جي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ڀيڻ آهيان. مسلمانن کين سُجاڻپ جي لاءِ ان کي بارگاهِ رسالت ۾ وٺي آيا تہ آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي سجاڻي ورتو ۽ جوشِ محبت ۾ سندن جون اکيون آليون ٿي ويون. ۽ حضُور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي مبارڪ چادر کي وڇائي کين ويهاريو ۽ ڪجهہ اُٿ ۽ ڪجهہ ٻڪريون ڏئي فرمايو تہ توهان آزاد آهيو. جيڪڏهن توهان جي مرضي هجي تہ توهان هلي منهنجي گهر ترسو ۽ جيڪڏهن توهان پنهنجي گهر وڃڻ چاهيو ٿيون تہ مان توهان کي اوڏانهن موڪليان. انهن پنهنجي گهر وڃڻ جي خواهش ظاهر ڪئي تہ وڏي عزت ۽ احترام سان انهن کي پنهنجي قبيلي ۾ پهچايو ويو.[1] (طبري ج 3 ص 668)

## طائف جو گهيرو

اهو تحرير ٿي چڪو تہ حنين ۾ ڀڄڻ واريون ڪافرن جون فوجون ڪجهہ تہ وڃي اوطاس ۾ ترسيون ۽ ڪن وڃي طائف جي قلعي ۾ پناهہ ورتي. اوطاس جون فوجون تہ توهان پڙهي چڪا آهيو تہ شڪست کائي ڪري هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي مجبور ٿي ويون ۽ سڀ گرفتار ٿي ويون. پر طائف ۾ پناهہ وٺڻ وارن سان بہ جنگ ضروري هئي. تنهن ڪري حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حنين ۽ اوطاس جي مالِ غنيمت ۽ قيدين کي مقام ”جعرانہ“ ۾ جمع ڪري طائف جو رخ ڪيو.

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني باب غزوة اوطاس ج 3 ص 533

طائف خود هڪ محفوظ شهر هو جنهن جي چؤطرف حفاظتي اپاءُ طور پٿيون ٺهيل هيون ۽ هتي هڪ تمام مضبوط قلعو به هو. هتان جو رئيسِ اعظم عروه بن مسعود ثقفي هو جيڪو ابو سفيان جو نياڻو هو. هتي ثقيف جو جيڪو خاندان آباد هو اهو عزت ۽ شرافت ۾ قريشن جي برابر سمجهيو ويندو هو. ڪافرن جون سيئي فوجون سڄي سال جو راشن کڻي طائف جي قلعن ۾ پناهه وٺي چڪيون هيون. اسلامي فوجن طائف پهچي شهر جو گهيرو ڪري ورتو پر قلعي جي اندران ڪافرن اهڙي زور ۽ شور سان تيرن جي برسات ڪري ڏني جو لشڪرِ اسلام ان جي سَٽَ نه سهي سگهيو ۽ مجبورن انهن کي پوئتي هٽڻو پيو ارڙهن ڏينهن تائين شهر جو گهيرو قائم رهيو پر طائف فتح نه ٿي سگهيو. حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن جنگ جي ماهرن سان مشورو فرمايو ته حضرت نوفل بن معاويه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جن عرض ڪيو ته يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ”لومڙي پنهنجي بِر ۾ گهڙي وئي آهي جيڪڏهن ڪوشش جاري رهي ته پڪڙجي ويندي پر جيڪڏهن ڇڏي ڏني وڃي تڏهن به ان مان ڪا پريشاني ڪونهي.“ اهو ٻڌي ڪري حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن گهيرو ختم ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو[1]. (زرقاني ج 3 ص 33)

طائف جي گهيري ۾ ڪيترائي مسلمان زخمي ٿيا ۽ ڪل ٻارهن اصحاب شهيد ٿيا ست قريشي، چار انصاري ۽ هڪ شخص بني ليث جو. زخمين ۾ حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جن جو صاحبزادو حضرت عبد الله بن ابو بڪر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا به هئا هي هڪ تير لڳڻ سان زخمي ٿي ويا هئا. پوءِ نيڪ به ٿي ويا، پر ڪجهه

[1] الموهب اللدنية و شرح الزرقاني باب غزوة الطائف ج 4 ص 6، 7، 13 ملتقطًا

عرصي کانپوءِ ٻيهر انهن جو زخم اٿلي پيو ۽ پنهنجي والدِ ماجد حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي دورِ خلافت ۾ انهيءَ زخم سبب انهن جي وفات ٿي وئي[1]. (زرقاني ج 3 ص 30)

## طائف جي مسجد

هيءَ مسجد جنهن کي حضرت عمرو بن اميه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ تعمير ڪيو هو هي هڪ تاريخي مسجد آهي. هن جنگ طائف ۾ ازواج مطهرات مان ٻه ازواج ساٿن گڏ هيون حضرت اُمِ سلمه ۽ حضرت زينب رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا انهن ٻنهي جي لاءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٻه خيما لڳايا هئا ۽ جيستائين طائف جو گهيرو رهيو تہ پاڻ انهن ٻنهي خيمن جي وچ ۾ نماز پڙهندا رهيا. پوءِ جڏهن ثقيف قبيلي جي ماڻهن اسلام قبول ڪري ورتو تہ انهن ماڻهن انهيءَ جڳهہ تي هڪ مسجد ٺاهي ورتي[2]. (زرقاني ج 3 ص 31)

## طائف جي جنگ ۾ بت ٽوڙيندڙ

جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن طائف جو ارادو فرمايو تہ حضرت طفيل بن عمرو دوسي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي هڪ لشڪر سان موڪليائون تہ جيئن اهي "ذو الڪفين" جي بت خاني کي برباد ڪري ڇڏين. هتي عمر بن حممہ دوسي جو بت هو جيڪو ڪاٺ جو ٺهيل هو. حضرت طفيل بن عمرو دوسي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن اتي وڃي بت خاني کي ڍاهي ڇڏيو ۽ بت ساڙي ڇڏيائون. بت کي ساڙڻ وقت پاڻ ئي اشعار پڙهندا رهيا.

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، ج. 4، ص. 9 و السيرة النبوية لابن هشام باب شهداء المسلمين في الطائف، ص 502

[2] السيرة النبوية لابن هشام باب الطريق الي الطائف، ص 502

يَاذَا الْكَفَيْنِ لَسْتُ مِنْ عِبَادِكَا

اي ذو الكفين! مان تنهنجو بانهو نہ آهيان

مِيْلَادُنَا اَقْدَمُ مِنْ مِيْلَادِكَا

منهنجي پيدائش تنهنجي پيدائش کان وڏي آهي

اِنِّيْ حَشَوْتُ النَّارَ فِيْ فُؤَادِكَا

مون تنهنجي دل ۾ باهه لڳائي ڇڏي آهي

حضرت طفيل بن عمرو دوسي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چئن ڏينهن ۾ انهيءَ مهم کان فارغ ٿي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وٽ طائف ۾ پهچي ويا. هي ”ذو الکفين“ کان قلعي ٽوڙڻ جا اوزار منجنيق (هڪ قسم جي مشين جنهن جي ذريعي پٿر وغيره اڇلايا ويندا آهن) وغيره به کڻي آيا هئا. جيئن ته اسلام ۾ سڀ کان پهريان اها ئي منجنيق آهي جيڪا طائف جي قلعي ٽوڙڻ ۾ لڳائي وئي. پر ڪافرن جي فوجين تير اندازيءَ سان گڏوگڏ گرم گرم لوهه جون شيخون به اڇلائڻ شروع ڪري ڏنيون جنهن جي ڪري قلعي جي ٽوڙڻ ۾ ڪاميابي نہ ملي سگهي[1]. (زرقاني ج 3 ص 31)

اهڙي طرح حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي موڪليو ته طائف جي اطراف ۾ جيڪي هِتي هُتي ثقيف جا بت خانا آهن انهن سيني کي ڍاهي ڇڏيو. تنهنڪري پاڻ انهن سيني بتن ۽ بت خانن کي ڍاهي پَٽ ڪري ڇڏيو. ۽ جڏهن واپس اچي خدمتِ اقدس ۾ حاضر ٿيا ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب حرق ذي الكفين ج 4 ص 3، 4 و المواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب غزوة الطائف ص 10.

ڏسي ڪري بيحد خوش ٿيا ۽ ڪافي دير تائين انهن سان تنهائيءَ ۾ گفتگو فرمائيندا رهيا جنهن کان ماڻهن کي تمام گهڻو تعجب ٿيو[1]. (مدارج النبوة ج 2 ص 318)

طائف کان روانگيءَ جي وقت صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهم عرض ڪيو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان ثقيف قبيلي جي ڪافرن لاءِ هلاڪت جي لاءِ دعا فرمايو. تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هيءَ دعا فرمائي.

اَللّٰهُمَّ اهْدِ ثَقِيْفًا وَأْتِ بِهِمْ

يا الله! پاڪ ثقيف وارن کي هدايت ڏي ۽ انهن کي مون وٽ پهچائي ڇڏ. (مسلم ج 2 ص 307)

اهڙي طرح رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هي دعا قبول ٿي تہ ثقيف قبيلي جو وفد مديني پهتو ۽ پورو قبيلو اسلام سان مشرف ٿي ويو[2].

## مالِ غنيمت جي تقسيم

طائف تان گهيرو ختم ڪري حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ”جعرانہ“ تشريف وني آيا. اُتي مالِ غنيمت جو تمام وڏو زخيرو جمع هو چويهہ هزار اُٺ، چاليهہ هزار کان وڌيڪ ٻڪريون، ڪيئي مڻ چاندي ۽ چهہ هزار قيدي هئا[3]. (سيرت ابن هشام ج 2 ص 488 وزرقاني)

---

[1] مدارج النبوت قسم سوم باب هشتم ج 2 ص 318.

[2] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب نبذة من قسم الغنائم... الخ ج 4 ص 18

[3] السيره النبوية لابن هشام باب امر اموال هوازن و سباياها... الخ ص 504 و المواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب نبذة من قسم الغنائم ....الخ ج 4 ص 19.

جنگي قيدين جي باري ۾ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جي مائٽن جي اچڻ جو انتظار فرمايو. گهڻا ڏينهن گذرڻ جي باوجود جڏهن ڪير به نه آيو ته پاڻ مالِ غنيمت کي تقسيم ڪرڻ جو حڪم فرمائي ڇڏيو مڪي ۽ ان جي ڀرپاسي جي نون مسلمانن ۽ رئيسن کي پاڻ وڏن وڏن انعامن سان نوازيو. ايتري تائين جو ڪنهن کي ٽي سؤ اٺ ۽ ڪنهن کي به سؤ اٺ ۽ ڪنهن کي سؤ اٺ انعام جي طور تي عطا فرمايا. اهڙي طرح ٻڪرين کي به نهايت سخاوت سان ورهايائون[1]. (سيرت ابن هشام ج 2 ص 489)

## انصارن سان خطاب

جن ماڻهن کي رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وڏن وڏن انعامن سان نوازيو هو اُهي عام طور تي مڪي جا نوان مسلمان هئا. جنهن تي ڪجهه انصار نوجوانن چيو ته

”رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن قريشن کي ايتري قدر عطا فرمائي رهيا آهن اسان جو ته ڪجهه خيال ئي نه ٿا ڪن. جڏهن ته اسان جي تلوارن مان خون ڳڙي رهيو آهي“. (بخاري ج 2 ص 620 غزوه طائف)

۽ انصارن جي ڪجهه نوجوانن پاڻ ۾ اهو به چيو ۽ پنهنجي دل شڪني جو اظهار ڪيائون ته جڏهن شديد جنگ جو موقعو ايندو آهي ته اسان انصارن کي پڪاريو ويندو آهي ۽ غنيمت ٻين ماڻهن کي ڏني پئي وڃي[2]. (بخاري ج 2 ص 621 غزوه طائف)

---

[1] السيرة النبوية لابن هشام باب امر اموال هوازن و سباياها... الخ، ص 506 و المواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب نبذه من قسم الغنائم .....الخ، ج 4 ص 19.

[2] صحيح البخاري كتاب المغازي باب غزوة الطائف الحديث 4331، 4337 ج 3 ص 117 والمواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب نبذة من ....الخ ج 4 ص 22-24

جڏهن حضُور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اهي ڳالهيون ٻڌيون ته تمام انصارن کي هڪ خيمي ۾ جمع ڪيو ۽ انهن کي ارشاد فرمايائون ته اي انصاريو! ڇا توهان اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪيون آهن؟ ماڻهن عرض ڪيو ته يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اسان جي سردارن مان ڪنهن به ڪجهه نه چيو آهي ها ڪجهه ننڍي عمر جي ڇوڪرن ضرور ڪجهه نه ڪجهه چيو آهي. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انصارن کي مخاطب ٿي ارشاد فرمايو ته

ڇا اهو سچ نه آهي ته توهين پهريان گمراه هئا منهنجي ذريعي خدا توهان کي هدايت ڏني، توهان الڳ الڳ ۽ ٽڙيل پڪڙيل هئا، خدا تعالىٰ منهنجي ذريعي توهان ۾ اتفاق ۽ اتحاد پيدا فرمايو، توهان مفلس هئا خدا تعالىٰ منهنجي ذريعي توهان کي غني بنائي ڇڏيو. (بخاري ج 2 ص 620 غزوه طائف)

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اهو فرمائيندا ويا ۽ انصار سندن جي هر جملي کي ٻڌي ڪري هي چوندا ويا ته "الله ۽ رسول جو اسان تي وڏو احسان آهي" حضُور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو ته اي انصاريو! توهان ائين نه چئو! بلڪ مون کي هو جواب ڏيو ته يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن ماڻهن توهان کي ڪوڙو سمجهيو ته اسان ماڻهن توهان جي تصديق ڪئي. جڏهن ماڻهن توهان کي ڇڏي ڏنو ته اسان توهان کي نڪاڻو ڏنو. جڏهن توهان بغير سامان جي آيا ته اسان هر طرح سان توهان جي خدمت ڪئي. پر اي انصاريو! آءُ توهان کان هڪ سوال ڪريان ٿو مونکي ان جو جواب ڏيو سوال هي آهي ته

ڇا توهان کي اهو پسند نه آهي ته سڀ ماڻهو هتان مال دولت

ڪٽي پنهنجي گهر وڃن ۽ توهان الله جي نبيءَ کي ساڻ ڪري پنهنجي گهر وڃو. خدا جو قسم! توهان جنهن شئ کي ڪٽي پنهنجي گهر ويندؤ اهو مال ۽ دولت کان گهڻو وڌيڪ آهي جنهن کي هو ماڻهو ڪٽي پنهنجي گهر ويندا.

اهو ٻڌي ڪري انصاري بي اختيار پڪاري اٿيا ته يا رسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان ان تي راضي آهيون. اسان کي صرف الله پاڪ جو رسول کپي ۽ اڪثر انصارن جو هي حال ٿي ويو جو اهي روئي روئي بي قرار ٿي ويا ۽ لڙڪن سان سندن ڏاڑهيون آليون ٿي ويون. پوءِ حضُور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انصارن کي سمجهايو ته مڪي جا ماڻهو بلڪل ئي نوان مسلمان آهن مون انهن کي جيڪو ڪجهه ڏنو آهي اهو انهن جي قابليت جي بناء تي نه بلڪ صرف انهن جي دلين ۾ اسلام جي الفت پيدا ڪرڻ جي لاءِ ڏنو آهي. پوءِ ارشاد فرمايائون جيڪڏهن هجرت نه هجي ها ته آءُ انصارن مان ئي هجان ها ۽ جيڪڏهن سمورا ماڻهو ڪنهن واديءَ ۽ گهاٽيءَ مان هلن ۽ انصار ڪنهن ٻي وادي ۽ گهاٽي مان هلن ته آءُ انصار وارن جي واديءَ ۽ گهاٽي مان هلندس[1].

(بخاري ج 2 ص 620 و ص 621 غزوه طائف)

## قيدين کي آزادي

جڏهن پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غنيمت جي مال کي تقسيم ڪرڻ کان فارغ ٿيا ته قبيلي بني سعد جا رئيس زهير ابو صرد ڪجهه معززن سان گڏجي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ۽ جنگي

[1] صحيح البخاري كتاب المغازي، باب غزوة الطائف، الحديث 4330 ج 3 ص 116 و المواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب نبذة من قسم الغنائم.... الخ ج 4 ص 23.

قيدين جي رهائي جي باري ۾ درخواست پيش ڪيائون. ان موقعي تي زهير ابو صرد هڪ اثر انگيز تقرير ڪئي جنهن جو خلاصو هي آهي.

اي محمّد! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان اسان جي خاندان جي هڪ عورت حليمه جو ڪير پيتو آهي. توهان جن عورتن کي انهن چپرن ۾ قيد ڪري رکيو آهي انهن ۾ گهڻيون ئي توهان جون رضاعي پڦيون ۽ گهڻيون ئي توهان جون نڍيون ماسيون آهن خدا جو قسم! جيڪڏهن عرب جي بادشاهه مان ڪنهن به بادشاهه اسان جي خاندان جي ڪنهن به عورت جو ڪير پيتو هجي ها ته اسان کي ان ۾ وڏيڪ اميدون هجن ها ۽ توهان ۾ ته اسان کي اجان به وڏيڪ اميدون وابسته آهن. تنهنڪري توهان هنن قيدين کي آزاد ڪري ڇڏيو.

زهير جي تقرير ٻڌي ڪري حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تمام گهڻو متاثر ٿيا ۽ پاڻ فرمايائون ته مون توهان جو ڏاڍو انتظار ڪيو پر توهان اچڻ ۾ ڏاڍي دير لڳائي ڇڏي. بهرحال منهنجي خاندان وارن جي حصي ۾ جيڪي به ٻانهيون ۽ غلام آيا آهن مون انهن سيني کي آزاد ڪري ڇڏيو پر هاڻي عام رهائيءَ جي صورت اها آهي ته نماز جي وقت جڏهن ماڻهن جو هجوم هوندو ته توهان پنهنجي درخواست سيني جي سامهون پيش ڪجو. جڏهن نمازِ ظهر جي وقت انهن ماڻهن اها درخواست مجمعي جي اڳيان پيش ڪئي ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مجمعي جي سامهون ارشاد فرمايو ته مونکي صرف پنهنجي خاندان وارن تي اختيار آهي پر آءُ سيني مسلمانن کي سفارش ڪريان ٿو ته قيدين

کي آزاد ڪيو وڃي اهو ٻڌي سيني انصارن ۽ مهاجرن ۽ ٻين تمام مجاهدن ۾ عرض ڪيو تہ يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اسان جو حصو ۾ حاضر آهي توهان انهن ماڻهن کي ۾ آزاد فرمائي ڇڏيو. اهڙي طرح يڪدم ڇهہ هزار جنگي قيدين کي رهائي ملي وئي[1]. (سيرت ابن هشام ج 4 ص 488 و 489)

بخاري شريف جي روايت ۾ آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏهن ڏينهن تائين "هوازن" جي وفد جو انتظار فرمائيندا رهيا جڏهن اهي ماڻهو نہ آيا تہ پاڻ مالِ غنيمت ۽ قيدين کي مجاهدين ۾ تقسيم فرمائي ڇڏيو. ان کانپوءِ جڏهن "هوازن" جو وفد آيو تہ انهن پنهنجي اسلام جو اعلان ڪري اها درخواست ڪئي تہ اسان جي مال ۽ قيدين کي واپس ڪيو وڃي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ مونکي سچي ڳالهہ ئي پسند آهي. تنهنڪري ٻڌي ڇڏيو! تہ مال ۽ قيدين ٻنهي کي تہ آءُ واپس نٿو ڪري سگهان. ها انهن ٻنهي مان ڪنهن ۾ هڪ کي اختيار ڪيو يا مال وٺو يا قيدي. اهو ٻڌي ڪري وفد وارن قيدين کي واپس وٺڻ منظور ڪري ورتو. ان کانپوءِ پاڻ فوج جي سامهون هڪ خطبو پڙهيائون ۽ حمد ۽ ثنا کانپوءِ ارشاد فرمايائون تہ.

اي مسلمانو! هي توهان جا ڀائر توبهہ تائب ٿي آيا آهن ۽ منهنجي اها صلاح آهي تہ آءُ انهن جي قيدين کي واپس ڪري ڇڏيان تہ توهان مان جيڪو خوشي خوشي ان کي منظور ڪري اهو پنهنجي حصي جي قيدين کي واپس ڪري ۽ جيڪو اهو چاهي تہ هنن قيدين جي بدلي ۾ ٻين قيدين کي وٺي کين واپس ڪري تہ آءُ

[1] السيرة النبوية لابن هشام، باب امر اموال هوازن.... الخ ص 504 ملخصاً.

اهو واعدو ٿو ڪريان تہ سڀ ڪان پهريائين الله تعالىٰ مونکي جيڪا بہ غنيمت عطا فرمائيندو مان ان مان ان جو حصو ڏيندس اهو ٻڌي ڪري سڄي فوج وارن اهو چيو تہ يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اسان سيني خوشي خوشي سيني قيدين کي واپس ڪري ڇڏيو. پاڻ ارشاد فرمايائون تہ اهڙي طرح تہ خبر ڪو نہ پوندي تہ ڪنهن اجازت ڏني آهي ۽ ڪنهن نہ ڏني آهي؟ تنهنڪري توهان مونکي پنهنجن پنهنجن وڏن جي ذريعي خبر ڏيو تڏهن هر قبيلي جي وڏي اچي بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو تہ اسان جي قبيلي وارن خوش دلي سان پنهنجي حصي جي قيدين کي واپس ڪري ڇڏيو آهي[1]. (بخاري ج 1 ص 345 باب من ملك من العرب و بخاري ج 2 ص 309 باب الوكالة في قضاءِ الديون و بخاري ج 2 ص 618)

## غيب دان رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن "هوازن" جي نمائندن کان دريافت فرمايو تہ مالڪ بن عوف ڪٿي آهي؟ انهن ٻڌايو تہ اهو "ثقيف" سان گڏ طائف ۾ آهي. پاڻ فرمايائون تہ توهان مالڪ بن عوف کي ٻڌايو تہ جيڪڏهن هو مسلمان ٿي مون وٽ اچي وڃي تہ مان سندن سمورو مال ڪيس واپس ڏئي ڇڏيندس. ان کان علاوه هن کي سؤ اُٺ ٻيا بہ ڏيندس. مالڪ بن عوف کي جڏهن اها خبر ملي تہ هو رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ مسلمان ٿي حاضر ٿيو ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جو سمورو مال ڪيس واپس ڏنو ۽ واعدي جي مطابق سؤ اُٺ ان کان علاوه ٻيا بہ ڏنائين. مالڪ بن عوف رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي انهيءَ خُلق عظيم

[1] صحيح البخاري، كتاب الوكالة، باب الوكالة ....الخ، الحديث 2307، 2308 ج 2 ص 80

كان بي حد متاثر ٿيا ۽ سندن جي مدح ۾ هڪ قصيدو پڙهيائين جنهن جا ٻه شعر هي آهن.

مَا اِنْ رَاَيْتُ وَلَا سَمِعْتُ بِمِثْلِهٖ فِي النَّاسِ كُلِّهِمْ بِمِثْلِ مُحَمَّدٍ
اَوْفٰى وَاَعْطٰى لِلْجَزِيْلِ اِذَا اجْتُدِى وَمَتٰى تَشَأْ يُخْبِرْكَ عَمَّا فِيْ غَدٍ

يعني تمام انسانن ۾ حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مثل نه مون ڏٺو آهي ۽ نه ئي مون ٻڌو جيڪي سيني کان وڌيڪ واعدو پورو ڪرڻ وارا ۽ سيني کان وڌيڪ مال عطا فرمائڻ وارا آهن ۽ جڏهن توهان چاهيو ان کان پڇي وٺو اهي توهان کي سيڻي جون خبرون ٻڌائيندا[1].

روايت آهي ته نعت جا اهي اشعار ٻڌي ڪري حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کان ڏاڍو خوش ٿيا ۽ ان جي لاءِ ڪلماتِ خير فرمائيندي انهن کي انعام جي طور هڪ جبو ٻه عطا فرمايائون.

(سيرت ابن هشام ج 4 ص 491 و مدارج ج 2 ص 324.)

## عمرهءِ جِعرانه

ان کانپوءِ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ”جِعرانه“ کان ئي عمري جو ارادو فرمايو ۽ احرام ٻڌي مڪي تشريف کڻي ويا ۽ عمرو ادا ڪرڻ کانپوءِ مديني واپس تشريف کڻي آيا ۽ ذو القعده سن 8 هه ۾ مديني ۾ داخل ٿيا[2].

---

[1] السيرة النبوية لابن هشام، باب امر اموال هوازن وسباياها ...الخ ص 505

[2] الكامل في التاريخ، ذكر قسمة غنائم حنين ج 2 ص 144 ملخصاً.

## سن 8 هجري جا متفرق واقعم

(1) هن سال رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا فرزند حضرت ابراهيم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ حضرت ماريه قبطيه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي پيٽ مبارڪ مان پيدا ٿيا. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ان سان بي پناهه محبت هئي تقريباً ڏيڍ سال جي عمر ۾ انهن جي وفات ٿي وئي. اتفاق سان جنهن ڏينهن انهن جي وفات ٿي ان ڏينهن سج گرهڻ ٿيو ڇو ته عربن جو اهو عقيدو هو ته عظيم الشان انسان جي موت تي سج گرهڻ ٿيندو آهي تنهنڪري ماڻهن اهو خيال ڪيو ته سج گرهڻ حضرت ابراهيم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وفات جو نتيجو آهي. جاهليت جي ان عقيدي کي ختم ڪرڻ جي لاءِ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ خطبو ارشاد فرمايو ته ڪنهن جي موت ۽ حيات جي ڪري چنڊ ۽ سج گرهڻ نه ٿيندو آهي بلڪ الله تعالىٰ ان جي ذريعي پنهنجي ٻانهن کي خوف ڏيارينندو آهي. ان ڪانپوءِ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن نمازِ ڪسوف جماعت سان پڙهي[1]. (بخاري ج 1 ص 142 ابواب الكسوف)

(2) هن سال ئي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صاحبزادي حضرت زينب رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جن جي وفات ٿي. اها شهزادي صاحبه حضرت ابو العاص بن ربيع رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي نڪاح ۾ هئي. انهن هڪ فرزند جنهن جو نالو "علي" هو ۽ هڪ ڇوڪري جنهن جو نالو "امامه" هو پنهنجي پٺيان ڇڏيا. حضرت بي بي فاطمه زهراء رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جن

---

[1] مدارج النبوت قسم سوم، باب هشتم، ج2، ص 325 مختصرًا وصحيح البخاري كتاب الكسوف باب الصلوٰة في الكسوف الحديث 1043، 1048 ج 1 ص 357 وفتح الباري شرح صحيح البخاري كتاب الكسوف باب الصلوٰة في الكسوف الشمس تحت الحديث 1043 ج 2 ص 457

حضرت علي المرتضيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي وصيت ڪئي هئي تہ منهنجي وفات ڪانپوءِ توهان حضرت امام رَضِيَ اللهُ عَنْهَا سان نڪاح ڪجو. تنهنڪري حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن حضرت سيده فاطمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي وصيت تي عمل ڪيو[1]. (مدارج النبوت ج 2 ص 325)

(3) هن ئي سال مديني ۾ اناج جي قيمت تمام گهٽي وڌي وئي تہ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جن درخواست ڪئي تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان اناج جو اگهہ مقرر فرمائي ڇڏيو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اناج جي قيمت تي ڪنٽرول ڪرڻ کان انڪار فرمايو ۽ ارشاد فرمايائون تہ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْمُسَعِّرُ الْقَابِضُ الْبَاسِطُ الرَّزَّاقُ الله پاڪ ئي قيمت مقرر فرمائڻ وارو آهي اهو ئي روزي کي تنگ ڪرڻ وارو، ڪشادو ڪرڻ وارو، روزي رسائڻ وارو آهي[2].

(مدارج النبوت ج 2 ص 325)

(4) ڪجهہ تاريخدانن جو چوڻ آهي تہ انهيءَ سال مسجد نبوي ۾ منبر شريف رکيو ويو ان کان پهريان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ٿڙ کي ٽيڪ لڳائي خطبو پڙهندا هئا ۽ ڪجهہ مؤرخن جو چوڻ آهي تہ منبر سن 7 هجري ۾ رکيو ويو. هي منبر ڪاٺيءَ جو ٺهيل هو جنهن کي هڪ انصاري عورت ٺهرائي مسجد ۾ رکرايو هو. حضرت امير معاويہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن چاهيو تہ آءُ هن منبر کي برڪت طور ملڪِ شام کڻي وڃان پر جڏهن انهن ان منبر کي پنهنجي جڳهہ کان هٽايو تہ اوچتو سڄي شهر تي انڌيرو ڇانئجي ويو جو ڏينهن ۾ تارا نظر اچڻ لڳا. اهو منظر ڏسي حضرت امير معاويہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن تمام

[1] مدارج النبوت، قسم سوم باب هشتم ج 2 ص 325
[2] مدارج النبوت، قسم سوم باب هشتم ج 2 ص 325

گهڻو شرمنده ٿيا ۽ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم کان معذرت ڪيائين ۽ انهن هن منبر جي هيٺيان ٽن ڏاڪڻن جو اضافو ڪري ڇڏيو جنهن جي ڪري منبرِ نبوي جون ٽئي ڏاڪڻون مٿي ٿي ويون ڇو تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ خلفاءِ راشدين رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم جن ڏاڪن تي بيهي خطبو ارشاد فرمائيندا هئا تہ هاڻي ٻيو ڪو خطيب انهن تي قدم نہ رکي سگهي. جڏهن هي منبر انتهائي ڪمزور ٿي ويو تہ عباسي خليفن بہ ان جي مرمت ڪرائي[1]. (مدارج النبوت ج 2 ص 327)

(5) هن ئي سال عبد القيس قبيلي جو وفد حاضرِ خدمت ٿيو. حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي پليڪار چيو ۽ انهن ماڻهن جي حقن ۾ هيئن دعا فرمايائون تہ ”اي الله پاڪ! تون عبد القيس کي بخشي ڇڏ“ جڏهن هي ماڻهو بارگاهِ رسالت ۾ پهتا تہ پنهنجي سوارين تان لهي ڊوڙي پيا ۽ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مقدس قدمن کي چمڻ لڳا ۽ حضُور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن ماڻهن کي منع نہ ڪيو[2]. (مدارج النبوت ج 2 ص 330)

## توبہ جي فضيلت

حضرت سيدنا ابن مسعود رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ الله پاڪ جي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان رحمت نشان آهي ”اَلتَّآئِبُ مِنَ الذَّنْبِ كَمَنْ لَّا ذَنْبَ لَهٗ“ ترجمو: گناهن کان توبہ ڪرڻ وارو ائين آهي جڻ تہ ان گناهہ ڪيو ئي نہ آهي.

(سنن ابن ماجہ حديث 4250 ص 2735)

---

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب هشتم، ج 2 ص 326 ، 327 ملتقطاً.
[2] مدارج النبوت، قسم سوم، باب هشتم ج 2 ص 328، 330 ملخصاً

# باب چوڏهون

## هجرت جو نائون سال سنــــه 9 هجري

9 هجري ڪيترن ئي عجيب واقعن سان ڀريل آهي. پر ڪجهه واقعا بيحد اهم آهن جن کي مؤرخن تمام واضح ۽ تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. اسان انهن واقعن کي پنهنجي هن مختصر ڪتاب ۾ نهايت اختصار سان الڳ الڳ عنوان سان قلمبند ڪريون ٿا.

## آيتِ تخييرءِ ايلاء

”تخيير“ ۽ ”ايلاء“ هي شريعت جا ٻه اصطلاحي لفظ آهن. مڙس پنهنجي زال کي پنهنجي طرفان اهو اختيار ڏئي ڇڏي ته هُوءَ چاهي ته طلاق وٺي ۽ چاهي ته پنهنجي مڙس جي ئي نڪاح ۾ رهي ان کي تخيير چوندا آهن. ۽ ”ايلاء“ هي آهي ته مڙس هي قسم کڻي وٺي ته مان پنهنجي زال سان صحبت نه ڪندس. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ دفعي پنهنجي ازواجِ مطهرات رَضِيَ اللهُ عَنْهُنَّ کان ناراض ٿي هڪ مهيني جو ”ايلاء“ فرمايو، يعني حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هي قسم کنيو ته مان هڪ مهيني تائين پنهنجين مقدس گهر وارين سان صحبت نه ڪندس. ان ڪانپوءِ حضُور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي سيني گهروارين کي طلاق وٺڻ جو اختيار ٻه ڏئي ڇڏيو پر ڪنهن ٻه طلاق وٺڻ پسند نه ڪئي.

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ناراضگي ۽ عتاب جو سبب ڇا هو ۽ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تخيير ۽ ايلاء ڇو فرمايو؟ اهو واقعو هيئن آهي ته حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جون سيئي

مقدس گهرواريون رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ تقريباً مالدار ۽ وڏن گهراڻن جون صاحبزاديون هيون. ”حضرت اُمّ حبيبہ“ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا مڪي جي رئيس حضرت ابو سفيان رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي صاحبزادي هئي. ”حضرت جويريہ“ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا قبيلي بني المصطلق جي سردارِ اعظم حارث بن ضرار جي ڌيءُ هئي. ”حضرت صفيہ“ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا بنو نضير ۽ خيبر جي رئيسِ اعظم حيي بن اخطب جي نورِ نظر هئي. ”حضرت عائشہ صديقہ“ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي پياري ڌيءُ هئي. ”حضرت حفصہ“ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي لاڏلي صاحبزادي هئي. ”حضرت زينب بنت جحش“ ۽ ”حضرت امِ سلمہ“ رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا بہ خاندانِ قريش جي وڏن وڏن گهراڻن جي ناز ۽ نعمت ۾ پليل صاحبزاديون هيون. ظاهر آهي اهي امير زاديون ننڍپڻ کان ئي اميراڻي زندگي ۽ رئيساڻي ماحول جون عادي هيون ۽ انهن جي رهڻي سهڻي، کاڌو پيتو، لباس ۽ پوشاڪ سڀ ڪجهہ اميرزادين جي رئيساڻي زندگي جو نمونو هو ۽ ٻنهي جهانن جي سردار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مقدس زندگي بلڪل زاهدانہ ۽ دنيوي آسائشن کان بلڪل خالي هئي، ٻہ ٻہ مهينا سندن گهر ۾ چُلهہ نہ ٻرندي هئي. صرف ڪتلن ۽ پاڻي تي سڄي گهراڻي جي زندگي بسر ٿيندي هئي. لباس ۽ پوشاڪ ۾ بہ پيغمبرانہ زندگي جي جهلڪ هئي. جڳهہ ۽ گهر جي سازو سامان ۾ بہ نبوت جي سادگي واضح هئي. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي سرمايي جو اڪثر حصو پنهنجي اُمت جي غريبن ۽ فقيرن تي خرچ ڪري ڇڏيندا هئا ۽ پنهنجين ازواجِ مطهرات کي ضرورت جيترو ئي خرچ عطا فرمائيندا هئا جيڪو انهن رئيس زادين جي خواهش موجب هار سينگار جي لاءِ ناڪافي هوندو هو. انڪري ڪڏهن ڪڏهن انهن اُمت جي

مائرن جو صبر ۽ قناعت برداش کان ٻاهر ٿي ويندو هو تہ اهي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان وڌيڪ رقم جو مطالبو ۽ تقاضو ڪرڻ لڳنديون هيون. تنهنڪري هڪ دفعي ازواج مطهرات رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ جن متفقہ طور تي رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان مطالبو ڪيو تہ اوهان اسان جي خرچ ۾ اضافو فرمايو. ازواج مطهرات رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ جون اهي ادائون مهرِ نبوت جي نازڪ دل تي تمام ڳريون گذريون ۽ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قلبي سڪون ۾ ايتري قدر خلل آيو جو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ناراض ٿي هي قسم کنيو تہ هڪ مهيني تائين ازواجِ مطهرات رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ سان نہ ملندا. اهڙي طرح هڪ مهيني جو حُضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ”ايلاء“ فرمايو.

عجيب اتفاق جو انهن ئي ڏينهَن ۾ حضُور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن گهوڙي تان ڪري پيا جنهن ڪري سندن مبارڪ پِني ۾ سَٽ اچي وئي. ان تڪليف سبب پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مٿين منزل تي تنهائي اختيار ڪري ورتي ۽ سيني سان ملڻ جلڻ بند ڪري ڇڏيو.

صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جن انهن ڳالهين مان اندازو لڳائي ورتو تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجين سيني مقدس گهروارين کي طلاق ڏئي ڇڏي ۽ هي خبر جيڪا بلڪل غلط هئي جهنگ جي باهہ وانگر پکڙجي وئي ۽ سيئي صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان رنج ۽ غم کان پريشان ۽ هن هنيانءُ ڏاريندڙ صدمي کان بي حال ٿيڻ لڳا.

ان کان پوءِ جيڪي واقعا پيش آيا اهي بخاري شريف جي

ڪيترين ئي روايتن ۾ تفصيل سان ذڪر ٿيل آهن. انهن واقعن جو بيان حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي زباني ٻڌو.

حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي ته مان ۽ منهنجو پاڙيسري جيڪو انصاري هو، اسان ٻنهي پاڻ ۾ هي طئي ڪري ورتو هو ته ٻئي واري واري سان هڪ هڪ ڏينهن بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ حاضري ڏينداسين ۽ سڄي ڏينهن جي واقعن کان هڪٻئي کي آگاهه ڪندا رهنداسين. هڪ ڏينهن رات جو ڪجهه حصو گذرڻ کانپوءِ منهنجو انصاري پاڙيسري زور زور سان منهنجو در کڙڪائڻ لڳو ۽ رڙيون ڪري مون کي سڏڻ لڳو. مون گهبرائي دروازو کوليو ته چوڻ لڳو اڄ غضب ٿي ويو مون پڇيو ته ڇا غسانين مديني تي حملو ڪري ڏنو آهي؟ (انهن ڏينهن ۾ شام جا غساني مديني تي حملي جون تياريون ڪري رهيا هئا) انصاريءَ جواب ڏنو ته ميان ان کان به وڏو حادثو ٿي ويو آهي اهو هي ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجين سيني گهر وارين کي طلاق ڏئي ڇڏي آهي. حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا ته مان اها خبر ٻڌي هوش وڃائي وينس ۽ صبح سويرو ئي مديني پهچي مسجد نبوي ۾ نمازِ فجر ادا ڪئي.

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن نماز کان فارغ ٿيندي ئي مٿين منزل تي وڃي اڪيلا تشريف فرما ٿيا ۽ ڪنهن سان ڪا به گفتگو نه فرمائي. مان مسجد مان نڪري پنهنجي ڌيءُ حضرت حفصه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي گهر ويس ڏٺم ته هوءَ ويني روئي رهي هئي. مون هن کي چيو ته مون توکي پهريان ئي سمجهائي ڇڏيو هو ته رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي تنگ نه ڪندي ڪر ۽ تنهنجي خرچ ۾ جيڪا گهٽتائي ٿيندي هجي اُها مون کان وٺندي ڪر پر

تو منهنجي ڳالهه تي ڌيان نه ڏنو. پوءِ مون پڇيو ته ڇا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سيني کي طلاق ڏئي ڇڏي آهي؟ حضرت حفصه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا چيو آئون ڪجهه نٿي ڄاڻان! رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مٿين منزل تي آهن اوهان انهن کان پڇي ونو. مان اتان اٿي مسجد ۾ آيس ته صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي به ڏٺم ته هو منبر وٽ ويهي روئي رهيا آهن. مان انهن وٽ ٿوري دير وينس پر منهنجي طبيعت ۾ سڪون ۽ قرار نه هيو تنهنڪري مان اُتي مٿين منزل تي آيس ۽ پهريدار غلام ”رباح“ کي چيو ته تون منهنجي لاءِ اندر اچڻ جي اجازت طلب ڪر.

رباح موٽي اچي جواب ڏنو ته مون عرض ڪيو پر حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کو به جواب نه ڏنو. منهنجي پريشاني ۽ بيچيني اجان وڌي وئي ۽ مون دربان کي ٻيهر اجازت طلب ڪرڻ جي درخواست ڪئي وري به ڪو جواب نه مليو ته مون وڏي آواز سان چيو ته اي رباح تون منهنجو نالو وٺي اجازت طلب ڪر، متان رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي اهو خيال هجي ته آءُ پنهنجي ڌيءُ حضرت حفصه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي لاءِ ڪا سفارش ڪٽي آيو آهيان. تون عرض ڪري ڇڏ ته خدا پاڪ جو قسم! جيڪڏهن رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حڪم فرمائن ته آءُ هينئر جو هينئر پنهنجي تلوار سان پنهنجي ڌيءُ حضرت حفصه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي سِسّي اڏائي ڇڏيان.

ان ڪانپوءِ مون کي اجازت ملي وئي. جڏهن مان بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿيس ته منهنجي اکين هي منظر ڏنو ته حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ کهري واڻ جي کٽ تي ليٽيل

آهن ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي نازڪ جسم تي واڻ جا نشان پيل آهن. پوءِ مون نظر ڪٽي هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو تہ هڪڙي پاسي ٿورا ”جَوَ“ رکيل آهن ۽ ٻئي پاسي هڪ ڪل ڪِليءَ تي لڙڪي رهي هئي. ٻنهي جهانن جي سردار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خزاني جي اها ڪائنات ڏسي منهنجو هنيانءُ پرجي آيو ۽ منهنجي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن منهنجي روئڻ جو سبب پڇيو تہ مون عرض ڪيو يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن ڪان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو روئڻ جو موقعو هوندو؟ جو قيصر و ڪسريٰ خدا پاڪ جا دشمن تہ نعمتن ۾ پرپور عيش ۽ عشرت واري زندگي گذاري رهيا آهن ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خدا پاڪ جا رسولِ معظم هوندي بہ هن حالت ۾ آهن. حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ اي عمر! رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڇا تون ان تي راضي ناهين تہ قيصر و ڪسريٰ دنيا وٺن ۽ اسان آخرت!

ان کان پوءِ مون حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي مائل ڪرڻ جي لاءِ ڪجهہ ٻي بہ گفتگو ڪئي ايسيتائين جو منهنجي ڳالهہ ٻڌي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چپن مبارڪن تي مسڪراهٽ جا آثار ظاهر ٿي ويا. ان وقت مون عرض ڪيو يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڇا اوهان پنهنجين ازواج مطهرات (گهروارين) رَضِيَ اللهُ عَنْهُنَّ کي طلاق ڏئي ڇڏي آهي؟ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ ”نہ“ اهو ٻڌي مون کي ايتري تہ خوشي ٿي جو مون خوشي مان نعرهءِ تڪبير هنيو. پوءِ مون هيءَ گذارش ڪئي تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم مسجد ۾ غم وچان وينا روئي رهيا آهن جيڪڏهن اجازت هجي تہ آءُ وڃي انهن کي آگاهہ ڪريان تہ طلاق جي خبر سراسر غلط آهي. پوءِ مون کي اجازت ملي وئي ۽ مون

جڏهن صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي اها خبر پڌائي تہ سڀ خوشي وچان ٻهڪي پيا ۽ سيني کي سڪون ۽ اطمينان حاصل ٿي ويو.

پوءِ جڏهن هڪ مهينو گذري ويو ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو قسم پورو ٿي ويو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مٿين منزل تان لهي آيا ان کانپوءِ ئي آيتِ تخيير نازل ٿي جيڪا هي آهي.

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِّاَزْوَاجِكَ اِنْ كُنْتُنَّ تُرِدْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا وَ زِيْنَتَهَا فَتَعَالَيْنَ اُمَتِّعْكُنَّ وَ اُسَرِّحْكُنَّ سَرَاحًا جَمِيْلًا ۝ وَ اِنْ كُنْتُنَّ تُرِدْنَ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ وَالدَّارَ الْاٰخِرَةَ فَاِنَّ اللّٰهَ اَعَدَّ لِلْمُحْسِنٰتِ مِنْكُنَّ اَجْرًا عَظِيْمًا ۝[1]

(احزاب)

**ترجمو ڪنز الايمان:** اي نبي! پنهنجين گهروارين کي فرمائي ڇڏيو جيڪڏهن توهان دنيا جي زندگي ۽ ان جي آرائش چاهيو ٿيون تہ پوءِ اچو تہ مان توهان کي ڪجهہ مال ڏيان ۽ چڱي طرح ڇڏي ڏيان ۽ جيڪڏهن توهان الله ۽ ان جي رسول ۽ آخرت جو گهر چاهيو ٿيون تہ پوءِ بيشڪ الله توهان جي نيڪي وارين جي لاءِ وڏو اجر تيار ڪري رکيو آهي.

انهن مبارڪ آيتن جو حاصلِ مطلب هي آهي تہ رسولِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خداوندِ قدوس هي حڪم ڏنو تہ توهان پنهنجي مقدس گهر وارين کي آگاهہ ڪري ڇڏيو تہ ٻہ شيون توهان جي سامهون آهن هڪ دنيا جي زينت ۽ آرائش ٻي آخرت جي نعمت. جيڪڏهن توهان دنيا جي زيب ۽ زينت پسند ڪريو ٿيون تہ پيغمبر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زندگي جيئن تہ بلڪل زاهدانہ زندگي آهي تنهنڪري پيغمبر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي گهر ۾ توهان کي اها دنياوي زينت ۽ آرائش توهان جي مرضي جي مطابق نٿي ملي

[1] پ: 21 الاحزاب: 28

سگهي تنهنڪري توهان سڀ مون کان جدائي حاصل ڪري وٺو. مان توهان کي رخصتي جو وڳو پارائي ڪجهه مال ڏئي رخصت ڪري ڇڏيندس ۽ جيڪڏهن توهان خدا پاڪ ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ آخرت جي نعمتن جون طلبگار آهيو تہ پوءِ رسول خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دامنِ رحمت سان چنبڙيون رهو. خدا پاڪ توهان نيڪو ڪارين لاءِ تمام گهڻو اجر ۽ ثواب تيار ڪري رکيو آهي جيڪو توهان کي آخرت ۾ ملندو. (بخاري كتاب الطلاق كتاب العلم. كتاب اللباس باب موعظة الرجل ابنته لحال زوجها)

هن آيت جي نازل ٿيڻ کانپوءِ سڀ کان پهريان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت بيبي عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا وٽ تشريف فرما ٿيا ۽ فرمايائون اي عائشہ! رَضِيَ اللهُ عَنْها مان تنهنجي سامهون هڪ ڳالهہ رکان ٿو پر تون ان جي جواب ۾ جلدي نہ ڪجانءِ ۽ پنهنجي والدين سان صلاح ڪري مون کي جواب ڏجانءِ. ان کانپوءِ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مٿين آيتِ تخيير تلاوت ڪري انهن کي ٻڌائي تہ انهن يڪدم عرض ڪيو تہ يا رسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

فَفِيْ اَيِّ هٰذَا اَسْتَامِرُ اَبَوَيَّ فَاِنِّيْ اُرِيْدُ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَالدَّارَ الْاٰخِرَةَ [1]

(بخاري ج 2 ص 792 باب من خير نساءه)

ان معاملي ۾ مان پنهنجي والدين سان ڪهڙو مشورو ڪريان، مان الله پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ آخرت جي گهر کي پسند ڪريان ٿي. پوءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪبئي جي پٽيان سيني ازواجِ مطهرات رَضِيَ اللهُ عَنْهُنَّ کي الڳ

[1] صحيح البخاري، كتاب التفسير، باب وان كنتن .... الخ، الحديث: 4786، ج3، ص 302

الڳ آيتِ تخيير ٻڌائي، سيني کي اختيار ڏنو ۽ سيني اُهو ئي جواب ڏنو جيڪو حضرت بيبي عائشہ صديقہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا ڏنو هو.

الله اڪبر! هي واقعو ان ڳالهہ جو سج کان وڌيڪ روشن دليل آهي تہ ازواجِ مطهرات رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ کي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ذات سان ڪيتريقدر عاشقانہ شفقت ۽ بي انتها محبت هئي جو ڪيترين ئي ساهڙين جي موجودگي ۽ نبوت جي گهراڻي جي سادگي ۽ زاهدانہ طرزِ معاشرت ۽ تنگ ۽ ڏکي زندگي جي باوجود هي رئيس زاديون هڪ لمحي جي لاءِ بہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دامنِ رحمت کان جدائي پسند نہ ٿئي ڪري سگهيون.

## هڪ غلط فهمي جوازالو

حديثن جي روايتن ۽ تفسيرن ۾ "ايلاء" آيت "تخيير" حضرت عائشہ ۽ حضرت حفصہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا جو "مظاهرو" انهن واقعن کي عام طور تي الڳ الڳ اهڙي طرح بيان ڪيو ويو آهي جڻ اُهي مختلف وقتن جا مختلف واقعا آهن. ان مان هڪ گهٽ علم، گهٽ عقل ۽ ظاهري نظر رکندڙ کي هي ڏوکو ٿي سگهي ٿو تہ شايد رسولِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ازواجِ مطهرات رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ جا تعلقات بهتر نہ هئا ۽ ڪڏهن "ايلاء" ڪڏهن "تخيير" ڪڏهن "مظاهرو" هميشہ ڪو نہ ڪو جهڳڙو رهندو ئي رهندو هو پر اهلِ علم کان ڳجهو ناهي تہ اِهي ٿئي واقعا هڪ ئي سلسلي جون ڪڙيون آهن. جيئن بخاري شريف جي ڪجهہ روايتن خاص ڪري بخاري ڪتاب النکاح، باب موعظة الرجل ابنته لحال زوجها ۾ حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا جن

جي جيڪا تفصيلي روايت آهي ان ۾ صاف طور هي وضاحت آهي تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ايلاء ڪرڻ ۽ ازواجِ مطهرات رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُنَّ کان ڏار ٿي مٿانهين منزل تي اڪيلائي اختيار ڪرڻ، حضرت عائشہ صديقہ ۽ حضرت حفصہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُنَّ جو ”مظاهرو“ ڪرڻ، آيتِ تخيير جو نازل ٿيڻ، هي سڀ واقعا هڪبئي سان جڙيل ۽ ساڳئي وقت ۾ واقع ٿيا آهن. نہ تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن ازواجِ مطهرات رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُنَّ جا خوشگوار تعلقات جيتريقدر عاشقاڻي الفت ۽ محبت جو نمونو رهيا آهن قيامت تائين انهن جو مثال نٿو ملي سگهي ۽ نبوت جي مقدس زندگي جا بيشمار واقعا انهيءَ الفت ۽ محبت جي تعلق تي گواهہ آهن. جيڪي حديثن ۽ سيرت جي ڪتابن ۾ آسمان جي تارن وانگر چمڪندا ۽ داستانِ عشق ۽ محبت جي باغن ۾ موسمِ بهار جي گلن وانگر مهڪندا رهن ٿا.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَاَزْوَاجِهِ الطَّاهِرَاتِ اُمَّهَاتِ الْمُؤْمِنِيْنَ اَبَدَ الْاٰبَدِيْنَ بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ

## عاملن ڪي مقرر ڪرڻ

حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن 9 ھ محرم مهيني ۾ زڪوٰة ۽ صدقات جي وصولي جي لاءِ عاملن ۽ محصّلن (صدقہ وصول ڪرڻ وارن) کي مختلف قبيلن ۾ روانو فرمايو. انهن امراء ۽ عاملين جي فهرست ۾ هيٺ ايندڙ نالا خصوصيت سان قابلِ ذڪر آهن جن جو ابنِ سعد ذڪر فرمايو آهي.

1. حضرت عيينہ بن حصن رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کي بني تميم جي طرف

2. حضرت يزيد بن حصين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي اسلم ۽ غفار جي طرف
3. حضرت عباد بن بشر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي سليم ۽ مزينہ جي طرف
4. حضرت رافع بن مکيث رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي جهينہ جي طرف
5. حضرت عمرو بن العاص رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي بني فزاره جي طرف
6. حضرت ضحاک بن سفيان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي بني کلاب جي طرف
7. حضرت بشر بن سفيان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي بني کعب جي طرف
8. حضرت ابن اللبتيہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي بني ذبيان جي طرف
9. حضرت مهاجر بن ابي اُميہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي صنعاء جي طرف
10. حضرت زياد بن لبيد انصاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي حضر موت جي طرف
11. حضرت عدي بن حاتم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي قبيلہ طي ۽ بني اسعد جي طرف
12. حضرت مالک بن نويره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي بني حنظلہ جي طرف
13. حضرت زبرقان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي بني سعد جي اڌ حصي جي طرف
14. حضرت قيس بن عاصم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي بني سعد جي (باقي) اڌ حصي جي طرف
15. حضرت علاء بن الحضرمي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي بحرين
16. حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي نجران جي طرف

هي حضور شهنشاهِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا امراء ۽ عاملين هئا جن کي حضور اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن زکوٰت، صدقو ۽ جزيو وصول کرڻ لاءِ مقرر فرمايو هو. (اصح السير ص 335)

## بني تميم جو وفد

محرم 9 هـ ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بشر بن سفيان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي بني خزاعہ جا صدقا وصول کرڻ لاءِ موکليو انهن صدقا وصول کري جمع کيا تہ اوچتو انهن تي بني تميم حملو کري

ڏنو، هو پنهنجي جان بچائي ڪنهن نہ ڪنهن طرح مديني پهچي ويا ۽ سمورو قصو بيان ڪيائون. حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بني تميم کي سيکت ڏيڻ لاءِ حضرت عيينہ بن حصن فزاري رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کي پنجاهہ شهسوارن سان گڏ موڪليو. انهن بني تميم تي انهن جي صحرا ۾ حملو ڪري انهن جي يارهن مردن، ايڪيهہ عورتن ۽ ٽيهن ڇوڪرن کي گرفتار ڪري ورتو ۽ انهن سيني قيدين کي مديني آندو.[1] (زرقاني ج 3 ص 43)

تنهن کان پوءِ بني تميم جو هڪ وفد مديني آيو جنهن ۾ انهن جا وڏا وڏا سردار، انهن جو رئيس اعظم اقرع بن حابس، انهن جو خطيب "عطارد" ۽ شاعر "زبرقان بن بدر" بہ انهيءَ وفد سان گڏ آيا هئا. هي ماڻهو آڪڙجندا ڪاشانۂ نبوت وٽ پهچي ويا ۽ گوڙ ڪرڻ لڳا تہ اوهان اسان جي عورتن ۽ ٻارن کي ڪهڙي جرم ۾ گرفتار ڪري رکيو آهي.

ان وقت حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرتِ عائشہ صديقہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جي مبارڪ حجري ۾ قيلولہ فرمائي رهيا هئا، حضرت بلال ۽ ٻين صحابہ عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان انهن ماڻهن کي گهڻو سمجهايو تہ توهان ڪاشانۂ نبوي وٽ گوڙ نہ ڪريو ظهر جي نماز لاءِ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مسجد ۾ تشريف وني اچڻ وارا آهن پر هي نہ مُڙيا ۽ مسلسل گوڙ ڪندا رهيا جڏهن حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٻاهر تشريف کڻي اچي مسجد نبوي ۾ رونق افروز ٿيا تہ بني تميم جي رئيس اعظم اقرع بن حابس چيو تہ اي محمّد! (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اسان کي اجازت ڏيو تہ اسان گفتگو ڪريون ڇو

---

[1] المواهب اللدنية وشرح الزرقاني، باب البعث الي بني تميم، ج 4، ص 30، 31 ملخصاً ومدارج النبوة، قسم سوم، باب نهم، ج 2، ص 331 ملخصاً

تہ اسان اُهي ماڻهو آهيون جو جيڪڏهن ڪنهن جي تعريف ڪري ڇڏيون تہ اهو چمڪي ويندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي مذمت ڪري ڇڏيون تہ اهو عيب دار ٿي ويندو آهي.

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو توهان غلط ٿا چئو. اهو خدا تعالىٰ جو ئي شان آهي جو ان جي مدح زينت ۽ ان جي مذمت داغ آهي توهان اهو ٻڌايو تہ توهان جو مقصد ڇا آهي؟ اِهو ٻڌي بني تميم وارا چوڻ لڳا تہ اسان پنهنجي خطيب ۽ پنهنجي شاعر کي هتي وٺي آيا آهيون تہ جيئن اسان پنهنجي قابلِ فخر ڪارنامن کي بيان ڪريون ۽ اوهان بہ پنهنجا ڪارناما پيش ڪريو. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ آءُ نہ شعر و شاعريءَ لاءِ موڪليو ويو آهيان ۽ نہ ئي ان طرح جي ڪارنامن جو مونکي خدا پاڪ جي طرفان حڪم مليو آهي. مان تہ خدا پاڪ جو رسول آهيان ۽ ان جي باوجود بہ جيڪڏهن توهان ائين ڪرڻ چاهيو ٿا تہ آءُ تيار آهيان.

اهو ٻڌندي ئي اقرع بن حابس پنهنجي خطيب عطارد جي طرف اشارو ڪيو هن اٿي بيهي پنهنجن ڪارنامن ۽ پنهنجن ابن ڏاڏن جي مناقب تي وڏي فصاحت ۽ بلاغت سان هڪ زوردار خطبو پڙهيو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انصار جي خطيب حضرت ثابت بن قيس بن شماس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي جواب ڏيڻ جو حڪم فرمايو. انهن يڪدم اُٿي هڪ اهڙو فصيح ۽ بليغ ۽ پراثر خطبو پڙهيو جو بني تميم انهن جي زورِ ڪلام ۽ ڪارنامن جي عظمت

ٻڌي حيران رهجي ويا ۽ انهن جو خطيب عطارد بہ وائڙو ٿي شرمندو ٿي ويو. پوءِ بني تميم جو شاعر ”زبرقان بن بدر“ اٿيو ۽ ان هڪ قصيدو پڙهيو. پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت حسان بن ثابت رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کي اشارو فرمايو تہ انهن انهيءَ وقت هڪ اهڙو مرصع ۽ فصاحت ۽ بلاغت سان ڀرپور قصيدو پڙهيو جو بني تميم جو شاعر حيران ٿي ويو. بالآخر اقرع بن حابس چوڻ لڳو تہ خدا پاڪ جو قسم! حضرت محمّد (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن کي غيب مان اهڙي تائيد ۽ نصرت حاصل ٿي وئي آهي جو هر فضل ۽ ڪمال انهن تي ختم آهي. بيشڪ انهن جو خطيب اسان جي خطيب کان وڌيڪ فصيح ۽ بليغ آهي ۽ انهن جو شاعر اسان جي شاعر کان مٿي آهي. تنهنڪري انصاف جي تقاضا اها آهي تہ اسان هنن جي سامهون ڪنڌ جهڪايون ٿا. پوءِ اُهي حضورِ اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا مطيع ۽ فرمانبردار ٿي ويا ۽ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيا. پوءِ انهن ماڻهن جي درخواست تي حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جي قيدين کي آزاد فرمائي ڇڏيو ۽ اهي پنهنجي قبيلي ۾ واپس هليا ويا انهن ئي ماڻهن جي باري ۾ قرآن مجيد جي هيءَ آيت نازل ٿي تہ:

اِنَّ الَّذِيْنَ يُنَادُوْنَكَ مِنْ وَّرَآءِ الْحُجُرٰتِ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ ۝ وَلَوْ اَنَّهُمْ صَبَرُوْا حَتّٰى تَخْرُجَ اِلَيْهِمْ لَكَانَ

ترجمو ڪنز الايمان: بيشڪ اُهي جيڪي توهان کي ڪمري جي ٻاهران سڏن ٿا انهن مان اڪثر بي عقل آهن. ۽ جيڪڏهن اُهي صبر ڪن ها ايستائين جو اوهان پاڻ انهن وٽ تشريف ڪڍي اچو ها تہ اهو انهن جي لاءِ بهتر هو ۽ الله

خَيْرًا لَّهُمْ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ O[1] بخشڻهار مهربان آهي.[2]

(حجرات)

(مدارج النبوة ج 2 ص 332 ۽ زرقاني ج 3 ص 44)

## حاتم طائي جي ڏئُ ۽ پٽ مسلمان

ربيع الآخر 9 هـ ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن جي اڳواڻي ۾ هڪ سو پنجاهه سوارن کي ان لاءِ موڪليو تہ هو قبيلي ”طي“ جي بت خاني کي ڊاهي ڇڏين. انهن شهر فلس ۾ پهچي بت خاني کي ڊاهي ڇڏيو ۽ ڪجهه اٿن ۽ ٻڪرين کي پڪڙي ۽ ڪجهه عورتن کي گرفتار ڪري مديني وٺي آيا. انهن قيدين ۾ مشهور سخي حاتم طائي جي ڌيءُ بہ هئي. حاتم طائي جو پٽ عدي بن حاتم ڀڄي وڃي ملڪِ شام هليو ويو. حاتم طائي جي ڌيءُ جڏهن بارگاهِ رسالت ۾ پيش ڪئي وئي تہ ان چيو يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) آءُ حاتم طائي جي ڌيءُ آهيان منهنجو پيءُ گذاري ويو ۽ منهنجو ڀاءُ عدي بن حاتم مون کي ڇڏي ڀڄي ويو آءُ ڪمزور آهيان اوهان مون تي احسان ڪريو خدا اوهان تي احسان ڪندو. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي ڇڏي ڏنو ۽ سفر جي لاءِ هڪ اُٺ بہ عنايت فرمايو. هيءَ مسلمان ٿي پنهنجي ڀاءُ عدي بن حاتم وٽ پهتي ۽ ان کي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اخلاقِ نبوت کان آگاهه ڪيو ۽ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي تمام گهڻي تعريف ڪئي. عدي بن حاتم پنهنجي ڀيڻ

---

[1] پ 26 الحجرات: 4، 5

[2] المواهب اللدنية وشرح الزرقاني، باب البعث الي بني تميم، ج 4، ص 31، 34 ملخصاً و مدارج النبوت قسم سوم، باب نهم، ج 2، ص 331، 332 ملخصاً

جي زباني حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خلق عظيم ۽ مبارڪ عادتن جون ڳالهيون ٻڌي تمام گهڻو متاثر ٿيو ۽ بغير ڪنهن امان طلب ڪرڻ جي مديني ۾ حاضر ٿي ويو. ماڻهن بارگاهِ نبوت ۾ اها خبر ڏني تہ عدي بن حاتم اچي ويو آهي. حضور رحمة للعالمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انتهائي ڪريمانہ انداز سان عدي بن حاتم جي هٿ کي پنهنجي رحمت ڀري هٿ ۾ جهلي ورتو ۽ فرمايو اي عدي! تون ڪهڙي شيءِ کان ڀڳين؟ ڇا لَا اِلٰهَ اِلَّا الله چوڻ کان ڀڳين؟ ڇا خدا کان سواءِ ڪو ٻيو معبود بہ آهي؟ عدي بن حاتم چيو تہ ”نہ“ پوءِ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو. انهن جي اسلام قبول ڪرڻ سان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ايتري خوشي ٿي جو مسرت وڇان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو چهرو انور چمڪڻ لڳو ۽ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي خصوصي عنايتن سان نوازيو.

حضرت عدي بن حاتم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بہ پنهنجي پيءُ وانگر تمام گهڻو سخي هئا. حضرت امام احمد نقل فرمائن ٿا تہ ڪنهن انهن کان هڪ سو درهم جو سوال ڪيو تہ پاڻ ناراض ٿي ويا ۽ چيائون تہ تو فقط هڪ سو درهم مونکان گهريا؟ تو کي خبر ناهي تہ مان حاتم طائي جو پُٽ آهيان خدا جو قسم! آءُ تو کي ايتري حقير رقم نہ ڏيندس.

هي وڏي مان وارا صحابي هئا. خلافتِ صديق اڪبر ۾ جڏهن ڪيترن ئي قبيلن پنهنجي زڪوٰة روڪي ڇڏي ۽ ڪيترائي مرتد ٿي ويا هي ان دور ۾ بہ جبل وانگر اسلام تي ثابت قدم رهيا ۽ پنهنجي قوم جي زڪواة آڻي بارگاهِ خلافت ۾ پيش ڪئي ۽ عراق

جي فتحن ۽ ٻين اسلامي جهادن ۾ مجاهد جي حيثيت سان شريڪ ٿيا ۽ 68 هه ۾ 120 سالن جي عمر ۾ وصال فرمايائون. صحاح ستہ جي هر ڪتاب ۾ پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جون روايت ڪيل حديثون ذڪر ٿيل آهن.[1] (زرقاني ج 3 ص 53 و مدارج، ج 2 ص 337)

## غزوهءِ تبوڪ

”تبوڪ“ مديني ۽ شام جي وچ ۾ هڪ جڳهه جو نالو آهي، جيڪو مديني کان چوڏهن منزلون پري آهي. ڪجهه مؤرخن جو چوڻ آهي تہ ”تبوڪ“ هڪ قلعي جو نالو آهي ۽ ڪجهه مؤرخن جو چوڻ آهي تہ تبوڪ هڪ چشمي جو نالو آهي. ممڪن آهي اهي سڀ ڳالهيون موجود هجن! هي غزوه سخت ڏڪار جي ڏينهن ۾ ٿيو ڊگهو سفر، هوا گرم، سواري گهٽ، کاڌي پيتي جي تڪليف، لشڪر جو تعداد تمام گهڻو، تنهنڪري هن غزوه ۾ مسلمانن کي تمام گهڻي تڪليف ۽ تنگدستي کي منهن ڏيڻو پيو. اهو ئي سبب آهي جو هن غزوه کي ”جيش العسرة“ (تنگدستي جو لشڪر) بہ چون ٿا ۽ جيئن تہ منافقن کي هن غزوه ۾ تمام گهڻي شرمندگي ۽ شرمساري ڪڻي پئي ان ڪري هن جو هڪ نالو ”غزوه فاضحہ“ (رسوا ڪرڻ وارو) غزوه بہ آهي. ان تي سيني مؤرخن جو اتفاق آهي تہ هن غزوه جي لاءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن رجب مهيني سن 9 هه ۾ خميس جي ڏينهن روانا ٿيا.[2] (زرقاني ج 3 ص 63)

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، هدم صنم طيء، ج 4، ص 48 — 50.

[2] مدارج النبوت، قسم سوم، باب نهم، ج 2، ص 343، 344 و المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب ثم غزوة تبوك، ج 4، ص 65 — 67 ملخصاً

## غزوه تبوڪ جو سبب

عرب جو غساني خاندان جيڪو قيصر روم جي زيرِ اثر شام تي حڪومت ڪندو هو جيئن تہ هو عيسائي هو انڪري قيصر روم انهن کي پنهنجو وسيلو بڻائي مديني تي حملي ڪرڻ جو ارادو ڪري ورتو. تنهنڪري شام جا جيڪي واپاري زيتون جو تيل وڪڻڻ مديني ايندا هئا انهن اها خبر ڏني تہ قيصرِ روم جي حڪومت شام ۾ تمام وڏي فوج جمع ڪئي آهي ۽ ان فوج ۾ رومين کان سواءِ قبيلي لخم، جذام ۽ غسان جا سيئي عرب بہ شامل آهن. هن خبر جو سڄي عرب ۾ هر طرف چرچو هو ۽ رومين جي اسلام سان دشمني بہ ڪا لڪيل شيءِ نہ هئي تنهنڪري انهن خبرن کي غلط سمجهي نظر انداز ڪرڻ جي بہ ڪا وجهہ نہ هئي، ان لاءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بہ فوج کي تياري جو حڪم ڏئي ڇڏيو.

پر جيئن تہ اسان تحرير ڪري چڪا آهيون تہ ان وقت حجازِ مقدس ۾ سخت ڏڪار هو ۽ شديد گرمي جي موسم هئي انهن سببن جي ڪري ماڻهن کي گهرن کان نڪرڻ ڏکيو لڳي رهيو هو. مديني جا منافق جن جي نفاق جو پول پڌرو ٿي چڪو هو اهي پاڻ بہ فوج ۾ شامل ٿيڻ کان لهرائي رهيا هئا ۽ ٻين کي بہ منع ڪري رهيا هئا. ان جي باوجود بہ ٽيهہ هزارن جو لشڪر جمع ٿي ويو. پر انهن سيني مجاهدن لاءِ سوارين ۽ جنگ جي سامان جو انتظام ڪرڻ هڪ تمام ڏکيو مرحلو هو ڇو تہ ماڻهو ڏڪار سبب تمام تنگدست ۽ پريشان هئا. تنهنڪري حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن عرب جي سيني قبيلن مان فوجون ۽ مالي امداد طلب فرمايو،

اهڙي طرح اسلام ۾ ڪنهن خير جي ڪم لاءِ چندو ڪرڻ جي سنت قائم ٿي.[1]

## چندو ڏيڻ وارن جي فهرست

حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن پنهنجو سڄو مال ۽ گهر جو سڀ سامان ايسيتائين جو بدن جا ڪپڙا به ڪٽي اچي بارگاهِ نبوت ۾ پيش ڪري ڇڏيا ۽ حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پنهنجو اڌ مال ان چندي ۾ ڏئي ڇڏيو. منقول آهي ته حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جڏهن پنهنجو اڌ مال ڪٽي بارگاهه اقدس ڏانهن هليا هئا ته پنهنجي دل ۾ هي خيال ڪندي پئي آيا ته اڄ آءُ ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان اڳتي وڌي ويندس ڇو ته ان ڏينهن سندن گهر ۾ اتفاق سان تمام گهڻو مال هو. حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان پڇيو ته اي عمر! ڪيترو مال هتي آندو اٿئي ۽ ڪيترو گهر ۾ ڇڏيو اٿئي؟ عرض ڪيو ويو يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڌ مال حاضر خدمت آهي ۽ اڌ مال ٻارن ٻچن جي لاءِ گهر ۾ رکيو آهي ۽ جڏهن اِهو ئي سوال پنهنجي يارِ غار حضرت صديق اڪبر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان ڪيائون ته انهن عرض ڪيو "اِدَّخَرْتُ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ" مون الله پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي گهر جو ذخيرو بڻائي ڇڏيو آهي. رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته "مَا بَيْنَكُمَا مَا بَيْنَ كَلِمَتَيْكُمَا" توهان ٻنهي ۾ ايترو ئي فرق آهي جيترو توهان ٻنهي جي ڪلام ۾ فرق آهي.

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب ثم غزوة تبوك، ج 4، ص 68 — 72

حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ هڪ هزار اُٺ ۽ ستر گهوڙا مجاهدين جي سوارين لاءِ ۽ هڪ هزار اشرفيون فوج جي خرچن جي مد ۾ پنهنجي ٻانهن ۾ ڀري آيا ۽ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي آغوش مبارڪ ۾ وڪيري ڇڏيون. رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي قبول فرمائي هي دعا ڪئي ته اَللّٰهُمَّ ارْضِ عَنْ عُثْمَانَ فَاِنِّيْ عَنْهُ راضٍ اي الله تون عثمان کان راضي ٿي وڃ ڇو ته آءُ ان کان خوش ٿي ويو آهيان.

حضرت عبد الرحمٰن بن عوف رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جن چاليهه هزار درهم ڏنا ۽ عرض ڪيو ته يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي گهر ۾ هن وقت اسي هزار درهم هئا. اڌ بارگاهِ اقدس ۾ ڪٽي آيو آهيان ۽ اڌ گهر ۾ ٻارٻچن لاءِ ڇڏي آيو آهيان. ارشاد فرمايائون الله تعالىٰ ان ۾ به برڪت ڏي جيڪي تو آندو ۽ ان ۾ به برڪت عطا فرمائي جيڪو تو گهر ۾ رکيو. هن دعاءِ نبوي جو اهڙو اثر ٿيو جو حضرت عبد الرحمٰن بن عوف رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ تمام گهڻو مالدار ٿي ويا.

اهڙي طرح سيني انصارن ۽ مهاجرن حسب توفيق هن چندي ۾ حصو ورتو عورتن پنهنجا زيور لاهي ڪٽي اچي بارگاهِ نبوت ۾ پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي.

حضرت عاصم بن عدي انصاري رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ ڪيترائي مڻ ڪارڪون ڏنيون ۽ حضرت ابو عقيل انصاري رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جيڪي تمام مفلس هئا فقط هڪ صاع ڪارڪون ڪٽي حاضرِ خدمت ٿيا ۽ گذارش ڪئي ته يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون سڄو ڏينهن پاڻي ڀري ڀري مزدوري ڪئي ته به صاع ڪارڪون مون کي مزدوري ۾ مليون آهن هڪ صاع گهر وارن کي ڏئي آيو آهيان ۽ هي هڪ صاع حاضرِ

خدمت آهي. حضور رحمة للعالمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي نازڪ دل پنهنجي هڪ مفلس جان نثار جي ان نذرانءِ خلوص کان بيحد متاثر ٿي ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کارڪن کي سيني مالن جي مٿان رکي ڇڏيو.[1] (مدارج النبوة ج 2 ص 345 کان ص 346)

## فوج جي تياري

رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو هاڻي اهو طريقو هو ته غزوات جي معاملي ۾ تمام گهڻو رازداري سان تياري فرمائيندا هئا ايسيتائين جو لشڪرِ اسلام کي عين وقت تائين اها به خبر نه هوندي هئي ته ڪيڏانهن ۽ ڪنهن طرف وڃڻو آهي؟ پر جنگِ تبوڪ جي موقعي تي سڀ انتظام اعلانيه ڪيا ۽ هي به ٻڌائي ڇڏيو ته تبوڪ هلڻو آهي ۽ قيصرِ روم جي فوجن سان جهاد ڪرڻو آهي ته جيئن ماڻهو وڌ کان وڌ تياري ڪري وٺن.

صحابءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جن جيئن ته لکي چڪا آهيون ته دل کولي چندو ڏنو پر پوءِ به سموري فوج لاءِ سواريءَ جو انتظام نه ٿي سگهيو. تنهنڪري ڪيترائي جانباز مسلمان ان ڪري جهاد ۾ شريڪ نه ٿي سگهيا جو انهن وٽ سفر جو سامان نه هو. هي ماڻهو دربارِ رسالت ۾ سواري طلب ڪرڻ جي لاءِ حاضر ٿيا پر جڏهن رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته مون وٽ سواري نه آهي ته هي ماڻهو پنهنجي مفلسي ۽ ناداري تي ايترو ته رُنا جو حضور رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي انهن جي آهه و زاري ۽ بيقراري

---

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب نهم، ج 2، ص 344 — 346 والمواهب اللدنية وشرح الزرقاني، باب ثم غزوة تبوك، ج 4، ص 69 — 71

تي رحم اچي ويو. جيئن قرآن مجيد شاهد آهي تہ[1]

وَلَا عَلَى الَّذِيْنَ اِذَا مَاۤ اَتَوْكَ لِتَحْمِلَهُمْ قُلْتَ لَاۤ اَجِدُ مَاۤ اَحْمِلُكُمْ عَلَيْهِ ۖ تَوَلَّوْا وَّاَعْيُنُهُمْ تَفِيْضُ مِنَ الدَّمْعِ حَزَنًا اَلَّا يَجِدُوْا مَا يُنْفِقُوْنَ O[2] (سورة التوبہ)

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ نہ انهن ماڻهن تي ڪو حرج آهي جيڪڏهن اهي (اي رسول) اوهان وٽ ان ڪري آيا تہ جيئن اوهان انهن کي سواري ڏيو ۽ اوهان فرمايو تہ: مان توهان جي لاءِ ڪا اهڙي شيءِ نٿو لهان جنهن تي توهان کي سوار ڪريان تہ اهي واپس موٽي ويا ۽ انهن جي اکين مان ڳوڙها وهي رهيا هئا جو افسوس اسان وٽ خرچ ناهي.

## تبوڪ ڏانهن روانگي

بهرحال حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٽيهن هزارن جو لشڪر ساڻ ڪري تبوڪ لاءِ روانا ٿيا ۽ مديني جو انتظام هلائڻ جي لاءِ حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي پنهنجو خليفو بڻايو. جڏهن تہ حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ تمام حسرت ۽ افسوس سان عرض ڪيو تہ يا رسول الله (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ڇا توهان مون کي عورتن ۽ ٻارن ۾ ڇڏي پاڻ جهاد لاءِ تشريف وني وڃي رهيا آهيو تہ ارشاد فرمايائون

اَلَا تَرْضٰى اَنْ تَكُوْنَ مِنِّيْ بِمَنْزِلَةِ هَارُوْنَ مِنْ مُوْسٰى اِلَّا اَنَّهٗ لَيْسَ نَبِيٌّ بَعْدِيْ[3]

(بخاري ج 2 ص 633 غزوه تبوڪ)

---

[1] مدارج النبوة، قسم سوم، باب نهم، ج 2، ص 347 والمواهب اللدنية وشرح الزرقاني، باب ثم غزوة تبوك، ج 4، ص 72 — 75

[2] سيپارو 10، سورة التوبة، آيت 92

[3] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب غزوه تبوك ... الخ، الحديث: 4416، ج3، ص 144.

ڇا تون ان تي راضي نہ آهين تہ توکي مون سان اها نسبت آهي جيڪا حضرت هارون عَلَيْهِ السَّلَام کي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام سان هئي پر اهو تہ مون کان پوءِ ڪو بہ نبي نہ آهي.

يعني جهڙي طرح حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام طور جبل تي وڃڻ وقت حضرت هارون عَلَيْهِ السَّلَام کي پنهنجي اُمت بني اسرائيل جي سنڀال جي لاءِ پنهنجو خليفو بڻائي ويا هئا اهڙي طرح مان پنهنجي اُمت تنهنجي حوالي ڪري جهاد لاءِ وڃي رهيو آهيان.

مديني کان هلي مقام ”ثنية الوداع“ ۾ رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن قيام فرمايو پوءِ فوج جو جائزو ورتو ۽ فوج کي ساڄي ۽ کاٻي پاسي مرتب فرمايو. پوءِ اتان روانا ٿيا. منافق طرح طرح جا ڪوڙا عذر ۽ بهانا بڻائيندا رهجي ويا ۽ مخلص مسلمانن مان بہ ڪجهہ حضرات رهجي ويا انهن ۾ هي حضرات هئا ڪعب بن مالڪ، هلال بن اميہ، مراره بن ربيع، ابوخيثمہ، ابو ذر غفاري رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم. انهن مان ابو خيثمہ ۽ ابو ذر غفاري رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا تہ بعد ۾ وڃي جهاد ۾ شريڪ ٿيا پر باقي ٽي ڄڻا ڪو نہ ويا.

حضرت ابو ذر غفاري رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جن جي پوئتي رهجي وڃڻ جو سبب هي هيو جو انهن جو اٺ تمام ڪمزور ۽ ٿڪيل هو انهن ڪجهہ ڏينهن چارو کارايو تہ جيئن هو ٺيڪ ٿي وڃي جڏهن روانا ٿيا تہ وري رستي ۾ ٿڪجي پيو مجبورًا هو پنهنجو سامان پنهنجي پٺ تي کڻي هلي پيا ۽ اسلامي لشڪر ۾ شامل ٿي ويا.[1]

(زرقاني ج 3 ص 71)

[1] المواهب اللدنية وشرح الزرقاني، باب ثم غزوة تبوك، ج 4، ص 81 — 82، 83.

حضرت ابو خيثم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو وڃڻ جو ارادو ڪو نہ هو، پر هو هڪ ڏينهن شديد گرمي ۾ ڪٿان ٻاهر کان گهر آيا تہ انهن جي گهر واري ڇاپري ۾ ڇٽڪار ڪري ڇڏيو هو. ٿوري دير انهي ڇانوَ واري ٿڌي جڳهہ ۾ وينا پوءِ اوچتو انهن جي دل ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو خيال اچي ويو پنهنجي گهرواري کي چيائون تہ هي ڪٿان جو انصاف آهي تہ مان تہ پنهنجي گهر ۾ ٿڌ ۽ ڇانوَ ۾ آرام ۽ چين سان وينو هجان ۽ خدا پاڪ جو مقدس رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن اُس جي شدت ۽ سخت گرمي ۾ سفر ڪندي جهاد لاءِ تشريف وٺي وڃي رهيا هجن. يڪدم انهن تي اهڙي ايماني غيرت سوار ٿي جو ڪاڏي جي لاءِ ڪارڪون ڪٽي هڪ اُٺ تي سوار ٿيا ۽ تيزي سان سفر ڪندي روانا ٿي ويا. لشڪر وارن پري کان هڪ اٺ سوار کي ڏٺو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ابو خيثم هوندو اهڙي طرح هي بہ لشڪرِ اسلام ۾ پهچي ويا.[1] (زرقاني ج 3 ص 71)

رستي ۾ قوم عاد ۽ ثمود جي انهن ڳوٺن مان گذر ٿيو جيڪي قهرِ الٰهي جي عذاب سبب اونڌا ڪيا ويا هئا. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حڪم ڏنو تہ هي اُهي جايون آهن جتي خدا جو عذاب نازل ٿي چڪو آهي تنهنڪري ڪو بہ شخص هتي قيام نہ ڪري بلڪ تمام تيزي سان سي ماڻهو هتان سفر ڪري انهن عذاب جي وادين کان جلد ٻاهر نڪري وڃو ۽ ڪو بہ هتان جو پاڻي نہ پيئي ۽ نہ ئي ڪنهن ڪم ۾ آڻي.

هن غزوه ۾ پاڻي جي سخت ڪوٽِ، شديد گرمي، سوارين جي

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، باب ثم غزوة تبوك، ج 4، ص 82.

گهٽتائي کان مجاهدن تمام گهڻي تڪليف ڪنئي پر منزل مقصود تي پهچي ئي دم پٽيائون.[1]

## رستي جا ڪجهه معجزا

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت ابو ذر غفاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي ڏٺو تہ هو سيني کان الڳ الڳ هلي رهيا آهن تہ ارشاد فرمايائون تہ هي سيني کان الڳ ئي هلندا، الڳ ئي زندگي گذاريندا ۽ الڳ ئي وفات ماڻيندا. پوءِ بلڪل ائين ئي ٿيو تہ حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي خلافت جي دور ۾ انهن کي حڪم ڏنو تہ اوهان ”ربذه“ ۾ رهو. پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ربذه ۾ پنهنجي زال ۽ غلام سان گڏ رهڻ لڳا. جڏهن وفات جو وقت آيو تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمايو تہ توهان ٻئي مون کي غسل ڏئي ۽ ڪفن پارائي رستي ۾ رکي ڇڏجو جڏهن اٺ سوارن جو پهريون ٽولو منهنجي جنازي جي پرسان گذري تہ توهان انهن کي چئجو تہ هي ابو ذر غفاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو جنازو آهي هن تي نماز پڙهي هن کي دفن ڪرڻ ۾ اسان جي مدد ڪريو. خدا پاڪ جو شان جو سپ کان پهريان جيڪو قافلو گذريو ان ۾ حضرت عبد الله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْهُ صحابي هئا. پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن جڏهن هي ٻڌو تہ هي حضرت ابو ذر غفاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو جنازو آهي تہ انهن اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ پڙهيو ۽ قافلي کي روڪي لهي پيا ۽ چيائون تہ بلڪل سچ فرمايو هو رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ ”اي ابو ذر! تون اڪيلو هلندين، اڪيلو

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب ثم غزوة تبوك، ج 4، ص 85

مرندين، اڪيلو قبر مان اٿندين. پوءِ حضرت عبد الله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ۽ قافلي وارن انهن کي پوري اعزاز سان دفن ڪيو.[1]

(سيرت ابن هشام ج 4 ص 524 و زرقاني ج 3 ص 74)

ڪجهه روايتن ۾ هي به اچي ٿو ته سندن زال وٽ ڪفن لاءِ ڪپڙو نه هو ته اچڻ وارن ماڻهن مان هڪ انصاري ڪفن لاءِ ڪپڙو ڏنو ۽ جنازي نماز پڙهي دفن ڪيو. (والله تعالىٰ اعلم)

## هوا اڏائي ڪٽي وئي

جڏهن اسلامي لشڪر مقام "حجر" ۾ پهتو ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حڪم ڏنو ته ڪو به شخص اڪيلو لشڪر کان ٻاهر ڪيڏانهن پري نه هليو وڃي پوري لشڪر ان حڪمِ نبوي جي اطاعت ڪئي پر قبيلي بنو ساعده جي ٻن ماڻهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي حڪم کي نه مڃيو. هڪ شخص اڪيلو ئي رفع حاجت جي لاءِ لشڪر کان پري هليو ويو اجا وينو ئي مس هو ته اوچتو ڪنهن ڪيس گهُٽو ڏنو ۽ هو اتي ئي مري ويو ۽ ٻيو شخص پنهنجو اٺ پڪڙڻ لاءِ اڪيلو ئي لشڪر کان ڪجهه پري هليو ويو ته اوچتو هڪ هوا جو جهوٽو آيو ۽ هن کي اڏائي قبيلي "طي" جي ٻنهي جبلن جي وچ ۾ اڇلي ڇڏيو ۽ هو هلاڪ ٿي ويو. رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن ٻنهي جو انجام ٻڌي فرمايو ته ڇا مون توهان کي منع نه ڪيو هو؟[2]

(زرقاني ج 3 ص 73)

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب ثم غزوة تبوك، ج 4، ص 83.

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب ثم غزوة تبوك، ج 4، ص 85، 86.

## گم ٿيل ڏاچي ڪٿي آهي؟

هڪ منزل تي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ڏاچي ڪيڏانهن هلي وئي ۽ ماڻهو ان جي ڳولا ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦرڻ لڳا ته هڪ منافق جنهن جو نالو ”زيد بن لصيت“ هو چوڻ لڳو ته محمّد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن چون ٿا ته آءُ الله جو نبي آهيان ۽ مون وٽ آسمان جون خبرون ايندیون آهن پر انهن کي اِها به خبر ناهي ته انهن جي ڏاچي ڪٿي آهي؟ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجن اصحابن رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي فرمايو ته هڪ شخص هيئن هيئن چوي ٿو جڏهن ته خدا جو قسم! الله تعالىٰ جي ٻڌائڻ سان آءُ چڱي ريت ڄاڻان ٿو ته منهنجي ڏاچي ڪٿي آهي! اها فلاڻي گهاٽي ۾ آهي ۽ هڪ وڻ ۾ ان جي مهار جي رسي ڦاسي پئي آهي. توهان وڃو ۽ ان جي رسيءَ کي ڇڏائي مون وٽ ڪاهي اچو. جڏهن ماڻهو اتي ويا ته بلڪل ائين ئي ڏنائون ته ان ئي گهاٽي ۾ اها ڏاچي بيٺي آهي ۽ ان جي مهار هڪ وڻ جي ٽاري ۾ اٽڪيل آهي.[1]

(زرقاني ج 3 ص 75)

## تبوڪ جو چشمو

جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تبوڪ جي ويجهو پهتا ته ارشاد فرمايائون ته اِنْ شَآءَ الله سياڻي توهان تبوڪ جي چشمي تي پهچندا ۽ سج مٿي چڙهڻ کانپوءِ پهچندا پر ڪو به شخص اتي پهچي ته پاڻي کي هٿ نه لڳائي. رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن اتي پهتا ته بوٽ جي ڪَهِيءَ جي برابر ان مان هڪ پاڻيءَ جي لار وهي رهي هئي. حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان مان

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب ثم غزوة تبوك، ج 4، ص 89.

ٿورو پاڻي گهرائي هٿ منهن ڌوتو ۽ ان پاڻيءَ ۾ گرڙي فرمائي پوءِ حڪم ڏنو تہ هن پاڻيءَ کي چشمي ۾ لاهي ڇڏيو. ماڻهن جڏهن ان پاڻي کي چشمي ۾ وڌو تہ چشمي مان زوردار پاڻيءَ جي ٿلهي لار وهڻ لڳي ۽ ٽيهن هزارن جو لشڪر ۽ سيئي جانور ان چشمي جي پاڻي مان سيراب ٿي ويا.[1]

(زرقاني ج 3 ص 76)

## رومي لشڪر ڊڄي ويو

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تبوڪ پهچي لشڪر کي ترسڻ جو حڪم ڏنو. پر پري پري تائين رومي لشڪر جو ڪو بہ پتو نہ پيو. واقعو هيئن ٿيو جو جڏهن رومين جي جاسوسن قيصر کي خبر ڏني تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٽيهن هزارن جو لشڪر ساڻ ڪري تبوڪ اچي رهيا آهن تہ رومين جي دلين تي ايتري قدر هيبت طاري ٿي وئي جو هو جنگ کان همت هاري وينا ۽ پنهنجن گهرن کان ٻاهر نہ نڪري سگهيا.[2]

رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ويهہ ڏينهن تبوڪ ۾ قيام فرمايو ۽ پرپاسي وارن قبيلن ۽ ڳوٺن کي افواجِ الٰهي جو جلال ڏيکاري ڪافرن جي دلين تي اسلام جو رعب ويهاري مديني واپس تشريف وني آيا ۽ تبوڪ ۾ ڪا بہ جنگ نہ ٿي. هن سفر ۾ "ايلہ" جو سردار جنهن جو نالو "يُحَنَّہ" هو بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو ۽ جزيو ڏيڻ قبول ڪري ورتائين ۽ هڪ اڇو خچر بہ دربارِ رسالت ۾ نذر ڪيائين جنهن جي بدلي ۾ ٻنهي جهانن جي سردار صَلَّى اللهُ

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب ثم غزوة تبوك، ج 4، ص 90

[2] مدارج النبوت، قسم سوم، باب نهم، ج 2، ص 349 مختصراً

عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي پنهنجي چادر مبارڪ عنايت فرمائي ۽ هن کي هڪ دستاويز تحرير ڪري عطا فرمايو تہ هو پنهنجي آس پاس جي سمندِ مان هر قسم جا فائدا حاصل ڪندو رهي.[1]

(بخاري ج 1 ص 448)

اهڙي طرح "جرباء" ۽ "اذرح" جي عيسائين بہ حاضرِ خدمت ٿي جزيو ڏيڻ تي رضا مندي ظاهر ڪئي.

ان کانپوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت خالد بن وليد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي هڪ سو ويهہ سوارن سان گڏ "دومتہ الجندل" جي بادشاه "اڪيدر بن عبد الملڪ" جي طرف روانو فرمايو ۽ ارشاد فرمايو تہ هو رات جو جهنگلي ڳئونءَ جو شڪار ڪري رهيو هوندو تون ان وٽ پهچين تہ ان کي قتل نہ ڪجانءِ پر ان کي زندهہ گرفتار ڪري مون وٽ وٺي اچجانءِ. پوءِ حضرت خالد بن وليد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ چانڊوڪي رات ۾ اڪيدر ۽ ان جي ڀاءُ حسان کي شڪار ڪندي ڏسي ورتو. حسان جيئن تہ حضرت خالد بن وليد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سان جنگ شروع ڪري ڏني ان ڪري پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ان کي تہ قتل ڪري ڇڏيو پر اڪيدر کي گرفتار ڪري ورتو ۽ هن شرط تي کيس آزاد ڪيو تہ هو مديني بارگاهِ اقدس ۾ حاضر ٿي صلح ڪري. پوءِ هو مديني آيو ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کيس امان ڏني.[2]

(زرقاني، ج 3، ص 77 ۽ ص 78)

هن غزوه ۾ جيڪي ماڻهو غير حاضر رهيا انهن ۾ اڪثر

---

[1] صحيح البخاري كتاب الزكوٰت باب خرص التمر، الحديث: 1481، ج 1،ص 499 ملتقطاً والمواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب ثم غزوة تبوك، ج 4، ص 91، 96

[2] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب ثم غزوة تبوك، ج 4، ص 91، 94

منافق هئا. جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تبوڪ کان مديني واپس آيا ۽ مسجد نبوي ۾ تشريف فرما ٿيا تہ منافق قسم کڻي کڻي پنهنجا عذر بيان ڪرڻ لڳا. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪنهن کان بہ ڪا پڇا ڳاڇا نہ ڪئي پر ٽن مخلص صحابين حضرت ڪعب بن مالڪ، هلال بن اُميہ ۽ مراره بن ربيع رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جن جو پنجاهہ ڏينهن تائين بائيڪاٽ فرمائي ڇڏيو. پوءِ انهن ٽنهي جي توبہ قبول ٿي ۽ انهن جي باري ۾ قرآن جي آيت نازل ٿي.[1] (انهيءَ جي باري ۾ هڪ تفصيلي واعظ اسان پنهنجي ڪتاب "عرفاني تقريرون" ۾ لکي ڇڏيو آهي). (بخاري ج 2 ص 634 کان ص 637 حديث ڪعب بن مالڪ)

جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مديني جي ويجهو پهتا ۽ احد جبل کي ڏٺائون تہ فرمايائون تہ هٰذَا اُحُدٌ جَبَلٌ يُحِبُّنَا وَنُحِبُّه[2] هي احد آهي. هي اهڙو جبل آهي جو هي اسان سان محبت ڪري ٿو ۽ اسان هن سان محبت ڪريون ٿا.

جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مديني جي سرزمين ۾ قدم رکيو تہ عورتون، ٻار، ٻانهيون ۽ غلام سڀ استقبال لاءِ نڪري آيا ۽ استقباليہ نظم پڙهندا حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ مسجدِ نبوي تائين آيا. جڏهن رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسجدِ نبوي ۾ بہ رڪعتون نماز پڙهي تشريف فرما ٿيا تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چاچي حضرت عباس بن عبد المطلب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مدح ۾هڪ قصيدو پڙهيو ۽ اهلِ مدينہ هن ڏڪئي سفر تان خير ۽ عافيت

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب ثم غزوة تبوك، ج 4، ص 107، 109 ملخصاً

[2] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب 83، الحديث: 4422، ج 3، ص 150

سان واپس اچڻ تي انتهائي مسرت ۽ خوشي جو اظهار ڪيو ۽ انهن منافقن جي باري ۾ جيڪي ڪوڙا بهانا بڻائي ان جهاد ۾ شريڪ نہ ٿيا هئا ۽ بارگاهِ نبوت ۾ قسم کڻي کڻي عذر پيش ڪري رهيا هئا قهر ۽ غضب ۾ ڀريل قرآن مجيد جون آيتون نازل ٿيون ۽ انهن منافقن جي نفاق جو پول پڌرو ٿي ويو.[1]

## ذوالبجادين رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي قبر

غزوه تبوڪ ۾ سواءِ هڪ حضرت ذو البجادين رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي نہ ڪنهن صحابي جي شهادت ٿي نہ وفات. حضرت ذو البجادين رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ڪير هئا؟ ۽ انهن جي وفات ۽ دفن جو ڪهڙو منظر هو؟ اها هڪ نهايت پُرذوق حڪايت آهي. هي قبيلي مزينہ جا يتيم هئا ۽ پنهنجي چاچي جي پرورش ۾ هئا.

جڏهن هي شعور جي عمر کي پهتا ۽ اسلام جو چرچو ٻڌائون تہ سندن دل ۾ بت پرستي کان نفرت ۽ اسلام قبول ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿيو. پر هنن جو چاچو تمام گهڻو ڪٽر ڪافر هو. ان جي خوف کان هي اسلام قبول نہ پئي ڪري سگهيا. پر مڪي جي فتح کانپوءِ جڏهن ماڻهو ٽولن جي صورت ۾ اسلام ۾ داخل ٿيڻ لڳا تہ هنن پنهنجي چاچي کي ترغيب ڏني تہ تون بہ اسلام جي دامن ۾ اچي وڃ ڇو تہ مان اسلام قبول ڪرڻ لاءِ تمام گهڻو بيچين آهيان. اهو ٻڌي سندن چاچي کين اگهاڙو گهر مان ڪڍي ڇڏيو. هنن پنهنجي ماءُ کان هڪ ڪمبل ورتو ۽ ان جا ٻہ ٽڪرا ڪري هڪ کي گوڏ ۽ ٻئي کي چادر بڻايائين ۽ انهيءَ ئي لباس ۾ هجرت ڪري مديني پهچي ويا. سڄي رات مسجدِ نبوي ۾

---

[1] المواهب اللدنية وشرح الزرقاني، باب ثم غزوة تبوك، ج 4، ص 100، 104 ملخصاً

ترسيا. نماز فجر جي وقت جڏهن جمالِ محمدي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نور سان انهن جون اکيون منور ٿيون تہ ڪلمو پڙهي اسلام جي دولت سان مالامال ٿيا. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کان نالو پڇيو تہ انهن پنهنجو نالو عبد العزىٰ ٻڌايو. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو اڄ کان تنهنجو نالو عبد الله ۽ لقب ذو البجادين (ٻن ڪمبلن وارو) آهي. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن تي تمام گهڻي شفقت فرمائيندا هئا ۽ هي مسجد نبوي ۾ اصحابِ صفہ جي جماعت سان گڏ رهڻ لڳا ۽ نهايت ئي بلند آواز سان ذوق ۽ شوق سان قرآن مجيد پڙهندا هئا جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جنگِ تبوڪ لاءِ روانا ٿيا تہ هي بہ مجاهدن ۾ شامل ٿي هلي پيا ۽ نهايت ذوق شوق ۽ انتهائي اشتياق سان درخواست ڪيائون تہ يا رسول الله (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) دعا فرمايو تہ مون کي خدا جي راهہ ۾ شهادت نصيب ٿي وڃي. حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ تون ڪنهن وڻ جا ڇوڏا ڪٽي اچ تہ اُهي ٻَہر جو ڇوڏو ڪٽي آيا حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سندن ٻانهن تي اهو ڇوڏو ٻڌي ڇڏيو ۽ دعا ڪئي تہ اي الله پاڪ مون هن جي رت کي ڪافرن تي حرام ڪري ڇڏيو. انهن عرض ڪيو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجو مقصد تہ شهادت ئي آهي. ارشاد فرمايائون تہ جڏهن تون جهاد لاءِ نڪتو آهين تہ جيڪڏهن بخار ۾ بہ مرندين تڏهن بہ تون شهيد ئي هوندين. خدا پاڪ جو شان جو جڏهن حضرت ذو البجادين رَضِیَ اللهُ عَنْهُ تبوڪ پهتا تہ بخار ۾ مبتلا ٿي ويا ۽ انهيءَ ئي بخار ۾ انهن جي وفات ٿي وئي.

حضرت بلال بن حارث مزني رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ انهن جي دفن جو عجيب منظر هو جو حضرت بلال مؤذن رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هٿ

۾ ڏيئو ڪٽي انهن جي قبر تي بيٺا هئا ۽ خود حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جي قبر ۾ لٿا ۽ حضرت ابو بڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کي حڪم ڏنو تہ توهان ٻئي پنهنجي اسلامي ڀاءُ جي لاش کي ڪٽو. پوءِ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي پنهنجي هٿن مبارڪن سان لحد ۾ سمهاريو ۽ پاڻ ئي قبر کي ڪچين سرن سان بند فرمايو. پوءِ هيءَ دعا گهريائون تہ يا الله پاڪ آئون ذو البجادين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان راضي آهيان تون بہ هن کان راضي ٿي وڃ.

حضرت عبد الله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن حضرت ذو البجادين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي دفن جو اهو منظر ڏٺو تہ بي اختيار انهن جي زبان مان نڪتو تہ ڪاش! ذو البجادين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي بدران هيءَ منهنجي ميت هجي ها.[1] (مدارج النبوة ج 2 ص 350 و ص 351)

## مسجد ضرار

منافقن اسلام کي مِٽائڻ ۽ مسلمانن ۾ ڦوٽِ وجهڻ لاءِ مسجدِ قباء جي مقابلي ۾ هڪ مسجد تعمير ڪئي هئي جيڪا درحقيقت منافقن جي سازشن ۽ منصوبن ناهڻ جو هڪ مضبوط اڏو هئي. ابو عامر راهب جيڪو انصارن مان عيسائي ٿي ويو هو جنهن جو نالو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ابو عامر فاسق رکيو هو ان منافقن کي چيو تہ توهان خفيہ نموني جنگ جي تياري ڪندا رهو. مان قيصر روم وٽ وڃي اتان کان فوجون آڻيان ٿو تہ جيئن هن ملڪ مان اسلام جو نالو نشان مٽائي ڇڏيان. جيئن تہ هن ئي مسجد ۾ ويهي اسلام جي خلاف منافق گڏجاڻيون ڪندا هئا ۽

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب نهم، ج 2، ص 350

اسلام ۽ باني‌ءِ اسلام صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو خاتمو ڪرڻ جون تدبيرون سوچيندا هئا.

جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنگ تبوڪ جي لاءِ روانا ٿيڻ لڳا تہ مڪار منافقن جو هڪڙو ٽولو آيو ۽ فقط مسلمانن کي ڏوکو ڏيڻ جي لاءِ بارگاهِ اقدس ۾ هيءَ درخواست پيش ڪئي تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان بيمارن ۽ معذورن جي لاءِ هڪ مسجد ٺاهي آهي اوهان هلي هڪ دفعو ان مسجد ۾ نماز پڙهايو تہ جيئن اسان جي اها مسجد خدا پاڪ جي بارگاهہ ۾ مقبول ٿي وڃي. رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جواب ڏنو تہ هن وقت تہ آءُ جهاد جي لاءِ گهر کان نڪري چڪو آهيان تنهنڪري هن وقت تہ مونکي ايترو موقعو نہ آهي منافقن گهڻو اصرار ڪيو پر حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جي ان مسجد ۾ قدم نہ رکيو. جڏهن حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جنگِ تبوڪ کان واپس تشريف وٺي آيا تہ منافقن جي چالبازين، انهن جي مڪارين ۽ دغابازين جي باري ۾ "سورة توبہ" جون ڪيتريون ئي آيتون نازل ٿي ويون ۽ منافقن جي نفاق ۽ انهن جي اسلام سان دشمني جا سڀ راز بي نقاب ٿي نظرن جي سامهون اچي ويا ۽ انهن جي ان مسجد جي باري ۾ خصوصيت سان هي آيتون نازل ٿيون تہ:

وَالَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مَسْجِدًا ضِرَارًا وَّ كُفْرًا وَّتَفْرِيْقًا بَيْنَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَ اِرْصَادًا لِّمَنْ حَارَبَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ

**ترجمو ڪنز الايمان:** ۽ اُهي ماڻهو جن هڪ مسجد نقصان پهچائڻ ۽ ڪفر ڪرڻ ۽ مسلمانن ۾ قوتِ وجهڻ جي مقصد سان ٺاهي ۽ ان مقصد سان جو جيڪي ماڻهو اڳيئي ئي الله ۽ ان جي رسول سان جنگ ڪري رهيا

مِنْ قَبْلُ ؕ وَلَيَحْلِفُنَّ اِنْ اَرَدْنَاۤ اِلَّا الْحُسْنٰى ؕ وَاللّٰهُ يَشْهَدُ اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ۝ لَا تَقُمْ فِيْهِ اَبَدًا ؕ لَمَسْجِدٌ اُسِّسَ عَلَى التَّقْوٰى مِنْ اَوَّلِ يَوْمٍ اَحَقُّ اَنْ تَقُوْمَ فِيْهِ ؕ فِيْهِ رِجَالٌ يُّحِبُّوْنَ اَنْ يَّتَطَهَّرُوْا ؕ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُطَّهِّرِيْنَ ۝[1] (توبہ)

آهن، انهن کي هڪ مورچو هٿ اچي وڃي ۽ اُهي ضرور قسم کڻندا تہ اسان ڀلائيءَ جو ئي ارادو ڪيو هو ۽ الله شاهدي ڏي ٿو تہ بيشڪ اِهي ماڻهو ڪوڙا آهن. توهان ڪڏهن بہ ان مسجد ۾ نہ بيهجو اُها مسجد (مسجد قبا) جنهن جو بنياد پهرئين ئي ڏينهن کان پرهيزگاريءَ تي رکيو ويو آهي اها ان ڳالهہ جي وڌيڪ حقدار آهي جو توهان ان ۾ بيهو هن ۾ اهڙا ماڻهو آهن جيڪي پاڪي کي پسند ڪن ٿا ۽ الله پاڪائي رکندڙن کي دوست رکي ٿو.

هن آيت جي نازل ٿيڻ کانپوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت مالڪ بن دخشم ۽ حضرت معن بن عدي رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کي حڪم ڏنو تہ ان مسجد کي ڍاهي باهہ ڏئي ڇڏيو.[2] (زرقاني ج 3 ص 80)

## صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ اميرالحج

غزوه تبوڪ کان واپسي کانپوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ذوالقعده 9 هہ ۾ ٽي سؤ مسلمانن جو هڪ قافلو مديني منوره کان حج جي لاءِ مڪي مڪرمہ موڪليو ۽ حضرت صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي ”امير الحج“، حضرت علي المرتضٰي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي ”نقيبِ اسلام“ ۽ حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِيَ اللهُ عَنْهُ حضرت جابر بن عبد الله ۽ حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کي معلم بڻايو ۽ پنهنجي طرف کان قرباني‌ءَ جي لاءِ ويهہ (20) اٺ بہ موڪليا.

---

[1] پارو 11، سورة التوبة، آيت 107، 108

[2] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب ثم غزوة تبوك، ج 4، ص 97، 98 ماخوذاً

حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ حرمِ ڪعبہ، عرفات ۽ منيٰ ۾ خطبو پڙهيو. ان ڪان پوءِ حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ اتي بيٺا ۽ ”سورة براءت“ جون 40 آيتون پڙهي ٻڌايائون ۽ اعلان ڪيائون تہ هاڻي ڪو بہ مشرڪ خانءِ ڪعبہ ۾ داخل نہ ٿي سگهندو، نہ ڪوئي جسم کولي يا اگهاڙو ٿي طواف ڪري سگهندو ۽ چئن مهينن کانپوءِ ڪافرن ۽ مشرڪن جي لاءِ امان ختم ڪئي ويندي. حضرت ابو هريره ۽ ٻين صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جن انهيءَ اعلان جو ايتري قدر زور سان پڙهو ڏنو جو انهن جا ڳلا ويهي ويا. ان اعلان کانپوءِ ڪافر ۽ مشرڪ ٽولن جا ٽولا اچي مسلمان ٿيڻ لڳا.[1] (طبري ج 2 ص 1721 و زرقاني ج 3 ص 90 کان 93)

## 9 هه جا متفرق واقعا

1. هن سال پوري ملڪ ۾ هر طرف امن امان جي فضا قائم ٿي وئي ۽ زڪوٰة جو حڪم نازل ٿيو ۽ زڪوٰة جي وصولي جي لاءِ عاملين ۽ محصّلن جو تقرر ٿيو.[2] (زرقاني ج 3 ص 100)

2. جيڪي غير اسلامي قومون اسلامي سلطنت جي ماتحت رهڻ چاهن انهن جي لاءِ جزيي جو حڪم نازل ٿيو ۽ قرآن جي هيءَ آيت نازل ٿي تہ

حَتّٰى يُعْطُوا الْجِزْيَةَ عَنْ يَّدٍ وَّهُمْ صٰغِرُوْنَ O[1] (توبہ)

ترجمو ڪنز الايمان: ايستائين جو پنهنجي هٿ سان جزيو(ٽيڪس) نہ ڏين ذليل ٿي ڪري.

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، حج الصديق بالناس، ج 4، ص 114 — 123 ملتقطاً

[2] الكامل في التاريخ، ذكر حج ابي بكر، ج 2، ص 161 و شرح الزرقاني علي المواهب تحويل القبلة ... الخ، ج 2، ص 254.

3 ۔ وياج جي حرمت نازل ٿي ۽ ان جي هڪ سال بعد سن 10 ھ ۾ ”حجة الوداع“ جي موقعي تي پنهنجي خطبن ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان جو خوب خوب اعلان فرمايو.

(بخاري و مسلم باب تحريم الخمر)

4 ۔ حبشہ جو بادشاهہ جنهن جو نالو حضرت اصحمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هو. جنهن وٽ مسلمان مهاجرن ڪجهہ سال حبشہ ۾ پناهہ ورتي هئي ان جي وفات ٿي وئي. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مديني ۾ انهن جي غائبانہ نمازِ جنازہ پڙهي ۽ انهن جي لاءِ مغفرت جي دعا گهري.[2]

5 ۔ هن ئي سال منافقن جو سردار عبد الله بن ابي مري ويو. انهن جي پٽ حضرت عبد الله رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي درخواست تي انهن جي دلجوئي خاطر حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان جي ڪفن لاءِ پنهنجو پهراڻ مبارڪ عطا فرمايو ۽ ان جي لاش کي پنهنجي گوڏي مبارڪ تي رکي ان جي ڪفن ۾ پنهنجو لعابِ دهن وڌو، حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي بار بار منع ڪرڻ جي باوجود جيئن تہ اجان ممانعت نازل نہ ٿي هئي تنهنڪري حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان جي جنازي نماز پڙهائي پر ان کان بعد ئي هي آيت نازل ٿي وئي تہ

وَلَا تُصَلِّ عَلٰۤى اَحَدٍ مِّنْهُمْ مَّاتَ

ترجمو ڪنز الايمان: (اي رسول) انهن (منافقن) مان جيڪي مرن توهان

---

[1] پ 10، سورة التوبة، آيت 29

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، هلاڪ راس المنافقين، ج 4، ص 124 — 128 و مدارج النبوت، قسم سوم، باب نهم، ج 2، ص 377.

اَبَدًا وَّلَا تَقُمْ عَلٰى قَبْرِهٖ ؕ اِنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَمَاتُوْا وَهُمْ فٰسِقُوْنَ O[1] (توبہ)

ڪڏهن بہ انهن جي جنازي نماز نہ پڙهجو ۽ نہ انهن جي قبر وٽ توهان بيهو، يقيناً انهن ماڻهن الله ۽ سندس رسول سان ڪفر ڪيو آهي ۽ ڪفر جي حالت ۾ مري ويا آهن.

هن آيت جي نازل ٿيڻ کان پوءِ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪڏهن بہ ڪنهن منافق جي نماز جنازه نہ پڙهائي نہ ئي ان جي قبر وٽ بيٺا.[2] (بخاري ج 1 ص 169 و ص 180 و زرقاني ج 3 ص 95 و ص 96)

## عرب جا وفد

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تبليغ اسلام لاءِ سيني ڀرپاسي وارن قبيلن ۽ ڳوٺن ڏانهن مبلغين اسلام، عاملن ۽ مجاهدن کي موڪليندا هئا. انهن مان ڪجهہ قبيلا تہ مبلغن جي سامهون ئي دعوتِ اسلام قبول ڪري مسلمان ٿي ويندا هئا، پر ڪجهہ قبيلا ان ڳالهہ جا خواهشمند هوندا هئا تہ سڌو سنئون پاڻ بارگاهِ نبوت ۾ حاضر ٿي پنهنجي اسلام جو اعلان ڪن. تنهنڪري ڪجهہ ماڻهو پنهنجن پنهنجن قبيلن جا نمائندا بڻجي مديني منوره ايندا هئا ۽ پاڻ باني ءِ اسلام صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زبانِ فيض ترجمان مان دعوتِ اسلام ٻڌي پنهنجي اسلام جو اعلان ڪندا هئا ۽ پوءِ پنهنجن پنهنجن قبيلن ۾ واپس وڃي پوري قبيلي کي مشرف بہ اسلام ڪندا هئا. انهن ئي قبيلن جي نمائندن کي اسين ”وفود العرب“ يعني عرب جا وفد جي عنوان سان بيان ڪريون ٿا.

---

[1] پ 10، سورة التوبة، آيت 84

[2] مدارج النبوت، قسم سوم، باب نهم، ج 2، ص 377

اهڙي قسم جا وفد ۽ قبيلن جا نمائندا مختلف وقتن ۾ مديني منوره ايندا رهيا پر مڪي جي فتح ڪانپوءِ اوچتو سموري عرب جي خيالن ۾ هڪ عظيم تبديلي واقع ٿي ۽ سڀ ماڻهو اسلام جي طرف مائل ٿيڻ لڳا ڇو ته اسلام جي حقانيت واضح ۽ ظاهر ٿيڻ جي باوجود ڪيترائي قبيلا صرف قريش جي ڊڀاءَ ۽ مڪي وارن جي ڊپ ڪان اسلام قبول نه پئي ڪري سگهيا. مڪي جي فتح انهيءَ رڪاوٽ کي به ختم ڪري ڇڏيو ۽ هاڻي دعوتِ اسلام ۽ قرآن جو مقدس پيغام گهر گهر پهچي پنهنجي حقانيت ۽ معجزاتي ڪمال سان سيني جي دلين تي پنهنجو رعب ويهاري ڇڏيو. جنهن جو نتيجو هي نڪتو جو اهي ماڻهو جيڪي هڪ لمحي لاءِ اسلام جو نالو ٻڌڻ ۽ مسلمانن جي صورت ڏسڻ پسند نه ڪندا هئا اڄ پروانن وانگر شمع رسالت تي نثار ٿيڻ لڳا ۽ ٽولن جا ٽولا بلڪ لشڪرن جا لشڪر حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ پري پري جا سفر طئي ڪري وفدن جي صورتن ۾ اچڻ لڳا ۽ راضپي ۽ جُهڪاءَ سان اسلام جي دامن ۾ شامل ٿيڻ لڳا جيئن ته ان قسم جا وفد اڪثر فتح مڪه ڪانپوءِ سن 9 هه ۾ مديني منوره آيا ان لاءِ سن 9 هه کي ماڻهو "سنة الوفود" (نمائندن جو سال) چوڻ لڳا.

ان قسم جي وفدن جي تعداد ۾ سيرت نگارن جو وڏو اختلاف آهي حضرت شيخ عبد الحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهن وفدن جو تعداد سٺ کان مٿي ٻڌايو آهي.[1] (مدارج ج 2 ص 358)

البت علامه قسطلاني ۽ حافظ ابن قيم اهڙي قسم جي چوڏهن

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب نهم، ج 2، ص 358 مختصراً

وفدن جو تذڪرو ڪيو آهي اسان بہ پنهنجي هن مختصر ڪتاب ۾ ڪجهہ وفدن جو ذڪر ڪريون ٿا.

## وفدن جو استقبال

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قبيلن مان اچڻ وارن وفدن جي استقبال ۽ انهن جي ملاقات جو خاص اهتمام فرمائيندا هئا. تنهنڪري هر وفد جي اچڻ تي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نهايت ئي عمده پوشاڪ زيبِ تن فرمائي ڪاشانۂ اقدس مان نڪرندا هئا ۽ پنهنجي خصوصي اصحابن رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي بہ حڪم ڏيندا هئا تہ بهترين لباس پائي اچن پوءِ انهن مهمانن کي سٺن کان سٺن گهرن ۾ ترسائيندا هئا ۽ انهن جي مهمان نوازي ۽ خاطرداري جو خاص طور تي خيال فرمائيندا هئا ۽ انهن مهمانن سان ملاقات جي لاءِ مسجدِ نبوي ۾ هڪ ٿنبي سان ٽيڪ لڳائي ويهندا هئا پوءِ هر هڪ وفد سان نهايت ئي خوش دلي ۽ خنده پيشاني سان گفتگو فرمائيندا هئا ۽ انهن جي حاجتن ۽ حالتن کي پوري توجهہ سان ٻڌندا هئا ۽ پوءِ انهن کي ضروري عقيدن ۽ اسلامي حڪمن جي تعليم ۽ تلقين بہ فرمائيندا هئا ۽ هر وفد کي ان جي مان ۽ مرتبي جي لحاظ کان ڪجهہ نہ ڪجهہ روڪ رقم يا سامان بہ تحفي ۽ انعام طور عطا فرمائيندا هئا.[1]

## وفد ثقيف

جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جنگِ حنين کان بعد طائف کان واپس تشريف کڻي آيا ۽ ”جعرانہ“ کان عمرو ادا ڪرڻ بعد مديني

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب نهم، ج 2، ص 359 ملخصاً

تشريف وٺي وڃي رهيا هئا تہ رستي ۾ ئي قبيلي ثقيف جا سردارِ اعظم ”عروه بن مسعود ثقفي“ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي سچي دل سان دامنِ اسلام ۾ اچي ويا. هي نهايت شاندار ۽ وفادار انسان هئا ۽ انهن جو ڪجهہ تذڪرو اسان صلح حديبيہ جي موقعي تي تحرير ڪري چڪا آهيون. انهن مسلمان ٿيڻ کان پوءِ عرض ڪيو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان مون کي اجازت عطا فرمايو تہ هاڻي مان پنهنجي قوم ۾ وڃي اسلام جي تبليغ ڪريان. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اجازت ڏئي ڇڏي ۽ هي اتان ئي موٽي پنهنجي قبيلي ۾ ويا ۽ پنهنجي گهر جي ڇت تي چڙهي پنهنجي مسلمان ٿيڻ جو اعلان ڪيو ۽ پنهنجي قبيلي وارن کي اسلام جي دعوت ڏني. هن اعلانيہ دعوتِ اسلام کي ٻڌي قبيلي ثقيف جا ماڻهو ڪاوڙ ۽ غصي ۾ ايتريقدر ڀرجي ويا جو چئني طرفن کان انهن تي تيرن جي بارش ڪرڻ لڳا ايسيتائين جو هڪ تير انهن کي لڳو ۽ هي شهيد ٿي ويا. قبيلي ثقيف جي ماڻهن انهن کي قتل تہ ڪري ڇڏيو پر پوءِ هي سوچيو تہ سيئي عرب قبيلا اسلام قبول ڪري چڪا آهن هاڻي اسان ڀلا اسلام جي خلاف ڪيسيتائين ۽ ڪيترن ماڻهن سان وڙهندا رهنداسين؟ پوءِ مسلمانن جي انتقام ۽ هڪ ڊگهي جنگ جي انجام کي سوچي کين ڏينهن ۾ تارا نظر اچڻ لڳا تنهنڪري انهن ماڻهن پنهنجي هڪ معزز رئيس عبدياليل بن عمرو کي ڪجهہ وڏن سردارن سان گڏ مديني منوره موڪليو. ان وفد مديني پهچي بارگاهِ اقدس ۾ عرض ڪيو تہ اسان ان شرط تي اسلام قبول ڪريون ٿا تہ ٽن سالن تائين اسان جي بت ”لات“ کي نہ ٽوڙيو وڃي. رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان شرط کي مڃڻ کان صاف انڪار فرمائي ڇڏيو ۽ ارشاد فرمايو تہ اسلام ڪهڙي بہ حال ۾ بت

پرستي کي هڪ لمحي لاءِ بہ برداشت نٿو ڪري سگهي. تنهنڪري بت تہ ضرور ٽوڙيو ويندو ها اها ٻي ڳالهہ آهي تہ توهان ان کي پنهنجي هٿ سان نہ ٽوڙيو بلڪ آءُ حضرت ابو سفيان ۽ حضرت مغيره بن شعبہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کي موڪلي ڇڏيندس اهي ان بت کي ٽوڙي ڇڏيندا. پوءِ اهي ماڻهو مسلمان ٿي ويا ۽ حضرت عثمان بن العاص رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جيڪي ان قوم جا هڪ معزز ۽ ممتاز فرد هئا ان کي ان قبيلي جو امير مقرر فرمائي ڇڏيو ۽ انهن ماڻهن سان گڏ حضرت ابو سفيان ۽ حضرت مغيره بن شعبہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کي طائف موڪليو ۽ انهن ٻنهي انهن جي بت "لات" کي ٽوڙي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو.[1] (مدارج النبوة ج 2 ص366)

## وفد ڪنده

هي ماڻهو يمن جي پرپاسي ۾ رهندا هئا ان قبيلي جا ستر يا اسّي سوار شان ۽ شوڪت سان مديني آيا ڏاڍيون ڦٽيون ڏنل ۽ ريشمي جبا پاتل هٿيارن سان سجيل مديني جي آبادي ۾ داخل ٿيا. جڏهن اهي ماڻهو دربارِ رسالت ۾ پهتا تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کان پڇيو تہ ڇا توهان اسلام قبول ڪري ورتو آهي؟ سيني عرض ڪيو "جي ها" رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو پوءِ توهان هي ريشمي لباس ڇو پهري رکيو آهي؟ اهو ٻڌندي ئي انهن ماڻهن پنهنجن جبن کي بدن تان لاهي ڇڏيو ۽ ريشمي ٽڪرن کي ڦاڙي پنهنجن جبن کان الڳ ڪري ڇڏيو.[2] (مدارج 2 ص 366)

---

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب نهم، ج 2، ص 365، 366 ملخصاً

[2] مدارج النبوت، قسم سوم، باب نهم، ج 2، ص 366.

## وفد بني اشعر

هي ماڻهو يمن جا رهاڪو ۽ ”قبيلي اشعر“ جا معزز ۽ مشهور ماڻهو هئا. جڏهن هي ماڻهو مديني ۾ داخل ٿيڻ لڳا تہ جوشِ محبت ۽ فرطِ عقيدت ۾ رجز جو هي شعر آواز ۾ آواز ملائي پڙهندا شهر ۾ داخل ٿيا تہ

غَدًا نَلْقِي الْاَحِبَّة مُحَمَّدًا وَّ حِزْبَه

سيڀاڻي اسان پنهنجن محبوبن سان يعني حضرت محمّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن اصحابن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان ملاقات ڪنداسين. حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ مون رسول خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي هي فرمائيندي ٻڌو تہ يمن وارا اچي ويا. هي ماڻهو تمام ئي نرم دل آهن ايمان تہ يمنين جو ايمان آهي ۽ حڪمت بہ يمنين ۾ آهي. ٻڪريون پالڻ وارن ۾ سڪون ۽ وقار آهي ۽ اٺ پالڻ وارن ۾ فخر ۽ غرور آهي. تنهڪري ان ارشادِ نبوي جي برڪت سان اهلِ يمن علم، دل جي صفائي، حڪمت ۽ معرفتِ الٰهي جي دولتن سان هميشہ مالا مال رهيا. خاص ڪري حضرت ابو موسٰي اشعري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جيڪي نهايت ئي سني آواز وارا هئا ۽ قرآن پاڪ اهڙي خوش الحاني سان پڙهندا هئا جو صحابۂ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم ۾ انهن جي ڪو مثل نہ هو. علمِ عقائد ۾ اهلسنت جا امام شيخ ابو الحسن اشعري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهيءَ حضرت ابو موسٰي اشعري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن جي اولاد مان آهن.[1] (مدارج النبوة ج 2 ص 367)

---

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب نهم، ج 2، ص 366، 367 ملخصاً و المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب الوفد الثامن ... الخ، ج 5 ص 163 — 166

## وفد بني اسد

هن قبيلي جا ڪجهه ماڻهو بارگاهِ اقدس ۾ حاضر ٿيا ۽ نهايت ئي خوش دلي سان مسلمان ٿيا. پر پوءِ احسان جتائڻ جي لاءِ چوڻ لڳا ته يا رسول الله (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ايتري سخت ڏُڪار جي زماني ۾ اسان تمام پري کان مسافت طئي ڪري هتي آيا آهيون. رستي ۾ اسان ماڻهن کي ڪٿي پيٽ ڀري کاڌو کائڻ به نصيب نه ٿيو ۽ بغير ان جي جو اوهان جو لشڪر اسان تي حملا آور ٿيو هو اسان ماڻهن برضا ۽ رغبت اسلام قبول ڪري ورتو آهي انهن ماڻهن جي ان احسان جتائڻ تي خداوند قدوس هي آيت نازل فرمائي ته:[1]

يَمُنُّوْنَ عَلَيْكَ اَنْ اَسْلَمُوْا ؕ قُلْ لَّا تَمُنُّوْا عَلَيَّ اِسْلَامَكُمْ ۚ بَلِ اللّٰهُ يَمُنُّ عَلَيْكُمْ اَنْ هَدٰىكُمْ لِلْاِيْمَانِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ[2] (حجرات)

**ترجمو ڪنز الايمان:** اي محبوب! اهي توهان تي احسان ڄاڻائن ٿا ته اسان مسلمان ٿي وياسين. اوهان فرمايو پنهنجي اسلام جو احسان مون تي نه ڄاڻايو بلڪ الله توهان تي احسان ڄاڻائي ٿو جو ان توهان کي اسلام جي هدايت ڪئي جيڪڏهن توهان سچا آهيو.

## وفد فزاره

هي ماڻهو عيينه بن حصن فزاري جي قوم مان هئا. ويهه ماڻهو دربارِ اقدس ۾ حاضر ٿيا ۽ پنهنجي اسلام جو اعلان ڪيو ۽ ٻڌايائون ته يا رسول الله (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اسان جي علائقي ۾

---

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب نهم، ج 2، ص 359

[2] پ 26، سورة الحجرات، آيت: 17

ايترو سخت ڏُڪار ٿيو آهي جو هاڻي بڪ ۽ بدحاليءَ جي مصيبت اسان جي لاءِ ناقابل برداشت ٿي چڪي آهي تنهنڪري اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مينهن جي دعا فرمايو. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جمعي جي ڏينهن منبر تي دعا فرمائي ۽ فورًا ئي بارش ٿيڻ لڳي ۽ لڳاتار هڪ هفتي تائين تيز بارش جاري رهي پوءِ ٻئي جمعي تي جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن منبر تي خطبو پڙهي رهيا هئا تہ هڪ اعرابي عرض ڪيو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جانور مرڻ لڳا آهن، ٻار ٻچا بڪ کان تڙپڻ لڳا آهن ۽ سيئي رستا بند ٿي ويا آهن. تنهنڪري دعا گهرو تہ هيءَ بارش جبلن تي وسي، ٻنين ۽ ڳوٺن تي نہ وسي. پوءِ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن دعا فرمائي تہ ڪڪر مديني ۽ ان جي چوڌاري کان هٽي ويا ۽ اٿن ڏينهن کانپوءِ مديني ۾ سج نظر آيو.[1]

(مدارج النبوة ج 2 ص 359)

## وفد بني مره

هن وفد ۾ بني مره جا تيرهن ماڻهو مديني آيا هئا. انهن جو سردار حارث بن عوف بہ ان وفد ۾ شامل هو. انهن سيني ماڻهن بارگاهِ اقدس ۾ اسلام قبول ڪيو ۽ ڏُڪار جي شڪايت ۽ برسات لاءِ دعا جي درخواست پيش ڪئي. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هنن لفظن سان دعا گهري تہ "اَللّٰهُمَّ اسْقِهِمُ الْغَيْثَ" (اي الله پاڪ! هنن ماڻهن کي بارش سان سيراب فرمائي ڇڏ) پوءِ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي حڪم ڏنو تہ انهن مان هر هڪ شخص کي ڏهہ ڏهہ اوقيہ چاندي ۽ چار چار سو درهم انعام ۽

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب نهم، ج 2، ص 359

تحفي جي طور تي عطا ڪيو ۽ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي سردار حضرت حارث بن عوف رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي ٻارهن اوقيه چاندي جو شاهي تحفو عطا فرمايو.

جڏهن هي ماڻهو مديني کان پنهنجي وطن پهتا تہ خبر پئي تہ نيڪ ان وقت انهن جي شهرن ۾ بارش تي هئي جنهن وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن ماڻهن جي درخواست تي مديني ۾ بارش لاءِ دعا گهري هئي.[1] (مدارج النبوة ج 2 ص 360)

## وفد بني البكاء

هن وفد سان گڏ حضرت معاويہ بن ثور بن عباد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بہ آيا هئا جيڪي سؤ سالن جا پوڙها هئا. هنن سيني بارگاهِ اقدس ۾ حاضر تي پنهنجي اسلام جو اعلان ڪيو پوءِ حضرت معاويہ بن ثور بن عباد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي فرزند حضرت بشير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي پيش ڪيو ۽ هيءَ گذارش ڪئي تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان منهنجي هن ٻچي جي مٿي تي پنهنجو هٿ مبارڪ ڦيري ڇڏيو. انهن جي درخواست تي حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان جي فرزند جي مٿي تي پنهنجو مبارڪ هٿ ڦيرايو ۽ انهن کي ڪجهہ ٻڪريون بہ عطا فرمايون ۽ وفد وارن جي لاءِ خير ۽ برڪت جي دعا فرمائي ان دعاءِ نبوي جو هي اثر ٿيو جو انهن ماڻهن جي علائقي ۾ جڏهن بہ ڏڪار بک ۽ بدحالي جي مصيبت آئي تہ انهيءَ قوم جا گهر هميشہ انهن مصيبتن کان محفوظ رهيا.[2]

(مدارج النبوة، ج 2، ص 360)

---

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب نهم، ج 2، ص 359 — 360

[2] مدارج النبوت، قسم سوم، باب نهم، ج 2، ص 360

## وفد بني ڪنانہ

هن وفد جا اميرِ ڪاروان حضرت واثلہ بن اسقع رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هئا. هي سڀ ماڻهو دربارِ رسول عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ نهايت عقيدتمندي سان حاضر ٿي مسلمان ٿيا ۽ حضرت واثلہ بن اسقع رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جڏهن اسلام جي بيعت ڪري پنهنجي وطن ۾ پهتا تہ انهن جي پيءُ انهن کان ناراض ۽ بيزار ٿي ڪري چئي ڇڏيو تہ خدا جو قسم! مان توسان ڪڏهن بہ نہ ڳالهائيندس. پر انهن جي ڀيڻ صدقِ دل سان اسلام قبول ڪري ورتو. هي پنهنجي پيءُ جي حرڪت کان ڏڪارا ۽ دل شڪستہ ٿي وري مديني منوره هليا آيا ۽ جنگِ تبوڪ ۾ شريڪ ٿيا ۽ پوءِ اصحابِ صفہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جي جماعت ۾ شامل ٿي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ڪرڻ لڳا. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪانپوءِ هي بصره هليا ويا، پوءِ آخري عمر ۾ شام ويا ۽ 85 ھ ۾ شهر دمشق ۾ وفات ڪيائون.[1] (مدارج النبوة ج 2 ص 360)

## وفد بني هلال

هن وفد جي ماڻهن بہ دربارِ نبوت ۾ حاضر ٿي اسلام قبول ڪري ورتو. هن وفد ۾ حضرت زياد بن عبد الله رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بہ هئا هي مسلمان ٿي سينو تاڻي حضرت ام المومنين بيبي ميمونہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي گهر ۾ داخل ٿي ويا ڇو جو هوءَ انهن جي ماسي هئي.

هي اطمينان سان پنهنجي ماسيءَ وٽ وينا گفتگو ۾ مصروف هئا. جڏهن رسولِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گهر ۾ تشريف کڻي آيا ۽

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب نهم، ج 2، ص 360 ملخصاً

کين هيءَ خبر پئي تہ حضرت زياد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ام المومنين جا ياٽيجا آهن تہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن شفقت وچان انهن جي مٿي ۽ چهري تي پنهنجو نوراني هٿ ڦيري ڇڏيو. ان هٿ مبارڪ جي نورانيت سان حضرت زياد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو چهرو ايتري قدر پُرنور ٿي ويو جو قبيلي بني هلال جي ماڻهن جو بيان آهي تہ ان کانپوءِ اسان حضرت زياد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي چهري تي هميشہ هڪ نور ۽ برڪت جو اثر ڏسندا رهياسين.[1] (مدارج النبوة ج 2 ص 360)

## وفد ضمام بن ثعلبہ

هي قبيلي سعد بن بڪر جا نمائندا بٽجي بارگاهِ رسالت ۾ آيا. هي تمام گهٽا خوبصورت ڳاڙهي ۽ اڇي رنگ جا ڊگهن وارن وارا ماڻهو هئا. مسجد نبوي ۾ پهچي پنهنجن اُنٽن کي ويهاري ٻڌي ڇڏيو پوءِ ماڻهن کان پڇيائون تہ حضرت محمّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪهڙا آهن؟ ماڻهن پري کان اشارو ڪري ٻڌايو تہ هو گوري رنگ جا خوبصورت ماڻهو جيڪي وهاٽو لڳائي وينا آهن اُهي ئي حضرت محمّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن آهن. حضرت ضمام بن ثعلبہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ سامهون آيا ۽ چيائون تہ اي عبد المطلب جا فرزند! آءُ اوهان کان ڪجهہ شين جي باري ۾ سوال ڪندس ۽ آءُ پنهنجن سوالن ۾ تمام گهٽي ڊيگهہ ۽ سختي ڪندس. اوهان ان تي مون کان ناراض نہ ٿجو. رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ تون جيڪو چاهين پڇي وٺ پوءِ هن طرح سان مڪالمو ٿيو.

ضمام بن ثعلبہ: مان توهان کي ان خدا جو قسم ڏئي جيڪو اوهان جو ۽ سيني انسانن جو پروردگار

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب نهم، ج 2، ص 360

آهي اهو پڇان ٿو تہ ڇا الله تعالىٰ اوهان کي اسان ڏانهن پنهنجو رسول ڪري موڪليو آهي؟

نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : ها

ضمام بن ثعلبہ : مان توهان کي خدا جو قسم ڏئي هي سوال ڪريان ٿو تہ ڇا نماز روزا حج ۽ زڪوٰة الله تعالىٰ اسان ماڻهن تي فرض ڪيا آهن؟

نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : ها

ضمام بن ثعلبہ : توهان جيڪو ڪجهہ فرمايو مون ان تي ايمان آندو ۽ آءُ ضمام بن ثعلبہ آهيان. منهنجي قوم مون کي ان ڪري اوهان ڏانهن موڪليو آهي تہ مان اوهان جي دين کي چڱي طرح سمجهي پنهنجي قوم بني سعد بن بڪر تائين اسلام جو پيغام پهچايان.

حضرت ضمام بن ثعلبہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ مسلمان ٿي پنهنجي وطن پهتا ۽ سڄي قوم کي جمع ڪري سڀ کان پهريان پنهنجي قوم جي سيني بتن يعني "لات و عزيٰ" ۽ "منات و هبل" کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳا ۽ خوب خوب انهن جي توهين ڪرڻ لڳا. انهن جي قوم جو پنهنجن بتن جي توهين ٻڌي تہ سڀ يڪدم ڇرڪي اٿيا ۽ چوڻ لڳا اي ثعبلہ جا پٽ! تون ڇا ٿو چوين؟ چُپ ٿي وڃ نہ تہ اسان کي خوف آهي تہ اسان جا هي ديوتا توکي برص ۽ ڪوڙهہ ۽

جنون ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندا. پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ اهو ٻڌي ڏمرجي ويا ۽ ڪاوڙ منجهان فرمايو اي بي عقل انسانو! هي پٿر جا بت ڀلا اسان کي ڪهڙو نفعو ۽ نقصان پهچائيندا؟ ٻڌو! الله تعالىٰ جيڪو هر نفعي ۽ نقصان جو مالڪ آهي ان پنهنجو هڪ رسول موڪليو آهي ۽ هڪ ڪتاب نازل فرمايو آهي تہ جيئن توهان انسانن کي هن گمراهيءَ ۽ جهالت کان نجات عطا فرمائي. مان شاهدي ٿو ڏيان تہ الله تعالي کان سواءِ ڪو بہ معبود نہ آهي ۽ حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله تعالي جا رسول آهن. مان الله پاڪ جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاه ۾ حاضر ٿي اسلام جو پيغام توهان ماڻهن وٽ ڪٽي آيو آهيان. پوءِ انهن اعمالِ اسلام يعني نماز، روزو، حج ۽ زڪوٰت کي انهن ماڻهن جي سامهون پيش ڪيو ۽ اسلام جي حقانيت تي اهڙي پرجوش ۽ اثرائتي تقرير ڪئي جو هڪ رات ۾ ئي قبيلي جا سيئي مرد ۽ عورتون مسلمان ٿي ويا ۽ انهن ماڻهن پنهنجن بتن کي پيجي پورا پورا ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي قبيلي ۾ هڪ مسجد ٺاهي ورتي ۽ نماز، روزي، حج ۽ زڪوٰت جا پابند ٿي ڪري صادق الايمان مسلمان بڻجي ويا.[1] (مدارج النبوة ج 2 ص 364)

## وفد بَلِيّ

هي ماڻهو جڏهن مديني منوره پهتا تہ حضرت ابو رويفع رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جيڪي پهريان ئي مسلمان ٿي خدمت اقدس ۾ موجود هئا انهن هن وفد جو تعارف ڪرائيندي عرض ڪيو تہ يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) هي ماڻهو منهنجي قوم جا آهن. رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ آءُ توکي ۽ تنهنجي قوم کي

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب نهم، ج 2، ص 363 — 364 ملخصاً

”پليڪار“ چوان ٿو. پوءِ حضرت ابو رويفع رَضِیَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو ته يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي سڀ ماڻهو اسلام جو اقرار ڪن ٿا ۽ پنهنجي سڄي قوم جي مسلمان ٿيڻ جي ذميواري کڻن ٿا. رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته الله تعالىٰ جنهن سان پلائي جو ارادو فرمائيندو آهي ان کي اسلام جي هدايت عطا فرمائيندو آهي.

هن وفد ۾ هڪ تمام پوڙهو شخص به هو جنهن جو نالو ”ابو الضيف“ هو ان سوال ڪيو ته يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) آءُ هڪ اهڙو ماڻهو آهيان جو مونکي مهمانن جي مهمان نوازي جو تمام گهڻو شوق آهي ته ڇا مون کي ان مهمان نوازي جو به ڪجهه ثواب ملندو؟ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته مسلمان ٿيڻ کانپوءِ جنهن به مهمان جي مهمان نوازي ڪندين چاهي اهو امير هجي يا فقير تون ثواب جو حقدار ٿيندين. پوءِ ابو الضيف رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پڇيو ته يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مهمان گهڻا ڏينهن مهمان نوازي جو حقدار آهي؟ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته ٽي ڏينهن، ان کانپوءِ جيڪو هو ڪائيندو اهو صدقو هوندو.[1] (مدارج النبوة ج 2 ص 364)

## وفد تُجيب

هي تيرهن ماڻهن جو هڪ وفد هو جيڪو پنهنجي مال ۽ جانورن جي زڪوٰت کڻي بارگاهِ اقدس ۾ حاضر ٿيو هو. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مرحبا ۽ خوش آمديد چئي انهن جو استقبال فرمايو ۽ هي ارشاد فرمايو ته توهان پنهنجي هن مال ۽ زڪوٰة کي

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب نهم، ج 2، ص 364

پنهنجي وطن ڏانهن ڪٽي وڃو ۽ اتي جي فقيرن ۽ مسڪينن کي هي سڄو مال ڏئي ڇڏيو. انهن ماڻهن عرض ڪيو ته يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اسان پنهنجي وطن جي فقيرن ۽ مسڪينن کي ايتري قدر مال ڏئي چڪا آهيون جو هي مال انهن جي ضرورت کان وڌيڪ اسان وٽ بچي رهيو آهي. اهو ٻڌي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن ماڻهن جي ان زڪوٰت کي قبول فرمائي ورتو ۽ انهن تي تمام گهڻو ڪرم فرمائيندي انهن خوشنصيبن جي خوب مهمان نوازي فرمائي ۽ موڪلائڻ وقت انهن کي انعام ۽ اڪرام سان نوازيو. پوءِ پڇيائون ته ڇا توهان جي قوم ۾ ڪو اهڙو شخص باقي بچيو آهي جنهن منهنجو ديدار نه ڪيو هجي؟ انهن ماڻهن چيو جي ها. هڪ نوجوان کي اسان پنهنجي وطن ۾ ڇڏي آيا آهيون جيڪو اسان جي گهرن جي حفاظت ڪري رهيو آهي. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو توهان ان نوجوان کي مون ڏانهن موڪليو. انهن ماڻهن پنهنجي وطن پهچي ان نوجوان کي مديني پاڪ ڏانهن روانو ڪري ڇڏيو. جڏهن اهو نوجوان بارگاهِ عالي ۾ حاضر ٿيو ته هيءَ گذارش ڪيائين ته يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اوهان منهنجي قوم جي حاجتن کي ته پورو ڪري انهن کي وطن موڪلي ڇڏيو هاڻي مان به هڪ حاجت ڪٽي ڪري رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيو آهيان ۽ اميدوار آهيان ته اوهان منهنجي حاجت به پوري فرمائي ڇڏيندا. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پڇيو تنهنجي ڪهڙي حاجت آهي؟ ان چيو ته يا رسول الله (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) مان پنهنجي گهر کان هي مقصد ڪٽي حاضر نه ٿيو آهيان ته اوهان مون کي ڪجهه مال عطا فرمايو پر منهنجي فقط هڪ حاجت ۽ دلي خواهش آهي جنهن کي دل ۾ سانڍي حضور

اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيو آهيان تہ الله تعالىٰ مون کي بخشي ڇڏي ۽ مون تي پنهنجو رحم ۽ ڪرم فرمائي ۽ منهنجي دل ۾ بي نيازي ۽ استغناء جي دولت پيدا فرمائي ڇڏي. نوجوان جي اهڙي دلي مراد ۽ خواهش ٻڌي محبوبِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام گهڻو خوش ٿيا ۽ ان جي حق ۾ هنن لفظن سان دعا فرمايائون تہ:

اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لَهٗ وَارْحَمْهُ وَاجْعَلْ غِنَاهُ فِيْ قَلْبِهٖ

اي الله پاڪ! هن کي بخشي ڇڏ ۽ هن تي رحم فرماءِ ۽ هن جي دل ۾ بي نيازي وجهي ڇڏ.

پوءِ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان نوجوان کي ان قوم جو امير مقرر فرمائي ڇڏيو ۽ اهوئي نوجوان پنهنجي قبيلي جي مسجد جو امام ٿي ويو.[1] (مدارج النبوة ج 2 ص 364)

## وفد مزينہ

هن وفد جا سربراه حضرت نعمان بن مقرن رَضِيَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا تہ اسان جي قبيلي جا چار سو ماڻهو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمتِ اقدس ۾ حاضر ٿيا ۽ جڏهن اسان ماڻهو پنهنجي گهرن ڏانهن واپس وڃڻ لڳاسين تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو اي عمر! رَضِيَ اللهُ عَنْهُ تون هنن ماڻهن کي ڪجهہ تحفو عنايت ڪر. ارشادِ نبوي ٻڌي حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي گهر ۾ تمام ٿورڙيون ڪارڪون آهن

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب نهم، ج 2، ص 364

هي ماڻهو شايد ايتري گهڻ تحفي سان خوش نہ ٿيندا. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وري اهوئي ارشاد فرمايو تہ اي عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وڃ هنن ماڻهن کي ضرور ڪجهہ تحفو عطا ڪر. حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ انهن چار سو ماڻهن کي ساڻ ڪري گهر پهتا تہ هي ڏسي حيران ٿي ويا تہ گهر ۾ ڪارڪن جو هڪ تمام وڏو ٿوڪرو پيو آهي پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وفد وارن کي فرمايو تہ توهان جيڪي ۽ جيتريون چاهيو هن ٿوڪري مان کڻي وٺو. انهن ماڻهن پنهنجي ضرورت ۽ مرضيءَ مطابق ان مان ڪارڪون کڻي ورتيون. حضرت نعمان بن مقرن رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ سيني کان آخر ۾ جڏهن مان کڻڻ لاءِ گهر ۾ داخل ٿيس تہ مونکي ائين لڳو جڻ انهن مان هڪ ڪارڪ بہ گهڻ نہ ٿي آهي.[1]

هي اُهي ئي نعمان بن مقرن رَضِيَ اللهُ عَنْهُ آهن جيڪي مڪي جي فتح جي ڏينهن قبيلہ مزينہ جا علمبردار هئا هي پنهنجن ستن ڀائرن سان گڏ هجرت ڪري مديني آيا هئا. حضرت عبد الله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائيندا هئا تہ ڪجهہ گهر تہ ايمان جا آهن ۽ ڪجهہ گهر نفاق جا آهن ۽ آلِ مقرن جو گهر ايمان جو گهر آهي.[2]

(مدارج النبوة ج 2 ص 367)

## وفد دوس

هن وفد جا قائد حضرت طفيل بن عمرو دوسي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هئا هي هجرت کان پهريان ئي اسلام قبول ڪري چڪا هئا. هنن جي اسلام آڻڻ جو واقعو ڏاڍو عجيب آهي هي هڪ بيحد هوشمند ۽

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب الوفد الثاني عشر، وفد مزينة، ج 5، ص 178، 179

[2] مدارج النبوت، قسم سوم، باب نهم، ج 2، ص 367

شعلہ بيان شاعر هئا. هي ڪنهن ضروري ڪم سان مڪي آيا تہ قريشي ڪافرن ڪين چيو تہ خبردار تون محمّد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن سان نہ ملجانءِ ۽ هرگز انهن جي ڳالهہ نہ ٻڌجانءِ سندن ڪلام ۾ اهڙو جادو آهي جو جيڪو ٻڌي ٿو اهو پنهنجو دين ۽ مذهب ڇڏي ڏئي ٿو ۽ مائٽن عزيزن کان ڪٽجي وڃي ٿو. هي مڪي جي ڪافرن جي فريب ۾ اچي ويا ۽ پنهنجن ڪنن ۾ ڪپهہ وجهي ڇڏي تہ متان قرآن جو آواز سندن ڪنن ۾ نہ پئجي وڃي. پر هڪ ڏينهن هي صبح جو حرمِ ڪعبہ ۾ ويا تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فجر جي نماز ۾ قراءت فرمائي رهيا هئا يڪدم قرآن جو آواز جو سندن ڪن تي پيو تہ هي قرآن جي فصاحت ۽ بلاغت تي حيران رهجي ويا ۽ ڪتابِ الٰهي جي عظمت ۽ ان جي رباني تاثير انهن جي دل کي موهي وڌو. جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪاشانءِ نبوت ڏانهن هليا تہ هي بيتابي سان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پڻيان هلڻ لڳا ۽ گهر ۾ اچي سندن سامهون ادب سان ويهي رهيا ۽ پنهنجو ۽ قريشن جي بدگمانين جو سڄو حال ٻڌائي عرض ڪيو تہ خدا جو قسم! مان اڄ تائين قرآن کان وڌيڪ ڪو بہ فصيح ۽ بليغ ڪلام نہ ٻڌو آهي. خدا لِلّٰه! مون کي ٻڌايو تہ اسلام ڇا آهي؟ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اسلام جا ڪجهہ احڪام ان جي سامهون بيان فرمائي ڪين اسلام جي دعوت ڏني تہ هو فورًا ئي ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويا.

پوءِ انهن درخواست ڪئي تہ يا رسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي ڪا اهڙي علامت ۽ ڪرامت عطا فرمايو جنهن کي ڏسي ماڻهو منهنجي ڳالهين جي تصديق ڪن تہ جيئن آءُ هتان وڃي پنهنجي قوم ۾ اسلام جي تبليغ ڪريان. رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جن دعا فرمائي تہ الهٰي! تون هن کي هڪ خاص قسم جو نور عطا فرماءِ. جئين تہ انهيءَ دعاءِ نبوي جي سبب انهن کي هيءَ ڪرامت عطا ٿي جو انهن جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ ڏيئي وانگر هڪ نور چمڪڻ لڳو پر انهن هيءَ خواهش ظاهر ڪئي تہ اهو نور منهنجي مٿي ۾ منتقل ٿي وڃي تنهنڪري انهن جو مٿو ڏيئي وانگر چمڪڻ لڳو. جڏهن هي پنهنجي قبيلي ۾ پهتا ۽ اسلام جي دعوت ڏيڻ لڳا تہ هنن جي ماءُ پيءُ ۽ زال تہ اسلام قبول ڪري ورتو پر سندن قوم مسلمان نہ ٿي بلڪ اسلام جي مخالفت تي سندرو ٻڌي بيني. هي پنهنجي قوم جي اسلام آڻڻ کان مايوس ٿي ٻيهر حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ هليا آيا ۽ پنهنجي قوم جي سرڪشي جو سمورو حال بيان ڪيو تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ تون وري پنهنجي قوم ۾ هليو وڃ ۽ نرمي سان انهن کي خدا پاڪ جي طرف سڏيندو رهہ. تنهنڪري هي واپس پنهنجي قوم ۾ اچي ويا ۽ لڳاتار اسلام جي دعوت ڏيندا رهيا ايسيتائين جو ستر يا اسي گهراڻن ۾ اسلام جي روشني ڦهلجي وئي ۽ هي انهن سيني ماڻهن کي ساڻ ڪري خيبر ۾ ٻنهي جهانن جي سردار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي ويا ۽ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خوش ٿي خيبر جي مالِ غنيمت مان انهن سيني ماڻهن کي حصو عطا فرمايو.[1] (مدارج النبوة ج 2 ص 370)

## وفد بني عبس

قبيلي بني عبس جي وفد دربارِ اقدس ۾ جڏهن حاضري ڏني

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب الوفد الثالث عشر، وفد دوس، ج 5، ص 180- 185

تہ هي عرض ڪيو تہ يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اسان جي مبلغن اسان کي خبر ڏني آهي تہ جيڪو هجرت نہ ڪري ان جو اسلام قبول ئي نہ آهي تہ يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جيڪڏهن اوهان حڪم ڪيو تہ اسان پنهنجو سڄو مال متاع ۽ جانور وڪڻي هجرت ڪري مديني هليا اچون. اهو ٻڌي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ توهان جي لاءِ هجرت ضروري نہ آهي. ها! هي ضروري آهي تہ توهان جتي بہ رهو خدا پاڪ کان ڊڄندا رهو ۽ زهد ۽ تقويٰ واري زندگي گذاريندا رهو.[1] (مدارج النبوة ج 2 ص 370)

## وفد دارم

هي وفد ڏهن ماڻهن جو هڪ ٽولو هو جنهن جو تعلق قبيلي "لخم" سان هو ۽ انهن جي سربراه ۽ پيشوا جو نالو "هاني بن حبيب" هو. هي ماڻهو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي لاءِ ڪجهہ گهوڙا، هڪ ريشمي جبو ۽ هڪ گلي شراب تحفي طور پنهنجي وطن مان کڻي آيا. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن گهوڙن ۽ جبي جا تحفا تہ قبول فرمائي ورتا پر شراب هي چئي نڪرائي ڇڏيو تہ الله تعالىٰ شراب کي حرام فرمائي ڇڏيو آهي. هاني بن حبيب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو تہ يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جيڪڏهن اجازت هجي تہ آءُ هن شراب کي وڪڻي ڇڏيان. رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو جنهن خدا پاڪ شراب جي پيئڻ کي حرام فرمايو آهي ان هن جي خريد ۽ فروخت کي بہ حرام قرار ڏنو آهي. تنهنڪري تون شراب جي ان کليءَ کي ڪڻي ڪٽي زمين تي هاري ڇڏ.

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني باب الوفد الحادي و الثلاثون وفد بني عبس، ج 5 ص 224

ريشمي جبو رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي چاچي حضرت عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي عطا فرمايو تہ انهن عرض ڪيو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آءُ هن کي وٺي ڇا ڪندس؟ جڏهن تہ مردن جي لاءِ ان جو پائڻ ئي حرام آهي. حضُور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ان ۾ جيترو سون آهي اوهان ان کي ان مان جدا ڪري وٺو ۽ پنهنجين گهر وارين لاءِ زيور ٺهرائي وٺو ۽ ريشمي ڪپڙي کي وڪڻي ان جي قيمت کي پنهنجي استعمال ۾ آڻيو. پوءِ حضرت عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ان جبي کي اٺ هزار درهمن ۾ وڪرو ڪيو. هي وفد بہ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي نهايت خوش دلي سان مسلمان ٿي ويو.[1] (مدارج النبوة ج 2 ص 365)

## وفد غامد

هي ڏهن ماڻهن جي هڪ جماعت هئي جيڪي سن 10 ھ ۾ مديني آيا ۽ پنهنجي منزل تي سامان جي حفاظت لاءِ هڪ جوان چوڪري کي ڇڏي آيا. هو سمهي پيو ايتري ۾ هڪ چور آيو ۽ هڪ ٿيلهو چورائي ڀڳو. هي ماڻهو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمتِ اقدس ۾ حاضر هئا تہ اوچتو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ توهان جو هڪ ٿيلهو چور کڻي ويو پر توهان جي جوان ان کي حاصل ڪري ورتو جڏهن هي ماڻهو بارگاهِ اقدس مان اٿي پنهنجي گهر پهتا تہ انهن جي جوان ٻڌايو تہ مان ستو پيو هيس تہ هڪ چور ٿيلهو کڻي ڀڳو پر مان جيئن جاڳيس تہ ان جي ڳولا ۾ نڪري پيس تہ هڪ شخص کي ڏٺم، هو مون کي ڏسندي ئي ڀڄي ويو مون ڏٺو اتان جي زمين کوٽيل آهي جڏهن مون مٿي پري ڪري

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب نهم، ج 2، ص 365 ملخصاً

ڏنو تہ ٿيلهو اتي دفن هو مان اهو ڪڍي ڪٽي آيس. اهو ٻڌي سيني چيو تہ بيشڪ هي رسولِ برحق آهن ۽ اسان کي انڪري هن واقعي جي خبر ڏنائون جيئن اسان انهن جي تصديق ڪريون. انهن سيني ماڻهن اسلام قبول ڪري ورتو ۽ ان جوان بہ دربارِ رسول ۾ حاضر ٿي ڪلمو پڙهيو ۽ اسلام جي دامن ۾ اچي ويو. حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت اُبي بن ڪعب رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کي حڪم ڏنو تہ جيترا ڏينهن هنن ماڻهن جو مديني ۾ قيام رهي تون هنن کي قرآن پڙهڻ سيکاري ڇڏ.[1] (مدارج النبوة، ج 2، ص 374)

## وفد نجران

هي نجران جي نصرانين جو وفد هو. هن ۾ ست سوار هئا. چوويهہ انهن جا شرفاء ۽ معززين هئا ۽ ٽي شخص ان درجي جا هئا جو انهن جي هٿن ۾ نجران جي نصرانين جو مذهبي ۽ قومي نظام هو. هڪ عاقب جنهنجو نالو ”عبد المسيح“ هو ٻيو شخص سيد جنهنجو نالو ”ايهم“ هو ٽيون شخص ”ابو حارثہ بن علقمہ“ هو. انهن ماڻهن رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ڪيترائي سوال ڪيا ۽ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جا جواب ڏنا ايسيتائين جو حضرت عيسىٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي معاملي جي ڳالهہ ڇڙي وئي. انهن ماڻهن هي مجڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو تہ حضرت عيسىٰ عَلَيْهِ السَّلَام ڪنواري مريم جي شڪم (مبارڪ پيٽ) مان بغير پيءُ جي پيدا ٿيا ان موقعي تي هيءَ آيت نازل ٿي جنهن کي ”آيتِ مباهلہ“ چون ٿا:

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب الوفد الثاني و الثلاثون، وفد غامد، ج 5، ص 225

اِنَّ مَثَلَ عِيْسٰى عِنْدَ اللّٰهِ كَمَثَلِ اٰدَمَ ؕ خَلَقَهٗ مِنْ تُرَابٍ ثُمَّ قَالَ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ۝ اَلْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُنْ مِّنَ الْمُمْتَرِيْنَ ۝ فَمَنْ حَآجَّكَ فِيْهِ مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَكَ مِنَ الْعِلْمِ فَقُلْ تَعَالَوْا نَدْعُ اَبْنَآءَنَا وَاَبْنَآءَكُمْ وَ نِسَآءَنَا وَ نِسَآءَكُمْ وَاَنْفُسَنَا وَاَنْفُسَكُمْ ۫ ثُمَّ نَبْتَهِلْ فَنَجْعَلْ لَّعْنَتَ اللّٰهِ عَلَى الْكٰذِبِيْنَ ۝[1] (آل عمران)

ترجمو كنز الايمان: بيشڪ حضرت عيسيٰ (عَلَيْهِ السَّلَام) جو مثال الله وٽ آدم (عَلَيْهِ السَّلَام) وانگر آهي جنهن کي مٽي مان بڻايائين پوءِ ان کي فرمايائين ٿي پوءِ فوراً ٿي وڃي ٿو (اي ٻڌندڙ) هي تنهنجي رب جي طرفان حق آهي تون شڪ وارن مان نه ٿيءُ پوءِ (اي محبوب) جيڪو توسان عيسيٰ جي باري ۾ دليل بازي ڪري هن کان بعد جو توکي علم اچي ويو ته ان کي فرمايو اچو اسان سڏيون پنهنجا پٽ ۽ توهان جا پٽ ۽ پنهنجون عورتون ۽ توهان جون عورتون ۽ پنهنجا ساهه ۽ توهان جا ساهه پوءِ اسان روئي دعا گهرون ۽ ڪوڙن تي الله جي لعنت وجهون.

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن انهن کي هن مباهلي جي دعوت ڏني ته انهن نصرانين هڪ رات جي مهلت گهري. صبح جو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت حسن، حضرت حسين، حضرت علي، حضرت بيبي فاطمه رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي ساڻ وٺي مباهلي جي لاءِ ڪاشانۂ نبوت مان نڪري پيا. پر نجران جي نصرانين مباهلو ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ جزيو ڏيڻ جو اقرار ڪري حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان صلح ڪري ورتي.[2] (تفسير جلالين وغيره)

---

[1] پ 3، سورة آل عمران، آيت: 59 - 61

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب الوفد الرابع عشر ...الخ، ج 5، ص 186- 190 ملتقطاً

## باب پندرهون

# هجرت جو ڏهون سال سن 10 هـ

## حجتہ الوداع

هن سال جي سيني واقعن مان سڀ کان وڌيڪ شاندار ۽ اهم ترين واقعو ”حجة الوداع“ آهي. هي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو آخري حج هو ۽ هجرت کانپوءِ هي ئي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو پهريون حجّ هو ذوالقعده سن 10 هجري ۾ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حج لاءِ روانگي جو اعلان فرمايو، اها خبر بجلي وانگر سڄي عرب ۾ پکڙجي وئي ۽ سمورو عرب گڏ هلڻ جو شرف حاصل ڪرڻ لاءِ سنبري پيو.

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ذيقعده جي آخري ڏينهن ۾ خميس جي ڏينهن مديني ۾ غسل فرمائي تهبند (گوڏِ) ۽ چادر پائي ظهر جي نماز مسجدِ نبوي ۾ ادا فرمائي مدينہ منوره کان روانا ٿيا ۽ پنهنجي سيني ازواجِ مطهرات رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ کي بہ گڏ هلڻ لاءِ حڪم ڏنو. مدينہ منوره کان ڇهہ ميل پري اهلِ مدينہ جي ميقات ”ذو الحليفہ“ ۾ پهچي سڄي رات قيام فرمايائون پوءِ احرام جي لاءِ غسل فرمايائون ۽ حضرت بيبي عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا پنهنجن هٿن مبارڪن سان جسمِ اطهر تي خوشبو لڳائي، پوءِ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ رڪعتون نماز ادا فرمائي ۽ پنهنجي ڏاچي ”قصواء“ تي سوار ٿي احرام ٻڌائون ۽ بلند آواز سان ”لبيڪ“ پڙهيو ۽ روانا ٿي ويا. حضرت جابر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ مون نظر ڪٽي ڏنو تہ اڳيان پويان، ساڄي کاٻي حدِ نگاهہ تائين رڳو

ماڻهو ئي ماڻهو هئا. بيهقي جي روايت آهي ته هڪ لک چوڏهن هزار ۽ ٻين روايتن ۾ آهي ته هڪ لک چوويهه هزار مسلمان حجة الوداع ۾ سندن سان گڏ هئا.[1] (زرقاني ج 3، ص 106 و مدارج جلد 2، ص 387)

چوٿين ذوالحجه تي رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مڪي ۾ داخل ٿيا، سندن خاندان بني هاشم جي ڇوڪرن تشريف آوريءَ جي خبر ٻڌي ته خوشيءَ وچان ڊوڙون پائيندا آيا ۽ پاڻ نهايت محبت ۽ پيار سان ڪنهن کي اڳيان ته ڪنهن کي پٺيان پنهنجي ڏاڇيءَ تي ويهاريو.[2] (نسائي باب استقبال الحاج جلد 2، ص 26، مطبوعه رحيميه)

فجر جي نماز حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مقامِ "ذي طويٰ" ۾ ادا فرمائي ۽ غسل فرمايائون پوءِ مڪه مڪرمه ۾ داخل ٿيا ۽ چاشت جي وقت يعني جڏهن سج بلند ٿي چڪو هو ته مسجد حرام ۾ داخل ٿيا. جڏهن ڪعبه معظمه تي نگاهه پئي ته حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هيءَ دعا پڙهي،

اَللّٰهُمَّ اَنْتَ السَّلَامُ وَمِنْكَ السَّلَامُ حَيِّنَا رَبَّنَا بِالسَّلَامِ اَللّٰهُمَّ زِدْ هٰذَا الْبَيْتَ تَشْرِيْفًا وَّتَعْظِيْمًا وَّتَكْرِيْمًا وَّمَهَابَةً وَّزِدْ مَنْ حَجَّهٗ وَاعْتَمَرَهٗ تَكْرِيْمًا وَّتَشْرِيْفًا وَّتَعْظِيْمًا

اي الله! پاڪ تون سلامتي ڏيڻ وارو آهين ۽ تنهنجي طرفان سلامتي آهي. اي ربّ پاڪ اسان کي سلامتيءَ سان زنده رک.

---

[1] المواهب اللدنية وشرح الزرقاني، النوع السادس في ذكر حجه و عمره، ج 11، ص 329 — 331 و حجة الوداع، ج 4، ص 146

[2] سنن النسائي، كتاب مناسك الحج، باب استقبال الحج، الحديث: 2891، ص 471 و مدارج النبوت قسم سوم، باب دهم، ج 2، ص 387

اي الله پاڪ هن گهر جي عظمت، شرف، عزت ۽ هيبت کي وڌاءِ ۽ جيڪو هن گهر جو حج ۽ عمرو ڪري تہ ان جي بزرگي شرف ۽ عظمت کي بلند ڪر.

جڏهن حجرِ اسود جي اڳيان رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تشريف کڻي ويا تہ حجرِ اسود تي هٿ رکي ان کي چميائون پوءِ خانهءِ ڪعبہ جو طواف ڪيائون، پهرين ٽن چڪرن ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن "رمل" ڪيو ۽ باقي چئن چڪرن ۾ معمولي چال سان هليا هر چڪر ۾ جڏهن حجرِ اسود جي سامهون پهچندا هئا تہ حجرِ اسود جي طرف پنهنجي لٺ مبارڪ سان اشارو ڪري لٺ کي چمندا هئا. حجرِ اسود جو استلام ڪڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن لٺ سان ڪيو، ڪڏهن هٿ لڳائي هٿ کي چميائون ۽ ڪڏهن مبارڪ چپن سان حجرِ اسود کي چميائون ۽ هي بہ ثابت آهي تہ ڪڏهن رُڪنِ يماني جو بہ پاڻ استلام ڪيائون.[1] (نسائي جلد 2، ص 30 — 31)

جڏهن طواف کان فارغ ٿيا تہ مقامِ ابراهيم وٽ تشريف کڻي آيا ۽ اتي بہ رڪعتون نماز ادا ڪئي نماز کان فارغ ٿي ٻيهر حجرِ اسود جو استلام فرمايائون ۽ سامهون واري دروازي کان صفا ڏانهن روانا ٿيا ويجهو پهتا تہ هيءَ آيت تلاوت فرمايائون:

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني النوع السادس في ذكر حجه وعمره صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، ج 11 ص، 375، 377 — 379 ملتقطاً و مدارج النبوت، قسم سوم، باب دهم، ج 2، ص 389، ملتقطاً

اِنَّ الصَّفَا وَالْمَرْوَةَ مِنْ شَعَآىِٕرِ اللّٰهِ[1]

ترجمو ڪنز الايمان: بيشڪ صفا ۽ مروه الله جي دين جي نشانين مان آهن.

پوءِ صفا ۽ مروه جي سعي فرمايائون جيئن تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ قرباني جا جانور بہ هئا تنهنڪري عمرو ادا ڪرڻ کان پوءِ پاڻ احرام نہ لاٿائون.

اٺين ذوالحج خميس جي ڏينهن حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن منيٰ تشريف کڻي ويا ۽ پنج نمازون، ظهر، عصر، مغرب عشاء ۽ فجر منيٰ ۾ ادا ڪري نائين ذوالحج جمعي جي ڏينهن پاڻ عرفات تشريف کڻي ويا.

زمانۂ جاهليت ۾ جيئن تہ قريش پنهنجو پاڻ کي سڄي عرب کان افضل ۽ اعليٰ سمجهندا هئا تنهنڪري اهي عرفات جي بجاءِ "مزدلفہ" ۾ قيام ڪندا هئا ۽ ٻيا تمام عرب عرفات ۾ ترسندا هئا پر اسلامي مساوات قريشن جي لاءِ ان خصوصيت کي پسند نہ ڪيو ۽ الله پاڪ هي حڪم ڏنو تہ:

ثُمَّ اَفِيْضُوْا مِنْ حَيْثُ اَفَاضَ النَّاسُ[2]

ترجمو ڪنز الايمان: (اي قريش) توهان بہ اتان (عرفات) کان موٽو جتان کان سڀ ماڻهو موٽندا آهن

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن عرفات پهچي هڪ ڪمبل جي خيمي ۾ قيام فرمايو. جڏهن سج لهي ويو تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ

---

[1] پ 2، البقرة 158

[2] پ 2، البقرة 199

عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي ڏاچي "قصوا" تي چڙهي خطبو ارشاد فرمايو. انهيءَ خطبي ۾ پاڻ ڪيترن ئي ضروري اسلامي احڪامن جو اعلان فرمايو ۽ جاهليت جي دور جي سيني براين ۽ بيهوده رسمن کي مٽائيندي اعلان فرمايائون تہ اَلَا كُلُّ شَيْءٍ مِّنْ اَمْرِ الْجَاهِلِيَّةِ تَحْتَ قَدَمَيَّ مَوْضُوْعٌ ٻڌي ڇڏيو! جاهليت جا مِڙئي قانون منهنجي ٻنهي پيرن جي هيٺيان آهن.[1] (ابو داود ج 1 ص 263 و مسلم ج ا ص 397 باب حجة النبي)

اهڙي طرح جاهليت جي زماني جي خانداني فخر، رنگ ۽ نسل جي برتري ۽ قوميت جي اعليٰ ۽ ادنيٰ جاهليت جي تصورن جي مذمت ڪندي مساواتِ اسلام جو عَلَم بلند فرمائيندي تاجدارِ دو عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي هن تاريخي خطبي ۾ ارشاد فرمايو تہ

يَا اَيُّهَا النَّاسُ اَلَا اِنَّ رَبَّكُمْ وَاحِدٌ وَاِنَّ اَبَاكُمْ وَاحِدٌ اَلَا لَا فَضْلَ لِعَرَبِيٍّ عَلٰى أَعْجَمِيٍّ وَلَا لِعَجَمِيٍّ عَلٰى عَرَبِيٍّ وَلَا لِاَحْمَرَ عَلٰى اَسْوَدَ وَلَا لِاَسْوَدَ عَلٰى اَحْمَرَ اِلَّا بِالتَّقْوٰى.[2] (مسندِ امام احمد)

"اي انسانو! بيشڪ توهان جو رب هڪ آهي ۽ بيشڪ توهان جو پيءُ آدم (عَلَيْهِ السَّلَام) هڪ آهي. ٻڌي ڇڏيو ڪنهن عربي کي ڪنهن عجمي تي ۽ ڪنهن عجمي کي ڪنهن عربي تي ڪنهن

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، النوع السادس في ذكر حج و عمره، ج 11 ص، 384، 393 - 395، 397 ملتقطاً و صحيح مسلم، كتاب الحج، باب حجة النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الحديث 1218، ص 634

[2] المسند للامام احمد بن حنبل، حديث رجل من اصحاب النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الحديث 23548، ج 9، ص 127

اڇي کي ڪنهن ڪاري تي ۽ ڪنهن ڪاري کي ڪنهن اڇي تي ڪا بہ فضيلت ڪانهي پر تقويٰ جي سبب ڪان.“

اهڙي طرح سموري دنيا ۾ امن ۽ امان برقرار رکڻ جي لاءِ امن ۽ امان جي شهنشاهہ تاجدارِ دو عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هي خدائي فرمان جاري فرمايو تہ:

فَاِنَّ دِمَائَكُمْ وَاَمْوَالَكُمْ عَلَيْكُمْ حَرَامٌ كَحُرْمَةِ يَوْمِكُمْ هٰذَا فِيْ شَهْرِكُمْ هٰذَا فِيْ بَلَدِكُمْ هٰذَا اِلٰى يَوْمٍ تَلْقَوْنَ رَبَّكُمْ [1]

توهان جو خون ۽ توهان جو مال توهان تي قيامت تائين اهڙي طرح حرام آهي جيئن توهان جو هي ڏينهن توهان جو هي مهينو ۽ توهان جو هي شهر محترم آهي. (بخاري و مسلم و ابو داؤد)

پنهنجو خطبو ختم فرمائيندي رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ وَاَنْتُمْ مَسْئُوْلُوْنَ عَنِّيْ فَمَا اَنْتُمْ قَائِلُوْنَ توهان کان خدا تعاليٰ جي دربار ۾ منهنجي باري ۾ پڇا ڪئي ويندي تہ توهان ڪهڙو جواب ڏيندؤ؟

تمام سامعين عرض ڪيو تہ اسان خدا تعاليٰ کي چونداسين تہ توهان خدا جو پيغام پهچائي ڇڏيو ۽ رسالت جو حَق ادا ڪري ڇڏيو اهو ٻڌي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن آسمان ڏانهن آڱر کنئي ۽ ٽي دفعا فرمايائون ”اَللّٰهُمَّ اشْهَدْ“ اي الله! تون شاهد رهجان.[2]

(ابو داؤد ج 1، ص 263، باب صفة حج النبي)

---

[1] صحيح البخاري، كتاب الحج، باب الخطبة ايامِ منيٰ، الحديث 1741، ج 1، ص 577، ملتقطاً

[2] سنن ابي داود، كتاب المناسك، باب صفة حجة النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الحديث 1905، ج 2، ص 269، ملتقطاً

عين انهيءَ حالت ۾ جڏهن خطبي ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجو فرضِ رسالت ادا فرمائي رهيا هئا تہ هيءَ آيت نازل ٿي:

اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَاَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ وَرَضِيْتُ لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِيْنًا[1]

ترجمو ڪنز الايمان: اڄ مون توهان جي لاءِ توهان جو دين ڪامل ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي نعمت پوري ڪئي ۽ توهان جي لاءِ دينِ اسلام کي پسند ڪري ڇڏيو

## شهنشاهِ ڪونين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو تخت شاهي

هي حيرت انگيز ۽ عبرت خيز واقعو بہ ياد رکڻ جي قابل آهي تہ جنهن وقت شهنشاهہ ڪونين خدا پاڪ جي نائبِ اڪرم ۽ خليفهءِ اعظم هئڻ جي حيثيت سان فرمانِ رباني جو اعلان فرمائي رهيا هئا تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو تختِ شاهي يعني ڏاچي جو ڪجائو ڪو وڏو شاندار نہ هو،

ڇا دنيا جي تاريخ ۾ ڪنهن ٻئي بادشاهہ بہ اهڙي سادگي جو نمونو پيش ڪيو آهي؟ ان جو جواب هي ۽ فقط هي ئي آهي تہ ”نہ“.

هيءَ اُها زاهدانہ شهنشاهي هئي جيڪا صرف شهنشاهِ دو عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي شهنشاهيت جو خاصو هئي.

خطبي کان پوءِ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ظهر ۽ عصر هڪ آذان ۽ ٻن اقامتن سان ادا فرمائي، پوءِ ”موقف“ ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ جبلِ رحمت جي هيٺان سج لهڻ تائين دعائن ۾

[1] پ 6 المائدة: 3، و مدارج النبوت، قسم سوم، باب دهم، ج 2، ص 394

مصروف رهيا. غروبِ آفتاب کان پوءِ عرفات مان هڪ لک کان وڌيڪ حاجين جي هجوم سان ”مزدلفہ“ پهتا. هتي پهريان مغرب ۽ پوءِ عشاء هڪ آذان ۽ ٻن اقامتن سان ادا فرمايائون. مشعرِ حرام وٽ سڄي رات امت جي لاءِ دعائون گهرندا رهيا ۽ سج اڀرڻ کان اڳ ۾ مزدلفہ کان مِنيٰ ڏانهن روانا ٿيا ۽ واديءِ محسر جي رستي کان منيٰ ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ”جمره“ وٽ تشريف فرما ٿيا ۽ پٿريون هنيون پوءِ پاڻ بلند آواز سان فرمايائون تہ:

لِتَاْخُذُوْا مَنَاسِكَكُمْ فَاِنِّيْ لَا اَدْرِيْ لَعَلِّيْ لَا اَحُجُّ بَعْدَ حَجَّتِيْ هٰذِهٖ[1]

حج جا مسئلا سکي ونو! مان نٿو ڄاڻان تہ شايد هن کان پوءِ آءُ ٻيو حج نہ ڪيان. (مسلم ج 1 ص 419 باب رمي جمرة العقبہ)

منيٰ ۾ بہ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ تمام ڊگهو خطبو ارشاد فرمايو جنهن ۾ عرفات جي خطبي وانگر ڪيترن ئي مسئلن ۽ حڪمن جو اعلان فرمايائون. پوءِ قربان گاهہ ۾ تشريف کڻي ويا. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ قرباني ۽ جا هڪ سؤ اٺ هئا ڪجهہ تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجن مبارڪ هٿن سان ذبح فرمايا ۽ باقي حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي ڏئي ڇڏيا. گوشت، جُهل، کل ۽ ناڪيلي وغيره سيني کي خيرات ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ فرمايائون تہ ڪاسائيءَ جي مزدوري بہ هن مان ادا نہ ڪئي وڃي بلڪ اها الڳ ڏني وڃي.[2]

---

[1] صحيح مسلم كتاب الحج، باب استحباب رمي الجمرة العقبة ... الخ، الحديث 1297، ص 675 و مدارج النبوت، قسم سوم، باب دهم، ج 2، ص 393، 395 — 396، ملتقطاً

[2] السيرة الحلبية، حجة الوداع، ج 3، ص 376 — 377 ملتقطاً

## وار مبارڪ

قرباني ڪانپوءِ حضرت معمر بن عبد الله رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ڪان رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مٿي مبارڪ جا وار لهرايا ۽ ڪجهه حصو حضرت ابو طلحه انصاري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي عطا فرمايائون ۽ باقي وارن کي مسلمانن ۾ تقسيم ڪري ڇڏڻ جو حڪم فرمايائون[1] (مسلم ج 1، ص 421، باب بيان ان السنة يوم النحر ..... الخ)

ان ڪانپوءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مڪي تشريف فرما ٿيا ۽ طوافِ زيارت فرمايائون.

## ساقي ڪوثر چاهِ زمزم تي

پوءِ "چاهِ زمزم" تي تشريف فرما ٿيا خاندانِ عبد اللمطلب جا ماڻهو حاجين کي زمزم پياري رهيا هئا. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو ته جيڪڏهن مونکي اهو خوف نه هجي ها ته مونکي ائين ڪندي ڏسي ٻيا ماڻهو به توهان جي هٿن مان ڏول ڦري خود پنهنجي هٿن سان پاڻي ڀري پيئڻ لڳندا ته آءُ پاڻ پنهنجن هٿن سان پاڻي ڀري پيئان ها. حضرت عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن زمزم پيش ڪيو ۽ حضُور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن قبلي طرف منهن ڪري زمزم شريف نوش فرمايو. پوءِ مني واپس تشريف ڪڍي ويا ۽ ٻارهين ذوالحج تائين مني ۾ ترسيا ۽ روزانو سج لڙڻ کان پوءِ (يعني ٻيپهري جي وقت) جمرن کي پٿريون هڻندا رهيا. تيرهين ذوالحج اڳاري جي ڏينهن رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سج

---

[1] صحيح مسلم، كتاب الحج، باب بيان ان السنة ..... الخ، الحديث: 1305، ص 678 و المواهب اللدنية مع شرح زرقاني، النوع السادس في ذكر حجه و عمره صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، ج 11، ص 437، 438 ملخصاً

لڙڻ کان پوءِ (يعني منجهند جو) منيٰ کان روانا ٿيا ۽ ”محصب“ ۾ سڄي رات قيام فرمايائون ۽ صبح جو نمازِ فجر ڪعبي شريف جي مسجد ۾ ادا فرمائي ۽ طوافِ وداع ڪري انصارن ۽ مهاجرن سان گڏ مديني منوره ڏانهن روانا ٿيا.[1]

## غدير خم جو خطبو

رستي ۾ مقام ”غدير خم“ تي جيڪو تلاءُ آهي اُتي سيني ساٿين کي جمع ڪري هڪ مختصر خطبو ارشاد فرمايائون جنهن جو ترجمو هي آهي:

حمد ۽ ثنا کان پوءِ: اي انسانو آءٌ به هڪ ماڻهو آهيان ممڪن آهي ته خدا پاڪ جو فرشتو (ملک الموت) جلدي اچي وڃي ۽ مون کي هن جو پيغام قبول ڪرڻو پوي مان توهان جي وچ ۾ به وزندار شيون ڇڏيو ٿو وڃان هڪ خدا پاڪ جو ڪتاب جنهن ۾ هدايت ۽ روشني آهي ۽ بي شيءِ منهنجا اهلبيت آهن. مان پنهنجي اهلبيت جي باري ۾ توهان کي خدا پاڪ جي ياد ڏياريان ٿو.[2] (مسلم ج 1 ص 279 باب من ”فضائل علي“)

هن خطبي ۾ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هي به ارشاد فرمايو ته:

مَنْ كُنْتُ مَوْلَاهُ فَعَلِيٌّ مَوْلَاهُ اَللّٰهُمَّ وَالِ مَنْ وَّالَاهُ وَعَادِ مَنْ عَادَاهُ[3]

(مشکوٰة ص 565، مناقب علي)

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، النوع السادس في ذكر حجه و عمره، ج 11، ص 460 — 466 ملتقطاً

[2] صحيح مسلم، كتاب الفضائل، باب من فضائل علي ابن ابي طالب، الحديث: 2408، ص 1312 ملتقطاً.

[3] مشكاة المصابيح، كتاب المناقب، باب مناقب علي بن ابي طالب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ الفصل الثالث، الحديث: 6103، ج 2، ص 430

”جنهن جو مان مولا آهيان ان جو علي به مولا آهي اي الله پاڪ جيڪو عليءَ سان محبت رکي ان سان تون به محبت رک ۽ جيڪو عليءَ سان دشمني رکي ان سان تون به عداوت رک.“

غدير خم جي خطبي ۾ حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن جي فضيلت ۽ مناقب بيان ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. ان جي ڪا به تصريح ڪتي به حديثن ۾ نٿي ملي ها البت بخاري جي هڪ روايت مان خبر پوي ٿي ته حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي مرضي سان ڪو اهڙو ڪم ڪري وڏو هو جنهن کي انهن جي يمن مان اچڻ وارن ساٿين پسند نه ڪيو ايتري تائين جو انهن مان هڪ بارگاهِ رسالت ۾ ان جي شڪايت به ڪري ڇڏي جنهن جو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هي جواب ڏنو ته عليءَ کي ان کان وڌيڪ حق آهي. ممڪن آهي ته اهڙي قسم جي شبهات ۽ شڪوڪ کي مسلمان يمنين جي دلين مان دور ڪرڻ جي لاءِ ان موقعي تي رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ۽ اهلبيت رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جا فضائل به بيان ڪري ڇڏيا هجن.[1]

(بخاري باب بعث علي الي اليمن ج 2 ص 223 وترمذي مناقب علي)

## رافضين جو هڪ شبهو

ڪجهه شيعن هن موقعي تي لکيو آهي ته ”غدير خم“ جو هي خطبو ”حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي خلافت بلا فصل جو اعلان هو.“ پر عقل وارن تي روشن آهي ته هي محض هڪ ”تڪَ بندي“ کان سواءِ ڪجهه به نه آهي، ڇو جو جيڪڏهن واقعي حضرت علي

[1] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب بعث علي ..... الخ حديث: 4350، ج 3، ص 123 و فتح الباري شرح صحيح البخاري، تحت الحديث: 4350، ج 8، ص 57

رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي لاءِ خلافت بلا فصل جو اعلان ڪرڻو هو تہ عرفات يا منيٰ جي خطبن ۾ اهو اعلان وڌيڪ مناسب هو، جتي هڪ لک کان وڌيڪ مسلمانن جو اجتماع هو نہ وري غدير خم ۾ جتي يمن ۽ مديني وارن کان سواءِ ڪير بہ نہ هو.

مديني جي ويجهو پهچي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مقام ذو الحليفہ ۾ رات گذاري ۽ صبح جو مديني ۾ ترسيا.

## باب سورهون

# هجرت جو يارهون سال سن 11 هـ

## جيشِ اُسامہ

هن لشڪر جو ٻيو نالو "سريہ اسامہ" بہ آهي. هي سڀ کان آخري فوج آهي جنهن کي روانو ڪرڻ جو رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حڪم ڏنو. 26 صفر سن 11هـ سومر جي ڏينهن حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن روميين سان جنگ جي تياري جو حڪم ڏنو ۽ ٻئي ڏينهن اسامہ بن زيد رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کي گهرائي فرمايو تہ مون توکي هن فوج جي لشڪر جو امير مقرر ڪيو تون پنهنجي پيءُ جي شهادت گاهہ "اُبنٰي" جي مقام ۾ وڃ ۽ انتهائي تيزي سان سفر ڪري انهن ڪافرن تي اوچتو حملو ڪر تہ جيئن اُهي جنگ جي تياري نہ ڪري سگهن. توڙي مزاج اقدس ناساز هو پر انهيءَ حالت ۾ بہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي هٿ مبارڪ سان جهنڊو ٻڌو ۽ هي نشانِ اسلام حضرت اسامہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي هٿ ۾ ڏئي ارشاد فرمايو:

اُغْزُ بِسْمِ اللهِ وَفِي سَبِيْلِ اللهِ فَقَاتِلْ مَنْ كَفَرَ بِاللهِ

الله جي نالي سان ۽ الله جي راهه ۾ جهاد ڪريو ۽ ڪافرن سان جنگ ڪريو.

حضرت اسامه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن حضرت بريده بن الخضب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي علمبردار بڻايو ۽ مديني مان نڪري ڪري هڪ ميل پري مقامِ "جرف" ۾ خيما هنيائون تہ جيئن اتي پورو لشڪر جمع ٿي سگهي. حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انصارن ۽ مهاجرن جي تمام معززين کي بہ ان لشڪر ۾ شامل ٿيڻ جو حڪم ڏنو. ڪجهہ ماڻهن کي هي ڏکيو لڳو تہ اهڙو لشڪر جنهن ۾ انصارن ۽ مهاجرن جا اڪابر ۽ وڏا شامل آهن، ان جو هڪ نوجوان ڇوڪرو جنهن جي عمر 20 سال کان وڌيڪ ناهي ڪهڙي طرح اميرِ لشڪر بڻايو ويو آهي؟ جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي هن اعتراض جي خبر پئي تہ سندن جي نازڪ دل کي صدمو رسيو ۽ پاڻ بيماريءَ جي باوجود مَٿي تي پَٽِي بڌي هڪ چادر ويڙهي منبر تي هڪ خطبو ڏنو جنهن ۾ ارشاد فرمايائون تہ "جيڪڏهن توهان اسامہ جي سپهہ سالاري تي طعنہ زني ڪئي آهي تہ توهان ان کان پهريان ان جي پيءُ جي سپهہ سالار ٿيڻ تي بہ طعنہ زني ڪئي هئي. پر خدا جو قسم! ان جو پيءُ (زيد بن حارثہ) سپهہ سالار ٿيڻ جي لائق هو ۽ ان کان پوءِ ان جو پٽ (اسامہ بن زيد) بہ سپهہ سالار ٿيڻ جي قابل آهي ۽ هي منهنجي ويجهو منهنجي محبوب ترين صحابہ منجهان آهي جهڙي طرح هن جو پيءُ منهنجي محبوب ترين اصحابن مان هو، تنهنڪري اسامہ (رَضِیَ اللهُ عَنْهُ) جي باري ۾ توهان منهنجي نيڪ وصيت قبول ڪريو تہ هو توهان جي بهترين ماڻهن مان آهي.

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي خطبو ڏئي گهر ۾ تشريف کڻي ويا ۽ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي علالت (بيماريءَ) ۾ اجان وڌيڪ واڌارو ٿي ويو.

حضرت اسامه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ حڪم جي تڪميل ڪندي مقامِ جرف ۾ پهچي ويا ۽ اتي لشڪر اسلام گڏ ٿيندو رهيو ايسيتائين جو هڪ عظيم الشان لشڪر تيار ٿي ويو.

10 ربيع الاول سن 11 هه تي جهاد ۾روڄڻ وارا اصحاب رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان موڪل وٺڻ جي لاءِ آيا ۽ موڪل وٺي مقامِ جرف ۾ پهچي ويا. ان جي ٻئي ڏينهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بيماري وڌيڪ شدت اختيار ڪري وئي حضرت اسامه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ به حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مزاج پرسي ۽ رخصت ٿيڻ جي لاءِ خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيا، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت اسامه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي ڏٺو پر ڪمزوريءَ سبب ڳالهائي نه سگهيا، پر بار بار هٿ مبارڪ آسمان ڏانهن کڻندا رهيا ۽ پنهنجو مقدس هٿ ان جي بدن تي ڦيرائيندا رهيا حضرت اسامه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي ته ان مان مون سمجهيو ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي لاءِ دعا فرمائي رهيا آهن ان کان پوءِ حضرت اسامه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ موڪلائي پنهنجي فوج ۾ تشريف وٺي ويا ۽ 12 ربيع الاول سن 11 هجري تي اتان ڪُوچ ڪرڻ جو اعلان به فرمائي ڇڏيائون. هاڻي سوار ٿيڻ جي لاءِ تياري ڪري رهيا هئا ته انهن جي والده حضرت امِ ايمن رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو هڪ تڪڙو قاصد پهتو ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن نزع جي حالت ۾ آهن. اها هوش ڪسيندڙ خبر ٻڌي حضرت اسامه ۽ حضرت عمر ۽ حضرت ابو عبيده

رَضِیَ اللهُ عَنْهُم وغيره فوراً مديني آيا ۽ ڏنائون تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سڪرات جي حالت ۾ آهن ۽ انهيءَ ئي ڏينهن ٻيپهري يا ٽيپهريءَ جي وقت سندن وصال ٿي ويو. اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ اها خبر ٻڌي حضرت اسامہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو لشڪر مديني واپس هليو آيو پر جڏهن حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ مسندِ خلافت تي رونق افروز ٿيا تہ پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن ڪجهہ ماڻهن جي مخالفت جي باوجود ربيع الآخر جي آخري تاريخن ۾ هن لشڪر کي روانو فرمايو ۽ حضرت اسامہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ مقامِ "اُبنٰي" ۾ تشريف وني ويا ۽ اتي وڏي خونريز جنگ کان پوءِ لشڪرِ اسلام فتح ياب ٿيو ۽ پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي پيءُ جي قاتل ۽ ٻين ڪافرن کي قتل ڪيو ۽ بيشمار مالِ غنيمت کڻي چاليهن ڏينهن کان پوءِ مديني تشريف کڻي آيا.[1]

(مدارج النبوة ج 2، ص 409 کان ص 411، و زرقاني ج 3، ص 107 کان 112)

## وفات اقدس

حضور رحمة للعالمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هن دنيا ۾ تشريف آڻڻ صرف انڪري هو تہ پاڻ خدا جا آخري ۽ قطعي پيغام يعني دينِ اسلام جا احڪام ان جي ٻانهن تائين پهچائي ڇڏين ۽ خدا جي حجت پوري فرمائي ڇڏين. هن ڪم کي حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪيئن انجام ڏنو؟ ۽ ان ۾ ڪين ڪيتري ڪاميابي حاصل ٿي؟ هن جو اجمالي جواب هي آهي تہ جڏهن کان هيءَ دنيا وجود ۾ آئي آهي تہ هزارين نبي ۽ رسول عَلَيْهِمُ السَّلَام هن عظيم الشان ڪم کي انجام ڏيڻ جي لاءِ هن دنيا ۾ تشريف فرما

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، اخر البعوث النبوية، ج 4، ص 147 — 152، 155، ملخصاً و مدارج النبوت، قسم سوم، باب يازدهم، ج 2، ص 409 ، 410 ملخصاً.

ٿيا. پر سيني نبين ۽ رسولن جي تبليغي ڪارنامن کي جيڪڏهن هڪ هنڌ جمع ڪيو وڃي ته اهي حضور سرور عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تبليغي ڪارنامن جي اڳيان ائين نظر ايندا جيئن سج جي مقابلي ۾ ڏيئو يا ريگستان جي مقابلي ۾ واريءَ جو هڪ ذرو يا سمنڊ جي مقابلي ۾ هڪ قطرو. رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هستي جي هر پَستي کي معراجِ ڪمال جي سر بلندي عطا ڪري ذلت جي زمين کي عزت جو آسمان بڻائي ڇڏيو ۽ دينِ حنيف جي هن مقدس ۽ نوراني محل کي جنهن جي تعمير لاءِ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کان وٺي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تائين تمام انبياء ۽ رسول معمار بڻائي موڪليا پئي ويا، رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خاتم النبيين جي شان سان هن هدايت جي محل کي اهڙي طرح مڪمل فرمائي ڇڏيو جو حضرت حق جل جلاله انهيءَ تي: اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ[1] جي مهر لڳائي ڇڏي.

جڏهن دينِ اسلام مڪمل ٿي چڪو ۽ دنيا ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي تشريف آوريءَ جو مقصد پورو ٿي ويو ته الله تعاليٰ جي واعدي محڪم: اِنَّكَ مَيِّتٌ وَّاِنَّهُمْ مَّيِّتُوْنَ[2] جي پوري ٿيڻ جو وقت اچي ويو.

## حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي پنهنجي وفات جو علم

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي گهڻو وقت اڳ ۾ پنهنجي وفات جو علم حاصل ٿي چڪو هو ۽ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1] ترجمو ڪنز الايمان: اڄ مون توهان جي لاءِ توهان جو دين ڪامل ڪري ڇڏيو. پ 6 المائدة: 3

[2] ترجمو ڪنز الايمان: بيشڪ توهان کي انتقال فرمائڻو آهي ۽ انهن کي به مرڻو آهي. پ 23 الزمر: 30

جن مختلف موقعن تي ماڻهن کي ان جي خبر بہ ڏئي ڇڏي هئي. جيئن حجة الوداع جي موقعي تي پاڻ ماڻهن کي اهو فرمائي رخصت ڪيائون تہ ”شايد هن ڪانپوءِ مان توهان سان گڏ حج نہ ڪري سگهندس.“[1]

اهڙي طرح ”غدير خم“ جي خطبي ۾ انهيءَ انداز سان ڪجهہ اهڙي ئي قسم جا الفاظ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زبان اقدس مان نڪتا هئا توڙي جو انهن ٻنهي خطبن ۾ لفظ لَعَلَّ يعني (شايد) فرمائي ڪجهہ پردو وجهي پنهنجي وفات جي خبر ڏنائون مگر حجة الوداع کان واپس اچي حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جيڪي بہ خطبات ارشاد فرمايا انهن ۾ لفظ لَعَلَّ (شايد) نہ فرمايائون بلڪ صاف صاف ۽ پوري يقين سان پنهنجي وفات جي خبر کان ماڻهن کي آگاهہ فرمائي ڇڏيو.

جيئن تہ بخاري شريف ۾ حضرت عقبہ بن عامر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن گهر کان ٻاهر تشريف کڻي ويا ۽ شهداءِ اُحد جي قبرن تي اهڙي طرح نماز ادا فرمايائون جيئن ميت تي نماز پڙهي ويندي آهي. ۽ پوءِ واپس اچي منبر تي رونق افروز ٿيا ۽ ارشاد فرمايائون تہ آءٌ توهان جو پيش رُو يعني (توهان کان پهريان وفات ڪرڻ وارو) آهيان ۽ توهان جو گواهہ آهيان ۽ خدا جو قسم! مان پنهنجي حوض کي هن وقت ڏسي رهيو آهيان.[2] (بخاري ڪتاب الحوض ج 2، ص 975)

---

[1] تاريخ الطبري، حجة الوداع، ج 2، ص 344

[2] صحيح البخاري، كتاب الرقاق، باب الحوض، الحديث: 6590، ج 4، ص 270

انهيءَ حديث ۾ اِنِّي فَرَطٌ لَّكُمْ: فرمايائون يعني مان هاٿي توهان کان پهريان وفات ڪري وڃي رهيو آهيان، ته جيئن اتي وڃي توهان جي لاءِ حوضِ ڪوثر وغيره جو انتظام ڪريان.

هي واقعو مرضِ وفات شروع ٿيڻ کان اڳ جو آهي پر هن قصي بيان فرمائڻ وقت حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي هن جو يقيني علم حاصل ٿي چڪو هو ته آءُ ڪڏهن ۽ ڪهڙي وقت دنيا مان وڃڻ وارو آهيان ۽ مرضِ وفات شروع ٿيڻ کانپوءِ ته پنهنجي صاحبزادي حضرت بيبي فاطمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي صاف صاف لفظن ۾ بغير "شايد" جو لفظ فرمائيندي پنهنجي وفات جي خبر ٻڌائي ڇڏي. جيئن ته بخاري شريف جي روايت آهي ته پنهنجي مرضِ وفات ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت فاطمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي سڏيو ۽ هلڪي آواز ۾ ان کي ڪجهه فرمايائون ته اهي روئي پيون پوءِ ٻيو ڀيرو ويجهو ڪري هلڪي آواز ۾ انهن کي ڪجهه فرمايائون ته مسڪرايائون جڏهن ازواج مطهرات رَضِيَ اللهُ عَنْهُنَّ ان جي باري ۾ حضرت بيبي فاطمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کان پڇيو؟ ته انهن چيو ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مونکي ڪن ۾ آهستي هي ٻڌايو ته آءُ هن ئي بيماريءَ ۾ وفات ڪري ويندس ته آءُ روئي پيس پوءِ وري مونکي ويجهو ڪري ڪن ۾ هي ٻڌايو ته مونکان پوءِ منهنجي گهر وارن مان سيني کان اڳ تون وفات ڪري منهنجي پويان ايندينءَ ته اهو ٻڌي مون مسڪرايو.[1] (بخاري باب مرض النبي ج 2 ص 638)

بهرحال حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي پنهنجي وفات کان اڳ ۾ پنهنجي وفات جي وقت جو علم حاصل ٿي چڪو هو ڇو نه

[1] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب مرض النبي و وفاته، الحديث: 4433، 4434، ج 3، ص 153

ٿئي جو جڏهن ٻين ماڻهن جي وفات جي وقت کان الله پاڪ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي آگاهه فرمائي ڇڏيو هو ته جيڪڏهن خداوند علاّم الغيوب جي ٻڌائڻ سان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي پنهنجي وفات جو وقت کان پهريان علم ٿي ويو ته هن ۾ ڪهڙي ناممڪن ڳالهه آهي؟ الله پاڪ ته رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي علم ماکان ومايکون عطا فرمايو. يعني جيڪو ڪجهه ٿي چڪو ۽ جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي ۽ جيڪو ڪجهه ٿيڻ وارو آهي سڀ جو علم عطا فرمائي حضُور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي دنيا مان گهرائي ورتو. تنهنڪري اسان هن مضمون کي پنهنجي ڪتاب ”قرآني تقريرون“ ۾ تفصيل سان تحرير ڪري ڇڏيو آهي.

## علالت (بيماري) جي ابتدا

مرض جي ابتدا ڪڏهن ٿي؟ ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن گهڻن ڏينهن تائين بيمار رهيا؟ هن ۾ مؤرخين جو اختلاف آهي. بهرحال سن 11 هجري 20 يا 22 صفر تي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنة البقيع جيڪو عام مسلمانن جو قبرستان آهي اڌ رات جو اتي تشريف فرما ٿيا اتان کان واپس آيا ته مزاج اقدس ناساز ٿي پيو. هي حضرت ميمونه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي واري جو ڏينهن هو.[1]

(مدارج النبوة ج 2 ص417 و زرقاني ج 3 ص 110)

سومر جي ڏينهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بيماري تمام شديد ٿي وئي. سندن جي خواهش تي تمام ازواج

[1] المواهب اللدنية وشرح الزرقاني، الفصل الاول في اتمامه .... الخ، ج 12، ص 83 ملخصاً ومدارج النبوت، قسم چهارم، باب اول، ج 2، ص 417

مطهرات رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُنَّ اجازت ڏئي ڇڏي ته پاڻ حضرت بيبي عائشه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا جي گهر قيام فرمائن. تنهنڪري حضرت عباس ۽ حضرت علي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا جن سهارو ڏئي حضور انور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي بيبي عائشه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا جي حجري ۾ پهچايو. جيستائين طاقت رهي ته پاڻ مسجد نبوي ۾ نمازون پڙهائيندا رهيا. جڏهن ڪمزوري تمام گهڻي وڌي وئي ته پاڻ سڳورن حڪم فرمايو ته حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ منهنجي مصلي تي امامت ڪن. جيئن ته سترهن 17 نمازون حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ پڙهايون. هڪ ڏينهن ظهر جي نماز جي وقت مرض ۾ ڪجهه بهتري محسوس ٿي ته حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حڪم ڏنو ته ست پاڻيءَ جون مشڪون منهنجي مٿان وڌيون وڃن جڏهن پاڻ غسل فرمائي چڪا ته حضرت عباس ۽ حضرت علي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کين مقدس ٻانهن کان جهلي مسجد ۾ وٺي آيا حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ نماز پڙهائي رهيا هئا ته پاڻ آواز ٻڌي پويان هٽڻ لڳا پر حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اشاري سان کين روڪيو ۽ حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي پاسي ۾ ويهي نماز پڙهايائون. رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڏسي حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ ۽ ٻيا مقتدي نماز جا اراڪان ادا ڪندا رهيا. نماز ڪانپوءِ حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ خطبو به ارشاد فرمايو جنهن ۾ تمام گهڻيون وصيتون ۽ احڪامِ اسلام ٻڌائي انصارن جي فضائل ۽ انهن جي حقن جي باري ۾ ڪجهه ڪلمات ارشاد فرمايا. ۽ سورة والعصر ۽ هڪ آيت به تلاوت فرمايائون.[1]

(مدارج النبوة، ج 2، ص 425 و بخاري، ج 2، ص639)

---

[1] مدارج النبوت، قسم چهارم، باب دوم، ج 2، ص 425 ملخصاً و صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب مرض النبي ووفاته، الحديث: 4442، ج 3، ص 155 مختصراً و كتاب الاذان، باب من قام .... الخ، الحديث: 683، ج 1، ص 243

گهر ۾ ست دينار رکيل هئا رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بيبي عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي فرمايو تہ تون اهي دينار کڻي اچ تہ آءُ انهن کي راهِ خدا ۾ خرچ ڪري ڇڏيان. پوءِ حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي ذريعي حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن دينارن کي تقسيم فرمايو ۽ پنهنجي گهر ۾ هڪ ذرو بہ سون يا چاندي نہ ڇڏيائون.[1] (مدارج النبوة، ج 2، ص 424)

حضور اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي تڪليف ۾ گهٽ وڌائي ٿيندي رهندي هئي خاص وفات واري ڏينهن يعني سومر جو طبيعت صحيح هئي. حجرو مسجد سان مليل ئي هو. پاڻ پردو کڻي ڏنائون تہ ماڻهو نمازِ فجر پڙهي رهيا هئا اهو ڏسي ڪري پاڻ خوشي مان مسڪرائي ڏنائون ماڻهن سمجهيو تہ پاڻ مسجد ۾ اچڻ چاهن ٿا. خوشيءَ وچان سڀ ماڻهو بي قابو ٿي ويا پر پاڻ اشاري سان روڪيائون ۽ حجري ۾ داخل ٿي پردو ڪيرائي ڇڏيائون اهو سڀ کان آخري موقعو هو جو صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جن جمال نبوت جي زيارت ڪئي. حضرت انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو رخ انور ائين پئي لڳو جڻ قرآن پاڪ جو ڪو ورق هجي يعني سفيد ٿي ويو هو.[2] (بخاري ج 2 ص 640 باب مرض النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وغيره)

ان کانپوءِ بار بار غشي طاري ٿيڻ لڳي. حضرت فاطمة الزهرا رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي زبان مان شدتِ غم جي ڪري هي الفاظ نڪري

---

[1] مدارج النبوت، قسم چهارم، باب دوم، ج 2، ص 424 ملخصاً

[2] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب مرض النبي و وفاته، الحديث: 4448، ج 3، ص 156 و كتاب الاذان، باب اهل العلم والفضل .... الخ، الحديث: 680، ج 1، ص 242 ملتقطاً

ويا. ''وَا كَرْبَ اَبَاہ'' هائي منهنجي پيءُ جي بيچيني! حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ اي ڏيءُ تنهنجو پيءُ اڄ کانپوءِ ڪڏهن بہ بيچين نہ ٿيندو.[1] (بخاري ج 2 ص 641 باب مرض النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

ان کانپوءِ بار بار حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اهوئي فرمائيندا رهيا تہ مَعَ الَّذِيْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ يعني انهن ماڻهن ساڻ جن تي خدا جو انعام آهي ۽ ڪڏهن پئي فرمايائون تہ اَللّٰهُمَّ فِي الرَّفِيْقِ الْاَعْلٰى خداوندا! وڏي رفيق ۾ ۽ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ بہ پڙهندا رهيا ۽ فرمائيندا رهيا تہ بيشڪ موت جي لاءِ سختيون آهن حضرت بيبي عائشہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون تہ تندرستي جي حالت ۾ بہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اڪثر فرمائيندا هئا تہ پيغمبرن کي اختيار ڏنو ويو آهي تہ چاهن تہ وفات کي قبول ڪن يا دنيا جي زندگيءَ کي. جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زبان مبارڪ تي اهي ڪلما جاري ٿيا تہ مون سمجهي ورتو تہ پاڻ آخرت کي قبول ڪري ورتو اٿن.[2] (بخاري ج 2 ص 640 و ص 641 باب آخر ما تكلم النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

وفات کان ٿوري دير اڳ حضرت عائشہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جا ڀاءُ عبد الرحمن بن ابو بڪر رَضِيَ اللهُ عَنْهَا تازو ڏندڻ هٿ ۾ ڪٽي حاضر ٿيا. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان ڏانهن غور سان ڏنو. حضرت عائشہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا سمجهيو تہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڏندڻ جي خواهش آهي. انهن فوراً ئي ڏندڻ وٺي پنهنجي ڏندن سان نرم ڪيو ۽ دست اقدس ۾ ڏئي ڇڏيو حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب مرض النبي و وفاته، الحديث: 4462، ج 3، ص 160

[2] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب مرض النبي و وفاته، الحديث: 4435، 4437 ج 3، ص 153، 154، و مدارج النبوت، قسم چهارم، باب دوم، ج 2، ص 429 مختصراً

جن ڏندڻ ڏنو، ٽيپهريءَ جو وقت هو جو سينءِ اقدس ۾ ساهه گُهٽجڻ محسوس ٿيڻ لڳو. ايتري ۾ لب مبارڪ چُريا ته ماڻهن هي الفاظ ٻڌا ته اَلصَّلٰوةَ وَ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ نماز ۽ ٻانهين غلامن جو خيال رکو. پاسي ۾ پاڻي جو هڪ پيالو رکيل هو بار بار ان ۾ هٿ وجهي چهرهءِ اقدس تي مَلي رهيا هئا ۽ ڪلمو پڙهي رهيا هئا. چادر مبارڪ کي ڪڏهن منهن تي ٿي وڌائون ته وري ڪڏهن هٽائي پئي ڇڏيائون حضرت بيبي عائشه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا مٿي مبارڪ کي پنهنجي سيني سان لڳائي وينيون هيون ايتري ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هٿ کڻي آڱر سان اشارو ڪري ٿي دفعا هي فرمايائون بَلِ الرَّفِيْقُ الْاَعْلٰى (هاڻي ڪو به نه) بلڪ اهو وڏو رفيق گهرجي. اهي ئي الفاظ زبان اقدس تي هئا ته اچانڪ مبارڪ هٿن ۾ ساهه نه رهيو ۽ اکيون ڇت جي طرف ڏسندي ڪليل رهجي ويون ۽ سندن جو قدسي روح عالم قدس ۾ پهچي ويو.[1] (اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ) اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ۔ (بخاري ج 2 ص 640 و ص 641 باب مرض النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

تاريخ وفات ۾ مورخن جو وڏو اختلاف آهي پر هن ۾ تمام سيرت نگارن جو اتفاق آهي ته سومر جي ڏينهن ۽ ربيع الاول جو مهينو هو بلڪ عام طور تي اهو ئي مشهور آهي ته 12 ربيع الاول سن 11هه سومر جي ڏينهن ٽيپهري جي وقت حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وصال فرمايو.[2] (والله تعالىٰ اعلم)

---

[1] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب مرض النبي و وفاته، الحديث: 4438، ج 3، ص 154، و مدارج النبوت، قسم چهارم، باب دوم، ج 2، ص 429 ملخصاً

[2] الوفاء باحوال المصطفٰي مترجم، باب وقت وصال ص 814 ملخصاً

## وفات جواثر

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وفات سان حضراتِ صحابہ ڪرام ۽ اهل بيت عظام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم ڪي ڪيڏو وڏو صدمو پهتو؟ ۽ مديني وارن جو ڪهڙو حال ٿيو؟ ان جي تصوير ڪشي جي لاءِ هزارين صفحا بہ پورا نہ ٿي سگهندا هو شمع نبوت جا پروانا جيڪي ڪجهہ ڏينهن جمال نبوت جو ديدار نہ ڪندا ها تہ انهن جون دليون بيقرار ۽ اکيون اشڪبار ٿي ويندیون هيون. ظاهر آهي تہ انهن عاشقانِ رسول تي جان عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دائمي فراق جو ڪيترو روح ڪنبائيندڙ ۽ هنيانءُ ڏاريندڙ وڏو صدمو پهتو هوندو؟ جليل القدر صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم هوش ۽ حواس وڃائي وينا، انهن جا عقل گم ٿي ويا، انهن جا آواز بند ٿي ويا ۽ اهي ايتريقدر حواس وڃائي وينا جو انهن جي لاءِ هي سوچڻ بہ مشڪل ٿي ويو تہ ڇا چون؟ ۽ ڇا ڪن؟ حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن تي اهڙو سڪتو طاري ٿي ويو جو اهي هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙون پائيندا رهيا پر ڪنهن کي بہ ڪجهہ نہ ٿي چيائون ۽ نہ وري ڪنهن جي ٻڌائون ٿي.

حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ رنج ۽ ملال ۾ بيحال ٿي اهڙي طرح ويهي رهيا جو انهن ۾ اٿڻ ويهڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ جي طاقت ئي نہ رهي. حضرت عبد الله بن انيس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي دل کي اهڙو تہ جهٽڪو لڳو جو اهي هن صدمي کي برداشت نہ ڪري سگهيا ۽ انهن جي دل بيهي وئي.[1]

---

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب دوم، ج 2، ص 432 ملخصاً و المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، الفصل الاول في اتمامه ... الخ، ج 12، ص 142، 143

حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ايتريقدر هوش ۽ حواس وجائي وينا جو انهن تلوار ڪڍي ورتي ۽ اگهاڙي تلوار ڪٽي مديني جي گهٽين ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦرندا رهيا ۽ هي چوندا رهيا تہ اگر ڪنهن بہ هي چيو تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي وفات ٿي وئي آهي تہ آءُ هن تلوار سان ان جي سِسي لاهي ڇڏيندس.[1]

حضرت عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو بيان آهي تہ وفات ڪانپوءِ حضرت عمر ۽ حضرت مغيره بن شعبہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا اجازت وني گهر ۾ داخل ٿيا. حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڏسي چيو تہ تمام سخت غشي طاري ٿي وئي آهي. جڏهن اهي وڃڻ لڳا تہ حضرت مغيره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چيو اي عمر! توهان کي ڪجهہ خبر بہ آهي؟ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو وصال ٿي چڪو آهي. اهو ٻڌي حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پنهنجو پاڻ کي سنڀالي نہ سگهيا ۽ بيقرار ٿي چيائون اي مغيره! تون ڪوڙو آهين حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ان وقت تائين وصال نٿو ٿي سگهي جيسيتائين دنيا مان هڪ هڪ منافق جو خاتمو نہ ٿي وڃي.[2]

مواهب لدنيہ ۾ طبري کان منقول آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي وفات جي وقت حضرت ابو بڪرصديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ مقامِ ”سُخ“ ۾ هئا جيڪو مسجد نبوي کان هڪ ميل پري آهي. انهن جي گهر واري حضرت حبيبہ بنت خارجہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا اتي رهنديون هيون. جيئن تہ سومر جي ڏينهن صبح جو رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ

---

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب دوم، ج 2، ص 432

[2] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، الفصل الاول في اتمامه ... الخ، ج 12، ص 139

وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي طبيعت ۾ ڪافي فرق نظر آيو ۽ ڪجهه سڪون معلوم ٿيو تنهنڪري حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پاڻ حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن کي اجازت ڏئي ڇڏيائون ته توهان ”سُخ“ هليا وڃو ۽ پنهنجي گهر واري ۽ ٻارڙن کي ڏسي اچو.[1]

بخاري شريف وغيره ۾ آهي ته حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي گهوڙي تي سوار ٿي ”سُخ“ کان آيا نه ڪنهن سان ڳالهه ڪيائون نه ئي ڪنهن جي ڳالهه ٻڌائون سڌو حضرت عائشه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي حجري شريف ۾ هليا ويا ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي رخ انور تان چادر هٽائي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڏانهن جهڪيا ۽ سندن جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ نهايت چاهت مان چميائون ۽ چيائون ته توهان پنهنجي وفات ۽ حيات ٻنهي حالتن ۾ پاڪ رهيا. منهنجا ماءُ پيءُ توهان تان قربان هرگز خداوند تعاليٰ توهان تي ٻن موتن کي گڏ نه فرمائيندو توهان جو جيڪو وصال لکيل هو توهان ان موت سان وفات ڪري ويا. ان کانپوءِ حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ مسجد ۾ تشريف کڻي آيا ته حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ماڻهن جي اڳيان تقرير ڪري رهيا هئا. پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمايو ته اي عمر! ويهي رهو. حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ويهڻ کان انڪار ڪيو ته حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن انهن کي ڇڏي ڏنو ۽ خود ماڻهن کي متوجهه ڪرڻ جي لاءِ خطبو ڏيڻ شروع ڪيائون.[2]

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، الفصل الاول في اتمامه ... الخ، ج 12، ص 133، 134

[2] صحيح البخاري، كتاب الجنائز، باب الدخول علي الميت.... الخ، الحديث: 1241، 1242، ج 1، ص 421 ملخصاً

اما بعد! جيڪو شخص توهان مان محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عبادت ڪندو هو اهو ڄاڻي وٺي ته محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو وصال ٿي ويو ۽ جيڪو شخص توهان مان خدا عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪندو هو ته خدا زندهه آهي اهو ڪڏهن به نه مرندو. ان کان پوءِ حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن سورة آلِ عمران جي هيءَ آيت تلاوت فرمائي:

وَمَا مُحَمَّدٌ اِلَّا رَسُوْلٌ ۚ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِ الرُّسُلُ ؕ اَفَا۟ئِنْ مَّاتَ اَوْ قُتِلَ انْقَلَبْتُمْ عَلٰۤى اَعْقَابِكُمْ ؕ وَمَنْ يَّنْقَلِبْ عَلٰى عَقِبَيْهِ فَلَنْ يَّضُرَّ اللّٰهَ شَيْـًٔا ؕ وَسَيَجْزِى اللّٰهُ الشّٰكِرِيْنَ[1] (ال عمران)

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ته هڪ رسول آهن انهن کان اڳ گهڻا ئي رسول گذري چڪا آهن ته ڇا جيڪڏهن اهي انتقال فرمائي وڃن يا شهيد ٿي وڃن ته توهان پوئين پير ڦري ويندؤ؟ ۽ جيڪو پوئين پير ڦري سو الله جو ڪو نقصان نه ڪندو ۽ اجهو الله شڪر گذارن کي ثواب ڏيندو.

حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا چون ٿا ته حضرت ابو بڪر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هيءَ آيت تلاوت ڪئي ته ائين پئي معلوم ٿيو ته ڄڻ ته هن آيت کي ڪير ڄاڻيندو ئي ڪو نه هو انهن کان ٻڌي هر شخص هن ئي آيت کي پڙهڻ لڳو.[2]

(بخاري ج ا ص 166 باب الدخول علي الميت الخ و مدارج النبوة ج 2 ص 433)

---

[1] پ 4 ال عمران. 144

[2] صحيح البخاري، كتاب الجنائز، باب الدخول علي الميت.... الخ، الحديث: 1241، 1242، ج 1، ص 421

حضرت عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ جڏهن مون حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي زبان مان سورة آلِ عمران جي اها آيت ٻڌي تہ مونکي خبر پئجي وئي تہ واقعي نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو وصال ٿي ويو آهي. پوءِ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ اضطراب جي حالت ۾ جيڪي اگهاڙي تلوار کڻي چئي رهيا هئا تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو وصال ناهي ٿيو ان کان رجوع ڪيائون ۽ انهن جا صاحبزاده حضرت عبد اللّٰه بن عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا چون ٿا تہ جڻ اسان تي هڪ پردو پيل هو جو هن آيت جي طرف اسان جو ڌيان ئي ڪو نہ ويو. حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جن جي خطبي هن پردي کي هٽائي ڇڏيو.[1] (مدارج النبوة ج 2 ص 434)

## تجهيز ۽ تڪفين

جيئن تہ حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وصيت فرمائي ڇڏي هئي تہ منهنجي ڪفن دفن جو انتظام منهنجا اهلبيت ۽ اهلِ خاندان ڪن تنهنڪري اها خدمت رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خاندان جي ماڻهن ئي سرانجام ڏني. جيئن حضرت فضل بن عباس، حضرت قثم بن عباس، حضرت علي، حضرت عباس ۽ حضرت اسامہ بن زيد رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم جن ملي ڪري حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي غسل ڏنو ۽ دُنَ مبارڪ ۽ پنبڻن تي جيڪي بہ پاڻي جا قطرا جمع هئا حضرت علي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جن جوشِ محبت ۽ فرطِ عقيدت سان انهن کي زبان سان چوسي ورتو.[2]

(مدارج النبوة ج 2 ص 438 و ص 439)

---

[1] مدارج النبوت، قسم چهارم، باب دوم، ج 2، ص 434

[2] مدارج النبوت، قسم چهارم، باب سوم، ج 2، ص 437، 438، 439 ملخصاً

غسل ڪانپوءِ تن سوتي ڪپڙن جو جيڪي ”سحول“ ڳوٺ مان ٺهرايا ويا هئا ڪفن تيار ڪيو ويو انهن ۾ قميص ۽ عمامو نه هو.[1] (بخاري ج ا ص 169 باب الثياب البيض للكفن)

## نماز جنازه

جنازو تيار ٿيو ته ماڻهو جنازي جي نماز لاءِ جمع ٿي ويا. پهريان مردن پوءِ عورتن ۽ پوءِ ننڍڙن ٻارن نمازِ جنازه پڙهي. جنازو مبارڪ حجري مبارڪ جي اندر ئي هو. واري واري سان ٿورا ٿورا ماڻهو اندر پئي ويا ۽ نماز پڙهي هليا پئي آيا پر ڪو به امام نه هو.[2] (مدارج النبوة ج 2 ص 240 و ابن ماجه ص 118 باب ذكر وفاته)

## قبرانور

حضرت ابو طلحه انصاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن قبرشريف تيار ڪئي جيڪا لحد واري هئي جسم اطهر کي حضرت علي، حضرت فضل بن عباس، حضرت عباس ۽ حضرت قثم بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جن قبر منور ۾ لاٿو.[3] (مدارج النبوة ج 2 ص 442)

پر ابو داؤد جي روايت ۾ آهي ته حضرت اسامه ۽ عبد الرحمٰن بن عوف رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا به قبرِ اقدس ۾ لٿا هئا.[4]

(ابو داؤد ج 2 ص 458 باب كم يدخل القبر)

---

[1] صحيح البخاري، كتاب الجنائز، باب الثياب البيض للكفن، الحديث: 1264، ج 1، ص 428

[2] سنن ابن ماجه، كتاب الجنائز، باب ذكر وفاته ودفنه، الحديث: 1628، ج 2، ص 284، 285

[3] مدارج النبوت، قسم چهارم، باب سوم، ج 2، ص 441، 442 ملتقطاً

[4] سنن ابي دائود، كتاب الجنائز، باب كم يدخل القبر، الحديث: 3209، ج 3، ص 286 ملتقطاً

صحابہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُم ۾ هي اختلاف پيدا ٿيو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڪٿي دفن ڪيو وڃي ڪن ماڻهن چيو تہ مسجد نبوي ۾ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو مدفن ٿيڻ گهرجي ۽ ڪن هيءَ راءِ ڏني تہ ڪين صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جي قبرستان ۾ دفن ڪيو وڃي. ان موقعي تي حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ارشاد فرمايو تہ مون رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان هي ٻڌو آهي تہ هر نبي پنهنجي وفات ڪانپوءِ انهيءَ ئي جڳهہ تي دفن ڪيو ويندو آهي جنهن جڳهہ تي سندس وصال ٿيو آهي. حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ هن حديث کي ٻڌي ماڻهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بستري کي کنيو ۽ انهيءَ ئي جڳهہ (حضرت عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي حجري) ۾ سندن قبر تيار ڪئي ۽ پاڻ ان ۾ ئي مدفون ٿيا.[1]

(ابن ماجہ ص 118 باب ذكر وفاته)

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي غسل شريف ۽ ڪفن دفن جي سعادت ۾ حصو وٺڻ جي لاءِ ظاهر آهي شمعِ نبوت جا پروانا ڪيتريقدر بي قرار ٿيا هوندا؟ پر جيئن تہ اسين تحرير ڪري چڪا آهيون تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پاڻ ئي اها وصيت فرمائي ڇڏي هئي تہ منهنجو غسل ۽ ڪفن دفن منهنجا اهل بيت ڪن. پوءِ امير المومنين حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن بہ بحيثيت امير المؤمنين جي اهو ئي حڪم ڏنو تہ "هي اهل بيت جو ئي حق آهي" تنهنڪري حضرت عباس ۽ اهل بيت رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جن دروازو بند ڪري غسل ڏنو ۽ ڪفن پارايائون پر شروع ڪان

[1] سنن ابن ماجہ، كتاب الجنائز، باب ذكر وفاته و دفنه، الحديث: 1628، ج 2، ص 284، 285

وني آخر تائين خود حضرت امير المومنين ۽ ٻيا تمام صحابه ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُ حجري مبارڪ جي ٻاهر حاضر رهيا.[1] (مدارج ج 2، ص 437)

## حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ميراث

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مقدس زندگي ايتريقدر زاهدانه هئي جو ڪجهه پاڻ وٽ رکندا ئي نه هئا. تنهنڪري ظاهر آهي ته حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وفات ڪانپوءِ ڇا ڇڏيو هوندو؟ جيئن ته حضرت عمرو بن الحارث رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي ته:

مَا تَرَكَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عِنْدَ مَوْتِه دِرْهَمًا وَّ لَا دِيْنَارًا وَّ لَا عَبْدًا وَّ لَا اَمَةً وَّ لَا شَيْئًا اِلَّا بَغْلَتَهُ الْبَيْضَاءَ وَسِلَاحَهُ وَ اَرْضًا جَعَلَهَا صَدَقَةً[2]

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي وفات جي وقت نه درهم ڇڏيا نه دينار نه ٻانهي ۽ نه ئي وري ڪو غلام ۽ نه ئي ٻيو ڪجهه، صرف پنهنجو اڇو خچر ۽ هٿيار ۽ ڪجهه زمين جيڪا عام مسلمانن لاءِ صدقو ڪري چڪا هئا. (بخاري ج1، ص 382، ڪتاب الوصايا)

بهرحال پوءِ به حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي تَرڪي ۾ ٽي شيون هيون. (1) بنونضير، فدڪ، خيبر جون زمينون (2) سواري جا جانور (3) هٿيار. هي ٽئي شيون قابل ذڪر آهن.

---

[1] مدارج النبوت، قسم چهارم، باب سوم، ج 2، ص 437، 438، ملخصاً

[2] صحيح البخاري، كتاب الوصايا، باب الوصايا ... الخ، الحديث: 2739، ج 2، ص 231

## زمين

بنو نضير، فدڪ، خيبر جي زمينن جي باغن وغيره جي آمدني مان رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجو ۽ پنهنجي ازواج مطهرات رَضِيَ اللهُ عَنْهُنَّ جي سموري سال جو خرچ ۽ فقيرن ۽ مسڪينن ۽ عام مسلمانن جي حاجتن ۾ صرف فرمائيندا هئا.[1]

(مدارج النبوة ج 2 ص 445 و ابو داود ج 2 ص 412 باب في صفايا رسول الله)

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کانپوءِ حضرت عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ، حضرت فاطمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ۽ ڪجهه ازواج مطهرات رَضِيَ اللهُ عَنْهُنَّ جن اهو چاهيو پئي تہ انهن ملڪيتن کي ميراث طور وارثن ۾ تقسيم ٿيڻ گهرجي. تنهنڪري حضرت امير المومنين ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن وٽ انهن ماڻهن ان لاءِ درخواست پيش ڪئي پر پاڻ ۽ حضرت عمر وغيره جهڙن اڪابر صحابن سڳورن رَضِيَ اللهُ عَنْهُم انهن ماڻهن کي اها حديث ٻڌائي تہ: لَا نُوْرَثُ مَا تَرَكْنَا صَدَقَةٌ.[2]

(ابو داود ج 2، ص 413 و بخاري ج 1، ص 436، باب فرض الخمس)

اسان (نبين) جو ڪو وارث ناهي هوندو اسان جيڪو ڪجهه ڇڏيون اهو مسلمانن لاءِ صدقو آهي.

۽ هن حديث جي روشني ۾ صاف صاف چئي ڇڏيو تہ رسول

---

[1] سنن ابي داود، كتاب الخراج و الفيء ..... الخ، باب في صفايا ..... الخ، الحديث: 2963، ج 3، ص 193، 194، ملتقطاً و مدارج النبوت، قسم چهارم، باب سوم، ج 2، ص 445

[2] سنن ابي داود، كتاب الخراج .... الخ، باب في صفايا ... الخ، الحديث: 2963، ج 3، ص 193، 194 و صحيح البخاري، كتاب فضائل اصحاب النبي، باب مناقب قرابة .... الخ.، الحديث: 3711، 3712 ج 2، ص 537، 538 و كتاب الفرائض، باب قول النبي لانورث .... الخ، الحديث: 6725، 6726، ج 4، ص 313 ملتقطاً

الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي وصيت موجب هي ملڪيتون وقف ٿي چڪيون آهن. تنهنڪري حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مقدس زندگيءَ ۾ جن مقامن ۾ انهن جي آمدني کي خرچ فرمائيندا هئا ان ۾ ڪا به تبديلي نٿي ڪري سگهجي. حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن پنهنجي دور خلافت ۾ حضرت عباس ۽ حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جي اصرار تي بنو نضير جي ملڪيت جو انهن ٻنهي کي اِن شرط تي متولي بڻايو هو ته اُن ملڪيت جي آمدني انهن ئي مصارف ۾ خرچ ڪندا رهندا جن ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خرچ فرمائيندا هئا بعد ۾ انهن ٻنهي ۾ ڪجهه اٿبڻ ٿي وئي ته انهن ٻنهي حضرات اها خواهش ظاهر ڪئي ته بنو نضير جي ملڪيت کي ورهائي اڌ حضرت عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي نگهباني ۾ ڏني وڃي ۽ اڌ جي نگهباني حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڪن پر حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن انهيءَ درخواست کي نامنظور فرمايو.[1] (ابو داؤد ج 2 ص 413 باب في وصايا رسول الله و بخاري ج 1 ص 436 باب فرض الخمس)

پر خيبر ۽ فدڪ جون زمينون حضرت عمر بن عبد العزيز رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي زماني تائين خلفاء جي ئي هٿن ۾ رهيون. حاڪمِ مدينه مروان بن الحڪم ان کي پنهنجي جاگير بڻائي ڇڏيو هو پر حضرت عمر بن عبد العزيز رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن پنهنجي زمانهءِ خلافت ۾ ٻيهر اهو ئي عملدرآمد جاري ڪري ڇڏيو، جيڪو حضرت ابو بڪر ۽ حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جن جي دورِ خلافت ۾ هو.[2]

(ابو داؤد ج 2 ص 417 باب في وصايا رسول الله مطبوعه نامي پريس)

---

[1] سنن ابي داود، كتاب الخراج .... الخ، باب في صفايا ... الخ، الحديث: 2963، 2964، ج 3، ص 193، 195

[2] سنن ابي داود، كتاب الخراج .... الخ، باب في صفايا ... الخ، الحديث: 2972، ج 3، ص 198

## سواري جا جانور

زرقاني علي المواهب وغيره ۾ لکيل آهي تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ملڪيت ۾ ست گهوڙا، پنج خچر، ٽي گڏهہ ۽ بہ ڏاچيون هيون.[1] (زرقاني ج 3 ص 386 کان ص 391)

پر هن ۾ اها وضاحت ناهي تہ بوقتِ وفات انهن مان گهٽا جانور موجود هئا ڇو تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجا جانور ٻين کي بہ عطا فرمائيندا رهندا هئا ۽ ڪجهہ نوان جانور خريد فرمائيندا رهيا ۽ ڪجهہ تحفن ۽ نذرانن ۾ بہ ملندا رهيا.

بهرحال صحيح روايتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ وصال وقت سواري جا جيڪي جانور موجود هئا انهن ۾ هڪ گهوڙو جنهن جو نالو "لحيف" هو، هڪ اڇو خچر جنهن جو نالو "دلدل" هو هي تمام ڊگهي عمر تائين رهيو، حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي زماني تائين زندهہ رهيو ايترو پوڙهو ٿي ويو جو هن جا سڀ ڏند ڪري پيا هئا ۽ آخر ۾ انڌو بہ ٿي ويو هو. ابن عساڪر جي تاريخ ۾ آهي تہ حضرت علي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ بہ جنگ خوارج ۾ هن تي سوار ٿيا هئا.[2]

(زرقاني ج 3 ص 389)

هڪ عربي گڏهہ هيو جنهن جو نالو "عفير" هيو ۽ هڪ ڏاچي هئي جنهن جو نالو "عضباء ۽ قصواء" هو. هيءَ اهائي ڏاچي هئي جيڪا هجرت وقت رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان خريد ڪئي هئي. هن ڏاچيءَ تي سوار

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب في ذكر خيله ... الخ، ج 5، ص 98 — 102، 106 — 110 ملتقطاً

[2] شرح الزرقاني علي المواهب، في ذكر خيله و لقاحه و دوابه، ج 5، ص 100، 106

ٿي هجرت فرمايائون ۽ ان جي پٺيءَ تي ڇڙهي حجة الوداع ۾ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن عرفات ۽ منيٰ ۾ خطبو ڏنو هئائون. (والله تعاليٰ اعلم)

## هٿيار

جيئن ته جهاد جي ضرورت هر وقت درپيش رهندي هئي تنهنڪري حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اسلحي خاني ۾ نَوَ يا ڏهه تلوارون، ست لوهه جون زرهون، ڇهه ڪمانون، هڪ تيردان، هڪ ڍال، پنج بڙڇيون، ٻه مغفر، ٽي جبا، هڪ ڪاري رنگ جو وڏو جهنڊو باقي اڇا ۽ ڦڪي رنگ جا ننڍڙا ننڍڙا جهنڊا هئا ۽ هڪ خيمو ٻه هو.[1]

هٿيارن مان تلوارن جي باري ۾ حضرت شيخ عبد الحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن تحرير فرمايو آهي ته مونکي هن جو علم ناهي ته هي سڀ تلوارون هڪ ئي وقت جمع رهيون يا مختلف وقتن ۾ سندن وٽ رهيون.[2] (مدارج النبوة ج 3 ص 595)

## ٿانوءِ مختلف سامان

ٿانون وغيره ۾ ڪيترائي پيالا هئا. هڪ شيشي جو پيالو هو هڪ ڪاٺ جو پيالو ٻه هيو جيڪو ڏري پيو هو ته حضرت انس

---

[1] المواهب اللدنية وشرح الزرقاني، في الالات حروبه ... الخ، ج 5، ص 85، 88 — 89، 91 — 92 و مدارج النبوت، قسم پنجم، باب يازدهم، ج 2، ص 598، 607 ملخصًا و ملتقطًا

[2] مدارج النبوت، قسم پنجم، باب يازدهم، ج 2، ص 595

رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ان جي ڏار کي بند ڪرڻ لاءِ هڪ چاندي جي زنجير سان ان کي جڪڙي ڇڏيو هو.[1] (بخاري ج ا ص 438، باب ما ذكر من درع النبي)

چمڙي جو هڪ ڏول، هڪ پراڻي گلي، هڪ پٿر جي تغاري، هڪ وڏو پيالو جنهن جو نالو "السعہ" هو، هڪ چمڙي جو ٿيلهو جنهن ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آئينو، قينچي ۽ ڏندڻ رکندا هئا. هڪ ڦٽي، هڪ سرُمي داڻي، هڪ تمام وڏو پيالو جنهن جو نالو "الغرا" هو. صاع ۽ مد بہ ماپڻ جا پيمانا.

ان کان علاوه هڪ کٽ جنهن جا پاوا ڪاٺ جا هئا. هيءَ کٽ حضرت اسعد بن زراره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن تحفي طور خدمتِ اقدس ۾ پيش ڪئي هئي. بسترو ۽ وهاڻو چمڙي جو هو جنهن ۾ ڪجيءَ جو ڪاڀَر ڀريل هو ۽ مقدس جُتيون. هي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اسباب ۽ سامان جي هڪ فهرست آهي. جنهن جو ذڪر حديثن ۾ جدا جدا طور آيل آهي.[2]

## تبرڪات نبوت

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هن ڇڏيل سامان کان علاوه ڪجهہ يادگار تبرڪات بہ هئا جن کي عاشقانِ رسول وڏي عقيدت سان پنهنجن پنهنجن گهرن ۾ محفوظ ڪري رکيو هو. ۽ انهن کي پنهنجين جانين کان وڌيڪ عزيز رکندا هئا. جيئن تہ وارَ مبارڪ، نعلين شريفين ۽ هڪ ڪاٺ جو پيالو جيڪو چاندي جي

---

[1] صحيح البخاري، كتاب فرض الخمس، باب ما ذكر من درع النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .... الخ، الحديث: 3109، ج 2، ص 344

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، تكميل، ج 5، ص 94 — 96 ملخصاً

تارن سان ڳنڍيل هو حضرت انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن هنن ٽنهي آثارِ متبرڪ کي پنهنجي گهر ۾ محفوظ رکيو هو.[1]

(بخاري ج ا ص 438 باب ما ذكر من درع النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الخ)

اهڙي طرح هڪ ٽلهو ڪمبل حضرت بيبي عائشه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جن وٽ هيو جنهن کي پاڻ بطور تبرڪ رکي ڇڏيو هئائون ۽ ماڻهن کي ان جي زيارت ڪرائيندیون هيون. جيئن ته حضرت ابو برده رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي ته اسان کي حضرت بيبي عائشه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي خدمت مبارڪ ۾ حاضري جو شرف حاصل ٿيو ته انهن هڪ ٽلهو ڪمبل ڪڍيو ۽ فرمايائون ته هي اهو ئي ڪمبل آهي جنهن ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وفات ڪئي.[2]

(بخاري ج ا ص 438 باب ما ذكر من درع النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هڪ تلوار جنهن جو نالو ”ذو الفقار“ هيو حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ وٽ هئي ان کان پوءِ انهن جي خاندان ۾ رهي ايتري تائين جو اها تلوار ڪربلا ۾ حضرت امام حسين رَضِیَ اللهُ عَنْهُ وٽ هئي ان کانپوءِ انهن جي فرزند ۽ جانشين حضرت امام زين العابدين رَضِیَ اللهُ عَنْهُ وٽ رهي. جيئن ته حضرت امام حسين رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي شهادت کانپوءِ جڏهن حضرت امام زين العابدين رَضِیَ اللهُ عَنْهُ يزيد بن معاويه وٽان رخصت ٿي مديني تشريف وٺي آيا ته مشهور صحابي حضرت مسور بن مخرمه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ

---

[1] صحيح البخاري، كتاب فرض الخمس، باب ما ذكر من درع النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .... الخ، الحديث: 3107، 3109، ج 2، ص 343، 344 وفتح الباري شرح صحيح البخاري، كتاب فرض الخمس، باب ما ذكر درع النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .... الخ، تحت الحديث: 3107، ج 6، ص 173، 174 ملتقطاً

[2] صحيح البخاري، كتاب فرض الخمس، باب ما ذكر من درع النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .... الخ، الحديث: 3108، ج 2، ص 343

حاضر خدمت ٿيا ۽ عرض ڪيائون تہ جيڪڏهن توهان کي ڪا حاجت هجي يا منهنجي لاءِ ڪا خدمت هجي تہ توهان حڪم فرمايو مان توهان جي حڪم جي تعميل جي لاءِ حاضر آهيان. پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن فرمايو مونکي ڪا بہ حاجت ناهي. پوءِ حضرت مسور بن مخرمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن هيءَ گذارش ڪئي تہ توهان وٽ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي جيڪا تلوار "ذو الفقار" آهي ڇا اها توهان مونکي عنايت ڪري سگهو ٿا؟ ڇو جو مونکي خطرو آهي تہ متان يزيد جي قوم توهان تي غالب اچي وڃي ۽ هي تبرڪ توهان جي هٿن مان هليو وڃي ۽ جيڪڏهن توهان هن مقدس تلوار کي منهنجي حوالي ڪندا تہ خدا جو قسم جيسيتائين مون ۾ ساهہ جو ذرو بہ باقي هوندو انهن ماڻهن جي هن تلوار تائين رسائي نہ ٿي سگهندي. پر حضرت امام زين العابدين رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن هن مقدس تلوار کي پاڻ کان جدا ڪرڻ پسند نہ فرمايو.[1]

(بخاري ج اص 438 باب ما ذكر من درع النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مندي ۽ عصا مبارڪ تي جانشين هئڻ جي سبب خلفاءِ ڪرام حضرت ابو بڪر صديق، حضرت عمر فاروق ۽ حضرت عثمان غني رَضِیَ اللهُ عَنْهُم پنهنجي پنهنجي دؤرِ خلافت ۾ قابض رهيا. پر مندي حضرت عثمان رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي هٿ مان ڪوهہ ۾ ڪري ضايع ٿي وئي انهيءَ ڪوهہ جو نالو "بير اريس" آهي جنهن کي ماڻهو "بير خاتم" بہ چوندا آهن.[2]

(بخاري ج 2 ص 872، باب خاتم الفضہ)

---

[1] صحيح البخاري، كتاب فرض الخمس، باب ما ذكر من درع النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .... الخ، الحديث: 3110، ج 2، ص 344

[2] صحيح البخاري، كتاب اللباس، باب خاتم الفضة، الحديث: 5866، ج 4، ص 68

۽ عصا مبارڪ اهڙي طرح ضايع ٿي جو حضرت امير المومنين عثمان غني رَضِیَ اللهُ عَنْهُ انهيءَ مقدس عصاءِ نبوي کي پنهنجي دستِ مبارڪ ۾ کڻي مسجد نبوي جي منبر تي خطبو پڙهي رهيا هئا تہ اوچتو هڪ بد نصيب "جهجاه غفاري" اٿيو ۽ پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن جي هٿ مان هن مبارڪ تبرڪ کي ڦُري ڇڏيو. ان بي ادبي جي ڪري هن جي مٿان هي قهرِ الٰهي نازل ٿيو جو هن جي هٿ ۾ ڪينسر ٿي وئي ۽ سڄو هٿ ڳري سڙي ڪري پيو ۽ ان ئي عذاب ۾ هو هلاڪ ٿي ويو.[1] (دلائل النبوة ج 3 ص 211)

---

[1] حجة الله علي العالمين، المطلب الثالث في ذكر جملة جميلة من كرامات اصحاب رسول الله، ص 613

**تنبيهہ:** سيرت ۽ تاريخ جي ڪتابن ۾ جهجاه نالي جي ڪيترن ئي ماڻهن جو ذڪر ٿيل آهي جنهن ۾ جهجاه بن سعيد، جهجاه بن سنار، جهجاه بن عمرو ۽ ابن جهجاه وغيره شامل آهن. انهن مان رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي لٺ مبارڪ جي بي حرمتي ڪنهن ڪئي؟ ان باري ۾ عالمن سڳورن جون مختلف چوڻيون آهن. حضرت سيدنا جهجاه بن سعيد غفاري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ تہ جليل القدر صحابي آهن جيڪي بيعت رضوان ۾ شريڪ هئا تنهنڪري هن واقعي کي انهن سان جوڙڻ صحيح نہ آهي پڻ تحقيق مان بہ اهو ئي ثابت ٿيو آهي. حضرت علامہ مطهر بن طاهر مقدسي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (وفات: 355 ھ) فرمائن ٿا: جنهن شخص لٺ مبارڪ ٽوڙي ان جو نالو جهجاه بن سنار آهي. (البدءُ و التاريخ، 5/205) حضرت علامہ عبد الملڪ بن حسين عصامي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکيو آهي: جهجاه بن عمرو غفاريءَ لٺ کڻي ٽوڙي ڇڏي الخ (سمط النجوم العوالي، 2/525) پڻ حضرت علامہ اسماعيل بن محمد اصبهاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (وفات: 535 ھ) جي مطابق: جنهن لٺ ٽوڙي ان کي جهجاه يا ابن جهجاه سڏيو ويندو هو. (سير السلف الصالحين، ص 184). ڪجهہ ڪتابن ۾ ان واقعي کي ڄاڻڻ کان بغير يا بنا ڪنهن سند جي ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ صرف هڪ امڪان جي ڪري ان کي صحابي رسول حضرت سيدنا جهجاه بن سعيد غفاري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ سان جوڙيو ويو آهي، جيڪو صحيح نہ آهي. قاعدو بہ اهو ئي آهي: "اِذَا جَاءَ الْاِحْتِمَالُ فَبَطَلَ الْاِسْتِدْلَال" يعني جتي امڪان پيدا ٿي وڃي، پوءِ اُن مان دليل پڪڙڻ فضول ٿي ويندو آهي. ان ڪري اهو بالڪل بہ يقين سان نٿو چئي سگهجي تہ لٺ ٽوڙڻ جو ڪم صحابي رسول حضرت سيدنا جهجاه بن سعيد غفاري

رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کيو هو، بلڪ جليل القدر صحابي حضرت سيدنا جهجاه بن سعيد غفاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ڏانهن نظر ڪجي تہ انهن جو جنتي هجڻ، پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ سندن سان نسبت رکڻ وارين شين جو ادب و احترام ڪرڻ لازمي، يقيني ۽ قطعي آهي ڇو جو اهي ڳالهيون صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کان تواتر سان ثابت آهن. جڏهن تہ مَعَاذَ الله لڻ سڳوري جي بي ادبي وارو واقعو صحيح هئڻ جي لحاظ کان ان درجي جو ناهي جو اهو يقين کي ختم ڪري سگهي ان ڪري لازم آهي تہ اَلْيَقِيْنُ لَا يَزُوْلُ بِالشَّک واري قاعدي مطابق ان ڪم کي صحابيِ رسول سان نہ جوڙو وجي. جن بن روايتن ۾ جَهْجَاهُ بْنُ سَعْدٍ الْغِفَارِيُّ ۽ جَهْجَاهُ بْنُ سَعِيْدٍ الْغِفَارِيُّ جا لفظ آهن انهن جي سند ۾ مجروح (يعني جن تي محدّثين جرح ڪئي هجي)، ضعيف ۽ مجهول (يعني اڻ ڄاتل) راوي موجود آهن، جنهن جي ڪري انهن روايتن تي اعتبار نہ ٿو ڪري سگهجي.

آخر ۾ حضرت امام شهاب الدين خفاجي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عبارت ڏسو جيڪا ان معاملي ۾ حرفِ آخر جي حيثيت رکي ٿي جيئن تہ امام خفاجي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: "وَ فِيْ جُزْاَتِهٖ عَلٰى قَضِيْبِ رَسُوْلِ اللهِ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَعَ اَنَّهٗ مِنَ الصَّحَابَةِ الَّذِيْنَ شَهِدُوا الْمَشَاهِدَ مَعَهٗ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اِشْكَالٌ لَا يَخْفٰى. فَاِنَّ الظَّاهِرَ اَنَّهٗ يَعْرِفُ الْقَضِيْبَ وَحُرْمَتَهٗ، وَغَضْبُهٗ عَلٰى عُثْمَانَ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ، كَانَ مُجْتَهِدًا مُتَاَوِّلًا فِيْمَا اَنْكَرُوْهُ عَلَيْهِ، وَمَا هٰذِهٖ اِلَّا زَلَّةٌ عَظِيْمَةٌ لَا تَلِيْقُ بِمَنْ كَانَ مُؤْمِنًا صَحَابِيًّا" يعني پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان جنگين ۾ حصو وٺڻ واري اصحابي کان لڻ سڳوري سان اهڙي جرئت ڪرڻ کي اگر مڃيو وڃي تہ ان ۾ ڪيئي اهڙا احتمال آهن جيڪي ڪنهن کان لڪيل ناهن. اها ڳالهہ بالڪل واضح آهي جو اُهي صحابي لڻ سڳوري ۽ ان جي حرمت کي چڱي نموني سڃاڻيندا هئا. ڪجهہ ڳالهيون ذڪر ڪرڻ کان پوءِ وڌيڪ فرمائن ٿا: بهرحال اها ايتري وڏي غلطي آهي جو ان کي ڪنهن مومن صحابيءَ رسول سان جوڙڻ بالڪل بہ مناسب نہ آهي. (نسيم الرياض، 4/127، ملخصاً)

مختصر هي تہ ان واقعي کي صحابيِ رسول حضرت سيدنا جهجاه بن سعيد غفاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ سان يقيني طور نہ ٿو جوڙي سگهجي. وڌيڪ تفصيل لاءِ هن لنڪ

(https://www.dawateislami.net/bookslibrary/ur/azrat-jah-jah-bin-saeed-ghafari)

تي موجود رسالي "تذڪرهءِ حضرت جهجاه بن سعيد غفاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ" جو مطالعو ڪريو. ان سان گڏ ان واقعي جي تحقيق ڪندي، اسان سيرت ۽ تاريخ جي ڪيترن ئي عربي ڪتابن وغيره ۾ ڏٺو آهي، پر انهن ۾ لفظ "بدنصيب" يا ان جهڙا بيا لفظ نہ ملي سگهيا، ان ڪري اسان انهن لفظن کي متن مان ڪڍي ڇڏيو آهي. المدينة العلمية

اهڙي قسم جا ٻيا به تبرڪاتِ نبوي آهن جيڪي مختلف صحابه ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم وٽ محفوظ هيا جن جو ذڪر سيرت ۽ حديث جي ڪتابن ۾ متفرق طور مختلف جاين تي ٿيل آهي ۽ انهن مقدس تبرڪات سان صحابه ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم ۽ تابعينِ عظام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم ڪي ايتري قدر والهانه محبت هئي جو هو انهن ڪي پنهنجن جانين کان به وڌيڪ پيارو سمجهندا هئا.

## باب سترهون

## عادتون ۽ خصلتون

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪي الله تعالي جهڙي طرح سيرت جي ڪمال ۾ اولين و آخرين کان ممتاز ۽ افضل ۽ اعليٰ بڻايو اهڙي طرح حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪي جمالِ صورت ۾ به بي مثل ۽ بيمثال پيدا فرمايو. اسان ۽ توهان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بيمثال شان ڪي ڀلا ڪيئن ٿا سمجهي سگهون؟ حضرات صحابه ڪرام جيڪي ڏينهن رات سفر ۽ حضر ۾ جمالِ نبوت جون تجليون ڏسندا رهيا انهن محبوبِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي جمالِ بيمثال جي فضل ۽ ڪمال جي جيڪا تصوير ڪَشِي ڪئي آهي ان ڪي ٻڌي ائين ئي چوڻو پئي ٿو جيئن ڪنهن مداحِ رسول ڇا خوب فرمايو آهي ته:

لَمْ يَخْلُقِ الرَّحْمٰنُ مِثْلَ مُحَمَّدٍ
اَبَدًا وَّعِلْمِيْ اَنَّهٗ لَا يَخْلُقُ

يعني الله تعاليٰ حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جهڙو ڪو ٻيو

پيدا فرمايو ئي ناهي. ۽ آءُ اهوئي ڄاڻان ٿو تہ اهو ڪڏهن حضور جن جهڙو پيدائي نہ ڪندو.[1] (حياة الحيوان دميري، ج 1، ص 42)

صحابيءِ رسول ۽ تاجدار دو عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي درٻاري شاعر حضرت حسان بن ثابت رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن پنهنجي قصيدي همزيہ ۾ جمالِ نبوت جي بيمثال شان کي هن شان سان بيان فرمايو آهي تہ:

وَاَحْسَنَ مِنْکَ لَمْ تَرَ قَطُّ عَيْنِيْ!
وَاَجْمَلَ مِنْکَ لَمْ تَلِدِ النِّسَآءُ

يعني يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) توهان کان وڌيڪ حسن ۽ جمال وارو منهنجي اکين ڏٺو ئي ناهي ۽ توهان کان وڌيڪ ڪمال وارو ڪنهن عورت ڄڻيو ئي ناهي.

خُلِقْتَ مُبَرَّءً مِّنْ کُلِّ عَيْبٍ!
کَاَنَّکَ قَدْ خُلِقْتَ کَمَا تَشَآءُ[2]

(يا رسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اوهان هر عيب ۽ نقص کان پاڪ پيدا ڪيا ويا آهيو. ڄڻ اوهان ائين ئي پيدا ڪيا ويا جيئن حسين و جميل پيدا ٿيڻ چاهيو پيا.

حضرت علامہ بوصيري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن پنهنجي قصيده برده شريف ۾ فرمايو تہ

---

[1] حياة الحيوان الكبري، باب الهمزة، ج 1، ص 75

[2] شرح ديوان حسان بن ثابت الانصاري، ص 66

مُنَزَّهٌ عَنْ شَرِيْكٍ فِيْ مَحَاسِنِهٖ
فَجَوْهَرُ الْحُسْنِ فِيْهِ غَيْرُ مُنْقَسِمِ [1]

يعني حضرت محبوبِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجين خوبين ۾ ائين اڪيلا آهن جو ان معاملي ۾ انهن جو ڪو شريڪ ئي ناهي. ڇو جو انهن ۾ جيڪو حسن جو جوهر آهي اهو قابلِ تقسيم ئي ناهي.

اعليٰ حضرت مولانا احمد رضا خان صاحب قبلہ بريلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن بہ انهيءَ مضمون جي عڪاسي فرمائيندي ڪهڙي نہ نفيس انداز سان فرمايو آهي تہ:

ترے خُلق کو حق نے عظیم کہا تری خِلق کو حق نے جمیل کیا
کوئی تجھ سا ہوا ہے نہ ہوگا شہا ترے خالق حسن و ادا کی قسم

بهرحال ان تي تمام امت جو ايمان آهي تہ تناسبِ اعضاء (يعني عضون جي بالڪل ٺيڪ ۽ مناسب هجڻ) ۽ حسن ۽ جمال ۾ حضور نبي آخر الزّمان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بي مثل ۽ بيمثال آهن. جيئن محدثن ۽ سيرت نگارن روايات صحيحہ سان رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هر هر عضو شريف جي تناسب ۽ حسن و جمال کي بيان ڪيو آهي. اسان بہ پنهنجي هن مختصر ڪتاب ۾ ”حليي مبارڪ“ جي ذڪرِ جميل سان حسن ۽ جمال پيدا ڪرڻ لاءِ انهيءَ عنوان تي حضرت مولانا محمد ڪامل صاحب چراغ رباني نعماني وليد پوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي منظوم حليي مبارڪ جا ڪجهہ شعر نقل ڪيون ٿا تہ جيئن ان عالمِ ڪامل جي برڪتن سان بہ

[1] قصيدة البردة مع شرحها، ص 111

هي ڪتاب مالامال ٿي وڃي. حضرت مولانا موصوف پنهنجي ڪتاب ”پنجہ نور“ ۾ تحرير فرمايو آهي تہ:

## مقدس حليو

روح حق کا میں سراپا کیا لکھوں
حلیہ نورِ خدا میں کیا لکھوں

پر جمالِ رحمۃٌ للعالمیں
جلوہ گر ہوگا مکانِ قبر میں

اس لئے ہے آگیا مجھ کو خیال
مختصر لکھ دوں جمالِ بے مثال

تاکہ یاروں کو مرے پہچان ہو
اور اس کی یاد بھی آسان ہو

تھا میانہ قد واوسط پاک تن
پر سپید و سرخ تھا رنگ بدن

چاند کے ٹکڑے تھے اعضاء آپ کے
تھے حسین و گول سانچے میں ڈھلے

تھیں جبیں روشن کشادہ آپ کی
چاند میں ہے داغ وہ بے داغ تھی

دونوں ابرو تھیں مثالِ دو ہلال
اور دونوں کو ہوا تھا اِتصال

اِتصال دو مہ "عیدین" تھا
یا کہ ادنیٰ قرب تھا "قوسین" کا

تھیں بڑی آنکھیں حسین و سرمگیں
دیکھ کر قربان تھیں سب حور عیں

کان دونوں خوب صورت ارجمند
ساتھ خوبی کے دہن بینی بلند

صاف آئینہ تھا چہرہ آپ کا
صورت اپنی اس میں ہر اک دیکھتا

تابہ سینہ ریش محبوبِ الٰہ
خوب تھی گنجان مو، رنگ سیاہ

تھا سپید اکثر لباسِ پاک تن
ہو ازار و جبہ یا پیرہن

سبز رہتا تھا عمامہ آپ کا
پر کبھی سود و سپید و صاف تھا

میں کہوں پہچان عمدہ آپ کی
دونوں عالم میں نہیں ایسا کوئی

## جسم اطهر

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي جسمِ اقدس جو رنگ پُورو سفيد هو ائين معلوم ٿيندو هو جڻ تہ چاندي مان ناهيو ويو هجي.[1] (شمائل ترمذي ص 2)

حضرت انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو جسم مبارڪ نهايت نرم ۽ نازڪ هو. مون ريشمي ڪپڙن کي بہ سندن جي بدن کان وڌيڪ نرم ۽ نازڪ نہ ڏٺو ۽ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي جسم مبارڪ جي خوشبو کان وڌيڪ سني خوشبو مون ڪڏهن نہ سونگهي.[2]

(بخاري ج ا، ص 503، باب صفة النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

حضرت ڪعب بن مالڪ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن فرمايو تہ جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خوش ٿيندا هئا تہ سندن چهرو اهڙي طرح چمڪندو هو جو جڻ چنڊ جو هڪ ٽڪرو هجي، ۽ اسان ان ئي ڪيفيت مان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي شادماني ۽ مسرت کي سڃاڻي وٺندا هئاسين.[3]

(بخاري ج ا، ص 502، باب صفة النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

سندن جي چهرءِ انور تي پگهر جا ڦُڙا موتين وانگر چمڪندا

---

[1] الشمائل المحمدية، باب ما جاء في خلق رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الحديث: 11، ص 24، 25

[2] صحيح البخاري، كتاب المناقب، باب صفة النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 3561، ج 2، ص 489

[3] صحيح البخاري، كتاب المناقب، باب صفة النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 3556، ج 2، ص 488

هئا ۽ انهن ۾ مشڪ ۽ عنبر کان وڌيڪ خوشبو رهندي هئي. جيئن تہ حضرت انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي والده حضرت بيبي ام سليم رَضِیَ اللهُ عَنْهَا هڪ چمڙي جو بسترو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي لاءِ وڇائيندیون هيون ۽ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان تي ٻنپهرن جو قيلولہ فرمائيندا هئا. سندن جي جسم اطهر جي پگهر کي پاڻ هڪ شيشي ۾ جمع ڪري وٺندیون هيون پوءِ وري ان کي پنهنجي خوشبو سان ملائي ڇڏيندیون هيون. تنهنڪري حضرت انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن وصيت ڪئي هئي تہ منهنجي وفات کانپوءِ منهنجي بدن ۽ ڪفن ۾ اهائي خوشبو لڳائي وڃي جنهن ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي جسم اقدس جو پگهر مليل آهي.[1] (بخاري ج 2 ص 929 باب من زار قوماً فقال عندهم و بخاري ج 1 ص 365، حديث الافک)

## جسم انور جو پاڇو نہ هو

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قد مبارڪ جو پاڇو نہ هو. حڪيم ترمذي (متوفي 255 هـ) جن پنهنجي ڪتاب "نوادر الاصول" ۾ حضرت ذڪوان تابعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان هي حديث نقل ڪئي آهي تہ سج جي اُس ۽ چنڊ جي چانڊوڪي ۾ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو پاڇو نہ پوندو هو. امام ابن سبع رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن جو قول آهي تہ هي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو خاصو آهي تہ سندن پاڇو زمين تي نہ پوندو هو. پاڻ نور هئا تنهنڪري جڏهن پاڻ اُسّ يا چانڊوڪي ۾ هلندا هئا تہ سندن پاڇو نظر نہ ايندو هو ۽ ڪجهہ عالمن جو چوڻ آهي تہ ان جي شاهد اها حديث آهي جنهن ۾ سندن جي هن دعا جو ذڪر آهي تہ پاڻ هيءَ

[1] صحيح البخاري، كتاب الاستئذان، باب من زار قوما .... الخ، الحديث: 6281، ج 4، ص 182

دعا گهريائون تہ خداوندا. تون منهنجي سيني عضون کي نور بڻائي ڇڏ ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي هن دعا کي هن قول تي ختم فرمايو تہ "وَاجْعَلْنِيْ نُوْرًا" يعني يا الله! تون مونکي سراپا نور بڻائي ڇڏ. ظاهر آهي تہ جڏهن رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سراپا نور هئا تہ پوءِ سندن پاڇو ڪٿان کان پوندو؟

اهڙي طرح عبد الله بن مبارڪ ۽ ابن الجوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِمَا جن بہ حضرت عبد الله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت ڪئي آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو پاڇو نہ هو.[1] (زرقاني ج 5 ص 249)

## مکين، مڇرن ۽ جوئن کان محفوظ

حضرت امام فخر الدين رازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن هن روايت کي نقل فرمايو آهي ۽ علامہ حجازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وغيره کان بہ اهو ئي منقول آهي تہ جسم تہ جسم، پر پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ڪپڙن تي بہ ڪڏهن مک نہ ويني ۽ نہ ڪپڙن تي ڪڏهن جوءَ پئي ۽ نہ ئي وري ڪڏهن ڪٿمل يا مڇر کين چَڪ هنيو هن عنوان کي ابو الربيع سليمان بن سبع رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ڪتاب "شفاء الصدور في اعلام نبوة الرسول" ۾ بيان فرمائيندي تحرير ڪيو آهي تہ هن جو هڪ سبب تہ هي آهي جو رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن نور هئا. جيئن تہ مکين جي آمد ۽ جوءَ جو پيدا ٿيڻ، اهو سڀ ڪجهہ گندگي ۽ بدبو وغيره جي ڪري ٿيندو آهي ۽ حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن تہ هر قسم جي گندگيءَ کان پاڪ

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، الفصل الاول في كمال خلقته ... الخ، ج 5، ص 524 — 525

۽ سندن جسمِ اطهر خوشبودار هيو تنهڪري پاڻ اهڙين شين کان محفوظ رهيا. امام سبتي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه به هن مضمون کي ”اعظم الموارد“ ۾ مفصل لکيو آهي.[1] (زرقاني ج 5 ص 249)

## مهر نبوت

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ ڪبوتر جي آني جي برابر مهرِ نبوت هئي هي بظاهر ڳاڙهاڻ مائل اڀريل گوشت هو. جيئن ته حضرت جابر بن سمره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا ته مون حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ مهرِ نبوت کي ڏٺو جيڪو ڪبوتر جي آني جي برابر ڳاڙهو اڀريل هڪ غدود هو.[2]

(شمائل ترمذي ص 3 و ترمذي ج 2 ص 205)

پر هڪ روايت ۾ هي به آهي ته مهر نبوت ڪبوتر جي آني جي برابر هئي ۽ ان تي هيءَ عبارت لکيل هئي.

اَللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ بِوَجْهٍ حَيْثُ كُنْتَ فَاِنَّكَ مَنْصُوْرٌ

يعني هڪ الله آهي ان جو ڪو به شريڪ ناهي (اي رسول!) توهان جتي به رهندؤ توهان جي مدد ڪئي ويندي ۽ هڪ روايت ۾ هي به آهي ته: ”كَانَ نُوْرًا يَّتَلَاْلَاُ“ يعني مهر نبوت هڪ چمڪندڙ نور هو. راوين ان جي ظاهري شڪل ۽ صورت ۽ مقدار کي ڪبوتر جي آني سان تشبيهه ڏني آهي.[3] (حاشيه ترمذي ج 2 ص 205 باب ما جاء في خاتم النبوة)

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، الفصل الرابع ما اختص به ... الخ، ج 7، ص 200
[2] الشمائل المحمدية، باب ما جاء في خاتم النبوة، الحديث: 16، ص 28
[3] حاشية جامع الترمذي، ابواب المناقب، ما جاء في خاتم النبوة، حاشيه 2، ج 2، ص 206

## قد مبارڪ

حضرت انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن نہ گهٽا ڊگها هئا ۽ نہ ئي ننڍڙي قد جا هئا بلڪ پاڻ وچولي قد جا مالڪ هئا ۽ سندن جو مقدس بدن انتهائي خوبصورت هو جڏهن هلندا هئا تہ ڪجهہ جهڪي هلندا هئا.[1] (شمائل ترمذي ص 1)

اهڙي طرح حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نہ گهٽا قد جا ڊگها هئا نہ ننڍي قد جا بلڪ وچولي قد جا مالڪ هئا. جڏهن هلندا هئا تہ ائين معلوم ٿيندو هو جڻ تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن چاڙهي تان لهي رهيا هجن. مون حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جهڙو نہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پهريان ڏٺو ۽ نہ ئي وري بعد ۾.[2] (شمائل ترمذي ص 1)

ان تي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جو اتفاق آهي تہ پاڻ وچولي قد وارا هئا پر هي بہ حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو معجزانہ شان آهي تہ وچولي قد جي باوجود بہ جيڪڏهن پاڻ هزارين انسانن جي مجموعي ۾ بيٺا هوندا هئا تہ سندن جو قد مبارڪ سيني کان وڌيڪ اوچو نظر ايندو هو.

قد بے سایہ کے سایۂ مرحمت
ظل ممدود رافت پہ لاکھوں سلام
طائرانِ قدس جس کی ہیں قمریاں
اُس سہی سروِ قامت پہ لاکھوں سلام

---

[1] الشمائل المحمدية، باب ما جاء في خلق رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 2، ص 16

[2] الشمائل المحمدية، باب ما جاء في خلق رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 5، ص 19

## مٿو مبارڪ

حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو مبارڪ حليو بيان ڪندي ارشاد فرمائن ٿا تہ "ضخم الراس" يعني رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو مقدس مٿو "وڏو" هو (جيڪو شاندار ۽ خوبصورت هئڻ جو نشان آهي).[1] (شمائل ترمذي)

جس کے آگے سر سروراں خم رہیں　　اُس سرِ تاج رفعت پہ لاکھوں سلام

## وار مبارڪ

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا وار مبارڪ نہ گهُنڊيدار هئا ۽ نہ ئي وري بلڪل سڌا بلڪ انهن ٻنهي ڪيفيتن جي درميان هئا. رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا مقدس وار پهريان ڪنن جي پاڙين تائين هئا پوءِ وري ڪلهن تائين خوبصورت زلف لڙڪندا رهندا هئا. پر حجة الوداع جي موقعي تي پاڻ پنهجن وارن کي لهرائي ڇڏيو. اعليٰ حضرت مولانا شاهہ احمد رضا خان قبلہ بريلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن سندن مقدس وارن جي انهن ٽنهي صورتن کي پنهنجن ٻن شعرن ۾ تمام ئي نفيس ۽ لطيف انداز ۾ بيان فرمايو آهي تہ:

گوش تک سنتے تھے فریاد اب آئے تا دوش　　کہ بنیں خانہ بدوشوں کو سہارے گیسو

آخرِ حج غمِ اُمت میں پریشاں ہو کر　　تیرہ بختوں کی شفاعت کو سدھارے گیسو

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڪثر وارن ۾ تيل بہ وجهندا

---

[1] الشمائل المحمدية، باب ما جاء في خلق رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 5، ص 19

هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڦٽي بہ ڏيندا هئا ۽ آخر وقت ۾ وچان سينڌ بہ ڪيندا هئا. حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا مقدس وار آخري وقت تائين ڪارا رهيا. متي ۽ ڏاڙهي شريف ۾ ويهن وارن کان وڌيڪ وار اڇا نہ ٿيا هئا.[1] (شمائل ترمذي ص 4 — 5)

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حجة الوداع ۾ جڏهن پنهنجا مقدس وار لهرايا تہ اهي صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم ۾ بطور تبرڪ تقسيم ٿيا ۽ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جن نهايت ئي عقيدت مان هنن موئي مبارڪ کي پاڻ وٽ محفوظ رکيو ۽ انهن کي پنهنجين جانين کان وڌيڪ عزيز رکندا هئا.

حضرت بيبي امِ سلمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جن انهن مقدس وارن کي هڪ شيشي ۾ رکي ڇڏيو هو جڏهن ڪنهن انسان کي ڪا نظر لڳي ويندي هئي يا ڪو مرض ٿي ويندو هو تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ان شيشي کي پاڻي ۾ بوڙي ڏيندیون هيون ۽ ان پاڻي مان شفا حاصل ٿي ويندي هئي.[2] (بخاري ج 2 ص 875 باب ما يذكر في الشيب)

وہ کرم کی گھٹا گیسوئے مشک سا
لکۂ ابر رأفت پہ لاکھوں سلام

## رُخ انور

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو چهرو مبارڪ جمالِ الٰهي

---

[1] الشمائل المحمدية، باب ما جاءَ في شعر رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 26، ص 35 و باب ما جاءَ في ترجّل رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 32، 35، ص 39، 41، و باب ما جاءَ في شيب رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 39، ص 44، ملتقطاً

[2] صحيح البخاري، كتاب اللباس، باب ما يذكر في الشيب، الحديث: 5896، ج 4، ص 76

جو آئينو ۽ انوارِ تجلي جو مظهر هو نهايت ئي خوبصورت، گوشت وارو ۽ ڪنهن حد تائين گول هيو. حضرت جابر بن سمره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ مون رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هڪ ڀيري چانڊوڪي رات ۾ ڏٺو مان هڪ دفعو چنڊ ڏانهن پئي ڏٺو ۽ وري هڪ دفعو رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چهرهءِ انور کي پئي ڏٺو تہ مونکي سندن چهرو چنڊ کان وڌيڪ خوبصورت پئي نظر آيو.[1]

حضرت براء بن عازب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان ڪنهن پڇيو تہ ڇا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو چهرو (چمڪ ڏمڪ ۾) تلوار وانگر هو؟ تہ پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن فرمايو تہ نہ بلڪ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو چهرو چنڊ جي مثل هيو. حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي حليي مبارڪ کي بيان ڪندي هي فرمايو تہ: مَنْ رَاٰهُ بَدِيْهَةً هَابَهٗ وَمَنْ خَالَطَهٗ مَعْرِفَةً اَحَبَّهٗ[2] (شمائل ترمذي ص 2)

جيڪو حضُور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي اچانڪ ڏسندو هو تہ اهو سندن جي رعب جي تاب نہ سهندي دهشت ۾ اچي ويندو هو ۽ سجاڻڻ کانپوءِ جڏهن ملندو هو تہ اهو رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت ڪرڻ لڳندو هو. حضرت براء بن عازب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو قول آهي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تمام انسانن کان وڌيڪ سهڻا ۽ سيني کان وڌيڪ سني اخلاق وارا هئا.[3] (بخاري ج 1، ص 502، باب صفة النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

---

[1] الشمائل المحمدية، باب ما جاء في خلق رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 9، ص 24

[2] الشمائل المحمدية، باب ما جاء في خلق رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 6، 10، ص 19، 20، 24 ملتقطًا

[3] صحيح البخاري، كتاب المناقب، باب صفة النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الحديث: 3549، ج 2، ص 487

حضرت عبد الله بن سلام رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن سندن جي چهري انور جي باري ۾ هي چيو، فَلَمَّا تَبَيَّنْتُ وَجْهَهٗ عَرَفْتُ اَنَّ وَجْهَهٗ لَيْسَ بِوَجْهِ كَذَّابٍ[1] يعني مون جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چهري انور کي بغور ڏٺو ته مون سڃاڻي ورتو ته سندن چهرو ڪنهن ڪوڙي ماڻهو جو چهرو ناهي. (مشكوٰة ج ا، ص 168، باب فضل الصدقة)

اعليٰ حضرت فاضلِ بريلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن ڇا خوب فرمايو ته

چاند سے منہ پہ تاباں درخشاں درود　　نمک آگیں صباحت پہ لاکھوں سلام
جس سے تاریک دل جگمگانے لگے　　اس چمک والی رنگت پہ لاکھوں سلام

عربي زبان ۾ به ڪنهن مداح رسول حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي رخ انور، جي حسن و جمال جو ڪيڏو نه حسين منظر ۽ ڪيڏي نه بهترين تشريح پيش ڪئي آهي.

نَبِيٌّ جَمَالٍ كُلُّ مَا فِيْهِ مُعْجِزٌ مِنَ　　الْحُسْنِ لٰكِنْ وَجْهُهُ الْاٰيَةُ الْكُبْرٰى
يُنَادِيْ بَلَالُ الْخَالِ فِيْ صَحْنِ خَدِّهٖ　　يُطَالِعُ مِنْ لَاْلَآئِ غُرَّتِهِ الْفَجْرَا

يعني حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حسن و جمال جا به نبي آهن. ائين جو انهن جي هر هڪ شيءِ حسن جو معجزو آهي پر خصوصًا سندن چهرو ته آيتِ ڪبريٰ (تمام وڏو معجزو) آهي.

سندن رخسار جي اڳڻ ۾ انهن جي تر جو بلال انهن جي روشن پيشاني جي چمڪ سان صبح صادق کي ڏسي آذان ڏيندو هو.

---

[1] مشكوٰة المصابيح، كتاب الزكوٰة، باب فضل الصدقة، الحديث: 1907، ج 1، ص 362

## محراب اَبرو

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جون پرون ڏگهيون، سنهيون ۽ گهاٽن وارن واريون هيون ۽ ٻئي پرون ايتريقدر هڪٻئي جي ويجهو هيون جو پري کان پاڻ ۾ مليل لڳنديون هيون ۽ انهن ٻنهي پروئن جي وچ ۾ هڪ رڳ هئي جيڪا جلال جي وقت ظاهر ٿي پوندي هئي.[1] (شمائل ترمذي ص 2) اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پروئن مبارڪ جي مدح ۾فرمائن ٿا تہ:

جن کے سجدے کو محرابِ کعبہ جھکی　　اُن بھوؤں کی لطافت پہ لاکھوں سلام

۽ حضرت محسن ڪاڪوروي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه چهرهءِ انور ۾ محراب ابرو جي حسن جي تصوير ڪشي ڪندي هي لکيو تہ:

مہ کامل میں مہ نور کی یہ تصویریں ہیں　　یا کھنچی معرکۂ بدر میں شمشیریں ہیں

## نوراني اکيون

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جون اکيون مبارڪ وڏيون وڏيون ۽ قدرتي طور تي سرمائي هيون. پنبڻ گهاٽا ۽ ڏگها هئا. ماڻڪي جي ڪاراڻ خوب ڪاري ۽ اک جي اڇاڻ خوب اڇي هئي جن ۾ سنهيون سنهيون ڳاڙهيون رڳون بہ هيون.[2]

(شمائل ترمذي ص 2 و دلائل النبوة ص 54)

---

[1] الشمائل المحمدية، باب ما جاء في خلق رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 7، ص 21 ملتقطاً

[2] الشمائل المحمدية، باب ما جاء في خلق رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 6، ص 19 ملتقطاً

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مقدس اکين جو هي ڪمال هو جو پاڻ هڪ ئي وقت، اڳيان، پٺيان، ساڄي، کاٻي ۽ هيٺ مٿي، رات ڏينهن، اوندهه ۽ روشني ۾ هڪ جهڙو يعني برابر ڏسندا هئا.[1] (زرقاني علي المواهب، ج 5، ص 246 و خصائص ڪبريٰ ج ا ص 61)

جيئن بخاري ۽ مسلم جي روايتن ۾ آيو آهي تہ:

اَقِيْمُوا الرُّكُوْعَ وَالسُّجُوْدَ فَوَاللّٰهِ اِنِّيْ لَاَرَاكُمْ مِنْ بَعْدِيْ[2]

(مشڪوٰة ص 82، باب الرکوع)

يعني اي انسانو! توهان رڪوع ۽ سجدي کي صحيح طريقي سان ادا ڪريو ڇو تہ خدا جو قسم! آءُ توهان کي پنهنجي پويان بہ ڏسندو رهندو آهيان.

صاحب مرقاة هن حديث جي شرح ۾ فرمايو تہ:

وَهِيَ مِنَ الْخَوَارِقِ الَّتِيْ اُعْطِيَهَا عَلَيْهِ السَّلَام[3]

(حاشيہ مشڪوٰة، ص 82، باب الرکوع)

يعني هي خصوصيتون رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي انهن معجزن مان آهن جيڪي سندن کي عطا ڪيون ويون آهن.

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اکين جو ڏسڻ محسوسات تائين ئي محدود نہ هو بلڪ پاڻ غير مرئي (يعني

---

[1] الخصائص الكبريٰ للسيوطي، باب المعجزة والخصائص ... الخ، ج 1، ص 104 و المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، الفصل الاول في كمال خلقته .... الخ، ج 5، ص 263، 264

[2] مشكوٰة المصابيح، كتاب الصلوٰة، باب الركوع، الحديث: 868، ج 1، ص 180

[3] مرقاة المفاتيح، شرح مشكوٰة المصابيح، تحت الحديث: 868، ج 2، ص 591

لڪيل) ۽ غير محسوس شيون جيڪي اکين جي مدد سان بہ ناهن ڏسڻ ۾ ايندیون پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي بہ ڏسي وٺندا هئا.

جيئن بخاري شريف جي هڪ روايت آهي تہ:

وَاللّٰهِ مَا يَخْفٰى عَلَيَّ رُكُوْعُكُمْ وَلَا خُشُوْعُكُمْ [1] (بخاري ج ا ص 59)

يعني خدا جو قسم! توهان جو رڪوع ۽ خشوع منهنجين نظرن کان ڳجهو ناهي رهندو. سبحان الله! پياري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پيارين اکين جي ڪمال جو ڇا چئجي جو پُٺيءَ جي پويان بہ نمازين جي رڪوع بلڪ انهن جي خشوع کي بہ ڏسي رهيون آهن

”خشوع“ ڇا آهي؟ خشوع دل ۾ خوف ۽ عاجزي جي هڪ ڪيفيت جو نالو آهي جيڪا اک سان ڏسڻ جي شيءِ ئي ناهي پر نگاهِ نبوت جو هي معجزو تہ ڏسو جو اهڙي شيءِ کي بہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجين اکين سان ڏسي ورتو جيڪا اکين سان ڏسڻ جي قابل ئي نہ آهي. سبحان الله ڪنهن جي قلم ۾ ايتري طاقت آهي جو اهو مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اکين جي ڪمال کي بيان ڪري سگهي؟ اعليٰ حضرت مولانا احمد رضا خان صاحب قبلہ بريلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن ڇا خوب فرمايو تہ:

شش جہت سمت مقابل شب و روز ایک ہی حال
دھوم "والنجم" میں ہے آپ کی بینائی کی
فرش تا عرش سب آئینہ ضمائر حاضر
بس قسم کھایئے امی تری دانائی کی

[1] صحيح البخاري، كتاب الاذان، باب الخشوع في الصلوٰة، الحديث: 741، ج 1، ص 262

## بيني مبارڪ

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو مبارڪ نڪ خوبصورت ڊگهو ۽ بلند هو جنهن تي هڪ نور چمڪندو هو. جيڪو شخص بغور نہ ڏسندو هو اهو هي سمجهندو هو تہ سندن مبارڪ نڪ تمام ڊگهو آهي حالانڪ سندن جو نڪ تمام گهٽو ڊگهو نہ هو بلڪ بلندي ان نور جي ڪري محسوس ٿيندي هئي. جيڪو سندن مقدس نڪ جي مٿان جلو گر هو.[1] (شمائل ترمذي ص 2 وغيره)

نیچی آنکھوں کی شرم وحیا پر درود　　اونچی بینی کی رفعت پہ لاکھوں سلام

## مقدس پيشاني

حضرت هند بن ابي هاله رَضِیَ اللهُ عَنْهُ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چهرهءِ انور جو حليو بيان ڪندي فرمائن ٿا تہ: ”واسع الجبين“ يعني سندن مبارڪ پيشاني (نرڻ) وسيع ۽ ويڪري هئي.[2] (شمائل ترمذي ص 2)

قدرتي طور تي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پيشاني تي هڪ نوراني چمڪ هئي جيئن دربارِ رسالت جي شاعر مداح رسول حضرت حسان بن ثابت رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن انهيءَ نوراني منظر کي ڏسي هي چيو آهي تہ:

---

[1] الشمائل المحمدية، باب ما جاء في خلق رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 7، ص 21

[2] الشمائل المحمدية، باب ما جاء في خلق رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 7، ص 21

مَتَى يَبْدُ فِي الدَّاجِي الْبَهِيْمِ جَبِيْنُهٗ!
يَلُحْ مِثْلَ مِصْبَاحِ الدُّجَى الْمُتَوَقِّدِ[1]

يعني جڏهن اونداهي رات ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مقدس پيشاني ظاهر ٿيندي آهي ته اهڙي طرح چمڪندي آهي جيئن رات جي اونداهي ۾ روشن چراغ چمڪندا آهن.

## ڪَنَ مبارڪ

سندن جي اکين وانگر سندن جي مبارڪ ڪنن جو به معجزانا شان هو. جيئن حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پاڻ پنهنجي زبان اقدس سان ارشاد فرمايو ته:

اِنِّيْ اَرٰى مَالَا تَرَوْنَ وَاَسْمَعُ مَالَا تَسْمَعُوْنَ (خصائص كبريٰ، ج 1، ص 67)

يعني مان انهن شين کي ڏسندو آهيان جن کي توهان مان ڪير به نٿو ڏسي سگهي ۽ مان انهن آوازن کي به ٻڌندو آهيان جن کي توهان مان ڪير به نٿو ٻڌي سگهي.[2]

هن حديث مان ثابت ٿئي ٿو ته حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي قوت بي مثال ۽ معجزانه شان رکندي هئي. ڇو ته رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ويجهو ۽ پري جي آوازن کي هڪجهڙو ٻڌي وٺندا هئا، جيئن ته سندن جي حليف قبيلي بني خزاعه (جو آواز) جيڪو فتح مڪه جي بيان ۾ توهان پڙهي چڪا

[1] شرح ديوان حسان بن ثابت الانصاري، ص 157

[2] الخصائص الكبريٰ للسيوطي، باب الاية في سمعه الشريف، ج 1، ص 113

آهيو تہ تن ڏينهن جي مسافت جي فاصلي کان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي امداد ۽ نصرت جي لاءِ سڏيو تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جي فرياد ٻڌي ورتي. علامہ زرقاني هن حديث جي شرح ۾ فرمايو تہ:

لَا بُعْدَ فِي سَمَاعِهٖ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فَقَدْ كَانَ يَسْمَعُ اَطِيطَ السَّمَاءِ

يعني جيڪڏهن حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تن ڏينهن جي مسافت کان هڪ فريادي جي فرياد ٻڌي ورتي تہ هي سندن کان بعيد نہ آهي ڇو تہ پاڻ تہ زمين تي ويٺي ويٺي آسمان جي چرچراهٽ جي آواز کي ٻڌي وٺندا هئا بلڪ عرش جي هيٺان چند جي سجدي ۾ ڪِرڻ جو آواز بہ ٻڌي وٺندا هئا.[1]

(خصائص كبريٰ ج ا ص 53 وحاشيہ الدولة المكية ص 180)

دور و نزديک کے سننے والے وہ کان　　کان لعل کرامت پہ لاکھوں سلام

## وات مبارڪ

حضرت هند بن ابي هاله رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا ڳُلَ مبارڪ نرم، نازڪ ۽ هموار هئا. ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو وات مبارڪ ۽ ڏند ڪشاده ۽ روشن هئا. جڏهن پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گفتگو فرمائيندا هئا تہ ٻنهي اڳين ڏندن جي وچان هڪ نور نڪرندو هو ۽ جڏهن اونداهي

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، باب غزوة الفتح الاعظم، ج 3، ص 381 والخصائص الكبريٰ للسيوطي، باب الاية في سمعه الشريف، ج 1، ص 113

۾ پاڻ مسڪرائيندا هئا تہ ڏندن مبارڪ جي چمڪ سان روشني ٿي ويندي هئي.[1] (شمائل ترمذي ص 2 و خصائص ڪبريٰ ج ا ص 74)

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڪڏهن بہ اوباسي نہ آئي ۽ هي تمام انبياءَ عَلَيْهِمُ السَّلَام جو خاصو آهي تہ انهن کي ڪڏهن بہ اوباسي ناهي ايندي ڇو تہ اوباسي شيطان جي طرفان هوندي آهي ۽ حضراتِ انبياءَ عَلَيْهِمُ السَّلَام شيطان جي قبضي کان محفوظ ۽ معصوم هوندا آهن.[2] (زرقاني ج 5 ص 248)

وہ دہن جس کی ہر بات وحی خدا　　چشمۂ علم و حکمت پہ لاکھوں سلام

## زبان اقدس

حضور اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زبان اقدس وحيءِ اِلٰهي جي ترجمان، آيتن جو سرچشمو ۽ معجزن جو خزانو آهي. ان جي فصاحت ۽ بلاغت ايتريقدر ڪمال جي حد کي پهتل آهي جو وڏا وڏا فصيحَ ۽ بليغَ سندن ڪلام کي ٻڌي دنگ رهجي ويندا هئا.

ترے آگے یوں ہیں دبے لچے فصحاء عرب کے بڑے بڑے
کوئی جانے منہ میں زباں نہیں، نہیں بلکہ جسم میں جاں نہیں

حضور اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مقدس زبان جي حڪمراني ۽ شان جو هي ڪمال هو جو زبان سان جيڪو

---

[1] الشمائل المحمدية، باب ما جاء في خلق رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الحديث: 7، 14، ص 21، 26 ملخصاً و الخصائص الكبريٰ للسيوطي، باب الايات في فمه ... الخ، ج 1، ص 106 ملخصاً

[2] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، الفصل الرابع مااختص به ... الخ، ج 7، ص 98.

فرمايائون اهو هڪ لمحي ۾ معجزو بڻجي عالمِ وجود ۾ اچي ويو.

وہ زباں جس کو سب کن کی کنجی کہیں — اس کی نافذ حکومت پہ لاکھوں سلام
اسکی پیاری فصاحت پہ بے حد درود — اسکی دلکش بلاغت پہ لاکھوں سلام

## لعابِ دهن (ٿڪ مبارڪ)

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ٿُڪَ مبارڪ زخمَن ۽ بيمارين لاءِ شفا ۽ زهرن لاءِ تِرياقِ اعظم (زهر ختم ڪندڙ) هئي. جيئن توهان معجزات جي بيان ۾ پڙهندؤ تہ حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي پير ۾ غارِ ثور جي اندر نانگ ڏنگيو ان زهر جو اثر رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي لعاب دهن سان ختم ٿي ويو ۽ زخم بہ ٺيڪ ٿي ويو. حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن جي آشوبِ چشم لاءِ هي لعاب دهن "شفاء العين" (يعني اک جي شفا) بڻجي ويو. حضرت رفاعہ بن رافع رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي اک ۾ جنگ بدر جي ڏينهن تير لڳو ۽ ڦاٽي پئي پر حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي لعاب دهن سان اهڙي شفا حاصل ٿي جو سُور بہ ويندو رهيو ۽ اک جي روشني بہ برقرار رهي. (زاد المعاد غزوه بدر)

حضرت ابو قتاده رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي چهري تي تير لڳو، حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان تي پنهنجو لعابِ دهن لڳايو يڪدم رت بند ٿي وئي ۽ پوءِ سڄي زندگيءَ ۾ انهن کي ڪڏهن بہ تير ۽ تلوار جو ڏک نہ لڳو.[1] (اصابہ تذکره ابو قتاده)

[1] الاصابة في تمييز الصحابة، ابو قتاده بن ربعي الانصاري، ج 7، ص 272

شفا کان علاوه ٻيون ٻه لعاب دهن مان وڏيون وڏيون برڪتون ظاهر ٿيون. جيئن ته حضرت انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي گهر ۾ هڪ کوهه هو رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان ۾ پنهنجو لعابِ دهن وڌو ته ان جو پاڻي ايترو ته مٺو ٿي ويو جو مديني منوره ۾ ان کان وڌيڪ ٻيو ڪو ٻه مٺو کوهه نه هو.[1] (زرقاني ج 5 ص 246)

امام بيهقي هي حديث روايت ڪئي آهي ته رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عاشوره جي ڏينهن کير پياڪ ٻارن کي گهرائيندا هئا ۽ انهن جي وات ۾ پنهنجو لعابِ دهن وجهندا هئا ۽ انهن جي مائرن کي حڪم ڏيندا هئا ته اهي رات تائين پنهنجن ٻارن کي کير نه پيارين. رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو اهو لعاب دهن انهن ٻارن کي ايتريقدر شڪم سير ۽ سيراب ڪندو هو جو انهن کي سڄو ڏينهن نه بک لڳندي هئي ۽ نه ئي اڄ.[2] (زرقاني ج 5 ص 246)

جس کے پانی سے شاداب جان و جناں — اس دہن کی طراوت پہ لاکھوں سلام
جس سے کھاری کنوئیں شیرۂ جاں بنے — اس زلال حلاوت پہ لاکھوں سلام

## آواز مبارک

هي حضراتِ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جن جي خصوصيتن مان آهي ته اهي خوبصورت ۽ خوش آواز هوندا آهن، پر حضور سيد المرسلين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام انبياءِ ڪرام عَلَيْهِ السَّلَام کان وڌيڪ سهڻا، سيني کان وڌيڪ سريلي آواز وارا ۽ بهترين ڪلام وارا هئا. سريلي آواز سان گڏوگڏ پاڻ ايتريقدر بلند آواز ٻه هئا جو

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، الفصل الاول في كمال خلقته ... الخ، ج5، ص 289
[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، الفصل الاول في كمال خلقته ... الخ، ج5، ص 289

خطبن ۾ پري ۽ ويجهو وارا سي برابر پنهنجي پنهنجي جڳهه تي سندن جو مقدس ڪلام ٻڌي وٺندا هئا.[1] (زرقاني ج 4 ص 178)

جس مین نہرین ہیں شیر و شکر کی رواں
اس گلے کی نضارت پہ لاکھوں سلام

## پرنور ڪنڌ

حضرت هند بن ابن هاله رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن بيان فرمايو تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڳچي مبارڪ نهايت ئي معتدل، صراحي دار ۽ متوازن هئي. خوبصورتي ۽ صفائي ۾ نهايت ئي بي مثال خوبصورت ۽ چاندي وانگر صاف ۽ شفاف هئي.[2] (شمائل ترمذي ص 2)

## رحمت پرياهت

رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جون تريون ويڪريون گوشت سان ڀريل، ڪارائيون ڊگهيون، ٻانهون ڊگهيون ۽ گوشت سان ڀريل هيون.[3] (شمائل ترمذي ص 2)

حضرت انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا تہ مون ڪنهن بہ ريشم ۽ پشم کي حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ترين کان وڌيڪ نرم ۽ نازڪ نہ ڏٺو ۽ نہ ئي ڪنهن خوشبو کي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خوشبو کان بهتر ۽ وڌيڪ خوشبودار ڏٺو.[4]

(بخاري ج اص 502 باب صفة النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ج 2، ص 257)

---

1 شرح الزرقاني علي المواهب، الفصل الاول في كمال خلقته ... الخ، ج 5، ص 444 -445

2 الشمائل المحمدية، باب ما جاء في خلق رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الحديث: 7، ص 21، ملتقطاً

3 الشمائل المحمديه، باب ما جاء في خلق رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الحديث: 7، ص 21، ملتقطاً

4 صحيح البخاري، كتاب المناقب، باب صفة النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ، الحديث: 3561، ج 2، ص 489

جنهن بہ شخص سان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مصافحو ڪندا هئا تہ اُهو سڄو ڏينهن پنهنجن هٿن ڪي خوشبودار لهندو هو. جنهن ٻار جي مٿي تي حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجو هٿ مبارڪ ڦيرائيندا هئا تہ اهو خوشبو ۾ سيني ٻارن کان ممتاز هوندو هو. حضرت جابر بن سمره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ مون حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ نمازِ ظهر ادا ڪئي پوءِ پاڻ پنهنجي گهر ڏانهن روانا ٿيا آءُ بہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ نڪتس. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڏسي ننڍڙا ننڍڙا ٻار سندن ڏانهن ڊوڙيا تہ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن مان هر هڪ جي ڳل تي پنهنجو هٿ مبارڪ ڦيرائڻ لڳا آءُ بہ سامهون آيس تہ منهنجي ڳل تي بہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجو هٿ مبارڪ لڳايو تہ مون پنهنجن ڳلن تي سندن هٿ مبارڪ جي ٿڌاڻ محسوس ڪئي ۽ اهڙي خوشبو آئي جڻ تہ پاڻ پنهنجو مبارڪ هٿ ڪنهن عطر ڪپائڻ واري جي صندوق مان ڪڍيو هجي.[1] (مسلم ج 2 ص 256 باب طيب ريحه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

ان هٿ مبارڪ مان ڪهڙا ڪهڙا معجزا ۽ تصرفات ظاهر ٿيا انهن جو ڪجهہ تذڪرو توهان معجزات جي بيان ۾ پڙهندا.

ہاتھ جس سمت اٹھا غنی کر دیا — موج بحر سماحت پہ لاکھوں سلام
جس کو بار دو عالم کی پروا نہیں — ایسے بازو کی قوت پہ لاکھوں سلام
کعبہ دین و ایماں کے دونوں ستون — ساعدین رسالت پہ لاکھوں سلام

---

[1] صحيح مسلم، كتاب الفضائل، باب طيب رائحة النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ... الخ، الحديث: 2329، ص 1271

جس کے ہر خط میں ہے موج نور کرم　　اُس کف بحر ہمت پہ لاکھوں سلام
نور کے چشمے لہرائیں دریا بہیں　　انگلیوں کی کرامت پہ لاکھوں سلام

## پيٽ ۽ سينو

حضور اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو پيٽ ۽ سينو اقدس ٻئي هموار ۽ برابر هئا نہ سينو پيٽ کان ٻاهر هو ۽ نہ ئي پيٽ سيني کان ٻاهر هو رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو سينو ويڪرو هو ۽ سيني جي مٿان واري حصي کان ڏُن تائين وارن جي هڪ سنهڙي لڪير هئي. مقدس ڇاتي ۽ پورو پيٽ وارن کان خالي هو، ها ڪلهن ۽ ڪرائين تي ڪجهه وار هئا.[1] (شمائل ترمذي، ص 2)

رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو پيٽ صبر ۽ قناعت جي هڪ دنيا ۽ سندن جو سينو معرفتِ الٰهي جي نور جو ٻيڙو ۽ وحيءِ الٰهي جو خزانو هو.

کل جہاں ملک اور جو کی روٹی غذا　　اُس شکم کی قناعت پہ لاکھوں سلام

## مقدس پير

رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا مقدس پير ويڪرا، گوشت سان پريل، ڪڙيون گهٽ گوشت واريون، ترو مٿي هو جيڪو زمين تي نہ لڳندو هو. ٻئي پنيون سنهيون ۽ صاف شفاف، پيرن جي نرمي ۽ نزاڪت جو اهو عالم هو جو انهن جي مٿان پاڻي جو ذرو بہ نہ بيهندو هو.[2] (شمال ترمذي ص 2 و مدارج النبوة وغيره)

---

[1] الشمائل المحمدية باب ما جاء في خلق رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الحديث: 7، ص 21 ملتقطًا

[2] الشمائل المحمدية باب ما جاء في خلق رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الحديث: 7، ص 21 ملتقطاً

حضُور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هلڻ وقت تمام ئي وقار ۽ تواضع سان قدم شريف زمين تي رکندا هئا. حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ هلڻ ۾ مون حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان وڌيڪ ڪنهن کي بہ تيز رفتار نہ ڏٺو جڻ زمين سندن لاءِ ويڙهي ويندي هجي. اسان حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ دوڙندا هئاسين ۽ تيز هلڻ سان ڏکيائي ۾ پئجي ويندا هئاسين، پر رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نهايت ئي وقار ۽ سڪون سان هلندا رهندا هئا، پوءِ بہ اسان سيني کان حضور اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اڳيان ئي رهندا هئا.[1] (شمائل ترمذي ص 2 وغيره)

ساقِ اصل قدم شاخ نخل کرم — شمع راہ اصابت پہ لاکھوں سلام
کھائی قرآں نے خاکِ گزر کی قسم — اُس کف پا کی حرمت پہ لاکھوں سلام

## لباس

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اکثر سوتي لباس پائيندا هئا. اوني ۽ ڪاٽن جو لباس بہ ڪڏهن ڪڏهن رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن استعمال فرمايو آهي. لباس جي باري ۾ ڪنهن خاص پوشاڪ يا امتيازي لباس جي پابندي نہ فرمائيندا هئا. جبو، پهراڻ، گوڏ، چادر، عمامو، ٽوپي، جورابَ وغيره انهن سيني کي حضور اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن زيب تن فرمايو آهي. پاجامي کي پاڻ پسند فرمايو ۽ منيٰ جي بازار ۾ هڪ پاجامو خريد بہ ڪيو پر اهو ثابت ناهي تہ ڪڏهن پاڻ پاجامو پاتو هجي.[2]

---

[1] الشمائل المحمدية باب ما جاء في مشية رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الحديث: 116، ص 86

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، الفصل الثالث فيما تدعو ضرورته ... الخ، ج 6، 254 — 345 ملخصاً و ملتقطاً

## عمامو

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن عمامي ۾ شملو ڇڏيندا هئا. جيڪو ڪڏهن هڪ ڪلهي تي ته ڪڏهن ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ هوندو هو. حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو عمامو، اڇو، سائو، زعفراني، ڪاري رنگ جو هو. فتح مڪ جي ڏينهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڪاري رنگ جو عمامو ٻڌل هو.[1]

(شمائل ترمذي ص 9 وغيره)

عمامي جي هيٺيان ٽوپي ضرور هوندي هئي. فرمائيندا هئا ته اسان ۽ مشرڪن جي وچ ۾ اهو ئي فرق ۽ امتياز آهي ته اسان ٽوپي تي عمامو ٻڌندا آهيون.[2] (ابو داود باب العمائم ج 2، ص 209، مجتبائي)

## چادر

يمن جون تيار ٿيل سوٽي پٽين واريون چادرون جيڪي عرب ۾ "حبره" يا برد يماني چورائيندیون هيون حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي تمام گهڻو پسند هيون پاڻ انهن چادرن کي ڪثرت سان استعمال فرمائيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن سائي رنگ جي چادر به رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن استعمال فرمائي آهي.[3]

(ابو داود ج 2 ص 207 باب في الخضرة مجتبائي)

---

[1] الشمائل المحمدية باب ما جاء في عمامة رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الحديث: 107، 110، ص 82، 83

[2] سنن ابي داود، كتاب اللباس، باب في العمائم، الحديث: 4078، ج 4، ص 76

[3] سنن ابي داؤد، كتاب اللباس، باب في لبس الحبرة الحديث: 4060، ج 4، ص 71، و باب في الخضرة الحديث: 4065، ج4، ص 73 ملتقطاً

## ڪملي (ڪمبل)

رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪمبل بہ بڪثرت استعمال فرمائيندا هئا. ايتري تائين جو بوقت وفات بہ هڪ ڪمبل ويڙهيل هيو. حضرت ابو برده رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ حضرت عائشہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جن هڪ ٿلهو ڪمبل ۽ هڪ ٿلهي ڪپڙي جي گوڏ ڪڍي ۽ فرمايائون تہ انهن ٻنهي ڪپڙن ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وفات فرمائي.[1] (ترمذي ج ا ص 206 باب ما جاء في الثوب)

## نعلين اقدس

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي نعلين اقدس جي شڪل، صورت ۽ نقشو بلڪل ائين هو جيئن هندوستان جون چپلون هونديون آهن. چمڙي جو هڪ ترو هوندو هو جنهن ۾ ڪهيون لڳل هونديون هيون. رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مقدس جتين ۾ عام طور بہ ڪهيون لڳل هونديون هيون. جيڪي ڪروم چمڙي جون هونديون هيون.[2] (شمائل ترمذي ص 7 وغيره)

## پسنديده رنگ

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اڇي، ڪاري، سائي، زعفراني رنگن جا ڪپڙا استعمال فرمايا آهن. پر اڇو ڪپڙو ڪين تمام گهڻو محبوب ۽ پسند هو. ڳاڙهي رنگ جي ڪپڙن کي پاڻ تمام گهڻو ناپسند فرمائيندا هئا. هڪ دفعي حضرت عبد الله بن

---

[1] سنن الترمذي، كتاب اللباس، باب ما جاء في لبس الصوف، الحديث: 1739، ج 3، ص 284

[2] الشمائل المحمدية، باب ما جاء في نعل رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 71، 72، ص 63)

عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا جن ڳاڙهي رنگ جا ڪپڙا پائي بارگاهِ اقدس ۾ حاضر ٿيا تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ناگواري جو اظهار فرمائيندي دريافت فرمايو تہ هي ڪهڙو ڪپڙو آهي؟ تہ انهن اهڙن ڪپڙن کي ساڙي ڇڏيو. حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٻڌو تہ فرمايائون هنن کي ساڙڻ جي ضرورت نہ هئي ڪنهن عورت کي ڏئي ڇڏجي ها ڇو جو عورتن لاءِ ڳاڙهي لباس پائڻ ۾ ڪو بہ حرج ناهي. اهڙي طرح حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ دفعي هڪ اهڙي شخص وٽان گذريا، جيڪو بہ ڳاڙها ڪپڙا پهريل هو. ان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي سلام ڪيو تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان جي سلام جو جواب نہ ڏنو.[1]

(ابو داود ج 2 ص 207، 208 باب في الحمرة)

## مُندي

جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بادشاهن ڏانهن دعوتِ اسلام جا خط موڪلڻ جو ارادو فرمايو تہ ماڻهن چيو تہ بادشاهہ بغير مهر وارن خطن کي قبول ناهن ڪندا تہ حضُور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن چاندي جي هڪ مندي ٺهرائي جنهن جي مٿان ٽن سٽن ۾ "مُحَمَّدٌ رَّسُولُ اللهِ" نقش ٿيل هو.[2] (شمائل ترمذي ص 7 وغيره)

## خوشبو

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي خوشبو تمام گهڻي پسند هئي پاڻ هميشہ عطر استعمال فرمائيندا هئا، حالانڪہ خود

---

[1] سنن ابي داؤد، كتاب اللباس، باب في الحمرة، الحديث: 4066، 4069، ج 4، ص 73، 74 ملخصاً

[2] الشمائل المحمدية، باب ما جاء في خاتم رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 85، 86، ص 69

رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي جسم اطهر مان اهڙي خوشبو نڪرندي هئي جو جنهن گهٽيءَ مان پاڻ گذري ويندا هئا تہ اها گهٽي معطر ٿي ويندي هئي. حضُور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمائيندا هئا تہ مردن جي خوشبو اهڙي هئڻ گهرجي جوخوشبو ڦهلجي ۽ رنگ نظر نہ اچي ۽ عورتن لاءِ اهڙي خوشبو بهتر آهي جنهن جي خوشبو نہ ڦهلجي ۽ رنگ نظر اچي. ڪو بہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏانهن خوشبو موڪليندو هو تہ پاڻ ڪڏهن بہ رد نہ فرمائيندا هئا ۽ ارشاد فرمائيندا هئا تہ خوشبو جي تحفي کي رد نہ ڪيو ڇو تہ اها جنت مان نڪتل آهي.[1] (شمائل ترمذي ص 15)

## سرمو

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم روزانو رات جو ”اثمد“ سرمو پائيندا هئا. رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وٽ هڪ سرميداڻي هئي ان مان ٽي ٽي سرايون ٻنهي اکين ۾ پائيندا هئا. ۽ فرمائيندا هئا تہ اثمد سرمو پائيندا ڪريو ڇو جو هي نظرکي روشن، ۽ تيز ڪندو آهي ۽ پنبڻن جا وار وڌائيندو آهي.[2] (شمائل ترمذي ص 5)

## سواري

گهوڙي جي سواري حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي تمام گهڻي پسند هئي. گهوڙن کان علاوه، اٺ، خچر حمار (عربي گڏهه

---

[1] الشمائل المحمدية، باب ما جاء في تعطر رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 207، 208، 210، 211، ص 130، 132 ملخصاً

[2] الشمائل المحمدية، باب ما جاء في كحل رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 48، 49، 50، ص 50، 51 ملخصاً

جيڪو گهوڙي کان وڌيڪ خوبصورت هوندو آهي) تي ٻه سواري فرمائي اٿن.[1] (صحيحين وغيره ڪتب احاديث و سير)

## نفاست پسندي

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو مزاج اقدس نهايت ئي لطيف ۽ نفاست پسند هو. هڪ ماڻهوءَ کي رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ميرا ڪپڙا پاتل ڏٺا ته ناگواري سان ارشاد فرمايائون ته هن کان ايترو به نه ٿو پُڄي ته هي پنهنجن ڪپڙن کي ڌوئي وٺي اهڙي طرح هڪ شخص کي ڏنائون ته ان جا وار وِڪريل هئا. ته فرمايائون ته ڇا هن کي ڪا اهڙي شيءِ (تيل ڦٽي) نٿي ملي جو هي پنهنجن وارن کي سنواري.[2]

(ابو داود ج 2 ص 207 باب في الخلقان الخ مجتبائي)

اهڙي طرح هڪ ماڻهو رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وٽ تمام خراب قسم جا ڪپڙا پائي آيو ته حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کان دريافت فرمايو ته ڇا تو وٽ ڪجهه مال به آهي؟ ان عرض ڪيو ته جي ها مون وٽ اٺ، ٻڪريون، گهوڙا غلام ۽ هر قسم جو مال آهي ته حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته جڏهن الله پاڪ توکي مال ڏنو آهي ته توکي کپي ته تنهنجي مٿان ان جي نعمتن جو ڪجهه نشان به نظر اچي. (يعني سٺا ۽ صاف ستڙا ڪپڙا پاءِ).[3] (ابو داود ج 2 ص 207 مجتبائي)

---

[1] صحيح البخاري، ڪتاب الجهاد و السير، باب الردف علي الحمار، الحديث: 2987، ج 2، ص 306 و ڪتاب الاذان، باب ايجاب التكبير ..... الخ، الحديث: 732، ج 1، ص 260

[2] سنن ابي داود، ڪتاب اللباس، باب في غسل الثوب ... الخ، الحديث: 4062، ج 4، ص 72

[3] سنن ابي داود، ڪتاب اللباس، باب في غسل الثوب ... الخ، الحديث: 4063، ج 4، ص 72

## پسنديده غذائون

حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مقدس زندگي جيئن تہ بلڪل ئي زاهدانہ ۽ صبر ۽ قناعت جو مڪمل نمونو هئي تنهنڪري حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن بہ لذيذ ۽ پرتڪلف ڪاڏن جي خواهش ئي نہ فرمائيندا هئا. ايتري تائين جو ڪڏهن بہ پاڻ چپاتي نہ ڪاڏائون پوءِ بہ ڪجهہ ڪاڏا حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي تمام گهڻو پسند هئا جن کي وڏي شوق سان تناول فرمائيندا هئا. مثلاً عرب ۾ هڪ ڪاڏو ٿيندو آهي جنهن کي ”حيس“ چيو ويندو آهي، هي گيهہ، پنير ۽ کجور ملائي پچايو ويندو آهي. هن کي پاڻ وڏي رغبت سان کائيندا هئا. جَوَن جون ٿلهيون مانيون اڪثر غذا ۾ استعمال فرمائيندا هئا. ٻوڙ ۾ گوشت، سرڪو، ماکي، زيتون جو تيل، ڪدو شريف خاص ڪري پسند هئا. گوشت ۾ ڪدو شريف هوندو هو تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پيالي مان ڪدو شريف جا ٽڪرا ڪڍي کائيندا هئا. رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٻڪري، گهيٽو، رڍ، اٺ، گورخر (جهنگلي گڏهہ)، سَهو ڪڪڙ، ٻٽير ۽ مڇي جو گوشت ڪاڏو آهي. اهڙي طرح کجور ۽ سَتُو بہ ڪثرت سان تناول فرمائيندا هئا. هنداڻي کي کجور سان ملائي، کجور سان ونگي ملائي، ماني سان بہ ڪڏهن ڪڏهن کجور تناول فرمائيندا هئا. انگور، ڏاڙهون وغيره ميوا بہ کائيندا هئا.

ٿڌو پاڻي تمام گهڻو مرغوب هو کير ۾ ڪڏهن پاڻي ملائي ۽ ڪڏهن خالص کير بہ نوش فرمائيندا هئا. ڪڏهن ڪشمش ۽ کجور پاڻيءَ ۾ ملائي ان جو رس پيئندا هئا جيڪو ڪجهہ پيئندا هئا تن ساهين ۾ پيئندا هئا.

ميز (ٽيبل) تي ڪڏهن به ڪاڏو تناول نہ فرمايائون هميشہ ڪپڙي يا چمڙي جي دسترخوان تي ڪاڏو ڪائيندا هئا. مسند يا وهاڻي تي ٽيڪ لڳائي يا ليٽي ليٽي ڪڏهن به ڪجهہ نہ ڪائيندا هئا ۽ نہ ئي ان کي پسند فرمائيندا هئا. ها اوباريل گوشت کي ڪڏهن ڪڏهن چري سان ڪٽي ڪٽي به ڪائيندا هئا.[1] (شمائل ترمذي)

## روزانو جا معمولات

احاديثِ مبارڪ جي مطالعي مان خبر پوي ٿي تہ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي ڏينهن رات جي اوقات کي ٽن حصن ۾ تقسيم فرمايو هو. هڪ خدا پاڪ جي عبادت جي لاءِ، ٻيو عام مخلوق جي لاءِ ۽ ٽيون پنهنجي ذات جي لاءِ.

عام طور تي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو هي معمول هو تہ نمازِ فجر ڪانپوءِ پاڻ پنهنجي مصلي تي ويهي رهندا هئا. ايتري تائين جو سج ڪافي بلند ٿي ويندو هو. عام ماڻهن سان ملاقات جو هي خاص وقت هو ماڻهو رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيندا هئا ۽ پنهنجون حاجتون ۽ ضرورتون سندن بارگاهِ اقدس ۾ پيش ڪندا هئا. رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي ضرورتن کي پورو فرمائيندا هئا ۽ ماڻهن کي مسئلن ۽ احڪامِ اسلام جي تعليم ۽ تلقين فرمائيندا هئا پنهنجن ۽ ٻين ماڻهن جي خوابن جون تعبيرون بيان فرمائيندا هئا. ان ڪانپوءِ مختلف قسم جي گفتگو فرمائيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو زمانۂ جاهليت جي ڳالهين ۽ رسمن جو ذڪر ڪندا ۽ ڪلندا

---

[1] الشمائل المحمدية، باب ما جاء في صفة اكل ..... الخ و باب ما جاء في صفة خبز .... الخ و باب ما جاء في ادام رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، 95 — 114 ملتقطاً

هئا تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بہ مسڪرائي ڏيندا هئا ڪڏهن ڪڏهن صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم ڪين شِعرَ بہ ٻڌائيندا هئا.[1] (مشكوٰة ج 2 ص 406، باب الضحك) (ابو داؤد ج 2 ص 318 باب في الرجل يجلس متربعاً)

اڪثر ان ئي وقت مالِ غنيمت ۽ وظيفن جي ورهاست بہ فرمائيندا هئا. جڏهن سج خوب بلند ٿي ويندو هو تہ ڪڏهن چار رڪعتون تہ ڪڏهن اٺ رڪعتون نمازِ چاشت ادا فرمائيندا هئا. پوءِ ازواج مطهرات رَضِيَ اللهُ عَنْهُنَّ جي حجرن ۾ تشريف وني ويندا هئا ۽ گهريلو ضرورتن جي بندوبست ۾ مصروف ٿي ويندا هئا ۽ گهر جي ڪم ڪار ۾ ازواج مطهرات رَضِيَ اللهُ عَنْهُنَّ جي مدد فرمائيندا هئا. (بخاري ج ا ص 93 باب من كان في حاجة اهله)

نمازِعصر ڪانپوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سيني ازواج مطهرات رَضِيَ اللهُ عَنْهُنَّ کي شرفِ ملاقات سان نوازيندا هئا ۽ سيني جي حجرن ۾ ٿوري ٿوري دير ترسندا ۽ ڪجهہ گفتگو فرمائيندا هئا پوءِ جنهن جو وارو هوندو هو اتي رات گذاريندا هئا سيئي ازواج مطهرات رَضِيَ اللهُ عَنْهُنَّ اتي جمع ٿي ويندیون هيون عشاء تائين رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪندا رهندا هئا ۽ پوءِ نماز عشاء جي لاءِ مسجد ۾ تشريف کڻي ويندا هئا مسجد کان واپس اچي آرام فرمائيندا هئا ۽ عشاء ڪانپوءِ ڳالهہ ٻولهہ کي ناپسند فرمائيندا هئا.[2] (مسلم ج 1، ص 472، باب القسم بين الزوجات)

---

[1] مشكوٰة المصابيح، كتاب الاداب، باب الضحك، الحديث: 4747، ج 2، ص 179 ملخصاً و سنن ابي داود، كتاب الادب، باب في الرجل ... الخ، الحديث: 4850، ج 4، ص 345 ملخصاً

[2] صحيح مسلم، كتاب الرضاع، باب القسم بين الزوجات .... الخ، الحديث: 1462، ص 770 ملخصاً

## سمهڻ ۽ اٺڻ

نمازِعشاء پڙهي آرام ڪرڻ عام طور تي اهو ئي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو معمول هو. سمهڻ کان پهريان قرآن مجيد جون ڪجهه سورتون ضرور تلاوت فرمائيندا هئا ۽ ڪجهه دعائن جو به ورد فرمائيندا هئا پوءِ اڪثر هيءَ دعا پڙهي ساڄي پاسي ليٽي پوندا هئا ته اَللّٰهُمَّ بِاسْمِكَ اَمُوْتُ وَاَحْيٰى يعني يا الله! تنهنجي ئي نالي سان مرندو ۽ جيئندو آهيان. ننڊ مان جاڳندا هئا ته هيءَ دعا پڙهندا هئا:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِىْ اَحْيَانَا بَعْدَ مَا اَمَاتَنَا وَاِلَيْهِ النُّشُوْرُ[1]

ترجمو: ”ان خدا جي لاءِ تعريف آهي جنهن موت کان بعد زنده ڪيو ۽ ان جي ئي طرف گڏ ٿيڻو آهي“.

آدي رات ۾ يا رات جو آخري پهر باقي هوندو هو ته بستري تان اٿي ڏنڊ فرمائيندا هئا پوءِ وضو ڪري عبادت ۾ مشغول ٿي ويندا هئا. تلاوت ڪندا، مختلف دعائن جو وظيفو پڙهندا، خصوصيت سان نماز تهجد ادا فرمائيندا هئا، تهجد جي نماز ۾ ڪڏهن وڏيون ته ڪڏهن ننڍيون سورتون پڙهندا هئا. پِيريءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه رڪعتون ويهي به ادا فرمائيندا هئا. نماز تهجد کان پوءِ وتر پڙهندا هئا پوءِ صبحِ صادق طلوع ٿيڻ کان بعد سنتِ فجر ادا فرمائي نمازِ فجر جي لاءِ مسجد ۾ تشريف ڪڍي ويندا هئا ڪڏهن ڪڏهن ڪيئي ڀيرا رات جو سمهندا ۽ جاڳندا هئا ۽

[1] صحيح البخاري، كتاب الدعوات، باب وضع اليد اليمني .... الخ، الحديث: 6314، ج 4، ص 192

قرآن مجيد جون آيتون تلاوت ڪندا هئا ۽ ڪڏهن ازواج مطهرات رَضِيَ اللهُ عَنْهُنَّ سان گفتگو به فرمائيندا هئا. (صحاح ستہ وغيره)

## رفتار

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام ئي باوقار نموني سان هلندا هئا حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ بوقت رفتار حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٿورو جهڪي هلندا هئا ۽ ائين معلوم ٿيندو هو تہ جڻ ڪنهن بلندي تان لهي رهيا آهن. حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ايتري قدر تيز هلندا هئا جڻ تہ زمين سندن جي قدمن جي هيٺان ويڙهي پئي وڃي. اسين سندن گڏ هلڻ وقت سهڪي پوندا هئاسين ۽ مشقت ۾ پئجي ويندا هئاسين پر حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بغير ڪنهن مشقت جي تيز رفتاري سان هلندا رهندا هئا.[1] (شمائل ترمذي ص 9)

## گفتگو

حضرت عائشہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جن فرمايو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تمام تڪڙو جلدي جلدي گفتگو نہ فرمائيندا هئا. بلڪ نهايت سنجيدگي سان هوريان هوريان ڳالهائيندا هئا بلڪ گفتگو ايتري تہ صاف ۽ واضح هوندي هئي جو ٻڌڻ وارا ان کي سمجهي ياد ڪري وٺندا هئا. جيڪڏهن ڪا اهم ڳالهہ هوندي هئي تہ ان جملي کي ڪڏهن ڪڏهن ٽي ٽي ڀيرا ورجائيندا هئا تہ جيئن ٻڌڻ وارا ان کي چڱي طرح ياد ڪري وٺن حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1] الشمائل المحمدية، باب ما جاء في مشية رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 116، 117، 118، ص 86، 87 ملخصاً

جن کي ”جوامع الکلم“ جو معجزو عطا ڪيو ويو هو جو مختصر جملي ۾ وڏي ڳالهه کي بيان فرمائي ڇڏيندا هئا. حضرت هند بن ابو هاله رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي ته رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بنا ضرورت گفتگو نه فرمائيندا هئا بلڪ اڪثر خاموش رهندا هئا.[1] (شمائل ترمذي ص 15)

## دربارِ نبوت

حضور تاجدار دو عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دربار سلطانن ۽ بادشاهن جهڙي نه هئي. هيءَ دربار تخت و تاج، نقيب ۽ دربان، پهريدار ۽ بادي گارڊ وغيره جي انتظام کان بلڪل بي نياز هئي. مسجد نبوي جي اڳڻ ۾ صحابه ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جن هڪ ننڍڙو مٽيءَ جو دِڪو ناهي ڇڏيو هو اهو ئي تاجدار رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو اهو تخت شاهي هو جنهن تي هڪ تڏو وڇائي ٻنهي جهانن جا تاجدار ۽ شهنشاهِ ڪونين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رونق افروز ٿيندا هئا. پر اهڙي سادگيءَ جي باوجود جلالِ نبوت کان هر شخص هن دربار ۾ پيڪر تصوير نظر ايندو هو. بخاري شريف جي روايتن ۾ آهي ته ماڻهو جڏهن رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دربار ۾ ويهندا هئا ته ائين معلوم ٿيندو هو جڻ ته انهن جي مٿن تي جهرڪيون وينيون هجن ڪير به ذرو جنبش نه ڪندو هو.[2] (بخاري ج 1 ص 398)

---

[1] الشمائل المحمدية، باب كيف كان كلام رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 213، 214، 215 ص 134، 135

[2] صحيح البخاري، كتاب الجهاد والسير، باب فضل النفقة في سبيل الله، الحديث: 2842، ج 2، ص 266 ملتقطاً

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي هن دربار ۾ سڀ کان پهريائين حاجتمندن ڏانهن توجهه فرمائيندا هئا ۽ سيني جي درخواست ٻڌي انهن جي حاجت روائي فرمائيندا هئا. قبيلن جي نمائندن سان ملاقات فرمائيندا هئا. تمام حاضرين ڪمالِ ادب سان سِر جهڪائي رکندا هئا ۽ جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪجهه ارشاد فرمائيندا هئا تہ مجلس تي خاموشي طاري ٿي ويندي هئي ۽ سڀ ماڻهو متوجهه ٿي شهنشاهِ ڪونين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي فرمانِ نبوت کي ٻڌندا هئا. (بخاري ج ا ص 380 شروط في الجهاد)

حضُور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دربار ۾ اچڻ وارن جي لاءِ ڪا بہ روڪ ٽوڪ نہ هوندي هئي. امير ۽ فقير، شهري ۽ ڳوٺاڻا، هر قسم جا ماڻهو حاضر ٿيندا هئا ۽ پنهنجن پنهنجن لهجن ۾ سوال ۽ جواب ڪندا هئا ڪو بہ شخص ڳالهائيندو هو پوءِ چاهي اهو ڪيترو ئي غريب ۽ مسڪين ڇو نہ هجي پر ٻيو شخص چاهي ڪيترو بہ امير ڇو نہ هجي پر ان جي ڳالهہ ڪٽي وچ ۾ ڳالهائي نہ سگهندو هو. سبحان الله!

وہ عادل جس کے میزان عدالت میں برابر ہیں
غبار مسکنت ہو یا وقارِ تاجِ سلطانی

جيڪي ماڻهو سوال ۽ جواب ۾ حد کان وڌيڪ لنگهي ويندا هئا تہ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪمال حلم سان برداشت فرمائيندا هئا ۽ سيني کي مسائل ۽ احڪام اسلام جي تعليم ۽ تلقين ۽ واعظ ۽ نصيحت فرمائيندا رهندا هئا ۽ پنهنجن مخصوص اصحاب رَضِيَ اللهُ عَنْهُم سان مشورو بہ فرمائيندا رهندا هئا ۽ صلح ۽ جنگ ۽ امت جي نظام ۽ انتظام جي باري ۾ ضروري

احڪام بہ صادر فرمائيندا رهندا هئا. انهيءَ ئي دربار ۾ پاڻ مقدمن جا فيصلا بہ فرمائيندا هئا.

## تاجدار دو عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا خطبا

نبي ۽ رسول جيئن تہ دين جا داعي ۽ شريعت ۽ ملت جا مبلغ هوندا آهن ۽ تعليمِ شريعت ۽ تلقينِ دين جو بهترين ذريعو خطبو ۽ واعظ ئي آهي تنهنڪري هر نبي ۽ رسول جو خطيب ۽ واعظ هجڻ ضروريات ۽ لوازماتِ نبوت مان آهي. اهو ئي سبب آهي تہ جڏهن الله تعاليٰ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي پنهنجي رسالت سان سرفراز فرمائي فرعون وٽ موڪليو تہ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جن ان وقت هيءَ دعا گهري تہ:

رَبِّ اشْرَحْ لِيْ صَدْرِيْ ﴿۲۵﴾ وَ يَسِّرْ لِيْۤ اَمْرِيْ ﴿۲۶﴾ وَ احْلُلْ عُقْدَةً مِّنْ لِّسَانِيْ ﴿۲۷﴾ يَفْقَهُوْا قَوْلِيْ ﴿۲۸﴾[1] (طٰهٰ)

ترجمو ڪنز الايمان: اي منهنجا رب منهنجو سينو کولي ڇڏ. منهنجي لاءِ منهنجو ڪم سولو ڪر. ۽ منهنجي زبان جي ڳنڍ کولي ڇڏ. جيئن اُهي ماڻهو منهنجي ڳالهہ سمجهن.

حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيئن تہ تمام رسولن جا سردار ۽ سيني نبين جا آخري نبي آهن تنهنڪري خداوند قدوس جن کين خطابت ۽ تلقين ۾ اهڙو بي مثال ڪمال عطا فرمايو جو حضُور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم افصح العرب (تمام عرب ۾ سڀ کان وڌيڪ فصيح) ٿيا ۽ کين جوامع الکلم جو معجزو بخشيو ويو. سندن زبان مبارڪ مان نڪتل هڪ هڪ لفظ ۾ معنيٰ ۽ مطلب جو سمنڊ ڇوليون هڻندو نظر ايندو هو ۽ سندن جي جوشِ ڪلام جي تاثير سان ٻڌندڙن جي

[1] پ 16، طٰهٰ: 25 — 28

دلين جي دنيا ۾ عظيم انقلاب برپا ٿي ويندو هو. جيئن جمعه ۽ عيدين جي خطبن کان سواءِ به سوين موقعن تي رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهڙا اهڙا فصيح ۽ بليغ خطبا ۽ مؤثر واعظ ارشاد فرمايا جو فُصَحَاءِ عرب حيران رهجي ويا ۽ انهن خطبن جي اثر ۽ تاثير سان وڏن وڏن سنگدلن جون دليون ميڻ وانگر نرم ٿي ويون. ۽ اوچتو ئي اوچتو انهن جي دلين جي دنيا ئي بدلجي وئي.

جيئن ته رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مختلف حيثيتن جا جامع هئا تنهنڪري سندن جون هي مختلف حيثيتون سندن جي خطبات جي طرزِ بيان تي اثر انداز ٿينديون هيون. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دين جا داعي به هئا، فاتح به هئا، اميرِ لشڪر به هئا، مصلحِ قوم به هئا، حاڪم به هئا، تنهنڪري انهن حيثيتن جي لحاظ کان رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خطبن ۾ قسم قسم جو زورِ بيان ۽ طرح طرح جو جوشِ ڪلام هوندو هو. جوشِ بيان جو هي عالم هو جو اڪثر خطبي جي دوران حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جون اکيون ڳاڙهيون ۽ سندن آواز تمام گهڻو بلند ٿي ويندو هو ۽ جلالِ نبوت جي جذبات سان سندن چهري انور تي غضب جا آثار نمودار ٿي ويندا هئا بار بار آڱرين کي ڪٽي ڪٽي اشارو فرمائيندا هئا ڄڻ ته پاڻ ڪنهن لشڪر کي للڪاري رهيا آهن.[1] (مسلم جلد 1 ص 284 كتاب الجمعه)

جيئن ته حضرت عبد الله بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پرجوش خطبي ۽ تقرير جي جوش ۽ خروش جي بهترين تصوير ڪشي ڪندي ارشاد فرمائن ٿا ته مون حضور

[1] صحيح مسلم، كتاب الجمعة، باب تخفيف الصلاة والخطبة، الحديث: 867، ص 430

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي منبر تي خطبو ڏيندي ٻڌو پاڻ فرمائي رهيا هئا ته خداوند جبار آسمانن ۽ زمين کي پنهنجي هٿ ۾ کڻي وٺندو پوءِ فرمائيندو مان جبار آهيان، مان بادشاهه آهيان، ڪٿي آهن جبار ماڻهو؟ ڪٿي آهن متڪبرَ؟ اهو فرمائيندي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪڏهن مٺ بند پئي ڪئي ته ڪڏهن وري کولي پئي ۽ سندن جسم اقدس (جوش ۾) ڪڏهن ساڄي ته ڪڏهن کاٻي پاسي جهڪي پيو وڃي ايتري تائين جو مون اهو ڏٺو ته منبر جو هيٺيون حصو ايترو لڏي رهيو هو جو مان (پنهنجي دل ۾) اهو چوڻ لڳس ته ڪٿي اهو منبر رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سميت ڪري ته نه پوندو.[1] (ابن ماجہ ص 326 ذكر البعث)

رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن منبر تي، زمين تي، اٺ جي پٺيءَ تي بيهي ڪري جهڙو موقعو پيش آيو خطبو ڏنائون ڪڏهن ڪڏهن حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن طويل خطبا به ڏنا پر عام طور سندن خطبا تمام مختصر پر جامع هوندا هئا.

ميدانِ جنگ ۾ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪمان تي ٽيڪ لڳائي خطبو ارشاد فرمائيندا هئا ۽ مسجدن ۾ جمعي جو خطبو ڏيڻ وقت هٿ مبارڪ ۾ "عصا" (لٺ) هوندي هئي.[2]

(ابن ماجہ ص 79 باب ما جاء في الخطبة يوم الجمعة)

رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خطبن جي اثر جو هي عالم هوندو هو جو ڪيترائي ڀيرا سخت کان سخت سنگين معاملن ۾ سندن جا ڪجهه جملا محبت جا دريا وهائي ڇڏيندا هئا. حضرت

---

[1] سنن ابن ماجہ، كتاب الزهد، باب ذكر البعث، الحديث: 4275، ج 4، ص 505

[2] سنن ابنِ ماجہ، كتاب اقامة الصلاة، باب ما جاء في الخطبة ... الخ، الحديث: 1107، ج 2، ص 19

انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ هڪ ڏينهن رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اهڙو تہ اثرائتو ۽ جذبو ڏيارينڌڙ خطبو پڙهيو جو مون ڪڏهن اهڙو خطبو نہ ٻڌو هو خطبي جي دوران پاڻ هي ارشاد فرمايائون تہ اي انسانو! جيڪو مان ڄاڻان ٿو جيڪڏهن اهو توهان ڄاڻي وٺو تہ توهان گهٽ ڪِلو ۽ گهٽو روئو. زبان مبارڪ مان انهي جملي جو نڪرڻ هو ۽ سامعين جو هي حال ٿي ويو جو ماڻهو ڪپڙن ۾ منهن لڪائي زارو قطار روئڻ لڳا.[1] (بخاري ج 2 ص 665 تفسير سورة مائده)

## سرور ڪائنات جون عبادتون

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بي شمار مشغوليتن باوجود ايترا وڏا عبادت گذار هئا جو تمام انبياء ۽ مرسلين عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَ التَّسْلِيْم جن جي مقدس زندگين ۾ ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي بلڪ سچ تہ هي آهي جو تمام انبياءِ سابقين جي باري ۾ صحيح طور تي اهو بہ معلوم نٿو ٿي سگهي تہ انهن جو طريقهءِ عبادت ڪهڙو هو؟ ۽ انهن جا ڪهڙا ڪهڙا وقت عبادتن لاءِ مخصوص هئا؟ سيني انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي امتن ۾ هي فخر ۽ شرف صرف حضور خاتم الانبياء صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم کي ئي حاصل آهي تہ انهن پنهنجي پياري رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي عبادتن جي تمام طريقن، ان جي وقتن ۽ ڪيفيتن مطلب تہ ان جي هڪ هڪ عمل کي محفوظ رکيو آهي. گهر جي اندر ۽ رات جي اونداهين ۾ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪي ۽ جيتريون بہ عبادتون فرمائيندا هئا انهن کي ازواج مطهّرات رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ ڏسي ياد رکيو ۽ سڄي امت کي ٻڌائي ڇڏيائون

[1] صحيح البخاري، كتاب التفسير، باب لا تسئلوا عن اشياء .... الخ، الحديث: 4621، ج 3، ص 217

۽ گهر جي ٻاهر جي عبادتن کي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جن نهايت ئي اهتمام سان پنهنجين اکين سان ڏسي ڏسي پنهنجن ذهنن ۾ محفوظ ڪري ورتو ۽ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قيام و قعود، رڪوع وسجود ۽ انهن جي ڪيفيات، ذڪر ۽ دعائن جي انهن ئي لفظن ايتري تائين جو حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ارشادن ۽ خشوع ۽ خضوع جي ڪيفيتن کي بہ پنهنجن ياد داشت جي خزانن ۾ محفوظ ڪري ورتو. وري امت جي سامهون انهن عبادتن جو ايتريقدر چرچو ڪيائون جو نہ صرف ڪتابن جي ورقن ۾ محفوظ رهجي ويو بلڪ امت جي هڪ هڪ ماڻهو ايتري تائين جو پرده نشين عورتن کي بہ ان جو علم حاصل ٿي ويو ۽ اڄ مسلمانن جو هڪ هڪ ٻچو چاهي اهو روءِ زمين جي ڪنهن بہ حصي تي رهندو هجي ان کي پنهنجي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عبادتن جا مڪمل حالات معلوم آهن ۽ اهي انهن عبادتن تي پنهنجي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اتباع ۾ جوشِ ايمان ۽ جذبۂ عمل سان ڪاربند آهن. رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي عبادتن جو هڪ اجمالي خاڪو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

## نماز

اعلانِ نبوت کان اڳ ۾ بہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غارِ حرا ۾ قيام ۽ مراقبي ۽ ذڪر ۽ فڪر جي طور تي خدا پاڪ جي عبادت ۾ مصروف رهندا هئا. نزولِ وحي کانپوءِ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي نماز جو طريقو ٻڌايو ويو ۽ شبِ معراج ۾ نماز پنجگانہ فرض ٿي. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نماز پنجگانہ کان علاوه نمازِ اشراق، نمازِ چاشت، تحية الوضو، تحية

المسجد، صلوٰة الاوابين وغيره سنتون ۽ نفل بہ ادا فرمائيندا هئا. راتين جو اٿي نمازون پڙهندا هئا، سڄي زندگي نمازِ تهجد جا پابند رهيا. راتين جي نفلن جي باري ۾ مختلف روايتون آهن. ڪجهہ روايتن ۾ هي آيو آهي تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نمازِ عشاء کانپوءِ ڪجهہ دير سمهندا هئا وري ڪجهہ دير لاءِ اٿي نماز پڙهندا، وري ڪجهہ دير لاءِ سمهندا هئا ۽ وري اٿي نماز پڙهندا هئا، مطلب تہ صبح تائين اهائي حالت قائم رهندي هئي. ڪڏهن بہ حصا رات گذري وڃڻ کانپوءِ بيدار ٿيندا هئا ۽ صبح صادق تائين نمازن ۾ مشغول رهندا هئا ڪڏهن اڌ رات گذري وڃڻ کانپوءِ بستري تان اٿي ويندا هئا ۽ پوءِ سڄي رات پاڻ بستري کي پٺي نہ لڳائيندا هئا ۽ وڏيون وڏيون سورتون نماز ۾ پڙهندا هئا ڪڏهن ڊگهو رڪوع ۽ سجدا ڪندا هئا تہ وري ڪڏهن قيام ڊگهو ڪندا هئا. ڪڏهن ڇهہ رڪعتون، ڪڏهن اٺ رڪعتون، ڪڏهن ان کان گهٽ تہ ڪڏهن ان کان وڌيڪ. آخري عمر شريف ۾ ڪجهہ رڪعتون بيهي تہ وري ڪجهہ رڪعتون ويهي ادا فرمائيندا هئا، نمازِ وتر نمازِ تهجد سان گڏ ادا فرمائيندا هئا. رمضان شريف خصوصاً آخري عشري ۾ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي عبادت تمام گهڻي وڌي ويندي هئي. پاڻ سڄي رات بيدار رهندا هئا ۽ پنهنجي ازواج مطهرات رَضِيَ اللهُ عَنْهُنَّ کان بي تعلق ٿي ويندا هئا. ۽ گهر وارن کي نمازن لاءِ جاڳائيندا هئا ۽ عموماً اعتڪاف فرمائيندا هئا. نمازن سان گڏوگڏ ڪڏهن بيهي، ڪڏهن ويهي، ڪڏهن سجدي ۾ وڃي زارو قطار ڳِڙڳِڙائيندي روئي روئي راتين ۾ دعائون بہ گهرندا هئا. رمضان شريف ۾ حضرت جبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام سان گڏ قرآن پاڪ جو ورد بہ فرمائيندا هئا ۽ تلاوتِ قرآن

ڪريم سان گڏوگڏ طرح طرح جي مختلف دعائن جو ورد به فرمائيندا هئا ڪڏهن ڪڏهن سڄي رات نمازن ۽ دعائن ۾ بيهي رهندا هئا ايتري تائين جو سندن پير مبارڪ سُڄي ويندا هئا.

(صحاح ستہ وغيره حديثن جا ڪتاب)

## روزا

رمضان شريف جي روزن کان علاوه شعبان ۾ به تقريباً سڄو مهينو پاڻ روزيدار ئي رهندا هئا. سال جي باقي مهينن ۾ به اهائي ڪيفيت رهندي هئي تہ پاڻ جڏهن روزا رکڻ شروع ڪندا هئا تہ معلوم ٿيندو هو تہ هاڻي ڪڏهن به روزو نہ ڇڏيندا وري نہ رکندا هئا تہ ائين لڳندو هو تہ هاڻي ڪڏهن به روزو نہ رکندا. خاص ڪري هر مهيني ۾ ٽي ڏينهن ايامِ بيض جا روزا، سومر ۽ خميس جو روزو، عاشوره جا روزا، عشره ذوالحج جا روزا، شوال جا ڇهہ روزا، معمول طور رکندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم "صومِ وصال" به رکندا هئا يعني ڪيئي راتين ۽ ڏينهن جو هڪ روزو پر پنهنجي امت کي اهڙي روزي رکڻ کان منع فرمائيندا هئا ڪجهہ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم عرض ڪيو تہ يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) توهان تہ صوم و صال رکندا آهيو پاڻ ارشاد فرمايائون تہ توهان مان مون جهڙو ڪير آهي؟ مان پنهنجي رب جي دربار ۾ رات گزاريندو آهيان. ۽ هو مونکي (روحاني غذا) کارائيندو ۽ پياريندو آهي.[1]

(بخاري و مسلم صوم وصال)

---

[1] صحيح البخاري، كتاب الصوم، باب الوصال .... الخ، الحديث: 1961، ج1، ص645 و وسائل الوصول الي شمائل الرسول، الباب السادس في صفة عبادته صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الفصل الثاني في صفة صومه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، ص 265 — 268 ملتقطاً

## زڪوٰت

جيئن تہ حضراتِ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي خداوند قدوس زڪوٰت فرض ئي نہ فرمائي آهي تنهنڪري رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي زڪوٰت فرض ئي نہ هئي.[1] (زرقاني ج 8 ص 90) پر رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي صدقات و خيرات جو هي عالم هو تہ پاڻ وٽ سون، چاندي يا تجارتي سامان يا جانورن جو ڪو ڏڻ رکندا ئي نہ هئا بلڪ جيڪو ڪجهہ بہ وٽن ايندو هو سڀ خدا پاڪ جي راهہ ۾ حقدارن ۾ تقسيم فرمائي ڇڏيندا هئا. رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي اهو پسند ئي نہ هو تہ پوري رات ڪو مال يا دولت ڪاشانۂ نبوت ۾ رهجي وڃي. هڪ دفعي اهڙو بہ اتفاق ٿيو جو خراج جي رقم ايتريقدر زياده اچي وئي جو اها شام تائين تقسيم ڪرڻ جي باوجود بہ ختم نہ ٿي سگهي تہ پاڻ پوري رات مسجد ۾ ئي رهي پيا جڏهن حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن اچي اها خبر ٻڌائي تہ يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) سڀ رقم تقسيم ٿي وئي تہ پاڻ پنهنجي گهر ۾ قدم رکيائون.[2]

(ابو داود باب قبول هدايا المشركين)

## حج!

اعلانِ نبوت ڪانپوءِ مڪي مڪرمہ ۾ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ يا ٿي حج فرمايا.[3] (ترمذي باب كم حج النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم و ابن ماجہ)

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، النوع الثالث في ذكر سيرته في الزكوٰة، ج 11، ص 202

[2] سنن ابي داود، كتاب الخراج ... الخ، باب في الامام يقبل .... الخ، الحديث: 3055، ج 3، ص 231 ملخصاً

[3] سنن الترمذي، كتاب الحج، باب كم حج النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 815، ج 2، ص 220

پر هجرت ڪانپوءِ مدينہ منوره ڪان سن 10 هجري ۾ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ حج فرمايو جيڪو حجة الوداع جي نالي سان مشهور آهي جنهن جو مفصل ذڪر ٿي چڪو آهي حج ڪان علاوه هجرت ڪانپوءِ پاڻ چار عمره بہ ادا فرمايا.[1]

(ترمذي و بخاري و مسلم ڪتاب الحج)

## ذڪرِ الٰهي

حضرت عائشہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو بيان آهي تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هر وقت هر گهڙي ذڪرِ الٰهي ۾ مصروف رهندا هئا.[2]

(ابو داود ڪتاب الطهارة وغيره)

اٿندي ويهندي، گهمندي ڦرندي، ڪائيندي پيئندي، سمهندي جاڳندي، وضو ڪندي، نوان ڪپڙا پائيندي، سوار ٿيندي، سواري تان لهندي، سفر ۾ ويندي، سفر تان واپس ايندي، بيت الخلا ۾ داخل ٿيندي ۽ نڪرندي، مسجد ۾ ايندي ويندي، جنگ جي وقت، آنڌاري، بارش، ڪِنوِڻ جي وقت، هر وقت هر حال ۾ دعائون زبان تي جاري هونديون هيون. خوشي ۽ غمي جي وقت ۾، صبح صادق طلوع ٿيڻ وقت، سج لهڻ وقت، ڪڪڙ جي ٻانگ ٻڌڻ وقت، گڏهہ جي هِينگَ ٻڌڻ وقت، غرض ڪهڙو اهڙو موقعو هو جو پاڻ ڪا دعا نہ پڙهندا هجن، ڏينهن جو ئي نہ بلڪ رات جي خاموشيءَ ۾ بہ برابر دعا ۽ ذڪرِ الٰهي ۾ مشغول رهندا هئا.

---

[1] سنن الترمذي، كتاب الحج، باب كم اعتمر النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 817، ج 2، ص221

[2] صحيح البخاري، كتاب الاذان، تحت الباب هل يتتبع الموذن .... الخ، ج 1، ص 229

ايتري تائين جو بوقت وفات بہ جيڪو فقرو بار بار وردِ زبان رهيو اهو اَللّٰهُمَّ فِي الرَّفِيْقِ الْاَعْلٰى جي دعا هئي.

(صحاح ستہ وحصن حصين وغيره حديثن جا ڪتاب)

## باب ارڙهون

# اخلاق نبوت

رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي حُسنِ اخلاق جي باري ۾ خلقِ خدا ڇا بيان ڪندي؟ جڏهن تہ خود خالقِ اخلاق هي فرمائي ڇڏيو تہ:

اِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ[1]

ترجمو ڪنز الايمان: يعني اي حبيب! بيشڪ اوهان عظيم اخلاق وارا آهيو.

اڄ تقريبًا چوڏهن سؤ سال گذري وڃڻ جي باوجود بہ دشمنانِ رسول جي ڪهڙي مجال جو رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي بداخلاق چئي سگهن. ان وقت جڏهن رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي دشمنن جي مجلسن ۾ پنهنجي عملي ڪردار جو مظاهرو فرمائي رهيا هئا. خداوند قدوس قرآن پاڪ ۾ اعلان فرمايو تہ:

فَبِمَا رَحْمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ لِنْتَ لَهُمْ ۚ وَلَوْ

ترجمو ڪنز الايمان: (اي حبيب) الله جي مهرباني سان توهان ماڻهن سان نرمي ڪان پيش ايندا آهيو

[1] پ 29، القلم آيت: 4

كُنْتَ فَظًّا غَلِيْظَ الْقَلْبِ لَانْفَضُّوْا مِنْ حَوْلِكَ[1] (آل عمران)

جيڪڏهن توهان بداخلاق ۽ سخت دل هجو ها تہ اهي ماڻهو توهان وٽان ٽڙي پڪڙجي وڃن ها.

دشمنانِ رسول قرآن پاڪ جي زباني هي خدائي اعلان ٻڌو پر ڪنهن کي بہ مجال نہ هئي جو ان جي خلاف ڪو بيان ڏي يا هن سچ کان وڌيڪ روشن حقيقت کان انڪار ڪري بلڪ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي وڏي کان وڏي دشمن بہ ان جو اعتراف ڪيو تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تمام بلند اخلاق، نرم طبيعت، رحيم ۽ ڪريم آهن.

بهرحال حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حسنِ اخلاق جي تمام پهلوئن جا جامع هئا. يعني حلم ۽ عفو، رحم ۽ ڪرم، عدل ۽ انصاف، جود ۽ سخا، ايثار ۽ قرباني، مهمان نوازي، تشدد نہ ڪرڻ، شجاعت، واعدي وفائي، حسنِ معامله، صبر ۽ قناعت، نرم گفتاري، خوش مزاجي، مِلنساري، مساوات، غمخواري، سادگي ۽ بي تڪلفي، عاجزي ۽ انڪساري، حياداري جي ايترين بلند منزلن تي رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فائز ۽ سرفراز هئا جو حضرت عائشہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جن هڪ ئي جملي ۾ ان جي صحيح تصوير ڪشي ڪندي ارشاد فرمايو تہ كَانَ خُلُقُهُ الْقُرْآنَ يعني تعليماتِ قرآنِ تي پورو پورو عمل اهي ئي رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا اخلاق هئا.[2]

---

[1] پ 4، آل عمران، آيت: 159

[2] دلائل النبوة للبيهقي، باب ذكر اخبار رويت في شمائله .... الخ، ج 1، ص 309

نبوت جي اخلاق جو هڪ تفصيلي بيان اسان پنهنجي ڪتاب ”حقاني تقريرون“ ۾ تحرير ڪري ڇڏيو آهي هتي به اسان اخلاقِ نبوت جي ”شجرة الخلد“ جي ڪجهه شاخن جا ڪجهه گل ڦل پيش ڪري ٿا ڇڏيون ته جيئن اسان ۽ توهان ان تي عمل ڪري پنهنجي اسلامي زندگي کي ڪامل ۽ اڪمل بڻائي عالمِ اسلام ۾ مڪمل مسلمان بڻجي وڃون ۽ دار العمل کان دار الجزاءَ تائين خدا پاڪ جي شاميانهءِ رحمت ۾ ان جي اعليٰ ۽ افضل انعامن جا منا منا ميوا کائيندا رهون. والله تعالىٰ هو الموفق و المعين.

## حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو عقل

جيئن ته سيني علمي، عملي ۽ اخلاقي ڪمالات جو دارومدار عقل تي ئي آهي. تنهنڪري حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي عقل جي باري ۾ به ڪجهه تحرير ڪرڻ انتهائي ضروري آهي. ته پوءِ ان سلسلي ۾ اسان هتي صرف هڪ حوالو تحرير ڪيون ٿا.

وهب بن منبه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن فرمايو ته مون 71 ڪتابن ۾ اهو پڙهيو آهي ته جڏهن کان دنيا وجود ۾ آئي آهي ان وقت کان وٺي قيامت تائين جي سيني انسانن جي عقلن جي جيڪڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي عقل شريف سان پيٽ ڪئي وڃي ته تمام انسانن جي عقل کي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي عقل سان اهائي نسبت ٿيندي جيڪا هڪ واريءَ جي ذري کي سڄي دنيا جي ريگستانن سان نسبت آهي. يعني تمام انسانن جا عقل هڪ واريءَ جي ذري برابر آهن ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو عقل شريف

تمام دنيا جي ريگستانن جي مثل آهي هن حديث کي ابو نُعَيم مُحَدِّث جن حليه ۾ روايت ڪيو ۽ مُحَدِّث ابنِ عساڪر جن به هن کي روايت ڪيو آهي.[1] (زرقاني ج 4 ص 250 و شفاء شريف ج 1 ص 42)

## حلم وعفو

حضرت زيد بن سعنه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جيڪي پهريان يهودي عالم هئا. انهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان کجور خريد ڪيون هيون. کجور ڏيڻ جي مدت ۾ اجان هڪ به ڏينهن باقي هئا ته ان وڏي ميڙ ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان انتهائي سخت لهجي سان تقاضا ڪئي ۽ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو دامن ۽ چادر پڪڙي نهايت ڪاوڙ ۽ تيز نظرن سان سندن ڏانهن ڏنو ۽ رڙيون ڪري چوڻ لڳو ته اي محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اوهان سيني عبد المطلب جي اولاد جو اهو ئي طريقو آهي ته توهان هميشه ماڻهن جا حق ادا ڪرڻ ۾ دير ڪندا آهيو ۽ ٽال مٽول ڪرڻ توهان جي عادت بڻجي وئي آهي. اهو منظر ڏسي حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جلال ۾ اچي ويو ۽ نهايت ئي غضبناڪ ۽ ڪاوڙ وارين نظرن سان ڏسندي چيائون ته اي خدا جا دشمن! تون خدا جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان اهڙي گستاخي ڪري رهيو آهين؟ خدا جو قسم! جيڪڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ادب مونکي روڪي نه رکي ها ته مان اِتي جو اِتي پنهنجي تلوار سان تنهنجو ڪنڌ ڪپي ڇڏيان ها. اهو ٻڌي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته اي عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ تون اهو ڇا چئي رهيو آهين؟ توکي ته گهرجي ها ته مونکي اداءِ حق جي ترغيب ڏئي ۽ هن کي نرمي

[1] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، واما وفور عقله، ج 1، ص 67

سان گهرڻ جي هدايت ڪري اسان ٻنهي جي مدد ڪرين ها پوءِ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حڪم ڏنو ته اي عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هن کي هن جي حق جي برابر کجور ڏئي ڇڏيو ۽ ڪجهه وڌيڪ به ڏيوس، حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جڏهن حق کان وڌيڪ کجورون ڏنيون ته حضرت زيد بن سعنه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن پڇيو ته اي عمر منهنجي حق کان وڌيڪ ڇو ڏئي رهيو آهين؟ تنهن تي پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن فرمايو انڪري جو مون ڪاوڙ واري نظر سان ڏسي توکي خوفزده ڪري ڇڏيو هو تنهنڪري حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تنهنجي دلجوئي ۽ دلداري جي لاءِ تنهنجي حق کان ڪجهه وڌيڪ کجور ڏيڻ جو مونکي حڪم ڏنو آهي. اهو ٻڌي حضرت زيد بن سعنه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ چيو ته اي عمر! ڇا تون مون کي سڃاڻين ٿو آءُ زيد بن سعنه آهيان؟ حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن فرمايو ته تون اهو ئي زيد بن سعنه آهين جيڪو يهودين جو وڏو عالم آهي. ان چيو جي ها. اهو ٻڌي حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ دريافت فرمايو ته پوءِ تون حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان اهڙي گستاخي ڇو ڪئي؟ حضرت زيد بن سعنه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جواب ڏنو ته اي عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ دراصل ڳالهه هي آهي ته مون توريت ۾ نبي آخر الزمان جون جيڪي نشانيون پڙهيون هيون انهن سيني کي مون سندن جي ذات ۾ ڏسي ورتو پر ٻن نشانين جي باري ۾ مونکي انهن جو امتحان وٺڻ باقي رهجي ويو هو هڪ هي ته هنن جو حلم جهالت تي غالب رهندو ۽ ٻيو جيتريقدر وڌيڪ انهن سان جهالت وارو ورتاءُ ڪيو ويندو ايتريقدر سندن جو حلم وڌندو رهندو تنهنڪري مون ان ترڪيب سان انهن ٻنهي نشانين کي ڏسي ورتو ۽ مان شاهدي ڏيان ٿو ته يقيناً هي نبي برحق آهن ۽ اي عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ مان تمام وڏو مالدار

ماڻهو آهيان مان توکي گواهه بڻائي چوان ٿو ته مون پنهنجو اڌ مال حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اُمت تي صدقو ڪري ڇڏيو پوءِ هي بارگاهِ رسالت ۾ آيو ۽ ڪلمو پڙهي دامنِ اسلام ۾ اچي ويو.[1] (دلائل النبوة ج ا ص 23 و زرقاني ج 4 ص 253)

حضرت جبير بن مطعم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا ته جنگِ حنين کان واپسيءَ تي ڳوناڻا ماڻهو رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي چنبڙي پيا ۽ مال جو مطالبو ڪرڻ لڳا ايتري تائين رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي چنبڙي پيا جو پاڻ پوئتي هٽندي هٽندي هڪ ٻير جي وڻ وٽ ترسي پيا ايتري ۾ هڪ ڳوناڻو رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چادر مبارڪ کي سَٽَ ڏئي لاهي ڇڏي رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اتي بيهي ارشاد فرمايو ته توهان مونکي منهنجي چادر ته ڏيو جيڪڏهن مون وٽ هنن ٽارين جي برابر به مال هجي ها ته مان اهو سڀ توهان ۾ تقسيم ڪري ڇڏيان ها، توهان مونکي نه بخيل ڏسندؤ، نه ڪوڙو، نه بزدل.[2]

(بخاري ج 1 ص 446)

حضرت انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي ته مان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ وڃي رهيو هئس ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي هڪ نجراني چادر پاتل هئي، جنهن جا ڪنارا ٿلها ۽ گهرا هئا اوچتو هڪ ڳوناڻي رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چادر مبارڪ کي پڪڙي ورتو ۽ ايترو زور سان چادر مبارڪ کي ڇڪيو جو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي نرم ۽ نازڪ ڪنڌ تي چادر جي

---

[1] دلائل النبوة للبيهقي، باب استبراء زيد بن سعنة .... الخ، ج 1، ص 278

[2] صحيح البخاري، كتاب فرض الخمس، باب ما كان النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .... الخ، الحديث: 3148، ج 2، ص 359

رهندڙ جا نشان پئجي ويا. پوءِ اهو ڳوناڻو چوڻ لڳو تہ الله پاڪ جو جيڪو مال توهان وٽ آهي توهان حڪم فرمايو تہ مونکي ان مان ڪجهہ ملي وڃي. حضور رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن ان ڳوناڻي ڏانهن توجهہ فرمائي تہ ڪمالِ حلم ۽ عفو جي سبب ان ڏانهن ڏسي ڪلي پيا، ۽ پوءِ ان کي ڪجهہ مال عطا ڪرڻ جو حڪم صادر فرمايو.[1] (بخاري ج ا ص 446 باب ما كان يعطي النبي المولفة)

جنگِ احد ۾ عتبہ بن ابي وقاص رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ڏند مبارڪ کي شهيد ڪري ڇڏيو ۽ عبد الله بن قميئہ چهرهءِ انور کي زخمي ۽ رت و رت ڪري ڇڏيو پر حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن ماڻهن لاءِ ان کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ فرمايو تہ:

اَللّٰهُمَّ اهْدِ قَوْمِيْ فَاِنَّهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ

يعني اي الله! پاڪ منهجي قوم کي هدايت ڏي ڇو تہ هي ماڻهو مونکي نٿا سڃاڻن.[2]

خيبر ۾ زينب نالي يهودي عورت رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي زهر ڏنو پر حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کان ڪو بہ انتقام نہ ورتو. لبيد بن اعصم حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي جادو ڪيو ۽ وحيءَ جي ذريعي ان جي سڄي خبر پئجي وئي پر رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کان ڪا بہ پڇا نہ فرمائي،

---

[1] صحيح البخاري، كتاب فرض الخمس، باب ما كان النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .... الخ، الحديث: 3149، ج 2، ص 359

[2] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، فصل و اما الحلم .... الخ، ج 1، ص 105

غورث بن الحارث رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قتل جي ارادي سان سندن تلوار کي ڇڪي مياڻ مان ڪڍي ورتو جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ننڊ مان بيدار ٿيا تہ غورث چوڻ لڳو اي محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هاڻي ڪير آهي جيڪو توهان کي مونکان بچائيندو؟ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ ”الله“ نبوت جي هيبت کان تلوار ان جي هٿ مان ڪري پئي ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تلوار هٿ ۾ کڻي فرمايو تہ ٻڌاءِ! هاڻي توکي منهنجي هٿان بچائڻ وارو ڪير آهي؟ غورث منٿون ڪندي چوڻ لڳو توهان ئي منهنجي جان بچائي وٺو، رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي ڇڏي ڏنو ۽ معاف فرمائي ڇڏيو. پوءِ غورث پنهنجي قوم ۾ اچي چوڻ لڳو تہ اي انسانو! مان اهڙي شخص وٽان پيو اچان جيڪو سڄي دنيا جي انسانن مان سيني کان ڀلو آهي.[1] (شفا قاضي عياض جلد 1 ص 62)

مڪي جي ڪافرن اهو ڪهڙو ظالماڻو ورتاءُ هو جيڪو رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان نہ ڪيو هجي پر فتح مڪہ جي ڏينهن جڏهن هي سڀ قريش جا ظالم سردار، انصارن ۽ مهاجرن جي محاصرن ۾ محصور ۽ مجبور ٿي حرمِ ڪعبہ ۾ خوف ۽ دهشت کان ڏڪي رهيا هئا ۽ انتقام جي خوف کان انهن جي جسم جو هڪ هڪ وار ڪَنبي رهيو هو. رسولِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن مجرمن ۽ پاپين کي ڇڏي ڏنو ۽ هي فرمائي معاف ڪري ڇڏيو تہ: لَا تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ فَاذْهَبُوْا اَنْتُمُ الطُّلَقَاءُ يعني اڄ توهان کان ڪو پڇاڻو ناهي وڃو توهان سڀ آزاد آهيو.

---

[1] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، فصل و اما الحلم .... الخ، ج 1، ص 106، 107

هڪ ڪافر ڪي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم پڪڙي وٺي آيا ۽ عرض ڪيائون تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن شخص توهان جي قتل جو ارادو ڪيو هو اهو شخص خوف ۽ دهشت جي ڪري ڏڪڻ لڳو تہ رحمة للعالمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ تون ڪو بہ خوف نہ ڪر ۽ بلڪل بہ نہ ڊڄ جيڪڏهن تو منهنجي قتل جو ارادو ڪيو هو تہ ڇا ٿي پيو؟ تون ڪڏهن بہ مون تي غالب نہ ٿي سگهين ها ڇو جو خداوند تعاليٰ منهنجي حفاظت جو واعدو ڪري ڇڏيو آهي.[1] (شفا قاضي عياض ج ا ص 63 وغيره)

مطلب تہ اهڙي طرح جا نبيءِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي حياتِ طيبہ ۾ هزارين واقعات آهن جن مان خبر پوي ٿي تہ حلم ۽ عفو يعني ايذائن ڪي برداشت ڪرڻ ۽ مجرمن ڪي قدرت جي باوجود بغير انتقام جي ڇڏي ڏيڻ ۽ معاف ڪري ڇڏڻ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هي عادتِ ڪريمہ بہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي حسنِ اخلاق جو اهو عظيم شاهڪار آهي جنهن جو سڄي دنيا ۾ مثال نٿو ملي. حضرت بيبي عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون تہ :

وَمَا انْتَقَمَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لِنَفْسِهٖ اِلَّا اَنْ تُنْتَهَكَ حُرْمَةُ اللّٰهِ[2] (شفا شريف جلد 1 ص 61 وغيره و بخاري جلد 1 ص 503)

پنهنجي ذات جي لاءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪڏهن بہ ڪنهن کان بدلو نہ ورتو. ها الله پاڪ جي حرام ڪيل شين جو

---

[1] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، فصل و اما الحلم .... الخ، ج 1، ص 108

[2] صحيح البخاري، كتاب المناقب، باب صفة النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 3560، ج 2، ص 489

جيڪڏهن ڪو مرتڪب ٿيندو هو ته ضرور پاڻ ان جو مؤاخذو فرمائيندا هئا.

## تواضع (عاجزي، انڪساري)

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي انڪساري جو شان به سڄي دنيا کان نرالو هو الله تعاليٰ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي هي اختيار فرمايو هو ته اي حبيب! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪڏهن توهان چاهيو ته بادشاهن واري زندگي گذاريو ۽ جيڪڏهن توهان چاهيو ته هڪ ٻانهي واري زندگي گذاريو ته رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٻانهي واري زندگي گذارڻ کي پسند فرمايو. حضرت اسرافيل عَلَيْهِ السَّلَام حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هي انڪساري ڏسي فرمايو ته يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان جي ان انڪساري جي سبب الله تعاليٰ توهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هي جليل القدر مرتبو عطا فرمايو آهي جو اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آدم جي تمام اولاد ۾ سيني کان وڌيڪ بزرگ ۽ بلند مرتبي وارا آهيو ۽ قيامت جي ڏينهن سيني کان پهريان اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي قبر انور مان اٿاريا ويندؤ ۽ ميدانِ حشر ۾ سڀ کان پهريان اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شفاعت فرمائيندؤ.[1]

(زرقاني ج 4 ص 262 و شفاء جلد 1 ص 86)

حضرت ابو امامه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ راوي آهن ته حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي عصاء مبارڪ تي ٽيڪ لڳائيندي ڪاشانۂ نبوت کان ٻاهر آيا اسان سڀ صحابه تعظيم جي لاءِ اٿي بيهي رهياسين اهو ڏسي انڪساريءَ طور ارشاد فرمايائون ته توهان

[1] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، فصل و اما تواضعه، ج 1، ص 130

ائين نہ بيهندا ڪريو جهڙي طرح عجمي ماڻهو هڪ ٻئي جي تعظيم جي لاءِ بيهندا آهن مان تہ هڪ ٻانهو آهيان ٻانهن وانگر ڪائيندو آهيان ۽ ٻانهن وانگر ئي ويهندو آهيان.[1] (شفاء شريف ج 1 ص 86)

حضرت بيبي عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو بيان آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي پويان سواري تي پنهنجي ڪنهن خادم کي بہ ويهاريندا هئا. ترمذي شريف جي روايت ۾ آهي تہ جنگ قريظه جي ڏينهن رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سواري جي جانور جو لغام ڇوڏن جي رسي جو ٿهيل هو.[2]

(زرقاني ج 4 ص 264)

حضرت انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غلامن جي دعوت بہ قبول فرمائيندا هئا جوَن جي ماني ۽ پراڻي چربي ڪائڻ جي دعوت ڏني ويندي هئي تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان دعوت کي قبول فرمائيندا هئا. مسڪينن جي بيماريءَ ۾ عيادت ڪندا هئا فقراء سان ملاقات فرمائيندا هئا. ۽ پنهنجن صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جن سان ملي جلي ويهندا هئا.[3]

(شفاء شريف ج اص 77)

حضرت ابوسعيد خدري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجا گهريلو ڪم پاڻ پنهنجن مبارڪ هٿن سان ڪندا هئا. پنهنجن خادمن سان گڏ ويهي ڪاڏو تناول فرمائيندا هئا ۽ گهر جي ڪمن ۾ پنهنجن خادمن جي مدد فرمائيندا هئا.[4]

(شفاء شريف ج ا ص 77)

---

[1] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، فصل و اما تواضعه، ج 1، ص 130

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، الفصل الثاني فيما اكرمه الله تعاليٰ .... الخ، ج 6، ص 45

[3] الشفاء بتعريف حقوق الممصطفيٰ، فصل و اما تواضعه، ج 1، ص 131 ملتقطاً

[4] الشفاء بتعريف حقوق الممصطفيٰ، فصل و اما تواضعه، ج 1، ص 132 ملتقطاً

هڪ شخص بارگاهه رسالت ۾ حاضر ٿيو ته جلالِ نبوت جي هيبت کان يڪدم لرزي ويو ۽ ڏڪڻ لڳو، ته رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته تون بلڪل نه ڊڄ مان نه ڪو بادشاهه آهيان، نه ڪو جبار ۽ نه ئي ڪو حاڪم، مان ته قريش جي هڪ عورت جو پٽ آهيان جيڪا خشڪ گوشت جون ٻوٽيون ڪائيندي هئي.[1] (زرقاني ج 4 ص 276 و شفاء ج ا ص 78)

فتح مڪه جي ڏينهن جڏهن فاتحانه شان سان رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي لشڪر جي هجوم ۾ مڪي جي اندر داخل ٿيڻ لڳا ته ان وقت پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي تواضع ۽ انڪساري جي اهڙي تجلي نمودار هئي جو حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڏاڙهي جي پٺي تي اهڙي طرح ڪنڌ جهڪائي وينل هئا جو حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو سر مبارڪ ڏاڙهي جي ڪجاوي جي اڳئين حصي سان لڳل هو.[2] (شفاء ج ا ص 77)

اهڙي طرح جڏهن حجة الوداع ۾ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ لک شمعِ نبوت جي پروانن سان گڏ پنهنجي مقدس زندگي جي آخري حج لاءِ تشريف فرما ٿيا ته رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ڏاڙهيءَ تي هڪ پراڻو پالاڻ هو ۽ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي جسم اطهر تي هڪ چادر هئي جنهن جي قيمت چار درهم کان وڌيڪ نه هئي. انهيءَ ئي ڏاڙهيءَ جي پٺي تي ۽ انهيءَ ئي لباس ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خداوند ذو الجلال جي نائب اڪرم ۽ تاجدار دو عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هئڻ جي

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، الفصل الثاني فيما اكرمه الله تعالىٰ .... الخ، ج 6، ص 71

[2] الشفاء بتعريف حقوق المصطفىٰ، فصل و اما تواضعه، ج 1، ص 132

حيثيت سان پنهنجو شهنشاهي خطبو پڙهيو. جنهن کي هڪ لک کان وڌيڪ فرزندانِ توحيد ڪن لائي توجهه سان ٻڌي رهيا هئا.[1]

(زرقاني ج 4 ص 268)

حضرت عبد الله بن عامر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بيان ڪن ٿا تہ هڪ دفعي رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي نعلين اقدس جي ڪَهِي ٽٽي پئي ۽ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي هٿ مبارڪ سان ان کي ڳنڍيڻ لڳا، مون عرض ڪيو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مونکي ڏيو تہ مان ٿو هن کي ڳنڍي وٺان، منهنجي ان درخواست تي فرمايائون تہ اهو درست آهي تہ تون ان کي ڳنڍي ويندين پر مان ان کي پسند نٿو ڪيان تہ مان توهان تي پنهنجي برتري ۽ وڏائي ظاهر ڪيان، اهڙي طرح صحابۂ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪنهن ڪم ۾ مشغول ڏسي بار بار عرض ڪندا هئا تہ يا رسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان اهو ڪم نہ ڪريو اهو ڪم اسان ڪنداسين پر رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اهو ئي فرمائيندا هئا تہ اهو سچ آهي تہ توهان منهنجو سڀ ڪم ڪندؤ پر مونکي اهو پسند ناهي تہ مان توهان جي وچ ۾ ڪنهن امتيازي شان سان رهان.[2] (زرقاني ج 4 ص 265)

## حسنِ معاشرت

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ازواجِ مطهرات رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ پنهنجن احباب، پنهنجن صحابہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُم، پنهنجن رشتيدارن، پنهنجن پاڙيوارن هر ڪنهن سان ايتري خوش اخلاقي ۽

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، الفصل الثاني فيما اكرمه الله تعالىٰ .... الخ، ج 6، ص 54

2 المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، الفصل الثاني فيما اكرمه الله تعالىٰ .... الخ، ج 6، ص 49

ملنساري جو ورتاءُ ڪندا هئا جو انهن مان هر هڪ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اخلاقِ حسنہ جو عاشق ۽ تعريف ڪندڙ هو، خادمِ خاص حضرت انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ مون ڏهن سالن تائين سفر ۽ وطن ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت جو شرف حاصل ڪيو پر ڪڏهن بہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن نہ مونکي جهڻڪيو، نہ ڪڏهن دڙڪو ڏنو ۽ نہ وري ڪڏهن هي فرمايائون تہ تو فلاڻو ڪم ڇو ڪيو ۽ فلاڻو ڪم ڇو نہ ڪيو؟[1]

(زرقاني ج 4 ص 266)

حضرت عائشہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا چون ٿيون تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان وڌيڪ ڪو بہ خوش اخلاق نہ هو. رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اصحابن رَضِيَ اللهُ عَنْهُم يا حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي گهر وارن مان ڪو بہ ڪين سڏيندو هو تہ پاڻ لبيڪ چئي جواب ڏيندا هئا. حضرت جرير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا تہ آءُ جڏهن کان مسلمان ٿيو آهيان ڪڏهن بہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مونکي پاڻ وٽ اچڻ کان نہ روڪيو ۽ جڏهن بہ مونکي ڏسندا هئا تہ مسڪرائي ڏيندا هئا. رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي اصحابن رَضِيَ اللهُ عَنْهُم سان خوش طبعي بہ فرمائيندا هئا ۽ سيني سان ملي جلي رهندا هئا ۽ هر هڪ سان گفتگو فرمائيندا هئا ۽ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جي ٻارن سان بہ خوش طبعي فرمائيندا هئا ۽ انهن کي پنهنجي مقدس جهولي ۾ ويهاريندا هئا ۽ آزاد، ٻانهي، غلام ۽ مسڪين سيني جي دعوت قبول فرمائيندا هئا ۽ مديني جي ڀرپاسي ۾ رهڻ وارن مريضن جي

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، الفصل الثاني فيما اكرمه الله تعالىٰ .... الخ، ج 6، ص 42، 43

عيادت لاءِ تشريف کڻي ويندا هئا ۽ عذر پيش ڪرڻ وارن جو عذر قبول فرمائيندا هئا.[1] (شفاء شريف ج ا ص 71)

حضرت انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ راويت ڪن ٿا تہ جيڪڏهن ڪو شخص حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ڪن ۾ ڪا لڪائي ڳالهہ ڪندو هو تہ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان وقت تائين پنهنجو ڪن ان جي منهن کان الڳ نہ فرمائيندا هئا جيسيتائين اهو ڪن اقدس ۾ ڪجهہ چوندو رهندو هو ۽ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجن اصحابن رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جي مجلس ۾ ڪڏهن بہ پير ڊگها ڪري نہ ويهندا هئا ۽ جيڪو بہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سامهون ايندو هو تہ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سلام ڪرڻ ۾ اڳرائي ڪندا هئا، ملاقاتين سان مصافحو فرمائيندا هئا ۽ اڪثر پاڻ ايندڙ ملاقاتين جي لاءِ پنهنجي چادر مبارڪ وڇائيندا هئا. ۽ پنهنجي جاءِ بہ پيش ڪندا هئا ۽ پنهنجن اصحابن رَضِیَ اللهُ عَنْهُم کي انهن جي ڪنيتن ۽ سنن نالن سان سڏيندا هئا. ڪڏهن بہ ڪنهن ڳالهائڻ واري جي ڳالهہ کي اڌ ۾ نہ ڪٽيندا هئا ايسيتائين جو هو ڳالهہ مڪمل ڪري وٺي. هر ماڻهوءَ سان دل کولي مسڪرائي ملاقات فرمائيندا هئا. مديني جا خادم ۽ نوڪر چاڪر صبح جو پاڻي کڻي ايندا هئا تہ جيئن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي ٿانوَن ۾ پنهنجو هٿ مبارڪ ٻوڙين ۽ پاڻي متبرڪ ٿي وڃي، تہ سخت سياري جي موسم ۾ بہ صبح جو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر هڪ جي ٿانوَ ۾ پنهنجو مقدس هٿ ٻوڙيندا هئا ۽ سياري جي ٺڏِ جي باوجود ڪنهن کي بہ محروم نہ فرمائيندا هئا.[2] (شفا شريف ج 1 ص 72)

---

[1] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، فصل و اما حسن عشرته، ج 1، ص 121

[2] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، فصل و اما حسن عشرته، ج 1، ص 121، 122 ملتقطاً

حضرت عمرو بن سائب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چيو تہ هڪ پيري مان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر هئس تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو رضاعي پيءُ يعني حضرت بيبي حليمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو مڙس آيل هو تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ڪپڙي جو هڪ حصو انهن جي لاءِ وڇائي ڇڏيو ۽ هو ان تي ويهي رهيا، پوءِ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي رضاعي ماءُ بيبي حليمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا آئي تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ڪپڙي جو باقي حصو انهن جي لاءِ وڇائي ڇڏيو پوءِ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا رضاعي پاءُ آيا تہ حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي پنهنجي سامهون ويهاري ڇڏيو ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت ثويبہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا ڏانهن هميشہ ڪپڙا وغيره موڪليندا رهندا هئا. هي ابو لهب جي ٻانهي هئي ۽ ڪجهہ ڏينهن تائين انهن بہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي پنهنجو کير پياريو هو.[1]

(شفاء شريف ج 1 ص 75)

رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي لاءِ ڪو مخصوص بسترو نہ رکندا هئا بلڪ هميشہ ازواجِ مطهرات جي بسترن تي ئي آرام فرمائيندا هئا. ۽ پنهنجي پيار ۽ محبت سان هميشہ پنهنجين مقدس بيبين رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ کي خوش رکندا هئا. حضرت عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون تہ مان پيالي ۾ پاڻي پي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي جڏهن پيالو ڏيندي هيس تہ پاڻ پيالي مان ان ئي جڳهہ تي پنهنجا لب مبارڪ لڳائي پاڻي نوش فرمائيندا هئا جتي منهنجا چَپَ لڳل هوندا هئا ۽ مان گوشت سان پريل ڪا هڏي پنهنجن ڏندن سان پٽي ڏيندي هيس تہ پاڻ بہ ان ئي جڳهہ

[1] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، فصل و اما حسن خلقه، ج 1، ص 128، 129

تان گوشت کي پنهنجي ڏندن سان پَٽيندا هئا جتي منهنجو وات لڳل هوندو هو.[1] (زرقاني ج 4 ص 269)

رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن روزانو پنهنجين ازواج مطهرات رَضِيَ اللهُ عَنْهُن سان ملاقات فرمائيندا هئا ۽ پنهنجين صاحبزادين جي گهرن ۾ به رونق افروز ٿي انهن جي خير خيريت پڇندا هئا ۽ پنهنجن ڏوهٽن ۽ ڏوهٽين کي به پنهنجي پيار ۽ شفقت سان بار بار نوازيندا هئا ۽ سيني جي دلجوئي ۽ لحاظ فرمائيندا هئا ۽ ٻارن سان گفتگو فرمائي انهن جي ڳالهين سان پنهنجي دل خوش ڪندا هئا ۽ انهن جي به دل خوش ڪندا هئا. پنهنجن پاڙيسرين جي به خير خيريت پڇندا ۽ انهن سان انتهائي ڪريمانه ۽ مشفقانه ورتاؤ فرمائيندا هئا. مطلب ته رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي طرزِ عمل ۽ پنهنجي سيرتِ مقدسه سان اهڙي اسلامي معاشري جي تشڪيل فرمائي جو اڄ جيڪڏهن دنيا پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سيرت مبارڪ تي عمل ڪرڻ لڳي ته سموري دنيا ۾ امن ۽ سڪون ۽ محبت ۽ رحمت جو درياء هلڻ لڳي ۽ سڄي جهان مان قتل و غارتگيري ۽ نفاق ۽ بدبختي جي باهه وسامي وڃي ۽ عالَم ڪائنات امن، راحت، پيار ۽ محبت جو بهشت بڻجي وڃي.

## حياء

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي حياء جي باري ۾ حضرت حق جَلَّ جَلَالُهٗ جو قرآن ۾ هي فرمان سڀ کان وڏو شاهد آهي ته:

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، الفصل الثاني فيما اكرمه الله تعالىٰ .... الخ، ج 6، ص 55، 56 ملتقطاً

اِنَّ ذٰلِكُمْ كَانَ يُؤْذِى النَّبِيَّ فَيَسْتَحْيٖ مِنْكُمْ[1]

ترجمو كنز الايمان: بيشڪ توهان جي اِها ڳالهه نبيءَ کي تڪليف ٿي پهنچائي پر اهي توهان ماڻهن کان حيا ٿا ڪن (توهان کي ڪجهه چئي نٿا سگهن)

رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي شانِ حياء جي تصوير ڪشي ڪندي هڪ معزز صحابي حضرت ابو سعيد خدري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن فرمايو تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪنواري پرده نشين عورت کان بہ وڌيڪ حيادار هئا.[2]

(زرقاني ج 4 ص 284 و بخاري ج 1، ص 503 باب صفة النبي)

تنهنڪري هر بري قول ۽ فعل ۽ قابلِ مذمت ڪمن کان هميشہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو دامنِ عصمت پاڪ ۽ صاف رهيو ۽ سموري حياتِ مبارڪ ۾ وقار ۽ مروت جي خلاف حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان ڪو بہ عمل سرزد نہ ٿيو. حضرت عائشہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن نہ فحش ڪلام هئا، نہ بيهوده گفتگو ڪرڻ وارا ۽ نہ ئي بازارن ۾ شور مچائڻ وارا هئا. برائي جو بدلو برائي سان نہ ڏيندا هئا بلڪ معاف فرمائي ڇڏيندا هئا. پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا هي بہ فرمائن ٿيون تہ ڪمالِ حيا جي ڪري مون ڪڏهن بہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي بي لباس نہ ڏٺو.[3] (شفاء شريف ج 1ص 69)

---

[1] پ 22، الاحزاب، آيت: 53

[2] صحيح البخاري، كتاب المناقب، باب صفة النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 3562، ج 2، ص 490

[3] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، فصل و اما الحياء، ج 1، ص 119 ملتقطاً

## واعدي جي پابندي

واعدو پورو ڪرڻ ۽ واعدي جي پابندي به اخلاق واري وڻ جي هڪ نهايت ئي اهم ۽ سائي ستابي شاخ آهي. هن خصوصيت ۾ به رسولِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو خلقِ عظيم بي مثال ئي آهي. حضرت ابو الحمساء رَضِيَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا ته اعلانِ نبوت کان اڳ مون حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان ڪجهه سامان خريد ڪيو ان سلسلي ۾ سندن ڪجهه رقم منهنجي ذمي رهجي وئي. مون حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي چيو ته توهان هتي ئي بيهو مان هاڻي جو هاڻي گهران رقم کڻي اچي هن ئي جاءِ تي توهان کي ڏيان ٿو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهيءَ جڳهه تي ترسڻ جو واعدو فرمايو پر گهر پهچي مون کان پنهنجو واعدو وسري ويو پوءِ ٽن ڏينهن کان بعد جڏهن مون کي ياد آيو ته مان رقم کڻي ان جڳهه تي پهتس ته ڇا ٿو ڏسان ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان ئي جاءِ تي منهنجو انتظار ڪري رهيا آهن. مونکي ڏسي سندن جي پيشاني تي ڪو به گهنج نه آيو ۽ هن کان وڌيڪ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪجهه به نه فرمايو ته اي نوجوان! تو ته مونکي تڪليف ۾ وجهي ڇڏيو ڇو ته مان پنهنجي واعدي مطابق ٽن ڏينهن کان هتي تنهنجو انتظار ڪري رهيو آهيان.[1] (شفاء شريف ص 47)

## عدل

خدا پاڪ جا مقدس رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڄي جهان ۾ سيني کان وڌيڪ امين، سيني کان وڌيڪ عادل، پاڪدامن ۽ ديانتدار هئا. هيءَ اها روشن حقيقت آهي جنهن جو رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1] الشفاء بتعريف حقوق الصطفيٰ، فصل و اما خلقه ... الخ، ج 1، ص 126

جن جي وڏن وڏن دشمنن به اعتراف ڪيو. جيئن ته اعلانِ نبوت کان اڳ تمام اهلِ مڪه پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ”صادق الوعد“ (واعدي جا سچا) ۽ ”امين“ جي معزز لقب سان ياد ڪندا هئا. حضرت ربيع بن خثيم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو بيان آهي ته مڪي وارن جو هن ڳالهه تي اتفاق هيو ته پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اعليٰ درجي جا امين ۽ عادل آهن. تنهنڪري اعلانِ نبوت کان پهريان مڪي وارا پنهنجن مقدمن ۽ جهڳڙن جو رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان فيصلو ڪرائيندا هئا ۽ حضور انور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سيني فيصلن کي انتهائي احترام سان بنا ڪنهن عذر جي تسليم ڪري وٺندا هئا ۽ چوندا هئا ته هي امين جو فيصلو آهي.[1] (شفاء شريف ج ا ص 78، 79)

حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيتري قدر بلند مرتبه عادل هئا. ان حوالي سان بخاري شريف جي هڪ روايت سيني کان وڏيڪ شاهدِ عدل آهي. قبيلي قريش جي خاندان بني مخزوم جي هڪ عورت چوري ڪئي، اسلام ۾ چور جي سزا هي آهي ته ان جو ساڄو هٿ ڪاڻي کان ڪٽيو وڃي. قبيلي قريش کي هن واقعي ڏاڍو فڪرمند بڻائي ڇڏيو ته جيڪڏهن اسان جي قبيلي جي عورت جو هٿ وڍيو ويو ته اهو اسان جي خاندان جي شرافت تي اهڙو بدنما داغ هوندو جيڪو ڪڏهن به ڌوپي نه سگهبو ۽ اسان سڄي عرب جي نظرن ۾ ذليل ۽ خوار ٿي ويندا سين تنهنڪري هنن اهو طئي ڪيو ته بارگاهِ رسالت ۾ ڪا زبردست سفارش پيش ڪئي وڃي ته جيئن رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان عورت جو هٿ نه ڪٽين. ان سلسلي ۾ انهن ماڻهن حضرت اسامه

[1] الشفاء بتعريف حقوق الصطفيٰ، فصل و اما عدله، ج 1، ص 134 ملتقطاً

بن زيد رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا جيڪو نگاهِ نبوت ۾ انتهائي محبوب هو. ان تي زور بار وجهي ان ڳالهه لاءِ آماده ڪري ورتو تہ هو دربارِ اقدس ۾ سفارش پيش ڪن. حضرت اسامہ بن زيد رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا اشرافِ قريش جي اصرار کان متاثر ٿي بارگاهِ رسالت ۾ سفارش ڪئي. اهو ٻڌي پيشانيءِ نبوت تي جلال جا آثار نمودار ٿيا ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نهايت غضبناڪ لهجي ۾ فرمايو تہ: اَ تَشْفَعُ فِیْ حَدٍّ مِنْ حُدُوْدِ اللّٰهِ يعني اي اسامہ! تون الله تعاليٰ جي مقرر ڪيل سزائن مان هڪ سزا جي باري ۾ سفارش ڪرين ٿو؟ پوءِ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اتي بيهي هڪ خطبو ارشاد فرمايو ۽ چيائون تہ:

يَا اَيُّهَا النَّاسُ اِنَّمَا ضَلَّ مَنْ قَبْلَكُمْ اَنَّهُمْ كَانُوْا اِذَا سَرَقَ الشَّرِيْفُ تَرَكُوْهُ وَاِذَا سَرَقَ الضَّعِيْفُ فِيْهِمْ اَقَامُوْا عَلَيْهِ الْحَدَّ وَ اَيْمُ اللّٰهِ لَوْ اَنَّ فَاطِمَةَ بِنْتَ مُحَمَّدٍ سَرَقَتْ لَقَطَعَ مُحَمَّدٌ يَدَهَا.[1]

(بخاري ج 2 ص 1003 باب ڪراهية الشفاعة في الحدود)

يعني اي انسانو! توهان کان پهريان ماڻهو ان ڪري گمراهه ٿي ويا جو انهن مان جڏهن ڪو وڏو ماڻهو چوري ڪندو هو تہ ان کي ڇڏي ڏيندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪو ڪمزور ماڻهو چوري ڪندو هو تہ ان کي سزا ڏيندا هئا. خدا جو قسم! جيڪڏهن محمد جي ڌيءُ فاطمہ بہ چوري ڪندي تہ يقيناً محمد ان جو بہ هٿ ڪٽي ڇڏيندو. (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

[1] صحيح البخاري، كتاب الحدود، باب كراهية الشفاعة .... الخ، الحديث: 6788، ج 4، ص 332

## وقار

حضرت خارجہ بن زيد رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائيندا هئا تہ حضور نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجين مجلسن ۾ جيتري وقار سان رونق افروز ٿيندا هئا، وڏن کان وڏن بادشاهن جي دربار ۾ بہ ان جو مثال نہ ملي سگهندو. حضرت جابر بن سمره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائيندا هئا تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مجلس حلم ۽ حيا ۽ خير ۽ امانت جي مجلس هوندي هئي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مجلس ۾ ڪڏهن بہ ڪو بلند آواز سان ڳالهائي نہ سگهندو هو ۽ جڏهن رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪلام فرمائيندا هئا تہ سڀ اهلِ مجلس اهڙي طرح مٿو هيٺ ڪري ڪن لائي توجهہ سان سندن جو ڪلام ٻڌندا هئا جڻ تہ انهن جي مٿن تي جهرڪيون ويٺيون هجن. حضرت بيبي عائشہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا ارشاد فرمائن ٿيون تہ حضور انور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نهايت ئي وقار سان اهڙي آهستي آهستي گفتگو فرمائيندا هئا جو جيڪڏهن ڪو شخص حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي جملن کي ڳڻڻ چاهي تہ ڳڻي سگهيو ٿي.[1] (شفاء شريف ج 1 ص 80، 81 و بخاري ج ا ص 503)

پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو اٿڻ ويهڻ، رفتار ۽ گفتار، هر ادا ۾ هڪ خالص پيغمبراڻو وقار موجود هوندو هو جنهن سان رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي عظمتِ نبوت جو جاهہ و جلال چمڪندڙ سج وانگر هر خاص و عام جي نظرن ۾ ظاهر رهندو هو.

---

[1] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، فصل و اما وقاره، ج 1، ص 137 — 139 ملتقطاً و صحيح البخاري، كتاب المناقب، باب صفة النبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 3567، ج 2، ص 491

## زاهدانہ زندگي

پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شنهنشاهه ڪونين ۽ تاجدار دوعالم هئڻ جي باوجود اهڙي زاهدانہ ۽ سادگي ۾ زندگي گذاريندا هئا جو تاريخ نبوت ۾ ان جو مثال نٿو ملي سگهي. خوراڪ ۽ پوشاڪ، مڪان ۽ سامان، رهڻي سهڻي مطلب حياتِ مبارڪ جي هر خلوت ۾ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زهد ۽ دنيا کان بي رغبتي جو عالَم ايترو نمايان هو جنهن کي ڏسي اهو ئي چئي سگهجي ٿو تہ دنيا جون لذتون ۽ نعمتون حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي نگاهِ نبوت ۾ هڪ مچر جي پر کان بہ وڌيڪ ذليل ۽ حقير آهن.

حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو بيان آهي تہ حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مقدس زندگي ۾ ڪڏهن بہ ٽي ڏينهن لڳاتار اهڙا نہ گذريا جو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پيٽ ڀري ڪاڏو، ڪاڏو هجي. هڪ هڪ مهيني تائين ڪاشانۂ نبوت ۾ چُلهہ نہ ٻرندي هئي ۽ ڪجور ۽ پاڻيءَ کان سواءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي گهر وارن جي ٻي ڪا بہ خوراڪ نہ هوندي هئي. حالانڪہ الله پاڪ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي فرمايو تہ اي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪڏهن توهان چاهيو تہ مان توهان جي لاءِ مڪي جي جبلن کي سون ڪري ڇڏيان ۽ اهي اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ گڏ هلندا رهن ۽ توهان انهن کي جهڙي طرح چاهيو خرچ ڪندا رهو پر رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي پسند نہ فرمايو ۽ بارگاهِ خداوندي ۾ عرض ڪيو تہ اي منهنجا رب! پاڪ مونکي اهو ئي وڌيڪ پسند آهي تہ آئون هڪ ڏينهن ڀڪيو رهان ۽ هڪ ڏينهن ڪاڏو ڪاوان، تہ جيئن ٻک واري ڏينهن

خوب ٻاڏائي توکان دعائون گهران ۽ خوشحالي واري ڏينهن تنهنجي حمد ڪريان ۽ تنهنجو شڪر بجا آڻيان.

حضرت عائشه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا ٻڌايو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنهن بستري تي سمهندا هئا اهو چمڙي جو گدو هو جنهن ۾ ڪپهہ جي بدران وڻن جون ڪلون پريل هيون.

حضرت حفصہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون تہ منهنجي واري جي ڏينهن حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ٿلهي ٽاٽ جي بستري تي سمهندا هئا جنهن کي آءُ ٻيٽو ڪري وڇائيندي هئس هڪ ڏينهن مون ان کي چئوٽو ڪري وڇايو تہ صبح جو رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ تون هن کي پهريان وانگر ٻيٽو ڪري وڇائيندي ڪر، ڇو تہ مون کي انديشو آهي تہ جيڪڏهن هن بستري جي نرمي جي ڪري مون تي گهري ننڊ جو غلبو ٿي ويو تہ منهنجي تهجد جي نماز ۾ خلل پيدا ٿي پوندو. روايت ۾ اچي ٿو تہ ڪڏهن ڪڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اهڙي ڪٽ تي بہ سمهندا هئا جيڪا ڪُهري واڻ جي نهيل هوندي هئي، جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بغير هنڌ جي ان تي سمهندا هئا تہ جسم مبارڪ تي واڻ جا نشان پئجي ويندا هئا.[1]

(شفاء شريف ج 1 ص 82، 83 وغيره)

## شجاعت

حضور رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بيمثال شجاعت جو هي عالم هو تہ حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جهڙي بهادر صحابي

[1] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، فصل و اما زهده، ج 1، ص 140 — 142 ملتقطاً

جو هي قول آهي تہ جڏهن لڙائي گهٽي وڌي ويندي هئي ۽ جنگ جي شدت ڏسي وڏن وڏن بهادرن جون اکيون خوف سبب ڳاڙهيون ٿي ويندیون هيون، تہ ان وقت اسين رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پاسي ۾ بيهي پنهنجو بچاءُ ڪندا هئاسين ۽ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان سيني ماڻهن کان وڌيڪ اڳيان وڃي بلڪل دشمنن جي ويجهو پهچي ڪري جنگ فرمائيندا هئا ۽ اسان مان سيني کان بهادر اهو شخص تسليم ڪيو ويندو هو جيڪو رسول الله عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏجي دشمنن سان وڙهندو هو.[1]

حضرت عبد الله بن عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا فرمائيندا هئا تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان وڌيڪ، بهادر، طاقتور، سخي ۽ پسنديده منهنجين اکين ڪڏهن بہ ڪنهن کي نہ ڏٺو.

حضرت براء بن عازب ۽ ٻين صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جن بيان فرمايو آهي تہ جنگِ حنين ۾ ٻارهن هزار مسلمانن جو لشڪر ڪافرن جي حملن جي سَٽَ نہ سهي سگهيو ۽ ڀڄي نڪتو هو ۽ ڪافرن جي طرفان لڳاتار تيرن جو مينهن وسي رهيو هو. ان وقت بہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪڙو قدم بہ پوئتي نہ هٽيا بلڪ هڪ سفيد خچر تي سوار هئا ۽ حضرت ابو سفيان بن الحارث رَضِیَ اللهُ عَنْهُ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خچر جي لغام پڪڙي هلي رهيا هئا ۽ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اڪيلا دشمنن جي وڏي لشڪر جي طرف اڳتي وڌندا وڃي رهيا هئا ۽ رجز طور هي ڪلما زبانِ اقدس تي جاري هئا تہ:

---

[1] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، فصل و اما شجاعته، ج 1، ص 116 ملخصاً

اَنَا النَّبِيُّ لَا كَذِبْ اَنَا ابْنُ عَبْدِ الْمُطَّلِبْ [1]

مان نبي آهيان اهو ڪوڙ نہ آهي. مان عبد المطلب جو پٽ آهيان.

(بخاري جلد 2 ص 617 باب قول الله و يوم حنين و زرقاني ج 4 ص 293)

## طاقت

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي جسماني طاقت بہ معجزي کي پهتل هئي ۽ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي هن معجزانہ طاقت ۽ قوت سان اهڙن اهڙن محير العقول (عقل کي حيران ڪندڙ) ڪارنامن ۽ ڪمالات جو مظاهرو فرمايو جو انساني عقل ان جي تصور کان حيران ٿي وڃي ٿو. غزوه احزاب جي موقعي تي صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جڏهن خندق کوٽي رهيا هئا تہ هڪ اهڙي ڇپ ظاهر ٿي پئي جيڪا ڪنهن بہ طرح ڪنهن بہ ماڻهو کان نہ پئي ٽٽي سگهي پر جڏهن رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي طاقتِ نبوت سان ان کي پاهوڙو هنيو تہ اها واريءَ جي دڙي وانگر ذرا ذرا ٿي وکرجي وئي. جنهن جو مفصل ذڪر جنگِ خندق ۾ اسين تحرير ڪري چڪا آهيون.[2]

## رڪان پهلوان سان ملهه

عرب جو مشهور پهلوان رڪانہ حضُور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پرسان گذريو رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي اسلام

---

[1] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب قول الله تَعَالٰى : و يوم حنين .... الخ، الحديث: 4315، 4317، ج 3، ص 110 و المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، الفصل الثاني فيما اكرمه الله .... الخ، ج 6، ص 101 ملخصاً

[2] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب غزوة الخندق .... الخ، الحديث: 4101، ج3 ص 51

جي دعوت ڏني تہ هو چوڻ لڳو تہ اي محمد! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان مونسان ملهه وڙهو ۽ جيڪڏهن مونکي هارائي ڇڏيو تہ مان توهان جي اسلام جي دعوت قبول ڪندس. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تيار ٿي ويا ۽ ان سان ملهه وڙهي ان کي ڪيرائي وڌائون پوءِ ان ٻيهر ملهه وڙهڻ جي دعوت ڏني، حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٻئي ڀيري بہ پنهنجي پيغمرانہ طاقت سان ان کي اهڙو تہ زور سان زمين تي سٽيو جو هو ڪافي دير تائين اٿي نہ سگهيو ۽ حيران ٿي چوڻ لڳو تہ اي مُحمّد! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) خدا جو قسم توهان جو عجيب شان آهي جو اڄ تائين عرب جو ڪو بہ پهلوان منهنجي پٺي زمين تي نہ لڳائي سگهيو آهي پر اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مونکي اک چنب ۾ بہ دفعا زمين تي ڪيرائي ڇڏيو. ڪجهه مؤرخن جو قول آهي تہ رڪانہ فوراً مسلمان ٿي ويو هو پر ڪجهه مؤرخن لکيو آهي تہ رڪانہ فتح مڪي جي ڏينهن اسلام قبول ڪيو. والله تعاليٰ اعلم.[1] (زرقاني ج 4 ص 291)

## يزيد بن رڪانہ سان مقابلو

انهيءَ ئي رڪانہ جو پٽ يزيد بن رڪانہ بہ مجيل پهلوان هو هي ٿي سئو ٻڪريون وٺي ڪري بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو ۽ چيائين تہ اي محمد! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) توهان مون سان ملهه وڙهو رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ جيڪڏهن مان توکي ڪيرائي وڌو تہ تون مونکي ڪيتريون ٻڪريون انعام ۾ ڏيندين هن چيو هڪ سؤ ٻڪريون مان توهان کي ڏئي ڇڏيندس، حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تيار ٿي ويا ۽ ان سان هٿ ملائيندي ئي ان

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، الفصل الثاني فيما اكرمه الله ... الخ، ج 6، ص 101، 102

کي زمين تي ڪيرائي ڇڏيائون، هو حيرت وچان حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڏسندو رهجي ويو ۽ واعدي جي مطابق هڪ سؤ ٻڪريون هن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڏئي ڇڏيون. پر هن ٻيهر ملهه جي لاءِ چيلينج ڪيو پاڻ ٻيهر به ان جي پني زمين سان لڳائي ڇڏي ۽ هن ٻيهر به هڪ سئو ٻڪريون کين ڏئي ڇڏيون ۽ وري ٽئين دفعي به هن ملهه جي لاءِ چيو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن جو چيلينج قبول فرمائي ۽ ملهه وڙهي ان کي اهڙي ته زور سان زمين تي سٽيو جو هو ڊير تي ويو هن باقي سئو ٻڪريون به رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ پيش ڪري ڇڏيون، پر چوڻ لڳو ته اي محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) سڄو عرب شاهد آهي ته اڄ تائين ڪو به پهلوان مون تي غالب نه اچي سگهيو آهي پر اوهان تي ڀيرا جهڙي طرح مونکي ملهه ۾ ماريو آهي ان مان منهنجي دل مجي ورتو ته يقيناً اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خدا پاڪ جا نبي آهيو اهو چئي ڪلمو پڙهي دامن اسلام ۾ داخل ٿي ويو. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان جي مسلمان ٿيڻ تي بيحد خوش ٿيا ۽ هن جون 300 ٻڪريون واپس ڪري ڇڏيون.[1] (زرقاني ج 4 ص 292)

## ابوالاسود سان زورآزمائي

اهڙي طرح ابو الاسود جمحي ايترو وڏو طاقتور پهلوان هو جو هو هڪ چمڙي تي ويهي رهندو هو ۽ ڏهه پهلوان ان چمڙي کي ڇڪيندا هئا ته جيئن اهو چمڙو ان جي هيٺان نڪري وڃي پر اهو چمڙو ڦاٽي ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ جي باوجود ان جي هيٺيان

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، الفصل الثاني فيما اكرمه الله ... الخ، ج 6، ص 103

نڪري نہ سگهندو هو. ان بہ بارگاهِ اقدس ۾ اچي اهو چيلينج ڪيو تہ جيڪڏهن اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مونکي ملهہ ۾ ماري وڌو تہ مان مسلمان ٿي ويندس حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان سان ملهہ وڙهڻ جي لاءِ اٿيا ۽ ان جو هٿ جهلڻ سان ئي ان کي زمين تي ڪيرائي وڌائون. اهو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي انهيءَ طاقتِ نبوت کان حيران ٿي فوراً مسلمان ٿي ويو.[1] (زرقاني ج 4 ص 292)

## سخاوت

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شانِ سخاوت بيان جو محتاج ناهي. حضرت عبد الله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جو بيان آهي تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام انسانن کان وڌيڪ سخي هئا. خاص طور رمضان جي مقدس مهيني ۾ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سخاوت ايتري وڌي ويندي هئي جو وسندڙ ڪڪرين کي ڪٽي وڃڻ واري هوا کان بہ وڌيڪ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سخي ٿي ويندا هئا.

حضرت جابر بن عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا فرمائن ٿا تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن سوالي کي جواب ۾ لا (يعني نہ) نہ فرمايو چاهي هو ڪيتري بہ وڏي شيءِ جو سوال ڇو نہ ڪري. (شفاء شريف ج 1 ص 65)

هي ئي اهو مضمون آهي جنهن کي فرزدق شاعر تابعي متوفي سن 110 هہ ۾ ڪيڏو نہ ڀلو چيو آهي تہ:[2]

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، الفصل الثاني فيما اكرمه الله ... الخ، ج 6، ص 103، 104

[2] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، فصل و اما الجود و الكرم ... الخ، ج 1، ص 111، 112 والمواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، الفصل الثاني فيما اكرمه الله ... الخ، ج 6، ص 113

مَا قَالَ لَا قَطُّ اِلَّا فِيْ تَشَهُّدِهٖ لَوْلَا التَّشَهُّدُ كَانَتْ لَاؤُهٗ نَعَمْ

ان جو ئي ترجمو ڪنهن فارسي شاعرهيئن ڪيو آهي ته :

نه گفت لا بزبان مبارکش هرگز مگر در اشهد ان لا اله الا الله

يعني حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن سائل جي جواب ۾ لا (يعني نه) جو لفظ نه فرمايو بلڪ هميشه نعم (ها) ئي چيو پر ڪلمءِ شهادت ۾ لا (نه) جو لفظ ضرور رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زبان تي ايندو هو ۽ جيڪڏهن ڪلمءِ شهادت ۾ لا چوڻ جي ضرورت نه هجي ها ته ان ۾ به لا (نه) جي جاءِ تي نَعَم (ها) ئي چون ها.

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سخاوت ڪنهن به سوالي جي سوال تي محدود يا منحصر نه هئي بلڪ بغير گهرڻ جي به حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ماڻهن کي ايترو وڌيڪ مال عطا فرمائي ڇڏيندا هئا جو عالمِ سخاوت ۾ ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي تمام وڏي دشمن اميه بن خلف ڪافر جو پٽ صفوان به اميه جڏهن مقام "جعرانه" ۾ حاضرِ دربار ٿيو ته حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي ايتري ڪثير تعداد ۾ ڏاچين ۽ ٻڪرين جو ڏڻ عطا فرمايو جو ٻن جبلن جي وچ وارو ميدان ڀرجي ويو. جڏهن صفوان مڪي وڃي، زور زور سان پنهنجي قوم کي چوڻ لڳو ته اي انسانو! دامنِ اسلام ۾ اچي وڃو. محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ايتريقدر مال عطا فرمائن ٿا. جو فقيري جو ڪو انديشو ئي باقي نه ٿو رهي، ان ڪانپوءِ صفوان پاڻ به مسلمان ٿي ويو.[1] (زرقاني ج 4 ص 295)

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني الفصل الثاني فيما اكرمه الله...الخ ج 6 ص 109، 110

بهرحال رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي جود ۽ سخاوت جا احوال ايتريقدر بي مثال ۽ ايترا وڏيڪ آهن جو جيڪڏهن انهن جو ذڪر لکيو وڃي تہ ڪيترن ئي ڪتابن جو ڊير تيار ٿي سگهي ٿو. پر هن ڪان پهرين صفحن تي اسين جيترو ۽ جيڪو بہ لکي چڪا آهيون اهو سخاوتِ نبوت کي سمجهڻ جي لاءِ گهڻو ڪافي آهي. خداوند ڪريم اسان سيني مسلمانن کي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سيرتِ مبارڪ تي وڌ کان وڌ عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين

## مبارڪ نالا

عرب جي مشهور چوٽي آهي تہ "كَثْرَةُ الْاَسْمَآءِ تَدُلُّ عَلٰى شَرَفِ الْمُسَمّٰى" يعني ڪنهن شيءِ جي تمام گهڻن نالن جو هجڻ ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ اها شيءِ عزت ۽ شرف واري آهي. حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي الله پاڪ ايتريقدر اعزاز ۽ اڪرام ۽ عزت ۽ شرف سان سرفراز فرمايو آهي جو پاڻ امام النبيّين، سيد المرسلين، محبوب رب العالمين عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن تنهن ڪري رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا نالا مبارڪ ۽ لقبَ تمام گهڻا آهن.[1]

حضرت جبير بن مطعم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ روايت ڪن ٿا تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ منهنجا پنج نالا آهن مان (1) "محمد" ۽ (2) "احمد" آهيان ۽ مان (3) "ماحي" آهيان جو الله پاڪ منهنجي ذريعي ڪفر مٽائيندو آهي (4) ۽ مان "حاشر" آهيان، جو منهنجن

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب في ذكر اسمائه الشريفة ... الخ، ج 4، ص 161

قدمن تي سيني ماڻهن جو حشر ٿيندو (5) ۽ ”عاقب“ آهيان.[1] (يعني سيني کان آخري نبي)

(بخاري ج 1 ص 501 باب ما جاءَ في اسماء رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

قرآن مجيد ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا لقب ۽ نالا تمام گهڻي تعداد ۾ مذڪور آهن. جيئن ڪجهه عالمن سڳورن فرمايو آهي تہ خداوند قدوس جي نالن وانگر حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا بہ نوانوي نالا آهن ۽ علامہ ابن دحيہ پنهنجي ڪتاب ۾ تحرير فرمايو تہ جيڪڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي انهن سيني نالن کي شمار ڪيو وڃي جيڪي قرآن ۽ حديث ۽ اڳين ڪتابن ۾ مذڪور آهن تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي نالن جو تعداد ٽي سئو تائين پهچي ٿو ۽ ڪجهه صوفياءِ ڪرام جو بيان آهي تہ الله تعاليٰ جا بہ هڪ هزار نالا آهن ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي نالن جو تعداد بہ هڪ هزار آهي.[2] (زرقاني ج 3 ص 118)

بهرحال حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نالن مان بہ نالا سڀ کان وڌيڪ مشهور آهن. هڪ محمد ، ٻيو احمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ڏاڏي عبد المطلب سندن نالو محمد رکيو ۽ ان ئي نالي تي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو عقيقو ڪيو جڏهن ماڻهن پڇيو تہ اي عبد المطلب! توهان پنهنجي پوٽي جو نالو محمد ڇو رکيو؟ توهان جي ابن ڏاڏن ۾ اهو نالو ڪڏهن بہ نہ رهيو آهي تہ پاڻ جواب ڏنائون تہ مون ان

---

[1] صحيح البخاري، كتاب المناقب، باب ما جاء في اسماء رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 3532، ج 2، ص 484

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني باب في ذكر اسمائه الشريفة ... الخ، ج، 4 ص 169

نيت سان ۽ ان اميد سان هن ٻار جو نالو محمد رکيو آهي جو سڄي روءِ زمين جا ماڻهو هن جي تعريف ڪندا.

هڪ روايت ۾ هي آهي ته پاڻ هي فرمايائون ته مون ان اميد تي ”محمد“ نالو رکيو جو الله تعاليٰ آسمانن ۾ هن جي تعريف فرمائيندو ۽ زمين ۾ خدا جي سموري مخلوق هن جي تعريف ڪندي ۽ حضرت عبد المطلب جي ان نيت ۽ اميد جو سبب هي آهي ته انهن هڪ خواب ڏٺو هو ته منهنجي پٽيءَ مان هڪ چاندي جي زنجير نڪتي جنهن جو هڪ ڪنارو زمين کي ۽ ٻيو آسمان کي لڳي رهيو آهي ۽ تمام اوير ۽ اولهه جا انسان ان زنجير سان چنبڙيل آهن. حضرت عبد المطلب جڏهن قريش جي نجومين کان ان خواب جي تعبير معلوم ڪئي ته انهن هن خواب جي اها تعبير ٻڌائي ته اي عبد المطلب! تنهنجي نسل مان عنقريب هڪ اهڙو ڇوڪرو پيدا ٿيندو جو تمام اوير اولهه وارا ان جي پيروي ڪندا ۽ تمام آسمان ۽ زمين وارا ان جي مدح ۽ ثنا جو خطبو پڙهندا.[1] (زرقاني ج 3 ص 114 تا 115)

۽ ڪجهه ماڻهن جو قول آهي ته حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي والده ماجده رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو نالو ”محمد“ رکيو آهي ڇو جو جڏهن حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سندن ماءُ جي پيٽ مبارڪ ۾ رونق افروز هئا ته انهن خواب ۾ هڪ فرشتي کي اهو چوندي ٻڌو هو ته اي آمنه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا سڄي جهان جا سردار توهان جي پيٽ ۾ تشريف فرما آهن. جڏهن هي پيدا ٿين ته تون انهن جو نالو ”محمد“ رکجان.[2] (زرقاني ج 3 ص 115)

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب في ذكر اسمائه الشريفة .. الخ ج، 4 ص 161، 162

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني باب في ذكر اسمائه الشريفة .. الخ ج 4، ص 161، 162 ملتقطاً

انهن بنهي روايتن ۾ ڪو به تعارض ناهي. ٿي سگهي ٿو ته حضرت عبد المطلب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي خواب ۾ حضرت بيبي آمنه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي خواب جي وجهه سان بنهي باهمي مشوري سان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو نالو "محمد" رکيو هجي.

الله پاڪ قرآن مجيد ۾ ڪيترن ئي جاين تي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي "محمد" جي نالي سان ذڪر فرمايو آهي ۽ حضرت عيسي عَلَيْهِ السَّلَام "احمد" جي نالي سان سڄي زندگي رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ذڪرِ جميل جو چرچو ڪندا رهيا. جيئن قرآن مجيد ۾ آهي ته:

وَمُبَشِّرًۢا بِرَسُوْلٍ يَّاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِي اسْمُهٗۤ اَحْمَدُ[1]

يعني حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام هي خوشخبري ٻڌائيندا تشريف کڻي آيا ته مون کان بعد هڪ رسول تشريف کڻي اچڻ وارا آهن جن جو اسم گرامي "احمد" آهي.

## حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ڪنيت

رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مشهورڪنيت "ابو القاسم" آهي جيئن ڪيئي حديثن ۾ حضُور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اها ڪنيت مذڪور آهي، پر حضرت انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ روايت ڪئي آهي ته رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ڪنيت "ابو ابراهيم" به آهي. جيئن حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي هنن لفظن سان سلام ڪيو ته "السلام عليك يا ابا ابراهيم" يعني اي ابراهيم جا والد! توهان تي سلام.[2] (زرقاني ج 3 ص 151)

---

1 پ 28، سورة الصف، آيت: 6

2 المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني باب في ذكر اسمائه الشريفة .. الخ ج، 4 ص 229

## طب نبوي

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ اي الله پاڪ جا ٻانهؤ! توهان دوائون استعمال ڪريو انڪري جو الله تعاليٰ هڪ بيماري کان سواءِ سيني بيمارين لاءِ دوا پيدا فرمائي آهي. ماڻهن عرض ڪيو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اها ڪهڙي بيماري آهي جنهن جي ڪا دوا نہ آهي؟ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو اُها "پوڙهائپ" آهي.[1] (ترمذي ج 2 ص 25 ابواب الطب)

حضرت عبد الله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا روايت ڪئي آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ توهان جن جن طريقن سان علاج ڪريو ٿا انهن ۾ سڀ کان بهتر چئن طريقن جا علاج آهن.

سعوط: نڪ جي ذريعي دوا چاڙهڻ، لَدُود: وات جي ڪنهن هڪ طرف کان دوا پيارڻ، حجامة: ڪنهن عضوي کي ٽُڪو لڳرائي رت ڪڍرائڻ، مَشِي: جلاب وٺڻ.[2] (ترمذي ج 2 ص 26 ابواب الطب)

ڪجهہ دوائون پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن استعمال فرمايون آهن ۽ ڪجهہ دوائن جي صفتن ۽ انهن جي فائدن کان پنهنجي امت کي آگاهہ فرمايو آهي. اسان هتي انهن مان تبرڪ طور ڪجهہ دوائن جو ذڪر تحرير ڪريون ٿا تہ جيئن اسان جي هن مختصر ڪتاب جا صفحا "طب نبوي" جي اهم باب کان محروم نہ رهجي وڃن.

---

[1] سنن الترمذي، كتاب الطب، باب ما جاء في الدواء .... الخ، الحديث: 2045، ج 4، ص 4

[2] سنن الترمذي، كتاب الطب، باب ما جآء في السعوط الحديث 2054 ج 4 ص 8

اِثمَد (ڪارو اصفهاني سرمو): حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هن جي باري ۾ ارشاد فرمايو تہ توهان اثمد کي استعمال ڪيو هي نظر کي تيز ڪري ٿو ۽ پلڪن جا وار وڌائي ٿو.[1]

(ابن ماجہ ص 258 باب الکحل بالا ثمد)

حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا جو بيان آهي تہ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وٽ هڪ سرميداڻي هئي جنهن ۾ اثمد سرمو هوندو هو ۽ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سمهڻ کان پهريان هر رات ٽي ٽي سرايون بنهي اکين مبارڪن ۾ پائيندا هئا.[2] (شمائل ترمذي ص 5)

حِنا يعني ميندي: حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڪا ڦرڙي نڪرندي هئي يا ڪو ڪنڊو لڳندو هو تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي ميندي هڻندا هئا.[3] (ابن ماجہ ص 258 ابواب الطب)

اَلحَبّةُ السَّوداءُ: (ڪلونجي جنهن کي شونيز بہ چوندا آهن ۽ ڪن جڳهن تي ان کي منگريلا بہ چيو ويندو آهي) حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ هن جي استعمال کي لازم ڪري وٺو چو تہ هن ۾ موت کان سواءِ سيني بيمارين کان شفا آهي.[4]

(ابن ماجہ ص 254 ابواب الطب و بخاري ج 2 ص 848)

اَلتَّلبِيْنَه: (اٿو، پاڻي، ماکي ۽ تيل ملائي ڪچڻيءَ وانگر ٺاهيو ويندو آهي) حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي گهر وارن مان جڏهن

---

[1] سنن ابن ماجہ، کتاب الطب، باب الکحل بالاثمد، الحدیث: 3495، ج 4، ص 114

[2] الشمائل المحمدیة، باب ما جاء في کحل رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحدیث: 49، ص 50

[3] سنن ابن ماجہ، کتاب الطب، باب الحناء، الحدیث: 3502، ج 4، ص 117

[4] سنن ابن ماجہ، کتاب الطب، باب الحبة السوداء، الحدیث: 3448، ج 4، ص 93

ڪو شخص سيءَ واري بخار ۾ مبتلا ٿيندو هو تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان طعام کي تيار ڪرڻ جو حڪم ڏيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ هي ڪاڏو غمگين ماڻهو جي دل کي طاقت ڏي ٿو ۽ بيمار جي دل مان تڪليف کي ائين دور ڪندو آهي جهڙي طرح توهان پاڻي سان پنهنجي چهري جي مَرُ ۽ مٽي وغيره دور ڪندا آهيو.[1] (ابن ماجہ ص 254 ابواب الطب و بخاري ج 2 ص 849)

**اَلعَسَل:** (ماکي) حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ هڪ شخص اچي شڪايت ڪئي تہ منهنجي ڀاءُ کي دست ٿي پيا آهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ هن کي ماکي پياريو. پوءِ هو ٻيهر آيو ۽ چوڻ لڳو دست بند نٿا ٿين، ارشاد فرمايائون هن کي ماکي پياريو، پوءِ هو ٽيون دفعو آيو ۽ چوڻ لڳو تہ دستن جو سلسلو اڃان جاري آهي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وري ماکي پيارڻ جو حڪم ڏنو هن چيو اهو علاج تہ مان ڪري چڪو آهيان. حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو الله تعاليٰ سچو آهي تنهنجي ڀاءُ جو پيٽ ڪوڙو آهي هن کي ماکي پيار هن وجي ماکي پياري تہ هو شفاياب ٿي ويو.[2] (بخاري ج 2 ص 848 باب الدواء بالعسل)

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو جيڪو شخص هر مهيني ۾ ٽي ڏينهن صبح جو ماکي چٽيندو تہ ان کي ڪا وڏي تڪليف نہ پهچندي.[3] (ابن ماجہ ص 255 ابواب الطب)

---

[1] سنن ابن ماجہ، کتاب الطب، باب التلبينة، الحديث: 3445، ج 4، ص 92
[2] صحيح البخاري، کتاب الطب، باب الدواء بالعسل، الحديث: 5684، ج 4، ص17
[3] سنن ابن ماجہ، کتاب الطب، باب العسل، الحديث: 3450، ج 4، ص 94

رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هي به فرمايو ته بن شفائن کي لازم ڪري وٺو هڪ ماکي ٻيو قرآن شريف.[1] (ابن ماجہ ص 255 باب العسل)

**خَلُّ** (سرڪو): حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته بهترين ٻوڙ سرڪو آهي. اي الله پاڪ سرڪي ۾ برڪت عطا فرماءِ ڇو جو هي انبياء عَلَيْهِمُ السَّلَام جو ٻوڙ آهي ۽ جنهن گهر ۾ سرڪو هوندو اهو گهر ڪڏهن به محتاج نه ٿيندو.[2] (ابن ماجہ ص 246 باب الايتدام بالخل)

**زَيْت** (زيتون جو تيل): حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته توهان زيتون جي تيل کي ڀاڄيءَ طور استعمال ڪريو ۽ ان کي بدن تي به مليندا رهو ڇو جو هي مبارڪ وڻ مان نڪتل آهي ۽ ٻي حديث ۾ ائين لکيل آهي ته توهان زيتون جي تيل کي کائو ۽ ان کي بدن تي لڳايو ڇو ته هي برڪت واري شيء آهي.[3]

(ابن ماجہ ص 246 باب الزيت)

**مُسَمِّن** (جسم کي ٿلهو ڪرڻ واري دوا): حضرت عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا چون ٿيون ته منهنجي والده جڏهن منهنجي رخصتي جو ارادو ڪيو ته منهنجو علاج ڪرائڻ لڳيون ته جيئن ڪجهه ڀريل جسم واري ٿي وڃان پر ڪو به علاج فائديمند نه ٿيو. پر جڏهن مان ونگيءَ کي تازين کجورن سان گڏ کائڻ شروع ڪيو ته خوب صحتمند ٿي ويس.[4] (ابن ماجہ ص 246)

---

[1] سنن ابن ماجہ، کتاب الطب، باب العسل، الحديث: 3452، ج 4، ص 95
[2] سنن ابن ماجہ، کتاب الاطعمة، باب الائتدام بالخل، الحديث: 3318، ج 4، ص 34
[3] سنن ابن ماجہ، کتاب الاطعمة، باب الزيت، الحديث: 3319، 3320، ج 4، ص 34، 35
[4] سنن ابن ماجہ، کتاب الاطعمة، باب القثاء و الرطب يجمعان، الحديث: 3324، ج 4، ص 37

حضرت عبد الله بن جعفر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ونگي تازين کجورن سان تناول فرمائيندا هئا.[1]

(ابن ماجہ ص 246 باب القثاء والرطب)

**عَشَاء (رات جي ماني):** حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ رات جي ماني نہ ڇڏيو ڪجهہ نہ ملي تہ هڪ مٺ ڪتلون ئي ڪائي ڇڏيندا ڪريو ڇو تہ رات جو ڪاڏو ڇڏڻ سان جلدي پوڙهائپ ايندي آهي.[2] (ابن ماجہ ص 248 باب ترک العشاء)

**حِمّيَه (نقصان ڏيندڙ شين کان پرهيز):** حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پاڻ سان گڏ حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي وٺي حضرت ام المنذر صحابيہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي گهر تشريف کڻي آيا انهن ڪچين پڪل کجورن جو هڪ ڇڳو پيش ڪيو ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن مان کائڻ لڳا. حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بہ کائڻ لاءِ هٿ وڌايو تہ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو اي علي! رَضِیَ اللهُ عَنْهُ تون هاڻي بيماري مان اٿيو آهين ۽ ڪمزوري باقي آهي انهيءَ لاءِ تون هن کي نہ کاءُ. ان کانپوءِ حضرت ام المنذر رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جَوَ ۽ ڇقندر ملائي ڪاڏو تيار ڪيو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي فرمايو تہ تون هي کاءُ هي تنهنجي لاءِ تمام مفيد غذا آهي.[3]

(ابن ماجہ ص 254، باب الحميہ)

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ توهان زبردستي پنهنجي مريضن کي کائڻ پيئڻ لاءِ مجبور نہ ڪندا ڪريو، الله

---

[1] سنن ابن ماجہ، کتاب الاطعمة، باب القثاء ... الخ، الحديث: 3325، ج 4، ص 37

[2] سنن ابن ماجہ، کتاب الاطعمة، باب ترک العشاء، الحديث: 3355، ج 4، ص 50

[3] سنن ابن ماجہ، کتاب الطب، باب الحمية، الحديث: 3442، ج 4، ص 90

تعاليٰ انهن کي کارائيندو پيارينڊو آهي.[1]

(ابن ماجہ ص 254، باب لا تکرھوا المریض علي الطعام)

**زَنْجَبِيل (سنڌ):** بادشاهِ روم هڪ ڊِلو سنڌ سان پريل رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏانهن تحفي طور موڪليو هو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان مان هڪ هڪ ٽڪرو پنهنجن اصحابن رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي کائڻ لاءِ ڏنو. هن روايت کي ابو نعيم محدث پنهنجي ڪتاب ”طِبِ نبوي“ ۾ بيان ڪيو آهي.[2] (نشر الطيب)

**عَجْوَه:** مديني جي کجورن مان هڪ کجور جو نالو آهي، ان جي باري ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان آهي تہ ”عجوه“ جنت مان آهي ۽ اِها جنون يا زهر کان شفا آهي.[3]

(ابن ماجہ ص 255، باب الکماة و العجوة)

**ڪماة:** هن کي ڪجهہ ماڻهو ڪُنيي ۽ ڪي نانگ جي چٽي چوندا آهن. هن جي باري ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ ڪُنيي ”مَنّ“ جي مثل آهي جيڪو بني اسرائيل تي نازل ٿيو هو (يعني جهڙي طرح اها مفت واري شيءِ ۽ وڏي فائدي واري شيءِ هئي اهڙي ئي طرح هيءَ آهي) ۽ هن جو رس اکين جي لاءِ شفا آهي.[4]

(ابن ماجہ ص 255، باب الکماة و بخاري وغيره)

**سَنَا (سنامڪي هڪ دوا آهي):** حضرت اسماء بنت عميس رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن دريافت فرمايو تہ تون

---

[1] سنن ابن ماجہ، کتاب الطب باب لا تکرھوا المریض .. الخ الحدیث: 3444 ج 4، ص 91
[2] الطب النبوي لابن قیم الجوزیة، زنجبیل، ص 27
[3] سنن ابن ماجہ، کتاب الطب، باب الکماة و العجوة، الحدیث: 3453، ج 4، ص 95
[4] سنن ابن ماجہ، کتاب الطب، باب الکماة و العجوة، الحدیث: 3454، ج 4، ص 96

ڪهڙي شيءِ سان جلاب وٺندي آهين، تہ انهن عرض ڪيو تہ ”شبرم“، رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو اها تہ وڏي گرم دوا آهي، پوءِ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي سنا جو جلاب وٺڻ جو حڪم فرمايو ۽ فرمايائون تہ جيڪڏهن موت کان ڪا شيءِ شفا ڏيڻ واري هجي ها تہ اها سنا آهي.[1]

(ابن ماجہ ص 255، باب دواء المشي)

**سَنُوت:** هن جي معنيٰ ۾ شارحينِ حديث ۾ اختلاف آهي، پر طبيبن هڪ خاص تفسير کي ترجيح ڏني آهي، يعني اها ماکي جيڪا گيهہ واري ٿانوَ ۾ رکي وئي هجي ۽ ان ۾ گيهہ جو ڪجهہ اثر شامل ٿي ويو هجي، حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو توهان ”سنا ۽ سنوت“ کي استعمال ڪندا رهو ڇو جو انهن ۾نهي ۾ موت کان سواءِ هر بيماري کان شفا آهي.[2]

(ابن ماجہ ص 255، باب السنا والسنوت)

ڪجهہ طبيبن ترجيح جي سبب ۾ چيو آهي تہ ماکي ۽ گيهہ سان معدي جي اصلاح ۽ دستن ۾ فائدو ٿيندو آهي.

**سَمْ (زهر):** حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خبيث دوا يعني زهر کان منع فرمايو آهي.[3] (ابن ماجہ ص 255، باب النهي عن الدواء الخبيث)

**عُوْد هِنْدِي (قسط شيرين):** حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد

---

[1] سنن ابن ماجہ، كتاب الطب، باب دواء المشي، الحديث: 3461، ج 4، ص 100

[2] سنن ابن ماجہ، كتاب الطب، باب السنا و السنوت، الحديث: 3457، ج 4، ص 97

[3] سنن ابن ماجہ، كتاب الطب، باب النهي عن الدواءِ الخبيث، الحديث: 3459، ج 4، ص 99

فرمايو عود هندي کي استعمال ۾ آڻيندا ڪريو ڇو ته هن ۾ ست شفائون آهن، نڙيءَ ۾ ڳلن (گهٽن) جي تڪليف ۾ هن جو سعوط (نڪ جي ذريعي دوا ڪٽائڻ) ڪرڻ گهرجي ۽ نمونيا جي لاءِ هنن جو جوشاندو پيارڻ گهرجي.[1] (ابن ماجہ ص 256، باب دواء ذات الجنب)

**دوا عِرْقُ النِّساء:** حضرت انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمايو ته مون حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي فرمائيندي ٻڌو ته جهنگ ۾ چرڻ واري ٻڪريءَ جي ران کي ڳاري ان جا ٽي ٽڪرا ڪيا وڃن ۽ ٽي ڏينهن نيرانو (ٻنا ڪجهه ڪائڻ جي) هڪ ٽڪرو ڪائو ان ۾ عرق النساء جي شفا آهي.[2] (ابن ماجہ 256، باب دوا عرق النساء)

**حرام دوائون:** حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو الله پاڪ بيماري به پيدا ڪئي آهي ۽ دوا به، ۽ هر بيماريءَ جي دوا به ٺاهي ڇڏي آهي تنهنڪري توهان دوا ڪريو پر حرام شين سان علاج نه ڪريو.[3]

**شراب:** حضرت سويد بن طارق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان شراب جي متعلق دريافت فرمايو ته رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي استعمال کان منع فرمايو، پوءِ ٻيهر پڇا ڪئي ته حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منع فرمايو، ٽيون دفعو انهن عرض ڪيو يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اها ته دوا آهي. حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو "نه" اها بيماري آهي.[4] (ابو داود جلد 2، ص 185، مجتبائي)

---

[1] سنن ابن ماجہ، كتاب الطب، باب دواء الذات الجنب، الحديث: 3468، ج 4، ص 104
[2] سنن ابن ماجہ، كتاب الطب، باب دواء عرق النساء، الحديث: 3463، ج 4، ص 101
[3] سنن ابي داود، كتاب الطب، باب في الادوية المكروهة، الحديث: 3873، ج 4،ص 10
[4] سنن ابي داود، كتاب الطب، باب في الادوية المكروهة، الحديث: 3873 ، ج 4، ص 10

**زخمن جو علاج:** حضرت سهل بن سعد ساعدي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ جنگِ احد جي ڏينهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا ڏند مبارڪ شهيد ٿي پيا ۽ لوهہ جي ٽوپي رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مٿي مبارڪ تي ٽوڙي وئي تہ حضرت فاطمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا چهري انور تان رت صاف ڪري رهيون هيون ۽ حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڍال ۾ پاڻي کڻي زخم تي وهائي رهيا هئا پر جڏهن رت وهڻ جو سلسلو وڌندو ئي رهيو تہ حضرت فاطمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ڪجيءَ جي تڏي جو هڪ ٽڪرو کڻي ان کي ساڙي ان جي خاڪ کڻي اچي زخمن تي لڳائي تہ رت وهڻ بند ٿي وئي.[1]

(ابن ماجہ 256 ابواب الطب)

**طاعون (وچڙندڙ بيماري):** جي باري ۾ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ هي هڪ عذاب آهي جنهن کي الله تعاليٰ بني اسرائيل تي نازل ڪيو هو. جڏهن توهان ٻڌو تہ ڪنهن علائقي ۾ طاعون پکڙجي ويو آهي تہ توهان اتي نہ وڃو ۽ جڏهن توهان جي علائقي ۾ طاعون اچي تہ توهان اتان نڪري ڀڄي نہ وڃو.[2] (مسلم جلد 2، ص 228، باب الطاعون)

**اناڙي (اٽڄاڻ) طبيب:** حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ جيڪو شخص علمِ طب کي نہ ٿو ڄاڻي ۽ علاج ڪري ٿو تہ اهو (مريض کي جيڪڏهن نقصان پهتو تہ) ضامن آهي يعني ان کان نقصان جو تاوان ورتو ويندو.[3] (ابن ماجہ ص 256)

---

[1] سنن ابن ماجہ، كتاب الطب، باب دواء الجراحة، الحديث: 3464، ج 4، ص 102

[2] صحيح مسلم، كتاب السلام، باب الطاعون والطيرة ... الخ، الحديث: 2218، ص 1215

[3] سنن ابن ماجہ، كتاب الطب، باب من تطبب .... الخ، الحديث 3466، ج 4، ص 103

**بخار:** هڪ شخص حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سامهون بخار کي گار ڏني تہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ توهان بخار کي گار نہ ڏيو، بخار مريض جي گناهن کي ائين پري ڪندو آهي جيئن باهہ لوهہ جي مَرُ کي پري ڪندي آهي.[1]

(ابن ماجہ، ص 256، باب الحميٰ)

**بخار جو علاج:** حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ بخار جهنم جي جوش هٽڻ جي ڪري آهي، تنهنڪري توهان ان کي پاڻي سان (پيئاري ۽ وهنجاري) ٺڏو ڪريو.[2]

(ابن ماجہ، ص 256، باب الحميٰ)

**نوٽ:** بخار جو هي علاج هڪ خاص قسم جي بخار جو آهي جيڪو عرب ۾ ٿيندو آهي. جنهن کي طبيب صفراوي بخار يا حمي ناريہ (لُڪ لڳڻ جو بخار) چوندا آهن. اهو هر قسم جي بخار جو علاج ناهي.[3] (حاشيہ ابن ماجہ ص 256)

ان لاءِ هر قسم جي بخار ۾ هي علاج ڪامياب نہ ٿو ٿي سگهي تنهنڪري ڪنهن ماهر طبيب کان بخار جي ٽيسٽ ڪرائڻ بعد ئي ان جو علاج ڪرائڻ گهرجي. والله تعاليٰ اعلم.

## پيغمبري دعائون

خداوند قدوس جي دربار ۾ ٻانهن جي دعائن جو تمام وڏو درجو آهي ۽ دوائن وانگر دعائن ۾ بہ خلّاقِ عالم جَلَّ جَلَالُهٗ وڏي

---

[1] سنن ابن ماجہ، كتاب الطب، باب الحمي، الحديث: 3469، ج 4، ص 104

[2] سنن ابن ماجہ، كتاب الطب، باب الحمي، الحديث: 3471، ج 4، ص 105

[3] حاشية سنن ابن ماجہ، ابواب الطب، باب الحمي ... الخ، حاشية: 6، ص 248 ملخصاً

خاص تاثير پيدا فرمائي ڇڏي آهي. جيئن الله پاڪ قرآن مجيد ۾ بار بار ٻانهن کي دعائون گهرڻ جو حڪم ڏنو ۽ ارشاد فرمايو ته

اُدْعُوْنِیْۤ اَسْتَجِبْ لَكُمْ[1]

ترجمو ڪنز الايمان: يعني اي ٻانهؤ! توهان مون کان دعائون گهرو مان توهان جون دعائون قبول ڪندس.

۽ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن به دعائن جي اهميت ۽ ان جي فائدن جو ذڪر ڪندي پنهنجي امت کي دعائون گهرڻ جي ترغيب ڏياري ۽ فرمايو ته لَيْسَ شَيْئٌ اَكْرَمَ عَلَى اللّٰهِ مِنَ الدُّعَآءِ يعني الله تعاليٰ جي دربار ۾ دعا کان وڌيڪ عزت واري ڪا به شيءِ نه آهي.[2] (ترمذي باب فضل الدعاء ص 173 ج 2) ۽ دعا جي فضيلت ۽ اهميت جو اظهار فرمائيندي ايسيتائين ارشاد فرمايو ته اَلدُّعَآءُ مُخُّ الْعِبَادَةِ[3] (ترمذي جلد 2 ص 172) يعني دعا عبادت جو مغز آهي. ۽ هي به فرمايو ته: مَنْ لَّمْ يَسْئَلِ اللّٰهَ يَغْضَبْ عَلَيْهِ يعني جيڪو خدا پاڪ کان دعا نه ٿو گهري خدا پاڪ ان کان ناراض ٿي وڃي ٿو.[4] (ترمذي ج 2 ص 172 ابواب الدعوات)

انهيءَ لاءِ طبِ نبوي وانگر حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي انهن چند دعائن جو تذڪرو به اسان هن ڪتاب ۾ تحرير ڪريون ٿا. جيڪي رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي معمولات ۾ رهيون آهن ۽ جن جي فضيلت ۽ فائدي کان حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي امت کي آگاهي فرمائي انهن جي ورد

---

[1] پ 24، المؤمن: 60

[2] سنن الترمذي كتاب الدعوات، باب ما جاء في فضل الدعاء، الحديث: 3381، ج 5، ص 243

[3] سنن الترمذي كتاب الدعوات، باب ما جاء في فضل الدعاء، الحديث: 3382، ج 5، ص 243

[4] سنن الترمذي كتاب الدعوات، باب ما جاء في فضل الدعاء، الحديث: 3384، ج 5، ص 244

جو حڪم فرمايو آهي تہ جيئن سيرتِ نبويہ جي انهيءَ مقدس باب سان بہ هي ڪتاب مشرف ٿي وڃي ۽ مسلمان انهن دعائن جو ورد ڪري دنيا ۽ آخرت جي بيشمار نفعن ۽ فائدن سان مالا مال ٿيندا رهن.

## هر مصيبت کان نجات

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ جيڪو شخص صبح ۽ شام ٽي ٽي دفعا هي دعا پڙهي تہ ان کي دنيا جي ڪا بہ شيءِ نقصان نہ پهچائيندي. (ترمذي ج 2 ص 173 باب ما جاء في الدعا اذا اصبح و اذا امسي)

بِسْمِ اللّٰهِ الَّذِیْ لَا یَضُرُّ مَعَ اسْمِهٖ شَیْءٌ فِی الْاَرْضِ وَ لَا فِی السَّمَآءِ وَ هُوَ السَّمِیْعُ الْعَلِیْمُ [1]

## سمهڻ وقت جون دعائون

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو جيڪو شخص بستري تي هي دعا ٽي دفعا پڙهي سمهندو تہ الله تعاليٰ ان جي سيني گناهن کي بخشي ڇڏيندو توڙي جو هن جا گناهہ وڻن جي پنن ۽ واري جي ڏڙن جي ذرن برابر هجن. (ترمذي ج 2 ص 174)

اَسْتَغْفِرُ اللّٰهَ الْعَظِیْمَ الَّذِیْ لَا اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْحَیُّ الْقَیُّوْمُ وَ اَتُوْبُ اِلَیْهِ [2]

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سمهڻ وقت هي دعا پڙهندا هئا اَللّٰهُمَّ بِاسْمِكَ اَمُوْتُ وَ اَحْیٰی ۽ جاڳن ننڊ مان سجاڳ ٿيندا هئا تہ هي دعا پڙهندا هئا: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ اَحْیٰی نَفْسِیْ بَعْدَ مَا اَمَاتَهَا وَ اِلَیْهِ النُّشُوْرُ [3] (ترمذي ج 2 ص 177)

---

[1] سنن الترمذي، كتاب الدعوات، باب ما جاء في الدعاء اذا اصبح ... الخ، الحديث: 3399، ج 5، ص 250

[2] سنن الترمذي، كتاب الدعوات، باب ما جاء في الدعاء اذا اوي ... الخ، الحديث: 3408، ج 5، ص 255

[3] سنن الترمذي كتاب الدعوات، باب ما جاء في الدعاء اذا انتبه ... الخ، الحديث: 3428، ج 5، ص 263

## رات جو سجاڳي ٿئي ته ڇا پڙهي

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته جيڪو شخص رات جو ننڊ مان سجاڳ ٿئي ته هي دعا پڙهي ان کانپوءِ جيڪا دعا گهرندو اها قبول ٿيندي ۽ وضو ڪري جيڪا نماز پڙهندو اها نماز به مقبول ٿي ويندي. (ترمذي ج 2 ص 177)

لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ وَّسُبْحَانَ اللّٰهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَلَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ [1]

## گهر کان نڪرڻ وقت جي دعا

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته جيڪو شخص پنهنجي گهر کان ٻاهر نڪرڻ وقت هي دعا پڙهي وٺي ته ان جون مشڪلاتون ختم ٿي ويندیون ۽ هو دشمنن جي شر کان محفوظ رهندو ۽ شيطان هن کان الڳ ٿي ويندو. (ترمذي ج 2 ص 180)

بِسْمِ اللّٰهِ تَوَكَّلْتُ عَلَى اللّٰهِ لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ [2]

## بازار ۾ داخل ٿيو ته هي پڙهو

ارشادِ نبوي آهي ته جيڪو شخص بازار ۾ داخل ٿيڻ وقت هنن ڪلمن کي پڙهي وٺي ته خداوند تعاليٰ 10 لک نيڪيون هن جي اعمالنامي ۾ لکڻ جو حڪم فرمائيندو ۽ ان جا 10 لک گناهه مٽائي ڇڏيندو ۽ ان جا 10 لک درجا بلند فرمائيندو. (ترمذي ج 2 ص 180)

---

[1] سنن الترمذي كتاب الدعوات، باب ما جاء في الدعاء اذا انتبه ... الخ، الحديث: 3425، ج 5، ص 262

[2] سنن الترمذي كتاب الدعوات، باب ما يقول اذا خرج من بيته، الحديث: 3437، ج 5، ص 270

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ يُحْيِيْ وَيُمِيْتُ وَهُوَ حَيٌّ لَّا يَمُوْتُ بِيَدِهِ الْخَيْرُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ [1]

## سفر جي دعا

حضرت عبد الله بن سرجس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن سفر لاءِ روانا ٿيندا هئا تہ هي دعا پڙهندا هئا. (ترمذي ج 2 ص 181)

اَللّٰهُمَّ اَنْتَ الصَّاحِبُ فِي السَّفَرِ وَ الْخَلِيْفَةُ فِي الْاَهْلِ اَللّٰهُمَّ اصْحَبْنَا فِيْ سَفَرِنَا وَ اخْلُفْنَا فِيْ اَهْلِنَا اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَعُوْذُ بِكَ مِنْ وَعْثَآءِ السَّفَرِ وَ كَآبَةِ الْمُنْقَلَبِ وَمِنَ الْحَوْرِ بَعْدَ الْكَوْرِ [2]

## سفر کان واپس اچڻ جي دعا

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن سفر کان موٽي پنهنجي ڪاشانۂ اقدس تي مديني تشريف کڻي ايندا هئا تہ هي دعا پڙهندا هئا. (ترمذي ج 2 ص 182)

اٰئِبُوْنَ تَآئِبُوْنَ عَابِدُوْنَ لِرَبِّنَا حَامِدُوْنَ [3]

## منزل تي هن دعا جو ورد ڪري

رحمةٌ للعالمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشاد آهي تہ جيڪو

---

[1] سنن الترمذي كتاب الدعوات، باب ما يقول اذا دخل السوق، الحديث: 3439، ج 5، ص 270
[2] سنن الترمذي كتاب الدعوات، باب ما يقول اذا خرج مسافرا، الحديث: 4350، ج 5، ص 276
[3] سنن الترمذي كتاب الدعوات، باب ما يقول اذا قدم من السفر، الحديث: 3451، ج 5، ص 276

شخص سفر ۾ ڪنهن جڳهه تي ترسي ۽ هي دعا پڙهي وٺي ته ان کي ان جڳهه تي ڪنهن به قسم جو نقصان نه پهچندو. (ترمذي ج 2 ص 181)

اَعُوْذُ بِكَلِمَاتِ اللّٰهِ التَّآمَّاتِ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ [1]

## بيچيني جي وقت جي دعا

حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا فرمائن ٿا ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي جڏهن کا بيچيني ۽ پريشاني لاحق ٿيندي هئي ته ان وقت پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هن دعا جو ورد فرمائيندا هئا. (ترمذي ج 2 ص 181)

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْحَكِيْمُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ رَبُّ الْعَرْشِ الْكَرِيْمِ [2]

## ڪنهن مصيبت زده کي ڏسي ڪري هي پڙهي

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته جيڪو شخص ڪنهن مصيبت ۾ متبلا ٿيڻ واري کي ڏسي (بيمار يا مصيبت زده کي) ته هي دعا پڙهي ته سڄي زندگي هو انهيءَ بلا (بيماري يا مصيبت) کان بچيل رهندو. (ترمذي ج 2 ص 181)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ عَافَانِیْ مِمَّا ابْتَلَاكَ بِهٖ وَ فَضَّلَنِیْ عَلٰی كَثِيْرٍ مِّمَّنْ خَلَقَ تَفْضِيْلًا [3]

---

[1] سنن الترمذي كتاب الدعوات، باب ما يقول اذا نزل منزلا، الحديث: 3448، ج 5، ص 275

[2] سنن الترمذي كتاب الدعوات، باب ما جاء ما يقول عند الكرب، الحديث: 3446، ج 5، ص 274

[3] سنن الترمذي كتاب الدعوات، باب ما يقول اذا اراي مبتلا، الحديث: 3443 ج 5 ص 273

## ڪنهن کي رخصت ڪرڻ جي دعا

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن ڪنهن انسان کي رخصت فرمائيندا هئا تہ هي ڪلما زبان مبارڪ مان ارشاد فرمائيندا هئا تہ:

اَسْتَوْدِعُ اللّٰهَ دِيْنَكَ وَ اَمَانَتَكَ وَ خَوَاتِيْمَ عَمَلِكَ [1] (ترمذي ج 2 ص 182)

## ڪاڏو ڪائي ڪري ڇا پڙهي

حضرت ابو امامہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اڳيان جڏهن دسترخوان ڪنيو ويندو هو تہ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هي دعا پڙهندا هئا. (ترمذي ج 2، ص 183)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ حَمْدًا كَثِيْرًا طَيِّبًا مُبَارَكًا فِيْهِ غَيْرَ مُوَدَّعٍ وَّلَا مُسْتَغْنًى عَنْهُ رَبَّنَا [2]

## آنڌاري جي وقت جي دعا

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن آنڌاري لڳندي هئي تہ هي دعا پڙهندا هئا. (ترمذي ج 2 ص 183)

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْئَلُكَ مِنْ خَيْرِهَا وَ خَيْرِ مَا فِيْهَا وَ خَيْرِ مَا اُرْسِلَتْ بِهٖ وَ اَعُوْذُ بِكَ مِنْ شَرِّهَا وَ شَرِّ مَا فِيْهَا وَ شَرِّ مَا اُرْسِلَتْ بِهٖ [3]

## ڪنوڻ لڳڻ جي دعا

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڪرن جي گجگوڙ ۽ ڪنوڻ جي

---

[1] سنن الترمذي كتاب الدعوات، باب ما يقول اذا ودع انسانا، الحديث: 3454، ج 5 ص 277
[2] سنن الترمذي كتاب الدعوات، باب ما يقول اذا فرغ من الطعام الحديث: 3467، ج 5 ص 283
[3] سنن الترمذي كتاب الدعوات، باب ما يقول اذا هاجت الريح، الحديث: 3460، ج 5 ص 280

ڪڙڪاٽ جي وقت هي دعا پڙهندا هئا

اَللّٰهُمَّ لَا تَقْتُلْنَا بِغَضَبِکَ وَلَا تُهْلِکْنَا بِعَذَابِکَ وَعَافِنَا قَبْلَ ذٰلِکَ [1]

## ڪنهن قوم کان ڊڄي ته ڇا پڙهي

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته جيڪڏهن ڪنهن قوم يا ڪنهن لشڪر کان جان ۽ مال وغيره جو خوف هجي ته هي دعا پڙهي. (ابو داؤد ج 1 ص 222 مجتجائي)

اَللّٰهُمَّ اِنَّا نَجْعَلُکَ فِیْ نُحُوْرِهِمْ وَنَعُوْذُ بِکَ مِنْ شُرُوْرِهِمْ [2]

## قرض ادا ٿيڻ جي دعا

مشهور صحابي حضرت ابو سعيد خدري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي ته حضور سيد عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ ڏينهن مسجد ۾ تشريف کڻي ويا ته رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اتي حضرت ابو امامه انصاري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي ڏٺو حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن دريافت فرمايو ته اي ابو امامه! رَضِیَ اللهُ عَنْهُ تون هن وقت جڏهن ته نماز جو ٽائيم نه آهي مسجد ۾ ڇو ۽ ڇاجي لاءِ وينو آهين؟ حضرت ابو امامه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو ته يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آءُ ڪيترن ئي فڪرن ۽ قرضن ۾ مبتلا ٿي ويو آهيان. ارشاد فرمايائون ته ڇا مان توکي هڪ اهڙي دعا نه ٻڌايان جو تون جڏهن ان کي پڙهين ته الله تعاليٰ تنهنجي فڪرن کي ختم ڪري ڇڏي ۽ تنهنجي قرض کي ادا ڪري ڇڏي؟ حضرت ابو امامه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ

---

[1] سنن الترمذي كتاب الدعوات، باب ما يقول اذا سمع الرعد، الحديث: 3461، ج 5 ص 280

[2] سنن ابي داود، كتاب الوتر، باب ما يقول الرجل اذا خاف قوما، الحديث: 1537، ج 2، ص 127

عرض ڪيو تہ ڇو نہ! يا رسول الله عَزَّوَجَل و صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ضرور مون کي ٻڌايو تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ روزانو صبح ۽ شام هي دعا پڙهندو ڪر. (ابو داؤد ج 1 ص 224)

اَللّٰهُمَّ اِنِّیْ اَعُوْذُ بِکَ مِنَ الْهَمِّ وَ الْحُزْنِ وَ اَعُوْذُ بِکَ مِنَ الْعَجْزِ وَ الْکَسْلِ وَ اَعُوْذُ بِکَ مِنَ الْجُبْنِ وَ الْبُخْلِ وَ اَعُوْذُ بِکَ مِنْ غَلَبَةِ الدَّيْنِ وَ قَهْرِ الرِّجَالِ

حضرت ابو امامہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا تہ مون ان دعا کي پڙهيو تہ منهنجو فڪر ختم ٿي ويو ۽ خدا تعاليٰ منهنجي قرض کي بہ ادا فرمائي ڇڏيو.[1]

## جمعي جي ڏينهن ڪثرت سان درود شريف پڙهو!

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو توهان جي ڏينهن ۾ سڀ کان افضل ڏينهن جمعي جو آهي تنهنڪري ان ڏينهن مون تي ڪثرت سان درود پڙهندا ڪريو ڇو جو توهان جو درود شريف مون وٽ پيش ڪيو ويندو آهي. صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن قبر شريف ۾ اوهان جو جسم مبارڪ وڪري پراڻين هڏين ۾ تبديل ٿي ويندو تہ اسان جو درود شريف ڪيئن اوهان جي دربار ۾ پيش ٿيندو؟ تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ اِنَّ اللّٰهَ حَرَّمَ عَلَى الْاَرْضِ اَجْسَادَ الْاَنْبِيَآءِ يعني الله تعاليٰ حضراتِ انبياء ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي جسمن کي زمين تي حرام فرمائي ڇڏيو آهي.[2] (ابو داؤد ج ا ص 221 مجتبائي)

---

[1] سنن ابي داود، كتاب الوتر، باب في الاستعاذه، الحديث: 1555، ج 2، ص 133

[2] سنن ابي داود، كتاب الوتر، باب في الاستغفار، الحديث: 1531، ج 2، ص 125)

## ضروري تنبيهه

هن حديث مان خبر پئي ته سيني حضرات انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جن جا مقدس جسم انهن جي مبارڪ قبرن ۾ سلامت رهندا آهن ۽ زمين تي حضرت حق جَلَّ جَلَالُهٗ حرام فرمائي ڇڏيو آهي ته انهن جي مقدس جسمن تي ڪنهن قسم جي تبديلي ۽ تغير پيدا ڪري. جڏهن تمام انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جو هي شان آهي ته پوءِ پلا حضور سيد الانبياءِ سيد المرسلين ۽ امام الانبياء و خاتم الانبياء صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مقدس جسم انور کي زمين ڪيئن ڪائي سگهي ٿي؟ تنهنڪري سيني علماءِ امت و اولياءِ امت جو اهو ئي عقيدو آهي ته حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي قبر اطهر ۾ زندهه آهن ۽ خدا پاڪ جي حڪم سان وڏا وڏا تصرفات فرمائيندا رهن ٿا ۽ پنهنجي خداداد پيغمبرانه قوت ۽ معجزانه طاقت سان پنهنجي امت جي مشڪل ڪشائي ۽ انهن جي فرياد رسي فرمائيندا رهن ٿا. خوب ياد رکو ته جيڪو شخص ان جي خلاف عقيدو رکي اهو يقيناً بارگاهِ اقدس جو گستاخ، بدعقيده، گمراهه ۽ اهلسنت جي مذهب مان خارج آهي.

## ڪڪڙ جي بانگ ٻڌي پڙهڻ جي دعا

حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته جڏهن توهان ڪڪڙ جو آواز ٻڌو ته الله تعاليٰ کان اُن جي فضل جو سوال ڪريو ڇو ته ڪڪڙ فرشتي کي ڏسي بانگ ڏيندو آهي. (يعني هي دعا پڙهو اَسْئَلُ اللّٰهَ مِنْ فَضْلِهِ الْعَظِيْمِ)[1] (مسلم ج 2 ص 351)

---

[1] صحيح مسلم، كتاب الذكر .... الخ، باب استحباب الدعاء ... الخ، الحديث: 2729، ص 1461

## گڏهه هينگي ته ڇا پڙهجي

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا ته حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشاد آهي ته گڏهه جي هِينگ ٻڌي شيطان کان الله تعاليٰ جي پناهه گهرو (يعني اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ) پڙهو.[1] (مسلم ج 2 ص 351)

## جنّت جو خزانو

حضرت عبد الله بن قيس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي ته مون کي حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته مان تنهنجي رهنمائي اهڙن ڪلمي تي نه ڪريان جيڪو جنت جي خزاني مان آهي، مون عرض ڪيو ته يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم. اهو ڪهڙو ڪلمو آهي؟ ارشاد فرمايائون اهو ڪلمو لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ آهي.[2] (مسلم ج 2 ص 346)

## بهشت جي ٽڪيٽ

حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته جيڪو هي دعا پڙهندو رهي ان جي لاءِ جنت واجب ٿي وئي. اها دعا هي آهي.

رَضِيْتُ بِاللّٰهِ رَبًّا وَّ بِالْاِسْلَامِ دِيْنًا وَّ بِمُحَمَّدٍ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّمَ رَسُوْلًا[3]
(ابو داود ج ا ص 221 مجتبائي)

## سيدالاستغفار

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته جيڪو مسلمان دل جي يقين سان ڏينهن جو هن دعا کي پڙهي ته جيڪڏهن ان

---

[1] صحيح مسلم، كتاب الذكر.... الخ، باب استحباب الدعاء ... الخ، الحديث: 2729، ص 1461
[2] صحيح مسلم، كتاب الذكر .... الخ، باب استحباب الدعاء ... الخ، الحديث: 2704، ص 1450
[3] سنن ابي داود، كتاب الوتر، باب في االاستغفار، الحديث: 1529، ج 2، ص 125

ڏينهن شام کان پهريان مري ويو تہ جنتي هوندو ۽ جيڪڏهن رات جو پڙهي ۽ صبح کان پهريان مري ويو تہ جنتي هوندو. ان دعا جو نالو سيد الاستغفار آهي جيڪا هي آهي.

اَللّٰهُمَّ اَنْتَ رَبِّيْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ خَلَقْتَنِيْ وَ اَنَا عَبْدُكَ وَ اَنَا عَلٰى عَهْدِكَ وَ وَعْدِكَ مَا اسْتَطَعْتُ اَعُوْذُ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا صَنَعْتُ اَبُوْءُ لَكَ بِنِعْمَتِكَ عَلَيَّ وَ اَبُوْءُ بِذَنْبِيْ فَاغْفِرْ لِيْ فَاِنَّهٗ لَا يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ اِلَّا اَنْتَ [1]

(بخاري ج 2 ص 933)

## جماع جي دعا

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشاد گرامي آهي تہ جيڪڏهن ڪو مسلمان پنهنجي زال سان صحبت ڪرڻ کان پهريان هي دعا پڙهي تہ ان صحبت مان جيڪا اولاد پيدا ٿيندي ان کي ڪڏهن بہ شيطان ڪو نقصان نہ پهچائي سگهندو. دعا هي آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ اَللّٰهُمَّ جَنِّبْنَا الشَّيْطَانَ وَ جَنِّبِ الشَّيْطَانَ مَا رَزَقْتَنَا [2]

(بخاري ج 2 ص 945)

## مرضن کان شفا لاءِ

روايت آهي تہ عبد العزيز بن صهيب ۽ ثابت بناني رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا بئي حضرت انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. ۽ ثابت بناني رَضِيَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو تہ اي ابو حمزه! (انس) رَضِيَ اللهُ عَنْهُ مان بيمار ٿي پيو آهيان حضرت انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمايو تہ ڇا مان ان دعا سان

---

[1] صحيح البخاري، كتاب الدعوات، باب افضل الاستغفار، الحديث: 6306، ج 4، ص 189

[2] صحيح البخاري، كتاب الدعوات، باب ما يقول اذا اتي اهله، الحديث: 6388، ج 4، ص 214

تنهنجي مرض تي دم نہ ڪريان جنهن دعا سان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مريضن تي شفا لاءِ دم فرمائيندا هئا؟ ثابت بناني رَضِيَ اللهُ عَنْهُ چيو تہ ڇو نہ. ان ڪانپوءِ حضرت انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هيءَ دعا پڙهي تہ:

اَللّٰهُمَّ رَبَّ النَّاسِ مُذْهِبَ الْبَأْسِ اِشْفِ اَنْتَ الشَّافِيْ لَا شَافِيَ اِلَّا اَنْتَ شِفَاءً لَا يُغَادِرُ سَقَمًا[1]

(بخاري ج 2 ص 855 باب رقية النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

## مصيبت تي نعم البدل ملڻ جي دعا

حضرت ام المؤمنين بيبي اُم سلمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا چون ٿيون مون حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان هي ٻڌو هو تہ ڪنهن مسلمان کي ڪا مصيبت پهچي تہ هو اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ اَللّٰهُمَّ اْجِرْنِيْ فِيْ مُصِيْبَتِيْ وَ اخْلُفْ لِيْ خَيْرًا مِّنْهَا پڙهي وٺي تہ الله تعاليٰ ان مسلمان کي ان جي ضايع ٿيل شيءِ کان بهتر شيءِ عطا فرمائيندو.

حضرت بيبي ام سلمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون تہ جڏهن منهنجي مڙس حضرت ابو سلمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو وصال ٿي ويو تہ مون دل ۾ چيو تہ ڀلا ابو سلمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان بهتر ڪهڙو مسلمان هوندو؟ هي پهريون گهر آهي جيڪو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وٽ مڪي کان هجرت ڪري مديني پهتو پر پوءِ مون هن دعا کي پڙهي ورتو تہ الله تعاليٰ مون کي ابو سلمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان بهتر مڙس عطا فرمايو جو رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون سان نڪاح فرمائي ورتو.[2] (مسلم ج ا ص 300 ڪتاب الجنائز)

---

[1] صحيح البخاري، كتاب الطب، باب رقية النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 5742، ج 4، ص 32

[2] صحيح مسلم، كتاب الجنائز، باب ما يقال عند المصيبة، الحديث: 918، ص 457

# باب اٹويهون

## متعلقينِ رسالت

ان کے مولیٰ کے ان پر کروڑوں درود
ان کے اصحاب و عترت پہ لاکھوں سلام

پارہائے صحف غنچہائے قدس
اہل بیت نبوت پہ لاکھوں سلام

اہل اسلام کی مادرانِ شفیق
بانوانِ طہارت پہ لاکھوں سلام

## ازواج مطهرات رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ

حضور اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان نسبت جي سبب ازواج مطهرات رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ جو بہ تمام بلند رتبو آهي. انهن جي شان ۾ قرآن جون ڪيتريون ئي واضح آيتون نازل ٿيون جن ۾ انهن جي عظمت جو ذڪر ۽ رفعتِ شان جو بيان آهي. جيئن تہ خداوندِ قدوس قرآنِ مجيد ۾ ارشاد فرمايو تہ

يٰنِسَآءَ النَّبِيِّ لَسْتُنَّ كَاَحَدٍ مِّنَ النِّسَآءِ اِنِ اتَّقَيْتُنَّ[1] (احزاب)

ترجمو ڪنز الايمان: اي نبيءَ جون گهرواريون! توهان ٻين عورتن وانگر نہ آهيو جيڪڏهن الله کان ڊڄو.

ٻي آيت ۾ هي ارشاد فرمايو تہ:

وَاَزْوَاجُهٗۤ اُمَّهٰتُهُمْ[2] (احزاب)

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ هن (نبي) جون گهر واريون انهن (مومنن) جون مائرون آهن.

---

[1] پ: 22، سورة الاحزاب، آيت: 32

[2] پ: 21، سورة الاحزاب، آيت: 6

هي سموري امت جو متفقہ مسئلو آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جون مقدس گهر واريون بن ڳالهين ۾ حقيقي ماءُ جي برابر آهن . هڪ اِهو تہ انهن سان هميشہ هميشہ جي لاءِ ڪنهن جو بہ نڪاح جائز ناهي. ٻيو اِهو تہ انهن جي تعظيم ۽ تڪريم هر امتي تي اهڙي طرح لازم آهي جهڙي طرح حقيقي ماءُ جي بلڪ ان کان بہ وڌيڪ پر ڏسڻ ۽ اڪيلائي جي معاملي ۾ ازواج مطهرات رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو حڪم حقيقي ماءُ جهڙو نہ آهي. ڇو تہ قرآن مجيد ۾ الله پاڪ جو ارشاد آهي تہ:

وَ اِذَا سَاَلْتُمُوْهُنَّ مَتَاعًا فَسْـَٔلُوْهُنَّ مِنْ وَّرَآءِ حِجَابٍ ؕ[1] (احزاب)

ترجمو ڪنز الايمان: جڏهن نبي جي گهروارين کان توهان کا شيءِ گهرو تہ پردي جي پويان گهرو.

مسلمان پنهنجي سڳي ماءُ کي ڏسي بہ سگهي ٿو ۽ اڪيلائيءَ ۾ ويهي ان سان ڳالهائي بہ سگهي ٿو پر حضور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن جي پاڪ گهروارين کان هر مسلمان جو پردو فرض آهي ۽ اڪيلائي ۾ انهن سان اٿڻ ويهڻ حرام آهي .

اهڙي طرح سڳي ماءُ جا پيءُ ماءُ، ٻارن جا ناني نانا ۽ سڳي ماءُ جا ڀاءُ ڀيڻ ٻارن جا ماما ماسي ٿيندا آهن پر ازواج مطهرات رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ جا پيءُ ماءُ امت جا نانا ناني ۽ ازواج مطهرات رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ جا ڀاءُ ڀيڻ امت جا ماما ماسي ناهن ٿيندا.

هي حڪم حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي انهن تمام ازواجِ مطهرات رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ جي لاءِ آهي جن سان حضور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن

[1] پ: 22، سورة الاحزاب، آيت: 53

نڪاح فرمايو، توڙي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان اڳ انهن جو انتقال ٿيو يا حضور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڪانپوءِ انهن جي وفات ٿي. اهي سڀ جون سڀ امت جون مائرون آهن ۽ هر امتيءَ جي لاءِ انهن جي سڳي ماءُ کان وڌيڪ، تعظيم لائق ۽ واجب الاحترام آهن.[1] (زرقاني جلد 3 ص 216)

ازواج مطهرات رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ جي تعداد ۽ انهن جي نڪاحن جي ترتيب جي باري ۾ تاريخدانن ۾ ڪافي اختلاف آهي پر يارهن امهات المومنين رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ جي باري ۾ ڪنهن جو به اختلاف نه آهي انهن مان حضرت خديجه ۽ حضرت زينب بنت خزيمه رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا جن جو ته حضور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن جي سامهون ئي وصال ٿيو پر نوَ ازواج مطهرات حضور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي پڙدي فرمائڻ وقت موجود هيون .

انهن يارهن امت جي مائرن مان ڇهه قريش جي وڏن گهراڻن جون چشم و چراغ هيون جن جا نالا مبارڪ هي آهن.

(1) خديجه بنت خويلد (2) عائشه بنت ابو بڪر صديق (3) حفصه بنت عمر فاروق (4) اُم حبيبه بنتِ ابو سفيان (5) اُمِّ سلمه بنت ابو اميه (6) سوده بنت زمعه رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ ۽ چار ازواج مطهرات رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ قريش مان نه هيون پر عرب جي ٻين قبيلن سان تعلق رکنديون هيون اُهي هي آهن.

(1) زينب بنت جحش (2) ميمونه بنت حارث (3) زينب بنت خزيمه "اُم المساڪين" (4) جويريه بنت حارث ۽ هڪ گهرواري

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب في ذكر ازواجه ... الخ، ج 4، ص 356 - 357

يعني صفيه بنت حيي هي عربي نسل مان نہ هيون بلڪ بني اسرائيل جون هڪ شريف النفس رئيس زاديون هيون.

هن ڳالهه ۾ به ڪنهن مؤرخ جو اختلاف ناهي تہ سڀ کان پهريان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت خديجه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا سان نڪاح فرمايو ۽ جيستائين اُهي حيات هيون پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن ٻي عورت سان نڪاح نہ فرمايو.[1] (زرقاني جلد 3 ص 218، 219)

## حضرت خديج رَضِيَ اللهُ عَنْهَا

هي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جون سڀ کان پهريون رفيقهِ حيات آهن. سندن والد جو نالو خويلد بن اسد ۽ والده جو نالو فاطمه بنتِ زائده آهي. هي قريش جون وڏيون معزز ۽ نهايت ئي دولت مند خاتون هيون. اسان هن ڪتاب جي ٽئين باب ۾ لکي چڪا آهيون تہ اهلِ مڪہ سندن پاڪدامنيءَ ۽ پرهيزگاريءَ جي سبب ڪين "طاهره" جي لقب سان ياد ڪندا هئا. انهن حضور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَام جن جي اخلاق، عادتن، جمالِ صورت ۽ ڪمالِ سيرت کي ڏسي پاڻ ئي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نڪاح جي رغبت ظاهر ڪئي ۽ پوءِ باقاعدي نڪاح ٿيو جنهن جو تفصيلي ذڪر ٿي چڪو آهي. علامہ ابن اثير ۽ امام ذهبي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِمَا جو بيان آهي تہ هن ڳالهه تي پوري امّت جو اجماع آهي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي سڀ کان پهريان هنن ئي ايمان آندو ۽ ابتداءِ اسلام ۾ جڏهن هر طرف کان رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مخالفت جو طوفان اٿي رهيو هو اهڙي مشڪل وقت ۾ صرف هڪ انهن جي ئي ذات هئي جيڪا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب جي ذڪر ازواجه الطاهرات ... الخ، ج 4، ص 359 - 362

جن جي زندگي جو سهارو بڻجي دلي تسڪينِ جو باعث ٿي. انهن اهڙين خوفناڪ ۽ خطرناڪ حالتن ۾ جنهن همت ۽ صبر سان خطرن ۽ مصيبتن جو مقابلو ڪيو ۽ جهڙي طرح تن من ۽ ڌن سان بارگاهِ نبوت ۾ پنهنجي قرباني پيش ڪئي ان خصوصيت ۾ تمام ازواج مطهرات رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ تي انهن کي هڪ خاص فضيلت حاصل آهي. جيئن ولي الدين عراقي جو بيان آهي ته قول صحيح ۽ مذهب مختار اهو ئي آهي ته امهات المؤمنين ۾ حضرت خديجه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا سڀ کان وڌيڪ افضل آهن.

انهن جي فضائل ۾ ڪجهه حديثون به وارد ٿيون آهن. جيئن ته حضرت ابو هريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ راوي آهن ته حضرت جبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون ته اي محمد! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) هي خديجه آهن جيڪي اوهان وٽ هڪ ٿانو کڻي اچي رهيون آهن جنهن ۾ ڪاڏو آهي. جڏهن اُهي اوهان وٽ پهچن ته اوهان انهن کي سندن رب جو ۽ منهنجو سلام چئجو ۽ کين اِها خوشخبري ٻڌائجو ته جنت ۾ انهن لاءِ موتين جو هڪ گهر ٺهيو آهي جنهن ۾ نه ڪو گوڙ هوندو ۽ نه ئي ڪا تڪليف هوندي.[1] (بخاري جلد ا ص 539 باب تزويج النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

امام احمد، ابو داود ۽ نسائي، حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت ڪن ٿا ته جنتي عورتن مان سيني کان افضل

---

[1] صحيح البخاري، كتاب مناقب الانصار، باب تزويج النبي صَلَّى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .... الخ، الحديث: 3820، ج 2، ص 565 و المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب خديجة ام المومنين، ج 4، ص 363 — 365، 371

حضرت خديجہ، حضرت فاطمہ، حضرت مريم ۽ حضرت آسيہ آهن.[1]

(رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُنَّ) (زرقاني جلد 3 ص 223 كان 224)

اهڙي طرح روايت آهي تہ هِڪ دفعي جڏهن حضرت عائشہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زبان مبارڪ مان حضرت خديجہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا جي تمام گهڻي تعريف ٻڌي تہ انهن کي غيرت اچي وئي ۽ اُنهن هي چئي ڇڏيو تہ هاڻي تہ الله تعاليٰ اوهان کي ان کان بهتر زال عطا فرمائي آهي. اِهو ٻُڌي پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو تہ، نہ خدا جو قسم! خديجہ کان بهتر مونکي ڪا زال نہ مِلي جڏهن سيني ماڻهن مون سان ڪُفر ڪيو اُن وقت ان مون تي ايمان آندو ۽ جڏهن سڀ ماڻهو منهنجو انڪار ڪري رهيا هئا ان وقت هُن منهنجي تصديق ڪئي ۽ جنهن وقت ڪو بہ مونکي ڪا بہ شيءِ ڏيڻ لاءِ تيار نہ هو ان وقت خديجہ مونکي پنهنجو سڄو مال ڏئي ڇڏيو ۽ انهيءَ جي مبارڪ پيٽ مان تہ الله تعاليٰ مونکي اولاد عطا فرمائي.[2]

(زرقاني جلد 3 ص 224)

حضرت عائشہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا جو بيان آهي تہ ازواجِ مطهرات ۾ سڀ کان وڌيڪ مونکي حضرت خديجہ جي باري ۾ غيرت ايندي هئي جيتوڻيڪ مون انهن کي ڏٺو بہ نہ هو. غيرت جو سبب هي هو تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام گهڻو انهن جو ذڪرِ خير فرمائيندا رهندا هئا ۽ اڪثر ائين ٿيندو هو جو جڏهن پاڻ ڪا ٻڪري ذبح فرمائيندا هئا تہ ڪجهہ گوشت حضرت خديجہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا

---

[1] المسند للامام احمد بن حنبل، مسند عبد الله ابن عباس، الحديث: 2903، ج 1، ص 678

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب خديجة ام المومنين، ج 4، ص 372

جي سهيلين جي گهر ضرور موڪليندا هئا جنهن ڪري مان چڙي ويندي هئس ۽ ڪڏهن ڪڏهن اِهو چئي ڏيندي هيس تہ "دنيا ۾ بس هڪ خديجہ ئي تہ اوهان جي زال هئي" منهنجو اهو جملو ٻڌي پاڻ فرمائيندا هئا تہ ها ها بيشڪ اُها هئي، اُها هئي انهن جي پيٽ مان تہ الله تعاليٰ مونکي اولاد عطا فرمايو.[1]

(بخاري جلد 1 ص 539 ذڪر خديجہ)

امام طبراني حضرتِ عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کان هڪ حديث نقل ڪئي آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت خديجہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کي دنيا ۾ جنت جو انگور کارايو. هن حديث کي امام سهيلي بہ نقل فرمايو آهي.[2] (زرقاني جلد 3، ص 226)

حضرت خديجہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا پنجهويهہ سالن تائين حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت گذاري سان سرفراز رهيون. هجرت کان ٽي سال اڳ پنجهٺ سالن جي عمر ماڻي رمضان جي مهيني ۾ مڪي شريف ۾ وفات ڪيائون. حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مڪي جي مشهور قبرستان حجون (جنت المعلي) ۾ خود بنفس نفيس سندن قبر ۾ لهي پنهنجن مقدس هٿن سان کين سپرد خاڪ فرمايو ڇو تہ ان وقت تائين جنازي نماز جو حڪم نہ ٿيو هو تنهنڪري حضور سيّد عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي نمازِ جنازه نہ پڙهائي.[3] (زرقاني، ج 3، ص 227 و اكمال في اسماءِ الرجال، ص 593)

---

[1] صحيح البخاري، كتاب مناقب الانصار، باب تزويج النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خديجة .... الخ، الحديث: 3818، ج 2، ص 565

[2] شرح الزرقاني علي المواهب، باب خديجة ام المومنين، ج 4، ص 376

[3] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب خديجة ام المومنين، ج 4، ص 376 و الاكمال في اسماءِ الرجال، حرف الخاءِ، خديجة بنت خويلد، ص 593

## حضرت سوده رَضِیَ اللهُ عَنْهَا

هنن جي والد جو نالو ”زمعہ“ ۽ والده جو نالو شموس بنت قيس بن عمرو آهي. هي پهريان پنهنجي سؤٽ سڪران بن عمرو سان پرڻايون ويون هيون. هي ٻئي زال مڙس ابتداءِ اسلام ۾ ئي مسلمان ٿي ويا هئا ۽ هنن ٻنهي حبشہ جي طرف ٻي هجرت دوران هجرت ٻہ ڪئي هئي پر جڏهن حبشہ کان واپس ٿي هي ٻئي زال مڙس مڪي مڪرمہ آيا تہ سندن مڙس حضرت سڪران بن عمرو رَضِیَ اللهُ عَنْه وفات ڪري ويا ۽ هي بيوه ٿي ويون کين هڪ پٽ ٻہ هو جنهن جو نالو ”عبد الرحمٰن“ هو.

حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا جو بيان آهي تہ حضرت سوده رَضِیَ اللهُ عَنْهَا هڪ خواب ڏٺو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پيدل هلندي انهن جي طرف تشريف وٺي آيا ۽ سندن ڪنڌ تي پنهنجو مقدس پير رکي ڇڏيو. جڏهن حضرت سوده رَضِیَ اللهُ عَنْهَا اهو خواب پنهنجي مڙس سان بيان ڪيو تہ انهن چيو تہ جيڪڏهن تنهنجو خواب سچو آهي تہ مان يقينًا ويجهڙائي ۾ مري ويندس ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توسان نڪاح فرمائيندا. ان کان پوءِ ٻي رات حضرت سوده رَضِیَ اللهُ عَنْهَا اهو خواب ڏٺو تہ هڪ چنڊ ٽُٽي انهن جي سيني تي ڪريو آهي صبح جو انهن هن خواب جو ذڪر ٻہ پنهنجي مڙس سان ڪيو تہ سندن مڙس چرڪندي چيو تہ جيڪڏهن تنهنجو خواب سچو آهي تہ هاڻي مان تمام جلد مري ويندس ۽ تون مونکان بعد حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نڪاح ڪندينءَ. پوءِ ائين ئي ٿيو جو ان ئي ڏينهن حضرت سڪران رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بيمار ٿي پيا ۽ ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ وفات ڪري ويا.[1] (زرقاني جلد 3 ص 227)

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب سودة ام المومنين، ج 4، ص 377 — 378

حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت خديجه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جي وفات سبب هر وقت مغموم (غمزده) ۽ اداس رهندا هئا. اِهو ڏسي حضرت خوله بنتِ حڪيم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ اِها درخواست پيش ڪئي ته يا رسول الله (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اوهان حضرت سوده رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا سان نڪاح فرمائي وٺو ته جيئن اوهان جي گهريلو زندگي آباد ٿي وڃي ۽ هڪ وفادار ۽ خدمت گذار زال جي صحبت ۽ رفاقت سان اوهان جو غم ختم ٿي وڃي. حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي هن مخلص مشوري کي قبول فرمايو. پوءِ حضرت خوله رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا حضرت سوده رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جي والد سان ڳالهه ٻولهه ڪري نسبت طئي ڪرائي ڇڏي ۽ نڪاح ٿي ويو ۽ هي امهات المؤمنين جي فهرست ۾ داخل ٿي ويون ۽ پنهنجي سڄي زندگي حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زوجيت جي شرف سان سرفراز رهيون ۽ تمام گهڻي عقيدت ۽ محبت سان رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون وفادار ۽ خدمت گذار رهيون. هي تمام گهڻيون سخي هيون هڪ دفعي امير المؤمنين حضرت عمر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ درهمن سان ڀريل هڪ ٿيلهو انهن جي خدمت ۾ موڪليو پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا پڇيو هي ڇا آهي؟ ڪٿي اچڻ واري ٻڌايو ته درهم آهن پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا فرمايو ته ڀلا درهم به ڪجورن جي ٿيلهي ۾ موڪلبا آهن اِهو چيائون ۽ اُتي ان وقت ئي تمام درهمن کي مديني جي فقيرن ۽ مسڪينن ۾ ورهائي ڇڏيائون.

حديث جي مشهور ڪتابن ۾ حضرت سوده رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جون روايت ڪيل پنج حديثون مذڪور آهن جن مان هڪ حديث بخاري شريف ۾ به آهي. حضرت عبد الله بن عباس ۽ حضرت يحييٰ بن عبد الرحمٰن رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا انهن جي شاگردن ۾ گهڻو ئي ممتاز آهن.

انهن جي وفات جي سال ۾ مختلف ۽ متضاد قول آهن امام ذهبي ۽ امام بخاري هن روايت کي صحيح ٻڌايو آهي ته حضرت عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي آخري دؤرِ خلافت سنه 23 هه ۾ مديني منوره ۾ انهن جي وفات ٿي پر واقدي هن قول کي ترجيح ڏني آهي ته انهن جي وفات جو سال سن 54 هه آهي ۽ صاحب اکمال به انهن جي وفات جو سال شوال سن 54 هه تحرير کيو آهي پر حضرت علامه ابن حجر عسقلاني پنهنجي کتاب تقريب التهذيب ۾ لکيو آهي ته انهن جي وفات شوال سن 55 هه ۾ ٿي.[1] وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَم

(زرقاني جلد 3 ص 229 و اکمال ص 599)

## حضرت عائشه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا

هي امير المؤمنين حضرت ابو بکر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جون نورِ نظر ۽ نيڪ نصيبن واريون ڏيءُ آهن. انهن جي والده جو نالو "اُمِ رومان" آهي. هي ڇهن سالن جون هُيون جو حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اعلانِ نبوت جي ڏهين سال شوال مهيني ۾ هجرت کان ٽي سال اڳ هنن سان نڪاح فرمايو ۽ شوال سن 2 هه ۾ مديني منوره ۾ هي ڪاشانهءِ نبوت ۾ تشريف فرما ٿيون ۽ 9 سالن تائين حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صحبت سان سرفراز رهيون. ازواج مطهرات ۾ هي ئي ڪنواريون هيون ۽ سيني کان وڌيڪ بارگاهِ نبوت ۾ محبوب ترين گهرواري هيون. حضور اکرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو انهن جي باري ۾ ارشاد آهي ته ڪنهن به گهر واريءَ جي بستري ۾ مون تي وحي نازل نه ٿي پر حضرت عائشه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا جڏهن مون سان بسترِ

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب سودة ام المومنين، ج 4، ص 379 — 381 والاکمال في اسماءِ الرجال، حرف السين، سودة، ص 599

نبوت تي ستل هونديون آهن تہ اهڙي حالت ۾ بہ مون تي وحي الٰهي نازل ٿيندي رهندي آهي.[1] (بخاري جلد 1 ص 532 فضل عائشہ)

بخاري ۽ مسلم جي روايت آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت عائشہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي فرمايو تہ تي راتيون مان خواب ۾ ڏسندو رهيس تہ هڪ فرشتو توهان کي هڪ ريشمي ڪپڙي ۾ ويڙهي مون وٽ کڻي ايندو رهيو ۽ مون کي چوندو رهيو تہ هي اوهان جون گهر واريون آهن. جڏهن مون تنهنجي چهري تان ڪپڙو هٽائي ڏٺو تہ اُها تون ئي هئينءَ. ان کانپوءِ مون پنهنجي دل ۾ چيو تہ جيڪڏهن هي خواب الله تعاليٰ جي طرفان آهي تہ هو انهيءَ خواب کي پورو ڪري ڏيکاريندو.[2] (مشڪوٰة جلد 2 ص 573)

فقہ ۽ حديث جي علم ۾ ازواج مطهرات رَضِيَ اللهُ عَنْهُنَّ ۾ سندن جو درجو تمام بلند آهي. بہ هزار بہ سو ڏهہ (2210) حديثون انهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان روايت ڪيون آهن. سندن روايت ڪيل حديثن مان هڪ سو چوهتر (174) حديثون اهڙيون آهن جيڪي بخاري ۽ مسلم بنهي ڪتابن ۾ آهن ۽ چوونجاهہ (54) حديثون اهڙيون آهن جيڪي صرف بخاري ۾ آهن ۽ اٺهٺ (68) حديثون اُهي آهن جن کي صرف امام مسلم پنهنجي ڪتاب

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب عائشة ام المومنين، ج 4، ص 381 — 388 ملتقطاً و صحيح البخاري، كتاب فضائل اصحاب النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فضل عائشة رَضِيَ تَعَالٰي عَنْهَا، الحديث: 3775، ج 2، ص 552

[2] مشكوٰة المصابيح، كتاب المناقب، باب مناقب ازواج النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم و رَضِيَ اللهُ عَنْهُنَّ، الحديث: 6188، ج 2، ص 444

صحيح مسلم ۾ تحرير ڪيو آهي. انهن کان علاوه باقي حديثون حديث جي ٻين ڪتاب ۾ مذڪور آهن.[1]

ابن سعد حضرت عائشه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کان نقل ڪيو آهي ته خود حضرت عائشه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا فرمائينديون هيون ته مون کي تمام ازواج مطهرات تي ڏهه اهڙيون فضيلتون حاصل آهن جيڪي ٻين ازواج مطهرات کي حاصل نه هيون.

(1) حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون کان سواءِ ڪنهن ٻي ڪنواري عورت سان نڪاح نه فرمايو.

(2) مون کان سواءِ ازواج مطهرات ۾ ڪا به اهڙي ناهي جنهن جا ماءُ پيءُ ٻئي مهاجر هجن.

(3) الله تعاليٰ منهنجي براءَت ۽ پرهيزگاري جو بيان آسمان تان قرآن ۾ نازل فرمايو.

(4) نڪاح کان پهريان حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام هڪ ريشمي ڪپڙي ۾ منهنجي صورت ڪٽي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏيکاري هئي ۽ پاڻ تي راتيون خواب ۾ مون کي ڏسندا رهيا.

(5) مان ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ئي ٿانو مان پاڻي ڪٽي ڪٽي غسل ڪندا هئاسين هي شرف مون کان سواءِ ازواج مطهرات مان ڪنهن کي به نصيب نه ٿيو.

(6) حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تهجّد پڙهندا هئا ۽ مان انهن جي سامهون ستل هوندي هئس. امهات المومنين مان ڪا به حضور

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب عائشة ام المومنين، ج 4، ص 389

صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ان ڪريمانہ محبت سان سرفراز نہ ٿي.

(7) مان حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان هڪ ئي بستري ۾ ستل هوندي هئس ۽ پاڻ ڪريمن تي خدا جي وحي نازل ٿيندي هئي هي اهو اعزازِ خداوندي آهي جيڪو مون کان سواءِ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ڪنهن زوجءِ مطهره کي حاصل نہ ٿيو.

(8) وفاتِ اقدس جي وقت مان حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي هنج ۾ رکي ويني هئس ۽ سندن جو مٿو مبارڪ منهنجي سيني ۽ ڪنڌ جي وچ ۾ هو ۽ ان ئي حالت ۾ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو وصال ٿيو.

(9) حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن منهنجي واريءَ واري ڏينهن وفات فرمائي.

(10) حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قبرِ انور خاص منهنجي گهر ۾ ٿهي.[1] (زرقاني جلد 3 ص 323)

عبادت ۾ بہ پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جو مرتبو تمام بلند آهي. سندن پائٽي حضرت امام قاسم بن محمد بن ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ حضرت عائشہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا روزانو نمازِ تهجد پڙهڻ جون پابند هيون ۽ اڪثر روزيدار بہ رهنديون هيون.

سخاوت، صدقي ۽ خيرات جي معاملي ۾ بہ تمام امهات المؤمنين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُنَّ ۾ خاص طور تي گهڻو ممتاز هيون. اُمّ دُرّه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا چون ٿيون تہ مان حضرتِ عائشہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا وٽ هيس ان

[1] الطبقات الكبري لابن سعد، باب ذكر ازواج رسول الله، ج 8، ص 50 — 51

وقت هڪ لک درهم ڪٿان ڪان انهن وٽ آيا پاڻ ان ئي وقت انهن سيني درهمن کي ماڻهن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو ۽ هڪ درهم بہ گهر ۾ نہ رکيو. ان ڏينهن هو روزي سان هيون مون عرض ڪيو تہ توهان سڀ درهم ورهائي ڇڏيا ۽ هڪ درهم بہ باقي نہ رکيو تہ جيئن گوشت خريد ڪري روزو افطار ڪيو ها تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا فرمايو تہ جيڪڏهن تون مونکي پهريان چوين هان تہ مان هڪ درهم جو گوشت گهرائي وٺان ها.

حضرت عروه بن زبير رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا جيڪي سندن ڀاڻيجا هيا انهن جو بيان آهي تہ فقہ ۽ حديث ڪان علاوه مون حضرتِ عائشہ (رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا) ڪان وڌيڪ ڪنهن کي بہ اشعارِ عرب جو ڄاڻو ناهي ڏٺو هوءَ گفتگو دوران وقت بہ وقت ڪو نہ ڪو شعر پڙهنديون هيون جيڪو موقعي جي مناسبت سان هوندو هو.

علمِ طب ۽ مريضن جي علاج معالجي ۾ بہ انهن کي گهڻي مهارت هئي. حضرت عروه بن زبير رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا چون ٿا تہ مون هڪ ڏينهن حيران ٿي حضرت بيبي عائشہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا کي عرض ڪيو تہ اي امان جان! مونکي توهان جي علمِ حديث ۽ فقہ تي ڪو تعجب ناهي ڇو جو توهان رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي صحبت ۽ زوجيت جو شرف پاتو آهي ۽ توهان رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جون سڀ کان وڌيڪ محبوب ترين مقدس گهر واريون آهيو اهڙي طرح مونکي ان تي بہ ڪو تعجب ۽ حيراني ناهي تہ توهان کي ايتري قدر گهڻا عربي شعر ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح ياد ٿيا؟ ان لاءِ جو مان ڄاڻان ٿو تہ توهان حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جون نورِ نظر آهيو ۽ اُهي عربي شعرن جا تمام

وڏا حافظ ۽ ماهر هئا، پر مان هن ڳالهه تي گهڻو حيران آهيان تہ آخر هيءَ طبي معلومات ۽ علاج معالجي جي مهارت اوهان کي ڪٿان ۽ ڪيئن ملي؟ اِهو ٻڌي حضرت عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا فرمايو تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي آخري عمر شريف ۾ اڪثر بيمار ٿي پوندا هئا ۽ عرب ۽ عجم جا طبيب، رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن لاءِ دوائون تجويز ڪندا هئا ۽ مان انهن دوائن سان حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو علاج ڪندي رهندي هئس ان ڪري مونکي طبي معلومات بہ حاصل ٿي وئي.

پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي شاگردن ۾ اصحابن ۽ تابعين جي هڪ تمام وڏي جماعت شامل آهي ۽ سندن جي فضيلت ۽ تعريف ۾ ڪيتريون ئي حديثون بہ وارد ٿيون آهن.

17 رمضان اڳاري جي رات سن 57 يا 58 هہ ۾ مديني منوره ۾ سندن وصال ٿيو. حضرت ابو هريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ انهن جي جنازي نماز پڙهائي ۽ سندن وصيت مطابق رات ۾ ماڻهن کين جنت البقيع جي قبرستان ۾ ٻين ازواج مطهرات رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ جي قبرن جي ڀرسان دفن ڪيو.[1]

(اڪمال و حاشيہ اڪمال ص 612 و زرقاني جلد 3 ص 234 کان 235)

## حضرت حفصہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا

اُمُّ المؤمنين حضرت حفصہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو والد امير المؤمنين حضرت عمر بن خطاب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ۽ سندن والده ماجده زينب بنت مظعون رَضِیَ اللهُ عَنْهَا آهن جيڪي هڪ مشهور صحابيہ آهن. حضرت

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب عائشة ام المومنين، ج 4، ص 389 — 392 والاكمال في اسماءِ الرجال، حرف العين، عائشة الصديقة، ص 612

حفصہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي پهرين شادي حضرت خنيس بن حذافہ سهمي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ سان ٿي ۽ انهن پنهنجي مڙس سان گڏ مدينہ طيبہ هجرت بہ ڪئي پر انهن جو مڙس جنگِ بدر يا جنگ احد ۾ زخمي ٿي وفات ڪري ويو ۽ هي بيوه ٿي ويون پوءِ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سن 3 هہ ۾ انهن سان نڪاح فرمايو ۽ هي اُمُّ المؤمنين جي حيثيت سان ڪاشانۂ نبوي جي سڪونت سان مشرف ٿيون.

هي نهايت شاندار، وڏي همت واريون ۽ سخي عورت هيون. حق چوڻ، حاضر جوابي ۽ فهم ۽ فراست ۾ پنهنجي والد بزرگ وار جهڙو مزاج رکنديون هيون. اڪثر روزي دار رهنديون هيون ۽ تلاوت قرآن مجيد ۽ ٻين طرح طرح جي عبادتن ۾ مصروف رهنديون هيون. هنن جي مزاج ۾ ڪجهہ سختي هئي ان لاءِ حضرت امير المؤمنين عمر بن الخطاب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هر وقت انهيءَ فڪر ۾ رهندا هئا تہ ڪٿي انهن جي ڪنهن سخت ڪلامي سان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دل آزاري نہ ٿي پوي، تنهنڪري پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بار بار انهن کي فرمائيندا هئا تہ اي حفصہ! توکي ڪنهن شيءِ جي ضرورت هجي تہ مون کان گهُرندي ڪر خبردار ڪڏهن بہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ڪنهن شيءِ جي طلب نہ ڪجانءِ نہ ئي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هرگز هرگز ڪڏهن دل آزاري ڪجانءِ نہ تہ ياد رک جيڪڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توکان ناراض ٿي ويا تہ تون الله پاڪ جي غضب ۾ گرفتار ٿي ويندينءَ.

هي تمام وڏيون عبادت گذار هجڻ سان گڏوگڏ فقہ ۽ حديث ۾ بہ پنهنجو مٿ پاڻ هيون. انهن رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان

ست (60) حديثون روايت ڪيون آهن جن مان پنج (5) حديثون بخاري شريف ۾ مذڪور آهن باقي ٻين ڪتابن ۾ لکيل آهن.

علم حديث ۾ ڪيترائي صحابہ ۽ تابعين انهن جي شاگردن جي فهرست ۾ نظر اچن ٿا جن ۾ خود انهن جا ڀاءُ عبد الله بن عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ڏاڍا مشهور آهن. شعبان سن 45 هـ ۾ مديني منوره ۾ سندن وفات ٿي ان وقت حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي حڪومت جو دور هو ۽ مروان بن حڪم مديني جو حاڪم هو. ان ئي هنن جي جنازي نماز پڙهائي ۽ ڪجهہ فاصلي تائين سندن جنازي کي بہ ڪنيو پوءِ حضرت ابو هريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ قبر تائين جنازي کي ڪلهو ڏئي هلندا رهيا. انهن جي ٻن ڀائرن حضرت عبد الله بن عمر ۽ حضرت عاصم بن عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا ۽ سندن ٽن ڀائٽين حضرت سالم بن عبد الله، حضرت عبد الله بن عبدالله ۽ حضرت حمزه بن عبد الله رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کين قبر ۾ لاٿو ۽ هي جنت البقيع ۾ ٻين ازواج مطهرات رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ جي پاسي ۾ دفن ٿيون. وفات وقت سندن عمر ست (60) يا ٽيهڻ (63) سال هئي.[1]

(زرقاني جلد 3 ص 236 کان 238)

## حضرت اُمِّ سلمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا

هنن جو نالو هند ۽ ڪنيت "اُمِّ سلمہ" آهي پر هي پنهنجي ڪنيت سان ئي گهڻيون مشهور آهن سندن والد جو نالو "حذيفہ" ۽ ڪن مورخن جي مطابق "سهل" آهي پر انهيءَ تي سيني تاريخدانن جو اتفاق آهي تہ انهن جي والده "عاتڪہ بنت عامر" آهن. هنن جو نڪاح پهريان حضرت ابو سلمہ عبد الله بن عبد

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب حفصة ام المومنين، ج 4، ص 393، 396

الاسد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ سان ٿيو. جيڪي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا رضاعي ڀاءُ هئا. هي ٻئي زال مڙس اعلان نبوت کان پوءِ جلد ئي اسلام جي دائري ۾ اچي ويا هئا ۽ سيني کان پهريان هنن ٻنهي حبشہ جي طرف هجرت ڪئي. بعد ۾ هي ٻئي حبشہ کان مڪي شريف اچي ويا ۽ مديني منوره جي طرف هجرت جو ارادو ڪيو. جڏهن تہ حضرت ابو سلمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ اٺ تي ڪجاوو ٻڌو ۽ حضرت بيبي اُمِ سلمہ ۽ پنهنجي پٽ سلمہ کي ڪجاوي ۾ سوار ڪيو پر جڏهن اٺ جي مهار پڪڙي حضرت ابو سلمہ روانا ٿيا تہ حضرت اُمّ سلمہ جا مائٽ بنو مغيره وارا ڊوڙندا آيا ۽ انهن ماڻهن چيو تہ اسان پنهنجي خاندان جي هن ڇوڪريءَ کي هرگز مديني وڃڻ نہ ڏينداسين ۽ زبردستي انهن کي اٺ تان لاهي ڇڏيائون. اهو ڏسي حضرت ابو سلمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي خاندان وارن ماڻهن کي بہ چڙ لڳي ۽ انهن غضبناڪ ٿي چيو تہ توهان ام سلمہ کي صرف ان جي ڪري روڪيو ٿا جو هي توهان جي خاندان جي ڇوڪري آهي تہ اسان هن ٻار ”سلمہ“ کي هرگز هرگز توهان وٽ رهڻ نہ ڏينداسين ڇاڪاڻ تہ هي ٻار اسان جي خاندان جو هڪ فرد آهي. اِهو چئي انهن ماڻهن ٻار کي ان جي ماءُ جي هنج مان کسي ورتو پر حضرت ابو سلمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هجرت جو ارادو ترڪ نہ ڪيو بلڪ گهر واريءَ ۽ ٻار کي ڇڏي اڪيلا مديني منوره هليا ويا. حضرت بيبي ام سلمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا پنهنجي مڙس ۽ ٻار جي جدائي ۾ صبح کان شام تائين مڪي جي پٿريلي زمين تي ڪنهن ٽڪري تي ويهي تقريبًا ستن ڏينهن تائين زارو قطار روئندي رهي انهن جو اِهو حال ڏسي سندن هڪ سؤٿ کي انهن تي رحم آيو ۽ ان بنو مغيره کي سمجهائي اِهو چيو تہ آخر هن

مسڪينِ ڪي توهان ان جي مڙس ۽ ٻار ڪان ڇو جدا ڪيو آهي؟ توهان هن ڪي ڇو نہ ٿا اجازت ڏيو تہ پنهنجي ٻار ڪي ڪٽي پنهنجي مڙس ڏانهن هلي وڃي. آخرڪار بنو مغيره انهيءَ تي راضي ٿي ويا تہ اِها مديني هلي وڃي. پوءِ حضرت ابو سلمہ جي خاندان ۽ بنو عبد الاسد بہ ٻار ڪي حضرت ام سلمہ جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ حضرت ام سلمہ ٻار ڪي ڪچ ۾ ڪٽي اٺ تي سوار ٿي اڪيليون مديني روانو ٿي ويون پر جڏهن مقام "تنعيم" ۾ پهتيون تہ عثمان بن طلحہ سان ملاقات ٿي جيڪو مڪي جو مجيل هڪ نهايت ئي شريف انسان هو. ان پڇيو تہ اي اُم سلمہ! ڪيڏانهن جو ارادو آهي؟ انهن جواب ڏنو تہ مان پنهنجي مڙس وٽ مديني وڃي رهي آهيان ان چيو تہ ڇا توسان گڏ ڪو ٻيو نہ آهي؟ حضرت ام سلمہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا درد ڀريل آواز ۾ جواب ڏنو تہ نہ مون سان الله پاڪ ۽ هن ٻار ڪان سواءِ ٻيو ڪو بہ گڏ نہ آهي. اِهو ٻڌي عثمان بن طلحہ جي شرافت واري رڳ ڦڙڪي اٿي ۽ ان چيو خدا جو قسم مونکي اهو زيب نٿو ڏئي تہ تو جهڙي شريف زادي ۽ هڪ شريف انسان جي گهرواريءَ کي ايئن اڪيلو ڇڏي ڏيان. اِهو چئي هن اٺ جي مهار پنهنجي هٿ ۾ جهلي ۽ پاڻ پنڌ هلڻ لڳا. حضرت ام سلمہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا جو بيان آهي تہ خدا جو قسم! مون عثمان بن طلحہ کان وڌيڪ شريف ڪنهن عرب کي نہ ڏٺو. جڏهن اسان ڪنهن منزل تي لهندا هئاسين تہ هو الڳ ڪنهن وڻ هيٺان ليٽي پوندو هو ۽ مان پنهنجي اٺ وٽ سمهندي هئس. پوءِ روانگي وقت جڏهن مان پنهنجي ٻار کي هنج ۾ ڪٽي سوار ٿي ويندي هئس تہ هو اٺ جي مهار پڪڙي هلڻ لڳندا ها. اهڙي طرح هن مونکي قبا تائين پهچايو ۽ اتان اِهو چئي مڪي هليو

ويا تہ هاڻي تون هلي وڃ تنهنجو مڙس هن ئي ڳوٺ ۾ آهي. حضرت ام سلمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا اهڙي طرح خيريت سان مديني منوره پهچي ويون.[1] (زرقاني جلد 3 ص 239)

هي ٻئي زال مڙس عافيت سان مديني منوره ۾ رهڻ لڳا پر 4 هجري ۾ جڏهن سندن مڙس ابو سلمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو انتقال ٿي ويو تہ باوجود ان جي جو کين ڪجهہ ٻار بہ هئا پوءِ بہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن سان نڪاح فرمايو ۽ هي پنهنجي ٻارن سميت نبوت جي گهراڻي ۾ رهڻ لڳيون ۽ اُمّ المومنين جي معزز لقب سان سرفراز ٿيون.

حضرت بيبي ام سلمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا حسن ۽ جمال سان گڏوگڏ عقل ۽ فهم جي ڪمال جو بہ هڪ بيمثال نمونو هيون. امام الحرمين جو بيان آهي تہ مان حضرت ام سلمہ کان سواءِ ڪنهن ٻي عورت کي نہ ٿو سڃاڻان جنهن جي راءِ هميشہ درست ثابت ٿي هجي. صلح حديبيہ جي ڏينهن جڏهن رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن کي حڪم ڏنو تہ پنهنجي پنهنجي قرباني ڪري سيئي احرام کولي ڇڏيو ۽ بغير عمرو ادا ڪرڻ جي سڀ مديني واپس هليا وڃو ڇو جو انهيءَ شرط تي صلح حديبيہ ٿي آهي. سيئي ماڻهو ڏاڍي رنج و غم ۾ هئا ۽ هڪ بہ شخص قربانيءَ لاءِ تيار نہ هو. حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي اهڙي طرز عمل سان روحاني تڪليف ٿي ۽ پاڻ معاملي جو حضرت بيبي ام سلمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا سان تذڪرو ڪيو تہ انهن اِها راءِ

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب في ذكر ازواجه ... الخ، ج 4، ص 360 و باب ام سلمة ام المومنين، ج 4، ص 396، 398

ڏني تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان ڪنهن کي ڪجهہ نہ فرمايو ۽ پاڻ پنهنجي قرباني ڪري پنهنجو احرام لاهي ڇڏيو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ائين ئي ڪيو. اِهو ڏسي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجو احرام کولي ڇڏيو آهي سڀ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم مايوس ٿي ويا تہ هاڻي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صلح حديبيہ جي معاهدي کي هرگز هرگز نہ بدلائيندا تنهنڪري سيني اصحابن پنهنجون پنهنجون قربانيون ڪري احرام لاهي ڇڏيا ۽ مديني منوره واپس هليا ويا.

حسن و جمال ۽ عقل ۽ راءِ سان گڏوگڏ فقہ ۽ حديث ۾ بہ انهن جي مهارت خصوصي طور ممتاز هئي. ٽي سو انهتر (378) حديثون انهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان روايت ڪيون آهن ۽ ڪيترائي صحابہ ۽ تابعين حديث ۾ انهن جا شاگرد آهن. انهن جي شاگردن ۾ حضرت عبد الله بن عباس ۽ حضرت عائشہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُم بہ شامل آهن. مديني منوره ۾ چوراسي (84) سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائون سندن وفات جو سال 53 هہ آهي. حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ انهن جي نماز جنازه پڙهائي ۽ هي جنت البقيع ۾ ازواج مطهرات رَضِيَ اللهُ عَنْهُنَّ جي قبرستان ۾ مدفون ٿيون. ڪجهہ مؤرخن جو قول آهي تہ انهن جو وصال 59 هہ ۾ ٿيو ۽ ابراهيم حربي فرمايو تہ 62 هہ ۾ انهن جو انتقال ٿيو ۽ ڪجهہ چون ٿا تہ 63 هہ ڪانپوءِ انهن جي وفات ٿي.[1] وَاللهُ تَعَالٰى اَعْلَم

(زرقاني جلد 3 ص 238 کان 242 و اکمال و حاشيہ اکمال ص 599)

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب ام سلمة ام المومنين، ج 4، ص 396 — 403 و باب امر الحديبية، ج 3، ص 226 و مدارج النبوت، قسم پنجم، باب دوم، ج 2، ص 486

## حضرت اُم حبيبہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا

انهن جو اصلي نالو ”رملہ“ آهي. هي سردارِ مڪہ ابو سفيان بن حرب جون صاحبزاديون آهن انهن جي والده جو نالو صفيہ بنت ابو العاص آهي جيڪا امير المومنين حضرت عثمان رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي پڦي آهي.

هي پهريان عبيد الله بن جحش جي نڪاح ۾ هيون ۽ زال مڙس ٻنهي اسلام قبول ڪيو ۽ ٻئي هجرت ڪري حبشہ هليا ويا پر حبشہ پهچي سندن مڙس عبيد الله بن جحش تي اهڙي بدنصيبي سوار ٿي جو هو اسلام کان مرتد ٿي نصراني ٿي ويو ۽ شراب پيئندي پيئندي نصرانيت تي ئي مري ويو.

ابنِ سعد حضرت اُمِّ حبيبہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کان هيءَ روايت ڪئي آهي تہ انهن حبشہ ۾ هڪ خواب ڏٺو تہ انهن جي مڙس عبيد الله بن جحش جي صورت اوچتو ڏاڍي بدنما ۽ بدشڪل ٿي وئي هو ان خواب کان گهڻو گهبرائجي ويون. صبح ٿي تہ انهن اوچتو ڏٺو تہ سندن مڙس عبيد الله بن جحش اسلام کان مرتد ٿي نصراني دين قبول ڪري ڇڏيو، حضرت امِّ حبيبہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا پنهنجي مڙس کي پنهنجو خواب ٻڌائي ڏيڃاريو ۽ اسلام جي طرف سڏيو پر ان بد نصيب ان تي غور نہ ڪيو ۽ مرتد هئڻ جي ئي حالت ۾ مري ويو پر حضرت ام حبيبہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا پنهنجي اسلام تي استقامت سان ثابت قدم رهيون. جڏهن حضورصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي انهن جي خبر پئي تہ نازڪ دل کي گهڻو صدمو پهتو ۽ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جي دلجوئي لاءِ حضرت عمرو بن اميہ ضمري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي نجاشي بادشاهِ حبشہ وٽ موڪليو ۽ خط

لڪيو تہ توهان منهنجا وڪيل بڻجي حضرت ام حبيبہ سان منهنجو نڪاح ڪري ڇڏيو. نجاشي کي جڏهن هي فرمانِ نبوت پهتو تہ ان پنهنجي هڪ خاص ٻانهي جنهن جو نالو ”ابرهہ“ هو کي حضرت ام حبيبہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا وٽ موڪليو ۽ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پيغام جي خبر ڏني. حضرت ام حبيبہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا ان خوشخبريءَ کي ٻڌي ايتريقدر خوش ٿيون جو پنهنجا ڪجهہ زيور ان خوشي ۾ انعام طور ابرهہ لونڊيءَ کي ڏئي ڇڏيا ۽ حضرت خالد بن سعيد بن ابي العاص رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کي جيڪو سندن ماروٽ هو پنهنجي نڪاح جو وڪيل بڻائي نجاشيءَ وٽ موڪليو. نجاشيءَ پنهنجي شاهي محل ۾ نڪاح جي مجلس منعقد ڪئي ۽ حضرت جعفر بن ابي طالب ۽ ٻين صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم کي جيڪي ان وقت حبشہ ۾ موجود هئا ان مجلس ۾ گهرايو ۽ پاڻ ئي خطبو پڙهي سيني جي سامهون رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو حضرت ام حبيبہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا سان نڪاح ڪري ڇڏيو ۽ چار سو دينار پنهنجي طرفان مهر ادا ڪيو جيڪو ان ئي وقت حضرت خالد بن سعيد رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي حوالي ڪيو ويو. جڏهن صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم ان مجلس مان اٿڻ لڳا تہ نجاشي بادشاه چيو تہ توهان وينا ئي رهو انبياء عَلَيْهِمُ السَّلَام جو هي طريقو آهي تہ نڪاح جي وقت ڪاڏو ڪارايو ويندو آهي. اهو چئي نجاشيءَ ڪاڏو گهرايو ۽ تمام صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم پيٽ ڀري ڪاڏو ڪائي پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن روانا ٿيا پوءِ نجاشيءَ حضرت شرحبيل بن حسنہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ سان گڏ حضرت ام حبيبہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا کي مدينہ منوره ڏانهن حضورِ اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ موڪلي ڇڏيو ۽ حضرت ام حبيبہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا جن حرمِ نبوي ۾ داخل ٿي ام المؤمنين جو معزز لقب ماڻيو.

حضرت ام حبيبہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا ڏاڍي پاڪيزه ذات، سهڻين صفتن جي جامع، نهايت ئي بلند همت ۽ سخي طبيعت جون مالڪ هيون ۽ تمام پختي ايمان واريون هيون. سندن والد ابو سفيان جڏهن ڪفر جي حالت ۾ هئا ۽ صلح حديبيہ جي تجديد جي لاءِ مديني آيا تہ بي تڪلف انهن جي گهر ۾ وڃي بسترِ نبوت تي ويهي رهيا. حضرت ام حبيبہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جن پنهنجي پيءُ جي ٿوري بہ پرواهہ نہ ڪئي ۽ اهو چئي پنهنجي پيءُ کي بستري تان اٿاري ڇڏيائون تہ هي بسترِ نبوت آهي مان ڪڏهن بہ اهو برداشت نٿي ڪري سگهان تہ هڪ ناپاڪ مشرڪ هن پاڪ بستري تي ويهي.

حضرت ام حبيبہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا پنجهٺ (65) حديثون رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان روايت ڪيون آهن جن مان بہ حديثون بخاري ۽ مسلم ٻنهي ڪتابن ۾ موجود آهن ۽ هڪ حديث اها آهي جنهن کي صرف مسلم روايت ڪيو آهي. باقي حديثون حديث جي ٻين ڪتابن ۾ موجود آهن. انهن جي شاگردن ۾ سندن ڀاءُ امير معاويہ ۽ انهن جي صاحبزادي حضرت حبيبہ ۽ انهن جو ڀاٽيجو ابو سفيان بن سعيد رَضِیَ اللهُ عَنْهُم ڏاڍا مشهور آهن. سن 44 هہ ۾ مديني منوره ۾ انهن جي وفات ٿي ۽ جنت البقيع ۾ ازواج مطهرات رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ جي احاطي ۾ مدفون ٿيون.[1] (زرقاني جلد 3 ص 242 کان 245 و مدارج النبوت ج 2 ص 481 کان 482)

## حضرت زينب بنت جحش رَضِیَ اللهُ عَنْهَا

هي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پڦي حضرت اميمہ بنت عبد المطلب جون صاحبزاديون آهن. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب ام حبيبة ام المومنين، ج 4، ص 403، 408 و مدارج النبوت، قسم پنجم، باب دوم، ج 2، ص 481، 482

پنهنجي آزاد ڪيل غلام حضرت زيد بن حارثہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ سان انهن جو نڪاح ڪرائي ڇڏيو هو پر جيئن تہ حضرت زينب رَضِیَ اللهُ عَنْهَا قريش جون هڪ بيمثال خاتون هيون ۽ حسن ۽ جمال ۾ بہ هي خاندان قريش جون بيمثال عورت هيون ۽ حضرت زيد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي جيتوڻيڪ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آزاد ڪري پنهنجو متبنّٰي (يعني وات چيل پٽ) سڏيو هو پر جڏهن تہ هو پهريان غلام هئا تنهنڪري حضرت زينب رَضِیَ اللهُ عَنْهَا انهن کان خوش نہ هيون ۽ اڪثر زال مڙس ۾ ناچاقي رهندي هئي ايتري تائين جو حضرت زيد بن حارثہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ انهن کي طلاق ڏئي ڇڏي.

ان واقعي کان فطري طور تي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قلب نازڪ کي صدمو پهتو. تنهنڪري جڏهن انهن جي عدت پوري ٿي وئي تہ صرف حضرت زينب رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي دلجوئي جي لاءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت زينب رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کي پنهنجي نڪاح جو پيغام موڪليو. روايت آهي تہ اِهو پيغام ٻڌي حضرت زينب رَضِیَ اللهُ عَنْهَا بہ رڪعتون نماز ادا ڪيون ۽ سجدي ۾ مٿو رکي هيءَ دعا گهري تہ اي خدا! تنهنجي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مونکي نڪاح جو پيغام موڪليو آهي جيڪڏهن مان تنهنجي ويجهو انهن جي زوجيت ۾ داخل ٿيڻ لائق عورت آهيان تہ يا الله! پاڪ تون انهن سان منهنجو نڪاح فرمائي ڇڏ سندن اِها دعا فوراً ئي قبول ٿي ۽ هيءَ آيت نازل ٿي تہ :

فَلَمَّا قَضٰى زَيْدٌ مِّنْهَا وَطَرًا زَوَّجْنٰكَهَا [1] (احزاب)

ترجمو ڪنز الايمان: جڏهن زيد هن مان پنهنجي ضرورت پوري ڪري ورتي (زينب کي طلاق ڏئي ڇڏي ۽

[1] پ 22، سورة الاحزاب، آيت: 37

عدّت گذري وئي) تہ اسان هن (زينب)
جو اوهان سان نڪاح ڪري ڇڏيو.

هن آيت جي نازل ٿيڻ ڪانپوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسڪرائيندي فرمايو تہ ڪير آهي جيڪو زينب وٽ وڃي ۽ ان کي هي خوشخبري ٻڌائي تہ الله تعاليٰ منهنجو نڪاح ان سان فرمائي ڇڏيو آهي. اهو ٻڌي رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هڪ خادم ڊڪندي حضرت زينب رَضِيَ اللهُ عَنْهَا وٽ پهتي ۽ هيءَ آيت ٻڌائي خوشخبري ڏني. حضرت زينب رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ان بشارت سان ايتريقدر خوش ٿيون جو پنهنجا زيور لاهي ان خادم کي انعام ۾ ڏئي ڇڏيا ۽ پاڻ سجدي ۾ ڪري پيون ۽ ٻن مهينن تائين لڳاتار روزيدار رهيون.

روايت آهي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان ڪانپوءِ اوچتو حضرت زينب رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي گهر تشريف وٺي ويا انهن عرض ڪيو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بغير خطبي ۽ بغير شاهدن جي توهان مون سان نڪاح فرمائي ڇڏيو؟ ارشاد فرمايائون تہ توسان منهنجو نڪاح الله تعاليٰ ڪري ڇڏيو آهي ۽ حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام ۽ ٻيا فرشتا هن نڪاح جا شاهد آهن. حضور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَام هنن جي نڪاح تي جيتري وڏي وليمي جي دعوت فرمائي ايتري وڏي وليمي جي دعوت ٻين ازواج مطهرات رَضِيَ اللهُ عَنْهُنَّ مان ڪنهن جي بہ نڪاح جي موقعي تي نہ فرمائي. حضُور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت زينب رَضِيَ اللهُ عَنْهَا سان نڪاح جي وليمي جي دعوت ۾ سيني صحابہ ڪرام کي نانَ ۽ گوشت کارايو.

سندن فضائل ۽ مناقب ۾ ڪجهہ حديثون بہ مروي آهن. جيئن

تہ روايت آهي تہ هڪ ڏينهن رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ منهنجي وفات ڪانپوءِ توهان ازواج مطهرات مان منهنجي اُها زال سيني ڪان پهريان وفات ڪري مون سان اچي ملندي جنهن جو هٿ سيني ڪان وڏيڪ ڊگهو آهي. اهو ٻڌي سيني ازواج مطهرات رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُنَّ هڪ ڪانيءَ سان پنهنجو هٿ ڪڇيو تہ حضرت سوده رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا جو هٿ سيني ڪان وڏيڪ ڊگهو نڪتو پر جڏهن حضور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَام ڪانپوءِ ازواج مطهرات رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُنَّ مان سڀ ڪان پهريان حضرت زينب رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا وفات ڪئي تہ ان وقت ماڻهن ڄاتو تہ هٿ ڊگهي هئڻ مان مراد ڪثرت سان صدقو ڪرڻ هو. ڇو تہ حضرت زينب رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا پنهنجي هٿ سان ڪجهہ هنر جو ڪم ڪنديون هيون ۽ ان جي آمدني فقيرن ۽ مسڪينن ۾ صدقو ڪري ڇڏينديون هيون.

انهن جي وفات جي خبر جڏهن حضرت عائشہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا وٽ پهتي تہ انهن چيو تہ هاءِ هڪ قابل تعريف عورت جيڪا سيني ڪي فائدو ڏيندڙ هئي ۽ يتيمن ۽ پوڙهين عورتن جي دل خوش ڪرڻ واري هئي اڄ دنيا مان هلي وئي. حضرت عائشہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا جو بيان آهي تہ مون ڀلائيءَ ۽ سچائيءَ ۾ ۽ رشتيدارن سان مهرباني جي معاملي ۾ حضرت زينب ڪان وڏيڪ ڪنهن ٻي عورت کي نہ ڏٺو.

منقول آهي تہ حضرت زينب رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا ازواج مطهرات رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُنَّ کي اڪثر اِهو چوندي هئي تہ مونکي الله تعاليٰ هڪ اهڙي فضيلت عطا فرمائي آهي جيڪا ازواج مطهرات مان ڪنهن کي بہ نصيب نہ ٿي ڇو تہ سيني ازواج مطهرات جو نڪاح انهن جي

پيئرن ۽ وڏن حضور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَام سان ڪرايو پر حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان منهنجو نڪاح الله تعاليٰ ڪري ڇڏيو.

هن يارهن حديثون حضور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کان روايت ڪيون آهن جن مان ٻه حديثون بخاري ۽ مسلم ٻنهي ڪتابن ۾ مذڪور آهن باقي نَوَ حديثون ٻين ڪتابن ۾ لکيل آهن.

منقول آهي تہ جڏهن حضرت زينب رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي وفات جو حال امير المؤمنين حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي معلوم ٿيو تہ پاڻ حڪم ڏنائون تہ مديني جي هر گهٽي ۽ بازار ۾ اِهو اعلان ڪيو وڃي تہ سيئي مديني وارا پنهنجي مقدس ماءُ جي نمازِ جنازه ۾ حاضر ٿين. امير المؤمنين پاڻ انهن جي نماز جنازه پڙهائي ۽ اهي جنت البقيع ۾ دفن ڪيون ويون. سن 20 يا 21 هہ ۾ 53 ورهين جي عمر ۾ مديني منوره ۾ هن دنيا کان رخصت ٿيون.[1]

(مدارج النبوة جلد 2 ص 476 کان 478 وغيره)

## حضرت زينب بنت خزيم رَضِيَ اللهُ عَنْهَا

جاهليت واري زماني ۾ غريبن ۽ مسڪينن کي جيئن تہ ڪثرت سان ڪاڏو ڪارائينديون هيون ان لاءِ سندن لقب "ام المساڪين" (مسڪينن جي ماءُ) آهي. پهريان هنن جو نڪاح حضرت عبد الله بن جحش رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سان ٿيو هو. پر جڏهن هو جنگ احد ۾ شهيد ٿي ويا تہ سن 3 هہ ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن سان نڪاح فرمايو ۽ هي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نڪاح ڪانپوءِ صرف ٻہ مهينا يا ٽي مهينا زندهہ رهيون ۽ ربيع الاخر سن 4 هہ ۾

[1] تمدارج النبوت، قسم سوم، باب دوم، ج 2، ص 476، 479

ٿيهن سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويون ۽ جنّت البقيع جي قبرستان ۾ ٻين ازواج مطهرات رَضِيَ اللهُ عَنْهُنَّ سان گڏ دفن ٿيون. هي ماءُ جي طرفان حضرت ام المؤمنين بيبي ميمونه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي پيٽ آهن.[1] (زرقاني جلد 3 ص 249)

## حضرت ميمونه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا

هنن جي والد جو نالو حارث بن حزن آهي ۽ هنن جي والده هند بنتِ عوف آهن. حضرت ميمونه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو نالو اڳ ۾ "بِرّه" هو پر حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سندن نالو بدلائي "ميمونه" (برڪت ڏيندڙ) رکيو.

هي پهريان ابو رهم بن عبد العزي جي نڪاح ۾ هيون پر جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سن 7 هه ۾ عمرة القضاء لاءِ مڪي مڪرمه تشريف وني ويا تہ هي بيواهہ ٿي چڪيون هيون حضرت عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هنن جي باري ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هنن سان نڪاح فرمايو ۽ عمرة القضاء کان واپسي تي مقامِ "سرف" ۾ کين پنهنجي صحبت سان سرفراز فرمايو.

حضرت ميمونه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جون چار سڳيون ڀيرون آهن جن جا نالا هي آهن.

(1) ام الفضل لبابة الکبريٰ: هي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چاچي حضرت عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جون گهرواريون آهن ۽ حضرت عبد الله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ انهن جي ئي پيٽ مان پيدا ٿيا.

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني باب زينب ام المساكين والمومنين ج 4 ص 416، 417

(2) لبابة الصّغري: هي حضرت خالد بن وليد سيف الله رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جون والده آهن.

(3) عصماء: هي ابي بن خلف سان پرڻايون ويون هيون. هنن اسلام قبول ڪيو ۽ صحابيات ۾ شامل آهن.

(4) عِزّه: هي به صحابيه آهن جيڪي زياد بن مالڪ جي گهر ۾ هيون.

حضرت ميمونه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي انهن سڳين پينرن کان علاوه جيڪي پينرون صرف ماءُ جي طرف کان آهن اهي به چار آهن جن جا نالا هي آهن:

(1) اسماء بنت عميس: هي پهريان حضرت جعفر بن ابي طالب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي گهر ۾ هيون. انهن مان عبد الله، عون ۽ محمد رَضِیَ اللهُ عَنْهُم تي فرزند پيدا ٿيا پوءِ جڏهن حضرت جعفر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ "جنگ موته" ۾ شهيد ٿي ويا ته انهن سان حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ نڪاح فرمايو ۽ انهن مان محمد بن ابوبڪر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پيدا ٿيا پوءِ حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي وفات کانپوءِ حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ انهن سان نڪاح فرمايو ۽ انهن مان به هڪ فرزند پيدا ٿيو جنهن جو نالو "يحييٰ" هو.

(2) سلميٰ بنت عميس: هي پهريان حضرت حمزه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي نڪاح ۾ آيون ۽ انهن مان هڪ صاحبزادي پيدا ٿي جنهن جو نالو "امة الله" هو حضرت حمزه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي شهادت کانپوءِ هنن سان شداد بن الهاد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ نڪاح ڪيو ۽ انهن مان عبد الله ۽ عبد الرحمٰن رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا به فرزند پيدا ٿيا.

(3) سلامہ بنت عميس: هنن جو نڪاح عبد الله بن ڪعب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ سان ٿيو هو.

(4) ام المؤمنين حضرت زينب بنت خريمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جيڪي ام المساڪين جي لقب سان مشهور آهن جن جو ذڪرِ خير مٿي ٿي چڪو آهي.

حضرت ميمونہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي والده "هند بنت عوف" جي باري ۾ عام طور تي اِهو چيو ويندو هو تہ نياڻن جي اعتبار ڪان روءِ زمين تي ڪا عورت انهن ڪان وڌيڪ خوشنصيب نہ ٿي ڇو جو انهن جي نياڻن جي فهرست ۾ هيٺ ڏنل هستيون آهن.

(1) رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (2) حضرت ابو بڪر (3) حضرت علي (4) حضرت حمزه (5) حضرت عباس (6) حضرت شداد بن الهاد رَضِیَ اللهُ عَنْهُم هي سڀ جا سڀ بزرگوار "هند بنت عوف" رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جا نياڻا آهن.[1] (زرقاني جلد 3 ص 251 و مدارج جلد 2 ص 484)

حضرت بيبي ميمونہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا ڪان ٽوٽل ڇاهتر (76) حديثون روايت آهن جن مان ست حديثون اهڙيون آهن جيڪي بخاري ۽ مسلم ٻنهي ڪتابن ۾ ذڪر ٿيل آهن ۽ هڪ حديث صرف بخاري ۾ آهي ۽ هڪ اهڙي حديث آهي جيڪا صرف مسلم ۾ آهي ۽ باقي حديثون حديثن جي ٻين ڪتابن ۾ ذڪر ٿيل آهن.

هي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جون آخري زوجہ مبارڪ آهن هنن ڪان پوءِ حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪنهن ٻي عورت

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب ميمونة ام المومنين، ج 4، ص 418، 419 و مدارج النبوت، قسم پنجم، باب دوم، ج 2، ص 483، 484

سان نڪاح نہ فرمايو سندن انتقال جي سال ۾ مؤرخن جو اختلاف آهي. پر قول مشهور هي آهي تہ انهن 51 ھ ۾ ”سرف“ واري مقام تي وفات ڪئي جتي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن سان زفاف (ميلاپ) فرمايو هو. ابن سعد واقدي کان نقل ڪيو آهي تہ انهن 61 ھ ۾ وفات ڪئي ۽ ابنِ اسحاق جو قول آهي تہ 63 ھ انهن جي انتقال جو سال آهي. وَاللهُ تَعَالٰى اَعْلَم

هنن جي وفات وقت سندن ڀاڻيجو حضرت عبد الله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا موجود هئا ۽ انهن ئي سندن رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي نمازِ جنازه پڙهائي ۽ ڪين قبر ۾ لاٿو، مُحَدِّث عطاء جو بيان آهي تہ اسان حضرت عبد الله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا سان گڏ حضرت بيبي ميمونہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي جنازي ۾ شريڪ هئاسين. جڏهن جنازو کنيو ويو تہ حضرت عبد الله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جن بلند آواز سان فرمايو! هي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جون گهرواريون آهن. توهان هنن جي جنازي کي تمام آهستي آهستي کڻي هلو ۽ سندن لاش کي نہ لوڏيو. حضرت يزيد بن اصم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا اسان حضرت بيبي ميمونہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي مقامِ سرف ۾ ان ئي ڇپر جي جاءِ تي دفن ڪيو جنهن ۾ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي پهريون ڀيرو پنهنجي قربت سان سرفراز فرمايو هو.[1] (زرقاني جلد 3 ص 253)

## حضرت جويريہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا

هي قبيلي بني مصطلق جي سردارِ اعظم حارث بن ابو ضرار جون شهزاديون آهن. ”غزوه مريسع“ ۾ جيڪي ڪافر مسلمانن

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب ميمونة ام المومنين، ج 4، ص 423، 424 و مدارج النبوت، قسم پنجم، باب دوم، ج 2، ص 485

جي هٿان گرفتار ٿي قيدي ٿيا هئا انهن قيدين ۾ حضرت جويريه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا به هيون. جڏهن قيدين کي ٻانهي ۽ غلام ٻڻائي مجاهدن ۾ تقسيم ڪيو ويو ته حضرت جويريه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا حضرت ثابت بن قيس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي حصي ۾ آيون. انهن هن سان مڪاتبت ڪري ورتي يعني اِهو لکي ڏنو ته تون هيتري رقم مونکي ڏي ته مان توکي آزاد ڪري ڇڏيندس. حضرت جويريه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا بارگاهه رسالت ۾ حاضر ٿيون ۽ عرض ڪيو ته يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) مان پنهنجي قبيلي جي سردارِ اعظم حارث بن ابو ضرار جي ڌيءُ آهيان ۽ مسلمان ٿي چڪي آهيان. ثابت بن قيس مون سان لکت ڪري ورتي آهي پر مون وٽ ايتري رقم ناهي جو مان ادا ڪري آزاد ٿي وڃان تنهنڪري توهان هن وقت منهنجي مالي مدد فرمايو ڇو جو منهنجو سڄو خاندان هن جنگ ۾ گرفتار ٿي چڪو آهي ۽ اسان جو سڄو مال ۽ سامان مسلمانن جي هٿ ۾ مالِ غنيمت ٿي چڪو آهي ۽ مان هن وقت بلڪل ئي مفلسي ۽ مجبوري جي حالت ۾ آهيان. حضور رحمة للعالمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هنن جي فرياد ٻڌي انهن تي رحم اچي ويو، رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو ته جيڪڏهن مان ان کان بهتر سلوڪ توسان ڪيان ته ڇا تون ان کي منظور ڪندينءَ؟ انهن پڇيو ته يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) توهان موسان ان کان وڌيڪ بهتر سلوڪ ڪهڙو فرمائيندؤ؟ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو ته مان چاهيان ٿو ته تنهنجو لکيل معاوضو مان پاڻ تنهنجي طرفان ادا ڪيان ۽ پوءِ توکي آزاد ڪري توسان نڪاح ڪريان ته جيئن تنهنجو خانداني اعزاز ۽ وقار برقرار رهجي وڃي. اِهو ٻڌي حضرت جويريه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي خوشي ۽ مسرت جي ڪا انتها نه

رهي. انهن هن اعزاز کي خوشي خوشي منظور ڪري ورتو. اهڙي طرح حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي لکيل معاوضي جي سموري رقم ادا ڪئي ۽ انهن کي آزاد ڪري پنهنجي ازواج مطهرات رَضِيَ اللهُ عَنْهُنَّ ۾ شامل فرمايو ۽ هي ام المؤمنين جي اعزاز سان نوازجي ويون.

جڏهن اسلامي لشڪر کي هيءَ خبر پئي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت جويريہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا سان نڪاح فرمايو آهي تہ سيئي مجاهد هڪ زبان ٿي چوڻ لڳا تہ جنهن خاندان ۾ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نڪاح فرمائي ڇڏيو ان خاندان جو ڪو بہ فرد ٻانهي يا غلام نٿو رهي سگهي. تنهنڪري ان خاندان جا جيڪي بہ لونڊيون يا غلام مجاهدين اسلام جي قبضي ۾ هئا سڀ جا سڀ آزاد ڪيا ويا.

اِهوئي سبب آهي جو حضرت عائشہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائيندیون هيون تہ دنيا ۾ ڪنهن بہ عورت جو نڪاح حضرت جويريہ جي نڪاح کان وڌيڪ مبارڪ ثابت نہ ٿيو ڇو جو ان نڪاح جي سبب سڄي بني مصطلق خاندان کي غلامي مان نجات حاصل ٿي.[1] (زرقاني جلد 3 ص 254)

حضرت جويريہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو بيان آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي منهنجي قبيلي ۾ تشريف کڻي اچڻ کان ٿي راتيون اڳ مون هي خواب ڏٺو تہ مديني جي پاسي ڏانهن هڪ چنڊ هلندو آيو ۽ منهنجي جهولي ۾ ڪري پيو مون ڪنهن سان بہ ان خواب جو ذڪر نہ ڪيو پر جڏهن رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون سان

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب جويرية ام المومنين، ج 4، ص 424، 426

نڪاح فرمايو تہ مون سمجهي ورتو تہ اهائي اُن خواب جي تعبير آهي.[1] (زرقاني جلد 3 ص 254)

هنن جو اصلي نالو ”بِرّه“ (نيڪو ڪار) هو پر جيئن تہ ان نالي مان بزرگي ۽ وڏائي جو اظهار ٿي رهيو هو ان لاءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سندن نالو بدلائي ”جويريہ“ (ننڍي ڇوڪري) رکيو. هي ڏاڍيون عبادت گذار عورت هيون نماز فجر کان نماز چاشت تائين هميشہ پنهنجي ورد ۽ وظائف ۾ مشغول رهنديون هيون.[2]

(مدارج جلد 2 ص 479)

حضرت جويريہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جا ٻہ ڀائر عمرو بن الحارث ۽ عبد الله بن حارث ۽ سندن هڪ ڀيڻ عمره بنت حارث هي ٿئي ٻہ مسلمان ٿي صحابيت جي اعزاز سان سرفراز ٿيا.

هنن جي ڀاءُ عبد الله بن حارث جي اسلام آڻڻ جو واقعو ڏاڍو حيرت ۾ وجهندڙ ۽ دلچسپ آهي، هي پنهنجي قوم جي قيدين کي ڇڏائڻ لاءِ دربارِ رسالت ۾ حاضر ٿيا هنن سان ڪجهہ ڏاچيون ۽ ٻانهي هئي. هنن انهن سيني کي هڪ جبل جي وادي ۾ لڪائي ڇڏيو ۽ اڪيلا بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ۽ جنگي قيدين جي آزادي جي درخواست پيش ڪئي. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ تون قيدين جي فديي لاءِ ڇا ڪٽي آيو آهين؟ انهن چيو تہ مون وٽ تہ ڪجهہ ٻہ ناهي. اِهو ٻڌي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ تنهنجين انهن ڏاچين جو ڇا ٿيو؟ ۽ تنهنجي اُها ٻانهي ڪاڏي وئي؟ جنهن کي تون فلاڻي وادي ۾ لڪائي آيو

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، باب جويرية ام المومنين، ج 4، ص 426

[2] مدارج النبوت، قسم سوم، باب دوم، ج 2، ص 479

آهين. زبانِ رسالت مان هي علم غيب جي خبر ٻڌي عبد الله بن حارث حيران ٿي ويو تہ آخر حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي منهنجي ٻانهيءَ ۽ ڏاچين جي خبر ڪيئن پئجي وئي يڪدم انهن جي اونداهہ دل ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي صداقت ۽ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نبوت جو نور چمڪي اٿيو ۽ هو فوراً ئي ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو.[1] (كتاب الاستيعاب)

حضرت جويريہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ست حديثون بہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان روايت ڪيون آهن جن مان ٻہ حديثون بخاري شريف ۾ ۽ ٻہ مسلم شريف ۾ آهن ۽ باقي ٿي حديثون ٻين ڪتابن ۾ مذڪور آهن ۽ حضرت عبد الله بن عمر، حضرت عبيد بن سباق ۽ انهن جي ڀائيٽي حضرت طفيل رَضِيَ اللهُ عَنْهُم وغيره جن انهن کان روايت ڪيون آهن.[2] (مدارج النبوة، ج 2، ص 481 و زرقاني ج 3، ص 255)

سن 50 هہ ۾ پنجهٽ سالن جي عمر ۾ انهن مدينہ طيبہ ۾ وفات ڪئي ۽ مديني جي حاڪم مروان انهن جي جنازي نماز پڙهائي ۽ هي جنت البقيع جي قبرستان ۾ دفن ٿيون.[3]

(زرقاني ج 3، ص 255 و مدارج النبوة ج 2، ص 481)

## حضرت صفيہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا

هنن جو اصلي نالو زينب هو رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سندن نالو "صفيہ" رکيو. هي يهودين جي قبيلي بنو نضير جي سردار

---

[1] الاستيعاب في معرفة الاصحاب، حرف العين عبد الله بن الحارث الخزاعي، ج 3، ص 20

[2] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب جويرية ام المومنين، ج 4، ص 428 و مدارج النبوت، قسم سوم، باب دوم، ج 2، ص 481

[3] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب جويرية ام المومنين، ج 4، ص 428

اعظم حيي بن اخطب جون ڏيئر آهن ۽ سندن والده جو نالو ضره بنتِ سموئل آهي. هي بني اسرائيل جي خاندان مان حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي ڀاءُ حضرت هارون عَلَيْهِ السَّلَام جي اولاد مان آهن ۽ هنن جو مڙس ڪنانہ بن ابي الحقيق بہ بنو نضير جو رئيس اعظم هو جيڪو جنگ خيبر ۾ قتل ٿي ويو.

محرم سن 7 هہ ۾ جڏهن خيبر کي مسلمانن فتح ڪري ورتو ۽ سيئي جنگي قيدي گرفتار ڪري گڏ ڪيا ويا تہ ان وقت حضرت دحيہ بن خليفہ ڪلبي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ۽ هڪ ٻانهي گهري، رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو تون پنهنجي پسند سان هنن قيدين مان ڪا ٻانهي کڻي وڃ انهن حضرت صفيہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کي چونديو پر هڪ صحابي عرض ڪيو تہ هي بنو قريضہ ۽ بنو نضير جون شهزاديون آهن، هنن جي خانداني اعزاز جي تقاضا آهي تہ توهان کين پنهنجي ازواج مطهرات ۾ شامل فرمايو تنهنڪري رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي حضرت دحيہ ڪلبي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان واپس ورتو ۽ انهن جي بدلي ۾ کين هڪ ٻي لونڊي عطا فرمائي پوءِ حضرت صفيہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کي آزاد فرمائي انهن سان نڪاح فرمايو ۽ جنگ خيبر مان واپسي تي تن ڏينهن تائين منزل صهبا ۾ انهن کي پنهنجي خيمي اندر پنهنجي قربت سان سرفراز فرمايو ۽ وليمي جي دعوت ۾ ڪجور، گيهہ، ۽ پنير جو مليدو صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم کي کارايو جنهن جو تفصيلي ذڪر جنگ خيبر ۾ ٿي چڪو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت بيبي صفيہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا تي خصوصي توجهہ ۽ نهايت ڪريمانہ عنايت فرمائيندا هئا ۽ ايتري قدر انهن جو خيال رکندا هئا جو حضرت بيبي عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا تي غيرت سوار ٿي ويندي هئي.

منقول آهي تہ هڪ دفعو حضرت عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا حضرت بيبي صفيہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي باري ۾ چيو تہ ”هو تہ پستہ قد (يعني ننڍي قد واريون) آهن“ تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ اي عائشہ! تو اهڙي ڳالهہ چئي آهي جو جيڪڏهن تنهنجي ان ڪلام کي درياءَ ۾ وڌو وڃي تہ درياء تبديل ٿي وڃي (يعني اها غيبت آهي جيڪا ڏاڍي خراب ڳالهہ آهي) اهڙي طرح هڪ دفعو هڪ سفر ۾ حضرت صفيہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو اٺ زخمي ٿي پيو ۽ حضرت زينب رَضِیَ اللهُ عَنْهَا وٽ هڪ اٺ وڏيڪ هو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو اي زينب! تون پنهنجو اٺ صفيہ کي ڏئي ڇڏ. حضرت زينب جوش ۾ اچي چيو تہ مان هن يهوديہ کي پنهنجي ڪا بہ شيءِ نہ ڏيندس. اِهو ٻڌي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت زينب رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کان ايتري قدر خفا ٿيا جو ٻہ ٽي مهينا انهن جي بستري تي قدم نہ رکيائون.[1] (مدارج النبوة ج 2، ص 483)

ترمذي شريف جي هڪ روايت آهي تہ هڪ ڏينهن نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏٺو تہ حضرت صفيہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا روئي رهيون آهن. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم روئڻ جو سبب پڇيو تہ انهن وراڻيو يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) حضرت عائشہ ۽ حضرت حفصہ جن اِهو چيو آهي تہ اسان ٻئي دربار رسالت ۾ توکان گهٽو وڏيڪ عزت واريون آهيون ڇو تہ اسان جو خاندان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ملي ٿو. اِهو ٻڌي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ اي صفيہ! تو انهن ٻنهي کي هي ڇو نہ چيو تہ توهان ٻئي مون کان ڪيئن بهتر ٿي سگهو ٿيون. جڏهن تہ حضرت هارون عَلَيْهِ السَّلَام منهنجو

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب صفية ام المومنين، ج 4، ص 428 — 432 و مدارج النبوت، قسم پنجم، باب دوم، ج 2، ص 482، 483

پيءُ آهي ۽ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام منهنجو چاچو آهي ۽ حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجو مڙس آهي.[1] (زرقاني جلد 3 ص 259)

هنن ڏهه حديثون به حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان روايت ڪيون آهن جن مان هڪ حديث بخاري ۽ مسلم ٻنهي ڪتابن ۾ آهي ۽ باقي نَوَ حديثون ٻين ڪتابن ۾ آهن.

هنن جي وفات جي سال ۾ اختلاف آهي واقدي جو قول آهي ته سن 50 هه ۾ انهن جي وفات ٿي. ۽ ابن سعد لکيو آهي ته سن 52 هه ۾ انهن جو انتقال ٿيو. وفات وقت انهن جي عمر ست سال هئي هي به مديني جي مشهور قبرستان جنت البقيع ۾ سپرد خاڪ ڪيون ويون.[2] (زرقاني ج 3، ص 259 و مدارج، ج 2، ص 483)

هي شهنشاهِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جون اهي يارنهن ازواج مطهرات رَضِيَ اللهُ عَنْهُنَّ آهن جن تي سيني مؤرخن جو اتفاق آهي. انهن مان حضرت خديجه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو ته هجرت کان اڳ ئي انتقال ٿي چڪو هو ۽ حضرت زينب بنتِ خزيمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جن جو لقب "اُمّ المساڪين" آهي، اسان اڳ ۾ ئي تحرير ڪري چڪا آهيون ته نڪاح کان ٻه ٽي مهينا پوءِ حضور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَام جي سامهون ئي اهي وفات ڪري ويون. حضور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَام جي رحلت وقت سندن نَوَ ازواجِ مطهرات موجود هيون جن مان اٺن

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، باب صفية ام المومنين، ج 4، ص 435 و سنن الترمذي، كتاب المناقب، باب فضل ازواج النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 3918، ج 5، ص 474

[2] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب صفية ام المومنين، ج 4، ص 436 و مدارج النبوت قسم پنجم، باب دوم، ج 2، ص 483

جو پاڻ وارو مقرر فرمائيندا رهيا چو تہ حضرت سوده رَضِیَ اللهُ عَنْهَا پنهنجي واري جو ڏينهن حضرت عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کي تحفو ڏنو هو. انهن نون ازواج مطهرات رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ مان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي رحلت کان بعد سيني کان پهريان حضرت بيبي زينب بنتِ جحش رَضِیَ اللهُ عَنْهَا وفات ڪئي ۽ سيني کان آخر ۾ سن 62 يا سن 63 هہ ۾ حضرت بيبي ام سلمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا رحلت فرمائي. انهن جي وفات کانپوءِ دنيا امهات المؤمنين کان خالي ٿي وئي.

## مقدس ٻانهيون

مٿي ذڪر ڪيل ازواج مطهرات کان علاوه حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جون چار ٻانهيون بہ هيون جيڪي سندن تصرف ۾ هيون. انهن جا نالا هيٺ ڏنل آهن:

## حضرت ماريہ قبطيہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا

هنن کي مصر ۽ اِسڪندريہ جي بادشاهہ مقوقس قبطيءَ بارگاهِ اقدس ۾ ڪجهہ هدين ۽ تحفن سان گڏ نذراني طور پيش ڪيو هو. هنن جي ماءُ رومي هئي ۽ پيءُ مصري، جنهن ڪري هي ڏاڍيون حسين هيون. هي حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون امِ ولد آهن چو تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا فرزند حضرت ابراهيم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هنن جي ئي شڪم (پيٽ مبارڪ) مان پيدا ٿيا هئا.

ٻانهي هئڻ جي باوجود حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هنن کي پردي ۾ رکندا هئا ۽ سندن لاءِ مدينہ طيبہ جي ويجهو مقامِ عاليہ ۾ هڪ الڳ گهر ٺهرايو هيو جنهن ۾ هي رهنديون هيون ۽ حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن وٽ تشريف ڪٽي ويندا هئا.

واقدي جو بيان آهي تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪان پوءِ حضرت امير المؤمنين ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي سموري زندگي ۾ انهن جي ڪاڏي پيتي جو انتظام ڪندا رهيا ۽ انهن ڪان پوءِ حضرت امير المؤمنين عمر فاروق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ اها خدمت انجام ڏيندا رهيا. ايسيتائين جو 15 يا 16 هجري ۾ انهن جي وفات ٿي وئي ۽ امير المؤمنين حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ انهن جي نمازِ جنازه ۾ شرڪت لاءِ خاص طور تي ماڻهن کي جمع فرمايو ۽ پاڻ انهن جي جنازي نماز پڙهائي کين جنت البقيع ۾ دفن ڪيو.[1]

(زرقاني جلد 3 ص 271 ڪان 272)

## حضرت ريحانہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا

هي يهود جي خاندان بنو قريظه مان هيون، گرفتار ٿي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ آيون پر انهن ڪجهہ ڏينهن تائين اسلام قبول نہ ڪيو جنهن ڪري حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن ڪان ناراض رهندا هئا پر هڪ ڏينهن اوچتو هڪ صحابيءَ اچي اها خوشخبري ٻڌائي تہ يا رسول الله (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ريحانہ اسلام قبول ڪري ورتو. ان خبر سان رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏاڍا خوش ٿيا ۽ پاڻ انهن کي فرمايائون تہ اي ريحانہ! جيڪڏهن تون چاهين تہ مان توکي آزاد ڪري توسان نڪاح ڪري ڇڏيان. پر انهن اها گذارش ڪئي تہ يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) توهان مونکي پنهنجي ٻانهي ئي ٻڌائي رکو اهو ئي توهان جي ۽ منهنجي، ٻنهي جي حق ۾ سنو ۽ آسان رهندو. هي حضور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَام جي

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب ذكر سراريه، ج 4، ص 459 — 461

سامهون ئي جڏهن پاڻ حجة الوداع کان واپس تشريف وٺي آيا 10 هجري ۾ وفات ڪري جنت البقيع ۾ دفن ٿيون.[1] (زرقاني جلد 3 ص 273)

## حضرت نفيسه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا

هي پهريان حضرت زينب بن جحش رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جون مملوڪ ٻانهي هيون. انهن حضور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن جي خدمت ۾ تحفي طور نذر ڪئي ۽ حضور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي ڪاشانهءِ نبوت ۾ ٻانهيءَ جي حيثيت سان رهڻ لڳيون.[2] (زرقاني جلد 3 ص 274)

## چوٿين ٻانهي صاحبه

ذڪر ڪيل ٻانهين کان علاوه حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جون چوٿيون ٻانهيون صاحبه به هيون جن جي باري ۾عام طور تي مؤرخن لکيو آهي ته انهن جو نالو معلوم ناهي. هي به ڪنهن جهاد ۾ گرفتار ٿي بارگاهِ اقدس ۾ آيون هيون ۽ حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ٻانهي ٻڌجي سندن صحبت سان سرفراز ٿينديون رهيون.[3] (زرقاني، ج 3، ص 274)

## اولادِ ڪرام

هن ڳالهه تي تمام مؤرخن جو اتفاق آهي ته حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اولادِ ڪرام جو تعداد ڇهه آهي. ٻه فرزند حضرت قاسم ۽ حضرت ابراهيم ۽ چار صاحبزاديون حضرت زينب، حضرت رقيه، حضرت ام ڪلثوم ۽ حضرت فاطمه (رَضِيَ اللهُ عَنْهُم)

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب ذكر سراريه، ج 4، ص 462
[2] شرح الزرقاني علي المواهب، باب ذكر سراريه، ج 4، ص 463
[3] شرح الزرقاني علي المواهب، باب ذكر سراريه، ج 4، ص 463

پر ڪجهه مؤرخن هي بيان فرمايو آهي تہ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو هڪ صاحبزادو عبد الله بہ آهي جن جو لقب طيب ۽ طاهر آهي. ان قول جي مطابق حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مقدس اولاد جو تعداد ست آهي. ٽي صاحبزادا ۽ چار صاحبزاديون، حضرت شيخ عبد الحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان قول کي گهڻو صحيح ٻڌايو آهي. ان کان علاوه حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مقدس اولاد جي باري ۾ ٻيا بہ قول آهن جن جو تذڪرو ڊگهي بحث کان خالي ناهي.

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي انهن ستن مقدس اولادن مان حضرت ابراهيم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ حضرت ماريہ قبطيہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي مبارڪ پيٽ مان پيدا ٿيا هئا. باقي سموري اولادِ ڪرام حضرت خديجة الڪبريٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي پيٽ مبارڪ مان پيدا ٿي.[1]

(زرقاني، ج 2، ص 193 و مدارج النبوة، ج 3، ص 451)

هاڻي اسان ان اولادِ ڪرام جي ذڪرِ جميل تي ڪجهه تفصيل سان روشني وجهون ٿا.

## حضرت قاسم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ

هي سڀ کان پهريان فرزند آهن جيڪي حضرت بيبي خديجہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جن جي آغوش مبارڪ ۾ اعلانِ نبوت کان اڳ پيدا ٿيا. حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ڪنيت ابو القاسم انهن جي ئي نالي تي آهي. اڪثر عالمن جو اهو ئي چوڻ آهي تہ هي پنڌ

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب في ذكر اولاده الكرام، ج 4، ص 313، 314 و مدارج النبوت، قسم پنجم، باب اول، ج 2، ص 450، 451

ڪرڻ لڳا هئا تہ سندن وفات ٿي وئي ۽ ابن سعد جو بيان آهي تہ انهن جي عمر شريف ٻہ سال ٿي پر علامہ غلابي چون ٿا تہ هي فقط سترهن مهينا زندهہ رهيا.[1] واللهُ اَعْلَم (زرقاني جلد 3 ص 194)

## حضرت عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنْهُ

انهن جو ئي لقب طيب ۽ طاهر آهي. اعلانِ نبوت کان اڳ مڪي پاڪ ۾ پيدا ٿيا ۽ ننڍپڻ ۾ ئي وفات ڪري ويا.[2]

## حضرت ابراهيم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ

هي حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مبارڪ اولاد ۾ سيني کان آخري فرزند آهن. هي ذوالحج 8 هجري ۾ مدينہ منوره جي ويجهو مقامِ "عاليہ" ۾ حضرت ماريہ قبطيہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي پيٽ مان پيدا ٿيا. ان لاءِ مقامِ عاليہ جو ٻيو نالو "مشربہءِ ابراهيم" ٻہ آهي. هنن جي ولادت جي خبر حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي آزاد ڪيل غلام حضرت ابو رافع رَضِيَ اللهُ عَنْهُ مقامِ عاليہ کان مديني اچي بارگاهِ اقدس ۾ ٻڌائي. هيءَ خوشخبري ٻڌي حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انعام طور حضرت ابو رافع رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي هڪ غلام عطا فرمايو. ان کان پوءِ ڪدم ئي حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام نازل ٿيا ۽ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي "يا ابا ابراهيم" (اي ابراهيم جا پيءُ) چئي پڪاريو، حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيحد خوش ٿيا ۽ هنن جي عقيقي ۾ ٻہ گهيٽا ذبح فرمايا ۽ سندن وارن جي وزن برابر چاندي خيرات فرمائي ۽ ان جي وارن کي

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب في ذكر اولاده الكرام، ج 4، ص 316
[2] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب في ذكر اولاده الكرام، ج 4، ص 314

دفن ڪرائي ڇڏيائون ۽ ”ابراهيم“ نالو رکيائون پوءِ انهن کي کير پيارڻ لاءِ حضرت ”ام سيف“ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي حوالي فرمائي ڇڏيو. هنن جو مڙس ابو سيف رَضِیَ اللهُ عَنْهُ لوهارڪو ڪم ڪندا هئا. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي حضرت ابراهيم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ سان تمام گهڻي محبت هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ ان کي ڏسڻ لاءِ تشريف وٺي ويندا هئا. جيئن حضرت انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن جو بيان آهي تہ اسان رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ حضرت ابو سيف رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي گهر ويا سين تہ هي اُهو وقت هو جو حضرت ابراهيم سڪرات جي عالم ۾ هئا. اهو منظر ڏسي رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اکين مان لُڙڪ جاري ٿي ويا. ان وقت حضرت عبد الرحمٰن بن عوف رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن عرض ڪيو تہ يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ڇا توهان بہ روئو ٿا؟ پاڻ ارشاد فرمايائون تہ اي عوف جا پٽ! هي منهنجو روئڻ شفقت جو روئڻ آهي. ان کان پوءِ ٻيهر جڏهن مبارڪ اکين مان ڳوڙها وهيا تہ سندن مبارڪ زبان تي هي ڪلما جاري ٿي ويا تہ

اِنَّ الْعَيْنَ تَدْمَعُ وَالْقَلْبَ يَحْزَنُ وَلَا نَقُوْلُ اِلَّا مَا يَرْضٰى رَبُّنَا وَاِنَّا بِفِرَاقِكَ يَا اِبْرَاهِيْمُ لَمَحْزُوْنُوْنَ

اک لڙڪ لاڙي رهي آهي ۽ دل غمگين آهي پر اسان اها ڳالهہ زبان مان ڪڍندا آهيون جنهن سان اسان جو رب خوش ٿي وڃي ۽ بيشڪ اي ابراهيم! اسان تنهنجي جدائيءَ کان تمام گهڻو غمگين آهيون.

جنهن ڏينهن حضرت ابراهيم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو انتقال ٿيو اتفاق

سان ان ئي ڏينهن سج گرهڻ ٿيو. عربن جي دلين ۾ جاهليت جي زماني وارو عقيدو وينل هو تہ ڪنهن وڏي ماڻهو جي موت سبب سج يا چنڊ گرهڻ ٿيندو آهي تنهنڪري ڪجهہ ماڻهن اهو خيال ڪيو تہ غالباً هي سج گرهڻ حضرت ابراهيم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن جي وفات سبب ٿيو آهي. حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان موقعي تي هڪ خطبو ڏنو جنهن ۾ جاهليت جي هن عقيدي جو رد فرمائيندي ارشاد فرمايائون تہ

اِنَّ الشَّمْسَ وَ الْقَمَرَ اٰيَتَانِ مِنْ اٰيٰاتِ اللّٰهِ لَا يَنْكَسِفَانِ لِمَوْتِ اَحَدٍ وَ لَا لِحَيَاتِهٖ فَاِذَا رَاَيْتُمُوْهَا فَادْعُوا اللّٰهَ وَ صَلُّوْا حَتّٰى يَنْجَلِيَ

(بخاري جلد 1 ص 145 باب الدعاء في الكسوف)

يقيناً چنڊ ۽ سج الله تعاليٰ جي نشانين مان ٻہ نشانيون آهن. ڪنهن جي مرڻ يا جيئڻ سان انهن ۾ گرهڻ نٿو ٿئي جڏهن توهان گرهڻ ڏسو تہ دعا ڪيو ۽ نمازِ ڪسوف پڙهو ايسيتائين جو گرهڻ ختم ٿي وڃي.

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هي ٻہ فرمايو تہ منهنجي پٽ ابراهيم ڪير پيئڻ جي مدت پوري نہ ڪئي ۽ دنيا کان هليو ويو. تنهنڪري الله تعاليٰ ان جي لاءِ بهشت ۾ هڪ ڪير پيارڻ وارِيءَ کي مقرر فرمائي ڇڏيو آهي جيڪا رضاعت واري مدت تائين ان کي ڪير پيئاريندي رهندي.[1] (مدارج النبوة جلد 2 ص 254)

---

[1] صحيح البخاري كتاب الكسوف، باب الدعاء في الكسوف الحديث: 1060 ج 1، ص 363 و مدارج النبوت، قسم پنجم، باب اول، ج 2، ص 452 — 454 و صحيح البخاري، كتاب الجنائز، باب قول النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انّا بك .... الخ، الحديث: 1303، ج 1، ص 441

روايت آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت ابراهيم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي جنت البقيع ۾ حضرت عثمان بن مظعون رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي قبر جي پرسان دفن فرمايو ۽ پنهنجن مبارڪ هٿن سان انهن جي قبر تي چٽڪار ڪيائون.[1] (مدارج النبوة جلد 2 ص 453)

وفات جي وقت حضرت ابراهيم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن جي عمر شريف 17 يا 18 مهينا هئي. والله تعاليٰ اعلم.[2]

## حضرت زينب رَضِيَ اللهُ عَنْهَا

هي حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي صاحبزادين ۾ سيني کان وڏيون هيون. اعلانِ نبوت کان ڏهہ سال اڳ جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي عمر شريف ٽيهہ سال هئي مڪي پاڪ ۾ انهن جي ولادت ٿي. هي اسلام جي شروعات ۾ ئي مسلمان ٿي ويون هيون ۽ جنگِ بدر کان پوءِ حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي مڪي کان مديني گهرايو هو ۽ هي هجرت ڪري مڪہ مڪرمہ کان مدينہ منوره تشريف وٺي ويون.

اعلانِ نبوت کان پهريان ئي هنن جي شادي سندن ماسات ابو العاص بن ربيع سان ٿي وئي هئي. ابو العاص حضرت بيبي خديجہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي پيٽ حضرت هالہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جا فرزند هئا. حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت خديجہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جن جي سفارش تي حضرت زينب رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو ابو العاص سان نڪاح فرمائي ڇڏيو هو. حضرت زينب تہ مسلمان ٿي ويون هيون پر ابو

---

[1] مدارج النبوت، قسم پنجم، باب اول، ج 2، ص 453

[2] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب في ذكر اولاده الكرام، ج 4، ص 350

العاص شرڪ ۽ ڪفر تي قائم رهيو. رمضان 2 هجري ۾ جڏهن ابو العاص جنگِ بدر مان گرفتار ٿي جڏهن مديني آيو ان وقت تائين حضرت زينب رَضِیَ اللهُ عَنْهَا مسلمان هوندي مڪ مڪرمہ ۾ ئي مقيم هيون. جيئن تہ ابو العاص کي قيد مان ڇڏائڻ جي لاءِ انهن مديني ۾ پنهنجو اهو هار موڪليو جيڪو سندن ماءُ حضرت خديجہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کين ڏاج ۾ ڏنو هو. اهو هار حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو اشارو ڪرڻ تي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم حضرت زينب رَضِیَ اللهُ عَنْهَا ڏانهن واپس موڪلي ڏنو ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ابو العاص کان اهو واعدو وٺي ان کي آزاد ڪري ڇڏيو تہ هو مڪي پهچي حضرت زينب رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کي مديني موڪلي ڇڏيندو. تنهنڪري ابو العاص واعدي مطابق حضرت زينب رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کي پنهنجي ڀاءُ ڪنانہ جي حفاظت ۾ ”بطن ياجج“ تائين موڪلي روانو ڪيو. هوڏانهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت زيد بن حارثہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي هڪ انصاري سان گڏ اڳ ۾ ئي مقامِ ”بطن ياجج“ ۾ موڪلي ڇڏيو هو. اهڙي طرح هي ٻئي حضرات ”بطن ياجج“ کان پنهنجي حفاظت ۾ حضرت زينب رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کي مدينہ منوره وٺي آيا.

منقول آهي تہ جڏهن حضرت زينب رَضِیَ اللهُ عَنْهَا مڪ مڪرمہ کان روانيون ٿيون تہ قريش جي ڪافرن انهن جو رستو روڪيو ايسيتائين جو هڪ بد نصيب ظالم ”هبار بن الاسود“ انهن کي نيزي سان ڊيڄاري اُٿ تان ڪيرائي ڇڏيو جنهنڪري سندن حمل ضايع ٿي ويو پر انهن جي ڏير ڪنانہ پنهنجي ترڪش مان تيرن کي ٻاهر ڪڍي اها ڌمڪي ڏني تہ جيڪو بہ حضرت زينب جي اُٿ جو پيچو ڪندو اهو منهنجي تيرن کان بچي نہ سگهندو. اهو ٻڌي قريشي ڪافر ڊڄي ويا پوءِ مڪي جي سردار ابو سفيان وچ

۾ پئي حضرت زينب رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جن لاءِ مدينہ منوره جي روانگي جو رستو صاف ڪرائي ڇڏيو.

حضرت زينب رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کي هجرت ڪرڻ ۾ اها دردناڪ مصيبت پيش آئي تنهنڪري حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جي فضائل ۾ اهو ارشاد فرمايو تہ هِيَ اَفْضَلُ بَنَاتِيْ اُصِيْبَتْ فِيَّ يعني هيءَ منهنجي ڌيئرن ۾ ان اعتبار سان ڏاڍي فضيلت واري آهي جو هن منهنجي طرف هجرت ڪرڻ ۾ ايڏي وڏي مصيبت برداشت ڪئي. ان کان پوءِ ابو العاص محرم 7 هجري ۾ مسلمان ٿي مڪ مڪرمہ کان مدينہ منوره هجرت ڪري آيا ۽ حضرت زينب رَضِیَ اللهُ عَنْهَا سان گڏ رهڻ لڳا.[1] (زرقاني جلد 3 ص 195 کان 196)

سن 8 هجري ۾حضرت زينب رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي وفات ٿي وئي. حضرت ام ايمن، حضرت سوده بنت زمعہ ۽ حضرت ام سلمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ کين غسل ڏنو ۽ حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جي ڪفن جي لاءِ پنهنجو تهبند شريف عطا فرمايو ۽ پنهنجن مبارڪ هٿن سان انهن کي قبر ۾ لاٿو.

حضرت زينب رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي اولاد مان هڪ پٽ جنهن جو نالو ”علي“ ۽ هڪ ڌيءُ حضرت ”امامہ“ هيون. ”علي“ جي باري ۾ هڪ روايت آهي تہ پنهنجي والده ماجده جي زندگي ۾ ئي بلوغت جي ويجهو پهچي وفات ڪري ويا پر ابن عساڪر جو بيان آهي تہ نسب ناما بيان ڪرڻ وارن ڪجهہ عالمن هي بيان ڪيو آهي تہ

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب في ذكر اولاده الكرام، ج 4، ص 318 — 319 و مدارج النبوت، قسم پنجم، باب اول، ج 2، ص 455، 456

هي جنگِ يرموڪ ۾ شهادت سان سرفراز ٿيا.[1] (زرقاني جلد 3 ص 197)

حضرت امام رَضِیَ اللهُ عَنْهَا سان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي گهڻي محبت هئي. پاڻ انهن کي پنهنجي ڪُلهي مبارڪ تي ڪٽي مسجد نبوي ۾ تشريف وني ويندا هئا.

روايت آهي تہ هڪ پيرو حبشہ جي بادشاهہ نجاشي رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ تحفي طور هڪ خُلو موڪليو جنهن سان گڏ سون جي هڪ مُندي بہ هئي جنهن جو ٻُڙو حبشي هو. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اها مُندي حضرت امام کي عطا فرمائي.

اهڙي طرح هڪ دفعو هڪ تمام خوبصورت سون جو هار ڪنهن حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي نذر ڪيو جنهن جي خوبصورتي ڏسي سيئي ازواجِ مطهرات رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ حيران ٿي ويون. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجين مقدس گهروارين کي فرمايو تہ هي هار مان ان کي ڏيندس جيڪو منهنجي گهروارن مان مونکي سڀ کان وڌيڪ محبوب آهي. سيني ازواجِ مطهرات اهو سمجهيو تہ يقيناً اهو هار حضرت بيبي عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کي عطا فرمائيندا پر حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت امام رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کي سڏيو ۽ پنهنجي پياري ڏوهٽيءَ کي پنهنجن مبارڪ هٿن سان سندس ڳلي ۾ اهو هار پارايو.[2]

(زرقاني ج 3 ص 197)

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب في ذكر اولاده الكرام، ج 4، ص 318، 321 و مدارج النبوت، قسم پنجم، باب اول، ج 2، ص 457

[2] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب في ذكر اولاده الكرام، ج 4، ص 321

## حضرتِ رقيه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا

هي اعلانِ نبوت کان ست سال اڳ جڏهن حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي عمر شريف جو ٽيٽيهون سال هو پيدا ٿيون ۽ اسلام جي شروعات ۾ ئي مسلمان ٿي ويون. پهريان هنن جو نڪاح ابو لهب جي پٽ "عتبہ" سان ٿيو هو پر اجان انهن جي رخصتي نہ ٿي هئي تہ "سورة تبت يدا" نازل ٿي. ابو لهب قرآن ۾ پنهنجي دائمي رسوائي جو بيان ٻڌي ڪاوڙ ۾ تپي باهہ ٿي ويو ۽ پنهنجي پٽ عتبہ کي مجبور ڪيائين تہ هو حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي صاحبزادي حضرت رقيه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا کي طلاق ڏئي تنهنڪري عتبہ طلاق ڏئي ڇڏي.

ان کان پوءِ حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت رقيه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جو نڪاح حضرت عثمان بن عفان رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ سان ڪري ڇڏيو. نڪاح کان پوءِ حضرت عثمان رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ حضرت بيبي رقيه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا کي ساڻ وٺي مڪي کان حبشہ جي طرف هجرت ڪئي ۽ پوءِ حبشہ کان مڪي واپس اچي مدينہ منوره جي طرف هجرت ڪئي اهڙي طرح هي ٻئي زال مڙس "صاحب الهجرتين" (ٻن هجرتن وارا) جي معزز لقب سان سرفراز ٿي ويا. جنگِ بدر جي ڏينهن ۾ حضرت رقيه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا سخت بيمار هيون. تنهنڪري حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت عثمان رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کي جنگِ بدر ۾ شريڪ ٿيڻ کان روڪي ڇڏيو ۽ هي حڪم ڏنو تہ هو حضرت بيبي رقيه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جي تيمارداري ڪن. حضرت زيد بن حارثہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جنهن ڏينهن جنگِ بدر ۾ مسلمانن جي فتح مبين جي خوشخبري ڪٽي مديني پهتا انهيءَ ڏينهن حضرت بيبي رقيه

رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جن ويهن سالن جي عمر ماڻي وفات ڪئي. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنگِ بدر جي سبب انهن جي جنازي ۾ شريڪ نه ٿي سگهيا.

حضرت عثمان غني رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جيتوڻيڪ جنگِ بدر ۾ شريڪ نه ٿيا پر حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي جنگِ بدر جي مجاهدين ۾ شمار فرمايو ۽ جنگِ بدر جي مالِ غنيمت مان انهن کي مجاهدن جي برابر حصو به عطا فرمايو ۽ جنگِ بدر جي شريڪن جي برابر اجرِ عظيم جي بشارت به ڏني.

حضرت بيبي رقيه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي شڪم مبارڪ مان حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي هڪ فرزند به پيدا ٿيو جنهن جو نالو "عبد الله" هو. هي پنهنجي ماءُ کان پوءِ سن 4 هجري ۾ ڇهن سالن جي عمر ماڻي ڪري انتقال ڪري ويا. [1] (رَضِیَ اللهُ عَنْهُ)

(زرقاني جلد 3 ص 198 کان 199)

## حضرت اُمّ ڪلثوم رَضِیَ اللهُ عَنْهَا

هي پهريان ابو لهب جي پُٽ "عتيبه" جي نڪاح ۾ هيون پر ابو لهب جي مجبور ڪرڻ تي بد نصيب عتيبه هنن کي رخصتي کان اڳ ئي طلاق ڏئي ڇڏي ۽ ان ظالم بارگاهِ نبوت ۾ انتهائي گستاخي به ڪئي. ايتري تائين جو بدزباني ڪندي حضور رحمة اللعالمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ٿتي پيو ۽ سندن مقدس پهراڻ کي ڦاڙي ڇڏيو. ان گستاخ جي بي ادبي سبب سندن جي نازڪ دل کي انتهائي رنج ۽ صدمو پهتو ۽ جوشِ غم ۾ سندن زبان

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب في ذكر اولاده الكرام، ج 4، ص 322، 324

مبارڪ مان هي الفاظ نڪتا تہ .يا الله! پنهنجي ڪتن مان ڪنهن ڪتي کي هن تي مسلّط فرمائي ڇڏ.“

ان دعاءِ نبويءَ جو اهو اثر ٿيو جو ابو لهب ۽ عتيبہ ٻئي تجارت جي لاءِ هڪ قافلي سان گڏ ملڪِ شام ويا ۽ مقامِ ”زرقا“ ۾ هڪ راهب وٽ رات ترسيا راهب قافلي وارن کي ٻڌايو تہ هتي درندا گهڻا آهن توهان ٿورو هوشيار ٿي سمهجو. اهو ٻڌي ابو لهب قافلي وارن کي چيو تہ اي ساٿيو! محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) منهنجي پٽ عتيبہ جي لاءِ هلاڪت جي دعا ڪري ڇڏي آهي. تنهنڪري توهان سموري تجارتي سامان کي گڏ ڪري ان جي مٿان عتيبہ جو بسترو لڳايو ۽ سڀ ماڻهو ان جي آسپاس چئني طرفن کان سمهي پئو تہ جيئن منهنجو پٽ درندن جي حملي کان محفوظ رهي. تنهنڪري قافلي وارن عتيبہ جي حفاظت جو پورو پورو بندوبست ڪيو پر رات جو بلڪل اوچتو هڪ شينهن آيو ۽ سيني کي سِنگهندو سِنگهندو ٽپو ڏئي عتيبہ جي بستري تي پهتو ۽ ان جو مٿو چٻاڙي ڇڏيائين. ماڻهن ڏاڍو شينهن کي ڳوليو پر ڪا بہ خبر نہ پئي تہ اهو شينهن ڪٿان آيو هو ۽ ڪيڏانهن هليو ويو.[1] (زرقاني جلد 3 ص 197 کان 198)

خدا جو شان ڏسو تہ ابو لهب جي ٻنهي پُٽن عتبہ ۽ عتيبہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ٻنهي شهزادين کي پنهنجي پيءُ جي مجبور ڪرڻ تي طلاق ڏئي ڇڏي پر عتبہ جيئن تہ بارگاهِ نبوت ۾ ڪا گستاخي ۽ بي ادبي نہ ڪئي هئي. ان لاءِ هو قهرِ الٰهي ۾ مبتلا نہ ٿيو بلڪ فتح مڪہ جي ڏينهن عتبہ ۽ سندس

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب في ذكر اولاده الكرام، ج 4، ص 325، 326

هڪ ٻئي ڀاءُ "معتب" ٻنهي اسلام قبول ڪري ورتو ۽ دستِ اقدس تي بيعت ڪري صحابيت جي شرف سان سرفراز ٿي ويا. ۽ "عتيبہ" پنهنجي خباثت جي ڪري بارگاهِ اقدس ۾ گستاخي ۽ بي ادبي ڪئي هئي جنهنڪري هو قهرِ قهار ۽ غضبِ جبار ۾ گرفتار ٿي ڪفر جي حالت ۾ هڪ خونخوار شينهن جي حملي جو شڪار بڻجي ويو. (والعياذ بالله تعالٰي منہ)

حضرت بيبي رقيہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي وفات کان پوءِ ربيع الاول سن 3 هجري ۾ حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت بيبي امِ ڪلثوم رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو حضرت عثمان غني رَضِیَ اللهُ عَنْهُ سان نڪاح ڪري ڇڏيو پر انهن جي بطن مبارڪ مان ڪا بہ اولاد نہ ٿي. شعبان سن 9 هجري ۾ حضرت امِ ڪلثوم رَضِیَ اللهُ عَنْهَا وفات ڪئي ۽ حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جي جنازي نماز پڙهائي ۽ هي جنة البقيع ۾ دفن ٿيون.[1] (زرقاني جلد 3 ص 200)

## حضرت فاطمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا

هي شهنشاهِ ڪونين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جون سيني کان ننڍيون پر سيني کان وڏيڪ پياريون ۽ لاڏليون شهزاديون آهن. هنن جو نالو "فاطمہ" ۽ لقب "زهرا" ۽ "بتول" آهي. سندن پيدائش جي سال ۾ علماءِ تاريخ جو اختلاف آهي. ابو عمر جو قول آهي تہ اعلانِ نبوت جي پهرين سال جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي عمر شريف ايڪيتاليهہ (41) سال هئي تہ هي پيدا ٿيون ۽ ڪن لکيو آهي تہ اعلانِ نبوت کان هڪ سال اڳ انهن جي ولادت ٿي

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، باب في ذكر اولاده الكرام، ج 4، ص 327

۽ علامہ ابنِ الجوزي هي تحرير فرمايو آهي تہ اعلانِ نبوت کان پنج سال پهريان سندن پيدائش ٿي.[1] وَاللهُ تَعَالٰی اَعْلَم

(زرقاني جلد 3 ص 202 کان 203)

الله اکبر! هنن جا فضائل ۽ مناقب ڇا ڳڻجن؟ سندن مرتبن ۽ درجات جي حالات سان حديثن جا ڪتاب ڀريا پيا آهن. جن جو تذڪرو اسان پنهنجي ڪتاب "حقاني تقريرون" ۾ تحرير ڪيو آهي. حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشاد آهي تہ هي سيدة نساء العالمين (تمام جهان جي عورتن جون سردار) ۽ سيدة نساء اهل الجنة (اهلِ جنت جي تمام عورتن جون سردار) آهن. هنن جي حق ۾ ارشادِ نبوي آهي تہ فاطمہ منهنجي ڏيءُ مُنهنجي بدن جي هڪ ٻوٽي آهي، جنهن فاطمہ کي ناراض ڪيو ان مونکي ناراض ڪيو.[2] (مشکوٰة ص 568 مناقب اهل بيت و زرقاني جلد 3 ص 204)

سن 2 هجري ۾ حضرت علي شيرِ خدا رَضِیَ اللهُ عَنْهُ سان هنن جو نڪاح ٿيو ۽ سندن شڪم مبارڪ مان ٽن صاحبزادن حضرت حسن، حضرت حسين، حضرت محسن رَضِیَ اللهُ عَنْهُم ۽ ٽن صاحبزادين زينب، امِ ڪلثوم ۽ رقيہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُنَّ جي ولادت ٿي. حضرت محسن ۽ رقيہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا تہ ننڍپڻ ۾ ئي وفات ڪري ويا. ام ڪلثوم رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو نڪاح امير المؤمنين حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ سان ٿيو. جن جي شڪم مبارڪ مان ڪين هڪ فرزند حضرت زيد ۽ هڪ

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب في ذكر اولاده الكرام، ج 4، ص 331

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب في ذكر اولاده الكرام، ج 4، ص 335، 336 و مشكوٰة المصابيح، كتاب المناقب، باب مناقب اهل بيت النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 6138، 6139، ج 2، ص 435، 436

صاحبزادي حضرت رقيه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي پيدائش ٿي ۽ حضرت زينب رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي شادي حضرت عبد الله بن جعفر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سان ٿي.[1]

(مدارج النبوة جلد 2 ص 460)

حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي وصال شريف جو حضرت بيبي فاطمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي دل مبارڪ کي تمام گهرو صدمو رسيو. تنهنڪري وصالِ اقدس کانپوءِ حضرت بيبي فاطمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ڪڏهن به ڪلندي نه ڏٺيون ويون. ايسيتائين جو وصالِ نبوي جي ڇهن مهينن کانپوءِ 3 رمضان سن 11 هجري اڳاري جي رات پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو انتقال ٿي ويو. حضرت علي يا حضرت عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جنازي نماز پڙهائي ۽ سڀ کان وڌيڪ صحيح ۽ مختار قول اهو ئي آهي ته جنة البقيع ۾ دفن ٿيون.[2]

(مدارج النبوة جلد 2 ص 461)

## چاچن جو تعداد

حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي چاچن جي تعداد ۾ مؤرخن جو اختلاف آهي. ڪن جي نزديڪ انهن جو تعداد نَوَ، ڪن چيو ته ڏهه ۽ ڪن جو قول آهي ته يارهن. پر صاحبِ مواهبِ لدنيه ”ذخائر العقبيٰ في مناقب ذوي القربيٰ“ کان نقل ڪندي تحرير فرمايو آهي ته حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي والد ماجد حضرت عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان علاوه عبد المطلب جا ٻارهن پُٽ هئا جن جا نالا هي آهن:

---

[1] مدارج النبوت، قسم پنجم، باب اول، ج 2، ص 460 و المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب في ذكر اولاده الكرام، ج 4، ص 340، 341

[2] مدارج النبوت، قسم پنجم، باب اول، ج 2، ص 461

(1) حارث (2) ابو طالب (3) زبير (4) حمزه (5) عباس (6) ابولهب (7) غيداق (8) مقوم (9) ضرار (10) قثم (11) عبد الكعبہ (12) جحل.

انهن مان صرف حضرت حمزه ۽ حضرت عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا جن اسلام قبول ڪيو. حضرت حمزه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ تمام گهڻا طاقتور ۽ بهادر هئا. انهن کي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اسد الله ۽ اسد الرسول (الله ۽ رسول جو شينهن) جي معزز ۽ ممتاز لقب سان سرفراز فرمايو. هي سن 3 هجري ۾ جنگِ اُحد ۾ شهيد ٿي ”سيد الشهداء“ جي لقب سان مشهور ٿيا ۽ مدينہ منوره کان ٿي ميل پري خاص جنگِ احد جي ميدان ۾ سندن مزارِ پُر انوار زيارت گاهہ عالمِ اسلام آهي.

حضرت عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي فضيلت ۾ ڪيتريون ئي حديثون وارد ٿيون آهن. حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جي ۽ انهن جي اولاد جي باري ۾ ڪيتريون ئي بشارتون ڏنيون ۽ سنيون سنيون دعائون بہ فرمايون آهن.

سن 32 يا 33 هجري ۾ ستاسي يا اناسي سالن جي عمر ماڻي وفات ڪئي ۽ جنة البقيع ۾ دفن ٿيا.[1]

(زرقاني جلد 3 ص 270 کان 285 و مدارج جلد 2 ص 288)

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، الفصل الرابع في اعماعه .... الخ، ج 4. ص 464، 465 و باب ذكر بعض مناقب العباس، ج 4، ص 485، 486 ملتقطاً و مدارج النبوت، قسم پنجم، باب سوم، ج 2، ص 490، 493 ملخصاً

## حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جون پڦيون

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پڦين جو تعداد ڇهه آهي جن جا نالا هي آهن:

(1) عاتڪ (2) اميمه (3) ام حڪيم (4) بره (5) صفيه (6) ارويٰ

تمام مؤرخن جو اتفاق آهي تہ انهن مان حضرت صفيه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا اسلام قبول ڪيو. هي زبير بن العوام رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جون والده آهن. هي تمام گهڻيون بهادر ۽ حوصلہ مند خاتون هيون. غزوه خندق ۾ انهن هڪ مسلح ۽ حملي آور يهودي کي اڪيلي هڪ طنبُوءَ جي ڪاني سان ماري قتل ڪري ڇڏيو هو. جنهن جو تذڪرو غزوه خندق ۾ تي چڪو ۽ اها بہ روايت آهي تہ جنگِ اُحد ۾ جڏهن مسلمانن جو لشڪر وکري چڪو هو تہ هي اڪيليون ڪافرن تي نيزو هلائينديون رهيون ايستائين جو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي انهن جي غير معمولي شجاعت تي انتهائي تعجب ٿيو ۽ پاڻ سندن فرزند حضرت زبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي مخاطب ٿي ارشاد فرمايائون تہ ٿورو هن عورت جي بهادري ۽ جان نثاري تہ ڏسو. سن 20 هجري ۾ ٽيهتر (73) سالن جي عمر ۾ مدينہ منوره ۾ وفات ڪري جنة البقيع ۾ دفن ٿيون.[1]

(زرقاني جلد 3 ص 287 کان ص 288)

حضرت صفيه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کان علاوه ارويٰ، عاتڪ ۽ اميمه جي اسلام آڻڻ ۾ مؤرخن جو اختلاف آهي. ڪن انهن ٽنهي کي

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب ذكر بعض مناقب العباس، ج 4، ص 488، 490

مسلمان تحرير ڪيو آهي ۽ ڪن جي نزديڪ انهن جو اسلام ثابت ناهي.[1] وَاللّٰهُ تَعَالٰى اَعْلَم (زرقاني جلد 3 ص 287)

## خاص خادم

هونئن تہ تمام صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم حضور شمعِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا پروانا هئا ۽ انتهائي جان نثاريءَ سان سندن خدمت گذاريءَ لاءِ سيئي تن من ۽ ڌن سان حاضر ٿيندا هئا پر پوءِ بہ ڪجهہ اهڙا خوش نصيب آهن جن جو شمار حضور تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خصوصي خادمن ۾ ٿئي ٿو. انهن خوشبختن جي مقدس فهرست ۾ هيٺيان صحابہ ڪرام خاص طور تي قابلِ ذڪر آهن.

(1) حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ: هي حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا سڀ کان وڌيڪ مشهور ۽ ممتاز خادم آهن. هنن ڏهہ سال مسلسل هر سفر ۽ حضر ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي وفاداريءَ سان خدمت گذاري جو شرف حاصل ڪيو آهي. هنن جي لاءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خاص طور تي هيءَ دعا فرمائي هئي تہ "اَللّٰهُمَّ اَكْثِرْ مَالَهٗ وَوَلَدَهٗ وَاَدْخِلْهُ الْجَنَّةَ" يعني اي الله! هن جي مال ۽ اولاد ۾ گهڻائي عطا فرماءِ ۽ هن کي جنت ۾ داخل فرماءِ.

حضرتِ انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي انهن ٽن دعائن مان ٻن دعائن جي قبوليت جو جلوو تہ مون ڏسي ورتو جو هر ماڻهوءَ جو باغ سال ۾ هڪ دفعو ميوو ڏيندو آهي پر منهنجو باغ سال ۾ بہ ڀيرا ميوو ڏيندو آهي ۽

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب ذكر بعض مناقب العباس، ج 4، ص 490 - 492 ملتقطاً

ميوي مان مشڪ جي خوشبو ايندي آهي ۽ منهنجي اولاد جو تعداد هڪ سو ڇهه آهي جن مان ستر ڇوڪرا ۽ ٻيون ڇوڪريون آهن ۽ مون کي اميد آهي ته ٽين دعا جو جلوو به ضرور ڏسندس يعني جنت ۾ داخل ٿي ويندس. حضرتِ انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ به هزار به سو چهاسي (2286) حديثون حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان روايت ڪيون آهن ۽ حديث ۾ سندن شاگردن جو تعداد تمام گهڻو آهي. سندن عمر سؤ سالن کان وڌيڪ ٿئي. بصره ۾ سن 91 يا 92 يا 93 هجري ۾ وفات ڪيائون.[1] (زرقاني جلد 3 ص 296 کان ص 297)

(2) حضرتِ ربيعه بن ڪعب اسلمي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ، هي حضور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن کي وضو ڪرائڻ جي خدمت سرانجام ڏيندا هئا. يعني پاڻي ۽ مسواڪ وغيره جو انتظام ڪندا هئا. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کين جنت جي بشارت ڏني هئي. سن 63 هجري ۾ وفات ڪيائون.[2] (زرقاني جلد 3 ص 297)

(3) حضرت ايمن بن ام ايمن رَضِیَ اللهُ عَنْهُ! حضور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن جي هڪ ننڍي ڪلِي جنهن سان پاڻ استنجا ۽ وضو فرمائيندا هئا هميشه سندن ئي جي حوالي هوندي هئي. هي جنگِ حُنين جي ڏينهن شهادت سان سرفراز ٿيا.[3] (زرقاني جلد 3 ص 297)

(4) حضرت عبد الله ابن مسعود رَضِیَ اللهُ عَنْهُ: هي نعلين شريفين، وضو جو ٿاڻ ۽ مسند (ويهڻ لاءِ وهاڻو وغيره) ۽ ڏندڻ پاڻ وٽ رکندا

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب في خدمه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ... الخ، ج 4، ص 506، 507 و مدارج النبوت، قسم پنجم، باب چهارم، ج 2، ص 494، 495 ملخصاً

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب في خدمه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ... الخ ج 4، ص 507، 508

[3] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب في خدمه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ... الخ، ج 4، ص 508

هئا ۽ سفر و حضر ۾ هميشه اها خدمت انجام ڏيندا رهندا هئا. ست سالن کان وڌيڪ عمر ماڻيائين سن 32 يا 33 هجري ۾ ڪن جو چوڻ آهي تہ مديني ۾ ۽ ڪن جي نزديڪ ڪوفي ۾ وصال فرمايائون.[1] (زرقاني جلد 3 ص 297 کان 298)

(5) حضرت عقبہ بن عامر جهني رَضِیَ اللهُ عَنْهُ: هي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سواري جي خچر جو لغام پڪڙي رکندا هئا. قرآن مجيد ۽ فرائض علوم ۾ تمام گهڻا ماهر هئا ۽ اعليٰ درجي جا فصيح، خطيب ۽ شعلہ بيان شاعر هئا. حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن پنهنجي حڪومت ۾ هنن کي مصر جو گورنر بڻائي ڇڏيو هو. سن 58 هجري ۾ مصر ۾ ئي سندن وصال ٿيو.[2] (زرقاني جلد 3 ص 299)

(6) حضرت اسلع بن شريڪ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ: هي حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اُٺ تي ڪجائو ٻڌڻ جي خدمت انجام ڏيندا هئا.[3]

(7) حضرت ابو ذر غفاري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ: هي تمام پراڻا صحابي آهن. انتهائي تارڪ الدنيا ۽ عابد ۽ زاهد هئا ۽ دربارِ نبوت جا نهايت ئي خاص خادم هئا. هنن جي فضائل ۾ ڪجهہ حديثون بہ وارد ٿيون آهن. سن 31 هجري ۾ مدينہ منوره کان ٿورو پري "ربذه" نالي ڳوٺ ۾ انهن جو وصال ٿيو ۽ حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هنن جي جنازي نماز پڙهائي.[4] (زرقاني جلد 3 ص 300)

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب في خدمه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ... الخ، ج 4، ص 508، 509

[2] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب في خدمه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ... الخ، ج 4، ص 510 — 511

[3] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب في خدمه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ... الخ، ج 4، ص 511

[4] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب في خدمه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ... الخ، ج 4، ص 513 —514

(8) حضرت مهاجر موليٰ ام سلمه رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا: هي ام المؤمنين حضرت ام سلمه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جا آزاد ڪيل غلام هئا. صحابيت جي شرف سان گڏوگڏ پنجن سالن تائين حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت جو به شرف حاصل ڪيائون. تمام وڏا بهادر مجاهد به هئا. مصر کي فتح ڪرڻ واري فوج ۾ شامل هئا. ڪجهه ڏينهن مصر ۾ رهيا پوءِ "طحا" هليا ويا ۽ اُتي پنهنجي وفات تائين مقيم رهيا.[1] (زرقاني جلد 3 ص 301)

(9) حضرت حنين حضرت عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا جا غلام! هي پهريان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا غلام هئا ۽ ڏينهن رات سندن خدمت ڪندا هئا. پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هنن کي پنهنجي چاچي حضرت عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي عطا فرمائي ڇڏيو ۽ هي حضرت عباس جا غلام ٿي ويا. پر ڪجهه ئي ڏينهن کان پوءِ حضرت عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کين ان لاءِ آزاد ڪري ڇڏيو ته جيئن هي ڏينهن رات بارگاهِ نبوت ۾ حاضر رهن ۽ خدمت ڪندا رهن.[2]

(زرقاني جلد 3 ص 301)

(10) حضرت نعيم بن ربيعه اسلمي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ: هي به خادمانِ بارگاهِ رسالت ۾ خاص شمار ڪيا ويندا آهن.[3] (زرقاني جلد 3 ص 301)

(11) حضرت ابو الحمراء رَضِیَ اللهُ عَنْهُ! هنن جو نالو هلال بن الحارث هو. هي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا آزاد ڪيل غلام ۽

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب في خدمه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ... الخ، ج 4، ص 514

[2] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب في خدمه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ... الخ، ج 4، ص 514، 515

[3] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب في خدمه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ... الخ، ج 4، ص 515

خاص خادم هئا. وفاتِ نبوي کان پوءِ هي مديني کان ”حمص“ هليا ويا هئا ۽ اتي ئي انهن جي وفات ٿي.[1] (زرقاني جلد 3 ص 301)

(12) حضرت ابو السمع رَضِیَ اللهُ عَنْهُ: حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا غلام هئا پوءِ پاڻ هنن کي آزاد فرمائي ڇڏيائون پر هي دربارِ نبوت کان جدا نہ ٿيا بلڪ هميشہ خدمت گذاري ۾ مصروف رهيا. حضور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن کي اڪثر هي ئي غسل ڪرائيندا هئا. هنن جو نالو ”اِياد“ هو.[2] (زرقاني جلد 3 ص 301)

## خصوصي محافظين

ڪافر جيئن تہ حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا جاني دشمن هئا ۽ هر وقت انهيءَ تاڙ ۾ رهندا هئا تہ بس رڳو ٿورو بہ موقعو ملي وڃي تہ ڪين شهيد ڪري ڇڏيون بلڪ ڪيئي ڀيرا حملو بہ ڪري چڪا هئا. تنهنڪري ڪجهہ جان نثار صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم واري واري سان راتين جو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مختلف آرامگاهن ۽ قيامگاهن تي تلوار هٿ ۾ ڪٽي پهرو ڏيندا رهندا هئا. هي سلسلو ان وقت تائين جاري رهيو جڏهن هيءَ آيت نازل ٿي وئي وَاللّٰهُ يَعْصِمُكَ مِنَ النَّاسِ ؕ[3] يعني ”الله تعاليٰ توهان کي ماڻهن کان بچائيندو“ هن آيت جي نزول کان پوءِ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ هاڻي پهرو ڏيڻ جي ڪا بہ ضرورت ناهي. الله تعاليٰ مون سان واعدو فرمائي ڇڏيو آهي تہ هو مونکي منهنجن سيني دشمنن کان بچائيندو. انهن جان

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب في خدمه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ... الخ، ج 4، ص 515

[2] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب في خدمه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ... الخ، ج 4، ص 515، 516

[3] پ 6، سورة المائدة، آيت: 67

نثار پهريدارن ۾ ڪجهه خوشنصيب صحابه ڪرام خصوصيت سان قابلِ ذڪر آهن جن جا نالا مبارڪ هي آهن.

(1) حضرت ابو بڪر صديق (2) حضرت سعد بن معاذ انصاري
(3) حضرت محمد بن مسلمه (4) حضرت ذڪوان بن عبد قيس
(5) حضرت زبير بن العوام (6) حضرت سعد بن ابي وقاص
(7) حضرت عباد بن بشر (8) حضرت ابو ايوب انصاري
(9) حضرت بلال (10) حضرت مغيره بن شعبه[1] (رَضِیَ اللهُ عَنْهُمْ اَجْمَعِیْن)

## وحي لکندڙ

جيڪي صحابه ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم قرآن جي نازل ٿيڻ وارين آيتن ۽ ٻين خاص خاص تحريرن کي حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي حڪم مطابق لکندا هئا انهن معتمد ڪاتبن ۾ هيٺ ڏنل حضرات خاص طور قابلِ ذڪر آهن:

(1) حضرت ابو بڪر صديق (2) حضرت عمر فاروق (3) حضرت عثمان غني (4) حضرت علي مرتضٰي (5) حضرت طلحه بن عبيد الله (6) حضرت سعد بن ابي وقاص (7) حضرت زبير بن العوام (8) حضرت عامر بن فهيره (9) حضرت ثابت بن قيس (10) حضرت حنظله بن ربيع (11) حضرت زيد بن ثابت (12) حضرت ابي بن ڪعب (13) حضرت امير معاويه (14) حضرت ابو سفيا ن[2]

(رَضِیَ اللهُ عَنْهُم اَجْمَعِیْن) (مدارج النبوة جلد 2 ص 529 کان 540)

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب في خدمه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ... الخ، ج 4، ص 519 — 522 ملتقطاً

[2] مدارج النبوت، قسم پنجم، باب هفتم، ج 2، ص 529 — 540 ملتقطاً

## دربارِ نبوت جا شاعر

هونئن تہ ڪيترائي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مدح ۽ ثنا ۾ قصيدا لکڻ جي سعادت سان سرفراز ٿيا پر دربارِ نبوي جا مخصوص شاعر ٿي آهن جيڪي نعت گوئي سان گڏوگڏ ڪافرن جي شاعرانہ حملن جو پنهنجن قصيدن ذريعي منهن ٽوڙ جواب بہ ڏيندا رهندا هئا.

(1) حضرت ڪعب بن مالڪ انصاري سلمي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن کي جنگ تبوڪ ۾ شريڪ نہ ٿيڻ جي ڪري سزا ڏني وئي پر پوءِ انهن جي توبهہ جي مقبوليت قرآن مجيد ۾ نازل ٿي. انهن جو بيان آهي تہ اسان کي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ توهان مشرڪن جي هِجُو (برائي بيان) ڪيو ڇو جو مومن پنهنجي جان ۽ مال سان جهاد ڪندو رهندو آهي ۽ توهان جا شِعرَ جڻ ڪافرن جي حق ۾ تيرن برابر آهن. حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن جي دورِ خلافت يا حضرت اميرِ معاويہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي سلطنت جي دور ۾ انهن جي وفات ٿي.[1]

(2) حضرت عبد الله بن رواحہ انصاري خزرجي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هنن جي فضائل ۽ مناقب ۾ ڪجهہ حديثون بہ آهن. حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هنن کي "سيد الشعراء" جو لقب عطا فرمايو هو. هي جنگِ موتہ ۾ شهادت سان سرفراز ٿيا.[2]

(3) حضرت حسان بن ثابت بن منذر بن عمرو انصاري خزرجي

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب في مؤذنيه و خطبائه ... الخ، ج 5، ص 75

[2] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب في مؤذنيه و خطبائه ... الخ، ج 5، ص 75

رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هي دربارِ رسالت جي شاعرن ۾ سيني کان وڌيڪ مشهور آهن. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هنن جي حق ۾ دعا فرمائي ته اَللّٰهُمَّ اَيِّدْهُ بِرُوْحِ الْقُدُسِ يعني يا الله! حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام جي ذريعي هنن جي مدد فرماءِ ۽ هي به فرمايائون ته جيسيتائين هي منهنجي طرفان مڪي جي ڪافرن کي پنهنجن شعرن ذريعي جواب ڏيندا رهندا آهن تيسيتائين حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام انهن سان گڏ هوندا آهن. هڪ سو ويهه (120) سالن جي عمر ماڻي سن 54 هجري ۾ وفات ڪيائون. ست (60) سالن جي عمر جاهليت جي زماني ۾ گذاري ۽ ست سالن جي عمر اسلام جي خدمت ۾ صرف ڪئي. هي هڪ تاريخي لطيفو آهي ته سندن والد "ثابت"، ڏاڏي "منذر" ۽ پڙ ڏاڏي "حرام" سيني جون عمريون هڪ سو ويهه سال ٿيون.[1] (زرقاني جلد 3 ص 372 کان 373)

## خصوصي مؤذن

حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خصوصي مؤذنن جو تعداد چار آهي.

(1) حضرت بلال بن رباح رَضِیَ اللهُ عَنْهُ

(2) حضرت عبد الله بن ام مڪتوم (نابينا) رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هي ٻئي مدينہ منوره ۾ مسجد نبوي جا مؤذن هئا.

(3) حضرت سعد بن عائذ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جيڪي "سعد قرظ" جي لقب سان مشهور آهن. هي مسجد قبا جا مؤذن هئا.

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب في مؤذنيه و خطبائه ... الخ، ج 5، ص 76، 77

(4) حضرت ابو محذوره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هي مڪ مڪرم جي مسجد حرام ۾ آذان ڏيندا هئا.[1] (زرقاني جلد 3 ص 269 کان ص 271)

دعوتِ اسلامي جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ۽ روزانو فڪرِ مدينہ جي ذريعي مدني انعامات جو ڪارڊ ڀري هر مدني مهيني جي ابتدائي ڏهن ڏينهن جي اندر پنهنجي شهر جي ذميدار وٽ جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو. اِنْ شَآءَ الله ان جي برڪت سان سنت جو پابند بڻجڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ ڪڙهڻ جو ذهن نهندو.

## باب ويهون

# معجزاتِ نبوت

صاحبِ رجعتِ شمس و شق القمر نائب دستِ قدرت پہ لاکھوں سلام

عرش تا فرش ہے جس کے زیرِ نگیں اس کی قاہر ریاست پہ لاکھوں سلام

## معجزو ڇا آهي؟

حضرات انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام کان سندن نبوت جي سچائي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪنهن اهڙي تعجب ۾ وجهندڙ شيءِ جو ظاهر ٿيڻ

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب في مؤذنيه و خطبائه ... الخ، ج 5، ص 70- 73

جيڪا عادتاً نہ ٿيندي هجي ان خلافِ عادت ظاهر ٿيڻ واري شيءِ جو نالو معجزو آهي.[1]

معجزو ڇو تہ نبي جي صداقت ظاهر ڪرڻ لاءِ هڪ خداوندي نشان هوندو آهي. ان جي لاءِ ضروري آهي تہ اهو خلافِ عادت هجي. يعني ظاهري وجهن ۽ سببن ۽ عاداتِ جاريہ (روزاني جي ڪمن ڪارن) جي بلڪل ئي خلاف هجي نہ تہ ظاهر آهي تہ ڪافر ان کي ڏسي چئي سگهن ٿا تہ هي تہ فلاڻي سبب کان ٿيو آهي ۽ ايئن تہ عادتاً ٿيندو رهندو آهي. تنهنڪري معجزي جي لاءِ اهو لازمي شرط آهي بلڪ اهو معجزي جي مفهوم ۾ داخل آهي تہ اهو ڪنهن نہ ڪنهن اعتبار سان عام طور جي سببن ۽ عاداتِ جاريہ جي خلاف هجي ۽ ظاهري سببن ۽ وجهن کان بالڪل مٿانهون هجي، تہ جيئن ان کي ڏسي ڪافر هي چوڻ تي مجبور ٿي وڃن تہ جيئن تہ هن شيءِ جو ڪو ظاهري سبب بہ نہ آهي ۽ عادتاً ڪڏهن ايئن ٿيندو بہ ناهي تہ بيشڪ اهڙي شيءِ جو ڪنهن شخص کان ظاهر ٿيڻ انساني طاقت کان مٿانهون ڪارنامو آهي تنهنڪري يقيناً هي شخص الله جي طرفان موڪليل ۽ ان جو نبي آهي.

## معجزي جا چار قسم

جڏهن معجزي جي لاءِ اهو ضروري ۽ لازمي شرط آهي تہ اهو ڪنهن نہ ڪنهن لحاظ کان انساني طاقت کان مٿانهون ۽ عادات جاريہ جي خلاف هجي. ان بنياد تي جيڪڏهن غور ڪيو وڃي تہ

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، المقصد الرابع في معجزاته ... الخ، ج 6، ص 406 ملخصاً

خلافِ عادت هئڻ جي اعتبار کان معجزي جا چار قسم ملندا جيڪي هيٺين ريت آهن:

**پهريون:** بذات خود اها شيءِ ئي اهڙي هجي جيڪا ظاهري سببن ۽ وجهن جي بلڪل ئي خلاف هجي جيئن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو چنڊ کي ٻہ ٽڪرا ڪري ڏيکارڻ. حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي عصاء جو نانگ بڻجي جادوگرن جي نانگن کي ڳيهي وڃڻ. حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو مُڙدن کي زنده ڪرڻ.

**ٻيون:** بذات خود اها شيءِ تہ خلاف عادت ناهي هوندي پر ڪنهن خاص وقت تي بلڪل ئي اوچتو نبيءَ کان ان جو ظهور ٿيڻ ان اعتبار کان اها شيءِ خلافِ عادت ٿي ويندي آهي تنهنڪري اها بہ معجزو ئي چورائيندي. مثلاً جنگِ خندق ۾ اوچتو هڪ طوفان جو اچڻ جنهن سان ڪافرن جا خيما اکڙي اُڏامي ويا ۽ ڳريون ديڳيون چلهن تان اونڌيون ٿي پري وڃي ڪريون يا جنگِ بدر ۾ ٿي سو تيرنهن (313) مسلمانن جي مقابلي ۾ ڪافرن جي هڪ هزار وڏي لشڪر جو جيڪي مڪمل طور تي هٿيارن سان هئا شڪست ڪائي مقتول ۽ گرفتار ٿي وڃڻ. ظاهر آهي طوفان جو اچڻ يا ڪنهن لشڪر جو شڪست ڪائڻ بذات خود ڪا خلافِ عادت ڳالهہ نہ آهي بلڪ ايئن تہ هميشہ ٿيندو ئي رهندو آهي پر ان هڪ خاص موقعي تي جڏهن رسول کي تائيدِ رباني جي خاص ضرورت محسوس ٿي بغير ڪنهن ظاهري سبب جي بلڪل ئي اوچتو ايئن طوفان جو اچي وڃڻ ۽ ڪافرن جو باوجود ڪثير تعداد جي قليل (ٿورن) مسلمانن کان شڪست ڪائي وڃڻ ان کي تائيدِ خداوندي ۽ غيبي مدد ۽ نصرت

کان سواءِ ڪجهه به نه ٿو چئي سگهجي. ان لحاظ کان يقيناً هي عاداتِ جاريه جي خلاف ۽ ظاهري اسبابن ۽ وجهن کان مٿانهون آهي. تنهنڪري يقيناً هي به معجزو آهي.

**ٽيون:** هڪ صورت اها به آهي ته، نه بذات خود اهو واقعو خلافِ عادت هوندو آهي ۽ نه ئي ان جي ظاهر ٿيڻ جي خاص وقت ۾ خلافِ عادت ڪا ڳالهه هوندي آهي، پر ان واقعي جي ظاهر ٿيڻ جو طريقو بلڪل ئي نرالو ۽ خلافِ عادت هوندو آهي. مثال طور انبياءِ ڪرام عَلَيْهِ السَّلَام جي دعائن سان اوچتو پاڻي جو وسڻ، بيمارن جو شفايابٿي وڃڻ، آفتن جو ٽري وڃڻ.

ظاهر آهي ته هي ڳالهيون نه ته خلافِ عادت آهن نه ئي انهن جي ظاهر ٿيڻ جو ڪو خاص وقت آهي ۽ اهڙيون ڳالهيون ته هميشه ٿينديون ئي رهنديون آهن پر جن طريقن ۽ جن سببن سان اهي شيون واقع ٿيون ته اوچتو نبيءَ دعا گهري ۽ بلڪل ئي اوچتو اهي شيون ظهور ۾ اچي ويون. ان اعتبار کان يقيناً بنا ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي هي شيون عادت جي خلاف ۽ ظاهري اسبابن کان الڳ ۽ مٿانهون آهن. تنهنڪري اهڙيون شيون به معجزو ئي چورائينديون.

**چوٿون:** ڪڏهن ايئن به ٿيندو آهي ته نه خود واقعو عادت جاريه جي خلاف هوندو آهي ۽ نه ئي ان جي ظاهر ٿيڻ جو طريقو خارقِ عادت هوندو آهي پر بغير ڪنهن ظاهري سبب جي نبي کي ان واقعي جو وقت کان اڳ ۾ علمِ غيب حاصل ٿي وڃڻ ۽ واقعي جي واقع ٿيڻ کان پهريان ئي نبي جو ان واقعي جي خبر ڏئي ڇڏڻ هي خلافِ عادت هوندو آهي. مثال طور حضراتِ انبياءِ

عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام واقعات جي ظهور کان پهريان جيڪي غيب جون خبرون ڏنيون آهن اهي سڀ واقعا هن اعتبار کان خلافِ عادت ۽ معجزا آهن. جيئن ته مسلم شريف جي روايت آهي ته هڪ ڏينهن تمام تيز آنڌي آئي ان وقت حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مديني کان ٻاهر تشريف فرما هئا پاڻ انهيءَ جڳهه تي فرمايائون ته هيءَ آنڌي مديني جي هڪ منافق جي موت لاءِ آئي آهي. پوءِ ايئن ئي ٿيو جڏهن ماڻهو مديني پهتا ته معلوم ٿيو ته مديني جو هڪ منافق هن آنڌيءَ ۾ هلاڪ ٿي ويو.[1] (مشكوٰة شريف، ج 2، ص 537، باب المعجزات)

غور ڪيو ته هن واقعي ۾ نه ته آنڌي اچڻ خلافِ عادت آهي ۽ نه ئي ڪنهن ماڻهوءَ جو ان ۾ هلاڪ ٿيڻ اسباب ۽ عادات جي خلاف آهي ڇو ته طوفان هميشه ايندا ئي رهيا آهن ۽ طوفانن ۾ ماڻهو هميشه مرندا ئي رهندا آهن پر هن واقعي جو وقت کان اڳ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي علم ٿي وڃڻ ۽ سندن جو وقت کان پهريان ماڻهن کي مطلع ڪري ڇڏڻ بيشڪ هي خلافِ عادت ۽ معجزن مان آهي.

## اڳين نبين ۽ خاتم النبيين جا معجزا

هر نبيءَ جو معجزو جيئن ته ان جي نبوت جي ثبوت جو دليل هوندو آهي تنهنڪري الله تعاليٰ هر نبي کي ان جي دور جي ماحول ۽ ان جي امت جي مزاج عقل ۽ سمجهه جي مطابق معجزن سان نوازيو، مثال طور حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي دور ۾ جيئن ته جادو ۽ جادوئي ڪارناما پنهنجي ترقي جي اعليٰ ترين مرتبي تي پهتل هئا ان لاءِ الله تعاليٰ کين "يد بيضا" ۽ "عصا" جا معجزا عطا

[1] مشكاة المصابيح، كتاب احوال القيامة ... الخ، باب المعجزات، الحديث: 5900، ج 2، ص 387

فرمايا جن سان پاڻ جادوگرن جي جادوئي ڪارنامن تي اهڙي طرح غلبو حاصل ڪيو جو سيئي جادوگر سجدي ۾ ڪري پيا ۽ سندن نبوت تي ايمان آندائون.

اهڙي طرح حضرت عيسىٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي زماني ۾ علمِ طب تمام گهڻي ترقي ڪري چڪو هو ۽ ان دور جي طبيبن ۽ ڊاڪٽرن وڏن وڏن مرضن جو علاج ڪري پنهنجي فني مهارت سان تمام انسانن کي حيران ڪري ڇڏيو هو ان ڪري الله تعالىٰ حضرت عيسىٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي ڄائي ڄم انڌن ۽ ڪوڙهين کي شفا ڏيڻ ۽ مُڙدن کي زندهه ڪرڻ جو معجزو عطا فرمايو جنهن کي ڏسي مسيحي دور جي طبيبن ۽ ڊاڪٽرن جا هوش اڏامي ويا ۽ اهي حيران ۽ وائڙا ٿي ويا آخرڪار انهن هنن معجزن کي انساني ڪمالات کان بلند مڃي سندن نبوت جو اقرار ڪيو.

اهڙي طرح حضرت صالح عَلَيْهِ السَّلَام جي بعثت جي دور ۾ بت گهڙڻ ۽ مجسما سازي جي ڪمالات جو وڏو چرچو هو تنهنڪري الله تعالىٰ کين هي معجزو عطا فرمائي موڪليو ته پاڻ هڪ پهاڙيءَ جي طرف اشارو فرمايائون ته ان جي هڪ وڏي ڇپ چيرجي وئي ۽ ان مان هڪ نهايت خوبصورت ۽ تندرست ڏاچي ۽ ان جو ٻچو نڪري پيو ۽ پاڻ فرمايائون ته:

هٰذِهٖ نَاقَةُ اللّٰهِ لَكُمْ اٰيَةً[1]

**ترجمو ڪنز الايمان:** هيءَ الله جي ڏاچي آهي جيڪا توهان جي لاءِ معجزو بڻجي آئي آهي.

[1] پ 8، سورة الاعراف، آيت: 73

حضرت صالح عَلَيْهِ السَّلَام جي قوم سندن اِهو معجزو ڏسي ايمان آندو.

مطلب تہ اهڙي طرح هر نبيءَ کي ان جي دور جي ماحول جي مطابق ۽ ان جي قوم جي مزاج ۽ انهن جي فطري طبيعت جي مطابق ڪنهن کي هڪ، ڪنهن کي ٻہ، ڪنهن کي ان کان وڌيڪ معجزا مليا پر اسان جا نبي آخر الزمان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڇو تہ تمام نبين جا ٻہ نبي آهن ۽ سندن سيرتِ مقدسہ سيني انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي مقدس زندگيءَ جو خلاصو آهي سندن تعليم سيني نبين جي تعليم جو عطر آهي ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ هڪ عالمگير ۽ ابدي دين ڪٽي تشريف ڪٽي آيا هئا ۽ عالمِ ڪائنات ۾ اولين ۽ آخرين جون تمام قومون، مِلَتون سندن مقدس دعوت جون مخاطب هيون، تنهنڪري الله تعالىٰ سندن ذاتِ مقدسہ کي اڳين نبين جي سيني معجزات جو مجموعو بڻائي ڇڏيو ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي قسم قسم جي اهڙن بيشمار معجزن سان سرفراز فرمايو جيڪي هر طبقي، هر قوم، هر گروهہ ۽ سيني اهل مذهبن جي مزاج عقل ۽ فهم جي لاءِ ضروري هئا. انڪري سندن سيرت ۽ صورت، سنت ۽ شريعت، اخلاق ۽ عادتون، سندن جي ڏينهن رات جا معمولات، مطلب حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذات ۽ صفات جي هڪ هڪ ادا ۽ هڪ هڪ ڳالهہ پنهنجي دامن ۾ معجزن جي هڪ دنيا سمائي رکي آهي. سندن تي جيڪو ڪتاب نازل ٿيو اهو رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو سڀ کان وڏو ۽ قيامت تائين باقي رهڻ وارو اهڙو ابدي معجزو آهي جنهن جي هڪ هڪ آيت واضح نشانين جو ڪتاب ۽ جنهن جي سِٽ سِٽ معجزن جو خزانو آهي. سندن

معجزا مٿانهين دنيا (يعني آسمان) ۽ هيٺئين دنيا (يعني زمين) ٻنهي جهانن ۾ اهڙي طرح جلوه گر ٿيا جو فرش کان عرش تائين سندن معجزن جي عظمت جو چرچو ٿي رهيو آهي. سڄي زمين تي جمادات، نباتات، حيوانات جي تمام جهانن ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرح طرح جي معجزن جي اهڙي مسلسل حڪمراني ۽ سلطنت جو جهنڊو ڦڙڪيو جو وڏن وڏن منڪرن کي به پاڻ سڳورن جي صداقت ۽ نبوت جي اڳيان جهڪڻو پئجي ويو ۽ دشمنن کان سواءِ هر انسان پوءِ چاهي اهو ڪهڙي به قوم يا مذهب سان تعلق رکندو هجي ۽ پنهنجي فطري طبيعت ۽ مزاج عقل جي لحاظ کان ڪيتري به وڏي منزل تي فائز ڇو نه هجي پر رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي معجزن جي ڪثرت ۽ انهن جي نوعيت ۽ عظمت کي ڏسي ان کي ان ڳالهه تي ايمان آڻڻو ئي پيو ته بيشڪ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نبي برحق ۽ الله جا سچا رسول آهن. جڏهن ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جسماني ۽ روحاني خداداد طاقتن تي جيڪڏهن نظر وڌي وڃي ته خبر پوندي ته سندن حياتِ مقدسه جي مختلف دور جا محير العقول (عقل کي حيران ڪندڙ) ڪارناما بذات خود عظيم کان عظيم تر معجزا آهن. ڪڏهن عرب جي طاقتور پهلوانن سان مَلَهه وڙهي انهن کي دَسي وجهڻ، ڪڏهن گهڙي کن ۾ فرشِ زمين کان سدرة المنتهيٰ تان گذرندي عرش معليٰ جو سير ڪرڻ، ڪڏهن آڱرين جي اشاري سان چنڊ جا ٻه ٽڪرا ڪرڻ، ڪڏهن لٽل سج کي واپس موٽائڻ، ڪڏهن خندق جي چٽان تي پاهوڙو هڻي روم ۽ فارس جي سلطنتن ۾ پنهنجي امّت کي پرچمِ اسلام لهرائيندي ڏيکارڻ، ڪڏهن آڱرين مان پاڻي جا

چشما جاري ڪرڻ، ڪڏهن مٺ پر ڪجورن سان سڄي لشڪر کي اهڙي طرح ڪارائڻ جو هر سپاهي پيٽ ڀري کائي ورتو وغيره وغيره معجزن جو ظاهر ڪرڻ يقيناً هي اهي معجزانا واقعا آهن جو دنيا جو ڪو به عقلمند انسان ان کان متاثر ٿيڻ کان بغير رهي نٿو سگهي.

## معجزات ڪثيره مان ڪجهه

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي معجزن جو تعداد هزار به هزار جي ڳڻپ سان شمار ڪرڻ انتهائي دشوار آهي. ڇو ته اسان لکي چڪا آهيون ته سندن ذات مقدسه سيني اڳين انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي معجزن جو مجموعو آهي. ۽ انهن کان علاوه خداوند قدوس سندن کي ٻيا به ڪيئي اهڙا معجزا عطا فرمايا هئا جيڪي ڪنهن نبي ۽ رسول کي نه ڏنا ويا. تنهنڪري هي چوڻ سچ کان به وڌيڪ ڇڻي حقيقت آهي ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سموري مقدس زندگي حقيقت ۾ خلافِ عادت معجزن جي هڪ وڏي دنيا آهي.

ظاهر آهي ته جڏهن وڏن وڏن نايابڪتابن جا مصنف حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سيني معجزن کي پنهنجن ڪتابن ۾ جمع نه ڪري سگهيا ته اسان جي هن مختصر ڪتاب جو تنگ (سوڙهو) دامن ڀلا انهن ڪثير معجزن کي ڪيئن ٿو سمائي سگهي؟ پر چوٽي مشهور آهي ته ''مَا لَا يُدْرَكُ كُلُّه، لَا يُتْرَكُ كُلُّه'' يعني جنهن شيءِ کي پورو پورو حاصل نه ڪري سگهجي ان کي بلڪل ڇڏي ڏيڻ به نه گهرجي. ان لاءِ مون مناسب سمجهيو ته پنهنجي هن مختصر ڪتاب ۾ ڪجهه معجزن جو به ذڪر ڪريان

تہ جيئن هن ڪتاب جو دامن نبوت جي معجزن جي خوشبودار مدني گلن کان بلڪل ئي خالي نہ رهجي وڃي. جيئن تہ اسان بيان ڪري آيا آهيون تہ اسان جي حضور نبي آخر الزمان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا معجزا عالمِ دنيا تائين ئي محدود نہ آهن بلڪ عالمِ دنيا ۽ عالمِ اعلٰي ۾نهي جهانن ۾ نبوي معجزن جي حڪمراني آهي تنهنڪري اسان چند قسمن جي معجزن جا ڪجهہ مثال مختلف عنوانن سان درج ڪريون ٿا.

## آسماني معجزا

### چنڊ ٻہ ٽڪرتي ويو

حضور خاتم النبيين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي معجزن ۾ ”شق القمر“ جو معجزو نهايت ئي عظيم الشان ۽ فيصلائتو معجزو آهي. حديثن ۾ آيو آهي تہ مڪي جي ڪافرن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان هي مطالبو ڪيو تہ توهان پنهنجي نبوت جي صداقت ۽ سچائي تي بطور دليل ڪو معجزو ۽ ڪا نشاني ڏيکاريو. ان وقت حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي ”شق القمر“ جو معجزو ڏيکاريو تہ چنڊ ٻہ ٽڪرا ٿي پيو. جيئن تہ حضرت عبد الله بن مسعود، حضرت عبد الله بن عباس، حضرت انس بن مالڪ، حضرت جبير بن مطعم، حضرت علي بن ابي طالب، حضرت عبد الله بن عمر، حضرت حذيفہ بن يمان رَضِيَ اللهُ عَنْهُم وغيره هن واقعي کي روايت ڪيو آهي.[1] (زرقاني علي المواهب جلد 5 ص 124)

انهن روايتن مان سيني کان وڌيڪ صحيح ۽ مستند روايت

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، المقصد الرابع في معجزاته .... الخ، ج 6، ص 472، 473 ملخصاً

حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي آهي جيڪا بخاري، مسلم ۽ ترمذي وغيره ۾ مذڪور آهي. حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ان موقعي تي موجود هئا ۽ انهن هن معجزي کي پنهنجين اکين سان ڏٺو هو. سندن بيان آهي ته:

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زماني ۾ چنڊ ٻه ٽڪرا ٿي ويو. هڪ ٽڪرو جبل جي مٿان ۽ ٻيو ٽڪرو جبل جي هيٺان نظر اچي رهيو هو. رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪافرن کي اهو منظر ڏيکاري ارشاد فرمايو ته گواهه رهجو گواهه رهجو.[1] (بخاري جلد 2 ص 721، ص 722 باب قوله وانشق القمر)

هنن حديثن کان علاوه هن عظيم الشان معجزي جو ذڪر قرآن مجيد ۾ به آهي جيئن ته ارشاد رباني آهي

اِقْتَرَبَتِ السَّاعَةُ وَ انْشَقَّ الْقَمَرُ ۝ وَ اِنْ يَّرَوْا اٰيَةً يُّعْرِضُوْا وَ يَقُوْلُوْا سِحْرٌ مُّسْتَمِرٌّ ۝[2] (قمر)

ترجمو ڪنز الايمان: قيامت ويجهي اچي وئي ۽ چنڊ چيرجي ويو ۽ اهي ڪافر جيڪڏهن ڪا نشاني ڏسن ٿا ته ان کان منهن ڦيرائن ٿا ۽ چون ٿا هي جادو ته هميشه کان هلندو ٿو اچي.

هن آيت جو صاف ۽ واضح مطلب هي آهي ته قيامت قريب اچي وئي ۽ دنيا جي عمر جو قليل حصو باقي رهجي ويو ڇو ته چنڊ جو ٻه ٽڪرا ٿيڻ جيڪو قيامت جي نشانين منجهان هو اهو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زماني ۾ ٿي چڪو پر هي واضح

---

[1] صحيح البخاري، كتاب التفسير، باب وانشق القمر .... الخ، الحديث: 4864، 4865 جلد 3، ص 339، 340

[2] پ 27، سورة القمر، آيت: 1، 2

ترين ۽ فيصلائتو معجزو ڏسي بہ مڪي جا ڪافر مسلمان نہ ٿيا ٻيٽو ظالمن هي چيو تہ محمّد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اسان تي جادو ڪري ورتو ۽ اهڙي قسم جي جادو جون شيون تہ ٿينديون ئي رهنديون آهن.

## هڪ غلط فهمي جوازالو

مٿي ذڪر ٿيل آيت جي باري ۾ ڪجهہ انهن ملحدن جو جيڪي معجزي شق القمر جا منڪر آهن هي خيال آهي تہ هن شق القمر مان مراد خالص قيامت واري ڏينهن چنڊ جو ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ آهي جڏهن آسمان ڦاٽي پوندو ۽ چنڊ ستارا ٽٽي ڪري پوندا.

پر اهلِ فهم تي واضح آهي تہ انهن ملحدن جي هيءَ بڪواس اجائي، بي معنيٰ ۽ سراسر بيهودگي واري ڳالهہ آهي ڇو تہ پهريان تہ ان صورت ۾ بغير ڪنهن قريني جي اِنْشَقَّ (چنڊ چيرجي ويو) ماضي جي صيغي کي يَنْشَقُّ (چنڊ چيرجي ويندو) مستقبل جي معنيٰ ۾ وٺڻو پوندو جيڪو بلڪل بي ضرورت آهي. ٻيو هي تہ چنڊ چيرجڻ جو ذڪر ڪرڻ کان بعد هي فرمايو ويو آهي تہ

وَاِنْ يَّرَوْا اٰيَةً يُّعْرِضُوْا وَ يَقُوْلُوْا سِحْرٌ مُّسْتَمِرٌّ ۝ [1] (قمر)

ترجمو ڪنز الايمان: يعني شق القمر جي عظيم الشان نشاني ڏسي ڪري ڪافرن چيو هي تہ جادو آهي جيڪو هميشہ کان هلندو آيو آهي

ظاهر آهي تہ جڏهن مڪي جي ڪافرن شق القمر جو معجزو

[1] پ 27، سورة القمر، آيت: 2

ڏنو تہ ان کي جادو چيائون نہ تہ هي ڳالهہ ظاهر آهي تہ قيامت جي ڏينهن جڏهن آسمان چيرجي ويندو ۽ چنڊ تارا ٽڪرا ٽڪرا ٿي ٽٽي پوندا ۽ تمام انسان مري ويندا تہ ان وقت ان کي جادو چوڻ وارو ڀلا ڪير هوندو؟ تنهنڪري بغير ڪنهن شبهي جي يقيناً هن آيت جي اها ئي معنيٰ متعين آهي تہ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زماني ۾ چنڊ چيرجي ويو ۽ ان معجزي کي ڏسي ڪافرن ان کي جادو جو ڪرتب (هنر) چيو.

## هڪ سوال ۽ جواب

ها پر هتي هڪ سوال پيدا ٿو ٿئي جيڪو اڪثر ماڻهو پڇندا آهن تہ شق القمر جو معجزو جڏهن مڪي ۾ ظاهر ٿيو تہ پوءِ هي معجزو ٻين ملڪن ۽ شهرن ۾ ڇو نظر نہ آيو؟

ان سوال جو جواب هي آهي تہ پهريان تہ مڪي مڪرمہ کان علاوه ٻين شهرن جي ماڻهن بہ جيئن حديثن مان ثابت آهي هن معجزي کي ڏٺو. جيئن تہ حضرت مسروق، حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ هي معجزو ڏسي مڪي جي ڪافرن چيو تہ ابو ڪبشہ جي پٽ (محمّد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) توهان تي جادو ڪري ڇڏيو آهي. پوءِ انهن ماڻهن پاڻ ۾ طئي ڪيو تہ ٻاهران ايندڙ ماڻهن کان پڇڻ گهرجي تہ ڏسون تہ اهي ماڻهو ان جي باري ۾ ڇا ٿا چون؟ ڇو تہ محمّد (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جو جادو تمام انسانن تي نٿو هلي سگهي. پوءِ ٻاهران ايندڙ مسافرن بہ هيءَ گواهي ڏني تہ "اسان بہ شق القمر ڏٺو آهي."[1] (شفاء قاضي عياض جلد 1 ص 183)

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، المقصد الرابع في معجزاته ... الخ، ج 6، ص 475، 476

۽ جيڪڏهن هي مجيو به وڃي ته ٻين ملڪن ۽ شهرن جي رهندڙن هن معجزي کي ناهي ڏٺو ته ڪنهن شيءِ کي نه ڏسڻ سان هي ڪيئن لازم ٿئي ٿو ته اها شيءِ ٿي ئي ناهي. آسمان ۾ روزانو قسمين قسمين آثار ظاهر ٿيندا رهن ٿا. جهڙوڪ مختلف رنگن جا ڪڪر، قوس قُزح (انڊلڻ)، تارن جو ٽٽڻ، پر هي سڀ نشانيون انهن ئي ماڻهن کي نظر ايندیون آهن جيڪي اتفاق سان ان وقت آسمان ڏي ڏسي رهيا هجن ٻين ماڻهن کي نظر ناهن ايندیون.

اهڙي طرح ٻين ملڪن ۾ هي معجزو نظر نه اچڻ جو هڪ سبب هي به ٿي سگهي ٿو ته چنڊ نڪرڻ جي اختلاف جي ڪري ڪجهه مقامات تي هڪ وقت ۾ چنڊ طلوع هوندو آهي ۽ ان ئي وقت ٻين شهرن ۾ چنڊ طلوع ئي ناهي هوندو. انڪري ئي ته جڏهن چنڊ گرهڻ ٿيندو آهي ته سيني ملڪن ۾ نظر ناهي ايندو ۽ ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي جو ٻين ملڪن ۾ ڪڪر يا جبل وغيره حائل ٿي وڃڻ سان ڪنهن ڪنهن وقت چنڊ نظر ناهي ايندو.

هن موقعي تي مناسب معلوم ٿئي ٿو ته اسان اهو نقشو هتي بعينه بيان ڪريون جيڪو قاضي محمّد سليمان صاحب منصورپوري پنهنجي ڪتاب ”رحمة للعالمين“ ۾ تحرير ڪيو آهي جنهن مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته جنهن وقت مڪي مڪرمه ۾ ”شق القمر“ جو معجزو واقع ٿيو ان وقت دنيا جي وڏن وڏن ملڪن ۾ ڪهڙو وقت هو؟ ان نقشي جي ذميداري مصنفِ ”رحمة للعالمين“ جي مٿان آهي. اسان فقط نقل بمطابق اصل هئڻ جا ذميوار آهيون. انهن جي عبارت ۽ نقشو هيٺ ڏنل تفصيل مطابق آهي. ملاحظه ڪيو.

ان کان اڳتي وڌي ڪري هاڻي اسان اهو ڏيکارڻ چاهيون ٿا تہ جيڪڏهن مڪي معظمہ ۾ اهو واقعو رات جو 9 بجي واقع ٿيو تہ ان وقت دنيا جي وڏن وڏن ملڪن ۾ ڪهڙو وقت ٿيو هو.

| ملڪ جو نالو | ڪلاڪ | منٽ | ڏينهن يا رات |
|---|---|---|---|
| هندوستان | 12 | 50 | رات |
| ماريشس | 11 | 20 | رات |
| رومانيا، بلگاريا، ترڪي،يونان، جرمن | 8 | 20 | ڏينهن |
| لڪسمبرگ، ڊينمارڪ، سوئيڊن | 8 | 20 | ڏينهن |
| آئس لينڊ مڊيريا | 5 | 20 | ڏينهن |
| اوپر برازيل | 3 | 20 | اڌ رات کان بعد |
| وچولو برازيل ۽ چلي | 2 | 20 | اڌ رات کان بعد |
| برٽش ڪولمبيا | 10 | 20 | ٻيپهري کان پهريان |
| لوڪون | 9 | 24 | ٻيپهري کان پهريان |
| برهما | 1 | 50 | اڌ رات کان بعد |
| سمالي لينڊ مڊغاسڪر | 10 | 20 | رات |
| ملائي رياستون | 2 | 20 | اڌ رات کان بعد |
| جزائر سنڊوڪ | 7 | 50 | ڏينهن |
| انگلستان، آئرلينڊ، فرانس، بيلجيم، | 6 | 20 | ڏينهن |

| | | | |
|---|---|---|---|
| اسپين، پرتگال، جبل الطارق، الجيريا | | | |
| پيرو، پتام، جميڪا، بهاهن، امريڪا | 1 | 20 | اڌ رات کان بعد |
| سموآ | 6 | 20 | ڏينهن |
| نيوزي ليند | 6 | 50 | صبح |
| تسمانيه، وڪٽوريا، نيو ساؤٿ ويلز | 5 | 22 | صبح |
| ڏکڻ آسٽريليا | 4 | 50 | صبح |
| جاپان، ڪوريا | 4 | 20 | ٻيپهري کان بعد |
| اولهه آسٽريليا، اتر بورنيو، جزائر فلپائن، هانگ ڪانگ، چين | 3 | 20 | ٻيپهري کان بعد |

هنن وقتن جو نقشو استينبرڊ ٽائم جي حساب سان آهي.

(رحمة للعالمين جلد سوم ص 190)

## سج واپس آيو

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي آسماني معجزن مان سج واپس اچڻ جو معجزو به تمام عظيم الشان معجزو آهي ۽ نبوت جي سچائيءَ جو واضح ثبوت آهي. اهو واقعو ڪجهه هن ريت آهي ته حضرت بيبي اسماء بنت عميس رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون ته "خيبر" جي ويجهو "منزل صهبا" ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عصر جي نماز پڙهي حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي جهوليءَ ۾

پنهنجو مٿو مبارڪ رکي سمهي پيا ۽ پاڻ تي وحي نازل ٿيڻ لڳي. حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ مٿي مبارڪ کي پنهنجي جهوليءَ ۾ رکي وينا رهيا. ايتري تائين جو سج لهي ويو ۽ کين اها خبر پئي تہ حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي نماز عصر قضا ٿي وئي آهي تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي دعا فرمائي تہ ”يا الله پاڪ! يقيناً علي تنهنجي ۽ تنهنجي رسول جي اطاعت ۾ هو تنهنڪري تون سج کي واپس موٽاءِ تہ جيئن علي نماز عصر ادا ڪري وٺي.“

حضرت بيبي اسماء بنت عميس فرمائن ٿيون تہ مون پنهنجي اکين سان ڏٺو تہ لٿل سج واپس موٽي آيو ۽ جبلن جي چوٽين تي ۽ زمين جي مٿان هر طرف اُس ڦهلجي وئي.[1]

(زرقاني ج 5 ص 113، و شفاء ج 1 ص 185 و مدارج النبوة ج 2 ص 252)

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ بخاري جي روايتن ۾ هن معجزي جو ذڪر ناهي پر ياد رکو تہ ڪنهن حديث جو بخاري ۾ نہ هئڻ ان ڳالهہ جو دليل ناهي تہ اها حديث بلڪل ئي بي اصل آهي. امام بخاري کي ڇهہ لک حديثون زباني ياد هيون. انهن ئي حديثن مان چونڊي انهن بخاري شريف ۾ جيڪڏهن مڪرر ۽ متابعات کي شامل ڪري ڳڻيون وڃن تہ صرف نوَ هزار ٻياسي حديثون لکيون آهن ۽ جيڪڏهن مڪرر ۽ متابعات کي ڇڏي ڳڻيون وڃن تہ ڪُل حديثن جو تعداد ٻہ هزار ست سو ايڪهٺ (2761) ٿئي ٿو.[2]

(مقدمہ فتح الباري)

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب رد الشمس له، ج 6، ص 484، 485

[2] مقدمة فتح الباري، الفصل الاول، ج 1، ص 10

باقي حديثون جيڪي امام بخاري کي زباني ياد هيون ظاهر آهي تہ اهي بي اصل ۽ موضوع نہ هونديون بلڪ اهي بہ يقيناً صحيح يا حسن ئي هونديون تہ پوءِ اهي سڀ ڪٿي آهن؟ ۽ انهن جو ڇا ٿيو؟ تہ ان بابت هي چوڻو پوندو تہ ٻين محدثين انهن حديثن کي ۽ ڪجهہ ٻين حديثن کي پنهنجن پنهنجن ڪتابن ۾ لکيو آهي. جيئن منزل صهبا ۾ حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي نماز عصر لاءِ سج واپس اچڻ جي حديث کي ڪيترن ئي محدثن پنهنجن پنهنجن ڪتابن ۾ لکيو آهي. جيئن حضرت شيخ عبد الحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو تہ امام ابو جعفر طحاوي، احمد بن صالح، امام طبراني ۽ قاضي عياض جن هن حديث کي پنهنجي پنهنجي ڪتابن ۾ تحرير فرمايو آهي ۽ امام طحاوي اهو بہ فرمايو آهي تہ امام احمد بن صالح جيڪي امام احمد بن حنبل جي ٽڪر جا عالم آهن، فرمائيندا هئا تہ هيءَ روايت عظيم ترين معجزو ۽ علاماتِ نبوت منجهان آهي تنهنڪري ان کي ياد رکڻ ۾ اهلِ علم کي نہ پوئتي رهڻ گهرجي ۽ نہ وري غفلت ڪرڻ گهرجي.[1] (مدارج النبوة ج 2 ص 254)

بهرحال جن جن محدثن هن حديث کي پنهنجن ڪتابن ۾ لکيو آهي انهن جي هڪ مختصر فهرست هي آهي:

| محدث جو نالو | ڪتاب جو نالو |
|---|---|
| (1) حضرت امام ابو جعفر طحاوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه | مشڪل الآثار ۾ |
| (2) حضرت امام حاڪم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه | مستدرڪ ۾ |

[1] (مدارج النبوت، قسم سوم، باب ششم، ج 2، ص 254 ملتقطاً

(3) حضرت امام طبراني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه — معجم كبير ۾

(4) حضرت حافظ ابن مردويه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه — پنهنجي مرويات ۾

(5) حضرت حافظ ابو البشر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه — الذرية الطاهره ۾

(6) حضرت قاضي عياض رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه — شفاء شريف ۾

(7) حضرت خطيب بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه — تلخيص المتشابه ۾

(8) حضرت حافظ مغلطائي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه — الزهر الباسم ۾

(9) حضرت علامه عيني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه — عمدة القاري ۾

(10) حضرت علامه جلال الدين سيوطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه — كشف اللبس ۾

(11) حضرت علامه ابن يوسف دمشقي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه — مزيل اللبس ۾

(12) حضرت شاه ولي الله محدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه — ازالة الخفاء ۾

(13) حضرت شيخ عبد الحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه — مدارج النبوت ۾

(14) حضرت علامه محمد بن عبد الباقي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه — زرقاني عَلَي المواهب ۾

(15) حضرت علامه قسطلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه — مواهب لدنيه ۾

هن حديث تي علامه ابن جوزيءَ جيڪي پنهنجي عادت مطابق جرحون ڪيون آهن ۽ هن حديث کي موضوع قرار ڏنو آهي، حضرت علامه عيني عمدة القاري جلد 7 ص 146 ۾ تحرير فرمايو

آهي تہ علامہ ابن جوزي جون جرحون قابلِ توجھ نہ آهن، حضرت امام ابو جعفر طحاوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث جون سندون لکي فرمايو تہ هٰذَانِ الْحَدِيْثَانِ ثَابِتَانِ وَ رُوَاتُهُمَا ثِقَاتٌ[1] يعني هي ٻئي روايتون ثابت آهن ۽ انهن جا راوي ثقہ (معتبر) آهن.

(شفاء شريف جلد 1ص 185)

اهڙي طرح حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بہ علامہ ابن جوزي جي جرحن کي رد ڪري ڇڏيو آهي ۽ هن حديث جي صحيح ۽ حسن هئڻ جي ڀرپور تائيد ڪئي آهي.[2]

(مدارج النبوة، ج 2، ص 254)

اهڙي طرح ازالة الخفاء ۾ علامہ محمد بن يوسف دمشقي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪتاب "مزيل اللبس عن حديث رد الشمس" جي هيءَ عبارت منقول آهي تہ:

اعلم ان هذا الحديث رواه الطحاوى فى كتابه "شرح مشكل الاثار" عن اسماء بنت عميس من طريقين و قال هذان الحديثان ثابتان ورواتهما ثقات و نقله قاضى عياض فى "الشفاء" و الحافظ ابن سيد الناس فى "بشرى اللبيب" و الحافظ علاء الدين مغلطائى فى كتابه "الزهر الباسم" و صححه ابو الفتح الازدى و حسنه ابو زرعة بن العراقى و شيخنا الحافظ جلال الدين السيوطى فى "الدرر المنتشرة

[1] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، فصل في انشقاق القمر و حبس الشمس، ج 1، ص 284
[2] مدارج النبوت، قسم سوم، باب ششم، ج 2، ص 254

فی الاحادیث المشتهرة" وقال الحافظ احمد بن صالح و ناهیک به لا ینبغی لمن سبیله العلم التخلف عن حدیث اسماء لانه من اجل علامات النبوة و قدانکر الحفاظ علی ابن الجوزی ایراده الحدیث فی "کتاب الموضوعات"[1] (التقریر المعقول في فضل الصحابة واهل بیت الرّسول ص 88)

تون ڄاڻي وٺ تہ هن حديث کي حضرت امام طحاوي پنهنجي ڪتاب "شرح مشڪل الآثار" ۾ حضرت اسماء بنت عميس رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کان ٻن سَنَدُن سان روايت ڪيو آهي ۽ فرمايو آهي هي ٻئي حديثون ثابت آهن ۽ انهن ٻنهي کي روايت ڪرڻ وارا معتبر آهن ۽ هن حديث کي قاضي عياض "شفاء شريف" ۾ ۽ حافظ ابن سيد الناس "بشري اللبيب" ۾ ۽ حافظ علاءُ الدين مغلطائي پنهنجي ڪتاب "الزهر الباسم" ۾ نقل ڪيو آهي ۽ ابو الفتح ازدي هن حديث کي "صحيح" ٻڌايو ۽ ابو زرعہ عراقي ۽ اسان جي استاد صاحب جلال الدين سيوطي "الدرر المنتشره في الاحاديث المشتهره" ۾ هن حديث کي "حسن" ٻڌايو آهي ۽ حافظ احمد بن صالح فرمايو تہ تنهنجي لاءِ اهو ئي ڪافي آهي ۽ عالمن کي هن حديث کان پوئتي نہ رهڻ گهرجي ڇو جو اها نبوت جي تمام وڏن معجزن منجهان آهي ۽ حديث جي حافظن ان ڳالهہ کي خراب سمجهيو آهي جو "ابن جوزي" ان حديث کي "ڪتاب الموضوعات" ۾ ذڪر ڪيو آهي.

---

[1] ازالة الخفاء، مقصد دوم، اما مآثر امير المومنين .... الخ، ج 4، ص 488

## سج بيهي ويو

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي آسماني معجزن مان سج واپس اچڻ واري معجزي وانگر هلندڙ سج جو بيهي وڃڻ بہ هڪ تمام عظيم معجزو آهي جيڪو معراج جي رات گذرڻ کان پوءِ ڏينهن جو واقع ٿيو. جيئن يونس بن بڪير جن ابن اسحٰق کان روايت ڪئي آهي تہ جڏهن قريش جي ڪافرن حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان پنهنجي ان قافلي وارن جا حالات معلوم ڪيا جيڪو ملڪ شام کان مڪي اچي رهيو هو تہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ ها مان توهان جي ان قافلي کي بيت المقدس جي رستي ۾ ڏٺو آهي ۽ اهو اربع جي ڏينهن مڪي پهچي ويندو. پوءِ قريشن اربع جي ڏينهن شهر کان ٻاهر نڪري پنهنجي قافلي جي اچڻ جو انتظار ڪيو ايتري تائين جو سج لهڻ لڳو ۽ قافلو نہ آيو ان وقت حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بارگاهِ الٰهي ۾ دعا گهري تہ الله تعالىٰ سج کي بيهاري ڇڏيو ۽ هڪ گهڙي ڏينهن کي وڌائي ڇڏيو ايتري تائين جو اهو قافلو پهچي ويو.[1]

(زرقاني ج 5 ص 116 و شفاء ج 1 ص 185)

واضح رهي تہ "حبس الشمس" يعني سج کي بيهاري ڇڏڻ. هي معجزو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ ئي مخصوص ناهي پر اڳين نبين مان حضرت يوشع بن نون عَلَيْهِ السَّلَام جي لاءِ بہ هي معجزو ظاهر ٿي چڪو هو. جنهن جو واقعو هن طرح آهي تہ جمعي جي ڏينهن اُهي بيت المقدس ۾ قوم جبارين سان جهاد فرمائي رهيا هئا تہ سج لهڻ لڳو ۽ هي خطرو پيدا ٿي ويو تہ جيڪڏهن سج

[1] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، فصل في انشقاق القمر وحبس الشمس، ج 1، ص 284، 285

لهي ويو تہ چنچر جو ڏينهن تي ويندو ۽ چنچر جي ڏينهن موسوي (يعني حضرت موسي جي) شريعت جي حڪم مطابق جهاد نہ تي سگهندو تہ ان وقت الله تعاليٰ هڪ گهڙي تائين سج کي هلڻ کان روڪي ڇڏيو ۽ حضرت يوشع بن نون عَلَيْهِ السَّلَام قوم جبارين تي فتحياب تي جهاد مان فارغ تي ويا.[1]

(تفسير جلالين سوره مائده ص 98 و تفسير جمل ج 1 ص 480)

## معراج شريف

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي آسماني معجزن مان معراج جو واقعو بہ تمام گهڻي اهميت وارو ۽ اسان جي مادي دنيا کان بلڪل الڳ ۽ عقل جي سرحدن کان تمام گهڻو مٿي آهي.

معراج جو ٻيو نالو ”اسراء“ بہ آهي ”اسراء“ جي معنيٰ رات جو هلائڻ يا رات جو وڻي وڃڻ، ڇو جو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي واقعۂ معراج کي الله تبارڪ و تعاليٰ قرآن مجيد ۾ سُبْحٰنَ الَّذِیْۤ اَسْرٰى بِعَبْدِهٖ لَیْلًا[2] جي لفظن سان بيان فرمايو آهي تنهنڪري معراج جو نالو ”اسراء“ پئجي ويو ۽ جيئن تہ حديثن ۾ معراج جو واقعو بيان فرمائيندي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ”عُرِجَ بِیْ“ (مونکي مٿي چاڙهيو ويو) جا لفظ ارشاد فرمايا ان لاءِ هن واقعي جو نالو ”معراج“ ٿيو.

حديثن ۽ سيرت جي ڪتابن ۾ هن واقعي کي تمام گهڻن صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم بيان ڪيو آهي جيئن علامہ زرقاني 45

---

[1] حاشية الجمل علي الجلالين و تفسيرالجلالين، سورة المائدة، تحت الآية: 26، ج 2، ص 208 ملخصاً

[2] پ 15، بني اسرائيل: 1

صحابن جا نالا ڳڻايا آهن جن حديثِ معراج کي روايت ڪيو آهي.[1] جيئن تہ اسان پنهنجي ڪتاب ”نوراني تقريرون“ ۾ هن جو ڪنهن حد تائين تفصيل سان تذڪرو تحرير ڪري چڪا آهيون.

## معراج ڪڏهن ٿيو؟

معراج جي تاريخ، ڏينهن ۽ مهيني ۾ تمام گهڻا اختلاف آهن پر ان ڳالهہ تي سڀني جو اتفاق آهي تہ معراج نزولِ وحي (وحي جي نازل ٿيڻ) کان بعد ۽ هجرت کان پهريان جو واقعو آهي جيڪو مڪي معظّمہ ۾ پيش آيو ۽ ابن قتيبہ دينوري (المتوفي سن 267 هہ)، ابن عبد البر (المتوفي سن 463 هہ)، امام رافعي ۽ امام نووي جن تحرير فرمايو تہ معراج جو واقعو رجب جي مهيني ۾ ٿيو ۽ محدث عبد الغني مقدسي رجب جي ستاويهين بہ خاص ڪري چڏي آهي ۽ علامہ زرقاني تحرير فرمايو آهي تہ ماڻهن جو ان تي ئي عمل آهي ۽ ڪن مورخن جي راءِ آهي تہ اهائي سڀني کان مضبوط روايت آهي.[2] (زرقاني ج 1 ص 355 کان ص 358)

## معراج ڪيترا پيراءِ ڪيئن ٿيو؟

جمهور علماءِ ملت جو صحيح مذهب اهو ئي آهي تہ معراج بيداري جي حالت ۾ جسم ۽ روح سان گڏ صرف هڪ پيرو ٿيو جمهور صحابہ، تابعين، فقهاء ۽ محدثين ۽ صوفياءِ ڪرام جو بہ اهو ئي مذهب آهي. جيئن تہ علامہ حضرت ملا احمد جيون رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (استاد اورنگزيب عالمگير بادشاهہ) تحرير فرمايو آهي تہ:

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، المقصد الخامس في تخصيصه ... الخ، ج 8، ص 25 — 27

[2] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب وقت الاسراء، ج 2، ص 70، 71 ملتقطاً

وَ الْاَصَحُّ اَنَّهٗ كَانَ فِي الْيَقْظَةِ بِجَسَدِهٖ مَعَ رُوْحِهٖ وَ عَلَيْهِ اَهْلُ السُّنَّةِ وَ الْجَمَاعَةِ فَمَنْ قَالَ اِنَّهٗ بِالرُّوْحِ فَقَطْ اَوْ فِي النَّوْمِ فَقَطْ فَمُبْتَدِعٌ ضَالٌّ مُضِلٌّ فَاسِقٌ [1]

(تفسيرات احمديه بني اسرائيل ص 408)

سيني کان وڌيڪ صحيح قول هي آهي تہ معراج بحالت بيداري جسم ۽ روح سان گڏ ٿيو اهو ئي اهلسنت و جماعت جو مذهب آهي. تنهنڪري جيڪو شخص هي چوي تہ معراج فقط روحاني ٿيو يا معراج فقط خواب ۾ ٿيو اهو شخص بدعتي، گمراهہ، گمراهہ ڪندڙ ۽ فاسق آهي.

## ديدارِ الهٰي

ڇا معراج ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن الله تعالىٰ کي ڏٺو؟ ان مسئلي ۾ سلفِ صالحين جو اختلاف آهي. حضرت عائشہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ۽ ڪجهہ صحابہ فرمايو تہ معراج ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله تعالىٰ کي نہ ڏٺو ۽ انهن مَا كَذَبَ الْفُؤَادُ مَا رَاٰى [2] جي تفسير ۾ هي فرمايو تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن الله تعالىٰ کي نہ ڏٺو پر معراج ۾ حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام کي سندن اصلي شڪل ۽ صورت ۾ ڏٺو جو انهن جا ڇهہ سؤ (600) پَرَ هئا ۽ ڪجهہ سلف (يعني اڳوڻن عالمن) مثلاً حضرت سعيد بن جبير تابعي جن ان مسئلي جي حوالي سان تہ ڏٺو يا نہ ڏٺو ۾ ڪجهہ چوڻ کان خاموش رهيا پر صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم ۽ تابعين جي هڪ تمام

---

[1] التفسيرات الاحمدية، سورة بني اسرائيل، ص 505

[2] پ 27، سورة النجم، آيت: 11

وڏي جماعت هي فرمايو آهي تہ حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي مبارڪ اکين سان الله تعالىٰ کي ڏٺو.[1] (شفاء جلد 1 ص 120 کان 121)

جيئن تہ حضرت عبد الله بن الحارث روايت ڪئي آهي تہ حضرت عبد الله بن عباس ۽ حضرت ڪعب رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا هڪ مجلس ۾ جمع ٿيا تہ حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جن فرمايو تہ ڪوئي ڪجهہ بہ چوندو رهي پر اسان بني هاشم وارا اهو ئي چئون ٿا تہ بيشڪ حضرت محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن يقيناً پنهنجي رب کي معراج ۾ بہ ڏٺو. اهو ٻڌي حضرت ڪعب رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ اهڙو زور سان نعرو هنيو جو جبل گونجڻ لڳا ۽ فرمايائون تہ بيشڪ حضرت موسىٰ عَلَيْهِ السَّلَام جن خدا سان ڪلام ڪيو ۽ حضرت محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خدا کي ڏٺو.

اهڙي طرح حضرت ابو ذر غفاري رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جن مَا كَذَبَ الْفُؤَادُ مَا رَاٰى[2] جي تفسير ۾ فرمايو تہ نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي رب کي ڏٺو. اهڙي طرح حضرت معاذ بن جبل رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان روايت ڪئي آهي تہ ”رَاَيْتُ رَبِّيْ“ يعني مون پنهنجي رب کي ڏٺو.

محدث عبد الرزاق نقل ڪن ٿا تہ حضرت امام حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن ڳالهہ تي حلف (قسم) کڻندا هئا تہ يقيناً حضرت محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي رب کي ڏٺو ۽ ڪن متڪلمين (علمِ ڪلام جي ماهرن) نقل ڪيو آهي تہ حضرت عبد الله بن

---

[1] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، فصل و اما رؤيته لربه، ج 1، ص 196، 197 ملخصاً

[2] پ 27، سورة النجم، آيت: 11

مسعود صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو به اهو ئي مذهب هو ۽ ابن اسحٰق نقل ڪن ٿا تہ مديني جي حاڪم مروان حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان سوال ڪيو تہ ڇا حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي رب کي ڏٺو؟ تہ پاڻ جواب ڏنائون تہ "جي ها".

اهڙي طرح نقاش حضرت امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي باري ۾ ذڪر ڪيو آهي تہ پاڻ هي فرمايائون تہ مان حضرت عبد الله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جي مذهب جو قائل آهيان تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خدا کي ڏٺو، ڏٺو، ڏٺو، ايتري دير تائين هو ڏٺو ڏٺو چوندا رهيا جو سندن ساهہ منجهي پيو.[1] (شفاء ج 1 ص 119 کان ص 120)

صحيح بخاري ۾ حضرت انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان شريڪ بن عبد الله جيڪا معراج جي روايت بيان ڪئي آهي ان جي آخر ۾ آهي تہ

حَتّٰى جَآءَ سِدْرَةَ الْمُنْتَهٰى وَ دَنَا الْجَبَّارُ رَبُّ الْعِزَّةِ فَتَدَلّٰى حَتّٰى كَانَ مِنْهُ قَابَ قَوْسَيْنِ اَوْ اَدْنٰى[2]

(بخاري ج 2 ص 1120 باب قول الله: وكلم الله _ الخ)

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سدرة المنتهٰي تي تشريف کڻي ويا ۽ عزت وارو جبار (الله تعاليٰ) ايترو قريب ٿيو ۽ ويجهو آيو جو بن ڪمانن يا ان کان به گهٽ فاصلو رهجي ويو.

بهرحال علماءِ اهلسنت جو اهو ئي مسلڪ آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم معراج واري رات پنهنجي مبارڪ اکين سان الله تعاليٰ جي ذات مقدسہ جو ديدار ڪيو.

---

[1] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، فصل و اما رؤيته لربه، ج 1، ص 196، 197

[2] صحيح البخاري، كتاب التوحيد، باب قوله تعاليٰ: وكلم الله موسيٰ ... الخ، الحديث: 7517، ج 4، ص 580، 581

هن معاملي ۾ رُويَت (ڏسڻ) کان علاوه به هڪ روايت خاص طور تي قابل توجهه آهي ۽ اها هيءَ ته پنهنجي محبوب کي الله تعاليٰ تمام شان ۽ شوڪت ۽ مان مرتبي سان پنهنجو مهمان بڻائي عرشِ اعظم تي گهرايو ۽ رازن جي اڪيلائي واري جاءِ ۾ راز ۽ نياز جي ڪلامن سان سرفراز به فرمايو. پر انهن بي پناهه عنايتن جي باوجود پنهنجي حبيب کي پنهنجو ديدار نه ڪرايو ۽ حجاب فرمايو اها هڪ اهڙي ڳالهه آهي جيڪا مزاج عشق ۽ محبت جي ويجهو مشڪل سان ئي قابل قبول ٿي سگهي ٿي ڇو ته ڪو شان وارو ميزبان پنهنجي عزت واري مهمان کي پنهنجي ملاقات کان محروم رکي ۽ ان کي پنهنجو ديدار نه ڪرائي اها عشق و محبت جو ذوق رکڻ وارن جي ويجهو سمجهه ۾ نه ايندڙ ڳالهه آهي. تنهنڪري اسان عشق وارن جو ٿولو ته امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وانگر پنهنجي آخري دم تائين اهوئي چوندو رهندو ته

اور کوئی غیب کیا تم سے نہاں ہو بھلا
جب نہ خدا ہی چھپا تم پہ کروڑوں درود
(اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه)

## معراج جو مختصر تذڪرو

معراج واري رات رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي گهر جي ڇت کلي ۽ اوچتو حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام ڪجهه فرشتن سان گڏ نازل ٿيا ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي حرمِ ڪعبه ۾ وٺي وڃي سندن سيني مبارڪ کي چاڪ ڪيو (چيريو) ۽ قلبِ انور کي ڪڍي آبِ زمزم سان ڌوتو پوءِ ايمان ۽ حڪمت سان

پريل هڪ طشت (ٿالهه) کي سندن سيني مبارڪ ۾ لاهي پيٽ جي چاڪ (چير) کي برابر ڪري ڇڏيو پوءِ پاڻ براق تي سوار ٿي بيت المقدس تشريف کڻي آيا. براق جي تيز رفتاري جو هي عالَم هو جو ان جو پير ان جاءِ تي پوندو هو جتي ان جي نگاهه جي آخري حد هوندي هئي. بيت المقدس پهچي براق کي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان ڪڙي سان بڌي ڇڏيو جنهن سان انبياء عَلَيْهِمُ السَّلَام پنهنجين پنهنجين سوارين کي بڌندا هئا پوءِ پاڻ سيني انبياءِ ڪرام ۽ رسولن عَلَيْهِمُ السَّلَام کي جيڪي اتي موجود هئا ۾ رڪعتون نماز نفل جماعت سان پڙهائيون.[1] (تفسير روح البيان جلد 5 ص 112)

جڏهن هتان نڪتا تہ حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام شراب ۽ کير جا ۾ پيالا حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اڳيان پيش ڪيا رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کير جو پيالو کڻي ورتو. اهو ڏسي حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام چيو تہ توهان فطرت کي پسند فرمايو جيڪڏهن توهان شراب جو پيالو کڻو ها تہ توهان جي امت گمراهه ٿي وڃي ها. پوءِ حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ساڻ وٺي آسمان تي چڙهيا پهرين آسمان تي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام سان، ٻئي آسمان تي حضرت يحييٰ ۽ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِمَا السَّلَام سان جيڪي ٻئي پاڻ ۾ ماسات هئا ملاقات ٿي ۽ ڪجهه گفتگو ۾ ٿي. ٽين آسمان تي حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام، چوٿين آسمان تي حضرت ادريس عَلَيْهِ السَّلَام، پنجين آسمان تي حضرت هارون عَلَيْهِ السَّلَام، ڇهين آسمان تي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ۽ ستين آسمان تي پهتا تہ اتي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام

[1] تفسير روح البيان، پ 15، الاسراء تحت الآية 1، ج 5، ص 106، 112 ملتقطاً

سان ملاقات ٿي. اُهي بيت المعمور کي ٿيڪ ڏئي وينا هئا جنهن ۾ روزانو ستر هزار فرشتا داخل ٿيندا آهن. ملاقات جي وقت هر پيغمبر ”خوش آمديد اي پيغمبرِ صالح“ چئي سندن استقبال ڪيو ۽ پوءِ ڪين جنت جو سير ڪرايو ويو. ان کان پوءِ پاڻ سدرة المنتهٰي تي پهتا. ان وڻ تي جڏهن انوار الٰهي جو پاڇو پيو تہ يڪدم ان جي صورت بدلجي وئي ۽ ان ۾ رنگ برنگي انوار جي اهڙي تجلي نظر آئي جن جي ڪيفيتن کي لفظ بيان نٿا ڪري سگهن. هتي پهچي حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام هي چئي رڪجي ويا تہ ان کان اڳتي هاڻي مان نہ ٿو هلي سگهان. پوءِ الله پاڪ ڪين عرش بلڪ عرش کان بہ مٿي جيسيتائين ان چاهيو گهرائي رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي نوازيو ۽ خلوت (اڪيلائيءَ) ۾ ناز ۽ نياز جا اهي پيغام ادا ٿيا جن جي لطافت ۽ نزاڪت لفظن جي بار کي برداشت نٿي ڪري سگهي. جيئن قرآن مجيد ۾ فَاَوْحٰۤى اِلٰى عَبْدِهٖ مَاۤ اَوْحٰى جي رمز ۽ اشاري ۾ الله تعاليٰ ان حقيقت کي بيان فرمائي ڇڏيو آهي.[2]

بارگاهِ الٰهي مان بيشمار عطائن کان علاوه ٿي خاص انعامات عطا ٿيا جن جي عظمتن کي الله ۽ رسول کان علاوه ٻيو ڪير ڄاڻي سگهي ٿو.

(1) سوره بقرة جون آخري آيتون (2) اِها خوشخبري تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت جو هر اهو شخص جنهن شرڪ نہ ڪيو

---

[1] پ 27، سورة النجم، آيت: 10

[2] مدارج النبوت، قسم اول، باب پنجم، ج 1، ص 162 — 164 ملتقطاً و المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، المقصد الخامس في تخصيصه ... الخ، ج 8، ص 30 — 37

هوندو اُهو بخشيو ويندو (3) امت تي پنجاهه وقتن جي نماز جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان خداوندي تحفن کي کڻي واپس موٽيا تہ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جن عرض ڪيو توهان جي امت کان هي پنجاهه نمازن جو بار کنيو نہ ويندو تنهنڪري توهان واپس وڃو ۽ الله تعاليٰ کي هلڪائي جي درخواست ڪيو پوءِ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي مشوري تي ڪجهه ڀيرا حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بارگاهه الٰهي ۾ ايندا ويندا رهيا ۽ عرض ڪندا رهيا ايتري تائين صرف پنجن وقتن جون نمازون رهجي ويون ۽ الله تعاليٰ پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمايو تہ منهنجو قول بدلجي نٿو سگهي. اي محبوب! توهان جي امت جي لاءِ هي پنج نمازون بہ پنجاهه ٿينديون يعني نمازون تہ پنج هونديون پر مان توهان جي امت کي انهن پنجن نمازن تي پنجاهه نمازن جو اجر ۽ ثواب عطا ڪندس.

پوءِ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عالم ملڪوت جو چڱي طرح سير فرمائي ۽ آياتِ الٰهيہ جو معائنو ۽ مشاهدو فرمائي آسمان کان زمين تي تشريف کڻي آيا ۽ بيت المقدس ۾ داخل ٿيا ۽ براق تي سوار ٿي مڪي مڪرمہ جي لاءِ روانا ٿيا. رستي ۾ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بيت المقدس کان وٺي مڪي مڪرمہ تائين جي سيني منزلن ۽ قريشن جي قافلي کي بہ ڏٺو. انهن سيني مرحلن جي طئي ٿيڻ کان بعد حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسجد حرام ۾ پهچي جڏهن تہ رات جو اڃان ڪافي حصو باقي هيو سمهي پيا ۽ صبح جو بيدار ٿيا ۽ جڏهن رات جي واقعن جو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قريشن جي اڳيان ذڪر فرمايو تہ قريش جي سردارن کي سخت تعجب ٿيو ايتري تائين جو ڪن

عقل جي انڌن حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڪوڙو چيو ۽ ڪن مختلف سوال ڪيا جڏهن تہ اڪثر قريش جي سردارن بار بار بيت المقدس کي ڏٺو هو ۽ اهي هي بہ ڄاڻندا هئا تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن بہ بيت المقدس نہ ويا آهن ان لاءِ انهن امتحان طور پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان بيت المقدس جي درن پٽين ۽ محرابن وغيره جي باري ۾ سوالن جو وسڪارو شروع ڪري ڏنو. ان وقت الله تعاليٰ فوراً ئي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سامهون بيت المقدس جي پوري عمارت جو نقشو پيش فرمائي ڇڏيو، جيئن تہ قريشي ڪافر حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان سوال ڪندا رهيا ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عمارت کي ڏسي انهن جي سوالن جا ٺيڪ ٺيڪ جواب ڏيندا رهيا. (بخاري ڪتاب الصلوٰة، ڪتاب الانبياء، ڪتاب التوحيد، باب المعراج وغيره، مسلم باب المعراج و شفاء جلد1 ص 185 ۽ تفسير روح المعاني جلد 15 ص 4 کان ص 10 وغيره جو خلاصو)

## سفر معراج جون سواريون

امام علائي پنهنجي تفسير ۾ تحرير فرمايو آهي تہ معراج ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنجن قسم جي سوارين تي سفر فرمايو. مڪي کان بيت المقدس تائين براق تي، بيت المقدس کان پهرين آسمان تائين نور جي ڏاڪڻ تي، پهرين آسمان کان ستين آسمان تائين فرشتن جي پَرَن تي، ستين آسمان کان سدرة المنتهيٰ تائين حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام جي پَرَن تي، سدرة المنتهيٰ کان مقام قاب قوسين تائين رفرف تي.[1] (تفسير روح المعاني جلد 15 ص 10)

[1] تفسير روح المعاني، پ 15، سورة الاسراء تحت الآية: 1، ج 15، ص 14

## سفر معراج جون منزلون

بيت المقدس کان مقام قاب قوسين تائين پهچڻ ۾ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڏهن منزلن تي قيام فرمايو ۽ هر منزل تي ڪجهه گفتگو ٿي ۽ ڪيترين ئي خدائي نشانين کي ملاحظ فرمايو.

(1) پهريون آسمان (2) ٻيو آسمان (3) ٽيون آسمان (4) چوٿون آسمان (5) پنجون آسمان (6) ڇهون آسمان (7) ستون آسمان (8) سدرة المنتهيٰ (9) مقام مستويٰ جتي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قدرت جي قلم هلڻ جو آواز ٻڌو (10) عرش اعظم[1]. (تفسير روح المعاني جلد 15 ص 10)

## ڪڪر هٽي ويا

حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي ته عرب ۾ نهايت ئي سخت ڏڪار پئجي ويو هو ان وقت جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خطبي لاءِ منبر تي چڙهيا ته هڪ اعرابي (عرب شريف جي ڳوٺاڻي) اٿي بيهي فرياد ڪئي ته يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم برسات نه پوڻ سبب جانور هلاڪ ۽ ٻار ٻچا بک کان تباهه ٿي رهيا آهن تنهنڪري توهان دعا فرمايو ته مينهن وسي. ان وقت آسمان تي ڪڪرن جو ڪو نالو نشان نه هو پر جيئن ئي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجا هٿ مبارڪ کنيا ته هر طرف کان جبلن وانگر ڪڪر اچي ڇائنجي ويا ۽ اجان رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منبر تان لٿا به ڪو نه هئا ته مينهن جا ڦڙا پاڻ

[1] تفسير روح المعاني، پ 15، سورة الاسراء تحت الآية: 1، ج 15، ص 15 ملخصاً

سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي نوراني ڏاڙهي مبارڪ تي ڪِرڻ لڳا ۽ اٿن ڏينهن تائين زوردار مينهن وسندو رهيو ايتري تائين جو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻئي جمعي تي خطبي جي لاءِ جڏهن منبر تي رونق افروز ٿيا تہ اهو ئي اعرابي يا ڪو ٻيو اٿي بيٺو ۽ وڏي آواز سان فرياد ڪرڻ لڳو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گهر ڪِري پيا ۽ مال ۽ جانور هلاڪ ٿي ويا تنهنڪري توهان دعا فرمايو تہ برسات بند ٿي وڃي. اهو ٻڌي رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وري پنهنجا هٿ مبارڪ کنيا ۽ هي دعا فرمائي تہ "اَللّٰهُمَّ حَوَالَيْنَا وَ لَا عَلَيْنَا" اي الله! اسان جي آسپاس برسات ٿئي ۽ اسان تي نہ ٿئي پوءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڪرن جي طرف پنهنجي دست مبارڪ سان اشارو فرمايو تہ مديني جي آسپاس ڪان ڪڪر هٽي ويا ۽ مديني ۽ ان جي آسپاس ۾ برسات بند ٿي وئي.[1]

(بخاري جلد 1 ص 127 باب الاستسقاء في الجمعة)

## هڪ ضروري تبصرو

هي ڪجهہ آسماني معجزا جيڪي بيان ٿيا اهي هن ڳالهہ جو دليل آهن تہ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خدا جي عطا ڪيل طاقت سان آسماني ڪائنات تي بہ تصرف فرمائيندا آهن ۽ سندن خداداد سلطنت جي حڪمراني زمين ئي تائين محدود ناهي بلڪ آسماني مخلوقات ۾ بہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي حڪومت جو راڄ هلندو آهي. جيئن تہ ترمذي شريف جي حديث آهي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ هر نبي جي لاءِ بہ

[1] صحيح البخاري، كتاب الاستسقاء، باب من تمطر في المطر ... الخ، الحديث: 1033، ج 1، ص 353

وزير آسمان وارن مان ۽ بہ وزير زمين وارن مان هوندا آهن ۽ منهنجا ٻئي آسماني وزير ”جبرائيل ۽ ميڪائيل“ آهن ۽ منهنجا زمين جا ٻئي وزير ”ابو بڪر ۽ عمر“ آهن.[1]

(مشڪوٰة جلد 2 ص 560 مناقب ابو بڪر ۽ عمر)

ظاهر آهي ڪنهن بہ بادشاهہ جا وزير ان جي سلطنت جي حدن ۾ ئي رهندا آهن. جيڪڏهن آسمانن ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خداداد سلطنت نہ هجي ها تہ حضرت جبرائيل ۽ ميڪائيل عَلَيْهِمَا السَّلَام حضور جي ٻن وزيرن جي حيثيت سان ڀلا آسمانن ۾ ڪيئن مقيم رهيا. يعني ثابت ٿيو تہ شهنشاهہ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بادشاهي بہ عطاءِ الٰهي سان زمين ۽ آسمان جي تمام مخلوقات تي آهي.

صاحب رجعت شمس و شق القمر — نائب دست قدرت پہ لاکھوں سلام
عرش تا فرش ہے جس کے زیر نگیں — اس کی قاہر ریاست پہ لاکھوں سلام

## قرآن مجيد

رسولِ اعظم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي معجزن مان قرآن مجيد بہ هڪ بيحد جليل القدر معجزو ۽ سندن سچائي جو هڪ فيصلائتو نشان آهي بلڪ جيڪڏهن هن کي ”اعظم المعجزات“ چيو وڃي تہ هڪ اهڙي حقيقت جو انڪشاف ٿيندو جنهن جي پرده پوشي ناممڪن آهي ڇو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ٻيا معجزا تہ پنهنجي وقت تي ظاهر ٿيا ۽ حضور جي زماني جي ماڻهن ئي انهن کي ڏٺو پر

[1] سنن الترمذي، كتاب المناقب، باب في مناقب ابي بكر و عمر رضي الله تعالى عنهما، الحديث: 3700، ج 5، ص 382

قرآن مجيد رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو اهو عظيم الشان معجزو آهي جيڪو قيامت تائين باقي رهندو.

ڪير نٿو ڄاڻي تہ الله تعاليٰ عرب جي فصحاء کي قرآن ڪريم جو مقابلو ڪرڻ جي لاءِ هڪ دفعي هينئن چيلينج ڏنو تہ

قُلْ لَّىِٕنِ اجْتَمَعَتِ الْاِنْسُ وَ الْجِنُّ عَلٰۤى اَنْ یَّاْتُوْا بِمِثْلِ هٰذَا الْقُرْاٰنِ لَا یَاْتُوْنَ بِمِثْلِهٖ وَ لَوْ كَانَ بَعْضُهُمْ لِبَعْضٍ ظَهِیْرًا۝[1] (بني اسرائيل)

ترجمو ڪنز الايمان: (اي محبوب) فرمائي ڇڏيو جو جيڪڏهن سمورا انسان ۽ جن هن ڪم جي لاءِ گڏ ٿي وڃن جو قرآن جو مثال آڻين تہ نہ آڻي سگهندا جيتوڻيڪ انهن مان هڪڙا ٻين جا مددگارن ٿين.

پر ڪو بہ ان خداوندي چيلينج کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيو. پوءِ قرآن هڪ ڀيرو ٻيهر هن طرح چيلنج ڏنو تہ

قُلْ فَاْتُوْا بِعَشْرِ سُوَرٍ مِّثْلِهٖ[2] (هود)

ترجمو ڪنز الايمان: يعني جيڪڏهن توهان سموري قرآن جو مثال نہ ٿا آڻي سگهو تہ قرآن جهڙيون ڏهہ سورتون ئي ناهي ڏيکاريو.

پر تمام گهڻي ڪوشش جي باوجود اهو بہ نہ ٿي سگهيو. پوءِ قرآن هيئن للڪاريو تہ

وَ اِنْ كُنْتُمْ فِیْ رَیْبٍ مِّمَّا نَزَّلْنَا عَلٰى

ترجمو ڪنز الايمان: (اي حبيب) اوهان فرمائي ڇڏيو جو جيڪڏهن توهان کي ان ۾ ڪو

[1] پ 15، سورة بني اسرائيل، آيت: 88

[2] پ 12، سورة هود، آيت: 13

عَبۡدِنَا فَاۡتُوۡا بِسُوۡرَةٍ مِّنۡ مِّثۡلِهٖ ۪ وَ ادۡعُوۡا شُهَدَآءَكُمۡ مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ۝ [1]

(پ 1، سورة البقره، آيت: 23)

شڪ هجي جيڪو اسان پنهنجي خاص بانهي تي لاتو آهي تہ توهان ان جهڙي ڪا هڪ سورت ئي آڻي ڏيکاريو ۽ الله کان سواءِ پنهنجن سمورن مددگارن کي سڏيو جيڪڏهن توهان سچا آهيو.

الله اڪبر! قرآن عظيم جي عظيم الشان ۽ معجزانہ فصاحت ۽ بلاغت جي بلندي تہ ڏسو جو عرب جا اهي فصيح ۽ بليغ ماڻهو جن جي فصيحانہ شاعري ۽ خطيبانہ بلاغت جي دنيا جي چئن ئي ڪنڊن ۾ ڏوم متل هئي پوءِ بہ اهي پنهنجي پوري پوري ڪوشش جي باوجود قرآن جي هڪ سورت جي مثل بہ ڪو ڪلام آڻي نہ سگهيا حد تي وئي جو قرآن مجيد فصيح عرب جي ماڻهن کي ايتري تائين چئي ڇڏيو تہ

فَلۡيَاۡتُوۡا بِحَدِيۡثٍ مِّثۡلِهٖۤ اِنۡ كَانُوۡا صٰدِقِيۡنَ ۝ [2] (سوره طور)

ترجمو ڪنز الايمان: يعني جيڪڏهن عرب جا ڪافرَ سچا آهن تہ قرآن جهڙي ڪا هڪڙي ڳالهہ ئي آڻي ڏيکارين.

مطلب تہ چار چار پيرا قرآن ڪريم عرب جي فصيح ماڻهن کي للڪاريو، چيلنج ڏنو ۽ جهنجوڙيو تہ هو قرآن جو مثل ناهي ڪڍي اچن. پر دنيا جي تاريخ گواهہ آهي تہ چوڏهن سؤ سالن جو طويل عرصو گذري وڃڻ جي باوجود اڄ تائين ڪو بہ شخص ان خداوندي چيلينج کي قبول نہ ڪري سگهيو ۽ قرآن جي مثل هڪ سورت بہ ناهي نہ

[1] پ 1، سورة البقرة، آيت: 23

[2] پ 27، سورة الطور، آيت: 34

آڻي سگهيو. هي سج کان به وڌيڪ روشن دليل آهي ته قرآن مجيد حضور خاتم النبيين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو هڪ لاثاني معجزو آهي جنهن جو مقابلو نه ڪوئي ڪري سگهيو آهي ۽ نه وري قيامت تائين ڪري سگهندو.

## علم غيب

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي معجزن منجهان حضور جو"علم غيب" به آهي. هن ڳالهه تي سڄي امت جو اتفاق آهي ته علم غيب ذاتي ته خدا کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي حاصل نه آهي پر الله پنهنجي پيارن ٻانهن يعني پنهنجي نبين ۽ رسولن وغيره کي علم غيب عطا فرمائيندو آهي. هي علم غيب عطائي چورائيندو آهي قرآن مجيد ۾ آهي ته

عٰلِمُ الْغَيْبِ فَلَا يُظْهِرُ عَلٰى غَيْبِهٖۤ اَحَدًا ۙ اِلَّا مَنِ ارْتَضٰى مِنْ رَّسُوْلٍ ۙ [1] (جن)

ترجمو ڪنز الايمان: (الله) عالم الغيب آهي، اهو پنهنجي غيب تي ڪنهن کي خبردار ناهي ڪندو سواءِ پنهنجي پسنديده رسولن جي.

اهڙي طرح قرآن مجيد ۾ ٻئي جاءِ تي الله تعاليٰ ارشاد فرمايو ته

وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُطْلِعَكُمْ عَلَى الْغَيْبِ وَ لٰكِنَّ اللّٰهَ يَجْتَبِيْ مِنْ رُّسُلِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ۪ [2] (آل عمران)

ترجمو ڪنز الايمان: الله جو شان ناهي جو اي عام انسانو! اوهان کي علم غيب ڏئي ڇڏي، ها الله چونڊي وٺندو آهي پنهنجن رسولن مان جنهن کي چاهي

---

[1] پ 29، سورة الجن، آيت: 26 - 27

[2] پ 4، سورة آل عمران، آيت: 179

تنهنڪري الله تعاليٰ پنهنجي حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بيشمار غيبن جو علم عطا فرمايو. ۽ رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هزارين غيب جون خبرون پنهنجي امت کي ڏنيون جن مان ڪن جو تذڪرو ته قرآن مجيد ۾ آهي باقي هزارين غيب جي خبرن جو ذڪر حديثن جي ڪتابن ۽ سيرت ۽ تاريخ جي دفترن ۾ موجود آهي. الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ ارشاد فرمايو ته

تِلْكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ الْغَيْبِ نُوْحِيْهَاۤ اِلَيْكَ[1] (هود)

ترجمو ڪنز الايمان: هي غيب جون خبرون آهن جن کي اسان توهان جي طرف وحي ڪريون ٿا.

هتي اسان انهن بيشمار غيب جي خبرن مان مثال جي طور ڪن جو ذڪر تحرير ڪريون ٿا. پهريان اُنهن ڪجهه غيب جي خبرن جو تذڪرو ملاحظه فرمايو جن جو ذڪر قرآن مجيد ۾ آهي.

## غالب مغلوب ٿيندو

سن 614 عيسوي ۾ روم ۽ فارس جي بادشاهن وچ ۾ هڪ جنگِ عظيم شروع ٿي ڇويهه هزار يهودين بادشاهه فارس جي لشڪر ۾ شامل ٿي ست هزار عيسائين جو قتل عام ڪيو ايسيتائين جو سن 616 عيسوي ۾ بادشاهه فارس جي فتح ٿي وئي ۽ بادشاهه روم جو لشڪر بلڪل ئي مغلوب ٿي ويو ۽ رومي سلطنت پرزا پرزا ٿي وئي. بادشاهه روم اهلِ ڪتاب ۽ مذهب جو عيسائي هو ۽ بادشاهه فارس مجوسي مذهب جو پابند ۽ آتش پرست هيو. ان لاءِ بادشاهه روم جي شڪست سان مسلمانن کي رنج ۽ غم ٿيو ۽ ڪافرن کي

[1] پ 12، سورة هود، آيت: 49

انتهائي خوشي ٿي. ڪافرن مسلمانن کي طعنو هنيو ۽ چوڻ لڳا تہ توهان ۽ نصاريٰ اهل ڪتاب آهيو ۽ اسان ۽ فارس وارا اهل ڪتاب نہ آهيون جهڙي طرح اسان جا ڀائر توهان جي ڀائرن تي فتحياب ٿي غالب اچي ويا اهڙي طرح اسان بہ هڪ ڏينهن توهان تي غالب اچي ويندا سين ڪافرن جي انهن طعنن سان مسلمانن کي اجان وڌيڪ رنج ۽ صدمو پهتو.

ان وقت رومين جي اها حالت هئي جو اهي پنهنجي اوير ۾ والاريل زمين جو چپو چپو وڃائي چڪا هئا. خزانو خالي هو. فوج منتشر هئي ملڪ ۾ بغاوتن جو طوفان اٿي رهيو هو. شهنشاهہ روم بلڪل ئي نالائق هو. اهڙين حالتن ۾ ڪو سوچي بہ نہ پيو سگهي تہ بادشاهہ روم بادشاهہ فارس تي غالب اچي سگهندو پر اهڙي وقت ۾ سچي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قرآن جي زباني مڪي جي ڪافرن کي هي اڳڪٿي ٻڌائي تہ

الٓمّٓ ۝ غُلِبَتِ الرُّوْمُ ۝ فِيْٓ اَدْنَى الْاَرْضِ وَ هُمْ مِّنْۢ بَعْدِ غَلَبِهِمْ سَيَغْلِبُوْنَ ۝ فِيْ بِضْعِ سِنِيْنَ ۝[1] (روم)

ترجمو ڪنز الايمان: رومي مغلوب ٿيا ويجهي زمين ۾ ۽ اهي پنهنجي شڪست کان پوءِ جلد غالب ايندا ڪجهہ سالن ۾

پوءِ ايئن ئي ٿيو تہ صرف نون سالن کان بعد خاص ”صلح حديبيہ“ جي ڏينهن بادشاهہ روم جو لشڪر اهل فارس تي غالب اچي ويو ۽ مخبر صادق جي هيءَ غيب جي خبر عالم وجود ۾ اچي وئي.

[1] پ 21، سورة الروم، آيت: 1 کان 4

## هجرت کان پوءِ قريش جي تباهي

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنهن بي سرو ساماني سان هجرت ڪئي هئي ۽ صحابہ ڪرام جنهن مفلسي ۽ بي وسي جي عالم ۾ ڪجهہ حبشہ تہ ڪجهہ مديني هليا ويا هئا. اهڙي حالتن کي سامهون رکندي ڀلا ڪنهن جي وهم گمان ۾ بہ اچي سگهيو ٿي تہ هي بي سروسامان ۽ گهر کان بي گهر مسلمانن جو قافلو هڪ ڏينهن مديني کان ايترو طاقتور ٿي نڪرندو جو مڪي جي ڪافرن جي تمام وڏين طاقتن کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيندو جنهن سان ڪافرن جي عظمت ۽ شوڪت جو سج لهي ويندو ۽ مسلمانن جي جان جا دشمن ڪافر نهايت ٿورن مسلمانن جي هٿان هلاڪ ۽ برباد ٿي ويندا. پر خداوندِ علام الغيوب جو غيبدان محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هجرت کان هڪ سال اڳ ئي قرآن پڙهي ان غيب جي خبر جو اعلان فرمائي رهيو هو تہ

وَاِنْ كَادُوْا لَيَسْتَفِزُّوْنَكَ مِنَ الْاَرْضِ لِيُخْرِجُوْكَ مِنْهَا وَ اِذًا لَّا يَلْبَثُوْنَ خِلٰفَكَ اِلَّا قَلِيْلًا ۝ [1] (بني اسرائيل)

ترجمو ڪنز الايمان: جيڪڏهن انهن توکي مڪي جي سرزمين کان ڊيڄاريو هو تہ جيئن توکي ان مان ڪڍي ڇڏن تہ اُهي مڪي وارا تو کان پوءِ تمام ٿوري عرصي تائين باقي رهندا.

پوءِ هيءَ پيشنگوئي حرف بہ حرف پوري ٿي ۽ هڪ ئي سال کان بعد غزوہ بدر ۾ مسلمانن جي فتح مبين قريشي ڪافرن جي سردارن جو خاتمو ڪري ڇڏيو ۽ مڪي جي ڪافرن جي لشڪري طاقت جي پاڙ پٽجي وئي ۽ انهن جي شان و شوڪت جو جنازو نڪري ويو.

---

[1] پ 15، سورة بني اسرائيل، آيت: 76

## مسلمان هڪ ڏينهن شهنشاهه بڻجندا

هجرت کان بعد قريش جا ڪافر بدلي جي جوش ۾ سخت ڪاوڙ ۾ هئا ۽ بدر جي شڪست کان بعد تہ بدلي جي باهہ انهن کي پاڳل بڻائي ڇڏيو هو. عرب جي سمورن قبيلن کي انهن جوش ڏياري مسلمانن تي حملو ڪرڻ لاءِ تيار ڪري ورتو هو. ۽ مسلسل اٺن سالن تائين خوني جنگين جو سلسلو جاري رهيو. جنهن ۾ مسلمانن کي تنگدستي، فاقہ ڪشي، قتل و خونريزي ۽ طرح طرح جي مصيبتن کي منهن ڏيڻو پيو. مسلمانن کي هڪ لمحي لاءِ بہ سڪون ميسر نہ هو. مسلمان خوف ۽ حراس جي حالت ۾ راتين جو جاڳي جاڳي وقت گذاريندا هئا ۽ سڄي سڄي رات رحمتِ عالم جي ڪاشانہ نبوت جو پهرو ڏيندا رهندا هئا پر عين انهيءَ پريشاني ۽ بي سروساماني جي ماحول ۾ بنهي جهانن جي سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قرآن شريف جو هي اعلان ڦهلايو تہ مسلمانن کي ”خلافتِ ارض“ يعني دين ۽ دنيا جي شهنشاهي جو تاج پارايو ويندو. جيئن غيب دان رسول پنهنجي دلڪش ۽ شيرين لهجي ۾ قرآن جي انهن روح پرور ۽ ايمان افروز آيتن کي علي الاعلان تلاوت فرمائڻ شروع ڪري ڏنو تہ

وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَيَسْتَخْلِفَنَّهُمْ فِي الْاَرْضِ كَمَا اسْتَخْلَفَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۪ وَلَيُمَكِّنَنَّ لَهُمْ دِيْنَهُمُ الَّذِي ارْتَضٰى لَهُمْ وَلَيُبَدِّلَنَّهُمْ

ترجمو ڪنز الايمان: توهان منجهان جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون، الله انهن سان واعدو ڪيو آهي تہ انهن کي زمين ۾ خلافت ڏيندو جيئن الله انهن کان اڳين ماڻهن کي خلافت ڏني ۽ جنهن

مِّنۡۢ بَعۡدِ خَوۡفِهِمۡ اَمۡنًا ؕ[1] (سوره نور)

دين کي انهن جي لاءِ پسند فرمايائين ان کي جمائي ڇڏيندو ۽ انهن جي خوف کي امن سان بدلائي ڇڏيندو.

مسلمان جن ناموافق حالتن ۽ پريشان ڪن ماحول جي ڪشمڪش ۾ مبتلا هئا اهڙي حالت ۾ خلافتِ ارض (سموري زمين جي خلافت) ۽ دين ۽ دنيا جي شهنشاهي جي هيءَ عظيم بشارت انتهائي حيرت ناڪ خبر هئي پلا ڪير هو جيڪو اهو سوچي پيو سگهي تہ مسلمانن جو هڪ مظلوم ۽ بيوس گروهہ جنهن کي مڪي جي ڪافرن طرح طرح جون اذيتون ڏئي چٽي ڇڏيو هو ۽ ان پنهنجو سڀ ڪجهہ ڇڏي مديني اچي ڪجهہ نيڪ ٻانهن جي ڇانوَ ۾ پناهہ ورتي هئي ۽ ان گروهہ کي هتي اچي بہ سڪون ۽ اطمينان جي ننڍ نصيب نہ ٿي هئي پلا هڪ ڏينهن اهڙو بہ ايندو تہ ان جماعت کي اهڙي شهنشاهي ملي ويندي جو خدا جي آسمان هيٺان ۽ خدا جي زمين مٿان انهن کي خدا کان سواءِ ڪنهن ٻئي جو خوف نہ هوندو. بلڪ سڄي دنيا انهن جي عزت ۽ جلال کان ڏڪڻ لڳندي پوءِ سموري دنيا ڏٺو تہ هيءَ بشارت پوري ٿي ۽ انهن مسلمانن شهنشاهہ بڻجي اهڙي طرح دنيا تي ڪامياب حڪومت ڪئي جو ان جي سامهون دنيا جي تمام مهذب حڪومتن جو انتظام ٻڪڙي ويو ۽ پوري دنيا جي سلطانن جا جهنڊا عظمتِ اسلام جي اڳيان جهڪي ويا. ڇا هاڻي بہ ڪنهن کي ان پيشنگوئي جي صداقت ۾ وار جي ڪروڙين حصي جي برابر بہ شڪ ۽ شبهو ٿي سگهي ٿو.

---

[1] پ 18، سورة النور، آيت: 55

## فتح مڪ جي پيشنگوئي (اڳڪٿي)

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مڪي مڪرم مان ايئن هجرت فرمائي هئي جو رات جي اونداهي ۾ پنهنجي يار غار سان گڏ نڪري غار ثور ۾ جلوه افروز ٿيا. سندن جي جان جي دشمنن سندن جي ڳولا ۾ مڪي جي زمين جو چپو چپو هڪ ڪري ڇڏيو ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي نگاهن کان لڪندا بچندا غير معلوم رستي کان مديني منوره پهتا. اهڙين حالتن ۾ ڀلا ڪنهن جي وهم ۽ گمان ۾ به هي اچي سگهيو ٿئي ته رات جي اونداهي ۾ لڪي لڪي روئندي روئندي پنهنجي پياري وطن کي خير باد چوڻ وارو رسول برحق هڪ ڏينهن فاتح مڪ بڻجي فاتحانه عزت ۽ جلال سان شهر مڪ ۾ پنهنجي فتح مبين جو جهنڊو لهرائيندو ۽ دشمنن جي قاهر (طاقتور) فوج سندن سامهون قيدي بڻجي هٿ ٻڌي ڪنڌ جهڪائي ڏڪي رهي هوندي. پر نبي غيب دان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بزبان قرآن هن پيشنگوئي جو اعلان فرمايو ته

اِذَا جَآءَ نَصْرُ اللّٰهِ وَ الْفَتْحُ ۝ وَ رَاَيْتَ النَّاسَ يَدْخُلُوْنَ فِيْ دِيْنِ اللّٰهِ اَفْوَاجًا ۝ فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ وَ اسْتَغْفِرْهُ ؕ اِنَّهٗ كَانَ تَوَّابًا ۝ [1] (سوره نصر)

**ترجمو ڪنز الايمان:** جڏهن الله جي مدد ۽ فتح (مڪ) اچي ۽ ماڻهن کي تون ڏسين جو الله جي دين ۾ فوج در فوج داخل ٿين ٿا ته پنهنجي ربّ جي تعريف ڪندي ان جي پاڪائي بيان ڪر ۽ ان کان بخشش گهر. بيشڪ اهو گهڻو توبه قبول ڪرڻ وارو آهي.

جيئن ته اها پيشنگوئي حرف بحرف پوري ٿي ۽ سن 8 هه ۾ مڪو فتح ٿي ويو ۽ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فاتح مڪ جي

[1] پ 30، سورة النصر، آيت: 1 - 3

حيثيت سان افواج الهٰي جي عزت ۽ جلال سان مڪي مڪرمہ ۾ داخل ٿيا حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻہ رڪعتون شڪرانو ادا فرمايو ۽ اهلِ عرب فوج درفوج اسلام ۾ داخل ٿيڻ لڳا. جڏهن تہ ان کان اڳ ڪو ڪو ماڻهو اسلام قبول ڪندو هو.

## جنگ بدر ۾ فتح جو اعلان

جنگ بدر ۾ جڏهن تہ ڪل ٽي سو تيرهن مسلمان هئا جيڪي بلڪل هٿين خالي، ڪمزور ۽ مفلس هئا ڀلا ڪنهن جي وهم ۾ ٻہ اچي سگهيو ٿئي تہ انهن جي مقابلي ۾ هڪ هزار جو وڏو لشڪر جنهن وٽ هٿيار ۽ فوجي طاقت جا سمورا سامان ۽ اوزار موجود هئا اهو شڪست ڪائي ڀڄي ويندو ۽ ستر قتل ۽ ستر گرفتار ٿي ويندا پر جنگ بدر کان سال اڳ مڪي مڪرمہ ۾ آيتون نازل ٿيون ۽ رسول برحق دنيا جي قومن کي ڪيئي سال پهريان جنگ بدر ۾ هن طرح اسلامي فتح مبين جي بشارت ڀڙائي تہ

اَمْ يَقُوْلُوْنَ نَحْنُ جَمِيْعٌ مُّنْتَصِرٌ ۝ سَيُهْزَمُ الْجَمْعُ وَيُوَلُّوْنَ الدُّبُرَ ۝ [1]

ترجمو ڪنز الايمان: ڇا اُهي ڪافر چون ٿا تہ اسان سڀ متحد ۽ هڪ ٻي جا مددگار آهيون. هن لشڪر کي اجهو شڪست ڏني ويندي ۽ اُهي پٺي ڏئي ڀڄي ويندا.

وَلَوْ قَاتَلَكُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوَلَّوُا الْاَدْبَارَ ثُمَّ لَا يَجِدُوْنَ وَلِيًّا وَّ لَا نَصِيْرًا ۝ [2] (فتح)

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ جيڪڏهن ڪافر توهان (مسلمانن) سان وڙهندا تہ يقيناً اُهي پٺي ڏئي ڀڄي ويندا. پوءِ اُهي ڪو ٻہ حمايتي ۽ مددگار نہ لهندا.

---

[1] پ 27، سورة القمر، آيت: 44 - 45

[2] پ 26، سورة الفتح، آيت: 22

## يهودي مغلوب ٿيندا

مديني منوره ۾ ان جي آسپاس جا يهودي قبيلا ڏاڍا مالدار، انتهائي جنگجو ۽ تمام وڏا ويڙهاڪ هئا ۽ انهن کي پنهنجي لشڪري طاقت تي وڏو فخر ۽ ناز هو. جنگِ بدر ۾ مسلمانن جي فتح جو حال ٻڌي انهن مسلمانن کي طعنو هنيو تہ قريشي قبيلا جنگ جي فن کان ناواقف ۽ بي ڍنگا هئا انڪري اهي جنگ هارائي ويا جيڪڏهن مسلمانن کي اسان جنگ بازن سان واسطو پيو تہ انهن کي انهن جي ماءُ جو کير ياد اچي ويندو ۽ واقعي صورتحال اهڙي ئي هئي جو سمجهہ ۾ نہ پيو اچي سگهي تہ نهايت گهٽ ڪمزور ۽ لاچار مسلمانن کان يهودي قبيلن جو هي مسلح ۽ منظم لشڪر بہ ڪڏهن شڪست کائي ويندو. پر ان حال ۽ ماحول ۾ غيب دان رسول بزبان قرآن هن غيب جي خبر جو اعلان فرمايو تہ

وَلَوْ اٰمَنَ اَهْلُ الْكِتٰبِ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ ؕ مِنْهُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ وَاَكْثَرُهُمُ الْفٰسِقُوْنَ ۝ لَنْ يَّضُرُّوْكُمْ اِلَّاۤ اَذًى ؕ وَ اِنْ يُّقَاتِلُوْكُمْ يُوَلُّوْكُمُ الْاَدْبَارَ ۫ ثُمَّ لَا يُنْصَرُوْنَ ۝ [1]

**ترجمو ڪنز الايمان:** جيڪڏهن ڪتاب وارا ايمان آڻين ها تہ انهن لاءِ اِهو پلو ٿي ها انهن ۾ ڪي ايمان وارا ۽ گهڻا فاسق آهن ۽ اُهي توهان (مسلمانن) کي ٿوري تڪليف ڏيڻ کان سواءِ وڌيڪ نقصان پهچائي نہ سگهندا ۽ جيڪڏهن اُهي اوهان سان وڙهندا تہ يقيناً پٺي ڏئي ويندا پوءِ انهن جو ڪو مددگار نہ هوندو.

پوءِ ايئن ئي ٿيو تہ يهودين جي قبيلن مان بنو قريظه قتل ڪيا ويا، بنو نضير جلاوطن ڪيا ويا ۽ خيبر کي مسلمانن فتح ڪري ورتو ۽ باقي يهودي ذلت سان جزيو ادا ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا.

---

[1] پ 4، سورة آل عمران، آيت: 110 - 111

## عهد نبوي کان پوءِ جون لڙايون

قرآن مجيد جون پيشنگوئيون ۽ غيب جون خبرون فقط انهن ئي جنگين سان مخصوص ۽ محدود نہ هيون جيڪي عهد نبوي ۾ ٿيون پر ان کان بعد خلفاء جي دورِ خلافت ۾ جيڪي عظيم ۽ خونريز لڙايون ٿيون انهن جي متعلق بہ قرآن مجيد پهرين کان ئي پيشنگوئي ڪري ڇڏي هئي جيڪا حرف بہ حرف پوري ٿي. مسلمانن کي روم ۽ ايران جي زبردست حڪومتن سان جيڪي جنگيون وڙهڻيون پيون اهي تاريخ اسلام جا تمام ئي سونهري ورق ۽ نمايان واقعا آهن پر قرآن ڪيئي سال اڳ انهن جنگين جي نتيجي جو اعلان هنن لفظن ۾ ڪري ڇڏيو هو:

قُلْ لِّلْمُخَلَّفِيْنَ مِنَ الْاَعْرَابِ سَتُدْعَوْنَ اِلٰى قَوْمٍ اُولِيْ بَاْسٍ شَدِيْدٍ تُقَاتِلُوْنَهُمْ اَوْ يُسْلِمُوْنَ ۚ O [1] (فتح)

**ترجمو ڪنز الايمان:** جهاد ۾ پنتي رهجي وڃڻ وارن ڳوٺاڻن کي فرمائي ڇڏيو جو جلد توهان کي هڪ زبردست جنگجو قوم سان جنگ ڪرڻ لاءِ سڏيو ويندو توهان انهن سان وڙهندؤ يا اُهي مسلمان ٿي ويندا.

ان پيشنگوئي جو ظهور اهڙي طرح ٿيو جو روم ۽ ايران جي جنگجو قومن سان مسلمانن کي جنگ ڪرڻي پئي جنهن ۾ ڪن جاين تي خوني معرڪا ٿيا ۽ ڪن جاين جي ڪافرن اسلام قبول ڪري ورتو. مطلب تہ اهڙي قسم جون ڪيتريون ئي غيب جون خبرون قرآن مجيد ۾ مذڪور آهن جن کي غيب دان نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جي واقع ٿيڻ کان گهڻو اڳ ئي دنيا جي قومن آڏو بيان فرمائي ڇڏيو ۽ اهي سيئي غيب جون خبرون سج جيان ظاهر

[1] پ 26، سورة الفتح، آيت: 16

ٿي دنيا وارن جي سامهون زبان حال سان اعلان ڪري رهيون آهن ۽ قيامت تائين اعلان ڪنديون رهنديون ته

چشم اقوام يہ نظارہ ابد تک ديکھے　　رفعت شانِ رفعنا لک ذِکرک ديکھے

## حديثن ۾ غيب جون خبرون

## اسلامي فتوحات جون اڳڪٿيون

اسلام جي شروعات ۾ مسلمان جن پريشانين ۽ مصيبتن ۾ گرفتار ۽ جنهن محتاجي جي عالم ۾ هئا ان وقت ڪير سوچي به نه پيو سگهي ته ڪجهه هٿين خالي، بکون ڪاٽيندڙ ۽ مفلس مسلمان قيصر و ڪسريٰ جي جابر حڪومتن جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيندا. پر غيب ڄاڻڻ واري سچي پيغمبر ان حالت ۾ پوري عزم ۽ يقين سان پنهنجي امت کي هي بشارتون ڏنيون ته اي مسلمانو! توهان عنقريب قسطنطنيه کي فتح ڪندؤ ۽ قيصر و ڪسريٰ جي خزانن جون ڪنجيون توهان جي هٿن ۾ هونديون. مصر تي توهان جي حڪومت جو جهنڊو لهرائيندو. توهان سان ترڪن جي جنگ ٿيندي جن جون اکيون ننڍيون ۽ مُنهن ويڪرا هوندا ۽ انهن جنگين ۾ توهان کي واضح فتح حاصل ٿيندي.[1]

(بخاري جلد 1، ص 504 كان 513 باب علامات النبوة)

تاريخ گواهه آهي ته غيب دان نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جون ٻڌايل اهي سڀ غيب جون خبرون دنيا ۾ ظاهر ٿيون.

---

[1] صحيح البخاري، كتاب المناقب، باب علامات النبوة في الاسلام، الحديث: 3587، 3590، ج 2، ص 497 — 498

## قيصرءِ ڪسريٰ جي بربادي

عين ان وقت جڏهن قيصر و ڪسريٰ جي حڪومتن جا جهنڊا انتهائي شان ۽ شوڪت سان دنيا تي لهرائي رهيا هئا ۽ بظاهر انهن جي بربادي جو ڪو سامان نظر نہ پئي آيو پر غيب دان نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي امت کي اها غيب جي خبر ٻڌائي ته اِذَا هَلَكَ كِسْرٰى فَلَا كِسْرٰى بَعْدَهٗ وَ اِذَا هَلَكَ قَيْصَرُ فَلَا قَيْصَرَ بَعْدَهٗ وَ الَّذِيْ نَفْسُ مُحَمَّدٍ بِيَدِهٖ لَتُنْفَقَنَّ كُنُوْزُهُمَا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ[1]

(بخاري جلد 1 ص 511 باب علامات النبوة)

جڏهن ڪسريٰ هلاڪ ٿيندو تہ ان کان پوءِ ڪو ڪسريٰ نہ هوندو ۽ جڏهن قيصر هلاڪ ٿيندو تہ ان کان پوءِ ڪو قيصر نہ هوندو ۽ ان ذات جو قسم جنهن جي قبضہءِ قدرت ۾ محمد جو ساهہ آهي ضرور انهن ٻنهي جا خزانا الله تعاليٰ جي راهہ ۾ (مسلمانن جي هٿن سان) خرچ ڪيا ويندا.

دنيا جو هر مؤرخ ان حقيقت جو گواهہ آهي تہ حضرت امير المؤمنين فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي دورِ خلافت ۾ ڪسريٰ ۽ قيصر جي تباهي کان پوءِ نہ ڪنهن سلطنت فارس جو بادشاهي تاج ڏٺو نہ رومي سلطنت جو سڄي زمين تي ڪٿي وجود نظر آيو. ڇو نہ ٿئي جو هي غيب دان نبي صادق جون اُهي غيب جون خبرون آهن جيڪي خداوند علاّم الغيوب جي وحي سان رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏنيون آهن. ڀلا ڪيئن ممڪن آهي تہ غيب دان نبي جون ڏنل غيب جون خبرون وار جي ڪروڙين حصي جي برابر بہ خلافِ واقع ٿي سگهن.

---

[1] صحيح البخاري، كتاب المناقب، باب علامات النبوة في الاسلام، الحديث: 3618، ج 2، ص 506

## يمن، شام، عراق فتح ٿيندا

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن يمن، شام ۽ عراق جي فتح ٿيڻ کان ڪيئي سال پهريان اها غيب جي خبر ڏني هئي ته يمن فتح ڪيو ويندو ته ماڻهو پنهنجين سوارين کي هڪليندي پنهنجي ٻارن ٻچن ۽ پيروڪارن کي وٺي (مديني کان) يمن هليا ايندا جڏهن ته مديني ۾ قيام ئي انهن لاءِ بهتر هو. ڪاش اهي ماڻهو ان ڳالهه کي ڄاڻن ها. پوءِ شام فتح ڪيو ويندو ته هڪ قوم پنهنجي گهروارن ۽ پنهنجي پيروي ڪرڻ وارن کي وٺي سوارين کي هڪليندي (مديني کان) شام هلي ايندي جڏهن ته مدينو ئي انهن لاءِ بهتر هو ڪاش! اهي ماڻهو ان کي ڄاڻن ها.

پوءِ عراق فتح ٿيندو ته ڪجهه ماڻهو پنهنجي گهروارن ۽ جيڪي انهن جو چوڻ مڃيندا انهن سيني کي ساڻ وٺي سوارين کي هڪليندا (مديني کان) عراق هليا ايندا جڏهن ته مديني ۾ ئي رهڻ انهن لاءِ بهتر هو ڪاش! اهي ان کي ڄاڻن ها.[1]

(مسلم جلد 1، ص 445، باب ترغيب الناس في سكني المدينه)

يمن سن 8 هجري ۾ فتح ٿيو ۽ شام ۽ عراق ان کان پوءِ فتح ٿيا پر مخبرِ صادق صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪيئي سالَ اڳ اِهي غيب جون خبرون ڏئي ڇڏيون هيون جيڪي حرف بہ حرف پوريون ٿيون.

## مصر جي فتح ٿيڻ جي بشارت

حضرت ابو ذر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته توهان عنقريب مصر کي فتح ڪندؤ ۽ اها اهڙي

[1] صحيح مسلم، كتاب الحج، باب الترغيب المدينة ... الخ، الحديث: 1388، ص 719

زمين آهي جتان جو سڪو ”قيراط“ چورائيندو آهي. جڏهن توهان ان کي فتح ڪيو تہ اُتان جي رهواسين سان سٺو سلوڪ ڪجو ڇو جو توهان جي ۽ انهن جي وچ ۾ هڪ تعلق ۽ رشتو آهي (حضرت اسمٰعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي والده هاجره رَضِيَ اللهُ عَنْهَا مصر جون هيون جن جي اولاد مان سمورو عرب آهي) ۽ جڏهن توهان ڏسو تہ اُتي هڪ سِر جيتري زمين لاءِ ٻہ ماڻهو جهڳڙو ڪندا هجن تہ توهان مصر مان نڪري وڃجو. جيئن تہ حضرت ابو ذر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پاڻ پنهنجين اکين سان ڏٺو تہ عبد الرحمٰن بن شرحبيل ۽ سندن ڀاءُ ربيعہ هڪ سِر جيتري جڳهہ لاءِ وڙهي رهيا آهن. اهو منظر ڏسي حضرت ابو ذر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي وصيت جي مطابق مصر ڇڏي هليا آيا.[1]

(مسلم جلد 2، ص 311، باب وصية النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

## بيت المقدس جي فتح

بيت المقدس فتح ٿيڻ کان ڪيئي سال اڳ حضورِ اقدس مخبرِ صادق صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غيب جي خبر ڏيندي پنهنجي اُمت کي ارشاد فرمايو تہ قيامت کان پهريان ڇهہ شيون ڳڻي رکو.

(1) منهنجي وفات (2) بيت المقدس جي فتح (3) پوءِ طاعون جي وبا جيڪا ٻڪرين جي ڳوڙهين وانگر توهان جي اندر شروع ٿي ويندي (4) ايتري قدر مال جي ڪثرت ٿي ويندي جو ڪنهن ماڻهوءَ کي سو دينار ڏيڻ تي ٻہ اهو خوش نہ ٿيندو (5) هڪ اهڙو فتنو اُٿندو جو عرب جو ڪو گهر باقي نہ رهندو جنهن ۾ اهو فتنو داخل نہ ٿيو هجي (6) توهان جي ۽ رومين جي وچ ۾ هڪ صلح ٿيندي ۽ رومي

[1] صحيح مسلم، كتاب فضائل الصحابة، باب وصية النبي باهل مصر، الحديث: 2543، ص 1376

عهد ٽوڙيندا اهي اسّي جهنڊا کڻي توهان تي حملو ڪندا ۽ هر جهنڊي جي هيٺان ٻارهن هزار فوج هوندي.[1]

(بخاري جلد 1، ص 450، باب ما يحذر من الغدر)

## خوفناڪ رستا پُرامن ٿي ويندا

حضرت عدي بن حاتم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي ته مان بارگاهِ رسالت ۾ حاضر هئس ته هڪ شخص اچي بک جي شڪايت ڪئي پوءِ هڪ ٻيو شخص آيو ان رستن تي ڏاڙن جون دانهون ڪيون اهو ٻڌي شهنشاهِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته اي عدي! جيڪڏهن تنهنجي عمر وڏي ٿي ته تون يقيناً ڏسندين ته هڪ پرديدار عورت اڪيلي "حيره" کان هلندي ۽ مڪي اچي ڪعبي جو طواف ڪندي ۽ ان کي خدا کان سواءِ ڪنهن جو ڪو خوف نه هوندو.

حضرت عدي چون ٿا ته مون پنهنجي دل ۾ سوچيو ته ڀلا قبيلي "طي" جا اهي ڏاڙيل جن شهرن ۾ رڻ ٻاري ڏنو آهي ڪيڏانهن هليا ويندا؟

پوءِ پاڻ ارشاد فرمايائون ته جيڪڏهن تون وڏي عمر ماڻي ته يقيناً تون ڏسندين ته ڪسريٰ جي خزانن کي مسلمان پنهنجن هٿن سان کوليندا ۽ اي عدي! جيڪڏهن تنهنجي عمر ڊگهي ٿي ته تون ضرور ضرور ڏسندين ته هڪ شخص مٺ ڀري سون يا چاندي کڻي تلاش ڪندو وتندو ته ڪو ان جو صدقو قبول ڪري پر ڪو شخص اهڙو نه ملندو جيڪو ان جو صدقو قبول ڪري (ڇو ته هر ماڻهو وٽ ڪثير مال هوندو ۽ ڪو فقير نه هوندو) حضرت عدي بن حاتم جو بيان آهي ته

[1] صحيح البخاري، كتاب الجزية و الموادعة، باب ما يحذر من الغدر، الحديث: 3176، ج 2، ص 369

اي انسانو! اِهو تہ مان پنهنجين اکين سان ڏسي ڇڏيو آهي تہ واقعي ”حيره“ کان هڪ پرديدار عورت اڪيلي ڪعبي جي طواف جي لاءِ هلي آهي ۽ هوءَ خدا کان سواءِ ڪنهن کان نہ ٿي ڊڄي ۽ مان پاڻ انهن ماڻهن مان آهيان جن ڪسريٰ بن هرمز جي خزانن کي کولي ڪڍيو. اهي ٻئي شيون تہ مون ڏسي ڇڏيون اي انسانو! جيڪڏهن توهان جون عمريون وڌيون ٿيون تہ يقيناً توهان ماڻهو ٿين شيءِ کي بہ ڏسي وٺندؤ جو ڪو فقير نہ ملندو جيڪو صدقو قبول ڪري.[1]

(بخاري جلد 1 ص 507 کان ص 508 باب علامات النبوة)

## فاتح خيبر ڪير ٿيندو

جنگِ خيبر جي دوران هڪ ڏينهن غيب دان نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هي فرمايو تہ سياڻي مان ان جي هٿ ۾ جهنڊو ڏيندس جيڪو الله ۽ رسول سان محبت ڪندو آهي ۽ الله ۽ رسول ان سان محبت ڪندا آهن ۽ ان جي ئي هٿان خيبر فتح ٿيندو. ان خوشخبري کي ٻڌي لشڪر جي تمام مجاهدن ان انتظار ۾ نهايت بيقراري سان رات گذاري تہ ڏسون ڪير اهو خوشنصيب آهي جنهن جي مٿي تي ان بشارت جو موڙ ٻڌجي ٿو. صبح جو هر مجاهد ان اميد تي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو تہ شايد اهو ئي ان خوشنصيبي جو تاجدار بڻجي. هر شخص ان خبر کي ٻڌڻ لاءِ منتظر هو تہ اوچتو شنهشاهِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ علي بن ابي طالب ڪٿي آهن؟ ماڻهن چيو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي اکين ۾ تڪليف آهي. ارشاد فرمايائون تہ قاصد موڪلي کين گهرايو جڏهن حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ دربارِ رسالت ۾ حاضر ٿيا تہ حضورِ اقدس

[1] صحيح البخاري، كتاب المناقب، باب علامات النبوة في الاسلام، الحديث: 3595، ج 2، ص 499

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سندن اکين ۾ پنهنجو لعابِ دهن لڳائي دعا فرمائي جنهن سان فوراً اُهي اهڙي طرح شفايابِ ٿي ويا جڻ انهن کي ڪڏهن اکين جي تڪليف ٿي ئي نه هئي. پوءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي هٿن ۾ جهنڊو عطا فرمايو ۽ خيبر جو ميدان انهيءَ ڏينهن انهن جي هٿان فتح ٿي ويو.[1]

(بخاري جلد 2 ص 605 باب غزوه خيبر)

هن حديث مان ثابت ٿئي ٿو ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ ڏينهن اڳواٽ ئي اهو ٻڌائي ڇڏيو ته سيٺ حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ خيبر فتح ڪندا. مَاذَا تَكْسِبُ غَدًا[2] يعني ”سيٺ ڪير ڇا ڪندو“ اهو علم غيب آهي جيڪو الله تعالٰي پنهنجي رسول کي عطا فرمايو.

## ٽيهه سال خلافت پوءِ بادشاهي

حضرت سفينه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا ته حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته مون کان پوءِ ٽيهن سالن تائين خلافت رهندي ان کان پوءِ بادشاهي اچي ويندي. هن حديث کي ٻڌائي حضرت سفينه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمايو ته توهان ڳڻي ونو! حضرت ابو بڪر جي خلافت به سال، حضرت عمر جي خلافت ڏهه سال، حضرت عثمان جي خلافت ٻارهن سال ۽ حضرت علي جي خلافت چهه سال هي ڪُل ٽيهه سال ٿيا. رَضِيَ اللهُ عَنْهُم[3] (مشڪوٰة جلد 2، ص 462، ڪتاب الفتن)

---

[1] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب غزوة خيبر، الحديث: 4210، ج 3، ص 85

[2] پ 21، سورة لقمٰن، آيت: 34

[3] مشكاة المصابيح، كتاب الرقاق، الفصل الثاني، الحديث: 5395، ج 2، ص 281

## 70 هجري ۽ چوڪرن جي حڪومت

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ راوي آهن تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ سن 70 هجري جي شروعات ۽ چوڪرن جي حڪومت کان پناهہ گهرو.[1] (مشكوٰة جلد 2، ص 323)

اهڙي طرح حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ منهنجي امت جي تباهي قريش جي ڪجهہ چوڪرن جي هٿان ٿيندي. حضرت ابو هريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ان حديث کي ٻڌائي فرمائيندا هئا تہ جيڪڏهن توهان چاهيو تہ مان انهن چوڪرن جا نالا ٻڌائي سگهان ٿو اهي فلاڻي جا پٽ ۽ فلاڻي جا پٽ آهن.[2] (بخاري جلد 1، ص 509، باب علامات النبوة)

اسلام جي تاريخ گواهہ آهي تہ سن 70 هہ ۾ بنو اميہ جي ننڍي عمر جي حاڪمن جيڪي فتنا برپا ڪيا اُهي واقعي اهڙا فتنا هئا جن کان هر مسلمان کي خدا جي پناهہ وٺڻ گهرجي. انهن واقعن جي ڪيئي سال اڳ ۾ نبي برحق صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خبر ڏني جيڪا يقيناً غيب جي خبر آهي.

## ترڪن سان جنگ

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ ان وقت تائين قيامت قائم نہ ٿيندي جيسيتائين توهان ماڻهو اهڙي قوم سان نہ وڙهندؤ جن جا بوٽ وارن جا هوندا ۽ جيسيتائين توهان ماڻهو ترڪ قوم سان نہ وڙهندؤ جيڪي ننڍڙين اکين وارا، ڳاڙهن چهرن وارا، ٻني نڪن وارا هوندا، انهن

---

[1] مشكاة المصابيح، كتاب الامارة و القضاء، الفصل الثالث، الحديث: 3716، ج 2، ص 11

[2] صحيح البخاري، كتاب المناقب، باب علامات النبوة في الاسلام، الحديث: 3605، ج 2، ص501

جا منهن جڻ هٿوڙن سان ڪُٽيل ڍالن وانگر (ويڪرا) هوندا ۽ انهن جا بوٽ وارن جا هوندا.

ٻي روايت ۾ آهي تہ توهان ماڻهو ”خوزوڪرمان“ جي عجمين سان جنگ ڪندؤ جن جا منهن ڳاڙها، نڪ چپٽيل، اکيون ننڍڙيون هونديون.

ٽين روايت ۾ آهي تہ قيامت کان پهريان توهان ماڻهو اهڙي قوم سان جنگ ڪندؤ جن جا بوٽ وارن جا هوندا اُهي اهل ”بارز“ آهن. (يعني بيابانن ۽ ميدانن ۾ رهڻ وارا آهن.)[1] (بخاري جلد 1 ص 507 باب علامات النبوة)

غيب دان نبيءَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي خبرون ان وقت ڏنيون هيون جڏهن اسلام اجان پوري طرح زمينِ حجاز ۾ بہ نہ پکڙيو هو. پر تاريخ گواهہ آهي تہ مخبر صادق صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون هي تمام پيشنگوئيون پهرين صدي جي آخر تائين پوريون ٿي ويون جو مجاهدين اسلام جي لشڪرن ترڪن ۽ صحرائن ۾ رهڻ وارن بربرين سان جهاد ڪيو ۽ اسلام جي فتح مبين ٿي ۽ ترڪ ۽ بربري قومون اسلام جي دامن ۾ اچي ويون.

## هندوستان ۾ مجاهدين

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هندستان ۾ اسلام جي داخل ۽ غالب ٿيڻ جي خوشخبري ٻڌائيندي هي ارشاد فرمايو تہ منهنجي امت جا ٻہ ٽولا اهڙا آهن جو الله تعاليٰ انهن ٻنهي کي جهنم کان آزاد فرمائي ڇڏيو آهي. هڪ اهو ٽولو جيڪو هندستان ۾ جهاد

[1] صحيح البخاري، كتاب المناقب، باب علامات النبوة في الاسلام، الحديث: 3587، 3591، ج 2، ص 497، 498 ملتقطاً

ڪندو ۽ ٻيو اهو ٿولو جيڪو حضرت عيسٰي بن مريم عَلَيْهِ السَّلَام سان گڏ هوندو.

حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ چوندا هئا تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان مسلمانن سان هندوستان ۾ جهاد ڪرڻ جو واعدو فرمايو هو تہ جيڪڏهن مون اهو زمانو ماڻيو تہ مان ان جي راهہ ۾ پنهنجي جان ۽ مال قربان ڪري ڇڏيندس ۽ جيڪڏهن مان ان جهاد ۾ شهيد ٿي ويس تہ مان بهترين شهيد هوندس ۽ جيڪڏهن مان زندهہ واپس آيس تہ مان دوزخ کان آزاد ٿيڻ وارو ابو هريره هوندس.[1]

(نسائي جلد 2، ص 63، باب غزوة الهند)

امام نسائي سن 302 هجري ۾ وفات ڪئي ۽ انهن پنهنجو ڪتاب سلطان محمود غزنوي جي هندوستان تي حملي سن 392 هجري کان تقريباً سو سال اڳ تحرير فرمايو.

تمام دنيا جا مؤرخ گواهہ آهن تہ غيب دان نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي زبان قدسي بيان سان هندوستان جي باري ۾ سوين سال پهريان جنهن غيب جي خبر جو اعلان فرمايو هو اها حرف بحرف پوري ٿي جو محمد بن قاسم سرزمين سنڌ ۽ مڪران تي جهاد فرمايو ۽ محمود غزنوي ۽ شهاب الدين غوري هندوستان جي سومنات ۽ اجمير وغيره تي جهاد ڪري ان ملڪ ۾ اسلام جو جهنڊو لهرايو. ايسيتائين جو سرزمين هند ۾ ناگالينڊ جبل کان هندوڪش جبل ۽ راس ڪماري کان هماليہ جي چوٽين تائين اسلام جو جهنڊو لهرائجي ويو. جڏهن تہ مخبر صادق صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اها پيشنگوئي ان وقت ڪئي جڏهن اسلام سر زمين حجاز کان بہ

[1] سنن النسائي، كتاب الجهاد، باب غزوة الهند، الحديث: 3171، 3172، ص 517

اڳتي نہ وڌي سگهيو هو. انهن غيب جي خبرن کي لفظ بلفظ پورو ٿيندو ڏسي ڪير آ جيڪو غيب دان نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دربار ۾ هن طرح نذرانهءِ عقيدت پيش نہ ڪندو تہ:

سر عرش پر ہے تیری گزر دل فرش پر ہے تیری نظر
ملکوت و ملک میں کوئی شے نہیں وہ جو تجھ پہ عیاں نہیں

(اعلي حضرت بريلوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه)

## ڪيرڪٿي مرندو

جنگ بدر ۾ لڙائي کان اڳ ئي حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ کي ساڻ وٺي ميدانِ جنگ ۾ تشريف وٺي ويا ۽ پنهنجي لٺ سان ليڪو ڪڍي ڪڍي ٻڌايو تہ هيءَ فلاڻي ڪافر جي قتل جي جاءِ آهي. هي ابو جهل جي قتل ٿيڻ جي جاءِ آهي. هن جاءِ تي قريشن جو فلاڻو سردار ماريو ويندو. صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم جو بيان آهي تہ هر سردارِ قريش جي قتل ٿيڻ لاءِ رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جيڪي جڳهون مقرر فرمائي ڇڏيون هيون انهيءَ جڳهہ تي ان ڪافر جو لاش مٿي ۽ رت ۾ لٿڙيل ڏٺو ويو.[1] (مسلم جلد 2 ص 102 باب غزوه بدر)

## حضرت فاطم جي وفات ڪڏهن ٿيندي

حضرت رسولِ خدا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي مرضِ وفات ۾ حضرت فاطم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا کي پاڻ وٽ گهرائي انهن جي ڪن ۾ ڪا ڳالهہ ٻڌائي تہ هو روئڻ لڳيون. پوءِ ٿوري دير کان بعد انهن جي ڪن ۾ هڪڙي ٻي ڳالهہ ڪئي تہ هو کلڻ لڳيون. حضرت عائشہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا کي اهو ڏسي ڏاڍو تعجب ٿيو، انهن حضرت فاطم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا کان ان

[1] صحيح مسلم، كتاب الجهاد و السير، باب غزوة بدر، الحديث: 1779، ص 981

روئڻ ۽ ڪلڻ جو سبب پڇيو، تہ انهن صاف چئي ڇڏيو تہ مان رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو راز ظاهر نہ ٿي ڪري سگهان. جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي وفات ٿي وئي تہ حضرت عائشہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي ٻيهر پڇڻ تي حضرت فاطمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا چيو تہ حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پهريون ڀيرو منهنجي ڪن ۾ هي فرمايو هو تہ مان پنهنجي هن ئي بيماريءَ ۾ وفات ڪري ويندس. اهو ٻڌي مان غم سبب روئي ڏنو پوءِ فرمايائون تہ اي فاطمہ! منهنجي گهروارن مان سيني کان پهريان تون وفات ڪري مون سان ملندينءَ. اهو ٻڌي مون کلي ڏنو جو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان منهنجي جدائي جو زمانو بلڪل ٿورو هوندو.[1] (بخاري جلد 1 ص 512)

اهلِ علم ڄاڻن ٿا تہ اهي ٻئي غيب جون خبرون حرف بحرف پوريون ٿيون جو حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي انهيءَ ئي بيماريءَ ۾ وفات ڪيائون ۽ حضرت فاطمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا بہ صرف ڇهن مهينن کان پوءِ وفات ڪري حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان وڃي مليون.

## پاڻ پنهنجي وفات جو اطلاع ڏيڻ

جنهن سال حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هن دنيا کان رحلت فرمائي، پهريان کان ئي پاڻ پنهنجي وفات جو اعلان فرمائڻ شروع ڪيائون. جيئن تہ حجة الوداع کان اڳ ئي حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت معاذ بن جبل رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي يمن جو حاڪم بڻائي روانو فرمايو تہ انهن کي رخصت ڪرڻ وقت پاڻ انهن کي فرمايو تہ اي

[1] صحيح البخاري، كتاب المناقب، باب علامات النبوة في الاسلام، الحديث: 3626، ج 2، ص 507، 508 و كتاب الاستئذان، باب من ناجي بين يدي الناس ... الخ، الحديث: 6285، ج 4، ص 184

معاذ! هن وقت کان پوءِ تون مون سان ٻيهر نہ ملي سگهندين جڏهن تون واپس ايندين تہ منهنجي مسجد ۽ منهنجي قبر وٽان گذرندين.[1]

(مسند امام احمد بن حنبل جلد 5 ص 35)

اهڙي طرح حجة الوداع جي موقعي تي جڏهن عرفات ۾ هڪ لک پنجويهہ هزار کان وڌيڪ مسلمانن جو عظيم اجتماع هو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اتي خطبي جي دوران ارشاد فرمايو تہ شايد آئنده سال توهان ماڻهو مون کي ڏسي نہ سگهندؤ.[2]

اهڙي طرح مرضِ وفات کان ڪجهہ ڏينهن اڳ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ الله تعالٰي پنهنجي هڪ ٻانهي کي اهو اختيار ڏنو هو تہ هُو چاهي تہ دنيا جي زندگي کي اختيار ڪري ۽ چاهي تہ آخرت جي زندگي قبول ڪري تہ ان ٻانهي آخرت کي قبول فرمائي ڇڏيو. اهو ٻڌي حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ روئڻ لڳا. حضرت ابو سعيد خدري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا تہ اسان کي ڏاڍو تعجب ٿيو تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ هڪ ٻانهيءَ جي باري ۾ اها خبر ڏئي رهيا آهن پوءِ ان تي حضرت ابو بڪر (رَضِيَ اللهُ عَنْهُ) جي روئڻ جو ڪهڙو مقصد آهي؟ پر جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ وفات ڪئي تہ اسان کي معلوم ٿيو تہ اهي اختيار ڏنل ٻانها حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي آهن ۽ حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ اسان سيني کان وڌيڪ علم وارا هئا. (چو تہ انهن اسان سيني

---

[1] المسند للامام احمد بن حنبل، مسند الانصار، الحديث: 22115، ج 8، ص 243

[2] تاريخ الطبري، حجة الوداع، الحديث: 301، ج 2، ص 344

ماڻهن کان اڳ اهو ڄاڻي ورتو هو تہ اهي اختيار ڏنل ٻانها خود حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي آهن)[1]

(بخاري جلد 1 ص 519 باب قول النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سدّوا الابواب الخ)

## حضرت عمرءِ حضرت عثمان رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا شهيد ٿيندا

حضرت انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ دفعو حضرت ابو بڪر، حضرت عمر ۽ حضرت عثمان رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي ساڻ وٺي اُحد جبل تي چڙهيا ان وقت جبل لڏڻ لڳو تہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو اي احد! رڪجي وڃ ۽ يقين رک تہ تنهنجي مٿان هڪ نبي آهي هڪ صديق آهي ۽ بہ (عمر ۽ عثمان) شهيد آهن.[2] (بخاري جلد 1 ص 519 باب فضل ابي بڪر)

نبي ۽ صديق کي تہ سي سڃاڻيندا هئا پر حضرت عمر ۽ حضرت عثمان رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جي شهادت کان پوءِ سيني کي اهو بہ معلوم ٿي ويو تہ اهي ٻئي شهيد ڪير هئا.

## حضرت عمار رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي شهادت ملندي

حضرت ابو سعيد خدري ۽ حضرت ام سلمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جو بيان آهي تہ حضرت عمار رَضِيَ اللهُ عَنْهُ خندق کوٽي رهيا هئا ان وقت حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت عمار رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي مٿي تي پنهنجو

---

[1] صحيح البخاري، كتاب فضائل اصحاب النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم باب قول النبي سدّوا الابواب ... الخ، الحديث: 3654، ج 2، ص 517

[2] صحيح البخاري، كتاب فضائل اصحاب النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم باب قول النبي لو كنت متخذا ... الخ، الحديث: 3675، ج 2، ص 524

شفقت پريو هٿ ڦيريندي ارشاد فرمايو تہ افسوس! توکي هڪ باغي ٽولو قتل ڪندو.[1] (مسلم جلد 2 ص 395 كتاب الفتن)

اها پيشنگوئي ائين پوري ٿي جو حضرت عمار رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جنگِ صفين جي ڏينهن حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ سان گڏ هئا ۽ حضرت معاويہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي ساٿين جي هٿان شهيد ٿيا.

اهلِ سنت جو عقيدو آهي تہ جنگِ صفين ۾ حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ يقيناً حق تي هئا ۽ حضرت معاويہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو ٽولو يقيناً خطا جو مرتڪب هو. پر جيئن تہ انهن جي خطا اجتهادي هئي تنهنڪري اهي گناهگار نہ ٿيندا ڇو جو رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد آهي تہ ڪو مجتهد جيڪڏهن پنهنجي اجتهاد ۾ صحيح ۽ درست مسئلي تائين پهچي ويو تہ ان کي ٻيڻو ثواب ملندو ۽ جيڪڏهن مجتهد پنهنجي اجتهاد ۾ خطا ڪئي تڏهن بہ ان کي هڪ ثواب ملندو.[2]

(حاشيہ بخاري بحوالہ ڪرماني جلد 1 ص 509 باب علامات النبوة)

تنهنڪري حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي شان ۾ گستاخي ڪرڻ هرگز هرگز جائز ناهي ڇو جو ڪيترائي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم ان جنگ ۾ حضرت معاويہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ سان گڏ هئا.

هتي اها ڳالهہ بہ ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي تہ مصري باغين جو ٽولو جن حضرت امير المؤمنين عثمان غني رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو محاصرو ڪري کين شهيد ڪيو هو اُهي ماڻهو جنگ صفين ۾ حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي لشڪر ۾ شامل ٿي حضرت امير معاويہ سان وڙهي

---

[1] صحيح مسلم، كتاب الفتن ... الخ، باب لا تقوم الساعة .. الخ، الحديث: 2915، 2916، ص 1558

[2] حاشية صحيح البخاري، كتاب المناقب، باب علامات النبوة ... الخ، حاشية: 11، ج 1، ص 509

رهيا هئا، تہ ممڪن آهي تہ سخت لڙائي جي جنگ ۾ انهن ئي باغين جي هٿان حضرت عمار رَضِیَ اللهُ عَنْهُ شهيد ٿي ويا هجن. ان صورت ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو هي ارشاد بالڪل صحيح ٿيندو تہ ”افسوس اي عمار! توکي هڪ باغي ٽولو قتل ڪندو.“ ۽ ان قتل جي ذميواري ڪان حضرت معاويہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو دامن پاڪ رهندو. واللّٰه تعاليٰ اعلم

بهرحال حضرت معاويہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي شان ۾ لعن طعن ڪرڻ رافضين جو مذهب آهي حضراتِ اهل سنت کي ان کان پرهيز ڪرڻ لازم ۽ ضروري آهي.

## حضرت عثمان رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو امتحان

حضرت ابو موسيٰ اشعري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا تہ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مديني جي هڪ باغ ۾ ٽيڪ لڳائي وينا هئا. حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ دروازو کولرائي اندر آيا تہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي جنت جي بشارت ڏني. پوءِ حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ آيا انهن کي بہ جنت جي خوشخبري ٻڌائي. ان کان پوءِ حضرت عثمان رَضِیَ اللهُ عَنْهُ آيا انهن کي جنت جي بشارت سان گڏ وگڏ هڪ امتحان ۽ آزمائش ۾ مبتلا ٿيڻ جو بہ اطلاع ڏنو. اهو ٻڌي حضرت عثمان رَضِیَ اللهُ عَنْهُ صبر جي دعا گهري ۽ چيو تہ خدا مددگار آهي.[1]

(مسلم جلد 2 ص 277 باب فضائل عثمان)

## حضرت علي جي شهادت

حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ۽ ڪجهہ ٻيا صحابہ ڪرام حضورِ اقدس

[1] صحيح مسلم، كتاب فضائل الصحابة، باب من فضائل عثمان بن عفان، الحديث: 6159، ص 1308

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ هڪ سفر ۾ هئا تہ پاڻ فرمايائون تہ مان ٻڌايان تہ سي ڪان وڌيڪ بہ بد بخت انسان ڪهڙا آهن؟ ماڻهن عرض ڪيو تہ هائو يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ٻڌايو. رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو تہ هڪ قومِ ثمود جو ڳاڙهي رنگ وارو اهو بد بخت جنهن حضرت صالح عَلَيْهِ السَّلَام جي ڏاچي کي قتل ڪيو ۽ ٻيو اهو بدبخت جيڪو اي علي! توهان کي هتي (ڪنڌ جي طرف اشارو ڪيو) تلوار هڻندو.[1]

(مستدرک حاکم جلد 3 ص 140 کان ص 141 مطبوعہ حيدرآباد)

اها غيب جي خبر ائين ظاهر ٿي جو 17 رمضان سن 40 هجري ۾ عبد الرحمٰن بن ملجم خارجي حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ تي تلوار سان قاتلاڻو حملو ڪيو جنهن سان زخمي ٿي ٻن ڏينهن کان پوءِ حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ شهادت سان سرفراز ٿي ويا.[2] (تاريخ الخلفاء)

## حضرت سعد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي لاءِ خوشخبري

حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِيَ اللهُ عَنْهُ حجة الوداع ۾ مڪ معظم وجي ايتري قدر سخت بيمار ٿي پيا جو انهن کي پنهنجي زندگي جي اميد نہ رهي. انهن کي هن ڳالهہ جي گهڻي بيچيني هئي تہ جيڪڏهن مان مري ويس تہ منهنجي هجرت نامڪمل رهجي ويندي. حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي عيادت لاءِ تشريف ڪٿي ويا. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي بيقراري ڏسي تسلي ڏني، انهن جي لاءِ دعا بہ فرمائي ۽ هيءَ بشارت بہ ڏني تہ اميد آهي تہ تون

---

[1] المستدرک للحاکم، کتاب معرفة الصحابة، باب وجہ تلقيب علي بابي تراب، الحديث 4734، ج 4، ص 116

[2] تاريخ الخلفاء، فصل في مبايعة علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ .... الخ، ص 139

اجا نہ مرندين بلڪ تنهنجي زندگي وڏي ٿيندي ۽ گهڻن ماڻهن کي تو مان نفعو ۽ گهڻن کي نقصان پهچندو.[1]

(بخاري جلد 1 ص 383 ڪتاب الوصايا)

هيءَ حضرت سعد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي لاءِ فتوحاتِ عجم جي بشارت هئي. ڇو تہ تاريخ گواهہ آهي تہ حضرت سعد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ اسلامي لشڪر جو سپهہ سالار بڻجي ايران تي ڪاهہ ڪئي ۽ ڪجهہ سالن ۾ وڏن وڏن معرڪن کان پوءِ بادشاهہ ايران ڪسريٰ جي تخت ۽ تاج کي کسي ورتو. اهڙي طرح مسلمانن کي انهن جي ذات مان وڏو فائدو ۽ ڪافرن مجوسين کي انهن جي ذات مان وڏو نقصان پهتو. ايران حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن جي دورِ خلافت ۾ فتح ٿيو ۽ ان لڙائي جي جنگ جو نقشو خود امير المؤمنين جنگي ماهرن جي مشوري سان تيار فرمايو هو.

## حجاز جي باهہ

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ قيامت ان وقت تائين نہ ايندي جيسيتائين حجاز جي زمين مان هڪ اهڙي باهہ نہ نڪري جنهن جي روشنيءَ سان بصريٰ جي اُنٺن جا ڪنڌ نظر ايندا.[2]

(مسلم جلد 2 ص 393 ڪتاب الفتن)

هن غيب جي خبر جو ظهور سن 654 هجري ۾ ٿيو. جيئن تہ حضرت امام نووي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان حديث جي شرح ۾ لکيو آهي تہ اُها

---

[1] صحيح البخاري، كتاب الوصايا، باب ان يترك ورثته ... الخ، الحديث: 2742، ج 2، ص 232

[2] صحيح مسلم، كتاب الفتن، باب لا تقوم الساعة ... الخ، الحديث: 2902، ص 1552

باھ اسان جي زماني ۾ 654 هجري ۾ مديني ۾ ظاهر ٿي. اها باھ ايتري قدر وڏي هئي جو مديني جي اوير کان ويندي "حره" جي جبلن تائين ڦهليل هئي ان باھ جو حال ملڪ شام ۽ تمام شهرن ۾ مسلسل معلوم ٿيو آهي ۽ اسان سان ان شخص بيان ڪيو جيڪو ان وقت مديني ۾ موجود هو.[1] (شرح مسلم نووي جلد 2 ص 393 كتاب الفتن)

اهڙي طرح علامہ جلال الدين سيوطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن لکيو آهي تہ 3 جمادي الآخرة سن 654 ھ تي مدينہ منوره ۾ اوچتو هڪ گڙگڙاهٽ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو پوءِ نهايت ئي زوردار زلزلو آيو جنهن جا جهٽڪا ٿوري ٿوري وقفي کان پوءِ ٻن ڏينهن تائين محسوس ڪيا ويا. پوءِ بلڪل اوچتو قبيلي قريظه جي ويجهو جبلن ۾ هڪ اهڙي خوفناڪ باھ ظاهر ٿي جنهن جا بلند شعلا مديني مان ايئن نظر اچي رهيا هئا جڻ اها باھ مدينہ منوره جي گهرن ۾ لڳل آهي. پوءِ اها باھ وهندڙ نالن جيان سيلاب وانگر پکڙجڻ لڳي ۽ ائين محسوس ٿيڻ لڳو تہ ٽڪريون باھ بڻجي وهنديون پيون وڃن ۽ پوءِ ان جا شعلا ايترا بلند ٿي ويا جو باھ جو هڪ جبل نظر اچڻ لڳو ۽ باھ جا شعلا چؤطرف هوا ۾ اُڏامڻ لڳا. ايتري تائين جو ان باھ جي روشني مڪہ مڪرمہ مان نظر اچڻ لڳي ۽ ڪيترن ئي ماڻهن بصره ۾ رات جو انهيءَ باھ جي روشني ۾ اُنٺ جون ڳچيون ڏسي ورتيون. اهلِ مدينہ باھ جي ان هولناڪ منظر کان ڊڄي دهشت ۽ گهبراهٽ جي عالم ۾ توبهہ ۽ استغفار ڪندي حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي روضءِ اقدس وٽ پناهہ وٺڻ لاءِ جمع ٿي ويا. هڪ مهيني کان وڌيڪ

[1] شرح مسلم للنووي، كتاب الفتن، ج 2، ص 393

هيءَ باهه برندي رهي ۽ پوءِ خود بخود آهستي آهستي اهڙي طرح وسامي وئي جو ان جو ڪو نشان به باقي نه رهيو.[1]

(تاريخ الخلفاء ص 324)

## فتنن جا علمبردار

حضرت حذيفه بن يمان صحابي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي ته خدا جو قسم! مان نٿو ڄاڻان ته منهنجي ساٿين کان وسري ويو آهي يا ڄاڻي واڻي اٽڄاڻ ٿي رهيا آهن. والله! دنيا جي خاتمي تائين اهڙا فتنا جن جا پوئِلڳ ٿي سؤ يا ان کان مٿي هوندا انهن جي پيدا ڪندڙن جا نالا، انهن جي پيئرن جا نالا ۽ انهن جي قبلين جا نالا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اسان کي ٻڌائي ڇڏيا آهن.[2]

(ابو داود جلد 2 ص 231 ڪتاب الفتن)

ان حديث مان ثابت ٿئي ٿو ته قيامت تائين پيدا ٿيڻ وارن گمراهن ۽ فتنن جي هزارن لکن سردارن ۽ علمبردارن جا نالا ولديت ۽ رهائش سان گڏ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي صحابه کي ٻڌائي ڇڏيا. ظاهر آهي هي علمِ غيب آهي جيڪو الله تعالٰي پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عطا فرمايو.

## قيامت تائين جا واقعا

مسلم شريف جي حديث آهي ته حضرت عمرو بن اخطب انصاري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا ته هڪ ڏينهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي فجر جي نماز پڙهائي منبر تي تشريف فرما ٿيا ۽ اسان کي خطبو ڏيندا

---

[1] تاريخ الخلفاء، المستعصر بالله عبد الله بن المستنصر بالله، ص 465

[2] سنن ابي داود، كتاب الفتن و الملاحم، باب ذكر الفتن و دلائلها، الحديث: 4243، ج 4، ص 129

رهيا ايسيتائين جو نماز ظهر جو وقت ٿي ويو. پوءِ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منبر تان لهي نماز ظهر ادا فرمائي. پوءِ خطبو ڏيڻ ۾ مشغول ٿي ويا ايسيتائين جو نماز عصر جو وقت ٿي ويو ان وقت پاڻ منبر تان لهي نماز عصر پڙهائي پوءِ منبر تي چڙهي خطبو ڏيڻ لڳا ايسيتائين جو سج لهي ويو تہ ان سڄي ڏينهن جي خطبي ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اسان کي انهن سيني واقعن جي خبر ڏني جيڪي قيامت تائين ٿيڻ وارا آهن تہ جنهن شخص جيترو گهڻو ان خطبي کي ياد رکيو اهو اسان صحابن ۾ سڀ کان گهڻي علم وارو آهي.[1] (مشکوٰة جلد 2 ص 543)

## ضروري تنبيهه

مٿي ذڪر ڪيل واقعا انهن هزارن واقعن مان صرف ڪجهہ آهن جن ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن غيب جون خبرون ڏنيون آهن. بيشڪ هزارين واقعا جيڪي صحاح ستہ ۽ حديث جي ٻين ڪتابن ۾ تارن وانگر چمڪي رهيا آهن، امت کي غفلت جي ننڊ مان جاڳائيندي خبردار ڪري رهيا آهن تہ اول کان آخر تائين تمام علومِ غيبيہ جي خزانن کي علام الغيوب جَلَّ جَلَالُهٗ پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سينءِ اقدس جي سپرد فرمائي ڇڏيو آهي، تنهنڪري هر امتي کي هي عقيدو رکڻ لازمي ۽ ضروري آهي تہ الله تعاليٰ پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي علمِ غيب عطا فرمايو آهي. هي عقيدو قرآن مجيد جي مقدس تعليم جو اهو عطر آهي جنهن سان اهل سنت جي ايمان جي دنيا معطر آهي جيئن تہ خود خداوندِ عالم ارشاد فرمايو آهي تہ

[1] مشكاة المصابيح، كتاب احوال القيامة ... الخ، باب في المعجزات، الحديث: 5936، ج 2، ص 397

وَ عَلَّمَكَ مَا لَمْ تَكُنْ تَعْلَمُ ؕ وَ كَانَ فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكَ عَظِيْمًا ۝ [1] (4: 13)

ترجمو كنز الايمان: الله توهان كي هر ان شيءِ جي ڄاڻ ڏئي ڇڏي جنهن كي توهان نه ڄاڻيندا هيؤ ۽ توهان تي الله جو تمام ئي وڏو فضل آهي.

ان موضوع تي مكمل بحث اسان جي كتاب (قرآني تقريرون) ۾ پڙهندا.

## عالم جمادات جا معجزا

اسان اڳ ۾ تحرير ڪري چڪا آهيون ته حضور شهنشاهِ ڪونين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي معجزات جي حڪمراني جو پرچم عالم ڪائنات جي تمام مخلوقات تي لهرائجي چڪو آهي. جيئن ته ڪجهه آسماني معجزن جو ذڪر ته اسان تحرير ڪري چڪا آهيون هتي اهو مناسب معلوم ٿئي ٿو ته سڄي زمين تي ظاهر ٿيڻ وارن بيشمار معجزن جا ڪجهه مثال به تحرير ڪيا وڃن ته جيئن پڙهندڙن جي ذهنن ۾ ان حقيقت جي تجلي سج جيان روشن ٿي وڃي ته خدا جي مخلوقات ۾ ڪو به اهڙو عالَم ناهي جتي رحمة للعالمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي معجزن ۽ تصرفات جي سلطنت جو سڪو نه هلندو هجي.

## چٽان جو وڪري وڃڻ

غزوه خندق جي بيان ۾ اسان تفصيل سان لکي چڪا آهيون ته صحابه ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم مديني جي چوڌاري ڪافرن جي حملي کان بچڻ لاءِ خندق کوٽي رهيا هئا اتفاق سان هڪ تمام سخت چٽان نڪري آئي صحابه ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم پنهنجي اجتماعي طاقت سان گهڻو ئي ان کي پيڙڻ جي ڪوشش ڪئي پر اها ڪنهن به طرح پيڙي

[1] پ 5، سورة النساء، آيت: 113

نہ سگهي. پاهوڙا ان تي لڳي تِرڪي ويندا هئا. جڏهن ماڻهن مجبور ٿي خدمت اقدس ۾ اهو معاملو پيش ڪيو تہ حضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ اُتي تشريف کڻي آيا ۽ پاهوڙو هٿ ۾ کڻي هڪ ڏڪ هنيو تہ اها چٽان واريءَ جي دڙي وانگر زرڙا زرڙا ٿي وکري وئي.[1]

(بخاري جلد 2 ص 588 خندق)

## اشاري سان بتن جو ڪرڻ

هر ماڻهو ڄاڻي ٿو تہ مڪو فتح ٿيڻ کان اڳ خانۂ ڪعبہ ۾ ٽي سؤ سٺ بتن جي پوڄا ٿيندي هئي. فتحِ مڪہ جي ڏينهن حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪعبي ۾ تشريف کڻي ويا، ان وقت هٿ مبارڪ ۾ هڪ لڪڻ هو ۽ پاڻ زبان اقدس مان هيءَ آيت تلاوت فرمائي رهيا هئا تہ

جَآءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا۝[2]

(پ 15، سورة بني اسرائيل، آيت: 81)

**ترجمو ڪنز الايمان:** حق آيو ۽ باطل مٽجي ويو يقيناً باطل مٽڻ ئي جي قابل هو.

رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي لڪڻ سان جنهن بت جي طرف اشارو فرمائيندا هئا اهو بنا هٿ لڳائڻ جي فقط اشارو ڪرڻ سان ئي ڪري پوندو هو.[3]

(مدارج النبوة جلد 2 ص 290 بخاري جلد 2 ص 614)

---

[1] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب غزوة الخندق، الحديث: 4101، ج 3، ص 51

[2] پ 15، سورة بني اسرائيل، آيت: 81

[3] مدارج النبوت، قسم سوم، باب هفتم، ج 2، ص 290

## جبلن جو سلام ڪرڻ

حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ هڪ دفعي مان حضورِ انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ مڪہ مڪرمہ ۾ هڪ پاسي نڪتس تہ مون ڏٺو تہ جيڪو بہ وڻ ۽ جبل اڳيان اچي پيو ان مان "اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللهِ" جو آواز پيو اچي ۽ مان خود ان آواز کي پنهنجي ڪنن سان ٻڌان پيو.[1] (ترمذي جلد 2 ص 203 باب ما جاء في آيات نبوة النبي)

اهڙي طرح حضرت جابر بن سمره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ مڪي ۾ هڪ پٿر آهي جيڪو مون کي سلام ڪندو هو ۽ مان هاڻي بہ ان کي سُڃاڻان ٿو.[2]

(ترمذي جلد 2 ص 203)

## جبل جو لُڏڻ

بخاري شريف جي هيءَ روايت ڪجهہ صفحا پهريان اسان تحرير ڪري آيا آهيون تہ هڪ ڏينهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ سان گڏ حضرت ابو بڪر، حضرت عمر ۽ حضرت عثمان رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي ساڻ وٺي اُحد جبل تي چڙهيا جبل (خوشيءَ وچان) جهومڻ ۽ هِلڻ لڳو تہ ان وقت حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جبل کي ٿُڏو هڻي فرمايو تہ "رڪجي وڃ". هن وقت تنهنجي مٿان هڪ نبي آهي هڪ صديق آهي ۽ بہ (حضرت عمر ۽ حضرت عثمان) شهيد آهن.[3] (بخاري جلد 1 ص 519 باب فضل ابي بكر)

---

[1] سنن الترمذي كتاب المناقب باب ما جاء في آيات اثبات نبوة ... الخ الحديث 3646 ج 5 ص 359

[2] سنن الترمذي كتاب المناقب باب ما جاء في آيات اثبات نبوة ... الخ الحديث 3644 ج 5 ص 358

[3] صحيح البخاري، كتاب فضائل اصحاب النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، باب قول النبي: لو كنت متخذا خليلا، ج 2، ص 524

## مُٺ جيتري مٿيءَ جووڏو ڪارنامو

مسلم شريف جي حديث ۾ حضرت سلم بن اڪوع رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته جنگِ حنين ۾ جڏهن ڪافرن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي چئني طرفن کان گهيري ورتو ته پاڻ پنهنجي سواريءَ تان لهي پيا ۽ زمين تان هڪ مُٺ مٽي کڻي ڪافرن جي منهن تي اڇلائي ۽ "شَاهَتِ الْوُجُوْهُ" فرمايو ته ڪافرن جي لشڪر مان ڪو هڪ انسان به باقي نه رهيو جنهن جون ٻئي اکيون ان مٽي سان نه ڀرجي ويون هجن ۽ اهي سڀ اکيون مليندا پٺي ڏئي شڪست کائي ڀڄي ويا ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي مالِ غنيمت کي مسلمانن ۾ تقسيم فرمائي ڇڏيو.[1] (مشکوٰة جلد 2 ص 534 باب المعجزات)

اهڙي طرح هجرت جي رات حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪاشانۂ نبوت جو محاصرو ڪرڻ وارن ڪافرن تي جڏهن هڪ مٺ مٽي اڇلائي ته اها هڪ مٺ مٽي سيني ڪافرن جي مٿن تي پئجي وئي.[2]

(مدارج جلد 2 ص 57)

## تبصرو

ذڪر ٿيل پنج ئي مستند واقعا گواهي ڏئي رهيا آهن ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي معجزن ۽ تصرفات جي حڪمراني عالَمِ جمادات تي به آهي ۽ عالَمِ جمادات جي هر هڪ شيءِ ڄاڻيندي سڃاڻيندي ۽ مڃيندي آهي ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اللّٰه تعاليٰ جا رسولِ برحق آهن ۽ سندن اطاعت ۽ فرمانبرداري کي عالمِ جمادات

---

[1] صحيح مسلم، کتاب الجهاد و السير، باب في غزوة حنين، الحديث: 1777، ص 981

[2] مدارج النبوت، قسم اول، باب دوم، ج 2، ص 57

جي هر هڪ شيءِ پنهنجي لاءِ لازم الايمان ۽ واجب العمل ڄاڻي ٿي، اهو ئي سبب آهي جو سندن اشاري تي پٿرن ڪلمو پڙهيو، سندس مبارڪ هٿن ۾ پٿرين خدا جي تسبيح پڙهي، سندن دعا تي پٿين ”آمين“ چيو.[1] (دلائل النبوة و شفاء جلد 1 ص 201 كان 202)

## عالمِ نباتات جا معجزا

### ڇڳوڻ تان لهي پيو

حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا جو بيان آهي ته هڪ ڳوناڻو بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين ته مونکي اهو ڪيئن يقين ٿئي ته توهان خدا جا پيغمبر آهيو؟ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته هن ڪجيءَ جي وڻ تي جيڪو ڇڳو لڙڪي رهيو آهي جيڪڏهن مان ان کي پاڻ وٽ گهرايان ۽ اهو مون وٽ هلي اچي ته ڇا تون منهنجي نبوت تي ايمان آڻيندين؟ ان چيو ته ها بيشڪ مان توهان جو اهو معجزو ڏسي ضرور توهان کي خدا جو رسول مڃيندس. پاڻ سڳورن ڪجيءَ جي ان ڇڳي کي سڏيو ته اهو فوراً وڻ تان لٿو ۽ سندن وٽ هلي آيو پوءِ پاڻ حڪم ڏنائون ته اهو واپس وڃي وڻ ۾ پنهنجي جڳهه تي لڳي ويو. اهو معجزو ڏسي اهو ڳوناڻو فوراً ئي دامنِ اسلام ۾ اچي ويو.[2]

(ترمذي جلد 2 ص 203 باب ما جاء في آيات النبوة النبي الخ)

### وڻ هلي آيو

حضرت عبد الله بن عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا فرمايو ته اسان رسول الله

---

[1] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، الباب الرابع، فصل و مثل هٰذا ... الخ، ج 1، ص 306، 307

[2] سنن الترمذي، كتاب المناقب، باب ما جاء في آيات اثبات النبوة ... الخ، الحديث: 3648، ج 5، ص 360

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ هڪ سفر ۾ هئاسين. هڪ ڳوٺاڻو سندن وٽ آيو. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي اسلام جي دعوت ڏني، ان ڳوٺاڻي سوال ڪيو ته ڇا توهان جي نبوت جو ڪو شاهد به آهي؟ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته ها هي وڻ جيڪو ميدان جي ڪناري تي آهي منهنجي نبوت جي شاهدي ڏيندو. ته پوءِ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان وڻ کي سڏيو ۽ اهو فوراً زمين چيريندو پنهنجي جڳهه تان هلي اچي بارگاهِ اقدس ۾ حاضر ٿيو ۽ ان بلند آواز سان ٽي ڀيرا سندن نبوت جي گواهي ڏني. پوءِ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي اشارو فرمايو ته اهو وڻ زمين تان هلندو پنهنجي جڳهه تي لڳي ويو.

محدث بزار، امام بيهقي ۽ امام بغوي ان حديث ۾ هيءَ روايت به لکي آهي ته ان وڻ بارگاهِ اقدس ۾ اچي "اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللهِ" چيو، ڳوٺاڻو اهو معجزو ڏسڻ سان ئي مسلمان ٿي ويو ۽ جوشِ عقيدت ۾ عرض ڪيائين ته يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) مونکي اجازت ڏيو ته مان توهان کي سجدو ڪيان. حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته جيڪڏهن مان خدا کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي سجدو ڪرڻ جو حڪم ڏيان ها ته عورتن کي حڪم ڏيان ها ته هو پنهنجن مڙسن کي سجدو ڪن. اهو فرمائي پاڻ ان کي سجدو ڪرڻ جي اجازت نه ڏني. پوءِ ان عرض ڪيو ته يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جيڪڏهن توهان اجازت ڏيو ته مان توهان جي مبارڪ هٿن ۽ مقدس پيرن کي چمي ڏيان. حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي ان جي اجازت ڏئي ڇڏي. تنهنڪري ان سندن مقدس هٿن ۽ پيرن کي والهانه عقيدت سان چمي ورتو.[1] (زرقاني جلد 5 ص 128 کان ص 131)

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب كلام الشجر له و سلامها عليه ... الخ، ج 6، ص 517- 519

اهڙي طرح حضرت جابر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا ته سفر ۾ هڪ منزل تي حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم استنجاء فرمائڻ لاءِ ميدان ۾ تشريف وني ويا پر ڪٿي ڪا آڙ ڏسڻ ۾ نه آئي ها البت ان ميدان ۾ ٻه وڻ ڏسڻ ۾ آيا جيڪي هڪ ٻئي کان گهڻو پري هئا. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ وڻ جي ٽاري پڪڙي ان کي هلڻ جو حڪم ڏنو ته اهو وڻ اهڙي طرح ساڻ گڏ گڏ هلڻ لڳو جيئن مهار وارو اُٺ، مهار پڪڙڻ واري سان گڏ هلندو آهي پوءِ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻئي وڻ جي ٻه ٽاري پڪڙي ان کي ٻه هلڻ جو اشارو فرمايو ته اهو ٻه هلي پيو ۽ ٻئي وڻ هڪ ٻئي سان ملي ويا ۽ پاڻ انهن جي آڙ ۾ پنهنجي حاجت دور فرمائي. ان کان پوءِ حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حڪم ڏنو ته اهي ٻئي وڻ زمين چيريندي هلڻ لڳا ۽ پنهنجي پنهنجي جڳهه تي پهچي بيهي رهيا.[1]

(زرقاني جلد 5 ص 131 کان ص 132)

## تنبيه

هي ئي اهو معجزو آهي جنهن کي علامه بوصيري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن پنهنجي قصيده برده ۾ تحرير فرمايو آهي ته

جَاءَتْ لِدَعْوَتِهِ الْاَشْجَارُ سَاجِدَةً ۔۔۔ تَمْشِيْ اِلَيْهِ عَلٰى سَاقٍ بِلَا قَدَمِ

يعني توهان جي سڏڻ تي وڻ سجدو ڪندي ۽ پيرن کان بغير پنهنجي ٻني سان هلندي سندن وٽ حاضر ٿيا. وڌيڪ پهرين حديث مان ثابت ٿيو ته ديندار بزرگن مثلاً علماء ۽ مشائخ جي تعظيم جي لاءِ انهن جي هٿن ۽ پيرن کي چمڻ جائز آهي. جيئن حضرت امام

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب كلام الشجر له و سلامها عليه ... الخ، ج 6، ص 520، 521

نووي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ڪتاب ”اذڪار“ ۾ ۽ اسان پنهنجي ڪتاب ”نوادر الحديث“ ۾ هن مسئلي کي تفصيل سان تحرير ڪيو آهي. والله تعاليٰ اعلم

## لٽ روشن ٿي وئي

حضرت انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا ته ٻه صحابي حضرت اُسيد بن حضير ۽ عباد بن بشر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا اونداهي رات ۾ ڪافي دير تائين حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گفتگو ڪندا رهيا جڏهن اهي ٻئي بارگاهِ رسالت مان پنهنجي گهرن لاءِ روانا ٿيا ته هڪ جي لٺ اوچتو خودبخود روشن ٿي وئي ۽ ٻئي ان لٺ جي روشني ۾ هلندا رهيا جڏهن ڪجهه اڳتي هلي ٻنهي جي گهرن جو رستو الڳ ٿي ويو ته ٻئي جي لٺ ٻه روشن ٿي وئي ۽ ٻئي پنهنجي پنهنجي لٺ جي روشنيءَ جي سهاري سخت اونداهي رات ۾ پنهنجن پنهنجن گهرن تائين پهچي ويا.[1] (مشڪوٰة جلد 2 ص 544 و بخاري جلد 1 ص 537)

اهڙي طرح امام احمد حضرت ابو سعيد خدري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت ڪئي آهي ته هڪ ڀيرو حضرت قتاده بن نعمان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ عشاء جي نماز پڙهي، رات تمام سخت اونداهي واري هئي ۽ آسمان تي گهاٽا ڪڪر ڇانئيل هئا. روانگي وقت حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي هٿ مبارڪ سان ڪين وڻ جي هڪ ٽاري عطا فرمائي ۽ ارشاد فرمايو ته تون بنا ڪنهن خوف ۽ خطري جي پنهنجي گهر وڃ هيءَ ٽاري تنهنجي هٿ ۾ ائين روشن ٿي ويندي جو ڏهه ماڻهو تنهنجي اڳيان ۽ ڏهه ماڻهو تنهنجي پٺيان هن جي روشني ۾ هلي سگهندا ۽ جڏهن تون گهر پهچندين ته

[1] مشكاة المصابيح، كتاب الفضائل و الشمائل و، باب الكرامات، الحديث: 5944، ج 2، ص 399

هڪ ڪاري شيءِ ڏسندين ان کي ماري گهر مان ٻاهر ڪڍي ڇڏجان. پوءِ ائين ئي ٿيو جو جيئن ئي حضرت قتاده رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ڪاشانہ نبوت کان نڪتا اها ٿاري روشن ٿي وئي ۽ هو ان جي ئي روشني ۾ هلي پنهنجي گهر پهچي ويا ۽ ڏٺائون تہ هڪ ڪاري شيءِ موجود آهي پاڻ فرمانِ نبوت جي مطابق ان کي ماري گهر مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيائون.[1] (الكلام المبين في آيات رحمة للعالمين ص 116)

## ڪاٺي ءَ جي تلوار

جنگِ بدر جي ڏينهن حضرت عڪاشہ بن محصن رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي تلوار ڀڄي پئي تہ حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي وڻ جي هڪ ٿاري ڏئي فرمايو تہ ”تون هن سان جنگ ڪر“ اها ٿاري سندن هٿ ۾ ايندي ئي هڪ نهايت نفيس ۽ بهترين تلوار بڻجي وئي جنهن سان هو سڄي زندگي سيني لڙائين ۾ جنگ ڪندا رهيا ايسيتائين جو حضرت امير المؤمنين ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي دور خلافت ۾ هو شهادت سان سرفراز ٿي ويا.

اهڙي طرح حضرت عبد الله بن جحش رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي تلوار جنگ احد جي ڏينهن ٽُٽي پئي هئي تہ انهن کي بہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ڪجي جي شاخ ڏئي ارشاد فرمايو تہ ”تون هن سان وڙهہ“ اها حضرت عبد الله بن جحش رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي هٿ ۾ ايندي ئي هڪ تکي تلوار بڻجي وئي. حضرت عبد الله بن جحش رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي ان تلوار جو نالو ”عرجون“ هو. اُها خلفاء بنو العباس جي دورِ حڪومت تائين باقي رهي ايسيتائين جو خليفي معتصم بالله جي هڪ امير ان تلوار کي ٻاويهن دينارن ۾ خريد ڪيو ۽ حضرت عڪاشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ

[1] المسند للامام احمد بن حنبل، مسند ابي سعيد الخدري، الحديث: 11624، ج 4 ص 131

جي تلوار جو نالو ”عون“ هو. اِهي ٻئي تلوارون حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي معجزن ۽ سندن تصرفات جون يادگار هيون.[1]

(مدارج النبوة جلد 2 ص 123)

## روئڻ واروتُڙُ

مسجد نبوي ۾ پهريان منبر نه هو، ڪجيءَ جو هڪ تُڙُ رڪيل هو ان تي ٽيڪ لڳائي رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خطبو پڙهندا هئا. جڏهن هڪ انصاري عورت هڪ منبر ٺهرائي مسجد نبوي ۾ رکيو ته پاڻ ان تي بيهي خطبو ڏيڻ شروع ڪيائون اوچتو ان تڙ مان ٻارن وانگر روئڻ جو آواز اچڻ لڳو ۽ ڪن روايتن ۾ آيو آهي ته ڏاچين وانگر تڙپڻ جو آواز آيو. هي حديث جي راوين جي مختلف ذوق جي بنا تي روئڻ جون مختلف تشبيهون آهن راوين جو مقصد هي آهي ته درد ۽ فراق کان تڙپڻ ۽ بيقرار ٿي تڙ زار وقطار روئڻ لڳو ۽ ڪن روايتن ۾ هي به آيو آهي ته تڙ ايتري قدر زور زور سان روئڻ لڳو جو ائين پيو لڳي جو روئڻ سبب ڦاٽي نه پوي ۽ ان روئڻ جي آواز کي مسجد نبوي جي سيني نمازن پنهنجن ڪنن سان ٻڌو. تڙ جو روڄ راڙو ٻڌي حضور رحمة للعالمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منبر تان لهي آيا ۽ تسڪين ڏيڻ جي لاءِ تڙ تي پنهنجو مقدس هٿ رکي ڇڏيو ۽ ان کي پنهنجي سيني سان لڳائي ڇڏيو ته اهو تڙ ائين سڏڪا ڀري روئڻ لڳو جيئن روئڻ واري ٻار کي جڏهن چپ ڪرايو ويندو آهي ته اهو سڏڪا ڀري روئيندو آهي آخرڪار جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تڙ کي پنهنجي سيني سان لڳايو ته اهو سڪون ماڻي خاموش ٿي ويو. پاڻ سڳورن ارشاد فرمايو ته تڙ جو هي روئڻ ان لاءِ هو جو

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب چهارم، ج 2، ص 123 ملخصاً

هي پهريان خدا جو ذڪر ٻڌندو هو ۽ هاٿي جو نہ ٻڌائين تہ روئڻ لڳو.[1] (بخاري جلد 1 ص 281 باب النجار و ص506 باب علامات النبوة)

۽ حضرت بريده رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي حديث ۾ اهو بہ ذڪر ٿيل آهي تہ حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان ٽڙ کي پنهنجي سيني سان لڳائي اهو فرمايو تہ اي ٽڙ! جيڪڏهن تون چاهين تہ مان توکي ٻيهر ان ئي باغ ۾ تنهنجي پهرين جڳهہ تي پهچائي ڇڏيان تہ جيئن تون اڳ وانگر سائو وڻ ٿي وڃين ۽ هميشہ ڦل ڏيندو رهين ۽ جيڪڏهن تنهنجي خواهش هجي تہ مان توکي بهشت جي باغ جو هڪ وڻ ٻڌائڻ جي لاءِ خدا کان دعا ڪريان تہ جيئن جنت ۾ خدا جا وَلِي تنهنجو ميوو کائيندا رهن. اهو ٻڌي ٽڙ ايتري وڏي آواز سان جواب ڏنو جو اڳين پوين ماڻهن ٻڌي ورتو، ٽڙ جو جواب هي هو تہ يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) منهنجي اها ئي تمنا آهي تہ جنت جو هڪ وڻ ٻڌايو وڃان تہ جيئن خدا جا وَلِي منهنجو ميوو کائيندا رهن ۽ مونکي هميشگي واري زندگي ملي وڃي. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ اي ٽڙ! مان تنهنجي ان آرزو کي منظور ڪري ورتو. پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حاضرين کي مخاطب ٿي فرمايو تہ اي انسانو! ڏسو هن ٽڙ دار الفناء جي زندگيءَ کي نڪرائي دار البقاء جي حياتيءَ کي اختيار ڪري ورتو.[2] (شفاء شريف جلد 1 ص 200)

هڪ روايت ۾ هيئن بہ آيو آهي تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٽڙ کي پنهنجي سيني سان لڳائي ارشاد فرمايو تہ مونکي ان ذات جو قسم آهي جنهن جي قبضہءِ قدرت ۾ منهنجو ساهہ آهي تہ جيڪڏهن

---

[1] صحيح البخاري، كتاب المناقب، باب علامات النبوة في الاسلام، الحديث: 3584، ج 2، ص 496

[2] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، فصل في قصة حنين الجذع، ج 1، ص 304، 305

مان هن ٿڙ کي پنهنجي سيني سان نہ لڳايان ها تہ هي قيامت تائين روئندو ئي رهي ها.

واضح رهي تہ ٿڙ جي روئڻ جو هي معجزو حديث ۽ سيرت جي ڪتابن ۾ يارهن صحابين کان منقول آهي جن جا نالا هي آهن (1) جابر بن عبد الله (2) اُبي بن ڪعب (3) انس بن مالڪ (4) عبد الله بن عمر (5) عبد الله بن عباس (6) سهل بن سعد (7) ابو سعيد خدري (8) بريده (9) ام سلمہ (10) مطلب بن ابي وداعہ (11) عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُم، پوءِ صحابہ جي دور کان بعد بہ هر زماني ۾ راوين جي هڪ وڏي جماعت ان حديث کي روايت ڪندي رهي ايسيتائين جو علامہ قاضي عياض ۽ علامہ تاج الدين سبڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِمَا جن فرمايو تہ ٿڙ جي روئڻ جي حديث "خبر متواتر" آهي.[1]

(شفاء شريف جلد 1 ص 199 و الكلام المبين ص 116)

ان ٿڙ جي باري ۾ هڪ روايت آهي تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي پنهنجي منبر جي هيٺان دفن فرمائي ڇڏيو ۽ هڪ روايت ۾ آيو آهي تہ پاڻ ان کي مسجد نبوي جي ڇت ۾ لڳائي ڇڏيو. انهن ٻنهي روايتن ۾ شارحين حديث هن طرح تطبيق ڏني آهي تہ پهريان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي دفن فرمائي ڇڏيو هو پوءِ ان خيال کان تہ هي ماڻهن جي پيرن سان لتاڙبو ان کي زمين مان ڪڍي ڇت ۾ لڳائي ڇڏيو. اهڙي طرح زمين ۾ دفن ڪرڻ ۽ ڇت ۾ لڳائڻ واريون ٻئي روايتون ٻن وقتن ۾ ٿيڻ جي لحاظ کان درست آهن. والله تعالي اعلم.

---

[1] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، فصل في قصة حنين الجذع، ج 1، ص 303، 304 و المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب حنين الجذع شوقا اليه، ج 6، ص 524

پوءِ حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان بعد جڏهن نئين سِر تعمير جي لاءِ مسجد نبوي ڊاٽي وئي تہ اهو ٿڙ ڇت مان ڪڍيو ويو ۽ ان کي مشهور صحابي حضرت ابي بن ڪعب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن هڪ مقدس تبرڪ سمجهي ڪٽي ورتو ۽ ان کي پاڻ وٽ رکي ڇڏيو ايسيتائين جو هي بالڪل ئي ڪمزور ۽ پراڻو ٿي پور پور ٿي ويو.

ان ٿڙ کي دفن ڪرڻ جي باري ۾ علامہ زرقاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هي نڪتو تحرير فرمايو آهي تہ ڀلي اهو خشڪ ڪاٺي جو هڪ ٿڙ هو پر درجن ۽ مرتبن ۾ هڪ مومن مرد وانگر قرار ڏنو ويو ڇو تہ هي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي عشق ۽ محبت ۾ رُنو هو ۽ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان عشق ۽ محبت جو ورتاءُ اهو ايمان وارن جو خاصو آهي.[1] (والله تعالي اعلم) (شفاء شريف جلد 1 ص 200 و زرقاني جلد 5 ص 138)

## عالم حيوانات جا معجزا

### جانورن جو سجدو ڪرڻ

حديث جي اڪثر ڪتابن ۾ ڪجهہ لفظن جي تبديلي سان هي روايت ذڪر ٿيل آهي تہ هڪ انصاري جو اُٺ بگڙي ويو هو ۽ اهو ڪنهن جي قابو ۾ نہ ايندو هو بلڪ ماڻهن کي کائڻ لاءِ حملو ڪندو هو. ماڻهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ان جي باري ۾ ٻڌايو. پاڻ سڳورن ان اُٺ وٽ وڃڻ جو ارادو فرمايائون تہ ماڻهن روڪيو تہ يا رسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي اُٺ ماڻهن کي ڊوڙائي ڪتي وانگر چڪ هڻندو آهي. رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ”مون

---

[1] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، فصل في قصة حنين الجذع، ج 1، ص 304 و شرح الزرقاني علي المواهب، باب حنين الجذع شوقا اليه، ج 6، ص 534

کي ان جو ڪو خوف ناهي“ اهو چئي پاڻ اڳتي وڌيا تہ اُٿ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سامهون اچي پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ۽ ڪين سجدو ڪيو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان جي مٿي ۽ ڪنڌ تي پنهنجو شفقت ڀريو هٿ ڦيرايو تہ اهو بالڪل ئي نرم ۽ فرمانبردار ٿي ويو ۽ پاڻ ان کي پڪڙي ان جي مالڪ جي حوالي ڪري ڇڏيو. پوءِ هي ارشاد فرمايو تہ خدا جي هر مخلوق ڄاڻيندي ۽ مڃيندي آهي تہ مان الله جو رسول آهيان، پر جنن ۽ انسانن مان جيڪي ڪافر آهن اهي منهنجي نبوت جو اقرار نٿا ڪن. صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جڏهن اُٿ کي سجدو ڪندي ڏٺو تہ عرض ڪيائون تہ يا رسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن جانور توهان کي سجدو ڪن ٿا تہ پوءِ اسان انسانن کي تہ سڀ کان پهريان توهان کي سجدو ڪرڻ گهرجي اهو ٻڌي رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ جيڪڏهن ڪنهن انسان جو ٻئي انسان کي سجدو ڪرڻ جائز هجي ها تہ مان عورتن کي حڪم ڏيان ها تہ اهي پنهنجي مڙسن کي سجدو ڪنديون ڪن.[1]

(زرقاني جلد 5 ص 140 کان ص 141 و مشڪوٰة جلد 2 ص 540 باب المعجزات)

## بارگاهِ رسالت ۾ اُٿ جي فرياد

هڪ ڀيرو حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ انصاري جي باغ ۾ تشريف وٺي ويا اتي هڪ اُٿ بيٺو زور زور سان دانهون ڪري رهيو هو. جڏهن ان رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڏٺو تہ يڪدم بِلبِلائِڻ لڳو ۽ ان جي ٻنهي اکين مان ڳوڙها جاري ٿي ويا. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پرسان وجي ان جي منديءَ ۽ ڪنن تي

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب سجود الجمل و شكواه اليه، ج 6، ص 538 — 544 ملخصاً

پنهنجو شفقت وارو هٿ ڦيرايو تہ هو مطمئن ٿي بالڪل خاموش ٿي ويو. پوءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ماڻهن کان پڇيو تہ هن جو مالڪ ڪير آهي؟ ماڻهن هڪ انصاري جو نالو ٻڌايو، حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فوراً ان کي گهرايو ۽ فرمايائون تہ الله تعاليٰ هنن جانورن کي توهان جي قبضي ۾ ڏئي هنن کي توهان جو محڪوم بڻايو آهي تنهنڪري توهان تي لازم آهي تہ توهان هنن تي رحم ڪريو تنهنجي هن اُٺ مون سان تنهنجي شڪايت ڪئي آهي تہ تون ان کي بکيو رکندو آهين ۽ هن جي وَسَ کان وڌيڪ هن کان ڪم وٺي هن کي تڪليف ڏيندو آهين.[1] (ابو داود جلد 1 ص 352 مجتبائي)

## بنا ڪيرواريءَ ٻڪريءَ ڪيرڏنو

حضرت عبد الله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا مان ننڍي عمر جو ڇوڪرو هئس ۽ مڪي ۾ ڪافرن جي سردار عقبہ بن ابي معيط جون ٻڪريون چاريندو هئس. اتفاق سان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو منهنجي پرسان گذر ٿيو، حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون کي فرمايو تہ اي ڇوڪرا! جيڪڏهن تنهنجي ٻڪرين جي ٿڻن ۾ ڪير هجي تہ اسان کي بہ پيار، مون عرض ڪيو تہ مان هنن ٻڪرين جو مالڪ ناهيان بلڪ هنن جو ڏنار هجڻ جي حيثيت سان امين آهيان، مان ڀلا بغير مالڪ جي اجازت جي ڪيئن هنن ٻڪرين جو ڪير ڪنهن کي پياري سگهان ٿو؟ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ ڇا تنهنجي ٻڪرين ۾ ڪو ٻچو بہ آهي مون چيو تہ "جي ها" پاڻ فرمايائون ان ٻچي کي مون وٽ وٺي اچ. مان وٺي آيس. حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب سجود الجمل و شكواه اليه، ج 6، ص 543

ان جي تنگن کي پڪڙيو ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي تڻن کي پنهنجو مقدس هٿ لڳايو تہ ان جا تڻ ڪير سان ڀرجي ويا پوءِ هڪ گهري پٿر ۾ پاڻ ان جو ڪير ڏڏائون، پهريان پاڻ پيتائون پوءِ حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي پيئاريائون. حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا تہ ان کان پوءِ مون کي بہ پيئاريائون. پوءِ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان ٻڪريءَ جي تڻن ۾ هٿ هڻي فرمايو اي تڻ! تون خشڪ ٿي وڃ تہ يڪدم ان جا تڻ خشڪ ٿي ويا.

حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ مان ان معجزي کي ڏسي تمام گهڻو متاثر ٿيس ۽ مون عرض ڪيو تہ توهان تي آسمان تان جيڪو ڪلام نازل ٿيو آهي اهو مون کي بہ سيکاريو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ تون ضرور سک تنهنجي اندر سکڻ جي صلاحيت آهي. تنهنڪري مون سندن مبارڪ زبان مان ٻڌي قرآن مجيد جون ستر سورتون ياد ڪري ورتيون. حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چوندا هئا تہ منهنجي اسلام قبول ڪرڻ ۾ ان معجزي جو وڏو ڪردار آهي.[1]

(طبقات ابن سعد ج 1 ص 122)

## اسلام جي تبليغ ڪرڻ وارو بگهڙ

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ هڪ بگهڙ هڪ ٻڪريءَ کي پڪڙي ورتو پر ٻڪرين جي ڏنار بگهڙ تي حملو ڪري ان کان ٻڪري ڇڏائي ورتي. بگهڙ ڀڄي وڃي هڪ دڙي تي ويهي رهيو ۽ چوڻ لڳو تہ اي ڏنار! الله تعاليٰ مونکي رزق ڏنو هو پر تو مون کان

[1] الطبقات الكبري لابن سعد، باب و من خلفاء .... الخ، عبد الله بن مسعود، ج 3، ص 111

اهو کسي ورتو. ڏنار اهو ٻڌي چيو تہ خدا جو قسم! مون اڄ کان وڌيڪ ڪڏهن اڳ ۾ اهڙو حيرت انگيز ۽ اچرج ۾ وجهڻ وارو منظر ناهي ڏٺو جو هڪ بگهڙ عربي زبان ۾ مون سان ڳالهائي رهيو هو. بگهڙ چوڻ لڳو تہ اي ڏنار ان کان وڌيڪ عجيب ڳالهہ تہ اها آهي جو تون هتي ٻڪريون چاري رهيو آهين ۽ ان نبي کي ڇڏي ۽ ان کان منهن موڙي ويٺو آهين جنهن کان وڌيڪ بزرگ ۽ بلند مرتبي وارو ڪو نبي ناهي آيو. هن وقت جنت جا سڀ دروازا کليل آهن ۽ تمام اهل جنت ان نبي جي ساٿين جي شانِ جهاد جو منظر ڏسي رهيا آهن ۽ تنهنجي ۽ ان نبي جي وچ ۾ بس هڪ گهاٽيءَ جو فاصلو آهي ڪاش! تون بہ ان نبي جي خدمت ۾ حاضر ٿي الله جي لشڪر جو هڪ سپاهي بڻجي وڃين ها. ڏنار ان گفتگو کان متاثر ٿي چيو تہ جيڪڏهن مان هتان هليو ويس تہ منهنجين ٻڪرين جي حفاظت ڪير ڪندو؟ بگهڙ جواب ڏنو تہ تنهنجي موٽڻ تائين مان پاڻ تنهنجين ٻڪرين جي حفاظت ڪندس. پوءِ ڏنار پنهنجين ٻڪرين کي بگهڙ جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ بارگاهہ رسالت ۾ حاضر ٿي مسلمان ٿي ويو ۽ واقعي بگهڙ جي چوڻ جي مطابق ان نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اصحابن کي جهاد ۾ مصروف ڏٺو. پوءِ ڏنار بگهڙ جي ڪلام جو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان ذڪر ڪيو تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ تون وڃ تون پنهنجين سيني ٻڪرين کي زندهہ ۽ سلامت ڏسندين. تنهنڪري ڏنار جڏهن موٽيو تہ هي منظر ڏسي حيران ٿي ويو تہ بگهڙ ان جي ٻڪرين جي حفاظت ڪري رهيو آهي ۽ ان جي ڪا بہ ٻڪري ضايع نہ ٿي آهي ڏنار خوش ٿي بگهڙ جي لاءِ

هڪ بڪري ذبح ڪري پيش ڪري ڇڏي ۽ بگهڙ ان کي کائي هلي ويو.[1] (زرقاني جلد 5 ص 135 کان ص 136)

## ايمان جو اعلان ڪرڻ واري ڳوهه

حضرت عبد الله بن عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي ته قبيلي بني سليم جو هڪ ڳوٺاڻو اوچتو حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي نوراني محفل وٽان گذريو پاڻ پنهنجن اصحابن جي مجمعي ۾ تشريف فرما هئا. هي ڳوٺاڻو جهنگ مان هڪڙي ڳوهه پڪڙي ڪٽي اچي رهيو هو. ڳوٺاڻي سندن جي باري ۾ ماڻهن کان سوال پڇيو ته هي ڪير آهن؟ ماڻهن ٻڌايو ته هي الله جا نبي آهن. ڳوٺاڻو اهو ٻڌي رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي طرف متوجه ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته مونکي لات ۽ عزيٰ جو قسم آهي ته مان ان وقت تائين توهان تي ايمان نه آڻيندس جيسيتائين منهنجي هيءَ ڳوهه توهان تي ايمان نه آڻي، اهو چئي ان ڳوهه کي سندن جي سامهون رکي ڇڏيو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڳوهه کي پڪاريو ته ان "لَبَّيْكَ وَ سَعْدَيْكَ" ايتري بلند آواز سان چيو جو سيني ماڻهن ٻڌو. پوءِ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پڇيو ته تنهنجو معبود ڪير آهي؟ ڳوهه جواب ڏنو ته منهنجو معبود اهو آهي جو ان جو عرش آسمان ۾ آهي ۽ ان جي بادشاهي زمين ۾ آهي ۽ ان جي رحمت جنت ۾ آهي ۽ ان جو عذاب جهنم ۾ آهي. پوءِ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پڇيو ته اي ڳوهه! اهو ٻڌاءِ ته مان ڪير آهيان؟ ڳوهه وڏي آواز سان چيو ته اوهان رب العالمين جا رسول آهيو ۽ خاتم النبيين آهيو جنهن اوهان کي سچو مڃيو اهو ڪامياب ٿي ويو ۽ جنهن توهان کان منهن موڙيو

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب كلام الذئب و شهادته ... الخ، ج 6، ص 549

اهو نامراد ٿي ويو. اهو منظر ڏسي ڳوناٽو ايتري قدر متاثر ٿيو جو فوراً ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو ته يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) مان جنهن وقت توهان وٽ آيو هيس ان وقت منهنجي نظر ۾ رُوءِ زمين تي توهان کان وڌيڪ ناپسنديده ڪو ماڻهو نه هو پر هاڻي منهنجو هي حال آهي جو توهان منهنجي نزديڪ منهنجي اولاد بلڪ منهنجي جان کان به وڌيڪ پيارا ٿي ويا آهيو. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو خدا جي لاءِ حمد آهي جنهن توکي اهڙي دين جي هدايت ڏني جيڪو هميشه غالب رهندو ۽ ڪڏهن مغلوب نه ٿيندو. پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي سورة فاتحه ۽ سورة اخلاص جي تعليم ڏني. ڳوناٽو قرآن جي انهن ٻنهي سورتن کي ٻڌي چوڻ لڳو ته مون وڏا وڏا فصيح ۽ بليغ، طويل ۽ مختصر هر قسم جا ڪلام ٻڌا آهن پر خدا جو قسم! مون اڄ تائين هن کان وڌيڪ ۽ هن کان بهتر ڪلام ڪڏهن ناهي ٻڌو. پوءِ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صحابه ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي فرمايو ته هي قبيلي بني سليم جو هڪ مفلس انسان آهي توهان هن جي مالي مدد ڪريو. اهو ٻڌي ڪيترن ئي ماڻهن ان کي گهڻو ڪجهه ڏنو ايسيتائين جو حضرت عبد الرحمٰن بن عوف رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ان کي حمل (پيٽ) واريون ڏهه ڏاڇيون ڏنيون. هي ڳوناٽو جڏهن سمورو مال ۽ سامان کڻي پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿيو ته رستي ۾ ڏنائين ته سندس قوم بني سليم جا هڪ هزار سوار نيزا ۽ تلوارون کڻي اچي رهيا آهن. ان پڇيو ته توهان ماڻهو ڪيڏانهن ۽ ڪهڙي ارادي سان وڃي رهيا آهيو؟ سوارن جواب ڏنو ته اسان ان شخص سان وڙهڻ وڃي رهيا آهيون جيڪو اهو گمان ڪري رهيو آهي ته هو نبي آهي ۽ اسان جي ديوتائن کي گهٽِ وَڌِ ڳالهائي رهيو آهي. اهو ٻڌي

ڳوٺاڻي بُلند آواز سان ڪلمو پڙهيو ۽ پنهنجو سڄو واقعو انهن سوارن کي بيان ڪيو. انهن سوارن جڏهن ڳوٺاڻي جي زبان مان اهو ايمان افروز بيان ٻڌو ته سيني لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ پڙهيو. پوءِ سيئي بارگاهِ نبوت ۾ حاضر ٿيا ته حضورِ انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ايتري قدر تيزيءَ سان انهن جي استقبال لاءِ اٿيا جو سندن چادر جسمِ اطهر تان ڪِري پئي ۽ هي ماڻهو ڪلمو پڙهندي پنهنجين پنهنجين سوارين تان لهي پيا ۽ عرض ڪيائون ته يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اوهان اسان کي جيڪو حڪم ڏيندؤ اسان اوهان جي هر حڪم جي فرمانبرداري ڪنداسين. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته توهان حضرت خالد بن وليد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي جهنڊي هيٺان جهاد ڪندا رهو. حضرت عبد الله بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جو بيان آهي ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زماني ۾ بني سليم کان سواءِ ڪو به قبيلو اهڙو نه هو جنهن جا هڪ هزار ماڻهو هڪ ئي وقت مسلمان ٿيا هجن. هن حديث کي طبراني، بيهقي، حاڪم ۽ ابن عدي جهڙن وڏن وڏن محدثن روايت ڪيو آهي.[1]

(زرقاني جلد 5 ص 148 کان ص 149)

## تنبيه

ان قسم جي سوين معجزن مان هي ڪجهه واقعا ان ڳالهه جو سڄ کان وڌيڪ روشن دليل آهن ته رُوءِ زمين جا تمام حيوان حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي جاڻيندا، سجاڻيندا ۽ مڃيندا آهن ته پاڻ نبي آخر الزمان، خاتم النبيين آهن، ۽ اهي سيئي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مدح ۽ ثنا جا خطيب ۽ سندن جي مقدس دعوت

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب حديث الحمار، ج 6، ص 554 — 557

اسلام جا مخبر آهن ۽ هي سڀ سندن جي امر و نهي جي حڪمراني ۽ سندن جي اقتدار ۽ اختيار جي سلطانيءَ کي تسليم ڪندي ڪين جي هر فرمان کي پنهنجي لاءِ واجب الايمان ۽ لازم العمل سمجهن ٿا ۽ سندن جي اعزاز ۽ اڪرام ۽ سندن جي تعظيم ۽ احترام کي پنهنجي لاءِ زندگي جو سرمايو سمجهن ٿا. ڪاش! هن زماني جا نالي جا مسلمان ڪلمو پڙهڻ پڙهائڻ وارا انسان انهن بي زبان جانورن کان تعظيم ۽ احترامِ رسول جو سبق سکن ها ۽ دل ۽ جان سان ان روشن حقيقت تي ڌيان ڏين ها تہ

اپنے مولا کی ہے بس شان عظیم، جانور بھی کریں جن کی تعظیم
سنگ کرتے ہیں ادب سے تسلیم، پیڑ سجدے میں گرا کرتے ہیں

ہاں یہیں کرتی ہیں چڑیاں فریاد، ہاں یہیں چاہتی ہے ہرنی داد
اسی در پہ شترانِ ناشاد، گلہ ءرنج و عنا کرتے ہیں

(اعلٰي حضرت قدس سره)

## عالمِ انسانيت جا معجزا

### ٽورڙي شيءِ گهٽي تي وئي

سڄي دنيا ڄاڻي ٿي تہ مسلمانن جو ابتدائي زمانو ڏاڍو بک ۽ بدحالي ۾ گذريو آهي. ڪيئي ڪيئي ڏينهن گذري ويندا هئا جو انهن کي ڪا شيءِ کائڻ لاءِ نہ ملندي هئي. اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو اهو معجزو انهن فاقہ ڪش مسلمانن جي مدد ۽ دستگيري نہ ڪري ها تہ پوءِ انهن نادار ۽ بکن ۾ پاهہ ٽيل مسلمانن جو ڇا حال ٿئي ها.

حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام آسمان تان لهڻ واري دسترخوان جي ستن مانين ۽ ستن مڇين سان سوين ماڻهن کي پيٽ ڀري کارائي ڇڏيو. يقيناً هي انهن جو عظيم الشان معجزو آهي جنهن جو ذڪر انجيل ۽ قرآن ٻنهي مقدس آسماني ڪتابن ۾ آهي. پر حضور رحمةٌ للعالمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هٿ مبارڪ مان سوين ڀيرا اهڙي قسم جي معجزاڻي برڪتن جو ظهور ٿيو جو ٿورڙو ڪاڏو ۽ پاڻي سوين بلڪ هزارين انسانن کي پيٽ ڀرڻ ۽ سيراب ڪرڻ جي لاءِ ڪافي ٿي ويو. ان قسم جي سوين معجزن مان هيٺ ڏنل ڪجهه معجزا حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي معجزانا تصرفات جون چٽيون نشانيون بڻجي حديث جي ڪتابن ۾ اهڙي طرح چمڪي رهيون آهن جهڙي طرح آسمان تي انڌيري راتين ۾ تارا چمڪندا ۽ جڳمڳائيندا آهن.

## اُمِ سُلَيم جون مانيون

هڪ ڏينهن حضرت ابو طلحه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي گهر آيا ۽ پنهنجي گهرواري حضرت اُمِ سُلَيم رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي چيو ته ڇا تو وٽ کائڻ جي ڪا شيءِ آهي؟ مون حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ڪمزور آواز مان محسوس ڪيو ته پاڻ بکايل آهن. اُمِ سُلَيم رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جَوَن جُون ڪجهه مانيون رَئي ۾ ويڙهي حضرت انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي هٿان سندن خدمت ۾ موڪلي ڏنيون. حضرت انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جڏهن بارگاهِ نبوت ۾ پهتا ته حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسجدِ نبوي ۾ صحابه ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جي مجمعي ۾ تشريف فرما هئا. رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پڇيو ته ڇا ابو طلحه تنهنجي هٿان ڪاڏو موڪليو آهي؟ انهن چيو "جي ها" اهو ٻڌي پاڻ پنهنجن اصحابن

سان گڏ اُٿيا ۽ حضرت ابو طلحه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي گهر ڏانهن روانا ٿيا. حضرت انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ دوڙي وڃي حضرت طلحه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي ان ڳالهه جي خبر ڏني، انهن بيبي اُمِ سُلَيم کي چيو ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ جماعت سان گڏ اسان جي گهر تشريف وني اچي رهيا آهن. حضرت ابو طلحه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ گهر مان نڪري نهايت ئي گرم جوشي سان سندن استقبال ڪيو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اچي ڪري حضرت بيبي اُمِ سُلَيم رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کي فرمايو ته جيڪو ڪجهه توهان وٽ هجي آڻيو. انهن اُهي ئي مانيون پيش ڪيون جيڪي حضرت انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي هٿان بارگاهِ رسالت ۾ موڪليون هيون. حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي حڪم سان انهن مانين کي پوريو ويو ۽ حضرت بيبي اُمِ سُلَيم رَضِیَ اللهُ عَنْهَا انهن تي بوڙ (يعني ڀاڄيءَ) طور گيهه وجهي ڇڏيو. انهن ڪجهه مانين ۾ سندن جي معجزاتي تصرفات سان ايتري قدر برڪت ٿي جو پاڻ ڏهن ڏهن ماڻهن کي گهر ۾ اندر گهرائي کارائيندا رهيا ۽ اهي ماڻهو خوب پيٽ ڀري کائيندا ۽ ويندا رهيا ايسيتائين جو ستر يا اسي ماڻهن چڱي طرح پيٽ ڀري کائي ورتو.[1]

(بخاري جلد 1 ص 505 علامات النبوة و بخاري جلد 2 ص 989)

## حضرت جابر جون کجورون

حضرت جابر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جا والد يهودين جا قرضدار هئا ۽ جنگِ اُحد ۾ شهيد ٿي ويا، حضرت جابر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بارگاهِ اقدس ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون ته يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) منهنجي والد پنهنجي مٿان قرض ڪٿي وفات ڪئي آهي ۽ کجورن کان سواءِ مون

[1] صحيح البخاري، كتاب المناقب، باب علامات النبوة في الاسلام، الحديث: 3578، ج 2، ص 494

وٽ قرض ادا ڪرڻ جو ڪو ٻيو ذريعو ناهي، صرف ڪجورن جي پيداوار مان ڪيترن ئي سالن تائين اهو قرض ادا نٿو ٿي سگهي توهان منهنجي باغ ۾ تشريف وني هلو ته جيئن توهان جي ادب سبب يهودي پنهنجو قرض وٺڻ ۾ مون تي سختي نه ڪن. تنهنڪري حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن باغ ۾ تشريف کڻي آيا ۽ ڪجورن جو جيڪو ڍير لڳل هو ان جي چوڌاري چڪر لڳائي دعا فرمائي ۽ پاڻ ڪجورن جي ڍير تي ويهي رهيا. سندن معجزانا تصرف ۽ دعا جي تاثير سان انهن ڪجورن ۾ ايتري قدر برڪت ٿي جو سمورو قرض ادا ٿي ويو ۽ جيتريون ڪجورون قرضدارن کي ڏنيون ويون اوتريون ئي باقي بچيل رهجي ويون.[1]

(بخاري جلد 2 ص 505 علامات النبوة)

## حضرت ابو هريره جي ٿيلهي

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي ته مان حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ ڪجهه ڪجورون کڻي حاضر ٿيس ۽ عرض ڪيم ته يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) هنن ڪجورن ۾ برڪت جي دعا فرمايو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن ڪجورن کي گڏ ڪري برڪت جي دعا فرمائي ۽ ارشاد فرمايو ته تون هِنن کي پنهنجي ٿيلهي ۾ رکي ڇڏ ۽ تون جڏهن چاهين هٿ وجهي ان مان ڪيندو رهه پر ڪڏهن به ٿيلهي کي ڇنڊي بلڪل خالي نه ڪجانءِ. اهڙي طرح حضرت ابو هريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ٿيهن سالن تائين انهن ڪجورن کي ڪائيندا ۽ ڪارائيندا رهيا بلڪ ڪيئي مڻ ان مان خيرات به ڪري چڪا پر اهي ختم نه ٿيون.

---

[1] صحيح البخاري، كتاب المناقب، باب علامات النبوة في الاسلام، الحديث: 3580، ج 2، ص 495

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هميشه ان ٿيلهي کي پنهنجي چيلهه سان ٻڌي رکندا هئا ايسيتائين جو حضرت عثمان رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي شهادت واري ڏينهن اها ٿيلهي انهن جي چيلهه مان ڪٽجي ڪٽي ڪري پئي.[1] (مشکوٰة جلد 2 ص 542 معجزات و ترمذي جلد 2 ص 224 مناقب ابوهريره)

هن ٿيلهي جي ضايع ٿيڻ جو حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي عمر پر صدمو ۽ افسوس رهيو. تنهنڪري هو حضرت عثمان رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جن جي شهادت واري ڏينهن نهايت رقت انگيز ۽ درد ڀري لهجي ۾ هي شعر پڙهندي هلندا ڦرندا رهيا ته

لِلنَّاسِ هَمٌّ وَ لِیْ هَمَّانِ بَيْنَهُمْ هَمُّ الْجِرَابِ وَ هَمُّ الشَّيْخِ عُثْمَانَا[2]
(مرقاة شرح مشکوٰة)

ماڻهن جي لاءِ هڪ غم آهي ۽ منهنجي لاءِ ٻه غم آهن هڪ ٿيلهي جو غم ۽ ٻيو سائين عثمان رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو غم.

## اُمِ مالڪ جو ڪُپو

حضرت اُمِ مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا وٽ هڪ ڪپو هو جنهن ۾ هوءَ حضور نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڏانهن گيهه هديو موڪليندي هئي. ان ڪپي ۾ ايترين عظيم برڪتن جو ظهور ٿيو جو جڏهن اُمِ مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا جا پٽ ٻوڙ گهرندا هئا ۽ گهر ۾ ڪو ٻوڙ نه هوندو هو ته اُها ان ڪُپي مان گيهه ڪڍي پنهنجي پُٽن کي ڏيندي هئي هڪ ڊگهي عرصي تائين هو هميشه ان ڪپي مان گيهه ڪڍي ڪڍي پنهنجي گهر جي ڀاڄي ناهيندیون رهيون. هڪ ڏينهن انهن ان ڪُپي

---

[1] سنن الترمذي، كتاب المناقب، باب مناقب ابي هريرة رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ، الحديث: 3865، ج 5، ص 454
[2] مرقاة المفاتيح شرح مشكاة المصابيح، كتاب الفضائل تحت الحديث: 5933، ج 10، ص 270

کي نپوڙي بلڪل خالي ڪري ڇڏيو جڏهن بارگاهِ نبوت ۾ حاضر ٿيون ته حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پڇيو ته ڇا تو ان ڪپي کي نپوڙي ڇڏيو؟ انهن چيو ته ”جي ها“. حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته جيڪڏهن تون ان ڪپي کي نه نپوڙين ها ۽ ائين ئي ڇڏي ڏين ها ته هميشه ان مان گيهه نڪرندو رهي ها.[1] هن حديث کي امام مسلم روايت ڪيو آهي. (مشكوٰة جلد 2 ص 537 باب المعجزات)

## برڪت پريو پيالو

حضرت سمره بن جندب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وٽ هڪ پيالي ۾ ڪاڏو پريل هو. اسان ڏهه ڏهه ٿي واري واري سان صبح کان شام تائين ان مان لڳاتار کائيندا رهياسين. ماڻهن پڇيو ته هڪ ئي پيالو ته ڪاڏي جو هو اهو ڪٿان کان وڌندو رهيو؟ (جو ماڻهو ايتري وڏي تعداد ۾ سڄو ڏينهن کائيندا رهيا) ته انهن آسمان جي طرف اشارو ڪري چيو ته ”هُتان کان“.[2]

(ترمذي جلد 2 ص 203 باب ما جاء في آيات النبوة صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

## ٿورو ڪاڏو عظيم برڪت

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چوڏهن سو ماڻهن جي جماعت سان هڪ سفر ۾ هئا، صحابه ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم بُک کان بيقرار ٿي سواري جي ڏاچين کي ذبح ڪرڻ جو ارادو ڪيو ته حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن منع فرمايو ۽ حڪم ڏنائون ته سيئي لشڪر وارا پنهنجو پنهنجو ڪاڏو هڪ دسترخوان تي جمع ڪن. تنهنڪري جنهن

---

[1] مشكاة المصابيح كتاب احوال القيامة و بدء الخلق، باب في المعجزات، الحديث: 5907، ج 2، ص 389

[2] سنن الترمذي كتاب المناقب، باب ما جاء في آيات اثبات نبوة ... الخ، الحديث: 3645، ج 5، ص 358

وٽ جيڪو ڪجهه هو ان اهو ڪٽي اچي رکيو تہ سمورو سامان ايتري جڳهہ ۾ اچي ويو جنهن تي هڪ ٻڪري ويهي سگهي، پر چوڏهن سو ماڻهن ان مان پيٽ ڀري ڪري کاڌو بہ ۽ پنهجي پنهنجي ٿانون کي بہ ڀري ڇڏيو کاڌي کان پوءِ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پاڻي گهرايو، هڪ صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هڪ ٿانوَ ۾ ٿورو پاڻي ڪٽي آيو، رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي پيالي ۾ لاهي پنهنجو مبارڪ هٿ ان ۾ وجهي ڇڏيو تہ چوڏهن سؤ ماڻهن ان سان وضو ڪيو.[1] (مسلم جلد 2 ص 81 باب استحباب خلط الازواد)

## برڪت وارو جيرو

هڪ سفر ۾ حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان هڪ سؤ ٽيهہ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم گڏ هئا. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کان پڇا ڪئي تہ ڇا توهان وٽ کاڌي جو سامان آهي؟ اهو ٻڌي هڪ شخص هڪ ڪلو اٽو آندو ۽ اهو ڳوهيو ويو، پوءِ هڪ تمام ٿلهو قد وارو ڊگهو ڪافر ٻڪريون ڪاهي سندن وٽ آيو. حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کان هڪ ٻڪري خريد ڪئي ۽ ذبح ڪرڻ کان پوءِ ان جي جيري کي پڇائڻ جو حڪم ڏنائون پوءِ هڪ سو ٽيهن ماڻهن مان هر هڪ کي ان جيري مان حصي آهر ٻوٽي ڪٽي ڏنائين، جيڪو حاضر هو تہ ان کي عطا فرمائي ڇڏيو ۽ جيڪو غيرحاضر هو تہ ان جو حصو لِڪائي رکيو. جڏهن گوشت تيار ٿيو ان مان ٻہ پيالا ڀري الڳ رکي ڇڏيا پوءِ باقي گوشت ۽ هڪ ڪلو اٽي جون

---

[1] صحيح مسلم كتاب اللقطة، باب استحباب خلط الازواد ... الخ، الحديث: 1729، ص 952

مانيون هڪ سؤ ٽيهه ماڻهن جي جماعت پيٽ ڀري ڪائي خوش ٿي وئي ۽ ٻه پيالا گوشت اجان بچي پيو جنهن کي اُٿ تي رکيو ويو.[1]

(بخاري جلد 2 ص 811 باب من اکل حتي شبع)

## حضرت ابو هريره ۽ هڪ پيالو ڪير

هڪ ڏينهن حضرت ابو هريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بک کان بيحال ٿي رستي تي ويهي رهيا. حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پرسان گذريا ته انهن کان هن قرآن جي هڪ آيت معلوم ڪئي مقصد اهو هو ته شايد هو مونکي پنهنجي گهر وٺي وڃي ڪجهه کارائيندا پر انهن رستي تان گذرندي آيت ٻڌائي ۽ هليا ويا. پوءِ حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ان رستي تان گذريا انهن کان به هن هڪ آيت جو مطلب پڇيو، مقصد ساڳيو ئي هو ته ڪجهه کارائيندا پر هو به مطلب ٻڌائي هليا ويا. ان کان پوءِ حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف کڻي آيا ۽ حضرت ابو هريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي منهن کي ڏسي پنهنجي خداداد بصيرت سان ڄاڻي ورتائون ته هي "بکيا آهن". نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي سڏ ڪيو، انهن جواب ڏنو ۽ گڏ هلڻ لڳا جڏهن پاڻ ڪاشانۂ نبوت تي پهتا ته گهر ۾ ڪير سان ڀريل هڪ پيالو ڏنائون گهروارن کين ان ماڻهوءَ جو نالو ٻڌايو جنهن ڪير هديو موڪليو هو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي حڪم ڏنو ته وڃ ۽ سيني اصحابِ صفه کي سڏي ڪري اچ. حضرت ابو هريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي دل ۾ سوچڻ لڳا ته هڪ ئي پيالو ته ڪير آهي ان ڪير جو وڏيڪ حقدار ته مان هئس

[1] صحيح البخاري، كتاب الاطعمة، باب من اكل حتي شبع، الحديث: 5382، ج 3، ص 523

جيڪڏهن مونکي ملي وڃي ها تہ مون کي بُک جي تڪليف کان ڪجهہ راحت ملي وڃي ها هاڻي ڏسون تہ اصحابِ صفہ جي اچڻ کان پوءِ ڀلا ان مان ڪجهہ مونکي ملي بہ ٿو يا نہ؟ انهن جي دل ۾ اهي ئي خيال هلي رهيا هئا پر الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت کان سواءِ ڪو چارو نہ هو؛ تنهنڪري هو اصحاب صفہ کي سڏي وٺي آيا هي سيئي ماڻهو پنهنجي پنهنجي جڳهہ تي هڪ قطار ۾ ويهي رهيا. پوءِ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي حڪم ڏنو تہ "تون پاڻ ئي انهن سيني کي کير پيئار" اهڙي طرح انهن سيني کي کير پيئارڻ شروع ڪيو جڏهن سيئي پيٽ ڀري پي سيراب ٿي ويا تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي رحمت وارن هٿن ۾ اهو پيالو کنيو ۽ حضرت ابو هريره جي طرف ڏسي مسڪرايو ۽ فرمايائون تہ هاڻي صرف مان ۽ تون رهجي ويا آهيون اچ ويهہ ۽ تون پيئڻ شروع ڪر. انهن پيٽ ڀري کير پيتو ۽ پيالو رکڻ چاهيو تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ "اجان پيءُ" تنهنڪري انهن ٻيهر پيتو پر پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هرهر فرمائيندا رهيا تہ "اجان پيءُ اجان پيءُ" ايتري تائين جو حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) مونکي ان ذات جو قسم آهي جنهن توهان کي حق ساڻ موڪليو آهي تہ هاڻي منهنجي پيٽ ۾ بلڪل بہ گنجائش ناهي رهي. ان کان پوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پيالو پنهنجي هٿ ۾ کنيو ۽ جيڪو کير بچيو هو رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بسم الله پڙهي پي ڇڏيو.[1] (بخاري جلد 2 ص 955 کان ص 956 باب کيف کان عيش النبي)

---

[1] صحيح البخاري، كتاب الرقاق، باب كيف كان عيش النبي ... الخ، الحديث: 6452، ج 4، ص 234

هي ئي اهو معجزو آهي جنهن جي طرف اشارو ڪندي اعليٰ حضرت فاضل بريلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن فرمايو تہ

کیوں جناب بو ہریرہ کیسا تھا وہ جام شیر
جس سے ستر صاحبوں کا دودھ سے منہ پھر گیا

## شفاءِ امراض

### اک جي تڪليف کان شفاء

اسان غزوہ خيبر جي بيان ۾ تفصيل سان هي معجزو تحرير ڪري چڪا آهيون تہ جڏهن حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فتح جو جهنڊو عطا فرمائڻ لاءِ حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي طلب فرمايو تہ معلوم ٿيو تہ انهن جي اکين ۾ تڪليف آهي ۽ مسند احمد بن حنبل جي روايت مان معلوم ٿئي ٿو اهو اک جو سور ايترو سخت هو جو حضرت سلمہ بن اڪوع رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کين هٿ کان پڪڙي وٺي آيا هئا. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جي اکين ۾ پنهنجو لعاب دهن (ٿُڪ مبارڪ) لڳايو ۽ دعا فرمائي تہ هو فوراً ئي شفايابٿي ويا ۽ ائين معلوم پئي ٿيو تہ انهن جي اکين ۾ ڪڏهن سور هيو ئي ڪو نہ ۽ هو انهيءَ وقت جهنڊو کڻي روانا ٿي ويا ۽ جهاد جي جوش ۾ پريل انتهائي جانبازي سان جنگ ڪئي ۽ خيبر جو قلعو انهن جي هٿان ان ئي ڏينهن فتح ٿي ويو.[1] (بخاري جلد 1 ص 525 مناقب علي بن ابي طالب)

---

[1] صحيح البخاري، كتاب فضائل اصحاب النبي، باب مناقب علي بن ابي طالب ... الخ، الحديث: 3701، ج 2، ص 534 و المسند للامام احمد بن حنبل، مسند المدنيين، حديث ابن الاكوع، الحديث: 16538، ج 5، ص 556 — 557

## نانگ جو زهر ختم ٿي ويو

هجرت جي واقعي ۾ اسان تفصيلي طور لکي آيا آهيون تہ جڏهن غارِ ثور ۾ حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي پير ۾ نانگ ڏنگ هنيو ۽ سور ۽ تڪليف جي شدت سبب بيتاب ٿي روئي پيا تہ رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي زخم تي پنهنجو لعاب دهن لڳائي ڇڏيو جنهن سان فوراً سور ختم ٿي ويو ۽ نانگ جو زهر لهي ويو.[1] (زرقاني علي المواهب ص 339)

## پڳل ٽنگ ٺيڪ ٿي وئي

بخاري شريف جي هڪ ڊگهي حديث ۾ ذڪر آهي تہ حضرت عبد الله بن عتيڪ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جڏهن ابو رافع يهودي کي قتل ڪري واپس اچڻ لڳا تہ ان جي ڪوني جي ڏاڪڻ تان ڪِري پيا جنهن ڪري سندن ٽنگ پڄي پئي ۽ سندن ساٿي کين بارگاهِ نبوت ۾ کڻي آيا، حضورِ اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي زباني ابو رافع جي قتل جو سڄو واقعو ٻڌو پوءِ سندن پڳل ٽنگ تي پنهنجو هٿ مبارڪ ڦيرايو تہ اها يڪدم ٺيڪ ٿي وئي ۽ ائين معلوم ٿيڻ لڳو جڻ تہ انهن جي ٽنگ ۾ ڪڏهن ڪو ڏڪ لڳو ئي ناهي.[2]

(بخاري جلد 2 ص 577 باب قتل ابي رافع)

## تلوار جو زخم چٽي ويو

غزوه خيبر ۾ حضرت سلمہ بن اڪوع رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي ٽنگ ۾ تلوار جو زخم لڳي ويو. حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان جي زخم

---

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب هجرة المصطفيٰ ... الخ، ج 2، ص 121

[2] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب قتل ابي رافع عبد الله بن ابي الحقيق، الحديث: 4039، ج 3، ص 31

تي تي پيرا دم ڪري ڇڏيو پوءِ انهن کي سور جي ڪا شڪايت محسوس نہ ٿي صرف زخم جو نشان رهجي ويو.[1]

(بخاري جلد 2 ص 605 غزوه خيبر)

## انڌوڏسڻ لڳو

حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت اقدس ۾ هڪ انڌو حاضر ٿيو ۽ پنهنجون تڪليفون بيان ڪرڻ لڳو، رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ جيڪڏهن تنهنجي خواهش هجي تہ مان دعا ڪيان ۽ جيڪڏهن چاهين تہ صبر ڪر اهو ئي تنهنجي لاءِ بهتر آهي. ان درخواست ڪئي تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي نظر جي لاءِ دعا فرمايو. رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ تون چڱي طرح وضو ڪري هيءَ دعا ڳُهر تہ ”خداوند پنهنجي رحمت واري پيغمبر جي وسيلي سان منهنجي حاجت پوري ڪري ڇڏ“ ترمذي ۽ حاڪم جي روايت ۾ ايترو ئي مضمون آهي پر ابن حنبل ۽ حاڪم جي ٻي روايت ۾ ان کان بعد هي بہ آهي تہ ان نابينا ايئن ڪيو تہ فوراً ئي ٺيڪ ٿي ويو ۽ ان جي اکين ۾ پرپور روشني اچي وئي.[2] (مسند ابن حنبل جلد 4 ص 138 و مستدرک جلد 1 ص 526)

## گونگو ڳالهائڻ لڳو

حجة الوداع جي موقعي تي حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ قبيلي ”خثعم“ جي هڪ عورت پنهنجي ٻار کي کڻي آئي ۽ چوڻ لڳي تہ يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) هي منهنجو سڪيلتو پٽ ڳالهائي نہ ٿو. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پاڻي گهرايو ۽ ان

---

[1] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب غزوة الخيبر، الحديث: 4206، ج 3، ص 83

[2] المسند للامام احمد بن حنبل، حديث عثمان بن حنيف، الحديث: 17240، 17241، ج 6، ص 106، 107

۾ هٿ ڏوئي گرڙي ڪيائون ۽ ارشاد فرمايائون تہ هي پاڻي ان ٻار کي پيئاريو ۽ ڪجهہ هن جي مٿان ڇٽڪاريو. ٻئي سال اها عورت آئي تہ ان ماڻهن کي ٻڌايو تہ ان جو پٽ نيڪ ٿي ويو ۽ ڳالهائڻ لڳو.[1] (ابن ماجہ ص 26 باب النشره)

## حضرت قتاده جي اک

جنگِ اُحد ۾ حضرت قتاده بن نعمان رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي اک ۾ هڪ تير لڳو جنهن سان انهن جي اک ٻاهر نڪري سندن ڳل تي لهي آئي، هي ڀڄندا حضور رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن يڪدم پنهنجي هٿ مبارڪ سان انهن جي ٻاهر نڪتل اک کي اک جي حلقي ۾ رکي پنهنجو مقدس هٿ ان تي ڦيرايو تہ انهيءَ وقت سندن اک نيڪ ٿي وئي ۽ اها اک انهن جي ٻي اک کان وڌيڪ خوبصورت ۽ روشن ٿي وئي.

هڪ روايت ۾ هي بہ آيو آهي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ جيڪڏهن تون چاهين تہ تنهنجي اک کي اک واري حلقي ۾ رکي ڇڏيان ۽ اها نيڪ ٿي وڃي ۽ جيڪڏهن تون چاهين تہ صبر ڪر ۽ ان جي بدلي ۾ توکي جنت ملندي. انهن عرض ڪيو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ جنت تمام وڏي نعمت آهي پر مونکي ڪاٿو ٿيڻ ڏاڍو ٻُرو معلوم ٿئي ٿو ان لاءِ توهان منهنجي اک نيڪ ڪري ڇڏيو ۽ منهنجي لاءِ جنت جي دعا بہ فرمائي ڇڏيو. حضور رحمة للعالمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي ان جان نثار تي پيار اچي ويو ۽ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان جي اک کي اک جي حلقي ۾ رکي هٿ ڦيري ڇڏيو تہ انهن جي اک

---

[1] سنن ابن ماجہ، كتاب الطب، باب النشرة، الحديث: 3532، ج 4، ص 129

بہ نيڪ ٿي وئي ۽ انهن جي لاءِ جنتي ٿيڻ جي دعا بہ فرمائي ڇڏي ۽ هي ٻنهي نعمتن سان سرفراز ٿي ويا.[1] (الكلام المبين ص 78 بحوالا بيهقي)

## فائدو

هي معجزو گهڻو ئي مشهور آهي ۽ حضرت قتاده بن نعمان رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي اولاد ۾ هميشہ ان ڳالهہ جو فخر رهيو تہ انهن جي جد اعليٰ جي اک رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هٿ مبارڪ جي برڪت سان نيڪ ٿي وئي. جيئن تہ حضرت قتاده بن نعمان رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جا پوٽا حضرت عاصم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جڏهن خليفہ عادل حضرت عمر بن عبد العزيز اموي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي دربارِ خلافت ۾ پهتا تہ انهن پنهنجو تعارف ڪرائيندي پنهنجو هي قطعو پڙهيو تہ

اَنَا ابْنُ الَّذِیْ سَالَتْ عَلَی الْخَدِّ عَيْنُهٗ فَرُدَّتْ بِكَفِّ الْمُصْطَفٰی اَحْسَنَ الرَّدِّ
فَعَادَتْ كَمَا كَانَتْ لِاَوَّلِ اَمْرِهَا فَيَا حُسْنَ مَا عَيْنٍ وَّيَا حُسْنَ مَا رَدِّ

يعني مان ان شخص جو پٽ آهيان جنهن جي اک ان جي ڳل تي نڪري آئي هئي تہ حضرت مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هٿ سان اها پنهنجي جڳهہ تي ڇا تہ سهڻي طريقي سان رکجي وئي جو جيئن اها پهريان هئي ائين ئي تي وئي تہ ڇا تہ سني اها اک هئي ۽ ڇا تہ سنو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ان کي ان جي جڳهہ تي رکڻ هو.[2]

(الكلام المبين ص 89)

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، باب غزوة احد، ج 2، ص 432

[2] شرح الزرقاني علي المواهب، باب غزوة احد، ج 2، ص 433 و الاستيعاب في معرفة الاصحاب، حرف القاف، قتادة بن نعمان، ج 3، ص 339

## الٿيءَ ۾ ڪارو گُلر نڪتو

هڪ عورت پنهنجي پُٽ کي وٺي حضور رسالت مآب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وٽ آئي ۽ عرض ڪيائين ته يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) منهنجي هن ٻار کي صبح ۽ شام جُنُون جو دورو پوندو آهي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان ٻار جي سيني تي پنهنجو رحمت وارو هٿ ڦيريو ۽ دعا ڪئي ته ان ٻار کي هڪ زوردار الٿي آئي ۽ هڪ ڪاري رنگ جو (ڪتي جو) گُلر الٿي ۾ نڪتو جيڪو ڀڄندو ڦري رهيو هو ۽ ٻار شفايابَ ٿي ويو.[1] (مشکوٰة جلد 2 ص 541 معجزات)

## جُنُون ختم ٿي ويو

حضرت يعليٰ بن مره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي ته مون هڪ سفر ۾ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا ٽي معجزا ڏٺا. پهريون معجزو هي ته هڪ اُٺ کي ڏٺو ته ان بِلبِلائي پنهنجو ڪنڌ سندن سامهون جهڪائي ڇڏيو. رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان اُٺ جي مالڪ کي گهرايو ۽ ان کي فرمايائون ته هن اُٺ ڪم جي گهڻائي ۽ خوراڪ جي گهٽتائيءَ جي مون سان شڪايت ڪئي آهي تنهنڪري تون هن سان سٺو سلوڪ ڪندو ڪر.

ٻيو معجزو هي ته هڪ منزل تي پاڻ ستا پيا هئا ته مون ڏٺو ته هڪ وڻ هلي آيو ۽ ڪين لِڪائي ڇڏيائين پوءِ موٽي پنهنجي جڳهه تي هليو ويو. جڏهن پاڻ بيدار ٿيا ۽ مون سندن سان ان جو ذڪر ڪيو ته رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته ان وڻ پنهنجي رب کان اجازت طلب ڪئي هئي ته هو مونکي سلام ڪري ته خدا ان کي اجازت ڏئي ڇڏي ۽ هو منهنجي سلام لاءِ آيو هو.

---

[1] مشكاة المصابيح، كتاب احوال القيامة و بدء الخلق، باب في المعجزات، الحديث: 5923، ج 2، ص 394

ٿيون معجزو هي ته هڪ عورت پنهنجي ٻار کي کڻي آئي جيڪو جنون جو مريض هو ته نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان ٻار جي ناس کي پڪڙي فرمايو ته ”نڪري وڃ ڇو ته مان محمد رسول الله آهيان“ پوءِ اسان اُتان کان هليا وياسين ۽ جڏهن واپسيءَ ۾ اسان ان جڳهه تي پهتاسين ته حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان عورت کان سندس ٻار جي باري ۾ دريافت فرمايو ته ان چيو ان ذات جو قسم جنهن توهان کي حق ساڻ موڪليو آهي توهان جي تشريف وڻي وڃڻ کان پوءِ ان ٻار کي ڪا تڪليف ٿيندي اسان ناهي ڏٺي.[1]

(مشڪوٰة جلد 2 ص 540 معجزات)

## سڙيل ٻارٿيڪ ٿي ويو

محمد بن حاطب رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ هڪ صحابي آهن هي ننڍپڻ ۾ پنهنجي ماءُ جي هنج مان باهه ۾ ڪري پيا ۽ ٿورو سڙي پيا، سندن ماءُ انهن کي وڻي خدمت اقدس ۾ آيون ته رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجو لعاب دهن انهن تي مَلي دعا فرمائي. محمد بن حاطب رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي ماءُ چوندي هئي ته مان ٻار کي وڻي اتان اٿي به نه هيس ته ٻار جو زخم بلڪل ٺيڪ ٿي ويو.[2]

(مسند ابن حنبل جلد 4 ص 259 و خصائص ڪبريٰ جلد 2 ص 69)

## ويسر جو مرض ٺيڪ ٿي ويو

لفظن جي ڦير گهير ۽ ڪجهه جملن جي گهٽ وڌائي سان بخاري

---

[1] مشكاة المصابيح، كتاب احوال القيامة و بدء الخلق، باب في المعجزات، الحديث: 5922، ج 2، ص 393

[2] الخصائص الكبريٰ للسيوطي، باب أياته في ابراء المرضي ... الخ، ج 2، ص 115 و المسند للامام احمد بن حنبل، مسند المكيين، حديث محمد بن حاطب ... الخ، الحديث: 15453، ج 5، ص 265

شريف جي ڪيترين ئي روايتن ۾ هن معجزي جو ذڪر آهي تہ حضرت ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي حافظي جي ڪمزوري جي شڪايت ڪئي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي فرمايو تہ پنهنجي چادر کول. انهن کولي رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجو هٿ مبارڪ ان چادر تي رکيو پوءِ فرمايائون تہ هاڻي ان کي ويڙهي ڇڏيو. حضرت ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا تہ مون ائين ئي ڪيو ان کان پوءِ مون ڪا بہ ڳالهہ نہ وِيساري.[1]

(بخاري جلد 1 ص 22 باب حفظ العلم)

## مقبوليت دعاء

هي اسان پهريان تحرير ڪري چڪا آهيون تہ حضراتِ انبياء عَلَيْهِمُ السَّلَام جي دعائن سان بلڪل اوچتو عادتِ جاريہ جي خلاف ڪنهن غير متوقع ڳالهہ جو ظاهر ٿيڻ بہ معجزن ۾ ئي شمار آهي. ان لاءِ الله تعاليٰ حضراتِ انبياء عَلَيْهِمُ السَّلَام جي دعائن سان وڏين وڏين مشڪلاتن کي حل فرمائيندو آهي ۽ طرح طرح جون بلائون ٽري ويندیون آهن ۽ ڪيتريون ئي غير متوقع شيون ظهور ۾ اچي ويندیون آهن. جيئن تہ حضور خاتم النبيين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي معجزن ۾ سندن دعائن جو قبولجڻ بہ آهي جو رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن بہ مشڪلات يا طلبِ حاجات جي وقت خدا جي غيبي مدد جو سهارو وٺندي دعائون گهريون تہ هر موقعي تي حق تعاليٰ سندن دعائن جي لاءِ مقبوليت جو دروازو کولي ڇڏيو ۽ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دعائن سان اهڙيون اهڙيون خلافِ اميد ۽ غير متوقع شيون عالمِ وجود ۾ آيون جن کي معجزن

[1] صحيح البخاري، كتاب العلم، باب حفظ العلم، الحديث: 119، ج 1، ص 62

كان سواءِ ڪجهه بہ نٿو چئي سگهجي. انهن مان ڪجهه معجزن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

## قريشن تي ڏڪار جو عذاب

جڏهن قريشي ڪافر حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن اصحاب رَضِيَ اللهُ عَنْهم تي بي پناهه ظلم ڪرڻ لڳا جيڪي برداشت کان ٻاهر هئا تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن شريرن جي سرڪشي جو علاج ڪرڻ لاءِ انهن جي لاءِ ڏڪار جي دعا فرمائي ڇڏي. تنهنڪري الله تعاليٰ انهن ماڻهن تي ڏڪار جو اهڙو سخت عذاب موڪليو جو مڪي وارا سخت مصيبت ۾ مبتلا ٿي ويا ايسيتائين جو بک کان بيتاب ٿي مردار جانورن جون هڏيون ۽ سڪل چمڙو اوٻاري اوٻاري کائڻ لڳا. آخرڪار ان کان سواءِ ڪو چارو نظر نہ آيو تہ رحمةٌ للعالمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهِ رحمت جو دروازو کڙڪائن ۽ انهن جي بارگاهه ۾ فرياد پيش ڪن. تنهنڪري ابو سفيان ڪفر واري حالت ۾ ڪجهه قريشي رئيسن کي ساڻ وٺي سندن آستانهءِ رحمت تي حاضر ٿيو ۽ منٿون ڪري چوڻ لڳو تہ اي محمد! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تنهنجي قوم برباد ٿي وئي، خدا کان دعا ڪيو تہ هي ڏڪار جو عذاب ٽري وڃي. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي انهن جي بيقراري ۽ گريہ زاري تي رحم اچي ويو. پوءِ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دعا جي لاءِ هٿ کنيا تہ فوراً سندن دعا قبول ٿي ۽ ايتري قدر زوردار مينهن وسيو جو سڄو عرب سيراب ٿي ويو ۽ اهل مڪہ کي ڏڪار جي عذاب کان نجات ملي.[1]

(بخاري جلد 1، ص 137 ابواب الاستسقاء و بخاري جلد 2 ص 714 تفسير سوره دخان)

---

[1] صحيح البخاري، كتاب الاستسقاء، باب دعاء النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ... الخ، الحديث: 1007، ج 1، ص 345 و كتاب التفسير، باب ثم تولوا عنه ... الخ، الحديث: 4824، ج 3، ص 323

## قريش جي سردارن جي هلاڪت

هڪ دفعو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حرم شريف جي اڳڻ ۾ نماز پڙهي رهيا هئا تہ قريشي ڪافرن جي ڪجهہ سرڪش شريرن نماز جي حالت ۾ سندن مقدس ڪنڌ تي هڪ اُٺ جي اوجهري ڪٽي رکي ڇڏي ۽ زور زور سان کلڻ لڳا ۽ کلندي کلندي هڪبئي جي مٿان ڪريا پئي. حضرت فاطمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا اچي ان اوجهري کي سندن پنيءَ مبارڪ تان کنيو. جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سجدي مان سِر کنيو تہ انهن شريرن جو نالو ڪٽي هي دعا فرمائي تہ يا الله! تون انهن سيني کي پنهنجي پڪڙ ۾ وٺي ڇڏ. پوءِ اهي سڀ جنگِ بدر ۾ انتهائي ذلت سان قتل ٿيا.[1] (بخاري جلد 2 ص 565 غزوه بدر)

## مديني جي آبهوا سٺي ٿي وئي

پهريان مديني جي آبهوا سٺي ڪو نہ هئي، اتي مختلف قسمن جي وبائن جو اثر هو. تنهنڪري هجرت کان پوءِ اڪثر مهاجر بيمار ٿي پيا ۽ بيماريءَ جي حالت ۾ پنهنجي وطن مڪي کي ياد ڪري ڏک ڀري لهجي ۾ شِعرَ پڙهندا هئا، رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن ماڻهن جو اهو حال ڏسي هي دعا فرمائي تہ "الٰهي! مديني کي بہ اسان جي لاءِ اهڙو محبوب بڻائي ڇڏ جهڙو مڪو محبوب آهي بلڪ ان کان بہ وڌيڪ محبوب بڻائي ڇڏ. الٰهي! اسان جي "صاع" ۽ "مد" ۾ برڪت ڏي ۽ مديني کي اسان جي لاءِ صحت بخش بڻائي ڇڏ ۽ هتان جي بخار کي "جحفہ" ۾ منتقل ڪري ڇڏ". حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دعا حرف بحرف مقبول ٿي ۽ مهاجرن کي

[1] صحيح البخاري، كتاب الوضوء، باب اذا القي علي ظهر المصلي ... الخ، الحديث: 240، ج 1، ص 102

شهرِ مدينہ سان اهڙي الفت ۽ والهانہ محبت ٿي وئي جو اُهي ئي حضرت ابو بڪر ۽ حضرت بلال رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا جيڪي ڪجهہ ڏينهن اڳ مديني جي بيمارين کان گهبرائجي ويا هئا ۽ پنهنجي ديس مڪي جي ياد ۾ رت جا ڳوڙها ڳاڙيندڙ گيت ڳائيندا هئا، هاڻي مديني جا اهڙا عاشق بڻجي ويا جو وري ڪڏهن ڀلجي بہ مڪي ۾ رهڻ جو نالو نہ ورتائون ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي الله تعاليٰ خواب ۾ اهو ڏيکاري ڇڏيو تہ مديني جون وبائون مديني مان ختم ٿي ويون ۽ مديني جي آبهوا صحت بخش ٿي وئي.[1] (بخاري جلد 1 ص 558 باب مقدم النبي و بخاري جلد 2 ص 1042 باب المراة السوداء)

## اُمِ حرام جي لاءِ شهادت جي دعا

هڪ ڏينهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت بيبي اُمِ حرام رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي گهر ۾ ماني کائڻ کان پوءِ قيلولہ فرمائي رهيا هئا تہ اوچتو کلندي ننڊ مان جاڳي پيا حضرت بيبي اُمِ حرام رَضِیَ اللهُ عَنْهَا ڪِلڻ جو سبب پڇيو تہ ارشاد فرمايائون تہ منهنجي امت مان مجاهدن جو هڪ ٽولو منهنجي سامهون پيش ڪيو ويو جيڪو جهاد جي مقصد سان درياء ۾ ٻيڙين تي ائين ويهي سفر ڪندو جيئن تخت تي بادشاهہ ويهندا آهن. اهو ٻڌي انهن درخواست ڪئي تہ يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) دعا فرمايو تہ مان بہ انهن مجاهدن جي ٽولي ۾ شامل هجان. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن دعا فرمائي ڇڏي. جيئن تہ حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي زماني ۾ جڏهن بحري جنگ جو سلسلو شروع ٿيو تہ حضرت بيبي اُمِ حرام رَضِیَ اللهُ عَنْهَا بہ مجاهدن جي ان جماعت سان گڏ ٻيڙيءَ تي سوار ٿي روانيون ٿيون

[1] صحيح البخاري، كتاب مناقب الانصار، باب مقدم النبي ... الخ، الحديث: 3926، ج 2، ص 601

۽ درياءَ مان نڪري جڏهن خشڪيءَ تي آيون تہ سواري تان ڪِري شهادت جو شرف حاصل ڪيائون.[1] (بخاري جلد 2 ص 1036 باب الرويا بالنهار)

## ستر سالن جو جوان

حضرت ابو قتاده صحابي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي حق ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هي دعا فرمائي تہ اَفْلَحَ وَجْهُکَ اَللّٰهُمَّ بَارِکْ لَهٗ فِیْ شَعْرِهٖ وَ بَشَرِهٖ يعني فلاح وارو تي وجي تنهنجو منهن، يا الله! هن جي وارن ۽ ڪل ۾ برڪت ڏي.

حضرت ابو قتاده رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ستر سالن جي عمر ماڻي وفات ڪئي پر انهن جو هڪ بہ وار اڇو نہ ٿيو هو ۽ نہ ئي جسم تي گهنج پيا هئا، منهن تي جواني جي اهڙي رونق هئي جڻ تہ اجا پندرهن سالن جا جوان آهن.[2] (الكلام المبين ص 68 بحوالہ دلائل النبوة بيهقي)

## اولاد جي برڪت لاءِ دعا

حضرت ابو طلحہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن جي زال حضرت اُمِ سُليم رَضِیَ اللهُ عَنْهَا ڏاڍيون سمجهدار ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جون نهايت ئي جان نثار هيون سندن پٽ بيمار ٿي پيو ۽ حضرت ابو طلحہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ گهر کان ٻاهر ئي هئا تہ ٻار جو انتقال ٿي ويو. حضرت اُمِ سليم رَضِیَ اللهُ عَنْهَا ٻار کي الڳ ڪمري ۾ ليٽائي ڇڏيو ۽ جڏهن حضرت ابو طلحہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ گهر ۾ داخل ٿيا ۽ گهرواريءَ کان پڇيائون تہ ٻار ڪيئن آهي؟ گهرواريءَ جواب ڏنو تہ ان جو ساهہ

---

[1] صحيح البخاري، كتاب الجهاد و السير، باب الدعاء بالجهاد و الشهادة ... الخ، الحديث: 2788، 2789، ج 2، ص 250

[2] الشفا بتعريف حقوق المصطفيٰ، الجزءُ الاول، ص 327

رڪجي ويو آهي ۽ هن کي آرام اچي ويو آهي. حضرت ابو طلحه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هي سمجهيو تہ هو بهتر آهي. پوءِ ٻئي زال مڙس هڪ ئي بستر تي سُتا پر صبح جو جڏهن ابو طلحه غسل ڪري مسجد نبوي ۾ نمازِ فجر جي لاءِ وڃڻ لڳا تہ گهرواري ٻار جي موت جو حال ٻڌايو. حضرت ابو طلحه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ رات وارو سڄو حال بارگاهِ نبوت ۾ عرض ڪيو تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ مونکي اميد آهي تہ خداوند تعاليٰ تنهنجي اڄوڪي رات ۾ برڪت عطا فرمائيندو. جيئن تہ ان رات جي برڪت مقرر مهينن کان پوءِ ظاهر ٿي جو حضرت ابو طلحه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جا فرزند حضرت عبد الله رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پيدا ٿيا ۽ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي پنهنجي هنج ۾ ويهاري عجوه کجور چٻاڙي انهن جي وات ۾ وڌي، سندن منهن تي پنهنجو رحمت وارو هٿ ڦيرايو ۽ عبد الله نالو رکيو.

هڪ انصاري حضرت عباية بن رفاعه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ دعاءِ نبوي جي برڪت جو اهو اثر ٿيو جو مون ابو طلحه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي نَوَن (9) اولادن کي ڏٺو جيڪي سڀ جو سڀ قرآن مجيد جا قاري هئا.[1] (مسلم جلد 2 ص 292 باب فضائل ام سليم و بخاري جلد 1 ص 174 باب من لم يظهر حزنہ عند المصيبة)

## حضرت جرير جي حق ۾ دعا

حضرت جرير بن عبد الله صحابي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ گهوڙي جي پٺيءَ تي

[1] صحيح البخاري، كتاب الجنائز، باب من لم يظهر حزنہ عند المصيبة، الحديث: 1301، ج 1، ص 440 و صحيح مسلم، كتاب فضائل الصحابة، باب من فضائل ابي طلحة الانصاري، الحديث: 2144، ص 1333

ڄمي ويهي نہ سگهندا هئا حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي ”ذو الخلصہ“ جي بت خاني کي ٽوڙڻ لاءِ موڪلڻ پئي چاهيو تہ انهن اهو ئي عذر پيش ڪيو تہ يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) آءُ گهوڙي تي چڱي طرح نہ ٿو ويهي سگهان. حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي سيني تي هٿ هنيو ۽ هيءَ دعا فرمايائون تہ ”يا الله! هن کي گهوڙي تي ڄمي ويهڻ جي قوت عطا فرماءِ ۽ هن کي هادي ۽ مهدي بڻاءِ“ ان دعا کانپوءِ حضرت جرير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ گهوڙي تي سوار ٿيا ۽ قبيلي احمس جي هڪ سو پنجاهہ سوارن جو لشڪر وٺي ويا ۽ ان بت خاني کي ٽوڙي ساڙي ڇڏيو ۽ مزاحمت ڪرڻ وارن ڪافرن کي بہ قتل ڪري ڇڏيو جڏهن واپس آيا تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن ۽ قبيلي احمس جي حق ۾ دعا فرمائي.[1]

(مسلم جلد 2 ص 297 فضائل جرير)

## قبيلي دوس جو اسلام قبول ڪرڻ

حضرت طفيل دوسي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پنهنجن ڪجهہ ساٿين سان گڏ بارگاهِ اقدس ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون تہ يا رسول الله!(صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) قبيلي دوس اسلام جي دعوت قبولڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو تنهنڪري توهان ان قبيلي جي هلاڪت لاءِ دعا فرمايو. ماڻهن پاڻ ۾ اهو چوڻ شروع ڪيو تہ هاڻي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هلاڪت واري دعا سان اهو قبيلو هلاڪ ٿي ويندو. پر رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن قبيلي دوس جي لاءِ هيءَ رحمت ڀري دعا فرمائي تہ ”الٰهي! تون قبيلي دوس کي هدايت ڏي ۽ انهن

[1] صحيح مسلم، كتاب فضائل الصحابة، باب من فضائل جرير بن عبد الله، الحديث: 2476، ص 1345

ڪي مون وٽ آڻ.“ رحمة للعالمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اها دعا قبول ٿي. ۽ پورو قبيلو مسلمان ٿي بارگاهِ نبوت ۾ حاضر ٿي ويو.[1]

(مسلم جلد 2 ص 307 باب فضائل غفار و دوس وغيره)

## هڪ متڪبر جو انجام

حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سامهون هڪ شخص ڪابي هٿ سان ڪائڻ لڳو، رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته ”ساڄي هٿ سان ڪاءُ“ ان غرور مان چيو ته ”مان ساڄي هٿ سان نٿو ڪائي سگهان“ جيئن ته ان مغرور تڪبر وچان ائين چيو هو انڪري رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته ”خدا ڪري ائين ئي هجي“ تنهنڪري ان کان پوءِ ائين ئي ٿيو جو هو پنهنجي ساڄي هٿ کي واقعي پنهنجي وات تائين نه پُڄائي سگهندو هو.[2]

(مسلم جلد 2 ص 172 باب آداب اطعام)

## مردهه زنده ٿي ويا

خدا پاڪ جي حڪم سان مُئَلَن کي زنده ڪري ڇڏڻ هي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو تمام گهڻو مشهور معجزو آهي پر جيئن ته الله تعاليٰ حضور رحمة للعالمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي تمام انبياء عَلَيْهِمُ السَّلَام جي معجزن جو جامع بڻايو آهي تنهنڪري رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي به ان معجزي سان سرفراز فرمايو آهي. جڏهن ته اهڙي قسم جا ڪجهه معجزا حديث ۽ سيرتِ نبويه جي ڪتابن ۾ لکيل آهن.

---

[1] صحيح مسلم، كتاب فضائل الصحابة، باب دعاء النبي بغفار و اسلم، الحديث: 2524، ص 1367

[2] صحيح مسلم، كتاب الاشربة، باب أداب الطعام و الشراب ... الخ، الحديث: 2021، ص 1118

## چوڪري قبر مان نڪري آئي

روايت آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ شخص کي اسلام جي دعوت ڏني تہ ان چيو تہ مان ان وقت تائين توهان تي ايمان نٿو آڻي سگهان جيستائين منهنجي مئل ڌيءُ زندهہ نہ ٿي وڃي. رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ تون مونکي ان جي قبر ڏيکار. ان پنهنجي ڌيءُ جي قبر ڏيکاري حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان ڇوڪري جو نالو وٺي پڪاريو تہ ان ڇوڪريءَ قبر مان نڪري جواب ڏنو تہ اي حضور! مان توهان جي دربار ۾ حاضر آهيان. پوءِ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان ڇوڪريءَ کي فرمايو تہ ”ڇا تون ٻيهر دنيا ۾ موٽي اچڻ پسند ڪرين ٿي؟“ ڇوڪريءَ جواب ڏنو تہ ”نہ يا رسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون الله تعاليٰ کي پنهنجي ماءُ پيءُ کان وڌيڪ مهربان ۽ آخرت کي دنيا کان بهتر ڏٺو.“[1]

(زرقاني علي المواهب جلد 5 ص 182 و شفاء جلد 1 ص 211)

## رڌل ٻڪري زندهہ ٿي وئي

حضرت جابر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هڪ ٻڪري ذبح ڪري ان جو گوشت پچايو ۽ مانيون پوري ڪُٽِي بڻائي ۽ ان کي بارگاهِ نبوت ۾ ڪٽي حاضر ٿيا. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم ان کي تناول فرمايو جڏهن سيئي ماڻهو کاڌي مان فارغ ٿي ويا تہ حضور رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تمام هڏين کي هڪ ٿانوَ ۾ جمع فرمايو ۽ انهن هڏين تي پنهنجو هٿ مبارڪ رکي ڪجهہ ڪلما ارشاد فرمايا تہ اِهو معجزو ظاهر ٿيو جو اُها ٻڪري زندهہ ٿي ٻيهي رهي ۽ پُڇ لوڏڻ لڳي پوءِ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، باب ابراء ذوي العاهات ... الخ، ج 7، ص 61، 62

اي جابر! تون پنهنجي بڪري پنهنجي گهر ڪاهي وڃ. پوءِ حضرت جابر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جڏهن اها بڪري ڪاهيندا گهر ۾ داخل ٿيا تہ سندن گهرواريءَ حيران ٿي پڇيو تہ هي بڪري ڪٿان آئي؟ حضرت جابر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چيو تہ اسان پنهنجي هن بڪريءَ کي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ ذبح ڪيو هو، انهن الله تعاليٰ کان دعا گهري تہ الله تعاليٰ هن بڪري کي زندهہ ڪري ڇڏيو. اهو ٻڌي انهن جي گهرواري وڏي آواز سان شهادت جو ڪلمو پڙهيو. ان حديث کي جليل القدر محدث ابو نعيم روايت ڪيو آهي ۽ مشهور حافظ الحديث محمد بن المنذر بہ ڪتاب "العجائب و الغرائب" ۾ ان حديث کي نقل فرمايو آهي.[1]

(زرقاني علي المواهب جلد 5 ص 184 و خصائص ڪبريٰ جلد 3 ص 67)

## عالم جنات جا معجزات

### جنّ اسلام جي ترغيب ڏياري

حضرت سواد بن قارب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ هڪ جن منهنجي تابع ٿي ويو. هو ايندڙ وقت جون خبرون مونکي ٻڌائيندو هو ۽ مان ماڻهن کي اهي خبرون ٻڌائي نذرانو وصول ڪندو هئس. هڪ ڀيرو ان جن مونکي اچي جاڳايو ۽ چيائين تہ اُٺ ۽ هوش ۾ اچ، جيڪڏهن تو ۾ ڪو شعور آهي تہ هل ۽ بني هاشم جي سردار جي دربار ۾ حاضر ٿي انهن جو ديدار ڪر جيڪي لوي بن غالب جي اولاد مان پيغمبر ٿي تشريف کڻي آيا آهن. حضرت سواد بن قارب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا مسلسل ٿي راتيون اهڙيون گذريون جو

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، باب ابراء ذوي العاهات ... الخ، ج 7، ص 66

منهنجو اهو جن مونکي ننڊ مان جاڳائي جاڳائي اهو ئي چوندو رهيو ايسيتائين جو منهنجي دل ۾ اسلام جي الفت ۽ محبت پيدا ٿي وئي ۽ مان پنهنجي گهر کان روانو ٿي مکي پاڪ ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿي ويس. حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مونکي ڏسي "پلي ڪري آئين" چيو ۽ فرمايائون تہ مان ڄاڻان ٿو تہ ڪهڙي سبب کان تون هتي آيو آهين. مون عرض ڪيو تہ يا رسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون توهان جي مدح ۾ هڪ قصيدو لکيو آهي پهريان توهان اهو ٻڌي ونو. رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ پڙهہ. اهڙي طرح مون پنهنجو قصيدهءِ بائيہ جيڪو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مدح ۾ لکيو هو رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پڙهي ٻڌايو ان قصيدي جو آخري شعر هي آهي تہ:

وَكُنْ لِّيْ شَفِيْعًا يَوْمَ لَا ذُوْ شَفَاعَةٍ سِوَاكَ بِمُغْنٍ عَنْ سَوَادِ بْنِ قَارِبٍ

يعني اوهان ان ڏينهن منهنجا شفيع بڻجو جنهن ڏينهن اوهان کان سواءِ سواد بن قارب جي نہ ڪو شفاعت ڪندو نہ ڪو نفعو پهچائڻ وارو هوندو. ان حديث کي امام بيهقي روايت فرمايو آهي.[1]

(الكلام المبين ص 87 بحوالہ بيهقي)

## جنن جو سلام ۽ پيغام

ابن سعد جعد بن قيس مرادي کان روايت ڪئي آهي تہ اسان چار ماڻهو حج جي ارادي سان پنهنجي وطن کان روانا ٿياسين يمن جي هڪ جهنگ مان اسان گذري رهيا هئاسين تہ اوچتو شعر پڙهڻ جو

[1] دلائل النبوة للبيهقي، جماع ابواب المبعث، حديث سواد بن قارب ... الخ، ج 2، ص 250

آواز آيو اسان انهن شعرن کي غور سان ٻڌو تہ انهن جو مضمون هي هو تہ اي سوارؤ! جڏهن توهان زمزم ۽ حطيم تي پهچو تہ حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت اقدس ۾ اسان جو سلام عرض ڪجو جن کي الله تعاليٰ پنهنجو رسول بڻائي موڪليو آهي ۽ اسان جو هي پيغام بہ پهچائجو تہ اسان اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دين جا فرمانبردار آهيون ڇو تہ حضرت مسيح بن مريم عَلَيْهِ السَّلَام اسان کي ان ڳالهہ جي وصيت فرمائي هئي. (يقيناً هي يمن جي جهنگ ۾ رهڻ وارن جنن جو آواز هو)

(الکلام المبین ص 93 بحوالہ ابن سعد)

## جن نانگ جي شڪل ۾ آيو

خطيب حضرت جابر بن عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت ڪئي آهي تہ اسان هڪ سفر ۾ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ هئاسين. پاڻ هڪ ڪجيءَ جي وڻ جي هيٺان تشريف فرما هئا تہ بلڪل اوچتو هڪ تمام وڏي ڪاري نانگ سندن جي طرف رخ ڪيو، ماڻهن ان کي مارڻ جو ارادو ڪيو پر پاڻ فرمايائون تہ هن کي مون وٽ اچڻ ڏيو. جڏهن اهو سندن جي ويجهو پهتو تہ پنهنجو سِرُ رحمتِ عالم جي ڪنن جي ويجهو ڪري ڇڏيو پوءِ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان نانگ جي منهن جي ويجهو پنهنجو مبارڪ منهن ڪري آهستي آهستي ڪجهہ ارشاد فرمايو ان کان پوءِ انهيءَ جاءِ تي يڪدم اهو نانگ ائين غائب ٿي ويو جڻ زمين ان کي ڳيهي وئي. حضرت جابر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا تہ اسان عرض ڪيو تہ يا رسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان نانگ کي پنهنجن ڪنن تائين پهچڻ ڏنو اهو منظر ڏسي اسان ڊڄي وياسين تہ ڪٿي اهو نانگ اوهان کي ڏنگي نہ وجهي. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ اهو نانگ نہ بلڪ جنّن جي

جماعت جو موڪليل هڪ جنّ هو. فلاڻي سورت مان ڪجهه آيتون هي پڙهجي ويو هو انهن آيتن کي معلوم ڪرڻ لاءِ جنن هن کي مون وٽ موڪليو هو. مون ان کي اهي آيتون ٻڌايون ۽ هو انهن کي ياد ڪندو هليو ويو. (الكلام المبين ص 94)

## عناصر اربعه (چئني عنصرن: پاڻي، مٽي، هوا، باهه) جي عالَم ۾ معجزا

### آڱرين مبارڪ مان پاڻي جون نهرون

حديثن جي تلاش ۽ جستجو مان معلوم ٿئي ٿو ته حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ آڱرين مان تقريباً تيرهن موقعن تي پاڻي جون نهرون جاري ٿيون انهن مان صرف هڪ موقعي جو ذڪر هتي تحرير ڪجي ٿو.

سن 6 هجري ۾ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عمري جو ارادو ڪري مدينہ منوره کان مڪ مڪرمہ لاءِ روانا ٿيا ۽ حديبيہ جي ميدان ۾ لهي پيا. ماڻهن جي گهٽائيءَ سبب حديبيہ جو کوهه سُڪي ويو ۽ حاضرين پاڻي جي هڪ هڪ ڦُڙي لاءِ محتاج ٿي ويا. ان وقت رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رحمت جو درياءِ جوش ۾ اچي ويو ۽ پاڻ هڪ وڏي پيالي ۾ پنهنجو هٿ مبارڪ رکي ڇڏيائون ته پاڻ (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي مبارڪ آڱرين مان ائين پاڻي جون نهرون جاري ٿي ويون جو پندرهن سؤ جو لشڪر سيراب ٿي ويو. ماڻهن وضو ۽ غسل بہ ڪيو، جانورن کي بہ پيئاريو، تمام گلين ۽ ٿانوَن کي بہ ڀري ڇڏيو. پوءِ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پيالي مان هٿ مبارڪ ڪڍيو ۽ پاڻي ختم ٿي ويو. حضرت جابر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ماڻهن

كان پڇيو تہ ان وقت توهان گهٽا ماڻهو هئا؟ تہ انهن فرمايو اسان پندرنهن سو جي تعداد ۾ هئاسين پر پاڻي ايترو گهڻو هو جو،

لَو كُنَّا مِائَةَ اَلفٍ لَكَفٰنَا[1]

(مشكوٰة جلد 2 ص 532 باب المعجزات)

جيڪڏهن اسان ماڻهو هڪ لک بہ هجون ها تہ سيني کي اهو پاڻي ڪافي ٿي وڃي ها. اها حديث بخاري شريف ۾ بہ آهي ۽ حضرت جابر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان علاوه حضرت انس ۽ حضرت براء بن عازب رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا جي روايتن مان بہ آڳرين مان پاڻي جون نهرون جاري ٿيڻ جون حديثون مروي آهن ملاحظہ فرمايو.

(بخاري جلد 1 ص 504، 505 علامات النبوة)

سبحان الله! انهيءَ ئي حسين منظر جي تصوير ڪشي ڪندي اعليٰ حضرت فاضل بريلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڇا خوب فرمايو آهي:

انگلياں ہيں فيض پر ٹوٹے ہيں پياسے جھوم کر
ندياں پنج آبِ رحمت کی ہيں جاری واہ واہ

## زمين لاش کي ٽڪرائي ڇڏيو

هڪ نصراني مسلمان ٿي دربارِ نبوت ۾ رهڻ لڳو سورة بقره ۽ سورة آل عمران پڙهي چڪو هو. خوشخط ڪاتب هو ان لاءِ وحي لکڻ جي خدمت کيس حوالي ڪئي وئي. پر اهو بد نصيب ٻيهر ڪافر ۽ مرتد ٿي ڪافرن سان وڃي مليو ۽ چوڻ لڳو تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بس ايترو ئي علم رکن ٿا جيترو مان انهن کي لکي

[1] مشكاة المصابيح، كتاب احوال القيامة و بدء الخلق، باب المعجزات، الحديث: 5882، ج 2، ص 383

ڏيندو هئس. قهرِ الٰهي ان گستاخ کي پنهنجي گرفت ۾ ورتو ۽ هو مري ويو. نصرانين ان کي دفن ڪيو پر زمين ان جي لاش کي ٻاهر اڇلائي ڇڏيو. نصرانين اونهي قبر کوٽي ٽي ڀيرا ان کي دفن ڪيو پر هر ڀيري زمين ان جي لاش کي ٻاهر اڇلائي ڇڏيو. تنهنڪري نصرانين به هن ڳالهه جو يقين ڪري ڇڏيو ته هن جي لاش کي زمين مان ٻاهر ڪڍي اڇلائڻ ڪنهن انسان جو ڪم ناهي تنهنڪري انهن ماڻهن هن جي لاش کي زمين تي ئي رکي ڇڏيو.[1]

(بخاري جلد 1 ص 511 علامات النبوة)

## جنگِ خندق جي آنداري

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته نُصِرْتُ بِالصَّبَا وَ اُهْلِكَتْ عَادُ بِالدَّبُوْرِ (بخاري جلد 2 ص 589 غزوه خندق) يعني اوير جي هوا سان منهنجي مدد ڪئي وئي ۽ قوم عاد اولهه جي هوا سان هلاڪ ڪئي وئي.[2]

ان جو واقعو هيئن آهي ته غزوه خندق ۾ قريش جي قبيلن، غطفان، قريظه ۽ بني النضير جا يهودي ۽ ٻين مشرڪن گڏجي متحده لشڪرن جي فوج سان مديني تي چڙهائي ڪئي ۽ مسلمانن مديني جي چوڌاري خندق کوٽي انهن فوجن جي حملن کان پناه ورتي، انهن شيطاني لشڪرن مديني جو اهڙو سخت گهيراءُ ڪيو جو مديني جي اندر ۽ مديني کان ٻاهر اَنَ جو هڪ داڻو ۽ پاڻي جو هڪ قطرو وڃڻ ناممڪن ٿي ويو هو. صحابه ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم انهن مصيبتن ۽ تڪليفن کان جيتوڻيڪ پريشان هئا پر سندن جوشِ

---

[1] صحيح البخاري، كتاب المناقب، باب علامات النبوة ... الخ، الحديث: 3617، ج 2، ص 506

[2] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب غزوة الخندق ... الخ، الحديث: 4105، ج 3، ص 53

ايماني جي استقلال ۾ وار برابر به فرق نه آيو هو. ٺيڪ انهيءَ حالت ۾ نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو اهو معجزو ظاهر ٿيو جو اوير کان هڪ اهڙي آنڌاري آئي جنهن ۾ سخت سيءُ به هو ۽ اهڙا شديد جُهوٽا ۽ جهٽڪا هئا جو ڏوڙ ۽ مٽي جا ڪڪر ڇائنجي ويا. ڪافرن جون اکيون ڏوڙ ۽ پٿرين سان ڀرجي ويون انهن جي چُلَهن جي باهه وسامي وئي ۽ وڏيون وڏيون ديڳيون چُلَهن تان اونڌيون ٿي پري تائين هلنديون ويون، خيمن جا ڪِلا پٽجي ويا ۽ خيما ڦڙڪي ڦڙڪي ڦاٽي پيا، گهوڙا هڪ ٻئي سان ٽڪرائجي وڙهڻ لڳا، مطلب ته اها آنڌاري ڪافرن لاءِ هڪ اهڙو عذابِ شديد بڻجي انهن تي مسلط ٿي وئي جو ڪافرن جا قدم اُکڙجي ويا انهن جي همت ٽُٽي پئي ۽ اُهي ڀڄڻ تي مجبور ٿي ويا ۽ بدحواسي جي حالت ۾ ڪُڙين تي زور رکي ڀڄڻ لڳا. هيءَ ئي اُها آنڌاري آهي جنهن جو ذڪر خداوند قدوس پنهنجي ڪتاب مقدس قرآن مجيد ۾ هنن لفظن سان ارشاد فرمايو آهي ته:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ جَآءَتْكُمْ جُنُوْدٌ فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِيْحًا وَّ جُنُوْدًا لَّمْ تَرَوْهَا ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرًا ۚ[1] (احزاب)

ترجمو ڪنز الايمان: اي ايمان وارؤ! الله جو احسان پاڻ تي ياد ڪريو جڏهن توهان تي ڪجهه لشڪر آيا پوءِ اسان انهن تي آندهي ۽ اهي لشڪر موڪليا جيڪي توهان کي ڏسڻ ۾ نه ٿي آيا ۽ الله توهان جا ڪم ڏسي ٿو.

[1] پ 21، سورة الاحزاب، آيت: 9

## باهه ساڙي نه سگهي

حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي معجزن ۾ ڪيترائي اهڙا واقعا آهن جو باهه انهن شين کي ساڙي نه سگهي جن کي سندن ذات سان ڪو تعلق رهيو هجي.

جيئن قطب الدين قسطلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ڪتاب ”جمل الايجاز في الاعجاز“ ۾ لکيو آهي ته اها باهه جيڪا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي غيب جي خبر مطابق سن 654 هجري ۾ مدينه منوره جي پرسان قبيلي قريظه جي جبلن تي ظاهر ٿي ان پٿرن کي ساڙي پئي ڇڏيو ۽ ڪجهه پٿرن کي ڳاري پئي ڇڏيو. اها باهه جڏهن وڌندي وڌندي حرمِ مدينه جي ويجهو هڪ پٿر وٽ پهتي جنهن جو اڌ حصو حرمِ مدينه ۾ هو ۽ اڌ حصو حرمِ مدينه کان ٻاهر هو ته پٿر جو جيڪو حصو حرم کان ٻاهر هو ان کي باهه ساڙي ڇڏيو پر جڏهن ان اڌ تائين پهتي جيڪو حرم مدينه ۾ داخل هو ته فوراً اها باهه وسامي وئي.

اهڙي طرح امام قرطبي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تحرير فرمايو آهي ته اها باهه مدينه طيبه جي ويجهو کان ظاهر ٿي ۽ درياءَ وانگر موجون هڻندي يمن جي هڪ ڳوٺ تائين پهچي وئي ۽ ان کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيائين پر مديني جي طرف ان باهه مان صبح جي ٿڌڙي ٿڌڙي هِير جهڙيون هوائون ايندیون هيون. ان باهه جو واقعو ڪجهه صفحا پهريان اسان تفصيلي لکي چڪا آهيون. (الكلام المبين ص 107)

اهڙي طرح ”نسيم الرياض“ ۾ لکيل آهي ته ”عديم بن طاهر علوي“ وٽ چوڏهن وار مبارڪ هئا انهن کي ان امير حلب جي دربار ۾ پيش ڪيو. امير حلب خوشيءَ وچان ان مقدس تحفي کي قبول

ڪيو ۽ علوي صاحب جي انتهائي تعظيم ۽ تڪريم ڪندي ڪين انعام ۽ اڪرام سان مالا مال ڪري ڇڏيو پر ان کان پوءِ جڏهن ٻيهر علوي صاحب امير حلب جي دربار ۾ ويا تہ امير اکيون ڪُرڙيون ڪري نهايت سختيءَ سان ڳالهايو ۽ انهن کان نهايت بي توجهيءَ ۽ بد مزاجيءَ سان منهن ڦيري ڇڏيو. علوي صاحب ان بي توجهي ۽ بد مزاجيءَ جو سبب پڇيو تہ امير حلب چيو تہ مون ماڻهن جي واتان ٻڌو آهي تہ تون جيڪي وار مبارڪ مون وٽ ڪٽي آيو هئين انهن جي ڪا اصليت ۽ ڪا سند ناهي. علوي صاحب چيو تہ توهان انهن مقدس وارن کي منهنجي سامهون آڻيو. جڏهن اهي آندا ويا تہ انهن باهہ گهرائي ۽ وارن مبارڪ کي ڀڙڪندڙ باهہ ۾ وجهي ڇڏيو پوري باهہ ٻري ٻري وِسامي وئي پر وارن مبارڪ کي تئو بہ نہ آيو بلڪ باهہ جي شعلن ۾ وارن مبارڪ جي چمڪ دمڪ اڃان وڌيڪ نکري پئي. اهو منظر ڏسي امير حلب، علوي صاحب جي قدمن کي چمي ڏني ۽ پوءِ ايتري قدر انعام ۽ اڪرام سان علوي صاحب کي نوازيو جو درباري انهن جي اعزاز ۽ وقار کي ڏسي حيران ٿي ويا.

(الڪلام المبين ص 108)

اهڙي طرح حضرت انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي دسترخوان جي روايت مشهور آهي تہ ان دسترخوان سان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجا هٿ ۽ مُنهن مبارڪ صاف ڪيو هئائون تنهنڪري اهو دسترخوان ٻرندڙ تندور ۾ وڌو ويندو هو پر باهہ ان کي ساڙيندي نہ هئي بلڪ ان کي صاف ۽ سُٿرو ڪري ڇڏيندي هئي.[1]

(مثنوي شريف مولانا رومي)

[1] مثنوي مولانا روم (مترجم)، دفتر سوم، ص 58

## هڪ ضروري تنبيهه

هي سلطانِ ڪونين ۽ شهنشاهِ دارين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هزارين معجزن مان ڪجهه آهن جن جي تذڪري سان حديث ۽ سيرتِ نبويه جا ڪتاب مالامال آهن اسان انهن ڪجهه معجزن کي بنا ڪنهن ناهه ٿُڪ جي سادن لفظن ۾ نهايت ئي مختصر تحرير ڪيو آهي تہ جيئن انهن نوراني معجزن کي پڙهي ناظرين جي دلين ۾ عظمتِ مصطفٰي ۽ محبتِ رسول جا هزارين ايماني چراغ روشن ٿي وڃن ۽ هر مسلمان پنهنجي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم ۽ تڪريم، انهن جي اڪرام ۽ احترام جي رفعت کي سڃاڻي وٺي ۽ ان جي ايماني چمن ۾ هر لمحي ۽ هر وقت محبت ۽ عظمتِ رسول جا هزارين گل ٽڙندا رهن ۽ هُو جوشِ عرفان ۽ جذبۂ ايمان سان ٻنهي جهانن ۾ هي اعلان ڪندو رهي تہ:

اللہ کی سرتا بقدم شان ہیں یہ ان سا نہیں انسان وہ انسان ہیں یہ
قرآن تو ایمان بتاتا ہے انہیں ایمان یہ کہتا ہے مری جان ہیں یہ

۽ شايد انهن ماڻهن کي بہ ان مان ڪجهه عبرت حاصل ٿئي جن سيرت نبويه جي موضوع تي قلم وهائي ۽ ڪاغذ ڪارا ڪري سرور انبياء، محبوب ڪبريا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مقدس پيغمبرانا زندگي کي هڪ عام انسان جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي ۽ بار بار پنهنجي ان مڪروهه نظريي ۽ گندي نصب العين جو اعلان ڪندا رهندا آهن تہ پيغمبرِ خدا جي سيرت ۾ اهڙن ڪمالات جو ذڪر نہ ڪرڻ گهرجي جنهن سان ماڻهو پيغمبرِ اسلام کي عام انسانن جي سطح کان مٿانهون سمجهڻ لڳن. (والعياذ بالله)

بهر حال ان تي تمام اهلِ حق جو اجماع ۽ اتفاق آهي تہ الله تمام انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَام ڪي جن جن معجزن سان سرفراز فرمايو آهي انهن تمام معجزن ڪي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ذات مبارڪ ۾ جمع فرمائي ڇڏيو آهي ۽ انهن کان علاوه بيشمار اهڙن معجزن سان بہ رب تعالٰي پنهنجي آخري پيغمبر، شفيع محشر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي ممتاز فرمايو جيڪي سندن خصائص چورائيندا آهن. يعني اُهي رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا اهڙا معجزا ۽ ڪمالات آهن جيڪي ڪنهن نبي ۽ رسول ڪي نہ عطا ڪيا ويا مثلاً:

## چند خصائص ڪبرٰي

(1) پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو پيدائش جي اعتبار کان اول الانبياء هئڻ جيئن تہ حديث شريف ۾ آيو آهي تہ كَانَ نَبِيًّا وَّ اٰدَمُ بَيْنَ الرُّوحِ وَ الجَسَدِ يعني حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان وقت شرفِ نبوت سان سرفراز ٿي چڪا هئا جنهن وقت حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جسم ۽ روح جي منزلن مان گذري رهيا هئا.[1] (زرقاني علي المواهب جلد 5 ص 242)

(2) رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو خاتم النبيين هئڻ.

(3) سموري مخلوق حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي لاءِ پيدا ٿي.

(4) حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو مقدس نالو عرش ۽ جنت جي پيشانين تي تحرير ڪيو ويو.

(5) سمورن آسماني ڪتابن ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بشارت ڏني وئي.

---

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، الفصل الرابع ما اختص به ... الخ، ج 7، ص 186

(6) رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ولادت جي وقت سمورا بُت اونڌا ٿي ڪِري پيا.

(7) حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو شقِ صدر (سينو چاڪ) ٿيو.

(8) حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي معراج جو شرف عطا ڪيو ويو ۽ سندن سواري لاءِ بُراق پيدا ڪيو ويو.

(9) رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي نازل ٿيڻ وارو ڪتاب تبديلي کان محفوظ ڪيو ويو ۽ قيامت تائين ان جي بقا ۽ حفاظت جي ذميواري الله تعالي پنهنجي ذمي کڻي ڇڏي.

(10) رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي آيت الڪرسي عطا ڪئي وئي.

(11) حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي زمين جي تمام خزانن جون ڪُنجيون عطا ڪيون ويون.

(12) رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي جوامع الڪلم جي معجزي سان سرفراز ڪيو ويو.

(13) حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي رسالتِ عام جي شرف سان ممتاز ڪيو ويو.

(14) رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي تصديق لاءِ معجزو شق القمر ظهور ۾ آيو.

(15) حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي لاءِ مالِ غنيمت کي الله تعاليٰ حلال فرمايو.

(16) سموري روءِ زمين کي الله تعاليٰ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي لاءِ مسجد ۽ پاڪي حاصل ڪرڻ (تيمم) جو سامان بڻائي ڇڏيو.

(17) حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا ڪجهه معجزا (قرآن مجيد) قيامت تائين باقي رهندا.

(18) الله تعاليٰ تمام انبياء عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ کي انهن جو نالو وٺي پڪاريو پر حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي سٺن سٺن لقبن سان پڪاريو.

(19) الله تعاليٰ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي "حبيب الله" جي معزز لقب سان مشرف فرمايو.

(20) الله تعاليٰ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي رسالت، سندن حيات، سندن شهر ۽ سندن زماني جو قسم ياد فرمايو.

(21) حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام اولادِ آدم جا سردار آهن.

(22) رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله تعاليٰ جي دربار ۾ "اڪرم الخلق" آهن.

(23) قبر ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ذات جي باري ۾ منڪر نڪير سوال ڪندا.

(24) حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان پوءِ سندن ازواج مطهرات رَضِيَ اللهُ عَنْهُنَّ سان نڪاح ڪرڻ حرام ڪيو ويو.

(25) هر نمازي تي واجب ڪيو ويو تہ نماز ۾ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ چئي رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي سلام ڪري.

(26) جيڪڏهن ڪنهن نمازيءَ کي نماز جي حالت ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پڪارين تہ هو نماز ڇڏي رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پڪار تي ڊوڙي پوي اهو ان تي واجب آهي ۽ ائين ڪرڻ سان ان جي نماز فاسد بہ نہ ٿيندي.

(27) الله تعاليٰ پنهنجي شريعت جو حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مختيار بڻايو آهي، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنهن جي لاءِ جيڪو چاهيو حلال فرمائي ڇڏيو ۽ جنهن جي لاءِ جيڪو چاهيو حرام فرمائي ڇڏيو.

(28) حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي منبر ۽ قبر انور جي وچ واري زمين جنت جي باغن مان هڪ باغ آهي.

(29) صور ڦوڪجڻ تي سڀ کان پهريان پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي قبرِ انور مان ٻاهر تشريف وٺي ايندا.

(30) حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي مقامِ محمود عطا ڪيو ويو.

(31) رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي شفاعتِ ڪبريٰ جي اعزاز سان نوازيو ويو.

(32) حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي قيامت جي ڏينهن ”لواء الحمد“ عطا ڪيو ويو.

(33) رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀني کان پهريان جنت ۾ داخل ٿيندا.

(34) حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي حوضِ ڪوثر عطا ڪيو ويو.

(35) قيامت جي ڏينهن هر شخص جو نسب ۽ تعلق ختم ٿي ويندو پر پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو نسب ۽ تعلق منقطع نه ٿيندو.

(36) پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان سواءِ ڪنهن به نبيءَ وٽ حضرت اسرافيل عَلَيْهِ السَّلَام نه لٿا.

(37) رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دربار ۾ وڏي آواز سان ڳالهائڻ واري جا نيڪ عمل برباد ڪيا ويندا آهن.

(38) سيد الابرار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي حجرن جي ٻاهران پڪارڻ حرام ڪيو ويو.

(39) پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ننڍڙي ۾ ننڍڙي گستاخي ڪرڻ جي سزا قتل آهي.

(40) حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي تمام انبياء عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَام کان گهڻا معجزا عطا ڪيا ويا.[1] (فهرست زرقاني علي المواهب جلد 5)

## روزي جو هڪ سبب

نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي حياتِ ظاهري جي دور اقدس ۾ ٻه ڀائر هئا جن مان هڪ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمتِ بابرڪت ۾ (علمِ دين سکڻ لاءِ) ايندو هو. (هڪ ڏينهن) ڪاريگر ڀاءُ سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان پنهنجي ڀاءُ جي شڪايت ڪئي (يعني هن سڄي ڪم جو بار مون مٿان وڌو آهي، هن کي ڪم ڪار ۾ منهنجو هٿ وندائڻ گهرجي) تہ مديني جي سلطان، رحمتِ عالميان، سرورِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: لَعَلَّكَ تُرْزَقُ بِهٖ يعني شايد! توکي هن جي برڪت سان روزي ملي رهي آهي.

(سنن الترمذي حديث 2345، ص 1887، و اشعة اللمعات، ج 4، ص 262)

[1] المواهب اللدنية و شرح الزرقاني، الفصل الرابع ما اختص به ... الخ، ج 7، ص 185 — 388

# باب 21

ہم غریبوں کے آقا پہ بے حد درود
ہم فقیروں کی ثروت پہ لاکھوں سلام

## امت تي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا حق

حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي امت جي هدايت، اصلاح ۽ ان جي بهتري ۽ ڪاميابي جي لاءِ جيڪي تڪليفون برداشت فرمايون ۽ هن راهه ۾ حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي جيڪي مشڪلاتون درپيش آيون انهن جو ڪجهه حال توهان هن ڪتاب ۾ پڙهي چڪا آهيو. وري پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي پنهنجي امّت سان جيڪا بي پناهه محبت ۽ ان جي نجات ۽ مغفرت جو فڪر ۽ هڪ هڪ امتي تي شفقت ۽ رحمت جي جيڪا ڪيفيت آهي ان باري ۾ قرآن مجيد ۾ الله پاڪ جو فرمان گواهه آهي ته

لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِيْزٌ عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِيْصٌ عَلَيْكُمْ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ۝ [1]

(سوره توبه)

**ترجمو ڪنز الايمان:** بيشڪ توهان وٽ تشريف وٺي آيا توهان منجهان اهي رسول جنهن کي توهان جو تڪليف ۾ هجڻ ڏکيو لڳندو آهي توهان جي ڀلائي جا ڏاڍا چاهيندڙ، مسلمانن تي تمام شفقت فرمائيندڙ آهن.

[1] پ 11، سورة التوبة، آيت: 128

راتين جون راتيون جاڳي عبادت ۾ مصروف رهندا هئا ۽ پنهنجي امّت جي لاءِ رب پاڪ جي دربار ۾ نهايت بيقراري سان گريه وزاري فرمائيندا رهندا هئا ايتري تائين جو بيهي بيهي اڪثر ڪري پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا مبارڪ قدم سُڄي ويندا هئا.

ظاهر آهي ته حضور سرور انبياء، محبوبِ ڪبريا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي امّت جي لاءِ جيڪي جيڪي مشقتون برداش ڪيون انهن جي تقاضا هي آهي ته امّت تي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا ڪجهه حق آهن جن کي ادا ڪرڻ هر امّتي تي فرض ۽ واجب آهي.

حضرت علّامه قاضي عياض رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سندن مقدس حقن کي پنهنجي ڪتاب "شفاء شريف" ۾ تمام تفصيل سان بيان ڪيو آهي. اسان هتي انتهائي اختصار سان ان جو خلاصو تحرير ڪندي هيٺ ڏنل اٺن حقن جو ذڪر ڪيون ٿا.

(1) ايمان بالرسول
(2) اتباعِ سنتِ رسول
(3) اطاعتِ رسول
(4) محبتِ رسول
(5) تعظيمِ رسول
(6) مدحِ رسول
(7) درود شريف
(8) قبر انور جي زيارت[1]

## (٦) ايمان بِالرّسول

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نبوّت ۽ رسالت تي ايمان آڻڻ ۽ جيڪو ڪجهه حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جي طرف کان ڪٽي آيا آهن، سچيءَ دل سان ان کي سچو مڃڻ هر هڪ اُمّتي تي فرض عين آهي ۽ هر مومن جو اهو ايمان آهي ته بغير

[1] الشفاء بتعريفِ حقوقِ المصطفيٰ، القسم الثاني فيما يجب علي الانام .... الخ، الجزءُ الثاني، ص 2

رسول تي ايمان آڻڻ جي هرگز هرگز ڪوئي مسلمان نٿو ٿي سگهي قرآن ۾ خداوند عالم جَلَّ جَلَالُهٗ جو فرمان آهي ته:

وَ مَنْ لَّمْ يُؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ فَاِنَّاۤ اَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ سَعِيْرًا ۝ [1] (فتح)

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ جنهن الله ۽ ان جي رسول تي ايمان نه آندو ته يقينًا اسان ڪافرن جي لاءِ ڀڙڪندڙ باهه تيار ڪري رکي آهي.

هن آيت نهايت وضاحت ۽ صفائي سان فيصلو ڪري ڇڏيو ته جيڪي ماڻهو رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي رسالت تي ايمان نه آڻيندا اُهي توڙي خدا جي توحيد جو سڄي عمر چرچو ڪندا رهن پوءِ به ڪافر ۽ جهنّمي ئي رهندا. ان لاءِ اسلام جو بنيادي ڪلمو يعني ڪلمو طيب لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ آهي، يعني مسلمان ٿيڻ جي لاءِ خدا جي توحيد ۽ رسول جي رسالت ٻنهي تي ايمان آڻڻ ضروري آهي.[2]

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرت مبارڪ ۽ حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّت مقدسه جي اتباع ۽ پيروي هر مسلمان تي واجب ۽ لازم آهي. ربّ العزت جَلَّ جَلَالُهٗ جوفرمان آهي ته:

قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ وَ يَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۳۱﴾ [3] (آل عمران)

---

[1] پ 26، سورة الفتح، آيت: 13

[2] الشفاء بتعريفِ حقوقِ المصطفيٰ، القسم الثاني فيما يجب علي الانام .... الخ، الباب الاول في فرض الايمان بهٖ .... الخ، ص 2 — 3 ملخصاً

[3] پ 3، سورة آل عمران، آيت: 31

(اي رسول) فرمائي ڇڏيو ته جيڪڏهن توهان الله سان محبت رکو ٿا ته منهنجي پويان هلو الله توهان کي پنهنجو محبوب بڻائي ڇڏيندو ۽ توهان جا گناهه بخشي ڇڏيندو ۽ الله گهڻو بخشڻهار مهربان آهي.

تنهنڪري آسمانِ امّت جا چمڪندڙ ستارا، هدايت جا چنڊ تارا، الله ۽ رسول جا پيارا صحابه ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هر هڪ سنّتِ ڪريم جي اتباع ۽ پيروي کي پنهنجي زندگي جي هر قدم تي پنهنجي لاءِ لازم الايمان ۽ واجب العمل سمجهندا هئا ۽ وار برابر به ڪڏهن ڪنهن معاملي ۾ پنهنجي پياري رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مقدس سنتن کان انحراف (انڪار) يا سنتن کي ترڪ ڪرڻ پسند نه ڪري سگهندا هئا.[1]

## صديق اڪبر جي آخري تمنا

امير المؤمنين حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي وفات کان ڪجهه ڪلاڪ اڳ امّ المؤمنين حضرت عائشه صديقه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کان دريافت ڪيو ته رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ڪفن ۾ گهٽا ڪپڙا هئا؟ ۽ سندن وفات ڪهڙي ڏينهن ٿي؟ هن سوال پڇڻ جو مقصد هي هو ته سندن اها تمنا هئي ته زندگي جي هر لمحي ۾ ته مان پنهنجي سيني معاملات ۾ حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ سنتن جي مڪمل طور تي اتباع ڪئي آهي. مرڻ کان

---

[1] الشفاء بتعريفِ حقوقِ المصطفيٰ، القسم الثاني فيما يجب علي الانام .... الخ، الباب الاول في فرض الايمان بهٖ .... الخ، فصل واما وجوب ... الخ، الجزءُ الثاني، ص 8 — 9 ملخصاً

بعد ڪفن ۽ وفات جي ڏينهن ۾ ٻه مونکي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اتباعِ سنت نصيب ٿي وڃي.[1]

(بخاري جلد 1 ص 186 باب موت يوم الاثنين)

## حضرت ابو هريره ۽ يُڳل ٻڪري

هڪ ڀيري حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو گذر هڪ اهڙي جماعت وٽان ٿيو جن جي اڳيان يُڳل سڄي ٻڪري ڪائڻ لاءِ رڪيل هئي. ماڻهن پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي ڪائڻ لاءِ سڏيو ته پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هي چئي ڪائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ته حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا کان تشريف کڻي ويا ۽ ڪڏهن جَوَ جي ماني ٻه پيٽ ڀري نه کاڌائون مان ڀلا هن لذيذ ۽ پُر تڪلف کاڌن کي ڪيئن ٿو کائي سگهان.[2] (مشکوٰة جلد 1 ص 446 باب فضل فقراء)

## حضرت عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو نيسارو

منقول آهي ته حضرت عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو گهر مسجد نبوي سان مليل هو ۽ انهن جي گهر جو نيسارو برسات ۾ ايندڙ ويندڙ نمازين جي مٿان وهندو هو. امير المؤمنين حضرت فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ان نيساري کي پٽي ڇڏيو. حضرت عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سندن وٽ آيا ۽ چيائون ته خدا جو قسم! هن نيساري کي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي ڪنڌ تي چڙهي پنهنجن مقدس هٿن سان لڳايو هو. هي ٻڌي امير المؤمنين فرمايو ته اي عباس! مون کي ان جو علم نه هو هاڻي مان توهان کي حڪم ڏيان ٿو ته توهان

---

[1] صحيح البخاري، كتاب الجنائز، باب موت يوم الاثنين، الحديث: 1387، ج 1، ص 468

[2] مشكاة المصابيح، كتاب الرقاق، باب فضل الفقراء ... الخ، الحديث: 5238، ج 2، ص 254

منهنجي ڪنڌ تي چڙهي هن نيساري ڪي ٻيهر ان ئي جڳهه تي لڳائي ڇڏيو پوءِ ائين ئي ڪيو ويو.[1] (وفاء الوفاء جلد 1 ص 348)

## (3) اطاعتِ رسول

هي به هر امّتي تي رسول خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو حق آهي ته هر امّتي هر حال ۾ آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي هر حڪم جي اطاعت ڪري ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنهن ڳالهه جو حڪم فرمائي ڇڏين وار جي ڪروڙين حصي جي برابر به ان جي خلاف ورزي جو تصور به نه ڪري ڇو ته حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اطاعت ۽ سندن حڪم جي اڳيان سِر جهڪائڻ هر امّتي تي فرض عين آهي قرآن مجيد ۾ ارشادِ خداوندي آهي ته:

اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ[2] (نساء)

ترجمو ڪنز الايمان: ”حڪم مڃيو الله جو ۽ حڪم مڃيو رسول جو“.

مَنْ يُّطِعِ الرَّسُوْلَ فَقَدْ اَطَاعَ اللّٰهَ[3] (نساء)

ترجمو ڪنز الايمان: جنهن رسول جو حڪم مڃيو بيشڪ ان الله جو حڪم مڃيو“.

وَ مَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَ الرَّسُوْلَ فَاُولٰٓئِكَ مَعَ الَّذِيْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِّنَ النَّبِيّٖنَ

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ جيڪو الله ۽ ان جي رسول جو حڪم مڃي ته ان ڪي انهن جو ساٿ ملندو

---

[1] وفاء الوفاء باخبار دار المصطفيٰ، الباب الثالث، الفصل الثاني عشر في زيادة عمر ... الخ، ج 1، ص 486 ملتقطاً

[2] پ 5، سورة النساء، آيت: 59

[3] پ 5، سورة النساء، آيت: 80

وَ الصِّدِّيْقِيْنَ وَ الشُّهَدَآءِ وَ الصّٰلِحِيْنَ ۚ وَ حَسُنَ اُولٰٓئِكَ رَفِيْقًا ۝[1] (نساء)

جن تي الله انعام ڪيو يعني انبياء ۽ صديق ۽ شهيد ۽ چڱا ماڻهو اهي ڪهڙا نه چڱا ساٿي آهن.

قرآن مجيد جون هي مقدس آيتون اعلان ڪري رهيون آهن ته اطاعتِ رسول جي بغير اسلام جو تصور ئي نٿو ڪري سگهجي ۽ رسول جي اطاعت ڪرڻ وارن جي لاءِ ئي اهڙا بلند درجا آهن جو اهي نبين، صديقن، شهيدن ۽ صالحن سان گڏ رهندا.

هر امّتي جي لاءِ اطاعتِ رسول جو ڇا شان هجڻ گهرجي ان جو جلوو ڏسڻو هجي ته هن روايت کي بغور پڙهو:

## سوني مندي اڇلي ڇڏي

حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا روايت ڪئي آهي ته رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ شخص کي ڏٺو ته هن کي سوني مندي پاتل آهي. حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي هٿ مان مندي لاهي اڇلي ڇڏي ۽ فرمايائون ته ڇا توهان مان ڪو پسند ڪندو ته ٽاندن کي پنهنجن هٿن ۾ ڪٽي؟ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تشريف وني وڃڻ کان بعد ماڻهن ان شخص کي چيو ته تون پنهنجي مندي کڻي وٺ (۽ ان کي وڪڻي) ان مان نفعو حاصل ڪر. ته ان جواب ڏنو ته خدا جو قسم! جڏهن حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان مندي کي اڇلائي ڇڏيو ته مان هاڻي ان کي ڪڏهن به نه کڻندس. (۽ هو ان کي ڇڏي هليو ويو)[2] (مشكوٰة جلد 2 ص 378 باب الخاتم)

---

[1] پ 5، سورة النساء، آيت: 69

[2] مشكاة المصابيح، كتاب اللباس، باب الخاتم، الحديث: 4385، ج 2، ص 123

## (4) محبت رسول

اهڙي طرح هر امتي تي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو حق آهي تہ هو سموري جهان کان وڌيڪ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان محبت رکي ۽ سڄي دنيا جي محبوب شين کي سندن جي محبت تان قربان ڪري ڇڏي. الله پاڪ جو فرمان آهي تہ:

قُلْ اِنْ كَانَ اٰبَآؤُكُمْ وَ اَبْنَآؤُكُمْ وَ اِخْوَانُكُمْ وَ اَزْوَاجُكُمْ وَ عَشِيْرَتُكُمْ وَ اَمْوَالُ ۨاقْتَرَفْتُمُوْهَا وَ تِجَارَةٌ تَخْشَوْنَ كَسَادَهَا وَ مَسٰكِنُ تَرْضَوْنَهَاۤ اَحَبَّ اِلَيْكُمْ مِّنَ اللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ جِهَادٍ فِيْ سَبِيْلِهٖ فَتَرَبَّصُوْا حَتّٰى يَاْتِيَ اللّٰهُ بِاَمْرِهٖ ؕ وَ اللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿۲۴﴾ [1] (توبہ)

**ترجمو ڪنز الايمان:** (اي رسول) توهان فرمائي ڇڏيو جيڪڏهن توهان جا پيءُ ۽ توهان جا پُٽ ۽ توهان جا ڀائر ۽ توهان جون زالون ۽ توهان جو ڪٽنب ۽ توهان جو ڪمايل مال ۽ اهو واپار جنهن جي نقصان جو توهان کي ڀؤ آهي ۽ توهان جي پسند جون جايون اِهي شيون الله ۽ ان جي رسول ۽ ان جي راهہ ۾ وڙهڻ کان وڌيڪ پياريون هجن پوءِ رستو ڏسو ايسيتائين جو الله پنهنجو حڪم آڻي ۽ الله فاسقن کي رستو ناهي ڏيندو.

هن آيت مان معلوم ٿئي ٿو تہ هر مسلمان تي الله پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت فرض عين آهي ڇو تہ هن آيت جو حاصلِ مطلب هي آهي تہ اي مسلمانو! جڏهن توهان ايمان آندو آهي ۽ الله پاڪ ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبّت

[1] پ 5، سورة التوبة، آيت: 24

جي دعويٰ ڪريو ٿا تہ هاڻي ان ڪان پوءِ جيڪڏهن توهان ڪنهن غير جي محبّت کي الله ۽ رسول جي محبّت تي ترجيح ڏيندؤ تہ خوب سمجهي وٺو تہ توهان جو ايمان ۽ الله ۽ رسول جي محبّت جي دعويٰ بلڪل غلط ٿي ويندي ۽ توهان غضبِ الٰهي ۽ قهرِ خداوندي کان نہ بچي سگهندؤ.

پڻ آيت جي آخري حصي مان هي بہ ثابت ٿئي ٿو تہ جنهن جي دل ۾ الله ۽ ان جي رسول جي محبّت ناهي بنا شبهي ان جي ايمان ۾ خلل آهي.

حضرت انس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ توهان مان ڪو ان وقت تائين مومن نٿو ٿي سگهي جيسيتائين مان ان جي ويجهو ان جي پيءُ ان جي اولاد ۽ تمام ماڻهن کان وڌيڪ محبوب نہ ٿي وڃان.[1]

(بخاري جلد 1 ص 7 باب حب الرّسول)

حضراتِ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم کي حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪيتري والهانہ محبّت هئي جيڪڏهن توهان کي ان جي تجلين جو نظارو ڪرڻو آهي تہ هيٺ ڏنل واقعن کي عبرت جي نگاهہ سان ڏسو ۽ عبرت حاصل ڪيو.

## هڪ پوڙهي عورت جو جذبۂ محبت

توهان جنگ احد جي بيان ۾ پڙهي چڪا آهيو تہ شيطان هي غلط خبر مشهور ڪري ڇڏي تہ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شهيد ٿي ويا. اها هولناڪ خبر جڏهن مديني منوره پهتي تہ اتان جي

[1] صحيح البخاري، كتاب الايمان، باب حب الرسول من الايمان، الحديث: 15، ج 1، ص 17

ڏرتي ڏٻي وئي ايسيتائين جو اتان جي پرديدار عورتن جي دل ۽ دماغ ۾ غم جي صدمن جو زلزلو اچي ويو ۽ قبيلي بني دينار جي هڪ عورت پنهنجي جذبات تي قابو نه رکندي پنهنجي گهران نڪري پئي ۽ ميدان جنگ جي طرف هلڻ لڳي رستي ۾ هن کي پنهنجي پيءُ، ڀاءُ ۽ مڙس جي شهادت جي خبر ملي پر هن ان جي ڪا به پرواهه نه ڪئي ۽ ماڻهن کان اهو ئي پڇندي رهي ته مون کي هي ٻڌايو ته رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيئن آهن؟ جڏهن ان کي ٻڌايو ويو ته الحمد لله! حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هرطرح سان خيريت سان آهن ته هن ڳالهه سان اُن پوڙهي عورت جي تسلي نه ٿي ۽ چوڻ لڳي توهان مونکي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ديدار ڪرايو جڏهن ماڻهن ان کي رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ويجهو وڃي وجي بيهاريو ۽ هن جمال نبوّت کي ڏٺو ته بي اختيار سندس زبان مان هي لفظ نڪتا ته "كُلُّ مُصِيْبَةٍ بَعْدَكَ جَلَلٌ" توهان جي هوندي هر مصيبت ڪجهه ناهي.[1]

بڑھ کر اس نے رخِ انور کو جو دیکھا تو کہا!
تو سلامت ہے تو پھر ہیچ ہیں سب رنج والم

میں بھی اور باپ بھی شوہر بھی برادر بھی فدا
اے شہِ دیں! تیرے ہوتے کیا چیز ہیں ہم

## حضرت ثمامه جو اعلان محبّت

حضرت ثمامه بن اثال رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ايمان آڻي چوڻ لڳا ته اي محمد

[1] السيرة النبوية لابن هشام، غزوة احد، شان عاصم بن ثابت، ص 340 ملخصاً

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خدا جو قسم! پهريان منهنجي نظر ۾ روءِ زمين تي ڪو چهرو توهان جي چهري کان وڌيڪ ناپسنديده نہ هو پر هاڻي توهان جو اهو ئي چهرو مونکي سيني چهرن کان وڌيڪ محبوب آهي. خدا جو قسم! منهنجي اڳيان توهان جي دين کان وڌيڪ ڪو دين ناپسنديده نہ هو پر هاڻي توهان جو اهو ئي دين منهنجي اڳيان سيني دينن کان وڌيڪ محبوب آهي. خدا جو قسم! منهنجي نظر ۾ ڪو شهر توهان جي شهر کان وڌيڪ ناپسنديده نہ هو پر هاڻي توهان جو اهوئي شهر منهجي نظر ۾ سيني شهرن کان وڌيڪ محبوب آهي.[1] (بخاري جلد 2 ص 627 باب وفد بني حنيفه)

## موت جي بستري تي عشق رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

حضرت بلال رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي وفات جو وقت قريب آيو تہ انهن جي گهر واري غم کان بيحال ٿي چيو تہ "وا حزناه" (هاءِ ڙي غم) اهو ٻڌي حضرت بلال رَضِیَ اللهُ عَنْهُ موت جي بستري تي تڙپي چيو تہ وَا طَرَبَاهُ غَدًا اَلْقَى الْاَحِبَّةَ مُحَمَّدًا وَّ حِزْبَهٗ[2] (زرقاني علي المواهب) هاءِ ڙي خوشي مان سيڻي سيني دوستن يعني محمّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن اصحابن سان ملندس.

## حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ۽ محبّتِ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان ڪنهن سوال ڪيو تہ توهان کي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪيتري محبّت آهي؟ تہ پاڻ

---

[1] صحيح البخاري، كتاب المغازي، باب وفد بني حنيفة ... الخ، الحديث: 4372، ج 3، ص 131

[2] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، القسم الثاني فيما يجب علي الانام ... الخ، الباب الثاني، فصل فيما روي عن السلف و الائمة، الجزءُ الثاني، ص 23

فرمايائون تہ خدا جو قسم! حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان جي مال، اسان جي اولاد، اسان جي پيءُ، اسان جي ماءُ ۽ سخت اُڃ جي وقت پاڻي کان بہ وڌيڪ اسان کي محبوب آهن.[1] (شفاء شريف جلد 2 ص18)

## عبد الله بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو عشق

حضرت عبد الله بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو پير سُن ٿي ويو. ماڻهن انهن کي هن مرض جي علاج طور هي عمل ٻڌايو تہ پوري دنيا ۾ توهان کي سڀ کان وڌيڪ جنهن سان محبّت هجي ان کي ياد ڪري پڪاريو هي مرض ويندو رهندو. اهو ٻڌي پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ "يا مُحمّداه" جو نعرو هنيو ۽ انهن جو پير ٺيڪ ٿي ويو.[2]

(شفاء شريف جلد 2 ص 18)

## ڪدوءَ سان محبّت

حضرت انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ هڪ درزي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دعوت ڪئي مان بہ سندن سان گڏ هئس. جَوَن جي ماني ۽ شوروو (ٻوڙ) سندن اڳيان آندو ويو جنهن ۾ سڪل گوشت جون ٻوٽيون ۽ ڪدو جا ٽڪرا پيل هئا. مون ڏٺو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پيالي جي ڪنارن کان ڪدوءَ جا ٽڪرا ڳولي تناول فرمائيندا رهيا تنهنڪري مان ان ڏينهن کان ڪدوءَ کي هميشہ محبوب رکندو آهيان.[3] (بخاري جلد 2 ص 817 باب المرق)

---

[1] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، القسم الثاني، الباب الاول، فصل فيما روي عن السلف و الائمة، الجزءُ الثاني، ص 22

[2] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، القسم الثاني، الباب الاول، فصل فيما روي عن السلف و الائمة، الجزءُ الثاني، ص 23

[3] صحيح البخاري، كتاب الاطعمة، باب المرق، الحديث: 5436، ج 3، ص 537

منقول آهي تہ حضرت امام ابو يوسف رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (شاگرد امام ابو حنيفہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) جن جي اڳيان هن روايت جو ذڪر آيو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڪدوءَ تمام گهڻو پسند هو تہ ان مجلس ۾ هڪ شخص چئي ڏنو تہ "اَنَا مَا اُحِبُّهٗ" (مان تہ ان کي پسند نٿو ڪريان) اهو ٻڌي امام ابويوسف رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تلوار ڪڍي ورتي ۽ فرمايائون تہ جَدِّدِ الْاِسْلَامَ وَ اِلَّا قَتَلْتُكَ[1] پنهنجي ايمان جي تجديد ڪر نہ تہ مان توکي قتل ڪري ڇڏيندس. (مرقاة شرح مشكوٰة جلد 2 ص 77)

## سمهڻ وقت رسول جي ياد

عبده بنت خالد بن معدان جو بيان آهي تہ هر رات حضرت خالد بن معدان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جڏهن پنهنجي بستري تي سمهندا هئا تہ انتهائي شوق ۽ محبت سان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن اصحاب ڪبار، مهاجرن ۽ انصارن کي نالا کڻي کڻي ياد ڪندا هئا ۽ هيءَ دعا گهرندا هئا تہ يا الله! منهنجي دل انهن جي ياد ۾ بيقرار آهي ۽ منهنجو شوق هاڻي حد کان وڌي چڪو آهي تنهنڪري تون مون کي جلد وفات ڏئي انهن وٽ پهچاءِ. ائين چوندي چوندي کين ننڊ اچي ويندي هئي. الله اکبر![2] (شفاء شريف جلد 2 ص17)

میں سوجاؤں یا مصطفیٰ کہتے کہتے  کھلے آنکھ صل علیٰ کہتے کہتے

## محبّت رسول جون نشانيون

واضح رهي تہ محبّت رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دعويٰ ڪرڻ

---

[1] شرح الشفاء للقاضي عياض، القسم الثاني، الباب الثاني، فصل في علامة محبته صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، ج 2، ص 51

[2] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، فصل فيما روي عن السلف و الائمة ... الخ، ج 2، ص 21

وارا تہ گھٽا ماڻھو آھن. پر ياد رکو تہ ان جون ڪجھہ نشانيون آھن جن کي ڏسي ان ڳالھہ جي سڃاڻ ٿيندي آھي تہ ھن جي دل ۾ محبّت رسول جو چراغ روشن آھي. انھن علامتن مان ڪجھہ ھي آھن:

(1) رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قول ۽ فعل جي پيروي، سندن سنّتن تي عمل، سندن جي امر و نھي جي فرمانبرداري، مطلب شريعت مطھره تي مڪمل طور عمل پيرا ٿي وڃڻ.

(2) ڪثرت سان سندن ذڪر ڪرڻ، تمام گھڻو درود شريف پڙھڻ، سندن ذڪر جي مقدس محفلن مثال طور ميلاد شريف ۽ ديني جلسن جو شوق ۽ انھن مبارڪ مجلسن ۾ حاضري.

(3) حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ تمام انھن ماڻھن ۽ انھن شين سان محبّت ۽ انھن جو ادب ۽ احترام جن کي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نسبت ۽ تعلّق حاصل آھي. مثلاً صحابہ ڪرام، ازواج مطھرات، اھلبيتِ اطھار عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان مدينو شريف، قبرِ انور، مسجدِ نبوي، سندن جا آثار شريف ۽ مقدس مشاھدا، قرآن مجيد ۽ احاديث مبارڪہ، سيني جي تعظيم ۽ توقير ۽ انھن جو ادب ۽ احترام ڪرڻ.

(4) حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دوستن سان دوستي ۽ سندن دشمنن يعني بد دينن ۽ بدمذھبن سان دشمني رکڻ.

(5) دنيا کان بي رغبتي ۽ فقيري کي مالداري کان بھتر سمجھڻ. ڇو تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان آھي تہ

مون سان محبّت ڪرڻ واري جي طرف فقر ۽ فاقو پاڻيءَ جي هيٺانهين ڏانهن هلڻ کان بہ جلدي پهچندو آهي.[1]

(ترمذي جلد 2 ص 58 ابواب الزهد)

## (5) تعظيمِ رسول

امت تي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حقن مان هڪ نهايت ئي اهم ۽ تمام وڏوحق هي بہ آهي تہ هر امتي تي فرض عين آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن سان نسبت ۽ تعلّق رکڻ وارين مڙني شين جي تعظيم، توقير ۽ انهن جو ادب ۽ احترام ڪري ۽ هرگز هرگز انهن جي شان ۾ ڪڏهن ڪا بي ادبي نہ ڪري. احڪم الحاڪمين جَلَّ جَلَالُهٗ جو فرمان آهي تہ:

اِنَّاۤ اَرْسَلْنٰكَ شٰهِدًا وَّ مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا ۙ﴿۸﴾ لِّتُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ تُعَزِّرُوْهُ وَ تُوَقِّرُوْهُ ؕ وَ تُسَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّ اَصِيْلًا ﴿۹﴾[2] (فتح) (پ 26، سورة الفتح، آيت: 8، 9)

بيشڪ اسان توکي (اي رسول) موڪليو حاضر ۽ ناظر ۽ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري تہ جيئن اي انسانو! توهان الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو ۽ رسول جي تعظيم ۽ احترام ڪريو ۽ صبح ۽ شام الله جي پاڪائي بيان ڪريو.

## حضور جي توهين ڪرڻ وارو ڪافر آهي

حضرت علّامہ قاضي عياض رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو تہ هن ڳالهہ تي سيني علماءِ امت جو اجماع آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي

---

[1] سنن الترمذي، كتاب الزهد، باب ما جاء في فضل الفقر، الحديث: 2357، ج 4، ص 156

[2] پ 26، سورة الفتح، آيت: 8، 9

گار ڏيڻ وارو يا انهن جي ذات، انهن جي خاندان، انهن جي دين، انهن جي ڪنهن خصلت ۾ نقص ٻڌائڻ وارو يا ان جي طرف اشارو يا ڪنايو ڪرڻ وارو يا حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي برائي ڪندي ڪنهن شيءِ سان تشبيهه ڏيڻ وارو يا رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي عيب لڳائڻ وارو يا سندن شان کي گهٽ ڪرڻ وارو يا سندن جي تحقير ڪرڻ وارو بادشاهِ اسلام جي حڪم سان قتل ڪيو ويندو. اهڙي طرح حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي لعنت ڪرڻ وارو يا سندن لاءِ بد دعا ڪرڻ وارو يا حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڏانهن ڪنهن اهڙي ڳالهه جي نسبت ڪرڻ وارو جيڪا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي شان جي لائق نه هجي يا حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ ضرر (نقصان) جي تمنا ڪرڻ وارو يا حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي باري ۾ ڪو اهڙو ڪلام ڪرڻ وارو جنهن سان رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي شان ۾ استخفاف (گهٽتائي) ٿيندو هجي يا ڪنهن امتحان يا آزمائش جي معاملي ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي شرم ڏيارڻ وارو به سلطانِ اسلام جي حڪم سان قتل ڪيو ويندو. اُهو مرتد قرار ڏنو ويندو ۽ ان جي توبه قبول نه ڪئي ويندي ۽ هن مسئلي ۾ موجوده عالمن سڳورن ۽ سلفِ صالحين جي وچ ۾ ڪو به اختلاف ناهي رهيو ته اهڙو شخص ڪافر قرار ڏئي قتل ڪيو ويندو. محمّد بن سحنون رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمايو ته نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي شان ۾ بدزباني ڪرڻ وارو، سندن شان ۾ تنقيص ڪرڻ وارو ڪافر آهي ۽ جيڪو ان جي ڪفر ۽ عذاب ۾ شڪ ڪري اهو به ڪافر آهي ۽ توهينِ رسالت ڪرڻ واري جي دنيا ۾ هيءَ سزا آهي ته اُهو قتل ڪيو ويندو.[1] (شفاء شريف جلد 2 ص 189 ۽ 190)

---

[1] الشفاء بتعريف حقوق مصطفيٰ، الباب الاول في بيان ما هو في حقه ... الخ، ج 2، ص214، 216

اهڙي طرح حضرت علاّمه قاضي عياض رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي متعلّقين يعني سندن اصحابن، سندن اهلبيت، سندن ازواج مطهرات وغيره کي گار ڏيڻ واري جي باري ۾ فرمايو تہ: حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اهل بيت، سندن ازواج مطهرات ۽ سندن اصحابن کي گار ڏيڻ يا انهن جي شان ۾ تنقيص ڪرڻ حرام آهي ۽ ائين ڪرڻ وارو ملعون آهي.[1]

(شفاء شريف جلد 2 ص 266)

اهو ئي سبب آهي جو حضرات صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ايترو تہ ادب ۽ احترام ڪندا هئا ۽ سندن مقدس بارگاهہ ۾ ايتري تعظيم ۽ تڪريم جو مظاهرو ڪندا هئا جو عروه بن مسعود ثقفي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جڏهن اجان مسلمان نہ ٿيا هئا ۽ ڪافرن جا نمائندا بڻجي ميدان حديبيہ ۾ ويا هئا تہ اتان واپس اچي ڪافرن جي مجمع ۾ انهن علي الاعلان هي چيو هو تہ:

اي منهنجي قوم! مان بادشاهہ روم قيصر ۽ بادشاهہ فارس ڪسريٰ ۽ بادشاهہ حبشہ نجاشي سيني جو دربار ڏٺو آهي پر خدا جو قسم! مان ڪنهن بادشاهہ جي دربارين کي پنهنجي بادشاهہ جي ايتري تعظيم ڪندي ناهي ڏٺو جيتري تعظيم محمّد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جا اصحاب محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي ڪن ٿا.[2]

(بخاري جلد 1 ص 380 باب الشروط في الجهاد وغيره)

---

[1] الشفاء بتعريف حقوق مصطفيٰ، فصل و من سب آل بيته ... الخ، ج 2، ص 307

[2] صحيح البخاري، كتاب الشروط، باب الشروط في الجهاد ... الخ، الحديث: 2731، 2732، ج 2، ص 225

تنهنڪري مٿي ڏنل مثالن مان هي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا اصحابِ ڪبار پنهنجي آقاءِ نامدار جي دربار ۾ ڪيتري قدر تعظيم ۽ تڪريم جي جذبات سان پريل رهندا هئا.

## مٿي تي جهرڪيُون

حضرت امير المومنين علي المرتضي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ حاضرين مجلس سان حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سيرتِ مقدسه جو ذڪر ڪندي ارشاد فرمائن ٿا ته جنهن وقت رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪلام فرمائيندا هئا ته سندن مجلس ۾ ويهڻ وارا صحابه ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم اهڙي طرح ڪنڌ جهڪائي خاموشي ۽ سڪون سان ويهندا هئا جڻ انهن جي مٿن تي پکي وينا هجن. جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خاموش ٿيندا هئا ته صحابه ڪرام گفتگو ڪندا هئا ۽ ڪڏهن سندن سامهون ڪلام ۾ تضاد نه ڪندا هئا ۽ جيڪو شخص پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي آڏو ڳالهائيندو هو ته پاڻ توجهه سان ان جي ڪلام کي ٻڌندا هئا ايسيتائين جو هو خاموش ٿي وڃي.[1] (شمائل ترمذي ص 25 باب ما جاء في خلق النبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

## حضرت عمرو بن العاص جا ٿي دور

حضرت عمرو بن العاص رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ پنهنجي موت جي بستري تي پنهنجي صاحبزادي سان پنهنجي زندگيءَ جي ٽن دورن جو ذڪر ڪندي ارشاد فرمايو ته منهنجي پهرين حالت هيءَ هئي جو مان ڪفر جي حالت ۾ سيني کان وڌيڪ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[1] الشمائل المحمدية، باب ما جاء في خلق رسول الله، الحديث: 334، ص 198

جن جو جاني دشمن هئس. جيڪڏهن مان انهيءَ حالت ۾ مري وڃان ها تہ يقيناً دوزخي هجان ها. ٻي حالت مسلمان ٿيڻ کان بعد جي هئي تہ منهنجي لاءِ ڪو بہ شخص رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان وڌيڪ محبوب نہ هو ۽ منهنجي نظر ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان وڌيڪ عظمت ۽ جلال وارو ڪو بہ نہ هو ۽ مان سندن هيبت جي ڪري سندن ڏانهن نظر ڪري ڏسي نہ سگهندو هئس. اهو ئي سبب آهي جو جيڪڏهن مون کان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو حليو مبارڪ دريافت ڪيو وڃي تہ مان چڱي طرح بيان نہ ڪري سگهندس جيڪڏهن مان ان حال ۾ مري وڃان ها تہ مونکي اميد آهي تہ اهل جنّت مان هجان ها. ٽين حالت منهنجي گورنري ۽ حڪومت جي هئي جنهن ۾ مون کي پنهنجو حال معلوم ناهي.[1] (مسلم جلد 1 ص 76 باب كون الاسلام يهدم ما قبله)

## ڪيروڏو؟

امير المومنين حضرت عثمان بن عفان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ حضرت قباث بن اُشيم کان پڇيو تہ توهان وڏا آهيو يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم؟ انهن چيو تہ وڏا تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن پر منهنجي پيدائش حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان اڳ ٿي آهي.[2]

(ترمذي جلد 2 ص 202 باب ما جاء في ميلاد النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

## حضرت براء رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جوادب

حضرت براء بن عازب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا تہ مان حضور اڪرم

---

[1] صحيح مسلم، كتاب الايمان، باب كون الاسلام ... الخ، الحديث: 121، ص 74

[2] سنن الترمذي، كتاب المناقب، باب ما جاء في ميلاد النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الحديث: 3639، ج 5، ص 356

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان ڪجهه دريافت ڪرڻ جو ارادو ڪندو هيس پر ڪمالِ ادب ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هيبت کان سالن تائين پڇي نه سگهندو هيس.[1] (شفاء شريف جلد 2 ص 32)

## آثار شريف جي تعظيم

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذات مقدسه جي ادب ۽ احترام کي حضرات صحابه ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم پنهنجي ايمان جي جان سمجهندا هئا. بلڪ اهي شيون جن کي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ذات مبارڪ سان ڪو تعلّق ۽ انتساب هوندو هو انهن جي تعظيم ۽ توقير کي به پنهنجي لاءِ لازم الايمان ڄاڻندا هئا. اهڙي طرح تابعين ۽ ٻيا سلف صالحين به سندن تبرڪات جو بيحد احترام ۽ انهن جو اعزاز ۽ اڪرام ڪندا هئا. ان جا ڪجهه مثال اسان هيٺ تحرير ڪريون ٿا جيڪي اهلِ ايمان جي لاءِ نهايت ئي عبرت انگيز ۽ نصيحت آموز آهن.

(1) حضرت خالد بن وليد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي مقدس ٽوپي ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا ڪجهه وار مبارڪ سبيل هئا. ڪنهن جنگ ۾ انهن جي ٽوپي ڪري پئي ته پاڻ ايترو زوردار حملو ڪري ڏنو جو ڪيترائي مجاهد شهيد ٿي ويا. سندن لشڪر وارن هڪ ٽوپي جي خاطر ايتري سخت حملي کي پسند نه ڪيو. ماڻهن جو طعنو ٻڌي پاڻ فرمايائون ته مون ٽوپي جي لاءِ اهو حملو نه ڪيو هو بلڪ منهنجي هن حملي جو سبب اهو هو ته منهنجي هن ٽوپي ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا وار مبارڪ

---

[1] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فصل في عادة الصحابة في تعظيمه ...الخ، ج 2، ص 40

آهن مونکي کٽڪو ٿيو تہ ڪٿي مان انهن جي برڪت کان محروم نہ ٿي وڃان ۽ اهي ڪافرن جي هٿن ۾ نہ اچي وڃن ان لاءِ مون پنهنجي جان تي کيڏي هن ٽوپي کي ڪٽي ئي ساهہ پٽيو.[1] (شفا شريف جلد 2 ص 44)

(2) حضرت عبد الله بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي منبرشريف تي جنهن جاءِ تي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ويهندا هئا پنهنجو هٿ ڦيرائي پنهنجي چهري تي گهمائيندا هئا.[2]
(شفا شريف جلد 2 ص 44)

(3) حضرت ابو محذوره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جيڪي صحابي ۽ مسجد حرام جا مؤذن هئا انهن جي مٿي جي اڳين حصي ۾ وارن جو هڪ ڇُڳو هو. جڏهن هو زمين تي ويهندا هئا ۽ ان ڇڳي کي کولينداهئا تہ وار زمين سان لڳندا هئا. ڪنهن انهن کي چيو تہ توهان هنن وارن کي ڪٽرايو ڇو نہ ٿا؟ پاڻ جواب ڏنائون تہ مان هنن وارن کي ڪٽرائي نٿو سگهان ڇو جو رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجن هنن وارن تي پنهنجو مبارڪ هٿ ڦيريو آهي.[3]
(شفا شريف جلد 2 ص 44)

(4) حضرت ثابت بناني رَضِيَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا تہ مون کي حضرت انس بن مالڪ صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هيءَ فرمائش ڪئي تہ هي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مقدس وار آهي جڏهن مان مري وڃان تہ هن کي منهنجي زبان جي هيٺان رکي ڇڏجان. پوءِ مون

---

[1] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، فصل و من اعظامه و اكباره ... الخ، ج 2، ص 56، 57
[2] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، فصل و من اعظامه و اكباره ... الخ، ج 2، ص 57
[3] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، فصل و من اعظامه و اكباره ... الخ، ج 2، ص 56

انهن جي وصيت مطابق انهن جي زبان جي هيٺان رکي ڇڏيو ۽ هو انهي ئي حالت ۾ دفن ٿيا.[1]

(اصابہ ترجمہ انس بن مالک)

اهڙي طرح حضرت عمر بن عبد العزيز اموي خليفي عادل رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي وفات جو وقت آيو تہ انهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا ڪجهہ وار مبارڪ ۽ ننهن ڏيڪاري ماڻهن کي وصيت فرمائي تہ هنن تبرڪات کي منهنجي ڪفن ۾ رکيو وڃي پوءِ ائين ئي ڪيو ويو.[2] (طبقات ابنِ سعد جلد 5 ص 300)

(5) حضرت امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو بيان آهي تہ حضرت امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مون کي ڪجهہ گهوڙا عنايت فرمايا تہ مون عرض ڪيو تہ هڪ گهوڙو توهان پنهنجي سواري جي لاءِ رکي ڇڏيو تہ پاڻ فرمايائون تہ مونکي شرم ٿو اچي تہ جنهن شهر جي زمين ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آرام فرمائي رهيا هجن ان شهر جي زمين کي مان پنهنجي سواري جي جانور جي کرن سان لتاڙايان. (جيئن تہ حضرت امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سڄي زندگي مديني ۾ ئي رهيا پر ڪڏهن بہ ڪنهن سواري تي مديني ۾ سوار نہ ٿيا).[3]

(شفا شريف جلد 2 ص 44)

(6) حضرت احمد بن فضلويہ جن جو لقب زاهد آهي. هي تمام وڏا مجاهد هئا ۽ تيراندازي ۾ بيحد باڪمال هئا. انهن جو بيان آهي تہ جڏهن مونکي هي حديث معلوم ٿي تہ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ

---

[1] الاصابة في تمييز الصحابة، انس بن مالک بن النضر، ج 1، ص 276
[2] الطبقات الكبري لابن سعد، عمر بن عبد العزيز، ج 5، ص 318
[3] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، فصل و من اعظامه و اكباره ... الخ، ج 2، ص 57

وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مبارڪ هٿ سان ڪمان به ڪنئي آهي. ته ان وقت ڪان مان ڪمان جو ايترو ادب ۽ احترام ڪندو آهيان جو بغير وضو ڪنهن ڪمان کي هٿ ناهيان لڳائيندو.[1] (شفا شريف جلد 2 ص 44)

(7) حضرت امام مالڪ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي آڏو ڪنهن هي چيو ته ”مديني جي مٽي خراب آهي“ اهو ٻڌي امام صاحب هي فتويٰ ڏني ته هن گستاخ کي ٽيهه درا هنيا وڃن ۽ هن کي قيد ڪيو وڃي وڏيڪ هي به فرمايائون ته ان شخص کي قتل ڪرڻ جي ضرورت آهي جيڪو هيئن چوي ته مديني جي مٽي سٺي ناهي.[2] (شفا شريف جلد 2 ص 44)

(8) هڪ ڏينهن سقيفهء بني ساعده ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجن اصحابن سان گڏ رونق افروز هئا. رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سهل بن سعد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي فرمايو ته اسان کي پاڻي پياريو. حضرت سهل بن سعد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هڪ پيالي ۾ کين پاڻي پياريو. حضرت ابو حازم جو بيان آهي ته اسان سهل بن سعد وٽ مهمان ٿياسين ته انهن اهو ئي پيالو اسان جي لاءِ ڪڍيو ۽ برڪت حاصل ڪرڻ خاطر اسان انهيءَ پيالي ۾ پاڻي پيتو. ان پيالي کي حضرت عمر بن عبد العزيز اموي خليفي عادل رَضِیَ اللهُ عَنْهُ حضرت سهل بن سعد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان گُهري پاڻ وٽ رکي ڇڏيو.[3] (صحيح مسلم جلد 2 ص 169 باب اباحة النبيذ الذي الخ)

(9) جڏهن بنو حنيفه جو وفد بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو ته ان وفد

---

[1] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، فصل و من اعظامه و اكباره ... الخ، ج 2، ص 57
[2] الشفاء بتعريف حقوق المصطفيٰ، فصل و من اعظامه و اكباره ... الخ، ج 2، ص 57
[3] صحيح مسلم، كتاب الاشربة، باب اباحة النبيذ ... الخ، الحديث: 2007، ص 1112

۾ حضرت سيار بن طلق يمامي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بہ هئا انهن عرض ڪيو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مونکي پنهنجي پهراڻ شريف جو هڪڙو ٽڪرو عنايت فرمايو مان ان سان پنهنجي دل وندرائيندو رهندس. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي درخواست منظور فرمائي کين پهراڻ شريف جو هڪ ٽڪرو ڏئي ڇڏيو. انهن جي پوٽي محمّد بن جابر جو بيان آهي تہ منهنجا والد چوندا هئا تہ اهو مقدس ٽڪرو سالن تائين اسان وٽ هيو ۽ اسان ان کي ڏوئي شفا حاصل ڪرڻ خاطر بيمارن کي پيارينداهئاسين.[1] (اصابہ ترجمہ سيار بن طلق)

## (10) ڪَليءَ جو منهن ڪٽي ڇڏيو

هڪ صحابيہ حضرت ڪبشہ انصاريہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي گهر حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تشريف کڻي ويا ۽ انهن جي ڪَليءَ سان منهن لڳائي رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پاڻي نوش فرمايو تہ حضرت ڪبشہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ان ڪَليءَ جو منهن ڪٽي تبرڪاً پاڻ وٽ رکي ڇڏيو.[2] (ابن ماجہ ص 253 باب الشرب قائماً)

(11) حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مقدس تلوار "ذو الفقار" حضرت زين العابدين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وٽ هئي. جڏهن حضرت امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي شهادت کان پوءِ هو مديني منوره موٽي آيا تہ حضرت مسور بن مخرمہ صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کين چيو تہ مون کي هي خطرو محسوس ٿي رهيو آهي تہ بنو اميہ توهان کان اها تلوار ڦري وڃندا. تنهنڪري اوهان مونکي اها تلوار ڏئي ڇڏيو

---

[1] الاصابة في تميز الصحابة، سيار بن طلق اليمامي، ج 3، ص 194

[2] سنن ابن ماجہ، كتاب الاشربة، باب الشرب قائما، الحديث: 3423، ج 4، ص 80

جيسيتائين منهجي جسم ۾ جان آهي ڪير به اها مونکان ڪسي نٿو سگهي.[1]

(بخاري جلد 1 ص 438 باب ما ذكر من درع النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

## (6) مدح رَسُول

هرامتي تي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هي به حق آهي جنهن کي ادا ڪرڻ امّت تي لازم آهي ته رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مدح ۽ ثنا جو هميشه اعلان ۽ چرچو ڪندا رهن ۽ انهن جي فضائل ۽ ڪمالات کي علي الاعلان بيان ڪندا رهن.

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فضائل ۽ محاسن جو ذڪرِ جميل رب العالمين جَلَّ جَلَالُهٗ ۽ تمام انبياء ۽ مرسلين عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالتَّسْلِيْم جو مقدس طريقو آهي. الله تعاليٰ قرآن ڪريم کي پنهنجي حبيب جي مدح ۽ ثنا جي قسم قسم جي رنگين گلن جو هڪ حسين گلدستو بڻائي نازل فرمايو آهي ۽ سڄي قرآن ۾ سندن مقدس نعت ۽ صفات جون آيتون اهڙي طرح چمڪي رهيون آهن جهڙي طرح آسمان تي تارن جي قطار پنهنجن تجلين جو نور پکيڙيندي رهندي آهي. ۽ اڳين نبين جا مقدس آسماني ڪتاب به اعلان ڪري رهيا آهن ته هر نبي ۽ رسول، الله جي حبيب جي مدح ۽ ثنا جو نقيب ۽ سندن فضائل ۽ محاسن جو خطيب بڻجي پوري زندگي فضائلِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فضل ۽ ڪمال ۽ انهن جي شان ۽ شوڪت جو نغارو وڄائيندو رهيو. اهو ئي سبب

---

[1] صحيح البخاري، كتاب فرض الخمس، باب ما ذكر من درع النبي ... الخ، الحديث: 3110، ج 2، ص 344

آهي جو صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جي مقدس دور ۾ هزارين صحابہءِ ڪبار گهٽي گهٽي ۽ جهنگ جهر ۾ لڙائي جي ميدان ۾ نعت رسول جي نغمن سان عظيم انقلاب برپا ڪري اهڙا اهڙا عظيم شاهڪار عالَمِ وجود ۾ آندائون جو ڪائنات هستي ۾ هدايت جي بادِ صبا سان هزارين گل پيدا ٿي پيا ۽ دورِ صحابہ کان اڄ تائين پياري رسول جي خوشنصيب مداحن نظم ۽ نثر ۾ نعت پاڪ جو ايترو وڏو ذخيرو جمع ڪيو آهي جو جيڪڏهن انهن جو شمار ڪيو وڃي تہ دفترن جا ورق تہ ڇا سموري زمين جي وسعت بہ انهن کي سمائي نہ ٿي سگهي.

حضرت حسان بن ثابت، حضرت عبد الله بن رواحہ ۽ ڪعب بن زهير وغيره صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم دربار نبوّت جي شاعر هجڻ جي حيثيت سان اهڙا اهڙا نعتِ پاڪ جا نذرانا پيش ڪيا جو اڄ تائين وڏا وڏا باڪمال شاعر انهن کي ٻڌي جهومندا رهندا آهن ۽ اِنْ شَآءَ اللّٰه قيامت تائين حضور سرور عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مدح ۽ ثنا جو چرچو نظم ۽ نثر ۾ انهيءَ شان سان ٿيندو رهندو.

رہے گا یونہی ان کا چرچا رہے گا　　پڑے خاک ہو جائیں جل جانے والے

## (7) درود شريف

هر مسلمان تي واجب آهي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود شريف پڙهندو رهي. جيئن خالقِ ڪائنات جَلَّ جَلَالُهٗ جو حڪم آهي تہ:

اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ؕ
يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿۵۶﴾ [1] (احزاب)

ترجمو ڪنز الايمان: بيشڪ الله ۽ ان جا ملائڪ نبي تي درود موڪليندا آهن اي ايمان وارؤ! توهان به انهن تي درود پڙهندا رهو ۽ انهن تي سلام موڪليندا رهو جيئن سلام موڪلڻ جو حق آهي.

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشاد آهي تہ جيڪو مون تي هڪ دفعو درود شريف موڪليندو آهي الله تعالي ان تي ڏهہ دفعا درود شريف (رحمت) موڪليندو آهي.[2]

الله اڪبر! شهنشاهِ ڪونين جي شانِ محبوبيت جي ڇا ڳالهہ ڪجي! هڪ حقير ۽ ذليل بانهو خدا جي پيغمبر جي بارگاهِ عظمت ۾ درود شريف جو نذرانو موڪلي ٿو تہ خداوند جليل ان جي بدلي ۾ ڏهہ رحمتون ان بانهي تي نازل فرمائي ٿو.

درود شريف جون فضيلتون ۽ فائدا تمام گهڻا آهن هتي اختصار جي لحاظ کان اسان ان جو ذڪر نہ ڪيو. خداوند ڪريم اسان سيني مسلمانن کي گهڻي کان گهڻو درود شريف پڙهڻ جي توفيق عطا فرمائي. (آمين)

## (8) قبرِ انور جي زيارت

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قبرِ مقدسہ جي زيارت

---

[1] پ 22، سورة الاحزاب، آيت: 56

[2] صحيح مسلم ڪتاب الصلوٰة باب الصلوٰة علي النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ... الخ، الحديث: 408، ص 216

سنّت موڪده قريب بواجب آهي. الله تعالي قرآن مجيد ۾ ارشاد فرمايو تہ:

وَلَوْ اَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْۤا اَنْفُسَهُمْ جَآءُوْكَ فَاسْتَغْفَرُوا اللّٰهَ وَاسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُوْلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِيْمًا ﴿۶۴﴾ [1] (نساء)

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ جيڪڏهن اِهي ماڻهو جنهن وقت پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪن ٿا ، توهان وٽ اچن ها ۽ الله کان معافي گهرن ها ۽ رسول انهن جي لاءِ معافي جي دعا فرمائن ها تہ اِهي ماڻهو الله کي تمام گهڻو بخشڻهار، مهربان لهن ها.

هن آيت ۾ گناهگارن جي گناهن جي بخشش لاءِ ارحم الرّاحمين ٿي شرطون رکيون آهن پهريون دربارِ رسول ۾ حاضري. ٻيو استغفار. ٽيون رسول جي دعاءِ مغفرت. هي حڪم حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري دنياوي حيات تائين ئي محدود ڪونهي بلڪ روضۂ اقدس جي حاضري بہ يقيناً دربارِ رسول جي ئي حاضري آهي. جيئن تہ علماءِ ڪرام وضاحت فرمائي ڇڏي آهي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دربار جو هي فيض سندن وفات اقدس سان منقطع ناهي ٿيو. تنهنڪري جيڪو گنهگار قبرِ انور وٽ حاضر ٿي وڃي ۽ اتي خدا کان معافي طلب ڪري ۽ جيئن تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ پنهنجي قبرِ انور ۾ پنهنجي امت جي لاءِ استغفار فرمائيندا ئي رهندا آهن. مطلب تہ ان گنهگار جي لاءِ مغفرت جون ٽئي شرطون پايون ويون. تنهنڪري اِنْ شَآءَ اللّٰه ان جي مغفرت ضرور ٿي ويندي.

---

[1] پ 5، سورة النساء، آيت: 64

اهو ئي سبب آهي جو چئني مذهبن جي علماءِ ڪرام مناسڪ حج ۽ زيارت جي ڪتابن ۾ هي تحرير فرمايو آهي تہ جيڪو بہ شخص روضہءِ منوره جي حاضري ڏي ان جي لاءِ مستحب آهي تہ هن آيت کي پڙهي ۽ پوءِ خدا کان مغفرت جي دعا گهري.

مٿي ذڪر ڪيل آيت مبارڪ کان علاوه ڪيترين ئي حديثون بہ روضي مبارڪ جي زيارت جي فضائل جي باري ۾ وارد ٿيون آهن. جن کي علاّمہ سمهودي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ڪتاب ”وفاءُ الوفا“ ۽ ٻين مستند سلف صالحين علماءِ دين پنهنجن پنهنجن ڪتابن ۾ نقل فرمايو آهي. اسان هتي مثال طور صرف ٽي حديثون بيان ڪيون ٿا.

(1) مَنْ زَارَ قَبْرِيْ وَجَبَتْ لَهٗ شَفَاعَتِيْ[1] (دارقطني و بيهقي وغيره)

جنهن منهنجي قبر جي زيارت ڪئي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي.

(2) مَنْ حَجَّ الْبَيْتَ وَلَمْ يَزُرْنِيْ فَقَدْ جَفَانِيْ[2] (كامل ابن عدي)

جنهن بيت الله جو حجّ ڪيو ۽ منهنجي زيارت نہ ڪئي ان مون تي ظلم ڪيو.

(3) مَنْ زَارَنِيْ بَعْدَ مَوْتِيْ فَكَاَنَّمَا زَارَنِيْ فِيْ حَيَاتِيْ وَمَنْ مَّاتَ بِاَحَدِ الْحَرَمَيْنِ بُعِثَ مِنَ الْاٰمِنِيْنَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ[3] (دارقطني وغيره)

---

[1] سنن الدارقطني، كتاب الحج، باب المواقيت، الحديث: 2669، ج 2، ص 351

[2] الكامل في ضعفاء الرجال، النعمان بن شبل الباهلي البصري، ج 8، ص 248

[3] سنن الدارقطني، كتاب الحج، باب المواقيت، الحديث: 2668، ج 2، ص 351

جنهن منهنجي وفات کان بعد منهنجي زيارت ڪئي ان جڻ منهنجي حياتيءَ ۾ منهنجي زيارت ڪئي ۽ جيڪو حرمين شريفين مان ڪنهن هڪ ۾ مري ويو اهو قيامت جي ڏينهن امن وارن جي جماعت ۾ اٿاريو ويندو.

تنهنڪري صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جي مقدس زماني کان وٺي اڄ ڏينهن تائين سموري دنيا جا مسلمان قبر منور جي زيارت ڪندا ۽ سندن مقدس بارگاهہ ۾ توسل ۽ استغاثو پيش ڪندا رهيا آهن ۽ اِنْ شَآءَ الله قيامت تائين هي مبارڪ سلسلو جاري رهندو.

جيئن تہ حضرت امير المؤمنين علي المرتضي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ وفات اقدس کان ٿي ڏينهن بعد هڪ اعرابي مسلمان آيو ۽ قبر انور کي ڀاڪر پائي چنبڙي پيو پوءِ ڪجهہ مٿي مٿي تي وجهي هيئن عرض ڪرڻ لڳو

يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان جيڪو ڪجهہ فرمايو اسان ان تي ايمان آندو آهي. الله تعالي توهان تي قرآن نازل فرمايو جنهن ۾ ان ارشاد فرمايو: وَ لَوْ اَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْۤا اَنْفُسَهُمْ .... الخ[1] تہ يا رسول الله (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) مان پنهنجي جان تي (گناهہ ڪري) ظلم ڪيو آهي ان لاءِ مان توهان وٽ آيو آهيان تہ جيئن توهان منهنجي حق ۾ مغفرت جي دعا فرمايو. اعرابي جي ان فرياد جي جواب ۾ قبر انور مان آواز آيو تہ ”اي اعرابي! تون بخشيو وئين“[2] (وفاء الوفا جلد 2 ص 412)

---

[1] پ 5، سورة النساء، آيت: 64

[2] وفاء الوفاء للسمهودي، الفصل الثاني في بقية ادلة الزيارة ... الخ، ج 2، ص 1361

## ضروري تنبيه

ناظرينِ ڪرام هي ٻڌي حيران ٿيندا تہ مون پاڻ پنهنجين اکين سان ڏٺو آهي تہ گنبد خضرا جي اندر مواجهہ اقدس ۽ ان جي ڀرسان مسجد نبوي جي ڀتين تي قبرِ انور جي زيارت جي فضيلت جي باري ۾ جيڪي حديثون لکيل هيون، نجدي حڪومت انهن تي مسالو لڳائي مٽائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جيتوڻيڪ انهن جا ڪجهہ اکر هاڻي بہ ظاهر آهن. اهڙي طرح مسجدِ نبوي جي گنبذن جي اندرين حصن ۾ قصيده برده شريف جي جن شعرن ۾ توسل ۽ استغاثہ جا مضمون هئا انهن سيني کي مٽايو ويو آهي. بقايا اشعار ان وقت تائين باقي گنبذن تي موجود هئا. مان جيڪو ڪجهہ ڏٺو آهي اهو جولاءِ 1959 جو واقعو آهي تنهن کان پوءِ اتي ڪهڙي تبديلي واقع ٿي ان جو حال نون حاجين کان معلوم ڪرڻ گهرجي.

## ابن تيميہ جي فتوىٰ

ڪجهہ ماڻهو انبياء ڪرام، اولياء ۽ شهداء جي مزارن جي طرف سفر ڪرڻ کي حرام ۽ ناجائز ٻڌائيندا آهن. جيئن وهابين جي مورث اعلي ابن تيميہ تہ کليل لفظن ۾ هي فتوىٰ ڏئي ڇڏي تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي روضي مبارڪ جي زيارت جي ارادي سان سفر ڪرڻ گناهہ آهي تنهنڪري ان سفر ۾ نمازن جي اندر قصر جائز نہ آهي. (معاذ الله)

ابن تيميہ جي ان فتوىٰ سان شام ۽ مصر ۾ تمام وڏو فتنو برپا ٿي ويو. پوءِ شامين ابن تيميہ جي باري ۾ علماءِ حق کان فتويٰ طلب ڪئي ۽ علاّمہ برهان بن ڪاح فزاري تقريباً چاليهن

سِنُن ۾ فتوىٰ لکي ابن تيميه کي ”کافر“ قرار ڏنو ۽ علاّمه شهاب بن جهبل ان فتويٰ تي پنهنجي مهرِ تصديق لڳائي. پوءِ مصر ۾ اها ئي فتويٰ حنفي، شافعي، مالڪي، حنبلي چئني مذهبن جي قاضين جي آڏو پيش ڪئي وئي. جيئن ته علاّمه بدر بن جماعه شافعي ان تي هي فيصلو ڏنو ته ابن تيميه کي اهڙي باطل فتوائن کان سختي سان روڪيو وڃي جيڪڏهن نه مُڙي ته ان کي قيد ڪيو وڃي ۽ محمد بن الجريري حنفي هي حڪم ڏنو ته بغير ڪنهن شرط جي ان کي فوري قيد ڪيو وڃي ۽ محمد بن ابي بڪر مالڪي هي حڪم ڏنو ته انکي اهڙي قسم جي سخت تنبيهه ڪئي وڃي جو هو اهڙن فسادن کان مُڙي وڃي ۽ احمد بن عمر مقدسي حنبلي به اهڙو ئي حڪم لکيو نتيجو هي ٿيو جو ابن تيميه شعبان سن 726 هه ۾ دمشق جي قلعي ۾ قيد ڪيو ويو ۽ جيل خاني ۾ ئي 20 ذوالقعده سن 728 هه تي هو هن دنيا مان رخصت ٿيو. آخرت جو پڇاڻو اجا باقي آهي.[1] (منقول از سيرت رسول عربي ص 533)

## حديث ”لا تشد الرّحال“

ابن تيميه ۽ ان جي معنوي اولاد يعني وهابي فرقو قبرِ انور جي زيارت کان منع ڪرڻ جي لاءِ بخاري جي هن حديث کي بطور دليل پيش ڪندو آهي ته رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته:

لَا تُشَدُّ الرِّحَالُ اِلَّا اِلٰى ثَلٰثَةِ مَسَاجِدَ اَلْمَسْجِدِ الْحَرَامِ وَ مَسْجِدِ الرَّسُوْلِ وَ مَسْجِدِ الْاَقْصٰى[2]

---

[1] سيرت رسول عربي، باب امت تي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حقن جو بيان، ص 505

[2] صحيح البخاري، كتاب فضل الصلاة في مسجد مكة و المدينة، باب فضل الصلاة ... الخ، الحديث: 1189، ج 1، ص 401

ڪجاوا نہ ٻڌا وڃن پر ٽن مسجدن ئي يعني مسجد حرام ۽ مسجد رسول ۽ مسجد اقصيٰ جي طرف.

(بخاري جلد 1ص 158 باب فضل الصلوٰة في مسجد مكة و المدينة )

هن حديث جو سڌو سنئون مطلب جيڪو حديث جي شرح ڪندڙ سيني عالمن سمجهيو آهي، هي آهي تہ سڄي دنيا ۾ ٽي مسجدون يعني مسجد حرام، مسجد رسول ۽ مسجد اقصيٰ اهڙيون مسجدون آهن جن کي سڄي دنيا جي مسجدن تي اجر ۽ ثواب جي معاملي ۾ هڪ خاص فضيلت حاصل آهي. تنهڪري انهن ٽنهي مسجدن جي طرف ڪجاوا ٻڌي پري پري کان سفر ڪري وڃڻ گهرجي پر انهن ٽن مسجدن کان سواءِ سڄي دنيا جون مسجدون جيئن تہ اجر و ثواب جي معاملي ۾ برابر آهن. ان لاءِ انهن ٽن مسجدن کان سواءِ ڪنهن ٻي مسجد جي طرف ڪجاوا ٻڌي پري پري کان سفر ڪرڻ جي ڪا ضرورت نہ آهي. هن حديث کي مشاهده مقابر (يعني قبرن) جي طرف سفر ڪرڻ يا نہ ڪرڻ سان تہ ڪو تعلق ئي نہ آهي.

جيڪڏهن هن ڳالهہ کي عالمن جي زبان ۾ سمجهڻو هجي تہ هيئن سمجهو تہ اِلَّا اِلٰى ثَلٰثَةِ مَسَاجِدَ مستثنىٰ مفرغ آهي ۽ ”مستثنىٰ مفرغ“ ۾ ”مستثنىٰ منہ“ هميشہ اهو ئي مقدر مڃيو ويندو جيڪو مستثنىٰ جي قِسم مان هجي مثال طور ”مَا جَاءَنِيْ اِلَّا زَيْدٌ“ ۾ لفظ جِسْمٌ يا حَيَوَانٌ کي مستثنيٰ منہ مقدر نہ مڃيو ويندو ۽ هن عبارت جو مطلب ”مَا جَاءَنِيْ جِسْمٌ اِلَّا زَيْدٌ“ يا ”مَا جَاءَنِيْ حَيَوَانٌ اِلَّا زَيْدٌ“ نہ مڃيو ويندو بلڪہ ان جو مطلب اهو ئي مڃيو ويندو تہ ”مَا جَاءَنِيْ رَجُلٌ

اِلَّازَيْدٌ“ تہ هن حديث ۾ بہ ”مستثنیٰ منه“ بجز لفظ ”مسجد“ ٻيو ڪو هرگز ٿي ئي نٿو سگهي تنهنڪري حديث جي اصل عبارت هيءَ ٿي تہ ”لَا تُشَدُّ الرِّحَالُ اِلٰى مَسْجِدٍ اِلَّا اِلٰى ثَلٰثَةِ مَسَاجِدَ“ ”يعني ٽن مسجدن کان علاوه ڪنهن ٻي مسجد جي طرف ڪجاوا نہ ٻڌا وڃن.

جيئن هن حديث جي ڪجهہ روايتن ۾ اهو لفظ آيو بہ آهي. مثال طور هڪ روايت ۾ هيئن آيو آهي تہ لا ينبغى للمطى ان يشد رحاله الى مسجد يبتغى فيه الصلاة غير المسجد الحرام و المسجد الاقصٰى و مسجدى هٰذا[1] (قسطلاني و عمدة القاري)

يعني سوارين تي ڪجاوا ڪنهن بہ مسجد جي طرف نماز جي ارادي سان نہ ٻڌا وڃن سواءِ مسجد حرام ۽ مسجدِ اقصیٰ ۽ منهنجي هن مسجد جي.

ملاحظہ فرمايو تہ هن حديث ۾ مستثنیٰ منه ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ اهو اِلَى مَسْجِدٍ آهي بهرحال وهابين عداوتِ رسول ۾ هن حديث جو مطلب بيان ڪرڻ ۾ ايڏي وڏي جهالت جو ثبوت ڏنو آهي جو قيامت تائين تمام اهلِ علم انهن جي جهالت تي ماتم ڪندا رهندا.

## بارگاهہ خداوندي ۾ رسول جو وسيلو

حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بارگاهِ الٰهي ۾ وسيلو بڻائي

[1] عمدة القاري شرح صحيح البخاري، كتاب فضل الصلوة في مسجد مكة و المدينة، باب فضل الصلوة في مسجد مكة ... الخ، الحديث: 1189، ج 5، ص 563، 564، 566

دعا گهرڻ جائز بلڪ مستحب آهي. ان کي ئي توسل، استغاثہ ۽ تشفع وغيره لفظن سان تعبير ڪيو ويندو آهي. حضور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَام کي خدا جي بارگاهہ ۾ وسيلو بڻائڻ حضرات انبياء مرسلين جي سنّت ۽ سلف صالحين جو مقدس طريقو آهي ۽ هي توسل حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ولادت شريف کان پهريان، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ظاهري حيات ۾ ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي وفات کان بعد تنهي حالتن ۾ ثابت آهي.

تنهنڪري اسان هتي تنهي حالتن ۾ سندن وسيلو وٺڻ جا ڪجهہ مثال نهايت ئي اختصار سان ذڪر ڪيون ٿا.

## (1) ولادت کان اڳ ۾ توسّل

روايت آهي تہ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام دنيا ۾ اچي باري تعالىٰ کان هيئن دعا گهري تہ يَا رَبِّ اَسْئَلُكَ بِحَقِّ مُحَمَّدٍ اَن تَغْفِرَ لِيْ اي منهنجا پروردگار! مان توکان محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وسيلي سان سوال ڪريان ٿو تہ تون مونکي معاف فرمائي ڇڏ.

الله تعالىٰ ارشاد فرمايو تہ اي آدم! تو محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي ڪهڙي طرح سڃاتو حالانڪہ مون اجان تائين انهن کي پيدا بہ نہ فرمايو آهي؟ حضرت آدم عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام عرض ڪيو تہ اي منهنجا پروردگار! جڏهن تو مونکي پيدا فرمائي منهنجي بدن ۾ روح ڦوڪيو تہ مون مٿو کڻي ڏٺو تہ عرش عظيم جي پاون تي لا اله الا الله محمد رسول الله لکيل آهي. ان مان آءُ سمجهي ويس تہ تو جنهن جي نالي کي پنهنجي نالي سان گڏ ملائي عرش تي تحرير ڪرايو آهي سو يقيناً تنهنجو سڀ کان وڌيڪ محبوب هوندو. الله

تعالىٰ فرمايو تہ اي آدم (عَلَيْهِ السَّلَام) بيشڪ تو سچ چيو اهو منهنجي ويجهو تمام مخلوق کان وڌيڪ محبوب آهي ڇو تہ تو ان کي منهنجي بارگاهہ ۾ وسيلو بڻايو آهي ان لاءِ مون توکي معاف ڪري ڇڏيو ۽ ٻڌي ڇڏ تہ جيڪڏهن محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) نہ هجن ها تہ مان توکي پيدا نہ ڪريان ها. هن حديث کي امام بيهقي روايت ڪيو آهي.[1] (روح البيان، سوره احزاب، ص 230)

## (2) ظاهري حيات اقدس ۾ توسل

حضرات صحابہ ڪرام سندن مقدس مجلس ۾ حاضر ٿي جهڙي طرح پنهنجي دين ۽ دنيا جون تمام حاجتون طلب فرمائيندا هئا اهڙي طرح پنهنجي دعائن ۾ ڪين وسيلو بہ بڻائيندا هئا. بلڪ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ ڪجهہ صحابہ ڪرام کي هي تعليم ڏني تہ هو پنهنجين دعائن ۾ رسول جي مقدس ذات کي خداوند تعالىٰ جي بارگاهہ ۾ وسيلو بڻائن. جيئن ”معجزات“ جي ذڪر ۾ توهان هڪ نابين جي باري ۾ هي حديث پڙهي چڪا آهيو تہ هڪ نابين بارگاهہ اقدس ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين تہ توهان الله تعالىٰ کان دعا گهرو تہ هو مونکي عافيت بخشي رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو جيڪڏهن تون چاهين تہ مان دعا ڪريان ۽ جيڪڏهن تون چاهين تہ صبر ڪر، صبر تنهنجي حق ۾ بهتر آهي. جڏهن هن دعا جي لاءِ اصرار ڪيو تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي حڪم ڏنو تہ تون چڱي طرح وضو ڪري هيئن دعا گهر تہ:

---

[1] تفسير روح البيان، الجزءُ الثاني و العشرون، سورة الاحزاب، ج 7، ص 230

اَللّٰهُمَّ اِنِّیْ اَسْئَلُکَ وَ اَتَوَجَّهُ اِلَیْکَ بِنَبِیِّکَ مُحَمَّدٍ نَبِیِّ الرَّحْمَةِ یَا مُحَمَّدُ اِنِّیْ تَوَجَّهْتُ بِکَ اِلٰی رَبِّیْ فِیْ حَاجَتِیْ هٰذِهٖ لِتُقْضٰی لِیْ اَللّٰهُمَّ فَشَفِّعْهُ فِیَّ

يا الله! مان تنهنجي بارگاهه ۾ سوال ڪريان ٿو ۽ تنهنجي نبي، نبي رحمت (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جو وسيلو پيش ڪريان ٿو يا محمّد! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) مون پنهنجي پالڻهار جي بارگاهه ۾ توهان جو وسيلو پيش ڪيو آهي پنهنجي هن ضرورت ۾ جيئن اها پوري ٿي وڃي يا الله! تون منهنجي حق ۾ حضور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي شفاعت قبول فرماءِ.

هن حديث کي ترمذي ۽ نسائي روايت ڪيو آهي ۽ ترمذي چيو ته هذا حديث حسن صحيح غريب ۽ امام بيهقي ۽ طبراني به هن حديث کي صحيح چيو آهي پر امام بيهقي ايترو وڌيڪ چيو آهي ته ان نابين ائين ڪيو ۽ ان جون اکيون نيڪ ٿي ويون.[1]

(وفاءُ الوفا جلد 2 ص 430)

## دعاءِ نبوي ۾ وسيلو

حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي والده ماجده حضرت فاطمه بنت اسد رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو جڏهن انتقال ٿيو ۽ انهن جي قبر تيار ٿي وئي ته خود حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجن مبارڪ هٿن سان انهن جي قبر جي لحد کوٽي پوءِ ان قبر ۾ ليٽي رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هيئن دعا گهري ته

[1] سنن الترمذي، كتاب احاديث شتي، باب 118، الحديث: 3589، ج 5، ص 336، و وفاء الوفا للسمهودي، الفصل الثالث في توسل الزائر و تشفعه ... الخ، ج 2، ص 1372

يا الله! منهنجي ماءُ (چاچي) فاطمہ بنت اسد کي بخشي ڇڏ ۽ ان تي سندس قبر کي ڪشادو فرماءِ. وسيلي پنهنجي نبي جي ۽ انهن نبين جي وسيلي جيڪي مونکان پهريان ٿيا آهن ڇو تہ تون ارحم الراحمين آهين.[1] (وفاءُ الوفا جلد 2 ص 89)

جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ننڍپڻ ۾ ابو طالب جي ڪفالت ۾ هئا تہ حضور جي اها چاچي يعني ابو طالب جي گهرواري فاطمہ بنت اسد سندن خاص خيال رکنديون هيون هئي ان ئي احسان جو بدلو هو جو پاڻ انهن کي پنهنجي چادر مبارڪ جو ڪفن پارايو ۽ پاڻ پنهنجي دستِ اقدس سان انهن جي قبر جي لحد کوٽي ۽ انهن جي قبر ۾ ڪجهہ دير ليٽي دعا فرمائي.

الله اڪبر! والله! ان قبر ۾ قيامت تائين رحمت جي گلن جي برسات وسندي رهندي جنهن قبر واري تي رحمة للعالمين جي رحمت جو ايترو وڏو ڪرم ٿيو.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى نَبِيِّكَ نَبِيِّ الرَّحْمَةِ وَآلِهٖ وَصَحْبِهٖ دَائِمًا اَبَدًا

## (3) وفات اقدس کان بعد توسل

وفات اقدس کان بعد بہ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم پنهنجي حاجتن ۽ مصيبتن وقت حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجين دعائن جو وسيلو بڻائيندا هئا بلڪ ڪين پڪاري استغاثو ڪندا هئا.

---

[1] وفاء الوفا للسمهودي، الفصل السادس القبور التي نزلها رسول الله ... الخ، ج 2، ص 898، 899

## برسات جي لاءِ استغاثو

حضرت امير المؤمنين فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي دورِخلافت ۾ ڏڪار پئجي ويو تہ حضرت بلال بن حارث صحابي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قبر انور تي حاضر ٿي عرض ڪيو تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي امت جي لاءِ برسات جي دعا فرمايو اها هلاڪ ٿي رهي آهي. رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ انهن کي ارشاد فرمايو تہ تون حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ وٽ وڃي منهنجو سلام چئہ ۽ بشارت ڏئي ڇڏ تہ برسات ٿيندي ۽ هي بہ چئجان تہ اهي نرمي اختيار ڪن. ان شخص بارگاهِ خلافت ۾ حاضر ٿي خبر ڏئي ڇڏي. حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هي ٻڌي رنا پوءِ چيائون اي رب! مان ڪوتاهي ناهيان ڪندو پر ان شيءِ ۾ جنهن کان مان عاجز آهيان.[1] (وفاءُ الوفا)

## فتح جي لاءِ حضور جو وسيلو

امير المؤمنين سيّدُنا فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ حضرت عبد الله بن قرط رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي هٿ پنهنجو خط اميرِ لشڪر حضرت ابو عبيده بن جراح رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي نالي مقام "يرموڪ" ۾ موڪليو ۽ سلامتي جي دعا گهري. حضرت عبد الله بن قرط رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جڏهن مسجد نبوي کان ٻاهر آيا تہ انهن کي خيال آيو تہ مونکان وڏي غلطي ٿي وئي جو مون روضۂ اقدس تي سلام عرض نہ ڪيو. تنهنڪري واپس موٽي وڃي جڏهن قبر انور تي حاضر ٿيا تہ اتي حضرت عائشہ، حضرت عباس، حضرت علي، حضرت امام حسن ۽ حضرت امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُم حاضر هئا. حضرت عبد الله بن

---

[1] وفاءُ الوفا للسمهودي، الفصل الثالث في توسل الزائر و تشفعه ... الخ، ج 2، ص 1374

قرط رَضِیَ اللهُ عَنْهُ انهن حضرات کي جنگ يرموڪ ۾ اسلام جي فتح جي لاءِ دعا جي درخواست ڪئي تہ حضرت علي ۽ حضرت عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا هٿ کڻي هيئن دعا گهري تہ:

يا الله! اسان اُن نبي مصطفيٰ ۽ رسول مجتبيٰ جن جي وسيلي سان حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي دعا قبول ٿي وئي ۽ خدا انهن کي معاف فرمائي ڇڏيو انهن جي ئي وسيلي سان دعا ٿا ڪيون تہ تون حضرت عبد الله بن قرط رَضِیَ اللهُ عَنْهُ تي انهن جو رستو آسان ڪري ڇڏ ۽ پري کي ويجهو ڪري ڇڏ ۽ پنهنجي نبي جي اصحابن جي مدد فرمائي انهن کي فتح عطا فرماءِ.

ان کان پوءِ حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ حضرت عبد الله بن قرط رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي فرمايو هاڻي توهان وڃو. الله تعالىٰ حضرت عمر، عباس، علي، حسن، حسين ۽ ازواج نبي (رَضِیَ اللهُ عَنْهُم) جي دعا کي رد نہ فرمائيندو ڇاڪاڻ تہ انهن ماڻهن سندس بارگاهہ ۾ ان نبي جو وسيلو پيش ڪيو آهي جيڪي اڪرم الخلق آهن.[1]

(فتوح الشام جلد اول ص 105)

## حضرت عمر جي دعا ۾ وسيلو

حضرت انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ امير المؤمنين حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن جي دورِ خلافت ۾ جڏهن ڏڪار پئجي ويندو هو تہ هو هن طرح دعا گهرندا هئا تہ:

يا الله! اسان تنهنجي نبي کي وسيلو بڻائي دعا گهرندا هئاسين تہ تون اسان کي برسات عطا فرمائيندو هُئين هاڻي اسان

[1] فتوح الشام، جبلة بن الايهم، الجزء 1، ص 167 — 169

تنهنجي دربار ۾ تنهنجي نبي جي چاچي (حضرت عباس) کي وسيلو بڻائي دعا ٿا ڪريون تنهنڪري تون اسان کي برسات عطا فرماءِ.[1] (بخاري جلد 1 ص 137 باب سوال الناس الامام الاستسقاء)

مطلب ته صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کان بعد تابعين، تبع تابعين ۽ ٻين سلف صالحين هميشه حضور رحمة للعالمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ذات اقدس سان توسل ۽ استغاثي جو سلسلو جاري رکيو ۽ بحمده تعالىٰ اهل سنّت و جماعت ۾ اڄ ڏينهن تائين اهو سلسلو جاري آهي ۽ اِنْ شَآءَ الله قيامت تائين جاري رهندو. ان سلسلي ۾ سوين ايمان افروز واقعا پيشِ نظر آهن. پر ڪتاب جي ڊگهو ٿي وڃڻ جي خطري قلم کي پابند ڪري ڇڏيو آهي پوءِ به چند واقعا تحرير ڪريان ٿو.

## حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اسّي دينار عطا فرمايا

مشهور حافظ الحديث حضرت محمّد بن منڪدر (متوفي 205 هـ) جو بيان آهي ته هڪ شخص منهنجي والد وٽ اسّي دينار بطور امانت رکيا ۽ هي چئي جهاد لاءِ هليو ويو ته مهنجي واپس اچڻ تائين جيڪڏهن توهان کي انهن جي ضرورت پوي ته خرچ ڪري ڇڏجو. والد ڏڪار جي وقت اها رقم خرچ ڪري ڇڏي. ان شخص جهاد کان واپس اچي پنهنجي رقم جو مطالبو ڪيو. والد صاحب انهن سان واعدو ڪيو ته سياڻي اچجو ۽ رات مسجد نبوي ۾ گذاري ڪڏهن قبر انور کي چمن پيا ته ڪڏهن منبر اقدس سان چنبڙن پيا ان ئي حال ۾ صبح ڪري ڇڏيائون اجان ڪجهه اوندهه ئي هئي ته اوچتو هڪ شخص ظاهر ٿيو اهو هي چئي رهيو هو ته

[1] صحيح البخاري، كتاب الاستسقاء، باب سوال الناس الامام ... الخ، الحديث: 1010، ج 1، ص 346

اي ابو محمّد! هي وٺو. والد صاحب هٿ وڌايو ته ڇا ٿا ڏسن ته اها هڪ ڳوٺري آهي جنهن ۾ اسّي دينار آهن صبح جو والد اهي ئي دينار ان شخص کي ڏئي ڇڏيا.[1]

## قبر انور مان ماني ملي

مشهور بزرگ ۽ صوفي حضرت سيّدُنا ابن جلاد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو بيان آهي ته مان مديني منوره ۾ داخل ٿيس ۽ بکايل هئس مون قبر انور تي حاضر ٿي عرض ڪيو ته يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) مان توهان جو مهمان آهيان ايترو عرض ڪري مان سمهي پيس. خواب ۾ حضور انور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) مونکي هڪ ماني عنايت فرمائي اڌ مون کائي ڇڏي جڏهن منهنجي اک کلي ته اڌ ماني منهنجي هٿ ۾ هئي.[2]

## امام طبراني کي ڪاڏو ڪيئن مليو؟

امام ابو بڪر مقري چون ٿا ته مان، امام طبراني ۽ ابو شيخ ٽئي حرمِ نبوي ۾ بکايل هئاسين جڏهن عشاء جو وقت ٿيو ته مون قبر شريف وٽ حاضر ٿي عرض ڪيو ته يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! "اسان بکارا آهيون" اهو عرض ڪري مان واپس موٽي آيس. امام ابو القاسم طبراني مونکي چيو ويهي رهه رزق ايندو يا موت. ابو بڪر مقري جو بيان آهي مان ۽ ابو شيخ ته سمهي پياسين پر امام طبراني وينا هئا ته هڪ علوي اچي دروازو کڙڪايو اسان کوليو ته ڇا ٿا ڏسون ته ان سان گڏ ٻه غلام آهن جن مان هر هڪ

---

[1] وفاء الوفا للسمهودي، الفصل الثالث في توسل الزائر ... الخ، ج 2، ص 1380، 1381

[2] وفاء الوفا للسمهودي، الفصل الثالث في توسل الزائر ... الخ، ج 2، ص 1380، 1381

جي هٿ ۾ هڪ ٽوڪري آهي جيڪا قسم قسم جي ڪاڏن سان ڀريل آهي. اسان ويهي ڪاڏو ۽ سمجهيو تہ بچيل ڪاڏو غلام ڪٽي ويندو پر هو بقايا ڪاڏو بہ اسان وٽ ڇڏي هليو ويو. جڏهن اسان ڪائڻ کان فارغ ٿياسين تہ علوي اسان کان پڇيو تہ ڇا توهان حضور نبيّ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرياد ڪئي هئي ڇو تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ مونکي حڪم ڏنو تہ مان توهان وٽ ڪجهہ ڪاڏو ڪٽي وڃان.[1]

## هڪ ظالم کي اڌ رنگو (فالج) ٿي پيو

هڪ شخص روضۂ اقدس وٽ نماز فجر جي لاءِ آذان ڏني ۽ جيئن ئي هن "اَلصَّلٰوةُ خَيْرٌ مِّنَ النَّوْمِ" چيو، مسجد جي خادمن مان هڪ شخص اٿي هن کي هڪ چماٽ وهائي ڪڍي. ان شخص روئي عرض ڪيو تہ يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) "توهان جي اڳيان مون سان اهڙو سلوڪ ڪيو وڃي ٿو؟" ان ئي وقت ان خادم کي اڌ رنگو (فالج) ٿي پيو. ان کي اتان کڻي هليا ويا ۽ ٽن ڏينهن کان پوءِ هو مري ويو.[2]

(تذكرة الحفاظ، مصباح الظلام و كتاب الوفا وغيره)

مطلب تہ حضرات انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام ۽ اولياءِ عظام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کان توسّل ۽ استغاثو جائز بلڪ مستحسن آهي. اهو ئي سبب آهي جو لکين رباني عالم ۽ ڪامل ولي هر دور ۾ بزرگان دين کان نظم و نثر ۾ توسّل ۽ استغاثو ڪندا رهيا ۽ اهو ئي اهل سنّت و جماعت جو مقدس مذهب آهي

---

[1] وفاء الوفا للسمهودي، الفصل الثالث في توسل الزائر ... الخ، ج 2، ص 1380، 1381

[2] وفاء الوفا للسمهودي، الفصل الثالث في توسل الزائر و تشفعه ... الخ، ج 2، ص 1382

## حضرت امام اعظم جو استغاثو

جيڪڏهن اسان ان جا مثال تحرير ڪيون ته ڪتاب تمام گهڻو طويل ٿي ويندو مثال طور اسان فقط امام اعظم ابوحنيفه رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي قصيدي جا ٿي شعر تبرڪاً نقل ڪيون ٿا جن ۾ حضرت امام موصوف ڪهڙي طرح دربارِ رسالت ۾ پنهنجو استغاثو پيش ڪيو آهي ان کي عبرت جي نگاهه سان ڏسو ۽ انهن ئي شعرن تي اسان پنهنجو ڪتاب ختم ڪيون ٿا.

ملاحظه فرمايو:

يَا سَيِّدَ السَّادَاتِ جِئْتُكَ قَاصِدًا ۔۔۔ اَرْجُوْا رِضَاكَ وَاَحْتَمِیْ بِحِمَاكَ

اَنْتَ الَّذِیْ لَوْلَاكَ مَا خُلِقَ امْرَؤٌ ۔۔۔ كَلًّا وَّلَا خُلِقَ الْوَرٰی لَوْلَاكَ

اَنَا طَامِعٌ بِالْجُوْدِ مِنْكَ وَلَمْ يَكُنْ ۔۔۔ لِاَبِیْ حَنِيْفَةَ فِی الْاَنَامِ سِوَاكَ

(قصيده نعمانيه)

ترجمو: اي سيّد السادات! مان توهان وٽ ارادو ڪري آيو آهيان مان توهان جي خوشنودي (خوشي) جو اميد وار آهيان ۽ توهان جي پناهه ۾ پناهگير آهيان. توهان جي اها ذات آهي جو جيڪڏهن توهان نه هجو ها ته ڪو به انسان پيدا نه ڪيو وڃي ها ۽ نه ئي ڪا مخلوق عالَمِ وجود ۾ اچي ها. مان توهان جي جود ۽ ڪرم جو اميد وار آهيان. توهان کان سواءِ سموري مخلوق ۾ ابوحنيفه جو ڪو سهارو ڪونهي!

و آخر دعوٰنا ان الحمد لله رب العٰلمين و اكرم الصلوٰة و افضل السلام علٰى سيد المرسلين و آله الطيبين و اصحابه المكرمين و علٰى اهل طاعته اجمعين برحمته و هو ارحم الراحمين

آمين يا رب العالمين

## ہدیہ سلام بحضور عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام

سلام اے مصطفٰی محبوب رحمٰن، یارسول اللہ

سلام اے مجتبٰی محبوب یزداں، یارسول اللہ

سلام اے مطلع انوار سبحاں، یارسول اللہ

سلام اے منبع انہارِ احساں، یارسول اللہ

سلام اے تاجدار بزم امکاں، یارسول اللہ

سلام اے شہریار ملک عرفاں، یارسول اللہ

سلام اے یاورِ محتاج وسلطاں، یارسول اللہ

سلام اے گوہر تاج سلیماں، یارسول اللہ

سلام اے کارساز دردمنداں، یارسول اللہ

سلام اے سرفراز عرشِ یزداں، یارسول اللہ

سلام اے قبلہ دل، کعبہ جاں، یارسول اللہ

سلام اے روح ملت، جانِ ایماں، یارسول اللہ

سلام اے خاتم دور رسولاں، یارسول اللہ

سلام اے کاشف اسرارِ پنہاں، یارسول اللہ

# قطعہ تاریخ تصنیف

از مولوی فضل رسول بن حضرت مصنف مَدَّ ظِلُّہُ الْعَالِی

خدا کی شان! لکھی اعظمی نے جب سیرت
تو خوب خوب ہوئی ملحدوں کی بیخ کنی

نشان حق سے مٹایا طلسم باطل کو
حریم کعبہ میں جیسی ہوئی تھی بت شکنی

ہے تاجدار دو عالم کی سیرت اقدس
ہے اس کے حرفوں پہ قربان گوہر یمنی

لکھی کتاب بہت مختصر مگر جامع
کہ سب خرید سکیں ہوں غریب یا کہ دھنی

قبول کرے الٰہی اسے دو عالم میں
بحق آل محمد پیغمبر مدنی

کہا یہ ہاتف غیبی نے فضل سے ہنس کر
کہ اس کتاب کی تاریخ کتنی اچھی بنی

ملا کے چار سروں کو نکالیے تاریخ
سرِ ولی سرِ صوفی سرِ شریف و غنی

(هتي سَر جي معني آهي: لفظ جو پهريون اکر تنهنکري) ولي جو پهريون اکر "واؤ" صوفي جو پهريون اکر "ص" شريف جو پهريون اکر "ش" ۽ غني جو پهريون اکر "غ" انهن چئن اکرن کي ابجد جي حساب کان جوڙڻ سان ١٣٩٦ ھ جو عدد نهي ٿو هن طرح سان

و ص ش غ

٦ ٩٠ ٣٠٠ ١٠٠٠ ١٣٩٦ ھ

## قطعہ سال طباعت

خدا کی قسم مجھے یہ فضل خدا ہے

کہ سر پر میرے دامن مصطفی ہے

میرے دل میں ہے الفت شاہ طیبہ

میرے سر میں سوداء خیر الوری ہے

میں قربان ہوں ان کے نقش قدم پر

میرا دین وایمان ان کی ادا ہے

نہیں میرے اعمال بخشش کے قابل

مجھے آسرا ان کا روز جزا ہے

ضعیفی میں اک دن خیال آیا مجھ کو

کہ اب جلد ہی موت کا سامنا ہے

خداوند کو منہ دکھانا پڑے گا

عمل ہی وہاں پر مدار جزا ہے

مگر میرے اعمال اچھے نہیں ہیں

جرائم سے آلودہ دامن مرا ہے

میں کس طرح جاؤں گا دربار رب میں

گناہوں کا سر پر مرے ٹوکرا ہے

اچانک مرے دل سے آواز آئی

نہ گھبرا کہ تیرا وسیلہ بڑا ہے

شفیع دو عالم کا تو مدح خواں ہے

تجھے ان کی رحمت سے حصہ ملا ہے

ترا حشر اس شان و شوکت سے ہو گا

کہ تیرے لئے ہر طرف مرحبا ہے

خدا پیار و رحمت سے دیکھے گا تجھ کو

ترے ہاتھ میں ''سیرۃ المصطفی'' ہے

ہزاروں درود اس میں لکھے ہیں تو نے

نبی کی اداؤں کا یہ تذکرہ ہے

خدا کو نہ کیوں پیار آئے گا تجھ پر

کہ تو مدح خوان حبیب خدا ہے

ہوئی اس طرح دل کو میرے تسلی

کہ محشر میں اب پار بیڑا میرا ہے

ہوئی مجھ کو جب فکر سال طباعت

کہا مجھ سے ہاتف نے کیا سوچتا ہے

لکھ اے عظمی اس کا سال طباعت

شمیم نبی سیرۃ المصطفی ہے

۱۳۹۷ ھ

# دعاء

اے خداوند جہاں اے کردگار
تیری رحمت کا ہوں میں امیدوار

گو کہ میں اک بندہ ناکارہ ہوں
بے کس و مجبور ہوں، بے چارہ ہوں

تیری رحمت سے مگر دل شاد ہوں
نعمتوں کے باغ کا شمشاد ہوں

تو نے ایسا فضل مجھ پر کر دیا!
رحمتوں سے میرا دامن بھر دیا!

میری قسمت اس طرح نوری ہوئی
سیرت ختم الرسل پوری ہوئی

کس زباں سے شکر تیرا ہو ادا
میں ترا بندہ ہوں، تو میرا خدا

اے خدا جب تک رہے لیل و نہار
دو جہاں میں ہو یہ میری یادگار

غنچہ امید کھل کر پھول ہو!
نور کی سرکار میں مقبول ہو

آنکھ روشن پڑھ کے ہر دل سیر ہو
اور میرا خاتمہ بالخیر ہو

ہوں مرے ماں باپ یارب جنتی
از طفیل "رَبِّ هَبْ لِیْ اُمَّتِیْ"

میرے سب استاد بھی احباب بھی
جنۃ الفردوس پا جائیں سبھی

کر دعائے اعظمی یارب قبول
بہر اصحابِ نبی آل رسول

# مآخذومراجع


| نام کتاب | مصنف | مطبوعہ |
|---|---|---|
| تفسیر الطبری | ابو جعفر محمد بن جریر الطبری ۳۱۰ھ | دار الکتب العلمیة بیروت |
| تفسیر نسفی | عبد اللّٰہ بن احمد بن محمود النسفی ۷۱۰ھ | دار المعرفة بیروت |
| تفسیر روح المعانی | ابو الفضل شہاب الدین السید محمود الالوسی ۱۲۷۰ھ | دار احیاء التراث العربی |
| تفسیر روح البیان | الشیخ اسماعیل حقی البروسوی ۱۱۳۷ھ | کوئٹہ |
| التفسیرات الاحمدیة | علامہ احمد ملا جیون جونپوری ۱۱۳۰ھ | پشاور |
| صحیح البخاری | امام محمد بن اسماعیل بخاری ۲۵۶ھ | دار الکتب العلمیة بیروت |
| صحیح مسلم | امام مسلم بن حجاج بن مسلم القشیری ۲۶۱ھ | دار ابن حزم بیروت |
| سنن الترمذی | امام ابو عیسیٰ محمد بن عیسی الترمذی ۲۷۹ھ | دار الفکر بیروت |
| سنن ابی داود | امام ابو داود سلیمان بن اشعث ۲۷۵ھ | دار احیاء التراث العربی |
| سنن النسائی | امام ابو عبد الرحمٰن احمد بن شعیب النسائی ۳۰۳ھ | دار الکتب العلمیة بیروت |
| سنن ابن ماجه | امام ابو عبد اللّٰہ محمد بن یزید القزوینی ۲۷۳ھ | دار الفکر بیروت |
| المسند | امام احمد بن حنبل ۲۴۱ھ | دار الفکر بیروت |
| الموطاء | امام مالک بن انس ۱۷۹ھ | دار المعرفة بیروت |
| المستدرک للحاکم | امام ابو عبد اللّٰہ محمد بن عبد اللّٰہ | دار المعرفة بیروت |

| | | |
|---|---|---|
| | نیشاپوری ۴۰۵ھ | |
| مشکاۃ المصابیح | الشیخ ولی الدین ابی عبداللّٰہ محمد بن عبداللّٰہ ۷۴۱ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت |
| سنن الدار قطنی | الامام الکبیر علی بن عمر الدار قطنی ۳۸۵ھ | نشر السنۃ ملتان |
| فتح الباری | الامام الحافظ احمد بن علی بن حجر عسقلانی ۸۵۲ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت |
| ارشاد الساری | ابو العباس شہاب الدین احمد القسطلانی ۹۲۳ھ | دار الفکر بیروت |
| مرقاۃ المفاتیح | نور الدین علی بن سلطان (ملا علی قاری) ۱۰۱۴ھ | دار الفکر بیروت |
| عمدۃ القاری | الامام بدر الدین ابو محمد محمود بن احمد العینی ۸۵۵ھ | مدینۃ الاولیاء ملتان |
| حاشیۃ صحیح البخاری | احمد علی السہارنفوری ۱۲۹۷ھ | باب المدینہ کراچی |
| حاشیۃ سنن الترمذی | احمد علی السہارنفوری ۱۲۹۷ھ | باب المدینہ کراچی |
| حاشیۃ سنن ابن ماجہ | عبد الغنی المجددی الدہلوی ۱۲۹۵ھ | باب المدینہ کراچی |
| اشعۃ اللمعات | شاہ عبدالحق محدث دہلوی ۱۰۵۲ھ | کوئٹہ |
| الشمائل المحمدیۃ | امام ابو عیسیٰ محمد بن عیسیٰ الترمذی ۲۷۹ھ | دار احیاء التراث العربی |
| وفاء الوفاء | نور الدین علی بن احمد السمہودی ۹۱۱ھ | دار احیاء التراث العربی |
| السیرۃ النبویۃ | ابو محمد عبدالملک بن ہشام الحمیری ۲۱۳ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت |

| | | |
|---|---|---|
| دلائل النبوۃ | ابو بکر احمد بن حسین البیھقی ۴۵۸ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت |
| السیرۃ الحلبیۃ | ابو الفرج نور الدین علی بن ابراھیم الحلبی ۱۰۴۴ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت |
| الشفاء | القاضی ابو الفضل عیاض بن موسیٰ ۵۴۴ھ | مرکز اہلسنت برکات رضا |
| شرح الشفاء | نور الدین علی بن سلطان (ملا علی قاری) ۱۰۱۴ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت |
| الخصائص الکبری | امام جلال الدین عبد الرحمان بن ابی بکر السیوطی ۹۱۱ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت |
| المواھب اللدنیۃ | الشیخ احمد بن محمد القسطلانی ۹۲۳ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت |
| شرح الزرقانی | محمد بن عبد الباقی الزرقانی ۱۱۲۲ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت |
| الاکتفا | ابو الربیع سلیمان بن موسیٰ بن سالم الحمیری ۶۳۴ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت |
| مدارج النبوت | شاہ عبد الحق محدث دہلوی ۱۰۵۲ھ | مرکز اہلسنت برکات رضا |
| سیرت رسول عربی | علامہ نور بخش توکلی ۱۳۶۷ھ | ضیاء القرآن پبلیکیشنز |
| تاریخ الطبری | امام ابو جعفر بن جریر الطبری ۳۱۰ھ | دار ابن کثیر |
| الکامل فی التاریخ | ابن الاثیر ابو الحسن علی بن ابی الکرم ۶۳۰ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت |
| الاستیعاب | ابو عمر یوسف بن عبد اللہ القرطبی ۴۶۳ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت |
| الطبقات الکبریٰ | محمد بن سعد بن منیع الھاشمی البصری ۲۳۰ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت |
| الاصابۃ | امام الحافظ احمد بن علی بن حجر عسقلانی ۸۵۲ھ | دار الکتب العلمیۃ بیروت |
| اسد الغابۃ | عز الدین بن الاثیر ابو الحسن علی بن محمد ۶۳۰ھ | دار احیاء التراث العربی |

| | | |
|---|---|---|
| کتاب المغازی | محمد بن عمر بن واقد ۲۰۷ھ | مؤسسة الاعلمی للمطبوعات |
| الاکمال | الشیخ ولی الدین ابی عبد اللّٰہ محمد بن عبد اللّٰہ ۷۴۱ھ | باب المدینہ کراچی |
| تاریخ الخلفاء | امام جلال الدین عبد الرحمان بن ابی بکر السیوطی ۹۱۱ھ | باب المدینہ کراچی |
| الکامل فی ضعفاء الرجال | ابی احمد عبد اللّٰہ بن عدی الجرجانی ۳۶۵ھ | دار الکتب العلمیة بیروت |
| فتوح الشام | امام ابو عبد اللّٰہ محمد بن عمر بن واقد ۲۰۷ھ | دار الکتب العلمیة بیروت |
| الروض الانف | ابو القاسم عبد الرحمن بن عبد اللّٰہ سہیلی ۵۸۱ھ | ضیاء القرآن پبلیکیشنز |
| الاشباہ والنظائر | الشیخ زین الدین بن ابراھیم 970 ھ | دار الکتب العلمیة بیروت |
| شرح دیوان حسان | عبد الرحمان البرقوقی 1363 ھ | باب المدینہ کراچی |
| مثنوی مولانا روم | مولانا جلال الدین رومی 672 ھ | مرکز الاولیاء لاہور |
| حیاۃ الحیوان الکبری | کمال الدین محمد بن موسٰی الدمیری 808 ھ | دار الکتب العلمیة بیروت |

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُلين سُلين نيّتن سان سڄي رات گذاريو. * سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ * روزانو "فڪرِ مدينہ" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو پري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" ان شاءالله عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ "مدني انعامات" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "مدني قافلن" ۾ سفر ڪرڻو آهي. ان شاءالله عزوجل

عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

UAN: +92 21 111 25 26 92 | Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net | E-mail: translation@dawateislami.net